بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ

سِلسله مَعرِفة الكُرام
جو پنجون ڪتاب

سوانح حيات

تَذڪِرَةُ الخُلفَاءِ الغِفَارِيَّة

بقلم
مُحمّد ذڪرالله
خادم درگاه فضل آباد شريف، ماتلي.

هي ڪتاب اوهان انٽرنيٽ تي بہ پڙهي سگهو ٿا. پتو آهي:
www.peerdilbar.com

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ

ڪتاب جا جملي حق واسطا جامعه مدينة العلم ملير ڪراچي جي ذمي محفوظ آهن

حضرت پير مٺا سائين
فضلي نقشبندي قدس سره العزيز

ڪتاب جو نالو:

تَذۡڪِرَةُ الۡخُلَفَاءِ الۡغِفَارِيَّة

نگارشِ قلم :

صاحبزاده محمد مُڪرم الله قادري نقشبندي

چاپو پهريون: شعبان المعظم 1431 هـ

تعداد: هڪ هزار

ڪپيوٽر لي آئوٽ: فقير محمد اسماعيل چنا.

ڇپائيندڙ: فقير محمد نواز غفاري .

ناشر : جامعه مدينة العلم صالح آباد ملير ڪراچي.

هديو:

ٽائيٽل ڪتابت: فقير فيض محمد سڪندري پٽافي

دوستو: هي ڪتابُ لاجواب ۽ دلبر سائين جا لکيل ٻيا اهم ڪتاب ۽ تقريرون اوهان انٽرنيٽ تي به پڙهي سگهو ٿا، ٻڌي سگهو ٿا، ڏسي سگهو ٿا. پتو هي آهي:

www.peerdilbar.com

بسم الله الرحمن الرحيم

رَبَّنَا اغْفِرْ لَنَا وَلِإِخْوَانِنَا الَّذِينَ سَبَقُونَا بِالْإِيمَانِ
وَلَا تَجْعَلْ فِي قُلُوبِنَا غِلًّا لِلَّذِينَ آمَنُوا
رَبَّنَا إِنَّكَ رَءُوفٌ رَحِيمٌ

[الحشر : 10]

وَنَزَعْنَا مَا فِي صُدُورِهِمْ مِنْ غِلٍّ
إِخْوَانًا عَلَى سُرُرٍ مُتَقَابِلِينَ .
لَا يَمَسُّهُمْ فِيهَا نَصَبٌ وَمَا هُمْ مِنْهَا بِمُخْرَجِينَ

[الحجر : 47، 48]

بِسْمِ اللهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

رَبِّ يَسِّرْ وَلَا تُعَسِّرْ تَمِّمْ بِالْخَيْرِ وَبِكَ نَسْتَعِين

پيش لفظ

فقير پُر تقصير ناچيز كرم الله، قارئين كرام جي خدمت بابركت ۾ عرضگذار آهي تہ محض الله جي عنايت سان جڏهن قطبِ عالم حضرت پير مٺا سائين رحمت الله عليہ جي سوانح مبارڪ جو ڪتاب ڇپجي آيو تہ ان کي فقراء، علماءِ، صلحاءِ ۽ سجاده نشينن تمام گهڻو پسند فرمايو. ڪتاب جي مقبوليت جو اهو عالم جو هڪ هزارُ ڪاپيون اسان وٽان صرف پنجويھہ ڏينهن ۾ پوريون ٿي ويون. دل گُهرين دوستن جو اصرار ٿيو تہ ڪتاب جو ٻيو ايڊيشن جلد اچڻ گهرجي. اُن ڪتاب ۾ هن فقيرَ عرض ڪيو هيو تہ پير مٺا سائين جي خليفن جو تذڪرو بہ عنقريب پيش ڪيو ويندو. سو ان وعدي جي وفائي ڪندي ۽ دوستن جي فرمائش جي بجا آوري ڪندي پير مٺا سائين جي سوانح جو ٻيو ايڊيشن ڪجھہ اضافن سان ۽ پير مٺا سائين جي خليفن جو تذڪرو پيش ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪري رهيو آهيان.

هن ڪتاب لکڻ ۾ مون کي ڪيڏا ڪشالا ڪڍڻا پيا آهن، اهو تہ منهنجو مالڪ ئي بهتر ڄاڻي ٿو. اهي ماڻهو جيڪي لکڻ واري فن سان واسطو رکن ٿا انهن کي خبر آهي تہ ڪنهن شخصيت بابت لکڻ ڪيڏو ڪٺن ڪم هوندو آهي. هتي تہ هڪ يا ٻہ نہ پر هڪ سئو ڪان وڌيڪ شخصيتن جي سوانح جمع ڪئي وئي آهي.

ڪو بہ ديني ڪتابُ پنهنجي ڪُتب خاني ۾ ويهي لکڻُ، جتي مَراجِع موجود هجن ۽ مطلوبہ ڪتابَ غيرمفقود هجن تمام آسان آهي. يا وري اهڙي آڳاٽي بزرگ بابت لکڻ جنهن جو ذڪر ڪتابن ۾ موجود هجي تہ ان معلومات جي آڌار تي گهر ويٺي آساني لکي سگهجي ٿو. پر اهڙي ماڻهو بابت لکڻ جنهن جي زندگي بابت اڳ ڪنهن سوانح نہ لکي هجي تہ اهو تمام اوکو ڪم آهي. وري جي وچ ۾ متنازع مسائل بہ هجن تہ ان بابت لکڻ اجا بہ اوکو بنجي پوي ٿو.

خلفاءِ غفاريہ مان صرف چند خليفا اهڙا آهن جن جي سوانح اڳ لکي وئي آهي. باقي سڀ مواد نئون نڪور در در وڃي جمع ڪرڻو پيو آهي. مون کي جملي جملي لاءِ جاکوڙ ڪرڻي پئي آهي. سِتَ سِتَ لاءِ سُمُون سَهڻِيُون پِيون آهن. ورق ورق لاءِ در در وَرَ وَراکا ڏِيڻا پيا آهن. ڪٿي ڪٿي مطلوبہ ماڻهن جي بي پرواهي بہ اهڙي جو هڙان هزارين روپيا خرچ ڪري سندن در تي سندن ئي سوانح لکڻ لاءِ وڃجي تہ ماڳهين ملڻ لاءِ بہ تيار نہ. اهڙي حالات ۾ سوانح لکڻ تمام اوکو ڪم هوندو آهي. پر هي محض الله جو ڪرم آهي جو هيڏو وڏو ڪتاب ان پنهنجي فضل سان پورو ڪرڻ جي عنايت عطا فرمائي.

هن ڪتاب جي مواد سهيڙڻ ۽ سميٽڻ ۾ منهنجو ٻانهن ٻيلي همدم ۽ همسفر خليفو محترم منظور احمد "ماهرو" هيو. آءٌ ان جو ٿورائتو آهيان. الله کيس شاد آباد رکي. جمع ٿيل مواد جي ڪمپوزنگ ۾ منهنجو ساٿي ۽ مددگار منهنجو پيارو دل وارو فقير "محمد اسماعيل" چنا هيو، ان لاءِ دعا گو آهيان الله ڪريم کيس عشقِ رسول سان درِ رسول ﷺ جي حاضري جي سعادت عطا فرمائي. ڪتاب جي ڇپائي، پريس جا پنڌ، بجلي جا انتظار، گرمين جون سختيون سڀ ڪجهہ سهي ڪتاب بروقت ڇپائي ميدان ۾ آڻڻ تي جهوني شينهن محمد نواز مجذوب لاءِ دل سان دعائون گهرندڙ آهيان، الله ڪريم کيس خوش آباد رکي. ٻين بہ گهڻن ڪرمُ ڪندڙن مواد عنايت ڪري احسان ڪيو آهي. آءٌ انهن سيني سڄڻن جو بيحد ٿورائتو آهيان.

هن ڪتاب ۾ اگر ڪا خوبي آهي تہ اها منهنجي مالڪ ڪريم جي مهرباني آهي. اگر ڪا خامي آهي تہ اها منهنجي نفس جي شامت آهي. ان جو احسانمند ٿيندس جيڪو منهنجي غلطين جي نشاندهي ڪري تہ آئنده ڪتاب کي وڌيڪ سهڻو بنايو وڃي.

دعائن جو طالب

فقير ڪرم الله

خادم دربار عاليہ فضل آباد شريف ماتلي.

8 شعبان 1431 هـ

مُقَدَّمَة

غفاري جماعت

خوبيون ۽ خدمتون

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ الْغَفَّارِ الَّذِي مَلَأَ قُلُوبَ الْغَفَّارِيِّينَ ذِكْرًا وَفِكْرًا وَسُرُورًا، وَهَدَاهُمْ اِلىٰ طَرِيقِ مَحَبَّتِهِ وَمَعْرِفَتِهِ فَدَامُوا عَلَيْهِ وَمَا غَيَّرُوا تَغْيِيرًا، وَاَنْعَمَ عَلَيْهِمْ بِالْبَهَاءِ وَالْوَلَاءِ فَكَسَا وُجُوهَهُمُ الْوَسِيْمَةَ نُورًا، وامتَنَّ عَلَيْهِمْ بِالْعِنَايَاتِ وَالْاَعْمَالِ الصَّالِحَاتِ فَاَصْبَحَ سَعْيُهُمْ مَشْكُوْرًا، وَجَعَلَ مِنْهُمُ الصَّالِحِينَ الْعَابِدِيْنَ الْعَارِفِيْنَ الْعَاشِقِينَ الْمُتَّقِيْنَ كَثِيْرًا كَثِيْرًا، اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَليٰ حَبِيْبِهِ الَّذِي اَرْسَلَهُ اِليٰ النَّاسِ كَافَةً بَشِيرًا وَّنَذِيْرًا، اَلَّذِي اَعْطي الْغَفَّارِيِّيْنَ مِنْ مَعَادِنِ جُوْدِهِ وَكَرَمِهِ وَلُطْفِهِ حَظًّا وَفِيرًا، اَللّٰهُمَّ صَلِّ وَسَلِّمْ عَلَيْهِ وَعَلىٰ آلِهِ الطَّيِّبِينَ وَصَحْبِهِ الْغُرِّ الْمَيَامِيْنَ كَثِيْرًا كَثِيْرًا، اللّٰهم اِنّي اَسْئَلُكَ نَفسًا مُطْمَئِنَّةً تُؤْمِنُ بِلِقَائِكَ وتَرضيٰ بِقَضَائِكَ وَتَقْنَعُ بِعَطَائِكَ، اَللّٰهُمَّ اغْنِنِي بِالْعِلْمِ وَزَيِّنّي بِالْحِلْمِ وَاَكْرِمْنِي بِالتَّقْوىٰ وَجَمِّلْنِي بِالْعَافِيَةِ وَاسْتُرْنِي بِكَرِيْمِ لُطْفِكَ.

اَمَّا بَعْدُ:

صالحين ۽ انهن جو ذڪر باعثِ نزولِ رحمت هوندو آهي. انهن جي صفت ۽ ثنا لکڻ باعثِ نجات آهي. جن الله جي عارفن پنهنجي زندگي خالق جي عبادت ۽ خلق جي خدمت کي ارپي ڇڏي، جن جون راتيون بسترن بجاءِ مصلن ۽ منبرن تي گذريون.

جن جي صُبحن جا خمار انگيز لمحا الله اڳيان آزيون نيزاريون ڪندي سُڏڪندي ۽ ڏُسڪندي، محبوب جي امت لاءِ دعائون گھرندي گذريا. جن جا ڏينهن گمراهن کي گسُ ڏيکاريندي، راهه رُلين کي رستي سان لائيندي گذريا. جن دنيا جي لذتن، نفساني خواهشن کي ترڪ ڪري، ذڪر ۽ زهد سان زندگي گذاري ڇڏي. انهن جي واڪاڻ ڪرڻ به عبادت آهي. انهن جي صحبت سون هوندي آهي، انهن جي محبت موتي ۽ ماڻڪن مثل هوندي آهي.

انهن الله جي عاشقن ۽ عارفن ، ڌڻيءَ جي ڏُٺِيَل صالحن، سدورن، عابدن ۽ متقي ٻانهن مان هڪ جماعت "**خلفاءِ غفارية** " جي به آهي. هي الله جي پيارن ۽ صالحين ٻانهن جي اها مبارڪ ۽ متبرڪ جماعت آهي جن پنهنجون توانائيون الله جي راهه ۾ وقف ڪري ڇڏيون. انهن جون پيشانيون سجده گاهن سان خاڪ آلوده ٿي پيون. انهن جا مصلا ۽ وهاڻا اکين جي لڙڪن سان آلا ٿي پيا. انهن پنهنجون جانيون ۽ مال، مالڪ ڪريم کي وڪڻي جنت حاصل ڪري ورتي. انهن عربي ڪريم جو عشق پنهنجي سينن ۾ سمايو. انهن دنيا جي مِهڻن ۽ ميارن کان مٿيرو ٿي " لَا يَخَافُونَ لَوْمَةَ لَائِمٍ [المائدة: 54]" واري پَرِ پاريندي، پاڪ پيغمبر ﷺ جي سنتن تي عملي زندگي گذاري ڏيکاري.

"**خلفاءِ غفاريہ**" ابرار ۽ اخيار بلڪ مقربين ٻانهن جي اها جماعت آهي جن پنهنجي زندگي جو لمحو لمحو اِعْلَاءُ كَلِمَةِ الله جي لاءِ وقف ڪري ڇڏيو هيو. جن سنڌ جي سِينڌِ کي عشقِ حبيب جي حُسنِ حقيقي سان سينگاري ڇڏيو. جن پنهنجي پويان هزارين تهجد گذار مريدن جي جماعت ڇڏي. انهن "صالح سلف" پنهنجي پويان "خائف خلف" ڇڏيا. اڄ به انهن جون گاديون آباد آهن. اڄ به انهن تڙن تي مٺي پاڻي جا چشما جاري آهن جتان اڄ به لکين اجارا پنهنجي اندر جي اڃ اجهائن ٿا. جي ها انهن جي سينگاريلَ ۽ سنواريل مريدن کي "**غفاري جماعت**" سڏجي ٿو.

غفاري جماعت : اها نوري حضوري جماعت آهي، جنهن جو رهبر ۽ رهنما صاحبِ شريعت، واقف طريقت، ماهرِ رموزِ معرفت قطبِ عالم حضرت خواجہ محمد عبد الغفار المعروف "حضرت پير مٺا سائين" رحمت الله عليہ هيو. "عبد الغفار" جي نسبت سبب هن جماعت کي غفاري جماعت سڏجي ٿو.

هن جماعت جو روحاني سلسلو نقشبندي مجددي رستي سان حضرت امام رباني مجدد منور الف ثاني کان ٿيندو سيدنا صديقِ اکبر جي معرفت امام الانبياء حضرت محمد مصطفيٰ ﷺ سان ملي ٿو. ان سلسلي جي سَنَدَ ۾ نہ ڪو ويڇو آهي نہ وَارَ جِي وِٿِي آهي. ڪڙو ڪڙي سان مليل آهي. سينہ بہ سينہ مدني تاجدار ﷺ جو فيض غفارين جي سينن ڪي اڄ بہ آبيارڪري رهيو آهي.

پير مٺا سائين رحمت الله عليہ پنهنجي زندگي جو وڏو حصو مسلسل سنڌ ۾ نگر نگر، شهر شهر بنفيسِ نفيس وڃي دين جو پيغام پهچايو. هڪ سو ڪان وڌيڪ ماڻهن کي سندِ خلافت ڏئي دين جو پيغام عام ڪرڻ جو امر فرمايو. سندن وصال کان پوءِ سندن خلفاء جي جماعت پوري پاڪستان ۾ عمومًا سنڌ ۾ خصوصًا دين جي خدمت ۾ مصروفِ عمل آهي. نہ صرف ايترو پر ايشيا جي ڪيئي ملڪن، آمريڪا، افريڪا ۽ يورپ ۾ بہ اڄ غفاري فيض جا نعرا آهن ۽ ذڪر جون ضربون ۽ حق پير مٺا جون صدائون گونجندڙ آهن.

غفاري جماعت سماج کي ڇا ڏنو؟ هن ڳالهہ ۾ نہ ڪو وڌاءُ آهي نہ خوشامد آهي بلڪہ هيءَ هڪ حقيقتِ ناقابلِ انڪار آهي، جيڪا عالم اڳيان آشڪار آهي تہ غفاري جماعت اها عاشقِ رسول جماعت آهي جنهن پاڪستان جي چئني صوبن کي علم ۽ عرفان، فيض ۽ وجدان سان پيري ڇڏيو آهي. اگر صرف سنڌ جي سطح جي ڳالهہ ڪجي تہ هن مبارڪ جماعت سنڌ کي ڪيئي پيرانِ طريقت، ڪيئي علماءِ شريعت، ڪيئي واقفانِ رموزِ معرفت عطا ڪيا آهن. هزارين مسجدون ۽ مدرسا، تربيتي ۽ روحاني مرڪز مهيا ڪري ڏنا آهن.

غفاري جماعت سماج کي هزارين ذاڪر ۽ شاڪر، عابد ۽ عارف، فقير ۽ فاضل، قابل ۽ قاري، صالح ۽ صوفي، مُفَڪّر ۽ مُدَبِّر، مُقرر ۽ مُبَلّغ، مصنف ۽ مُصلِحَ، مُخَيّر ۽ مُحَرِّرَ، سڄڻ ۽ سخي ۽ دلبر ۽ دَاعِيَان الي الله مهيا ڪري ڏنا آهن.

مفسرِ قرآن: غفاري جماعت سنڌ کي جتي حضرت خواجہ خليل الرحمان رحمت الله عليہ جهڙو عظيم شارح قرآن ۽ واقفِ رموز و اسرارِ فُرقان مهيا ڪري ڏنو اتي حضرت پير علامہ محمد ادريس مدظلہ العالي جهڙو عظيم مفسر بہ مهيا ڪري ڏنو آهي. جنهن سولي سنڌي ۾ قرآن ڪريم جو تفسير نَوَن جلدن ۾ لکي سنڌ واسين مٿان عظيم احسان ڪيو آهي.

مقرر : غفاري جماعت جتي سنڌ کي مولانا محمد ابراهيم عرف "واڇوڙو" مولانا محمد سليمان عرف "ڪهاڙو"، مولانا امير بخش غفاري عرف "طوطيءِ سنڌ" جهڙا حاضر جواب، برجستا مقرر مهيا ڪري ڏنا ته اتي مولانا غلام جعفر غفاري، مولانا محمد امين خليلي، مولانا عاشق حسين طاهري، مولانا خليل احمد حسيني، مولانا عبد الرب غفاري، صاحبزاده شفيع الله ڪرمي مولانا اشرف علي ڪرمي، جهڙا سنجيده مفڪر ۽ مدبر مقرر به مهيا ڪري ڏنا آهن. ته اتي مولانا محمد علي حسيني، مولانا نعمت الله ڪرمي، مولانا گل محمد ڪهاڙو جهڙا جوشيلا مقرر به مهيا ڪري ڏنا آهن.

مصنف : غفاري جماعت ۾ اگر مولانا نور محمد پتافي حسيني جهڙا مناظر موجود آهن ته علامه حبيب الرحمان گبول طاهري جهڙا سريع القلم مصنف به موجود آهن. ته بيدار مورائي جهڙا پرتاثير ۽ سُرهي قلم وارا ڪثير التصانيف ليکاري به موجود آهن.

مفتي: غفاري جماعت ، اهلسنت کي مولانا محمد صالح آگاٽين واري، مولانا مفتي الله ڏنو جماراٽي غفاري، مولانا مفتي عبد الخالق حسيني، مفتي عبد القادر حسيني، مولانا مفتي عبدالحليم غفاري جهڙا خائف بالله مفتي ۽ فقيه به عنايت ڪيا آهن.

قاري : غفاري جماعت ۾ قرآن جي قارين جي به ڪمي ڪونهي، قاري خان محمد جهڙو استاد القراء به غفاري آهي ته مٺڙي مٺڙي آواز وارو قاري احمد به حسيني غفاري آهي.

شاعر: غفاري جماعت ۾ حضرت الله ڏتو رحمت الله عليه ، گل حسن لاشاري غفاري، جهڙا عظيم شاعر ٿي گذريا ته نوازل بروهي طاهري، علي اصغر ڪرمي جهڙا قادر الڪلام شاعر اڄ به موجود آهن.

مستجاب الدعوات: هن مبارڪ جماعت ۾ اهي الله جا برگزيده ٻانها هُيا ۽ آهن جن جون دعائون مستجاب آهن ۽ نگاهون فيضياب آهن. مثلاً حضرت سائين غلام حسين شاه قمبر شريف وارا جن جي دربار ۾ وقت جي حاڪمن کان وٺي عوام تائين ماڻهو دعا جا طلبگار اچن ٿا ۽ الله ڪريم سندن ڪنيل هٿ خالي نه ٿو موٽائي.

حبيبن جي حاضري ۾ وڃڻ وارا: غفاري جماعت ۾ اڄ به ڪوڙ خوشنصيب اهڙا آهن جن کي هر سال حبيبن ڪريمن ﷺ جي بارگاه بيڪس پناه ۾ حاضري نصيب ٿئي ٿي.

همہ اوصاف شخصيتون: غفاري جماعت مٿان الله جو خاص لطف ۽ ڪرم آهي، مديني واري محبوب ﷺ جي خاص عنايت ۽ فضل آهي. هن مبارڪ جماعت کي الله ڪريم ڪثير الڪمالات ۽ مجمع الفيوضات شخصيتون بہ عطا ڪيون، جيڪي محاسن ۽ محامد ۾ پنهنجو مٽ پاڻ آهن. مثلاً:

غفاري جماعت ۾ حضرت محبوب **سُهڻا سائين** رحمت الله عليہ جهڙي باجمال ۽ باڪمال هستي ٿي جنهن جي حُسن هزارن کي موهي مستان ڪيو. جنهن جي مٺڙي گفتار لکن جا سينا سنواري ڇڏيا، اندر اجاري ڇڏيا.

تہ غفاري جماعت ۾ حضرت خواجہ محمد الاهي بخش عرف **محبوب الاهي** رحمت الله عليہ جهڙي همہ گير ڪمالات ۽ خوبين جي جامع شخصيت بہ ٿي گذري آهي. پاڻ رباني عالم هيا، حديثن جا حافظ هيا. قرآن جا مفسر هيا. فقيہ هيا، مفتي هيا، صوفي هيا. پُرسوز ۽ پر تاثير مقرر هيا. قادر الڪلام شاعر هئا.

تہ وري عصرِ حاضر ۾ غفاري جماعت جي سونهن ۽ سينگار، پيرِ طريقت حضرت علامہ **محمد ادريس** زيد مجده جي شخصيت ڏانهن نهاريو تہ اهي جامع ڪمالات نظر اچن ٿا. پاڻ جيئن جسماني طرح قداور آهن تيئن پاڻ علم ۾، عمل ۾ ، فڪر ۾، فيض ۾ ، روحانيت ۾ بہ ابناءِ زمانہ ۾ ائين ئي قداور آهن. اگر ڪين مصنفن جي قطار ۾ بيهاريو تہ پاڻ مصنفن جا مهندار نظر اچن ٿا. اگر ڪين شاعرن جي صف ۾ بيهاريو تہ پاڻ پهرئين جوڙ جا شاعر آهن.اگر ڪين سُريلن جي صف ۾ ڏسو تہ پاڻ طوطي جي تنوار ۽ بلبل جي پڪار ڪان وڌيڪ مٺڙي آواز جا مالڪ آهن. پاڻ مقررن جا مهندار لڳن ٿا. تڏهن تہ پوري سنڌ ڪين "**بلبلِ مدينہ**" جي لقب سان سجاٽي ٿي.

غفـــاري جماعـــت تـــي وســـي هـــردم نـــور،
راضـــي رســـول رب جـــو حضـــرت پـــاڪ حضـــور،
ڪـــاهِن ذڪـــر قلـــب جـــو ســـينن جـــو آ ســـرور،
پڪـــا سُـــني ســـي ســـيئي، غيـــرت منـــد غُيّـــور،
ســـاڙولن ڪـــي سُـــور، "ڪـــرم الله" جـــي قلـــم جـــو.

غفاري جماعت

هڪ ٻئي ۾ اختلافات

هڪ ئي والدين جا پنج پٽ آهن تہ هر هڪ جو مُهانڊو جدا آهي. طبيعت جدا آهي. سيرت جدا صورت جدا آهي. گفتگو جو انداز جدا آهي. ان طرح هڪ مرشد جا پنج خليفا آهن تہ هر هڪ جا طبعي ميلانات جدا هوندا آهن، رهڻي ڪهڻي تعليم و تربيت جو انداز جدا هوندو آهي. ايستائين جو مرشدن جي مرشد، سيد الرسل، هادي السُّبل سيدنا رسول الله ﷺ جي اصحابن ڏانهن نهارجي ۽ سندن چئن وڏن خليفن ڏانهن نهارجي تہ هر هڪ جو انداز نرالو نظر اچي ٿو. هر هڪ خليفي پنهنجي نرالي انداز سان حڪومت هلائي هئي. حالات، اوقات، ذاتي ۽ طبعي ميلانات، رعيتي رجحانات، فقهي اجتهادات جو انهن مٿان وڏو اثر ۽ عمل دخل رهيو هيو. صحابہ ڪرام بابت قرآن جو نص آهي تہ اهي پاڻ ۾ هڪ ٻئي سان ڀائرن وانگر هئا:

وَاذْكُرُوا نِعْمَتَ اللّٰهِ عَلَيْكُمْ إِذْ كُنْتُمْ أَعْدَاءً فَأَلَّفَ بَيْنَ قُلُوبِكُمْ فَأَصْبَحْتُمْ بِنِعْمَتِهِ إِخْوَاناً ۽ اوهان مٿان الله جي ان نعمت کي ياد ڪيو جڏهن (اسلام آڻڻ کان اڳ) اوهان هڪ ٻئي جا دشمن هئا پوءِ (مسلمان ٿيڻ بعد) اوهان جي دلين ۾ محبت پيدا ڪيائين پوءِ الله جي نعمت سبب اوهان هڪ ٻئي جا ڀاءُ ڀاءُ ٿي پيا.

ان جي باوجود صحابہ جا پاڻ ۾ علمي مسائل تي ڪوڙ اختلاف هئا. تفسير قرطبي فرمايو:

وما زالت الصحابة يختلفون في أحكام الحوادث، وهم مع ذلك متآلفون

وقال رسول الله ﷺ : اختلاف أمتي رحمة (تفسير القرطبي ج 4 ص 159)

حوادث جي احڪام ۾ صحابہ جا پاڻ ۾ هميشہ اختلاف رهيا ان جي باوجود اهي هڪ ٻئي سان محبت ڪرڻ وارا هئا. رسول الله ﷺ فرمايو تہ منهنجي امت جو اختلاف رحمت آهي.

مسائل ۾ معاملات ۾ اختلاف ٿيڻ فطري ڳالھ آهي.

وَلَوْ شَآءَ رَبُّكَ لَجَعَلَ النَّاسَ اُمَّةً وَّاحِدَةً وَّلَا يَزَالُوْنَ مُخْتَلِفِيْنَ ۝ اِلَّا مَنْ رَّحِمَ رَبُّكَ ؕ وَلِذٰلِكَ خَلَقَهُمْ ؕ (هود: 118، 119)

۽ اگر تنهنجو رب چاهي ها تہ سڀ ماڻھن کي هڪ ئي جماعت بڻائي ڇڏي ها ۽ (پر اهي پاڻ ۾) هميشہ اختلاف ڪندا رهندا سواءِ ان جي جنهن تي تنهنجو رب رحم فرمائي سو ان لاءِ ئي تہ انهن کي پيدا ڪيائين.

جماعتِ حق اهلسنت جي اندر شرعي مسائل ۾ فروعي اختلافات زمانہ صحابہ کان هئا ۽ هن دؤر تائين جاري آهن. ايستائين جو امام اعظم جي شاگردن جي وچ ۾ فقهي مسائل ۾ هزارين اختلاف آهن. حضرت قاسم بن محمد فرمايو تہ:

كان إختلاف أصحاب رسول الله ﷺ رحمة للناس (حلية الأولياء لابي نعيم ج 7 ص 119)

صحابہ ڪرام جا پاڻ ۾ اختلاف ماڻھن لاءِ رحمت جو سبب آهي.

حديثن جا ڪتاب ۽ فقيهن جا ڪتاب اهڙن واقعن سان ڀريا پيا آهن، جن ۾ صحابہ ڪرام جا پاڻ ۾ اختلاف ڏيکاريا ويا آهي. پوءِ بہ هر اصحابي هدايت جو ستارو هيو، جنهن جي پويان لڳبو هدايت ئي ملندي. مثالطور: حضرت عبد الله بن عمر رضي الله عنه چوندو هيو تہ گڏھ ۽ خچر جي اوبر واري پاڻي سان وضو ڪرڻ مڪروھ آهي تہ وري حضرت عبد الله بن عباس رضي الله عنه فرمائيندو تہ گڏھ جي اوبر پاڪ آهي *

حضرت ابوسعيد خُدري رضي الله عنه چوندو هيو تہ ليلة القدر ايڪيهين رمضان جي رات آهي. تہ وري اڪثر اصحابي چوندا هئا تہ ليلة القدر ستاويهين جي رات آهي. ♥

---

* رُوِيَ عَنْ ابْنِ عُمَرَ أَنَّهُ كَانَ يَكْرَهُ التَّوَضُّؤَ بِسُؤْرِ الْحِمَارِ وَالْبَغْلِ وَعَنْ ابْنِ عَبَّاسٍ أَنَّهُ قَالَ الْحِمَارُ: يُعْلَفُ الْقَتَّ وَالتِّبْنَ فَسُؤْرُهُ طَاهِرٌ (البحر الرائق شرح كنز الدقائق ج 2 ص 6)

♥ وَفِيهِ اخْتِلَافٌ بَيْنَ الصَّحَابَةِ وَالْعُلَمَاءِ بَعْدَهُمْ فَأَمَّا أَبُو سَعِيدٍ الْخُدْرِيُّ رضي الله عنه كَانَ مَذْهَبُهُ أَنَّ لَيْلَةَ الْقَدْرِ الْحَادِي وَالْعِشْرُونَ ..... وَأَكْثَرُ الصَّحَابَةِ عَلَى أَنَّهَا لَيْلَةُ السَّابِعِ وَالْعِشْرِيْنِ (المبسوط للسرخسي ج 4 ص 207)

اهلِ ڪتاب (نصراني) عورت سان ڪنهن مسلمان نڪاح ڪيو، پوءِ اها حمل واري ٿي ۽ وفات ڪري وئي. هاڻي ان کي مسلمانن جي قبرستان ۾ پورجي يا ڪافرن جي ۾؟ ان باري ۾ اصحابن سڳورن جو پاڻ ۾ اختلاف آهي. ڪن ان جي پيٽ واري اولاد جو خيال ڪندي چيو تہ ان کي مسلمانن جي قبرستان ۾ دفن ڪجي. ڪن خود ان عورت کي ترجيح ڏيندي چيو تہ ان کي ڪافرن جي قبرستان ۾ پورجي. ڇو تہ اولاد جيڪو اجا ان جي پيٽ ۾ آهي ٻاهر نہ نڪتو آهي تہ اهو ماءُ جو جزو آهي. حضرت عقبہ بن عامر ﷺ تہ وري ائين چوندو هيو تہ ان لاءِ مسلمانن ۽ ڪافرن جي قبرستان جي وچ ۾ ڪو جدا قبرستان ٺاهجي. [1]

حضرت حذيفہ بيبي عائشہ ۽ عروه بن زبير چوندا هئا تہ سفر ۾ روزو رکڻ افضل آهي. تہ وري عبد الله بن عباس چوندو هيو تہ سفر ۾ روزو نہ رکڻ افضل آهي. (بدائع الصنائع ج4 ص 230)

ان طرح چوڻ ڪاڻ تہ غفاري، حسيني، بخشي، طاهري، نوراني، الاهي، ڪرمي، صديقي، حضوري، سرداري، مقصودي، صالحي، ڪليمي سڀ غفاري آهن پر هر هڪ جماعت جو رنگ ڍنگ جدا آهن. ايستائين جو هر هڪ جي پٽڪي ٻڌڻ جو انداز بہ جدا آهي. ذڪر جي ضرب هڻڻ جو انداز جدا آهي.

پير مٺا سائين کي وصال ڪئي اڌ صدي ٿي رهي آهي، ان عرصي ۾ غفاري جماعت ۾ ڪيئي نشيب و فراز آيا آهن. درميان ڪافي اختلاف رونما ٿيا آهن. ان جي باوجود غفاري جماعت جي اڪثريت پٽڪي، ڏاڙهي، ڏنڊڻ، تهجد نماز جي پابند جماعت آهي. طاهري جماعت ۾ اعتدال پسندي آهي تہ حسيني جماعت عشقِ رسول ﷺ ۾ ڀرپور نظر اچي ٿي. تہ وري نوراني جماعت جو هڪ الڳ ٿلڳ انداز آهي.

---

[1] وهذا بناءً على اختلاف الصحابة في نصرانية تحت مسلم حبلت من المسلم، ثم ماتت اختلف الصحابة رضوان الله عليهم أجمعين في دفنها، فرجح بعضهم جانب الولد وقال: تدفن في مقابر المسلمين، ورجح بعضهم جانبها وقال: تدفن في مقابر المشركين، لأن الولد في حق هذا الحكم جزء منها ما دام في بطنها، وقال عقبة بن عامر: يتخذ لها مقبرة على حدة، فكذلك هنا يتخذ لهم مقبرة على حدة، لتكون بين مقبرة المسلمين وبين مقبرة الكفار. (المحيط البرهاني للإمام برهان الدين ابن مازة ج 2 ص 360)

ڪرمي جماعت جيئن عشقِ الاهي جي جذبي سان سرشار آهي تيئن ان ۾ بي انداز عشقِ رسول سمايل آهي. غفارين جي هڪ شاخ آهي جن جي مجلس ۾ رڳو نبي ڪريم ﷺ جون نعتون پيون پڙهبيون آهن تہ هڪ شاخ اهڙي آهي جن ڪي مرشد جي منقبت مان اجا واندڪائي ڪونہ ملي آهي. نور پور شريف وارن جو چوڻ آهي تہ پير مٺا سائين رحمت الله عليہ جي خلافتِ مطلقہ صرف ڇئن خليفن کي مليل هئي. باقي سڀ خليفن جي اجازت عارضي آهي. تہ وري الله آباد شريف وارن جو چوڻ آهي تہ اجازتِ مطلقہ تہ صرف هڪ خليفي حضرت سهڻا سائين رحمت الله عليہ کي آهي باقي سڀ خليفا ان جي تابع ٿين تہ فيض ملندُن. ان طرح غفاري جماعت جا پاڻ ۾ ٿورا ٿورا اختلاف هجڻ جي باوجود بہ هي حق واري جماعت آهي. جيڪا شريعت جي پابند آهي.

- غفاري جماعت هڪ هزار کان وڌيڪ دستار بند سند يافتہ عالمن جي اها جماعت آهي،
- جنهن جا مرڪز اڄ بہ الله جي ذڪر سان آباد آهن.
- غفاري مبلغ اڄ بہ نگر نگر شهر شهر وڃي پيامِ عشقِ حبيب ﷺ پهچائي رهيا آهن.

﴿غفاري جماعت﴾

وڏي شان واري جماعت غفاري، خدا جي نوازيل حبيبن جي پياري.
آهي هن جماعت مٿان هٿ خدا جو، ڪرم خاص ان تي آهي مصطفيٰ جو،
آهي هر جڳهہ تي تڏهن سوڀ واري.
جماعت جو قائد مٺو پير آهي، ورهائي ويو سنت ۾ ڪندون ڪير آهي،
آهي فيض ان جو جڳن منجهہ جاري.
آ پنجاب سرحد اندر هي جماعت، بلوچن مٿان پڻ آهي عنايت،
پريل آ غفارين سان سنڌڙي سونهاري.
رحمتپور اندر ٿي وسي روز رحمت، هلي ڏس تون قمبر حسيني جماعت،
ڪنڊياري ۾ ڪامل ڪيو فيض جاري.
وسي نور پور ۾ شب و روز رحمت، فضل آباد ۾ آ برڪت ئي برڪت،
ڪرمپور ۾ پارهين هلي ڏس بهاري .
غفارين ۾ غيرت شريعت ۽ سنت، نہ سگريٽ بيڙي نہ بي ڪائي بدعت،
غفارين جي دشمن سندي قبر ڪاري.

غفاري جماعتِ حصہِ اهلسنت :

جهڙي طرح نقشبندي، قادري، چشتي، سهروردي، شاذلي، قلندري، سڪندري، قاسمي، اهي ڪي جدا جدا جماعتون نہ آهن بلڪ اهي سڀ اهلسنت جو حصو آهن. انهن مان هر جماعت پنهنجي مرشد جي نالي جي نسبت سبب اهو نالو سڏائي ٿي. هر مريد پنهنجي پير جي پيار واري پـَرَن هيٺان آهي ۽ سڀني جي مٿان مٺي محمد ڪريم ﷺ جي شفقت جي ڇَٽي جي ڇانوَ آهي. قادري حضرت سيدنا عبدالقادر جيلاني جي مريد هجڻ جي سبب پاڻ کي قادري سڏائن ٿا. سڪندري حضرت پير سائين سردار جي مريد هجڻ سبب پاڻ کي سڪندري سڏائن ٿا. قاسمي حضرت پير محمد قاسم جي مريدي جي نسبت سبب پاڻ کي قاسمي چوائن ٿا. آهن سڀئي جماعتِ حق اهلسنت جو حصو.

الحمدلله والمنة "**غفاري جماعت**" بہ جماعتِ اهلسنت سوادِ اعظم ۽ جماعت ناجيہ جو حصو آهي. هيءَ ڪا نئين جماعت يا نئون طريقو نہ آهي مگر جماعت اهلسنت جو ئي حصو آهي.

مرڪزي جماعت اهلسنت پاڪستان : جنهن جو اڳواڻ حضرت علامہ شاهہ احمد نوراني رحمت الله عليہ هيو اها پاڪستان ۾ جماعت اهلسنت جي نمائنده جماعت آهي. ان ۾ مرڪز ڪان وٺي صوبن توڙي ضلعن تعلقن ۾ ۽ يُوسِيز ۾ غفاري جماعت شانہ بشانہ آهي. مثال طور : حضرت علامہ محمد ادريس طاهري غفاري مرڪزي جماعت اهلسنت جا مرڪزي رهنما آهن. حافظ بشارت احمد طاهري غفاري صوبائي نائب امير آهن. مولوي معشوق علي ڪرمي ضلعي ڄامشوري جا ناظِم اعليٰ آهن.

سني سپريم ڪونسل : جا پوري پاڪستان ۾ صرف ڏهہ رڪن آهن. انهن ڏهن منجهان هڪ هي فقير مسڪين ڪرم الله آهي. ضلعي بدين جو خزانچي مولانا شفيع الله الاهي ڪرمي آهي. دادو ضلعي جو مرڪزي عهديدار صاحبزاده حسن الله الاهي ڪرمي آهي.

غفاري جماعت جو اساس : هي مبارڪ جماعت اهلِ ذڪر ۽ اهلِ دل ۽ اهلِ معرفت آهي هن جا عقائد جماعتِ اهلسنت وارا آهن. فقہ ۾ هي جماعت حضرت ابو حنيفہ رضي الله عنه جي مقلد آهي. طريقت ۾ سندن سلسلو قطبِ عالم پير مٺا سائين خواجہ محمد عبدالغفار رحمت الله عليہ کان ٿيندو حضرت امام رباني مجدد الف ثاني رضي الله عنه سان ملي ٿو.

ان کان پوءِ اهو سلسلو طريقي جي امام حضرت شاهہ نقشبند رحمت الله عليہ سان ملي ٿو. ان کان مٿي اهو سلسلو بنا ڪنهن سنڌ جي امام الانبياء والمرسلين حبيب رب العالمين ﷺ سان ملي ٿو. هي جماعت محمدي صديقي طيفوري نقشبندي مجددي فضلي غفاري آهي. پير مٺا سائين کان پوءِ سندن خلفاءِ جي نسبت سان غفاري، بخشي، طاهري، حسيني، نوراني، ڪرمي، صديقي جماعت سڏجن ٿا.

سلوڪِ غفاري: هي جماعت قرآني قوانين تي عمل ۽ پاڪ پيغمبر جي سنتن جي پابندي ڪرڻ واري آهي. انبياءِ ۽ اصفياء جي اخلاقِ حميده سان سينگاريل، هن جماعت جو ڪو بہ عقيدو عقائدِ اهلسنت جي خلاف ناهي، مجموعي طرح ڪو ڪم خلافِ قرآن ۽ خلافِ سنت نہ آهي. باقي شخصي طرح اگر ڪنهن جو ڪو عقيدو خراب ٿئي يا ڪو ڪنهن خطا جو مرتڪب ٿئي تہ اها ان جي ذاتي زندگي آهي، غفاري جماعت جو ان سان ڪهڙو تعلق

حق جي حامي جماعت: پاڪستان ۾ عمومًا سنڌ ۾ خصوصًا جڏهن بہ ڪو غير شرعي ۽ غير اخلاقي ڪم ٿيو آهي يا ڪنهن بد عقيده انسان بي ادبي ڪئي آهي تہ غفاري جيالن ان جو پير ڪوڙي مقابلو ڪيو آهي.

فولادي فتنو ۽ غيرتِ غفاري: جڏهن فولاد شر پاڻ کي خدا سڏايو ۽ اسلام جي بنيادي رڪنن ۽ اهلسنت جي اساسي عقيدن جي خلاف شرانگيزي شروع ڪئي تہ غفاري غوث جي جيالن ان فولادي فتني جو خوب مقابلو ڪيو. پير غفاري جي هڪ خليفي مولانا نورالدين غفاري ان جي خلاف هڪ مڪمل ڪتاب لکي فولاد شر جي شر، شرارت ۽ شُومي کي هميشہ لاءِ ختم ڪري ڇڏيو. تفصيل اوهان هن ڪتاب ۾ پڙهندا. انشاءَ الله.

اصلاحي تنظيمون: غفاري جماعت وٽ اصلاح امت ۽ معاشري کي اسلامي اقدار جي هم آهنگ بنائڻ جو هڪ واضع پروگرام آهي. جماعت جي هر خليفي جي مرڪز تي سرگرم تنظيمون هر وقت مصروفِ عمل آهن. مثلاً: جماعت اصلاح المسلمين، جماعت علماءِ طاهريہ مرڪز دربار الله آباد ڪنڊيارو. جماعت اصلاح الفقراء الحسينيہ مرڪز قمبر شريف. جميعت انصار المسلمين مرڪز دربار فضل آباد شريف ماتلي. انهن تنظيمين جي عزائم مقاصد ۽ خدمات بابت هن ڪتاب ۾ تفصيل پيش ڪيو ويندو انشاءَ الله.

غفاري جماعت

موافقت ۽ مخالفت

هر دؤر ۾ اولياءِ ڪرام صالحين واصلين ۽ انهن جي موافقت به ٿيندي رهي آهي ته مخالفت به. هر دؤر ۾ علماءِ حق به رهيا آهن ۽ علماءِ سوءِ به . علماءِ حق اولياء جي قريب آيا انهن کان فيوض و برڪات حاصل ڪيائون. علماءِ سوءِ هميشه جهڙيڪار جوءِ وانگر اولياءِ ڪرام لاءِ زبان درازي ڪندا رهيا. اها مخالفت ٿيندي رهي آهي، ٿي رهي آهي ۽ ٿيندي آهي. اهي حق وارا ڪهڙا جن جي مخالفت نه ٿئي! هر دور ۾ حق ۽ باطل جي جنگ جوٽيل رهي آهي. الله وارن سان هميشه مخالفت ٿيندي رهي آهي.

غفاري جماعت به ان حق واري جماعت جو حصو آهي. هن مبارڪ جماعت جي به هر دؤر ۾ مخالفت چوٽان چوٽ رهي آهي ۽ پر فيضِ غفاري وڃي جبلن جي چوٽين تائين پُڳو آهي. مخالفن جي مخالفت سندن ڪجھ بگاڙي نه سگهي آهي. پر مخالفت انهن جي حسن ۽ جمال کي وڌايو آهي. جيئن چنڊ جي اڳيان ڪارا ڪارا ڪڪر ايندا آهن ته چنڊ جو جمال اجا به وڌي ويندو آهي. سيدي عبدالوهاب شعراني رحمت الله عليه فرمايو ته :

استتار الرجال في كل عصر * تحت سوء الظنون قدرٌ جليلُ

ما يضر الهلال في حِندسِ الليل * سوادُ السَّحابِ وهو جميلُ

﴿الكواكب الدرية في تراجم سادة الصوفية : ج 1 ص 8﴾

الله جا مرد هر دؤر ۾ بدگمانين جي پردن پويان وڏي شان ۽ مان سان رهيا آهن. چنڊ جي چانڊاڻ کي رات جي ڪاراڻ، ڪڪر جي ڪارونڀار نقصان نه ڏيندي آهي پر ان ڪاراڻ مان به اهو ڏاڍو سهڻو نظر ايندو آهي. حضرت ابوالحسن شاذلي رحمت الله عليه به فرمايو ته:

ولقد ابتلى هذه الطائفة الشريفة بالخلق خصوصًا باهل الجدل فقلّ ان تجد منهم احدا شرح الله صدره لتصديق بولي معين بل يقول لك: نعم، ان لله تعالى اولياء اصفياء موجودين ولكن اين هم؟ (الكواكب الدرية: ج1 ص9)

اولياءِ ڪرام جي هيءَ شرف واري جماعت خلق جي ذريعي آزمائي وئي آهي . خصوصاً جهڳڙي ڪندڙن طرفان. انهن مان تمام ٿورا اهڙا ماڻهو لهندين جن جو الله سينو کوليو هجي جيڪي نشانبر ٿيل الله جي ولي جي تصديق ڪن. بلڪ توکي ائين چوندا تہ هائو الله تعاليٰ جا ولي پيارا سڳورا موجود آهن، پر اهي آهن ڪٿي؟

هر دؤر ۾ ائين ئي ٿيو آهي جو اهلِ ظاهر مان اڪثريت الله وارن جي مخالفت ڪندي رهي آهي. اهي الله وارن جي وجود جا انڪاري ڪو نہ هوندا آهن پر انهن کان اگر ڪنهن نالي نشانبر ٿيل خاص الله واري بابت پڇيو وڃي تہ اهي ان جو انڪار ڪندا. حالانڪہ الله وارا هُيا ۽ آهن، انهن جو ديدار سعادت انهن جو ذڪر بہ عبادت آهي.

لي سادة من عزّهم　　اقدامهم فوقَ الجباه

ان لم ا کن منهم　　فلی فی ذکرهم عزّ وجاه

حضرت محي الدين ابن العربي فرمايو تہ :

عام ماڻهن ۾ اها سگهہ ڪٿي جو الله جي ولين جي اسرارن کي سمجهي سگهن ۽ انهن جي دلين ۾ نازل ٿيندڙ انوار ملاحظہ ڪري سگهن. انڪري الله ڪريم انهن کي ماڻهن جي غالب اڪثريت کان مستور ڪري ڇڏيو آهي. پاڻ وٽ انهن جي عزت ۽ مقام سبب.

حضرت حبيب ڪريم عليہ التحية والتسليم فرمايو تہ :

لَا يَزَالُ مِنْ أُمَّتِي أُمَّةٌ قَائِمَةٌ بِأَمْرِ اللهِ لَا يَضُرُّهُمْ مَنْ خَذَلَهُمْ ، وَلَا مَنْ خَالَفَهُمْ حَتَّى يَأْتِيَهُمْ أَمْرُ اللهِ وَهُمْ عَلَى ذَلِكَ رواه البخاري ورواه مسلم عن ثوبان بلفظ

لَا تَزَالُ طَائِفَةٌ مِنْ أُمَّتِي ظَاهِرِينَ عَلَى الْحَقِّ لَا يَضُرُّهُمْ مَنْ خَذَلَهُمْ حَتَّى يَأْتِيَ أَمْرُ اللهِ وَهُمْ كَذَلِكَ

منهنجي امت منجهان هڪ جماعت هميشہ الله جي امر تي قائم رهندي. انهن کي خوار ڪرڻ جي ڪوشش ڪرڻ وارو يا انهن جي مخالفت ڪرڻ وارو ڪو بہ انهن کي نقصان پهچائي نہ سگهندو. ايستائين جو انهن تي الله جو امر اچي ويندو ۽ اهي ان ئي راهہ تي قائم رهندا.

ابدال ۽ اولياءَ هر دور ۾ ٿيندا آهن:

قال النبي ﷺ : في كل قرن من أمتي سابقون وهم البدلاء والصديقون بهم يسقون وبهم يرزقون وبهم يدفع البلاء عن أهل الأرض

(نوادر الأصول في أحاديث الرسول ج 1 ص 369)

حضرت حبيب ڪريم ﷺ فرمايو تہ منهنجي امت جي هر صدي ۾ "سابقين" ٿيندا ۽ اهي ابدال ۽ صديق هوندا. انهن جي صدقي مينهن وسايا ويندا انهن جي مهابي رزق ڏنا ويندا ۽ انهن جي صدقي زمين وارن تان مصيبتون ٽاريون وينديون.

"ڪتاب الابدال" ۾ حضرت انس رضي الله عنه کان مروي حديث آهي نبي ڪريم ﷺ فرمايو تہ:

البُدَلاء اربعون : ابدال چاليهہ ٿيندا آهن.

وعن الحسن البصري رحمت الله عليہ انہ قال لو لا البدلاء لخسف بالارض

امام حسن بصري رحمت الله عليہ فرمايو تہ : جيڪڏهن ابدال نہ هجن تہ زمين غرق ٿي وڃي.

الله جا نوازيل ٻانها:

حضرت علامہ مناوي رحمت الله عليہ سمرقندي جي حوالي سان لکيو آهي تہ:

لما قبض النبى ﷺ شكت الارض الىٰ ربها عزوجل انه ما بقى يمشي عليّ نبيّ من الانبياء الىٰ يوم القيامة فاوحىٰ الله تبارك وتعالىٰ اليها انى جاعل من هذه الامة رجالا قلوبهم قلوب الانبياء

(الكواكب الدرية فى تراجم السادة الصوفيه تاليف شيخ الاسلام زين الدين محمد عبدالرؤف المناوي المتوفي 1031 مطبوع دار الكتب العلمية بيروت ص:6)

جڏهن نبي ڪريم ﷺ پردو فرمايو تہ زمين الله عزوجل وٽ فرياد ڪئي تہ اي الله ! هاڻي قيامت (جي قريب نزولِ عيسيٰ عليہ السلام) تائين منهنجي مٿان هلڻ وارو ڪو بہ نبي نہ بچيو آهي. تہ الله ان ڏانهن وحي ڪئي تہ مان هن امت مان اهڙا مرد پيدا ڪندس جن جون دليون نبين جي دلين وانگر هونديون.

لمحہ فکريہ: اولياء جي مخالفن ۽ معاندن کي سوچڻ گهرجي تہ رب ڪريم تہ فرمائي ٿو ڪنهن عام مؤمن کي بہ نہ ايذايو. مؤمنن کي ايذائڻ وڏو ڏوهہ آهي.

وَ الَّذِيۡنَ يُؤۡذُوۡنَ الۡمُؤۡمِنِيۡنَ وَ الۡمُؤۡمِنٰتِ بِغَيۡرِ مَا اكۡتَسَبُوۡا فَقَدِ احۡتَمَلُوۡا بُهۡتَانًا وَّ اِثۡمًا مُّبِيۡنًا ﴿الاحزاب: 58﴾

۽ اهي ماڻهو جيڪي مؤمن مردن ۽ مؤمن عورتن کي بي ڏوهہ ايذائن ٿا تہ بيشڪ انهن پاڻ مٿان وڏو بهتان ۽ چٽو ڏوهہ ڪنيو.

ان آيت جي تفسير ۾ حضرت مجاهد چيو تہ:

يقعون فيهم ويرمونهم بغير جرم فقد احتملوا بهتانا واثما مبينا

انهن جي عيب جوئي ڪن ٿا ۽ انهن مٿان بنا ڪنهن ڏوهہ جي الزام تراشي ڪن ٿا تہ انهن پنهنجي مٿان وڏو ڏوهہ ۽ چٽو گناهہ ڪنيو.

حضرت حبيب ڪريم ﷺ فرمايو تہ:

المؤمن افضل من الكعبة والمؤمن طيب طاهر والمؤمن اكرم على الله تعالىٰ من الملائكة (الكواكب الدرية: ج 1 ص 17)

مؤمن پاڻهو ڪعبي کان فضيلت وارو آهي ۽ مؤمن پاڪيزه ۽ پاڪ آهي ۽ مؤمن پاڻهو الله وٽ ملائڪن کان وڌيڪ عزت وارو آهي.

سنن ابن ماجہ ۾ آهي حضرت عبد الله بن عمر رضي الله عنه چيو تہ هڪ ڀيري مون حضرت حبيب ڪريم ﷺ کي ڪعبي جو طواف ڪندي ڏٺو پاڻ ڪعبي کي مخاطب ٿي فرمايائون.

مَا أَطْيَبَكِ، وَأَطْيَبَ رِيحَكِ، مَا أَعْظَمَكِ، وَأَعْظَمَ حُرْمَتَكِ، وَالَّذِي نَفْسُ مُحَمَّدٍ بِيَدِهِ لَحُرْمَةُ الْمُؤْمِنِ أَعْظَمُ عِنْدَ اللهِ حُرْمَةً مِنْكِ (سنن ابن ماجة كتاب الفتن ج 5 ص 85)

اي ڪعبا ڇا تہ تنهنجي پاڪيزگي آهي ڇا تہ تنهجون هوائون پاڪيزه آهن ڇا تہ تون عظيم آهين ۽ تنهنجي عزت ڪيڏي وڏي آهي. پر مون کي ان ذات جو قسم جنهن جي قبضہ قدرت ۾ مون محمد جي جان آهي الله وٽ مؤمن پاڻهي جي عزت تو کان بہ وڌيڪ آهي.

حضرت انس رضي الله عنه چيو تہ حضرت حبيب كريم ﷺ فرمايو : [1]

ان الله شرّف الكعبة وعظّمها ولو ان عبدا هدمها حجرا حجرا ثم احرقها ما بلغ جرم من استخف بولي من اولياء الله تعالىٰ قال الاعرابي و من اولياء الله تعالىٰ قال المؤمنون كلهم اولياء الله تعالىٰ (الكواكب الدرية للمناوي : ج 1 ص 18)

الله تعاليٰ كعبي كي شرف ۽ عزت وارو بنايو آهي پر جيكڏهن كو ماڻهو ان كي سِرَ سِرَ كري ڊاهي وري انكي ساڙي ڇڏي تہ بہ ان جو ڏوهہ ان ماڻهو جي ڏوهہ جيترو نہ ٿو ٿي سگهي جيكو كنهن الله واري جي هلكڙائي كري. هك اعرابي عرض كيو يا رسول الله جا ولي كير آهن؟ پاڻ فرمايائون سڀ مؤمن الله جا ولي آهن.

چا تو الله جو قول كو نہ ٻُڌو آهي تہ :

اللَّهُ وَلِيُّ الَّذِينَ آمَنُوا يُخْرِجُهُمْ مِنَ الظُّلُمَاتِ إِلَى النُّورِ [البقرة : 257]

الله مؤمنن جو ولي آهي انهن كي اونداهين مان روشين طرف كڍي ٿو.

عبدالله بن عمر چيو رسول الله ﷺ هك ڏينهن منبر تي اوچي آواز ۾ فرمايائون :

يَا مَعْشَرَ مَنْ قَدْ أَسْلَمَ بِلِسَانِهِ وَلَمْ يُفْضِ الإِيمَانُ إِلَى قَلْبِهِ لاَ تُؤْذُوا الْمُسْلِمِينَ وَلاَ تُعَيِّرُوهُمْ وَلاَ تَتَّبِعُوا عَوْرَاتِهِمْ فَإِنَّهُ مَنْ تَتَبَّعَ عَوْرَةَ أَخِيهِ الْمُسْلِمِ تَتَبَّعَ اللَّهُ عَوْرَتَهُ وَمَنْ تَتَبَّعَ اللَّهُ عَوْرَتَهُ يَفْضَحْهُ وَلَوْ فِي جَوْفِ رَحْلِهِ

(رواه الترمذي ج 8 ص 67، وابن حبان في صحيحه ج 13 ص 75 بلفظ ولو في جوف بيته

اي زبان سان پاڻ كي مسلمان سڏائڻ وارئو جن جي دل ۾ ايمان اجا داخل نہ ٿيو آهي مسلمانن كي نہ ايذايو انهن تي الزام تراشي نہ كيو انهن جي عيب جوئي نہ كيو ڇو تہ جيكو پنهنجي مسلمان ڀاءُ جا عيب كوليندو الله ان جا عيب كوليندو .

---

[1] هن حديث كي العجلوني اسماعيل بن محمد الجراحي كشف الخفاءِ ۾ هنن لفظن ۾ آندو آهي:

إن الله خلق الكعبة وعظمها وشرفها وكرمها فلو أن رجلا هدمها حجرا حجرا ثم أحرقها ما بلغ جرم من استخف بولي قالوا يا رسول الله من الولي؟ قال كل مؤمن) (كشف الخفاء ومزيل الالباس عما اشتهر من الاحاديث على ألسنة الناس (ج 1 ص 239)

۽ الله جنهن جا عيب کولي ته ان کي گهر جي اندر به خوار ڪندو.

سنن ابو دائود ۾ آهي پاڻ فرمايائون:

لَمَّا عُرِجَ بِي مَرَرْتُ بِقَوْمٍ لَهُمْ أَظْفَارٌ مِنْ نُحَاسٍ يَخْمِشُونَ وُجُوهَهُمْ وَصُدُورَهُمْ فَقُلْتُ مَنْ هَؤُلَاءِ يَا جِبْرِيلُ قَالَ هَؤُلَاءِ الَّذِينَ يَأْكُلُونَ لُحُومَ النَّاسِ وَيَقَعُونَ فِي أَعْرَاضِهِمْ

(سنن أبي داود ـ محقق وبتعليق الألباني ج4 ص 420)

جڏهن مون کي معراج ڪرايو ويو هيو ته هڪ اهڙي قوم وٽان منهنجو گذر ٿيو جن کي لوهه جا ننهن هئا جن سان اهي پنهنجا منهن ۽ سينا پٽي رهيا هئا مون پڇيو اي جبريل هي ڪير ماڻهو آهن عرض ڪيائين هي اهي ماڻهو آهن جيڪي انسانن جا گوشت کائيندا هئا، انهن جي عيب جوئي ڪندا هئا.

الله جي اولياءَ جي مخالفن کي پنهنجي زبان درازي بند ڪرڻ بهتر آهي. ان ۾ ئي سندن ڀلائي آهي. الله جي دوستن جي مخالفت سان ولين جي شان يا فيض ۾ ڪمي هرگز ڪو نه ايندي، پر گلاخور جي پنهنجي ٻيڙي ٻڏي ويندي.

چوں خدا خواہد کہ پردہ کس درد
میلش اندر طعنہ ءِ پاکان زند

خِلافَتَ ڇا آهي؟

حقيقت ۽ اهميت

عربي ٻولي مطابق "الخليفة" ڇا آهي؟

اَلْخَلِيفَةُ: عربي لفظ آهي، جيڪو "خلف" مان ورتل آهي، ان جي معنيٰ آهي: پُٺيان، پويان، پُٺِ، پوير، اهو لفظ اڳ يا اڳيان جو ضد آهي.

الخلف ضد قُدّام (لسان العرب لابن منظور ج 9 ص 82)

قرآن شريف ۾ آهي: يَعْلَمُ مَا بَيْنَ اَيْدِيْهِمْ وَمَا خَلْفَهُمْ

الله ڄاڻي ٿو جو ڪجھ انهن جي اڳيان آهي ۽ جيڪي پويان آهي.

زُجاج چيو تہ: خلفهم ما قد وقع من اعمالهم / خلفهم مان مراد آهي جيڪي اعمال انهن کان واقع ٿي چُڪا. . لفظ خلف جي مزيد وضاحت ڪندي علماءِ لغت فرمايو تہ:

خَلَفَهُ يَخْلُفُه : صَارَ خَلْفَهُ : ان کي پويان ڪيائين يعني اهو ان جي پٺيان ٿيو.

وَ جَلَسْتُ خَلْفَ فُلان اي بعده: مان فلاڻي جي خلف ويٺس يعني ان جي پٺيان ويٺس.

اِسْتِخْلَاف: خلف مان ورتل آهي.ان جي معنيٰ آهي پنهنجي پٺيان ڪنهن کي مقرر ڪرڻ.

اِسْتَخْلَفَ فُلانًا مِن فُلان : جعله مكانه

فلاڻي ماڻهو فلاڻي کي پنهنجي پويان مقرر ڪيو. يعني ان کي پنهنجو قائم مقام ڪيائين.

وَخَلَفَ فُلَانٌ فُلَانًا اذا كان خَلِيفَتَهُ فلاڻي ماڻهو فلاڻي کي خلف بنايو.

يعني ان کي پنهنجو خليفو بنايائين. انڪري چيو ويندو آهي تہ:

خَلَفَهُ فِي قَومِهِ خِلَافَةً ان کي پنهنجي قوم ۾ پنهنجو خليفو ڪيائين.

جيئن قرآن ۾ حضرت موسيٰ ۽ حضرت هارون عليهما السلام جو قصو آهي تہ جڏهن حضرت موسيٰ ڪليم الله ڪوهِ طور تي الله سان ڪلام ڪرڻ لاءِ ويو پئي تہ پنهنجي قوم ۾ حضرت هارون عليہ السلام کي پنهنجو خليفو بنائي ويو هيو ان کي فرمايائين:

وَ قَالَ مُوۡسٰی لِاَخِیۡهِ هٰرُوۡنَ اخۡلُفۡنِیۡ فِیۡ قَوۡمِیۡ ﴿الاعراف: 142﴾

۽ موسيٰ پنهنجي ڀاءُ هارون کي چيو تہ منهنجي قوم ۾ منهنجو خليفو ٿيءُ.

ابن منظور جي تشريح:

خَلَّفْتُ فُلَانًا أُخَلِّفُهُ تَخْلِيفًا وَاسْتَخْلَفْتُهُ أَنَا جَعَلْتُهُ خَلِيفَتِي وَاسْتَخْلَفَهُ جَعَلَهُ خَلِيفَةً ﴿لسان العرب: ج 9 ص 83﴾

مون فلاڻي کي پنهنجو خلف بنايو ۽ ان کي خليفو بنايو يعني مون ان کي پنهنجو خليفو بنايو. مون ان کي خلف بنايو يعني ان کي پنهنجو خليفو بنايو. اُن هُن کي خلف بنايو يعني ان کي خليفو بنايائين. وَالْخَلِيفَةُ اَلَّذِي يُسْتَخْلَفُ مِمَّنْ قَبْلَهُ

خليفو ان کي چئبو جيڪو پنهنجي اڳواڻ جي پويان مقرر ڪيو وڃي.

خلفاءِ ۽ خلائف:

خليفة جو جمع خلائف بہ آهي خلفاء بہ آهي. قرآن پاڪ ۾ اهي ٻئي جمع جون صورتون آيون آهن. مفسرن خلفاء ۽ خلائف جي ترجمي ۾ ڪو فرق ڪونہ ڪيو آهي. رب فرمايو:

وَاذْكُرُوا إِذْ جَعَلَكُمْ خُلَفَاءَ مِنْ بَعْدِ قَوْمِ نُوحٍ [الأعراف: 69]

۽ ياد ڪيو جڏهن اوهان کي نوح جي قوم بعد خليفا بنايائين.

وَهُوَ الَّذِي جَعَلَكُمْ خَلَائِفَ الْأَرْضِ [الأنعام: 165]

الله اهو آهي جنهن اوهان کي زمين ۾ خليفو بنايو.

فاعل ۽ مفعول جي معنائن ۾:

الخليفة يكون بمعنى فاعل و بمعنى مفعول ﴿المصباح المنير: ص 192﴾

خليفہ اسم فاعل ۽ اسم مفعول ٻنهين جي معنائن ۾ ايندو آهي.

سيبويہ جو قول: چيائين تہ: خليفة و خلفاء كسروه تكسير فعيل لانہ لايكون الا للمذكر

اصطلاح مطابق "الخليفة" ڇا آهي؟

ڪو ڪنهن جي موجودگي يا ان جي غير حاضري ۾ انجو قائم مقام ٿئي، يا ڪو ان جو ڪم سنڀالي تہ ان کي ان جو خليفو سڏبو آهي. ان عمل کي خلافت سڏبو آهي.

بنيادي طرح ان خلافت جا ٻہ قسم آهن.

پهريون: مستخلف جي عجز، موت، غير موجودگي سبب ڪو ڪنهن جو خليفو ٿئي.

ٻيون: مستخلف پنهنجي پاران صرف ڪنهن جي عزت افزائي ڪندي ان کي پنهنجو خليفو بنائي.

شرعي اصطلاح ۾ خليفو ڪيترين ئي معنائن ۾ اچي ٿو. انهن مان معروف معنائون هي آهن

بادشاہ: وقت جي بادشاهہ کي اعزازًا الله جو خليفو سڏي سگهجي ٿو. يا اڳئين بادشاهہ جي موت سبب انجو خليفو بہ سڏي سگهجي ٿو. نصوصِ شرعيہ ۾ اسلامي بادشاهن کي خليفو سڏيو ويو آهي. لغت وارن لکيو تہ:

اَلْخَلِيفَةُ: بمعنى السلطان الاعظم (المصباح المنير: ج 1 ص 95)

زبيدي تاج العروس ۾ چيو تہ:

"الخليفة" اَلسُّلْطَانُ الْاَعْظَمُ يَخْلُفُ مَنْ قَبْلَهُ وَيَسُدُّ مَسَدَّهُ

﴿تاج العروس للزبيدي ج 16 ص 264﴾

زبيدي زجاج جو قول نقل ڪندي چيو تہ:

جاز ان يقال للائمة خلفاء الله فى ارضه بقوله عزوجل

يٰدَاوٗدُ اِنَّا جَعَلْنٰكَ خَلِيْفَةً فِى الْاَرْضِ ﴿ص:26﴾

بادشاهن کي زمين تي الله جو خليفو سڏڻ جائز آهي جيئن قرآن ۾ رب فرمايو تہ اي دائود اسان تو کي زمين تي پنهنجو خليفو بنايو سين. ﴿تاج العروس: ج 16 ص 265﴾

سپہ سالار: بادشاهہ جي پاران جڏهن ان جو ڪو ڪمانڊر لشڪر قطاري هلندو آهي تہ ان کي بہ بادشاهہ جو خليفو سڏبو آهي.

اَلْخَلِيفَةُ: قَائِدُ الْجُند: لشڪر جو اڳواڻ. (القاموس الفقهي لسعدي ابو حبيب ج 1 ص 24)

قائم مقام:

خليفو قائم مقام جي معنيٰ ۾ بہ آيو آهي.

اَلْخَلِيفَةُ : من استُخْلِفَ مكان قبله وقوله تعالىٰ هُوَ الَّذِىْ جَعَلَكُمْ خَلٰٓئِفَ فِى الْاَرْضِ

اي مستخلفين منها (المحيط فى اللغة خلف ج 1 ص 364)

خلافت بمعنيٰ نيابت :

خلافت نيابت کي بہ سڏبو آهي. جيئن قرآن ۾ آهي تہ :

وَ هُوَ الَّذِىْ جَعَلَكُمْ خَلٰٓئِفَ الْاَرْضِ ﴿الانعام : 165﴾

اهو رب آهي جنهن اوهان کي زمين ۾ خليفو بنايو.

فراء فرمايو تہ :

جعل امة محمد خلائف فى الارض قال جعل امة محمد خلائف كل الامم

مٿي محبوب ڪريم ﷺ جي امت کي رب ڪريم زمين تي پنهنجو خليفو بنايو ياگذريل سڀ امتن جو خليفو بڻايائين.

خلافت جا قسم :

امام راغب اصفهاني مفرداتِ قرآن ۾ لکيو تہ :

خلف فلانٌ فلانًا : قام بالامر عنه اما معه و اما بعده

والخلافة : النيابة عن الغير اما لغيبة المنوب عنه واما لموته واما لعجزه

واما لتشريف المستخلف ﴿المفردات : 156﴾

فلاڻو فلاڻي جو خليفو ٿيو يعني ان جي پاران ان جي حڪم سان سندس قائم مقام ٿيو. پوءِ ان سان گڏ يا ان کان پوءِ ۽ خلافت ٻئي جي نيابت آهي پوءِ خلافت ڏيندڙ جي غير موجودگي ۾ يا ان جي موت سبب يا ان جي عاجزي سبب يا وري خليفي ٿيڻ واري جي عزت افزائي سبب.

خلف فلانٌ فلانًا : قام بالامر عنه اما معه و اما بعده

خلافت جائنشيني جو نالو آهي. ڪو ڪنهن کي پنهنجو قائم مقام بنائي يا ڪو پنهنجو ڪم ڪنهن جي حوالي ڪري تہ اهو ان جو خليفو سڏبو.

اَلْمُسْتَخْلِفُ : ڪو پنهنجي ڪم کي ڪنهن جي حوالي ڪري، ان کي پنهنجو قائم مقام بنائي رهيو آهي تہ ان کي " المستخلف" سڏبو.

الخليفة: ڪو ڪنهن ٻئي جي پاران ان جي ڪم کي سنڀالي تہ ان کي خليفو سڏبو آهي. پوءِ اها خلافت مستخلف جي موجودگي ۾ بہ ٿيندي آهي تہ ان جي غير موجودگي ۾ بہ .

الخلافة : النيابة عن الغير

خلافت ٻئي جي نيابت آهي . ڪو ڪنهن کي پنهنجو خليفو بنائي ٿو تہ ڄڻڪ اهو ان کي پنهنجو نائب بنائي ٿو.

1. خلافت بوقتِ ضرورت:

اما لغيبة المنوب عنه و اما لموته و اما لعجزه

پوءِ ڪنهن کي پنهنجو نائب بنائڻ جا ٻہ سبب ٿي سگهن ٿا. يا تہ خليفو بنائڻ وارو پنهنجي غير موجودگي ۾ ڪنهن کي پنهنجو نائب بنائي وڃي. يا پنهنجي عذر يا بيماري، يا موت مهل ڪنهن کي پنهنجو نائب بنائي وڃي.

غير موجودگي ۾ خلافت جا مثال :

جيئن قرآن ۾ آهي تہ موسيٰ عليہ السلام جڏهن ڪوهِ طور تي الله سان ڪلام ڪرڻ لاءِ ويو پئي تہ پنهنجي غير موجودگي ۾ پنهنجي وڏي ڀاءُ حضرت هارون عليہ السلام کي فرمايائين:

وَ قَالَ مُوْسٰى لِاَخِيْهِ هٰرُوْنَ اخْلُفْنِيْ فِيْ قَوْمِيْ ﴿الاعراف 142﴾

۽ موسيٰ پنهنجي ڀاءُ هارون کي چيو تہ تون منهنجي قوم ۾ منهنجو خليفو ٿيءُ.

وفات بعد خلافت : بخاري ڪتاب بدءُ الوحي ۾ آهي تہ جڏهن حضرت سيدنا عمر فاروق رضي الله عنه جي وصال جو وقت ويجهو آيو تہ پاڻ حضرت عثمان غني، مولا علي ڪرم الله وجهہ الڪريم، طلحہ، زبير، عبد الرحمان بہ عوف ۽ سعد بن ابي وقاص رضي الله عنهم اجمعين بابت فرمايائين:

إِنِّي لاَ أَعْلَمُ أَحَدًا أَحَقَّ بِهَذَا الأَمْرِ مِنْ هَؤُلاَءِ النَّفَرِ الَّذِينَ تُوُفِّيَ رَسُولُ اللهِ ﷺ وَهُوَ عَنْهُمْ رَاضٍ فَمَنِ اسْتَخْلَفُوا بَعْدِي فَهُوَ الْخَلِيفَةُ فَاسْمَعُوا لَهُ وَأَطِيعُوا

(رواه البخاري، ومسلم واحمد في مسنده ج 1 ص 27)

مان خلافت جو حقدار انهن کان وڌيک ڪنهن کي نہ ٿو ڄاڻان جو وصال وقت بہ رسول الله ﷺ انهن کان راضي رهيا. پوءِ مون کان بعد انهن مان جنهن کي بہ خليفو بنايو تہ اهو ئي خليفو آهي. ان جي ڳالهہ ٻڌجو ۽ فرمانبرداري ڪجو.

عذر وقت خلافت:

جڏهن امام نماز پڙهائي رهيو آهي ۽ ان جو وضو ڀڄي پوي ٿو تہ اهو جماعت مان ڪنهن کي پنهنجو خليفو بنائي خود مصلي تان هٽي ويندو. پوءِ بقيہ نماز ان امام جي پاران اهو خليفو مڪمل ڪرائيندو. ان خليفي جي اقتدا امام جي اقتدا سڏبي. ان جون تڪبيرون امام جون تڪبيرون سڏبيون. جماعت کي لازم آهي تہ ان خليفي جي اقتداء ڪري.

مَنْ سَبَقَهُ حَدَثٌ وَكَانَ إِمَامًا فَإِنَّهُ يَسْتَخْلِفُ رَجُلًا مَكَانَهُ يَأْخُذُ بِثَوْبِ رَجُلٍ إِلَى الْمِحْرَابِ أَوْ يُشِيرُ إِلَيْهِ (البحر الرائق شرح كنز الدقائق ج 3 ص 484)

امام جو اگر وضو ٽٽي پوي ۽ اهو پنهنجي جاءِ تي ڪنهن ٻئي کي پنهنجو خليفو بنائيندو ان جي ڪپڙي کان وٺي ان کي محراب ڏانهن آڻيندو يا محراب ڏانهن ان کي اشارو ڏيندو.

أَنَّ الْإِمَامَ إِذَا سَبَقَهُ الْحَدَثُ فَاسْتَخْلَفَ آخَرَ

(البحر الرائق شرح كنز الدقائق ج 3 ص 432)

امام کي نماز پڙهائيندي اگر بي وضائي ٿي پئي تہ ٻئي کي پنهنجو خليفو بنائيندو.

حضرت عمر فاروق رضي الله عنه خليفو بنايو:

سيدنا عمر فاروق رضي الله عنه ۽ سيدنا عثمان غني رضي الله عنه ٻنهين کان اهڙي قسم جا واقعا مروي آهن تہ ڪين نماز پڙهائيندي وضو جي حاجت ٿي پاڻ پنهنجو خليفو بنائي نماز مان نڪري ويا. جيئن امام ڪاساني حنفي رحمت الله عليہ فرمايو تہ:

وَعَنْ عُمَرَ رضي الله عنه أَنَّهُ سَبَقَهُ الْحَدَثُ فَتَأَخَّرَ وَقَدَّمَ رَجُلًا، وَعَنْ عُثْمَانَ رضي الله عنه مِثْلُهُ

(بدائع الصنائع في ترتيب الشرائع ج 2 ص 379)

خليفو امام جو قائم مقام آهي:

أن الخليفة قائم مقام الأول، فحاله كحال الإمام الأول

(المحيط البرهاني للإمام برهان الدين ابن مازة ج 1 ص 456)

بيشڪ خليفو امام جو قائم مقام آهي. ان جو حال پهرئين امام وانگر آهي.

خليفو لائق ماڻهو کي بنائبو:

جماعت ۾ پهرين سٽ صفون هجن پر امام کي لازم آهي تہ پنهنجي عذر جي وقت ۾ اهڙي ماڻهو کي خليفو بنائيندو، جيڪو خلافت جو اهل هجي. جنهن کي نماز جي مسائل کان چڱي طرح ڄاڻ هجي. ائين نہ جو ڪنهن اهڙي کي خليفو بنائي وڃي جو پنهنجي نماز بہ ٻيجي ڇڏي تہ جماعت جي نماز جا بہ ٽاڪا ٽوڙي ڇڏي.

مشهور حنفي فقيہ شيخ ڪمال بن همام فرمايو تہ:

وَيُشْتَرَطُ كَوْنُ الْخَلِيفَةِ صَالِحًا لِلْإِمَامَةِ، فَإِنْ لَمْ يَصْلُحْ كَمُحْدِثٍ أَوْ صَبِيٍّ أَوْ امْرَأَةٍ فَسَدَتْ صَلَاتُهُ وَصَلَاةُ الْقَوْمِ (فتح القدير لكمال بن الهمام ج 2 ص 243)

۽ شرط آهي تہ خليفو اهو بنائي جو جيڪو امامت جو اهل هجي. اگر خليفو لائق ٿي نہ آهي، مثلاً اهو بنا وضو جي آهي، يا ٻارُ آهي، يا عورت آهي تہ ان جي پنهنجي نماز بہ ٽٽي پوندي تہ پوري جماعت جي نماز بہ ٽٽي پوندي.

امام سرخسي حنفي ٿو فرمائي تہ :

وَإِنْ كَانَ الْإِمَامُ مُتَوَضِّئًا وَالْخَلِيفَةُ مُتَيَمِّمًا فَوَجَدَ الْخَلِيفَةُ الْمَاءَ فَسَدَتْ صَلَاتُهُ وَصَلَاةُ الْأَوَّلِ وَالْقَوْمِ جَمِيعًا ؛ (المبسوط للسرخسي ج 1 ص 351)

اگر امام وضو سان نماز پڙهائي رهيو هيو ۽ خليفو اهڙي ماڻهو کي بنايائين جيڪو تيمم ڪيون نماز پڙهي رهيو هيو هاڻي اگر خليفي کي پاڻي ملي پيو تہ خليفي جي نماز بہ وئي تہ پهرئين امام جي بہ وئي تہ پوري جماعت جي بہ نماز ٽٽي پئي.

هن سڀ فقهي مسائل مان هيءَ ڳالهہ چٽي طرح ظاهر ٿي تہ امام پنهنجي عذر واري وقت پنهنجو قائم مقام خليفو بنائي سگهي ٿو. جماعت کي لازمي ان جي اقتدا ڪرڻي پوندي. خليفو اهڙي ماڻهو کي بنائبو جيڪو اهلُ ۽ لائق هجي.

2. اعزازي خلافت:

الخِلافَةُ لِتَشْرِيفِ الْمُسْتَخْلَفِ

خلافت جو پيو قسم اهو آهي جنهن ۾ خليفي بنائڻ واري کي نہ ڪا مجبوري آهي، نہ ڪو عذر آهي، نہ غير حاضر آهي پر صرف ۽ صرف ڪنهن جي عزت افزائي خاطر يا ان جي شان وڌائڻ خاطر ان کي خِلافت ڏئي ٿو.

رب العالمين جل جلالہ سيدنا آدم عليہ السلام ۽ ان جي اولاد کي زمين تي پنهنجو خليفو بنايو. اها رب ڪريم جي پاران آدم ۽ انجي اولاد جي عزت افزائي هئي. رب پاڪ عذر يا غير موجودگي کان پاڪ آهي. جيئن قرآن ۾ آهي رب پاڪ فرشتن کي فرمايو تہ:

اِنِّي جَاعِلٌ فِي الْاَرْضِ خَلِيْفَةً ﴿البقرة: 30﴾

بيشڪ مان زمين ۾ خليفو بنائڻ وارو آهيان.

يٰدَاوٗدُ اِنَّا جَعَلْنٰكَ خَلِيْفَةً فِي الْاَرْضِ ﴿ص: 26﴾

اي دائود بيشڪ اسان تو کي زمين ۾ پنهنجو خليفو بنايو آهي.

جڏهن الله پاڻ ڪنهن کي خليفو بنائيندو آهي تہ ان جي مدد ۽ نصرت بہ خود ڪندو آهي. بخاري ۾ ابوسعيد خُدري رضي الله عنه کان روايت آهي چيائين نبي ڪريم ﷺ فرمايو تہ:

مَا اسْتُخْلِفَ خَلِيفَةٌ إِلاَّ لَهُ بِطَانَتَانِ بِطَانَةٌ تَأْمُرُهُ بِالْخَيْرِ وَتَحُضُّهُ عَلَيْهِ وَبِطَانَةٌ تَأْمُرُهُ بِالشَّرِّ وَتَحُضُّهُ عَلَيْهِ وَالْمَعْصُومُ مَنْ عَصَمَ اللَّهُ.

(رواه البخاري مسند أحمد بن حنبل ج 3 ص 39)

جيڪو بہ خليفو بنايو ويو تہ ان لاءِ بہ صلاحڪار هوندا آهن. هڪڙو صلاحڪار ان کي خير ڏانهن سڏيندو آهي ۽ انکي خير جو حرص ڏياريندو آهي. ٻيو صلاحڪار ان کي شر جو امر ڪندو آهي ۽ ان کي شر ڏانهن حرص ڏياريندو آهي. پوءِ معصوم اهو آهي جنهن کي الله معصوم بنائي.

الله جي خلافت

خليفي ۽ خلافت جي مفهوم کي سمجهڻ بعد هي ڳالهہ قابلِ توجہ آهي تہ ڇا انسانن مان ڪو انسان الله جو خليفو ٿي سگهي ٿو يا نہ ؟ ان بابت امت جو اجماع آهي تہ الله پنهنجي ٻانهن مان جنهن کي چونڊيندو ۽ پسند ڪندو آهي ان کي پنهنجو خليفو بنائيندو آهي. اها خلافت ان جي عزت افزائي لاءِ هوندي آهي. جيئن اسان مٿي بيان ڪيو.

علامہ ابن تيمية ۽ انجي پيروڪارن جو مذهب:

اجماع امت کان هٽي ڪري علامہ ابنِ تيمية ۽ ان جي پيروڪارن جو چوڻ آهي تہ خلافت "مُستَخلِف" جي موت، غير حاضري، عدم موجودگي يا عجز جي صورت ۾ ٿيندي آهي پوءِ خليفو ان جو قائم مقام ٿيندو آهي. الله پاڪ انهن سڀ شين کان پاڪ آهي. اهو حَيّ آهي، قيوم ۽ قدير آهي، نہ ان لاءِ موت آهي نہ عدم موجودگي، اهو غني آهي، رزق ڏيندو آهي، انڪري ڪو بہ ان جو خليفو بنجي نہ ٿو سگهي. پر الله پاڻ ڪنهن ٻانهي جو خليفو ٿي سگهي ٿو. مزيد ابن تيميہ چيو تہ:

وَ اللّٰہُ لَا يَجُوزُ لَہُ خَلِيفَةٌ؛ وَلِهٰذَا لَمَّا قَالُوا لِأَبِي بَكْرٍ :يَا خَلِيفَةَ اللّٰہِ ، قَالَ: لَسْت بِخَلِيفَةِ اللّٰہِ وَلَكِنِّي خَلِيفَةُ رَسُولِ اللّٰہِ صَلَّى اللّٰہُ عَلَيْہِ وَسَلَّمَ حَسْبِي ذَلِكَ

(الفتاوی الکبری لشيخ ابن تيمية ج 5 ص 123)

۽ الله جي لاءِ ڪنهن کي خليفو چوڻ جائز نہ آهي تڏهن تہ جڏهن حضرت ابوبڪر صديق ﷺ خليفو ٿيو تہ ڪيس چيو ويو "اي الله جا خليفا" تہ چيائين مان الله جو خليفو نہ آهيان بلڪہ مان رسول الله ﷺ جو خليفو آهيان. اها ڳالهہ مون لاءِ ڪافي آهي.

ابن تيمية جي چوڻ مطابق ڪو بہ ٻانهو الله جو خليفو ٿي نہ ٿو سگهي پر الله پين جو خليفو ٿي سگهي ٿو جيئن سفر جي دعا ۾ نبي ڪريم ﷺ جا الفاظ مبارڪ آهن تہ :

اللّٰهُمَّ أَنْتَ الصَّاحِبُ فِي السَّفَرِ ، وَالْخَلِيفَةُ فِي الْأَهْلِ . اللّٰهُمَّ اصْحَبْنَا فِي سَفَرِنَا ، وَاخْلُفْنَا فِي أَهْلِنَا

اي الله تون اسان جو سفر جو ساٿي آهين ۽ اسان جي پويان اسان جي گهروارن وٽ خليفو آهين. اي الله اسان مسافر ٿياسين تون اسان جي گهر ۾ اسان جو خليفو ٿيءُ.

ابن تيميہ چيو تہ :

وَالْخَلِيفَةُ إِنَّمَا يَكُونُ عِنْدَ عَدَمِ الْمُسْتَخْلَفِ بِمَوْتٍ أَوْ غَيْبَةٍ، وَيَكُونُ لِحَاجَةِ الْمُسْتَخْلِفِ، إِلَى الِاسْتِخْلَافِ (الفتاوی الکبری ج 5 ص 123)

خليفو ٿيندو آهي مستخلف جي اڻ هوند ۾ ، ان جي موت يا ان جي غير حاضر هجڻ سبب ۽ مستخلف کي پنهنجو خليفو بنائڻ جي حاجت پوندي آهي.

الله انهن شين کان پاڪ آهي. پوءِ آخر ۾ ابن تيميہ ائين بہ چيو تہ :

فَمَنْ جَعَلَ لَهُ خَلِيفَةً فَهُوَ مُشْرِكٌ بِهِ (الفتاوی الکبری ج 5 ص 124)

جنهن ماڻهو الله جي لاءِ ڪو خليفو ڪيو تہ اهو الله سان شرڪ ڪندڙ آهي.

شيخ الباني جي فتويٰ:

شيخ ابن تيميہ جي پيروڪارن مان شيخ الباني بہ ان ڳالهہ تي گهڻو زور ڏنو آهي ڪنهن ماڻهو کي الله جو خليفو چوڻ شرڪ آهي. سندس لفظ آهن:

ولا يجوز أن يكون أحد خلفًا منه، ولا يقوم مقامه؛ لأنه لا سمي له، ولا كفء له . فمن جعل له خليفة فهو مشرك به (مجموع فتاوى العلامة الالباني (الجزء الاول والثاني) ج 1 ص 197)

اهو جائز ئي ناهي جو الله جو ڪو خليفو ٿئي يا ان جو ڪو قائم مقام ٿئي. ڇوتہ نہ الله جو ڪو نظير آهي نہ همسر پوءِ جنهن ماڻهو الله جي لاءِ ڪنهن کي خليفو بنايو تہ اهو الله سان شرڪ ڪرڻ وارو آهي.

اسان جو جواب: اسين چئون ٿا تہ شيخ ابن تيمية ۽ ان جي پيروڪارن جو اهو قول محلِ نظر آهي ڇو تہ جيئن اسان اڳ بيان ڪري آيا آهيون تہ خلافت رڳو ڪنهن جي موت ضعف يا غائب هجڻ ۾ نہ ٿيندي آهي پر خلافت ٻي معنيٰ ۾ بہ ايندي آهي جيئن علامہ راغب اصفهاني جو قول اسان اڳ آندو آهي ان چيو تہ : تکون لتشريف المستخلف

خلافت ، مستخلف جي پاران عزت افزائي سبب بہ هوندي آهي.

باقي سيدنا ابوبڪر رضي الله عنه جو قول تي سگهي ٿو تہ پاڻ تواضع سبب چيو هجين ڇو تہ جنهن کين "خليفة الله" چيو هيو پاڻ ان جو انڪار ڪونہ ڪيائون. ائين نہ فرمايائون تہ اهو شرڪ آهي بلڪہ سندن قول حسبي ذالک سندن انڪساري ۽ تواضع تي شاهد آهي.

مقامِ حيرت : حيرت جهڙي ڳالهہ آهي تہ شيخ ابن تيمية ۽ انجي پيروڪارن جي نظر هيترين سارين حديثن طرف ڇو نہ وئي جن ۾ پاڻ ڪريم ﷺ مختلف شخصيات کي الله جو خليفو سڏيو آهي. مثالطور چند حديثون پيش آهن:

حضرت آدم خليفة الله آهي: سندن خلافت قرآن جي نص مان ثابت آهي. ان ئي خلافت تي تہ فرشتن سان الله ڪريم جو ڪلام ٿيو هيو. جيئن ڪلامِ الاهي ۾ آهي تہ :

وَإِذْ قَالَ رَبُّكَ لِلْمَلَٰٓئِكَةِ إِنِّي جَاعِلٌ فِي الْأَرْضِ خَلِيفَةً ﴿البقرة: 30﴾

۽ ياد ڪر جنهن وقت تنهنجي پالڻهار ملائڪن کي فرمايو تہ مان زمين ۾ خليفو بنائڻ وارو آهيان.

اڪثر مفسرن مطابق هتي "خليفة" منجهان مراد حضرت آدم عليہ السلام آهي.

ڪن چيو تہ "خليفة" مفرد آهي پر ان مان مراد جمع "خلائف" جي ورتل آهي.

ان جو مطلب هي تہ اسان آدم ۽ ان جي پٽن کي خليفو بنايو.

الله جي خلافت مان ڇا مقصد ؟

ٻہ جليل القدر اصحابن ، حضرت عبد الله بن مسعود ۽ حضرت عبد الله بن عباس رضي الله عنهما ان آيت جو شرح ڪندي فرمايو تہ:

عَنِ ابْنِ مَسْعُودٍ وَابْنِ عَبَّاسٍ :إِنِّي جَاعِلٌ فِي الأَرْضِ خَلِيفَةً مِنِّي يَخْلُفُنِي فِي الْحُكْمِ بَيْنَ خَلْقِي ، وذَلِكَ الْخَلِيفَةُ هُوَ آدَمُ وَمَنْ قَامَ مَقَامَهُ فِي طَاعَةِ اللهِ وَالْحُكْمِ بِالْعَدْلِ بَيْنَ خَلْقِهِ . وَأَمَّا الإِفْسَادُ وَسَفْكُ الدِّمَاءِ بِغَيْرِ حَقِّهَا فَمِنْ غَيْرِ خُلَفَائِهِ ،

(تفسير الطبري ج 1 ص 480, تفسير ابن ڪثير دار طيبة ج 1 ص 218)

مان زمين ۾ پنهنجو خليفو بنايان ٿو جيڪو منهنجي خلق ۾ منهنجي حڪم جاري ڪرڻ وارو ٿيندو ۽ اهو خليفو حضرت آدم عليہ السلام هيو ۽ جيڪو الله جي عبادت ۽ مخلوق ۾ عدل ۽ انصاف سان ان جو حڪم جاري ڪرڻ وارو ٿيو. اهو الله جو خليفو آهي. پر فساد ڪرڻ، ناحق رت هارڻ وارو خليفو نہ آهي.

قولِ ابو حيان: زمين تي آيل سڀ نبيءَ سڳورا الله جا خليفا آهن. رب ڪريم نالو رکو حضرت آدم عليہ السلام جو ورتو ڇو تہ اهو "ابوالخلائف" آهي.

حضرت آدم خليفة الله جي حقيقت:

اهلِ دل ۽ عرفاءَ وٽ الله جو اصلي ۽ حقيقي خليفو آدم (انسان) آهي. ڇو تہ الله پاڪ آدم کي پنهنجي صورت تي پيدا ڪيو آهي. پر اها خلافت انهن شين ۾ آهي جن ۾ رب پاڻ ان کي خليفو بنايو آهي.

ٻانهو پنهنجي رب کي پنهنجو خليفو بنائي سگهي ٿو ۽ اها خلافتِ مطلقہ هوندي آهي. ڇو تہ رب پاڪ ٻانهي جي هر شيءِ جو مالڪ ۽ مختار هوندو آهي.

صاحبِ علم الباطن حضرت محي الدين ابن العربي رحمت الله عليہ فرمايو تہ :

انما كانت الخلافة لآدم عليه السلام دون غيره من اجناس العالم لكون الله تعالىٰ خلقه علىٰ صورته ﴿فتوحات المكية: ج 1 ص 263﴾

جهانَ جي جنسن (ارڙهن هزار مخلوقات) مان خلافت صرف آدم عليہ السلام لاءِ مخصوص هئي ڇو تہ آدم کي الله پنهنجي صورت تي خلقيو هيو. پاڻ ٻي جاءِ تي فرمايائون:

ان الانسان هو العين المقصود لله من العالم وانه الخليفة حقاوانه محل ظهور الاسماء الالٰهية وهو الجامع لحقائق العالم كله ﴿فتوحات المكية: ج1 ص125﴾

جهان کي جوڙڻ ۾ الله جو اصلي مقصود انسان ئي آهي اهو ئي برحق خليفو آهي. اهو اسماءِ اللهيہ جي ظاهر ٿيڻ جو هنڌ آهي ۽ اهو جهان جي جملي حقيقتن جو جامع آهي.

اهلِ باطن وٽ خلافت ڇا آهي؟

وكما ان الخليفة قد استخلف من استخلفه فى ماله وجميع احواله لما اتخذه وكيلا فاستخلاف العبد ربه لما اتخذه وكيلا خلافة مطلقة واستخلاف الرب عبده خلافة مقيدة بحسب ماتعطيه ذاته و نشأته ﴿الفتوحات المكية: ج3 ص299﴾

۽ جيئن خليفو پنهنجي خلافت ڏيڻ واري جي مال ۽ سڀ احوال ۾ ان جو قائم مقام بنبو آهي جڏهن ان کي پنهنجو وڪيل بنائيندو آهي. پر ٻانهي جو پنهنجي پالڻهار کي خليفو بنائڻ اها خلافت مطلقہ آهي ۽ رب پاڪ جو ٻانهي کي خليفو بنائڻ اها خلافتِ مقيد آهي. اها خلافت ان آهر آهي جيڪي الله ان جي شخصيت ۽ انجي پرورش مطابق عطا ڪري.

شيخ اڪبر محي الدين ابن العربي خلافتِ باطينية جو مزيد بيان ڪندي فرمائي ٿو :
"**خلفاء الله**" الله جا خليفا انبياءِ ڪرام آهن، جيڪي بنا ڪنهن واسطي جي سنئون سڌو رب العالمين کان احڪام وصول ڪن ٿا. **ٻيا "خلفاء الرسل**" آهن انهن کي شريعت جا احڪام رسولن جي واسطي سان ملن ٿا. اهي ظاهري شريعت جا تابعدار هوندا آهن.

الخليفة هو الذي يتلقى الامر من الله مباشرة بلا واسطة كما يتلقى الخلفاء الامر من الرسل في ظاهر الشرع ﴿فصوص الحكم : ج 1 ص 162﴾

خليفو اهو آهي جنهن مٿان سنئون سڌو بنا ڪنهن واسطي جي الله پاران امر القاءُ ڪيو وڃي ٿو. جيئن "خلفاءِ الامر" شريعت جا ظاهري احڪام رسولن کان حاصل ڪن ٿا.

حضرت آدم جي خلافت مطلق يا مقيد :

ان ڳالهه ۾ علماءَ جي درميان اختلاف رهيو آهي. ڪن چيو ته حضرت آدم عليه السلام جي خلافت مقيد هئي جيئن هينئر اسان شيخ اڪبر جو قول بيان ڪيو. ڪن چيو مطلق هئي.

قولِ ابوحيان: حضرت آدم جي خلافت مقيد هئي. ڪين ٽن شين ۾ اجازت هئي.

1. الحكم بالحق والعدل : حڪومت حق ۽ عدل سان هلائڻ.

2. عمارة الارض يزرع و يحصد و يبني ويجري الانهار : زمين کي آباد ڪرڻ پوکڻ ۽ لُڻڻُ جايون جوڙڻ ۽ نهرون جاري ڪرڻ.

ٻين فرمايو ته حضرت آدم جي خلافت مطلق هئي. الله عزوجل فرشتن اڳيان حضرت آدم جي خلافت جو اظهار هنن لفظن ۾ ڪيو ؛ وَإِذْ قَالَ رَبُّكَ لِلْمَلٰٓئِكَةِ إِنِّي جَاعِلٌ فِي الْأَرْضِ خَلِيفَةً ۗ ۽ ياد ڪر جڏهن تنهنجي رب ملائڪن کي چيو ته مان زمين ۾ پنهنجو خليفو بنائڻ وارو آهيان. ان لفظن ۾ ڪي به شرائط يا قيد ڪو نه هئا. علماءَ فرمايو ته هتي توڙي جو مطلق جو لفظ نه آيو آهي پوءِ به اها اجازتِ مطلق هئي ۽ هتي "خليفة" اسم فاعل جي معنيٰ ۾ آيو نه ڪه اسم مفعول جي معنيٰ ۾. اگر اسم مفعول جي معنيٰ ۾ هجي ها ته فرشتا ائين چوچون ها :

أَتَجْعَلُ فِيهَا مَنْ يُفْسِدُ فِيهَا وَيَسْفِكُ الدِّمَآءَ ۚ وَنَحْنُ نُسَبِّحُ بِحَمْدِكَ وَنُقَدِّسُ لَكَ ۗ

ڇا تون زمين ۾ ان کي خليفو بنائين ٿو جيڪو ان ۾ فساد ڪندو رت هاريندو

۽ اسان تنهنجي تعريف جي تسبيح پڙهون ٿا ۽ تنهنجي پاڪائي بيان ڪيون ٿا.

تہ الله تعاليٰ هيئن فرمايو: قَالَ اِنِّيْٓ اَعْلَمُ مَا لَا تَعْلَمُوْنَ

فرمايائين جيڪي مان ڄاڻان ٿو سو اوهان نہ ٿا ڄاڻو.

انهن لفظن ۾ دليل آهي تہ فرشتا حضرت آدم عليہ السلام ۽ ان جي اولاد جي خلافت جي حڪمت کان بي خبر هئا. نہ انهن کي انسان جي خلافت جي خبر هئي نہ طبيعت جي. پوءِ رب العالمين انهن کي انسانن جي علم، قوت، قدرت ۽ طبيعت بابت تجربو ڪري ڏيکاريو تہ جنهن کي مون خليفو بنايو آهي ان کي اهڙو علم عطا ڪيو اٿم جنهن جي اوهان فرشتن کي بہ خبر نہ آهي. رب العالمين جڏهن ڪيس خلافت ڏني تہ ان سان گهربل قوتون ۽ طاقتون علم ۽ ادراڪ بہ عطا ڪيائين. معلوم ٿيو تہ :

خلافت ڏيندڙ الله پاڪ جنهن کي خلافت ڏني ان کي :

1. گهربل علم بہ عطا ڪيائين.
2. ان جي مدد بہ ڪيائين.
3. ان کي شرف ۽ شان، مرتبو ۽ مان بہ عطا ڪيائين.
4. ڪيس عزت ۽ تعظيم، وقعت ۽ وقار بہ ڪيائين.
5. ان خليفي جي اولاد کي بہ خلافت ڏنائين ۽ عزت جو تاج پهرايائين.

وَلَقَدْ كَرَّمْنَا بَنِيْٓ اٰدَمَ (بني اسرآئيل:70) ۽ البتہ تحقيق اسان اولادِ آدم کي عزت وارو بنايو. اها خلافت اطاعت فرمانبرداري ۾ هئي پر جن ان اطاعت کان ڪنڌ ڪڍيو سي خلافتِ الاهيہ جا مستحق نہ آهن. رب فرمايو :

فَمَنْ كَفَرَ فَعَلَيْهِ كُفْرُهٗ ۭ وَلَا يَزِيْدُ الْكٰفِرِيْنَ كُفْرُهُمْ عِنْدَ رَبِّهِمْ اِلَّا مَقْتًا ۚ وَلَا يَزِيْدُ الْكٰفِرِيْنَ كُفْرُهُمْ اِلَّا خَسَارًا (فاطر:39)

پوءِ جنهن ڪفر ڪيو ان جو ڪفر ان مٿان آهي ۽ ڪافرن کي انهن جو ڪفر الله وٽ ڪاوڙ ئي وڌائي ٿو ۽ ڪافرن کي انهن جو ڪفر بربادي ئي وڌائي ٿو.

هن آيت تي غور ڪجي تہ ان ۾ رب ڪريم عموماً سڀ بشرن کي مخاطب آهي تہ اهي ”خلائف في الارض“ زمين ۾ خليفا آهن. يعني انهن مان هڪڙا ٻين جا خليفا ٿيندا پر جيڪي انهن مان الله جي عبادت ۽ بندگي مان نڪري ڪفر ۾ ڪاهي پيا ۽ رب جي نازل ڪيل هدايت کان هٽي ويا تہ اهو ڪفر انهن کي ڪو فائدو ڪو نہ ڏيندو بلڪ اهي الله جي ڪاوڙ جا حقدار دنيا آخرت جي خساري ۾ پئجي ويا.

خلافتِ عامہ ۽ خلافتِ خاصہ:

انبياءِ ڪرام زمين تي الله جا خليفا آهن. اها خلافتِ خاصہ ۽ خلافتِ انبياء آهي. ان کان پوءِ نبين جي تابعداري ۽ فرمانبرداري ڪرڻ وارا ٻانها بہ ڌرتي تي الله جا خليفا آهن. اها خلافتِ عامہ آهي جنهن ۾ هر مؤمن داخل آهي.

خلفاءَ مٿان انعامات:

جن کي رب العالمين ڌرتي تي خليفو بنائيندو آهي ان جي ضرورتن جو پورائو ڪندو آهي. انهن کي علم ۾، عمل ۾، جسم ۾، درجات ۾ بلندي عطا ڪندو آهي.

وَاذْكُرُوْٓا اِذْ جَعَلَكُمْ خُلَفَآءَ مِنْۢ بَعْدِ قَوْمِ نُوْحٍ وَّزَادَكُمْ فِي الْخَلْقِ بَصْۜطَةً ۚ (الاعراف:69)

وَهُوَ الَّذِيْ جَعَلَكُمْ خَلٰٓئِفَ الْاَرْضِ وَرَفَعَ بَعْضَكُمْ فَوْقَ بَعْضٍ دَرَجٰتٍ لِّيَبْلُوَكُمْ فِيْ مَآ اٰتٰىكُمْ ۭ اِنَّ رَبَّكَ سَرِيْعُ الْعِقَابِ ڮ وَاِنَّهٗ لَغَفُوْرٌ رَّحِيْمٌ ۧ (الانعام : 165)

خلفاء الارض:

جيڪي ٻانها ايمان آڻي پوءِ صالح عمل ڪن ٿا الله جي وحدانيت جا اقراري شرڪ کان فراري آهن الله انهن کي زمين تي خليفو بنائي ٿو.

وَعَدَ اللّٰهُ الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا مِنْكُمْ وَعَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ لَيَسْتَخْلِفَنَّهُمْ فِي الْاَرْضِ كَمَا اسْتَخْلَفَ الَّذِيْنَ مِنْ قَبْلِهِمْ ۠ وَلَيُمَكِّنَنَّ لَهُمْ دِيْنَهُمُ الَّذِي ارْتَضٰى لَهُمْ وَلَيُبَدِّلَنَّهُمْ مِّنْۢ بَعْدِ خَوْفِهِمْ اَمْنًا ۭ يَعْبُدُوْنَنِيْ لَا يُشْرِكُوْنَ بِيْ شَـيْـــًٔـا ۭ ﴿النور: 55﴾

ابن ڪثير چيوتہ هن آيت ۾ الله ڪريم پنهنجي حبيب سان وعدو ڪيو آهي. سندس فرمانبردارن کي زمين جو خليفو بنائيندو.

انهن خليفن جي ذريعي ماڻهن ۾ ماڳن جو اصلاح فرمائيندو خوف بعد امن عطا ڪندو. سو رب ڪريم ڪري ڏيکاريو. رب فرمايو تہ :

اَمَّنْ يُّجِيْبُ الْمُضْطَرَّ اِذَا دَعَاهُ وَيَكْشِفُ السُّوْٓءَ وَيَجْعَلُكُمْ خُلَفَآءَ الْاَرْضِ ؕ (النمل:62)

انهن صالحين ۾انهن کي رب ڌرتي جو وارث بنائيندو آهي.

وَلَقَدْ كَتَبْنَا فِي الزَّبُوْرِ مِنْۢ بَعْدِ الذِّكْرِ اَنَّ الْاَرْضَ يَرِثُهَا عِبَادِيَ الصّٰلِحُوْنَ (الانبيآء:105)

الله جا خليفا :

حضرت حبيب ڪريم ﷺ حذيفہ رضي الله عنه کي فرمايو هيو تہ :

ثُمَّ تَكُونُ دُعَاةُ الضَّلاَ لَةِ ، فَإِنْ رَأَيْتَ يَوْمَئِذٍ خَلِيفَةَ اللهِ فِي الأَرْضِ فَالْزَمْهُ

(مسند أحمد ج 5 ص 403)

پوءِ گمراهي ڏانهن سڏڻ وارا ماڻهو پيدا ٿيندا پوءِ اگر ان ڏينهن زمين تي الله جو خليفو ڏسين تہ ان سان گڏجي وڃجانءِ. سراج المنير ۾ آهي رسول الله ﷺ فرمايو تہ :

من امر بالمعروف و نهى عن المنكر فهو خليفة الله فى ارضه و خليفة رسول الله ﷺ و خليفة كتابه

جنهن ماڻهو نيڪين جو امر ڪيو براين کان منع ڪئي تہ اهو ڌرتي تي الله جو خليفو آهي ۽ ان جي رسول جو خليفو آهي ۽ ان جي ڪتاب جو خليفو آهي.

اها حديث طبراني بہ پنهنجي تفسير ۾ آندي آهي.

رسول الله ﷺ جا خليفا:

حضرت حبيب ڪريم ﷺ جي دنيا تان پردي فرمائڻ بعد سلطنتِ اسلامي جو پهريون سلطان حضرت سيدنا ابوبڪر رضي الله عنه بنيو پر ان پاڻ کي بادشاهہ چوائڻ پسند نہ ڪيو بلڪ پاڻ کي "خليفة رسول الله" سڏايائين ان ڪري پاڻ سلطنتِ اسلاميہ جا پهريان قائد ۽ سلطان ۽ رسول الله ﷺ جا پهريان خليفہ بلا فصل آهن. پوءِ حضرت عمر فاروق رضي الله عنه ٻيو خليفو ٿيو. ٽيون خليفو حضرت عثمان غني رضي الله عنه چوٿون خليفو حضرت مولا علي ڪرم الله وجہ پنجون خليفو حضرت سيدنا امام حسن بن علي رضي الله عنه ٿيو.

ان کان پوءِ جيئن بنو اميہ جي بادشاهي هلي. پوءِ بنو عباس جي بادشاهي هلي. اهي بہ پاڻ کي بادشاهہ جي بجاءِ خليفو سڏائيندا هئا. تانجو اهو سلسلو خلافتِ عثمانيہ جي ٽٽڻ تي ختم ٿيو. هاڻي اسلامي ملڪن جا بادشاهہ پاڻ کي خليفہ سڏائڻ بجاءِ کي ”ملڪ“ کي صدر کي وزيراعظم سڏائن ٿا. امام سيوطي جو ڪتاب تاريخ الخلفاء خلفاءِ راشدين خلفاءِ بنو اميہ ۽ خلفاءِ بنو عباس جي تاريخ تي سٺو ڪتاب آهي.

خليفہ ۽ مَلِڪَ ۾ فرق: صبح الاعشيٰ جلد ۾ آهي تہ هڪ ڏينهن حضرت عمر فاروق رضي الله عنه حضرت طلحہ ۽ زبير ۽ ڪعب ۽ سلمان رضوان الله عليهم اجمعين کان پڇيو تہ خليفي ۽ مَلِڪَ ۾ ڪهڙو فرق آهي؟ طلحہ ۽ زبير چيو اسان کي خبر ناهي. حضرت سلمان رضي الله عنه چيو تہ :

الخليفة الذي يعدل فی الرعية و يقسم بينهم بالسوية و يشفق عليهم شفقة الرجل علیٰ اهله و الوالد علیٰ ولده و يقضی بينهم بكتاب الله تعالی

خليفو اهو آهي جو رعيت ۾ عدل ڪري، ورهاست ۾ برابري ڪري، انهن تي ائين شفقت ڪري جيئن ماڻهو پنهنجي گهروارن تي شفقت ڪندو آهي يا پيءُ پنهنجي پٽ تي شفقت ڪندو آهي ۽ انهن جي وچ ۾ الله جي ڪتاب مطابق فيصلا ڪري.

اهو ٻڌي ڪعب چيو تہ مون تي سمجهيو تہ هن مجلس ۾ ڪوبہ خليفي ۽ بادشاهہ جي وچ ۾ فرق بيان ڪري نہ سگهندو پر الله تعاليٰ سلمان تي حڪمت ۽ علم الهام ڪيو آهي.

(الخلافة فی الارض لاحمد حسن فرحات ص 45)

امام بيهقي سيدنا ابوهريره رضي الله عنه کان روايت ڪئي رسول الله صلى الله عليه وسلم فرمايو تہ :

يكون بعد الأنبياء خلفاء يعملون بكتاب الله ويعدلون في عباد الله ثم يكون بعد الخلفاء ملوك (دلائل النبوة للبيهقی ج 6 ص 340)

نبين کان پوءِ خليفا ٿيندا جيڪي الله جي ڪتاب تي عمل ڪندا الله جي ٻانهن ۾ عدل ڪندا. خليفن کان پوءِ بادشاهہ ٿيندا. ....الخ

سڀ کان وڏا سياستدان انبياءِ ۽ انهن جا خلفاء هئا :

اڄ مذهبي لڏي ۾ خاص ڪري اهلِ ذڪر فقيرن جي ذهن ۾ آهي تہ سياست تمام بُري شيءِ آهي. سياست کان شديد نفرت ڪئي وڃي ٿي حالانڪ سياست اسلام جو حصو آهي. دين جي احڪامن جو اجراءُ عدل ۽ انصاف جو ملڻ، غربت جو خاتمو، معاشي مسائل جو حل، سماجي، معاشي ۽ معاشرتي مسائل ۽ مونجهارن جو حل اهو آهي تہ سياست صالح ۽ الله جي خوف وارن ۽ انهن جي هٿ ۾ هجي. جڏهن حڪومت ، اختيار ۽ پاوَرُ نا اهلن جي هٿِ هجي تہ پوءِ اهو حال ٿئي ٿو جيڪو اڄ اسان جي قوم ڀوڳي رهي آهي.

موبائيل ۾ هڪ ميسيج مليو سو هتي لکڻ مناسب لڳي ٿو.

جو ڪالهہ وڪاڻو ڪرسيءَ تي سو اڄ عدالت ڪيئن ڪري؟
تون ڪنهن کان ٿو انصاف گهرين هي شوم سخاوت ڪيئن ڪري؟
جو پاپ ڪري ٿو پيٽ ڀري سو ڪنهن کي بخشي ڪيئن ڀلا؟
جنهن کاڌو مال يتيمن جو سو چور شرافت ڪيئن ڪري؟
جنهن نوٽَ ڏئي آ سِيٽَ ورتي سو نوٽ بنا ڪيئن نوٽ هٽي؟
جو رحم ڪري ٿو روڪڙ تي سو مفت رعايت ڪيئن ڪري؟
شيطان صفت مغرور مُنو اسلام جي پيڙي ٻوڙي ٿو،
جو ساڙ اندر ساڙول سڙيو بي دين ديانت ڪيئن ڪري؟

صحيح بخاري ۾ سيدنا ابوهريره رضي الله عنه کان روايت آهي رسول الله ﷺ فرمايو تہ :

كَانَتْ بَنُو إِسْرَائِيلَ تَسُوسُهُمُ الأَنْبِيَاءُ كُلَّمَا هَلَكَ نَبِيٌّ خَلَفَهُ نَبِيٌّ وَإِنَّهُ لاَ نَبِيَّ بَعْدِي وَسَيَكُونُ خُلَفَاءُ فَيَكْثُرُونَ قَالُوا : فَمَا تَأْمُرُنَا قَالَ فُوا بِبَيْعَةِ الأَوَّلِ فَالأَوَّلِ أَعْطُوهُمْ حَقَّهُمْ فَإِنَّ اللَّهَ سَائِلُهُمْ عَمَّا اسْتَرْعَاهُمْ . (صحيح البخاري حسب ترقيم فتح الباري ج 4 ص 206)

فيڪثرون جي لفظ مان بعض علماء اهو دليل ورتو آهي تہ خلفاءِ راشدين کان بعد ايندڙ بادشاهن کي بہ خليفو سڏي سگهجي ٿو.

عَنِ ابْنِ مَسْعُودٍ ، قَالَ : قَالَ رَسُولُ اللَّهِ ﷺ كَانَتْ أَنْبِيَاءُ ، وَبَعْدَ الأَنْبِيَاءِ خُلَفَاءُ يَهْدُونَ بِهَدْيِهِمْ ، وَيَسْتَنُّونَ بِسُنَّتِهِمْ ، وَيَعْمَلُونَ بِأَعْمَالِهِمْ ، وَكَانَ بَعْدَ الْخُلَفَاءِ مُلُوكٌ

يُخَالِفُونَ أَعْمَالَهُمْ بِأَهْوَائِهِمْ ، فَمَنْ بَارَأَهُمْ نَجَا ، وَمَنِ اعْتَزَلَهُمْ سَلِمَ ، وَمَنْ بَاشَرَهُمْ هَلَكَ (معجم ابن الأعرابي ج 1 ص 257)

امام مهدي الله جو خليفو هوندو:

حضرت حبيب ڪريم ﷺ امام مهدي کي پنهنجي زبانِ نبوت سان خليفة الله چيو آهي. جيئن هيٺين حديثن ۾ صراحت سان ڪيس "خليفة الله " سڏيو ويو آهي.

فَإِذَا رَأَيْتُمُوهُ فَبَايِعُوهُ ، وَلَو حَبوًا عَلى الثَّلجِ فَإِنَّهُ خَلِيفَةُ الله الْمَهْدِي. (مسند البزار ج10 ص100)

فان فيها خليفة الله المهدي (مسند أحمد بن حنبل ج 5 ص 277)

فإن رأيت يومئذ خليفة الله في الأرض فالزمه (مسند أحمد بن حنبل ج5 ص 403)

فَإِنَّهُ خَلِيفَةُ اللهِ الْمَهْدِيُّ (سنن ابن ماجة ج 2 ص 1367)

عَنْ ثَوْبَانَ رَضِيَ اللَّهُ عَنْهُ ، قَالَ : إِذَا رَأَيْتُمُ الرَّايَاتِ السُّودَ خَرَجَتْ مِنْ قِبَلِ خُرَاسَانَ فَأْتُوهَا وَلَوْ حَبْوًا ، فَإِنَّ فِيهَا خَلِيفَةَ اللهِ الْمَهْدِيَّ. (المستدرك علي الصحيحين ج 4 ص 502) *

هنن حديثن مان معلوم ٿيو تہ انبياءَ ، اولياءَ ۽ صلحاءَ بہ الله جا اعزازي خليفا آهن. تہ پوءِ علامہ ابن تيميہ جو اهو قول ڪيئن مڃجي جنهن ۾ پاڻ چوي ٿو تہ ڪنهن کي الله جو خليفو چوڻ شرڪ آهي.

---

* امام حاڪم چيو تہ هَذَا حَدِيثٌ صَحِيحٌ عَلَى شَرْطِ الشَّيْخَيْنِ ، وَلَمْ يُخْرِجَاهُ.اها روايت امام بيهقي بہ دلائل النبوة ۾ آندي آهي. دلائل النبوة۔ للبيهقي ج 6 ص 516

انبياءِ ڪرام جا خليفا:

حضرات انبياءِ ڪرام بہ پنهنجا خليفا بنايا هئا. حضرت موسيٰ عليہ السلام جو حضرت هارون کي پنهنجو خليفو بنائڻ نص قرآني مان ثابت آهي.

وَ قَالَ مُوْسٰى لِاَخِيْهِ هٰرُوْنَ اخْلُفْنِيْ فِيْ قَوْمِيْ (الاعراف:142)

۽ موسيٰ پنهنجي ڀاءُ هارون کي چيو تہ منهنجي قوم ۾ منهنجو خليفو ٿيءُ.

هن آيت مطابق:

1. هڪ نبي ٻئي نبيءَ جو خليفو ٿيو.
2. حضرت موسيٰ عليہ السلام ننڍو هيو، حضرت هارون عليہ السلام وڏو هيو. معلوم ٿيو تہ ننڍي عمر وارو بہ اگر اهلِ فضل آهي تہ وڏي عمر واري کي پنهنجو خليفو بنائي سگهي ٿو.
3. هڪ ڀاءُ ٻئي ڀاءُ جو خليفو ٿي سگهي ٿو.
4. خليفو بنائڻ منجهان مراد ان قوم جي نگراني ڪرڻ انهن کي الله جي احڪامن تي هلائڻ آهي.
5. شيخ پنهنجي خليفي کان پڇا ڳاڇا ڪري سگهي ٿو. جيئن حضرت موسيٰ موٽي اچي حضرت هارون عليہ السلام کان باز پرس ڪئي.
6. جڏهن قوم ڳابي جي پوڄا شروع ڪئي تہ موسيٰ عليہ السلام ڪاوڙ ۾ پنهنجي ڀاءُ هارون عليہ السلام کان سخت پڇاڻو ڪيو تہ تو قوم جي سنڀال ڇونہ ڪئي؟
7. حضرت هارون عليہ السلام چيو تہ مون تہ ڪين گهٽ ڪئي سمجهايو پر نہ مُڙيا.

فَلَا تُشْمِتْ بِيَ الْاَعْدَآءَ (الاعراف:150) مون تي دشمن نہ کلاءِ.

8. جتي حضرت موسيٰ عليہ السلام جو خليفو حضرت هارون عليہ السلام موجود هيو اتي سامري جهڙا شعبدي باز بہ موجود هئا. انڪري خليفن کي سامرين جي شر ۽ شرارتن تي ڪڙي نظر رکڻ گهرجي.

حضرت آدم عليہ السلام جو خليفو:

حضرت سيدنا آدم عليہ السلام پنهنجي وصال واري وقت حضرت سيدنا شيث عليہ السلام کي پنهنجو خليفو بنايو هيو. جئين حديث پاڪ ۾ آهي تہ :

أي بني أنت خليفتي من بعدي (الدر المنثور في التفسير بالمأثور للسيوطي (5/133)

اي پٽ مون کان پوءِ تون منهنجو خليفو آهين.

خليفة الله ۽ خليفة الشيطان: جڏهن معلوم ٿيو تہ خليفي جي معنيٰ آهي نائب ۽ الله جي نائب جو مقصد تہ الله عزوجل جا آسماني احڪام ۽ شرعي قانون سندس ڌرتي تي جاري ڪرائڻ وارو. پوءِ عالم اجساد جي اعتبار سان الله جو پهريون خليفو حضرت آدم عليہ السلام آهي. عالم ارواح جي اعتبار سان الله پاڪ جو پهريون خليفو حضرت محمد ﷺ آهي. تمام انبياء ڪرام الله جا خليفا آهن. انبيائن کان بعد انهن جا اصحاب ۽ اصحابن جا تابعدار علماء اولياء ۽ تمام عادل بادشاھ شرعي نظام کي هلائيندڙ اهي سڀ پنهنجي نبيء جا خليفا ۽ نائب آهن. يعني اهي پنهنجي نبي جي واسطي سان خدائي خليفا آهن. مگر انبياء بلاواسطہ الله تعاليٰ جا خليفا آهن. تمام بني آدم جا ارواح پنهنجي جسمن واري ولايت جا خليفا آهن. الله تعاليٰ روح کي جسم جو بادشاھ بنايو تہ اي روح تون پنهنجي جسم جو بادشاھ آهين پنهنجي جسم ۾ نظام مصطفيٰ قائم ڪر. مثلاً ڏاڙهي رکڻ، پٽڪو ٻڌڻ، ۽ ڏندڻ ڏيڻ، نماز پڙهڻ. الله جا احڪام ۽ فيصلا دل جان سان مڃڻ ۽ قبول ڪرڻ ۽ باقائده شريعت تي عمل ڪرڻ. پر اهي ماڻهو جن الله جي احڪام کي ڇڏي شيطان جي راھ کي اپنايو اهي ابليس جا خليفا آهن. مثال اهڙا حاڪم جيڪي نظام مصطفيٰ جا دشمن آهن. ڪوڙ، دجل، فريب، بيحيائي، ظلم، زوري، زنا، فساد، چوري وغيره کي فروغ ڏين ٿا تہ اهي شيطان جا خليفا آهن. پوءِ دنيا ۾ الله جي خليفن ۽ شيطان جي خليفن جي جنگ جاري آهي.الله پاڪ جي جماعت جي جنگ کي جهاد چئبو آهي. جيڪا الله جي قانون کي نافذ ڪرڻ ۽ عدل انصاف قائم ڪرڻ لاءِ آهي. بيشڪ اها ئي جماعت حزب الرحمن آهي. اها ئي غالب ٿيندي ۽ شيطان جي جماعت واري جنگ کي دهشتگردي ۽ ظلم چئبو جيڪا نظام مصطفيٰ جي خلاف آهي انهن جي پڇاڙي خراب ٿيندي.

خلاصہِ ڪلام:

- انبياءِ ڪرام الله جا خليفا آهن.
- نبين جا اصحابي نبين جا خليفا آهن.
- صالح ٻانها بہ الله جا خليفا آهن.
- صالح ٻانهن مان هڪڙا ٻين جا خليفا آهن.
- هڪڙيون قومون ٻين قومن جون خلائف آهن. جيئن امتِ محمديہ ٻين سڀ امتن جي خلائف آهي. جيڪا الله جي اطاعت ڪندڙ ۽ زمين کي آباد ڪندڙ آهي.

مرشد پير غفاري

منهنجا مرشد پير غفاري، تنهنجي ساري جماعت پياري.تو ڪيو رب راضي آ.

- تنهنجو شان شرف آ عالي، تنهنجي درتان نہ موٽيو خالي. تو ڪيو رب راضي آ...
- تنهنجو چهرو حسين نوراني، تنهنجي پيارل پاڪ پيشاني. تو ڪيو رب راضي آ...
- تون مرشد پير حقاني، تنهنجو فيض آهي لافاني. تو ڪيو رب راضي آ...
- تنهنجي نور ڀري دربار آ، جتي رحمت جو وسڪار آ. تو ڪيو رب راضي آ...
- تنهنجا هڙئي خليفا پيارا، هئا فيض ڪرامت وارا. تو ڪيو رب راضي آ...
- توکي ”ڪرم الله“ جي ٻارت، جاني جلد ڪرائين زيارت. تو ڪيو رب راضي آ...

اولياءَ الله جا خليفا

اولياءِ ڪرام ڌرتي تي الله جا خليفا آهن ۽ رسول الله ﷺ جا خليفا آهن جيڪي ايمان ۽ اعمالِ صالح بعد پين تائين دين جا احڪام پهچائن ٿا. گمراهن کي دين جي راهه تي هلائن ٿا. فسق ۾ ڦاٿل فجور ۾ اٽڪيل انسانن کي پنهنجي تعليم ۽ تبليغ مهر و محبت ۽ حسنِ تربيت سان نيڪ ۽ صالح بنائن ٿا. انهن مٿان الله جي ذات راضي هوندي آهي. انهن تي رسول الله ﷺ جي خصوصي نظر ڪرم هوندي آهي. اُهي الله جا ولي پاڻا مقاصدِ حسنه واسطي پنهنجي مريدن مان ڪن کي خلافت ۽ نيابت عطا ڪندا آهن. پوءِ اُهي سندس اولاد مان هجن يا عزيز و اقرباء مان هجن يا مريدين متوسلين معتقدين مان هجن. اُهي جن تي راضي ٿيندا آهن يا الله تبارڪ و تعاليٰ پاران انهن کي ڪنهن جي باري ۾ ڪشف يا الهام ٿيندو آهي ته ان کي خلافت عطا ڪندا آهن.

جنهن کي ڪنهن ولي الله جي خلافت ملي ته اها ڪا معمولي ڳالهه نه آهي. خلافت ۽ اجازت ملڻ سان ان خليفي کي اولياء الله جي سلسلي ۾ ڪڙي سان ڪڙي ملائي ڇڏيندا آهن.

شيخ عمر ڪدوي جو قول: شيخ ڪدوي رحمت الله عليه فرمايو ته :

ان للاولياء خلفاء و نجباء و نقباء يستنون بِسُنَّتِهِمْ و يقتدون بِأُسْوَتِهِمْ و يبلغون الى درجاتهم بِصِدقِ اِرَادَتِهِمْ (ڪتاب الرماح: ج1 ص209)

الله جي دوستن جا خلفاء نجباء ۽ نقباء هوندا آهن. جيڪي سندن طريقي تي هلندا آهن ۽ انهن جي سيرت جي پيروي ڪندا آهن ۽ پنهنجي سچي ارادي سبب انهن جي درجن کي پهچندا آهن.

مرشد جي خلافت ڇا آهي؟

ڪو الله جو ڪامل اڪمل ولي الله جيڪو مسندِ ارشاد تي فائز آهي، جڏهن ڪنهن کي خلافت ڏئي ٿو ته ان کي پين جي رهبري ۽ رهنمائي جي خدمت سپرد ڪري ٿو.

ان الخلافة عبارة عن نيابة الشيخ الذى كان الخليفة، خليفة عنه لانه يوصل الى التلاميذ ما كان الشيخ يوصله اليهم *

خلافت عبارت آهي شيخ جي نائب هجڻ سان. جنهن جو اهو خليفو ٿيو آهي. خليفو مريدن کي ان شيءِ تائين پهچائي ٿو جنهن تائين شيخ پهچائيندو هيو.

هر ولي جا خليفا هوندا آهن:

حضرت شيخ عمر بن سعيد الفوتي الڪدوي رحمت الله عليه فرمائي ٿو ته:

ان لكل ولي خلفاء يستنون بسنته (رماح حزب الرحيم علي نحور حزب الرجيم: ج 1 ص 208)

هر وليءَ جا خليفا هوندا آهن جيڪي ان جي سنت ۽ طريقت تي هلندا آهن.

خلفاء جا حقوق:

وله عليهم من الحقوق جميع ما كان للشيخ عليهم بحكم الخلافة والنيابة ♥

خليفي جا جماعت مٿان اوترائي حق آهن جيترا انهن تي مرشد جا حق هئا. ان جي خلافت ۽ نيابت سبب.

خليفي جو مقام:

ڪنهن به بزرگ جو خليفو ان بزرگ جو قائم مقام هوندو آهي. ان جي پار ان جماعت مٿان سندس نائب هوندو آهي. ته هاڻي ان کي مرشد جي رنگ ۾ ڏسڻ لازم هوندو آهي. جيئن حضرت امام رباني مجدد الف ثاني رحمت الله عليه فرمايو ته:

عصاءِ پیر بجاءِ پیر: مرشد جي لٺ به مرشد جي قائم مقام هوندي آهي.

بزرگ خود متبع شريعت هجي، ظاهر با شرع، باطن با خدا هجي، اهو ڪنهن کي خلافت عطا ڪري ته اهو الاهي انعام آهي.

---

* كتاب الرماح للعلامة سيدى عمر الفوتى على هامش كتاب جواهر المعاني و بلوغ الاماني فى فيض سيدى ابو العباس التيجاني لسيد علي حرازم بن العربي المغربي الفاسي ج 1 ص 204 مطبوعه دار الكتاب العربي بيروت

♥ كتاب الرماح: ج 1 ص 205

- خليفي كي رنجائڻ مرشد كي رنجائڻ آهي.
- خلافت الله جي عطا ۽ انعام آهي.
- خلافت مقامِ نيابت آهي.
- خليفو مرشد جي فيوضات ۽ كمالات جو مظهر هوندو آهي.
- خليفي منجهان مرشد جي فيض جي جوت جركندي آهي.
- خليفو مرشد جي فيض جو امين هوندو آهي.
- خليفي كي سڃاڻڻ مرشد كي سڃاڻڻ آهي.
- خليفي جي خلافت جو انكار مرشد جي فيض جو انكار هوندو آهي.
- خليفي جي عزت كرڻ مرشد جي عزت كرڻ بلك سلسلي جي سڀ مشائخ جي عزت كرڻ آهي.
- خليفي كي رنجائڻ مرشد كي رنجائڻ آهي.
- خليفي جي خدمت كرڻ مرشد جي خدمت كرڻ آهي.
- خليفي جو ديدار مرشد جو ديدار هوندو آهي.
- خليفي جو قلب ۽ باطن مرشد جي فيض ولايت جو آئينہ دار هوندو آهي.
- خليفي جي خوشي مرشد جي خوشي هوندي آهي.

خلافت جا قسم

هر سلسلي جي بزرگن جي خلافت ڏيڻ جو طريقو جدا رهيو آهي.

1. زباني خلافت :

كن بزرگن جو طريقو آهي، اُهي زبان سان خلافت ڏيندا آهن. كنهن كامل اكمل ولي جي زبان مان لفظ نكرن تہ مون توكي خلافت ڏني تہ كاملن جو كلام الله وٽ مقبول هوندو آهي. خلافت ڏيڻ سان ان مريد جو حال مٽجي ويندو آهي. حضرت خواجہ محمد معصوم بن امام رباني مجدد الف ثاني پنهنجي مريد كي سامهون ويهاري فرمايو تون ابدال آهين تہ وليءَ جي لفظن نكرڻ سان اهو ابدال ٿي ويو. ٻئي كي فرمايائون تون قطب آهين تہ اهو قطب ٿي ويو. ان طرح جنهن كي جيكي لفظ چيائون ان جو اهو حال ٿي ويو.

2. خرقۂ خلافت:

بعض بزرگن جو طريقو اهو رهيو آهي تہ اهي پنهنجي ڪنهن نوازيل مريد کي جڏهن خلافت عطا ڪندا هئا تہ تڪميلِ مراتب بعد ان کي هڪ خاص لباس عنايت ڪندا هئا. ان کي خرقۂ خلافت سڏيندا آهن. خرقۂ خلافت مستحسنات صوفياء ۾ شمار ٿيندو آهي. ان جون صوفين وٽ مختلف صورتون رهيون آهن. ڪڏهن خليفي کي ٽئي ڪپڙا (پڳ، پهراڻ، سلوار) عطا ڪندا آهن. ڪڏهن صرف قميص يا جبو عطا ڪندا آهن. ڪڏهن صرف پڳ پهرائيندا آهن. ڪڏهن صرف ٽوپي پهرائيندا آهن. ان جو ثبوتِ احاديثِ نبويہ مان بہ ملي ٿو.

حضرت حبيب ڪريم ﷺ حضرت عبدالرحمن بن عوف کي اميرِ لشڪر بنائڻ وقت پنهنجي هٿن سان ڪاري رنگ جي پڳ ٻڌائي هئي. حضرت ڪعب بن زهير رضي الله عنه کي پنهنجي چادر عنايت فرمائي هئائون. بيبي ام خالد کي ڪاري رنگ جو جبو عنايت ڪيو هئائون. جيئن حضرت پير قريشي رحمت الله عليہ جڏهن حضرت پير مٺا سائين کي خلافت ڏيڻ جو ارادو فرمايو هيو تہ اول ڪيس پاڻ ڪپڙا پهرايا هئائون.

خرقي جي حقيقت: اهلِ دل ۽ اهلِ محبت ۽ اهلِ معرفت جو لباس فيض ۽ برڪت سان پرپور هوندو آهي. ان لباس ۾ شفا هوندي آهي. قرآن ۾ حضرت يوسف عليہ السلام جي قميص جو قصو موجود آهي. بي بي اسماءَ رضي الله عنها وٽ حضرت حبيب ڪريم ﷺ جو پهراڻ مبارڪ هيو جنهن جي ذريعي بيمارين کان شفا ملندي هئي.[1]

- ♥ اهلِ دنيا ۽ اهلِ تقويٰ جي لباس ۾ فرق هوندو آهي.
- ♥ خرقو بارگاهِ الاهي ۾ مقبوليت جي علامت هوندو آهي.
- ♥ خرقو ملڻ شيخ جي محبت ۽ چاهت جي علامت هوندي آهي.
- ♥ خرقو تڪميلِ حال جو ذريعو هوندو آهي.
- ♥ قوي الحال مرشد جي فيض جو اثر ان جي لباس تي بہ اثر انداز ٿيندو آهي.

---

[1] فنحن نغسلها للمرضى نستشفي بها (سنن البيهقي الكبرى ج 2 ص 423)

- صاحبِ حال مرشد جو لباس مريد جو حال بہ مٽائي ڇڏيندو آهي.
- خرقو باعثِ ترقي مدارج هوندو آهي.
- خرقو مڪارمِ اخلاق ۾ مددگار هوندو آهي.
- خرقو عبادتن جي الفت ۽ گناهن کان نفرت نصيب ڪندو آهي.
- خرقو اهلِ باطن جي زينت آهي.
- خرقو اهو لباس آهي جيڪو شيطان ۽ نفس ۽ سالڪ جي وچ ۾ پردو بنجي ٿو.
- خرقو ظلِ ولايت شيخ هوندو آهي. مرشد جي ولايت جو سايو هوندو آهي.
- خرقي پهرڻ سان شيطان ان کان پري هٽندو آهي.
- خرقي سان مريد پنهنجي مرشد جي رنگ ۾ رنگجي ويندو آهي.
- اولياء الله جو عطا ٿيل لباس جسم تي اچي تہ ظاهر جو اثر باطن تي پوندو آهي.
- خرقو دل جي ڪيفيت بدلائي ڇڏيندو آهي.

حضرت محي الدين ابن العربي جو ڪتاب ”الخرقة“ ان موضوع تي بهترين ڪتاب آهي. ان ۾ پاڻ خرقي جا فضائل ۽ ان جا اثرات ۽ ثمرات ۽ فوائد بيان فرمايا اٿن.

خرقي جا قسم: خرقہ جا ٽي قسم آهن.

1. خرقہ ء تبرڪ 2. خرقہء ارادت 3. خرقہء خلافت.

1. خرقہ تبرڪ: جيڪو شيخ پنهنجي دل جي خوشي سان ڪنهن کي بہ عطا ڪري اهو ان لاءِ تبرڪ آهي.

2. خرقہ ارادت: جيڪو ڪامل پانهو ڪنهن مريد کي عطا ڪري اهو ان سان ائين حال بنائي ٿو جيئن قميصِ يوسف ديده يعقوب سان حال ڪيو هيو.

3. خرقہ خلافت: اها خصوصي خلعت آهي جيڪا باطني نعمتن سان ڀرپور هوندي آهي.

خرقي جو رنگ: خرقي جو رنگ ڪٿي سائو، ڪٿي سفيد، ڪٿي ڪارو تہ ڪٿي لال گلابي هوندو آهي. پر حقيقت هي آهي تہ خرقي جو رنگ مناسبتِ حال موافق هوندو آهي. شيخ پنهنجي مريد جي حال کي ڏسي ان رنگ جو خرقو عطا ڪندو آهي.

ڪامل جي ڪپڙن جي تاثير:

حضرت شاھ گل حسن تذڪره غوثيہ حضرت غوثِ علي قلندر پاني پتي جي ملفوظات ۾ لکن ٿا، پاڻ فرمايائون تہ: شاھجهان پور هندستان ۾ هڪ بزرگ بالا خاني تي رهندو هيو. سندس پاڙي ۾ سپاهي رهندو هيو. بزرگ بيمار ٿي پيو، ڪيس اسهال ٿي پيا. سپاهي سوچيو تہ فقير درويش جو نہ ڪو خادم آهي نہ خيرخواھ ڇونہ آءٌ سندس خدمت ڪيان. پوءِ درويش جي تمام گهڻي خدمت ڪيائين. جڏهن سندس مرڻ جو وقت ويجهو آيو تہ سپاهي کي چيائين اها صندوق کڻي اچ. ان ۾ هڪ صدري ۽ گوڏ ۽ ٽوپي هئي. چيائين منهنجي مرشد مون کي هي خلعت عطا ڪئي هئي، اج اِها مان تنهنجي حوالي ٿو ڪيان. بزرگ وفات ڪري ويو. غسل ڪفن دفن مان فارغ ٿيا. ٽئين ڏينهن ماڻهن سپاهي کي چيو تہ بزرگ جي خلعت ڪڍ ۽ پاءِ. بس خلعت پائڻ سان سندس دل جي دنيا مٽجي وئي. اکين مان آب جاري ٿي ويو. دنيا کي ترڪ ڪري عابد زاهد بنجي ويو.

(تذڪره غوثيہ ص 193،192 ٿوري تبديلي سان)

درويش جي ٽوپي جو ڪمال:

هڪ ولي الله جي وصال جو وقت قريب آيو. عبادت خاني مان نڪري شهر ۾ آيو. سامهون هڪ ڪوري ڏٺائين جيڪو سُٽ اُٽي رهيو هيو. پاڻ ان کي سڏي فرمايائين ٻچا مون کي سرڪاري سڏ ٿيو آهي، منهنجي غسل ڪفن دفن جو انتظام ڪجانءِ. ائين چئي پنهنجي ٽوپي ان نوجوان جي مٿي تي پهريائين. پاڻ زمين تي ليٽيو ۽ دم پرواز ٿي ويس. ڇوڪري غسل ڪفن جو انتظام ڪيو. فقير کي دفن ڪري موٽيو پر سندس ڪيفيت مٽجي وئي. سيني ڪان الڳ ٿلڳ ٿي قطع تعلق ڪري الله جي عبادت ۾ مصروف ٿي ويو. فقير جي ٽوپي ان جي دل جي دنيا مٽائي ڇڏي.

سالکان دانند در میدانِ درد، تافنائے عشق با مرداں چہ کرد
سالھا بردند مرداں انتظار، تایکے را بار شد از صد ہزار

3. اجتماعي خلافت:

ڪو بزرگ پنهنجي وفات جي وقت ڪنهن مريد يا صاحبزادي کي پنهنجو خليفو منتخب ڪري ۽ پوءِ سندس سڀ جماعت ان جي خلافت تي متفق ٿي وڃي تہ ان کي اجتماعي خلافت سڏبو آهي.

4. افترائي خلافت :

1. جڏهن ڪو بزرگ ڪنهن کي پنهنجو خليفو ۽ جائنشين بنائڻ بنا دنيا تان پردو ڪري وڃي ٿو تہ هڪ رسم پئجي وئي آهي تہ ان بزرگ جي وارثن يا مريدن مان ڪنهن کي ان جو خليفو يا سجاده نشين ڪٽي بنائيندا آهن. ان کي سندس مصلي تي ويهاريندا آهن. صوفياءِ ڪرام وٽ اها خلافت درست ۽ معتبر نہ آهي.
2. ڪو بزرگ وفات ڪري ويو پنهنجي پويان ڪنهن کي بہ پنهنجو خليفو يا جائنشين بنائي نہ ويو تہ ان جي وارثن يا خليفن مان ڪو پنهنجي راءِ سان مسند تي ويٺو ۽ خود بخود پاڻ کي پير جو خليفو سڏائڻ لڳو. تہ اها بہ افترائي خلافت آهي. بزرگن وٽ ان جي ڪا اهميت ۽ حيثيت نہ آهي.

5. وراثتي خلافت:

ڪنهن بزرگ جي وفات بعد ان جي پٽ کي پڳ ٻڌائيندا آهن. خصوصًا پير جو وڏو پٽ انجو پڳدار پُٽُ سڏيندا آهن. پوءِ ان ۾ اهليت هجي يا نہ هجي. بس صرف ان جي وڏپڻ جي ڪري ان کي سجاده نشين بنائيندا آهن. مشائخ ڪرام وٽ باطني فيض مال ملڪيت وانگر ورثي جي شيءِ نہ آهي. ان لاءِ سلوڪ ڪاهڻ ڪمائڻ ضروري هوندو آهي. سنڌ جي گادين سان اها تمام وڏي زيادتي ٿي آهي جو غير حقدار ۽ غير اهل ماڻهو مسند نشين بنايا ويا آهن. جن جي ڪري درگاهن جو تقدس پامال ٿيو آهي. جماعتون بي راهہ روي جو شڪار ٿيون آهن. بزرگن جون ڪيل محنتون بي ثمر بنجي ويون آهن. جتي شب و روز ذڪر فڪر جون محفلون هونديون هيون اتي اڄ غير شرعي ۽ غير اسلامي ريتون رسمون ٿي رهيون آهن. خلافت ۽ سجاده نشيني کي ورثي جي شيءِ سمجهڻ اهلِ طريقت وٽ قطعًا جائز نہ آهي.

6. حُڪمي خلافت:

مرشد پنهنجي موجودگي ۾ ڪنهن کي خليفو مقرر نہ ڪيو پوءِ ان جي وفات بعد سجاده نشيني جو جهڳڙو شروع ٿي پيو. تانجو معاملو حڪومتِ وقت تائين پهتو. پوءِ عدالتَ ڏُرين مان ڪنهن هڪ کي خليفو ۽ سجاده نشين مقرر ڪيو تہ پوءِ قرآن جي حڪم:

يَا أَيُّهَا الَّذِينَ آمَنُوا أَطِيعُوا اللَّهَ وَأَطِيعُوا الرَّسُولَ وَأُولِي الْأَمْرِ مِنْكُمْ [النساء: 59]

اي ايمان وارئو الله جي فرمانبرداري ڪيو ۽ انجي رسول جي فرمانبرداري ڪيو ۽ اوهان مان جيڪي حڪم جا صاحب آهن انهن جي فرمانبرداري ڪيو.

ان حڪم مطابق اگر فيصلي ڪرڻ وارو "منكم" جي زمري ۾ اچي ٿو تہ پوءِ اها سجاده نشيني انهن لاءِ جائز آهي مگر مشائخ وٽ معتبر نہ آهي، ڇو تہ مسند نشيني لاءِ ان جي روحاني تربيت ضروري آهي. فناءِ نفس جي حصول بنا مرشد بنجڻ وارو نفعي کان وڌيڪ نقصان جو سبب بنبو آهي.

7. تَڪلِيفِي خلافت:

مشائخ وٽ گهري خلافت حاصل ڪرڻ درست نہ آهي. اهي گهرڻ واري کي خلافت نہ ڏيندا آهن. پر اگر مريد پير کان ڪوشش سان گهري يا ڪنهن کان سفارش ڪرائي بتڪلّف خلافت وٺي تہ اهڙي خلافت جي ڪا بہ اهميت نہ آهي.

8. اُويسي خلافت:

اگر سالڪ جو روحاني تعلق ڪنهن وفات ٿيل بزرگ جي روح سان مضبوط ٿي ويو ان جي روحاني فيوضات سان سندس باطني احوال جو اصلاح ٿيو تانجو مريد وڃي ڪمال کي پهتو، پوءِ ان بزرگ جي روح کان ان کي خلافت بہ حاصل ٿي تہ ان خلافت کي اويسي خلافت سڏبو آهي. صوفياءِ متقدمين اهڙي خلافت کي صحيح تسليم ڪيو آهي پر ان لاءِ ڪجهہ شرائط بہ رکيا آهن. جن مان سڀ کان اهم هي تہ سالڪ کي اهڙي فناءِ نفس حاصل ٿيل هجي جو ان بزرگ جي روح سان ملاقات ڪري سگهي ۽ ان کان اڪتسابِ فيض ڪرڻ جو اهل هجي.

خلافت لاءِ اهليت:

هر سلسلي جي مشائخ وٽ خلافت جي اهليت جو معيار جدا جدا رهيو آهي. حضرات نقشبنديه وٽ جيستائين مريد فناءِ نفس حاصل نہ ڪري وٺي تيستائين اهو خلافت جو اهلُ نہ آهي. فناءِ نفس مان مراد آهي ان جي اندر مان نفساني ۽ شهواني خيال ختم ٿين. صفاتِ رذيلہ جيئن : ڪوڙ، حسد، ساڙ، بغض، ڪينو، ڪدورت، عُجب، رِياءُ، وڏاءُ، دنيا جي محبت، لوڀ ۽ لالچ وغيره ان جي اندر مان نڪري وڃن ان جي جاءِ تي صفاتِ محموده جيئن: صبر، شڪر، رضا، تسليم، قناعت، نياز، انڪسار، الله جي محبت، رسول الله ﷺ جي غلامي جهڙيون سهڻيون عادتون ان ۾ پيدا ٿي وڃن تہ پوءِ اهو خلافت جو اهل آهي.

محقق صوفياء فرمايو تہ مريد جڏهن فنا في الرسول ۽ جبروت جي منزل تائين پهچي وڃي تہ پوءِ ان کي خلافت ڏيڻ جائز آهي. واجب نہ آهي. پر جڏهن مريد مشاهده ملڪوت ۽ شهودِ ذات تائين پهچي وڃي تہ هاڻي ان کي خلافت ڏيڻ واجب آهي.

بعض بزرگن فرمايو تہ مريد کي جڏهن خطره رحماني ۽ خطره شيطاني ۾ فرق ڪرڻ جي سڃاڻ اچي وڃي تہ هاڻي اهو خلافت جو اهل آهي.

پر جڏهن مرشد کي الله جي پاران اجازت ملي يا رسول الله جو فرمان ملي يا پنهنجي پير جي پاران اهڙو اشارو ملي تہ ان کي بلا خوف و خطر خلافت ڏيڻ گهرجي.

بعض بزرگن جو اهو معمول بہ رهيو آهي تہ اهي ڪنهن کي خلافت ڏيڻ کان اڳ استخارا ڪندا هئا.

ڪَچي ڪانِي ڪانهَن، ٻُڏا ڪَدي ٻارِ مان؛
يا لَنگهائي، لَطِيفُ چئي، يا ڏُريان ڪري دانهَن؛
ڪَما حَقَہٗ ڪَڪَنِ جِي، آهي ڳالهہ اڳانہَ؛
جيڪِي ڏي ٻُڏَنِ کي ٻانهَن، ناتَ ساڻِن وڃن سِيرَ ۾.

اجازت ڇا آهي؟

اهميت ۽ ان جا قسم

جڏهن ڪامل مرشد ڪنهن مريد ۾ مٽيا ۽ ٻين جي اصلاح جي استعداد ڏسندو آهي تہ ان کي خلافت ۽ اجازت عطا ڪندو آهي. ان جا ڪيئي قسم هوندا آهن.

1. اجازت بطور سفارت:

جڏهن مرشد ڪامل ڪنهن مريد يا رشتيدار يا ڪنهن اجنبي ماڻهو ۾ استعداد ۽ صلاحيت ڏسي ان کي پنهنجي رغبت ۽ رضا سان يا امر ۽ اشاري سان ٻين مسلمانن جي رهبري ۽ رهنمائي لاءِ اجازت عنايت ڪري تہ ان کي اجازت بطريقِ سفارت سڏيندا آهن. هي اجازت نيابتي هوندي آهي. هن خلافت ۾ خليفو پنهنجي مرشد جي نائب جي حيثيت سان ماڻهن کان پنهنجي مرشد جي بيعت وٺندو آهي ۽ بيعت ڪرڻ وارا ان خليفي جا نہ پر ان جي مرشد جا مريد سڏبا آهن ۽ انهن کي شجرو پنهنجي مرشد جو ڏيندو آهي. ان کي اجازتِ مُقيّد بہ سڏيندا آهن. ان کي خلافتِ رضائي يا **خلافتِ صغريٰ** بہ سڏبو آهي. پير مٺا سائين رحمت الله عليہ خلفاءَ کي شروعات ۾ هن قسم جي اجازت عنايت ڪندا هئا.

2. اجازت بطور اِصَالَت:

جڏهن ڪو ڪامل ولي ڪنهن مريد کي الله جي امر سان پنهنجو مطلق خليفو بنائيندو آهي تہ اها اعليٰ درجي جِي ۽ اصلي خلافت هوندي آهي. ان خلافت ۾ اهو خليفو مرشد جو قائم مقام ٿي ويندو آهي. خلقِ خدا جي هدايت ۾ مصروف ٿي ويندو آهي ۽ مريدن کي پنهنجي نالي جو شجرو ڏيندو آهي، هن کي اجازتِ مطلق بہ سڏيندا آهن. اهو ماڻهن کان پنهنجي بيعت وٺندو آهي. ان کي **خلافتِ ڪبريٰ** بہ سڏبو آهي. قطبِ عالم حضرت پير مٺا سائين رحمت الله عليہ پنهنجي خليفن کي سلوڪ طئي ڪرڻ بعد هن قسم جي خلافت عنايت ڪندا هئا.

مطلق ڇا آهي؟ مقيد ڇا آهي؟

ان المطلق مأخوذ من الاطلاق، وهو الارسال والشيوع، ويقابله التقييد

بيشڪ مطلق اطلاق مان ورتل آهي جنهن جو مطلب آهي ڇڏي ڏيڻ، آزاد ڇڏڻ آهي ان جي مقابلي ۾ قيد ڪرڻ يا شرط لاڳو ڪرڻ آهي.

اما الاطلاق: فان يذكر الشيءِ باسمه لا يقرن به وصف ولا شرط، ولا زمان ولا عدد ولا شيء مما يشبه ذالک. والتقييد: ان يذكر بقرين من بعض ماذكرناه فيكون ذالک القرين زائداً فى المعنى. (المطلق والمقيد واثرهما فى اختلاف الفقهاء ص 114)

اطلاق ڇا آهي؟ ڪنهن شيءِ جو نالو وٺي ذڪر ڪرڻ، ان کي ڪنهن وصف يا شرط يا زمان يا عدد يا ان جهڙي ڪنهن به شيءِ سان نه ملائڻ اطلاق آهي.

۽ مقيد ڪرڻ مان مراد جن شين جو اسان ذڪر ڪيو انهن مان ڪنهن سان ملائڻ کي چئبو آهي پوءِ مليل شيءِ ان جي معنيٰ ۾ زائد ٿيندي.

مطلق: ان شيءِ کي چئبو آهي جنهن ۾ ڪوبه شرط يا پابندي نه هجي. انجا مثال:

اطلق الاسير اذا خلي سبيله: قيدي کي مطلق ڪيو ويو. جڏهن ان کي آزاد ڪيو ويو.

اطلق الطير اذا فتح قفصه: پکي کي مطلق ڪيو ويو جڏهن ان جي پڃري کي کوليو ويو.

اطلق القوم مواشيهم اذا سرحوها وارسلوها الى المرعىٰ: قوم جانورن کي مطلق ڪيو يعني انهن کي آزاد ڪري کولي ڇڏيائون چرڻ جي جاءِ ڏانهن.

واطلق الرجل امراته وطلقها بمعنى خلاها من قيد الزواج: مڙس پنهنجي زال کي مطلقه ڪيو يعني ان کي نڪاح جي قيد مان آجو ڪري ڇڏيائين.

واطلق الرجل البلاد فارقها: ماڻهو شهر کي مطلق ڪيائين يعني ان کان جدا ٿي ويو.

واطلق المتكلم فى كلامه اي عم ولم يقيد: ڳالهائيندڙ ڳالهائڻ ۾ مطلق ٿي ويو يعني آل جال آزادانه ڳالهايائين ان ۾ ڪو قيد نه رکيائين.

والمطلق فى الالفاظ ضد المقيد: لفظن ۾ مطلق مقيد جو ضد آهي.

(المطلق والمقيد واثرهما فى اختلاف الفقهاءِ للدكتور حمد الصاعدي ص 113، وزاة التعليم العالى الجامعة الاسلامية بالمدينة المنورة)

پير مٺا سائين پاران

خلافت ۽ اجازت

قطبِ عالم حضرت پير مٺا سائين رحمت الله عليہ زماني جا ڪامل اڪمل ولي الله هئا. سندن ولايت ۽ بزرگي ۾ نہ ڪو شڪ آهي نہ شبهو. الله ڪريم ڪين ولايت جي ارفع ۽ اعليٰ مقام تي فائز ڪيو هيو. پاڻ نہ صرف خود ولي الله هئا پر ولي ساز هئا. پنهنجي نوراني نگاهن سان نوازي ٻين کي بہ ولي الله بنائي ويا.

سندن خلافت جو طريقو: پاڻ ڪنهن کي خليفو بنائيندا هئا تہ اول استخارا ڪندا هئا. پوءِ مالڪ ڪريم پاران جنهن لاءِ اذن ملندو هيو ان کي خلافت سان نوازيندا هئا.

سندن اجازت جا مدارج:

حضرت پير مٺا سائين خليفن کي اجازت ٽن درجن ۾ عنايت ڪندا هئا. پهرين مبتدي خليفن کي، ٻين سلوڪ طئي ڪري سبق مڪمل ڪرڻ وارن خليفن کي.

1. مُقَيّد اجازتِ:

اها اجازت مبتدي خليفن کي ڏيندا هئا. جيڪا بيعت ٿيڻ کان جلدي پوءِ عنايت ڪندا هئا. اهو خليفو ٻين کي تبليغ دين جو مجاز هوندو هيو ۽ خود بہ پنهنجا سبق پچائيندو ڪاهيندو ڪمائيندو رهندو هيو. اها اجازت مشروط هوندي هئي. ان لاءِ ڪيئي شرائط رکيل هوندا هئا. اهو خليفو جماعت کان پنهنجي بيعت نہ وٺندو بلڪ مرشد جي بيعت وٺندو. اهو خليفو جماعت کي پنهنجي نالي جو شجرو نہ ڏيندو بلڪ مرشد جي نالي جو شجرو ڏيندو. اهو خليفو جماعت کي اوراد ۽ اذڪار پنهنجي طرفان نہ ڏسيندو بلڪ مرشد جا ٻڌايل اذڪار سيڪاريندو. خليفو چندو نہ ڪندو، ماڻهن کان پنهنجي ذاتي غرض لاءِ گهُر ۽ سوال نہ ڪندو.

ان اجازت جا شرائطِ:



786

اسلام علیکم — حضرات خلفاء کو آگاہ کیا جاتا ہے کہ یہ خلافت آپ کی بطور سفارت ہے نہ بطور اصالت اور یہ بھی مشروط بچند شرائط

(۱) عورتوں کو اول پردہ کرا کے پھر ذکر بتلائو۔

(۲) سوال اور چندہ مت کرو بلکہ طمع کا قصد تک بھی دل میں نہ آنے دو۔

(۳) اور خود کو فقط سر حلقہ تصور کرو یعنے حلقہ کرانے والا۔

(۴) اور استرضائے حق سبحانہ و تعالیٰ ہر آن و آوان ملحوظ خاطر ہو

(۵) اور شیطانی مرض مجاز سے مجتنب رہو کہ اس مرض اور علت کا مرتکب خلود جہنم کا مستحق ہے جیسا کہ نص قطعی سے مثبت اور مستند ہے۔

یا اللہ یا اللہ یا اللہ تو حاضر ہے اور ناظر ہے جو کوئی انہیں شرائط مسبوق الذکر کا محترز اور مستخفف اور مستحقر ہے اور باوجود عدم لحاظ تعمیل کے مسلک سفارت میں منسلک ہے اور میان میں گھسا ہوا ہے تو یہ بندہ تیر الاشیء اس سے دونوں عالم میں استبراء چاہتا ہے اور بیزار ہے اور ایسے غدار سے فرّار ہے۔ [1]

لاشیء فقیر محمد عبدالغفار فضلی

هي شرائط نامو ان وقت جو لکيل آهي جڏهن پاڻ نوان سنڌ ۾ تشريف فرما ٿيا هئا ۽ سندن رهائش دينپور ۾ هئي. مبتدي خليفن کي ان شرطن جو پابند بنايو هئائون.

[1] ڏسو سوانح حيات حضرت پير مٺا سائين رحمت الله عليه پيو ايڊيشن ص 610

شروعاتي دؤر ۾ سڀ خليفن کان هن حلف نامي تي صحيح ورتي هئائون:



بسم اللہ الرحمن الرحیم

ہم خلفاء طریقہ نقشبندیہ فضلیہ عالیہ کے بلا اجبار احدے لکھ دیتے ہیں حضرت حقسبحانہ و تعالیٰ کو حاضر ناظر سمجھ کر کہ اگر ہم نے چندہ کیا یا کہ کسی کو سوال کیا، یا کسی عورت پر حسن پرستی کی تو ہم میں سے جو اس فعل شنیعہ کا مرتکب ہوا تو فوراً اپنی بی بی پر طلاق مغلظہ واقع ہوگئی یا کہ کوئی ایسی تدبیر پُر تزویر نکالی گئی من گھڑت کر کے جس میں چندہ کی طرح رقم وصول کی گئی بہر حال اس صورت میں بھی وہی بالا مذکور ہے۔ اسماء گرامی حضرات خلفاء کرام:

فقیر محمد عبدالحلیم غفاری شہداد کوٹی،

مولوی اللہ بخش بقلم خود ، بشیر احمد مولوی، الٰہی بخش مولوی، مولوی محمد یوسف، مولوی کریم بخش پنجاپ ، ماسٹر نصیر الدین، مولوی عبدالکریم، مولوی کریم بخش، پیر بخش بروہی ، سبحان بخش روہڑوی، فضل محمد، محمد صالح حافظ ، عبداللہ شاہ، مولوی محمد ابراھیم، نور محمد ستانی ، محمد علی وڈیرہ ، نصیر الدین شاہ ، مشتاق احمد کنڈے والا، عبدالکریم بگٹی، حبیب اللہ ، امیر الدین شاہ، محمد خلیل، غلام جعفر، بخشل، الیاس شاہ، عاشق محمد، نثار احمد، امیر الدین شاہ، بخش علی، محمد داؤد، محمد صدیق، الھڈتہ، محمد بشیر ، غلام محمد، علی مراد، سردار بخش ، محمد موسیٰ لاڑ وارو ، اللھورایو، عبد السلام غفاری، غلام قادر، محمد احسان (غفاری) فقیر نور الدین غفاری فضل آبادی، پیر محمد غفاری، محمد یعقوب غفاری، محمد علی بوزدار غفاری، غلام جعفر.[1]

هن قسم نامي ۾ شرائط نامي ۾ صاحبزاده حضرت خواجه محمد خليل ، حضرت سهڻا سائين، خليفه نور محمد، حضرت خليفه ڪريم بخش سميت سيني جون صحيحون ٿيل آهن.

[1] ڏسو سوانح حيات حضرت پير مٺا سائين پيون ايڊيشن ص 611

2. اجازتِ عام (بطور اصالت)

جڏهن سندن خليفو سلسلہ نقشبنديہ جا اسباق دائره لاتعين تائين مڪمل طئي ڪري وٺندو هيو. جذب وحالات و واردات صحيح حاصل ڪري وٺندو هيو تہ پوءِ پاڻ ان کي اجازت لکت ۾ ڏيندا هئا.

ان سَنَدَ ۾ پاڻ ان خليفي کي **شيخ ڪامل** ڪري لکندا هئا. ماڻهن کي ان کان فيض حاصل ڪرڻ جي ترغيب ڏيندا هئا. اها اجازت بلڪل اهڙي هوندي هئي جهڙي خود کين پنهنجي مرشد ڪامل پير قريشي ڪريم رحمت الله عليہ عنايت ڪئي هئي. اها اجازت بطور اصالت هوندي هئي. اهڙن خليفن مان ڪن کي پاڻ پنهنجي زندگي مبارڪ ۾ درگاهون کولي ڏهاڙا مقرر ڪري ڏنا هئائون.

مثلاً: سندم والد ڪريم حضرت خواجہ خليفہ محمد الاهي بخش رحمت الله عليہ پنهنجي يادگيرين واري بياض ۾ لکيو آهي تہ :

- پاڻ 12 جمادي الثاني 1367 هہ تي دينپور ۾ پير مٺا سائين سان بيعت ڪيائون.
- غره ربيع الاول 1368 هہ تي پير سائينجن کين خلافت عنايت ڪئي.
- پوءِ تقريبًا نوَ سال مرشد جي خدمت ۾ رهڻ سلوڪ جا سبق طئي ڪرڻ بعد کين محرم الحرام 1377 هہ ۾ خلافت جي سَنَدَ عنايت ڪئي وئي.
- اها اجازت انهن ئي لفظن ۾ لکيل آهي جن لفظن ۾ پير قريشي رحمت الله عليہ خود پير مٺا سائين کي خلافت جي اجازتِ مطلقہ ۽ اجازت بطور اصالت عنايت ڪئي هئي.
- خانپور ۾ کين هر ماهہ پهريون جمعہ مقرر ڪري ڏنائون.
- پوءِ پير مٺا سائين رحمت الله عليہ جڏهن خود خانپور سندن دعوت تي آيا تہ اتي پاڻ اعلان ڪيائون تہ جيڪا شيءِ اوهان کي رحمتپور ۾ ملندي هئي سا اوهان کي خانپور ۾ ملندي.
- هڪ ڏينهن پير مٺا سائين رحمت الله عليہ پنهنجي جماعت اڳيان فرمايو : ”اوهان ڪو رباني عالم ڏٺو آهي؟ جيڪو عالم باعمل آهي ۽ الله جو ڪامل ولي آهي؟ مان اوهان کي اهو ڏيکاريان؟ پوءِ حضرت محبوب الاهي رحمت الله عليہ جي ڪُلهي تي هٿ رکي فرمايائون اهو منهنجو هي خليفو اٿو.



اجازت نامہ حضرات نقشبندیہ مجددیہ فضلیہ عالیہ

بسم اللہ الرحمن الرحیم

یا ایها الذین آمنوا اتقوا اللہ وابتغوا الیه الوسیلة وجاهدوا فی سبیله لعلکم تفلحون ۞ المجاهد من جاهد نفسه فی طاعة اللہ

الحمد للہ رب العالمین والصلوٰۃ والسلام علی حبیبه سید المرسلین وآله الطاهرین واصحابه الطیبین اجمعین الی یوم الدین ۞

امابعد می گوید فقیر لاشیء محمد عبدالغفار از اولاد حضرت ... قدس اللہ سره العزیز که این عاجز خاکسار ذره بیمقدار در سلسله خاندان نقشبندیه مجددیه فضلیه داخل شده علم سلوک تا دائره لاتعین از حضرت قطب الارشاد خواجه خواجگان پیر پیران غوث الاعظم مجدد منور مائه اربع عشر نائب خیر البشر علیه وعلی آله من الصلوات افضلها ومن التحیات اکملها سیدی وسندی قبله عالم محمد فضل علی قریشی هاشمی وعباسی قلبی وروحی فداه ابی وامی فداه حاصل نموده وشرف اجازت از آنحضرت قرة عینین محبوب سبحانی یافته وبرای تحقیق سلسله شریف موجود است پس ازین عاجز لاشیء برادر طریقت مولوی اللہ بخش ولد خدا بخش قوم انصاری باشنده علاقه سنده علم سلوک وجذبه وحالات وواردات صحیحه حاصل نموده برای تعلیم اسم ذات وسلوک برای طالبان مولی وبرای خدمت اسلام بموجب ضرورت اجازت داده طالبان راه حق جل وعلا را مناسب است که زود فیض ظاهری وباطنی ازین شیخ کامل حاصل نمایند وهیچ خطره وشک در دل نیارند که جناب خلیفه صاحب موصوف للہ فی اللہ خدمت اسلام وبرادران اسلام کنند فقط

مورخه ۲۵ ماه محرم الحرام سنه ۱۳۷۷ هجری مطابق ماه اگست سنه ۱۹۵۷

(فقیر لاشیء محمد عبدالغفار سگ آستانه فضلی)

قطبِ عالم پير مٺا سائين پاران حضرت محبوب الاهي جي سندِ خلافت

حضرت پير مٺا سائين رحمت الله عليه جن ٻه خليفن کي سند عنايت ڪئي آهي، انهن ئي لفظن ۾ ڏني آهي. نه صرف ايترو پر حضرت پير قريشي رحمت الله عليه جي سند ۾ ان جي سڀ خليفن جي سَنَدُن جا ٻه اهي ئي الفاظ آهن. ڪجهه سندون اڳيان پيش ڪجن ٿيون.

قطبِ عالم حضرت پير مٺا سائين رحمت الله عليہ جي پنهنجي سندِ خلافت



اجازت نامه حضرات نقشبنديه مجدديه عثمانيه

يا ايها الذين امنوا اتقوا الله وابتغوا اليه الوسيلة وجاهدوا في سبيله لعلكم تفلحون

ترجمه اے ایمان والو ڈرو اللہ سے اور اس کی طرف پہنچانے کے لئے ذریعہ تلاش کرو اور اسکی راہ میں جہاد کرو یقیناً تم کامیاب ہوگے

المجاهد من جاهد نفسه في طاعة الله

مجاہد وہ ہے کہ جو خدا کی فرمان برداری میں اپنے نفس کا مقابلہ کرے

بسم الله الرحمن الرحيم

الحمد لله رب العلمين والصلوة والسلام على حبيبه سيد المرسلين واله الطاهرين واصحابه الطيبين اجمعين الى يوم الدين الخ اما بعد - مى گويد فقير حقير لاشئ محمد فضل على قريشي هاشمي عباسي كه اين عاجز خاكسار ذره بے مقدار در خاندان نقشبنديه مجدديه عثمانيه داخل شده علم سلوك تام دوباره ناداً لاتعين از حضرت قبله عالم حاجى حافظ مولانا مولوى محمد سراج الدين صاحب والا نى حاصل نموده و شرف اجازت از آنحضرت قبله يافته براے تحقيق سلسله شريف موجود است پس ازين عاجز لاشئ برادر طريقت جناب مولانا صاحب مولوي محمد عبد الغفار صاحب ولد مولوي ... محمد صاحب ساكن لنگر علم سلوك و جذب و حالات و واردات صحيحه حاصل نمود براے تعليم اسم ذات و علم سلوك براے طالبان مولی و براے خدمت اسلام بموجب ضرورت اجازت داده شد طالبان راه حق جل و على را مناسب است كه زود فيض ظاهرى و باطنى ازين شيخ كامل حاصل نمايند و هيچ خطره و شك در دل نيارند كه جناب خليفه صاحب موصوف لله فى الله خدمت اسلام و برادران اسلام كنند فقط

دستخط ....

تاريخ ماه شوال سنه ۱۳۴۸ هجرى المعلى يوم وقت مقام فقيرپور شريف

المشتهر باهتمام

خاكسار ذره بے مقدار محمد فضل على قريشي هاشمي عباسي از فقيرپور شريف

هن سَنَد جي اصل ڪاپي پير مٺا سائين جي ڏوهٽي حضرت سائين محمد ديده دل وٽ درگاهہ غريب آباد شريف لاڙڪاڻي ۾ موجود آهي.

حضرت پير مٺا سائين رحمت الله عليہ جي سندِ خلافت جا هي الفاظ قابلِ توجہ آهن:



جناب مولانا صاحب مولوي محمد عبدالغفار صاحب ولد مولوي محمد صاحب ساکن لنگر علم سلوک
وجذب وحالات وواردات صحیحه حاصل نموده برائے تعلیم اسم ذات وعلم سلوک برائے طالبان مولیٰ وبرائے خدمت
اسلام بموجب ضرورت اجازت داده شد طالبان راه حق جل وعلیٰ را مناسب است که زود فیض ظاهری و
باطنی ازین شیخ کامل حاصل نمایند وهیچ خطره وشک در دل نیارند که جناب خلیفه صاحب موصوف للّٰه فی الله خدمت
اسلام وبرادران اسلام کنند فقط

علم سلوک وجذب وحالات وواردات صحیحه حاصل نموده برائے تعلیمِ اسمِ ذات و علمِ سلوک برائے طالبانِ مولیٰ وبرائے خدمتِ اسلام بموجبِ ضرورت اجازت داده شد وطالبان راهِ حق جل وعلیٰ را مناسب است که زود فیض ظاهری و باطنی ازین شیخِ کامل حاصل نمایند وهیچ خطره وشک در دل نیارند که جناب خلیفه صاحب موصوف للّٰه فی الله خدمتِ اسلام وبرادرانِ اسلام کنند.

ترجمو :علمِ سلوڪ ۽ جذبو ۽ حالات وارداتِ صحيحہ حاصل ڪيا اٿس. هاڻي الله جي طالبن کي اسم ذات ۽ سلوڪ جي تعليم ڏيڻ لاءِ ۽ ضرورت موجب اسلام جي خدمت لاءِ ڪيس اجازت ڏني وڃي ٿي. الله جل وعلا جي طالبن کي مناسب آهي تہ جلد فيض ظاهري ۽ باطني هن مرشد ڪامل کان حاصل ڪن ۽ دل ۾ ڪوبہ شڪ شبهو نہ آڻن ڇو جو مٿين صفتن وارو خليفو صاحب لله في الله اسلام ۽ برادرانِ اسلام جي خدمت ڪندو. فقط

پير مٺا سائين جي خليفن کي ڏنل سندن ۾ بہ اهي ئي الفاظ آهي:



لاشئ برادر طریقت مولوی الٰہی بخش ولد خدا بخش قوم انصاری
باشنده علاقه سنده علم سلوک وجذبه وحالات وواردات
صحیحه حاصل نموده برای تعلیم اسم ذات و سلوک برای طالبان
مولیٰ وبرائی خدمت اسلام بموجب ضرورت اجازت داده شد طالبان
راه حق جل وعلا را مناسب است که زود فیض ظاهری وباطنی ازین شیخ کامل
حاصل نمایند وهیچ خطره وشک در دل نیارند که جناب خلیفه صاحب موصوف
للّٰه فی الله خدمت اسلام وبرادران اسلام کنند فقط
مورخه ۲۵ ماه محرم الحرام سنه ۱۳۷۷ هجری مطابق ماه اگست سنه ۱۹
(فقیر لاشئ محمد عبدالغفار سگ آستانه فضلی)

شيخ ڪامل ۾ شڪ ۽ شبها آخر ڇو؟

حضرت پير مٺا سائين رحمت الله عليہ جا لکين مريد هئا. پاڻ هر مريد کي تہ اهو اجازت نامو کو نہ ڏنو هئائون. پر جن خوشنصيبن سلوڪ ڪاهيو، ڪمايو، سَبق طئي ڪيا، حالات وارداتِ باطني حاصل ڪيائون. نقشبندي سلسلي جون منزلون طئي ڪيائون. سالن جا سال مرشد جي دروازي جي غلامي ڏنائون. ان ڪان پوءِ ئي انهن لائق ۽ اهل ماڻهن کي پاڻ اجازت نامو ڏنائون. جنهن ۾ پاڻ ان خليفي کي شيخ ڪامل جو سرٽيفڪيٽ ڏنائون.

پير مٺا سائين جا حبدار جواب ڏين. جڏهن پير مٺا سائين پاڻ پنهنجي خليفي کي فيض ڏئي شيخ ڪامل جو لقب ڏين ٿا ۽ فرمائن ٿا تہ الله جا طالبو هن مرشد ڪامل کان فيض حاصل ڪيو ڪو بہ شڪ شبهو دل ۾ نہ آڻيو. پاڻ انهن کي فيضوَر ۽ فيض رسان جي خلعت سان نوازن ٿا. تہ پوءِ انهن خليفن جي فيض ۾ شڪ ڪرڻ خود پير مٺا سائين جي ولايت جو انڪار ڪرڻ آهي.


اجازت نامه حضرات نقشبنديه مجدديه
فضليه عاليه غفاريه
يا ايها الذين آمنوا اتقوا الله وابتغوا اليه الوسيلة وجاهدوا في سبيله لعلكم تفلحون ٥
المجاهد من جاهد نفسه في طاعة الله
بسم الله الرحمن الرحيم ٥
الحمد لله رب العالمين والعاقبة للمتقين والصلوٰة والسلام على حبيبه سيد المرسلين وآله الطاهرين واصحابه الطيبين
اجمعين الى يوم الدين اما بعد مي گويد فقير لاشئ محمد عبد الغفار فضلي از اولاد حضرت پير چهٹہ قدس الله سره العزيز
كه اين عاجز خاكسار ذره بيمقدار در سلسله خاندان نقشبنديه مجدديه فضليه داخل شده
علم سلوک تا دائره لاتعين از حضرت قطب الارشاد خواجه خواجگان پير پيران غوث الاعظم مجدد منور مائة
اربع عشر نائب خير البشر عليه وعلى آله افضل الصلوات واكمل التحيات سيدي وسندي قبلهٔ عالم محمد فضل علي
قريشي هاشمي عباسي قلبي وروحي فداه ابي وامي فداه حاصل نموده شرف اجازت از آنحضرت قدس سره ... سبحاني
يافته براي تحقيق سلسله شريف موجود است پس اين عاجز لاشئ برادر طريقت جناب ميان محمد يعقوب
فرزند ميان علي بخش قوم قريشي عباسي علم سلوک جذب وحالات وواردات صحيحه حاصل نموده براي تعليم ذات
وعلم سلوک براي طالبان مولي وبراي خدمت اسلام بموجب ضرورت اجازت داده شد وطالبان حق ... را
مناسب است که زود فيض ظاهري وباطني ازين شيخ كامل حاصل نمايند وهيچ خطره وشک در دل نيارند
که جناب خليفه صاحب موصوف لله في الله خدمت اسلام وبرادران اسلام كنند فقط
مورخه 17 ماه شوال 1379 سنه الراقم لاشئ فقير محمد عبد الغفار فضلي

مڃڻ گهرجي تہ پير مٺا سائين جا سڀ خليفا فيض وارا آهن. جن بہ درگاهون کولي دين جي خدمت ڪئي آهي ۽ ڪري رهيا آهن، انهن جي دربارن تي اڄ بہ لکين ماڻهو سڌري رهيا آهن. جنهن جو بيان اوهان هن ڪتاب ۾ پڙهندا.

حضرت خليفہ محمد يعقوب جي سندِ خلافت

اجازت نامہ حضرات نقشبندیہ مجددیہ عثمانیہ

يٰاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوا اتَّقُوا اللّٰهَ وَابْتَغُوْا اِلَيْهِ الْوَسِيْلَةَ وَجَاهِدُوْا فِيْ سَبِيْلِهٖ لَعَلَّكُمْ تُفْلِحُوْنَ

ترجمہ [illegible]

المجاهد من جاهد نفسه فی طاعة الله

[illegible]

بسم اللہ الرحمٰن الرحیم

الحمد للہ رب العٰلمین والصلوٰۃ والسلام علی حبیبہ سید المرسلین وآلہ الطاہرین واصحابہ الطیبین اجمعین الی یوم الدین "اما بعد" می گوید فقیر حقیر لاشئ محمد فضل علی قریشی ہاشمی عباسی کہ این عاجز خاکسار ذرہ بے مقدار در خاندان نقشبندیہ مجددیہ عثمانیہ داخل شدہ علم سلوک تمام و بارہا تا دو سالتعین از حضرت قبلہ عالم حاجی حافظ مولانا مولوی محمد سراج الدین صاحب دامانی حاصل نمودہ و شرف اجازت از آنحضرت قبلہ یافتہ برائے تحقیق سلسلہ شریف موجود است پس ازیں عاجز لاشئ برادر طریقت مولوی حافظ غلام حبیب صاحب ولد غلام محی الدین ساکن لڑی علم سلوک و جذبہ و حالات و واردات صحیحہ حاصل نمودہ برائے تعلیم اسم ذات و علم سلوک برائے طالبان مولیٰ و برائے خدمت اسلام بموجب ضرورت اجازت دادہ شد طالبان راہ حق جل و علیٰ را مناسب است کہ از و فیض ظاہری و باطنی ازین شیخ کامل حاصل نمایند و ہیچ خطرہ و شک در دل نیارند کہ جناب خلیفہ صاحب موصوف للہ فی اللہ خدمت اسلام و برادران اسلام کنند فقط

دستخط۔۔۔ محمد فضل علی قریشی عباسی ہاشمی

بتاریخ 29 شعبان ۱۳۵۰ھ یوم دوشنبہ وقت قریب عصر مقام مسکین پور شریف ابن بابا بسم

خاکسار ذرہ بے مقدار محمد فضل علی قریشی ہاشمی عباسی از فقیر پور شریف

پير مٺا سائين جي مرشد حضرت پير قريشي رحمت الله عليہ جو پنهنجي خليفي حضرت مولانا حبيب احمد کي ڏنل اجازت نامو

إجازت نامه

حضرات نقشبنديه مجدديه عثمانيه فضليه

يا أيها الذين آمنوا اتقوا الله وابتغوا إليه الوسيلة وجاهدوا في سبيله لعلكم تفلحون ۝

ترجمہ۔ اے ایمان والو ڈرو اللہ سے اور اس کی طرف قرب کرنے کیلئے ذریعہ تلاش کرو۔ اس کی راہ میں جہاد کرو امید ہے کہ تم کامیاب ہو گے

المجاهد من جاهد نفسه في طاعة الله الخ مجاہد وہ ہے کہ جو خدا کی فرمانبرداری میں اپنے نفس کا مقابلہ کرے

بسم الله الرحمن الرحيم ۝

الحمد لله رب العالمين والصلوٰة والسلام على حبيبه سيد المرسلين محمد وآله الطيبين وصحابه الطاهرين اجمعين الى يوم الدين

امابعد۔ میگوید فقیر حقیر لاشی محمد عبدالمالک کہ این عاجز خاکسار ذرہ بے مقدار در خاندان نقشبندیہ مجددیہ عثمانیہ فضلیہ داخل شدہ علم سلوک تمام تلوائرہ و لیس از حضرت فیاض عالم قطب الارشاد مولینا مولوی محمد فضل علی صاحب قریشی ہاشمی عباسی حاصل نمودہ شرف اجازت از آنحضرت زاد اللہ فیوضہ یافتہ برائے تحقیق سلسلہ شریف موجود است پس ازیں عاجز لاشی برادر طریقت ... ولد ... مقام ... تحصیل ... ضلع ... و ڈاک خانہ ... را علم سلوک و جذبے حالات و واردات سیر حاصل نمودہ برائے تعلیم علم ذات و علم سلوک برائے طالبان مولیٰ و برائے خدمت اسلام بموجب ضرورت بارادت حضرت فیاض عالم اجازت دادہ شدہ طالبان راہ حق جل و علیٰ را مناسب است کہ ازو فیض ظاہری و باطنی ازیں شیخ کامل حاصل نمایند و بے شک و خطرہ و عمل نیارند کہ جناب خلیفہ صاحب موصوف یشفی اللہ خدمت اسلام و برادران اسلام کنند۔

تاریخ 29 ماہ شعبان المعظم ۱۳..ھ یوم پنجشنبہ وقت ... مقام ... دستخط محمد عبدالمالک ...

اجازت دہندہ محمد عبدالمالک صدیقی عفی عنہ از کرہ احمد خان احمد پور شرقیہ ریاست بہاول پور (پنجاب) حال مقیم مسکین پور ثانی۔ نزد موضع لسونڈہ۔ ڈاک خانہ ... تحصیل غازی آباد (میرٹھ)

حضرت قريشي ڪريم جي خليفي مولانا عبد المالڪ پاران پنهنجي خليفي کي ڏنل اجازت نامي جي سند

يا ايها الذين آمنوا اتقوا الله وابتغوا اليه الوسيلة وجاهدوا في سبيله لعلكم تفلحون

المجاهد من جاهد نفسه في طاعة الله

بسم الله الرحمن الرحيم

الحمد لله رب العالمين والصلاة والسلام على حبيبه سيد المرسلين وعلى آله الطاهرين واصحابه الطيبين اجمعين
الى يوم الدين اما بعد میگوید فقیر حقیر لاشئ محمد عبد الغفار فضلی از اولاد حضرت خیر پیر قدس سره العزیز
که این عاجز خاکسار ذره بیمقدار در سلسله نقشبندیه مجددیه فضلیه داخل شده
سلوک تا دائره لاتعین از حضرت قطب الارشاد خواجه خواجگان پیر پیران غوث الاعظم
مجدد منور مائة اربع عشر نائب خیر البشر علیه وعلى آله من الصلوات افضلها
ومن التحیات اکملها سیدی وسندی قبله عالم محمد فضل علی قریشی هاشمی عباسی قلبی وروحی
فداه ابی وامی فداه حاصل نموده وشرف اجازت از آنحضرت قرة عینین محبوب سبحانی
یافته وبرای تحقیق سلسله شریف موجود است پس این عاجز لاشئ برادر طریقت
مولوی میان نور الدین فرزند حاجی ونهیل قوم بشر بلوچ باشنده علاقه سنده علم سلوک
وجذبه وحالات وواردات صحیحه حاصل نموده برای تعلیم اسم ذات وعلم سلوک برای
طالبان مولی وبرای خدمت اسلام بموجب ضرورت اجازت داده شد طالبان راه حق جل وعلا
را مناسب است که از فیض باطنی وظاهری ازین شیخ کامل حاصل نمایند وهیچ خطره وشک
در دل نیارند که جناب خلیفه صاحب موصوف فنا فی الله است خدمت اسلام وبرادران اسلام
کنند فقط مورخه بیست یکم ماه رجب المرجب سنه ۱۳۶۸ هجری العلی

لاشئ فقیر محمد عبد الغفار فضلی

خليفي نور الدين شر کي پير مٺا سائين جو عنايت ڪيل اجازت نامو

اجازت نامہ حضرات نقشبندیہ مجددیہ غفاریہ اللّٰہیہ

بسم اللہ الرحمن الرحیم

یا ایہا الذین آمنوا اتقوا اللہ وابتغوا الیہ الوسیلۃ وجاھدوا فی سبیلہ
لعلکم تفلحون ٭ المجاھد من جاھد نفسہ فی طاعۃ اللہ ٭

الحمد للہ رب العالمین والصلوۃ والسلام علی حبیبہ سید المرسلین وآلہ الطاہرین واصحابہ
الطیبین اجمعین الی یوم الدین

اما بعد می گوید فقیر حقیر لاشئ اللّٰہی بخش غفاری کہ این عاجز خاکسار ذرہ بمقدار
در سلسلۂ خاندان نقشبندیہ مجددیہ غفاریہ داخل شدہ علم سلوک تا دائرہ
لاتعین از حضرت قطب الارشاد خواجہ خواجگان پیران غوث الاعظم
مجدد منور مائۃ الرابع عشر نائب خیر البشر علیہ وعلی آلہ من الصلوۃ
افضلہا ومن التحیات اکملہا سیدی وسندی قبلۂ عالم حضرت
محمد عبد الغفار فضلی از اولاد حضرت خضر پیر قدس اللہ سرہ العزیز
فداہ ابی وامی حاصل نمودہ وشرف اجازت از آنحضرت
قرۃ عینین محبوب سبحانی یافتہ وبرائی تحقیق سلسلہ شریف
موجود است پس ازین عاجز لاشئ برادر طریقت مولوی
گل حسن ولد اللہ رکھیو قوم سومرہ بشلنزہ علاقہ سندہ پاک
علم سلوک وجذبہ وحالات وواردات صحیحہ حاصل نمودہ
برائی تعلیم اسم ذات وعلم سلوک برائی طالبان مولیٰ وبرائی
خدمت اسلام بموجب ضرورت اجازت دادہ شد طالبان
راہ حق جل وعلا مناسبت کہ ز زود فیض ظاہری وباطنی ازین
شیخ کامل حاصل نمایند وہیچ خطرہ وشک در دل نیارند
کہ جناب خلیفہ صاحب موصوف للہ فی اللہ خدمت اسلام و
برادران اسلام کند فقط   مورخہ پانزدہم محرم الحرام سنہ ۱۳۸۵ ہجری

فقیر لاشئ محمد اللّٰہی بخش سگ آستانہ غفاریہ

حضرت خليفه خواجه محمد الاهي بخش المعروف محبوب الاهي جو پنهنجي خليفي حضرت مولانا گل حسن (جيڪي هن فقير جا استاد آهن) کي عنايت ڪيل اجازت نامو



اجازت نامہ حضرات نقشبندیہ مجددیہ غفاریہ عالیہ

بسم اللہ الرحمٰن الرحیم

یٰاَیُّهَا الَّذِیْنَ اٰمَنُوا اتَّقُوا اللّٰهَ وَابْتَغُوْٓا اِلَیْهِ الْوَسِیْلَةَ وَجَاهِدُوْا فِیْ سَبِیْلِهٖ لَعَلَّكُمْ تُفْلِحُوْنَ

اَلْمُجَاهِدُ مَنْ جَاهَدَ نَفْسَهٗ فِیْ طَاعَةِ اللّٰهِ

بسم اللہ الرحمٰن الرحیم

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعَالَمِیْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰی حَبِیْبِهٖ سَیِّدِ الْمُرْسَلِیْنَ وَاٰلِهِ الطَّاهِرِیْنَ وَاَصْحَابِهِ الطَّیِّبِیْنَ اَجْمَعِیْنَ اِلٰی یَوْمِ الدِّیْنِ

اما بعد میگوید فقیر حقیر لاشئ محمد داؤد غفاری ولد حضرت سائیدنہ خان رحمۃ اللہ تعالیٰ علیہ قوم شر بلوچ کہ ایں عاجز خاکسار ذرہ بیمقدار در سلسلۂ خاندان نقشبندیہ مجددیہ غفاریہ داخل شدہ علم سلوک تا دائرۂ لاتعین از حضرت قطب الارشاد خواجۂ خواجگان پیر پیران غوث الاعظم مجدد منور مائۃ اربعۃ عشر نائب خیر البشر علیہ وعلیٰ آلہ من الصلوات افضلہا ومن التحیات اکملہا سیدی وسندی قبلۂ عالم حضرت محمد عبد الغفار فضلی نقشبندی قلبی وروحی فداہ ابی وامی فداہ حاصل نمودہ وشرف اجازت از آنحضرت قرۃ عینین محبوب سبحانی یافتہ وبرائے تحقیق سلسلہ شریف موجود است پس ازیں عاجز لاشئ برادر طریقت مولوی محمد رضوان ولد محمد سعید جاوید قوم کشمیری (بٹ) باشندہ علاقہ لاہور۔ پنجاب علم سلوک وجذبہ وحالات وواردات صحیحہ حاصل نمودہ برائے تعلیم اسم ذات وعلم سلوک برائے طالبان مولیٰ وبرائے خدمت اسلام بموجب ضرورت اجازت دادہ شد طالبان راہ حق جل وعلا را مناسب است کہ زود فیض ظاہری وباطنی ازیں شیخ کامل حاصل نمایند وہیچ خطرہ وشک در دل نیارند کہ جناب خلیفہ صاحب موصوف للہ فی اللہ خدمت اسلام وبرادران اسلام کند فقط

ناچیز محمد داؤد غفاری

۱۲ ربیع الاول ۱۴۲۰ھ

حضرت خليفه خواجه محمد دائود رحمت الله عليه جو

پنهنجي خليفي مولانا رضوان احمد کي عنايت ڪيل خلافت نامو.

پهريون خليفو: حَلَاوَةُ الاِيمَانِ بِذِكرِ الشيخ مُحَمّد خَلِيلُ الرَّحمٰن

حضرت صاحبزاده خواجہ محمد خليل الرحمٰن

سجاده نشين اول حضرت پير مٺا سائين [1]

شريعت جا ماهر، طريقت جا گوهر، حقيت و معرفت جا شَناور، صابر ۽ شاڪر، ولي ابن ولي، سخي ابن سخي، ڪامل ابن ڪامل، فَيّاض ابن فَيّاض، غوث ابن غوث، علامہ ابن علامہ، فقيہ ابن فقيہ ، مَاهِرِ المَعقُولات و مُحَقّقُ المَنقُولات وَ آزكَي المَعمُولات حضرت پير روشن ضمير صاحبزاده خواجہ محمد خليل الرحمان بن حضرت خواجہ محمد عبد الغفار نَوَّرَ اللهُ مَرقَدَهُمَا.

پاڻ الله جا ڪامل اڪمل عارف با لله ولي الله هيا. قطبِ عالم حضرت پير مٺا سائين رحمت الله عليہ جا اڪيلا فرزند نورِ نظر ۽ لختِ جگر هئا. سندن ظاهري متاع ۽ باطني دولت جا شرعي قانوني ۽ حقيقي وارث هئا.

ولادت با سعادت : سندن ولادت جلالپور پير والا، ملتان جي هڪ ننڍڙي ۽ اباڻي ڳوٺ لنگر شريف ۾ ٿي. ننڍپڻ کان منجهن سهڻا اوصاف ۽ عجيب اخلاق ڏسي هر ڪنهن چيو ٿي تہ هي نينگر محبت ۽ مٺيا وارو آهي.

تعليم و تربيت : ابتدائي ۽ انتهائي تعليم پنهنجي والد گرامي کان حاصل ڪيائون. وقت جي ناميارن عالمن کان بہ علمي فيض پرايائون. لکڻ پڙهڻ جو کين ننڍپڻ کان نينهن هوندو هيو. فقير خدا بخش چوندو هيو تہ آءٌ ڏسندو هيس تہ صاحبزاده سائين کي مطالعي جو بي پايان شوق هوندو هيو. ايتري قدر جو پڙهندي پڙهندي کين ننڊ اچي ويندي هئي. جڏهن بيدار ٿيندا هيا تہ وري ڪتابن جي مطالعي ۾ مصروف ٿي ويندا هيا.

---

[1] سندن سوانح تفصيل سان " سوانح حيات حضرت پير مٺا سائين " ۾ اسان اڳ لکي آيا آهيون، هتي تبرڪًا ڪجھ مزيد احوال پيشِ خدمت آهي. جيڪو دربار رحمتپور ۽ پنجاب مان حاصل ڪيو ويو آهي.

سندن استاد: والدِ ڪريم کان علاوه پاڻ جن استادن کان شرفِ تلمّذ حاصل ڪيائون تن مان ڪجھ هي آهن:

1. حضرت مولانا نذير احمد صاحب، احمد پور شرقيہ وارا.
2. حضرت مولانا ڪريم بخش صاحب، ڳوٺ يار محمد لڱ ڏيره نواب.
3. حضرت مولانا حبيب الله صاحب غمانوي طاهر وارا.
4. مفتي واحد بخش صاحب، احمد پور شرقيہ لڱ اچ شريف.
5. مولوي عظيم بخش صاحب، بيٺ ديوان جتان پاڻ فارغ التحصيل ٿيا.

دستار بندي: جڏهن پاڻ علم جي تحصيل کان فارغ ٿيا تہ سندن دستار بندي حضرت پير قريشي جي عرس مبارڪ جي موقعي تي درگاهہ عاشق آباد شريف ۾ ڪئي وئي هئي. ان وقت حضرت پير مٺا سائين رحمت الله عليہ جو چهرو مبارڪ خوشين ۾ ٻهڪي رهيو هيو. ظاهري رسمي تڪميل بعد بہ پاڻ پنهنجي والد ڪريم وٽ پڙهندا رهيا.

حصول معرفت: پاڻ ننڍپڻ ۾ ئي والد ڪريم جي معيت ۾ حضرت پير قريشي جي صحبت ۾ ويندا هئا. سندن دستِ اقدس تي بيعت جو پڻ شرف بہ ڪين حاصل ٿيو هيو. علومِ شرعيہ کان فارغ ٿيڻ بعد ظاهري علوم جي حصول سان گڏ پنهنجي والد گرامي مرشد ڪريم قطب الارشاد حضرت خواجہ محمد عبدالغفار فضلي (پير مٺا سائين) کان باطني ۽ روحاني علوم ۽ معرفت الاهي حاصل ڪري خرقۂ خلافت حاصل ڪيائون.

هڪ ڀيري تہ مرشد ڪريم سندن روحاني علاج طور ڪين فقيرن وارو لباس پهري هندستان وڃي تبليغ لاءِ امر فرمايو. مرشد جي حڪم تي لبيڪ چئي پاڻ هندستان روانا ٿي ويا. اتي بہ هفتا تبليغ ڪيائون. جتي دهلي جي عالمن ۾ هڪ شور برپا ٿي ويو تہ هڪ ملنگ بابا آيو آهي جيڪو علم ۽ حڪمت ۾ يڪتاءِ روزگار آهي. سوين ماڻهو سندن درس ۾ اچڻ لڳا. پوءِ پاڻ واپس وطن وريا.

پاڻ تقريباً هڪ بہ سال ڳوٺ ڏڪاڻ وارا ۾ بہ رهيا. جتي ڪافي ماڻهو طريقہ عاليہ ۾ داخل ٿيا. سندن باطني نظر سان ديندار بنجي ويا. درگاهہ عاشق آباد شريف ۾ سالانہ عرس تي پنهنجي جماعت ڪي وٺي ويندا هيا.

كشفِ باطن : سندن نندپڻ جو هڪ واقعو آهي تہ حضرت پير قريشيءَ رحمت الله عليہ هڪ دعوت تي آيل هئا. اتي هڪ ٻڪري ڪُٺي وئي. قريشي ڪريم ان ٻڪري جو گوشت نہ کاڌو. خبر ڪنهن کي ڪو نہ هئي تہ پاڻ ڇو ٻوڙ تناول نہ فرمايائون؟ ان وقت خواجہ خليل الرحمان فرمايو تہ ان ٻڪري جي ناني چوراٽي هئي. پوءِ جڏهن جاچ ڪئي وئي تہ ڳالھ صحيح ثابت ٿي. قريشي صاحب رحمت الله عليہ بہ سندس ڪشف جي تصديق فرمائي.

سندن اخلاق ۽ عادتون : سندن ذات مبارڪ انڪساري ۽ تواضع جو پيڪر هئي جيڪا عالمن جو شيوو ۽ شان آهي. الله وٽ عزت ۽ مقام جو دليل آهي. فقير قيصر الدين بيان ڪيو تہ شهداد ڪوٽ جي دعوت ۾ حضرت خواجہ صاحب جن سان گڏ هياسين. صبح جو ٻاهر آيا آءُ بہ پٺيان هلڻ لڳس. هڪ واريءَ جي ٽِبي تي اچي ويٺا، مان چادر وڇائي ڏني. پاڻ آرامي ٿيا ۽ ڏاڍو گريو ڪيائون. ان وقت پاڻ هي شعر پڙهندا رهيا.

بادشاہا جُرم مارا درگذار ما گنهگاریم تو آمرزگار

تو نکوکاری و ما بد کردہ ایم ، جرم بے انداز و بیحد کردہ ایم

یا الٰہی عاجزم امیدوارم از لطف تو ، حال مارا خود بدانی من چہ گویم پیش تو

سندن پسنديده شعر: هي شعر پاڻ اڪثر ڪري مجلسن ۾ پڙهندا هئا.

یار گئے وفادار گئے باقی رہ گئے دھتورے ،انب گئے پنڈ گئے باقی رہ گئے لسوڑے

راتیں جاگیں شیخ س ڈاویں راتیں جاگن کتے تئیں کنوں اتے

توں سمھیں سیج پلنگاں او سمھن گند اروڑے اتے تئیں کنوں اتے

بدہ ساقیا آب آتش لباس * کہ مستی کند اھل دل التماس

دوست ایں زمانہ مثل گل انار اند * رنگ و خوشبوء دار ند بوئے وفا نہ دارند

گر تو ذات پیر را کردی قبول ، ہم خدا در ذاتش آمد ہم رسول

رُستن زیں پردہ کہ بر جان تست ، بے مددے پیر نہ امکان تست

شاديون ۽ اولاد : پاڻ ٽي شاديون ڪيائون. سندن پهريون نڪاح پنهنجي سڳي سؤٽ حضرت مولانا عبدالستار صاحب جي دختر نيڪ سان پنجاب ۾ ٿيو. ان وقت پاڻ اڃا پڙهندا هيا. ٻہ شاديون سنڌ ۾ ڪيائون.

اولاد : ڪين صرف هڪ فرزند حضرت محمد جان جانان رحمت الله عليہ ٿيو. سندن وصال 29 آڪٽوبر 1976ع بمطابق 6 ذوالقعد 1396ھ بروز ڇنڇر تقريباً صبح جو 9:30 بجي ٿيو. 7 ذوالقعد بروز آچر تي تدفين و تڪفين ٿي.

شِفَاءُ الْعَلِيل فِي تَعْلِيمَاتِ خُواجه مُحَمَّد خَلِيل

(تعليماتِ خليل)

اسمِ اعظم بابت هڪ وضاحت :

حضرت علامہ مولانا سيد حڪيم مظهر سلطان بخاري مدظلہ العالي هن فقير سان بيان ڪيو تہ مون گهڻا عالم ڏٺا پر حضرت خواجہ خليل الرحمٰن رحمت الله عليہ علم ۾ پنهنجو مٽُ پاڻ هيو. آءٌ سندن خدمت ۾ گهڻو ويندو هيس. جڏهن وٽن عالم ايندا هئا تہ حاضري واري فقير کي فرمائيندا هئا تہ جيسين اسان جي ڪچهري هلي پئي ڪنهن کي اندر اچڻ نہ ڏجو. پوءِ پاڻ عجيب عجيب علمي نڪتا بيان فرمائيندا هئا. جيڪي اسان نہ ڪنهن ڪتاب ۾ پڙهيا نہ ڪنهن عالم کان ٻڌا. هڪ ڀيري مون کين عرض ڪيو :

سائين ٻڌايو : ڪي چون ٿا تہ ”الله“ اسمِ اعظم آهي. ڪي چون ٿا تہ اسمِ اعظم آية الڪرسي ۾ آهي. اوهان ان بابت ڇا ٿا فرمايو؟ فرمايائون: ”الله“ اسم ذاتي آهي. منهنجي خيال ۾ اسمِ اعظم ڪي هن آيت ۾ ڏسڻ گهرجي.

مَنْ ذَا الَّذِي يَشْفَعُ عِنْدَهُ إِلَّا بِإِذْنِهِ [البقرة: 255]

اها ڪهڙي ذات آهي جنهن کي الله وٽ شفاعت ڪرڻ جو اذن مليل هجي. الله فرمايو تہ :

يَا أَيُّهَا النَّبِيُّ إِنَّا أَرْسَلْنَاكَ شَاهِدًا وَمُبَشِّرًا وَنَذِيرًا ()وَدَاعِيًا إِلَى اللَّهِ بِإِذْنِهِ وَسِرَاجًا مُنِيرًا [الأحزاب: 45، 46]

پاڻ فرمايائون : اها ذات مٺي محمد ڪريم ﷺ جي آهي.

پوءِ مون عرض ڪيو تہ پوءِ تہ اقبال بہ جواب شڪوه ۾ سچ چيو آهي تہ :

خیمہ افلاک کا استادہ اسی نام سے ہے ، نبض ہستی تپش آمادہ اسی نام سے ہے

کی محمد سے وفا تو نے تو ہم تیرے ہیں ، یہ جہاں چیز ہے کیا لوح قلم تیرے ہیں

بوعلي قلندر بہ فرمايو آهي تہ: بجز نامش نباشد اسم اعظم

اهو ڪافر ڪهڙو جيڪو مٽي ٿيڻ جي تمنا ڪندو؟

پاڻ فرمايائون تہ : قرآن مجيد ۾ الله ڪريم فرمايو آهي تہ:

وَيَقُولُ الْكَافِرُ يَا لَيْتَنِي كُنْتُ تُرَابًا [النبأ: 40]

۽ قيامت واري ڏينهن ڪافر چوندو تہ هائو جي مان (بہ) مِٽي هجان ها.

اتان مراد هر ڪافر نہ آهي. ”الڪافر“ معرفہ آهي. ڪنهن خاص ڪافر جي ڳالھ آهي. ان مان مراد ابليس لعين آهي. ڇو تہ ان بابت رب ڪريم فرمايو تہ:

أَبَىٰ وَاسْتَكْبَرَ وَكَانَ مِنَ الْكَافِرِينَ [البقرة: 34]

انڪار ڪيائين ۽ وڏائي ڪيائين ۽ اهو ڪافرن مان هيو. ان ئي اعتراض ڪيو هيو تہ :

خَلَقْتَنِي مِنْ نَارٍ وَخَلَقْتَهُ مِنْ طِينٍ [الأعراف: 12]

مون کي باھ مان پيدا ڪيو اٿئي ۽ آدم کي مٽيءَ مان. (سو مان ان کان پلو آهيان)

مٽي سمجهي وڏائي ڪئي هئائين پوءِ قيامت ۾ جڏهن حضرت آدم ۽ ان جي اولاد جو شان ڏسندو تہ چوندو هائو جي مان بہ مِٽي هجان ها.

سندن خطاب لاجواب:

شاعر جي خوبين جي خبر ان جي ڪلام مان پوندي آهي. عالم جي علم جي خبر ان جي گفتار مان پوندي آهي. صوفي جي مقام جي خبر ان جي نگاه مان پوندي آهي. حضرت خواجہ خليل الرحمان جي ڪجھ گفتگو پيش ڪجي ٿي جنهن جي پڙهڻ سان سندن علمي فڪري ۽ روحاني مقام جو پتو پوي ٿو.

سندن ڪلام دلين کي ڌوئي ٿو. من جي ميراڻ صاف ڪري ٿو. ذهنن کي لوڏي ٿو. سندن علمي وسعت جي عڪاسي ڪري ٿو.

خطاب جلیل بزبان حضرت خواجہ محمد خلیل رحمت اللہ علیہ

الحمد للہ رب العالمین والصلواۃ والسلام علیٰ رسولہٖ محمد وآلہٖ واصحابہٖ اجمعین. اعوذ باللہ من الشیطان الرجیم بسم اللہ الرحمٰن الرحیم

یٰۤاَیُّهَا الَّذِیْنَ اٰمَنُوا اتَّقُوا اللّٰهَ وَ لْتَنْظُرْ نَفْسٌ مَّا قَدَّمَتْ لِغَدٍ ۚ وَ اتَّقُوا اللّٰهَ ؕ اِنَّ اللّٰهَ خَبِیْرٌۢ بِمَا تَعْمَلُوْنَ (الحشر: 18)

حضرات ! اس فقیر ذرہ بے مقدار نے جمیع حضرات کے سامنے جو آیت شریف تلاوت کی ہے اس کا ترجمہ جتنا مطلب فقیر کو یاد ہے پیش کیا جائیگا۔ اللہ تعالیٰ آپ کو توفیق عمل عطا فرمائے۔

حضرات قوۃ انسانی سعادت انسانی کے دو حصے ہیں۔ ایک حصہ قوۃ نظریہ ہے دوسرا حصہ قوۃ عملیہ ہے۔ قوۃ نظریہ کیا ہے؟ انسان جہل مرکب جہل بسیط کی ظلمات سے نکل کر روشنیء ایمان میں داخل ہو جائے۔ روشنی ایمان کیا ہے؟ کہ اللہ کو اللہ تعالیٰ کی ذات اس کی صفات، اس کے رسول، اس کی کتابوں اور قیامت پر ایمان لائے اور توہمات اور تخیلات باطلہ کی دَلدَل سے وہ نکل آئے۔ شریعت میں اس کو ایمان کہتے ہیں اور لغت میں ایمان امن سے مشتق ہے۔ انسان ایمان لاکر اللہ تعالیٰ کے عذاب سے محفوظ اور بے غم ہو جاتا ہے۔ اللہ تعالیٰ کے امن میں آ جاتا ہے۔ پھر

یٰۤاَیُّهَا الَّذِیْنَ اٰمَنُوا اے ایمان والو ایمان پر ثابت رہو۔

اور اسی میدانِ ایمان میں ترقی کرنے کیلئے تقویٰ کا حکم دیا۔ معلوم ہوا کہ ایمان میں ترقی جو ہوتی ہے تقویٰ سے ہوتی ہے۔ تقویٰ کا حکم دیا ترقی ایمان کیلئے وہ تقویٰ کیا ہے؟ اللہ تعالیٰ سے ڈرنا، اچھے کام کرنا، اللہ کا خوف ہر وقت دل میں ہونا اور وسائط سعادت کے حاصل کرنا اور مضطرات سے بچنا۔ دوسری ہے قوت عملیہ۔ تہذیب اخلاق ظاھری اور باطنی حاصل کرنا ظاھر کو شریعت کے زیور، ظاھر کو زیورات احکام شریعت سے مزین کرنا، باطن کو نورِ معرفت سے منور کرنا۔ مگر یہ کام ایسے نہیں ہوتا جب تک انسان اپنے نفس کے ساتھ مقابلہ نہ کرے اور جہاد نہ کرے۔ بڑا اہم معاملہ ہے۔ یاد رکھیے شریعت میں چلنا نورِ باطن کی اصلاح ہونا یہ اپنے نفس کے ساتھ خوب مقابلہ کھانا پڑتا ہے۔

چنانچہ سرکار مدینہ ﷺ فرماتے ہیں:

رَجَعْنَا مِنَ الْجِهَادِ الْأَصْغَرِ إِلَى الْجِهَادِ الْأَكْبَرِ [1]

تیر اور تلوار سے لڑنا کفار کے ساتھ یہ جہادِ اصغر ہے۔ اپنے نفس کو مطیع کرنا اپنے نفس کو خواہشات نفسانی سے روکنا یہ جہادِ اکبر ہے۔ اس میں بڑی بات ہے۔ جب تک نفس سے جہاد نہ ہو تب تک اس کیلئے کوئی راستہ کشادہ نہیں ہوتا۔ آگے فرماتے ہیں: وَلْتَنْظُرْ نَفْسٌ مَّا قَدَّمَتْ لِغَدٍ کل کیلئے کیا بھیجا ہے۔ نفس کا لفظ جو ہے یہ نکرہ ہے۔ اس میں تعلیم ہے یعنی ہر شخص جس مرتبے کا ہو، جس خاندان کا ہو، جس قوم قبیلے کا ہو کل کیلئے کچھ اس کو بھیجنا چاہیے۔

قَدَّمَتْ لِغَدٍ کل کیلئے اس کو بھیجنا چاہیے۔ کل کیلئے کیا مطلب؟ یعنی اُس جہاں کیلئے جہاں ہمیشہ رہنا ہے اس کیلئے کچھ توشہ کچھ سامان بھیجنا چاہیے۔ لِغَدٍ کا لفظ کیوں فرمایا کل کیلئے؟ اس سے ایک عجیب نقطہ اور عجیب اشارہ ہے۔ تیری ساری زندگی ایک دن ہے اور دوسرا دن قیامت کا ہے۔ اس لیئے فرمایا مَّا قَدَّمَتْ لِغَدٍ۔ دوسری جگہ فرماتے ہیں:

مَا تُقَدِّمُوْا لِاَنْفُسِكُمْ مِّنْ خَيْرٍ تَجِدُوْهُ عِنْدَ اللّٰهِ ط [البقرة/110]

جو کچھ تم کمائی بھیجو گے بندہ میں اپنے خزانے میں تمہارے لیے حفاظت میں رکھتا ہوں میں ضایع نہیں کرتا۔ تو خزانے الٰہی میں وہ جمع ہے جو کچھ آپ بھیجتے ہو جو کچھ آپ کرتے ہو۔ کیوں کہ عمر رواں ہے اس لیے انسان نیکی کے کام میں کچھ سر گرمی کرے۔ اپنی قوۃ ادراکیہ اور اپنے لطائف کو اپنے مشاعر کو، مشاعر شعور سے ہے، اس ذات میں محو کرنا چاہیے یہاں تک محویت ہو جائے کہ اپنے آپ کو بھول جائے۔ کسی شاعر نے کہا ہے۔

جدھر دیکھتا ہوں ادھر تو ہی تو ❋ بسا میری نظروں میں ہے خوبرو

---

[1] قد روي أن رسول الله صلى الله عليه وسلم لما رجع من غزوة تبوك قال: "رجعنا من الجهاد الأصغر إلى الجهاد لأكبر" وأراد بالجهاد الأصغر الجهاد مع الكفار، وبالجهاد الأكبر الجهاد مع النفس. (تفسير البغوي ج 5 ص 402، تفسير البيضاوى ج 4 ص 142، تفسير روح المعانى ج 3 ص 120، التفسير المظهرى ج 1 ص 2570، رد المحتار ج 15 ص 402)

یہ ہے محویت حضرات فقراء ایسا کرنا چاہیے۔ یہ مزہ توحید کا تب ہوگا جب تک اپنے آپ کو اس ذات میں محو نہ کرے فانی نہ کرے۔ مگر میرے پیارے دوستو حضرات فرماتے ہیں:

اے نقش بندِ عالم نقش مرا ببند ❊ نقشِ چناں بہ بند کہ گویند نقشبند

لب ببند و چشم بند و گوش بند گر نہ بینی نورِ حق بر من بخند

یہ نقشبندیہ سمجھا ہے کہ حضرات نقشبندیہ کا کیا طریقہ ہے؟ وہ فرماتے ہیں "نقش بند عالم نقش مرا ببند نقش "تیرا تب مضبوط ہوگا "لب ببند" اپنے لبوں کو بند رکھ۔ بیہودہ بکواس نہ کر، بیہودہ گوئی نہ کر، دشنام دہی نہ کر، جھوٹ نہ بول، گلا نہ کر، کسی کو اپنی زبان سے ایسی حرکت شریہ سے رنج نہ کر۔

اے نقشبندی! سن لیا۔ بزرگ فرماتے ہیں کہ اپنے منہ کو بند رکھ جو تیرے اس منہ کے اس غار میں ایک اژدھا ہے، یہ مخلوق کو تکلیف نہ پہنچائے۔ طعنہ زنی کرنا کسی پر اشارہ شریہ کرنا، زبان ایک ثعبان ہے اس کو محفوظ رکھنا چاہیے۔ "لب ببند چشم ببند" اپنی آنکھوں کو بند رکھ۔

نقشبندی! بیگانی عورت کو نہ دیکھنا، بیگانے مال کو نہ تکنا آپ سمجھے؟ حضور صلوٰۃ والسلام فرماتے ہیں کہ منافق کی یہ علامت ہے: إِذَا حَدَّثَ كَذَبَ [1] جس وقت بات کریگا جھوٹ بولے گا۔ معلوم ہوا کہ مومن کبھی جھوٹ نہیں بول سکتا۔ مومن ہو جھوٹ بولے یہ کبھی نہیں ہو سکتا۔ جھوٹ ضد ہے ایمان کی۔ اگر ایمان ہے تو جھوٹ نہیں ہے اگر جھوٹ ہے تو ایمان نہیں ہے۔ یہ علامت منافق کی ہے۔ جس وقت اس کو امانت دی جائیگی وہ خیانت کریگا۔ معلوم ہوا خیانت کرنا مومن کا کام نہیں۔ خیانت اگر کریگا تو منافق کریگا۔ وعدہ خلافی وَإِذَا وَعَدَ أَخْلَفَ منافق کی یہ علامت ہے جس وقت وعدہ کرے گا خلاف کرے گا۔ مومن وعدہ کے خلاف کبھی نہیں کر سکتا آپ نے سمجھا؟

---

[1] عَنْ أَبِي هُرَيْرَةَ ، رَضِيَ اللَّهُ عَنْهُ ، أَنَّ رَسُولَ اللهِ صلى الله عليه وسلم قَالَ : آيَةُ الْمُنَافِقِ ثَلَاثٌ إِذَا حَدَّثَ كَذَبَ ، وَإِذَا اؤْتُمِنَ خَانَ ، وَإِذَا وَعَدَ أَخْلَفَ. رواه البخاري

حضرت سيدنا ابوهريره رضي الله عنہ روايت ڪئي رسول الله صلي الله عليہ وسلم فرمايو تہ: منافق جون ٽي نشانيون آهن. ڳالهائي تہ ڪوڙ هڻي، امانت ۾ خيانت ڪري، جڏهن وعدو ڪري تہ نہ پاڙي.

اے حضرات نقشبند ! جمع ہوئے یہ عاجز آپ کو درس دے رہا ہے کہ اس بات پر مضبوط رہو۔ اپنی زبان کو بند رکھو۔ اپنی آنکھ کو بند رکھو۔ یہ سبق لے جاؤ اور کسی پر تحقیر اور اہانت کرنے سے اپنے آپ کو بچاؤ۔ بعض لوگ آنکھوں سے اشارے کرتے ہیں توہین کرتے ہیں، حقارت کرتے ہیں۔

لب ببند و چشم بند و گوش بند۔

زبان کو بند رکھ برے کلام سے، کانوں کو بند رکھ بری باتیں سننے سے، آنکھ کو بند رکھ پرائے مال تکنے سے، بیگانے مال تکنے سے، بیگانی عورت تکنے سے، تماشے دیکھنے سے، سینیما دیکھنے سے۔ کانوں کو بند رکھ بد آوازیں سننے سے جو بیہودہ بات ہے۔

اے سالک! اے نقشبندی! تب فیض ہوویگا۔ یہ سبق حاصل ہوا؟ یاد رکھئے ہمیشہ کیلئے اس پر استقامت کرو۔ حضرت امام غزالی نے احیاء العلوم میں لکھا ہے یہ قلب ایک حوض ہے اس میں دریائے رحمت فیض اور برکات جمع ہوتے ہیں۔ مگر یہ حوض رحمت کا پُر ہوویگا، صاف رہیگا کب؟ جب آپ نلکیاں غلاظت کی بند کریں گے۔ اگر آپ چاہتے ہیں میرا حوضِ قلب پُر ہوجائے اللہ تعالیٰ کی محبت کے دریا سے تو پہلے نلکیوں کو بند رکھو۔ کان ایک نلکی ہے جس سے بری باتیں سننے کا اثر قلب پر پڑتا ہے، اس حوض پر پڑتا ہے۔ آنکھ سے دیکھنے کا اثر قلب پر پڑتا ہے، بولنے کا اثر قلب پر پڑتا ہے۔ یہ نلکیاں بند ہوں پھر رحمت کا دریا، محبت کا دریا دیکھو کیسا آپ کو فائدہ پہنچتا ہے۔ آپ کے مشاعر آپ کی قوت ادارک یا لطائف باطنیہ کتنا سیراب ہوتے ہیں اس سے۔ اگر غلاظت چلتی رہیگی تو آپ کو کوئی فائدہ نہیں۔ اس میں ترقی نہیں ہوگی۔ اب مَّا قَدَّمَتْ لِغَدٍ ۚ پھر آپ آگے فرماتے ہیں:

وَ اتَّقُوا اللّٰهَ ؕ اِنَّ اللّٰهَ خَبِيْرٌۢ بِمَا تَعْمَلُوْنَ

تقوا اللہ ؕ دونوں لفظ جو ہیں تکرار کیوں ہیں مکرر کیوں ہیں۔ متنبہ کیا گیا ہے غافل کو خبردار ایمان میں خیال کرنا۔ ایمان میں اگر ترقی ہے تو تقویٰ پر متنبہ کرنے کیلئے مکرر لایا گیا ہے اتقوا اللہ ؕ آپ کو تنبیہ کرنے کیلئے اے غافل خبردار اللہ تعالیٰ سے ڈرو اللہ تعالیٰ سے ڈرو اتقوا اللہ ؕ مکرر يٰۤاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوا اتَّقُوا اللّٰهَ ؕ پھر ہے۔

وَاتَّقُوا اللّٰهَ ۭ اِنَّ اللّٰهَ خَبِيْرٌۢ بِمَا تَعْمَلُوْنَ اللہ تعالیٰ تیرے کردار سے، تیرے اعمال سے، ہمارے اعمال سے وہ واقف ہے۔ خبردار ! تیرے اعمال سے وہ واقف ہے۔ لہٰذا اللہ تعالیٰ کو اپنے اعمال سے واقف سمجھ کر اخلاص کی سرگرمی پیدا کرو۔ اخلاص میں خلوص میں سرگرمی ہونی چاہیے۔ جو کام کرو صرف اس کی رضا کیلئے۔ پھر آگے فرماتے ہیں وَلَا تَكُوْنُوْا كَالَّذِيْنَ نَسُوا اللّٰهَ ایسا نہ ہونا چاہیے جن لوگوں نے خواہشات نفسانی میں لذات فانی میں آکر محو ہو کر رب کو بھلا دیا اے امت محمد رسول اللہ ﷺ ایسا نہ ہونا چاہیے۔ یہ خاص پیار ہے خاص انعام ہے امت محمد رسول اللہ ﷺ کیلئے کہ آپ ایسا نہ ہونا۔ لذات فانیہ میں خواہشات نفسانی میں آکر لذات فانی میں محو ہو کر اللہ کو بھلا دیا اور اللہ تعالیٰ نے ان کو بھلا دیا۔ حیات ابدی سے وہ محروم ہوگئے۔ اللہ تعالیٰ کے بھلانے کا نتیجہ یہ ہوا کہ حیات ابدی سے حیات جاودانی سے سعادت جاودانی سے وہ لوگ محروم ہوگئے۔ معلوم ہوا جو شخص خواہشات نفسانی میں پڑ جائیگا وہ انعام الٰہی سے محروم ہو جائیگا۔ حضور علیہ صلوٰۃ والسلام فرماتے ہیں جس کے دل کے اندر ذرہ مثل رائی دنیا کی محبت ہے اس پر معرفت اللہ تعالیٰ کی حرام ہے۔ معرفت نہیں ہوسکتی۔ دنیا ایک حجاب ہے جب تک یہ حجاب نہ اٹھے تب تک معرفت نہیں ہوتی۔ آپ نے سمجھا؟

مَنْ عَرَفَ نَفْسَهٗ فَقَدْ عَرَفَ رَبَّهٗ [1] جس نے اپنے نفس کو پہچانا اس نے اپنے رب کو پہچانا۔

مَنْ عَرَفَ نَفْسَهٗ بِالْعِجزِ فَقَدْ عَرَفَ رَبَّهٗ بِالْقُدْرَةِ

جس نے اپنے نفس کو پہچانا کہ میں عاجز ہوں میں محتاج ہوں۔ اس نے اپنے رب کو پہچانا کہ وہ قوۃ اور قدرۃ والا ہے۔

مَنْ عَرَفَ نَفْسَهٗ بِالْحُدُوثِ فَقَدْ عَرَفَ رَبَّهٗ بِالْقُدُومِ

جس نے اپنے آپ کو سمجھا کہ میں مخلوق ہوں وہ ذات قدیم ہے۔

---

[1] تفسير البغوي ج 1 ص 153

مَنْ عَرَفَ نَفْسَهُ بِالفناءِ فَقَدْ عَرَفَ رَبَّهُ بِالبقاءِ

جس نے اپنے آپکو سمجھا کہ میں فانی ہوں اور رب کو سمجھ لیا کہ وہ ذات باقی ہے۔

حضرات ! بات یہ ہے کہ بِسْمِ اللّٰہِ میں پہلے اسم کا لفظ ہے پھر اسم ذات ہے۔ اسم اللہ سے بسم مقدم ہے۔اس میں راز یہ ہے کہ اللہ تعالیٰ کو اگر آپ نے تلاش کرنا ہے تو اس ذات کے واسماء آثار ہیں اس آثار پر چلو۔ اسماء کو لیکر صفات کو لیکر پھر ذات کو پہنچو گے۔ اللہ تعالیٰ کو اگر ملنا ہے اللہ تعالیٰ کا تقرب حاصل کرنا ہے۔ پہلی حالت ابتدائی میں انسان کا تعلق اسم سے ہوتا ہے۔ اس لئے اسم کے آثار کو لیکر چلتے ہوئے اسم کے آثار کو پکڑتے ہوئے طالب مولا مسمّٰی تک پہنچ جاتا ہے۔ معلوم ہوا اللہ کے ملنے کا راستہ اللہ تعالیٰ کے ملنے کا وسیلہ اسم ذات ہے۔ اسم ذات کا ذکر کرو۔ یاد رکھو اسی ذکر میں اللہ تعالیٰ کا انس اللہ تعالیٰ کی محبت اللہ تعالیٰ کا عشق اس ذکرِ الٰہی میں حاصل ہو جائیگا۔ ذکر کرتے کرتے مذکور تک پہنچ جائیں گے۔ اسم بولتے بولتے مسمّٰی تک پہنچ جائیں گے۔ اس لئے ہر وقت کہو اللہ اللہ۔

حضرت جنید بغدادی فرماتے ہیں کہ جتنی الفت جتنا انس جتنا تقرب ہم کو ذات سے ہوا ہے وہ اسم کے پکڑنے سے، اسم کے لینے سے، اس پر چلنے سے، اسم کا ورد پکانے سے، ہم اللہ سے مانوس ہوئے۔ اللہ تعالیٰ سے محبت ہوئی، اللہ تعالیٰ کا تقرب ہوا، اللہ کا وصال ہوا بذریعہ اسم۔ اس لیے حضرات فقراء کی خدمت میں تاکید کرتا ہوں کہ ہر وقت اسم ذات کا ذکر کرتے رہو۔ اللہ اللہ اللہ۔

یہ ایسا آثار ہے کہ اس کو پکڑتے ہوئے اس نشانی کو اس علامت کو پکڑتے ہوئے مسمّٰی تک پہنچ جاؤ گے۔ اسم کے آثار کو نہ چھوڑو۔

یاد رکھئے، اسم مطلوب نہیں ہے۔ اسم سے مطلوب مسمّٰی ہے۔ جو اسم کا ذکر کرتا ہے وہ مبتدی ہے جب مسمّٰی کی محبت عشق آوے تو منتھی ہے۔ سلوک دو لفظوں میں ہے۔ اگر اللہ اللہ کرتے ہوں وہ مبتدی ہیں، طالب ہیں، تلاش میں ہیں۔ جب اللہ تعالیٰ کی محبت آگئی تو یار مل گیا۔ آپ پہنچ گئے۔ یہ منتھی ہیں۔ یار کے ذوق میں یار کے شوق میں ہر وقت تنوار لگی ہوئی ہے کہو نہ اللہ اللہ اللہ اللہ۔

اللہ اللہ کرنے سے وہ ذات ملے گی۔ اگر انس ہوگا ذات سے پیدا ہوگا۔ محبت پیدا ہوگی ذات سے اسم کے ذکر کرنے سے۔ اسم کے ذکر کو پکڑنا اس کو ہمیشہ کرتے رہو۔ اسم وہ چیز ہے کہ مسمّٰی سے ملا دیتا ہے۔ مثلاً عبداللہ ایک شخص کا نام ہے۔ جب عبداللہ ہم پکارتے ہیں ندا کرتے ہیں یا عبداللہ۔ عبداللہ تو نام ہے کس کا بحاجت تشخص ذات ہے۔ ہم جب پکارتے ہیں ہمارے دل میں یہ لحاظ ہوتا ہے جس کا نام ہے وہ ہماری طرف متوجہ ہو جائے۔ دل میں یہ ارادہ ہوتا ہے کہ یہ شخص جس کا نام ہے اس کو بلا رہا ہوں۔ جب تک وہ جواب نہیں دیتا تب تک اس کو بلاتا رہتا ہے یا عبداللہ۔ مقصود نام عبداللہ تو نہیں ہوتا وہ ذات ہوتی ہے ھٰذا تشخص۔ اگر ذات مطلوب نہ رہے۔

حضرات نحوی کہتے ہیں کہ معرفہ ہوتا ہے وہ نکرہ بن جاتا ہے۔ اگر ذات ملحوظ ہے و معرفہ رہتا ہے۔ آپ کو اللہ کی ذات مطلوب ہے۔ پہلے پہلے سالک جب اللہ اللہ کرینگے تو ذات ملحوظ ہوگی کہ اسی ذات کو میں پکار رہا ہوں جس کا نام ہے اللہ یہ اسم عظیم ہے۔

سبحان اللہ جو فوائد جو برکات جو سعادت ذات سے حاصل ہیں وہ اس کے اسماء سے حاصل ہیں۔ اگر اس کے اسماء کا ذکر کرتے رہیں گے انشاء اللہ تعالیٰ ان کی برکت آپ کو پہنچے گی۔ جو ذات میں فوائد ہیں وہ اسماء میں فوائد ہیں۔ صرف اسم اللہ کے ایسے فوائد ہیں جس کام کو شروع کروگے یہ آپ کے کام پر برکت ہوگا۔ اسم کا نام لیکر جس کام کو شروع کروگے آپ کامیاب ہونگے جو ذات میں کامیابی ہے وہ اسماء میں کامیابی ہے۔ اس کے فضائل اتنے ہیں اس کا ثواب اتنا ہے کہ۔ **لا تعدو ولا تحصي**.

جتنا ذکر کرتے رہیں گے اس کا انداز ثواب کا نہیں ہے۔ مگر یاد رکھنا اسم پکارنے سے مسمّٰی مطلوب ہے۔ اللہ اللہ کرتے رہو تاکہ اللہ کی محبت ہو جائے اللہ کا عشق آجائے۔

فقیرو! سمجھا ذکر کیوں کرتے ہیں؟ مذکور کے طالب ہیں، مسمّٰی کے طالب ہیں۔ جس کا نام ہے اس کی طرف توجہ ہو جائے، اس سے ملاقات ہو جائے، اس کا وصال ہو جائے۔

فقیرو! ذکر کرنے میں مذکور کی محبت اصل مطلوب ذکر نہیں، اصل مطلوب اسم نہیں، اصل مطلوب جو ہے مسمّٰی ہے یا مذکور ہے۔ یعنی مذکور میں فانی ہو جا۔ محویت ہو جائے تیری اس ذات میں تب فائدہ ہوتا ہے۔

بسم اللہ اسم کیوں پہلے لایا گیا ذرا غور سے سمجھو۔ کہا جائے باللہ الرحمٰن الرحیم، بسم اللہ کیوں آیا، اسم ہے ملانے والا۔ طالب کو پہلے اسم بتایا گیا اسم کو پکڑو اس کے ساتھ تعلق رکھو یہ آپ کو مسمّٰی سے ملادیگا۔ اس لئے فرمایا بسم اللہ پہلے اسم کو تم ذات کو تو نہیں دیکھتے اسم کے تو واقف ہوگئے ہیں۔

اسم کو لاؤ یہ مسمّٰی سے ملادیگا۔ پھر اسماء کی سیر اسم کی سیر سیر الی اللہ ہے۔اس کا حضور ہوگیا، اس کی ہیبت، اسکی جلالت، اسکی عظمت ان کی آنکھوں اس کے دل میں مرکوز ہو جاتی ہے تاکہ لرزنے لگا کانپنے لگا۔ اس کی بے نیازی کو بے پرواہی کو، ذات جو ہے لاابالی ذات ہے، بے نیاز ہے، سب اس کے نیاز مند ہیں، اس کی جلہ پناہ ہیں۔ وہ بے نیاز ہے۔ سبحان اللہ اپنے ملنے والے کو تسلہ دیتے ہیں۔ اے میرا بندہ! میں بے پرواہ بھی ہوں، بے نیاز بھی ہوں۔ واقعی صحیح ہے تو کانپتا کیوں ہے۔ کانپنا نہیں چاہیے۔ کیوں کانپتا ہے۔ اے میرا بندہ! لیکن یاد رکھنا الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ میں رحمٰن بھی ہوں، میری رحمٰنیت کا امیدوار ہو۔ میں رحیم بھی ہوں کیوں کانپتا ہے۔ اے میرا بندہ! مجھ سے ایسا نہ ڈر جو مجھ سے ناامید نہ ہوجائے۔ کیوں کہ میری ذات رحمٰن بھی ہے میری ذات رحیم بھی ہے۔ اس کو کہتے ہیں سیر عن اللہ۔ ذات تک پہنچ کر پھر اس کی صفات میں سیر ہونے لگ گئی۔ پہلے تھی سیر الی اللہ اب شروع ہوگئی سیر عن اللہ۔ پھر پہلے ذات کی اس کے اندر جلالت آگئی جہاں اللہ کا نام آگیا وہاں وہ کانپ گیا۔ پھر فرماتے ہیں جب میں رحمٰن ہوں اور رحیم ہوں میری رحمت اور رحیم ہونے پر بندہ غرہ نہ ہونا۔ غرہ ہو کر قدم تیرا تیز ہوجائے بے فرمانی پر۔ یاد رکھ مٰلِكِ يَوْمِ الدِّيْنِ بھی ہوں۔ کہ بندہ شاید غرہ ہوجائے میری رحمت پر غرہ نہ ہونا چاہیے۔ مٰلِكِ يَوْمِ الدِّيْنِ ؕ ہوں میں جزا دینے والا ہوں۔ جب طالب کہتا ہے، پڑھتا ہے اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ سیر میں ہوگیا الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ۝ مٰلِكِ يَوْمِ الدِّيْنِ ۝ تک پہنچا، اس کی ذات کے کمالات کو جب اس نے دیکھا سیر کی، اس کو بے اختیار اللہ تعالیٰ کی ملاقات کا شوق پیدا ہوا۔ جب سالک نے اسماء کی سیر کی، صفات کی سیر کی، صفات کے بعد اس کے کمالات کے بعد اس کی ملاقات کا بے اختیار شوق پیدا ہوا۔ پھر اس طالب کو اس کی طرف سفر کرنا پڑا۔ اس کے لئے توشہ بھی ضروری ہے اور سواری بھی ضروری ہے۔ اس کے ملنے کیلئے اِيَّاكَ نَعْبُدُ

یہ توشہ حاصل کیا یہ زاد راہ حاصل کیا۔ گو عبادت وصال ہے مگر بغیر مدد الٰہی محال ہے۔ سواری جو ہے اس پر جلدی طے ہوتا ہے۔ اِیَّاكَ نَسْتَعِیْنُ ؕ کی مدد غیبی کی سواری حاصل کرلی۔ جب اس کو اِیَّاكَ نَعْبُدُ سے عبادت کا توشہ مل گیا اور نَسْتَعِیْنُ کی سواری مل گئی، اب سڑک ڈھونڈتا ہے۔

کون سی سڑک پر جاؤں، یار کو ملوں اپنے مالک، اپنے پروردگار سے ملوں۔ پھر سواری، پھر راستہ مانگتا ہے۔ عرض کرتا ہے : اِهْدِنَا الصِّرَاطَ الْمُسْتَقِیْمَ ۙ سواری بھی مل گئی، خرچہ بھی مل گیا، اب سڑک کی ضرورت ہے جو اپنے محبوب پردگار کا دیدار کروں۔ وہ سڑک حاصل کروں جو لے کر دربار تک پہنچے۔ جب وہ روڈ بھی مل گیا اس کو اِهْدِنَا الصِّرَاطَ الْمُسْتَقِیْمَ ۙ جب وہ صراط مستقیم پر آ گیا، احکام شریعت پر آ گیا، اتباع شریعت پر آ گیا۔

میرے دوستو! روڈ کیا ہے اسلام ہے۔ اسلام کے روڈ پر ایک جوان ہے جو پکار رہا ہے، چلے آؤ چلے آؤ یہ راستہ پکڑو۔ وہ کون ہے قرآن ہے اس روڈ شریعت پر قرآن کھڑا ہے۔ وہ ہر ایک کو بلا رہا ہے ادھر آؤ ادھر آؤ۔ دوسرے راستے مت پکڑو یہ راستہ اسلام کا لو۔ اگر رب کو ملنا ہے تو اس راستے کو پکڑو۔ قرآن بلا رہا ہے۔

میرا پیارا دوست! اور روڈ کی تلاش ہوئی، جب اس کو روڈ شریعت مل گیا۔ اتباع شریعت کی سڑک مل گئی۔ اسلام بھی حاصل کرلیا، پھر اس کو خیال ہوتا ہے کہ اکیلا سفر نہ کروں۔ جب روڈ پر چلتا ہے تو سنگت بھی چاہتا ہے کوئی رفیق بھی ہو۔ اکیلا میرا سفر نہ ہو۔ پھر رفیق چاہتا ہے اللہ تعالیٰ سے۔ اے اللہ ایسے رفیق، ایسی ارواح طیبہ مجھے نصیب فرما جن کی صحبت کی وجہ سے، جن کی رفاقت کی وجہ سے میرا سفر آسان ہوجائے۔ جو تکلیفیں اس روڈ پر ہیں ان سے میں بچ جاؤں۔ پھر کہتا ہے : صِرَاطَ الَّذِیْنَ اَنْعَمْتَ عَلَیْهِمْ انعام یافتہ جو لوگ ہیں اے اللہ، جو ارواح طیبہ ہیں انکی رفاقت نصیب فرما۔ ان کے ذریعے سے میرا سفر طئے ہوجائے تاکہ صعوبتوں سے تکلیفوں سے بچ جاؤں۔ اس لئے عرض کرتا ہے کہ اَنْعَمْتَ عَلَیْهِمْ۔

میرے دوست! روڈ بھی مل گیا، شریعت بھی مل گئی اور راستہ بھی مل گیا، پھر منعم لوگوں کی رفاقت بھی حاصل ہو گئی۔ اللہ والوں کی صحبت میں بھی آ گیا، ان کی محبت میں بھی آ گیا، ان کا سہارا بھی لے لیا، اے اللہ مجھے راستہ بھی ملا، مجھے رفیق بھی ملے اب جو میں نے سرمایہ جمع کیا ہے، راہ زنی سے ڈرتا ہوں کہ راستے میں کوئی میرا یہ ایمان نہ لوٹ لے۔ ارواح خبیثہ جو ہیں جو راہ زن ہیں پھر پکارتا ہے:

غَيْرِ الْمَغْضُوْبِ عَلَيْهِمْ ۔اے میرا خدا! مجھے رفیق بھی مل گئے، اہل اللہ بھی مل گئے، ان کی صحبت محبت میں بھی آ گیا، سڑک بھی مل گئی، سب کچھ ہو گیا، لیکن اب ڈرتا ہوں راہ زنوں سے، کہ میرا جو مال ہے جو میں نے حاصل کیا ہے وہ نہ لوٹ لے۔ اس لئے کہتا ہے **وَلَا الضَّآلِّيْنَ**۝ **آمین**۔

سمجھ لیا فقیرو! میں نے کیا عرض کیا ہے، آپ نے کچھ سنا ہے کہ نہیں؟ یہ ہے سلوک۔

حضرات کہتے ہیں کہ **اِيَّاكَ نَعْبُدُ** ضمیر منصوب منفصل کو "ك" پر کیوں مقدم کیا گیا ہے۔ تقدیم محو کو تاخیر یہ معمول ہے **نَعْبُدُ** کا یہ پہلے کیا ہے تقدیم محو کو تاخیر یہ حصہ ہے۔ ذرا غور کر کے سمجھئے فقیر کی بات کو۔ میں نے عرض کیا تھا آپ کو پہلے اسماء کی سیر ہے یہاں آ گیا ہے اسماء کی سیر کرتے ہوئے، صفات کی سیر کرتے ہوئے پہنچ گیا عارف **اِيَّاكَ نَعْبُدُ** اب پہنچ گیا۔ سمجھ آ گئی۔ پہلے کیا تھے سبحان اللہ سیر حال غیبیت میں۔ اللہ تعالیٰ کا حضور خطاب نہیں تھا۔ پہلے غیب میں تلاش کرتا رہا اسماء میں صفات میں تلاش کرتے ہوئے پہنچ گیا ہے عبادت میں **اِيَّاكَ نَعْبُدُ** معلوم ہوا کہ صفات اور اسماء اور صفات کی سیر کرنے کے بعد آپ کو عارف پر معروف کا جلوہ کھل جائیگا۔ پھر کہتا ہے کہ **اِيَّاكَ نَعْبُدُ** خاص تیری ہی عبادت کرتے ہیں۔ اب آنکھ کھل گئی۔ آپ نے سمجھا یہ معمولی بات نہیں کر رہا ذرا غور کر کے سمجھنا۔ معلوم ہوا اسماء کی سیر سے صفات کی سیر سے اس کے بعد پھر یہ جلوہ کھل گیا، نظر کھل گئی۔ کہتا ہے **اِيَّاكَ نَعْبُدُ** اب عارف کی معروف پر دل آنکھ لگ گئی ہے، **اِيَّاكَ** تیری ہی۔ ابھی اسی مقام پر آنکھ کھل گئی۔ صفات کی سیر اسماء کی سیر کے بعد صفات کی سیر کے بعد آنکھ کھلتی ہے۔ کہتا ہے کہ **اِيَّاكَ نَعْبُدُ** خاص تیری ہی عبادت کرتے ہیں۔ معروف پر آنکھ لگ گئی خاص تیری ہی عبادت کرتے ہیں۔

کہتے ہیں یہ لفظ کیوں کہتا ہے تیری ہی عبادت کرتے ہیں۔ کیا اللہ تعالیٰ کو احساس جتاتا ہے کہ میں تیری عبادت کرتا ہوں یا کیا معروف پر آنکھ کیسے لگی۔ کیوں بولتا ہے کہ نَعْبُدُ تیری ہی عبادت۔

بھائی ! وہ اس لئے عرض کرتا ہے کہ اے اللہ سمجھتا ہے کہ میرا قرب ہے عبادت سے اس لیے عبادت کو ذکر کر کے اپنے معروف کو عرض کرتا ہے سائیں تیری ہی عبادت کرتے ہیں۔ تقرب پیش کرتا ہے، سمجھتا ہے کہ عبادت میں تقرب ہے۔

فقیرو! اللہ کو ملنا ہے تو اللہ کی عبادت کرو، قرآن پر چلو، شرعی احکام پر چلو۔

فقیرو! سن لیا اِیَّاکَ نَعْبُدُ طالب کو پہلے آنکھ رکھنی چاہیے ذات پر پھر عبادت ہوسکتی ہے کسی پر آنکھ نہ ہو۔ عبادت وہ مقبول ہے جس کی آنکھ رب پر لگ جائے۔ اِیَّاکَ نَعْبُدُ تقدیم محو کو تاخیر کیوں ہے حصر کیلئے یعنی تیری ہی عبادت کرتے ہیں۔ غیر اللہ کی عبادت نہیں کرتے۔ یہاں پر فقیرو ایک بات مجھے یاد آگئی ہے کہ حضرات فقراء اس فقیر کے ساتھ میل ملاقات رکھتے ہیں۔ دروازے سے یہ عاجز چلتا رہتا ہے تو ملتے رہتے ہیں۔ تمہارا ہمارا جمع ہونا خاص اللہ کی رضا کیلئے ہے۔ کس لئے جمع ہوئے اللہ کی رضا کیلئے۔ بولو ہم جمع ہوئے اللہ کی رضا کیلئے اور حضرت محمد مصطفیٰ ﷺ کی اتباع کیلئے۔ خدا جانے کب راضی ہوگا جب حضرت محمد رسول اللہ ﷺ ہم پر راضی ہوگا۔ خدا کی رضا اگر آپ کو تلاش کرنی ہے تو حضرت محمد رسول اللہ ﷺ کی رضا حاصل کرو۔ رسول اللہ ﷺ کی رضا کے سوا خدا کی رضا حاصل نہیں کرسکتے۔ جب تک رسول اللہ ﷺ کی رضا نہیں جس کام میں خدا کی رضا نہیں، یہ مسئلہ یاد رکھنا خدا تب راضی ہوگا کب جب رسول اللہ ﷺ راضی ہوگا۔ میں حدیث بھی سنادوں۔ رسول اللہ ﷺ فرماتے ہیں کہ :

مَنْ أَطَاعَنِي فَقَدْ أَطَاعَ اللّٰهَ , وَمَنْ عَصَانِي فَقَدْ عَصَى اللّٰهَ [1]

جس نے میری تابعداری کی اس نے خدا کی تابعداری کی جس نے میری بے فرمانی کی اس نے خدا کی بے فرمانی کی جس نے مجھے خوش کیا اس نے خدا کو خوش کیا جس نے خدا کو خوش کیا دخل الجنتہ وہ جنت میں

---

[1] تفسیر عبدالرزاق الصنعاني ج 1 ص 465، واخرجه مسلم وابن ماجه والنسائی عن ابی هريرة بلفظ مَنْ أَطَاعَنِي فَقَدْ أَطَاعَ اللّٰهَ وَمَنْ يَعْصِنِي فَقَدْ عَصَى اللّٰهَ۔

پہنچ جائے گا۔ بولو بھئی خدا کی رضا کس ذات میں ہے کہو رسول اللہ ﷺ کی ذات میں ہے۔ رسول اللہ ﷺ راضی ہے تو خدا راضی ہے۔ جس پر رسول اللہ ﷺ راضی نہیں ہے تو خدا راضی نہیں۔ کیوں وہ مخلوق کی اصل ہے، وہ مخلوق کیلئے تخم ہے۔ ساری کائنات جو پیدا ہوئی ہے رسول اللہ ﷺ کے صدقے معلول کا تعلق علت کے ساتھ رہتا ہے۔ آپ نے سمجھا علت تحت رہتی ہے علت مقدم معلولات پر۔ یہ مسئلہ کچھ اور ہے۔

اللہ تعالیٰ فرماتا ہے: اے محبوب اگر میں آپ کو پیدا نہ کرتا، نہ آسمان پیدا کرتا، نہ زمین پیدا کرتا۔ ①

سنئے بھائی ! حدیث قدسی میں آتا ہے کہ اللہ تعالیٰ فرماتا ہے کہ اے میرا محبوب زمین پیدا کی تیرے لئے۔ آسمان پیدا کئے تیرے لئے، کائنات پیدا کی تیرے لئے۔ سبحان اللہ مخلوقات پیدا کی تیرے لئے۔ باغات بنائے تیرے لئے، نہریں بنائیں تیرے لئے، جو کچھ زمین اور آسمان کے درمیان یا زمین آسمان میں جو کچھ بنایا سب محبوب تیرے لئے جو کچھ میں نے بنایا سب تیرے لئے۔

حضور علیہ الصلواۃ والسلام جواب میں عرض کرتے ہیں اے میرے مولیٰ تم نے جو کچھ بنایا میرے لئے میں نے سب کچھ چھوڑا تیرے لئے۔ حضور علیہ الصلواۃ والسلام فرماتے ہیں میرا دنیا کے ساتھ کوئی تعلق نہیں۔ میں ایسے ہوں جیسا کوئی سفر کر رہا ہے۔ درخت کے نیچے وہ وقت لیتا ہے۔ میں اسی طرح ہوں دنیا میں۔ میں فارغ ہوں۔ ②

---

① اورده الشيخ شهاب الدين محمود ابن عبد الله الحسيني الآلوسي في تفسيره الروح المعاني ج 15 ص 219 بلفظ لولاك لما خلقت الأفلاك. واورده الشيخ محمد ثناء الله العثماني المظهري في التفسير المظهري ج 1 ص 4254 بلفظ وفي الحديث القدسي لولاك لما خلقت الافلاك ولما أظهرت الربوبية.

② لعل الشيخ اشار الي هذا الحديث المباركة التي اخرجها ابن ماجة في سننه عَنْ عَلْقَمَةَ ، عَنْ عَبْدِ اللهِ ، قَالَ : اضْطَجَعَ النَّبِيُّ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ ، عَلَى حَصِيرٍ فَأَثَّرَ فِي جِلْدِهِ ، فَقُلْتُ : بِأَبِي وَأُمِّي ، يَا رَسُولَ اللهِ ، لَوْ كُنْتَ آذَنْتَنَا فَفَرَشْنَا لَكَ عَلَيْهِ شَيْئًا يَقِيكَ مِنْهُ ، فَقَالَ رَسُولُ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ : مَا أَنَا وَالدُّنْيَا ، إِنَّمَا أَنَا وَالدُّنْيَا كَرَاكِبٍ اسْتَظَلَّ تَحْتَ شَجَرَةٍ ، ثُمَّ رَاحَ وَتَرَكَهَا.

إِيَّاكَ نَعْبُدُ وَإِيَّاكَ نَسْتَعِينُ ۝ میرے دوست عارف کی معروف پر آنکھ لگ گئی۔ جب اس کی آنکھ ہے کہتا ہے اِیَّاکَ نَعْبُدُ تیری ہی عبادت کرتے ہیں غیروں سے ہمارا کیاو اِیَّاکَ نَسْتَعِیْنُ ۝ اور تجھ ہی سے مدد مانگتے ہیں۔ ایک مسئلہ یاد آگیا ہے کہ کوئی کام شروع کیا جاتا ہے تو مدد پہلے ہوتی ہے کام بعد میں۔ یعنی عبادت کرتے ہیں اور مدد کس کی۔ اب اے اللہ تیری ذات تک تو میں پہنچ چکا ہوں۔ اِیَّاکَ نَعْبُدُ اے میرے مولا تیرے قرب میں آگیا ہوں۔ تیرے وصال میں آگیا ہوں۔ لیکن ڈرتا ہوں شیطان سے مجھے لغزش نہ دیوے و اِیَّاکَ نَسْتَعِیْنُ ۝ تیری مدد مانگتا ہوں۔

اب تیری دربار میں رہنے سے تیری مدد ہو گی کہ میں کامیاب ہو جائوں۔ تیری نظر نہیں تو میری کامیابی نہیں ہے۔ اب سالک کو چاہیے جب اللہ تعالیٰ کا وصال اور کمالات حاصل کرے، شیطان سے ڈرتا رہے۔ اللہ تعالیٰ سے مدد مانگتا رہے۔ آپ نے سمجھ لیا؟

اے فقیرو! عبادت ایسی کرنی چاہیے کہ ایسے سمجھو کہ میں خدا کو دیکھ رہا ہوں۔ اگر یہ نہیں ہوتا تو سمجھیں خدا تو دیکھ رہا ہے۔ حضرات! دنیا فانی ہے اور میرا دوست! میں تیرا خیر خواہ ہوں۔ مجھے پیر نہ کہنا میں پیر بننے کیلئے کرسی پر نہ بیٹھا ہوں۔ میں پیر نہیں۔ کون کہتا ہے پیر ہے؟! میں تو ایک ادنیٰ غلام ہوں میں ایک فقیر ہوں۔ جماعت اولیاء کی طرف سے قاصد ہوں۔ اللہ اور رسول کے پیغام پہنچانے کیلئے آیا ہوں۔ نہ تو میں پیر بننے کیلئے آیا ہوں نہ قطب بننے کیلئے آیا ہوں۔ خدا کی قسم میں قطب بننے کیلئے نہیں آیا۔ میں تیری خدمت کرنے کیلئے آیا ہوں۔ تیرے دروازے پر بلا بلا کر خدا اپنے محبوب سرکار پروردگار کا حکم سناتا ہوں۔ ارے کچھ غور کرنا میں عزت پانے کیلئے نہیں آیا۔ تم کو عزت دلانے کیلئے آیا ہوں۔ اگر عزت ہے تو رسول اللہ ﷺ کی غلامی میں ہے۔ اگر آپ نے عزت پانی ہے تو رسول اللہ ﷺ کی شریعت کے طرف جائیں۔ مجھے پیر کہتے رہو گے کیا ہو گا میں پیر نہیں ہوں۔ اعلان کرتا ہوں ہر ایک کو معلوم ہو کہ فقیر ہوں۔ جناب اولیاء طائفہء اولیاء اہل اللہ کی طرف سے انہوں نے مقرر کر دیا۔ میرے شیخ نے فرما دیا یہ پیغام سناتے جاؤ۔ میں تو پیغام رساں ہوں کہ پیر بننے کیلئے نہیں آیا۔

اگر آپ نے اللہ کو ملنا ہے رسول اللہ ﷺ کو ملنا ہے تو قرآن پر چلو۔ یہ قرآن آپ کو اللہ رسول سے ملائیگا۔ اے مسلمانا دیکھئے سبحان اللہ ذرا غور سے دیکھئے قرآن کی ابتدا کس حرف سے ہے "ب" سے ہے۔ انتہا قرآن کی "س" سے ہے۔ "ب" سے بسم اللہ ابتدا ہے قرآن کی۔ والناس "س" پر ختم ہے۔ "ب" سے ابتدا ہے "س" سے انتہا ہے۔ "ب" اور "س" کو جمع کر کیا ہوا بس پھر ترقیب مقلوبی کو بنجائے گا حسبک۔ اے مؤمن اللہ تعالیٰ فرماتا ہے اے مؤمن اے میری مخلوق تم کو اس جہان میں قرآن کافی ہے۔ "ب" اور "س" کے اشارے کا مطلب یہ ہے "ب" سے ابتدا ہوئی "س" پر انتہا ہوئی۔ اے مؤمن تیرے لئے اسی جہان میں روشنی کریگا روشنی پہنچائیگا یہ قرآن وہاں آخرت میں انعام دلائے گا۔ قرآن یہاں بھی قرآن ہے، وہاں بھی قرآن ہے۔

وہاں ملانے والا قرآن، یہاں راستہ دکھانے والا قرآن، یار کی طرف لیجانے والا قرآن، آپ کو راستہ دکھانے والا قرآن، رب سے ملانے والا قرآن، شفاعت کرنے والا قرآن، انعام دلانے والا قرآن۔

اے مسلمانو! قرآن کو پکڑنا۔ یہ بات منظور ہے فقیر کی، بولو۔

خدا کی قسم قرآن پر عمل کر قرآن کے حکم کا منتظر رہ۔ اگر تو اپنے خالق کو راضی کرنا چاہتا ہے تو قرآن کے سامنے جھک جا اور قرآن کے حکم کا منتظر رہ۔ قرآن کیا حکم دیتا ہے، مالک کیا حکم دیتا ہے۔ یہ حکم نامہ ہے حضرت رب العالمین تعالیٰ شانہ کا کیا حکم ہے اور رسول اللہ ﷺ کیا بولتا ہے۔

میرے دوستو! بات شاید بھول نہ جاؤ یہ لوگ آتے ہیں قدموں پر گرجاتے ہیں۔ ہائے افسوس تمہارا ہمارا ملنا تھا اللہ کی رضا کیلئے ہم ملنے جلنے میں وہ بات پیدا کریں، وہ دستور جاری رکھیں کہ جس دستور مطابق اللہ اور رسول راضی ہوں ملاقات ایسی صورت میں کرے۔ جتنی ملاقات ہماری ہوتی رہے شریعت کے موافق۔ خدا کی قسم ایمان بھی بڑھتا رہے اور تیرے انوار قلبی بھی جاری رہیں۔ ارے سمجھا یا نہیں؟ اگر قرآن کے خلاف ہوگا۔ رسول اللہ ﷺ کے خلاف ملاقات ہوگی شاید ایمان بھی چلا جائے۔ ملنے میں کیا فائدہ۔ اب ملو جیسا رسول اللہ ﷺ کا فرمان ہے۔ اس کے فرمان مطابق ملو۔ آپ کا ہمارا بیٹھنا بھی رسول اللہ ﷺ کے فرمان بموجب ہونا چاہیے اور تمہارا ہمارا ملنا بھی رسول اللہ ﷺ کے فرمان مطابق ہونا چاہیے۔ اگر اس کے خلاف ہوا تو مالک تو ناراض ہوگیا تو نفع کیا ہوا۔

ملو مگر پیروں پر گرنا سخت ممنوع ہے۔ اگر گرنا ہے اگر سجدہ کرنا ہے خدا کی ذات کیلئے ہے۔ غیر اللہ کیلئے نہیں ہے کچھ بھی ہو جائے۔

خبردار میرے دوست! یہ پیشانی کو رکھنا، جھک جانا خدا کیلئے ہے، اپنے معبود کیلئے ہے۔ اگر غیروں کے آگے جھکے گا تو ایمان نکل جائیگا۔ سمجھے یہ مسئلہ کیسے ملیں؟ السلام علیکم ہاتھ ملاؤ۔ یہ مسنون ہے۔ رسول اللہ ﷺ مصافحہ بھی فرماتے تھے اور کبھی کبھی معانقہ بھی کر لیتے تھے۔ سینے مبارک سے لگا لیتے تھے۔ معانقہ کرنا مسنون ہے ہاتھوں سے مصافحہ کرنا مسنون ہے۔ اگر اس کے خلاف ملاقات ہوئی تو اللہ اور رسول اللہ ﷺ ناراض ہوگا پھر تم کو فائدہ کیا ہوا۔ نہ تم کو فائدہ نہ مجھ کو فائدہ، ملاقات وہ کریں جس پر محبوب راضی ہو۔

مصافحہ کرنے سے یاد رکھئے سرکار دو عالم ﷺ فرماتے ہیں مصافحہ کرتے وقت ہاتھوں کے گناہ گر جاتے ہیں۔ کیوں سنت پر عمل نہ کریں۔ موافق شریعت ہو۔ یاد رکھو یہ اس کو سنت نہ سمجھنا کہ بار بار ملنا یہ بدعت ہے۔ ہر نماز کے بعد ملنا، ملے جو نیا ہے ہاں اگر محبت کا تقاضہ ہے بے اختیار ہے وہ بات اور ہے۔ تقاضہ محبت اور ہے، تقاضہ محبت سمجھ کر مجبور ہو گیا ہے تو اور بات ہے۔ مسنون طریقہ یہ ہے کہ بار بار نہ ملے ہر نماز کے بعد مصافحہ نہ کرو۔ بس ایک مرتبہ مصافحہ ہو گیا۔

میرے دوستو! اس وقت کو غنیمت سمجھو، اجل کا پتا نہیں کس وقت سر پر آ جائے۔ اے مسافر! دنیا پر دل مت لگاؤ۔ حضرات سنئے غذا کیا ہے روحانی غذا کیا ہے عبادت۔ لکھتے ہیں کہ اِیَّاکَ نَعْبُدُ کیوں مقدم ہوا؟ ایک تو حادث ہے۔ بندہ حادث ہے بندگی بھی حادث ہے وہ ذات قدیم ہے، قدیم ذات کو مقدم کیا گیا۔ اِیَّاکَ کو نَعْبُدُ بندگی بھی حادث بندہ بھی حادث اور اسلئے تقدیم محو کو تاخیر اسلئے وہ ذات قدیم ہے۔ اس لئے ضمیر منفصل کو مقدم کیا گیا۔ مگر عالم لوگ سمجھیں خیر یہ دوسرا مسئلہ ہے۔ اب یہ عرض کرتا ہوں حضرات فقراء کی خدمت میں یہ عاجز آپ سے دنیا کا چندہ نہیں کرتا پیسے نہیں مانگتا۔ آپ کو بزرگ کہلانے کیلئے نہیں بیٹھا سن لو۔ لیکن اگر ایمان تازہ کرنا ہے اللہ تعالیٰ کی محبت، اللہ کی معرفت، سرکار دو جہاں ﷺ کی اطاعت اور اس کا قرب چاہتے ہو تو فقیر جو کچھ کہے اس پر عمل کرو۔ میں آپ سے کچھ نہیں مانگتا۔ وقت اخیر ہے۔

يٰاَيُّهَا الَّذِيۡنَ اٰمَنُوا اتَّقُوا اللّٰهَ وَلۡتَنۡظُرۡ نَفۡسٌ مَّا قَدَّمَتۡ لِغَدٍ

اے فقیرو! کچھ سامان لو جہاں ہمیشہ رہنا ہے۔ یہاں تو عارضی ہے چند دن کا قیام ہے۔ پھر آپ نے آگے جانا ہے۔ اے مسافرو! سفر پر دل مت لگاؤ۔ اے مسافرو! تم راہ رواں ہو۔ تمہیں آگے بڑھنا ہے آگے جانا ہے۔ پہلی منزل سکرات ہے یہ منزل ہے آپ کی آئے گی۔ پھر دوسری منزل قبر کی اکیلی رات ہے۔ پھر درگاہ پھر دربار سرکار پروردگار میں ذرے ذرے کا حساب ہونا ہے۔ تم خواب میں کیسے پڑگئے! [1]

باعثِ تخليقِ انسان:

فرمايائون الله ڪريم قرآن ۾ فرمايو آهي تہ:

وَمَا خَلَقۡتُ الۡجِنَّ وَالۡاِنۡسَ اِلَّا لِيَعۡبُدُوۡنِ [الذاريات/56]

۽ نہ خلقيو مان جنن ۽ انسانن کي مگر پنهنجي عبادت لاءِ.

اتي ''لِيَعۡبُدُوۡنِ'' معنيٰ ليعرفون آهي يعني معرفت لاءِ پيدا ڪيو ويو آهي.

ابليس جو انڪار:

فرمايائون الله فرمايو تہ:

وَاِذۡ قُلۡنَا لِلۡمَلٰٓئِكَةِ اسۡجُدُوۡا لِاٰدَمَ فَسَجَدُوۡٓا اِلَّآ اِبۡلِيۡسَ ط

اَبٰى وَاسۡتَكۡبَرَ ۫ وَكَانَ مِنَ الۡكٰفِرِيۡنَ○ [البقرة/34]

۽ ياد ڪر جنهن مهل اسان فرشتن کي چيو تہ آدم کي سجدو ڪيو تہ سڀني سجدو ڪيو سواءِ ابليس جي ان انڪار ڪيائين ۽ وڏائي ڪيائين ۽ ٿيو ڪافرن منجهان.

'' اَبٰى ''کي مقدم رکيو ويو ۽ '' وَاسۡتَكۡبَرَ ''کي مؤخر. تڪبر هن جي سيني ۾ اڳيئي هيو ليڪن لڪل هيو ۽ قدرت بہ پرده پوشي ڪندڙ آهي. '' اَبٰى '' انڪار هنجي وڏائي کي ظاهر ڪري ڇڏيو تنهنڪري پهريان '' اَبٰى '' پوءِ '' وَاسۡتَكۡبَرَ '' فرمايو ويو. '' اَبٰى '' ۾ ''

---

[1] سندن هي تقرير ٽيپ رڪارڊر جي ڪيسٽ تان نقل ڪئي وئي آهي.

وَاسْتَكْبَرَ "جو اظهار ٿي ويو. "اَبٰى " (انڪار)سان هنجي اندر ۾ جيڪا وڏائي مبهم هئي اها خارج ٿي پئي. " اَبٰى " باعث آهي. هنجي " وَ اسْتَكْبَرَ " (وڏائي)جي ظاهر ٿيڻ جو تنهنڪري "اَبٰى" مقدم آهي.

سڀاڻي جي تياري:

فرمايائون : هر نفس کي اهو ڏسڻ گهرجي تہ هن سڀاڻي لاءِ ڇا ڪيو آهي.

وَ لْتَنْظُرْ نَفْسٌ مَّا قَدَّمَتْ لِغَدٍ [الحشر/18]

"لِغَدٍ" جي لام ۾ عجيب نقطو آهي يعني سڀاڻي لاءِ ڇا موڪليو آهي. مطلب تہ تنهنجي سڄي زندگي هڪ ڏينهن جي برابر آهي. سڀاڻي جيڪو ڏينهن ايندو اهو قيامت جو ڏينهن هوندو.

سير اسماءِ وصفات: فرمايائون ، اسماء ۽ صفات جي سير ڪان عارف تي معرفت جو پردو کلي پوندو آهي. بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ ۾ ذات جي ڪمالن جو سير بہ آهي ۽ سير صفات بہ آهي. دنيا هڪ پردو آهي جنهن ۾ خواهشات نفساني ۽ لذات فانيہ کي ٽوڙڻ سان قوتِ ادراڪيہ ۽ لطيفہ باطنيہ ۾ ترقي ٿيندي آهي.

محبت جو پيدا ٿيڻ:

اِنَّ الَّذِيۡنَ اٰمَنُوۡا وَ عَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ سَيَجۡعَلُ لَهُمُ الرَّحۡمٰنُ وُدًّا [مريم/96]

بيشڪ جن ماڻهن ايمان آندو ۽ صالح عمل ڪيائون جلد انهن لاءِ الله رحمان محبت پيدا ڪندو.

وُدًّا جي تفسير ۾ فرمايائون وُدًّا محبت جي معنيٰ ۾ ايندو آهي. ايمان ۽ صالح عملن وارن ماڻهن سان هڪ تہ مخلوق محبت ڪندي آهي، ٻيو انهن جي دلين ۾ خدا تعاليٰ جي محبت پيدا ٿيندي آهي. ٽيون الله سائين بہ انهن سان محبت ڪندو آهي.

فرمايائون:

- انوارِ محبت سان تنهنجي دل مجليٰ ۽ متجلي ٿي ويندي.
- الله وارن سان دامن عقيدت رکندو اچ ۽ عرفان جا گل ڪٽندو وڃ.
- الله جي محبت رسول الله ﷺجي محبت تي موقوف آهي.

- دنيا جي محبت دل مان ڪڍي ڇڏ. جيستائين دنيا جي محبت ۽ اغيار جي ڌوڙ سان تنهنجي دل پاڪ نہ ٿيندي تيستائين توکي عشق الاهي جو رنگ نہ لڳي سگهندو.

تفسيري نڪتا :

واحد	احد
الله تعاليٰ پنهنجي ذات ۽ صفات ۾ واحد آهي.	قُلْ هُوَ اللّٰهُ اَحَدٌ۝ الله تعاليٰ پنهنجي ذات ۾ احد آهي.
زيد واحد چئبو، احد نہ. ڇاڪاڻ جو زيد هڪ آهي ليڪن هو ڪُليات ۽ جُزئيات جو مرڪب آهي. مثال هڪ زيد جا ٻہ هٿ، ٻہ پير وغيره آهن.	احديت واري صفت خاص مخصوص بالذات آهي ۽ جزئيات ڪان پاڪ ۽ مُنزه آهي.

شر دشمنِ ايمان ۽ شر دشمنِ جان ڪان الله جي پناهہ:

فرمايائون: سورة الناس : ۾ الله جي ٽن صفتن ذريعي هڪ شر ڪان پناهہ وٺڻ جي تعليم آهي. ڇو جو اهو شرُ دشمنِ ايمان آهي. سورة الفلق : ۾ الله جي هڪ صفت جي ذريعي چئن شرن ڪان پناهہ وٺڻ جي تعليم ڏني وئي آهي ڇو تہ اهي شَـرَ دشمنِ جان آهن.

قُلْ اَعُوْذُ بِرَبِّ النَّاسِ۝ مَلِكِ النَّاسِ۝ اِلٰهِ النَّاسِ۝ مِنْ شَرِّ الْوَسْوَاسِ الْخَنَّاسِ۝

رب الناس، ملڪ الناس، الـہ الناس ڪان هڪ خناس جي شر ڪان پناهہ گهرڻ جي تعليم ڏني وئي ڇاڪاڻ جو اهو شر مضرِ ايمان آهي.

سورة الفلق ۾ الله تعاليٰ پنهنجي هڪ صفت بيان فرمائي ان جي مدد سان چئن شرن ڪان پناهہ وٺڻ جي تعليم و تربيت ڏني. ڇاڪاڻ جو اهي چار ئي شر مضر جان آهن.

اها صفت آهي بِرَبِّ الْفَلَقِ۝ يعني آءٌ پناهہ گهران ٿو صبح جي رب ڪان. چار شر آهن.

1. مِنْ شَرِّ مَا خَلَقَ۝ مخلوق جو شر.

2. وَمِنْ شَرِّ غَاسِقٍ اِذَا وَقَبَ۝ اونداهي رات جو شر .

3. وَ مِنْ شَرِّ النَّفّٰثٰتِ فِي الْعُقَدِ۝ منتر ڦوڪيندڙ عورتن جو شر.

4. وَ مِنْ شَرِّ حَاسِدٍ اِذَا حَسَدَ۝ حاسد جي حسد وارو شر.

هر مشڪل ٽارڻ جو وظيفو:

حضرت خواجہ محمد خليل الرحمان رحمت الله عليہ هر مشڪل ٽارڻ لاءِ هي وظيفو ٻڌائيندا هئا تہ هر نماز ڪان پوءِ ايڪيتاليھ ڀيرا جنهن مقصد لاءِ پڙهبو اها حاجت پوري ٿي ويندي.


بسم الله الرحمن الرحيم
اللهم انت الكافي وجدت الكافي و
قعدت الكافي وكفاني الكافي ونعم
الكافي ولله الحمد
بعد از ہر نماز [illegible]

اَللّٰهُمَّ اَنتَ الكَافِي وَوَجَدتُ الْكَافِي وَقَعَدتُ الْكَافِي وَكَفَانِي الكَافِي وَنِعمَ الْكَافِي وَلِلّٰهِ الْحَمدُ

اقوال الجميل في مكتوبات خواجه محمد خليل:

(مکتوباتِ خليليہ)

مکتوب


مہربان مسرت جان من
جناب حافظ صاحب السلام علیکم
یہ بندہ از یاد شما غافل نہیں دعا کرتا ہوں کہ خداوند کریم
آپکو ترقی دارین بخشے آپکا مبارک خط از روے شفقت
کمال محبت سے جو ارسال فرمایا تھا بنام این فقیر صادر ہوا
پڑھکر خوشی پہنچی کیسی بڑی نعمت ہے جو آپنے بسبب ہجوم
تعلقات بندہ کو نہیں بھلایا درازی ایام مفارقت
کچھ اثر نہیں کیا قطرہ شربت محبت سرور شہور پر
زیادہ جوش کرتا ہے چوں دیرینہ شراب لذت بسیار دارد
بندہ بوجہ عدم صحت بخدمت عالیہ نہیں پہنچا
ہنوز اثر تکلیف باقی ہے شفا یا التجا آپکی دعا کی
منتظر ہے
لاشی فقیر محمد خلیل الرحمن

مہربان مسرت جان من

جناب حافظ صاحب اسلام علیکم

یہ بندہ از یاد شما غافل نہیں دعا کرتا ہوں کہ خداوند کریم آپ کو ترقی دارین بخشے۔ آپکا مبارک خط از روے شفقت کمال محبت سے جو ارسال فرمایا تھا بنام ایں فقیر صادر ہوا۔ پڑھ کر خوشی پہنچی۔ کیسی بڑی نعمت ہے جو آپ نے بسبب ہجوم تعلقات بندہ کو نہیں بھلایا۔ درازی ایام مفارقت کچھ اثر نہیں کیا۔ قطرہ شربت محبت سُرور شہور پر زیادہ جوش کرتا ہے۔ چوں دیرینہ شراب لذت بسیار دارد، بندہ بوجہ عدم صحت بخدمت عالیہ نہیں پہنچا ہنوز اثر تکلیف باقی ہے۔ شفا یا التجا آپ کی دعا کی منتظر ہے۔

لاشیء فقیر محمد خلیل الرحمن

مکتوب


بخدمت بحر المعرفت حضرت خلیفہ مولوی کریم بخش
السلام علیکم گذارش بخدمت عالیہ
براہ شفقت کمال مہربانی بمجرد مطالعہ
التماس نامہ هذا تشریف آوری سے سرفراز
فرماویں قدوم مسرت لزوم سے فرحت بخشیں
دیدہ من بدیدار تو مثل روزیدار منتظر آواز
اذان اللہ اکبر ست

بخدمت بحر المعرفت حضرت خلیفہ مولوی کریم بخش صاحب اسلام علیکم! گذارش بخدمت عالیہ ہے براہ شفقت کمال مہربانی بمجرد مطالعہ التماس نامہ هذا تشریف آوری سے سرفراز فرماویں قدوم مسرت لزوم سے فرحت بخشیں۔ دیدہ من بدیدار تو مثل روزیدار منتظر آواز اذاں اللہ اکبر ست

لاشیء فقیر محمد خلیل الرحمن

...



مکتوب

مہربان مسرت جان من بھائی قاسم خان صاحب سلمہ،

اسلام علیکم ! یہ بندہ از یاد شما غافل نہیں۔ دعا کرتا ہوں خداوند آپ کو ترقی کمالات ظاہریہ باطنیہ سے منور فرماوے۔آپ کا مبارک خط از روے شفقت لکھا تھا۔ بنام ایں فقیر صادر ہوا بشارت تندرستی مزاج مبارک دل کو تسلی خوشی پہنچی۔ مشفقا تحصیل فیوضات کیلئے محبت شرط ہے۔

ہر کہ در راہ محبت شد فنا، یافت در بحر بقا دُر بقا

ہر کرا شمشیر شوقش سر بُرید، میوہ ذوقش از درخت وصل چید

لھٰذا مرقوم بخدمت عالیہ.براہ شفقت حضرات فقراء کو اعلان کیا جاوے عیال سمیت حسب دستور آئندہ سالانہ عرس مبارک میں شرکت فرما کر ثواب دارین پاویں۔

لاشیء فقیر محمد خلیل الرحمٰن

خادم دربار غفاریہ

تلقینِ ذکر:

جڏهن پاڻ مُريد مرد کي بيعت ڪندا هئا تہ اول ان جي دل تي ساڄي هٿ واري اشهد آڱر رکي تي ٻيرا چوندا هئا : الله الله الله . پوءِ هيءَ تلقين ڪندا هئا.

حضرات جس جگہ انگلی رکھی ہے وہاں دل ہے۔ اسکے اندر ہر وقت خیال ہووے۔ جس طرح پیاسے کو ہر وقت پانی کا انتظار رہتا ہے۔اسی طرح دل میں ہر وقت انتظار ہوا اور اللہ کی یاد ہو۔ گویا کہ میری دل ذکر کر رہی ہے اللہ اللہ اللہ۔ اس ذکر کو خیالی بھی کہتے ہیں۔اس ذکر کو موہومی بھی کہتے ہیں۔اسی تخیل میں اسی تصور میں دل کے اندر اللہ تعالیٰ کی محبت پیدا ہو جاتی ہے یعنی بداحت نہیں یعنی وہ حقیقت بدیھی ہو جاتی ہے جو خود وہ لطیفے ذکر کرنے لگتے ہیں اور یاد رکھو قلب کے دو قسم ہیں۔ایک قلب لحمیہ ہے دوسری قلب لطیفہ ربانیہ ہے یاد رکھنا اور قلب جو لحمیہ ہے وہ صنوبری شکل پر ہے۔اور وہ بائیں طرف گری ہوئی ہے الٹی کی ہوئی ہے۔ قلب کی حالت بدلتی رہتی ہے۔ انسان کی حالت بھی بدلتی رہتی ہے۔ کبھی انسان نیک ہوتا ہے۔ کبھی بد ہوتا ہے۔ دارومدار انسان کے قلب کے تغیر و تبدل پر ہوتا ہے۔اسی دل کے اندر ایک جان پیدا ہو جاتی ہے جو تمام وجود کے اندر سرایت کر جاتی ہے۔

دوسری قلب لطیفہ ربانیہ ہے۔اس کا الحاق ہے اُس کے ساتھ۔ وہ لاحق ہے یاد رکھنا اور انسان کے علوم اور انسان کے معارف اور تحصیل علوم کا موقوف علیہ کیا ہے لطیفہ ربانیہ ہے۔ نماز اور احکام الٰھیہ جڑے ہوئے ہیں مشروط ہیں لطیفہ ربانیہ سے ناکہ قلب لحمیہ سے۔جو قلب لحمیہ ہے اس میں جان پیدا ہوتی ہے وہ مخزن ظرف جان ہے۔ اور جو قلب لطیفہ ربانیہ ہے وہ ظرف ایمان ہے۔ اگر قلب لحمیہ ہلاک ہوجائے تو جان ہلاک ہوگئی۔ اگر لطیفہ رحمٰنیہ کے اندر کوئی بربادی آجائے تو زوال ایمان ہے ایمان ضایع ہوگیا۔ بھائیو یاد رکھو ہر وقت دل کے اندر یہ خیال رکھو کہ میری دل پکار رہی ہے اللہ اللہ۔ طریقہ نقشبندی عالیہ میں یاد رکھو ذکر بھی خیالی توجہ بھی خیالی۔ شیخ اپنے خیال سے توجہ دیتا ہے۔اس طریقے کا نام نقشبندیہ بھی ہے۔انعکاسیہ بھی ہے۔ شیخ کی توجہ سے فیض مرید کے قلب پر منعکس ہوتا رہتاہے۔اور ہر وقت پیر کے حالات رنگوں رنگین سے مرید منسلک ہوتا رہتاہے۔اس کا قلب رنگتا رہتا ہے بذریعہ رابطہ۔ جس مرید کو اپنے پیر کے ساتھ رابطہ ہے، رابطہ کے ذریعے سے جو حالات الوانات رنگورنگ اس پیر کے دل پر وارد ہوتے ہیں۔ مرید کے دل کے اندر وہ حالات رنگینیاں بذریعے رابطہ منعکس ہوتے رہتے ہیں۔اب توجہ بھی خیالی اور ذکر بھی خیالی۔ شیخ خیال سے توجہ فرمارہے ہیں۔اس ذکر کو خیالی بھی کہتے ہیں۔ توھمی بھی کہتے ہیں۔ تصوری بھی کہتے ہیں اور خیال کیسا ہووے کہ اللہ اللہ۔۔۔خیال سے ہووے زبان خیال سے۔کیوں کہ ذکر کی معنی یہ ہے مایتلفظ بہ الانسان۔ ذکر کا معنی ہے تلفظ کرنا اور یہاں قلب کا ذکر کیسا۔ یعنی قلب کا فکر ہونا چاہیے تخیل ہونا چاہیے تصور ہونا چاہیے اللہ اور معنی کا بھی ساتھ ساتھ خیال ہووے۔ اللہ وہ ذات ہے جامع صفات کمالات ہے اور ہر عیب اور نقص حدوں سے وہ ذات پاک ہے۔اس بمعنی کا خیال بھی ہووے۔ ہر وقت دل میں تخیل ہووے اللہ۔ ہاتھ کام کی طرف دل پروردگار کی طرف۔ یہ دل مردہ ہے۔ یہ حضرات اولیاء کی بڑی کرامت ظاہرہ ہے۔جو اس کی توجہ سے اسکی برکت سے یہ مردہ دل زندہ ہوجاتے ہیں۔ایک مثال پیش کرتا ہے یہ بندہ کہ حضرت موسیٰ علیہ السلام کو اللہ تعالیٰ نے معجزہ عطا فرمایا تھا۔ عصا کو ہاتھ سے پکڑیں۔ ہاتھ میں وہ عصا ہوتا تھا۔ جب پھینک دیتے تو اژدھا بن جاتا تھا۔ ہاتھ میں وہ عصا ہے۔ جب پھینک دیتے جس وقت منکرین کو دکھانے کیلئے۔ اپنا معجزہ ظاہر کرنے کے لئے اژدھا بن جاتا تھا، تھی تو وہ لکڑی۔ سمجھو عصا ہے

ہاتھ میں مگر جب اسے پھینکتے تھے وہ عصا اژدہا بن جاتا تھا۔ جب دوبارہ پکڑتے تھے عصا کا عصا بن جاتا تھا۔ حضرت رب العالمین تعالیٰ شانہ حضرت موسیٰ علیہ السلام کو اتنی قدرت عطا فرمائی تھی۔ عصا کی جو جسمانیت ہے وہ لائق روحانیت کے نہیں۔ عصا کا جسم جو ہے وہ لائق جان نہیں۔ آپ اس کو پھینکتے وہ جاندار بن جاتا تھا۔ اژدہا بن جاتا تھا اور چلتا تھا۔ یاد رکھنا اللہ والوں کا کمال یہ ہے جس وقت قلب پر ہاتھ رکھتے ہیں۔ قلب پر اشارہ کرتے ہیں۔ اس قلب کے اندر جان پیدا ہو جاتی ہے، یہ قلب زندہ ہو جاتی ہے۔ مردہ دل زندہ ہو جاتی ہے۔ سب کرامات ایک طرف، اگر مُردے کو کوئی ولی اللہ کھڑا کر دیوے آخر پھر مر جائے گا۔ اس قلب پر اگر کسی بزرگ کی توجہ ہو جائے خدا کی قسم قیامت تک زندہ رہے گا۔
يورث الحياة الحقيقة لا فناء لها حضور علیہ الصلوٰۃ والسلام فرماتے ہیں جو ذکر کرتا ہے وہ مثل زندہ کے ہے جو ذکر نہیں کرتا مثل مُردے کے ہے۔

كرامتِ خليليه

جلوهءِ يار:

خليفه محمد الدين علوي بيان ڪيو ته مان گورنمينٽ ملازم هيس. 1974ع ۾ منهنجي بدلي راولپنڊي ڪمشنر آفيس ۾ ٿي. آءٌ بس تي سوار اوڏانهن وڃي رهيو هيس ۽ ذڪر الاهي ۾ مشغول هيس. پنڊي وڃڻ ڏاڍو ڏکيو پئي لڳو. دل ۾ سوچيم ته جيڪر سائين جن خواجه خليل الرحمان کي دعا لاءِ عرض ڪيان. پاڻ هٿ ڪڻن ها ته منهنجي بدلي رحيم يار خان ٿئي ها ته ڏاڍو سٺو. بس اهو دل ۾ سوچيم پئي ته اچانڪ ڏسان ته سائين جن ڊرائيور واري ڪرسي جي پويان تيڪ لڳايون ويٺا آهن ۽ فرمائن ٿا ته:” تنهنجي ڊيوٽي ته رحيم يار خان ۾ آهي باقي پنڊي ۾ پنهنجو رزق کائي اچ“. ڪين روبرو ڏٺم سندن آواز ٻڌم سمجهيم اوچتو پاڻ منهنجي نظرن کان پوشيده ٿي ويا. مون کي جذبو ٿي ويو. پوءِ جڏهن پنڊي پهتس ڪجهه ڏينهن قيام ڪيم مون کي چيائون تنهنجي ڊيوٽي رحيم يار خان ڪمشنر آفيس ۾ آهي. پوءِ مان موٽي آيس ۽ رحيم يار خان ۾ اچي سيٽ سنڀاليم.

بُڌَندي ٻُوڙَن ڪي، ڪي هاتِڪَ هَٿَ وِڃَنِ؛
پَسو لَڃِ، لَطِيفُ چَئي ، ڪيڏِي ڪي ڪَکَنِ؛

توڙي ڪَنڌِيءَ ڪَنِ، ناتَ ساٽِن وجن سِيرَ ۾.

مزار پر انوار

حضرت پير مٺا سائين ؒ خواجہ خليل الرحمان ؒ خواجہ مظهر جان جانان

ٻيون خليفو: نَشْرُ الْمِسْکِ وَالْعَنْبَرِ فِي ذِکْرِ خَلِيفَةِ الاَکْبَرِ

خليفهءِ اڪبر حضرت
خواجه الله بخش غفاري
دربار الله آباد شريف
ڪنديارو [1]

سهڻا سائين ۾ وڏو خليفو ۾ فياضِ عالم

عالم علومِ يزداني، ڪاشف رموز پنهاني، سراج السالڪين، تاج العارفين، عمدة الڪاملين، حاجي الحرمين الشريفين فيّاضِ عالم، حضرت خواجه **الله بخش** عرف حضرت محبوب **سهڻا سائين** بن حضرت محمد مٺل بن خليفو الله اوڍايو بن صاحبڏنو بن مِهر علي بن محمد اسحاق بن محمد پنجيل بن علي محمد رحمت الله تعاليٰ عليهم اجمعين.

پاڻ حضرت پير مٺا سائين رحمت الله عليه جا وڏا خليفا هئا. ديس پرديس پنهنجي پير ڪامل سان گڏ رهڻ وارا، ڏک سک ۾ ساٿ نڀائڻ وارا هئا. مرشد جي فيض مان سينو سيراب ڪري جڳ کي دين جو رنگ لاتائون.

سندن ولادت شهر خانواهڻ تعلقو ڪنديارو ضلع نواب شاهه ۾ 10 مارچ 1910ع ۾ ٿي.

آباءُ و اجداد : سندن تعلق عباسي خاندان سان هيو. سلسلهءِ نسب پاک پيغمبر جي چاچي حضرت سيدنا عباس بن عبد المطلب رضي الله عنه سان ملي ٿو. سندن ڏاڏنگ مان سڀ کان اول سنڌ ۾ ڪير ۽ ڪهڙي سن ۾ تشريف فرما ٿيو ان بابت ڪا مستند معلومات ملي نه سگهي آهي. مگر اها ڳالهه عالم اڳيان آشڪار آهي ته سندن آباءُ و اجداد شريف النفس صالح ۽ ديندار هئا. پوک ڪري گذر سفر ڪندا هيا.

---

[1] هيءَ معلومات ڪافي پيرا هن فقير سندن دربار الله آباد شريف ڪنديارو وجي حاصل ڪئي ٻي سندن سوانح جي ڪتابن جيئن سيرت ولي ڪامل ٻه جلد مرتبه حضرت مولانا حبيب الرحمان گبول طاهري ۽ سندن ايم فل لاءِ لکيل ٿيسز بنام پيرِ طريقت حضرت مولانا الحاج الله بخش نقشبندي ادبي علمي ۽ ديني خدمتون. تان ورتي وئي، ان کان علاوه الاصلاح ۽ الطاهر جا شمارا وغيره مان حاصل ڪئي وئي آهي.

سندن جنم جي جاءِ خانواهڻ : هي اهو خوشنصيب شهر آهي جنهن ۾ حضرت سهڻا سائين جي ولادت ٿي. ناميارو اديب محترم ڊاڪٽر حامد علي هن شهر بابت لکي ٿو :

خانواهڻ جو قديم تاريخي شهر سنڌ صوبي جي نوابشاهه (هاڻوڪي ضلعي نوشهره فيروز) ضلعي جي ڪنڊياري تعلقي ۾ "ساهتي پرڳڻي" جو هڪ قديم علمي مرڪز آهي. هن شهر جو بنياد ڪلهوڙن جي پوئين دؤر ۾ پيو ۽ آهستي آهستي ترقي ڪندي وڏي اوج کي پهتو. هي قديم شهر ڪوٽڙي ڪبير کان اڌائي ڪوهن جي مفاصلي تي مهراڻ جي اپرندي طرف آباد آهي. اڳاٽي زماني ۾ هن شهر ۽ ڪوٽڙي جي وچان درياء وهندو هيو جيڪو شايد "هاڪڙي" درياء جي نالي سان مشهور هيو. هاڪڙو سنڌو ندي جي قديم شاخ هئي. هاڪڙو غلام شاهه ڪلهوڙي جي زماني تائين وهندو رهيو".

قاضي ميان عبداللطيف هن شهر جي باري ۾ لکيو آهي تہ "خانواهڻ سهتا قوم جي ماڻهن جو وسايل آهي هن شهر ۾ ڪوٽڙي ڪبير کان سيد، خالدي قريشي، دلواٽي هندو ۽ مياڻي وارا ميربحر، مدد خان جي حملي وقت اچي لڏي رهيا ۽ هيءُ شهر جلد ئي هڪ وڏو علمي مرڪز بنجي ويو. "هن شهر جا اصل قديم باشندا سهتا، ڪنيڙا ۽ ڪونڊر آهن، باقي ٻيون قومون ساهتيءَ جي قديم شهر ڪوٽڙي ڪبير جي ويران ٿيڻ کان پوءِ هتي لڏي آيون. هن وقت بہ ڪنيڙا عباسي قوم جا ماڻهو وڏي تعداد ۾ رهن ٿا.

ڪنيڙا عباسي : سهڻا سائين جا وڏا راشدي خاندان جي چشم و چراغ حضرت حاجي نصيرالدين شاهه بڪريءَ وارن جا مريد هيا. سندن وڏن مان هڪ مخلص مريد جيڪو روزانو مرشد کي کير پهچائي ويندو هيو. هڪ ڏينهن مينهن وسي رهيو هيو، طوفان ۽ گجگوڙ جي باوجود کير کڻي مرشد جي خدمت ۾ آيو. کير ۾ گجي ڏسي بزرگ عجب مان فرمايو تہ توکي ڪنيِ هيا ڇا؟ جو ههڙي مينهن ۽ طوفان ۾ بہ اڏامي اچي پهتو آهين جو اجا کير ۾ گجي بہ نظر پئي اچي. پوءِ بزرگ کيس گهڻيون دعائون ڏنيون. ان ڏينهن کان پوءِ هي خاندان "ڪنيڙا عباسي" جي نالي سان مشهور ٿيو. فياض عالم سهڻا سائين رحمت الله عليہ جو ڏاڏو حضرت الله اوڀايو علائقائي زميندار ۽ نيڪ مرد هيو.

سندن والد محترم: جو اسم گرامي حضرت خواجہ محمد مٹل هيو. پاڻ صاحبِ باطن ۽ نيڪ انسان هيا. رمضان شريف ۾ سحري جي وقت بہ مسڪينن کي گهر ۾ ڪاڌو پهچائي ايندا هيا. هڪ دفعي پنهنجي گهرواريءَ کان اولاد، مال ۽ دولت جي دعا ڊڪائون. پاڻ فرمايائون مال ۽ ملڪيت جي دعا نہ گهر بلڪہ ائين دعا گهُر تہ : "يا الله! اسان جي اولاد کي عالم، فاضل ۽ صالح بڻاءِ. مخلوق کانئن ديني علم سکڻ اچي."

پهريائين کين لڳاتار چار نياڻيون ٿيون پوءِ الله تعاليٰ کيس جاڙا پٽ عطا ڪيا. هڪ جو نالو الله اوڀايو ۽ ٻئي جو نالو الله بخش رکيو ويو. الله اوڀايو ننڍپڻ ۾ وفات ڪري ويو ۽ پيو فرزند ارجمند حضرت الله بخش فياضِ عالم ٿيو.

والده ماجده: پاڻ اجا پنجن مهينن جي عمر ۾ هيا تہ سندن والد سڳوري جو ڇپر هٽي ويو پوءِ سندن والده جيڪا خائفِ خدا، شاڪره ۽ صابره عورت هئي تنهن سندن سندن تعليم ۽ پرورش ۾ ڪِينَ گهٽايو. والد جي وفات کان پوءِ جڏهن سندن ڀڦي ٻارن جي خدمت لاءِ اچي رَهي تہ سندن والده ٻيا ٻار ان جي حوالي ڪيا پر ننڍڙي **الله بخش** جي پرورش پنهنجي سِرِ پاڻ ڪندي هئي. سندن ٻوڙ ماني الڳ پچائيندي هئي. پاڻيءَ جو دلو بہ الڳ رکيل هوندو هيو. سمهڻ لاءِ کٽ بہ جدا هوندي هئي. جنهن تي ڪنهن ٻئي ٻار کي ويهڻ نہ ڏيندي هئي. شايد والده جي باطني نظر معصوم الله بخش جي باطن ۽ مستقبل تي هئي. بيبي سائڻ نهايت نيڪ سيرت ۽ عبادت گذار عورت هئي.

تقويٰ ۽ پرهيزگاري سندس خاصيت هئي. والده جي تقويٰ ۽ پرهيزگاريءَ جي ڪري سهڻا سائين جي طبيعت ۾ ننڍپڻ کان ئي نياز ، عاجزي ۽ خدمتِ خلق جهڙيون عمديون صفتون پيدا ٿيون هيون.

ماءُ جو ادب: پاڻ ننڍي هوندي کان ئي اعليٰ صفتن سان سينگاريل هيا. جڏهن سفر تي ويندا هيا تہ والده جي قدم بوسي جي ڪوشش ڪندا هيا پر سندن والده ائين ڪرڻ نہ ڏيندي هئي. پوءِ پاڻ نهايت ئي ادب و احترام سان گوڏا ٽيڪي پرسان ويهي رهندا هيا. سندن والده کين دعائون ڏيندي هئي. هڪ دفعي پير مٺا سائين تقرير دوران فرمايو "مولوي صاحب (سهڻا سائين) کي ماءُ جي دعائن رنگي ڇڏيو آهي.

ڪيس هن درجي تي به ماءُ جي دعائن ئي پهچايو آهي.“ پاڻ جڏهن سفر کان واپس ايندا هيا ته پهرئين والده وٽ ايندا هيا پوءِ زوجه وٽ ويندا هيا. اچڻ سان رسي ۽ کهاڙي کڻي پوري هفتي جون ڪاٺيون ڪري ايندا هيا.

والده جو وصال: جڏهن پاڻ خانواهڻ کان هجرت ڪري دين پور شريف پهتا ته پنهنجي والده کي ساڻ ڪري آيا هيا. پنهنجي والده جي خدمت پاڻ ڪندا هيا. دين جي دين واري بستي ۾ هيءَ ديندار خاتون ستر ورهين جي ڄمار ۾ 1953-9-04 ۾ هن فاني دنيا مان پردو فرمايو.

سندن ننڍپڻ: حضرت سهڻا سائين ننڍپڻ کان ئي سهڻي صورت ۽ سهڻي سيرت وارا سلڇڻا، خوش اخلاق ۽ خوش طبع ۽ سنجيده مزاج هيا. صغر سني ۾ پين کي نماز پڙهندي ڏسي پاڻ نماز شروع ڪيائون ۽ پرواري مسجد ۾ اذان چوندا هيا. عام ٻارن وانگر شرارت، جهيڙو يا ٻي ڪا به خراب عادت منجهن نه هئي. والده يا ڪو عزيز ڪين خرچي ڏيندو هيو ته اها پنهنجي پاءُ الله اوپايو کي ڏئي ڇڏيندا هيا. پوري ڄمار شرم و حيا جا پيڪر ٿي رهيا.

سِرَ تي سنائون جيڪي مالڪ موڪليو:

صاحبزاده **سڄڻ سائين** مدظله فرمايو ته : حضرت سهڻا سائين جن جي ٻانهن مبارڪ تي هڪ پراڻي زخم جو نشان هيو. ڪانئن سبب دريافت ڪيم ؟

پاڻ فرمايائون هيءَ ننڍپڻ جي نشاني آهي. ننڍپڻ ۾ مون کي جهڙي جهڳڙي، گار گند جي عادت نه هئي ان ڪري پيا شرير ڇوڪرا مون کي تنگ ڪندا هيا. هڪڙي پيري آءٌ متاهين جڳهه تي پنهنجي خيال سان اڪيلو ويٺو هيس ته هڪڙي ڇوڪري مون کي ڌڪو ڏنو جنهن سبب مان ڪري پيس ۽ ٻانهن ڀڄي پئي. ڪنيز کان ٻانهن نهرائي سين پر ان جي اٽڃاٽائي ڪري هيءُ نشان رهجي ويو.

سلو اهو جو انگورئين پلو: فقير محمود علي بيان ڪيو ته ننڍپڻ ۾ اسان ڇوڪرا گڏجي اگهاڙا تي اڙل واهه ۾ وهنجندا هياسين ۽ پاڻ ۾ نا زيبائتا چرچا ڪندا هياسين پر سهڻا سائين اسان کان الڳ گوڏ ٻڌي وهنجندا هيا. ڪنهن سان به بيهوده مذاق يا ڪنهن جي

دل آزاري ڪو نہ ڪندا هيا. سندن جي نهٺائي ۽ بردباريءَ مان ناجائز فائدو وٺندي شرير ڇوڪرا ڪين تنگ ڪندا هيا ۽ سندن چادر اڇلائيندا هيا. پاڻ بغير ڪنهن بدلي وٺڻ جي وڏي صبر سان پنهنجي چادر کڻي روانا ٿي ويندا هيا.

تعليم و تربيت: والد، وڏو ڀاءُ، چاچو يا ڪو ٻيو سنڀاليندڙ نہ هيو جيڪو ڪين علم جي طرف مائل ڪري. پر تنهن هوندي بہ جڏهن پاڻ پڙهڻ جي لائق ٿيا تہ الله تعاليٰ سندن دل ۾ علم جو شوق پيدا ڪيو. پاڻ راند روند ڇڏي پوري شوق ۽ توجهہ سان حصولِ علم ۾ مصروف ٿي ويا. قرآن پاڪ ۽ ابتدائي تعليم پنهنجي اباڻي ڳوٺ خانواهڻ ۾ حاصل ڪيائون. فائينل جو امتحان پاس ڪري ڪجهہ عرصي لاءِ ماستري ۽ درزڪو ڪم بہ ڪيائون.

علم لاءِ سختيون سٺائون: تنهن وقت خانواهڻ ۾ ڪو ديني مدرسو نہ هيو پوءِ ماستري ڇڏي، ڏوڪري ضلع لاڙڪاڻي جي اولهہ طرف ڪجهہ ميلن جي مفاصلي تي ڳيريلو شهر جي مدرسي ۾ ديني علم حاصل ڪرڻ لاءِ ڪير ٿر جي متقي ۽ بزرگ صفت عالم با عمل الحاج مولانا رضا محمد مگسي صاحب وٽ ويا. خانواهڻ ۽ ڳيريلو جي وچ ۾ اندازاً پنجويهہ ميلن جو مفاصلو آهي. ان وقت سواريءَ جي ڪابہ سهولت نہ هئي. پاڻ پنڌ ڪري مدرسي ۾ پڙهڻ ايندا هيا.ان زماني ۾ ٻين مدرسن وانگر هن مدرسي جا طالب بہ پاڙي مان فقر جي ماني وٺي ڪائيندا هيا پر ڪين اها ڳالهہ پسند نہ هئي. انڪري پاڻ تنها ويهي سبق ياد ڪندا هيا يا تلاوت قرآن مجيد ۾ وقت گذاريندا هيا.

جڏهن مدرسي جي شاگرن کي خبر پئي تہ پاڻ فقر جي ماني نہ ٿا وٺڻ وڃن تہ پوءِ اهي ماني وٺي ڪين مدرسي ۾ آڻي ڏيندا هيا. پاڻ فرمائيندا هيا تہ ڪڏهن ڪڏهن مانيءَ کان پوءِ مدرسي پهچندو هيس. پوءِ مدرسي وڃڻ بجاءِ ڪنهن ڪيڙيءَ ۾ يا ڪنهن وڻ هيٺان سمهي رهندو هيس متان استاد صاحب يا ڪنهن دوست کي منهنجي لاءِ مانيءَ جي تڪليف ڪرڻي پوي. مولانا رضا محمد صاحب ان مدرسي کي ڇڏي ڳوٺ ديهات تعلقہ ڪنديارو ۾ پڙهائڻ آيا تہ پاڻ اتي وڃي وٽن پڙهيا. ڪوڙو سهتو ڳوٺ جي رهواسين جي اصرار تي مولانا صاحب اتي پڙهائڻ ويا تہ سهڻا سائين بہ وٽن علم جي اڃ اجهائڻ لاءِ اتي پهتا. مولانا رضا محمد صاحب پنهنجي گهرواري جي وفات کان پوءِ پريا جي مدرسہ سيد نور محمد شاهہ ۾ پڙهائڻ شروع

ڪيو. پاڻ خانواهڻ کان پريا تائين ڪيترائي دفعا ويهه ميل پنڌ وڃي وٽن پڙهندا هيا ۽ آخر تائين انهيءَ ئي مدرسي ۾ پڙهندا رهيا. فرمائيندا هيا تہ آءٌ تهجد جي وقت پريا مان روانو ٿي منجهند جو ڪنڊيارو مان گذرندو شام جو خانواهڻ پهچندو هيس. ديني تعليم پاڻ جا حاصل ڪيائون سا اول کان آخر تائين جناب علامہ مولانا الحاج رضا محمد کان حاصل ڪيائون.

سندن اسڪول جا استاد :

1. محترم جناب حاجي علي نواز صاحب.
2. محترم جناب ميان علي بخش پيرزادو صاحب.
3. هڪ هندو استاد جنهنجو نالو معلوم ٿي نہ سگهيو آهي.

استاد جو ادب : پاڻ پنهنجي استادن جو بيحد ادب ڪندا هيا. هڪ دفعي پاڻ تبليغ لاءِ مورو ۾ فقير الله رکيو ميمڻ جي گهر ۾ تشريف فرما هيا تہ اتي سندن پرائمري جو پيرسن استاد ميان علي بخش پيرزادو ساڻن ملڻ آيو. پنهنجي استاد کي ڏسڻ سان ننڍپڻ جا نظارا ياد ڪري سندن اکين ۾ لڙڪ اچي ويا. پاڻ ادب مان ڪرسيءَ تان اٿي استاد سان مليا ۽ پنهنجي استاد لاءِ ڪرسي ڪٽي اچڻ لاءِ فرمايائون. جيستائين ڪرسي نہ آئي تيستائين پاڻ بيٺا رهيا. حالانڪہ ان وقت سندن طبيعت ناساز رهندي هئي جنهن ڪري ڊاڪٽرن کين بيهي نماز پڙهڻ کان بہ منع ڪيو هيو پر پاڻ استاد جي ادب خاطر پنهنجي جان جي بہ پرواهہ نہ ڪيائون ۽ تيستائين بيٺا رهيا جيستائين سندن استاد لاءِ ڪرسي آندي وئي. سندن استاد چيو تہ زندگي تي ڪو ڀروسو ڪونهي، مون کي اوهان جي باطني توجهہ جي ضرورت آهي. پوءِ پاڻ کين فيض سان گڏوگڏ ڪجهہ سبقن جي پڻ تلقين فرمايائون.

هڪ دفعي سندن پرائمري جو استاد محترم حاجي علي نواز صاحب ساڻن ملڻ لاءِ درگاهہ الله آباد شريف آيو تہ پاڻ تمام گهڻي ادب ۽ احترام سان سندس آجيان ڪيائون. پنهنجي استاد جي اڳيان گوڏا ڀڃي ويٺا. فقيرن کي پنهنجي استاد صاحب جو تعارف ڪرايائون. ڪافي دير تائين ساڻس ڪچهري ڪندا رهيا.

استاد جي خدمت: ديني تعليم جي حوالي سان سندن هڪ ئي شفيق استاد محترم مولانا رضا محمد صاحب سان سندن والهانہ محبت هئي. پيريا ۾ رهڻ دوران پنهنجي استاد محترم جي حڪم سان هڪ مسجد ۾ امامت ڪندا هيا. اتي ڪين ماني ۽ پگهار بہ ملندي هئي. ماني پنهنجي استاد کي ڏيندا هيا ۽ پاڻ مدرسي جي ماني کائيندا هيا. جڏهن پگهار ملندي هين تہ اها بہ پنهنجي استاد محترم جي حوالي ڪندا هيا. سندن استاد حڪمت جو بہ ڪم ڪندو هيو. پاڻ دوائون ڪٽڻ ۾ سندس مدد ڪندا هيا.

جڏهن سندن استاد محترم مستقل طور تي وطن کي الوداع چئي هميشہ لاءِ حرمين شريفين سڪونت پذير ٿيا تہ پاڻ حج يا عمره ويندڙ خليفہ حاجي احمد حسن لاشاري صاحب ۽ ٻين ماڻهن جي هٿان پنهنجي استاد محترم لاءِ تحفا موڪليندا هيا. سندن استاد محترم بہ سهڻا سائين ۽ سندن فرزند صاحبزاده سجڻ سائين لاءِ تحفي طور ڪتاب موڪليندا هيا. جڏهن سهڻا سائين حج ادا ڪرڻ ويا تہ اتي سندن استاد سان ملاقات ٿي. استاد ڪين سندن رفيقن سميت پنهنجي گهر وٺي ويو ۽ تمام گهڻي خاطر تواضع ڪيائين. اتي سندن استاد بيعت ٿيڻ جي خواهش ڪئي پر پاڻ پاڪ سر زمين جو ادب ۽ پنهنجي استاد جي احترام سبب بيعت ڪرڻ کان معذرت ڪيائون. پر سندن استاد جي بار بار اصرار ڪرڻ تي پاڻ مجبور ٿي پنهنجي استاد ۽ سندس سموري خاندان کي بيعت ڪيائون.

طريقت ۾ قدم:

پير قريشي جي پهرئين زيارت: فرمائيندا هيا تہ پڙهڻ دؤران حضرت پير قريشي رحمۃ اللہ عليہ جي فيض ۽ برڪت جون ڪافي ڳالهيون ٻڌندو هيس. هڪ دفعي حيدرآباد وڃڻ ٿيو اتي حضرت پير قريشي سلاوٽ مسجد کان ٻاهر اچي رهيا هيا. اها سندن پهرئين زيارت هئي.

بيعت: 1354ھ جو دؤر هيو جڏهن پاڻ اڃا پيريا جي مدرسي ۾ پڙهندا هيا تہ اتي سندن مخلص دوست ۽ پاڙيسري قاضي دين محمد صاحب مدرسي ۾ اچي پير قريشي جي ڪرامتن جون ڳالهيون ٻڌايون تہ پنجاب جو هڪ ڪامل ۽ متقي بزرگ هالاڻي ۾ آيل آهي. سندن دل ۾ بزرگن جي زيارت ۽ بيعت ڪرڻ جي امنگ پيدا ٿي پوءِ پاڻ قاضي دين محمد صاحب سان گڏجي هالاڻي آيا ۽ پير قريشي سان بيعت ڪيائون.

ذڪر پڇڻ سان ڪين جذبو ٿي ويو ۽ ان جو اثر ڪافي سال رهيو. پير فضل علي شاهه قريشي سان سندن آخري ملاقات 27 رجب 1354هه ۾ جلال پور پير والا ضلع ملتان ۾ ٿي جنهن دؤران ڪين ٻيون سبق (لطيفه روحي) ڏنو ويو.

بيعت ثاني : پير قريشي جو وصال بروز خميس پهرئين رمضان المبارڪ سن 1354هه مطابق 28 نومبر 1935ع ۾ ٿيو. پاڻ انهيءَ ئي سال پنهنجي ڳوٺ خانواهڻ ۾ حضرت خواجه پير مٺا سائين رحمت الله عليه سان پنهنجي پوري خاندان سميت بيعت ڪيائون.

خلافتِ غفاريه : سندن صلاحيت، تقويٰ ۽ تبليغ جو جذبو ڏسندي پير مٺا سائين چئن سالن کان پوءِ ڪين خلافت سان نوازيو ۽ ڪين تبليغ دين ڪرڻ جو امر فرمايو. ان دؤران پاڻ سلوڪ جا سبق به طئي ڪندا رهيا. ولايتِ صغريٰ ۽ ڪبريٰ جون منزلون ماڻيائون. تبليغ لاءِ ڪڏهن پاڻ اڪيلا ويندا هيا ته ڪڏهن ڪنهن فقير کي ساڻ ڪري ويندا هيا. ساڻن گڏ خليفه سيد نصيرالدين شاهه صاحب ۽ حضرت حاجي بخشل صاحب رحمة الله عليهم اجمعين ويندا هيا.

مرشد سان محبت ۽ ادب : ڪين پنهنجي مرشد سان والهانه محبت هوندي هئي. پاڻ کي پنهنجي مرشد جو خادم سمجهندا هئا. هر وقت ننگر جي ڪم ۾ مستعد رهندا هئا. مرشد جي ذاتي ۽ نجي ضروريات تي سندن نظر هوندي هئي.

جنهن شيءِ جي ضرورت هوندي هئي، بنا ڪنهن جي چوڻ تي پاڻ اها شيءِ مهيا ڪندا هئا. انڪري هر فقيرُ ڪين پير جو پروانو، عاشق صادق ۽ خدمتگار سمجهندو هيو.

✵ سندن پير سان محبت جو اندازو هن مان لڳائي سگهجي ٿو جو هڪ دفعي پير مٺا سائين خانواهڻ ۾ تبليغ لاءِ آيل هيا. اتي سهڻا سائين جي والده پير مٺا سائين کي عرض ڪيو ته منهنجي پٽ لاءِ دعا گهرو ته هن جي شادي ٿئي ۽ الله سائين هن کي صالح اولاد عطا ڪري. اهو ٻڌي سهڻا سائين بلند آواز سان ”الله“ جي ضرب هڻي والده کي عرض ڪيو : ” امان زال ۽ اولاد لاءِ نه پر شريعت تي استقامت ۽ پير جي محبت لاءِ دعا گهراءِ.“ سندن اهي لفظ ٻڌي پير مٺا سائين ڏاڍو خوش ٿيا.

خليفيءِ اڪبر حضرت سهڻا سائين جو اجازت نامو

اجازت نامه
حضرات نقشبندیه
مجددیه فضلیه عالیه

یا ایها الذین آمنوا اتقوا الله وابتغوا الیه الوسیلة
وجاهدوا فی سبیله لعلکم تفلحون
المجاهد من جاهد نفسه فی طاعة الله
بسم الله الرحمن الرحیم

الحمد لله رب العلمین والصلوٰة والسلام علی حبیبه سید المرسلین وآله الطاهرین
واصحابه الطیبین اجمعین الی یوم الدین

اما بعد می گوید فقیر حقیر لاشیء محمد عبد الغفار از اولاد حضرت چنڑ پیر قدس سره العزیز که این عاجز خاکسار ذره بیمقدار در سلسله خاندان نقشبندیه مجددیه فضلیه داخل شده علم سلوک تا دائره لاتعین از حضرت قطب الارشاد خواجه خواجگان پیر پیران غوث الاعظم مجدد منور مائة اربع عشر نائب خیر البشر علیه وعلی آله من الصلوات افضلها ومن التحیات اکملها سیدی وسندی قبله عالم محمد فضل علی قریشی هاشمی عباسی قلبی وروحی فداه ابی وامی فداه حاصل نموده حاصل نموده وشرف اجازت از آنحضرت قرة عینین محبوب سبحانی یافته وبرائی تحقیق سلسله شریف موجود ست. پس ازین عاجز لاشیء برادر طریقت جناب مولانا صاحب مولوی الله بخش صاحب عباسی سندهی علم سلوک وجذب وحالات وواردات صحیحه حاصل نموده وتکمیل تعلیم طریقه عالیه تا دائره لاتعین حاصل کرده. برائے تعلیم اسم ذات وعلم سلوک برائے طالبان مولیٰ وبرائے خدمت اسلام بموجب ضرورت اجازت مطلقه داده شد

مزید برین معروض ست که این اداره تبلیغ محض حسبة لله قائم کرده شده ست وامیدوارم که اگر من نمانم این باند پس برائے قیام این اداره از جمیع حضرات خلفاء کرام مولانا موصوف را زیاده تر لائق وصاحب نسبت واطاعت وصاحب کمالات وبرکات دانسته قائم مقام خود کرده می شود باید که ازین صاحب حضرات خلفاء کرام وتمامی جماعت بیعت کرده حصول فیوض وبرکات طریقه عالیه کنند وسعی بلیغ در تبلیغ واشاعت طریقه عالیه لوجه الله فرمایند. اگر این چنین عمل پیرا شوند انشاء الله العزیز فیوض وبرکات طریقه عالیه مثل ابر باران می بینند. جزاکم الله احسن الجزاء

وما علینا الا البلاغ

لاشیء فقیر محمد عبد الغفار فضلی

سوانح حيات سهڻا سائين لکيل محترم بيدار موراڻي، پهريون حصو ص 49، 50 . سيرت وليءِ ڪامل جلد پهريون ص 113 جلد ٻيو رنگين تصاوير ۾. الطاهر سهڻا سائين نمبر نومبر 2001 شعبان 1422ھ

✲ پير مٺا جي محفل ۾ پاڻ پوئتي ٿي ويهندا هيا. نهايت خاموشي ۽ ادب سان متوجهه ٿي ويهندا هيا. ادباً درگاهه شريف تي تقرير نه ڪندا هيا. البته چند دفعا پنهنجي مرشد جي حڪم سان مختصر بيان ڪيائون پر ان ۾ اڪثر پنهنجي پير جون منقبتون وجداني ڪيفيت ۾ پڙهندا هيا. مرشد ڪريم ڪانئن ڪجهه پڇندا هيا ته مختصر جواب ڏئي خاموش ٿي ويندا هيا.

✲ گرميءَ جي موسم ۾ پير مٺا ست سال ڪوئيٽه ويندا رهيا ۽ هر دفعي پاڻ باعيال ساڻن گڏ سفر ڪندا هئا ۽ سفر ۾ مرشد جي خوب خدمت ڪندا هئا.

✲ هڪ دفعي ڪوئيٽه ۾ پير مٺا سائين پنهنجي نعلين شريف (جيڪا ڪين سوڙهي هئي) ٻاهر موڪلي ۽ چَوائي موڪليائون ته جنهن خليفي کي پوري هجي ته اهو پائي. خليفن نعلين پاڪ پائي ڏٺي پر پاڻ فرمايائون ته "جنهن نعلين مبارڪ ۾ منهنجي مرشد هڪ دفعو پير مبارڪ وڌو هجي، مون کي ڪهڙي طاقت آهي جو ان قدم جي مٿان قدم رکان."

✲ هڪ دفعي پاڻ حضرت پير قريشي جي مزار وٽ آيا ته مريدن کي منع ڪيائون ته ڪو به منهنجي جتي نه کڻي، آءٌ پاڻ هن در جو ادنيٰ غلام آهيان، آءٌ پنهنجي جتي پاڻ کڻندس. بشري حاجت لاءِ گهڻو پري ويا ۽ جتي مبارڪ نه پاتائون. اتي ٻه راتيون رهيا. سندن آرام لاءِ کٽ آندي وئي پر پاڻ پنهنجي مرشد جو ادب ڪندي زمين تي آرام فرمايائون. سندن معمول هيو جو جڏهن به ڪنهن بزرگ جي مزار شريف ڏانهن ويندا هيا ته جماعت کي جتي مبارڪ کڻڻ کان منع ڪندا هيا ۽ ان بزرگ جي مزار کي پٺي نه ڏيندا هيا.

محبت جي علامت: پاڻ فرمائيندا هيا ته جنهن سان محبت هوندي اهو ان جي اطاعت ڪندو. رسول الله ﷺ جي محبت جي علامت سندن اتباع نص قطعي مان ثابت آهي. اهڙي طرح پير ڪامل جي محبت جي علامت به ان جي فرمان تي عمل ڪرڻ آهي.

محبت جي نشانين مان هيءَ به نشاني آهي ته مُحب کي هر وقت اهو خوف هوندو آهي ته متان محبوب ناراض نه ٿي وڃي. اهڙو ئي حال حضرت سهڻا سائين جو هوندو هيو جو جڏهن پير مٺا ڪين ڪنهن ڪم ڪار يا صلاح مشوري لاءِ گهرائيندا هيا ته سندن جسم تي ڏڪڻي طاري ٿي ويندي هئي متان مرشد ڪريم ناراض هجن.

هڪ دفعي پاڻ فقير قادر بخش ڏيپر جي دعوت تي آيل هيا. صبح جو ناشتو آندو ويو ۽ عين ان وقت درگاهه رحمت پور شريف مان هڪ فقير پير مٺا سائين جو خط آندو جنهن ۾ واپس اچڻ جو حڪم هيو. پاڻ ماني ڇڏي يڪدم پنهنجي پير جي خدمت ۾ حاضر ٿيا.

محبت ڇا ڇا ڪرائي ٿي؟ هيءَ تنهن وقت جي ڳالهه آهي جڏهن حضرت پير مٺا سائين درگاهه عاشق آباد ۾ رهندا هئا. جڏهن سنڌ ۾ تبليغ ڪري واپس عاشق آباد وڃي رهيا هيا ته ريل گاڏي ڇني اسٽيشن تي پهتي. ڪنهن فقير ٻڌايو ته هي ايڪسپريس گاڏي آهي ڊيره نواب اسٽيشن کان پنڌ عاشق آباد وڃڻو پوندو. سهڻا سائين سوچيو ته مرشد ڪريمن کي پنڌ جي تڪليف ٿيندي اهو سوچيندي فرمايائون ته مان عاشق آباد مان سواري کاهي ٿو اچان. پاڻ هلندڙ گاڏيءَ مان ٽپ ڏنائون. سڀئي پريشان ٿي ويا ته خبر نه آهي سندن ڪهڙو حال ٿيو. پاڻ درگاهه عاشق آباد شريف مان سائيڪل کاهي اسٽيشن تي آيا. فرمايائون ته ٽپو ڏيڻ مهل مون کي ڪجهه به نه ٿيو.

مرشد جي ساڻن محبت: پير جي نظر ۾ سڀ مريد برابر هوندا آهن. پر ڪجهه اهڙا مريد هوندا آهن جن جي انمول صلاحيتن ۽ بي انداز محبتن کي ڏسي، مرشد جي به انهن مريدن تي خاص توجه، پيار ۽ شفقت هوندي آهي. اهڙي طرح سان هڪ طرف سهڻا سائين جي پنهنجي مرشد سان والهانه محبت ته هئي پر ٻئي طرف پير مٺا جي به ساڻن تمام گهڻي محبت ۽ خاص عنايت به هئي.

❁ هڪ ڀيري پير مٺا سائين خليفن سڳورن کي گڏ ڪري فرمايو: ”اوهان کي هن جوان (سهڻا سائين) جو ڪهڙو قدر آ؟ ۽ هي ٻئي هڪ شيءِ آهيون، جيئن هڪ قسم جو عطر ٻن جدا جدا شيشين ۾ هجي ته ٻنهين مان خوشبوءِ ساڳي ايندي اهڙي طرح منهنجي ۽ مولوي صاحب جي وچ ۾ به ڪو فرق نه سمجهو“.

❁ هڪ دفعي پير مٺا سائين ڪوئيٽه ۾ تبليغ دوران ڪنهن ڳالهه تان ناراض ٿي فرمايو: اسان سنڌ ۾ گهڻي محنت ڪئي آهي پر سنڌين کي هن نعمت جو ڪو قدر نه آهي. هاڻي اسان سنڌ جي بجاءِ هتان ئي پنجاب هليا ويندا سين. سندن اهي رنجش آميز لفظ ٻڌي فقيرن نهايت عاجزيءَ سان معافي طلب ڪئي. پاڻ سهڻا سائين ڏانهن نهاري فرمايائون:

"تون رنج نہ تھی تون چاراضی تھی، تون تہ اساڈا ھیں، تون تہ اساڈے نال ہوسیں ۔"

❁ ڪڏهن سھڻا سائين ڪنهن ڪم سانگي ٻاهر ويندا هيا ۽ ڪين دير ٿي ويندي هئي تہ پير سائين بار بار سندن بابت پڇندا رهندا هئا تہ اڃا مولوي صاحب ڪونہ آيو آهي.

پيران ڪبار جي خاندان جو ادب: هڪ دفعي پاڻ ڪراچي ۾ تبليغ لاءِ آيل هيا. مولوي عبدالغفور صاحب ڪين ٻڌايو تہ حضرت خواجہ باقي بالله جي خاندان جو هڪ فرد اوهان سان ملڻ لاءِ آيو آهي. پاڻ فوراً ڪرسيءَ تان اٿڻ جي ڪوشش ڪيائون. خليفن عرض ڪيو تہ سائينجن کي ڊاڪٽرن اٿڻ کان منع ڪيو آهي. اسان ان کي هتي وٺي اچون ٿا. سندن اکين ۾ لڙڪ اچي ويا. فرمايائون اسان جي پيران ڪبار جي خاندان جو هڪ فرد اچي ۽ آءٌ ويٺو رهان. پوءِ پاڻ خليفن جي ٽيڪ سهاري اٿي ان جو استقبال ڪيائون.

محنت جو ثمر: هڪ ڏينهن حضرت پير مٺا سائين فرمايو تہ مون کان منهنجي پير ڀائي مولانا عبدالغفور مدني پڇيو تہ اوهان ايترو عرصو سنڌ ۾ تبليغ ڪئي آهي ان محنت جو ڪو نتيجو مليو. مون کيس چيو تہ اسان جي محنت جو تمام سٺو ثمر مليو آهي جو اسان کي الله تعاليٰ مولوي الله بخش (سھڻا سائين) جهڙو مردِ خدا عطا ڪيو آهي.

خدمتِ پير : سھڻا سائين ۾ ڪمال درجي جي عاجزي ۽ انڪساري هئي. ظاهري ٺٺ ٺانگر يا وڏائي نہ هئي. ڪڏهن بہ پاڻ کي چمڪائڻ يا نمايان ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪيائون بلڪ هميشہ پاڻ کي لڪائڻ جي ڪوشش ڪندا رهندا هيا. درگاهہ شريف جي خدمت عام فقيرن سان گڏجي ڪم ڪندا هيا. پنهنجي زمين جي آبادي مان پنهنجي اهل و عيال جي ضروريات کي پورو ڪرڻ کان پوءِ سموري آمدني پنهنجي پير جي لنگر ۾ ڏئي ڇڏيندا هيا. نہ صرف پاڻ خدمت ڪندا هيا پر پنهنجي حلقهءِ احباب کي بہ درگاهہ جي خدمت لاءِ ترغيب ڏيندا هيا نتيجتاً اهي بہ مالي جاني خدمت ڪندا هيا.

هڪ دفعي پير مٺا جي حويلي لاءِ مٽيءَ جي ضرورت هئي. سھڻا سائين ۽ ٻيا فقير مٽي ڍوئي رهيا هيا. جڏهن مينهن پيو تہ سڀ فقير هليا ويا پر سھڻا سائين اڪيلا ئي اڪيلا بارش ۾ بہ مٽي ڍوئيندا رهيا.

خادمي مان مخدومي: سيد علي حيدر شاهہ جي بيان مطابق تہ شروع واري دؤر ۾ جڏهن پير مٺا سائين پنجاب ۾ رهندا هيا تہ اسان بہ سهڻا سائين سان گڏ اتي ويندا هياسين. درگاهہ شريف ۾ لنگر جو ڪم پيا بہ فقير ڪندا هيا پر وڏي محنت ۽ ذوق و شوق سان سهڻا سائين خدمت ڪندا هيا. پاڻ دين پور شريف ۾ لنگر لاءِ پوک بہ ڪرائيندا هيا. لنگر لاءِ ڪاٺيون وغيره ڪٽائي درگاهہ شريف تي پهچائيندا هيا. سچ آهي تہ :

*هر کہ خدمت کرد او مخدوم شد * هر کہ خود را دید او محروم شد*

جيڪو خدمت ڪندو سو مخدوم ٿيندو ۽ جيڪو پاڻَ کي پيو نهاريندو سو محروم رهندو.

وڏو خليفو سهڻا سائين: فياضِ عالم حضرت سهڻا سائين پرهيزگاري، خدمت ۽ تبليغ ۾ پنهنجو مٽ پاڻ هيا ۽ مرشدن سان گهڻي ويجهو هئڻ ڪري جماعت کين وڏو خليفو ڪري سڏيندي هئي. بعد ۾ کين ”سهڻا سائين“ جي لقب سان پڪاريندا هيا. پير مٺا سائين فرمايو مولوي صاحب جا اخلاق سهڻا آهن بيشڪ کين ”سهڻا سائين“ چوندا رهو.

تقويٰ: پاڻ مشڪوڪ شين کان بہ پرهيز ڪندا هيا ۽ پنهنجن مريدن کي بہ منع ڪندا هيا. بازاري گوشت، هوٽلن جي ماني، ڊالڊا گيهہ ۽ ڳڙ وغيره جي استعمال ڪرڻ کان منع ڪندا هيا. گيهہ جي باري ۾ جڏهن کين ٻڌايو ويو تہ هن ۾ ڪا بہ ٻاهرئين ملڪ جي شيءِ مليل نہ آهي تہ پوءِ مريد کي استعمال ڪرڻ جي اجازت ڏنائون پر تنهن هوندي بہ پاڻ ڊالڊا گيهہ واپرائيندا نہ هيا.

ڪمند پوکرائي وڏي احتياط ۽ تقويٰ سان ڳڙ نهرائي درگاهہ رحمت پور شريف پنهنجي مرشد جي خدمت ۾ پيش ڪندا هيا. پير مٺا جي حڪم سان فقير محمد عثمان بروهي (جيڪو لنگر جو ڪم ڪندو هيو) سندن خدمت ۾ دم ڪرڻ لاءِ لوڻ آندو ويو. پاڻ جڏهن دم ڪيائون تہ لوڻ جا ذرڙا اڏامي سندن چپن تي پيا. فوراً محمد عثمان کي پريشاني جي انداز ۾ فرمايائون تہ منهنجي طرفان سائينجن کان معافي ونجو.

عجيب مسافر: طالب علمي واري دؤر کان وٺي سندن عادت هوندي هئي تہ سفر ۾ پاڻ سان گڏ کائڻ پيئڻ جون شيون کڻندا هيا جيئن ڪنهن کان سوال نہ ڪرڻو پوي. پريا جي مدرسي کان موڪل وٺي پنهنجي ڳوٺ خانواهڻ وڃي رهيا هيا.

لاکن جي ڳوٺ ۾ رات ٿي وين پوءِ مسجد ۾ رات گذاريائون. هڪ ڳوناٺي ماني جي پڇا ڪئي. فرمايائون مون وٽ ماني آهي. ان ماڻهو پڇيو تہ ماني ڪٿان آندئي؟ فرمايائون پريا مان ماني ساڻ ڪٽي آيو هيس ۽ پوڙ لاءِ ڪارا مرچ ڪٽي ڪٽي آيو آهيان. سندن تقويٰ ڏسي اهو شخص حيران ٿي ويو. تبليغ جي سفر ۾ پاڻ سان لوڻ، مرچ، پڳڙا کڻندا هيا. جيڪڏهن دعوتي پرهيزگاريءَ سان ڪاڏو ڏيندا هيا تہ ڪائيندا هيا نہ تہ پڳڙا ڪائي وقت گذاريندا هيا. ڪڏهن اٽو، گيهہ ۽ لوڻ مرچ ساڻ کڻندا هيا. جيڪڏهن ميزبان جي تقويٰ جي پڪي خبر هوندي هين تہ ان جو پيش ڪيل طعام تناول ڪندا هيا نہ تہ سندن خادم ماني تيار ڪري ڏيندو هيو.

خليفہ محمد رمضان صاحب جي بيان مطابق هڪ دفعي پاڻ اسان وٽ پنجاب ۾ آيا هيا. سندن بسترو گهر جي ڇت مٿان وڇايو ويو. پاڻ اتي آرام ڪيائون. جڏهن ٻئي سال اسان وٽ آيا تہ اسان سندن آرام لاءِ ڇت تي بندوبست ڪيو. پر پاڻ فرمايائون تہ گذريل سال پاسي ۾ گهر نہ هيا پر هن سال ڪجهہ گهر موجود آهن، انهن تي نظر پوندي، اسان هيٺ نيڪ آهيون. حالانڪہ هيٺ گرمي هئي ۽ ڇت تي هوا ۽ ٿڌڪار هئي پر پاڻ تقويٰ ڪندي تڪليف برداشت ڪيائون.

حضرت سهڻا سائين جون تسبيون

مرشد جو وصال ۽ جماعت جي بيعتِ ثانيه

جيئن ڪو عاشق معشوق مٿان مفتون هوندو آهي، تيئن فياضِ عالم سهڻا سائين رحمت الله عليہ به پنهنجي پير جا پروانا محبت ۾ مستانا هئا. هڪ پَلُ پير کان پري ٿيڻ گوارا ڪو نہ ڪندا هئا. پر قضا جا ڪم عجيب هوندا آهن. وڇوڙي جو وقت هر هڪ لاءِ مقرر هوندو آهي. جڏهن قطبِ عالم پير مٺا سائين رحمت الله عليہ وصال فرمايو تہ حضرت سهڻا سائين جي طبيعت مٿان ان فراقي فرمان غمن جا پهاڙ ڪيرائي ڇڏيا. پاڻ پنهنجي اکين مان لڙڪ وهائيندي رات ۽ ڏينهن گذاريندا هئا. ان دؤران سندن حلقهءِ احباب ساڻن بيعتِ ثانيہ ڪئي.

سهڻا سائين رحمت الله عليہ **جي رحمتپور شريف مان فقير پور شريف منتقلي جو سبب:**

حضرت سهڻا سائين رحمت الله عليہ جي پنهنجي مرشد ڪامل سان اُن والهانہ محبت سبب سندن دلي تمنا هئي تہ عُمر جا ڏهاڙا پنهنجي پير جي در تي پورا ڪجن. ساڻيهہ جا سوين سُک مرشد جي آستاني جي ڏکن تان قربان ڪري ڇڏجن. پر يَفْعَلُ اللهُ مَا يَشَاءُ : الله جيئن چاهيندو آهي ائين ڪندو آهي. پير مٺا سائين جي وصال بعد رحمتپور شريف ۾ وڏا اختلاف پيدا ٿي پيا. پوءِ انهن جي شرعي حل لاءِ وقت جي ناميارن عالمن کي جمع ڪيو ويو. جن ۾ شيخ الاسلام علامہ محمد قاسم مشوري رحمت الله عليہ جهڙا برک عالم به شامل هئا. ان وقت جڏهن پير مٺا سائين سان منسوب بہ ڪاغذ حضرت سهڻا سائين رحمت الله عليہ جو اجازت نامو ۽ وصيت نامو پيش ڪيا ويا، اجازت نامي ۾ سهڻا سائين جي اجازتِ مطلقہ ۽ دربار رحمتپور ۾ ڪين پير مٺا سائين جو قائم مقام ڄاڻايل هيو ۽ ٻيو ڪاغذ پير مٺا سائين جي وارثن بابت وصيت نامو هيو. تہ عالمن ان اجازت نامي ۽ وصيت نامي کي فقهي، شرعي، قانوني، اخلاقي ۽ صوفيانہ تعليمات جي روشني ۾ رد ڪندي رحمتپور جو انتظام پير مٺا سائين جي فرزند ۽ شرعي ۽ قانوني وارث خواجہ خليل الرحمان رحمت الله عليہ حوالي ڪيو تہ حضرت سهڻا سائين رحمت الله عليہ علماءِ ڪرام جي ان شرعي فيصلي کي قبول ڪندي آلين اکين سان پنهنجي مرشد ڪامل جي آستاني کان جدا ٿيا ۽ دربار عاليہ فقير پور ۽ پوءِ الله آباد شريف ۾ پوري زندگي پنهنجي پير جي محبت ۽ سندن تعليمات جي اشاعت ۾ گذاري ڇڏيائون.

*هر کجا چشمۂ بود شیرین * مردم ومرغ مور گرد آیند*

جتي مٺي پاڻي جو چشمو هوندو آهي اتي انسان پکي پکڻ پاڻهي اچي گڏ ٿيندا آهن. حضرت سهڻا سائين جي روحاني ڪشش ۽ فيضِ باطن جي پالوٽ ڏسي جماعتون جوق در جوق فوج در فوج فقير پور اچڻ لڳيون. پاڻ همہ تن و گوش مرشد جي طريقي جي ترويج ۽ سنت ۽ شريعت جي تبليغ ۾ مصروف ٿي ويا.

صورت ۽ سيرت

سندن حليو: پاڻ صورت ۾ شڪيل ۽ جميل هئا. سندن نوراني چهري جي زيارت ڪرڻ سان مشتاقن کي عجيب سڪون ۽ سرورملندو هيو. انڪري دنيا کين سهڻا سائين جي لقب سان سڏي ٿي. پاڻ قداور هيا، جسم مبارڪ ڀريل هوندو هيو. قداور هئڻ ڪري سندن جسم ٿهندڙ ۽ وڻندڙ لڳندو هيو. سندس ڀريل جسم ۽ قد جو حسين ميلاپ سندن رعب تاب واري شخصيت کي نروار ڪندو هيو. سندن رنگ ڪڻڪائون ۽ سفيدي مائل هيو. چهرو مبارڪ ڪشادو ڪجھ ڊگهيرڙو ۽ گولائي مائل هيو. چهرو مبارڪ روشن ڏاڙهي سنت موافق ۽ مينديءَ رتل چمڪندي نظر ايندي هئي. سونهاري مبارڪ تمام گهاٽي نہ هئي پر سهڻي ۽ وڻندڙ نظر ايندي هئي.

نيڻ مبارڪ: سندن اکيون وڏيون ۽ بادامي هيون . سنت مطابق رات جو سرمو پائيندا هيا جنهن ڪري اکڙيون اهڙيون تہ پرڪشش لڳنديون هيون جو ڏسڻ وارن جون دليون کسي وٺنديون هيون. جڏهن نصيحت يا گفتگو ڪندا هيا تہ نظر جهڪائي ڪندا هيا پوءِ اچانڪ مخاطب جي چهري کي ڏسندا هيا جنهن ڪري ڏسڻ وارو سندن رعب سهي نہ سگهندو هيو. **نڪ مبارڪ:** سندن نڪ مبارڪ تمام سهڻو، نہ ننڍو نہ گهڻو ڊگهو پر سنهو هوندو هيو. نڪ جي چوٽي سهڻي سنهڙي ۽ وريل هوندي هئي جنهن کي ڪنيو نڪ چئبو آهي.

دهن مبارڪ: سندن وات مبارڪ وچولو پر گولائتو هوندو هيو. گفتگو دوران گول سهڻو لڳندو هيو. چپ مبارڪ ڳاڙها ۽ ڀريل، نہ تمام سنهڙا ۽ نہ تمام ٿلها هوندا هيا. خاموشيءَ ۾ بہ سندن دهن مبارڪ سهڻو نظر ايندو هيو. **دندان مبارڪ:** سندن ڏند مبارڪ وچولا، اڇا ۽ چمڪندڙ هوندا هيا جيڪي گفتگو جي وقت کين وڌيڪ حسين بنائي ڇڏيندا هيا.

ڳچي ۽ ڳل مبارڪ: ڳل مبارڪ ڀريل، سهڻا ۽ ڪشش وارا هيا. ڳچي مبارڪ ڊگهي ۽ ڀريل هوندي هئي. چهري سان اهڙي ٺهڪندڙ هوندي هئي جو سندن بهادريءَ جو ڏيک ڏيندي هئي. ڪنڌ مبارڪ ڀريل ۽ سهڻو هيو.

سِر مبارڪ: مٿو مبارڪ ڪجهه وڏڙو ۽ گولائيءَ تو هوندو هيو. پيشاني ويڪري ۽ چمڪندڙ هئي جنهن جي ڏسڻ سان ائين محسوس ٿيندو هيو ڄڻ خاص تجليات جي پالوٽ ٿي رهي هجي.

ڀرون مبارڪ: ڀرون مبارڪ گهاٽا، رعبائتا ۽ وڻندڙ هيا. اهي جاڙانه هيا.

وار مبارڪ: وار مضبوط، ڊگها، نرم، چمڪيلا، سهڻا ۽ سنت مطابق هيا. تقرير دوران چانديءَ جهڙا اڇڙا چمڪندڙ وار ڪنن ڪان چهري طرف لڙڪي پوندا هيا پوءِ پنهنجي اشهد آڱر سان ڪنڌ طرف ورائي ڇڏيندا هيا ته عاشقن جون دليون موهي ڇڏيندا هيا.

پير مبارڪ: سندن پير مبارڪ ڊگهيرڙا ۽ گوشت سان ڀريل، وزني ڪنهن شير دل ۽ بهادر ماڻهو وانگر حشمت وارا هيا. پاڻ اڪثر ڪري زريدار نعلين استعمال ڪندا هيا. فرمائيندا هيا ته ”آءٌ سادو ماڻهو آهيان، هي قيمتي نعلين منهنجي لاءِ پهاڙ ڪان به وزني آهن پر ڇا ڪيان نيڪ فقير محبت مان نهرائي اچن ٿا، انهن کي خوش ڪرڻ لاءِ پائيندو آهيان.“ ڪڏهن ڪڏهن هوائي چپل به استعمال ڪندا هيا.

عمامه شريف: پاڻ اڇي رنگ جو پٽڪو پائيندا هيا پر ڪڏهن ڪڏهن سائي رنگ جو به استعمال ڪندا هيا. تمام سهڻي اندازسان پٽڪو ٻڌندا هيا. جڏهن نماز لاءِ پٽڪو ٻڌي مسجد ۾ ايندا هيا ته ڏسڻ وارن جو حال مٽجي ويندو هيو.

چادر مبارڪ: ننڍي هوندي ڪان ئي اڍائي والن جي اڇي رنگ جي چادر ويڙهندا هيا. جڏهن چادر پائي وڏي شان ۽ وقار سان هلندا هيا ته هزارن جون دليون قربان ٿي وڃنديون هيون. سندن قميص جو مٿيون ٻٽڻ اڪثر ڪليل رهندو هيو.

گوڏ مبارڪ: پاڻ هميشه سادگي کي پسند ڪندا هيا ۽ سموري زندگي سادگيءَ سان گذاريائون. ظاهري ڏيک ويک ڪان پاڪ هوندا هيا. هر سنت تي عمل ڪرڻ ڪان ڪين ڪيٻايائون. لباس وچولي قسم جو پهريندا هيا، نه گهڻو مهانگو ۽ نه ئي بلڪل سادو. هميشه صاف سٿرو لباس پائيندا هيا.

نندیڻ کان ضُعف العمري تائين کين اڇي رنگ جو لباس سڀ کان زياده پسند هيو. گهر ۾ ۽ ڪڏهن ڪڏهن ٻاهر به گوڏ پائيندا هيا. عام طرح سان سفيد رنگ جي چادر پائيندا هيا پر سياري جي موسم ۾ اجرڪ يا اوني شال، جوراب ۽ ڏگهو ڪوٽ پڻ زيب تن ڪندا هيا. عيد جي ڏينهن تي عربي جبو ۽ حرمين شريفين جو رومال پهريندا هيا.

آواز مبارڪ: سندن آواز نه تمام ٿلهو نه تمام سنهو پر وڻندڙ ۽ من موهيندڙ هوندو هيو. شروعاتي دؤر ۾ نماز پاڻ پڙهائيندا هيا. نماز ۾ قرات جو لب و لهجو ايڏو ته دلڪش هيو جو ٻڌڻ وارو وري وساري نه سگهندو هيو.

مجلس ۾ جڏهن قرآن شريف جي ڪا آيت يا حديث پڙهندا هيا ته اکين ۾ آب اچي ويندو هيو. جوش سان فرمائيندا هيا: ”اهڙي تقرير يا بيان ڪجي جو ستل اٿي ويهي، ويٺل بيهي رهي ۽ بيٺل ڊوڙڻ شروع ڪري ڏئي.“ سندن اهي لفظ ٻڌي محفل ۾ مستي اچي ويندي هئي، ماڻهو بي خود ٿي الله حق حق جا نعرا هڻڻ لڳندا هيا.

جڏهن پاڻ پُر سوز ۽ درد ڀريا لفظ ڪڍندا هيا ته سامعين جون دليون محبتِ مصطفيٰ ﷺ سان ڀرپور ڪري ڇڏيندا هيا. بي دين، جابر، فاسق ۽ ظالم ماڻهو جهالت جي نشي مان سجاڳ ٿي دين جا راهي بنجي ويندا هيا.

خوراڪ: عام ڪاڌو جيڪو گهر ۾ تيار ٿيندو هيو اهو گهروارن سان گڏجي زمين تي ويهي کائيندا هيا. بازار جو گوشت، ڳڙ، مٺائي يا پيون بازاري شين کي واپرائڻ کان گريز ڪندا هيا. فروٽ کائيندا هيا. موري، ماکي، مغز بادام ۽ بيضا کير ۾ حل ڪري نوش فرمائيندا هيا.

معاشي ذريعا: پاڻ مرشد جي فرمان مطابق ڪڏهن ڪنهن کان ذاتي غرض لاءِ سوال ڪو نه ڪيائون. شروعات ۾ کين ٽيهه ايڪڙ زرخيز زمين هئي. پوک جي نگراني پاڻ ڪندا هيا. ان کان علاوه کير لاءِ کين ڪجهه ٻڪريون به هيون. فائينل ڪرڻ کان پوءِ ڪجهه وقت ماستري به ڪيائون ۽ درزڪو ڪم به ڪيائون. ڪفايت ڪندي وڌيڪ زمين به خريد ڪندا رهيا. مجموعي طرح سان کين هڪ سؤ ايڪڙ کان وڌيڪ زمين ذاتي ملڪيت هئي، جنهن جي آمدني مان مدرسي جي شاگردن، مسافرن ۽ درگاهن تي ماهوار ۽ سالانه پروگرام جو خرچ پڪو ڪندا هيا. پنهنجي ملڪيت کي الله جي راهه ۾ خرچ ڪندا رهيا.

شادي ۽ اولاد:
پاڻ هڪ شادي ڪيائون جنهن مان ڪين چار نياٽيون ۽ هڪ فرزند ارجمند صاحبزاده حضرت مخدوم محمد طاهر عرف **سڄڻ سائين** مدظلہ العالي پيدا ٿيا. جيڪي هن وقت سندن سجاده نشين آهن.

تبليغ جو حرص: پاڻ پير مٺا سائين رحمت الله عليہ جي خلافت ملڻ کان وٺي وفات واري وقت تائين دين جي تبليغ ۾ مصروف رهيا. تبليغ ۾ ڪنهن بہ قسم جي مجبوري رڪاوٽ بنجي نہ سگهي. صحت جي ناسازگاري، موسم جي خرابي ۽ مشڪل رستن تي نالي ماتر سواريءَ جي سبب پاڻ دين جي پيغام پهچائڻ کان همت نہ هاريائون.

عذر نہ ڪيو: هڪ دفعي ڪاڇي جي علائقي ۾ ٻوڏ ۽ بارش سبب آمدرفت جا سڀ ذريعا بند ٿي ويا. پاڻ ان علائقي ۾ ڦٿا. ٻوڏ ۽ بارش جو پاڻي سندن اڳيان اها رڪاوٽ هڪ ڪک کان وڌيڪ نہ هئي. پاڻ پنهنجن ساٿين سميت پنجن ڇهن ميلن جو مفاصلو پيڙين جي ذريعي طي ڪيو. جلسي گاهہ ۾ پهچي پاڻ فرمايائون:

"توهان ٻوڏ جي ڪري درگاهہ شريف تي نہ آيا هيو اهو ڪو عذر نہ هيو پر نفس ۽ شيطان جو ڌوڪو هيو. پيڙين تي سوار ٿي اسان جو هتي اچڻ ان جو ثبوت آهي تہ توهان جو عذر باطل هيو. ڇا توهان ٻوڏ جي ڪري پنهنجي شهرن ۾ اچڻ وڃڻ ڇڏي ڏنو آهي؟ اگر دنيا جي ڪمن سان پنهنجي شهرن ۾ وڃو ٿا تہ دين لاءِ درگاهہ شريف تي اچڻ گهرجي ها."

غير مسلمانن ۾ تبليغ: سندن تبليغي دائرو صرف مسلمانن تائين محدود نہ هيو پر غير مسلمانن تائين اسلام جو پيغام پهچائڻ ۾ ڪِينَ گهٽايائون. فرمايائون اسان بر حق نبي محمد ڪريم ﷺ جا پيروڪار ۽ محمدي سڏائڻ وارا گهر ويهي رهيا آهيون. هندو، عيسائي، قادياني، بهائي باطل فرقا اسان جي ملڪ ۾ تبليغ ڪري رهيا آهن. اها اسان جي ڪمزوري آهي. ڇا غير مسلم قومن ۾ وڃي تبليغ ڪرڻ اسان جو فرض نہ آهي؟ ڇا هي ويهڻ جو وقت آهي؟ سندن جماعت جي ماڻهن جي ڪوشش سان لاڙڪاڻي ۾ ڪيترائي قادياني پنهنجو باطل مذهب ڇڏي اسلام جي دائري ۾ داخل ٿيا. هڪ عيسائي خاندان حضرت خليفہ مولانا محمد ادريس ڏاهري صاحب جي هٿان مسلمان ٿيو.

سهڻا سائين رحمت الله عليه پاڪستان جي چئن صوبن جي ننڍن توڙي وڏن شهر خواه ڳوٺن ۾ وچي ماڻهن کي دين سيکاريندا رهيا.

سنڌ :ڪراچي، حيدرآباد،نوابشاهه، مير پور خاص، لاڙڪاڻو، نئون ديرو، شڪارپور، ڪنڌ ڪوٽ

پنجاب : ملتان، لاهور، فيصل آباد، راولپنڊي، سيالڪوٽ .

سرحد :بنون، ڪوهاٽ ۽ وزيرستان.

بلوچستان :ڪوئيٽه، مستونگ ۽ لسٻيلو وغيره ۾ دين جو پيغام پهچاياائون.

خليفه فضل محمد بروهي صاحب جي دؤر ۾ پاڻ غيبي ديرو ۾ تمام گهڻا دفعا تشريف فرما ٿيا. پهريون دفعو تعلقي واره جي ڳوٺ ڪنڊو مان مولوي ولي محمد ابڙو جي ٽانگي تي سوار ٿي تشريف فرما ٿيا. ٻئي دفعي ٻوڏ جي دوران پيڙين تي ۽ ڪلاڪن جو سفر ڪري غيبي ديري ۾ تبليغ ڪيائون.

هڪ يارهين تي غيبي ديري جي جماعت نه اچي سگهي. خليفه فضل محمد بروهي خليفه سهڻا سائين کي عرض ڪيو ته غيبي ديري واري جماعت ٻني ٻاري سبب شهر کان ٻه ڪلوميٽر اوله ڪاڇي ۾ نقل مڪاني ڪري وئي آهي. سهڻا سائين فرمايو ته اگر غيبي ديري واري جماعت اچي نه سگهي آهي ته اسان ٿا انهن ڏانهن هلون. پوءِ پاڻ هڪ فقير جي ٻني ۾ تشريف فرما ٿيا. ان کان علاوه ٻڍاٽين جي ڳوٺ کان غيبي ديري ۾ بيل گاڏي ۾ آيا هيا. پاڻ دين جو درد رکندي پنهنجن خليفن کي مختلف علائقن ۾ تبليغ لاءِ مقرر ڪيائون.

تبليغي خط :نه صرف ملڪ اندر پر دنيا جي مختلف علائقن ۾ به سندن محبت ڪندڙ ۽ مريد هيا. پاڪستان کان علاوه عمان، بحرين، دبئي، ابوظهبي، مظفر آباد (آزاد ڪشمير) سعودي عرب ۽ آمريڪا مان سندن خدمت ۾ خط ايندا رهندا هيا.

تبليغي وفد :پاڻ تبليغ جي ضرورت ۽ اهميت کي محسوس ڪندي نه صرف پنهنجي سموري زندگي دين جو درد رکي هر عام و خاص جي اصلاح لاءِ جدوجهد ڪندا رهيا بلڪ پنهنجي هزارين متعلقين کي سڌي راهه تي آڻي انهن جي اندر دين جي تبليغ ڪرڻ جو اهڙو ته روح ڦوڪيائون جو اهڙا وفد تيار ٿيا جيڪي مڪمل عالم نه هيا پر پنهنجن سادن ۽ پُر اثر لفظن سان ماڻهن جون دليون موهي وجهندا هيا.

اهي تبليغي وفد صرف ننڍين ڳوٺن، وستين ۽ واهڻن تائين محدود نه هيا بلڪ وڏن شهرن ۽ تعليمي ادارن ۾ وڃي ماڻهن جي اصلاح لاءِ پاڻ پتوڙيائون. ان کان علاوه دنيا جي مختلف ملڪن ۾ وڃي اسلام جو پيغام پهچاياڻون.

جيلن ۾ به تبليغ : سندن فرمان ۽ گورنمينٽ جي اجازت سان جماعت جا وفد جيلن ۾ وڃي تبليغ ڪندا آهن. انهن جيلن ۾ سينٽرل جيل ڪراچي، حيدرآباد، خيرپور ميرس، ميرپور خاص، نوابشاهه، لاڙڪاڻو، دادو ۽ ٻيا ننڍا جيل به شامل آهن.

شاعري جو شوق : پنهنجي مرشد مربي جي شان ۾ غزل ڳاهي پڙهندا هيا. شاعري ۾ ڪين وڏو عبور حاصل هيو جو موقعي مناسبت سان اتي جو اتي غزل ڳاهي پڙهندا هيا.

هڪ دفعي رات جو سفر دوران پنهنجي پير سان گڏ هيا. چانڊوڪي رات ۾ چنڊ کي ڏسي وري پنهنجي پير جي چهري اقدس ڏانهن نظر ڪري هي شعر ڳاهيائون :

ڏسي صورت تنهنجيءَ حسن و جمال، آيو نور سچ چنڊ جي کي زوال،
حسن تنهنجو سهڻا ڪمال در ڪمال، پير مٺا سائين پير مٺا وو پير مٺا.

سندن عشق ۽ درد ڀريا غزل جماعت مٿان وجد جي ڪيفيت طاري ڪري ڇڏيندا هيا.

سندن شاعريءَ جي جهلڪ

ذڪرِ الاهي بابت:

ذڪر ڪر الله جو، سدا يار تون، گهڙي هڪ به غافل نه رهه يار تون.
زمين آسمان سڀ، ذڪر ٿا ڪرن، رهين ڇو ڀيو غافل فقط يار تون.
ذڪر آهي سرمايو ايمان جو، ڪري وٺ جي ڪرڻو ٿئي واپار تون.
ذڪر کان گهڙي جي تون غافل رهين، ٿيندين، سنگتي شيطان جو يار تون.
پکي جانور سڀ شڪر ۾ رهن، ٿي انسان ذڪر نا ڪرين يار تون.
ذڪر ڪر الله جو تون بلڪل گهڻو، دنيا دين ۾ ٿين عزت وار تون.
ذڪر ڪن وڻ ٽڻ سج چنڊ تارا، مگر هڪ تون غافل شرم ڌار تون.
ذڪر آهي رب جو اعليٰ اتم، پڙهي ڏس قرآن پاڪ ۾ يار تون.
دنيا ۾ ذڪر کان جي منهن ٿا موڙن، انڌا ٿين حشر ۾ ٿي هوشيار تون.
”الله بخش“ ذڪر جي، توفيق مون کي، ذڪر ۾ وٺين ساهه دلدار تون.

عشقِ رسول:

اسان جو نبي آهي خيرالوريٰ، تيو مُحب مٿس آ پاڻ خدا.
دنيا زندگي خواه قبر ۽ حشر ۾، لهي سار هر وقت ۾ مصطفيٰ.
حشر ۾ پڪارن نبي نفسي نفسي، ڪندو امتي امتي جي صدا.
نيڪن کي تڪيو آهي عمل ۽ عبادت، اجهو عاصين کي آ نورالهديٰ.
جيتر عشق عربي نہ دل ۾ اچي، عمل ۽ عبادت نہ ڪجھ آ ادا،
رکي عشق احمد، ٿي تابع سنت، سواءِ پيروي ٿئي نہ حاصل صفا.
"الله بخش" محبت مدني مير جي، ڪيان سهڻن مٿان مال جند جان فدا.

سدا ياد پون ٿا :

سدا ياد پون ٿا پنهوار عمر، گهڙي پل نہ وسرن سي سنگهار عمر.
ڏاڍي آس اندر ۾ اُڪير آهي، بوتو هتڙي ساھ ملير آهي،
وس ڪونہ هلي، جهليو تقدير آهي، سگهو سانگي لهندا مئيءَ جي سار عمر.
خوش ڪيئن گذاريان هت ڪوٽن ۾، منهنجا مارو وسن، ٿر پوٽن ۾،
وينديس جلد وري نہ ٽيندس ڪوٽن ۾، پوندا نيڻ نري ڏسي ڏوٽي ڏنار عمر.
قسمت سانگين کان هئہ وڇوڙا وڌا، جدا جالڻ مون کي ڏکيا ڏينهن ٿيا،
سورن ساڙي چڏيو، جلي جيرا ويا، وڌي حد کان ويا منهنجا هن آزار عمر.
اڄ ملڪ ملير مدائتا مينهن پيا، مارو منھ موٽيا ٽڌا ڏينهن ٿيا،
چڪيا ڦٽ فراق نوان نينهن ٿيا، ڪنهن سان درد اوريان ۽ آزار عمر.
ڪيا ويڙهيچن سان جي ٿم سخن سچا، سدا ياد آهن دل تان ڪين لٿا،
لاهي لوئي پنهنجي ڍڪيندس ڪين وڳا، توڙي ليڙون ٿين، ڪٽي هزار عمر.
رات گذري ٿي سورن ۾ سڄي، هنجون هاري اکين جو ويو آب ڪڇي،
ڏينهن ڏکن ڏولائن ۾ آهيان ڏکي، اکيون روز روئن زارون زار عمر.
"الله بخش" مدايون، ٿيان سانگين سان سچي، ملان مارن سان لڄايان نہ ڪٿي،
وڃي پکن ۾ پنوهارن سان رهنديس ڪٿي، لهندا درد دل جا ۽ غبار عمر.

روحاني مراڪز ۽ خدمات

1. دربار عاليہ فقير پور شريف :

هي روحاني مرڪز دادو ضلعي جي راڌڻ اسٽيشن جي اتر طرف ٻاهرين سگنل جي اوڀر طرف، عارف شهيد قبرستان جي ڀرسان آهي. جيڪو پاڻ پير مٺا سائين رحمت الله عليہ جي وصال بعد 1964ع ۾ قائم ڪيائون. ابتدائي دؤر ۾ هي هڪ قتل ۽ ويران ڳوٺ هيو جنهن ۾ صرف ست اٺ گهر هيا پر سندن فيض و برڪت حاصل ڪرڻ لاءِ پري پري کان ماڻهو هتي اچي آباد ٿيڻ لڳا. هتي پاڻ هر اسلامي مهيني جي يارهين تي عاليشان روحاني ۽ وجداني محفل ملهائيندا هيا. جنهن ۾ هزارن جي تعداد ۾ ملڪ جي مختلف علائقن ۽ ٻاهرين ملڪن مان ماڻهو اچي شامل ٿيندا هيا.

شروعاتي ڏهاڙن ۾ فقيرپور جي ڀر واري قبرستان ۾ بزرگ عارف شهيد جي مزار جو مجاور فقيرن کي تنگ ڪرڻ لڳو. هڪ ڏينهن اهو پاڻ آيو ۽ سهڻا سائين جي قدم بوسي ڪري اچي معافي ورتائين ۽ عرض ڪيائين تہ مون کي بزرگ جي مزار تي مجاوري ڪندي ڪافي عرصو ٿي ويو آهي پر ڪڏهن بہ بزرگ پنهنجي زيارت ڪو نہ ڪرائي. رات مون کي زيارت ٿي. بزرگ مون تي ناراض ٿيندي فرمايو تہ اي بدنصيب! تون هنن الله جي پيارن کي تنگ ٿو ڪرين. مون تہ الله سائين کان هنن کي پاڻ وٽ رهائڻ جون دعائون گهريون آهن. جلال ۾ اچي مون کي بزرگ ڏنڊو هڻي ڪڍيو ۽ فرمايائين تہ مان تنهنجي اجا بہ خبر وٺندس. صبح جو آءُ ڪانئيون ڪري رهيو هيس تہ کهاڙي منهنجي پير ۾ لڳي ۽ پير ڪپجي پيو. سو هاڻي الله ڪارڻ مونکي معاف ڪيو. پاڻ ڪيس ڪلي معاف ڪيائون.

2. دربار عاليه الله آباد شريف :

سندن خليفي ڊاڪٽر عبداللطيف چنه ۽ علائقي جي پين مخلص مريدن جي اصرار ۽ تعاون سان هن مرڪز جو بنياد ضلع نوشهرو فيروز جي تعلقي ڪنڊياري شهر جي بس اسٽاپ سان لڳ ڏکڻ طرف 1973ع ۾ رکيو ويو.

هن مرڪز جي قائم ٿيڻ کان وصال تائين پاڻ هتي سڪونت پذير رهيا. سندن مزار شريف به هتي ئي آهي. هن مدرسي ۾ مسجد کان علاوه مدرسو به ٺاهيو ويو جتي هن وقت تائين ڪيترائي حافظ ۽ عالم ٿي نڪتا آهن. هن مرڪز تي هر اسلامي مهيني جي 27 تاريخ تي روحاني محفل جو به آغاز ڪيو ويو جنهن ۾ پاڪستان کان علاوه ٻاهرين ملڪن جا حبدار به شرڪت ڪندا آهن. هتي مردن جي مدرسي کان علاوه عورتن جي اصلاح ۽ ديني تعليم لاءِ به انتظام ڪيو ويو. پاڻ هتي نظامِ مصطفيٰ ﷺ نافذ ڪرڻ جو ڪامياب قدم کنيائون.

3. دربار عاليه طاهر آباد شريف :

پاڻ سنڌ جي ڏاڪڻين علائقي ۾ اسلام جي فروغ لاءِ 1970ع ۾ ضلع حيدرآباد جي تعلقه ٽنڊو الهيار کان نَوَ ڪلو ميٽرن جي مفاصلي تي چمبڙ روڊ تي هي مرڪز قائم ڪيائون.

هتي خليفه جناب حاجي محمد علي بوزدار صاحب ڪي مستقل طرح رهايائون ۽ بعد ۾ درس نظامي جو به مدرسو قائم ڪيائون. جنهن ۾ مقامي شاگردن کان علاوه پين علائقن کان به طالب اچي ديني علم کان آراسته ٿيڻ لڳا. پاڻ 1973ع تائين هر سال گرميون هتي اچي گذاريندا هيا.

4. روحاني مرڪز لڳ ٽول پلازه ڪراچي :

هي مرڪز اڄ به آباد آهي جتي سندن سجاده نشين حضرت سجڻ سائين ساليانه محفلون ملهائيندا آهن.

ٻيا مرڪز : انهن مرڪزن کان علاوه ماڻهن جي تربيت ۽ تعليم لاءِ ملڪ جي مختلف علائقن ۾ سندن ٻيا مرڪز به آباد آهن. جيئن روح الاسلام لاهور، روحاني مرڪز ظفر وال، فيصل آباد ۽ روحاني مرڪز الصفا دبئي. وغيره

علمي خدمتون
۽ تبليغي تنظيمون

حضرت سهڻا سائين رحمت الله عليه وقت جا نباض هئا. زماني جي نبض تي سندن هٿ هيو. پاڻ معاشري جي بگڙيل اقدار کي سنوارڻ لاءِ وڏا جتن ڪيائون. الله ڪريم ڪين مخلص مددگار ۽ همدرد ساٿي ۽ سنجيده صلاحڪار به عطا ڪيا هئا. جن جي گڏيل صلاح مشورن سان پاڻ پنهنجي جماعت جي اصلاح ۽ عام مسلمانن جي ڀلائي لاءِ بهترين اقدامات ڪيائون. مدرسا قائم ڪرايائون. غير سياسي ۽ خالص تبليغي تنظيمون قائم ڪيائون، جيڪي سندن زندگي ۾ توڙي اڄ به خدمتِ دين ۾ مصروفِ عمل آهن. انهن خدمتن جو مختصر تعارف پيش آهي:

درگاهه شريف تي مسجد شريف ۽ مدرسو قائم ڪيو ويو. جنهن جو مُدرس مولانا بشير احمد صاحب کي مقرر ڪيو ويو. بعد ۾ طالبن جو تعداد وڌڻ ڪري مولانا نثار احمد صاحب، مولانا رضا محمد صاحب ۽ مولانا عطا محمد بنديالوي به مُدرس طور خدمتون سرانجام ڏنيون. هن مدرسي ۾ ٻار، نوجوان توڙي پوڙها به علم حاصل ڪري رهيا هيا. بالغن جي تعليم لاءِ مولانا عبدالرحمٰن صاحب سخت محنت سان ڪم ڪيو.

سهڻا سائين رحمت الله عليه پاڻ درگاهه شريف سان گڏو گڏ مدرسي جي انتظام ۾ ذاتي طرح سان دلچسپي وٺندا هيا. شاگردن کي پنهنجي هٿن سان ڪا شيءِ ورهائي ڏيندا هيا ته ڪڏهن پئسا به ڏيندا هيا. فرمائيندا هيا ته ڳوٺ ۾ توهان جا والدين توهان جو خيال ڪندا آهن هتي اسان توهان جي خدمت ٿا ڪريون ته جيئن توهان ڳوٺ وساري پوري طرح سان علم ڏانهن توجه ڪريو.

عورتن کي ديني مسئلا سيکارڻ لاءِ سندن جي ڪوشش سان ڪتاب "**زينت النساء**" ڇپرايو ويو. ان کان علاوه پاڻ ڪتب خانه غفاريه سان گڏو گڏ غفاري لائبريري به قائم ڪيائون. شاگردن کي درسي ڪتابن کان سواءِ ٻين ڪتابن ڏانهن توجه ڪرڻ تي منع ڪندا هيا. طالبن ۾ تقريري تحريري ۽ مضاميني مقابلا به ڪرائيندا هيا ۽ انعام به ورهائيندا هيا. ٻارن جي اکرن کي سڌارڻ لاءِ به خاص انتظام ڪيائون.

ديني درسگاهون: پاڻ سنڌ جي مختلف علائقن ۾ مدرسا قائم ڪري ديني علم کي فروغ ڏيڻ جي ڀرپور ڪوشش ڪيائون. نئون ديرو، دادو، شاهپور جهانيان، جوهي، مهاجر ڪيمپ ڪراچي، نارٿ ناظم آباد ڪراچي، ملير ڪراچي، شاهه نوراني، خيرپور ناٿن شاهه، نصير آباد ۽ اُتل ۾ سندن مدرسا دين جي خدمت ۾ مصروفِ عمل آهن.

تنظيمن جو قيام: فرمايائون اڄوڪي جديد دؤر ۾ ڀيون بہ جماعتون ٻاهرين ملڪن ۾ ڪم ڪري رهيون آهن. اسان کي بہ هڪ تنظيم ٺاهڻ جي ضرورت آهي تہ جيئن ٻين ملڪن ۾ تبليغ ڪرڻ لاءِ رستا کلي پون. پوءِ گڏيل مشورن سان هڪ تبليغي ۽ روحاني تنظيم "**جماعت اصلاح المسلمين**" جو بنياد رکيو ويو. هن جماعت جون تقريباً ننڍي توڙي وڏي شهر ۽ ڳوٺ ۾ شاخون آهن جيڪي دين جي اشاعت جي لاءِ ڪوشان آهن.

جميعت علماء روحانيہ غفاريہ: جيڪا جماعت جي عالمن سڳورن کي منظم طريقي سان دين جو ڪم ڪرڻ لاءِ وجود ۾ آندي وئي.

جماعت اساتذه روحانيہ: اسڪولن، ڪاليجن ۽ يونيورسٽين جي استادن جي لاءِ هڪ جدا تنظيم قائم ڪئي وئي.

روحاني طلبہ جماعت: ديني مدرسن جي طالبن کي هن جماعت ذريعي منظم ڪيو ويو.

اصلاح نوجوانان: اهي نوجوان جن ڪڏهن بہ مدرسن ۾ ديني علم حاصل نہ ڪيو انهن جي اصلاح لاءِ هيءَ جماعت قائم ڪئي وئي.

نونهال روحاني طلبہ: ننڍپڻ کان وٺي ديني ماحول سان محبت ۽ وابستگي لاءِ پرائمري اسڪولن جي شاگردن لاءِ هيءَ جماعت وجود ۾ آئي.

هنن جماعتن جون برانچون پوري پاڪستان ۾ ڪم ڪري رهيون آهن.

سهڻا سائين جو ايثار: هڪ دفعي پاڻ اسپتال ۾ داخل هيا ۽ سندن آپريشن ٿيل هيو. رات جو هڪ ڪمري مان درد ڀريون دانهون ۽ آهون ٻڌڻ ۾ آيون. هڪ شخص آيو ۽ کين عرض ڪيائين تہ سائين هن وقت ڪو بہ ڊاڪٽر يا ڪمپائونڊر موجود نہ آهي اسان جي مريض کي سخت تڪليف آهي. مهرباني ڪري توهان اچي دعا گهرو تہ من تڪليف ختم ٿئي. ان وقت سندن خليفا ڊاڪٽر عبداللطيف چنہ ۽ خليفہ بيدار مورائي ساڻن گڏ هيا.

ڊاڪٽر عبداللطيف چنہ چيو تہ ”سائينجن جو آپريشن ٿيل آهي ۽ ڊاڪٽرن اٿڻ کان منع ڪئي آهي.“ فرمايائون تہ مون کي ٽيڪ ڏئي اٿاريو، جڏهن کين سهارو ڏئي وٺي آيا پئي تہ گهڻي ڪمزوري سبب سندن جسم ۾ لرزش هئي ۽ آڱريون زمين سان گهلجي رهيون هيون پر پاڻ ان شخص جي پريشاني ڏسي پنهنجي تڪليف جي پرواهہ نہ ڪيائون.

سهڻا سائين جون سهڻيون نصيحتون :

❁ فرمايائون قاديانين جي همت ڏسو! ڪوڙو نبي پيش ڪرڻ ڪيڏو نہ نازڪ ۽ ڏکيو ڪم آهي مگر هنن کي ڪا لڄ شرم نہ ٿو اچي. پاڪستان کان ٻاهر بہ ريڊيو اسٽيشنون ناهي تبليغ پيا ڪن. قادياني پنهنجي ملڪيت جو ڏهون حصو هتان ڪٽي وڃي ربوه ۾ جمع ڪرائيندا آهن. هڪ پيري ڪو ڪتاب پئي ڇپرايائون، اهو ڪتاب دنيا جي سڀني ٻولين ۾ ڇپڻو هيو. ان جي ڇپائي لاءِ پنج ڪروڙن جي ضرورت هئي. قاديانن جو سربراهہ اٿي تقرير ڪئي تہ هيتري رقم جي ضرورت آهي. سامعين مان هڪ اٿي چيو تہ هڪ ڪروڙ مان ڏيندس. ٻئي چيو مان بہ هڪ ڪروڙ ڏيندس. اهڙي طرح سان پنجن منٽن ۾ پنج ڪروڙ جمع ٿي ويا. افسوس! توهان کي خدا جي راهہ ۾ هڪ رات سيڙائڻ بہ ڏکي ٿي لڳي. اوهان کي آخر ٿيو ڇا آهي؟

❁ فرمايائون: هڪ دفعي حضرت ايوب انصاري رضي الله عنه جهاد لاءِ تيار ٿيا. سندن پٽن پوٽن عرض ڪيو تہ سائين توهان ڪمزور ۽ وڏي عمر جا ٿي چڪا آهيو، اوهان ماٺ ڪري ويهي رهو. پاڻ فرمايائون تہ آءٌ ڇا ڪريان، الله جو هي امر مون کي ويهڻ نہ ٿو ڏئي تہ اوهان ڪهڙي بہ حال ۾ هجو، هلڪا آهيو، ڳرا آهيو، بيمار آهيو، چڱا ڀلا آهيو، خدا جي راهہ ۾ نڪرو . پنهنجي ساٿين کي فرمايائون تہ جيڪڏهن منهنجو دم واٽ تي پرواز ٿي وڃي تہ خدارا منهنجو لاش بہ الله جي راهہ ۾ اڳتي ڪٽي هلجو.

❁ فرمايائون حضور صلى الله عليه وسلم الله جي راهہ ۾ ويندڙ حضرت معاذ بن جبل رضي الله عنه کي گهوڙي تي سوار ڪري پاڻ ان کي الوداع ڪرڻ لاءِ گهوڙي جي واڳ وٺي اڳتي هليا.

❁ فرمايائون ڪو زمانو هيو جڏهن ڪنهن سان ڪا سٺي ڳالهہ ڪبي هئي تہ اهو وڏي قدر سان ٻڌندو هيو. پوءِ وري اهو زمانو آيو جو ماڻهو هڪ ڪن کان ٻڌي ٻئي کان ڪڍي

چڏيندا هيا. ليڪن اڄ زمانو اهڙو آهي جو ماڻهن کي اهو به گوارا نه آهي جو هڪ ڪن ڪان نيڪي ٻڌي ۽ ٻئي ڪان ڪڍي ڇڏي.

❀ فرمايائون ڪو شخص بيمار آهي. اٿڻ ويهڻ جي طاقت نه اٿس. ڏور ڏکو در تي پيو بيٺو آهي. اڄ ٻڪ تي آهي. ان کي اس مان ڇوڙي ڇانوءَ ۾ ڇڏيو آهي . هيڏي هوڏي ڏنائين ڪير به ڪونهي. لاچار اهڙي حالت ۾ به اهو سڀ ڪم پاڻ ڪيائين. اهڙي طرح سان هر ڪنهن کي واندڪائي ڪانهي پر لاچار سمجهي دنيا جي ڪمن مان وقت ڪڍي دين جو ڪم ڪرڻو آهي. ڀلا اوهان دين جو ڪم نه ڪندو ته ٻيو ڪير ڪندو؟!

سهڻا سائين جا سهڻا اقوال:

✎ فرمايائون: ڪنهن به مسلمان کي ڪافر هرگز چوڻ نه گهرجي.

✎ قرض وٺڻ ڪان پرهيز ڪرڻ گهرجي.

✎ دنيا ۾، گهر خواه سفر ۾، دڪان، تجارت توڙي ملازمت ۾ پاڻ کي مسافر تصور ڪرڻ گهرجي.

✎ موت کي هر وقت ياد رکڻ گهرجي.

✎ زندگيءَ جو وقت سفري حال وارو تصور رکڻ گهرجي.

✎ دنيا جي محبت، حرص هوس، خواهشات، نفساني طول امل ڪان بلڪل دوري رکڻ گهرجي جنهن سبب دين ۾ سستي، نقصان ۽ عمل و توشه سامان آخرت ۾ خسارو پيدا ٿئي ٿو.

✎ تجارت، زراعت خواه ملازمت هجي پر ڪوشش ڪري باجماعت نماز ادا ڪجي.

✎ ذڪر ۽ مراقبي جي ڪثرت، سفر توڙي حضر ۾ معمول بنائجي.

✎ ٻين نيڪ عملن سان ثواب ملندو آهي مگر ذڪر ڪرڻ سان اخلاص نصيب ٿيندو آهي. جيڪا تمام امور ڪان زياده اهم ۽ بنيادي شيءِ آهي. انهيءَ لاءِ ذڪر جو تمام گهڻو تاڪيد ڪيو ويو آهي. ذڪر کي جهاد ڪان به افضل چيو ويو آهي ۽ ان جو ثبوت حديث شريف ۾ به آهي ته قيامت جي ڏينهن شهيد، مجاهد، نمازي حاضر هوندا. الله تعاليٰ انهن کي فرمائيندو ته اهو عمل مخلوق جي لاءِ ڪيا هيا. ان جو معاوضو تو کي دنيا ۾ ملي ويو. هاڻي تنهنجو نڪاڻو جهنم آهي. ان لاءِ ذڪر ڪرڻ انتهائي ضروري آهي.

- گلا کي حرام سمجهي ان کان بلڪل پري رهڻ گهرجي.
- بيهوده گفتگو، بي فائده ڪم، لغو، لهو لعب جي ڪمن، مجلسن ۾ جاين کان پري رهڻ گهرجي.
- عشاء نماز کان پوءِ رات جي ڪاراڻ تي سوچ ويچار ڪرڻ گهرجي تہ ڏينهن ڪهڙن ڪمن ۾ گذري ويو. پنهنجي گناهن تي پشيمان ٿي رب کان معافي وٺڻ گهرجي.
- اگر ڏينهن نيڪيءَ جي ڪمن ۾ گذريو تہ شڪر ادا ڪرڻ گهرجي.
- پنهنجي نيڪ اعمال تي رياء يا وڏائي هرگز نہ ڪرڻ گهرجي.
- وضو، غسل نماز ۽ ديگر مسئلا پاڻ بہ سکجن ۽ اهل عيال کي بہ سيکارجن
- گهر ۾ دين جون ڳالهين جو معمول هئڻ گهرجي.
- شريعت ۽ طريقت جي منزل مقصود هڪ ئي آهي. دراصل طريقت نالو ئي شريعت تي عمل ڪرڻ آهي. اهڙي طرح طريقت کان بغير شريعت جي تڪميل نہ ٿي ٿئي. شريعت تي عمل ڪرڻ کان سواءِ ڪمال ڏيکارڻ زنديقہ آهي نہ ڪا فقيري.
- عشقِ الاهي ۽ محبتِ مصطفيٰ ﷺ جي حصول لاءِ اڻٿڪ ڪوشش ڪرڻ گهرجي.
- قناعت بهترين شيءِ آهي.
- سادگي اختيار ڪرڻ گهرجي.
- پنهنجي حال آهر پنهنجن گهروارن کي سکيو رکڻ گهرجي.
- رزق حلال بنيادي شيءِ آهي. جنهن جي بغير ترقي ٿي نہ ٿي سگهي.
- ذڪر الله تي دوام ۽ هميشگي بہ فقيري جو لازمي شرط آهي.
- اگر ياد حق تعاليٰ کان دل غافل آهي تہ فقط رزق حلال بہ قلبي غفلت دور ڪرڻ لاءِ ناڪافي آهي.
- ذڪر الله جي ڪثرت سان ئي محبوب حقيقي جو قرب حاصل ٿيندو آهي.
- اسراف نہ ڪجي ليڪن تنگي بہ نہ ڪجي.

سهڻا سائين جو اعليٰ ڪردار:

پاڻ نهايت منڪسر المزاج هئا. غلطين ڪرڻ واري کي معاف ڪرڻ وارا. برن سان ڀلايون ڪرڻ وارا هئا. خليفن يا سفر جي ساٿين کان ڪو ڪم سندن طبيعت جي خلاف ٿيندو هيو تہ يڪدم معاف ڪري اڳتي احتياط جو تاڪيد ڪندا هيا. سفر دوران چند مرتبہ خادمن جي غفلت سبب سندن سامان گم ٿي ويو. ڪيترائي دفعا غلط فهمي سبب ڪين ماني نہ ملي، سواري جو بندوبست نہ ڪيو ويو پر تنهن هوندي بہ ڪاوڙ نہ ڪيائون پر ڪو فقير باجماعت نماز، تهجد، مراقبو يا ٻئي ڪنهن شرعي ڪم جي پيڪڙي يا ان جي ادائگي ۾ سستي ڪندو هيو تہ پاڻ ان تي ڪنهن بہ قسم جي رعايت نہ ڪندا هيا. نماز ۾ سستي ڪرڻ تي تہ باقاعده "انا لله" چئي عذر ڪندا هيا نہ صرف پاڻ پر پين موجود ماڻهن کي بہ چوندا هيا تہ هن جو ڪيڏو نہ ديني نقصان ٿيو آهي! پوءِ سڀني کان "انا لله" چورائي ان فقير سان تعزيت ڪندا هيا. بعد ۾ اهو فقير باقاعده شريعت ۽ سنت جو پابند ٿي ويندو هيو.

- پاڻ جڏهن بہ قضا حاجت لاءِ ويندا هيا تہ لڪيل ڪاغذن کان علاوه نوٽ بہ ڪيسي مان ٻاهر ڪيندا هيا ڇو تہ انهن تي بہ پاڪ نالا لکيل هوندا آهن.
- جڏهن حج تي ويا تہ اتان جي سرزمين جو ادب ڪندي وٽ ڪرڻ لاءِ پير بہ هتان ڪٽي هليا.
- پاڻ بنا وضوءَ جي محبوب ڪريمن ﷺ جو اسم مبارڪ نہ وٺندا هيا.
- ديني ڪتاب کي هميشہ ڪپڙي تي رکندا هيا، ڪڏهن بہ زمين يا تڏي تي اونڌو ڪري نہ رکندا هيا. جڏهن بہ تفسير جي مٿان حديث جو ڪتاب يا حديث جي ڪتاب مٿان فقہ جو ڪتاب رکيل ڏسندا هيا تہ طالبن کي تنبيهہ ڪندي فرمائيندا هيا تہ پهرئين قرآن شريف، تفسير، حديث، فقہ ۽ پوءِ ديني ڪتاب رکندا ڪريو.
- گفتگو دوران ننڍي ٻار کي بہ "توهان" فرمائي ڳالهائيندا هيا.
- ڪنهن طالب کي گهر اٿڻو هوندو هيو تہ فرمائيندا هيا فلاڻي مولوي صاحب کي سڏي اچو
- پاڻ عالمن سڳورن جي تمام گهڻي عزت ڪندا هيا. پنهنجي هٿن سان پاڻ ماني ڪٽي ايندا هيا ۽ انهن جا هٿ ڌوئاريندا هيا.

➢ جڏهن ڪو ماڻهو ساڻن ڪا اهڙي ڳالهه ڪندو هيو جيڪا سندن پهرئين ٻڌل هوندي هئي پر تنهن هوندي به ان جي ڳالهه پوري توجهه سان ٻڌندا هيا ۽ ان جي دلجوئي ڪندا هيا ۽ ان کي اهو به محسوس نه ڪرائيندا هيا ته ان ڳالهه کان پاڻ اڳ ئي باخبر آهن.

➢ جڏهن به ڪنهن خليفي يا عام ماڻهو کي خط لکندا هيا ته "بخدمت جناب مڪرمي و محترمي وعزيزي مولوي صاحب" ڪري لکندا هيا ۽ خط جي آخر ۾ پنهنجي لاءِ "**لاشيءِ فقير**" لکندا هيا.

➢ طالبن کي پنهنجو اولاد سمجهندا هيا. انهن لاءِ فروٽ موڪليندا هيا ۽ خرچي ڏيندا هيا. عيد جي موقعي تي ڪپڙا به ڏيندا هيا.

➢ هڪ دفعي پاڻ فقير پور شريف کان محرابپور وڃي رهيا هيا. لاڙڪاڻي اسٽيشن تي ڪجهه ماڻهو ٽفن ۾ سندن واسطي ماني کڻي آيا. جڏهن روهڙي اسٽيشن تي پهتا ته فقيرن ۽ خليفن کي فرمايائون اچو گڏجي ماني کائون. سڀئي ماني کائڻ کان نٽائي رهيا هيا ڇو ته ماڻهو گهڻا هيا ۽ ماني گهٽ هئي. پر سندن گهڻي اصرار تي ماڻهو حلقو ٺاهي ويٺا. پاڻ مانين جا چار ٽڪر ڪيائون ۽ هر ڪنهن جي حصي ۾ هڪ حصو آيو. اهڙي طرح سان ايثار جو هڪ مثال قائم ڪيائون.

➢ جيڪڏهن ڪو پاڙيسري بيمار هوندو هيو ته پاڻ ان وٽ وڃي عيادت ڪندا هيا، ان جي دلجوئي ۽ همت افزائي ڪندا هيا. اگر اهو غريب هوندو هيو ته علاج جو خرچ به ڏيندا هيا ۽ کين دعائون ڪندا هيا.

➢ پاڻ هميشه گرميءَ جي موسم ۾ ٽي مهينا تبليغ لاءِ طاهر آباد ۾ رهندا هيا. اتي بوزدار فقيرن کي فرمايائون ته توهان هتي مرڪز ٺاهيو، اسان توهان وٽ ايندا رهندا سين. هڪ سال سندن آپريشن ٿيو ۽ پاڻ ڪمزور ٿي ويا هيا. ڊاڪٽرن کين هلڻ کان منع ڪيو هيو. پر تنهن هوندي به پاڻ فرمايائون اسين بوزدار فقيرن سان اچڻ جو واعدو ڪيو آهي ان لاءِ مون کي اتي وڃي هلو. پوءِ چار ماڻهن جي سهاري ڏاڍي تڪليف سان پاڻ اتي آيا. فرمايائون اسان پنهنجو واعدو پورو ڪري هتي آيا آهيون، هاڻي توهان دين ۾ استقامت جو واعدو پورو ڪيو.

➢ پاڻ ابتدائي دؤر ۾ فائينل پاس ڪري ماستري جي نوڪري ڪئي هئي. پوءِ جلد ئي استعيفيٰ ڏئي ڇڏيائون ان جو سبب اهو ٻڌايائون تہ اسڪول ۾ ماستر ننڍڙن ٻارن کي حد کان وڌيڪ ماريندا هيا، منهنجي دل سهي نہ سگهندي هئي، انڪري استعيفيٰ ڏئي ڇڏيم.

➢ مثال ڏيندي فرمايائون تہ جيئن گل کي سنگهڻ سان خوشبوءِ ايندي آهي تيئن توهان جي ذڪر جي گرميءَ ۾ بہ اهڙو اثر هجي جو ماڻهو چون تہ بيشڪ هي ”غفاري“ آهن. ايئن نہ ٿئي جو ٻين جو بہ در بند ڪري ڇڏيو.

﴿ڪرامات سهڻا سائين﴾

جلدي گهر خالي ڪيو:

فقير محمد مشتاق ٻڌائي بيان ڪيو تہ سياري جي موسم هئي سندس نياڻو فتح محمد پنهنجي ڪٽنب سان ستو پيو هيو. اڌ رات جو فقير محمد مشتاق جي نياڻيءَ کي خواب ۾ حضرت سهڻا سائين جي زيارت نصيب ٿي. پاڻ فرمايائون تہ توهان قرآن شريف، ضروري سامان کڻي پنهنجي ٻچن سميت جلدي هيءَ جاءِ خالي ڪيو. هن خواب سمجهي ان ڳالهہ ڏانهن خيال نہ ڪيو پر پاڻ ٽي دفعا اها ساڳئي ئي تنبيهہ ڪيائون. پوءِ جلدي جلدي اٿي قرآن شريف، قيمتي سامان ۽ پنهنجي ٻچن کي وٺي گهر مان ٻاهر نڪري رهي هئي تہ هن جو مڙس هن تي ڪاوڙيو ۽ وڙهڻ لاءِ تيار ٿي ويو. اجا گهر کان ٻاهر مس ٿيا تہ سندن گهر ڪري پيو. ان طرح سان پاڻ ڪٽنب ۽ سامان سميت با سلامت رهيا.

ميت ۾ چرپر:

پير بخش نالي ثواب پور جو هڪ فقير هيو. جڏهن وفات ڪيائين تہ سندس گهروارن وڏي آواز سان ذڪر ڪيو. ميت ۾ چرپر ٿي ۽ چيلهہ جيترو مٿي اٿي الله الله ڪري چيائين تہ الله وارا ڪڏهن بہ مرندا نہ آهن. اهڙي طرح سان ٽي دفعا ميت ۾ چرپر ٿي.

هڪ فقير وفات وقت دعا گهريائين ”ربنا آتنا في الدنيا حسنة“ ائين چوڻ سان سندس روح پرواز ٿي ويو. اچانڪ ڇت مان آواز آيو: ”وفي الآخرة حسنة“

جسماني عوارضات ۽ تبليغ جو جوش:

جواني کان آخر تائين ڪين چيلهہ جو سور ۽ ضعف دماغ جي تڪليف رهي. بزرگن جي بيعت ۽ نسبت بعد لڳاتار وجد ۽ تمام گهڻو جذبو هوندو هيو. پاڻ جواني ۾ لسي جو استعمال گهڻو ڪيائون. ڪين ٽيهہ پنجتيهہ سالن کان هٿن ۾ لرزش رهي. تقريباً اٺن ڏهن سالن کان ٽنگ ۾ سخت درد هوندو هين جنهن سبب ڪافي عرصو تہ ڊاڪٽرن بيهي نماز پڙهڻ کان بہ منع ڪيو هيو. فرمائيندا هيا تہ ”ٽنگن جو سور تہ گهٽجي ويو پر چيلهہ ۾ هيئين ڏڙ ۾ ايتري تہ سخت تڪليف آهي جو بيهڻ يا هلڻ وقت چڙ گوشت ڪپجي رهيو هجي.“انهن عوارضات سبب ڪين آرام نہ ايندو هيو پر صبر ۽ استقلال جو هيءُ عالم هيو جو نئين آيل ماڻهو کي پنهنجي وس آهر پنهنجي تڪليفن جو احساس ٿيڻ نہ ڏيندا هيا. فجر، ظهر ۽ عصر بعد باقاعده ويهي وعظ ڪندا هيا يا تبليغي خط پڙندا هيا. اهڙيءَ تڪليف جي باوجود بہ پنهنجو پاڻ کي ڪٽ تي ڪڻائي بلوچستان ۾ تبليغ ڪرڻ ويا.

سندن آخري سالانو اجتماع جيڪو 25 جمادي الآخر 1403هجريءَ ۾ ٿيو هيو ان ۾ پاڻ ويل چيئر تي ويهي ويهہ هزار ماڻهن جي ميڙ کي خطاب فرمايائون ۽ درگاهہ الله آباد شريف تي سندن آخري ماهانہ پروگرام جيڪو 27 صفر 1403 هہ تي ٿيو ان ۾ بہ پاڻ بيان فرمايائون. ٽن ڏينهن کان پوءِ سندن طبيعت وڌيڪ ناساز ٿي وئي. هڪ رات نيم خوابي جي حالت ۾ فرمايائون ”ڇا پيلا گهر ڪونہ هلنداسين؟“ چار پيرا اهي لفظ فرمايائون ۽ هر دفعي سندن صاحبزاده عرض ڪيو تہ سائين جن پنهنجي ئي گهر ۾ آهن. شايد سندن هي اشارو آخرت واري گهر ڏانهن هيو.

وصال پُر ملال: سومر 6 ربيع الاول 1404هہ بمطابق 12 ڊسمبر 1983ع تي تهجد پڙهي پاڻ فرمايائون تہ اسان کي محبوب ڪريم ﷺ ونڻ آيا آهن. پوءِ پاڻ پنهنجي لختِ جگر حضرت محمد طاهر المعروف ”سجڻ سائين“ مدظلہ العالي جي سيني ۾ فيوضات ۽ برڪتون منتقل ڪري پنهنجو سجاده نشين مقرر فرمايائون ڪيس سيني فقيرن ۽ خليفن لاءِ هدايتون ۽ نصيحتون فرمايائون. پوءِ الله الله ڪندي ستا ۽ سندن روح هن عنصري پڃري مان پرواز ڪري جنة الفردوس ڏانهن روانو ٿي ويو. انا لله و انا اليه راجعون

نمازِ جنازه : جنازي نماز لاءِ ظهر جو وقت مقرر ڪيو ويو. هزارين عاشق، معتقدين ۽ احباب گڏ ٿيا. خلفاءِ ڪرام جي اصرار تي جنازه نماز سندن صاحبزاده جناب مولانا محمد طاهر مدظله العالي المعروف "سچڙ سائين" پڙهائي. سندن مزار شريف بہ درگاهه الله آباد شريف جي مان واري ماڳ ۾ تاهي وئي.

مرڪزِ تجليات

مزار پر انوار حضرت سهڻا سائين رحمت الله عليه

ڪتبہِ مزار

مختصر سوانح حضرت سهڻا سائين جيڪا سندن مزار جي لڳ لکيل آهي.

الحاج رحيم بخش قمر جا تاثرات:

سهڻو سائين اهل الله

مير محمد صلي الله، سرور چام سراج الله،
رحمت راس رسول الله، سهڻو سائين اهل الله.
(حضرت) الله بخش آ نالو جنهنجو، باطل تي نِت ڀالو جنهنجو،
نرمل سوئي نور الله، سهڻو سائين اهل الله.
جنهن جي صورت، سيرت سهڻي، سيرت سهڻي حڪمت سهڻي،
ورد سندس هو سبحان الله، سهڻو سائين اهل الله.
جنهنجو خاص خزينو سينو، عرش ۽ اقصيٰ، مدينو سينو،
قلب ڪيو جنهن بيت الله، سهڻو سائين اهل الله.
صوفي، صادق، سالڪ بيشڪ، مِهر جي ملڪ جو مالڪ بيشڪ،
وارث وير ولي الله، سهڻو سائين اهل الله.
جآءَ الْحَقُّ جو نادُ وڄي ٿو، باطل مُنيون ڀيڙي ڀڄي ٿو.
جنهنجي قول ۾ قال الله، سهڻو سائين اهل الله.
جنهنجو مرشد ڪلنگيءَ وارو، پير مٺا سو نور نيارو،
رحمت پور ۾ مَطرُ الله، سهڻو سائين اهل الله.
لاَ خَوفٌ عَلَيهِمْ شان بلاشڪ، فائق جو فرمان بلا شڪ.
گهوٽ نه آهن غير الله، سهڻو سائين الله.
غوث قطب ڪامل بيشڪ، قرآن ڪريم جو عامل بيشڪ،
سنت تي هو سعد الله، سهڻو سائين اهل الله.
تقويٰ، طاعت، تاج ڏٺي آ، پارس جنهن جي ير پٽي آ،
ڪامل پڑهيو ڪلام الله، سهڻو سائين اهل الله.
تربت جنهنجي نينهن نظارو، رحمت جنهن تي وسي ٿي يارو،
جنهن جو مرقد "نُورَالله"، سهڻو سائين اهل الله.
(حضرت) محمد طاهر سندس ڪَلي آ، پاڻ ولي ۽ ابن ولي آ،
جنهن جو فيض آ فيض الله، سهڻو سائين اهل الله.
جنهن جا مريد به بخت ڀلارا، ڏاڙهي ڏنڊڻ، پٽڪن وارا،
جنهن جي جماعت "حزب الله"، سهڻو سائين اهل الله.
عالم ۾ انوار ڪيو جنهن، بيدار ڪي آ بيدار ڪيو جنهن،
لاکا لعل سو "لطف الله"، سهڻو سائين اهل الله.
شمس، قمر ۽ تارا آهن، سونهن پريا نت سارا آهن،
قائم ڪامل "قمر الله"، سهڻو سائين اهل الله.

سهڻا سائين جا خلفاءِ ڪرام

1. محترم خليفه محمد آدم بروهي بخشي طاهري گڏاپ ڪراچي.
2. محترم خليفه حاجي احمد حسن لاشاري بخشي طاهري تعلقه واره.
3. محترم خليفه احمد زمان بخشي طاهري بلديه ٽائون ڪراچي .
4. محترم خليفه مولانا محمد ادريس ڏاهري بخشي طاهري شاهپور جهانيا.
5. محترم خليفه مولانا امام علي چانڊيو بخشي طاهري گڏاپ ڪراچي.
6. محترم خليفه قاري محمد بلال سمارڻ بخشي طاهري فقير پور شريف.
7. محترم خليفه سيد محمد جيئل شاه صاحب بخشي طاهري جيڪب آباد .
8. محترم خليفه محمد حسن اوٽو بخشي طاهري نوابشاه.
9. محترم خليفه سيد حسين شاه بخاري بخشي طاهري شڪارپور .
10. محترم خليفه خان محمد پرڙو بخشي طاهري ڪوٽ ڏيجي.
11. محترم خليفه حاجي خير محمد عباسي بخشي طاهري حيدرآباد .
12. محترم خليفه مولانا رحمت الله قريشي بخشي طاهري ميران ناڪو لياري ڪراچي .
13. محترم خليفه مولانا محمد رمضان لاڪو بخشي طاهري ماڊل ڪالوني ڪراچي .
14. محترم خليفه سردار احمد ثاني صاحب بخشي طاهري نوابشاه.
15. محترم خليفه قاري شاه محمد بروهي بخشي طاهري ڪنڊو ڳوٺ.
16. محترم خليفه محمد شريف جوکيو بخشي طاهري ڪراچي .
17. محترم خليفه محمد عالم جت بخشي طاهري گهوڙاٻاري، ضلع ٺٽو.
18. محترم خليفه حاجي عبدالحڪيم ميمڻ بخشي طاهري هالا .
19. محترم خليفه عبدالخالق خالد مغل صاحب بخشي طاهري.
20. محترم خليفه عبدالرب بنگالي بخشي طاهري ڪراچي .

21. محترم خليفه عبدالرحمان جت بخشي طاهري ماتلي، ضلع بدين.
22. محترم خليفه عبدالرسول ڏيپر بخشي طاهري خاص دربان، فقير پور شريف.
23. محترم خليفه حاجي عبدالغفور مري بلوچ بخشي طاهري موسيٰ ڳوٺ ڪراچي .
24. محترم خليفه حاجي عبدالمجيد سوڍهر بخشي طاهري فقير پور شريف.
25. محترم خليفه غلام محمد تنيو بخشي طاهري نوابشاه .
26. محترم خليفه غلام نبي لاسي بخشي طاهري روحاني مرڪز ڪراچي.
27. محترم خليفه فتح الدين سومرو بخشي طاهري المعروف ”بيدار مورائي“ .
28. محترم خليفه محمد قاسم گبول بخشي طاهري الله آباد شريف .
29. محترم خليفه گل محمد چانڊيو بخشي طاهري پيٽ شاه ضلع مٽياري.
30. محترم خليفه محمد محسن بروهي بخشي طاهري گڏاپ ،ڪراچي .
31. محترم خليفه محمد علي آرائين بخشي طاهري ڊگري ضلع ميرپور خاص .
32. محترم خليفه محمد يار سبزوئي بلوچ بخشي طاهري الله آباد شريف.
33. محترم خليفه محمود الحسن مري بلوچ بخشي طاهري چُڪي، تعلقه و ضلع حيدرآباد
34. محترم خليفه مشتاق احمد شر بلوچ بخشي طاهري الله آباد شريف.
35. محترم خليفه مولا بخش چانڊيو بخشي طاهري نزد غيبي ديرو قمبر شهداد ڪوٽ .
36. محترم خليفه نسيم احمد انصاري بخشي طاهري حيدرآباد.
37. محترم خليفه نواز علي مگسي بخشي طاهري ميهڙ ضلع دادو.
38. محترم خليفه محمد يوسف پيرزادو بخشي طاهري هالا، ضلع مٽياري.
39. محترم خليفه ماسٽر احمد علي بخشي طاهري پنجاب .
40. محترم خليفه سيد محمد اسماعيل شاه بخشي طاهري راولپنڊي .
41. محترم خليفه محمد الهيار بخشي طاهري پنجاب .
42. محترم خليفه مولانا محمد رفيق شاه صاحب بخشي طاهري.
43. محترم خليفه محمد رمضان بخشي طاهري ظفروال، پنجاب .
44. محترم خليفه محمد رمضان آرائين طاهري رحيم يار خان.

45. محترم خليفه رياست علي بخشي طاهري نارووال، پنجاب .
46. محترم خليفه محمد شفيع بخشي طاهري رحيم يار خان پنجاب .
47. محترم خليفه عبدالسلام بخشي طاهري لاهور .
48. محترم خليفه محمد يار بخشي طاهري بڇيانہ پنجاب .
49. محترم خليفه محمد معصوم بخشي طاهري سناوان پنجاب .
50. محترم خليفه نور حسين بخشي طاهري پنجاب .
51. محترم خليفه ڊاڪٽر محمد يوسف بخشي طاهري بڇيانہ پنجاب.
52. محترم خليفه مولانا محمد عمر بخشي طاهري ضلع لسبيلہ بلوچستان .
53. محترم خليفه مولانا محمد مشتاق جت بخشي طاهري صلع لسبيلہ بلوچستان .
54. محترم خليفه مولانا ولي محمد بروهي بخشي طاهري ضلع لسبيلہ بلوچستان .
55. محترم خليفه حاجي محمد سلام وزير بخشي طاهري ضلع لڪي مروت.
56. محترم خليفه محمد اسماعيل لنڊ بلوچ بخشي طاهري رحمت الله عليہ
57. محترم خليفه حافظ حبيب الله بخشي طاهري رحمت الله عليہ ظفروال، پنجاب .
58. محترم خليفه حاجي محمد حسين شيخ بخشي طاهري رحمت الله عليہ لاڙڪاڻہ.
59. محترم خليفه در محمد پنهور بخشي طاهري رحمت الله عليہ دادو .
60. محترم خليفه حاجي ربنواز بخشي رحمت الله عليہ خيرپور ميرس دبئي .
61. محترم خليفه محمد رحيم دل بخشي طاهري رحمت الله عليہ المرڪز غفاريہ، مورو.
62. محترم خليفه غلام قادر ميمن غفاري بخشي طاهري .
63. محترم خليفه محمد شريف بروهي بخشي رحمت الله عليہ خضدار، بلوچستان .
64. محترم خليفه صاحب ڏنو چانڊيو بخشي طاهري رحمت الله عليہ فقير پور شريف.
65. محترم خليفه محمد صالح چنہ بخشي طاهري رحمت الله عليہ سوپوديرو گمبٽ .
66. محترم خليفه حاجي محمد صديق بروهي بخشي طاهري رحمت الله عليہ دبئي.
67. محترم خليفه محمد صديق ميمڻ رحمت الله عليہ بخشي طاهري مورو .
68. محترم خليفه عبدالڪريم قريشي بخشي طاهري رحمت الله عليہ انڙپور، دادو .

69. محترم خليفہ ڊاڪٽر عبداللطيف چنہ بخشي رحمت الله عليہ .
70. محترم خليفہ عبدالله سهارڻ بخشي طاهري رحمت الله عليہ فقير پور شريف .
71. محترم خليفہ محمد عثمان چنہ بخشي طاهري رحمت الله عليہ ڪنڊيارو.
72. محترم خليفہ حاجي علي محمد جتوئي بخشي طاهري رحمت الله عليہ فقير پور شريف.
73. محترم خليفہ حاجي محمد عيسيٰ ڪنڌر بخشي طاهري رحمت الله عليہ نوڊيرو لاڙڪاڻہ.
74. محترم خليفہ محمد عيسيٰ لغاري بخشي رحمت الله عليہ سانگهڙ .
75. محترم خليفہ فضل احمد ابڙو بخشي طاهري رحمت الله عليہ شڪارپور .
76. محترم خليفہ فضل احمد چانڊيو بخشي طاهري رحمت الله عليہ لاڙڪاڻہ .
77. محترم خليفہ حاجي محمد قاسم خاصخيلي بخشي طاهري رحمت الله عليہ ٽنڊو بولا خان.
78. محترم خليفہ سيد متل شاھ بخشي طاهري رحمت الله عليہ قاضي احمد .
79. محترم خليفہ محب علي بخشي طاهري رحمت الله عليہ جيڪب آباد .
80. محترم خليفہ محمد بخش گبول بخشي طاهري رحمت الله عليہ آباد شريف،ڪنڊيارو.
81. محترم خليفہ حاجي محمد علي مري بلوچ بخشي طاهري رحمت الله عليہ مڪہ مڪرمہ.
82. محترم خليفہ مير محمد چانڊيو بخشي طاهري رحمت الله عليہ مٽياري .
83. محترم خليفہ حافظ نور محمدڪلهوڙو بخشي طاهري رحمت الله عليہ وارھہ لڳ لاڙڪاڻو
84. محترم خليفہ حاجي نيڪ محمد ارشد بخشي طاهري رحمت الله عليہ پنجاب .
85. محترم خليفہ حاجي ولي محمد گبول بخشي رحمت الله عليہ ٽنڊو بولا خان .
86. محترم خليفہ محمد يامين لاشاري بخشي طاهري رحمت الله عليہ لاڙڪاڻو.
87. محترم خليفہ غلام مرتضيٰ عباسي بخشي طاهري الله آباد شريف،ڪنڊيارو.
88. محترم خليفہ جان محمد سولنگي بخشي طاهري رحمت الله عليہ سيوهڻ شريف .

سيويو جن سُبحانُ، وير نہ وڙهي تن سين؛
توبہَ جي تاثيرَ سين، تَري ويا طوفانُ؛
ڏيئي توڪَّلَ تَڪيو، آرُ لَنگهيا آسانُ؛
ڪامِلُ ڪِشتيبانُ، وِچَ ۾ گَڏِيُن واهَرُو.

سجاده نشين:

سَجَڻُ ڏِنو جَنِ، تن ڳِڇيءَ سِرِ ڳَهُ ڪَيو: ٻِيُون ڪوهُ ٻُجَهنِ، قَدُرُ ڪِيمِيا اِنَ جو؟

پير طريقت حضرت

خواجہ محمد طاهر

المعروف سڄڻ سائين مدظلہ العالي

فيض جو وسندڙ ڪڪر، برڪت جو بحر، علم جو گوهر، محبت جو جوهر صاحبزاده حضرت خواجہ محمد طاهر مدظلہ العالي. پاڻ عالم باعمل، صاحبِ شريعت، واقفِ طريقت، اعليٰ اخلاقن واري شخصيت جا مالڪ آهن. [1]

سندن ولادت باسعادت 21 مارچ 1963ع ۾ باب الفيوضات دربار رحمتپور شريف لاڙڪاڻي ۾ ٿي. قطبِ عالم حضرت پير مٺا سائين رحمت الله عليہ سندن ڪنن ۾ اذان ۽ تڪبير چئي ۽ سندن "**محمد طاهر**" رکيائون. والد ڪريم جي مسند نشيني بعد دنيا ڪين "**سڄڻ سائين**" جي سهڻي لقب سان ڄاڻي سڃاڻي ٿي. رحمپور ۾ رهائش دؤران جڏهن پير مٺا سائين وصال فرمايو تہ ان وقت سڄڻ سائين جي عمر هڪ سال نوَ مهينا هئي.

سهڻا سائين جي دعا: 1972ع ۾ حضرت سهڻا سائين محرابپور ۾ تبليغ لاءِ آيل هيا، ان وقت سندن طبيعت گهڻي ناساز ٿي وئي. ان وقت سڄڻ سائين جي عمر 9 سال هئي. پاڻ دعا فرمايائون تہ يا الله منهنجو پٽ اجا ننڍو آهي، منهنجي خواهش آهي تہ هو وڏو ٿي دين جي خدمت ڪري. مون کي ايترو موقعو ڏي جو آءٌ پنهنجي فرزند جي ظاهري ۽ باطني تعليم و تربيت ڪري سگهان. الله ڪريم سندن اها دعا مقبول فرمائي ڪين صحت سلامتي ملي ۽ محمد طاهر جي پالنا ۽ تعليم ۽ تربيت پاڻ پنهنجي نگراني ۾ ڪيائون. ڪين ظاهري علوم سان گڏ باطني فيوض سان نوازيائون.

[1] سندن ڪوائف لاءِ ڏسو محترم بيدار مورائي ۽ مولانا حبيب الرحمٰن صاحب جا سوانحي ڪتاب.

تعليم: سندن والد گرامي جي اها خواهش هوندي هئي تہ سندن فرزند ننڍي ٿي عمر ۾ گهر ڇڏي حصول علم لاءِ سفر جي تڪليفن ۽ محنت مجاهدن جو عادي ٿي وڃي. انڪري سندن تعليم ۽ پرورش لاءِ غير معمولي ڪوششون ڪيون ويون. ڇئن سالن جي عمر ۾ قرآن شريف، فارسي ۽ ابتدائي تعليم درگاهہ فقير پور شريف جي مدرسي ۾ حاصل ڪيائون. 1970ع سيد عبد الخالق شاهہ رحمت الله عليہ جي رفاقت سان مدرسہ رڪن الاسلام حيدرآباد ۾ حضرت مولانا الحاج حافظ قاري محمد طفيل صاحب نقشبندي رحمت الله عليہ جي زير تعليم رهيا. مدرسہ رڪن الاسلام جي باني ۽ سلسلہ عاليہ جي مشهور بزرگ مولانا مفتي محمود الوري هڪ دفعي حضرت سجڻ سائين ڏانهن اشارو ڪندي فرمايو تہ ”الله جو شڪر آهي جنهن هن پُر فتن دؤر ۾ پنهنجي فضل ۽ ڪرم سان اسان کي اهڙا شاگرد ڏنا اٿس جيڪي ذاڪر، شاڪر ۽ تهجد گذار آهن.“

پاڻ دورهءِ حديث پهريائين درگاهہ الله آباد شريف ۾ پڙهيا پوءِ پيو پيرو 17 سيپٽمبر 1978ع مولانا رفيق احمد شاهہ جي رفاقت ۾ المرڪز قادريہ ڪراچي ۾ مولانا منتخب الحق قادري جي زير تعليم رهيا. هن مدرسي ۾ ملڪ جي مختلف علائقن کان علاوه بيرون ملڪن جا بہ طالب پڙهندا هيا. هن ديني درسگاهہ ۾ پاڻ دروهءِ حديث جي امتحان ۾ فرسٽ ڪلاس فرسٽ پوزيشن حاصل ڪيائون. ان وقت سندن عمر 15 سال هئي. مدرسي مان الوداع وقت مدرسي جو مهتمم ڊاڪٽر علوي صاحب چوڻ لڳو تہ افسوس جو اسان جي مدرسي مان بهترين طالب العلم روانو ٿي رهيو آهي.

ان کان علاوه ايم. اي اسلامڪ اسٽڊيز ۾ سنڌ يونيورسٽي مان فرسٽ پوزيشن ۾ ڪيائون. درس نظامي جي وڏيڪ ڪتابن کي پڙهڻ لاءِ المرڪز القادريہ ڪراچي ۾ زير تعليم رهيا. ان دوران پاڻ شيخ الحديث حضرت علامہ سيد منتخب الحق القادري ۽ جڳ مشهور استاد علامہ يحيٰ صديقي، شيخ الادب مولانا سعيد الرحمٰن ۽ ٻين استادن وٽ تفسير واصول تفسير، حديث و اصول حديث، فقہ و اصول فقہ، فلسفہ، منطق، علم الڪلام، ادب عربي، تاريخ ۽ صرف و نحو جي تعليم حاصل ڪيائون. ان کان علاوه پاڻ بين الاقوامي شهرت يافتہ مشهور محقق ۽ نقاد محترم عبدالقدوس هاشمي کان مذهبن جي

تاريخ جو علم ۽ تقابل اديان تي مڪمل عبور حاصل ڪيائون. درس نظامي، دورهءِ حديث سان گڏو گڏ تصوف ۽ سلوڪ جا ڪتاب بہ پڙهندا رهيا. مدرسي ۾ تهجد نماز کان علاوه پنهنجي ساٿين سان گڏجي واري واري سان مراقبو بہ ڪرائيندا هيا. 25 مارچ 1982ع ۾ جمعي جي ڏينهن سالانہ عرس جي موقعي تي صبح جو 10 بجي دربار الله آباد شريف ۾ سندن دستاربندي سندن والد حضرت سهڻا سائين جي مبارڪ هٿن سان عمل ۾ آئي.

مديني پاڪ جو پهريون سفر: 13 فبروري 1969ع ۾ حرمين شريفين ڏانهن بحري جهاز ذريعي سفر ڪيائون.ان وقت سندن عمر 6 سال هئي.

تربيت ۽ ديني سرگرميون : سندن والد محترم ننڍي عمر کان ئي ديني تعليم جي حصول ۽ تبليغ لاءِ سندن تربيت ڪندا رهيا. 2 رمضان 1398هہ ۾ حضرت مولانا رفيق احمد شاهہ صاحب سان گڏ ڪراچي جي ديهي علائقن ۾ تبليغ لاءِ موڪليائون. موڪلڻ وقت ڪجهہ هدايتن ۾ هي بہ فرمايائون تہ ميل پہ لاءِ سواريءَ جو انتظار نہ ڪجو، پنڌ هلي وڃي پهچجو. هڪ محفل ۾ سهڻا سائين سندن هٿ پڪڙي محفل ۾ ويٺل سڀني ماڻهن کي شاهد بنائيندي فرمايو تہ ”يا الله هي سڀ تنهنجا نيڪ بندا شاهد آهن مون هِن کي دين اسلام جي خدمت لاءِ وقف ڪري ڇڏيو آهي، هي تنهنجو آهي تون هن کي قبول فرماءِ.“ جڏهن درگاهہ طاهر آباد شريف جو بنياد پي رکيو ويو تہ ان وقت سندن عمر نَوَ سال هئي سندن نالي جي نسبت سان ان مقام جو نالو طاهر آباد رکيو ويو.

ان وقت سندن عمر 18 سال هئي جڏهن درگاهہ طاهر آباد ۾ جولائي 1981ع ۾ پن ڏينهن جو تربيتي پروگرام منعقد ڪيو ويو جنهن ۾ پاڻ اردو ۾ جامع ليڪچر ڏنائون. سندن تعليم جي آخري حصي ۾ سهڻا سائين جي حڪم موجب مدرسي جي انتظامي ڪمن خاص طرح سان شاگردن جي اخلاق و اعمال جي اصلاح لاءِ پاڻ وڏي حد تائين استادن سان معاونت ڪيائون. عملي تربيت خاطر ڪين والد محترم سنڌ ۽ بلوچستان جي علائقن ۾ ڪجهہ پيرا تبليغ لاءِ پڻ موڪليو هيو. 27 صفر 1402هجري تي ڪين جماعت اصلاح المسلمين جو صدر بنايو ويو. اهڙي طرح سان **جمیعۃ علماءِ روحانيہ غفاريہ** جا بہ صدر منتخب ٿيا.

خلافت : باطني ۽ روحاني سفر پنهنجي والد گرامي حضرت سهڻا سائين نور الله مرقده وٽ طئي ڪيائون. اعليٰ اخلاق، عادتون، نيڪ عمل، تبليغي جوش و جذبو ۽ محنت ڪي ڏسندي سهڻا سائين ڪين 1398هجري ۾ خلافت اجازت ڏني. ان وقت پاڻ اجا زيرِ تعليم هيا. جڏهن سندن مرشد و والد گرامي درگاهه فقير پور شريف جي ماهوار پروگرام ۾ وڃي نه سگهندا هيا ته ڪين موڪليندا هيا. اهڙي طرح سان دين پور شريف ۽ قمبر علي لاڙڪاڻي ۾ به تبليغ ڪيائون ۽ اتي ماڻهن کي بيعت به ڪرايائون.

سڄڻُ نِتُ سوجهرو :

جڏهن فياضِ عالم حضرت سهڻا سائين رحمت الله عليه مالڪ ڪريم جي بارگاهه ۾ حاضري واري وصال وَٽِي پيتي ته سڀ جماعتِ بخشيه غفاريه جي اجماع سان حضرت سڄڻ سائين کي سندن جائنشين منتخب ڪيو ويو. [1] پاڻ والد جي وڇوڙي جي غم ، ڦوڙائي ۽ فراق جي الَم کي صبر سان سهندي جماعت جي اڳواڻي جو بارُ سر تي کنيائون ۽ بطور احسن نڀايائون ۽ نڀائي رهيا آهن.

چَنــدَ! تنهنجِـــي ذاتِ، پاڙيـــان نـــه پـــرِيُنِ ســـين؛
تُـــون اَچـــو ۾ راتِ، سَـــجَڻَ نِـــتُ ســـوجِهرو.

شـادي خانـه آبـادي : 23 جمادي الثاني 1402هجري تي سندن شادي خليفه ڊاڪٽر عبداللطيف چنه رحمت الله عليه (جي وصيت مطابق) ان جي نياڻي سان ٿي.

---

[1] اي ڪاش اگر اهڙي اجتماعيت جو مظاهرو ان وقت به ڪيو وڃي ها ! جڏهن قطبِ عالم پير مٺا سائين رحمت الله عليه وصال فرمايو هيو ته پنپور ۾ هيڏا هاچا نه ٿين ها. محبتن جي ماڳ تي ايڏا افتراق ۽ انتشار ڪو نه ٿين ها. معذورين جي مَنهِ محبتن جا چراغ چمڪندا رهن ها. حريف حيران هجن ها ، عَدُوَن جا اندر ۽ بڪيون جيرا جگر جلندا رهن ها ، تئي جي تري جيان ٽچڪندا رهن ها. افسوس صد افسوس.......
اڄ ان مخفي مام ۽ مستور مامري کي ڇيڙڻ سان ڇرڪ نڪري وڃن ٿا. انڪري پڇندي ۽ پڇرندي، ڪوريءَ ۾ ڪامندي چوٽو پوي ٿو:

سِرُ ڏئي سَهُه جِندڙا جيڪي ڏنائون، مَ چؤ ُچنائون اي پڻ ڳنڍيو سڄڻين.

سچڻ سائين جا خلفاءِ ڪرام [1]

1. محترم خليفہ مولانا محمد ابراهيم بروهي طاهري المرڪز تول پلازه ڪراچي.
2. محترم خليفہ مولانا احمد بخش گِلال طاهري هنگورجہ، ضلع خيرپور ميرس.
3. محترم خليفہ ڊاڪٽر ميجر احمد خان زرداري طاهري نوابشاه حال حيدرآباد .
4. محترم خليفہ مولانا احمد خان مري بلوچ طاهري ميرپور خاص.
5. محترم خليفہ ڊاڪٽر اختر حسين شورو طاهري ڳوٺ قادن شورو، ضلع ڄامشورو.
6. محترم خليفہ قاضي ارشاد علي قريشي طاهري منگهو پير، ڪراچي.
7. محترم خليفہ محمد اسحاق واهوچو طاهري قمبر.
8. محترم خليفہ مولانا اسد الله پِتو طاهري نوڊيره، ضلع لاڙڪاڻو.
9. محترم خليفہ مولانا اسرار احمد شر بلوچ طاهري الله آباد شريف.
10. محترم خليفہ محمد اسلم پنهور طاهري لطيف آباد، حيدرآباد.
11. محترم خليفہ مولانا محمد اسلم راڄپر طاهري تعلقہ محراب پور.
12. محترم خليفہ قاري محمد اسلم طاهري ڊگڙي، ضلع ميرپور خاص.
13. محترم خليفہ محمد اسماعيل بلوچ طاهري نزد ٽنڊو حيدر، ضلع حيدرآباد.
14. محترم خليفہ محمد اسماعيل چنہ طاهري ميهڙ، ضلع دادو.
15. محترم خليفہ محمد اسماعيل ڪلهوڙو طاهري ماتلي ضلع بدين .
16. محترم خليفہ محمد اسماعيل ڏيٿو طاهري ڳوٺ بختيارپور، ضلع ڄامشورو.
17. محترم خليفہ اشفاق احمد آرائين طاهري گرين ٽاؤن، ضلع شرقي ڪراچي.
18. محترم خليفہ محمد اشرف آرائين طاهري جهڏو، ضلع ميرپور خاص.

---

[1] هيءَ لسٽ انٽر نيٽ ويب سائيٽ تان ورتي وئي آهي. http://urdu.islahulmuslimeen.org/urdu/

19. محترم خليفہ مولانا محمد اشرف جتوئي طاهري پنو عاقل، ضلع سکر.
20. محترم خليفہ محمد اشرف عباسي طاهري کوٽڙي، ضلع ڄامشورو.
21. محترم خليفہ اصغر علي عباسي طاهري پي آئي اي ٽائونشپ، ضلع شرقي ڪراچي.
22. محترم خليفہ حافظ قاضي اعجاز احمد ميمڻ طاهري بهادر آباد،ڪراچي شرقي.
23. محترم خليفہ محمد اعظم راجپوت طاهري گرين ٽائون، ڪراچي .
24. محترم خليفہ حاجي محمد افضل شاهد طاهري ڪارساز،ڪراچي.
25. محترم خليفہ محمد افضل شيخ طاهري لاڙڪاڻو.
26. محترم خليفہ مولانا الله رکيو چنہ طاهري خانواهن، ضلع نوشهروفيروز.
27. محترم خليفہ امان الله سوڍر طاهري دادو.
28. محترم خليفہ امير محمد جوکيو طاهري ڏاڀيجي، ضلع ٺٽو.
29. محترم خليفہ امير بخش مري بلوچ طاهري ڪيماڙي،ڪراچي .
30. محترم خليفہ محمد امين الدين طاهري ٽنڊو آدم، ضلع سانگهڙ .
31. محترم خليفہ قاري انور علي طاهري فيڊرل بي ايريا،ڪراچي شرقي .
32. محترم خليفہ محمد ايوب قريشي طاهري دادو.
33. محترم خليفہ محمد ايوب ڪليري طاهري ڪنڊيارو، ضلع نوشهروفيروز
34. محترم خليفہ حافظ بشارت احمد ميمڻ طاهري مٽياري .
35. محترم خليفہ سيد بقادار شاهہ طاهري ماتلي، ضلع بدين .
36. محترم خليفہ محمد بلاول کوسو طاهري اڏيرو لعل، ضلع مٽياري .
37. محترم خليفہ مولانا محمد پارسا طاهري مليرڪراچي.
38. محترم خليفہ مولانا جان محمد جت طاهري ماتلي، ضلع بدين.
39. محترم خليفہ جان محمد خاصخيلي طاهري نيول ڪالوني.
40. محترم خليفہ مولانا محمد جمن لاکو طاهري تعلقہ سنڌڙي، ضلع ميرپور خاص .
41. محترم خليفہ مولانا حافظ محمد جميل عباسي طاهري الله آباد شريف،ڪنڊيارو.
42. محترم خليفہ مولانا حبيب احمد سومرو طاهري.

43. محترم خليفہ حبيب الحسن قريشي طاهري نائن جو پير، حيدر آباد.
44. محترم خليفہ قاري حبيب الرحمان بروهي طاهري کنبو ڳوٺ ، نارٿ ناظم آباد.
45. محترم خليفہ مفتي حبيب الرحمان گبول طاهري الله آباد شريف،ڪنڊيارو.
46. محترم خليفہ مولانا محمد حسن راڄپر طاهري جي او آر ڪالوني، حيدر آباد .
47. محترم خليفہ مفتي حضور بخش ميراڻي طاهري شڪارپور.
48. محترم خليفہ حضور علي جوکيو طاهري مال ماڙي، ضلع ٺٽو .
49. محترم خليفہ حاجي محمد حنيف طاهري المرڪز روحاني، بلديہ ٽاؤن،ڪراچي .
50. محترم خليفہ محمد حنيف سولنگي طاهري درپيلو، ضلع نوشهروفيروز .
51. محترم خليفہ مولانا محمد حيات مري بلوچ طاهري ميرپور خاص .
52. محترم خليفہ قاري مولانا خادم حسين چانڊيو طاهري بدين .
53. محترم خليفہ مرزا خالد اقبال طاهري ڪارساز،ڪراچي.
54. محترم خليفہ خدا بخش لغاري طاهري سانگهڙ .
55. محترم خليفہ مولانا قاري خليل الرحمان طاهري حسين آباد، حيدر آباد .
56. محترم خليفہ خليل احمد راهوجا طاهري شڪارپور.
57. محترم خليفہ قاري محمد داؤد لاکو طاهري داسوڙي، ضلع ٽنڊوالهيار.
58. محترم خليفہ دوست محمد خاصخيلي طاهري نيول ڪالوني،ڪراچي.
59. محترم خليفہ مولانا ديدار حسين عباسي طاهري خيرپور ناٿن شاهہ، ضلع دادو.
60. محترم خليفہ ديدار علي پتي طاهري ڄامشورو .
61. محترم خليفہ صاحبزاده محمد ديده دل طاهري غريب آباد، لاڙڪاڻو ڏهتو قطبِ عالم حضرت پير مٺا رحمت الله عليہ
62. محترم خليفہ دين محمد چنڙ طاهري ڳوٺ سومر چنڙ، تعلقہ ڪنڊيارو، ضلع نوشهروفيروز
63. محترم خليفہ رحمت الله بروهي طاهري گلشن معمار،ڪراچي.
64. محترم خليفہ رحمت الله راڄپر طاهري ڪنب، ضلع خيرپور ميرس.
65. محترم خليفہ رحيم بخش ڪتوهر طاهري خيرپور ميرس.

66. محترم خليفه رسول بخش چنه طاهري ميهڙ، ضلع دادو.
67. محترم خليفه مولانا رضا محمد انڙ طاهري قاضي احمد، ضلع نوابشاهه.
68. محترم خليفه حاجي رفاقت علي طاهري نيوي ملازم، گلستان جوهر،ڪراچي.
69. محترم خليفه رفيق احمد آرائين طاهري بهريا ضلع نوشهروفيروز.
70. محترم خليفه مولانا رفيق احمد موجائي طاهري ضلع غربي ڪراچي.
71. محترم خليفه محمد رفيق ميمڻ طاهري پونگا لين، حيدرآباد.
72. محترم خليفه رڪن دين پرڙو طاهري وارهه، ضلع قمبر شهداد ڪوٽ.
73. محترم خليفه محمد رمضان گبول طاهري گڏاپ ،ڪراچي.
74. محترم خليفه محمد رمضان مغل طاهري ٽنڊوالهيار.
75. محترم خليفه زاهد احمد سومرو طاهري ڳڙهي ياسين، ضلع شڪارپور.
76. محترم خليفه حاجي سائين بخش مري بلوچ طاهري تعلقه سنڌڙي، ضلع ميرپور خاص.
77. محترم خليفه سراج الدين طاهري لطيف آباد، حيدرآباد.
78. محترم خليفه سرتاج احمد طاهري ميرپور خاص.
79. محترم خليفه سعيد الله قريشي طاهري فيڊرل بي ايريا،ڪراچي.
80. محترم خليفه محمد سعيد اُنڙ طاهري علي آباد، تعلقه مانجهند، ضلع ڄامشورو
81. محترم خليفه مولانا محمد سعيد لاڪير طاهري فقيرپور، ضلع دادو.
82. محترم خليفه سڪيلڊو ڪنيز طاهري عمر ڪوٽ ، سنده.
83. محترم خليفه سلطان احمد چنه طاهري نوڏيرو، ضلع لاڙڪانه.
84. محترم خليفه شاڪر علي راجپوت طاهري پٽ شاهه، ضلع مٽياري.
85. محترم خليفه شاهنواز پنهور طاهري ڳوٺ قمر الدين چانڊيو، مورو، ضلع نوشهروفيروز.
86. محترم خليفه محمد شريف ڪرمتي بلوچ طاهري تعلقه ميرپور ساڪرو، ضلع ٺٽو.
87. محترم خليفه شمس الدين سولنگي طاهري مورو، ضلع نوشهروفيروز.
88. محترم خليفه شوڪت علي طاهري ڪارساز،ڪراچي.
89. محترم خليفه محمد صديق راهوجا طاهري قاسم آباد، حيدرآباد.

90. محترم خليفه قاضي ظهور الله طاهري قاسم آباد، حيدر آباد.
91. محترم خليفه ميان محمد عارف طاهري نعت خوان، ڊالميان،ڪراچي شرقي .
92. محترم خليفه قاري عاشق حسين راڄپر طاهري محراب پور، ضلع نوشهروفيروز.
93. محترم خليفه محمد عاشق عباسي دينپوري طاهري ڏوڪري، لاڙڪاڻو
94. محترم خليفه مولانا محمد عالم سومرو طاهري راڌڻ، دادو.
95. محترم خليفه مولانا عبدالجبار تنيو طاهري نوابشاه.
96. محترم خليفه ڊاڪٽر عبدالحميد منگي طاهري درگاه رحمت پور شريف، لاڙڪاڻو.
97. محترم خليفه عبدالحنان جوکيو طاهري مال ماڙي، ٺٽو.
98. محترم خليفه عبدالرحمان چانڊيو طاهري ڪورنگي،ڪراچي.
99. محترم خليفه عبدالرحمان سولنگي طاهري مديجي، ضلع شڪارپور.
100. محترم خليفه عبدالرحيم خاصخيلي طاهري مولا مدد، لياري،ڪراچي .
101. محترم خليفه مولانا مفتي عبدالرحيم ڪنڌر طاهري نوڊيره لاڙڪاڻو.
102. محترم خليفه عبدالرحيم شاهاني طاهري موندر ضلع دادو .
103. محترم خليفه عبدالرشيد گهانچي حيدر آباد.
104. محترم خليفه عبدالستار جت طاهري ماتلي، ضلع بدين .
105. محترم خليفه مولانا صوفي عبدالستار چانڊيو طاهري نزد جوهي، ضلع دادو.
106. محترم خليفه عبدالشڪور شيخ طاهري جامشورو، سنڌ .
107. محترم خليفه عبدالعزيز بلوچ طاهري ڪنڊو ڳوٺ ،ڪراچي.
108. محترم خليفه عبدالعزيز چانڊيو طاهري غيبي ڊيره، ضلع قمبر شهداد ڪوٽ .
109. محترم خليفه عبدالغفور ڪونهرو طاهري ضلع غربي ڪراچي.
110. محترم خليفه عبدالغني پالاري طاهري، گڏاپ ،ڪراچي .
111. محترم خليفه عبدالقادر پيو طاهري راڻي پور، ضلع خيرپور ميرس.
112. محترم خليفه عبدالقادر چانڊيو طاهري رحماني نگر، ضلع دادو.
113. محترم خليفه حافظ عبدالقدوس قاضي طاهري مٽياري.

114. محترم خليفہ مولانا عبدالقدير شيخ طاهري لاڙڪاڻو.
115. محترم خليفہ عبدالقيوم لغاري طاهري خيرپور ناٿن شاهہ ضلع دادو.
116. محترم خليفہ ڈاڪٽر عبدالڪريم جوکيو طاهري ٺٽو، سنڌهہ .
117. محترم خليفہ سيد عبدالڪريم شاهہ طاهري المرڪز غفاريہ مورو.
118. محترم خليفہ عبداللطيف ملڪ طاهري اوباوڙو، ضلع گهوٽڪي.
119. محترم خليفہ عبدالله طالباني طاهري ڪوٽڙي، ضلع ڄامشورو.
120. محترم خليفہ عبدالهادي چانڊيو طاهري وارهہ ضلع قمبر شهداد ڪوٽ.
121. محترم خليفہ عبدالواحد بلوچ طاهري لياري، ڪراچي .
122. محترم خليفہ عبدالواحد سپايو طاهري جيڪب آباد .
123. محترم خليفہ قاري عبيدالله پنهور طاهري نصير آباد، ضلع قمبر شهداد ڪوٽ.
124. محترم خليفہ عبيدالله عباسي طاهري پنو عاقل، ضلع سکر.
125. محترم خليفہ قاري عبيدالله لاکو طاهري ڪوٽڙي، ضلع ڄامشورو.
126. محترم خليفہ مولانا محمد عثمان جلباني طاهري رتوديرو، ضلع لاڙڪاڻو.
127. محترم خليفہ مولانا محمد عثمان عمراني طاهري درگاه غريب آباد، لاڙڪاڻو.
128. محترم خليفہ مولانا عرض محمد چانڊيو طاهري ميهڙ ضلع دادو.
129. محترم خليفہ مولانا عطاء الله مگسي طاهري رحماني نگر، ضلع دادو.
130. محترم خليفہ محمد عظيم مهيسر طاهري تعلقہ محراب پور، ضلع نوشهروفيروز.
131. محترم خليفہ علي اڪبر مري بلوچ طاهري تعلقہ محراب پور، ضلع نوشهروفيروز .
132. محترم خليفہ مولانا علي حسن لاشاري طاهري ضلع دادو.
133. محترم خليفہ علي شير شيخ طاهري قاسم آباد، حيدرآباد.
134. محترم خليفہ حاجي محمد عمر بروهي طاهري نوابشاه .
135. محترم خليفہ غضنفر علي جوکيو طاهري قاسم آباد، حيدرآباد.
136. محترم خليفہ غلام الله سوڍر طاهري دادو.
137. محترم خليفہ غلام حيدر طاهري جوڳي ڳوٺ ڪراچي .

138. محترم خليفه غلام حيدر تيوٽو طاهري ميهڙ ضلع دادو .
139. محترم خليفه مولانا غلام حيدر لاکو طاهري نسيم نگر، قاسم آباد، حيدرآباد .
140. محترم خليفه غلام شبير رند طاهري ميهڙ، ضلع دادو.
141. محترم خليفه غلام شبير شيخ طاهري نوديرو، ضلع لاڙڪاڻو.
142. محترم خليفه غلام شبير عباسي طاهري ٺٽو.
143. محترم خليفه غلام عمر بروهي طاهري لاڙڪاڻو.
144. محترم خليفه غلام محمد ملڪ طاهري ڪنڌڪوٽ، جيڪب آباد .
145. محترم خليفه غلام محمد ميمڻ طاهري مورو، ضلع نوشهروفيروز .
146. محترم خليفه غلام مرتضيٰ چنڙ طاهري نوابشاه.
147. محترم خليفه مولانا غلام مصطفيٰ بوزدار طاهري طاهر آباد شريف، ٽنڊوالهيار.
148. محترم خليفه ڪرنل ڊاڪٽر غلام ياسين سيال طاهري نوابشاه .
149. محترم خليفه فاروق احمد لغاري طاهري ڳڙهي خيرو، ضلع جيڪب آباد .
150. محترم خليفه مولانا فتح علي عباسي طاهري دالي، پيريا، ضلع نوشهروفيروز .
151. محترم خليفه فتح محمد مهيسر طاهري نوديرو، ضلع لاڙڪاڻو.
152. محترم خليفه فدا حسين چانڊيو طاهري ميهڙ، ضلع دادو .
153. محترم خليفه فضل الدين ميمڻ طاهري هالا، ضلع مٽياري، حاليه رهائش حيدرآباد
154. محترم خليفه فياض احمد طاهري عثمان آباد، حيدرآباد .
155. محترم خليفه فيض محمد آرائين طاهري سانگهڙ .
156. محترم خليفه فيض محمد لاسي طاهري سعيد آباد،ڪراچي .
157. محترم خليفه محمد قاسم طاهري ڪراچي .
158. محترم خليفه محمد قاسم صديقي طاهري الياس آباد، حيدرآباد .
159. محترم خليفه مولانا قربان علي شيخ طاهري قمبر .
160. محترم خليفه مولانا محمدڪاشف انصاري طاهري حيدرآباد .
161. محترم خليفه ڪليم الله سوڍر طاهري ميهڙ، ضلع دادو.

162. محترم خليفه ڊاڪٽر گل حسن شيخ طاهري لاڙڪاڻو، موجوده رهائش حيدرآباد

163. محترم خليفه لياقت علي پتي طاهري لڪي شاه صدر، ڄامشورو.

164. محترم خليفه محبوب علي چنے والے طاهري حيدرآباد.

165. محترم خليفه محمد محسن پليجو طاهري تعلقه ميرپور ساڪرو، ضلع ٺٽو.

166. محترم خليفه محمد بخش عالماني طاهري لاڙڪاڻو.

167. محترم خليفه محمد جان بروهي طاهري واره ضلع قمبر شهداد ڪوٽ .

168. محترم خليفه محمد خان مري بلوچ طاهري گلشن اقبال، ضلع شرقي،ڪراچي .

169. محترم خليفه محمد علي ميمن طاهري قاسم آباد، حيدرآباد.

170. محترم خليفه محمد محمودڪاڇيلو طاهري نزدڪيڊٽ ڪالج پيٽارو، ضلع ڄامشورو

171. محترم خليفه مفتي مختيار احمد تاثري طاهري نوابشاه .

172. محترم خليفه مدد علي پالاري طاهري گڏاپ ،ڪراچي.

173. محترم خليفه محمد مراد جمالي طاهري ڪوٽڙي، ضلع ڄامشورو .

174. محترم خليفه مظفر حسين سيهڙو طاهري گلشن حديد،ڪراچي.

175. محترم خليفه مظهر حسين چنه طاهري لطيف آباد، حيدرآباد .

176. محترم خليفه محمد معشوق مسڻ طاهري باڊه، ضلع لاڙڪاڻه.

177. محترم خليفه معشوق علي جوکيو طاهري ويهڙ شريف، ضلع دادو.

178. محترم خليفه منظور احمد عباسي طاهري دالي، ضلع نوشهروفيروز.

179. محترم خليفه ڊاڪٽر منور حسين پيرزادو پڳڙي طاهري ماتلي، ضلع بدين

180. محترم خليفه ڊاڪٽر منور حسين قريشي طاهري خانواهڻ ڪنڊيارو، ضلع نوشهروفيروز

181. محترم خليفه منور علي چنڙ طاهري سومر چنڙ، ضلع نوشهروفيروز.

182. محترم خليفه منور علي عباسي طاهري سوڀو ديرو، ضلع خيرپور ميرس.

183. محترم خليفه منير احمدڪلهوڙو طاهري ڳوٺ حافظ مير محمدڪلهوڙو.

184. محترم خليفه مولانا محمد موسيٰ قمبراڻي طاهري ٽنڊو محمد خان.

185. محترم خليفه محمد موسيٰ ميمڻ طاهري گلشن معمارڪراچي.

186. محترم خليفہ ميهر الدين منگريو طاهري کنڊيارو، ضلع نوشهروفيروز.
187. محترم خليفہ نبي بخش جلباڻي طاهري فقير پور شريف، ضلع دادو.
188. محترم خليفہ نثار احمد خاصخيلي طاهري سڪرنڊ، ضلع نوابشاه.
189. محترم خليفہ نثار احمد صديقي طاهري قاسم آباد حيدر آباد.
190. محترم خليفہ نذير احمد چنہ طاهري درپيلو،کنڊيارو، ضلع نوشهروفيروز.
191. محترم خليفہ نعمت الله قريشي طاهري دادو.
192. محترم خليفہ محمد نواز ميمن طاهري لاڙڪاڻو.
193. محترم خليفہ حاجي محمد نوازيل بروهي طاهري نعت خوان تعلقہ جوهي ضلع دادو.
194. محترم خليفہ نور احمد کتري طاهري ماتلي، ضلع بدين.
195. محترم خليفہ نور علي بوزدار طاهري ضلع ٽنڊوالهيار .
196. محترم خليفہ حاجي نياز محمد مري طاهري کاهي، ضلع سانگهڙ.
197. محترم خليفہ سيد واحد علي شاھ طاهري حيدرآباد .
198. محترم خليفہ ولي محمد ميراني طاهري فقيرپور شريف ضلع دادو.
199. محترم خليفہ مولانا محمد هاشم گبول طاهري الله آباد شريف کنڊيارو.
200. ضلع نوشهروفيروز فرزند خليفہ مولانا محمد قاسم گبول بخشي طاهري.
201. محترم خليفہ حافظ هدايت الله سومرو طاهري ضلع نوشهروفيروز.
202. محترم خليفہ حافظ يار محمد چنوطاهري وارہ ضلع قمبر شهداد کوٽ.
203. محترم خليفہ محمد يونس چنہ طاهري عرف ڏاڏا سائين الله آباد شريف.
204. محترم خليفہ محمد يعقوب شر بلوچ طاهري ٺري ميرواہ ضلع خيرپور ميرس.
205. محترم خليفہ حڪيم محمد يوسف چنہ طاهري استيل ٽاؤن،ڪراچي.
206. محترم خليفہ محمد يونس آرائين طاهري جهڏو، ضلع ميرپور خاص .
207. محترم خليفہ حاجي محمد اکرم طاهري جوڙا، ضلع گجرات، پنجاب .
208. محترم خليفہ مولانا محمد اسلم آرائين طاهري اسلام آباد .
209. محترم خليفہ قاري الله وسايو طاهري وهاڙي، پنجاب.

210. محترم خليفہ مولانا امجد طاهري گجرانوالہ پنجاب.
211. محترم خليفہ محمد جميل طاهري لاهور .
212. محترم خليفہ جميل اصغر طاهري مكوانہ فيصل آباد پنجاب .
213. محترم خليفہ قاري حبيب الرحمان طاهري لاهور، پنجاب .
214. محترم خليفہ حكيم حبيب الله طاهري مكوانہ فيصل آباد پنجاب .
215. محترم خليفہ مولانا خالد محمود طاهري بچيكي، پنجاب .
216. محترم خليفہ ذوالفقار علي طاهري گجرانوالہ پنجاب .
217. محترم خليفہ ماستر ذوالفقار علي هنبدي طاهري پنجاب.
218. محترم خليفہ محمد رفيق طاهري جوڑہ پنجاب .
219. محترم خليفہ محمد رفيق طاهري ملتان.
220. محترم خليفہ محمد رياض طاهري مري، پنجاب .
221. محترم خليفہ سجاد حسين شاه طاهري پنجاب .
222. محترم خليفہ ڈاكٽر شفيق احمد طاهري لاهور، پنجاب .
223. محترم خليفہ محمد صديقكامران طاهري پنجاب.
224. محترم خليفہ صلاح الدين ايوبي طاهري سيال كوٹ ، پنجاب .
225. محترم خليفہ طالب حسين طاهري جڑانوالہ پنجاب .
226. محترم خليفہ عبدالحفيظ طاهري لاهور .
227. محترم خليفہ عبدالرزاق طاهري لاهور .
228. محترم خليفہ عبدالرزاق كشميري طاهري لاهور .
229. محترم خليفہ عبدالستار طاهري چكوال پنجاب.
230. محترم خليفہ عبدالستار طاهري ملتان پنجاب .
231. محترم خليفہ حاجي عطاء الرحمان طاهري سيال كوٹ پنجاب .
232. محترم خليفہ علي محمد ارشد طاهري ٹوبہ ٹيک سنگھ پنجاب.
233. محترم خليفہ غلام باقر طاهري جهنگ، پنجاب.

234. محترم خليفہ سيد غلام رسول شاھ طاھري پنجاب.
235. محترم خليفہ غلام غوث طاھري فيصل آباد.
236. محترم خليفہ ملڪ منظور احمد طاھري مڪوانہ فيصل آباد .
237. محترم خليفہ مولانا محمد جنيد طاھري ضلع اواران، بلوچستان .
238. محترم خليفہ مولانا حافظ خاوند بخش طاھري ضلع جعفر آباد، بلوچستان .
239. محترم خليفہ مولانا محمد دلمراد بلوچ طاھري ضلع لسٻيلو، بلوچستان .
240. محترم خليفہ مفتي محمد رحيم بلوچ طاھري ضلع لسٻيلو، بلوچستان .
241. محترم خليفہ مولانا محمد ساجد طاھري ضلع جعفر آباد، بلوچستان.
242. محترم خليفہ مولانا محمد شريف بلوچ طاھري ضلع لسٻيلو، بلوچستان.
243. محترم خليفہ مفتي محمدڪريم بروھي طاھري ضلع خضدار بلوچستان .
244. محترم خليفہ محمد متل عمراڻي بلوچ طاھري ڊيره مراد خان جمالي بلوچستان .
245. محترم خليفہ مولانا محمد موسيٰ منگياڻي طاھري ضلع لسٻيلو بلوچستان .
246. محترم خليفہ صوفي محمد حنيف طاھري پشاور، سرحد، حاليہ رھائش دبئي.
247. محترم خليفہ رقيم خان طاھري ضلع ڪرڪ، سرحد .
248. محترم خليفہ وحيد زمان وزير طاھري ضلع بنون، سرحد .
249. محترم خليفہ سيد احمد طاھري انڊيا، حاليہ رھائش متحده عرب امارات.
250. محترم خليفہ احمد حسين طاھري آزادڪشمير، حاليہ رھائش متحده عرب امارات .
251. محترم خليفہ محمد ارشد خان ناغر طاھري سڊني، آسٽريليا.
252. محترم خليفہ محمد سلطان طاھري متحده عرب امارات .
253. محترم خليفہ محمد سليم طاھري متحده عرب امارات .
254. محترم خليفہ حاجي محمد صديق ساگري طاھري عجمان، متحده عرب امارات.
255. محترم خليفہ ڊاڪٽر غلام شبير جويو طاھري آمريڪا.
256. محترم خليفہ غلام نبي طاھري دبئي، چين، برطانيہ .
257. محترم خليفہ قمر هاشمي طاھري اصل دادو، حاليہ مدينہ منوره .

مختصر تعارف

معروف خلفاءِ ڪرام حضرت سهڻا سائين

پهريون خليفو:

حضرت خليفه
محمد رفيق احمد فضلي

صوفي باصفا، عالم خائفِ خدا، سالڪ راهِ هُديٰ، عاشقِ محمدِ مصطفيٰ حضرت مولانا رفيق احمد شاه بخشي غفاري فضلي زيد مجده.

پاڻ مرشد المتقين حضرت پير فضل علي شاه قريشي رحمت الله عليه جا نواسا آهن.

سندن نسب نامو: رفيق احمد بن عبدالرؤف بن محمد سعيد بن محبوب علي شاه عرف فقير شاه بن مراد علي شاه بن موج علي شاه بن برخوردار شاه بن سعيد الدين شاه بن محمد شاه بن داؤد شاه بن جمال شاه بن قطب الدين شاه بن عطاء الله شاه بن شيخ شهاب الدين شاه بن ابراهيم شاه بن سلطان شاه بن احمد شاه بن ايوب شاه بن پير عبدالرحمان شاه مڪي بن علي نور شاه بن عبدالغفور شاه بن عبدالرحيم شاه بن عبدالعزيز شاه بن يوسف شاه بن احمد شاه بن محمد شاه بن ابو حسين شاه بن نور حسين شاه بن سفيان شاه بن ظاهر شاه بن عبدالشڪور شاه بن عبدالفتاح شاه بن خواجه علي بن حضرت عبدالله رضي الله عنه بن حضرت عباس رضي الله عنه بن عبدالمطلب بن هاشم بن عبد مناف. رحمت الله عليهم اجمعين.

والد گرامي: حضرت رفيق احمد شاه جي والد خواجه عبدالرؤف شاه جو والد گرامي خواجه سعيد احمد صاحب پير فضل علي قريشي شاه رحمت الله عليه جو مخلص مريد سڳ ۾ سندن پيائٽيو هيو. جيڪو ڳوٺ فقير پور شريف ۾ پير سائين جن سان اڪثر گڏ رهندو هيو. سفرن ۾ به سندن ساٿي رهندو هيو.

اولاد جي بشارت: هڪ ڀيري حضرت پير قريشي رحمت الله عليہ مندواڻي ڳوٺ دعوت تي ويل هئا. اتي خواجہ سعيد احمد شاهہ پير قريشي رحمت الله عليہ سان گڏ ويٺل هيو. پاڻ ماني کائي رهيا هئا تہ سندن ننڍڙو پٽ عبدالرؤف شاهہ صاحب اچي ويو. ان وقت سندس عمر ست سال هئي قريشي ڪريم ننڍڙي کي پنهنجي جهولي ۾ کڻي ويهاريو ۽ تمام گهڻي محبت ڪيائون ۽ سامهون پيل انب کڻي کيس کارايائون.

پير قريشي صاحب فرمايو تہ مون خواب ڏٺو آهي تہ آئون هڪ ديوار تيار ڪري رهيو آهيان، مون سان گڏ عبدالرؤف شاهہ ۽ ان جا بہ ننڍڙا پٽ ديوار ڪڏائي رهيا آهن. پوءِ پاڻ ان خواب جو تعبير ٻڌايائون تہ مون ڪانپوءِ منهن جي هن دين واري مشن کي اڳتي عبدالرئوف ۽ سندن اولاد هلائيندو. پوءِ سائين عبد الرئوف شاهہ کي جيڪو اولاد ٿيو تن ۾ اهي ٻئي ناميارا فرزند بہ آهن.

مولانا عبدالرؤف شاهہ رهبر جي تلاش ۾ رحمتپور پهتا. اتي رئيس العلماءَ زينت الصلحاء صاحبزاده حضرت خواجہ خليل الرحمٰن جي صحبت بابرڪت رهي سندن دستِ حق پرست تي شرفِ بيعت حاصل ڪيائون. سندن فيض جي ساگر مان سينو سيراب ڪيائون. جڏهن خواجہ صاحب تقرير فرمائيندا هيا تہ پاڻ قلم بند ڪندا ويندا هيا. خواجہ صاحب جي وصال کان پوءِ پاڻ سهڻا سائين رحمت الله عليہ سان بيعت ثاني ڪيائون. هڪ دفعي خليفي محمد صديق راجپوت سان گڏجي پاڻ خانپور ۾ حضرت پير خواجہ **محبوب الاهي** رحمت الله عليہ جي زيارت لاءِ بہ آيا هئا ۽ ڪافي ڏينهن اتي رهيا ۽ سائينجن جي صحبت مان مستفيض ٿيا.

پاڻ بهترين حڪيم بہ هئا ۽ حڪمت وارو ڪم اڄ بہ سندن اولاد ۾ جاري آهي. پاڻ سلسلي جي ترويج لاءِ هر وقت ڪوشان رهندا هئا. خواجہ محمد معصوم صاحب سجاده نشين دربار عاليہ نقشبنديہ حبيبہ سناوان شريف وارن کي بہ وني سهڻا سائين جن سان بيعت ڪرايائون ۽ کين خلافت ڏيڻ لاءِ سفارش بہ ڪيائون. پاڻ دربار مسڪين پور شريف جي جامع مسجد ۾ 7،8 سالن تائين امامت بہ ڪرايائون. ان عرصي ۾ امامت خطابت بہ پاڻ ڪندا رهيا. درگاهہ جي لنگر وغيره جا انتظامات بہ سندن هٿ هوندا هئا.

پوءِ جڏهن مولانا ڪليم الله شاهه وارن اختلافات ڪيا تہ پاڻ قريشي ڪريم جي درگاهه جي پاسي ۾ پنهنجو مرڪز "**خانقاه عاليہ فضليہ**" جي نالي سان ٺاهيائون. اتي عاشقان رسول جي محفلن جو انتظام ڪيائون جيڪي اڄ ڏينهن تائين قائم ۽ دائم آهن.

شادي ۽ اولاد: قريشي ڪريم جي وصال وقت سندن عمر يارهن سال هئي ۽ جڏهن وڏا ٿيا تہ قريشي ڪريم جي ننڍي نياڻي برڪت بيبي سندن نڪاح ۾ آئي، جنهن مان ڪين پنج پٽ ۽ ٻہ نياڻيون ٿيون.

1. منظور احـــمـــد اوچ شريف پيدائش 25.04.1948 بروز آچر.
2. شبير احـــمـــد پيدائش 16.08.1951 بروز خميس.
3. خليفہ رفيق احمد شاهه 06-5-1957 بروز سومر.
4. نظير احمد مسڪين پور 02-1-1959 بروز جمعو.
5. سعيد احمد پيدائش 19.03.1965 بروز جمعو.

حضرت خليفہ رفيق احمد شاهه: ولد عبدالرؤف شاهه قريشي جي ولادت 6.5.1957 بروز سومر 10 بجہ صبح درگاهه مسڪين پور شريف ۾ ٿي. سندن ننڍپڻ اتي گذريو. پاڻ الله جي ڪامل ولي جا ڏهٽا هئا. ان مبارڪ گهراڻي جي ورثي ۾ ڪين ادب، نياز، بي لوث خدمت جو جذبو، عبادت ۽ زهد جو ذوق مليل هيو.

ابتدائي تعليم: پرائمري تي درجا پنهنجي ڳوٺ مسڪين پور ۾ پڙهيا. ديني تعليم قرآن مجيد ناظره جناب عبدالغني صاحب وٽ بستي جانگلہ ۾ پڙهيا. درس نظامي لاءِ پاڻ مختلف مدرسن ۾ ويا جن مان مدرسہ جامعيہ موسويہ ملتان، خيرالمدارس ملتان، جامعيہ اسلاميہ ٽنڊو الهيار ۾ پڙهيا ۽ پنهنجي ديني تعليم جي دستار فضليت جامعيہ اسلاميہ ٽنڊو الهيار مان مولانا نظير احمدڪان حاصل ڪيائون. سندن استادن ۾ مولانا مفتي وجيہ الدين صاحب، مولانا محمد عابد صاحب، مولانا منتخب الحق ڪراچي، مولانا غلام علي صاحب اوڪاڙوي ڪراچي، مولانا غلام مصطفيٰ صاحب ملتان وغيره بہ آهن . جن وٽ پاڻ مختلف مدرسن ۾ مختلف ڪتاب پڙهيائون.

بيعت : کين ڪامل مرشد وٺڻ جي وڏي تڙپ هوندي هئي. پڙهائي دوران بہ پاڻ ڪامل مرشد جي تلاش ۾ هوندا هئا. جڏهن ٽنڊي الهيار جي مدرسي ۾ پڙهندا هئا تہ حضرت سهڻا سائين جي تعريف ٻڌندا هئا پوءِ سندن دل ۾ اهو شوق ٿيو تہ وڃي سهڻا سائين جي زيارت ڪريان پر پاڻ پڙهائي ۾ مصروف هجڻ سبب طاهر آباد وڃي ڪونہ سگهيا جتي سهڻا سائين ايندا رهندا هئا.هڪ ڀيري پاڻ مسڪين پور شريف هئا تہ حضرت سهڻا سائين رحمت الله عليہ پنجاب جي تبليغي دوري تي نڪتل هئا. ان سفر ۾ پاڻ پير قريشي جي دربار جي ديدار خاطر درگاهہ مسڪين پور شريف حاضر ٿيا ۽ اتي سائين عبد الرئوف شاهہ ۽ سائين رفيق احمد شاهہ جي حضرت سهڻا سائين سان ملاقات ٿي ۽ سندن فيض برڪت کان ڏاڍا متاثر ٿيا ۽ کين پير فضل علي قريشي رحمت الله عليہ جي ساليانی عرس مبارڪ جي دعوت ڏنائون. ان کي سهڻا سائين قبول ڪيو ۽ پوءِ جماعت سان گڏ ساليانی عرس جي موقعي تي درگاهہ مسڪين پور تي ڏينهن قيام فرمايائون. ان دوران ڪافي ماڻهو کانئن مستفيد ٿيا. ديني تعليم جي تڪميل بعد سائين رفيق احمد شاهہ کي سندن والد حضرت سهڻا سائين بيعت ڪرڻ لاءِ موڪليو ۽ کين سفارشي خط بہ لکي ڏنائون. پوءِ پاڻ سنڌ اچي سهڻا سائين جي زيارت ڪري سندن هٿ تي بيعت ڪيائون. سندن خدمت ۾ ڪافي ڏينهن رهي خدمت ۽ صحبت ڪيائون.

واپس اچي پاڻ پاڻ تبليغ ۽ فقراءَ جي خدمت ۾ مصروف ٿي ويا. ڪجهہ سالن کانپوءِ حضرت سهڻا سائين جن کين خلافت عطا فرمائي ۽ مسڪين پور شريف ۾ رهي تبليغي ڪاوشن ۾ مصروف ٿي وڃڻ جو امر فرمايو. تن ڏينهن کان اڄ تائين پاڻ تبليغ دين ۾ مصروف آهن. پنجاب جي ڪافي علائقن ۾ تبليغ لاءِ بہ ويندا آهن.

حضرت سهڻا سائين رحمت الله عليہ جي وصال بعد پاڻ حضرت سڄڻ سائين مدظلہ سان بيعتِ ثانيہ فرمايائون ۽ شب و روز تبليغ دين ۾ مصروف آهن.

تعليمي خدمتون : سائين رفيق احمد شاهہ الله آباد شريف ڪنڊيارو جي مدرسي ۾ ٽن سالن تائين مدرس ٿي رهيا. هن وقت پاڻ مسڪين پور شريف ۾ مقيم آهن، اتي ماهوار ۽ ساليانا پورگرام سندن نگراني ۾ ٿيندا رهن ٿا.

شاديون ۽ اولاد: پاڻ ہہ شاديون ڪيون اٿن . ڪين 3 پٽ 6 نياڻيون آهن.

1. محمد شفيق 2.فضل علي 3. محمد شعيب جيڪو ننڍي هوندي وصال ڪري ويو.

سائين نظير احمد شاهہ: هي سائين رفيق احمد شاهہ جو ننڍو برادر محترم آهي، جيڪو سندن ديس پرديس همدم ۽ همقدم، همدرد ۽ هڏ ڏوکي آهي. نهايت شفيق مزاج ۽ فقيري طبيعت رکڻ وارو آهي. سائين رفيق احمد شاهہ جي عدم موجودگي ۾ سندن قائمقام هوندو آهي. سندن ولادت بروز جمعہ 02.01.1959 صبح چار بجي درگاهہ مسڪين پور شريف ۾ ٿي. سندن ننڍپڻ ناني سائين جي روضي جي سايہ ۾ گذريو. پرائمري تعليم پنج درجا ڳوٺ وينس لڳ درگاهہ مسڪين پور شريف ۾ حاصل ڪيائون. ديني تعليم ناظره قرآن مجيد ڳوٺ جانولہ ۾ هڪ مهيني اندر استاد حافظ عبدالڪريم صاحب وٽ پورو ڪيائون. عربي فارسي هدايہ تائين قاسم العلوم ملتان ۾ استاد فضل الرحمن وٽ پڙهيا. وڌيڪ تعليم بيماري جي ڪري حاصل نہ ڪري سگهيا. ڪجهہ وقت پاڻ رفيق احمد شاهہ صاحب وٽ درگاهہ الله آباد شريف ۾ بہ پڙهيا هئا. پاڻ پير مٺا سائين رحمت الله عليہ جي خليفي خواجہ خليفہ حبيب الرحمن سناوان شريف واري وٽ دست بيعت ٿيا ۽ سندن محبت ۾ ڪافي عرصي تائين رهيا. سندن وصال ڪانپوءِ سندن سجاده نشين خواجہ محمد معصوم سان دست بيعت ٿيا ۽ اڄ ڏينهن تائين سندن خدمت ۾ ايندا ويندا آهن. پاڻ اڪثر تبليغ لاءِ مختلف علائقن ۾ وڃي سندن ناني سائين جي جماعت کي بيدار ڪندا رهندا آهن. وٽس حضرت پير قريشي ۽ پير مٺا سائين رحمت الله عليہ جا ڪافي تبرڪات موجود آهن.

شاديون ۽ اولاد: پاڻ ہہ شاديون ڪيائون جنهن مان هڪ فرزند محمد احسن شاهہ ۽ چار نياڻيون ٿيون. هن وقت پاڻ شب وروز خدمتِ دينِ متين ۾ مصروف آهن.

ٻيون خليفو:

حضرت خليفہ
محمد جميل عباسي

صورت ۾ شڪيل، سيرت ۾ جميل، بخشي ۽ طاهري فيض جي روشن دليل، حضرت خليفہ محمد جميل بن مولانا غلام مرتضيٰ عباسي بخشي طاهري دامت برڪاتہ جي ولادت 6 مارچ 1979ع ۾ ٿي. پاڻ حضرت سهڻا سائين رحمت الله عليہ جا ڏوهٽا ۽ حضرت سجڻ سائين جا ڀاڻيجا آهن. الله تعاليٰ ڪين بي پناهہ حافظو عطا ڪيو آهي. پاڻ 1986ع ۾ ستن سالن جي ننڍڙي ئي عمر ۾ درگاهہ الله آباد شريف جي مدرسي ۾ فارسي جي امتحان ۾ فرسٽ پوزيشن حاصل ڪيائون. ان ڪان علاوه درگاهہ الله آباد شريف ۾ ساليانی عرس مبارڪ جي موقعي تي تنظيم نونهال طرفان منعقد ڪيل سوالن جوابن جي مقابلي ۾ ٽن برانچن درگاهہ الله آباد، مورو ۽ نوابشاهہ مان پوزيشن حاصل ڪيائون.

تعليم ۽ تربيت: پاڻ 1989ع ۾ ڏهن سالن جي ننڍڙي عمر ۾ قرآن پاڪ جا حافظ ٿيا. اوڻويهہ سالن جي عمر ۾ ديني علم ڪان فارغ التحصيل ٿيا. تعليم دؤران حضرت سجڻ سائين جي زير سايہ سندن روحاني تربيت بہ ٿيندي رهي. اندازاً ايڪيهہ سالن جي عمر ۾ درگاهہ فقير پور ۾ تربيتي پروگرام دوران ڪين سجڻ سائين خرقہ خلافت سان نوازيو.

غفاري فيض جا ٽي دُرر ناياب:

1. دُر ناياب: حضرت مولانا رفيق احمد شاهہ، حضرت پير قريشي جا ڏوهٽا آهن جن ڪي حضرت سهڻا سائين رحمت الله عليہ خلافت عنايت ڪئي.
2. ٻيا دُر ناياب: حضرت سائين مولانا ديده مدظلہ آهن، جيڪي قطبِ عالم حضرت پير مٺا رحمت الله عليہ جا ڏوهٽا آهن، ڪين حضرت سجڻ سائين خلافت ڏني آهي.
3. غفاري بخشي طاهري فيض جا ٽيان ناياب گوهر حضرت مولانا جميل آهن جن ڪي حضرت سجڻ سائين خلافت عطا ڪئي آهي.

علمي خدمتون: فارغ التحصيل ٿيڻ کان پوءِ پاڻ ساڳئي مدرسي ۾ مدرس ٿي رهيا. 2001ع کان هن وقت تائين صدر مدرس جي حيثيت سان گڏو گڏ انتظاميه جا فرائض به خوش اسلوبي سان ادا ڪري رهيا آهن. پاڻ لاڙڪاڻي مان ايم اي فاضل عربي جي امتحان ۾ پوزيشن حاصل ڪيائون. انڪان علاوه رسالہ الطاهر(اردو) ۽ الاصلاح (سنڌي) ۾ سندن بهترين مضمون ۽ مقالہ ڇپجندا رهندا آهن.

تبليغي سرگرميون: هن وقت پاڻ جمعيت علماء طاهريہ جا مرڪزي صدر آهن. تنظيم ۽ مدرسن جي بهتر ڪارڪردگي لاءِ مختلف عهديدارن سان گڏجاڻيون ڪرڻ سان گڏ سفر بہ ڪندا رهندا آهن. پاڪستان جي چئن ئي صوبن کان علاوه بيروني ملڪ متحده عرب امارات ڏانهن بہ متعدد ڀيرا دين جي تبليغ لاءِ سفر ڪندا رهيا آهن.

سيرت ۽ صورت : جيئن سندن نالو جميل آهي تيئن پاڻ صورت توڙي سيرت ۾ جميل آهن. پاڻ اخلاق ۾ اعليٰ آهن. خلوت گزيني، قَلۃُ الکلام، قلۃُ الکلام، قلۃ الطعام ۽ قلۃ الميل مع الانام جهڙن صوفياءَ جي اصولن مٿان عامل آهن. پاڻ نيڪ ڪردار، صالح شعار، مهمان نواز، همدرد، هڏ ڏوڪي، پڪو ارادو رکندڙ، ننڍن تي شفيق ۽ وڏن سان با ادب هوندا آهن. علمي ادبي ذوق جا مالڪ آهن. سندن تحرير ۾ انڪساري جهلڪندي نظر ايندي آهي. طبيعت ۾ سليم ۽ نهٺا آهن. گفتگو پوري ۽ بغور ٻڌڻ سندن خوبي آهي. پنهنجن پراون سان مهر ۽ محبت سان پيش اچڻ وارا آهن.

رضي الله تعاليٰ عنه

حضرت خالد بن وليد

قسط پهرين

تحرير: حضرت علامہ مولانا قاري صاحبزاده سائين محمد جميل عباسي طاهري نقشبندي مدظلہ العالي

سن ٦٤٢ع ٢١ هجري جو ذڪر آهي. مشهور سپہ سالار کٽ تي ليٽيل آهي. علالت ڪافي عرصي کان جاري آهي، جنهن سندن کي ڪمزور ڪري ڇڏيو آهي. وفات کان ڪجهہ ڏينهن ٻهريان سندن دوست سندن سان ملڻ لاءِ اچي ٿو ۽ سندن کٽ تي اچي ويهي ٿو. پاڻ پنهنجي سڄي جنگهہ تان ڪپڙو هٽائي دوست کان پڇن ٿا: ڇا توکي منهنجي جنگهہ تي ڪا بہ هڪ گراٺ جيتري اهڙي جڳهہ نظر اچي ٿي! جتي ڪنهن نيزي، تلوار يا تير جي زخم جو نشان نہ هجي؟. دوست غور سان جنگهہ کي ڏسي چوي ٿو تہ واقعي ڪا بہ اهڙي جڳهہ ناهي. ان کان بعد دوست کي ٻي جنگهہ ڏيکاري ٿو. دوست ساڳيو ئي جواب ڏئي ٿو. سڄي ٻانهہ پوءِ ٻي ٻانهن ڏيکاري ٿو. ليڪن نتيجو ساڳيو ئي آهي. انهيءَ کان بعد سينو ڏيکاري ٿو. دوست حيران ٿي وڃي ٿو. اهڙو شخص ڪيئن زنده رهي سگهي ٿو، جنهن جي جسم تي هيترا سارا زخم آيا هجن. ان کان بعد دوست کان بي صبريءَ سان پڇي ٿو تہ مان ڪيترين ئي جنگين ۾ شهادت جي تلاش ڪندو رهيم پوءِ ڇا لاءِ شهادت حاصل نہ ڪري سگهيم؟. دوست جواب ڏنو "تون جنگ ۾ نہ ٿو مري سگهين! ڇو؟ دوست کان پڇي ٿو. دوست چيو تہ توکي اها ڳالهہ سمجهڻ گهرجي تہ جڏهن رسول الله صلي الله عليه وسلم توکي **الله جي تلوار** جو خطاب ڏنو تہ اها ان ڳالهہ جي پيشنگوئي آهي تہ تون جنگ ۾ نہ ماريو ويندين. جيڪڏهن تون ڪنهن ڪافر جي هٿان ماريو وڃين ها تہ انجو مطلب هيءُ هجي ها تہ هڪ دشمن خدا، الله جل شانه جي تلوار توڙي ڇڏي ۽ اهو هرگز نہ ٿو ٿي سگهي. ٿوري دير کان پوءِ دوست رخصت ٿئي ٿو. ۽ دوست جو دليل سندن کي سمجهہ ۾ اچي وڃي ٿو!. اهو سپهہ سالار اسلامي دنيا جو مشهور جنگجو حضرت "خالد بن وليد" رضي الله تعاليٰ عنه آهي جنهن

الاصلاح 14 شعبان المعظم 1422 هہ

سندن لکٽي جو انداز: هنن سٽن مان لڳائي سگهجي ٿو.

ٽيون خليفو:

حضرت خليفہ
سيد جيئل شاهہ جيلاني

سهڻي صورت ۽ سهڻي سيرت وارو الله جو پيارو، مرشد حقاني، عارف سبحاني حضرت پير سيد جيئل شاهہ بن سيد عبدالرحمٰن شاهہ جيلاني مدظلہ العالي.

سندن نسب نامو



سندن ولادت: ڳوٺ سوهو كناسرا ضلع خيرپور ميرس ۾ 14 آگسٽ 1947ع ۾ فجر جي وقت ٿي.صبح جو پاكستان جي آزاد ٿيڻ جي خوشخبري ماڻهن كي ملي. سندن ننڍپڻ ساڳئي ڳوٺ ۾ گذريو.

ڄمندي ئي ڄام: پاڻ ڄمندي ئي ڄام هيا. ننڍپڻ ۾ ٻين ٻارن جيان راند روند كون نہ كندا هيا. پاڻ مٿيءَ جي مسجد ناهي امڙ سائڻ كان تسبي وٺي ان ناهيل مسجد ۾ ويهي الله جو ذكر كندا هئا. ننڍپڻ كان ئي سندن زبان مان غلط لفظ كڏهن كنهن كو نہ ٻڌا.

تعليم : ابتدائي تعليم ڳوٺ ۾ حاصل ڪيائون ۽ ميٽرڪ ناز هاءِ اسڪول خيرپور ميرس مان پاس ڪيائون. ديني تعليم حاجي وندرالدين رند وٽ ۽ فقير رسول بخش سيال محبت ديرو لڳ خانواڻ تعلقو ڪنڊيارو ضلع نواب شاهه وٽ حاصل ڪيائون.

استادن ۾ : محمد صالح پنهنواڻ ڪوٽ ڏيجي ۽ حاجي وندرالدين صاحب قابلِ ذڪر آهن.

مجاهدا ۽ رياضتون : پاڻ بغير خوراڪ صرف پاڻي تي ڪيترا ئي چلا ڪڍيائون.

ڪيئي سلسلن ۾ بيعت: پاڻ قادري سلسلي ۾ سائين حاجي غلام مرتضيٰ شاهه جيلاني گمبٽ وارن سان، سلسله عاليه چشتيه ۾ اجمير شريف جي گادي نشين صاحبزاده محمد متين صاحب سان بيعت ڪيائون. سهروردي سلسلي جي هڪ شيخ سان بيعت ڪيائون. علاوه ازين شاذلي، جنيدي، اويسي، جعفري، قلندري سلاسل ۾ بغداد شريف، موصل، شام، مصر، ايران ۽ اردن جي مختلف مشائخ ڪان اڪتسابِ فيض ڪيائون.

ان ڪان پوءِ پاڻ سلسله عاليه نقشبنديه ۾ حضرت سهڻا سائين غفاري رحمت الله عليه سان دست بيعت ٿيا. پاڻ پنهنجي مرشد سان والهانه محبت رکندا هئا ۽ سهڻا سائين به اهلبيت هئڻ جي ناتي سندن گهڻو خيال ڪندا هئا. تبليغي سفر ۾ ڪين گاڏيءَ ۾ اڳين سيٽ تي ويهاريندا هيا ۽ پاڻ پوئين سيٽ تي ويهندا هيا ۽ جلسي ۾ به پنهنجي ڪرسي جي پرسان سندن ڪرسي رکائيندا هيا.

سندن مرڪزن ۾ :

1. درگاهه رحمتپور شريف نئون واهه لڳ قادر پور ضلع جيڪب آباد جتي ماهوار يارهين شريف جو پروگرام ٿيندڙ آهي.

2. درگاهه شهبازپور شريف لڳ شڪارپور روڊ جيڪب آباد. هن مرڪز تي ماهوار پروگرام يارهين شريف ٿيندڙ آهي.

3. درگاهه غوثيه طاهريه ڪلي دلدار چمن باءِ پاس ڪوئٽه. هن ۾ جمعي نماز ڪان پهرئين پروگرام ٿيندڙ آهي.

4. درگاهه غوثيه رحمانيه اڪرم ڪالوني حب، بلوچستان. هتي ماهوار پروگرام يارهين شريف ٿيندڙ آهي.

5. درگاهہ پير سيد ڪوڙل شاهہ جيلاني لڳ حسين آباد خيرپور ميرس. ماهوار پروگرام يارهين شريف ٿيندڙ آهي.

ساليانا پروگرام:

1. عرس مبارڪ پير سيد عبدالرحمٰن: شاهہ جيلاني جو درگاهہ عاليہ سيد ڪوڙل شاهہ جيلاني تي ٿيندو آهي.

2. ساليانو ميلاد شريف: 27 ربيع الاول تي شايان شان سان ملهايو ويندو آهي.

3. شب برات جو ساليانو پروگرام: موسم مطابق مختلف مرڪزن تي ملهائيو ويندو آهي.

شاديون ۽ اولاد: پاڻ ٻہ شاديون ڪيائون. جن مان چار فرزند ۽ پنج نياٽيون ٿين.

فرزندن جا نالا:

1. سيد عبدالرحمٰن شاهہ 2. سيد عبدالرحيم شاهہ 3. سيد محمد طيب شاهہ 4. سيد محمد طاهر شاهہ.

صورت ۽ سيرت: سندن صورت سهڻي من موهڻي ۽ حسين اٿن. پاڻ با اخلاق شخصيت جا مالڪ آهن. ڪڏهن بہ ڪنهن ڪي ڪونہ ڏڪايائون. پاڻ هر دلعزيز، مهمانواز ۽ غريب پرور انسان آهن. ايڏي وڏي شان ۽ روحانيت هوندي بہ منجهن ڪو ڏيکاءُ يا تڪبر جو نانءُ نشان نہ آهي. سادات ڪرام هجن، پير هجن يا علماء ڪرام هجن هر ڪنهن جي تعظيم ڪندا آهن. پاڻ نهايت شفيق ۽ وڏا مهربان آهن. هر هڪ ائين پائيندو آهي جڻ "سائين منهنجا آهن ۽ سيني ڪان وڌيڪ مون سان پيار ڪن ٿا."

هن فقير جي اڪثر ساڻن رمضان ڪريم ۾ مدينہ منوره ۾ ملاقات ٿيندي رهندي آهي. پاڻ نهايت شفيق ۽ خليق آهن. تصنع ۽ بناوٽ جو منجهن نام و نشان نہ آهي.

حج ۽ عمرا: پاڻ ٽي ڀيرا حج جي سعادت ماڻي چڪا آهن . پهريون ڀيرو 1974ع ۾ حج ادا ڪيائون جيڪو سفر بحري جهاز ۾ ٿيو. ٻيو ڀيرو 1978ع ۾ علي ڏنو پنهور ۽ باغ علي خان سان گڏ حج جي سعادت ماڻيائون. ٽيون ڀيرو 1988ع ۾ هوائي سفر ڪري حج ادا ڪيائون. پهرئين حج جي سفر کان اج ڏينهن تائين هر سال رمضان جي مهيني ۾ عمري جي سعادت ماڻيندا رهيا آهن.

ڪافرن کي ڪلمو پڙهاياڻون : جڏهن پاڻ خيرپور ميرس کان جيڪب آباد آيا تہ اتي ڪيئي هندن کي پنهنجي نظر ڪرم سان مسلمان بنائي ڇڏيائون.

۽ ويزائون لڳي ويون : پاڻ ٽيون ڀيرو حج لاءِ جيڪب آباد کان ڪراچي ڏانهن روانا ٿيا. ڪراچي پهچڻ تي خبر پئي تہ حج جون ويزائون لڳڻ بند ٿي ويون آهن. فقير صوفي عبدالغفور مغيري، درگاهہ عاليہ شهباز پور جيڪب آباد واري جي موجب پاڻ فرمايائون:

فقيرو! نفل پڙهو، روزو رکو ۽ مالڪ ڪريم کي ٻاڏايو تہ اسان جون ويزائون لڳن ۽ اسين سڀ هلي ماڳ مديني جا ڏسون. فقير جي چوڻ موجب مون خواب ڏٺو تہ مرشدن ڪريمن امر فرمائي رهيا هيا فقير هي پاسپورٽ ڪٽي وڃ ۽ ويزائون هٽائي اچ. پوءِ آءٌ پاسپورٽ ڪٽي ڪائونسليٽ ويو آهيان جتي سيد هدايت الله شاهہ ويٺو آهي ۽ فقير عبدالرحيم لاڙڪاڻي وارو نعت پڙهي رهيو آهي. سيد هدايت الله مون کان پڇيو فقير ڇا پيئندين؟ مون عرض ڪيو توهان جي مرضي . پوءِ سائو شربت ڏناڻون ۽ مون پيتو. فقير هي نعت پڙهي :

مدینے دی دربار شال ڈکھاوے قسمت

هوڏانهن نعت ختم ٿي تہ پاسپورٽ تي ويزائون بہ لڳي ويون. ايتري ۾ اک کلي وئي ۽ سائينجن پڇيو فقير ڇا ٿيو ويزائون لڳيون؟ اهو سارو خواب مون بيان ڪيو. ايتري ۾ خوشخبري ملي تہ سڀني جون ويزائون بہ لڳي ويون ۽ اسپيشل جهاز ۾ فلائيٽ آهي.

مختلف ملڪن جو سير : پاڻ حضرت خواجہ اجمير جي زيارت لاءِ اجمير شريف ويا. دهلي ۾ پاڻ پندرهن ڏينهن رهيا. اتي جون زيارتون بہ ڪيائون. پاڻ سريلنڪا جو سفر بہ ڪيو اٿن اتي پاڻ ٽي ڏينهن رهيا. اتي سير سفر ۽ زيارتون ڪيائون. عراق جا ٻہ سفر ڪيائون اتان جون زيارتون بہ ڪيائون. هر دفعي هڪ مهينو رهيا. ايران ۾ هڪ هفتو، اردن ۾ ڪجهہ ڏينهن، شام ۾ هڪ هفتو ۽ پاڪستان جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ زيارتون ڪيائون

ديني خدمتون : سندن ديني خدمتون عام آهن جن ۾ مدرسن جو قائم ڪرڻ، مسجدون جوڙائڻ، غريبن مسڪينن جي مدد ڪرڻ ۽ خير خيراتون ڪرڻ وغيره شامل آهي.

چوٿون خليفو:

حضرت پير علامہ

محمد ادريس بخشي

العابد التقي، والصالح النقي، والعارف الزكي، والفقيہ الحنفي، والعالم الفلسفي، والعلامة الفهامة الصوفي، والشيخ المفسر المنطقي **محمد ادريس** المتقي الداهري البخشي الغفاري زيد مجده.

پاڻ صاحبِ محاسن و محامد ڪثيره آهن. الله ڪريم ڪين گهڻين خوبين سان نوازيو آهي. هڪ طرف پاڻ مجسمہءِ حُسنِ اخلاق آهن تہ ٻئي طرف پاڻ علومِ شرعيہ ۽ علومِ روحانيہ جا مجمع البحرين آهن. جي سندن تقرير ٻڌجي ٿي تہ لڳي ٿو تہ پاڻ سلطان الواعظين آهن. جي سندن لکيل تفسير ۽ تصانيف پڙهجي ٿي تہ قلم جا بادشاهہ آهن.

جي سندن شاعري ٻڌجي ٿي تہ سندن شعر پڪا پختا، شاعراڻين خوبين سان سينگاريل پر سوز پر محبت ۽ پر خلوص آهن. وري جي سندن علمي فڪري ۽ روحاني خوبين ڏانهن نهارجي ٿو تہ پاڻ ابناءِ زمانہ ۾ وڏي قد آور شخصيت جا مالڪ نظر اچن ٿا. اللهم زد فزد

ولادت باسعادت: سندن ولادت ڳوٺ دنگ تعلقہ دولتپور ضلع نواب شاهہ ۾ مردِ صالح جناب رب رکيو ڏاهري جي گهر ۾ پهرين فبروري 1949ع ٿي.

اسڪولي ابتدائي تعليم: پاڻ ابتدائي پرائمري تعليم ڳوٺ حاجي غلام حيدر ڏاهري ۾ استاد محمد وارث ۽ استاد قائم الدين چنا وٽان حاصل ڪيائون.

قرآن شريف پڙهڻ: پاڻ قرآن شريف ناظره محترم حافظ الله بچايو چنو وٽ پڙهيا.

فارسي ۽ عربي تعليم: پاڻ فارسي جا ابتدائي ڪتاب بہ حاجي غلام حيدر ڏاهري جي قائم ڪيل ديني درسگاه مدرسہ حيدريہ ۾ حاصل ڪيائون. صرف تائين پاڻ ان مدرسي ۾ مولانا خان محمد ڏاهري ۽ مولانا عبدالرزاق جن وٽ پڙهيا.

مدرسہ عربيہ افضليہ ڳوٺ مقيم ڏاهري ۾ تعليم :

فقہ ، حديث ، اصول ۽ منطق جي بقيہ مروجہ ڪتابن جي تڪميل پاڻ پنهنجي ڳوٺ مقيم ڏاهري ۾ حضرت مولانا حاجي محمد اڪتڙائي تنيو رحمت الله عليہ وٽ مڪمل ڪري دستارِ فضيلت جو شرف حاصل ڪيائون.

دورهٔ حديث: پوءِ پاڻ حيدرآباد شهر ۾ اهلسنت جي مشهور ومعروف ديني درسگاهہ رڪن الاسلام ۾ حضرت علامہ مولانا قاري عبد الرزاق وٽ دورهٔ حديث پڙهيائون.

دورهٔ تجويد القرآن : پاڻ قرآنِ مجيد جي تجويد ۽ ترتيل جي تربيت حضرت علامہ سيد محمد ڇتل شاه رحمت الله عليہ جي مدرسہ خير العلوم خيرپور ناٿن شاه ۾ ورتائون.

- ❖ آڪٽوبر 1974 ع ۾ پاڻ حيدر آباد بورڊ ۾ مولوي عربي جو امتحان پاس ڪيائون.
- ❖ حيدر آباد بورڊ مان مولوي عالم عربڪ جو امتحان فرسٽ ڪلاس ۾ پاس ڪيائون.
- ❖ حيدر آباد بورڊ مان مولوي فاضل عربڪ جو امتحان سيڪنڊ ڪلاس ۾ پاس ڪيائون.
- ❖ الجامعہ العربيہ البخشيہ نئون ديرو لاڙڪاڻي سند مان شهادت العالميہ في العلوم العربيہ والاسلاميہ جي ڊگري حاصل ڪيائون.

تدريس : حصولِ علم کان فارغ ٿي پاڻ پنهنجي مادرِ علمي مدرسہ عربيہ افضليہ ڳوٺ مقيم ڏاهري ۾ اٺ نوَ سالن تائين درس ڏنائون. ڪافي علم جي اڃاين جا سينا علم جي فيض سان سيراب ڪيائون.

حرمين جا سفر :

پاڻ 1971 ع ۾ پاڪستان جي بحري جهاز ”الشمس “ جي ذريعي ڇهن ڏينهن ۾ مسافت طئي ڪري جده مقدسہ پهتا. پوءِ مڪہ مڪرمہ ۽ مدينہ منوره وڃي پاڻ حج جي سعادت ۽ سرورِ عالم ﷺ جي بارگاهہ بيڪس پناهہ ۾ حاضري ڀريائون.

ٻئي سال 1972 ع ۾ ”سفينہ حجاج“ جي ذريعي اٺن ڏينهن ۾ بحري سفر طئي ڪري حرمين شريفين جي حاضري جي سعادت ماڻيائون. ان کان پوءِ هر سال ۾ پاڻ هڪ ڀيرو يا ٻہ ڀيرا حرمين شريفين جي حاضري ڀريندا آهن.

اين سعادت بزور بازو نيست ، تانہ بخشد خداءِ بخشنده

سند المتصل من العلامة القدوة الشيخ المخدوم محمد ادريس الداهري الي رسول الله ﷺ

استاذ الكل ، سيد الرسل ، هادي السبل
سيدنا محمد رسول الله
صلی اللہ علیہ وسلم

- سلمة بن الاکوع رضی اللہ عنہ
- یزید بن ابی عبید رضی اللہ عنہ
- حضرت مکی بن ابراهیم رضی اللہ عنہ
- ابو عبد اللہ محمد بن اسماعیل البخاری
- ابو عبد اللہ محمد بن یوسف بن مطر
- ابو محمد عبد اللہ بن احمد السرخسی
- ابو مکتوم عیسی بن الحافظ ابی ذر
- الشیخ الحافظ ابی ذر
- ابو الحسین علی بن حمید الطرابلسی
- ابو القاسم عبد الرحمن بن ابی حرصی
- العلامة ابو احمد بن ابراهیم الطبری
- ابو مجد عبد اللہ بن محمد النسیابوری
- شهاب الدین احمد بن حجر العسقلانی
- الشیخ زکریا الانصاری
- الشیخ ابو الحسن محمد بن محمد القرشی
- الشیخ علی بن حسام الدین المتقی
- الشیخ عبد الوهاب المتقی المالکی
- الشیخ عبد الحق محدث الدهلوی
- الشیخ عبد الحکیم السیالکوتی
- العلامة عبد اللہ اللبیب
- العلامة ابو الحسن الشهید
- العلامة الشیخ قل احمد
- العلامة محمد محدث الآریجوی
- السید عاقل شاه هالانی
- العلامة عبد الحلیم کندوی
- العلامة نور محمد شهدادکوتی
- العلامة الشیخ محمد حسن کهوسه
- الشیخ محمد هاشم الانصاری
- العلامة القدوة السید امیر محمد امینانی
- العلامة الشیخ محمد اکترائی
- العلامة المفسر الواعظ الشیخ محمد ادریس الداهري النقشبندي

المراجع : حصر الشارد في اسانید الشیخ محمد عابد
ثبت الشیخ الامام عبد الحق محدث الدهلوي
الرحیم مشاهیر نمبر ، مهران سوانح نمبر ، انوار علماء اهلسنت سند

سلوڪِ تصوف ۽ حصولِ منازل: علومِ شرعيہ جي حصول بعد علومِ روحانيہ باطنيہ جي حصول لاءِ مختلف روحاني شخصيتن کان اڪتسابِ فيض ڪري عرفان ۽ وجدان جا مقام ماڻيائون.

سلسلہ عاليہ غفاريہ مان سندِ خلافت: طريقہ نقشبنديہ مجدديہ غفاريہ جا اسباق پاڻ پير طريقت رهبر شريعت خواجہ خواجگان حضرت الله بخش نقشبندي غفاري عرف حضرت سهڻا سائين رحمت الله عليہ جن کان 18 ربيع الثاني 1408هجري مطابق 10 ڊسمبر 1987ع ۾ سلسلي جي اجازت جي سند ۽ خرقہ خلافت حاصل ڪيائون.

حضرات نقشبندیہ مجددیہ فضلیہ غفاریہ عالیہ

یایها الذین امنوا اتقوا الله وابتغوا الیه الوسیلة وجاهدوا فی سبیله لعلکم تفلحون ۝

المجاهد من جاهد نفسه فی طاعة الله

الحمد لله رب العالمین ۝ والصلوٰة والسلام علی حبیبه سید المرسلین ۝ وآله الطاهرین واصحابه الطیبین اجمعین الی یوم الدین اما بعد

می گوید فقیر حقیر لاشئ الله بخش نقشبندی غفاری الله آبادی که این عاجز خاکسار ذره بیمقدار در سلسله خاندان نقشبندیه مجددیه فضلیه داخل شده علم سلوک تا دائره لاتعین از حضرت قطب الارشاد خواجه خواجگان پیر پیران غوث الاعظم مجدد مئة رابعة عشر نائب خیر البشر علیه وعلی آله من الصلوٰة افضلها ومن التحیات اکملها سیدی وسندی قبله عالم محمد عبد الغفار قلبی وروحی فداه ابی وامی فداه حاصل نموده وشرف اجازت از آن حضرت قرة عینین محبوب سبحانی یافته وبرائے تحقیق سلسله شریف موجود است. پس از این عاجز لاشئ برادر طریقت جناب مولانا صاحب مولوی محمد ادریس صاحب داہری سندہی صاحب سلوک وجذب وحالات وواردات صحیحه حاصل نموده وتکمیل تعلیم طریقه عالیه تا دائره لاتعین حاصل کرده. برائے تعلیم اسم ذات وعلم سلوک برائے طالبان مولیٰ وبرائے خدمت اسلام بموجب ضرورت اجازت داده شد وطالبان راه حق جل وعلا را مناسب است که زود فیض ظاهری وباطنی از این شیخ کامل حاصل نمایند وہیچ خطره وشک در دل خود نیارند که جناب خلیفه صاحب موصوف لله لله خدمت اسلام وبرادران اسلام میکنند۔

این اجازت نامه داده شد بمورخه ۱۸ - بماه ربیع الثانی سنه ۱۴۰۸ھ

لاشئ فقیر الله بخش نقشبندی غفرله

حضرت سهڻا سائين رحمت الله عليہ جو عنايت ڪيل اجازت نامو مولانا محمد ادريس بخشي دامت برڪاتہ کي

علوي سلسلي ۾ اجازت:

علوي سلسلي ۾ ڪين مديني طيبہ جي ڪامل اڪمل ولي حضرت شيخ زين ابراهيم سميط علوي حسيني جن جي دست شفقت سان اجازت ۽ سند حاصل ٿي.

سند الاجازة

الحمد لله رب العٰلمين والصلٰوة والسلام علٰي اشرف المرسلين سيدنا محمد وآله واصحابه اجمعين. وبعد: فقد اجزت الشيخ الفاضل مولوي محمد ادريس اعلي الله مرتقاه فيما تجوز لي روايته من علم المنقول والمعقول وفي طريقة السادة بني عدوي والسلف الفحول كما اجازني بذالک مشائخي الائمة الاعلام بسندهم المتصل الي النبي عليه افضل الصلٰوة والسلام كما هو مذكور و مثبت في كتاب "عقد اليواقيت الجوهرية" للامام العارف بالله الرباني عيدروس بن عمر الحبشي نفعنا الله به وبسائر عباد الله الصالحين فقد حصلت لي الاجازة الصحيحة في الكتاب المذكور من شيخي العلامة محمد بن سالم بن حفيظ عن والده عن مؤلف الكتاب و اوصي المجاز المذكور بتقوي الله في السر والعلن بخشية الله تعاليٰ فيما ظهر و بطن (انما يخشي الله من عباده العلماء) و في الحديث "كفٰي بالمرء علما ان يخشي الله و كفيٰ بالمرء اثما ان يعجب بنفسه." وكتبه الفقير اليٰ فضل ربه القدير

زين ابرهيم سميط العلوي الحسيني

بالمدينة المنورة 10 جمادي الاخريٰ سن 1412هج

دلائل الخيرات ۽ قصيده برده جي اجازت جي سند:

مديني منوره مان ڪين دلائل الخيرات ۽ قصيده برده شريف جي قرائت جي اجازت ۽ سند حضرت علامہ محمد حسين محمد صديق رمزي ميمن جن کان حاصل ٿي.

المدينة المنورة تاريخ 26 ذي الحجة الحرام سن 1397 هـ

بسم الله الرحمٰن الرحيم

الحمد لله رب العٰلمين والصلٰوة والسلام عليٰ سيدنا محمد وآله واصحابه و بارک وسلم اما بعد:

سبب تحرير جو اهو جو جناب حاجي محمد ادريس ولد محمد رب رکيو صاحب سنڌيءَ مون کان دلائل الخيرات ۽ قصيده برده شريف پڑهڻ جي اجازت طلب ڪئي جڏهن ته موصوف صاحب اسان جي مجلس ۾ شريڪ ٿيندا رهندا آهن ۽ کين ان جو مستحق سمجهيوسين ان ڪري پنهنجي مشائخ عظام جناب مرحوم شيخ خيرالدين صاحب زاده قنڌاري هادي رحمة الله عليه ۽ منهنجي شيخ مرحوم ابو السعود محمد سعدالله مکي مدفون جنت المعليٰ رحمة الله عليه ۽ منهنجي شيخ مرحوم يوسف بن علي ملک باشلي المدني مدفون جنت البقيع مدينه منوره رحمة الله عليه ۽ منهنجي شيخ مرحُوم ابو محمد سليمان الجزولي رحمة الله عليهم اجمعين جي واسطي سان کين دلائل الخيرات ۽ قصيده برده شريف پڑهڻ جي اجازت ڏيان ٿو ۽ اميد رکان ٿو ته هر ختم تي منهنجي لاءِ ۽ منهنجي اولاد لاءِ حسن خاتمه بجوار نبي ڪريم ﷺ نصيب فرمائڻ جي دعا ڪري مشڪور فرمائيندا. والسلام والحمد لله رب العالمين. خادم دلائل الخيرات و قصيده برده شريف، طالب دعا

محمد حسين صديق پوسٹ بڪس نمبر 5 مدينه منوره

❖ کين شاذلي سلسلي ۾ مدينه منوره جي مشهور صوفي ۽ سالڪ بزرگ حضرت شيخ فهمي عليه الرحمة جن کان زباني اجازت عنايت ٿي.

شادي ۽ اولاد: پاڻ هڪ شادي ڪئي اٿن جنهن مان کين پنج فرزند ۽ ٽي نياٽيون آهن. جن جا نالا هن طرح آهن.

1. صاحبزاده ميان عاشق حسين.
2. صاحبزاده ميان احسان الله.
3. صاحبزاده ميان اسد الله.
4. صاحبزاده ميان عبيد الله.
5. صاحبزاده ميان ولي الله. (6)محترمه بيبي زبيده. (7)محترمه بيبي ام ڪلثوم. (8) محترمه بيبي خالده.

اوصافِ عاليہ: سندن شاگرد مولوي رحيم بخش ڏاهري جي چَواڻي پاڻ اڪثر باوضو رهندا آهن. اڪثر سندن زبان تي اوراد ۽ وظائف جاري هوندا آهن.

گفتار جي اثر انگيزي: الله ڪريم کين گفتار جي مناس ۽ بيان ۾ جادو جهڙو اثر عطا ڪيو آهي. سندن تقرير ۾ روانگي، تسلسل، بلاغت وفصاحت، دليلن جي پختگي، عبارت ۾ اعراب جي شائستگي ۽ مخصوص اندازِ بيان خاص ڪري عربي، اردو، فارسي، سرائيڪي توڙي سنڌي ۾ شعر پڙهڻ جو منفرد انداز هوندو آهي. پوري سنڌ ۾ پاڻ اڄ بہ "**بلبلِ مدينہ**" جي لقب سان مشهور آهن.

مدارس جي سرپرستي: هن وقت بہ سندن ڳوٺ مقيم ڏاهري ۽ شاهپور جهانيا ۾ بہ مدرسا سندن زيرِ نگراني هلي رهيا آهن.

سندن تاليفات و تصانيف:

پاڻ خطابت جي ميدان جا شهسوار هجڻ سان گڏ قلم جا بہ بادشاهہ آهن. سندن قلم سان لکيل ڪتاب پوري سنڌ کان خراج محبت حاصل ڪري چڪا آهن. سندن ڪتابن جو مختصر تعارف پيش آهي.

(هي تعارف سندن شاگرد مولوي رحيم بخش ڏاهري پاران آهي)

1. **تفسير احسن البيان:** قرآن ڪريم جو سنڌي زبان ۾ تفسير مڪمل بهترين ٽائيٽل سان بہ دفعا ڇپجي چڪو آهي. هن تفسير ۾ اهل سنت وجماعت جي عقائد کي قرآن ڪريم جي آيات مان صاف صاف ثابت ڪيو ويو آهي سندن زندگي جو هي تمام عظيم ڪارنامو آهي.
2. **مناقب الصالحين:** اولياء ڪرام جي شان ۾ هي ننڍو ڪتاب 1982ع ۾ شايع ٿيو.
3. **الاربعين في فضائل الخلفاءِ الراشدين:** خلفاء الراشدين رضوان الله عليهم اجمعين جن جي شان ۾ 40 حديثون 1983ع ۾ شايع ٿيو.
4. **احسن التشريح لبردة المديح:** قصيده برده شريف جو سنڌي ۾ ترجمو ۽ شرح ۽ مخصوص شعرن جي پڙهڻ جا فوائد1984 ع ۾ شايع ٿيو.
5. **جام تصوف:** تصوف جي متعلق هي رسالو 1985ع ۾ شايع ٿيو.

6. **الدولۃ الکبریٰ شرح اسماء الحسنیٰ**: الله تبارک وتعاليٰ جي نالن مبارکن جي معنيٰ ۽ پڙهڻ جون برڪتون 1986ع ۾ شايع ٿيو.

7. **سيرت بادشاه بغدادي**: سيدي و مرشدي حضرت عبدالقادر جيلاني، غوث صمداني، محبوب سبحاني، قطب رباني رحمة الله عليہ جي زندگي جو احوال ۽ سندن ڪرامتن جو ذڪر 1986ع شايع ٿيو.

8. **تحفة الحجاج**: چار حصن ۾ حج جي متعلق مختصر احڪام ۽ دعائون 1987ع ۾ شايع ٿيو.

9. **التحفة المرضية القصيدة الغوثية**: حضرت سيدنا عبدالقادر جيلاني رحمة الله عليہ جي عربي قصيدي جو سنڌي ۾ ترجمو ۽ تشريح 1987ع ۾ شايع ٿيو.

10. **الله جو احسان شرح قصيدة نعمان**: امام اعظم حضرت امام ابوحنيفہ رحمة الله عليہ جي عربي قصيده جو سنڌي ۾ شرح1991 ع ۾ شايع ٿيو.

11. **ترجمہ مدح نامہ سنڌ**: مخدوم محمد هاشم ٺٽوي عليہ الرحمة جي فارسي ڪتاب "مدح نامہ سنڌ" جو سنڌي ترجمہ 1991ع ۾ شايع ٿيو.

12. **احسن التحقيق في سيرت الصديق**: حضرت صديق اڪبر رضي الله عنه جي زندگي مبارڪ جو احوال، اولاد، سيرت ۽ شان مبارڪ 1992ع ۾ شايع ٿيو.

13. **قادري تحفہ**: حضرت غوث اعظم سيدنا عبدالقادر جيلاني رحمة الله عليہ جن جو پڏايل درود سنڌي ۾ ترجمہ سان گڏ 1992ع شايع ٿيو.

14. **سيرت اويس قرني**: سيدنا اويس قرني رضي الله عنه جي زندگي جواحوال1992 ۾ شايع ٿيو

15. **مومنن جي ماء سيده عائشہ صديقہ رضي الله عنها**: ام المومنين سيده عائشہ صديقہ رضي الله تعالي عنها جي سيرت ۽ شان 1994ع ۾ شايع ٿيو.

16. **ماڻڪ موتي لال**: قصيده برده شريف، قصيده نعمان ۽ قصيده غوثيہ ٽنهي ڪتابن جو مجموعہ 1995ع ۾ شايع ٿيو.

17. **فضائل مسواڪ**: ڏندڻ ڏيڻ جا ديني دنيوي فائدا ۽ سنت طريقہ سان ڏندڻ ڏيڻ جا احڪام 1996ع ۾ شايع ٿيو.

18. **التحرير المقبول في اخبار اولاد الرسول ﷺ** : حضور اڪرم نور مجسم عليہ الصلوٰة والسلام جي اولاد و اطهار 3 فرزندن ۽ 4 نياڻين جو مڪمل احوال 1996ع ۾ شايع ٿيو.

19. **ترجمہ رسالہ نور**: حضرت مخدوم ابوالحسن ڏاهري رحمة الله عليہ جي نور مصطفيٰ عليہ الصلوٰة والسلام جي متعلق جي لکيل فارسي رسالہ جو سنڌي ترجمہ 1997ع ۾ شايع ٿيو.

20. **سيرت الحسنين**: جگر گوشانِ رسول فرزندانِ بتولِ حضرت امام حسن ۽ حضرت امام حسين رضي الله تعالي عنهما جن جي زندگي مبارڪ جو احوال ۽ انهن جا فضائل 1998ع ۾ شايع ٿيو.

انشاءَ الله ڪتاب جي ايندڙ ايڊيشن ۾ سنڌن مڪمل ڪتابن جو تعارف ۽ انهن جا اقتاباسات پيش ڪيا ويندا.

سنڌن شاعري:

پاڻ بهترين شاعر آهن سنڌن شاعري جي جهلڪ پيش ڪجي ٿي.

بيشڪ اوهان جو اعليٰ:

بيشڪ اوهان جو اعليٰ سردار شان آ. جبريل تنهنجي در جو دائم دربان آ.
جي روح آهي عيسيٰ، موسيٰ ڪليم آ، وڏ مهربان اوهان تي آگو عليم آ،
ساري دنيا اي سائين حب ۾ حيوان آ.
الله پاڻ تنهنجي سَروَر ثنا ڪئي، توتي صلٰوة رب ۽ مَلڪن مِنا پڙهي،
سائين انهيءَ جو شاهد رب جو قرآن آ.
ديدار ساڻ سهڻا سجدا وٽن ڪيا، ڪافر ڏسي مڪي جا آقا عجب ۾ پيا،
مَڪِ ڪين ويٺي بت تي نوري نشان آ.
پاڇو پرين اوهان جو پَٽَ تي ڪڏهن نہ پيو، آگر سنڌي اشاري سان چنڊ ٻہ اڌ ٿيو،
محبت وارن مجي هي آندو ايمان آ.
”ادريس“ جي آ تو ڪي محبوب پاڪ پارت، دنيا ۽ آخرت ۾ سهڻا ڪجان شفاعت،
ديدار لاءِ دل هي مدني مستان آ.

مدني مٺا اوهان جو ڪيڏو ڪمال آ:

مدني مٺا اوهان جو ڪيڏو ڪمال آ،
وڏ مهربان اوهان تي رب ذوالجلال آ.
موسيٰ کي ”لن تراني“ آيو جواب ۾،
جانب گهمئين جسم مان رب جي جناب ۾،
ايڏو اوهان جو رب سان والي وصال آ.
عيسيٰ اوهان جو امتي ۽ مَلڪ خاص خادم،
سڪندر ۽ دارا جهڙا دربان در جا دائم،
سيني جو هي خدا کان سهڻل سوال آ.
ساراهيو اوهان کي قادر ڪلام ۾،
آگي ڏنو اوهان کي سڀ ڪجهه انعام ۾،
هرگز نہ تنهنجو ثاني ڪو مَٽُ مثال آ.
”ادريس“ کي مديني مرسل آڻائيو،
نوڪر ڪري اي رهبر در تي رهائيو،
جانب جدا اوهان کان ٿيو هيڻو حال آ.

خدا تو کي سينگاريو واهه سهڻا:

خدا تو کي سينگاريو واه سهڻا، منهنجا حضرت رسول الله سهڻا.
برابر حضرت يوسف حَسِين آ، مگر تنهنجي مثل ڪو ناهہ سهڻا.
جمال يوسفي تنهنجي اڳيان ڇا، رکي رخ تان هي پردو لاهہ سهڻا.
رضا تنهنجي ۾ اي دلدار راضي، رهي تو باري بي پرواهہ سهڻا.
ڪمالاتِ نبوت جو تون جامع، هي قسمت منهنجي بگڙيل ٺاهہ سهڻا.
منهنجا ماءُ پيءُ سِرُ قربان تو تان، ڪيان لکَ بار صدقي ساهہ سهڻا.
خليل ۽ ڪليم هئا بيشڪ پلارا، مگر تون هڪ حبيب الله سهڻا.
چوي ٿي دل تنهنجي در تي رهان مان، رهڻ لاءِ ڪر ڪا سَولي راهہ سهڻا.
ڪجي دلبر سدا ديدار تنهنجو، اها اندر جي آهي آه سهڻا.
سِگهو ”ادريس“ آڻايو ايڏاهون، بي واهن جي تون آهين واهہ سهڻا.

نہ ٿيو آهي نہ ڪو ٿيندو منهنجا منٺار تو جهڙو:

نہ ٿيو آهي نہ ڪو ٿيندو منهنجا منٺار تو جهڙو،
سڄي دنيا ۾ خلقيو ڪو نہ خلقٺهار تو جهڙو.
جنين ڪئي ٿي برائي تن تي بيحد تو ڀلائي ڪئي،
گهرين دشمن جي لئہ دعائون نہ آ دلدار تو جهڙو.
سوا لک انبيائن ۾ نرالي ذات تنهنجي آ،
ڀلارا سڀ بلا شڪ پر نہ آ ڀڳدار تو جهڙو.
سخي آهين، نہ سائل کي ڪڏهن محبوب موٽائين،
نہ ٿي سگهندو سخي حاتم يتيمن يار تو جهڙو.
جهلي جهولي اچي "ادريس" دلبر تنهنجي در بيٺو،
تون لاهج "ڏاهريءَ" جا ڏک نہ آ غمخوار تو جهڙو.

حق آ حق آ:

حق آ حق آ حق آ، محبوب محمد حق آ،
ايمان اسان آندو ان تي، سو رسول خدا لاشڪ آ.
ان جي نبوت ان جي رسالت قائم آهي تائين قيامت،
ان تي نبوت ختم مٺا، هيئن فرمايو فائق آ،
سيئي ڪيا رب ان جا امتي، ارض وسما سڀ ان جا امتي،
سيني ڪلمو پڙهيو ان تي، ڀوءِ جِنُ انس يا مَلَڪ آ.
سيئي ان سهٽي جا سلامي، ڏين حورون غلمان غلامي،
دنيا عقبيٰ ۾ امت کي ڪم ايندو سو پيارو ڀڪ آ.
حجر شجر جانب لئي جهڪيا ٿي، جيت جٽيا سڀ ان لئي سڪيا ٿي،
نرمل آ نوازيندو سڀ کي، توڙي ڪو نالائق آ.
ان جي آ ذات صفات پياري، ڪهڙي لکان مان نعت پياري،
جيڪو آيو خالي نہ ويو، ڪئي مهر مٺس مالڪ آ.
جابر جا پٽ دعا سان جيرا، ٿيا جڏهن ڪيا ڀورل ڀيرا،
"ادريس" اصل کان عشق وارن جي لاءِ هي سهٽو سبق آ.

سنڌ جي سُونهن:

سندن شعرن جي مجموعي "مجموعة الاشعار" جي تقريظ هن فقير شعر ۾ لکي هئي. جنهن ۾ سندن علمي مقام، سندن ديني خدمتن ۽ خصوصًا مون پنهنجي محبتن جو اظهار هنن لفظن ۾ ڪيو آهي.

حضرتِ علامہ سائين ڏاهري،
سنڌ جي سو سونهن آهي ظاهري.
علم حڪمت رب ڪيو ان کي نصيب،
ان مٿان راضي آهي رب جو حبيب،
آهي بخشي ۽ غفاري طاهري.
شعر ان جو علم جي چڻ ڪاڻ آ،
سِٽن ۾ ڪا سونهن ۽ سرهاڻ آ،
آ مِٺي ان جي سُٺي سڀ شاعري.
رب رکايو آ منجهس ميٺاج مَڻ،
گفتگو ان جي مِٺي ماکي مکڻ،
فيض ان وٽ باطني ۽ ظاهري.
آ مُحَدِّث ۽ مفسر بينظير،
ناقصن جي ڪاڻ سو ڪامل آ پير،
نقشبندي، شاذلي ۽ قادري.
"ڪرم الله" دل سان گُهرِي آهي دعا،
شل رهي هو شاد ۽ ان جا ٻچا،
نا وساريندو اٿم هيءَ خاطري.

پنجون خليفو:

حضرت خليفه
فتح محمد سومرو
المعروف "بيدار مورائي"

راهِ مولا جو سالڪ، دل موهيندڙ قلم جو مالڪ ، بهترين لکڻين جو خالق، حضرت مولانا فتح محمد سومرو عرف "**بيدار مورائي**" مد ظله العالي.

پاڻ غفاري جماعت جا بهترين مصنف ۽ مؤرخ، صوفي ۽ سالڪ آهن. سندن چوڻ مطابق سندن مرشد ڪريم حضرت سهڻا سائين سندن لکڻين کي پڙهي فرمايو هيو ته :

"اوهان جي لکڻين مان خليق جي خوشبوءِ اچي ٿي".

خليق مورائي عالِم دين هجڻ سان گڏ بهترين اديب هيو. حضرت سجڻ سائين دامت برڪاته بيدار مورائي بابت فرمايو هيو ته:

"بيدار مورائي واقعي بيدار آهي، سندس دل بيدار، سندس دماغ بيدار، سندس عشق بيدار، سندس وفا بيدار، سندس اخلاص بيدار ۽ بيدار جو ڪردار هر طرح سان بي داغ آهي."

سنڌ جي عظيم ۽ قديم ۽ سنڌ مٿان حڪومت ڪرڻ واري سورهه قوم "سومرو" سان سندن تعلق آهي. سندن والد گرامي جو نالو جان محمد سومرو هيو. سندن ولادت 05 فيبروري 1937ع ۾ مورو شهر ۾ ٿي.

تعليم: پرائمري تعليم مورو ۾ حاصل ڪيائون. ميٽرڪ گورنمينٽ هاءِ اسڪول نوان هالا ۾ 1955ع ۾ ڪيائون. فارسي ۽ ابتدائي عربي تعليم مدرسه رحمانيه مورو ۾ مولانا عبدالرحيم لغاري صاحب وٽ پڙهيائون.

معاشي ذريعو: فارغ التحصيل ٿيڻ سان ئي ڪين سيڪنڊري اسڪول ۾ نوڪري ملي. پاڻ ان نوڪري ۾ مستقل رهيا ۽ نيٺ فيبروري 1997ع ۾ رٽائرڊ ٿيا.

بيعت : حضرت خليفہ بيدار مورائي 1953ع ۾ حضرت پير مٺا سائين رحمت الله عليہ سان بيعت ڪري سلسلہ عاليہ نقشبنديہ ۾ داخل ٿيا. پير مٺا جي دؤر ۾ ئي پاڻ ڇهہ ڪتاب تصنيف ڪيائون.

حضرت پير مٺا سائين جي وصال بعد 1965ع ۾ پاڻ حضرت سهڻا سائين رحمت الله عليہ سان بيعت ثاني ڪيائون. جن سندن صداقت، محنت، محبت، وفاداري ۽ پرهيزگاري کي پَسَندي ۽ پرکيندي کين 1970ع ۾ خلافت جي نعمت سان نوازيو. ان وقت پاڻ پندرهن ڪتاب تحرير ڪري چڪا هئا. حضرت سهڻا سائين رحمت الله عليہ جي وصال کان بعد پاڻ 1983ع ۾ حضرت سجڻ سائين سان درگاهہ الله آباد شريف ۾ بيعتِ ثالثہ ڪيائون.

پير جي رفاقت : پاڻ قطبِ عالم حضرت پير پير مٺا سائين رحمت الله عليہ سان ڪيترن سفرن ۾ ساڻ رهيا آهن. 1956ع جي رمضان المبارڪ ۾ پير سائين ڪوئيٽہ روزا رکڻ ويا هئا تہ بيدار مورائي کي پورو مهينو پير ڪامل جي صحبت ۾ رهڻ جو شرف نصيب ٿيو هيو. ان طرح هٽڙي، راڻي پور پرسان پٽي ماڇي ، ٺنڊو الهيار پرسان خان محمد بوزدار، خانواهڻ جي پرسان ڪندرن جي ڳوٺ ثواب پور ۾ پير مٺا سائين جن مختلف اوقات ۾ مهينو مهينو رهيا آهن، انهن سفرن بيدار کي ڪامل جي قريب رهڻ سندن ديدار جا مزا ماڻڻ جي سعادت نصيب ٿي آهي.

وري ڪيئي دفعا مختلف علائقن ڏانهن حضرت سهڻا سائين ۽ سجڻ سائين سان بہ گڏ سفر ڪيا اٿن. جيئن ٺٽو، گهارو، ڳاڙهو، مال ماڙي، جهڏو، ڏگهڙي، مٺي، شڪارپور، جيڪب آباد، ڪوئيٽہ، لسٻيلو، خضدار، باغبان، پنڊي، فيصل آباد، لاهور، سيال ڪوٽ، ملتان، قصور، پشاور، ڪوهاٽ، ڪوه مري ۽ پنو عاقل وغيره جي سفرن تي مرشدن سان همرڪاب رهڻ جو کين شرف نصيب ٿيو آهي.

اديبن ۽ شاعرن جو سات : ادب جي دنيا ۾ جن شاعرن ۽ اديبن جو کين سات نصيب ٿيو انهن ۾ اديب عبدالرؤف ابڙو (جيڪي سندن استاد بہ آهي) سان 1954ع ۾ ملاقات ٿي. سيد صالح محمد شاهہ سان 1955ع ۾، عبدالحڪيم ارشد سان 1964ع ۾، شاعر انور هالائي سان 1965ع ۾ ۽ مولانا خير محمد نظاماڻي سان 1970ع ۾ ملاقات ڪيائون.

علمي خدمتون: ابتدائي دؤر ۾ پاڻ 1965ع کان ڪافي عرصي تائين "روزانہ مهراڻ "اخبار ۾ ديني ڪالم لکندا رهيا. هن وقت تائين پاڻ 52 ڪتاب تصنيف ڪري چڪا آهن. سندن ڪجهہ تصنيفات جا نالا پيش آهن:

ادبي ترغيب و تحريص: عشق حبيب ﷺ، شانِ صحابہ، عظمتِ اهلبيت، حضرت مجدد الف ثاني ، حضرت محبوب سبحاني ، حضرت پير مٺا سائين

سيرت ۽ سوانح: گنجينہءِ حيات غفاريہ، گنجيئہ غفاريہ، سوانح حيات حضرت سهڻا سائين، بهارِ بخشيہ، تحفة الطاهرين، نظرِ ڪرم.

ملفوظات طاهريہ: ڪاملن جو ڪلام، مقامِ معراج، قائد جو ڪردار، مفلس ڪير آهي؟ پيغمبر جي پيروي، پيار جو پيغام، برن سان ٻلايون، ٿورا ناهن ٿورا، مقالات طاهريہ.

آدابِ زندگي: روحاني زندگي، ڪامياب زندگي، دين جو درد، برڪاتِ تبليغ، مڪتوباتِ بخشيہ، راهہ نجات، حقيقي ايمان، دنيا دم گذر، دوکي جي ديوار، ماڻڪ موتي لعل.

اصلاحي ۽ سماجي: زهر ڀري زندگي، ظلم جي زنجير، ستا اٿي جاڳ، سجاڳيءَ جو سڏ، تتي ٿڌي ڪاهہ، ڏوريندين ڏسن، ديدار بازي، آئينو.

اصلاحي افسانا: زهريلا ڏنگ، عشق جي پوک، جوڳيءَ جاڳايوس، ڇوٽڪارو، ڇوڏهين صدي، حقيقي علم حقيقي دوست وغيره.

ان ڪان علاوه بيدار صاحب 1999ع کان هينئر تائين دادو مان نڪرندڙ سلسليوار رسالو "**الاصلاح**" جا چيف ايڊيٽر پڻ آهن. سندن ادبي ڪاوشن سبب ڪترن ئي ماڻهن جي دل و دماغ ۾ انقلاب آيو. ڪيترائي ماڻهو نيڪ صالح ٿي ويا.

سندن اولاد: محترم بيدار مورائي جي علمي ۽ ادبي ذوق جو ورثو سندس اولاد کي بہ الله عطا ڪيو آهي. خصوصًا اديب ابن اديب، محترم شمشاد احمد سومرو اسسٽنٽ پروفيسر ڊگري ڪاليج دادو جي علمي سخا ۽ ڪشادهہ دلي هن فقير کي ڪافي متاثر ڪيو آهي. الله ڪريم سندن علم ۽ عمل ۾ مزيد برڪتون عطا فرمائي.

سندن شعر: محترم بيدار مورائي هڪ شعر لکيو آهي جنهن ۾ پنهنجي ڪتابن جي لسٽ ڏني اٿس. سو پيش آهي.

﴿بيدار مورائي جو شعر﴾

حضرت پير مٺا، حضرت سهڻا سائين، حضرت سچڻ سائين برڪاتهم العاليہ

پيغمبر جي پيروي، ڪامياب زندگي آ. ڪاملن جو ڪلام، روحاني زندگي آ
ٿورا ناهن ٿورا، مقالات طاهريہ،آهن قول ڪريمن جا ملفوظات طاهريہ
ماڻڪ موتي لعل، صالحن جي صحبت آ. ڏاڙهي، ڏندڻ، پٽڪو، اتباع سنت آ
مقام معراج، قلب جو قرار آ. دين جو درد، پيار جو پيغام آ
حقيقي علم، حقيقي دوست، چوٽڪارو آ. لڪل لعل، سهڻا سخن، سهڻو سرمايو آ
هيڏا هاجا ٿين، ڪيڏي نہ شرمندگي آ. ظلم جي زنجير، زهر پري زندگي آ
ديداربازي، زهريلا ڏنگ آ. دهل وڄي، دوسو مڙي، عجيب رنگ آ
دنيا دم گذر ٿئي، دوکي جي ديوار آ. راهہ نجات ۾، مينگهہ ملهار آ
سجاڳي جو سڏ، ستا اٿي جاڳ آ. گنجينہء غفاريہ، بهار بخشيہ پاڳ آ
سوانح سهڻا سائين، گنجينہء حيات غفاريہ، ڏورينديون ڏسن، بوستان طاهريہ
چوڏهين صدي، عشق جي پوڪ،اکين جو سامان آ. عشق حبيب، عاشقن لاءِ حقيقي ايمان آ
رڻ ۾ ريهون، قائد جو ڪردار آ. اندو گهوٽ،آئينو، واهہ جو سينگار آ
پير مٺو، سهڻو سائين، سچڻ سوپارو آ. جوڳي جاڳايوس، طاهري فيض جو نعرو آ
آمريڪا، ويسٽ انڊيز، فيوض و برڪات آ. چين برطانيہ، متحده عرب امارات آ
بيدار، طاهري، بخشي، غفاري آ. برڪاتِ تبليغ، جتي ڪٿي ٿيو جاري آ

سندن تخلص : توڙي جو جڳ ۾ سندن لقب ”بيدار مورائي“ مشهور آهي جيڪو کين الخالق ادبي اداره هالا جي هڪ ادبي روح رهاڻ تي هڪ بهترين مقالي پيش ڪرڻ تي انور هالائي ڏنو هيو. پر پوءِ بہ پاڻ پنهنجي تصانيف ۾ پنهنجي لاءِ عجيب و غريب مزاحيہ القاب استعمال ڪيا اٿن. جن جي پڙهڻ سان قاري جي دل ۾ ڪشش پيدا ٿئي ٿي ۽ اهو چپن ۾ مسڪرائڻ تي مجبور ٿي پوي ٿو. انهن لقبن مان ڪجهہ هي آهن:

علامہ هڻ ڪٽ، علامہ اُڦٽ مار، علامہ سيلاني، سجاڳ سومرو وغيره.

ڇهون خليفو:

حضرت خليفه
پروفيسر مقصود الاهي ①

صاحب الفيض والفضل، صاحب العلم والعمل حضرت خليفه پروفيسر مقصود الاهي بخشي مدظله العالي. جا آباء و اجداد هندستان جي رياست بيڪانير سان تعلق رکندا هئا. قيامِ پاڪستان کان پوءِ سندن والد محترم صوفي محمد سليم هجرت ڪري هارون آباد ضلع بهاولنگر آيو. اتي خليفي صاحب جي ولادت پهرئين آڪٽوبر 1955ع ڇنڇر ڏينهن ٿي. ننڍي هوندي کان ئي سندن دل ۾ الله وارن سان محبت هوندي هئي. نماز جا پابند، وڏن جو ادب ۽ خدمت ڪندڙ هيا.

حڪمت: سندن خاندان نسل در نسل حڪمت جي پيشي ذريعي خدمتِ خلق ڪندڙ هيو. سندن ڏاڏو صوفي محمد حسين بهترين حڪيم هيو. پاڪستان ۾ سندس شفاخانو "صوفي دوا خانه" جي نالي سان مشهور هيو. اهو حضرت ميان شير محمد شرقپوري رحمت الله عليه جي صحبت مان فيضياب ٿيل هيو. سندن پڙ ڏاڏو حضرت محمد ميان عليه الرحمة پنهنجي وقت جو وڏو بزرگ ٿي گذريو آهي. خوش مزاج ۽ خوش دل هئڻ سان گڏوگڏ شريعت جو پابند هوندو هيو. سندن ڏاڏي به نيڪ ۽ پرهيزگار عورت هئي.

تعليم: سندن والد صاحب ڪجهه وقت هارون آباد ۾ رهڻ کان پوءِ اوڪاڙه هجرت ڪئي. ان کان پوءِ مستقل طرح سان سنڌ جي شهر نوابشاهه ۾ سڪونت پذير ٿيا. خليفي صاحب اتي سيڪنڊري تعليم ڊي سي هائي اسڪول نوابشاهه مان حاصل ڪئي. B.Sc ڊگري ڪاليج نوابشاهه کان ۽ M.Sc ڪيميسٽري سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو ۾ ڪيائون. حڪمت جو هنر پنهنجي والد صاحب کان ۽ مزيد لاهور ۾ سکيا .

① هيءَ معلومات سندن سوانح حيات ڪتاب "مرد عارف" (مؤلف عمير محمود صديقي) کان ورتي وئي آهي.

صورت ۽ سيرت : سندن جسم ڀريل، روشن چهرو، اکيون وڏيون ۽ سفيد ريش. جهڙي طرح الله تعاليٰ کين سهڻي صورت عطا ڪئي آهي، اهڙي طرح سندن اخلاق به اعليٰ آهي. ڪنهن کي تڪليف ۾ ڏسي پاڻ افسرده ٿي ويندا آهن. هيڻن جا همراهه ۽ بي مددگارن جا مددگار آهن. پاڻ پنهنجي ذات لاءِ ڪنهن کان به سوال نه ڪندا آهن. 1982ع ۾ عبدالحامد بدايوني ڪاليج اورنگي ٽائون ڪراچي ۾ ڪيميسٽري جا استاد مقرر ٿيا. هن وقت تائين به پاڻ تدريس جا فرائض سرانجام ڏئي رهيا آهن.

بيعت : سندن بيان مطابق ته آءُ جڏهن ٻارهين ڪلاس ۾ پڙهندو هيس ته ان وقت جواني جي مستي ۾ هيس. ان وقت زماني جا ڪامل ولي حضرت سهڻا سائين منهنجي هڪ پاڙي واري محترم محمد حسن اوٺو صاحب جي دعوت تي آيا. اتي فقيرن جي محبت ڏسي آءُ ڏاڍو متاثر ٿيس. اُهي فقير ڀاڪر پائي ملي رهيا هئا. اهڙو سڪون مليو ۽ باطني ڪشش ٿي جو مون کي عمر ڀر ڪڏهن به اهڙي محسوس نه ٿي هئي. پوءِ حضرت سهڻا سائين رحمت الله عليه سان بيعت ڪري سلسلي نقشبنديه ۾ داخل ٿيس اهو سنه 1975ع هيو.

پِير سان پيار : خليفي صاحب کي پنهنجي مرشد سان تمام گهڻي محبت هوندي هئي ۽ سندن گهڻو ادب ڪندا هيا. حضرت سهڻا سائين به اڪثر فرمائيندا هيا ته ٻين کي اسان چڪيو آهي پر مقصود الاهي اسان کي پاڻ ڏانهن ڪيو آهي. پاڻ شيخ ڪامل جي محبت ۾ ايترو ته فنا ٿي ويا هيا جو پنهنجي سوچن ۽ خواهشن کي مرشد جي تابع ڪري ڇڏيائون. عمر جي آخري حصي ۾ سهڻا سائين کي ڪافي عوارضات ٿي پيا ان وقت پنهنجي مرشد جي خدمت ۾ ويهندي ويهندي کين گوڏن ۾ شديد تڪليف ٿي پئي. جڏهن سهڻا سائين پنهنجي علاج لاءِ ڪراچي وڃي رهيا هيا ته خليفي مقصودالاهي صاحب کي گاڏي ۾ ويهڻ لاءِ فرمايائون. سهڻا سائين لاءِ سيٽ تي مصلو وڇايل هيو، ان مصلي جو هڪ پاسو ٻري ڪري پاڻ گاڏي ۾ ويٺا. کين وري فرمايائون ته توهان گاڏي تان لهو. پاڻ لهڻ وقت مصلي جي وريل پاسي کي سڌو ڪري ڇڏيائون. وري ٻيهر کين ويهڻ لاءِ فرمايائون ته وري به پاڻ ڦيريائين مصلي جو پاسي ٻري ڪري پوءِ ويٺا. پوءِ سهڻا سائين کين ڏسي مشڪيا. پوءِ گاڏي ڪراچي اچي اسپتال پهتي.

خليفہ مقصود الاهي صاحب اسپتال جي ڊاڪٽرن کي جمع ڪري فرمايو تہ توهان وٽ حسد، بغض، ڪينو، ريا ۽ تڪبر جي علاج لاءِ ڪا Tabletآهي؟ تنهن تي سڀني ڊاڪٽرن حيرت منجهان نهڪر ڪئي. فرمايائون اڄ توهان وٽ اهڙو طبيب آيل آهي جيڪو توهان جي دلين جو علاج ڪرڻ چاهي ٿو. جڏهن سڀني ڊاڪٽرن کي حضرت سهڻا سائين رحمت الله عليہ جي خدمت ۾ آندو ويو ۽ ذڪر ڏيڻ لاءِ عرض ڪيو ويو تہ پاڻ فرمايائون "مقصود الاهي! اڄ ذڪر جي اجازت توهان ڏيو." ان تي پاڻ روئڻ لڳا. روئندي عرض ڪيائون تہ سائين انهن جي دلين تي اوهان پنهنجي آڱر مبارڪ رکو باقي طريقو هيءُ عاجز سمجهائيندو. پوءِ سهڻا سائين ڊاڪٽرن کي قلب تي آڱر رکي ذڪر جي اجازت ڏيڻ فرمائي. واپسي ۾ سَيوَن ڏي ڪراچي جي قريب سهڻا سائين ڊرائيور کي گاڏي بيهڻ لاءِ فرمايو تہ مون کي خليفي مقصود الاهي لاءِ دعا ڪرڻي آهي. پوءِ پاڻ خليفہ مقصود صاحب لاءِ دعا ڪندا رهيا.

خلافت ۽ استقامت: سندن محبت ۽ محنت جو جذبو ڏسي سهڻا سائين کين 1983 ع ۾ خلافت ڏئي ڪراچي ڏانهن موڪليو. موسيٰ ڳوٺ ناظم آباد ڪراچي ۾ هڪ اهڙي دڪان نما ڪمري ۾ رهندا هيا جنهن کي ڏسي حيرت ٿي ٿئي تہ اهڙي جڳهہ ۾ رهڻ ڪيترو نہ دشوار آهي! ڪاليج ڪان پوءِ ذڪر جي محفلن ۾ ويندا هيا. رات جو اٽيي ماني لوڻ جي پاڻي ۾ ٻوڙي، کائيندا هيا. ڪڏهن ڪڏهن رات جو دير سان واپسي سبب سواري نہ ملڻ ڪري کين پنڌ بہ ڪرڻو پوندو هيو.

مرشد جي مِهر: پاڻ فرمايائون تہ هڪ ڀيرو دفعو ائين بہ ٿيو آهي جو ذڪر و اذڪار جي محفلن ۽ تبليغي حلقن ۾ شرڪت جي سبب مسلسل ٻہ ڏينهن ۽ ٽي راتيون مانيءَ جو هڪ گرهہ بہ نہ کاڌم. ٽين رات جڏهن رات جو 12 بجي گهر واپس ٿيس تہ بک جي ڪري پيٽ ۾ سور ٿيڻ لڳو. ڪافي دير تائين پاسا ورائيندو رهيس آخر ٿوري دير لاءِ ننڊ اچي وئي. خواب ۾ حضرت سهڻا سائين جي زيارت نصيب ٿي. فرمايائون اسان توهان کي خالي پيٽ سمهڻ نہ ڏيندا سين. پوءِ اوڦراٽو، سنو گيهہ ۽ ماکيءَ سان ٻريل ٽانوءُ ڏنائون. کاڌم رڄ ڪيم. ننڊ مان اٿيس تہ بک بلڪل ڪانہ هئي.

ڪرامتون: ناگن چورنگي اقبال پلازه جي رهائشي جناب محمد ذيشان جي والد بيان ڪيو تہ اسان جي هڪ ويجهي مائٽ جو ڇوڪرو گهر کان ڀڄي ويو. ڪافي تلاش ڪيوسين پر ملي نہ سگهيو. سڀ گهروارا پريشان هئا. پوءِ اهو مسئلو حضرت خليفہ صاحب کي عرض ڪيوسين. پاڻ هڪ وظيفو ڏنائون ۽ فرمايائون تہ 24 ڪلاڪن جي اندر ڇوڪرو گهر واپس اچي ويندو. پوءِ ٿيو بہ ائين جو ڇوڪرو واپس اچي ويو. جڏهن ان ڇوڪري کان پڇيو ويو تہ هو ڪٿي هو. چيائين آءٌ ڪراچي کان اسلام آباد آيس. فيصل مسجد ۾ ويٺو هيس تہ هڪ بزرگ منهنجي پرسان آيو ۽ فرمايائين "تون هي ڇا پيو ڪرين، فوراً پنهنجي گهر واپس وڃ." ان جو رعب وارو آواز ٻڌي مون کي هيبت ٿي پوءِ ڏڄندي عرض ڪيم تہ سائين مون کي واپسي جو ڪِرايو نہ آهي. فرمايائين تہ تون گاڏي ۾ ويهي رهہ تو کان ڪو بہ ڪِرايو نہ وٺندو. پوءِ مان گاڏي ۾ ويٺس ڪرائي جي باري ۾ ڪنهن بہ مون کان ڪونہ پڇيو ۽ آسانيءَ سان گهر اچي ويس.

چيلهہ جي سور جو علاج: محمد يٰسن خيرپور واري بيان ڪيو تہ مونکي چيلهہ ۾ تمام گهڻي تڪليف هئي. ايتري حد تائين جو بيت الخلاء ۾ وڃڻ لاءِ ڪنهن جو سهارو وٺڻو پوندو هيو. پوءِ گهروارن مون کي سول اسپتال ڪراچي ۾ داخل ڪرايو. ڊاڪٽرن آپريشن جي تاريخ مقرر ڪري ڇڏي. آپريشن کان هڪ رات اڳ مون خواب ۾ ڏٺو تہ حضرت مقصود الاهي ڪجهہ فقيرن سان گڏ اسپتال آيا آهن. مون کان پڇيائون تہ پٽ! تو کي ڇا ٿيو آهي؟ ۽ پنهنجو هٿ مبارڪ منهنجي چيلهہ تي رکيائون ۽ فرمايائون تہ هاڻي تون بلڪل ٺيڪ ٿي ويو آهين. جڏهن ننڊ مان بيدار ٿيس تہ ڪابہ تڪليف محسوس نہ ٿي ۽ پاڻ خود اٿي بيٺس چيلهہ جي تڪليف ختم ٿي چڪي هئي. ڏاڍي خوشي ٿي. ڊاڪٽرن منهنجو معائنو ڪري عبرت ۾ اچي ويا تہ تون خودبخود ڪيئن ٺيڪ ٿي وئين!

عمرو حج: پاڻ عمري جي سعادت فيبروري 1993ع ۾ ۽ حج بيت الله 1994ع ۾ حاصل ڪيائون. 2004ع جي رمضان المبارڪ جي مقدس مهيني ۾ پڻ عمرو ادا ڪيائون.

دين جو درد: ٿر جو ريگستان هجي يا پنجاب جي سخت گرمي وارو علائقو، پاڻ پاڪستان جي ننڍن وڏن علائقن ۾ وڏيون تڪليفون ڪاٽي دين جو پيغام پهچايائي رهيا آهن.

"**المرڪز مقصود العلوم ڪراچي**": ڪراچي ۾ هي سندن روحاني مرڪز آهي. جتي مردن لاءِ هر جمعي ۽ آچر تي ۽ عورتن لاءِ اڱاري ڏينهن ذڪر جي محفل جو انتظام ۾ ڪيو ويندو آهي جنهن ۾ پاڻ بغير ناغي جي شرڪت ڪندا آهن. پاڻ فرمائيندا آهن ته:

میری زندگی کا مقصد ترے دین کی سرفرازی

میں اس لئے مسلماں، میں اس لئے نمازی

هن وقت به پاڻ سرڪاري ملازمت ڪري حلال روزگار ڪري پنهنجي گهر وارن جي ضرورتن جو پورائون ڪندا آهن ۽ جماعت جي في سبيل الله خدمت ڪندا آهن. هر سال گرمين ۽ سردين جي موڪلن ۾ نه صرف پاڪستان اندر بلڪ ٻاهرئين ملڪن جيئن هندستان، ڏکڻ آفريڪا، موزمبيق، ملاوي، سوازي لينڊ، بوستوانه، لوسوتو، دبئي، شارجه، افغانستان، سعودي عرب، ڪيپ ٽائون، جوهانسبرگ، پوچسٽ روم ۾ به تبليغ لاءِ ويندا آهن. انهن ملڪن ۾ هر هفتي ذڪر جون محفلون منعقد ڪيون وينديون آهن. ان ڪان علاوه سندن مريدين و متعلقين انگلينڊ، آمريڪا، ڪيناڊا ۽ جرمني ۾ به رهائش پذير آهن جيڪي دين جي خدمت ڪري رهيا آهن.

اسلامي روحاني مشن پاڪستان (**رجسٽرڊ**):

پاڻ هر خاص و عام کي هڪ ئي پليٽ فارم تي گڏ ڪرڻ خاطر اسلامي روحاني مشن پاڪستان جو قيام 1997ع ۾ آندائون. هتي جسماني و روحاني مرضن کان سواءِ اسلامي و روحاني تعليم کان آگاهي ڏني ٿي. هن تنظيم جا ڪجهه مقصد هي آهن:

- اهڙن مدرسن جو قيام جتي شاگردن ۽ شاگرديائين کي ديني ۽ عصري تعليم ملي.
- جديد Communication ذريعي عوام الناس کي اسلامي فڪر کان آگاهي فراهم ڪرڻ.
- مسلمانن توڙي غير مسلمانن تائين دين جو پيغام پهچائڻ.
- ماڻهن جي ڏکن تڪليفن ۾ جيترو ٿي سگهي مدد ڪرڻ.
- بي روزگاري، معاشرتي بدحالي جي خاتمي لاءِ عملي ڪوشش ڪرڻ.

هن وقت تائين پاڪستان ۽ ٻاهرئين ملڪن ۾ ڪيترائي مرڪز ۽ مدرسا اسلامي روحاني مشن جي زير اهتمام قائم ٿي چڪا آهن.

سندن تبليغي مساعي جو مرڪز ”المرڪز مقصود العلوم“ لياقت آباد ڪراچي نمبر 4 ۾ آهي. هينئر تائين ڪراچي ۾ چار مرڪز ۽ پنج المقصود اسلامڪ اسڪولز قائم ٿي چڪا آهن جتي ٻارن کي حفظ قرآن سان گڏو گڏ ديني و عصري علمن کان آراسته ڪيو پيو وڃي. ان کان علاوه رامپوره بهاولنگر ۾ هڪ اسڪول ۽ اسلام آباد ۾ عورتن لاءِ ٽي ساله عالمه ڪورس شروع ڪيو ويو آهي. پاڪستان کان علاوه آفريڪا ۾ مسجد و مدرسه مقصود العلوم نالي آهي. ٻين ملڪن ۾ پڻ ديني ادارن کولڻ لاءِ به غور ڪيو پيو وڃي.

مڪتوباتِ مقصوديه : ايتري مصروفيات هوندي به پنهنجي معتقدين ۽ متعلقين ڏانهن تبليغي خط لکندا رهندا آهن. انهن مان ڪجهه پيش آهن:

مڪتوب :

انتہائی پیارے بیٹے و علیکم السلام ورحمۃ اللہ وبرکاتہ

سب تعریفیں اللہ رب العزت کی لئے جس کی معرفت پانا تخلیق کا مقصد ہے اور بے شمار درود وسلام نبی کریم ﷺ پر جن کو اللہ رب کریم نے ادب سکھایا اور کیا ہی اچھا ادب سکھایا۔ اللہ تعالیٰ ہم سب کو باطنی وظاہری ادب کی لازوال دولت عطا فرمائے۔ پیارے بیٹے! عبادت سے جنت ملتی ہے اور ادب سے رب ملتا ہے۔ جو جنت کا بھی مالک ہے۔ ادب نام ہے تابعداری کا۔ ہر اللہ کے نبی نے اور رب کے ولی نے ادب کرنا سکھایا اور بندہ ادب کرکے رب کے قرب سے مالا مال ہوگیا۔

پیارے بیٹے! ذکر ومراقبہ کی کثرت کریں کہ نفس وشیطان کو زیر کرنے کا صرف یہی ایک راستہ ہے۔ رب العزت آپ کو امان میں رکھے اور دین ودنیا میں کامیابی عطا فرمائے۔ آخر میں عاجز کا پیار بھرا سلام قبول ہو۔ پروفیسر محمد مقصود الٰہی

مڪتوب :

انتہائی پیارے بیٹے و علیکم السلام ورحمۃ اللہ وبرکاتہ

سب تعریفیں اللہ رب العزت کی لئے اور بیشمار درود و سلام حضور نبی کریم ﷺ پر جن محبت کا تمام محبتوں پر غالب ہونا ایمان کی شرط ہے۔ پیارے بیٹے دین اسلام بے حیائی کی دعوت نہیں دیتا یہ محبت نہیں بلکہ سراسر بے حیائی ہے۔ نہ اپنے آپ کو برباد کرو نہ کسی دوسرے کا گھر برباد کرو۔

وہ عورت تمہارے بعد دوسرے بندے سے عشق کرے گی۔ اس وقت تم موت مانگو گے یا تمہیں کسی سے وہ مروادے گی اور کفر کی موت مر کر دنیاو آخرت برباد کر بیٹھو گے جس طرح تمہاری ماں، خالہ، پھوپھی اور بہن ہوگی تم نہیں چاہتے کہ ان سے کوئی اور عشق کرے اسی طرح تم کسی کا گھر برباد نہ کرو۔ دل کی پاکی، ایمان کی محبت اللہ کے ذکر سے ملتی ہے۔ عاجز آپ کو دل کے ذکر کی اجازت دیتا ہے اور طریقہ ارسال کر رہا ہے، عمل کریں اور رب کی محبت کو حاصل کریں۔ آخر میں عاجز کا پیار بھرا اسلام قبول ہو۔

پروفیسر محمد مقصود الٰہی

مکتوب :

انتہائی پیارے بیٹے وعلیکم السلام ورحمۃ اللہ وبرکاتہ

سب تعریفیں اللہ رب العزت کی لئے اور بیشمار درود و سلام حضور نبی کریم ﷺ پر رب کریم آپ پر اپنا فضل فرمائے۔ پیارے بیٹے اللہ کے ذاکر کے سامنے سب شیطانی قوتیں ایک ٹھوکر کی مار ہوتی ہے۔ ذکر و مراقبہ خوب کریں انشاء اللہ فتح آپ کی ہوگی۔ فکر بالکل نہ کریں حق کو کوئی شکست نہیں دے سکتا۔ پیارے بیٹے محنت کر کے پڑھیں مایوس ہر گز نہ ہوں۔ دو ہفتے کالے تل (٦ ماشہ) شہد ایک تولہ ملا کر چاٹیں اس سے انشاء اللہ ذہن ٹھیک ہو جائیگا۔ اس کے علاوہ عاجز آپ کی خالہ جان اور دیگر گھر والوں کو ذکر کی اجازت دیتا ہے اور طریقہ ارسال کر رہا ہوں عمل کریں اور رب کی رحمتوں کو پائیں۔

پروفیسر محمد مقصود الٰہی

مکتوب :

انتہائی پیارے بیٹے وعلیکم السلام ورحمۃ اللہ وبرکاتہ

سب تعریفیں اللہ رب العزت کی لئے اور بیشمار درود و سلام حضور نبی کریم ﷺ پر جن کے اخلاق سب سے زیادہ عظیم ہیں۔ رب کریم ہمیں اپنا کردار سنوارنے کی توفیق عطا فرمائے۔ پیارے بیٹے حدیث شریف میں ہے کہ رسول اللہ ﷺ نے فرمایا جو شخص نرمی سے محروم کر دیا گیا وہ ہر خیر سے محروم کر دیا گیا۔ (صحیح مسلم : کتاب البر والصلۃ والادب : باب فضل الرفق)

ایک روایت میں ہے کہ اللہ تعالیٰ اس پر رحم نہیں فرمائے گا جو لوگوں پر رحم نہیں کرتا۔

(مشکواۃ المصابیح : کتاب الاداب : باب الشفقۃ والرحمۃ علی الخلق)

ذکر و مراقبہ کی کثرت کریں اس سے دل نرم اور مطمئن ہوگا۔ رب کریم آپ کو اپنی رحمتوں سے نوازے آخر میں عاجز کا پیار بھرا سلام قبول ہو۔ پروفیسر محمد مقصود الٰہی

مکتوب:

انتہائی پیارے بیٹے و علیکم السلام ورحمۃ اللہ وبرکاتہ

سب تعریفیں اللہ رب العزت کی لئے اور بیشمار درود و سلام حضور نبی کریم ﷺ پر جن کی محبت ذریعہ نجات ہے۔ رب کریم آپ کو ذکر کرنے اور حضور کریم ﷺ کی کامل اتباع و اطاعت کی توفیق عطا فرمائے۔ پیارے بیٹے آپ کی والدہ کی خدمت میں عرض ہے کہ اللہ تعالیٰ کے عذاب سے بچنے کا ذریعہ اللہ کا ذکر ہے۔ حدیث شریف میں آتا ہے کہ رسول اللہ ﷺ نے ارشاد فرمایا۔

مَا عَمِلَ آدَمِيٌّ عَمَلاً أَنْجَى لَهُ مِنْ عَذَابِ اللهِ مِنْ ذِكْرِ اللهِ

(مشكواة المصابيح: كتاب الدعوات: رقم الحديث :2176)

یعنی بندہ کوئی عمل ایسا نہیں کرتا جو اسے عذاب الٰہی سے نجات دینے والا ہو سوائے ذکر اللہ کے۔

آپ ذکر و مراقبہ کی کثرت کریں، انشاء اللہ رب کریم اپنی رحمت سے اپنے عذاب سے پناہ عطا فرمائے گا۔ آخر میں پیارے بیٹے کو عاجز کا پیار بھرا سلام قبول ہو۔ پروفیسر محمد مقصود الٰہی

مکتوب:

انتہائی پیارے بیٹے و علیکم السلام ورحمۃ اللہ وبرکاتہ

سب تعریفیں اللہ رب العزت کی لئے اور بیشمار درود و سلام حضور نبی کریم ﷺ پر رب کریم آپ کو اپنی امان عطا فرمائے۔ پیارے بیٹے نفس و شیطان کی جنگ آخری سانس تک جاری رہے گی۔ اللہ کے ذکر کی ضربوں سے اسے بے زور بنائیں اور شریعت پاک کے اتباع کر کے اپنے آپ کو محفوظ بنائیں۔ حضور سہنا سائیں رحمتہ اللہ علیہ فرماتے تھے:

شیطان سے ہے کشتی عمر بھر کی، کبھی تُو دبالے کبھی وہ دبالے

رب کریم آپ کو دن و دنیا کے امتحانات میں کامیابیاں عطا فرمائے۔ آخر میں عاجز کا پیار بھرا سلام قبول ہو۔ پروفیسر محمد مقصود الٰہی

ستون خليفو:

حضرت خليفه
ڊاڪٽر عبداللطيف چنه

ولادت با سعادت: پاڻ 17 اپريل 1933ع ۾ پنهنجي اباڻي ڳوٺ خليفه محمد صالح ۾ تولد ٿيا.

تعليم: ابتدائي تعليم ڳوٺ بهرام مگڻ ۾ حاصل ڪيائون ۽ انگريزي تعليم اي پي ڪلاس تنيه (بقادار شاهه) ۾ پڙهيا. اپريل 1949ع ۾ ڊي سي هاءِ اسڪول نوابشاهه مان پري ميٽرڪ ۽ فرسٽ ايئر سائنس ۾ داخلا ورتائون. نومبر 1952ع ۾ پاڻ ڪاليج ڇڏي، ڊاڪٽريءَ جي شارٽ ڪورس ۾ داخلا ورتائون.

ننڍپڻ: ننڍي هوندي کان ئي سندن طبيعت نرالي هوندي ئي. پاڻ سلڇڻا، نيڪ ڪردار سليم طبيعت جا مالڪ هيا. اجائي راند روند ۽ شرير ٻارن جي صحبت کان ڪناره ڪش رهندا هيا. ننڍي هوندي کان ئي سندس طبيعت ۾ همدردي، خوش اخلاقي جا اعليٰ گڻ سمايل هيا.

جناب مولانا غلام قادر ميمڻ صاحب (مورو) جي تحرير مطابق:

”جناب ڊاڪٽر عبداللطيف صاحب منهنجو محسن، مهربان دوست ۽ نهايت قربدار ڪلاسي پڻ هيو. ڊاڪٽر صاحب سان منهنجي واقفيت ان وقت ٿي جڏهن اپريل 1949ع ۾ مڊل اسڪول مورو مان پنجون درجو انگريزي پاس ڪري، مان پري ميٽرڪ پڙهڻ لاءِ ڊي سي هاءِ اسڪول نواب شاهه ۾ داخل ٿيس ته ڊاڪٽر صاحب ۽ سندس سوٽ علي محمد چنه به ساڳئي ڪلاس ۾ زير تعليم هيا. ٻه سال نواب شاهه ۾ ۽ ان بعد 1951ع ۾ ميٽرڪ پاس ڪري گورنمينٽ ڦليلي ڪاليج حيدرآباد ۾ به فرسٽ ايئر سائنس ۾ داخلا وٺي ڪاليج جي پراڻي هاسٽل ۾ گڏ رهياسين. محترم ڊاڪٽر صاحب نهايت ئي ڪل مک خوش طبع ۽ خوش خلق انسان هيو.

زندگيءَ ۾ انقلاب: هڪ مهينو موڪل گذارڻ کان پوءِ جڏهن واپس ڪاليج آيا تہ سندن چهرو روشن هيو، جنهن تي ڏاڙهيءَ جا آثار نمايان هيا. نماز، سنت ۽ شريعت جي پابندي ڏسي سيني شاگردن کي حيرت لڳي. ڪائنن ان تبديلي جي حقيقت پڇي وئي تہ ٻڌايائين تہ هي سڀ ڪرم نوازي منهنجي پير مٺا رحمت الله عليہ جي آهي جنهن مون جهڙي غافل انسان کي بي راه روي کان بچائي شريعت سان هم ڪنار ڪيو آهي.

ملازمت: ڊاڪٽر صاحب ميڊيڪل جو ڪورس ڪراچي ۽ بهاولپور ۾ مڪمل ڪرڻ کان پوءِ سرڪاري نوڪري ڪئي. نوڪري وارو دؤر اڪثر ڪري ٺاٽي بولا خان ۾ گذرين. نوڪري سان گڏ دين جي تبليغ بہ ڪندا رهيا. سندن ڪوشش سان ڪافي ماڻهو نيڪ صالح بنجي ويا جن ۾ مولوي محمد قاسم جو نالو بہ شمار اچي ٿو. مولوي صاحب کي خلافت بہ عطا ڪئي وئي ۽ اڄ تائين سجڻ سائين جن جي خدمت ۾ ايندو رهندو آهي.

فيملي ڊاڪٽر: ٻين نعمتن سان گڏو گڏ کين اها بہ سعادت ملي تہ پاڻ پير مٺا سائين ۽ سهڻا سائين جا فيملي ڊاڪٽر هيا. جڏهن بہ حويلي ۾ ڪنهن فرد کي ڪو عارضو لاحق ٿيندو هيو تہ کين فون ڪري گهرايو ويندو هيو ۽ پاڻ بغير دير جي مرشد ڪريم جي حڪم جي تعميل ڪندي فوراً پهچي ويندا هيا. تيستائين درگاهہ شريف کان نہ ويندا هيا جيستائين کين اجازت ڏني وڃي. پير مٺا جي آخري ڏينهن ۾ ڊاڪٽر صاحب کي هر وقت خدمت جو ڀرپور موقعو مليو. پنهنجي مرشد ۽ سندن ٻچڙن جي دل و جان سان خدمتون سرانجام ڏنائون.

محبت جن جي من ۾: جڏهن پير مٺا سائين جي طبيعت تمام گهڻي ناساز ٿي وئي تہ لاڙڪاڻي جي وڏن ڊاڪٽرن کي گهرايو ويو. جڏهن هر طرح جوي ڪوشش جي باوجود بہ ڪو افاقو نظر نہ پئي آيو تہ ڊاڪٽر عبداللطيف صاحب روئڻ لڳا. اسپتال جي ڊاڪٽرن کين سمجهايو تہ توهان خود ڊاڪٽر آهيو ڪجهہ حوصلو ڪيو. پر ڊاڪٽرن کي ڪهڙي خبر تہ پاڻ پنهنجي روحاني رهبر جا عاشق هيا. محبت جا ماريا پنهنجي محبوب کي تڪليف ۾ ڏسي ڪيئن حوصلو سنڀالي سگهندا! محبت تہ ڪيترن ئي دانشمندن کي مستانو بنائي ڇڏيو.

ان وقت حڪيم الله بخش صاحب ڪوٽ لالو واري چيو تہ ”ڊاڪٽر صاحب ڪيئن نہ روئي جو هنن الله وارن جي زندگي سان جهان جي زندگي آهي. هنن جي وجودِ مسعود سان جهان جي وجود برقرار آهي.“

عظيم تحفو: ڊاڪٽر صاحب جي محبت،عقيدت ۽ صداقت ڪي ڏسندي پير مٺا ڪين پنهنجو لباس تحفي ۾ عطا ڪيو.

سهڻا سائين جي خدمت ۾: پاڻ حضرت سهڻا سائين سان بہ تمام گهڻي محبت ڪندا هيا. سندن هر غم پنهنجو غم سمجهندا هيا. جڏهن سهڻا سائين علاج لاءِ ڄامشورو ۽ سول اسپتال ڪراچي ۾ ٽي مهينا علاج ڪرائيندا رهيا تہ ان سموري عرصي ۾ ڊاڪٽر صاحب پنهنجي اسپتال ڪي ڇڏي سندن خدمت ۾ هر وقت حاضر هوندا هيا.

خدمت جو صلو: پاڻ فرمايائون تہ حضرت سهڻا سائين جي خدمت ۾ ٽن مهينن جي دوران مون پنهنجي اسپتال جي پرواهہ نہ ڪئي حالانڪہ منهنجي روزانہ اسپتال جي آمدني 400 روپيہ هئي. (اهو غالباً 74_1973ع جو زمان هيو. ان سستائي واري دؤر ۾ 400 روپين جي ڪيڏي حيثيت هوندي!) پوءِ جڏهن اسپتال مان فراغت ملي تہ اچي پنهنجي اسپتال تي ڪم شروع ڪيم. مرشد جي مهابي ايڏو ڪرم ۽ برڪت ٿي جو پهرئين ڪان بہ ٻيڻي آمدني ملڻ لڳي.

شجاع آباد جو سفر: 1978ع ۾ جڏهن سهڻا سائين اکين جي آپريشن لاءِ شجاع آباد ويا تہ ڊاڪٽر صاحب بہ سندن خدمت ۾ سمورو وقت گذاريو. حڪيم صاحب 15 ڏينهن تائين سجدي ۽ رڪوع ڪرڻ ڪان پرهيز ۽ اشارن سان نماز ادا ڪرڻ جو تاڪيد ڪيو هيو.

پاڻ جڏهن شجاع آباد ڪان واپس اچي رهيا هيا تہ اهو جمعي جو ڏينهن هيو. جڏهن خانپور اسٽيشن تي پهتا تہ فرض نماز با جماعت اسٽيشن تي ادا ڪئي وئي. سهڻا سائين ان نماز ۾ رڪوع ۽ سجدا ڪندا رهيا. نماز ڪان پوءِ ڊاڪٽر عبداللطيف صاحب ڪين ان باري ۾ عرض ڪيو. پاڻ فرمايائون تہ ”اسان وڏ ۾ وڏ احتياط ڪندا آهيون پر جڏهن اسان الله اڪبر چئي نماز ۾ مشغول ٿيا سين تہ اسان ڪي پوري نماز ۾ آپريشن جي يادگيري ئي نہ رهي.“

اندازِ محبت: درگاهہ الله آباد جي قيام کان اڳ حضرت سهڻا سائين کنڊيارو ۾ ڊاڪٽر صاحب وٽ رهندا هيا. هڪ دفعي تمام گهڻي گرمي هئي مولوي فتح محمد سندن زيارت لاءِ آيا. پاڻ ۾ ڪمري ۾ اڪيلا هيا. فرمايائون ”فتح محمد! گرمي سخت آهي، شيشي ۾ مينگو اسڪواش آهي ۽ ٿرماس ۾ برف بہ موجود آهي. اوهان شربت ڪري پيو. فرمايائون تہ ڳالهہ هي آهي تہ مهمان کي حق ڪونهي جو ميزبان جي اجازت کان سواءِ ڪا بہ شيءِ پئي ڪنهن کي ڏئي. پر ڊاڪٽر صاحب جيڪا بہ شيءِ اسان لاءِ آڻيندو آهي تہ اسان جي حوالي ڪري ڇڏيندو آهي. ان ۾ اسان کي تصرف ڪرڻ جو پورو حق هوندو آهي. اوهان ڪو بہ خيال نہ ڪيو. ڊاڪٽر صاحب جي شيءِ پنهنجي شيءِ آهي.“

حج جو ساٿي: فيبروري 1969ع ۾ حضرت سهڻا سائين سان گڏ حج ادا ڪيائون.

درگاهہ اللّٰہ آباد شريف جو بنياد: جڏهن درگاهہ الله آباد شريف ٺهي تہ مسجد جي تعمير، حويلي ۽ مدرسي وغيره جي ڪم ۾ پاڻ اڳيان اڳيان هوندا هيا.

خلافت ۽ تبليغ: حضرت سهڻا سائين سندن محبت، صداقت ۽ محنت کي ڏسندي 1970_71ع ۾ کين خلافت عطا ڪئي. خلافت ملڻ کان پوءِ پاڻ کنڊياري جي آسپاس علائقن ۾ دين جو پيغام پهچايائون. سندن ڪوشش ۽ نيڪ اخلاق سبب ڪافي ماڻهو ديندار بنجي ويا.

سيرت: پاڻ ڏاڍا نيڪ ۽ صالح هيا. نہ صرف پنهنجن پر پراون ۽ غير مسلمن ۾ بہ هردلعزيز هوندا هيا. سندن طبيعت ۾ خود داري جو عنصر گهڻو هوندو هيو. ڪڏهن بہ ڪنهن کي پنهنجي ذات مان تڪليف نہ پهچايائون. حضرت سجڻ سائين سندن سيرت جي واڪاڻ ڪندي فرمايو تہ: هڪ دفعي ڊاڪٽر صاحب ساڻن ڪراچي کان درگاهہ شريف وڃڻ لاءِ روانا ٿيا. حيدرآباد جي عمرالاسلام مسجد ۾ رات گذاريائون. حالانڪہ حيدرآباد ۾ ڊاڪٽر صاحب جي رشتيدارن جو بنگلو بہ هيو پر پاڻ رات جي وقت انهن کي تڪليف ڏيڻ نہ پئي چاهيائون. جيڪا ماني ڪراچي مان ڪٽي ساڻ ڪري آيا، اها ماني رات جو ڪائي بنا بستري جي رات گذارڻ پسند ڪيائون پر ڪنهن کي تڪليف نہ ڏنائون.

وصال: حضرت سهڻا سائين درگاهه طاهر آباد ۾ هيا. ڊاڪٽر صاحب جي وصال کان ڪجهه وقت اڳ سهڻا سائين اچانڪ فرمايو تہ سواري هجي تہ ڊاڪٽر صاحب کان پڇڻ هلون. ان وقت نوابشاهہ جا ڪجهه ماڻهو موجود هيا جن پنهنجي ويگن حاضري ڪئي. پاڻ ان تي سوار ٿي اسپتال پهتا.

اَچي سارَ لَهيج، ساجَنَ سُورَ تُماري آءٌ ماري!
سُورَ تُماري جي مَران، تان مُون ڏوهُ مَ ڏيج؛
ڏيَنِ پَري هَتڙا، دارُون، دوست! ڪَريج.

ڊاڪٽر صاحب کي جڏهن حضرت سهڻا سائين جي آمد جو ٻڌايو ويو تہ پاڻ پنهنجا نماڻا نيڻ کولي، پنهنجي محبوب مرشد جي نوراني چهري ڏانهن ڏٺائون. پوءِ پنهنجي ڏڪندڙ هٿڙن سان ٻانهون ٻڌندي معافي گهريائون. پنهنجي مرشد جا هٿ چمي، اکين تي رکي، الله الله ڪيائون ۽ سندن جسم مان روح پرواز ڪري ويو. اهو 28 رمضان المبارڪ 1398هہ مطابق 03 ڊسمبر 1968ع آچر جو ڏينهن هيو ۽ صبح ڏهين بجي جو وقت هيو. انا لله وانا اليہ راجعون. سندس وصال تي حضرت سهڻا سائين فرمايو تہ:

”اڄ هڪ الله جو ولي اسان کان جدا ٿي ويو آهي.“

سهڻا سائين رحمت الله عليہ فرمايو:

❊ ڪنڊياري ۾ اسان کي ڊاڪٽر صاحب آندو هيو. هن عاجز تي حاجي صاحب جا ٿورا ڳڻڻ کان ٻاهر آهن.

❊ هي عاجز جڏهن بہ بيمار ٿيندو هيو تہ حاجي صاحب هميشہ ساڻ هوندو هيو.

❊ اها وفاداري ۽ محبت هئي جنهن ايترو وقت، ڏکن ۾ بہ ڪيس گڏ رهڻ لاءِ مجبور ڪيو.

❊ هڪ دفعي سفر دوران حضرت سهڻا سائين سندن اباڻي ڳوٺ ويا. پهچڻ سان ڊاڪٽر صاحب جي مزار شريف ويا. ڪين گهڻو گريو ٿيو. ڪافي دير تائين مزار شريف جي پير ۾ تشريف فرما رهيا. دعا گهري واپس ٿيا تہ ڪجهه فقيرن ڪجهه دير ترسڻ لاءِ عرض ڪيو پاڻ فرمايائون تہ اسان کي ڪنڊياري ۾ مرحوم جي محبت ۽ سڪ آندو هيو ۽ هت بہ مرحوم جي ڪري آيا آهيون. اهو چئي پاڻ درگاهہ الله آباد شريف روانا ٿي ويا.

<u>اڻون خليفو:</u>

حضرت خليفه
محمد بخش گبول

حضرت خليفه مولانا محمد بخش ولد مولانا مراد بخش گبول بخشي.

سندن ولادت: اندازاً 1920ع ضلع دادو جي کير ٿر جبل جي الهندي پاسي ٽکو باران تعلقه محال ڪوهستان (ٿاٽو بولا خان) ۾ ٿي. ڪين ٽي ڀائر هيا جيڪي پڻ پير مٺا سائين ۽ سهڻا سائين جا مريد هيا.

1. **فقير عرض محمد:** پاڻ بزرگ صفت انسان هيا. پاڻ درگاهه الله آباد شريف ۾ رهائش پذير هيا. 12 ربيع الاول 1413هه ۾ الله آباد شريف ۾ وصال ڪيائون.
2. **فقير پير بخش:** ڳوٺ صوبو ڏاهري، تعلقه مورو جا رهائشي هيا ۽ ان ئي ڳوٺ ۾ 4 ذوالقعد 1395هه ۾ سندن انتقال ٿيو.
3. **فقير قادر بخش:** جنهن جو انتقال 27 ربيع الاول 1416هه ۾ ٿيو. ملير ۾ سندن مزار شريف آهي.

علم لاءِ جاکوڙ:

سندن آبائي علائقو بجلي، واٽر سپلاءِ، اسپتال، اسڪول ۽ زندگيءَ جي ٻين بنيادي سهولتن کان محروم هيو. نه اتي اسڪول هيو ۽ نه ڪو ديني مدرسو هيو. اهو ئي سبب آهي جو پاڻ ننڍپڻ ۾ تعليم حاصل ڪري نه سگهيا. ليڪن ڪين ننڍي هوندي کان ئي علم جي جستجو هوندي هئي. فرمائيندا هيا ته مون پنهنجي هڪ مائٽ وٽ الف، بي پڙهيو جنهن کي خود الف، بي پڙهڻ کان وڌيڪ ڪجهه نه ايندو هيو. ان کان پوءِ ڪجهه لکڻ پڙهڻ هڪ استاد کان سکيا. سندن والدين ڪٽڪ جي لاباري لاءِ دولتپور پرسان رهيا هيا. اتي پرسان هڪ ڳوٺ ۾ وڃي قرآن شريف جي تعليم مڪمل ڪيائون. سياري جي صبح جو لابارو ڪندا هيا. منجهند ماٺهو آرام ڪندا هيا پر پاڻ قرآن سکڻ ويندا هيا.

ان استاد کان ڪجھ فقہ جا بہ مسئلا سکيائون. سخت غربت جو وقت هيو. لالٽين يا بتي گهر ۾ نہ هوندي هئي. پاڻ وافر مقدار ۾ ڪاٺيون جمع ڪري رکيائون. رات جو سندن گهرواري جيڪا انتهائي صالحہ عورت هئي اها ڪاٺيون ٻاريندي هئي ۽ پاڻ باهہ جي روشني تي سبق ياد ڪندا هيا. علم سان ڪين تمام گهڻو لڳاءُ هيو. ڪڏهن ڪڏهن ڪين سبق ياد نہ ايندو هيو تہ اڪين ۾ آب اچي ويندو هين. ٻيا شاگرد ننڍا هوندا هيا پر پاڻ ٻاريش هوندا هيا. ان ڪري ڪجھ ماڻهو ڪين ٽوڪيندا ۽ کلندا بہ هيا پر پاڻ بي پرواهہ ٿي علم حاصل ڪندا رهيا تانجو پاڻ ٻين کان پهرئين قرآن شريف پورو ڪيائون.

ڪين فقہ، تصوف ۽ تفسير قرآن سان دلچسپي هوندي هئي. ڪتاب الصلواة ۽ بهشتي زيور جا جڳڪ حافظ هيا. اهڙي طرح تصوف جي ڪتابن فيض الڪريم ۽ هدايت الانسان کي بہ پسند ڪندا هيا. جواني ۾ ڪين عربي پڙهڻ جو موقعو ملي نہ سگهيو تانجو جو جڏهن پاڻ الله آباد شريف آيا ۽ اتي گهر ۾ ئي ڪتاب ارشاد الصرف ۽ فقہ جا مشهور ڪتاب نورالايضاح ۽ ڪجھ حصو قدوري بہ پڙهيائون.

جفا ڪشي: حق حلال جو رزق ڪمائي پنهنجي ڪٽنب جي پالنا ڪندا هيا. تمام محنت ڪش انسان هوندا هيا. جوانيءَ ۾ ڪوڏر جي ڪم کي وڌيڪ ترجيح ڏيندا هيا ۽ 30 کان 40 ڪلوميٽرن جو پنڌ خوشيءَ سان ڪري ويندا هيا.

بيعت: جڏهن پاڻ ٻيجي جي علائقي ۾ رهندا هيا تہ سندن ننڍو ڀاءُ فقير قادر بخش ڪنهن ڪم لاءِ لاڙڪاڻي ويو. اتي ڪيس حضرت پير مٺا سائين جي زيارت نصيب ٿي. ڳوٺ اچي گهروارن کي ٻڌايائين. پوءِ پاڻ ۽ ڳوٺ جا ڪجھ ٻيا ماڻهو گڏجي درگاهہ رحمتپور شريف وڃي حضرت جن سان بيعت ڪري آيا. پاڻ پنهنجي پيرن، سهري سان گڏجي درگاهہ شريف تي ويندا رهندا هيا.

درس و تدريس: پاڻ محنت مزدوري سان گڏوگڏ ڪنهن ويجهي ڳوٺ ۾ مفت قرآن شريف پڙهائيندا هيا. ڪجھ عرصي لاءِ احماڻي ڳبولن جي مسجد شريف ۾ ناظره قرآن جا مدرس ۽ امام بہ ٿي رهيا.

عبادت گذاري: پاڻ روزي نماز جي پابندي کان علاوه تهجد جا به پابند هوندا هيا. تلاوت ۽ صلاة التسبيح، نفل ۽ ذڪر اذڪار سندن روزمره جو معمول هيو.

درگاهہ فقير پور شريف ۾ قيام: مولانا يار محمد هوتي پوٽو ۽ پاڻ پنهنجي گهر ڀاتين سميت1384هہ ۾ فقير پور پهتا. ڪافي عرصي تائين مسافر ٿي رهيا. بعد ۾ اوڏڪي ڀيتين جا گهر ٺاهي رهائش پذير ٿيا. پاڻ پنهنجي اولاد کي تعليم ڏيارڻ جو بندوبست ڪيائون. علم سان دلچسپي سبب پاڻ پنهنجي فرزندن مولانا محمد قاسم صاحب ۽ مولانا حبيب الرحمٰن صاحب کي ديني علم لاءِ وقف ڪيائون. مولانا حبيب الرحمٰن صاحب پرائمري تعليم کان پوءِ درس نظامي به فقيرپور ۾ حاصل ڪئي. حضرت سهڻا سائين مولانا محمد قاسم صاحب کي خليفہ مولانا فضل محمد بروهي جي خواهش تي پڙهائڻ لاءِ مدرسہ امانيہ ڳوٺ مولوي عبدالله مري لڳ ٿلهڏيون ضلع سانگهڙ موڪليائون. فارغ التحصيل ٿيڻ کان پوءِ سندن فرزند مولانا حبيب الرحمٰن گبول کي سهڻا سائين جامع عربيہ غفاريہ الله آباد شريف ۾ مدرس طور منتخب فرمايائون.

الله آباد شريف ۾ قيام: هن درگاهہ شريف جي قيام وقت حضرت سهڻا سائين جي امر موجب پاڻ، سندن ڀاءُ عرض محمد، مولانا يار محمد 15 شوال 1393 هہ تي هجرت ڪري درگاهہ الله آباد شريف ۾ اچي ساڪن ٿيا.

تبليغ: تڪو باران ۾ رهڻ دوران رات جو پنهنجي رشتيدارن مرد عورتن کي گڏ ڪري ڪين دين سيکاريندا هيا. ان کان علاوه درگاهہ دينپور شريف ۽ درگاهہ الله آباد شريف ۾ قيام دوران به پاڻ ڪيترن ئي شهرن، ڳوٺن ۾ تبليغ ڪندا هيا. ڪڏهن ڳوٺ ٻبجي تعلقہ مورو تہ ڪڏهن درگاهہ گاجي شاهہ تعلقہ جوهي، بدو، تونگ شريف، ڪيئجي ۾ وڃي دين جو پيغام پهچايائون. جابلو علائقن جو هي سفر هڪ مهيني کان ٽن مهينن تائين هوندو هيو. سواري جي عدم موجودگي جي ڪري ڪين پنڌ به ڪرڻو پوندو هيو. تبليغي مسافرين ۾ ڪافي تڪليفون به ڏسڻيون پونديون هيون. ڪڏهن ڪڏهن نوبت ان هنڌ تائين پهچندي هئي جو ڪين واپسي جو ڪرايو به نہ بچندو هيو پوءِ پنهنجي ڪنهن رشتيدار کان اوڌارا وٺي واپس ٿيندا هيا.

خلافت: سندن جفاڪشي، دين سان لڳاءُ ۽ تقويٰ جهڙيون خوبيون ڏسندي حضرت سهڻا سائين ڪين 29 سيپٽمبر 1981ع مطابق 29 ذي القعد 1401 هه تي خلافت سان نوازيو.

شادي ۽ اولاد: پاڻ هڪ شادي ڪيائون. ڪين ٻه فرزند ۽ ٻه نياڻيون ٿيون.

1. خليفه مولانا محمد قاسم 2. مولانا حبيب الرحمٰن

سندن ٻئي فرزند درگاهه الله آباد شريف ۾ سڪونت پذير آهن.

وصال: 2003ع ۾ ڪين فالج ٿيو. علاج ڪرڻ ڪانپوءِ ڪافي بهتر ٿي ويا. پر سندن زبان ۾ پهرئين واري روانگي نه هئي. جڏهن ٻيو دفعو فالج جو حملو ٿيو ته ان جو زبان سان گڏو گڏ دماغ تي به اثر پيو. گهمڻ ڦرڻ جي طاقت نه رهي. اڪثر الله الله، يار سول الله يا رسول الله، حق پير منا حق پير منا، حق سهڻا سائين، حق سجڻ سائين جو ورد زبان تي رهندو هيس. ڪاڏو پيتو گهٽ استعمال ڪرڻ لڳا. پر تڪليف جي باوجود به پاڻ صبر ۽ شڪر جو دامن نه ڇڏيائون. بالآخر پاڻ تقريباً 80 سالن جي عمر ۾ 23 ربيع الاول 1426هه اڱاري ڏينهن نماز فجر جي وقت وصال فرمايائون. انا لله وانا اليه راجعون.

نائون خليفو:

خليفه حضرت مولانا حبيب الرحمٰن گبول

عالِم باعمل، اديبِ فهيم، مقررِ ذهين، سرگرم مُبلغ دين ۽ سريع القلم مصنف حضرت مولانا حبيب الرحمٰن گبول ولد خليفه مولانا محمد بخش رحمة الله عليه.

پاڻ خليفه ابن خليفه آهن. مبلغ ابن مبلغ آهن. پيرِ طريقت حضرت خواجه محمد طاهر عرف "سجڻ سائين" مدظله العالي جا مخلص مريد، محرم راز ۽ خليفه مجاز آهن. سندن ولادت مورو تعلقي جي پِر ۾ هڪ ڳوٺ ۾ 2جنوري 1957ع تي ٿي.

سندن والدِ گرامي نهايت صالح متقي ۽ پرهيزگار انسان هئا. پاڻ اڪثر درسي ڪتاب جامعہ عربيہ غفاريہ فقير پور شريف ۾ استاد العلماءَ علامہ ڪريم بخش صاحب خليفہ مجاز حضرت پير مٺا، مولانا نثار احمد جهتيال ۽ شيخ الحديث الحاج رضا محمد انڙ وٽ پڙهيا. پاڻ مزيد علوم ۽ فنون جي حصول لاءِ ڪراچي، حيدرآباد، لاهور، بهاولپور، بنديال شريف وغيره جا دور دراز سفر ڪري علم جي نور سان پنهنجي قلب و باطن کي منور ڪيائون. پاڻ جامعہ رڪن الاسلام حيدر آباد ۾ اهلسنت جي مايہ ناز فلسفي عالم مناظر اسلام علامہ محمد اشرف سيالوي ۽ حضرت علامہ مولانا ڪريم بخش صاحب وٽ تفسير، حديث، فقہ، فلسفہ ۽ منطق جي تعليم حاصل ڪري 1973 ع ۾ مرشد ڪريم جي پاڪ هٿن ۽ استادن جي برڪتن ڀرين هٿن سان دستارِ فضيلت جو شرف حاصل ڪيائون.

پوءِ مرشدن جي امر سان دربار الله آباد شريف ۾ تدريس ۾ مشغول ٿيا. تصنيف جي ميدان ۾ بہ پاڻ ملهايو اٿن. سندن ڪتاب هدايت السالڪين، راهِ حقيقت، سيرت ولي ڪامل جيڪو حضرت پير سهڻا سائين ﷫ جي سيرت و سوانح جي موضوع تي لکيل جامع ڪتاب آهي جيڪو تقريباً ٻارهن سؤ صفحات تي مشتمل ٻن جلدن ۾ ڇپيل آهي. برڪات رمضان، ذڪر الرحمن (اردو) برڪات ذڪر (سنڌي) تحفہ حبيب (اردو) چاليهہ حديثن جو ترجمہ تشريح ۽ چاليهہ دعائون. برڪات مسواڪ.(اردو) نظرِ ڪرم(اردو ۽ سنڌي ٻولي ۾ مرشد ڪامل جي تعارف تي مشتمل وغيره سندن قلمي ڪاوش جا حسين شاهڪار آهن. هن وقت پاڻ مدرسہ جامعہ عربيہ غفاريہ الله آباد شريف جا مفتي نائب صدر ۽ جماعت اهل سنت پاڪستان ضلع نوشهره فيروز جا پڻ نائب صدر آهن.

ڏهون خليفو:

حضرت خليفہ
فضل احمد چانڊيو

حضرت خليفہ فضل احمد چانڊيو جي والد گرامي جو نالو فقير خدا بخش هيو. جيڪو سنڌي، عربي ۽ فارسي پڙهيل هيو. ننڍپڻ کان ئي عابد هيو. آخري عمر ۾ فارغ وقت مسجد ۾ گذاريندو هيو. ماڻهو ٺوڪ ڪندي چوندا هيا تہ فقير خدا بخش مسجد ۾ ديڳ دنيا جي پوري رکي آ. پاڻ روزانو قرآن شريف جو ختمو ڪيندو هيو. سندن وڏا ڀائر 1. رئيس راهو خان 2. رئيس علي شير خان ۽ 3. رئيس نبي بخش خان علائقي ۾ "**رئيس**" جي لقب سان مشهور هوندا هيا مگر پاڻ فقير خدا بخش جي نالي سان سڏيو ويندو هيو. سندس وفات 12 رمضان المبارڪ 1404هہ مطابق 1984ع ٿي.

ولادت: خليفي صاحب جي ولادت 1357هہ مطابق 1938ع ۾ ڳوٺ غيبي ديرو تعلقو قمبر ضلعو لاڙڪاڻو ۾ ٿي. والد صاحب سندن نالو فضل محمد رکيو ۽ لاڏ مان ڪيس "محمد ڏنو" چوندو هيو.

سندس حليو: درميانو قد ، رنگ جو گورو ، ويڪري ڇهري وار،، اکيون وڏيون، ڀرون جاڙا، نڪ ڊگهو، چپ سنهڙا، دندان ننڍڙا ۽ هڪ ٻئي سان جڙيل، ڏاڙهي مبارڪ گهاٽي جيڪا سندس حسن کي وڌيڪ نمودار ڪندي هئي.

سندن ذات: پاڻ ذات جا (الهياراڻي) چانڊيہ هيا.

تعليم و تربيت: خليفہ فضل احمدﷺ پرائمري اسڪول غيبي ديرو ۾ استاد مرحوم نصير محمد خان چانڊيو (مرزاڻي) ۽ استاد ثناء الله خان جاگيراڻي وٽ فائينل پاس ڪئي. ناظره قرآن پاڪ جا پهريان پاره ملان محمد اسماعيل وکو وٽ پڙهيو. مڪمل قرآن پاڪ، فارسي ۽ بنيادي عربي صرف و نحو، جامع مسجد غيبي ديرو جي پيش امام

مولوي ڪريم داد (وفات 15-4-2004) کان حاصل ڪيائين. عربي ۽ فارسي سکڻ ۾ سندس والد گرامي جي تربيت بہ شامل هئي. فنِ تجويد و قرائت ۾ شروعاتي پاره حفظ، حافظ نور محمد ڪلهوڙو کان سکيو. جيڪو پڻ حضرت سهڻا سائين رحمت الله عليہ جو خليفو هيو.

ذريعہ معاش : پاڻ ٻني ٻارو ڪري پنهنجي ڪٽنب جي پالنا ڪندو هيو.

سندن آواز : اسڪول ۾ قرآن پاڪ جي تلاوت ۽ قومي ترانو ڪانئس پڙهيا ويندو هيو. پاڻ اهڙي تہ مٺي آواز ۾ تلاوت ڪندو هيو جو نہ صرف استاد ۽ شاگرد لطف اندوز ٿيندا هيا پر شهر جا ماڻهو بہ سندن سريلو ۽ مٺاج ڀريو آواز ٻڌڻ ايندا هيا.

سندن خانداني پير : الهيارائي سڄڻ وارا هي چانڊيا گڏريل ڪيترين ئي پيڙهين کان وني ڊاڊري (ڊاڊر بلوچستان) دپاسي حسني حسيني سيدن جا مريد ٿيندا آيا آهن. سيد الهيار شاهہ فقير ماڻهو هيو. سندس خليفو الهيار خان چانڊيو (الهيار سوائي) پڻ نيڪ انسان هيو. سيد الهيار شاهہ جي وصال کان پوءِ بہ سندس خاندان، الهيار خان چانڊيو جي خاندان جا مرشد رهندا آيا.

پر پاڻ حق ۽ حقيقت جا ڳولائو هئا. ڪين جڏهن قطبِ عالم پير مٺا سائين جي خبر پئي تہ سندن خليفي فضل محمد بروهي جي رفاقت ۾ رحمتپور جا راهي ٿيا اتي وڃي ڪامل جي هٿ ۾ هٿ ڏئي بيعت ڪيائون. پير مٺا سائين جن سندس نالو پڇيو؟ فضل نالو ٻڌي فرمايائون: "هي تہ الله جو ٿيون فضل ٿيو جو منهنجو پير بہ فضل، توهان جو خليفو بہ فضل ۽ توهان بہ فضل."

تبليغي سرگرميون: پاڻ پير مٺا سائين جي صحبت ۾ تقريباً ٽي سال رهيو. گهر وارن ۽ ڳوٺ وارن کي بہ تبليغ ڪري پير سائين جي صحبت ۾ وني وڃي مريد ڪرايائين. پير مٺا سائين جي وصال بعد سهڻا سائين سان تجديدِ بيعت ڪيائين.

شادي : پاڻ ڳوٺ ڪُنب مان فقير سوز علي دائودائي جي نياڻي سان نڪاح ڪيائين. جنهن مان ڪيس ٽي پٽ ڇهہ نياڻيون آهن.

1. صاحبزاده مولوي صبغت الله : عالم ۽ ميٽرڪ پاس آهن.

2. صاحبزاده حزب الله : ديني تعليم ۽ مڊل پاس.

3. صاحبزاده خدا بخش : ديني تعليم ۽ مڊل پاس.

ذهني پختگي : رب ڪريم ڪيس غير معمولي ذهني صلاحيت سان نوازيو هيو. حاضر جواب هوندو هيو ڪچهري ۾ ڪهڙو به موضوع هجي، ڪيس سامعين کي قائل ڪرڻ جو فن ايندو هيو.

وصال پُر ملال : جناب فضل احمد چانڊيہ صاحب آخري ڏينهن ۾ علم کي هر عام و خاص تائين پهچائڻ لاءِ غيبي ديري ۾ مدرسو تعمير ڪرايو. هن مدرسي ۾ ناظره قرآن پاڪ ۽ ديني مسئلا سمجهائڻ کان علاوه هر روز ٽپهري نماز کان سج لٿي تائين پاڻ درس حديث به ڏيندو هيو. 17 ذوالقعد 1420هه مطابق 24-2-2000 خميس جي رات پاڻ حسب معمول تهجد نماز لاءِ اٿيو. ان وقت ڪيس هائي بلڊ پريشر ٿي ويو. ذڪر ڪندي سندس روح الله پاڪ جي بارگاهه ۾ پهتو. سندس آخري آرام گاهه ”بودلو بهار“ قبرستان ۾ آهي.

حضرت سهڻا سائين جي آمد وارو دروازو

يارهون خليفو:

حضرت خليفه
فضل احمد ڏيتا ابڙا

حضرت خليفه فضل احمد جي ولادت ڳوٺ لونگ خان ڏيتو تعلقه ڳڙهي ياسين ضلع شڪارپور ۾ ٿي. پاڻ ميٽرڪ پوءِ انٽر ڪيائون. ضروري ديني تعليم حاصل ڪيائون. لاهور مان حڪمت جو ڪورس ڪري آيا.

بيعت پهريائين پير مٺا سائين جا مريد ٿيا. سندن وصال بعد سهڻا سائين سان دست بيعت ٿيا ۽ اتان کين خلافت عطا ٿي. پوري زندگي تبليغ دين ۾ مصروف رهيا. ايستائين جو هندن ڪافرن وٽ وڃي به تبليغ ڪيائون ڪيترا غير مسلم سندن دستِ حق تي مسلمان ٿيا.

غفارين جو ڳوٺ: سندن اباڻي ڳوٺ ۾ بدامني سبب پاڻ هجرت ڪري شڪارپور کان ڇهه ڪلو ميٽر جي مفاصلي تي اتر طرف 45 گهرن تي مشتمل هڪ ڳوٺ "مرشد آباد" نالي ٻڌائون. اتي پوري طرح عملاً نظامِ مصطفيٰ نافذ ڪيائون. اڄ به اهو ڳوٺ "غفارين جو ڳوٺ" نالي سان مشهور آهي.

شاديون ۽ اولاد: پاڻ چار شاديون ڪيائون. کين 8 فرزند ٿيا.

1. مولانا سردار احمد 2. نور احمد 3. مولانا دلمراد احمد 4. مولانا وقار احمد 5. مولانا منير احمد 6. حافظ تنوير احمد 7. حافظ منصور احمد 8. مقبول احمد

نياٽيون: کين 12 نياٽيون ٿيون.

وصال: پهرئين رمضان 1992ع جمعي جي ڏينهن وصال ڪيائون. سندن مزار ڳوٺ مرشد آباد ۾ آهي. هر مهيني يارهين جي رات اتي جلسو ٿيندڙ آهي.

تيون خليفو: سَعَادَةُ الدَّارَيْنِ فِيْ ذِكْرِ خَلِيفة سَيّد غُلَامُ حُسَين

خليفهءِ خاص ابا سائين حضرت

سيد غلام حسين بخاري

دربار حسين آباد شريف قمبر [1]

سَادَةُ الْاَشْرَاف، قَادَةُ السَّادَاتِ، مُسْتَجَابُ الدَّعْوَاتِ، صَاحِبُ الْبَرَكَاتِ وَالْفُيُوضَاتِ، قَاطِعُ الْبِدعَاتِ، عَاشِقُ سَيد الْمَوجُودَات، مَقْبُول رَبّ الْعَالَمِين

حضرت خليفه سيد **غلام حسين** بخاري مدظله العالي.

غفاري جماعت جي سُونهن، دلين جي وِرونهن، دشمنن لاءِ شينهن، مريدن لاءِ رحمت جو مينهن، محبت ۽ معرفت الاهي جو روشن ڏينهن حضرت سيد غلام حسين شاهه بخاري جنهن کي مريد محبت منجهان **"ابا سائين"** سڏيندا هئا. پاڻ سخي آهن. مهر ۽ محبت وارا آهن. عشقِ رسول سندن نس نس ۾ سمايل آهي. جڏهن مديني واري مير جي محبت جي ڪا ڪافي يا نعت ٻڌندا آهن تہ سندن اکيون آليون ٿي پونديون آهن. رب العالمين سندن آواز ۾ ميٺاج جا مڻ رکايا آهن. جڏهن تقرير فرمائيندا آهن تہ هزارين دليون اجاري ڇڏيندا آهن. سندن پر تاثير گفتار ٻڌي سامعين جي دل جي دنيا بدلجي ويندي آهي. هزارين اڻنگا انسان سندن صحبت مان فيضياب ٿيا آهن ۽ ٿي رهيا آهن.

---

[1] مون کي افسوس آهي جو حضرت سائيجن جو جيڏو شان ۽ شوڪت، مقام ۽ مرتبت آهي اوترو احوال پيش ڪري نہ سگهيو آهيان. ان جو سبب هي آهي جو ٻہ پيرا مون پنهنجي خليفي منظور احمد کي دربار قمبر شريف موڪليو مگر مواد ملي نہ سگهيو. مدينہ منوره ۾ حضرت سائين جن سان ملاقات ٿي عرض ڪيم پير مٺا سائين جي خلفاءَ بابت ڪجهہ لکي رهيو آهيان. ان سلسلي ۾ اوهان سان روبرو ملڻ جو مشتاق آهيان. مديني پاڪ ۾ ملاقات جو موقعو ملايو يا قمبر ۾ ڪرم ڪيو. فرمايائون هت واندڪائي ڪونهي قمبر ۾ اچجو. پوءِ 6 جون 2010ع تي دربار عاليہ قمبر شريف حاضر ٿيس. هڪ بجي ڪان ساڍا ٽي بجي تائين اڍائي ڪلاڪ انتظار ڪيم. مگر ملاقات منهنجي نصيب ۾ نہ هئي. مهربانن، قدردانن، دربانن ملڻ جو موقعو مهيا نہ ڪيو. پوءِ دل ۾ ڪيئي ارمان ۽ افسوس ڪٺي وَسَندي مينهن ۾ ماتلي موٽي آيس. هيءَ معلومات مختلف ذرائع ڪان حاصل ڪئي وئي آهي.

سندن خانوادو: حضرت سيد غلام حسين شاهہ بن حضرت سيد گل محمد شاهہ بخاري پاڻ حسيني سادات مان آهن. مولانا نور محمد حسيني جي چَواڻي سندن نسب جو سلسلو چوٽيهين پيڙهي ۾ حضرت سيدنا امام حسين رضي الله عنه سان ملي ٿو. سندن والد بزرگوار حضرت سيد گل محمد شاه بخاري رحمت الله عليہ وقت جا باڪمال ۽ صاحبِ ڪرامت ولي الله هيا. خلافت تحريڪ جي سلسلي ۾ افغانستان ۾ پهتل سنڌي قافلي جا قائد بہ رهيا. سندن خاندان جا وڏا اُچ شريف مان ٿيندا خيرپور ضلعي ۾ پيرالي ڳوٺ ۾ اچي رهيا اتان پوءِ پاڳ ناڙي بلوچستان جي هڪ شهر ڏانهن منتقل ٿي ويا. اتان جي مشهور بزرگ سيد يار غازي بخاري صاحب جي خاندان وارن سان هن خاندان جون مِٽِيُون مائٽيون هيون.

ولادت باسعادت:

سائين قمبر وارن جا والد ڪريم حضرت سيد گل محمد شاه بخاري رحمت الله عليہ نهايت نيڪ صالح ۽ متقي انسان هيا. پاڻ راتين جي جاڳڻ وارا، الله جي عبادت ۾ ۽ خلق جي خدمت ڪرڻ وارا هيا. پاڻ دين جي تعليم حاصل ڪرڻ بعد ڪافي تبليغ ڪيائون ۽ ماڻهو ڪائنڻ مستفيض ٿيا. سنہ 1932ع ڌاري جڏهن سندن رهائش ڳوٺ ڏِب چانڊيو تعلقو ميرو خان ضلع لاڙڪاڻي ۾ هئي تہ سندن حويلي ۾ هڪ نوراني نينگر جي ولادت ٿي. جنهن جو نالو غلام حسين شاهہ رکيو ويو. ننڍڙي جي پيشاني ۾ ننڍپڻ کان نور چمڪندو هيو. ٻچڙو اجا ستن سالن جي عمر ۾ ئي هيو تہ سائين گل محمد شاهہ رحمت الله عليہ هن دنيا تان پردو فرمائي ويا.

تعليم ۽ تربيت: پاڻ ناظره قرآن شريف والد ڪريم وٽ پڙهيا. ابتدائي تعليم ڇهہ درجا ستين تائين ڳوٺ جي اسڪول ۾ ورتائون ۽ بعد ۾ وڌيڪ ديني تعليم علامہ مولانا خوش محمد صاحب ميرو خان وارن وٽ حاصل ڪيائون.

سندن تربيت ۾ سندن والده صاحبہ جو وڏو ڪردار هيو جيڪا سائڻ، مخدومہ محترمہ عفيفہ باشرع خاتون هئي. ان ڪان علاوه سندن وڏي سوٽ حضرت سيد محسن شاهہ بخاري رحمت الله عليہ جيڪو سائين جن جو سهرو بہ هيو ان بہ سندن تربيت جو پورو خيال ڪيو.

سيد محسن شاهہ بخاري رحمت الله عليہ حضرت سائين جن لاءِ بار بار اهو بيان فرمائيندا هئا تہ هن شهزادي جي انفرادي خاصيت اها ڏنم جو ٻاراٽي کان وٺي جواني تائين هن جي باري ۾ ڪا دانهن نہ ملي نہ وري پاڻ ڪنهن ٻئي جي دانهن ڏنائون. ان مان ظاهر ٿئي ٿو تہ نينڍپڻ کان وٺي الله تعاليٰ کين هر دلعزيز بنائي ڇڏيو هيو. پاڻ جڏهن ڀرپور جواني تي پهتا تہ سندن والده سڳوري جو بہ انتقال ٿي ويو.

پير غفاري سان بيعت ۽ خلافت:

سندن والد ڪريم امروٽي جا مريد هيا. سائين قمبر وارن 1955 ڌاري حضرت پير مٺا سائين رحمت الله عليہ سان بيعت ڪئي. سندن ارادت ۽ عقيدت محبت ۽ الفت کي ڏسي حضرت پير مٺا سائين رحمت الله عليہ کين خلافت سان نوازيو. فقير غلام حسين ٻڌايو تہ جنهن ڏينهن پير مٺا سائين جن سائين قمبر وارن کي خلافت ڏني ان ڏينهن خوشيءَ ۾ پير مٺا سائين پاڻ ننگر جي ديگ لهرائي فقيرن کي کارائي هئي.

ٽي يا چار ڀيرا هن فقير ڪرم الله خود سائين قمبر وارن جي زبان مبارڪ مان ٻڌو آهي، پاڻ فرمايائون مون جڏهن پير مٺا سائين سان بيعت ڪئي ۽ سائينجن جو مون سان تمام گهڻو پيار ۽ شفقت هوندي هئي پوءِ ڪي ماڻهو مون سان حسد ڪندا هئا. پر توهان جا والد صاحب (حضرت پير خواجہ محمد الاهي بخش رحمت الله عليہ) مون کي ڪلاڪن جا ڪلاڪ ويهي تصوف جون ڳالهيون ٻڌائيندا هئا. ڪافي ڀيرا اسان ٻئي گڏجي تبليغ ۾ بہ وياسين. فرمايائون:” پير مٺا سائين جيڪا مون کي خلافت ڏني اهو اجازت نامو بہ اوهان جي والد جو لکيل آهي“.

تبليغ دين : خلافتِ غفاريہ جو منصب ملڻ بعد مرشد جي زندگي ۾ توڙي سندن وصال کان پوءِ اڄ تائين پاڻ دينِ متين جي خدمت ۾ مصروف آهن. هزارين انسان سندن نوراني نظر سان نيڪ ۽ صالح بنجي چڪا آهن.

مرجع الخلائق: وقت جي حاڪمن کان وٺي عام غريب مسڪين ماروئڙن تائين هر ڪو سندن درجو سلامي هوندو آهي. سندن دعائون مستجاب آهن. هٿ کڻي دعا گهرندا آهن تہ سائلن جي من جا مطلب پورا ٿي پوندا آهن.

جڏهن سفر ۾ نڪرندا آهن تہ ماڻهن جي وڏي جميعت ساڻ هوندي اٿن. جتان جتان سندن گذر ٿيندو آهي تہ ماڻهو ڪم ڪار ڇڏي سندن آجيان ۽ استقبال لاءِ گڏ ٿي ويندا آهن. جتي سندن مجلس ٿيندي آهي تہ پري پري کان ماڻهو ڪشالا ڪاٽي سندن گفتار ٻڌڻ ۽ ديدار ڪرڻ ايندا آهن.

تقرير دل پذير: سندن تقرير پُر تاثير هوندي آهي. مجلس ۾ جڏهن سندن بيان ٿيندو آهي تہ مشتاقن جون اکيون سندن نوراني چهري ۾ ۽ ڪَنَ سندن مٺڙي گفتار ٻڌڻ ۾ مشغول ٿي ويندا آهن. سندن پُر سوز ۽ پُر محبت تقريرن ٻڌڻ سان هزارين گنهگار تائب ٿي پيا آهن. گهڻيون بلوچ قومون سندن حلقهءِ ارادت ۾ داخل ٿيون آهن. ڪيترا قومن جا سردار بہ سندن عقيدتمند آهن.

مخالفن کي چيلنج : پاڻ وڏي بي نيازي سان گستاخانءِ رسول، گستاخانِ اولياء ۽ گستاخانِ صحابہ کي چيلنج ڪندا آهن. فرمائيندا آهن اچو باهہ جو مچ ٻاريو اوهان بہ ان ۾ گهڙو مان پنهنجي جتي باهہ ۾ ٿو اڇلايان. انشاء الله گستاخَ سڙي ويندا، اسان جي جتي نہ سڙندي. ڪڏهن فرمائيندا آهن: " هتان اوهان اسان کي مدينو ڏيکاريو يا اچو تہ اسان ٿا اوهان کي مدينو ڏيکاريون." اج تائين ڪو بہ مخالف ۽ مُعانِدُ سندن سامهون اچڻ جو سَتُ ساري نہ سگهيو آهي.

حليہ مبارڪ: پاڻ قداور آهن، سندن چهرو حسين نوراني، ڪشادي پيشاني، سونهاري مبارڪ سفيد، سيني کي پري بيهندڙ، اکيون بادامي، رنگ گندمي، سينو ڪشادو. هميشہ سفيد لباس، سفيد عمامہ ۽ سفيد چادر پهريندا آهن. اکين تي عينڪ لڳائيندا آهن. منهن ۾ مٽيا، چهري ۾ ڏيا، هلن تہ هلڻ بي مثال، ڳالهائن تہ ڳالهائڻ دل کي موهيندڙ. هر هڪ سان محبت ۽ الفت رکڻ وارا، دشمنن کي دعائون ڏيڻ وارا آهن.

مرشد العلماء: سندن جماعت ۾ ڪثير تعداد ۾ علماءِ ڪرام موجود آهن. جتي حضرت مولوي نور محمد پتافي جهڙو صاحبِ قلم، مناظر ۽ مبلغ سندن مريد آهي اتي مولوي خليل احمد چني جهڙو جوشيلو مقرر ۽ مدبر بہ سندن درجو مريد آهي. جنهن جي تقرير قرآن جو تفسير هوندي آهي.

مولوي غلام اڪبر سھڙو بہ سندن دربار جو سوزيده سُخن مقرر آھي. مولوي محمد علي جھڙو خوش الحان ۽ شيرين بيان مقرر بہ سندن دربار جو محرمِ راز ۽ خطيبِ خاص آھي تہ مولوي فضل الله جنگ شاھي واري جھڙو غيور سُني عالم بہ سندن دربار جو مخلص مريد آھي.

مرشد الصلحاء: قمبر واري ڪريم جو فيض سندن جماعت ۾ نمايان نظر ايندو آھي. جتي سندن جماعت جمع ٿيندي آھي، سفيد لباس، سفيد چادرون، نوراني چھرا ڏسي الله ياد اچي ويندو آھي. سندن فقيرَ محبت ۽ الفت وارا نظر ايندا آھن. جماعت ۾ ڪافي تعداد ۾ عابد ۽ زاھد، نيڪوڪار ۽ تھجد گذار فقير موجود آھن.

دين جو درد: پاڻ تمام گھڻو دين جو درد رکن ٿا. طبيعت جي ناسازي جي باوجود بہ دور دراز علائقن جا سفر ڪندا آھن. ھلي وڃي خدا جي خلق کي دين جو پيغام پھچائيندا آھن. جتي جتي سندن مبارڪ قدم لڳندا آھن تہ ذڪر الله الله جي تنوار جاري ٿي ويندي آھي. مسجدون آباد ٿي پونديون آھن.

نيازمندي: ولايت سان گڏوگڏ سيد ھجڻ جي باوجود بہ منجھن نياز ۽ نوڙت بي انداز آھي. ھر ھڪ کي پيار ڏئي پنھنجو ڪندا آھن. غريبن جا ھمدرد ۽ ھڏ ڏوکي ھوندا آھن.

عشقِ مصطفيٰ: تقرير يا گفتگو دوران سرورِ عالم ﷺ جو اسم مبارڪ ٻڌندي ئي سندن نماڻن نيڻن مان بي اختيار لڙڪ لڙي پوندا آھن. اڪثر بيان دوران حضور اڪرم ﷺ کي پنھنجائپ ۾ ”نانو“ چوندا آھن.

خانقاهِ عاليہ حسين آباد قمبر شريف:

موجوده نفسا نفسي واري دور ۾ سندن دربار قمبر شريف سنڌ واسين مٿان الله جو عظيم احسان ۽ قدرت جو ھڪ حسين ۽ انمول تحفو آھي. ھزارين گنھگار، چور، ڌاڙيل ۽ بداعمال ماڻھو رھبر سائين قمبر شريف واري جي صحبت ۽ ديدار ڪرڻ سان سڌري ۽ صالح ٻانھا بنجي رھيا آھن. بد اعمال بہ نمازي ۽ تھجد گذار بنجي رھيا آھن. ھن دربار جو بنياد پاڻ 1973ع ۾ پنھنجي مبارڪ ھٿن سان رکيائون. جڏھن سندن ڳوٺ ميرو خان تعلقي جي ڳوٺ ڏپ چانڊيہ ۾ ٻوڏ آئي ۽ اتان جا ماڻھو لڏ پلاڻ ڪري محفوظ ماڳن ڏانھن منتقل ٿيا تہ پاڻ اتان اچي قمبر جي ان ڪلراٺي زمين کي گل و گلزار بنايائون.

اول اتي ڪچي مسجد شريف ۽ مدرسو، مسافرخانو، ننگر خانو ۽ رهائشي گهر تعمير ڪرايا ويا. هاڻي الحمد لله اتي عاليشان عظيم مسجد جڙيل آهي. جنهن ۾ ڪثير تعداد ۾ جماعت جي نماز پڙهڻ جي گنجائش آهي. ان سان گڏ هڪ عاليشان خوبصورت مدرسو بہ قائم ڪيو ويو آهي جنهن ۾ سؤن جي تعداد ۾ طالبن کي عربي فارسي تعليم سان گڏ قرآن شريف جي ۽ حفظ لاءِ تعليم ڏني وڃي ٿي. هن مدرسي ۾ سنڌ ۽ بلوچستان کان طلباء اچي علم جي اڃ اجهائن ٿا. هڪ خوبصورت مسافرخانو ۽ نگر خانو بہ قائم ڪيو ويو آهي، جتي هر وقت سيد سخي جو ننگر جاري آهي.

تبليغي سرگرميون: پاڻ سنڌ توڙي بلوچستان جي ننڍين وڏن شهرن ۽ ڳوٺن، وستين ۾ واهڻن ۾ دردِ دل سان دين جو پيام پهچائيندا رهندا آهن. سندن مرڪز حسين آباد شريف قمبر ۾ هر جمعي جي ڏينهن تي هڪ عظيم الشان نوراني ۽ وجداني محفل جو انعقاد ڪيو ويندو آهي. جنهن ۾ پري پري کان عاشق اچي عشقِ مصطفيٰ جا پيالا پيئندا آهن. محبت جا ماريل پروانا پنهنجي اڃ اُجهائيندا آهن. ان موقعي تي نہ صرف بي دين ماڻهو دیندار ٿي ويندا آهن، فاسق ۽ فاجر گناهن جا پيچرا ڇڏي شريعت ۽ سنت سان سينگارجي ويندا آهن، سالڪن کي منزلون ملنديون آهن پر هندو ۽ عيسائي بہ سندن فيض ۽ برڪت جي بدولت ڪلمو پڙهي مسلمان ٿي ويندا آهن. پاڻ اڪثر پنهنجي تقرير دل پذير ۾ وهابين ۽ غير مقلدن جي عقيدي کي حق جي تلوار سان چيريندي نجدين، وهابين ۽ غير مقلدن کي چيلنج ڪري فرمائيندا آهن تہ ”اچ اسان سان مراقبو ڪر هي فقير تو کي مدينو ڏيڪاريندو. اگر تون سچو آهين تہ پوءِ اسان کي مدينو ڏيکار.“

دورانِ بيان پنهنجي مرشد ڪريم حضرت پير مٺا سائين جا غزل پڙهندا آهن:

جيكر چاہيں اَحد كوں مِلنا احمدؐ نام پَكيندى رَه

جتهاں جو ڈِيكهيں نامِ محمّد چُم چُم اكهياں تے لَيندى رَه

ساليانا اجتماع: سندن دربار تي پندرهن شعبان جي رات ۽ محرم الحرام جي ڏهين جي ڏينهن ۽ ربيع الاول جي آخري جمعي تي عظيم الشان ساليانا اجتماع ٿيندا آهن. جن ۾ هزارين حبدار شريڪ ٿيندا آهن.

پير روشن ضمير : فقير محمد اسماعيل چنہ ڪرمي بيان ڪيو تہ هڪ دفعي آءٌ قمبر شريف ۾ ڏهين محرم الحرام جي وڏي اجتماع جي وچ ۾ ويٺو هيس. محفل جو اختتام پئي ٿيو. دل ئي دل ۾ عرض ڪيم تہ سائين اڄا بہ ڪا حضور ﷺ جي عشق جي ڳالهہ ٻڌايو. بس دل ۾ عرض ڪرڻ هوڏانهن پاڻ حضور ﷺ جي محبت جو واقعو بيان فرمايائون، جنهن جي ٻڌڻ سان سامعين تي وجد طاري ٿي ويو. پٿر دليون ميڻ بنجي پيون. هر اک اشڪبار ٿي وئي.

حرمين شريفين جي حاضري : پاڻ ڪيئي حج ادا ڪيا اٿن. حبيبن ڪريمن ﷺ جو مٿن وڏو ڪرم آهي جو هر سال مدينہ منوره ۾ سندن حاضري ٿيندي آهي.

دربار عاليہ حسين آباد قمبر شريف جو مين دروازو باب حسيني .

دار العلوم جون خدمات:

دربار شريف تي هڪ عظيم الشان مدرسو قائم آهي، جنهن ۾ ناظره ۽ حفظِ قرآن کان علاوه درسِ نظامي جي مفت تعليم ڏني ويندي آهي.

تنظيم اصلاح الفقراء الحسيني:

هي هڪ خالص مذهبي اصلاحي ۽ غير سياسي تنظيم آهي جنهن جي منشور ۾ معاشري ۾ ٿيندڙ زيادتين جي اصلاح لاءِ عملي ڪوشش ڪرڻ آهي. حسيني جماعت جي اصلاح ۽ تربيت جو خاص اهتمام ڪيو ويو آهي.

دربار عالیہ حسین آباد شریف قمبر جا حسین منظر

چوٿون خليفو: نُورُ الصَّمَد فِي ذِكْرِ خَلِيفَةِ نُورُ مُحَمّد

خليفءِ برحق، نوراني سائين
حضرت خليفہ نُور محمد
دربار نورپور شريف گمبٽ [1]

عبادت ۽ زهد ۾ بي نظير، علم ۽ عمل ۾ اڪسير، سونهن ۽ سوڀيا ۾ دلپذير. روحاني دنيا جو ماهر، سُکن ۾ شاڪر، ڏکن ۾ صابر، راتيون جاڳڻ وارو، تصوف ۽ فقيري ۾ وڏو مقام رکڻ وارو، فضلي فيض جو ستارو، غفاري غيرت وارو، تقويٰ ۽ پرهيزگاري ۾ نيارو، نورِ عالم حضرت خليفہ **نور محمد** ولد مولوي عبدالطيف رتڙ رحمت الله عليہ.

پاڻ ظاهري باطني علمن ۾ پنهنجو مٽ پاڻ هئا. پوري زندگي خلقِ خدا جي خدمت ۽ دين جي تبليغ ۾ گذاري ڇڏيائون.

سندن ولادت جي بشارت :

سندن اصل ڳوٺ ستابو تعلقي گمبٽ ۾ هيو. اڃا سندن ولادت نہ ٿي هئي تہ هڪ مست فقير سندن والد ڪريم کي چيو تہ اوهان مان هڪ ولي الله پيدا ٿيندو. جنهن جو نالو نور محمد رکجو. اڳڙا جي قبرستان ۾ اڄ بہ ان مست جي مزار موجود آهي. الله جي عارف جو قول سچو ثابت ٿيو. سندن گهر ۾ نوراني نينگر جي ولادت ٿي پوءِ مست جي فرمان مطابق سندس نالو ”نور محمد“ رکيائون.

تعليم : خليفي نور محمد جو ننڍپڻ هڪ پاڪيزه ٻار وانگر گذريو. پاڻ سلڇڻا سيبتا ۽ سهڻن اخلاقن وارا هئا. والد ننڍپڻ ۾ فوت ٿي ويو.

---

[1] 5 جون 2010 ع تي دربار عاليہ نورپور شريف حاضري ٿي، ان ڏينهن سجاده نشين موجود نہ هيو انجو صاحبزادو مقبول احمد بن صاحبزاده حضور احمد موجود هيو. ان کان ۽ دربار تي جيڪي پراڻا فقير موجود هئا انهن کان روبرو هيءَ معلومات حاصل ڪئي وئي.

پاڻ اڳڙن جي پرسان مگلا ڳوٺ ۾ مولانا نورمحمد وٽ ابتدائي تعليم حاصل ڪيائون. پوءِ آگاٽي ۾ پير مٺا سائين جي خليفي رباني عالم حضرت مولانا محمد صالح آگاٽين واري وٽ درسِ نظامي جي تڪميل ڪري دستاربندي ڪيائون. پير مٺا سائين خود مولوي صاحب کي فرمايو تہ هي اسانجو ٻچو آهي ان کي علم جي تڪميل ڪرايو.

بيعت ۽ خلافت: پاڻ پنهنجي والد سان گڏجي عاشق آباد ويا. اتي حضرت پير مٺا سائين سان بيعت ڪيائون. پوءِ پنهنجي مرشد جي صحبت ۾ گهڻو ويندا رهندا هئا. جڏهن پير سائين جن سنڌ ۾ نقل مڪاني فرمائي تہ سائين نور محمد جو اڪثر وقت مرشد جي صحبت ۾ گذرندو هيو. ان سڪ ۽ صداقت کي ڏسي دينپور ۾ رهائش دوران پير مٺا سائين جن کيس خلافت سان نوازيو.


اجازت نامه حضرت نقشبندیہ مجددیہ فضلیہ
یا ایها الذین اٰمنوا اتقوا الله وابتغوا الیه الوسیلة وجاهدوا فی سبیله لعلکم تفلحون. المجاهد من جاهد نفسه فی طاعة الله تعالیٰ

بسم الله الرحمٰن الرحیم

الحمد لله رب العلمین والصلوٰة والسلام علی حبیبه سید المرسلین والطاهرین وصحابه الطیبین اجمعین الی یوم الدین اما بعد. می گوید فقیر حقیر لاشئ محمد عبد الغفار چنڑ که این عاجز خاکسار ذره بے مقدار در خاندان نقشبندیہ مجددیہ فضلیہ داخل شد علم سلوک تام دائرہ لاتعین از حضرت عالم مولانا مولوی محمد فضل علی شاہ صاحب فضلیہ حاصل نموده وشرف اجازت آنحضرت قبلہ یافتہ برائے تحقیق سلسلہ شریف موده است پس ازین عاجز لاشئ برادر طریقت جناب مولانا مولوی نور محمد صاحب ولد مولوی عبد اللطیف صاحب ساکن نورپور علم سلوک وجذب وحالات وار[illegible] صحیح حاصل نموده برائے تعلیم اسم ذات وعلم سلوک برائے طالبان مولا وبرائے خدمت اسلام بموجب ضرورت داده شد طالبان را حق جل وعلیٰ را مناسب است که زود فیض ظاهری وباطنی ازین شیخ کامل حاصل نمایند وهیچ خطره وشک در دل نیارند که جناب خلیفه صاحب موصوف لله فی الله خدمت اسلام وبرادران اسلام کند فقط دستخط
تاریخ ماه جماد الثانی ۱۳۸۴ھ بمقام رحمت پور شریف
المحـــــــــیر باهتمام
خاکسار ذره بے مقدار. محمد عبد الغفار چنڑ از رحمت پور شریف

حضرت خليفہ نور محمد رحمت الله عليہ جو اجازت نامو جيڪو اڄ بہ سندن مسجد ۾ فريم ۾ آويزان آهي.

مرشد جي موجودگي ۾ تبليغ دين:

پير مٺا سائين جن کين لاڑڪاڻي ڪان گھوٽڪي،اوباوڙي تائين تبليغي علائقو مقرر ڪري ڏنو. پاڻ مرشد جي امر سان تمام گھڻي تبليغ ڪيائون. جماعت جون گاڏيون ڀري مرشد جي خدمت ۾ وٺي ويندا هئا.

درگاهہ نور پور جو بنياد :

گمبٽ جي قريب هڪ اڻ وَس علائقي ۾ 1947ع ۾ حضرت پير مٺا سائين جن تبليغي دوري تي آيا. موجوده نور پور واري جاءِ کي پسند فرمايائون . اتي هڪ مهينو رهيا ۽ اتي خليفي صاحب کي درگاهہ ٺاهڻ جو امر ڪيائون. ان جو نالو **نورپور** بہ خود رکيائون.

مرشد جي وفات ۽ درگاهہ نور پور تي نور جي بارش:

مرشد جي وصال جي دل جهوريندڙ صدمي بعد خليفي صاحب اچي نورپور جي نوراني بستي ۾ مستقل قيام فرمايو. جتي اهلِ ذڪر فقيرن جا ڏيڍ سئو گھر آباد ٿيا. هتي مڪمل نظامِ مصطفيٰ لاڳو ڪيو ويو. جيڪو اڄ تائين بہ جاري آهي. جتي شادي غمي شريعت مطابق ٿيندي آهي. هر مرد ۽ عورت تهجد گذار آهي. ڏير ڀاڄائي جو پردو آهي. نماز روزي جي مڪمل پابندي آهي. جتي صبح شام رات ڏينهن ذڪر الله جي تنوار جاري آهي. پير غفاري جي نگاهِ ڪرم سان هن مرڪز تي پاڪستان جي چئني صوبن مان مشتاق ماڻهو جوق در جوق ايندا آهن . هر وقت جذبن جي ڏم ڏڙي لڳي پئي هوندي آهي.

وفات: حضرت خليفہ نور محمد رحمت الله عليہ پوري زندگي دين جي تبليغ ڪندي بروز سومر بوقت اذان فجر 22 ذوالحج 1418 ھ بمطابق 20.04.1998 تي هن فاني دنيا مان پردو فرمايو ۽ نور پور جي مان واري ماڳ تي سندن مزار جوڙي وئي. جتي اڄ بہ سوين سوالي اچن ٿا.

شاديون: پاڻ بہ شاديون ڪيائون .ٻنهين مان کين اولاد بہ ٿيو.

پهرئين ٻيبي ۽ انجو اولاد:

هي ٻيبي سندن قوم مان هئي. ان مان کين ٽي فرزند ۽ چار نياڻيون ٿيون:

1. حضرت خواجہ محمد عبدالرسول: جيڪو سندن وصال بعد سندن سجاده نشين اول ٿيو. ان 6.9.2004 بمطابق21 رجب 1425 هجري بروز سومر تي وصال فرمايو.

2. حضرت خواجہ حضور احمد : سجاده نشين ثاني. جيڪي هن وقت مسند نشين آهن.
3. صاحبزاده جميل احمد.
ٻين بيبي سائڻ ۽ انجو اولاد :
هن بيبي سائڻ مان ڪين تي پٽ ۽ چار نياڻيون ٿيون:
(1)صاحبزاده محمد مهمين. (2) صاحبزاده محمد باقي بالله. (3) صاحبزاده محمد صفي الله.
شمائل : حضرت خليفہ نور محمد رحمت الله عليہ صورت ۾ تمام حسين و جميل هئا. قد پورو هين، گفتار آهستہ آهستہ ڪندا هئا. سندن چهري ۾ قدرتي رعب هيو. جڏهن ماڻهو جي نظر سندن چهري تي پوندي هئي تہ بي اختيار الله ياد اچي ويندو هيو.
اخلاق ۽ عادتون : پاڻ هر هڪ سان وڏي مهر ۽ محبت سان پيش ايندا هئا. مريدن فقيرن لاءِ مادر ڪان وڌ مهربان هئا. اوڪي ۾ انهن جي هر ممڪن مدد ڪندا هئا. بي گهرن کي گهر ٺهرائي ڏيندا هئا. بي روزگارن جي روزگار جو اهتمام ڪندا هئا.
تقويٰ : پاڻ تقويٰ جا صاحب هئا. بازاري شيون ملايون، مٺايون، ڳڙ، گوشت بہ ڪو نہ واپرائيندا هئا بازاري لوڻ، مرچ ،گيهہ وغيره بہ استعمال ڪو نہ ڪندا هئا. اڄ بہ سندن دربار ۾ لوڻ مرچ پيهڻ جا ڪارخانا آهن، جتي تقويٰ مطابق شيون تيار ٿينديون آهن. جيڪي جماعت استعمال ڪندي آهي.
سياسي وابستگي : سندن ڪنهن فرقي يا سياسي پارٽي سان تعلق نہ هيو. ان جي باوجود ٽر جا ناميارا سياستدان سندن دربار ۾ حاضري ڀرڻ ايندا هئا.
سندن مراڪز :
1. مرڪزي دربار نور پور شريف:
هتي هر ماهہ يارهين جي رات مجلس ٿيندي آهي. هي دربار وسيع ايراضي ۾ آهي. صرف مسجد حويلي ۽ مسافر خانا بہ اندازاً ڏهن ايڪڙن تي مشتمل آهن. مسجد شريف تمام حسين ۽ جديد طرز جي تعمير ٿيل آهي. مسجد شريف جو اندريون هال 110 X 100 فوٽ آهي. صحن 150 X 110 آهي. مسجد جي تعمير جي تڪميل 1430 هہ ۾ ٿي. مسجد ۾ پنجويهہ صفون ٿين ٿيون. هن مرڪز ۾ روزانو بہ ٻيرا حلقو مراقبو ۽ وعظ نصيحت جي مجلس ٿئي ٿي. جنهن ۾ گادي نشين پاڻ خطاب فرمائيندا آهن.

مزار شريف: مسجد شريف جي ڏکڻ ۾ حضرت خليفہ نور محمد رحمت الله عليہ جي مزار پُرانوار آهي. جيڪا سائي گنبذ واري آهي. تعمير تمام سهڻي ۽ نفيس قسم جي آهي.

مسجد شريف جي توسيع بعد سائينجن جو محراب مسجد جي وچ ۾ اچي ويو آهي، اتي هڪ پلاسٽڪ جي ڪجي جو وڻ ناهيو ويو آهي. جيڪو رات جي وقت لائيٽنگ سبب روشن نظر ايندو آهي.

مسجد جو موجوده محراب

حضرت سائين جن جي وقت وارو محراب



حضرت خليفہ نور محمد رحمت الله عليہ جي مسجد ۽ نوراني دربار شريف

محراب تي شيشي جي ميناڪاري.

مسجد جو دروازو

روڊ تي لڳل بورڊ



سندن حويلي جو دروازو

2. درگاه جهاد النفس نورپور:

روهڙي باءِ پاس. جتي هر ماهه ٽيون جمعه ٿيندو آهي.

3. لاڙڪاڻو مسجد نوراني غالب نگر ۾ جتي هر ماهه آخري جمعه ملهائيندا آهن.

ساليانا پروگرام:

1. 22 ذوالحج تي روزه ساليانو عرس وڏن سائين جن جو ملهايو ويندو آهي.
2. 10،11،12 رجب تي روزه عرس مبارڪ گادي نشين اول جو ملهايو ويندو آهي.

محفل مراقبه: دربار تي سومهڻي نماز ۽ فجر نماز بعد روزانو حلقه مراقبو ٿيندو آهي.

عورتن لاءِ: پردي جو سخت انتظام آهي سمجهه وارو ڇوڪرو اندر نه ويندو ڇوڪرِي ٻاهر نه نڪرندي. ڏندڻ ۽ تهجد جي حاضري ٿئي ٿي. تهجد تي نه اچڻ واري کي هڪ سو روپيا ڏنڊ يا ٻه راتيون پهروءِ صلواة التسبيح جي نماز پڙهڻي پوي ٿي.

نورِ عالم حضرت خواجہ نور محمد رحمت اللہ عليہ جا خلفاءِ كرام :

1. جناب خليفہ مشتاق احمد لاكو رحمت الله عليہ سكر وارا.
2. جناب خليفہ حمزه فقير ڳڙهي ياسين.
3. جناب خليفہ حاجي محمد صديق كوسو ٺل جيكب آباد.
4. جناب خليفہ محمد ساجن لاكو كندياري.
5. جناب خليفہ جمال الدين فقير منڊي فيض آباد شيخوپوره.
6. جناب خليفہ پير سيد رياض شاهہ رحمت الله عليہ شرقپور شريف وارا.
7. جناب خليفہ سيد واحد علي شاهہ خانپور ڪٿوره.
8. جناب خليفہ سيد حبيب شاه چوهاڻ كوئٽہ بلوچستان.
9. جناب خليفہ غلام محمدرٽائرڊ صوبيدار كوئٽہ.
10. جناب خليفہ قادر بخش شهدادكوٽ.
11. جناب خليفہ حاجي محمد انور شيخ لاڙكاڻو.
12. جناب خليفہ در محمد فقير جويو رتوديرو لاڙكاڻو.
13. جناب خليفہ دين محمد بگٽي سوئي گئس.
14. جناب خليفہ فقير منا خان ڊيره بگٽي.
15. جناب خليفہ مريد احمد كشمور.
16. جناب خليفہ حافظ وزير احمد گڏو.
17. جناب خليفہ حاجي وَشُو عرف غلام اكبر مكہ مكرمہ.
18. جناب خليفہ عبدالكريم لاڙك احمدپور.
19. جناب خليفہ علي بخش دوندڙ احمدپور.
20. جناب خليفہ بشير احمد مزاري ديهہ سوهو خيرپورميرس.
21. جناب خليفہ خير محمد چنہ گهوٽكي.
22. جناب فقير فيض محمد چاچڙ كمون شهيد .

گادي نشين : اسلامي مهيني جي ويهين کان پھرئين تائين تبليغ ۾ ويندا آهن. هن دربار جي جماعت چئني صوبن ۾ آهي. پاڪستان کان ٻاهر ٻه خلفاءِ آهن جيڪي تبليغ دين ۾ مصروف آهن. مثلاً: خليفه محمد احسن چيما پنجاب جا آهن جيڪي هن وقت هوسٽن آمريڪا ۾ رهن ٿا، اتي وڏي دين جي خدمت ڪري رهيا آهن. فقير منظور احمد دبئي ۾ تبليغ ۾ مصروف آهن. فقير فضل دين ڀارت ۾ ديني خدمات سرانجام ڏيئي رهيا آهن.

خليفه محمد يعقوب قريشي: پاڻ انڊيا مان مهاجر ٿي سنڌ ۾ بنگل ديرو آيا. 1957ع رحمتپور شريف ۾ پير مٺا سائين سان مليا سندن بيعت ڪيائون پوءِ ڪين خلافت حضرت خواجه نورمحمد رحمت الله عليه کان ملي.

سندن مکتوبات :

مختلف ماڻهن کي سندن لکيل خطن مان ڪجھه خط بطور نموني جي پيش ڪجن ٿا. جيڪي سندن دربار پاران ڇپايل مکتوبات ”امام المتقين“ مان ورتا ويا آهن.

مکتوب

دربيان: امام ميں دس وصفوں کا هونا ضروري هے۔

فقیہ ابولیث لکھتے ہیں کہ امام میں دس وصفوں کا ہونا ضروری ہے تاکہ اس کے پیچھے نماز پڑھنے والوں کی نماز درست اور کامل ہو اول قرآن کو ترتیل کے ساتھ پڑھے آواز بنا کر نہ پڑھے دوسرے تکبیرات کو پورے آواز سے ادا کرے تاکہ مقتدی صاف طور پر سن لیں تیسرے رکوع و سجدہ کو اطمینان سے ادا کرے چوتھے اپنے کو حرام شبہ سے نگاہ رکھے پانچویں اپنے بدن اور جامہ کو نجاست خفیفہ اور غلیظ سے نگاہ رکھے چھٹے قرات دراز نہ پڑھے مگر اس وقت کہ قوم کی خواہش ہو اور وہ راضی ہوں ساتویں عجب و تکبر نہ کرے آٹھویں نماز سے باہر نہ ہو جب تک مومنیں کے لئے طلب آمرزش نہ کرے نویں نماز کے بعد کی دعا میں اپنی ذات کو مخصوص نہ کرے بلکہ سب کے واسطے دعا مانگے دسویں جب کوئی مسافر یا مسکین اسکی مسجد میں پہنچے تو اس سے کوئی چیز طلب نہ کرے اسکے سواء امام کے لئے اور بہت سے خصائص مطولات میں منقول ہیں وہاں تلاش کرنا چاہیے۔

متقی کی اقتداء کرنے کی فضیلت بہت بڑی ہے. ایک حدیث میں آیا ہے کہ جو شخص کسی پرہیزگار کے پیچھے نماز پڑھتا ہے اسکو کسی پیغمبر کے پیچھے نماز پڑھنے کا ثواب ملتا ہے اور جو شخص کسی فقیہ متقی کے پیچھے نماز پڑھتا ہے اسکو اتنا ثواب ملتا ہے گویا اس نے آنحضرت علیہ السلام کے پیچھے نماز پڑھی۔ (مکتوبات ص 15 مکتوب نمبر ۱۳)

مکتوب :

دربیان: بعض علماءِ کا قول ھے کہ روزے تین طرح کہ ھوتے ھیں

بعض علماء کا قول ہے کہ روزے تین طرح کہ ہوتے ہیں.1.ایک عوام کا روزہ 2.خواص کا روزہ 3.اخص الخاص کا روزہ عوام کا روزہ یہ ہے کہ پیٹ اور شرم گاہ کو اس کی خواہشوں سے روکا جائے اور خواص یعنی عالمین کا روزہ یہ ہے کہ تمام اعضاء گناہوں سے باز رہیں یہ مرتبہ پانچ چیزوں پر مداومت کرنے سے حاصل ہوتا ہے ممنوعات شرعیہ پر نگاہ نہ ڈالنا نمبر 2 زبان کو جھوٹ وغیبت چغل خوری اور جھوٹی قسم سے روکنا کیوں کہ حضرت انس ﷛ پیغمبر خدا ﷺ سے روایت کرتے ہیں کہ آپ نے فرمایا پانچ چیزین روزہ کو نابود یعنی اس کے ثواب کو باطل کردیتی ہیں جھوٹ، غیبت، چغل خوری، جھوٹی قسم نا محرم عورت پر بدنگاہی نمبر 3 کانوں کو بری باتوں سے روکنا نمبر 4 تمام اعضاء کا مکروہات سے اور افطار کے وقت پیٹ کا مشتبہ مال سے بچانا کیونکہ روزہ کی حالت میں حلال طیب کھانے سے روکنا اور پھر حرام سے افطار کرنا بالکل بے معنی بات ہے اس کی مثال ایسی ہے کہ کسی نے بڑی محنت سے ایک محل بنایا اور ایک شہر کا شہر ڈھادیا. رسول اللہ ﷺ فرماتےہیں کہ اکثر روزہ دار بجز بھوک پیاس کی تکلیف اٹھانے کے اور کچھ حاصل نہیں کرسکتے نمبر 5 یہ کے افطار کے وقت خواہ حلال ہی کھانا کیوں نہ ہو ادھوڑی تان کر نہ کھائے کیوں کہ آنخضرت کا قول ہے کہ اللہ تعالیٰ کو روزہ دار کا تنا ہوا پیٹ تمام برتوں سے زیادہ ناپسند ہے.اخص الخاص کا روزہ یہ ہے کہ دل تمام دینی دینوی افکار اور ماسوی اللہ سے بالکل رکا رہے ماسواء خیال سے ان لوگوں کا روزہ افطار ہو جاتا ہے یہ روزہ انبیاء اور صدیقیں کا حصہ ہے. (مکتوبات 20 مکتوب نمبر ۱۷)

مکتوب:

دربیان: سود کي ممانعت

ربا کی ممانعت میں بہت سی آیات وارد ہیں اور احادیث میں سے وہ حدیث جس کو بخاری ابوداؤد نے روایت کیا ہے یہ ہے کہ رسول اللہ ﷺ نے گوندنا کرنیوالی عورت اور گوندنا کرانےوالی اور سود کھانے والی اور سود کھلانے والی کو لعنت کی ہے اور کتوں کی خرید فروخت اور فحش کام وزناکاری کی کمائی

سے منع کیا ہے اور تصویر بنانے والوں کو لعنت کی ہے ابن مسعود رضی اللہ عنہ سے روایت ہے کہ سود کھانے والا اور کھلانے والا دینے والا اور اس کے گواہ اور لکھنے والا جب انہیں علم ہو جائے کہ یہ سودی معاملہ ہے اور گودنا لگانے والی اور لگوانے والی اور ہجرت کی بعد مرتد ہونے والا اعرابی حضرت محمد کی زباں سے ملعون ہیں حاکم نے روایت کی ہے اور اس کو صحیح لکھا ہے چار شخصوں کو اللہ تعالیٰ جنت میں داخل نہ کریگا۔ اس کی نعمتوں کا ذائقہ انکو نہیں چکھائیگا.1. ہمیشہ شراب پینے والا 2.سود کھانے والا 3. ناحق یتیموں کا مال کھانے والا 4. والدیں کی نافرمانی کرنے والا آپ نے روایت کی سود سے ستر سے زیادہ گناہ حاصل ہوتے ہیں. جو شرک کے مساوی ہوتے ہیں. رسول اللہ صلی اللہ علیہ وآلہ وسلم نے فرمایا کہ جب مجھے آسماں میں لے گئے تو میں نے پہلے آسماں میں کیا دیکھتا ہوں بعض آدمیوں کے پیٹ ایسے بڑے ہیں جیسے کہ بڑے بڑے گھر کہ ان کے پیٹ نیچے کی طرف جھکے ہوئے ہیں اور آل فرعون ان کو پیروں سے روند رہی ہے اور وہ صبح شام آگ پر کھڑے ہوئے کہہ رہے ہیں یا الٰہی قیامت قائم نہ کرنا میں نے کہا اے جبریل یہ کون ہیں جواب دیا کہ یہ آپ کی امت کے سود خور ہیں.رسول اللہ صلی اللہ علیہ وآلہ وسلم نے فرمایا ہے کہ قسم ہے اس ذات پاک کی جس کے ہاتھ میں میری جاں ہے کہ میری امت کے لوگ شرارت و فخر ولہو ولعب میں مصروف ہو جائینگے اور حرام کو حلال سمجھیں گے اور گانے والی عورتوں کی صحبت اختیار کرینگے شراب پیئیں گے سود کھائیں گے ریشمی لباس پہنیں گے اور بندروں وسوروں کی شکل میں مسخ ہو جائیں گے. (مکتوبات ص30 مکتوب نمبر۲۵)

مکتوب :

دربيان تائب كي حقيقت

عبداللہ بن مسعود سے مروی ہے کہ رسول خدا نے فرمایا کیا تمہیں تائب کی حقیقت معلوم ہے ہم نے کہا خدا اور اس کا رسول ہی خوب جانتا ہے جس نے توبہ کی اور علم نہ پڑھا وہ تائب نہیں جس نے توبہ کی اور زیادہ عبادت نہ کر سکا وہ تائب نہیں جس نے توبہ کی اور جھگڑوں سے الگ نہ ہو تو وہ تائب نہیں جس نے توبہ کی اور اپنے لباس دینوی زینت کو نہ چھوڑا وہ تائب نہیں جس نے توبہ کی اور اپنے دوست نہ بدلے وہ تائب نہیں جس نے توبہ کی اور اخلاق درست نہ کیئے وہ تائب نہیں جس نے توبہ کی حاجت سے زائد مال

کو خیرات نہ کیا وہ تائب نہیں بندہ سے جب یہ افعال ظاہر ہونے لگیں تو اس کو سچا تائب سمجھنا چاہیے پیغمبر علیہ السلام فرماتے ہیں کہ جو شخص دوزخ سے ڈرے اور گناہ نہ چھوڑے وہ خدا کے نزدیک جھوٹا ہے تائب نہیں ہو سکتا اور جو یہ کہے کہ میں جنت کا مشتاق ہوں مگر اس کے لائق عمل نہ کرے وہ جھوٹا ہے تائب نہیں اور یہ کہے میں رسول ﷺ کو دوست رکھتا ہوں مگر آپکا اتباع نہ کرے وہ جھوٹا ہے تائب نہیں اور جو یہ کہے میں حوروں سے نکاح کرنا چاہتا ہوں مگر ان کے مہر کا فکر نہ کرے وہ جھوٹا ہے تائب نہیں تائب خدا اور اس کے رسول کا دوست ہوا کرتا ہے پیغمبر علیہ السلام کا قول ہے کہ جب مومن توبہ کر لیتا ہے تو اللہ تعالیٰ اس کے لئے گذشتہ گناہوں کے ہر دن کے بدلے ایک برس کی عبادت کا ثواب لکھتا ہے اور شہید کا اجر دیتا ہے قیامت کے دن اس کو ایک ہزار تاج عنایت ہونگے قبر میں جنت کی طرف سے ایک کھڑکی کھولی جائیگی محشر میں ایک فرشتہ ان کی داہنے طرف ہوگا ایک بائیں طرف ایک آگے ایک پیچھے یہ چاروں جنت کی بشارت دینگے حضرت ﷺ فرماتے ہیں جب کوئی نوجواں تائب ہو کر مرتا ہے تو اللہ تعالیٰ اس کی خالق بزرگی کے باعث مسلمانوں کی قبروں سے چالیس برس تک عذاب اٹھا دیتا ہے. حضرت عمر رضی اللہ عنہ مدینہ کی گلیوں میں سے گزر رہے تھے رستہ میں ایک نوجوان شخص ملا جو آنچل میں کوئی چیز چھپائے ہوئے تھا آپ نے فرمایا کہ یہ کیا چھپا رکھا ہے چونکہ اس کے پاس شراب کی بوتل تھی خوف زدہ ہو کر چھپ گیا اور دل میں کہنے لگا الٰہی اگر تو نے مجھ کو حضرت عمر کے روبرو شرمند اور شارع عام میں رسوا نہ کیا تو میں کبھی شراب نہ پیوں گا اس کے بعد حضرت عمر رضی اللہ عنہ کے سوال کا جواب دیا کہ حضور میرے پاس سرکہ ہے آپ نے فرمایا ادھر آکر ہمیں دکھاؤ اس نے آنچل ہٹایا تو خالص سرکہ تھا بھائیو یہ نصیحت حاصل کرنیکا مقام ہے دیکھو ایک نے حضرت عمر رضی اللہ عنہ کے خوف سے توبہ کرلی اور اللہ تعالیٰ نے اس شراب کو سرکہ سے بدل دیا اگر گنہگار بخوف الٰہی معاصی سے توبہ کرے گا بالضرور اس کی برائیاں طاعت سے بدل دی جائیگی ایسا ہونا اس کے لطف و کرم سے کچھ بعید نہیں کیوں کہ اس کا قول ہے فاولائک یبدل اللہ سیاتھم حسنات وکان اللہ غفورا رحیما اللہ تعالیٰ ان کی بدیوں کو نیکیوں سے بدل دیتا ہے وہ بخشنے ولا اور بندوں پر مہرباں ہے.

(مکتوبات ص 43 مکتوب نمبر ۳۸)

مکتوب

دربیان تخلقوا باخلاق اللہ

خواجہ محمد پارسا قدس سرہ کی تحقیقات میں جس مقام پر تخلق باخلاق اللہ کے معنی بیان کرتے ہیں فرماتے ہیں اور صفت ملک ہے اور ملک معنی سب پر متصرف کے ہیں جو جب سالک طریقت اپنے نفس پر قابو پالیتا ہے اور اسکو مغلوب کرلیتا ہے اور اس کا تصرف دلوں میں جاری ہو جاتا ہے تو اس صفت سے موصوف ہو جاتا ہے اور صفت بصیر کے معنی دیکھنے والے کے ہیں جب سالک طریقت کی بینائی کی آنکھ بینا ہو جاتی ہے اور نور فراست سے اپنے تمام عیب دیکھ لیتا ہے اور دوسروں کے حال کا کمال معلوم کرلیتا ہے یعنی سب کو اپنے آپ سے بہتر دیکھتا ہے اور نیز حق تعالیٰ کی بصیرت اس کی نظر کے منظور ہو جاتی تا کہ جو کچھ وہ کرتا ہے حق تعالیٰ کی رضامندی کے موافق کرتا ہے تو اس سے موصوف ہو جاتا ہے اور صفت سمیع ہے اور سمیع کے معنی سننے والا جب سالک طریقت حق تعالیٰ کی بات کو خواہ کسی سے سنے بلا تکلف قبول کرلیتا ہے اور غیبی اسرار اور لاریبی حقائق کو جان کے کانوں سے سن لیتا ہے تو اس صفت سے موصوف محی ہے اور محی کے معنی زندہ کرنے والا ہے جب سالک طریقت متروکہ سنت کے زندہ کرنے میں قیام کرتا ہے تو بس اس صفت سے موصوف ہو جاتا ہے اور صفت ممیت ہے اور ممیت کے معنی مارنے والا ہے جب سالک طریقت بدعتوں کو جو سنتوں کی بجائے ظاہر ہوتی ہیں دور کرتا ہے تو اس صفت سے موصوف ہو جاتا ہے علیٰ ہٰذا القیاس اورنے تخلقو کے معنی اور طرح سمجھے ہیں اس لیے گمراہی کے جنگل میں جا پڑے ہیں اور انہوں نے خیال کیا ہے کہ ولی کے لیے جسم کا زندہ کرنا درکار ہے اور اشیائے غیبی کا اس پر منکشف ہونا ضروری ہے اور اس قسم کے کئی بے ہودہ فاسد ظن ان کے دلوں میں جمے ہوئے ہیں ان البعض الظن اثم بعض ظن گناہ ہیں اور نیز خوارق صرف زندہ کرنے اور مارنے پر ہی منحصر نہیں ہیں الہامی علوم اور معارف بڑے بھاری نشاں اور بلند خوارق میں سے ہیں یہی وجہ ہے کہ قرانی معجزات سب معجزوں سے زیادہ قوی اور دیر پا ہیں زرا آنکھ کو کھول کر دیکھیں یہ سب علوم و معارف جو بھاری بادل کی طرح برس رہے ہیں کہاں سے ہیں یہ علوم باوجود اس کثرت کے سب کے سب علوم شرعیہ کے موافق ہیں بال بھر بھی مخالف کی گنجائش نہیں ہے۔ (مکتوبات ص 49)

مکتوب

دربیان خلق اللہ تعالیٰ کا عیال ہے۔

رسول اللہ ﷺ نے فرمایا: الخلق عیال اللہ واحب الخلق الي اللہ من استحسن الي عیالہ. خلق اللہ تعالیٰ کا عیال ہے اور مخلوقات میں سے زیادہ اللہ تعالیٰ کے نزدیک وہ شخص ہے جو اس کے عیال کے ساتھ احسان کرے حق تعالیٰ بندوں کے رزق کا کفیل ہے اور مخلوقات اس کے عیال کی طرح ہے جو شخص کسی کے عیال کے ساتھ غم خواری کرے اور اس کے بوجھ کو اٹھائے تو وہ شخص اس عیال والے شخص کے نزدیک بہت محبوب ہوگا۔ انبیاء کی جو خدمت سخاوت ہے ذکر اور امر و نہی پر چلنا محض فی سبیل اللہ دنیادار کی خدمت محتاجوں، مسکینوں کو فرض زکوٰۃ اور صدقات دینا غریبوں کی خدمت ہے بیوی بچے اہل وعیال رشتہ دار ہمسایہ کی خبر گیری رکھنا محض فی سبیل اللہ عمل اسکا ثواب ملے گا جو نیت پاک ہو ایسا نہ ہو کہ یاراں دنیائے کمینی کی بے ہودہ زیب وزینت اور نمّی سج دھج پر جو ظاہر طراوت و حلاوت رکھتی ہے فریفتہ ہو جائیں اور دشمن لعین کے ورغلانے سے مباح کو چھوڑ کر مشتبہ میں اور مشتبہ سے حرام میں جا پڑیں اور اپنے مولےٰ جل شانہ سے خجل اور شرمندہ ہوں یہ اچھا نہیں حدود شریعہ کو لازم پکڑنا چاہیے اور ان حدود سے سر مو تجاوز نہ کرنا چاہیے رسم وعادت کے طور پر نماز پڑھنے والے اور روزہ رکھنے والے بہت ہیں کبیرہ گناہ بھی کرتے ہیں بدعتیں بدکاروں سے میل جول حرام حلال ملا کر کھاتے ہیں لیکن پرہیزگار جو حدود شرعیہ کی محافظت کریں بہت کم ہیں وہ فارق یعنی فرق کرنے والے شئے جو حق کو باطل سے اور جھوٹے کو سچے سے جدا کرے یہی پرہیزگاری ہے کیوں کہ نماز روزہ تو جھوٹا اور سچا دونوں ادا کرتے ہیں رسول اللہ ﷺ نے فرمایا ہے

ملاک دینکم الورع دین کا اصل پرہیزگاری ہے اور رسول ﷺ نے فرمایا ہے لاتعدل بالورع شیئا پرہیزگاری کے برابر اور کوئی شئے نہیں۔ یار اگر پر تکلف کھانے کھاتے ہیں اور نفیس لباس پہنتے ہیں لیکن لذت کا پانا اور نفع حاصل کرنا فقراء کے طعام و لباس میں ہے۔

(مکتوبات ص 53 مکتوب نمبر 48)

پنجون خليفو:

مِنْحَةُ الْبَارِي فِي تَذْكِرَةِ الشَّيْخِ مُحَمَّدِ اِلاهِي بَخْش اَنْصَارِيْ

حضرت خواجه محمد
الاهي بخش محبوب الاهي
دربار فضل آباد شريف ماتلي [1]

پاڻ منهنجا والد هئا. استاد هئا. مرشد هئا. مُربي هئا. منهنجي جان مال ٻار ٻچن جا مالڪ هئا. منهنجا سڀ ننگ ۽ ناتا، رابطا ۽ رشتا ساڻن هئا. ٻچي کي ابي سان فطري محبت هوندي آهي. اولاد ابي جي ضرور واکاڻ کندو آهي. پر جيئن ته هي هڪ تاريخي ڪتاب لکي رهيو آهيان. ان ڪري پنهنجي محبت ۽ عقيدت جو اظهار بجاءِ قسم اٿم ان ذات جو جنهن جي هٿ ۾ ڪرم الله جي جان آهي، هي جو ڪجھ لکي رهيو آهيان سو محض ابي جي محبت سبب نہ پر حق ۽ حقيقت لکي رهيو آهيان. اڄ به هزارين ماڻهو زندهہ آهن جيڪي سندن صحبت ۾ ويٺا هئا. پڇڻ وارو انهن کان پڇي سگهي ٿو تہ مون جو ڪجھ لکيو آهي سو حقيقت آهي ان ۾ ذرو وڌاءُ نہ آهي.

كَرِّرْ عَلَيَّ حديثه يا حادي * فحديثه يجلو الفؤادالصادي

اي حُدي خوان (اُٺن مٿان ڳائڻ وارا) سندس ڳالهہ وري وري ڪر ڇو جو سندس گفتار اونداهن سينن کي اُجاري ٿي.

عالِمِ رباني، صاحبِ فيضِ روحاني، سالڪ راهِ صمداني، مرشد حقاني، حضرت پير روشن ضمير محمد **الاهي بخش** انصاري غفاري بن حضرت قاضي خدابخش انصاري رحمت الله عليهما.

پاڻ خود علمُ هئا، عالم هئا، مُعَلم هئا. اونداهي رات ۾ ڀٽڪيل مسافرن کي راهہ ڏسيندڙ ستارا هئا. يتيمن مسڪينن لاءِ ڇپر ۽ ڇانوَ هئا. تواضع جا منجهن مڻ هئا. زهد ۾ اول درجي جي زاهدن منجهان هئا. سخاوت ۾ ڪريم جواد ۽ سخي هئا، بهادر هئا.

[1] سندن مڪمل سوانح حيات جو ڪتاب پريس جي مراحل ۾ آهي. جنهن ۾ سندن زندگي مبارڪ جي هر گوشي تي جامع معلومات جمع ڪئي وئي آهي. انشاءَ الله ربيع الاول 1432 هه جي سندن ساليانيءَ عرس مبارڪ ۾ پيش ڪيو ويندو.

حق چوڻ ۾ ڪڏهن عار ڪونہ ڪندا هئا. ڪٽي اڳيان ڪھڙو بہ لاٽ صاحب ڇو نہ هجي حق جو ڪلمو چوڻ ۾ ڪڏهن ڪونہ ڪيٻائيندا هئا. ان بي باڪي ۽ حق گوئي سبب کين ڪافي امتحانن مان بہ گذرڻو پيو. مٿن سورن جا ڪيئي سج اڀريا پر سورن جا سج پنهنجا پاڇا مٿائيندي اُلهي ويا مگر پاڻ استقامت جو عظيم سُتون بڻيا بيٺا رهيا. پاڻ لا يخافون لومة لائم جي عملي تصوير هئا.

پاڻ هزارين دلين کي روشن ڪرڻ وارا هئا. روحن کي معرفت جي رنگ ۾ رڱڻ وارا، الله جا پيارا هئا. فيض ڪرامت ۽ برڪت وارا هئا. پاڻ پنهنجِي روحاني قوت ۽ ڪمال سان، مٺڙي گفتار ۽ حسن وجمال سان، سهڻن اخلاقن ۽ خوش خصال سان هزارين گم گشتگانِ باديہ ضلالت کي گس لاتائون. جاهلانہ ريتن رسمن جي پاڙ پٽيائون. باطل جي پوڙ کي پُنجو ڏنائون. پاڻ عالم فاضل هيا، محقق مدقق هيا. پرهيزگار متقي متورع هيا. زهد ۾ پنهنجو مٽ پاڻ هئا. معقول ۽ منقول ۾ يدِ طوليٰ رکندا هيا. شعر گوئي ۾ بہ طبع آزمائي فرمايائون. سلوڪ ڪاهيائون ڪمايائون پين کي روحانيت جا اسرار سيڪاريائون ۽ ڏيکاريائون. وَصُل جي وَٽِي پيتائون، هزارن کي عشق الاهي جي چاٽ چکايائون. سندن خط تمام حسين هيو. شڪل بيحد جميل هئي.

ازل ۾ جڏهن علم ۽ حلم جي ونڊ ۽ ورهاست پئي ٿي تہ کين وڏا ماڻ مليا هئا جن کي ساري عمر ماڻهن ۾ ونڊيندا ورهائيندا رهيا. پاڻ خاشع ۽ متواضع هئا. بَقِيةُ السلف ۽ حُجّةُالخلف هئا. سندن شمار سنڌ جي انهن حقاني ۽ رباني علماء ۾ ٿئي ٿو جن پنهنجي قول ۽ ڪردار سان، علم ۽ معرفت سان اجايل دلين جي آبياري ڪئي. پنهنجي لکيل، مواعظِ حسنة سان ڀريل، ڪتابن سان ماڻهن جي عقيدن جو اصلاح ڪيائون. ايمانن کي تازگي بخشيائون. طالحن کي صالح، جاهلن کي عالمُ بنايائون. هزارين ماڻهو سندن چشمہءِ فيض مان پرتِ جو پَلُـرُ پِـي پَلِيا. پاڻ جهالت جي پاڙ پَٽِيائون. علم جي درخت کي پنهنجي قربائتي قلم جي چَسُ سان، محبت واري مَسُ سان، لڙڪن واري وَسُ سان آباد ڪيائون ، بلڪ سرسبز ۽ شاداب ڪيائون. سندن ذوق واري زبان ۽ قُوّت وارو قلمُ فقہ ۽ تصوف ، علم ۽ عرفان جي وادين ۾ ڊوڙندا رهيا.

پاڻ تقاليدِ جاهلية، رُسوماتِ غير شرعيہ جو قلعو قمع ڪيائون. سنڌ جي ڳوٺن ڳلين ۾ هر جاءِ هلي ويا. ماڻهن جي خوشين جي موقعن يا غمين جي ميڙاڪن ۾ هلي وڃي محمدي پيغام پهچاپائون. ماڻهن کي نبوي تعليم سان آشنا ڪيائون. اڻ پڙهين گنوارن ڄٽن جي تربيت ڪيائون. حڪمت ۽ بالغ نظري سان خلقِ خدا کي راهِ راست تي آندائون. وڏي تعداد ۾ ماڻهن کي رجوع الي الله ڪرايائون. اصلاح نفس جا عجيب انداز اپنايائون. تَربِيَةُ المُريدين ۽ اِرشَادُ الطالبين ۾ عجب انداز رکندا هئا. مطالعي جي محبت عمر جي آخري ايام تائين قائم ۽ دائم رَهِيَنِ. شب خيزي ۽ آهِ سحر گاهي ۽ تهجد گذاري عمر ڀر جو معمول رهي. حسنِ خُلق سندن طبيعت ۾ سمايل هيو. نگاهون هيٺ رکندا هئا. هميشہ عفيف ۽ شفيق رهيا.

مليء المنبر مسكا مذ به قمت خطيباً

اترى ضم خطيباً ام ترى ضمخ طيباً

قادر قدير وڏي فياضي سان کين پنهنجي نعمتن سان نوازيو هيو. چهري جو حسن و جمال ڏسي هر ڪنهن جو من موهجي پوندو هيو. حسنِ اخلاق ڏسي هر ڪو سندن محبت ۾ مشتاق ٿي پوندو هيو.

دوستي ۽ دشمني خدا خاطر رکيائون. پنهنجا ذاتي مطلب ۽ مفاد دوستي جي وچ ۾ نہ وِڌائون. جنهن سان لاتائون توڙ نڀايائون. ماڻهن ساڻن والهانہ محبت رکندا هئا. جتي جلوه نمائي ڪندا هئا تہ هزارين حيران ۽ مستان سندن ديدار جا مشتاق اچي ڪٺا ٿيندا هئا. نہ هزارن سان ملڻ ۾ ملول ٿيا، نہ ڪنهن سان مُنهن گُهنجائي گفتگو ڪيائون. نہ در تي دربان ببهاريائون، نہ ملڻ ملاقات لاءِ ڪنهن کي انتظار ڪرايائون. نہ ڪنهن ملڻ لاءِ آيل ماڻهو کي دران بغير درشن واپس ورايائون. سندن مجلس ۾ امير ڪبير توڙي فقير دلگير سڀ يڪسان هوندا هئا. بلا تڪلف هرڪو حضور ۾ اچي پنهنجو مطلب مقصد بيان ڪندو هيو. پاڻ وڏي مِهر ۽ محبت سان ان جو عرض ٻڌي دعا جا هٿ کڻندا هئا. رب ڪريم کين مُستجَابُ الدعوات بڻايو هيو. قبوليت سندن قريب هوندي هئي. جڏهن دعا جا هٿ کڻندا هئا تہ قبوليت بنا دير اچي سندن سلام ڪندي هئي.

صالح عمل سندن عادت هئي. خدمتِ خلق سندن نظر ۾ عبادت هئي. جڏهن پاڻ پِيري جي پُور ۾ هئا، سندن هڏ هيٺا ٿي چُڪا هئا تہ بہ مهمانن مسافرن کي هٿن سان کٽي کارائڻ جي هِيَين مان هَير نہ ڪڍيائون. رب العالمين کين رَقِيقُ القلب ۽ شَفِيقُ الطبع بنايو هيو. ٻئي جو غم سهي نہ سگهندا هئا. ان جي غمن غلط ڪرڻ لاءِ ظاهري ڪوشش سان گڏ دعائن جا عطيا بہ عنايت ڪندا هئا. سائل کي خالي نہ ورايائون. محتاج جي مدد کان ڪنڌ نہ ڪڍايائون. رب العالمين سندن مُنهن ۾ مَٺِيا رکي هئي. سندن چهري ۾ رعب ۽ جلال، هيبت ۽ وقار هوندو هيو. ان جي باوجود مَنجهن تواضع ۽ نيازمندي جا مڻ هوندا هئا. ڪرم سندن عادت هئي حلم سندن فطرت هئي. ڪثرت ذڪر الله سندن مشغلو هيو. گهر هجي يا مسجد، پڇڙن ٻارن ۾ هجن يا مريدن ۾، صبح هجي يا شام، ڏينهن هجي يا رات هر وقت پاڻ ذڪر الاهي ۾ مشغول رهندا هئا. خِلوت جي لمحن ۾، فرحت جي وقتن ۾ سندن روح جي وِرُونهن ذڪر الاهي هوندو هيو. هر وقت مٿن وارداتِ باطنيہ جو نزول رهندو هيو. ڪيڏي مهل ڪو شعرِ محبت جهونگاريندو هيو تہ يڪدم مٿن گريہ جي ڪيفيت طاري ٿي ويندي هئي.

عشق الاهي سندن نس نس ۾ سمايل هيو. وحدانيت تي گفتگو ڪندا هئا تہ الله جي هيڪڙائي ڪبريائي بيان ڪندي ڪلاڪن جا ڪلاڪ گذري ويندا هين. الله جي قُوّتن ۽ قدرتن جمال ۽ جلال جو بيان ڪندا هئا تہ مجلس مٿان هڪ ڪيف طاري ڪري ڇڏيندا هئا.

پاڻ عشقِ رسول ﷺ جا مجسمہ هئا. ڪو مديني جي ڳالهہ ڪري پوءِ تہ سندن نماڻا نيڻ ٽِميو پيا ٽِمندا بلڪہ وسيو پيا وسندا هئا. جڏهن خود مجلس ۾ سهڻي حبيب ڪريم ﷺ جي اوصافِ حميده، خصائل، فضائل ۽ شمائلِ محموده جو بيان ڪندا هئا تہ سندن مبارڪ اکيون سانوڻي جي بارش وانگر برسنديون رهنديون هيون. جماعت مٿان بہ وجداني ڪيفيت طاري ٿي ويندي هئي.

اهو منظر اڄ بہ منهنجي اکين اڳيان آهي جڏهن هڪ فقير منڙي آواز ۾ شعر پڙهيو::

ڪيئن وساري ويهان مير مديني وارو
دائم دل ۾ آهي ياد پيغبر پيارو

پوءِ تہ پاڻ ائين پئي رُنا جيئن ننيڙو ٻار سُڏڪي سُڏڪي روئندو آهي. روئڻ کين ڏاج ۾ مليو هيو. رات جو مصلي تي روئندي نظر ايندا هئا. صبح جو حلقہ مراقبي ۾ روئندي نظر ايندا هئا. رات جو مجلس ۾ روئندي نظر ايندا هئا تان جو سندن مرشد بہ کين "**روئڻو خليفو**" سڏيو ۽ سندن جماعت ۾ پاڻ ان نالي سان مشهور هوندا هئا.

سندن طبيعت نماڻائي ۽ عاجزي انکساري سان بلڪل ڀريل هئي. نہ ڪڏهن پنهنجي تعريف پاڻ ڪيائون نہ ٻئي جي واتان پنهنجي تعريف ٻڌڻ پسند ڪيائون. خلقِ خدا کي نفعو ڏنائون. قرآني قانون جي پاسباني ڪيائون. نبوي تعليم خود عملي صورت ۾ مريدن متلقين اڳيان پيش ڪيائون. منجهن اهڙي ڪا مالک ڪريم مناس رکي هئي جو جيڪو هڪ ڀيرو سندن محفل ۾ ويٺو سو ڪانئڻ جدا ٿيڻ گوارا ڪونہ ڪندو هيو.

سندن آواز: سندن آواز ۾ رب العالمين ڪا ڪشش رکائي هئي جو جڏهن بيان ڪندا هئا تہ سُٽن کي سجاڳ ڪري ڇڏيندا هئا. سندن آواز منڙو منڙو هيو. نہ زوردار جو ڪنن کي رَهڙي ۽ ڪرڙي نہ اهڙو جهيڻو جو ٻڌڻ وارو وري وري پيو واجهائي تہ ڇا فرمايائون؟ مگر سندن آواز درميانو هوندو هيو. جڏهن قرآن سُرَ سان پڙهندا هئا تہ سيني مان سريرون نڪري ويندڀون هيون.

جمعہ جي نماز ۾ اڪثر سورة البقرة جون آخري آيتون اهڙي منڙي ۽ رقت انگيز آواز ۾ پڙهندا هئا جو نمازين جون اکيون آليون ٿي پونديون هيون. مولانا علي مراد سکر واري فرمايو تہ مون کي سندن قرآن پڙهڻ اهڙو متاثر ڪيو تہ جو سندن مريد ٿي ويس. شاهہ سائين جا شعر جڏهن ترنم ۽ تـغَنـّم سان جهونگاريندا هئا تہ خود بہ روئندا هئا تہ راڄن کي رئاري ڇڏيندا هئا. ائين پيو محسوس ٿيندو هيو ڄڻڪ خود پٽائي جو روح بہ پير ۾ ويٺو ٻڌي رهيو آهي. رومي جي مثنوي جا سوين شعر کين ياد هوندا هئا. مثنوي پڙهڻ جو سندن انداز ئي عجيب هوندو هيو. سعدي جا شعر، حافظ شيرازي جا غزل، خيام جون رباعيون ائين پڙهندا هئا جو مجلس مٿان ڪيف و سرور جون ڪيفيتون طاري ڪري ڇڏيندا هئا. هڪ ڀيري هڪ صبح جي محفل ۾ پنهنجي ناهيل وائي پڙهيائون پوءِ تہ پوري جماعت ۾ آهہ وبُڪاءُ جاري ٿي ويو. وائي جا لفظ هي هئا:

پرين وٽ هجان پياري، ٿيان نہ ڪنياري،
ڇا ڪنديون ماڻهن جون پوءِ ميارون .
آگو نہ اگهاڙي عيب لا مونجهہ انهيءَ آهيان ماري ٿيان نہ ڪنياري

هڪ مجلس ۾ پاڻ خواجہ غلام فريد جا هي لفظ جهونگاريائون.

يار ماهی نال لگ گیاں دلیاں، گهول گهول تهکیاں شهر دیاں گلیاں
عشق ماہی دے میکوں رُلایا، بار برھ دا سر تے چوایا،
وطن چھوڑیوسے پردیس رُلیاں
تیر هجر دا ماریس میکوں، رو رو حال سناواں کنهں کوں،
روندے روندے راتیاں ڈھلیاں۔
عرض فرید دا سن تو مولا، یار پنهل نال کڈ تهیسیں میلا،
الله ملے سیں وچھڑیاں دلیاں

پوءِ تہ سندن نيڻن جو جر جاري هيو ۽ جماعت ائين تڙپي رهي هئي جيئن ڪڪڙ تڪبير مهل تڙپندو آهي. ان ڏينهن پوري جماعت کي اهڙو روحاني ننگر ڪرايائون جو ماڻهن کي ظاهري ننگر کائڻ جي ضرورت ئي نہ ٿي. پٽ جو پاٿيون اڳيان پريل رهيون ماڻهن گرهہ کائڻ جي گنجائش محسوس ڪو نہ ڪئي.

رمضان المبارڪ ۾ جماعت کي دربار تي گهرائيندا هئا. پورو مهينو فقهي ۽ روحاني تربيت ڏيندا هئا. صبح شام تربيتي مجلسون ۽ ذڪر ۽ فڪر جون محفلون جاري رهنديون هيون. پورو مهينو ساري جماعت جو اهتمام پنهنجي هٿان وڙان ڪندا هئا. شرڪاءَ جي دلين کي ڌوئي اڇو اُجرو ڪندا هئا. ماڻهو موٽندا هئا تہ هڪ نئين زندگي وٺي واپس ورندا هئا.

هڪ ڀيري اهڙي ئي تربيتي پروگرام جي پڄاڻي ۽ اختتامِ رمضان تي جڏهن جماعت الوداع ڪرڻ لڳي تہ سندن مبارڪ پنبڙيون پُسي پيون. پاڻ خليفي محمد صالح چانڊيي کي شعر پڙهڻ جو امر ڪيائون. ان جڏهن الوداع جو شعر پڙهيو پوءِ تہ پاڻ بہ زارو قطار رنا تہ پوري جماعت ۾ بہ ريهاڙ پئجي . شعر هي هيو:

(كافي)

وٽان مون نہ وڃو، پاروچا مون وٽ رات رهو.

.......................اڃا هڪڙي رات رهو.

1. اُٺَ نہ پلاٽيو اوٺيا، ڏاگهن ڏاڻ ڏيو.
2. وڃڻ وايون نہ ڪريو، مون وٽ ساعت سهو.
3. اڏيءَ چاڙهي انگڙا، وڃهنديس ماس ٻهو.
4. اديون شاهہ لطيف چئي، ڏکن سان نہ ڏهو.

محفلِ مراقبہ: سندن دستور هيو جو روزانو فجر نماز بعد محفلِ مراقبہ ڪرائيندا هئا. ان ۾ اڪثر پاڻ ناصحانہ شعر پڙهندا هئا. ڪڏهن وري جي عشق جا ابيات پڙهندا هئا تہ پوري جماعت ۾ افتان خيزان جذبا جوش چالو ٿي ويندا هئا. هڪ ڀيري پاڻ هي شعر پڙهيائون، پوءِ تہ جماعت مٿان عجيب وجداني ڪيفيت طاري ٿئي وئي.

مون ڪي تہ ڀنڀور ڪان بس وويار، ڪين جاليندس جانب ريءَ جيڏيون.

1. ويندس رهنديس ڪينڪي، وڃي ڪيچ لاهيندس ڪس وويار.
2. هاڙهي ويندس هوت پنهل ڏي، ڏونگر ڏي ڪو ڏس وويار.
3. برڪت علي چوي پڙهہ باب برهہ جو، برهہ ڪيس بي وس وويار.

ڪڏهن هي شعر بہ مراقبي ۾ روئندي روئندي پڙهندا هئا.

هوت پنهل جو ٿم حق ناهي ڪو شڪ، ووڙي ووڙي آئُ ورايان.

1. هٽي تہ مون ڪي هوت ويو، چوري چشما چقمق. ناهي ڪو شڪ، ووڙي ....
2. ڪيچي ڪري تہ ڪلور ويو نال نماٽيءَ ناحق. ناهي ڪو شڪ، ووڙي ....
3. طالب تاج محمد چوي، ڏونگر ڏسي پيو نا ڏک. ناهي ڪو شڪ، ووڙي ....

آمدم بر سرِ مطلب: ڳالهہ ڊگهي ٿي وئي. اسان کي سندن سوانح جو آغاز ڪرڻو هيو.

سندن گهراڻو: رب العالمين کين جن بي شمار خوبين سان نوازيو هيو. انهن مان هڪ هيءَ بہ هئي جو باري تبارڪ وتعاليٰ سندن ولادت ان گهراڻي ۾ ڪئي، جيڪو علم ۽ معرفت سان منور گهراڻو هيو. سخاوت، فياضي، مهمان نوازي، عشقِ رسول، ادبِ اولياءَ سندن خانداني ورثو هيو. سندن سلسلہ نسب حضرت ابو ايوب انصاري رضي الله عنه سان ملي ٿو.

سندن اجداد مان هڪ سڳورو سنڌ سونهاري ۾ سيوهڻ شريف جي سهڻي سرزمين تي منتقل ٿي آيو. هتي اچي علم ۽ معرفت جو فيض عام ڪيائين. سندن نسب هر هڪ کي ڏاتر جي ڏات مليل هئي. اهي علم ۽ فضل، محبت ۽ معرفت جا صاحب هئا. شيخ الاسلام محمد مراد سيوهاڻي سندن ڏاڏنگ ۾ آهن. جن جي فيض ۽ فضل جي ساري سنڌ معترف هئي. پوءِ جڏهن پاڻ وري واپس حجاز مقدس موٽيو تہ سندن خاندان جا ڪجهہ افراد سنڌ ۾ سڪونت پذير رهيا. انهن مان هڪ ڀلارو خيرپور جي قريب ڪاٽڙي جي شهر ۾ اچي رهيو. ان جي پونير مان هڪ ڀلارو ضلعہ دادو تعلقہ خيرپور ناٿن شاهہ ۾ شهر خير پور کان تقريباً ست اٺ ڪلوميٽر اولهہ طرف "**ڪرڪٽ**" نالي ننڍڙي ڳوٺ ۾ اچي رهيو. قدرت جي قلم ان جي ذريت منجهان اهڙو عظيم انسان پيدا ڪيو، جنهن لکن کي ديندار بنايو.

سندن نسب نامو: پاڻ پنهنجي بياض ۾ پنهنجي مبارڪ هٿن سان پنهنجو جيڪو نسب نامو لکيو اٿن. ان مطابق ايڪيتاليهين پيڙهي ۾ سندن نسب صحابيءِ رسول حضرت سيدنا ابو ايوب انصاري خزرجي رضي الله عنه سان ملي ٿو. سندن نسب نامو هن طرح آهي.

محمد ڪرم الله بن محمد الاهي بخش غفاري بن خدا بخش بن جان محمد بن محمد صالح بن خدا بخش بن صدر الدين بن محمد صالح بن فقير عبدالرحمان بن عبد الرئوف بن ڪرم الله بن حسيب احمد بن عبد القدوس بن فاضل احمد بن يونس بن محمد بن اڪرم بن محمد علي بن عبد الله بن محمد حسين بن محمد مُراد بن حافظ محمد يعقوب بن محمود بن عبد الرحمٰن بن عبد الرحيم بن محمد انس بن عبد الله بن محمد جابر بن محمد خالد بن مالڪ بن ابي عوف بن حسان بن سالم بن اشعث بن مَتّ بن ثعلبة بن جنيد بن مقدم بن شرحبيل بن اشعث بن مَتّ بن صحابي الجليل ابي ايوب الانصاري النجاري الخزرجي. رضي الله عنہ

شجرة النسب محبوب الاهي رحمت الله عليه

محمد كرم الله بن ← العلامة القُدوة الشيخ محمد الاهي بخش الانصاري الايوبي الخزرجي رحمة الله عليه ← بن خدا بخش

بن محمد صالح — بن صدر الدين — بن خدا بخش — بن محمد صالح — بن جان محمد

بن فقير عبدالرحمٰن — بن عبدالرؤف — بن كرم الله — بن حسيب احمد — بن عبد القدوس

بن محمد علي — بن اكرم — بن محمد — بن يونس — بن فاضل احمد

بن عبد الله — بن محمد حسين — بن محمد مراد — بن محمد يعقوب — بن محمود

بن محمد جابر — بن عبد الله — بن محمد انس — بن عبد الرحيم — بن عبدالرحمان

بن محمد خالد — بن مالك — بن ابي عوف — بن حسان — بن سالم

بن مقدم — بن جنيد — بن ثعلبة — بن مت — بن الاشعث

بن شرحبيل — بن الاشعث — بن مت — بن صحابي الجليل ابو ايوب الانصاري الخزرجي رضي الله عنه

المراجع: بياض محبوب الاهي (مخطوط)، دفينة المطالب المجلد الرابع (مخطوط) مكتبة ملك عبد العزيز مدينة المنورة
الشيخ محمد عابد السندي الانصاري مطبوعه دار البشائر الاسلامية، ص 61 مقدمه طوالع الانوار شرح در المختار

والد گرامي: سندن والد جو اسم گرامي خدا بخش رحمة الله عليه هيو. پاڻ نهايت نيڪ صالح عابد زاهد انسان هيو. طريقت ۾ حضرت خواجہ محمود رحمة الله عليه پوڙن لاڪيرن واري سان سلسلہ عاليہ نقشبنديہ ۾ بيعت هيو ۽ سندن خاص مريدن مان هيو. پنهنجي مرشد سان نهايت محبت ۽ عقيدت هوندي هيس ۽ بزرگن جي بہ مٿس نهايت مهرباني هوندي هئي. مرشدن ڪيس قاضي جو لقب ڏنو هيو. انڪري ڪيس سندس نالي ڪان وڌيڪ سندس لقب "**قاضي صاحب**" سان ڄاتو سڃاتو ويندو هيو. سندس رياضت جو حال ايستائين پهتل هيو جو پاڻ ڪتل جي ڳڙي تي چلو ڪڍيائين. يعني روزانو هڪ ڳڙيءَ تي روزو رکندو بہ هيو ۽ هڪ ڳڙي تي کوليندو بہ هيو. ان حال ۾ چاليهہ ڏينهن ذڪر فڪر ۾ گذاريائين. ڪثرتِ رياضت و مجاهده سبب پاڻ جسماني طرح نحيف هيو پر روحاني قوت ۾ قوي هيو. ڪيس ڪشف القبور ۽ ڪشف الصدور حاصل هيو.

خيلفي محمد حسين پنهنور نانگري جي بقول هڪ ڀيري پاڻ چوڪنڊي ڳوٺ ۾ اهل مماتي واري بزرگ جي مزار شريف تي ختمو ڏيڻ لاءِ ويو. جنهن مهل قبي جي دروازي تي پهتو تہ اوچنگار ڏئي روئي پوئتي وريو ۽ قُبي جي ٻاهران ختمو شريف ڏئي واپس ٿيو. رفيقن پڇا ڪئي تہ سائين ڇا سبب هيو جو اوهان اندر نہ هليا ۽ ٻاهران ختم ڏنوَ ۽ روئڻ لڳئو. فرمايائين هي بزرگ صاحبِ جلال ولي الله آهي. سندس پير ۾ سندس گهرواري جي قبر آهي جنهن مهل آءُ اندر وڃڻ لڳس تہ هَڪَلَ ڪري چيائين قاضي صاحب ڏسين نہ ٿو تہ مون سان گڏ منهنجي گهر واري جي قبر آهي تون تہ اکين وارو آهين اندر ڪيئن ٿو اچين؟ انڪري مون روئي ڏنو ۽ ٻاهران ئي ختمو ڏنم.

اهي اڄ بہ زنده زماني ۾ آهن:

بيشڪ الله جا ولي قبرن ۾ بہ زندهہ هوندا آهن. حضرت قاضي خدابخش بيان فرمايو تہ هڪ ڀيري حضرت ميان محمود رحمت الله عليہ سان گڏ ڪاڇي جي سفر ۾ هياسين پي جماعت بہ ساڻ هئي. رات رستي ۾ پئجي وئي. هڪ سياري جي سردي پيو برسات بہ وسي پئي. قبرستان هيو هڪ بزرگ جي مزار وٽ مڪان هيو اتي اچي رات رهياسين. گهوڙا ٻڌاسين. مزار جي قريب ڪاٺيون ڪثير پيل هيون.

پر صاحبِ مزار لاءِ مشهور هيو تہ ڪنهن کي بہ ڪاني ڪٽڻ نہ ڏيندو آهي. ميان سائين هڪ مريد کي موڪليو تہ ڪانيون ڪٽي اچ تہ باهہ ٻاريون. مريد ڪانيون ڪٽڻ لڳو تہ قبر مان اندران آواز ٿيو. ”هُون هُون“ اهو آواز ٻڌي مريد واپس ڀڄي آيو. وري ٻئي مريد ڇيو تہ مان ٿو ڪٽي اچان. وري ان کي بہ اهو آواز آيو، اهو موٽي آيو. پوءِ ميان سائين جوش ۾ پاڻ اٿيا ۽ پاڻ وڃي ڪانين جي هڙ ٻڌي ڪنيائون تہ وري بہ قبر مان آواز آيو: **”هُون هُون“** . تہ پاڻ فرمايائون ”**قِتن تُون هُون**“، مري ويو آهين تہ بہ لالچ نہ ٿو ڇڏين. اسان ٿا سيءَ ۾ مرون اسان ڪانيون ڪٽون ٿا جيڪو ڪرڻو اٿئي سو ڪر. پوءِ ڪانيون ڪٽي باهہ ٻاريائون گهڻي دير ڪان پوءِ رات جو مينهن بہ بند ٿيو تہ هڪ شخص گهاگهر کير جي ۽ مانين جو ٿَهو ڪٽي آيو. بزرگ کي ڏنائين ۽ چيائين تہ مان هن بزرگ جو مجاور آهيان. پاڻ مون کي خواب ۾ چيائون تہ منهنجا مهمان آيا آهن. انهن کي ماني ڪاراءِ ۽ بسترا ڏي. سو ماني آندي اٿم ۽ بسترا بہ. پاڻ مُسڪرائي فرمايائون اڳ ڪانيون نہ ٿي ڪٽڻ ڏنائين هاڻي وري مهماني ٿو ڪارائي.

والده ماجده: حضرت محبوب الاهي جي والده ماجده ”**بيبي حرمت خاتون**“ تمام نيڪ صالح عابده ۽ پارسا عورت هئي. سندس تقويٰ ايتري حد تائين پهتل هئي جو فرمائيندي هئي تہ مون پنهنجي ٻچي (حضرت محبوب الاهي) کي ڪڏهن بہ بنا وضو جي ٿڃ نہ پياري. اڌ رات جو بہ اول وضو ڪري پوءِ کين کي کير پياريندي هيس.

محبوب الاهي جو نانو صاحب : سندن نانو تمام نيڪ صالح زنده دل صاحبِ نسبت ۽ صاحبِ درد بزرگ هيو. جڏهن خدا ۽ رسول ﷺ جي ڪا ڳالهہ ٻڌندو هيو تہ بي حد روئندو هيو. پاڻ فرمائيندا هئا تہ مون پنهنجو نانو ننڍپڻ ۾ ڏٺو هيو. جڏهن جمعي جي نماز تي خطيب خطبہ پڙهندو هيو تہ نانو صاحب بي اختيار رڙيون ڪري روئندو هيو.

هڪ ڀيري سندس نياڻي (محبوب الاهي جي والده) والد کي عرض ڪيو تہ مون کي ڪو اولاد نہ ٿو ٿئي. نهايت سڪايل آهيان. اوهان ڪا دعا گهرو. پوءِ پاڻ هڪ اهل مماتي واري بزرگ تي استخارا ڪيائين ۽ اتان جواب مليس جيڪو اچي پنهنجي نياڻي کي ٻڌائين تہ ”توکي گهڻو اولاد ٿيندو پر صبر ڪر هڪ نينگر توکي پيدا ٿيندو جيڪو جهان کي روشن ڪندو ۽ هڪ برگزيده عالم هوندو.“

پوءِ جڏهن پاڻ ڇاوا تہ نانو صاحب سندن پينگهو لوڏيندو هيو ۽ سندن بي حد خدمت ڪندو هيو ۽ سندن ڪير واري ڳڻون پاڻ ڏهندو هيو ۽ پنهنجي نياڻي کي مبارڪون ڏيندو هيو تہ هي نينگر ڪنهن وقت وڏو ڪامل ولي الله ٿيندو ۽ توهان جا ميرا ڌوئندو.

ڏاڏي صاحبہ: حضرت جن جي ڏاڏي صاحبہ "**بيبي ڪامل**" نهايت عابده ۽ شب بيدار ٿاهي هئي. مراقبي ۾ وڏي رسد حاصل هيس. پوري پوري رات ذڪر فڪر ۾ گذاري ڇڏيندي هئي. وفات بعد غَسّالہ (وهنجارڻ واري عورت) بيان ڪيو تہ وهنجاريندي مون ڏٺو بيبي صاحبہ کي گهڻي ويهڻ سبب ويهڪ واريءَ جاءِ تي ريش نظر آيا.

بي بي صاحبہ جي شب بيداري کي ڏسي ڳوٺ جا ماڻهو پئسا ۽ سون چاندي وٽس امانت رکي ويندا هئا ۽ ڪيترا ڀيرا بي بي صاحبہ جي گهر چور آيا پر ڪيس سجاڳ ڏسي واپس وري ويا. جڏهن بي بي صاحبہ ذڪر ڪندي هئي تہ بي اختيار محبت الاهي ڪان ريهون رڙيون ڪري روئندي هئي. سندس رياضت جو هي حال هيو جو حضرت محبوب الاهي رحمت الله عليہ خود بيان فرمائيندا هئا تہ ڏاڏي صاحبہ نوَ ڪروڙ (90000000) ڀير اصلواة شريف پڙهي هئي .

ڪڏهن ڪڏهن پنهنجي رازدانن سان اهڙا راز ۽ حقائق بيان ڪندي هئي جو اهي حيران ٿي ويندا هئا. فرمائيندي هئي تہ گهڻي درود پڙهڻ ۽ ذڪر الاهي جي برڪت سان منهنجي قلب مٿان هر وقت الله جو نور وسندڙ ڏسان ٿي. انبياء و اولياء جي ارواح مبارڪن سان هر دم ملاقاتون ٿين ٿيون.

سائڻ مٿان آقاء دوعالم حضرت محمد مصطفيٰ ﷺ جن جي خاص شفقت هوندي هئي. فرمائيندي هئي تہ نياڳي ڪا رات هوندي جنهن ۾ مون کي منهنجي محبوب محمد ڪريم ﷺ جو ديدار نہ ٿيندو هوندو. مون هيٺي سان هر رات ڪريم پنهنجو ڪرم ڪندا آهن. پاڻ مستجاب الدعوات هئي. سندس دعا ڦيٽي ۾ اثر هوندو هيو. هر صبح جو بي بي وٽ دعا ڦيٽي ۽ ڀرين جي ڦچار ڀڏڻ لاءِ ماڻهن جا هجوم ٿي ويندا هئا. ڪيترا مشڪل زده ماڻهو سندن اوطاق ۾ راتيون ٽڪي اچي مشڪلاتون حل ڪرائيندا هئا.

حضرت خواجہ محمد قاسم مشوري رحمۃ الله عليہ جو ارشاد : هڪ ڀيري حضرت خواجہ محمد قاسم رحمۃ الله عليہ ڳوٺ ۾ دعوت تي آيا جڏهن بي بي صاحبہ يعني محبوب الاهي جي ڏاڏي صاحبہ

جو حال مطالع ڪيائون تہ فرمايائون تہ :” ابا هن عورت جي نيڪائي اڳيان اسان مردن جا بہ پٽڪا ٽا لهن هن عورت جي عبادت واري گهر جي ڪک پن تي نور پيو ٿو وسي“. پوءِ پاڻ فرمايائون تہ مون هن عورت کي حج تي ڏٺو هيو. حالانڪہ ظاهرًا بي بي صاحبہ ساري عمر ۾ حج نہ پڙهيو هيو. اها بي بي صاحبہ حضرت محبوب الاهي جي ڄمڻ جون بشارتون ڏينديون هئي ۽ جڏهن پاڻ ڄاوا تہ سندن خدمت ڪندي هئي ۽ پيشاني چمندي هئي ۽ کين کي دعائون ڏيندي هئي.

حضرت خواجہ محمود قادري جي بشارت :

حضرت خواجہ محمود رحمت الله عليہ سلسلہ عاليہ قادريہ جا بلند پايہ عظيم المقام بزرگ هئا ۽ راشدي بزرگن جا خليفا هئا. پاڻ ڪرڪٽ ۾ ايندا هئا. هڪ ڀيري حضرت جن جي والده کي مبارڪ ڏياري موڪليائون تہ توهان منجهان هڪ اهڙو گل پيدا ٿيندو جنهن جي خوشبوءِ ملڪان ملڪ پکڙجي ويندي.

حضرت خواجہ محمود نقشبندي ﷫ جي بشارت :

خيرپور ناٿن شاهہ جي پرسان پوڙن لاڪيرن جي ڳوٺ ۾ هي بزرگ وڏا ڪامل ولي الله صاحبِ حال ولي الله هوندا هئا. قاضي خدابخش رحمت الله عليہ سندن مريد هئا. حضرت محبوب الاهي رحمت الله عليہ بيان فرمائيندا هئا تہ ”جڏهن حضرت ميان محمود ﷫ پنهنجي خاص مريدن تي توجہ ڪندا هئا تہ هڪ نظر سان سندن حال تبديل ٿي ويندو هيو. ڪڏهن ڪڏهن درد انگيز دانهن هڻي چوندا هئا: اغثني يا رسول الله ائين چئي هٿ ڊگهو ڪندا هئا جيئن ڪو ڪنهن سان هٿ ملائيندو آهي. ان وقت حاضرين مٿان حال پئجي ويندو هيو. سڀ روئڻ ۽ سڏڪڻ ۾ پئجي ويندا هئا.

عجيب واقعو : حضرت قاضي خدا بخش ﷫ بيان فرمايو تہ هڪ ڀيري منهنجي دل ۾ ڪنهن بري ڪم ڪرڻ جو خيال ٿيو. پوءِ يڪدم پنهنجي پير حضرت خواجہ محمود سائين ﷫ جي صحبت ۾ ويس. جئين سندن اڳيان وڃي وينس تہ ڪجهہ ڳالهہ ٻولهہ ڪرڻ کان اڳ ئي بزرگن منهنجي ڏاڙهي ۾ هٿ وجهي لوڏو ڏنو ۽ چوڻ لڳا حيف هجئي قاضي تون اسان جو مريد سڏائين وري اهڙا خيال دل ۾ پيو آڻين.

بس مون ان مهل سچي دل جي توبهه ڪئي. پوءِ ان ڏينهن کان پوءِ بہ ڪيترا سال بزرگ حيات رهيا تانجو پاڻ وصال ڪري ويا پر سندس وصال کان پوءِ بہ ڏهہ ٻارهن سال ٿيا آهن پر جڏهن بہ دل ۾ ڪو برو خيال ايندو آهي تہ ائين محسوس ٿيندو آهي تہ بزرگ منهنجي ڏاڙهي هٿ ۾ وجهي لوڏو ڏئي چئي رهيا آهن. ”حيف هجئي قاضي تون اسان جو مريد سڏائين وري اهڙا خيال دل ۾ پيو آڻين.“ اهو سندن تصرف ۽ توجہ هيو جو بعد از وصال بہ جاري رهيو.

هڪ ڏينهن حضرت قاضي صاحب پنهنجي مرشد حضرت ميان محمود ﷫ کي ظاهري تنگدستي ۽ بي اولادي هجڻ جي شڪايت ڪئي. بزرگ فرمايو ”ٻچا صبر ڪريو جلد توهان جا غم لهڻ وارا آهن ۽ جلد توهان جي جهولي ۾ هڪ الله جو ولي اچڻ وارو آهي.“

ان بشارت ٻڌڻ شرط قاضي صاحب کي اولاد ٿيڻ جو يقين ٿي ويو ۽ ٻچي جي ڄمڻ کان اڳ ان جي پڙهڻ لاءِ قرهي ناهي رکيائين تہ منهنجو پٽ ڄمندو اهو هن قرهي تي پڙهندو.

وجه تسميه : حضرت قاضي صاحب بيان ڪندا هئا تہ ڪو وقت هيو جو ”پير الاهي بخش“ سنڌ جو وزير ٿيو.

خلافت تحريڪ جي زماني ۾ انجي نيڪ نامي ۽ نيڪ نيتي مخلوق خدا سان همدردي ۽ سندن بي ريائي واري وعظ تقرير ٻڌي منهنجي دل ۾ خيال پيدا ٿيو تہ جڏهن مون کي ٻچو پيدا ٿيو تہ ان جو نالو ”**الاهي بخش**“ رکندس ۽ الله ڪندو اهو عالم ٿيندو ۽ اهو بہ ائين وعظ تقريرون ڪندو ۽ مخلوق خدا کي فائدو رسائيندو.

ولادت باسعادت : آخرڪار اهي گهڙيون اچي ويون جن لاءِ الله جا ولي مبارڪون ڏيندا هئا. اهو گل ٽڙڻ لڳو جنهن جي خوشبوءِ مُلڪان ملڪ پکڙجڻ واري هئي. اهو ولايت جو ماهتاب طلوع ٿيڻ لڳو، جنهن جو سُهائو اونداهي رات جي روشني بنجڻ وارو هيو. سِڪايل پيءُ ماءُ جي جهولي سائي ٿي. 1348 ھ جي پهرين مهيني ۾ هي ولايت جو آفتاب اڀريو. هزارين گمراهن کي گس لائڻ وارو بيشمار ڀٽڪلين جو هادي ۽ رهبر دنيا ۾ نمودار ٿيو. سندن ولادت سان پورو گهراڻو خوشين سان معمور ٿي ويو. جيجل جي جهولي سائي ٿي. ابي جي مراد مولا پڄائي، سهڻي صورت وارو ڪشادي پيشاني وارو پٽ گهر جي رونق بنيو.

(**منقبت**)

ولي الله نڱي نرمل، آيو نڱدار بسم الله،
سوين راڄن سندو راڄو، آيو پڳدار بسم الله.
ولين جي بشارت ڪي، ڪرڻ پورو آيو جاني،
ٽڙيو سوئي گلابي گل، آيو دلدار بسم الله.
اهو معشوق نوراني، ڪئي جنهن دلڙي ديواني،
نقشبندين جي نيشاني، آيو سالار بسم الله.
وڄائڻ فيض جو نعرو، آيو دلبر سو دل وارو،
اجارڻ قلب هي ڪارو، آيو منٺار بسم الله.
محمد مصطفيٰ جي آ، جهين تي نظر نوراني،
اهو مطلوب لاثاني، ٿيو نروار بسم الله.
”ڪرم الله“ پاڳ ٿيا بالا، ملايو مُحب سو مولا،
ٿيا اولا بہ سڀ سولا، آيو آڌار بسم الله.

خوشيون ۽ واڌايون: حضرت قاضي خدابخش رحمة الله عليه (سندن والد) بيان فرمائيندا هئا تہ :
”منهنجي ٻچڙي جي ڄمڻ سان منهنجي گهر ۾ خوشين جو هڪ نئون دور شروع ٿي ويو. اسان تي ظاهر باطن ۾ هزارين احسان ٿي ويا. مسڪينيون شاهوڪاري ۾ بدلجي ويون. اهڙي برڪت پئي جو ماڻهو حيران ٿي ويا. ڪنهن بہ قسم جي ڪا تڪليف وري نہ آئي. سندن ڄمڻ سان اسان جا اولا ڪم بہ سولا ٿي ويا“.

دل جي تمنا پرور ڪئي پوري: پوءِ منتا مطابق سندن اسم ”**الاهي بخش**“ رکيو ويو. پيءُ جي تمنا رب پوري ڪئي. اهو وقت پاڻ اڪئين ڏٺائين جو سندس ٻچو عالم، عارف ۽ واعظ ٿيو. ساري سنڌ ناڙي ۽ ڪوئٽہ بلوچستان تائين هنڌين ماڳين تقريرون تبليغون ڪرڻ لڳو وڏن وڏن جلسن ۽ ڪانفرنسن ۾ معاندينِ اسلام ۽ شيعن ۽ وهابين جي مقابلي ۾ اهڙيون پُرجوش تقريرون ڪيائين جو مخالفن بہ مڃيو تہ محبوب الاهي واقعي محبوب الاهي آهي. ان دؤر ۾ سندس والد ڪريم روزانو شڪراني جا نفل پڙهندا هئا.

ماءُ جي منتا :

پاڻ اجا ننڍا هئا تہ کين ڪا مهلڪ بيماري ٿي پئي. ايتري تائين ٻچڻ جو ڪو آسرو نہ رهيو. طبيبن لا علاج ڪري ڇڏيو. ڊاڪٽرن چيو تہ نينگرو چند گھڙين جو مهمان آهي. پوءِ رات جو بي ڳاهہ وقت ۾ سندن والده ماجده کين مسجد شريف ۾ کڻي آئي ۽ ڪپڙا لاهي مسجد ۾ سمهاريائين ۽ مسجد جي مٽي سندن بدن تي مَليائين ۽ مسجد جي تڏن جون ڇيتُون ڌاڳي ۾ ٻڌي سندن ڳچي ۾ تعويذ وانگر ڪري ٻڌائين ۽ منتا باسيائين تہ :

اي خدا تون طبيبن جو طبيب آهين شفا تنهنجي هٿ ۾ آهي منهنجي ٻچڙي کي شفا ڏي آءُ هن کي تنهنجي درجو مجاور ڪنديس تنهنجي درتي قرآن پڙهائي عالم ڪرائينديس تنهنجي درجو ٻهاريدار بنائينديس ۽ طهر بہ تنهنجي درتي ڪرائينديس تنهنجي درجون مَٽيُون پريندو. پوءِ جڏهن کين کي واپس کڻي آئي تہ صبح جو پاڻ رُوبصحت ٿيڻ لڳا. تانجو آهستہ آهستہ بلڪل تندرست ٿي ويا. جٽڪ بيماري هئي ئي ڪون نہ. پوءِ باس مطابق سندن طهر بہ مسجد جي درتي ڪرايو ويو . جيستائين وڏڙا ٿي مسجد جي مَٽِي نہ پريائون تيسين هڪ چولي ۾ رهندا هئا. جڏهن مسجد جي مَٽِي پريائون تڏهن کين سلوار پهرائي وئي. ماءُ جي باس مطابق پاڻ ساري عمر مسجدن جي خدمت ۾ گذاريائون. مسجد کان ٻاهر آرام ڪونہ ايندو هين. مسجدن جو پاڻي پرڻ ٻهاري ڏيڻ ڀاڳ سمجهندا هئا. مسجد کي پنهنجو گهر سمجهندا هئا. سندن رات ڏينهن جو اڪثر حصو مسجد ۾ گذرندو هيو. تقريرون تبليغون ذڪر فڪر مراقبي ۽ مشاهدي ۾ گذاريندا هئا.

تعليم : پاڻ ننڍپڻ ۾ ئي تعليم حاصل ڪرڻ شروع ڪيائون. قرآن مجيد پنهنجي والد سڳوري وٽ پورو ڪيائون پوءِ فارسي تعليم استاد العلماء مولانا محمد ڇٽل لغاري صاحب وٽ پوري ڪيائون ان دؤران گوزي اسڪول ۾ فائنل تائين تعليم پرايائون .

اسڪول پڙهڻ واري ننڍپڻ جي زماني ۾ ئي پاڻ اعليٰ اخلاق ۽ سهڻي سيرت جو مظاهرو ڪندا هئا. اسڪول ۾ توڙي مدرسي ۾ همسبق شاگرد تہ ڇا پر استاد بہ سندن تعريف ۽ توصيف مان نہ ڍاپندا هئا. استاد چوندا هئا تہ هن جهڙو ذهين ۽ هوشيار محنتي ۽ سهڻين عادتن وارو طالب اسان اڳ نہ ڏٺو سين.

چوندا آهن تہ ”سلو اهو جو انگور ئين پلو“ حضرت جن ۾ ننڍپڻ کان ئي ولايت ۽ بزرگي جا آثار نظر ايندا هئا. الله جو ڪرم ڪين ماءُ پيٽان ئي حاصل ٿيل هيو. هيڪاري صالح پيءُ ماءُ جي تربيت ڪين گوهرِ آبدار بنائي ڇڏيو. والد صاحب ننڍپڻ ۾ ئي ڪين پنج وقت نماز لاءِ مسجد ۾ ساڻ گڏ وٺي ويندو هيو. رات جو بيگاهہ وقت تائين پاڻ ذڪر فڪر ۽ مراقبي ۾ رهندو هيو تہ حضرت جن بہ ساڻن گڏ ذڪر الاهي ۾ مشغول رهندا هئا. سندن والد صاحب ڪين پنهنجي مرشد حضرت ميان محمود سائين رحمت الله عليہ وٽ بہ وٺي ويندو هيو ۽ مرشد کان ٻچڙي جي لاءِ دعائون وٺندو هيو. بزرگ بہ مٿن وڏي مهرباني ڪندا هئا.

نماز سان نينهن: پاڻ جڏهن گوزي اسڪول ۾ پڙهندا هئا. اجا پاڻ بالغ بہ نہ ٿيا هئا، ان وقت بہ نماز جا ايتري قدر پابند هوندا هئا جو ڪڏهن بہ نماز جو وقت قضا نہ ڪندا هئا. جڏهن نمازِ ظهر جو وقت اسڪول ۾ ٿي ويندو هيو ۽ استادن مان ڪي هندو هوندا هئا. نماز لاءِ نہ ڇڏيندا هئا تہ پاڻ ڪاڪوس جو بهانو ڪري اسڪول مان نڪري جُتي لاهي ڊوڙ پائيندا هئا. ناري (نهر)مان وضو ڪري مسجد ۾ وڃي نماز ادا ڪري واپس اسڪول ايندا هئا. هڪ ڏينهن ماستر صاحب چيو تہ هن نينگر جي جاچ وٺو تہ روزانو ڪاڏي ٿو وڃي؟ پوءِ شاگردن بيان ڪيو تہ ڪاڪوس جوصرف بهانو ڪري ٿو مگر وڃي نماز ٿو پڙهي. ان ڏينهن کان ماستر صاحب پابندي لاهي ڇڏي ۽ ڪين نماز لاءِ باقاعده اجازت ڏيندو هيو.

اسڪول ۾ فائينل پاس ڪيائون ۽ هوڏهون فارسي تعليم بہ پوري ڪيائون پوءِ عربي تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ مدرسہ ڪڙيہ غلام الله ۾ تعليم لاءِ داخل ٿيا. اتي پاڻ حضرت مولانا محمد اسحاق صاحب وٽ پڙهڻ لڳا. الله پاڪ ڪين اهڙو تہ حافظو ذهن ۽ ذڪاوت ڏني هئي جو جيڪو ڪتاب ٻيا طالب مهينن ۾ پڙهندا هئا پاڻ اهو ڏينهن ۾ پورو ڪندا هئا. استادن جي سمجهاڻي ۽ تقرير ٻڌڻ شرط برزبان ياد ٿي ويندي هين. سندن حيرت انگيز حافظي ۽ محنت ڪي ڏسي شاگرد ۽ استاد عجب ۾ پئجي ويندا هئا. پاڻ اجا مدرسہ غلام الله ۾ پڙهندا ئي هئا تہ ڪين ڪن سببن ڪري مدرسي مان منتقل ٿيڻو پيو. پوءِ پاڻ پهرئين ربيع الاول سنہ 1362 هجري سومر جي ڏينهن پاٽ شريف جي مدرسہ ۾ تعليم گير ٿيا.

اتي مشكواة شريف جلد ثاني شرح وقايہ وغيره شروع ڪيائون. حيرت جي ڳالھ اها آهي جو انهن ڪتابن پڙهڻ جي دؤران سندن عمر مبارڪ صرف چوڏهن سال هئي. پاٽ شريف ۾ حضرت مولانا مولوي خان محمد آگرو صاحب وٽ تعليم حاصل ڪندا هئا. پوءِ مولوي صاحب جي گهر ۾ بيماري سبب سندس درس ڏيڻ جو شغف گهٽجي ويو پوءِ پاڻ پهرئين ربيع الاول 1364 ھ اربع جي ڏينهن نصرپور سنڌ جي مدرسہ مظهر الحق ۾ مولوي عبد الحق رباني وٽ تعليم گير ٿيا. اتي حسامي، قطبي، شرح جامي پڙهيائون. پر مولوي صاحب جا عقيدا تمام سخت ڏٺائون. ايتري تائين جو فرمائيندا هئا تہ مولوي عبد الحق صاحب چوندو هيو تہ نفل هر گز نہ پڙهو. پيشاب ڪان پوءِ وٽ نہ پچايو. صوفي نہ بنجو جو صوفي سڏائي ان کي مان گولي هڻان. پوءِ ان جي اهڙن غلط عقائد سبب پاڻ اتان ڇڏي ياري ديري ۾ حضرت مولانا حافظ عبد الرحمان صاحب پير وٽ بقيہ تعليم درسِ نظامي معقول ۽ منقول پڙهيا. مروجہ علوم ۾ مهارت حاصل ڪيائون. دورهء حديث بہ مذڪوره استاد وٽ مڪمل ڪيائون. جڏهن پاڻ هر فن جي تعليم , تقرير ۽ تحرير ۽ مناظري ۾ ماهر ٿيا تہ سندن استادن گڏ جي کين سند علمي عطا ڪري پنهنجو جانشين بنايو.

دستارِ فضيلت : نائين ذوالحج 1365ھ ۾ سندن اباڻي ڳوٺ ڪرڪٽ ۾ هڪ عظيم الشان جلسو مقرر ڪيو ويو. جنهن ۾ هزارين عوام الناس کان علاوه ڪثير تعداد ۾ علماء ڪرام سندن استاد ۽ مشائخ وقت شريڪ ٿيا. اهڙي طرح صرف سترهن سالن جي عرصي ۾ پاڻ عالم قابل بنجي نڪتا.

خدمتِ خلق جو جذبو : جنهن رات سندن دستاربندي ٿي رهي هئي هزارين مهمان آيل هئا. مهمانن جي پيئڻ ۽ وضو لاءِ کوهن تان پاڻي آڻڻو هيو. رات جو مجلس ختم ٿي وئي هر ڪو وڃي آرامي ٿيو. پاڻ اٿيا ڏٺائون تہ سڀ دِلا مَٽَ ۽ ناديون خالي آهن. پاڻ دبا کڻي بقيہ ساري رات پاڻي ڀريندا رهيا. تانجو سڀ مٽ دلا دِرم ناديون ڀري ڇڏيائون. صبح جو ڪم وارا سوير اٿيا تہ پاڻي ڀريل ڏسي هڪبڪي ڪان پڇڻ لڳا تہ ڪنهن پاڻي ڀريو آهي هر ڪنهن چيو تہ اسان کي خبر ناهي. ڪو چوڻ لڳو تہ ڪو فرشتو پاڻي ڀري ويو آهي جو ڪنهن کي بہ خبر ناهي. سبحان الله ڪيترو کين خدمت جو جذبو هيو !!

علم خاطر تڪليفون برداشت ڪرڻ:

پاڻ پنهنجي تعليم واري زماني جون ڳالهيون بيان ڪندا هئا تہ حيرت لڳي ويندي هئي تہ پاڻ ڪيڏي جفاڪشي سان علم حاصل ڪيائون. فرمايائون: ڪڙيہ غلام الله واري مدرسي ۾ پڙهندا هئاسين ساري ڏينهن ۾ جَوَن جي ماني جو اڌ ملندو هيو سو بہ بنا ڀوڙ جي. ڪڏهن چانهي جا پن ماني جي ٽڪر تي ويڙهي رڙڪي کائي ويندا هئاسين. دل ۾ شوق اهو رهندو هيو تہ شال ديني تعليم حاصل ٿئي. هڪ ڀيري جمعہ جي ڏينهن هڪ طالب وڏي پاڻي تي لکيو. بک ڙي بک. ...گهوڙا اڙي بک....بغداد ڙي بک .

اهو پاڻو مسجد شريف جي دروازي تي لڳائي ڇڏيائين جڏهن ڳوناٽا جمعي جي نماز تي آيا انهن اهو پاڻو پڙهيو پوءِ مسافر طالبن جو حال معلوم ٿين پوءِ هر گهر مان هڪ هڪ ماني وڏائي ڏيڻ شروع ڪيائون. اهڙي طرح بکون ۽ ڏک برداشت ڪري تعليم حاصل ڪيائون پاڻ جڏهن ياري ديري ۾ پڙهندا هئا تہ ان دؤر جي ڳالھ ڪندا هئا تہ هڪ نيڪ دل عورت مدرسي جي طالبن لاءِ سٺا طعام تيار ڪرائي موڪليندي هئي. پوءِ سڀ طالب ان مائي صاحبہ کي ڏاڍيون دعائون ڏيندا هئا. پاڻ ڪڏهن ڪڏهن ان عورت جي سخاوت ۽ نيڪدلي جا عجيب واقعا بيان فرمائيندا هئا.

سوڍا سو هزار پر مٽ نہ پايان مينڌري :

طالب علمي جي دؤران پاڻ علمي شغل، ذهانت، فطانت توڙي عبادت ۽ زهد ۾ يڪتا ليکيا ويندا هئا. ڏينهن جو درس پڙهندا هئا. رات جو مطالعي کان فارغ ٿي پاڻ نوافل ادا ڪندا هئا ۽ رقت انگيز دعا گهرندا هئا. تمام گهٽ سمهندا هئا. پاڻ جنهن بہ مدرسي ۾ پڙهي ويندا هئا تہ ساري شهر جا ماڻهو همزبان ٿي سندن وصفن جا ۽ اخلاقن جا مذاڪرا ڪندا هئا. سندن استاد علامہ محمد اسحاق رحمت الله عليہ جي تہ ساڻن ايڏي شفقت هوندي هئي جو پاڻ جڏهن ٻاهران ايندا هئا تہ استادُ صاحب کين ڀاڪر پائي سندن هٿ چمندو هيو. عام ماڻهو توڙي استاد مشڪل وقت ۾ ڪانئن دعائون گهرائيندا هئا. سندن استاد فرمائيندا هئا تہ ههڙو طالب اسان وٽ ڪڏهن بہ نہ آيو.

تدريس :
جڏهن پاڻ علم جي تحصيل کان فارغ ٿيا تہ استاد امر ڪيو تہ هاڻي ان نور کي عوام تائين پهچايو. پوءِ پاڻ پنهنجي اباڻي ڳوٺ ڪرڪٽ ۾ هڪ ديني مدرسو جاري ڪيائون. محرم الحرام جي پهرئين تاريخ سنہ 1366 هہ ڏينهن اڱاري کان مدرسہ جي پڙهائي چالو ڪيائون. ديني علم جي عام ڪرڻ جو کين کي ايترو شوق هوندو هيو جو رات ڏينهن مدرسي ۾ گذاريندا هئا. فارسي ، عربي ۽ ٻين علمن جي پڙهڻ لاءِ پري پري کان طالب العلم اچي وڃن مسافر ٿي دين جي تعليم حاصل ڪندا هئا. فقہ، تفسير، حديث، اصول، منطق ۾ اهڙي تہ مهارت سان پڑهائيندا هئا جو سندن زير تربيت طالب العلم وڏن مانجهين کي مُنجهائي ويا هئا.

استاد کي لکيل خط: سندن علمي معيار جو اندازو سندن لکيل خط مان لڳائي سگهجي ٿو جيڪو پاڻ مدرسي کولڻ بعد پنهنجي استاد کي لکيائون:

بسم الله الرحمان الرحيم

جناب الاجل الماجد الافخم جليل القدر كثير الفكر والنظر

ايها الاستاذ المحترم المكرم ادام الله وجودكم .

بعد تسليم وتكريم وتقبيل اليدين والرجلين واداء آداب وواجبات الاحترام مع الشوق الیٰ ذالک المقام عسیٰ ان تكونوا في ظلال العافية مع الآل الكرام الیٰ يوم القيام آمين .

انكم قد افضتم النعمة عليّ حتیٰ صِرتُ غريقها واثقلتم منكبي بالجميل حتیٰ ضعفت عن حمله وقصرت من القيام بشكره ومننتم لايعد مثلا بعدد اوراق الاشجار ومياه الابحار بتعليم العلم واخراج ظلمات الوهم وعلمتموني حق علم استادي ومرشدي ووالدي، وامي واقربائي، وحق علم امور الدنيا والعقبیٰ وجعلتموني مثل لؤلؤ بحصول افعال لابد علي الانسان جزاكم خيرا في الدارين

مع الآل و اقرب القرباء. استدعي ان تجعلوني في ظلك الآن كماكنت اقرب واحب اليكم من جميع الطلباء في زمن الماضي فلقنتموني بحضور قلبک بتعليم کل العلم ليتزين قلبي بحصول علم المعقولات والمنقولات مثل عروس تتزين بحلويک باحسن خلقک تُقبل في نظر الزوج واعطني ذخيراًلاينخرب بعد مضي کثير مدة اليٰ يوم القيام لاستعمل في حالة السفر ولم احتاج الي الرجل وخلصلتم من لديكم نفعته دائمةً لايضع بکثير نفقته لله ولرسوله وخرجتم الوسواس الشيطان الانس والجان. جاءت عليكم الي واصدق اليكم في جميع اقواله والباقي اعترفت في نفسي قد خطات وارتحلت بلا اجازتكم الي مدرسة فضل اللهيه وفي هٰذ المكان ايضاً لغضبكم لم اصب مقاصده کما رعبت زيادة مقاصده الآن استدعیٰ منكم لي ساصيب جميع علم الظاهري والباطني من مدرستكم انشاء الله عسیٰ ان اكون تراب اقدامكم واكون في ظلكم واكون خادمكم في مجلسكم بعد فارغ التحصيل دائما. اعلم علم المعقولات والمنقولات وغيره زيادة واعلم معلومات طلّابي حصلت من لديكم ليلا نهارا واكون شاكرا لكم اليٰ يوم القيامة ان الله بصير في نفسي ان اقول وافعل ان اناكاذب اوصادق جعلتم علي يد الشفقة والنعمته وهب الله اليكم ماخلتموني سهم النعمة ان الله لايضيع اجر المحسنين والقصة بعده اجبر في الحاجة في هٰذ المكان تحرق جميع اعضائي ومفصلاتي. فاستدعیٰ اخلص الله من حاجتي هٰذه جعل الله تعاليٰ مستغرقا في بحار المعرفة والكرامة و علم المعقولات والمنقولات ماکتبت ولاحصلت في هذا المكان ولكن حصلت من لديكم ان خطات في رقيمتي هٰذه فاعفوا خطائي. والسلام عليكم وعليٰ من لديكم

احقر العباد الاهي بخش ساکن کرکت

سندن استاد کي لکيل فارسي خط:

جڏهن پاڻ تحصيل علم کان فارغ ٿي پنهنجي ڳوٺ ۾ مدرسو کوليو هئائون، ان وقت پنهنجي استاد محترم حضرت علامه عبد الرحمان پير رحمة الله عليه کي فارسي ۾ هي خط مبارڪ لکيائون. جنهن ۾ پنهنجي ذاتي مشاغل، صحت جي مسائل ۽ مدرسي جي تعمير، طلباءَ جي تعليم تدريس، طلباءَ جي تعداد ۽ تدريسي علوم وفنون بابت لکيو اٿن.

بسم الله الرحمان الرحيم

بخدمت جناب فیضماب و معلیٰ الالقاب قدسی خطاب

حضرت استاد کریم وراشد صمیم سلمک السلیم ورب العظیم

بعد از عبودیات وافیات سر نگونیات معروض۔ حضرتا دریںجائے باللطف متبر که آن کریمان همگی خیریت است و خیر وعافیت آں مرشداں از بارگاہ ایزد متعال مدام مستدام خواہان وجویان۔

الغرض الارقام اینکه حضرتا شفقت نامه آن کریمان که برین بندگان محض شفقت است آن بماه ربیع الاول بمورخه ہشردم سنه ۱۳۶۶ ھجری رسید۔ ازآن بعد آنچناں راحت در جسم وجامه حاصل شد گویا که بشارت بہشت در دنیا رسیدست پس آن تحفه برلب و چشم داشتم چراکه شفقت نامه شما صاحباں برائے مانحیفاں نور البصر و کحل النظر۔ حضرتا بدعائے شما درین قریه تمام خوش خورم در بعام و کلام و لیکن بسبب امراض جسد که بمقابل دوماه متتابعین علیل بودم در نیاز نامه جواب با صواب مؤخر شد۔ اکنوں احوال ما بتاریخ دوم رجب المرجب سنه ۱۳۶۶ ھجری نوشته شده است آن خط ان شاء الله زود تر در وقت سعید بخدمت اقدس خواهد رسید۔

احوال ما اینست که حضرتا چوں از شما صاحباں رخصت گرفته بقریه خود رسیدم مذآں وقت روز تدرس طالبان و توعظ مخلوقان و تحفظ قرآن و در شب وظائف مقرر مرشدان و شب خیزی عادة صالحان بدعاے شما صاحبان کار بستم درین کارہاے این نحیف رانصف عام گذشته است۔

دیگر ایں که نزد فقیر پنجاه طلاب مذکر ده یا یازده مونث در طلب علوم مشغول اند و قوی امید باری تعالی ازیهان زیاده خواهند شد۔ ثالثا اطباق و کتاب هر فنون و علوم عربی و فارسی و اردو تفسیر و حدیث منطق و غیرها موجود اند۔ رابعا وفرشهاے وسکنی طالبان دوخانه بغیر مسجد منور بحصول زکواة و فطره و غیرها مسقف گردانیده ایم

الباقی عند الملاقی

مشتاق دیدار پر انوار حقیر پر تقصیر الاهی بخش عفاعنه رب العرش والفرش

سندن اساتيذ:

پهريون استاد : مولانا محمد چتل لغاري :

حضرت محبوب الاهي رحمة الله عليه جي ديني تعليم جا پهريان استاد حضرت مولانا الحاج مفتي محمد چتل صاحب لغاري هئا. جيڪي ڳوٺ ولي محمد لغاري تعلقہ خيرپور ناٿن شاھ ضلعو دادو سنڌ جا رهواسي هئا. سندن والد جو نالو خير محمد لغاري سندس ڏاڏي جو نالو خليفہ محمد چتل لغاري هيو. جيڪو وڏو فياض، نيڪ صالح بزرگ ۽ ولي الله هيو. پاڻ سلسلہ عاليہ قادريہ ۾ سيد سليمان شاھ سان دست بيعت هيو. سندن وصال بعد حضرت سائين محمد صالح قريشي ڪنڊي شريف وارن سان دست بيعت ٿيو سڀ وظائف ۽ لطائف طئي ڪيائين. پاڻ شُهرت کان پاسو ڪندڙ ۽ خلوت پسند انسان هيا. سندس مزار شريف عنايت شاه قبرستان ۾ آهي. حضرت مولانا محمد چتل جي پيدائش جمڻ بابت بہ ڳوٺ ٻڌايا وڃن ٿا هڪ ڳوٺ چاڪر ڪوٽ ڪاڇو ٻيو ڳوٺ ولي محمد لغاري. سندس جمڻ جي تاريخ اندازًا 1918 ع آهي. ٻارهن سالن جي عمر ۾ پنهنجي ڳوٺ ۾ اسڪولي تعليم ۽ قرآن پاڪ ۽ ابتدائي فارسي ڪتاب مولوي خير محمد لغاري وٽ حاصل ڪيائون. پاڻ پنهنجي والد جو اڪيلو فرزند هيو 1932 کان علم حاصل ڪرڻ لاءِ پنهنجي ڳوٺ کان سفر اختيار ڳوٺ ستاٽي چانڊيہ ۾ حضرت مولانا عبدالرحمن چانڊيہ وٽ بہ سال رهيا علم پڙهيا ان کان بعد حضرت سائين مولانا محمد اسحاق ڪوهارو وٽ علم پرايائون. اتي طالب بہ گهڻا هئا ماحول بہ سٺو مليو. پورا اٺ سال مسلسل پڙهي دستار بندي ڪري پوءِ اچي اول پنهنجي ڳوٺ عبدالله لغاري شهر شهڪاٽي ۾ 1939 ۾ مدرسہ ڪوليائون. وڏي شوق پڙهايائون. ان مدرسي ۾ ابتدائي شاگرد صف اول حضرت سائين محبوب الاهي رحمة الله عليه ۽ مولانا غلام محمد لغاري مولوي غلام رسول لغاري ۽ مولوي شير محمد چانڊيو مولوي نبي بخش زرداري مولوي نبي بخش ٻبر مولانا عبدالڪريم ڪنڀر مولوي محمد عثمان دايو ۽ ٻيا شاگردتقريبا 40 شاگرد پڙهندا هئا. 1942 ۾ وڏو سيلاب آيو جنهن ڪي ڪاري ٻوڏ چوندا آهن ان ٻوڏ ۾ ڳوٺ ٻڏي ويو تہ پاڻ اتان لڏي وڃي عنايت شاھ قبرستان ڀرسان پنهنجي سهولت مطابق ٻين هنڌن تي لڏي وڃي ويٺا.

سيلاب بعد اڪثر شاگرد حضرت کي ڇڏي پين بزرگن ڏانهن تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ هليا
ڪن حضرت سائين مولوي عبدالرحمان پير وٽ مڪمل تعليم حاصل ڪري دستاربندي
ڪئي، ڪن حضرت سائين مولوي محمد اسحاق ڪڙيائي وٽ حاصل ڪيو دستاربندي
ڪئي باقي حضرت سائين مولوي محمد چٽل عنايت شاهه قبرستان کان اول ڳوٺ ڳاڙهي
۾ رهيا بعد ۾ ڳوٺ ولي محمد رهيا آخر ۾ شاگردن مان صرف مولوي محمد عثمان دايو ۽
مولوي عبدالڪريم ڳوٺ ۾ پوري تعليم مڪمل دستار بندي ڪري نڪتا. حضرت مولانا
محمد چٽل جي وفات 27 محرم الحرام 1404 هه بروز خميس جمع رات بمطابق 1982
ڌاري ٿي سندن مزار اباڻي مقام عنايت شاهه ۾ آهي .

ٻيو استاد: **مولانا محمد اسحاق ۽ مدرسه ڪڙيو غلام الله:**

هي تعلقي خير پور ناٿن شاه ضلعي دادو ۾ ڪاڇي جي ڪناري بچاءَ بند جي وَٽِ ۾ هڪ
ننڍڙو ڳوٺ آهي. جتي هڪ عظيم ديني درسگاهه هئي. جيڪا مولانا تاج محمد ڪوهاري
جاري ڪئي هئي. ڪوهارا قوم ڪلهوڙن جي شاخ آهي. ميرن جي دربار ۾ جنهن فتح فقير
جو ذڪر ملي ٿو اهو اصل ڪڙيي جي ڪوهارن مان هيو. ان ڪانپوءِ ان گهراڻي ۾ 1849ع ۾
مولوي حافظ تاج محمد ولد احسان محمد پيدا ٿيو. جيڪو جَيّد عالم، حافظ، اهل دل
بزرگ ۽ قابل مُدرس ۽ شاندار شاعر هيو. مولوي سعد علي چانديه وٽ مدرسي ڪور حسين
۾ عربي جا وڏا وڏا ڪتاب پڙهي پورا ڪيائين. پوءِ هالن ۾ مخدوم سرور نوح ﷫ جي
مدرسي ۾ اچي هڪ عرب قاريءَ وٽ قرآن شريف حفظ ڪيائين پوءِ ڪراچي ويو. اتي
مولوي محمد عثمان نورنگ مصنف ”تفسير تنوير الايمان“ جي والد وٽ علم تجويد
حاصل ڪري، وطن واپس اچي اباڻي ڳوٺ ڪڙيو غلام الله ۾ ديني مدرسو کولي درس
وتدريس ۾ مشغول ٿيو. نهايت شب بيدار عبادتگذار مرد هيو. حضرت پير محمد پناهه
عرف پنهل پير راشدي ﷫ جو دست بيعت هيو. پاڻ ٽيانوي سالن جي عمر ۾ 1941ع ۾
وصال ڪيائين. سندس وصال بعد سندس ٽيون نمبر فرزند مولانا محمد اسحاق صاحب
پنهنجي والد جي نقش قدم تي هلي ديني مدرسي کي زور شور سان هلائيندو رهيو.

(احمد خان ”آصف“ مصراڻي، الرحيم جون 1973)

مولانا محمد اسحاق کوھارو:

مولانا محمد اسحاق ولد حافظ تاج محمد ڳوٺ ڪڙيو غلام الله تعلقہ خير پور ناٿن شاھہ ۾ تقريباً 1306ھ ۾ ڄاوا. قرآن مجيد ۽ پارسي پنھنجي والد صاحب وٽ پڙھيا. ڪجھہ وقت مولانا محمد صالح ماڏوي وٽ ابتدائي عربي پڙھيا. پوءِ مولانا الاهي بخش (ٻانھو لاڪير) وٽ ۽ ڪجھہ وقت مولانا عبدالڪريم ديروي (ڳوٺ رضا محمد ڏيرو) وٽ پڙھيا. ان کان پوءِ مولانا خدا بخش جمالي (ڳوٺ بھاولپور تعلقہ جوھي) وٽ پڙھيا. علم جي تڪميل مولانا عبدالرحمان چانديو (ڳوٺ ستاٽي چانديہ) وٽ ڪيائون. ڪجھہ وقت لاڙڪاڻہ طرف بہ پڙھڻ ويا ھئا. فارغ ٿي پڙھائڻ شروع ڪيائون. سڄي زندگي پنھنجي ڳوٺ ۾ تعليم ڏيندا رھيا. پاڻ ساده طبع ، خوش مزاج ھئا. ڪتاب گھڻو ڪري ياد ھوندا ھين. تعليم جو اھڙو ڍنگ ھين جو سندن شاگرد وڏا مفتي ۽ ڪامياب مدرس ٿي نڪتا. جن سان سندس نالو روشن آھي. جن کي دستاربندي ڪرايائون اھي سٺ ستر جي لڳ ڀڳ آھن. جن مان ھيئيان علماء بہ آھن جيڪي مفتي، مدرس ۽ واعظ آھن. حضرت محبوب الاھي ﷺ مولانا محمد صالح پيرڳڙي، مولانا محمد چٽل لغاري، مولانا غلام حسين ڪارو چانديو (سيد پور تعلقہ ميھڙ) مولانا الاھي بخش بلوچستاني، مولانا غلام قادر لغاري (ڳوٺ ولي محمد)، مولانا محمد علي پنھور (راھوجا)، مولانا شفيع محمد سومرو (واڍا)، مولانا عطاء الله مگريو قنبر وارو بہ ڪافي عرصو مولانا جن وٽ پڙھيو ھو. سندس فرزند مولوي تاج محمد صاحب بہ وٽن پڙھيو ھو. وفات تائين پڙھائيندا رھيا. سبق پاڙھيندي فوت ٿيا. ڊاڪٽرن جھليو ھو پر فرمايائون مرڻو تہ آخر آھي پڙھائڻ نہ ڇڏيندم. آخر ۾ مولانا عبدالخالق بلوچستاني دستاربندي ڪئي. ماڏو ۾ شيعہ سني مناظرو ٿيو حضرت مولانا جن کي سنين پاران، مولانا درويش احمد ۽ مولانا عبدالعزيز سان آيا ھئا) کي گھرايائون ۽ حق جي نمايان فتح ٿي. پاڻ 8 شعبان 1381ھ ڇنڇر ڏينھن وفات فرمايائون.

ٽيون استاد: مولانا خان محمد آڳرو:

پاڻ وڏا فقيہ عالم، مفتي، ۽ بھترين مُدرس ھئا. پاڻ پنھنجي ڳوٺ ۾ مولانا محمد آڳري وٽ پڙھيا پر فتويٰ ۾ استاد کان بہ فائق ھئا. پاڻ معقولات ۾ وڏي دسترس رکندا ھئا.

سندس ناميارن شاگردن مان حضرت محبوب الاهي، مولوي نظام الدين ثاني ڪراچي، مولوي ڪريم بخش آڳرو، مولوي يار محمد جويو ۽ سندس صاحبزادو مولانا محمد پريل وغيره هئا. سندس وفات لڳ ڀڳ 1388هہ ۾ ٿي. مولانا خان محمد فتويٰ ۾ مولانا همايوني جو بہ مجيل هو. ڳاهہ ڳاهيندي بہ فتويٰ لکي ڏيندو هو. (زباني مولوي يار محمد جويو)

مولانا ڪريم بخش مگسي ميهڙ وارن بہ ڪي سبق مشڪواة شريف شرح وقايہ جلد ثاني جا علامہ خان محمد آگروي وٽ پڙهيا هئا. پاڻ پنهنجي آتم ڪهاڻي ۾ علامہ خان محمد بابت لکن ٿا: "علامہ خان محمد آگرو صاحب جن نهايت خنده پيشاني، حسين چهري وارا عجب انسان هئا. سندن والد جو نالو مولانا مولوي محمد پريل صاحب هو. اهو صاحب هڪ اعليٰ درجي جو ذهين فهيم هيو. مولانا خان محمد قرآن ڪريم پنهنجي والد ماجد وٽ پڙهيا هئا. پوءِ سندن والد دار دنيا مان موڪلائي ويا. فارسي حضرت مولانا غلام نبي آگروي وٽ پڙهيا هئا. علم صرف مولانا محمد ڪامل سنهڙي واري نابين وٽ پڙهيا. نحومير ۽ هداية النحو مولانا محمد صالح گاجي ڪهاوڙ واري وٽ پڙهيا. ڪافيہ مولانا محمود پاتائي وٽ پڙهيا. جامي شرح وقايہ وغيره مولانا نورنگي وٽ پڙهيا. باقي متيان ڪتاب اعليٰ نموني سان مولانا اميد علي جيڪب آبادي واري وٽ هدايہ اخيرين عبدالغفور، توضيح تلويح ڪبريٰ منطق ملا حسن احمد الله تا مطول مولانا اميد علي جيڪب آبادي واري وٽ پڙهيا ۽ گهوٽڪي ۾ دستار بندي ڪيائون. استاد مولوي خان محمد رحمة الله عليه پنهنجي ڳوٺ ۾ ۽ وڳڻ ۾. پيروز شاهہ ۾ لعلو رائنڪ ۾ پاٽ شريف ۾ گهنهڙ ۾ ۽ گهٽين جاين ۾ پڙهايو هئائون اڪثر ڪري پاٽ شريف ۾ پڙهايائون. علامہ خان محمد آگري جي مزار پُر انوار ڳوٺ فيض محمد آگري جي جامع مسجد جي اڳڻ پرسان آهي".

(از بياض علامہ مفتي ڪريم بخش رحمة الله عليه آتم ڪهاڻي تواريخ مصطفائي قلمي)

چوٿون استاد: مولانا عبد الرحمان پئي شريف وارا

استاذ الاساتيذ و استاد الڪل حضرت مولانا عبدالرحمان پير پئي شريف وارا. پاڻ قرآن جا حافظ هئا. احڪام قرآن ناسخ منسوخ تي ڪين ڪامل درڪ حاصل هيو. حديث ۾ ماهر هئا. فتويٰ نويسي ۾ پنهنجو مٽ پاڻ هئا. فقہ جي جُزئين ڪُلين ۾ وڏو عبور رکندا هئا.

مولانا عبد الرحمان جا استاد

1. مولانا محمد قاسم پهنور دريشاڻي ڳوٺ. (2) مولانا غلام حسين پنهنور درويشاڻي.جيڪو ڳوٺ ابراهيم ڪچي قلجي وليج جي متصل آهي.

3. مولانا محمد عظيم سولنگي وڳڻ وارا. جيڪي عظيم عالم ۽ حاذق حڪيم، ۽ بهترين شاعر هئا. سندن چئن زبانن واري شعر جو هڪ مطلع آهي:

فرياد شنو سالارِ رسل، مان تہ گولو اوهان جو آهيان اصل

ميں تو تجھ پہ فدا هوں روزِ ازل ، "قد احرق هجرک قلب و کبد"

ڏک جهڙي ڳالھ: سنڌ واسين جي اها پراڻي عادت رهي آهي جو اهي شخصيتن جو قدر انهن جي زندگين ۾ گهٽ ڪندا آهن. باقي انهن جي وفات بعد سو گهڻا هٿ هڻندا روئندا رڙندا آهن. پوءِ انهن جي قبرن تي قبا جوڙيندا آهن. عرس ملهائيندا آهن. پر انهن جي زندگين ۾ انهن جي علم عمل ۽ فيض مان گهٽ فائدو وٺندا آهن. اگر مولانا محمد عظيم ۽ مولانا عبد الرحمان جهڙا عظيم انسان ڪنهن ٻي قوم ۾ هجن ها تہ خدا ڄاڻي انهن کي ڪٿان ڪان ڪٿي پهچائن ها.

هم سبق محبوب الاهي :

1. حضرت علامہ ومولانا نبي بخش زرداري

2. حضرت علامہ و مولانا غلام محمد لغاري.

3. حضرت علامہ و مولانا محمد عالم چنو ڪلري وارا

لائق ۽ فائق استادن جو قابل ۽ عاقل شاگرد:

حضرت محبوب الاهي جڏهن اهڙن عظيم استادن وٽ پڙهي نڪتا تہ سندن علم ۽ عمل بہ لاثاني هيو. پاڻ نہ صرف مقرر ۽ مولوي هئا پر بهترين مُدرس ۽ بهترين مُربي عالم هئا. وٽن پڙهائڻ جو سهڻو ڍنگ ۽ وڻندڙ رنگ هيو.

توڪل علي الله جو رنگ: پاڻ جڏهن مدرسو کولي پڙهائڻ شروع ڪيائون تہ ڪنهن کان بہ پگهار نہ ورتائون نہ چندو ڪيائونبلڪ سندن سارو نظام الله جي ڀروسي تي غيبي مدد سان هلندو هيو. فرقاني فرمان تي سندن عمل هيو تہ:

لَا أَسْأَلُكُمْ عَلَيْهِ أَجْرًا إِنْ أَجْرِيَ إِلَّا عَلَى الَّذِي فَطَرَنِي [هود : 51]

سندن استادي سَنَد المتصل نبي كريم ﷺ تائين

استاد الكل ، سيد الرسل، هادي السبل
سيدنا محمد رسول الله صلي الله عليه وسلم

سلمة بن الاكوع رضي الله عنه

يزيد بن ابى عبيد رضي الله عنه

حضرت مكى بن ابراهيم رضي الله عنه

ابو عبد الله محمد بن اسماعيل البخاري

ابو عبد الله محمد بن يوسف بن مطر

ابو محمد عبدالله بن احمد السرخسى

ابو مكتوم عيسى بن الحافظ ابى ذر

الشيخ الحافظ ابى ذر

ابوالحسين على بن حميد الطرابلسى

ابوالقاسم عبدالرحمن بن ابى حرصى

العلامة ابو احمد بن ابراهيم الطبري

ابو مجد عبدالله بن محمد النسيا بوري

شهاب الدين احمد بن حجر العسقلانى

الشيخ زكريا الانصاري

الشيخ ابوالحسن محمد بن محمد القرشى

الشيخ على بن حسام الدين المتقى

الشيخ عبدالوهاب المتقى المالكى

الشيخ عبدالحق محدث الدهلوي

الشيخ عبدالحكيم السيالكوتى

العلامة عبدالله اللبيب

العلامة ابوالحسن الشهيد

العلامة قل احمد

العلامة محمد محدث الآريجوي

السيد عاقل شاهه لكياري

العلامة عبدالحليم كندوي

العلامة الخليفة محمد يعقوب الهمايوني

العلامة الشيخ نور محمد شهداد كوتي

العلامة محمد حسن كهوسه

مولانا عبد الرحمان چانديه

مولانا محمد اسحاق كوهارو | مولانا محمد چتل لغاري

شيخ الاسلام حضرت محبوب الاهي

سندن سند امام البخاري كان نبي صلي الله عليه وسلم تائين

استاد الكل، سيد الرسل، هادي السبل

سيدنا محمد رسول الله صلي الله عليه وسلم

سلمة بن الاكوع رضي الله عنه

يزيد بن ابی عبيد رضي الله عنه

حضرت مکی بن ابراهيم رضي الله عنه

ابو عبد الله محمد بن اسماعيل البخاری

ابو عبد الله محمد بن يوسف بن مطر

ابو محمد عبد الله بن احمد السرخسی

ابو مکتوم عيسی بن الحافظ ابی ذر

الشيخ الحافظ ابی ذر

ابو الحسين علی بن حميد الطرابلسی

ابو القاسم عبد الرحمن بن ابی حرصی

العلامة ابو احمد بن ابراهيم الطبری

ابو مجد عبد الله بن محمد النسيابوری

شهاب الدين احمد بن حجر العسقلانی

الشيخ زکريا الانصاری

الشيخ ابو الحسن محمد بن محمد القرشی

الشيخ علی بن حسام الدين المتقی

الشيخ عبد الوهاب المتقی المالکی

الشيخ عبد الحق محدث الدهلوی

الشيخ عبد الحکيم السيالکوتی

العلامة عبد الله اللبيب

العلامة ابو الحسن الشهيد

العلامة الشيخ قل احمد

العلامة محمد محدث الآريجوی

السيد عاقل شاهه لکياری

العلامة عبد الحليم کندوی

العلامة الخليفة محمد يعقوب الهمايونی

العلامة الشيخ عبد الغفور الهمايونی

قاضی عبد الرزاق ترائی

مولانا خادم حسين جتوئی

العلامة محمد عظيم شيدا

العلامة غلام حسين دريشانی

العلامة عبد الرحمن ببر

العلامة الشيخ محمد الاهی بخش

الفقير کرم الله

سند الثاني المتصل من الامام البخاري الي النبي صلي الله عليه وسلم

استاد الكل، سيد الرسل، هادي السبل

سيدنا **محمد رسول الله** صلى الله عليه وسلم

سلمة بن الاكوع رضي الله عنه

يزيد بن ابي عبيد رضي الله عنه

الشيخ مكي بن ابراهيم رضي الله عنه

ابو عبد الله محمد بن اسماعيل البخاري

ابو عبد الله محمد بن يوسف بن مطر

ابو محمد عبد الله بن احمد السرخسي

ابو مكتوم عيسى بن الحافظ ابي ذر

الشيخ الحافظ ابي ذر

ابو الحسن علي بن حميد الطرابلسي

ابو القاسم عبد الرحمن بن ابي حرصي

العلامة ابو احمد بن ابراهيم الطبري

ابو مجد عبد الله بن محمد النسيابوري

شهاب الدين احمد بن حجر العسقلاني

الشيخ المحدث زكريا الانصاري

الشيخ ابو الحسن محمد بن محمد القرشي

الشيخ على بن حسام الدين المتقى

الشيخ عبد الوهاب المتقى المالكى

الشيخ عبد الحق محدث الدهلوى

الشيخ عبد الحكيم السيالكوتى

العلامة عبد الله اللبيب

العلامة ابو الحسن الشهيد

العلامة قل احمد

العلامة محمد محدث الآريجوى

السيد عاقل شاه لكيارى

العلامة عبد الحليم كندوى

العلامة الخليفة محمد يعقوب الهمايونى

العلامة الشيخ نور محمد شهدادكوتى

الشيخ محمد حسن كهوسه

الشيخ عبد الرحمان چانديه

الشيخ القدوة محمد اسحاق كوهارو

شيخ الاسلام محمد الاهى بخش الغفارى

محمد كرم الله الانصارى

قد قرأ الشيخ محمد حسن كهوسه عند العلامة نور محمد شهداد كوتي (انظر الرحيم مشاهير نمبر ص 91)

سندن شاگرد :

حضرت محبوب الاهي رحمت الله عليہ پوري زندگي علمي ۽ قلمي خدمتِ دين ۾ گذاري. مرشد جي حڪم مطابق پاڻ مدرسي کي بند ڪري تبليغ ۾ تہ مصروف ٿي ويا پر پوءِ بہ مخصوص شاگردن کي پاڻ علم جا اسباق پڙهائيندا رهيا. سندن معروف شاگردن ۾:

❋ صاحبزاده مولوي ڪليم الله علم جو گهڻو حصو وٽن پڙهيو پوءِ آخري ڪتاب پئي شريف ۾ پڙهيائين.

❋ مولانا محمد يوسف لغاري بن مولانا محمد چٽل لغاري چيو تہ مون حضرت جن وٽ نحومير، منية المصلي نور الايضاح، شرح ماة عامل اهي ڪتاب پڙهيا هئا.

❋ مولانا مولوي محمد اسماعيل ڏيپر درس نظامي جا تقريبًا سڀ ڪتاب حضرت محبوب الاهي وٽ پڙهيو هيو. (سندس ذڪر عنقريب سندن خلفاءَ ۾ اچڻ وارو آهي)

❋ مولانا غلام رسول ڏيپر سندن شاگردن مان هيو.

❋ پاڻ تدريس جو سلسلو عمر جي آخري ايام تائين جاري رکيائون. سندن آخري شاگردن مان هي فقير ناچيز ڪمترين ڪرم الله آهي. پاڻ طبعي علالت جي باوجود هن فقير کي سبق پڙهائيندا رهيا. جڏهن بخاري شريف ۽ مسلم شريف پڙهائيندا هئا تہ اڪثر سندن اکيون آليون هونديون هيون. هي فقير عبارت پڙهندو هيو جيئن جيئن حبيبن ڪريمن ﷺ جا واقعات ايندا هئا تہ سندن ڪيفيت عجيب ٿي ويندي هئي.

<u>اَلْفَضْلُ مَا شَهِدَ بِهِ الْاَعْدَاء</u> : مولانا نور احمد جيڪو پوري زندگي حضرت جن سان معاند رهيو. پوءِ آخرين ڏهاڙن ۾ حضرت جن وٽ آيو. اتفاقًا ان وقت پاڻ هن عاجز کي درس پڙهائي رهيا هئا. مولوي صاحب جيئن آيو تہ خاموش ٿي اچي درس ٻڌڻ ويهي رهيو. حديث جي احترام سبب حضرت جن بہ ڏانهس توجهہ نہ ڏنو. پاڻ هر حديث تي جيڪا تقرير فرمائن پيا ۽ احاديث مان حاصل ٿيندڙ فوائد ۽ مضمرات بيان فرمائن پيا ۽ فقهاءَ جا مذاهب بيان فرمائن پيا. سندن سمجهاڻي جو انداز عجيب هيو. مولوي صاحب ساڪت وجامد ٻڌندو رهيو. جڏهن درس پورو ٿيو پاڻ ساڻس مليا. پاڻ حويلي طرف روانا ٿيا مولوي صاحب چيو مون پوري زندگي پڙهائي جو اهڙو مؤثر انداز ڪنهن عالم جو ڪونہ ڏٺو آهي.

(سلسلة الذهب) محبوب الاهي جي استادن جو سلسلو نبي كريم ﷺ تائين

استاد الكل سيد الرسل هادي السبل حضرت محمد رسول الله ﷺ

- سيدنا سلمة بن الاكوع رضي الله عنه
- يزيد بن ابي عبيد رضي الله عنه
- مكي بن ابراهيم رضي الله عنه
- ابو عبدالله محمد بن اسماعيل البخاري
- ابو عبدالله محمد بن يوسف
- ابو محمد عبدالله بن احمد
- الشيخ الحافظ ابو مكتوم ابي ذر
- الشيخ الحافظ ابي ذر
- ابو الحسين علي بن حميد الطرابلسي
- ابو القاسم عبدالرحمٰن بن ابي حرصي
- العلامة ابو احمد بن ابراهيم الطبري
- ابو محمد عبدالله بن محمد النسيابوري
- الشيخ شهاب الدين احمد بن حجر العسقلانی
- الشيخ زكريا الانصاري
- الشيخ ابو الحسن محمد بن محمد القرشی
- الشيخ علي بن حسام الدين المتقي
- الشيخ عبدالوهاب المتقي المالكي
- الشيخ عبدالحق محدث الدهلوي
- الشيخ عبدالحكيم السيالكوتي
- العلامة عبدالله اللبيب
- العلامة ابوالحسن الشهيد
- العلامة الشيخ قل احمد
- العلامة محمد محدث
- السيد عاقل شاه لكياري
- العلامة عبدالحليم كندوي
- العلامة الخليفة محمد يعقوب
- العلامه عبدالغفور همايوني
- قاضي عبدالرزاق ترائي
- العلامة خادم حسين جتوئي
- العلامة محمد عظيم شيدا
- العلامة غلام حسين دريشاني
- العلامة عبدالرحمٰن ببر
- العلامة محمد الاهي بخش المعروف محبوب الاهي رحمة الله عليه
- الفقير محمد كرم الله

حديث

عن ابي موسي قال سمعت رسول الله صلعم يقول ان الله خلق آدم من قبضة قبضها
من جميع الارض فجاء بنو آدم على قدر الارض منهم الاحمر والابيض والاسود و
بين ذلك والسهل والحزن والخبث والطيب رواه احمد والترمذي وابو داود

حديث

عن ابي هريرة قال قال رسول الله صلعم لما خلق الله آدم مسح ظهره فسقط من ظهره كل نسمة هو
خالقها من ذريته الي يوم القيمة وجعل بين عيني كل انسان منهم وبيصا من نور ثم عرضهم
على آدم فقال اي رب من هؤلاء قال ذريتك فراي رجلا منهم فاعجبه وبيص ما
بين عينيه قال اي رب من هذا قال داؤد فقال اي رب كم جعلت عمره قال
ستين سنة قال رب زده من عمري اربعين سنة قال رسول الله صلعم فلما انقضى
عمر آدم الا اربعين جاءه ملك الموت فقال آدم اولم يبق من عمري اربعون سنة
قال اولم تعطها ابنك داؤد فجحد آدم فجحدت ذريته ونسي آدم فاكل
من الشجرة فنسيت ذريته وخطأ آدم وخطأت ذريته رواه الترمذي

غزل

ز عشق دوست هر ساعت درون نار مي رقصم
گهي در خار ميغلطم گهي بر نار مي رقصم
۱ بيا اي مطرب ساقي سماع شوق را دَرده
كه من شاد وصلش هر بازار مي رقصم
۲ مرا خلقي همي گويد گدا چندان چه مي رقصي
بدل داريم اسراري ازان اسرار مي رقصم
۳ اگر صوفي شده اند ياران بيا خرقه پوشيم
اگر زنار بر بستند دران زنار مي رقصم
۴ منم عثمان هروندي كه خواجه يار منصورم
ملامت ميكند خلقي كه من بردار مي رقصم
تمام شد بدست قاضي ...

غزل

دلدار گفتا كيستي گفتم دعاگوئي شما
گفتا كجا داري بگو گفتم سر كوي شما
۱ گفتا چرا دل خسته گفتم كه تير خورده ام
گفتا كه زد تير تر گفتم كه ابروي شما
۲ گفتم غزال مشكبو ديدم فتاده روبرو
گفتا كجا ديدي بگو گفتم كه بر روي شما
۳ گفتا كه نام خود بگو گفتم كه من مسكين حسن
گفت از سگان كيستي گفتم سگ كوي شما
تمام شد

راقم الحروف الفقير الٰهي بخش

۵ جنوري ۱۹۴۳ع

طالب علمي جي دؤر ۾ سندن عربي ۽ فارسي اکر

سندن ڪجھ فتوائون:

هي فتوائون پاڻ پنهنجي مبارڪ هٿن سان لکيائون.

پاءُ ۽ چاچي هوندي ڇا ماءُ نڪاح ڪري ڏئي سگهي ٿي ؟

سوال: (صغيره) نابالغ نياڻي جو پيءُ غير حاضر هيو ۽ ان جو چاچو ۽ ڀاءُ حاضر هيا ۽ ماءُ به موجود هئي. نڪاح ماءُ وجهي ڏنو آهي. هاڻي ٻڌايو ته اهو نڪاح جائز آهي يا نه؟

جواب: صغيره جي ڀاءُ ۽ چاچي جي موجودگي ۾ انجو نڪاح ماءُ پاران ڪري ڏيڻ قبول نه آهي. ڇو جو اقرب صغيرة جو ڀاءُ آهي اهو موجود آهي ان ڪان پوءِ چاچو آهي اهو به حاضر آهي. ماءُ ان وقت اقرب ته نه آهي پر ابعد به نه آهي ڇو ته ابعد مان مراد آهي جو اقرب کي ويجهو هجي پيءُ کي پٽ ۽ ڀاءُ ويجها لڳن ٿا نه ڪه ماءُ.

قال في الشامي الۡمُرَادُ بِالۡأَبۡعَدِ مَنۡ يَلِي الۡغَائِبَ فِي الۡقُرۡبِ كَمَا عَبَّرَ بِهِ فِي كَافِي الۡحَاكِمِ ، وَعَلَيۡهِ فَلَوۡ كَانَ الۡغَائِبُ أَبَاهَا وَلَهَا جَدٌّ وَعَمٌّ ، فَالۡوِلَايَةُ لِلۡجَدِّ لَا لِلۡعَمِّ

(ردالمحتار (9/426)

پيءُ جي غائب هجڻ وقت ولايت صغيره جي ڀاءُ کي آهي ان جي غير موجودگي وقت چاچي کي آهي پر اهي ٻئي حاضر آهن ته پوءِ ماء پاران نڪاح وجهي ڏيڻ درست نه آهي.

ڪنز ۾ ان طرح آهي: وَإِنۡ لَمۡ تَكُنۡ عَصَبَةٌ فَالۡوِلَايَةُ لِلۡأُمِّ

اگر عصبة نه هجي ته پوءِ ماءُ جي ولايت آهي. مذڪوره صورت ۾ جڏهن عصبة موجود آهي پوءِ به ماءُ جو نڪاح ڪري ڏيڻ، هاڻي انهن جي اجازت تي موقوف آهي.

فلو زوج الأبعد حال قيام الأقرب توقف على اجازته

(الدر المختار شرح تنوير الأبصار في فقه مذهب الإمام أبي حنيفة (3/81)

اگر ابعد (ماءُ) نڪاح ڪري ڏنو ۽ اقرب (ڀاءُ ۽ چاچو) راضي آهن ته نڪاح بحال آهي اگر راضي نه آهن. مجلس مان اٿي ويا ته نڪاح نه ٿيندو. والله تعالیٰ ورسوله اعلم بالصواب

فقير الاهي بخش

عفا عنه رب العرش والفرش

فاسق جي امامت بابت فتويٰ:

سوال: هڪ شخص مسجد جو پيش امام آهي پر ان ۾ لواطت ۽ زنا ڪاري جو شاهدن جي نشاندهي سان عيب آهي. ڪيترا ڀيرا ان کي ان گناهه ۾ پڪڙيو ويو آهي ۽ ان کي شرعي تعزير به ڏنو ويو آهي. مگر توبه تائب ٿيڻ بعد به وري ان بد ڪم ۾ مبتلا ٿيندو رهي ٿو ۽ ماڻهو ان جي پويان نماز نه ٿا پڙهڻ چاهن پوءِ به اهو امامت تي بضد آهي. هاڻي اسان کي شريعت موجب فتويٰ ڏيندا ته اهو پيش امام ٿيڻ جو لائق آهي يا نه ۽ ان جي پٺيان جيڪڏهن نماز پڙهي وئي ته جائز ٿي يا نه؟ پيو ته ڪو پيش امام ڏاڙهي ڪوڙائي يا ڪٽائي ٿو ان جي پويان نماز ٿيندي يا نه؟ بينوا توجروا

جواب: امامت جو حقدار اهو آهي جيڪو صالح هجي ۽ ان منصب جو اهل هجي. جيئن حديث ۾ آهي ته:

قَالَ قَالَ رَسُولُ اللهِ صلى الله عليه وسلم إِذَا سَرَّكُمْ أَنْ تُقْبَلَ صَلَاتُكُمْ فَلْيَؤُمَّكُمْ خِيَارُكُمْ فَإِنَّهُمْ وَفْدُكُمْ فِيمَا بَيْنَكُمْ وَبَيْنَ رَبِّكُمْ (سنن الدارقطني 2/464)

جو شخص پڌرو فاسق آهي ان جي پويان نماز پڙهڻ مڪروه تحريمي آهي. صالح جماعتين کي اُها نماز موٽائي پڙهڻ واجب آهي.

(ولو أم قوما وهم له كارهون إن) الكراهة (لفساد فيه أو لأنهم أحق بالإمامة منه كره) له ذلك تحريما لحديث أبي داود لا يقبل الله صلاة من تقدم قوما وهم له كارهون

(الدر المختار شرح تنوير الأبصار في فقه مذهب الإمام أبي حنيفة (1/559)

ان مان ثابت ٿيو ته اهو امامُ جنهن جي ڪُڌن ڪمن سبب جماعت کي ان جي امامت مان نفرت آهي ته ان جي پويان نماز پڙهڻ مڪروهه تحريمي آهي. نيڪ صالح جماعتين کي ان جي پويان ادا ڪيل نماز موٽائي پڙهڻ واجب آهي. درالمختار هي قاعدو واجبات صلواة ۾ لکيو آهي:

كُلُّ صَلَاةٍ أُدِّيَتْ مَعَ كَرَاهَةِ التَّحْرِيمِ تَجِبُ إِعَادَتُهَا .(رد المحتار (3/420)

ان جي لاءِ خود حديث دليل ڪافي آهي جو رسول الله ﷺ فرمايو آهي ته:

قَالَ رَسُولُ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وسَلَّمَ : ثَلاَثَةٌ لاَ يُقْبَلُ لَهُمْ صَلاَةٌ ؛ الرَّجُلُ يَؤُمُّ الْقَوْمَ وَهُمْ لَهُ كَارِهُونَ ، وَالرَّجُلُ لاَ يَأْتِي الصَّلاَةَ إِلاَّ دِبَارًا ، يَعْنِي بَعْدَ مَا يَفُوتُهُ الْوَقْتُ ، وَمَنِ اعْتَبَدَ مُحَرَّرًا. (سنن ابن ماجة)

الله ان ماڻهو جي نماز ئي قبول نہ ٿو ڪري جيڪو اهڙن ماڻهن ڪي نماز پڙهائي ٿو جيڪي ان کي مَنيان سمجهن ٿا. ان جي برن اعمالن سبب.

لذا كره إمامة (الفاسق) العالم لعدم اهتمامه بالدين فتجب إهانته شرعا فلا يعظم بتقديمه للإمامة وإذا تعذر منعه ينتقل عنه إلى غير مسجده للجمعة وغيرها وإن لم يقم الجمعة إلا هو تصلى معه

(مراقي الفلاح بإمداد الفتاح شرح نور الإيضاح ونجاة الأرواح (1/143)

ان عبارت مان صريح ثابت ٿيو تہ فاسق ماڻهو توڙي عالم هجي ان جي پويان نماز پڙهڻ ڪراهت آهي ڇو تہ ان پنهنجي فسق جي ڪري دين جي عزت نہ ڪئي آهي تنهنڪري شرعاً ان جي اهانت يعني خواري ڪرڻ واجب آهي. امام بڻائي ان جي عزت افزائي ڪرڻي نہ آهي. پر اگر ان کي سمجهائڻ اوکو آهي تہ اها مسجد ڇڏي وجي ٻي مسجد ۾ جمعو ۽ ٻيون نمازون پڙهجن پر جيڪڏهن شهر ۾ نماز پڙهائي اهو عالم فاسق ٿو تہ پوءِ لاچار ان جي پويان پڙهجي. پر تاهم ڪراهت تحريمي کان اها نماز خالي نہ آهي.

اگر پيش امام ڏاڙهي ڪوڙائيندڙ يا ڪترائيندڙ آهي. ڀنگ نوش يا تارڪ الجماعة يا فاسق آهي توڙي عالم هجي تہ بہ ان جي پويان نماز پڙهڻ مڪروهہ تحريمي آهي.

والله تعالیٰ ورسوله اعلم بالصواب

فقير الاهي بخش

عفا عنه رب العرش والفرش

افضليتِ ابوبڪر رضي الله عنه بابت سندن فتويٰ:

ڇا ٿا فرمائن علماءِ دين ۽ مفتيانِ شرع هن مسئلي بابت تہ اهلسنت و جماعت جي مذهب ۾ حضرات خلفاءِ اربعہ ابوبڪر صديق، عمر فاروق، عثمان ذي النورين ۽ علي رضي الله تعاليٰ عنهم اجمعين ڪي مرتبي ۾ برابر ڄاڻڻ گهرجي يا انهن وچ ۾ فرقِ مراتب سمجهڻ گهرجي؟ بَـيِّنُوا تُوجَـرُوا

جواب:

اهلسنت وجماعت جي مذهب ۾ حضرات خلفاءِ اربعہ رضي الله عنهم اجمعين جي شان ۽ مرتبي جي ترتيب ائين آهي ، جنهن ترتيب سان سندن خلافت آهي. جيئن امام اعظم ابو حنيفہ رحمت الله عليہ فقہ اڪبر ۾ فرمايو آهي تہ:

وأفضل الناس بعد النبيين عليهم الصلاة والسلام أبو بكر الصديق ثم عمر بن الخطاب الفاروق ثم عثمان بن عفان ذو النورين ثم علي بن أبي طالب المرتضىٰ رضوان الله عليهم أجمعين (الشرح الميسر على الفقهين الأبسط والأكبر أبو حنيفة (1/41)

۽ حضرت غوث اعظم سيدنا عبدالقادر جيلاني قدس سره غنية الطالبين ۾ فرمايو آهي تہ:

افضل الاربعة ابو بكر ثم عمر ثم عثمان ثم علي رضي الله عنهم

ربيع بن سليمان چيو تہ مون امام شافعي رضي الله عنه کان ٻڌو پاڻ فرمايائين:

أفضل الناس بعد رسول الله صلى الله عليه وسلم أبو بكر وعمر وعثمان وعلي

(معرفة السنن والآثار للبيهقي (1/193)

امام ابونعيم فرمايو تہ:

أفضل الناس بعد الرسول صلى الله عليه وسلم وأولاهم بالإمامة بعده أبو بكر الصديق رضي الله عنه ثم عمر بن الخطاب رضي الله عنه ومنهم من يقول: أبو بكر ثم عمر ، ثم علي رضي الله عنهم . (الإمامة لأبي نعيم (1/206)

امام بغوي چيو تہ:

وترتيبهم في الفضل، كترتيبهم في الخلافة، فأفضلهم أبو بكر، ثم عمر، ثم عثمان، ثم علي. رضوان الله عليهم اجمعين (شرح السنة 1/208)

ائمہ اهلسنت جي انهن قولن مان ظاهر آهي تہ انبياء عليهم السلام کان بعد سڀ انسانن کان افضل حضرت ابوبکر صديق رضي الله عنه آهي. ان کان بعد افضليت حضرت عمر فاروق رضي الله عنه جي آهي. ان کان بعد افضل حضرت عثمان رضي الله عنه آهي. ان کان بعد افضل حضرت علي رضي الله عنه آهي.

امام سيوطي تاريخ الخلفاء ۾ ان ڳالهہ تي اهلسنت جو اجماع بيان ڪيو آهي:

أجمع أهل السنة أن أفضل الناس بعد رسول الله ﷺ أبو بكر ثم عمر ثم عثمان ثم علي ثم سائر العشرة ثم باقي أهل بدر ثم باقي أهل أحد ثم باقي أهل البيعة ثم باقي أهل الصحابة هكذا حكى الإجماع عليه أبو منصور البغدادي وروى البخاري عن ابن عمر قال: كنا نخير بين الناس في زمان رسول الله ﷺ فنخير أبا بكر ثم عمر ثم عثمان وزاد الطبراني في الكبير: فيعلم بذلك النبي ﷺ ولا ينكره (تاريخ الخلفاء 1/44)

هن عبارت مان ثابت آهي تہ خلفاء راشدين جا درجا سندن ترتيبِ خلافت مطابق آهن، جيڪي عهدِ رسالت مآب ﷺ کان ائين ئي مشهور ۽ معروف آهن ۽ رسول الله ﷺ بہ انهيءَ ترتيب وار فضيلت بيان ڪرڻ کي ڄاڻندا هيا ۽ پاڻ رسول الله ﷺ بہ انڪار نہ ڪيو تہ ان مان ثابت آهي تہ رسول الله ﷺ ۽ صحابہ ڪرام رضوان الله عليهم اجمعين وٽ بہ ترتيب وار زياده ۽ گهٽ فضيلت خلفاء رضي الله عنهم اجمعين جي آهي. پوءِ جيڪو اها ترتيب نہ سمجهيو ۽ سيني کي برابر سمجهيائين تہ مخالفِ رسول الله ﷺ ۽ صحابہ ڪرام رضي الله عنهم ۽ مخالفِ اجماع اهلسنت و جماعت ٿيندو ۽ خارج دائره اهلسنت و جماعت ٿيندو.

خود حضرت علي ڪرم الله وجہ کان ثابت آهي.

عَنْ مُحَمَّدِ ابْنِ الْحَنَفِيَّةِ ، قَالَ : قُلْتُ لأَبِي أَيُّ النَّاسِ خَيْرٌ بَعْدَ رَسُولِ اللهِ صلى الله عليه وسلم قَالَ : أَبُو بَكْرٍ قُلْتُ ثُمَّ مَنْ قَالَ ثُمَّ عُمَرُ وَخَشِيتُ أَنْ يَقُولَ عُثْمَانُ قُلْتُ ثُمَّ أَنْتَ قَالَ مَا أَنَا إِلاَّ رَجُلٌ مِنَ الْمُسْلِمِينَ. (صحيح البخاري 5/ 9)

يعني حضرت علي رضي الله عنه جي فرزند حضرت محمد فرمايو تہ مون پنهنجي والد يعني حضرت علي رضي الله عنه کان سوال ڪيو تہ رسول الله ﷺ کان بعد ڪير بهتر آهي؟ حضرت علي رضي الله عنه فرمايو تہ ابوبڪر صديق بهتر آهي. مون چيو ان کان بعد بهتر ڪير آهي؟ حضرت علي ڪرم الله فرمايو تہ ان کان بعد حضرت عمر رضي الله عنه بهتر آهي. حضرت محمد چيو تہ مون کي خوف ٿيو تہ پوءِ جيڪڏهن مان سوال ڪندس تہ ان کان بعد بهتر ڪير آهي تہ حضرت علي رضي الله عنه فرمائيندا تہ حضرت عثمان رضي الله عنه بهتر آهن. ان خوف ۾ مون اهو سوال نہ ڪيو ۽ مون عرض ڪيو تہ حضرت عمر رضي الله عنه کان پوءِ توهان بهتر آهيو. حضرت علي رضي الله عنه فرمايو تہ مان مسلمانن منجهان هڪ مرد آهيان.

ان مان معلوم ٿيو تہ خود حضرت علي رضي الله عنه وٽ بہ اهڙي ئي فضيلت جي ترتيب هئي، جيڪا عقائدِ اهلسنت جي موافق آهي.

ڪنز العمال ۾ خود حضرت علي رضي الله عنه کان مروي حديث آيل آهي تہ:

عن سعد بن طريف عن الأصبغ بن نباتة قال: قلت لعلي: يا أمير المؤمنين؟ من خير الناس بعد رسول الله ﷺ؟ قال: أبو بكر، قلت: ثم من؟ قال عمر، قلت: ثم من؟ قال: عثمان، قلت: ثم من؟ قال: أنا، رأيت رسول الله ﷺ بعيني هاتين وإلا فعميتا وبأذني هاتين وإلا فصمتا يقول: ما ولد في الإسلام مولود أزكى ولا أطهر ولا أفضل من أبي بكر ثم عمر. (كنز العمال في سنن الأقوال والأفعال 13/ 244)

هن مان بہ ثابت آهي تہ خود حضرت علي رضي الله عنه فرمايو رسول الله ﷺ ۽ انبياء عليهم السلام کان پوءِ بهتر حضرت ابوبڪر صديق رضي الله عنه آهن ۽ پوءِ حضرت عمر رضي الله عنه بهتر آهن ۽ پوءِ حضرت عثمان رضي الله عنه بهتر آهن ۽ پوءِ حضرت علي رضي الله عنه فرمايو مان بهتر آهيان.

پوءِ فرمايائون اسلام ۾ پاڪيزه پاڪ ۽ وڏيڪ افضل حضرت ابوبڪر رضي الله عنه آهي. ان کان بعد حضرت عمر رضي الله عنه جهڙو ڪو پيدا نہ ٿيو.

حضرت علي رضي الله عنه جو قول جلال الدين سيوطي تاريخ خلفاء ۾ تحرير ڪري ٿو:

لا يفضلني أحد على أبي بكر و عمر إلا جلدته حد المفتري

(تاريخ الخلفاء 1/44)

حضرت علي رضي الله عنه فرمايو تہ ڪو بہ مون کي حضرت ابوبڪر ۽ حضرت عمر رضي الله عنهما کان افضل نہ ڄاڻي اگر ڪو ائين ڄاڻيندو تہ مان ان کي ڪوڙي سان ماريندس ۽ اها حد جاري ڪندس جيڪا ڪُوڙي تهمت لڳائڻ واري تي قائم ڪئي ويندي آهي.

ان مان ثابت ٿيو تہ جيڪو ماڻهو ترتيب وار چئني جي فضيلت جيئن مٿي ذڪر ڪيو ويو تي اعتقاد نہ ٿو رکي تہ اِها حضرت علي رضي الله عنه جي عقيدي جي مخالفت آهي ۽ رسول الله صلى الله عليه وسلم ۽ صحابہ ڪرام ۽ سڀني اهلسنت و جماعت جي عقيدي جي خلاف آهي. اهڙو ماڻهو حضرت علي رضي الله عنه جو بہ دشمن آهي ڇو تہ اهو پنهنجي فاسد سوچ ۾ حضرت علي رضي الله عنه کي پنهنجو دوست سمجهي ٿو پر اهو هرگز دوست نہ آهي. اهو اهلسنت و جماعت جي دائري مان خارج آهي.

ينبغي للمسلم أن يعتقد اعتقاداً جازماً أن أفضل البشر بعد الأنبياء هو صديق هذه الأمة المحمدية وهو أبو بكر (عقيدة أهل السنة والجماعة في الصحابة الكرام (1/219)

هذا ما ظهر لي في هذا الباب والله تعالیٰ ورسوله اعلم بالصواب

فقير الاهي بخش

عفا عنه رب العرش والفرش

طريقت ۾ قدم:

حضرت محبوب الاهي رحمت الله عليہ جي طبيعت مبارڪ ننڍپڻ کان ئي محبت ڀري هوندي هئي. پاڻ ٻالڪپڻي کان نهايت رقيق القلب هئا. جڏهن ڪا محبت جي ڳالهہ غزل يا ڪافي ٻڌندا هئا تہ بي اختيار سندن اکين مان آب جاري ٿي ويندو هيو. پڙهڻ دؤران جڏهن حضور اڪرم نورِ مجسم حضرت مٺي محمد مصطفيٰ ﷺ جو اسم مبارڪ ٻڌندا هئا يا سندن سيرت پاڪ پڙهندا يا ٻڌندا هئا تہ سندن اکيون مبارڪ ڳوڙهن سان تربتر ٿي وينديون هيون. جيڪڏهن ڪي صوفي فقير مدرسي ۾ اچي مهمان ٿيندا هئا تہ انهن جي خدمت پنهنجي مٿان واجب سمجهندا هئا. سڄي رات سندن صوفيانہ ۽ عارفانہ ابيات تي جيئن اهي فقير رئندا هئا تيئن پاڻ بہ انهن سان گڏ رئندي رڙندي ڏسبا هئا. صوفي فقير جڏهن موڪلائي هلندا هئا تہ پاڻ شهر کان ٻاهر انهن سان گڏجي هلندا هئا ۽ موڪلائڻ وقت بي اختيار روئندا هئا. سندن طبيعت مبارڪ اهڙي تہ حساس هوندي هئي جو ڪو دوست يا مدرسي جو طالب موڪلائي ويندو هيو يا ڪو ڳوٺ جو ماڻهو لڏي ويندو هيو تہ اها جدائي بہ سهي نہ سگهندا هئا. ان جدائي تي روئي روئي بي خود ٿي ويندا هئا.

ڪا نہ ڏُسڪي ڏک رِي:

سندن ننڍپڻ جو واقعو آهي تہ هڪ ڏينهن حضرت سائين مشوري صاحب رحمۃ الله عليہ پير واري ڳوٺ ۾ دعوت تي آيا. ساڻن گڏ غزل پڙهڻ وارا فقير هئا انهن نهايت خوش الحاني سان غزلَ پئي پڙهيا اهي ٻڌڻ سان پاڻ بي اختيار ريهون ڪري روئڻ لڳا. حضرت مشوري صاحب سندن اها حالت ڏسي عجب ۾ پئجي ويا. فرمايائون:

ڏڪويون ڏُسڪن ، ڪا نہ ڏُسڪي ڏک رِي،
بيون ائين سڏون ڪن، پِنڻ واريون پڌريون.

سائين محبوب الاهي ڪي طالب العلمي جي زماني ۾ ئي الله وارن جي صحبت جي پياس رهندي هئي. مدرسي مان موڪل واري وقت ٻيا طالب ڳوٺ گهمڻ يا ڪنهن هنڌ تفريح لاءِ ويندا هئا پر حضرت جن ڪنهن الله واري جي صحبت ۾ وڃي فيضياب ٿيندا هئا. فراغت جو ڏينهن اجايو نہ ويهندا هئا بلڪہ الله وارن جي صحبت مان بهره ور ٿيندا هئا.

جنهن زماني ۾ پاڻ ڪڙيہ واري مدرسي ۾ پڙهندا هئا تہ اتي پر ۾ هڪ نيڪ صالح الله جو دوست پاڻهو رهندو هيو. موڪل واري مهل پاڻ وڃي ان جي خدمت ڪندا هئا. سندس پاٽي پريندا هئا. ڪيس زور مروڙ ڏيندا هئا. اهو بزرگ چوندو هيو تہ ابا تون ڇو ٿو مون ڏي اچين؟ پاڻ عرض ڪندا هئا تہ سائين پيا طالب اڄ موڪل تي ڳوٺ ويا آهن آءُ توهان جي خدمت ۾ دعا وٺڻ آيو آهيان. پوءِ اهو بزرگ سندن حق ۾ تمام ڊگهيون ڊگهيون دعائون گهرندو هيو. تانجو انجا نيڻ جاري ٿي ويندا هئا. پوءِ فرمائيندو هيو تہ ابا تون اسان سان محبت رکين ٿو اسان جي دعا وٺين ٿو اسان بہ اهڙي دعا ٿا ڏيون جو تون پاڻهين اکين سان ان جو اثر ڏسندين. فَوَقَعَ كَمَا قَالَ

سخت ڏک جي خبر:

پاڻ فرمائيندا هئا تہ جڏهن آءُ مدرسي ۾ پڙهندو هيس منهنجو والد حضرت ميان محمود ﷬ جو مريد هيو. مون کي دل ۾ اشتياق رهندو هيو تہ جلد علم پڙهي ان بزرگ کان روحاني فيض حاصل ڪندس. هڪ ڏينهن خبر پئي تہ ان بزرگ جو انتقال ٿي ويو آهي. اها افسوسناڪ خبر ٻڌي مون کي ڏاڍو ڏک غم ۽ اندوه ٿيو. ايترو رُنس جيئن ڪو صادق مريد پنهنجي ڪامل مرشد جي جدائي ۾ روئندو آهي.

پسند پنهنجي پنهنجي : جڏهن پاڻ استاد محمد اسحاق وٽ مدرسي ۾ پڙهندا هئا تہ سندن استاد ڪڏهن هر هڪ طالب کان پڇندو هيو تہ توهان علم پڙهي پوءِ ڇا ڪندا؟ ڪو چوندو هيو تہ مان علم پڙهي مدرسو کوليندس ۽ ٻار پڙهائيندس. ڪو چوندو هيو تہ مان طبيب حڪيم ٿيندس. ڪو چوندو هيو تہ مان زميندار ي ڪندس. الغرض هر ڪو پنهنجي پنهنجي پسند بيان ڪندو هيو. جڏهن استاد صاحب حضرت محبوب الاهي کان پڇندو هيو تہ پاڻ فرمائيندا هئا تہ آءُ علم پورو ڪري الله وارن وٽ وڃي علمِ باطن حاصل ڪندس انهن جي صحبت مان تزڪيہ نفس ۽ تصفيہ قلب حاصل ڪري پوءِ مخلوق کي دين سيکاريندس. استاد ڪلي فرمائيندو هيو تہ هائو تون پير ٿيندين پوءِ مزاحًا فرمائيندو هيو: اڙي طالبو اهي ماڻهو ڏسو خلق خدا جي ڪاڏي ٿي وڃي؟ ڏسو تہ سهي اهي سپ پير الاهي بخش ڏانهن تہ نہ ٿا اچن. معلوم ٿو ٿئي تہ پير جي زيارت لاءِ ٿا اچن.

استاد صاحب روئي ڏنو:
پوءِ اهي ڏينهن بہ آيا جڏهن رب العالمين کين باطني نعمت سان نوازيو. پاڻ جتي ويندا هئا تہ سندن پٺيان خلقِ خدا جا هجوم هوندا هئا. هڪ ڀيري ان استاد صاحب جي پرسان هڪ قومي نواب حضرت جن جي دعوت ڪئي. پنهنجي پوري خاندان سميت طريقہ ۾ داخل ٿيو. جڏهن پاڻ واپس وريا تہ کين استاد صاحب سان ملڻ جو شوق ٿيو. پاڻ جماعت سميت استاد جي ملڻ لاءِ روانا ٿيا. ان وقت پاڻ مَهِرِي تي سوار هئا، پويان سوين فقير الله الله ذڪر جهري جي ڌم مچايون جذبا ڪندا پي آيا. جڏهن استاد صاحب جي ڳوٺ ڪان آيا تہ ساري ڳوٺ جا ماڻهو ٻاهر نڪري آيا. تڏهن استاد ڪريم بہ مدرسي ڪان مٿي پيرين اگهاڙو ٻاهر نڪري آيو. ٻاياڻءِ تہ ڪو پير ڪامل اسان وٽ اچي رهيو آهي. ان جي تعظيم ۽ استقبال ڪجي. پوءِ ڳوٺ جا مرد عورتون ۽ مدرسي جا طالب سڀ سندن زيارت لاءِ اچي بيٺا. جڏهن پاڻ ويجهو آيا تہ سندن استاد صاحب هي نظارو اکين سان ڏسي روئي ڏنو ۽ حضرت جن جا هٿ چميائين. چيائين تہ بيشڪ جيڪو توهان ارادو ڪيو رب پڄايو اسان مذاق ڪندا هئا سين پر رب پاڪ ڪري ڏيکاريو. پوءِ حضرت جن جي مهماني ڪيائين ۽ دعا گهريائين. پاڻ پنهنجي استاد ڪان دعا گهرايائون.

رهبر جي تلاش: جيئن مٿي بيان ٿي چڪو تہ کين ننڍپڻ ڪان ئي خداوارن جي محبت ۽ الفت رهندي هئي پاڻ انهي فڪر ۾ رهندا هئا تہ ڪنهن ڪامل هستي ڪان باطني فيوضات ڪجن. ان تلاش ۾ جتي بہ ڪو بزرگ ٻڌندا هئا انجي صحبت ۾ ويندا هئا. سندن نظرون حضرت ميان محمود سائين جي فيوضات جي انتظار ۾ رهنديون هيون. پر سندن اچانڪ موت سبب پاڻ حجر ۽ فراق ۾ نهايت رنجور رهڻ لڳا. تانجو اجا مدرسہ ۾ زيرِ تعليم هئا تہ پرسان واري ڳوٺ ۾ حضرت سائين مشوري صاحب جن دعوت تي آيا. پاڻ بزرگن جي ديدار لاءِ مجلس ۾ شريڪ ٿيا.

بيعتِ اول: ان وقت حضرت محبوب الاهي ڀرپور جواني ۾ هئا. سندن عمر مبارڪ صرف سورهن سال هئي ۽ حضرت سائين مشوري صاحب رحمة الله عليه جي ان وقت ڏاڙهي مبارڪ بلڪل سفيد هئي. پاڻ دل ۾ سوچيائون تہ هڪ هستي تہ هٿان وئي.

هي خدا جو پيارو رب ملايو آهي. انڪري علم ڪان فارغ ٿيڻ جو انتظار ڪرڻ بجاءِ پاڻ اتي ئي مخدوم المخاديم قطب الاقطاب، قدوة السالڪين حضرت مولانا محمد قاسم مشوري رحمة الله عليه سان 21 ماه ذوالحج 1364 هه صبح جي وقت سندن جي دست حق پرست تي بيعتِ ارادت ڪيائون ۽ سلسلہ عاليہ قادريہ جي تلقين حاصل ڪيائون.

پوءِ ذڪر اذڪار مجاهدا ۽ مراقبا شروع ڪري ڏنائون ۽ وڏي محنت ۽ مشقت سان سلسلہ عاليہ قادريہ جا اسباق ڪاهيائون ۽ ڪمايائون.

پاڻ ظاهري علم بہ پڙهندا رهيا ۽ باطني منازل بہ طئي ڪندا رهيا. ساريون ساريون راتيون مراقبي ۾ گذاريندا هئا ۽ اوراد ۽ وظائف پابندي سان ادا ڪندا هئا. مرشدن جي نظرن ۾ بہ خاص مريدن مان ليکيا ويندا هئا. سائين مشوري صاحب جن بہ مٿن خصوصي نظرِ ڪرم ڪندا رهندا هئا. رِقّت قلبي عشقِ رسول ﷺ جون عجيب واردات ۽ ڪيفيات جڏهن پنهنجي مرشد سان بيان ڪندا هئا تہ مرشد ڪريم نهايت خوش ٿيندا هئا ۽ مٿن اجا وڌيڪ مهرِ نظر فرمائيندا هئا.

هڪ خواب هڪ حقيقت:

تقريباً بہ اڍائي سال حضرت مشوري صاحب رحمة الله عليه جي صحبت ۽ ارادت ۾ رهيا ۽ فيوضات و برڪات حاصل ڪيائون پر سندن باطن جي پياس ۽ اداس اجا ڏينهون ڏينهن وڌندي رهي. سندن اشتياق جو ٿانوءُ اجا وڌيڪ ڪشادو هيو. سندن طلب ۽ تڙپ اجا ڪنهن اهڙي هستي جي تلاش ۾ هئي جيڪو سيني کي عشق الاهي سان مالا مال ۽ لبريز ڪري ان ڳالهہ جو اظهار مرشد ڪريم مشوري رحمت الله عليہ سان بہ ڪيائون. بزرگن فرمايو اجا انتظار ڪيو. اهي ڏينهن بہ جلد ايندا جڏهن ڪو جوان ايندو جو توهانجي سيني کي پرپور ڪندو. پوءِ سندن رات ڏينهن اها تمنا هوندي هئي تہ:

"يا الله ڪو اهڙو جوان ملاءِ جو باطني نعمت جي آس پوري ڪري."

فرمايائون: هڪ رات خواب ڏٺم تہ هڪ بزرگ نوراني صورت سان ڪشادي پيشاني پرپل جسم، سفيد سونهاري، هڪ کٽ تي ويٺو آهي ۽ پرسان ٻي کٽ تي حضرت سائين مشوري صاحب رحمة الله عليه ويٺل آهن.

آءُ اچي پنهنجي پير حضرت سائين مشوري صاحب جي قدمبوسي ڪرڻ لڳس تہ انهن فرمايو : پٽ هن جوان سان مِلُ هي تنهنجو پير آهي. توکي جنهنجي تلاش آهي سو هيءُ ئي آهي. فرمايائون ان بزرگ سان مصافحہ ڪرڻ لڳس تہ اهو هٿ ملائڻ بجاءِ ڪٽ تان اٿي مونکي ڀاڪر پاتائين ۽ سينو سيني سان ملايائين. بس سينو سيني سان ملڻ شرط ڏنم تہ هڪ وڏو باھ جو آرانڀو ان بزرگ جي سيني کان منهنجي سيني ۾ داخل ٿيو. مون کان رڙ نڪري وئي. "**هاءِ الله منهنجو سينو سڙي ويو**" • پوءِ سجاڳ ٿي پيس تہ سارو سينو گرم هيو ۽ قلب ۾ حرارت هئي. دل زور زور سان ڌڙڪي رهي هئي. اندر مان چٽو الله الله جو آواز اچي رهيو هيو. پوءِ ڪيتري وقت تائين ان خواب جو اثر جسم تي طاري رهيو.

تلاشِ منزل : فرمايائون: ان خواب ڏسڻ کان پوءِ منهنجي حالت اهڙي بنجي وئي، جيڪا حضرت يوسف عليہ السلام کي خواب ۾ ڏسڻ کان پوءِ بي بي زليخا جي بنجي وئي هئي. بقول جامي بي بي صاحبہ چوندي هئي تہ :

ندانم نام توتا سازمش ورد * نیابم جاءِ توتا گردمش گرد
دلم بردی ودلداری نہ کردی * غمم دادی وغمخواری نہ کردی

اي محبوب تنهنجي نالي جي خبر ناهي نہ تہ ان کي وظيفو ڪري پڙهان ها. تنهنجي جاءِ جي خبر ناهي نہ تہ ان جي چوڌاري ڦران ها. اي محبوب دل ڦري دلداري نہ ڪرڻ آئين غم ڏئي غمخواري ڪرڻ نہ آئين .

فرمايائون ان ڏينهن کان خيالن ۽ تصورن ۾ ان سهڻي صورت جي اداس پياس رهڻ لڳي.

ڪڏهن ٿيندا اهي ڏينهڙا ملڻ جا * اکيون عيدون ڪنديون دلبر ڏسڻ سان.

پوءِ پاڻ حجرءِ فراق جون گهڙيون ڪٽيندا رهيا. جتي بہ ڪنهن بزرگ جو ٻڌندا هئا هلي ويندا هئا متان اهو دل جو دلبر ملي پوي. جيڪو من جي پياس اجهائي سيني ۾ عشق الاهي جي باھہ پڙڪائي. هڪ رات سندن پراڻو دوست ۽ هم سبق مولانا مولوي نبي بخش زرداري وٽن اچي مهمان ٿيو. چيائين تہ "اي دوست تو کي محنتون رياضتون ڪندي سال ٿي ويا آهن هتي ڪڇي ۾ هڪ بزرگ پنجاب کان آيو آهي وڏا وڏا ظالم چور زاني ان جي صحبت ۾ نيڪ صالح ٿي ويا آهن ڪڇي ۾ دين پور نالي ڳوٺ اڏايو اٿس.

ان کي پير منو تا چون هل تہ ان جي زيارت ڪري اچون.“ فرمايائون: مولوي نبي بخش صاحب جون ڳالهيون ٻڌي منهنجو اشتياق پيٽو ٿي ويو تہ شايد اهو ئي من جو مطلوب هجي. مولوي صاحب سان پروگرام ٺاهيم. پوءِ مولوي صاحب سان گڏجي راڌڻ اسٽيشن کان لهي ڪچي ۾ ڏهہ يارهن ميل پنڌ ڪيوسين تہ ان بزرگ جي دربار نظر آئي. ڪکاوان گهر، ڇپر جا مَـنَـهہ . سادگي وارو ماحول.

خواب جي حقيقت:

فرمايائون: سومهڻي نماز جي وقت دينپور پهتاسين. سوين ماڻهو جذبن ۾ نظر آيا. ڪي محبت جون ڪافيون پيا پڙهن تہ ڪي پيا روئن رڙن، ڪي پيا رقص ڪن. اهڙو منظر عمر ۾ اڳ نہ ڏٺو هيوسين. عمر گذري مدرسن ۾ پڙهندي ۽ بزرگن جي صحبتن ۾ ويندي پر اهڙي حالت اڳ ڪڏهن نہ ڏٺي هئي سين. فرمايائون عشاء نماز جو وقت ٿيو بزرگ ٻاهر نڪتا. ائين لڳو جيئن ڪوباد شاهہ تخت تان لهي آيو هجي. جڏهن سندن صورت تي نظر پئي تہ يڪدم اهو خواب ياد اچي ويو. جنهن لاءِ مرشد اول حضرت سائين مشوري صاحب رحمة الله عليه نشاندهي ڪئي هئي . اهو ساڳيو حسين چهرو اکين اڳيان نظر آيو، جنهن عشق جو آلانيو سيني ۾ وڌو هيو.

فرمايائون: رات جو نماز پڙهائي پاڻ حويلي ڏانهن هليا ويا پر ساري رات جماعت ۾ جذبا جنون چالو هئا. وري صبح جو بہ اها ساڳي حالت نظر آئي. ٻئي ڏينهن بہ ترسي پياسين.

بيعت ثاني:

ٻئي ڏينهن 12 جماد الثاني 1367 هہ ٽيهري نماز بعد خواجهءِ خواجگان، قطبِ جهان، قيومِ زمان حضرت پير خواجہ محمد عبد الغفار فضلي نقشبندي رحمة الله عليه جي دست مبارڪ تي بيعت ثاني فرمايائون ۽ سلسلہ عاليہ نقشبنديہ ۾ قلبي ذڪر جي تلقين حاصل ڪيائون.

نظر جنهاندي ڪيميا:

فرمايائون: پير سائين جن جڏهن قلب تي آڱر لڳائي چيو هتي دل آهي، اتي اهو خيال رکو تہ دل چئي رهي آهي الله الله . بس آڱر لڳڻ سان دل جي ڪيفيت متجي وئي. پراڻيون نسبتون سڀ ختم ٿي ويون. دل ۾ ذڪر جاري ٿي ويو. دل مان نڪ نڪ جو آواز خود ٻڌان پيو. پوءِ پنهنجي ساٿي مولوي نبي بخش کي چيم يار هي مون کي الائي ڇا ٿي ويو آهي؟ ان چيو تہ دوست تو کي مبارڪ هجي جو تنهنجو ذڪر چالو ٿي ويو آهي.

جيڪا چيز پين ڪي سالن ۾ بہ نہ ملي سگهي سا توڪي ساعتن ۾ حاصل ٿي وئي آهي.

فرمايائون : ذڪر ۾ اهڙي تہ حالت پيدا ٿي جو غير الله کان دل صفا صاف ٿي وئي من ۾ هڪ محبوب جي تات تنوار جاري ٿي وئي. ٻئي ڏينهن مولوي صاحب چيو تہ هاڻي هلو تہ ڳوٺ هلون. مون چيو مولوي صاحب تون ڀلي وڃ مونکي جنهن محبوب جي تلاش هئي سو ملي ويو. هاڻي آءُ هتي ئي آهيان. پوءِ پاڻ هفتو کن ٽڪي پيا.

انهن ڏينهن ۾ اندر جو حال اهڙو ٿي ويو جو رڳ رڳ ۾ انگ انگ ۾ الله جو ذڪر جاري ٿي ويو. بي اختيار اسم ذات جون ضربون نڪرڻ لڳيون. سجاڳي ۾ توڙي ننڊ ۾ ظاهر باطن ۾ الله الله جي تنوار جاري ٿي وئي.

سبحان الله: سلسلہ عاليہ قادريہ جي فيض سان سندن سينو اڳي ئي معمور هيو وري هاڻي جو نقشبندين جي نگاہ پئي تہ ڪير ۾ ڪنڊ پئجي وئي. محبت جو بارود جيڪو دل ۾ ڌُڪندڙ هو ان ۾ عشق الاهي جي تيلي لڳي تہ باهہ ڀڙڪي پئي. روح راڙا چالو ٿي ويا. سچ چيو اٿن

نظر جنهاندي ڪيميا سونا بناون وٽ
ذات تي ڪائي ذات نهين سيد هو يا جٽ

ذڪر جي حلاوت:

جڏهن پاڻ پير طريقت کان ذڪر جي تلقين وٺي صحبت کان مشرف ٿي واپس ڳوٺ آيا تہ ان وقت پاڻ مدرسي ۾ پڙهائيندا هئا. هاڻي سندن اڳيون حال نہ رهيو. رات ڏينهن روح راڙو چالو ٿي ويو. نہ ڪين گهر نہ وڻي ٻار ٻچا وڻن. دل ماڻهن جي صحبت کان بلڪل ڪناره ڪشي ڪرڻ تي آماده ٿي وئي.

فرمايائون: ان وقت منهنجو تدريس تان صفا روح ڪڄي ويو. ڪتاب کولي پڙهان تہ صرف ڪارا اکر نظر پيا اچن مگر معنيٰ ۽ مطلب سمجهہ ۾ نہ پيو اچي. مون مٿان هڪ جنوني ڪيفيت طاري ٿي وئي. اڪثر هي بيت پڙهندو هيس:

جڏهانڪر ٿيام ساجاہ سپرين جي،
تڏهانڪر تَرَ جيترو وير نہ وسريام،
اندر روح رهيام سڄڻ اوطاقون ڪري.

هيانوء ڦاٽي ڦارون ٿيو ڀانهيءَ جو ڀيرا،
دردن اڇي دل ۾ دوست وڌم ديرا،
آري تنهنجي عشق جا اندر آڪيرا،
جلي ويم جيرا سڄڻ سوز فراق ۾.

ان سرمستي جي حال ۾ پاڻ شاعري بہ ڪيائون. هي سندن شعر ان وقت جو چيل آهي:

ڪافي:

ديوانن جان دانهون ڪري ٿي، دلڙي منهنجي يار مٺا،
دردن لاتي آ ڌُمَّ ڌڙي، الا وس ڪان نڪتي ڳالهہ مٺا.

دلڙي چوي ٿي الفي پايان، مستن جان ٿي وارِي وسايان،
مٿو اگهاڙو جُتي نہ پايان، اهڙا عشق ڪا ٿم حالَ مٺا.

برهہ اندر ۾ باهيون ٻاريون، جيءَ ۾ لاتيون جانب جهوريون ،
سور وچن ٿا سينو ساڙيون، سَهَڻ جي ناه مجال مٺا.

جوڳي ٿي مان جوڳ ڪمايان، نفليون نينهن جون ناد وڄايان،
برهہ سندا مان برّ وسايان، ڪنهن نہ موهيو مونکي مالَ مٺا.

ملنگ مستانو عشق ڪيو آ، راتيان ڏينهان روڄ راڙو آ،
علم عقل منهنجو هوش ويو آ، برهہ ڪيو بي حال مٺا.

عشق اندر ۾ ٻارڻ ٻاريا، رنتجي ويا جگر جيرا،
هڏا هيٺي جا يار هَڃي ويا، درد جي ڇا ڪيان ڳالهہ مٺا.

”الاهي بخش“ جا عرض اگهائين، جانب پنهنجو پاڻُ پَسائين،
درّ پنهنجي تي يار رهائين، اها ڳالهہ نہ آهي محال مٺا

هن ڪافي جي اکر اکر ۾ پنهنجي اندر جي ڪيفيت جو نقشو چِٽيو اٿن. لفظ لفظ ۾ درد ۽ سوز سمايل آهي. اندر جا اُڌما سورن جا صدما ۽ محبت جا مذڪور بيان ڪيا اٿن .

خلافت: سندن اها ڪيفيت ۽ محبت جي حالت مرشد کان مخفي نہ هئي. سندن لياقت ۽ همت جو مشاهدو ڪري بيعت کان صرف نَوَ مهينا ۽ نَوَ ڏينهن بعد ربيع الاول سنہ 1368 ھ ۾ پير مٺا سائين رحمۃ اللہ علیہ کين سلسلہ عاليہ نقشبنديہ جي اشاعت ۽ تبليغ دين جي اجازت خلافت عطا ڪئي.

ڪيفياتِ درد و سوز:

ڪو زمانو مٿن درد ۽ سوز جون عجيب ڪيفيتون طاري رهيون. ڪڏهن گهر جو در بند ڪري اند ريهون رڙيون ڪري روئي روئي اندر جي آڳ هلڪي ڪندا هئا. ڪڏهن جنهگن برن ڏانهن نڪري ويندا هئا. شل نہ ڪو غزل پڙهي، شل نہ ڪو نعت پڙهي پوءِ تہ مٿن ڪلاڪن جا ڪلاڪ گريو طاري رهندو هيو.

جڏهن وري مجلس ۾ ايندا هئا تہ پوري جماعت مٿان وجد طاري ٿي ويندو هيو. هڪ ڀيري پاڻ گولاڙچي تعلقي جي ترائي ڳوٺ ڪان تيرهين چڪ جي چانڊين فقيرن وٽ تبليغ تي آيا. ان وقت جنهن جي نظر سندن چهري تي ٽڪي پئي ان مٿان جذبو چالو ٿي ويو. ننڍا وڏا، پوڙها، پڪا، مرد مايون سڀني ۾ الله الله جي تنوار ذڪر جي جهونگار جاري ٿي وئي. پوري پوري رات فقيرن مٿان جذبو چالو رهندو هيو. ان طرح پاڻ خود بہ پنهنجون منزلون طئي ڪندا رهيا تہ خلقِ خدا ڪي بہ فيضياب ڪندا رهيا.

مخالفتون: هڪ طرف محبت زور ورتو ٻئي طرف مخالفتن مُنهن ڪڍيو. اوڙو پاڙو، يار دوست، هم سبق مولوي ، مِٽَ مائٽ تہ مخالف ٿيا، پر سندن والد ڪريم بہ سندن شديد مخالف ٿي ويو. ماڻهن کي سرِ عام روڪيندو هيو تہ منهنجي پٽ کي مون وڏي محنت سان پڙهائي عالم بنايو پر هاڻي اهو چريو ٿي ويو آهي، خبردار ڪو بہ ان جي صحبت ۾ نہ وڃي. پر والده ماجده جي وري حضرت جن سان تمام گهڻي محبت هئي. گهر ۾ ٻئي زال مڙس گڏجي ويهندا هئا تہ پيءُ سائينجن جي شڪوه شڪايت ڪندو هيو. پين پٽن جي واکاڻ ڪندو هيو تہ والده ماجده وري سندن واکاڻ ڪندي چوندي هئي: ” سوڍا مڙن سوَ تہ بہ مٺُ نہ پايان مينڌري “.

هڪ ڀيري حضرت جن جي محفل جاري هئي. پاڻ عشق الاهي ۽ وحدانيت جون ڳالهيون بيان فرمائي رهيا هئا. اتفاقاً والد ڪريم بہ ان مجلس ۾ ڪنڌ ڪان وڃا هيا. گفتگو ٻڌندي سندن اکين مان جر جاري ٿي ويو. گهڻي دير بعد گهر واپس آيا تہ گهرواري پڇين، سائين اڄ گهڻي دير ڪري آيا آهيو؟ فرمايائون اڄ تنهنجي پٽ اهڙي تقرير ڪئي جو هيائو ئي ناري ڇڏيائين. مون ان کي نہ سڃاتو هيو. اڄ مون سندس مقام ڏٺو آهي.

برابر ولي الله آهي. بيبي صاحبہ چيو تہ آءٌ نہ چوندي هئس تہ:

"سوڍا مڙن سؤ تہ بہ مٽ نہ پايان مينڊري"

فرمائيندي هئي تنهنجا سڀ پٽ هڪ پاسي منهنجو پنهل هڪ پاسي.

خدمت ۽ محبت: پاڻ اڪثر وقت مرشد جي آستاني تي گذاريندا هئا. ايستائين جو ڪو ايڊريس پڇندو هيو تہ ان کي پنهنجي ڳوٺ جي نہ پر پنهنجي مرشد جي دربار جي ايڊريس ڏيندا هئا. لنگر جو ڪم، دربار جو ڪم، حويلي جو ڪم، فقيرن ۽ مهمانن جي خدمت ڪرڻ پنهنجو حق سمجهي بي لوث خدمت ڪيائون. جيستائين سندن مرشد ڪامل ظاهري زندگي ۾ هيا تيستائين ادباً پاڻ حج ڪرڻ بہ نہ ويا. فرمائيندا هيا مرشد جي دربار جي خدمت ڪرڻ سان الله تعاليٰ حج جي سعادت عطا ڪندو. مرشد جي وصال کان پوءِ پاڻ فرضي حج ادا ڪري آيا.

تدريس بجاءِ تبليغ جو حڪم:

خلافت ملڻ بعد پاڻ تبليغ دين بہ ڪندا رهيا تہ مدرسو بہ پڙهائيندا رهيا. تبليغ لاءِ جتي بہ ويندا هئا تہ ماڻهو ڪشان ڪشان سندن مجلس ۾ اچي شريڪ ٿيندا هئا. الله ڪريم سندن آواز ۾ ميٺاج رکايو هيو. سندن تقرير مدلل هوندي هئا. هڪ ڏينهن ڪين مرشد ڪريمن جو خط مليو جنهن ۾ پاڻ لکيائون:

تبليغ از تعليم صد گونہ افضل است کوشش بکنيد

تعليم کان تبليغ سئو ڀيرا ڀلي آهي ڪوشش ڪيو.

ان خط ملڻ سان پاڻ مدرسو پنهنجي لائق طالب حوالي ڪري خود همہ تن و گوش تبليغ ۾ مصروف ٿي ويا.

اباڻي ڳوٺ مان هجرت:

پاڻ اباڻي ڳوٺ ڪرڪٽ کي مرڪز بنائي آس پاس ۾ تبليغ دين ڪندا رهيا. هر پاسي کان فقيرن جون فوجون اچڻ لڳيون الله الله جون ضربون، جذبا ۽ جوش چالو ٿي ويا تہ شيطان بہ چوٽان چوٽ مخالفت شروع ڪري ڏني. پوءِ خير محمد چانڊئي ڳوٺ کان ڪجهہ پرڀرو ڏيپرن فقيرن جا گهر هئا جتي سارنگ فقير وڏي محبت وارو فقير هيو.

اهو سائينجن کي ڪُرڪِٽ مان هجرت ڪرائي پنهنجي ڳوٺ ۾ وٺي آيو. سارنگ فقير ڦهريائين چورن جو چڱو مڙس سڏبو هيو. پر جڏهن الله جي ولي ڪامل جي نوراني نگاهه ان تي پئي تہ نيڪ ۽ صالح تهجد گذار بنجي ويو. جنهن اوطاق ۾ بي حيائي جا ڪم ۽ نشا واپرائيندا هيا ان اوطاق کي ڊهرائي اتي عاليشان مسجد ٺهرايائين. ان جي پرسان پيون قومون چانڊيہ، لغاري، پنيرا، قمبراڻي ۽ ڏيپر بہ رهندا هيا. ان جاءِ تي الحمدلله سائينجن جي فيض ۽ برڪت جو سمنڊ ڇوليون هڻڻ لڳو.

ٻين هجرت:

صوبيدار حاجي امام بخش پير مٺا سائين ﷬ جو دل گهريو مريد هيو. ان پير سائين کي عرض ڪيو تہ اوهان جو ڪو خليفو منهنجي ڳوٺ ۾ رهايو جيڪو اتي تبليغ ڪري. پير مٺا سائين جن ڪيس فرمايو تہ منهنجا سڀ خليفا آهن، تون جنهن لاءِ چوين ان کي تو وٽ رهايون. ان عرض ڪيو تہ اوهان جو خليفو سائين "محبوب الاهي" مون کي عنايت ڪيو. پوءِ پير سائين جن کين امر ڪيو تہ اوهان وڃي خانپور ۾ رهو. پاڻ پنهنجي پير جو ارشاد اکين تي رکندي اتان لڏي اچي خانپور ۾ ويٺا. اتي تبليغي مساعي جاري رکيائون.

هڪ ڀيري حضرت پير مٺا سائين خانپور ۾ آيا. اتي اعلان فرمايائون تہ:

جيڪا شيءِ اوهان کي رحمتپور ۾ ملندي هئي سا اوهان کي خانپور ۾ ملندي.

پنهنجي مرشد ڪريم جي وصال پُر ملال کانپوءِ بہ الله آباد شريف خانپور ۾ ان ديني ۽ روحاني مرڪز کي قائم رکيائون. جتي هزارين ماڻهو سندن صحبت، فيض ۽ برڪت سان سُڌري نيڪ ۽ نمازي بنجي ويا. سندن فيض گلاب جي گل جي خوشبوءِ جيان هر هنڌ پهچڻ لڳو. سندن سهڻي سيرت مَن موهڻي صورت ۽ اعليٰ اخلاق ڏسي پنهنجا توڙي پراوا سندن قرب جا قيدي بنجي ٿي ويا.

استاد سان علمي گفتگو:

فرمايائون: اسان جو استاد وڏو عالم صالح ۽ حافظِ قرآن هيو. ان کي تبليغ ڪري حضرت مرشد ڪريم جي درگاه رحمتپور شريف وٺي ويس. اتي فقيرن کي جذبا جوش ڏسي، اعتراض ڪيائين تہ هي جذبو ڪوڙو ٿا ڪن. مون چيو تہ سائين ڪيئن جذبو ڪوڙو ٿا ڪن؟ چيائين تہ جذبي وارو بي هوش ٿي ويندو آهي. ان کي خبر نہ رهندي آهي.

پر هي جذبو بہ ڪن ٿا ۽ هوش بہ اٿن. مون چيو تہ جذبو بہ قسمن جو هوندو آهي. هڪ اختياري ٻيو بي اختياري. اختياري اهو آهي جيڪو پاڻهي مصنوعي ڪيو وڃي. سو تہ بي شڪ منع آهي. ٻيو جذبو بي اختيار هوندو آهي. ان جا وري ٻہ قسم آهن. هڪڙو اهو جذبو جنهن ۾ سالڪ اهڙو بي هوش ٿي وڃي جو عقل ۽ شعور نہ رهيس. ٻيو اهو جنهن ۾ هوش تہ هجيس مگر بي وسي ڪان رڙيون دانهون نڪرن. جيئن ڪنهن کي سردي لڳي آهي تہ بي اختيار ۽ رڙيون هو هو ڪندو هُڙڪندو آهي. ڇاڙيون ڏڪنديون اٿس. يا جيئن ڪنهن کي نانگ يا وڇون ڏنگ هڻي تہ بہ بي اختيار دانهون ڪندو آهي. خبر بہ هوندي اٿس تہ ماڻهون ڪلندا تہ بہ بي وس رڙيون ڪندو آهي. هنن فقيرن کي بہ ائين الله جي محبت جو ڏنگ لڳل آهي. تڏهن ٿا رڙيون ڪن. هوش اٿن اگهڙ جي بہ خبر پوين ٿي.
ڀلا اگر ڪوڙو جذبو ڪن ، مڪر ۽ فريب ڪن تہ مڪاري ماڻهو نماز ، روزو ، ڏاڙهي ، ڏندڻ نہ ڪندو آهي. ٺڳ ماڻهو دين جو ائين ڪم نہ ڪري سگهندو آهي، جيئن هي فقير ٿا ڪن. ٻيو تہ ڪوڙو جذبو ڪرڻ ۾ هنن کي ڇا ٿو ملي؟ هنن جا تہ پٽڪا لهي پون ٿا. ڏڪ لڳن ٿا. پوءِ بہ جذبي ۾ سرشار آهن. تيون تہ اگر ڪوڙو جذبو هجي تہ صرف پراڻا فقير ڪن. هتي تہ نوان نوان ماڻهو جيڪي ڦيريون ڦيرو اڄ ڦهتا آهن سي بہ جذبي ۾ آهن.
استاد صاحب وري چوڻ لڳو تہ پير صاحب ڪپڙا سنها پايون وينو آهي.

من رق ثوبه فقد رق دينه   جنهن جا ڪپڙا سنها ان جو دين بہ سنهو.

پاڻ ان کي جواب ڏنائون تہ اها حديث ناهي مگر ڪنهن جو مقولو آهي. ڀلا جيڪي جاهل ٿلها ڪپڙا پايون ٿا وتن تن جو ڪهڙو دين ٿلهو آهي ؟ ڀلا سنها ڪپڙا عورتن جي پائڻ لاءِ ناهن ناهيا ويا. اهي مردن جي لاءِ ئي آهن. پوءِ جي بي دين سنها ڪپڙا ڍڪن جائز آ باقي جي الله واري پاتا تہ ڪهڙو گناهہ ٿي پيو! مرد جي اگهڙ دُنَ ڪان هيٺ گوڏن تائين آهي. سو حصو تہ سائينجن جو ساتر ڪپڙي سان ڍڪيل آهي. باقي ڦهراڻ سنهو اٿن تہ ان ۾ ڪهڙو حرج آهي. پوءِ استاد صاحب خاموش ٿي ويو.
پوءِ وري پاڻ فرمايائونس تہ ڀلا هي جلسي ۾ ٻڌاءِ ڪيترا ماڻهو آهن ؟ چيائين تہ ٽي هزار ڪن ٿيندا. سائينجن فرمايس تہ ٻڌاءِ اهي ديندار ٿا نظر اچن يا بي دين؟

چيائين دينداز آهن. پاڻ فرمايائونس تہ پوءِ هن جوان جي محنت نہ ٿو ڏسين جو هڪ پرديسي پنجاب مان اچي دنيا کي رنگ لاتو اٿس. لڪين ماڻهو سڏاريا اٿس . تون بہ عالم آهين پر تنهنجا شاگرد ئي سڏريل ناهن تو وٽ محنت جو قدر اهو آهي. پوءِ چوڻ لڳو تہ بيشڪ الله وارو آهي. پاڻ فرمايائونس جڏهن الله وارو تسليم ڪرين ٿو تہ اعتراض بند ڪر. فرمايائون: جڏهن حضرت سائين وصال فرمائي ويا تہ پوءِ مون وٽ آيو چوڻ لڳو تہ سائين بي شڪ الله وارو هيو. اسان نہ سڃاتو سين.

مرشد جي وفات :

قطبِ عالم حضرت پير مٺا سائين ﷫ پنهنجي زندگي مبارڪ ۾ حضرت محبوب الاهي کي خانپور ۾ مرڪز ڪولي ماهہ پهريون جمعہ مقرر ڪري ڏنو. جتي پاڻ اعلان ڪيائون تہ رحمتپور واري شيءِ اوهان کي هتي ملندي ۽ محبوب الاهي کي زور شور سان تبليغ ڪرڻ جو تاڪيد فرمايائون. پوءِ جڏهن قطبِ عالم حضرت پير مٺا سائين ﷫ دنيا تان پردو فرمايو تہ پاڻ خانپور ۾ پوءِ ماتلي مقدس ۾ پنهنجا تبليغي مرڪز مقرر ڪيائون ۽ پنهنجون سڀ توانائيون الله جي راهہ ۾ وقف ڪري ڇڏيائون. هزارين انسانن کي راهِ راست تي آندائون.

سُرهاڻ پريون سِڻُون

حضرت محبوب الاهي جا شمائل ۽ خصائل :

1. **الله جل جلاله** : جي ذڪر ۽ محبت ۾ هر وقت مستغرق رهندا هئا.
2. **حضرت محمد** ﷺ :جي محبت ۾ مستانا درد ۾ ديوانا، پِرت ۾ پروانا، عشق واتباع ۾ يگانا هئا.
3. **نماز** : اطمينان سان ڏاهي ڏاهي پڙهندا هئا.
4. **روزو**: روح جي غذا سمجهي رکندا به هئا ۽ رکائيندا به هئا.
5. **حج** : هڪ ڀيرو ڪيو هئائون.
6. **زڪواة** : مٿن ڪڏهن فرض ئي ڪانه ٿي ڇو جو پاڻ گهڻا سخي ۽ جواد هئا.
7. **خيرات** : تمام گهڻي ڪندا هئا.
8. **وضو** : اڪثر ڪري بانگ کان اڳ سهڻي طرح ڪندا هئا.
9. **درود** : ڪثرت سان پڙهندا هئا.
10. **ڏنڊڻ**: سفر حضر ۾ ساڻ رکندا هئا.
11. **تهجد** : رات جو هميشه ٽين وڳي پڙهندا هئا.
12. **ننڊ** : تمام گهٽ ڪندا هئا.
13. **تلاوت** : هر جمعي جي ڏينهن صبح جو ڪندا هئا.
14. **وظائف** : ۽ تسبيحات گهڻو ڪري مغرب ۽ عشاءِ جي وچ ۾ پڙهندا هئا.
15. **سفر** : گهڻو ڪري سومر يا خميس جي ڏينهن ڪندا هئا.
16. **سفر ۾** : ڪؤنرو، گلاس، لٺ، سرمو، آئينو، ڪنگو، تيل، ساڻ کڻندا هئا.
17. **ڪپڙا** : ٻه چار ڀيرا پائڻ بعد غريب فقيرن کي خيرات ۾ ڏئي ڇڏيندا هئا.
18. **پٽڪو**: ڪلاه مٿان ٻڌندا هئا.
19. **اميرن** : وڏيرن جي ملاقات کي ناپسند ڪندا هئا.
20. **غريبن** : جي هر طرح سار سنڀال لهندا هئا.
21. **مريض** : کان سفر ڪري به پڇڻ ويندا هئا.
22. **منگتن** : کي ڪڏهن به خالي نه موٽائيندا هئا.

23. **مسافرن:** جي پاڻ پنهنجي هٿن سان خدمت ڪندا هئا.

24. **سيدن** : اهل بيتن سرهندين، بزرگن جي اولادن جو نهايت ادب احترام ڪندا هئا.

25. **ڪراڙن:** جو تمام گهڻو خيال ڪندا هئا.

26. **ڪمزورن:** جا واهرو ۽ مددگار هوندا هئا.

27. **جابرن:** ظالمن کي منهن تي حق سچ چوندا هئا.

28. **حاڪمن:** اميرن جي هرگز پرواهه نه ڪندا هئا.حق چوڻ کان نه ڪيٻائيندا هئا.

29. **گفتگو:** هرهڪ سان سندس حال مطابق ڪندا هئا.

30. **خاموشي:** سندن معنيٰ خيز هئي.

31. **ڪردار:** سندن عالي هيو.

32. **رفتار:** سندن من موهيندڙ هئي.

33. **ديدار:** سندن دل ٺاريندڙ هيو.

34. **آواز:** سندن جي ۾ سوز ۽ گداز هيو.

35. **تقرير:** سندن جي ۾ تاثير هئي.

36. **تصوير:** ۾ تنوير هئي.

37. **صورت:** ۾ سونهن ۽ سوڀيا هئي.

38. **سيرت:** بي مثال با ڪمال هئي.

39. **خصائل:** سندن محمود هئا.

40. **شمائل:** سندن مسعود هئا.

41. **فضائل:** سندن گهڻا هئا.

42. **ڏينهن جو:** ڪجهه دير آرام ڪندا هئا.

43. **رات جو:** اڪثر ذڪر ۽ مناجات ۽ مراقبي ۾ هوندا هئا.

44. **صبح جو:** جماعت سان حلقه مراقبو ڪندا هئا.

45. **شام جو:** گهر وران سان به ديني مجلس ڪندا هئا.

46. **جمعه:** جي رات سورة ياسين پڙهي والدين جي ارواحن کي بخشيندا هئا.

47. **عيدن**: تي گهڻي سجاوٽ ۽ بناوت بجاءِ سادگي کي پسند ڪندا هئا.
48. **رسمن**: ۽ جاهلاڻي طريقن جي سخت مذمت ڪندا هئا.
49. **بيمارين**: کي خنده پيشاني سان برداشت ڪندا هئا.
50. **خوابن**: ۽ خيالن جي پوئواري ضروري نہ سمجهندا هئا.
51. **ذوق**: ۽ شوق جي طالب کي خدا جو طالب نہ سمجهندا هئا.
52. **سخاوت**: سندن عادت هئي.
53. **طبيعت**: سندن جِي ۾ نزاڪت هئي.
54. **امانت**: ادائي ڪرڻ سندن خصلت هئي.
55. **شجاعت**: سندن جي علامت هئي.
56. **سياست**: مروجہ کان ڪين نفرت هئي. جنهن ۾ ڪوڙ ڪپٽ ۽ دوکو آهي.
57. **قيامت**: کان هر وقت خائف رهڻ جي هدايت ڪندا هئا.
58. **ڪرامت**: کان استقامت کي افضل سمجهندا هئا.
59. **ملامت**: مِهڻن کان ڪين ڊڄندا هئا.
60. **شڪايت**: ڪنهن جي ڪو نہ ڪندا هئا.
61. **سيرت**: سندن باڪمال هئي.
62. **شرافت**: سندن بي مثال هئي.
63. **محبت الاهي**: ۾ چشم گريان، سينہ بريان هئا.
64. **عشق رسول**: جي ڳالهہ يا ڪو غزل ٻڌي مرغ بسمل وانگر تڙپندا هئا.
65. **مدينہ**: وڃڻ وارن کان روئي موڪلائيندا هئا ۽ سلام دربار عالي ڏانهن موڪليندا هئا.
66. **اميرن**: وارو حال نا پسند ڪندا هئا.
67. **مسڪيني**: کي سنت سمجهي پسند ڪندا هئا.
68. **ذڪر**: جي ذوق ۾ مگن رهندا هئا.
69. **فڪر**: واري وادي ۾ گهمندڙ هئا.
70. **صبر**: ۾ بي مثال هئا.

71. **شڪر:** ۾ پنهنجو مٽ پاڻ هئا.

72. **قال:** واري ڪَال کان ڏور ۽ حقيقت واري حال ۾ مسرور رهندا هئا.

73. **تيل:** فجر ۽ عصر جي وضوءِ کان اڳ مکيندا هئا.

74. **سرمو:** فجر جي سنت ۽ فرض جي وچ ۾ پائيندا هئا.

75. **سنوارت:** هر جمعہ جي صبح جو ڪندا هئا.

76. **عطر:** گلاب، موتيو ۽ صندل جو پسند ڪندا هئا.

77. **لباس:** سفيد پهريندا هئا.

78. **پڳ:** اڪثر سفيد ڪڏهن ڪاري بہ پهريندا هئا.

79. **گوڏ:** ڪي سنت سمجهي پائيندا بہ هئا ۽ پسند بہ ڪندا هئا.

80. **رومال:** هميشہ ساڻ کڻندا هئا.

81. **صفائي:** ۽ سٿرائي جو گهڻو اهتمام ڪندا هئا.

82. **سينڌ:** مٿي جي وارن جي وچان ڪڍندا هئا.

83. **ڪنگو:** هميشہ کيسي ۾ ساڻ رکندا هئا.

84. **کير:** شوق سان کائيندا هئا ۽ انکي نعمت سمجهندا هئا.

85. **ماني:** صبح ۽ شام بہ ويلا کائيندا هئا.

86. **گوشت:** نيرڳ پکيءَ جو بيحد پسند ڪندا هئا.

87. **مڇي:** ڪي جنتي ماڻهن جو پهريون کاڌو چوندا هئا.

88. **سبزيءَ:** ۾ دال، ڪدو، سرنهن جو ساڳ ۽ بِهَہ پسند ڪندا هئا.

89. **ميوات:** ڏوئڙ کان سواءِ اصلي نہ کائيندا هئا.

90. **ماکيءَ:** ڪي شفا سمجهي کائيندا هئا.

91. **کجور:** محبوبن جي ملڪ جو ميوو سمجهي کائيندا هئا.

92. **لسي:** شوق سان پيئندا هئا.

93. **کاڌو:** تمام گهٽ کائيندا هئا.

94. **ديني ڪمن:** ۾ تمام تڪڙا هوندا هئا.

95. **حقوق العباد:** جو گھڻو خيال ڪندا هئا ۽ مريدن کي بہ انجو تاڪيد ڪندا هئا.

96. **پاڙيسرين:** جو گھڻو لحاظ رکندا هئا.

97. **نياڻين:** سان پٽن کان وڌيڪ پاڄهہ ۽ شفقت جو مظاهرو ڪندا هئا.

98. **پٽن:** کي هر وقت سختي سان نيڪي جو امر ۽ برايئن کان منع ڪندا رهندا هئا.

99. **عالمن:** جي بي حد عزت تعظيم ڪندا هئا.

100. **مشائخن:** سان ادب واحترام ۽ محبت سان پيش ايندا هئا.

101. **دشمنن:** مخالفن کي بہ دعائن سان نوازيندا هئا.

102. **اولاد:** کي ديني تعليم ڏيارڻ جي رغبت رکندا هئا.

103. **جانورن:** جي چاري پاڻي جي خاص نگهباني ڪندا هئا.

104. **مسجد:** سان محبت رکندا هئا.

105. **رمضان:** ۾ تمام گھڻي عبادت،سخاوت،رياضت، تلاوت ۽ تبليغ ڪندا هئا.

106. **بانگن:** کي مبلغ جو درجو ڏيندا هئا.

107. **صالحن:** جي صحبت ۾ ويهڻ جو گھڻو تاڪيد ڪندا هئا.

108. **غافلن:** جي محفلن کان دور رهڻ جي تنبيہ ڪندا هئا.

109. **ميلن:** ملاڪڙن ۾ وڃڻ کان منع ڪندا هئا.

110. **قول:** ۾ سچار هئا.

111. **وعدي:** ۾ وفادار هئا.

112. **هر چيز ۾:** امانتدار هئا.

113. **شادي:** واري جلسن ۾ گھڻو ڪري نہ ويندا هئا.

114. **گھر:** ۾ روزانو گھر وارن سان ديني مجلس ڪندا هئا.

115. **مؤذن:** کي بانگ کان اڳ يا پوءِ ڪڏهن ڪڏهن درود پڙهڻ جو امر ڪندا هئا.

116. **عرس:** نبي ڪريم ﷺ هر سال ڌام ڌوم سان ملهائيندا هئا.

117. **ڏهاڙو:** پنهنجي مرشد جو هر سال ملهائيندا هئا.

118. **هميشہ:** عشق الاهي جي درياء ۾ غوطہ زن رهندا هئا.

119. **مجلس**: سندن ڪا بہ روئڻ ۾ سڏڪن ڪان خالي نہ هوندي هئي.

120. **سماع**: نہ پاڻ ڪندا هئا نہ ان ۾ شريڪ ٿيندا هئا ۽ نہ ان ڪان منع ڪندا هئا.

121. **ڪتاب**: تصوف جو ڪونہ ڪو هميشہ مطالعي ۾ رکندا هئا.

122. **ملفوظات**: فوائد الفواد کي پسند ڪندا هئا.

123. **مڪتوبات**: امام رباني جي مطالعہ جو مريدن کي امر ڪندا هئا.

124. **تفسير**: روح البيان کي پسند ڪندا هئا.

125. **حديث**: ۾ بخاري مسلم کي وڌيڪ اهميت ڏيندا هئا.

126. **فقہ**: جي مسئلن سکڻ لاءِ جماعت کي تاڪيد ڪندا هئا.

127. **مناظري**: ڪان اجتناب ڪندا هئا.

128. **انگريزي**: پڙهڻ کي روزگار ڪري سمجهندا هئا.

129. **تعليم**: ديني حاصل ڪرڻ جو تمام گھڻو تاڪيد ڪندا هئا.

130. **تدريس**: اسلامي کي ضروري سمجهندا هئا.

131. **تبليغ**: هر وقت ڪندا رهندا هئا.

132. **وهابين**: گستاخن پويان نماز پڙهڻ ڪان منع ڪندا هئا.

133. **ڪافرن**: جي طور طريقن تي هلڻ ڪان سختي سان منع ڪندا هئا.

134. **تقليد**: امامن جي ضروري سمجهندا هئا .

135. **عارفن**: جو ڪلام ٻڌي زار و زار روئندا هئا.

136. **ذڪر خفي**: کي افضل ۽ اعليٰ سمجهندا هئا.

137. **ذڪر جهري**: جائز سمجهي ڪندا هئا ۽ جماعت کي ڪرائيندا بہ هئا.

138. **مريدن**: سان مروت ۽ مهرباني سان پيش ايندا هئا.

139. **خليفن**: کي سال ۾ حلوي جي دعوت ڪارائي خصوصي توجہ سان نوازيندا هئا.

140. **صاحبزادن**: تي هر وقت شريعت جي پابندي جو زور پريندا هئا.

اوصاف ۽ عادتون ، صورت ۽ سيرت :

مستجاب الدعوات هئا : سندن هر دعا رب جي بارگاھ ۾ مقبول ۽ منظور هوندي هئي. جڏهن دعا جا هٿ کڻندا هئا تہ نہ ٿيڻا ڪم بہ الله ڪريم جي فضل سان ٿي پوندا هئا.

هڪ شخص عرض ڪيو سائين اڄ رات منهنجي مينهن چوري ٿي وئي آهي. وڏيري کي سفارش ڪيو تہ منهنجي مينهن واپس ورائي ڏئي. فرمايائون آءُ ان وڏيري کي ڪو نہ چوندس ڳالهہ مڃي الائي نہ. باقي هڪ منهنجو دوست آهي چوين تہ ان کي سفارش ڪيان. ان ماڻهو چيو تہ ڀلا ان کي ئي چؤ. پوءِ پاڻ دعا لاءِ هٿ کنيائون. وڏي نيازمندي سان دعا گهري سائل کي تسلي ڏنائون تہ ابا خدا چڱي ڪندو پريشان نہ ٿيءُ تنهنجو ڪم ٿي ويندو. ٻئي ڏينهن اهو ساڳيو ماڻهو خوش موٽي آيو ۽ عرض ڪيائين تہ سائين توهان جي دعا سان چور منهنجي مينهن رات جو ساڳئي جاءِ تي اچي ٻڌي ويا جتان ڪاهي ويا هيا.

جاهل مان عالم : حضرت محبوب الاهي سان بيعت ڪرڻ کان پهريان محمد قاسم لنڊ ڪورواهہ وارو گناهن ڪمن ۾ جڪڙيل هيو. جڏهن حضرت محبوب الاهي جي صحبت ۾ آيو تہ سائينجن دعا ڏنس. دعا سان ڪيس علم پڙهڻ جو شوق ٿيو ۽ مدرسي ۾ پڙهي مولوي ٿي ويو. اڄ اهو مدرسو پڙهائي رهيو آهي.

علمي مقام رکندا هئا : پاڻ وڏا عالم محقق هيا. علم تفسير، علم حديث، فقہ، اصول فقہ، علم معاني ۽ منطق تي ڪين عبور حاصل هوندو هيو. رب ڪريم ڪين فتوىٰ نويسي، تقرير ۽ تصنيف ۾ وڏي مهارت عطا ڪئي هئي. بيان ۽ نصيحت وقت قرآن ۽ حديث جا اهي ڳجها راز ۽ مخفي اسرار ظاهر ڪندا هيا جو وقت جا جيد عالم بہ مَحو حيرت ٿي ويندا هيا. سندن زبان گوهر افشان مان نڪتل بيان عاليشان ۽ بي بها نصيحتون ملفوظات جي صورت ۾ قلمبند ڪري ڪتابي شڪل ۾ بنام "**جلاءُ القلوب**" ۽ "**حق نما**" ۾ محفوظ ڪيون ويون آهن جن جي مطالعي سان ڪيفيت بدلجي وڃي ٿي ۽ ڪتيل قلب روشن ٿي وڃن ٿا ۽ پڙهڻ وارو سندن علمي شخصيت کي تسليم ڪرڻ تي مجبور ٿي وڃي ٿو.

مصنف هئا:

1. قوت السالكين: هي ڪتاب تصوف جو بيمثال ۽ انمول تحفو آهي جنهن ۾ شريعت، طريقت ۽ حقيقت جي روحاني رازن کي سمجهايو ويو آهي ۽ سلوڪ جي مخفي اسرارن کي عيان ڪيو ويو آهي. هن ڪتاب ۾ باطني بيمارين ۽ انهن جي روحاني علاج جو خاص طور ذڪر ڪيو ويو آهي. تزڪيہ نفس، تصفيہ قلب، تخليہ سر، تجليہ روح، معرفت، حقيقت، شريعت، منزل، مقصد، جذبو ۽ وصول وغيره تي تحقيقي ۽ روحاني تجزيو ڪري سالڪ کي با خبر ڪيو ويو آهي. هن ڪتاب ۾ مرشد جا آداب بہ بيان ڪيا ويا آهن. فيض ڇا آهي؟ ۽ مرشد کان فيض ڪيئن حاصل ڪري سگهجي ٿو. اصحابن سڳورن رسول اڪرم ﷺ کان فيض ڪيئن پرايو؟ ڪامل مرشد جي سڃاڻپ ڪهڙي آهي؟ طريقہ نقشبنديہ جا ورد، اذڪار ۽ انهن جي پڙهڻ جا وقت تحرير ڪيا ويا آهن. سنت ۽ بدعت جي فرق کي ظاهر ڪيو ويو آهي. اهڙا تہ ناياب ۽ مستند ڪتابن جا حوالا ڏنا ويا آهن جن جو في الوقت ڪتب خانن ۽ مارڪيٽن ۾ ملڻ محال ٿي ويو آهي.

2. خطبات محبوبِ الاهي: هن ڪتاب جو پورو نالو "خطبات محبوب الاهي رموزات شهنشاهي" آهي. هن ۾ سال جي ٻارهن مهينن جا خطبا ۽ هر مهيني جي هر جمعي جو الڳ الڳ خطبو وڏي فصاحت ۽ بلاغت سان آسان نظم ۾ ، نصيحت آميز ۽ پُر سوز حڪايتون ۽ روايتون قرآن ۽ حديث جي حسن سان سينگاريون ويون آهن. سندن شاعري جي رديف، قافيي ۽ حروف تجنيس ۽ بحر وزن جي جائزي وٺڻ سان ائين ٿو معلوم ٿئي تہ گويا پاڻ سرتاج الشعراء هيا. سنڌي کان علاوه فارسي ٻولي ۾ پڻ ڪجھ شعر چيا اٿن.

خطبي جي مٿان لکيو اٿن:

جمع کردم خطبہ ماہواری درین شد پند ہا پیر غفاری*

3. جامِ عشق: نالي ۾ تہ ڪتاب جام آهي پر حقيقت ۾ عشق جو پيالو نہ بلڪ عشق جو بحر آهي. هي ڪتاب سندن علمي وسعت، شاعري جي فن ۾ عظيم شاهڪار آهي. هن ڪتاب جي خاص خوبي هيءَ آهي جو هر سِٽ "عشق" جي لفظ سان شروع ٿئي ٿي. صرف لفظِ عشق نہ آهي بلڪ ان ۾ عشق الاهي جون موجون ۽ مستيون پڻ بي پايان آهن. هن ڪتاب

کي پڙهڻ سان سندن جي محبتِ الاهي ۽ عشقِ رسول ﷺ جي پرک پوي ٿي تہ پاڻ کيترو عشق جي بحر عميق ۾ غوطہ زن هيا.

4. راحت القلوب: هن ڪتاب کي پڙهڻ سان واقعي بيقرار دلين کي راحت ۽ سڪون ملي ٿو. هن ۾ روحاني رمزون ۽ غيبي اسرارن کي ڇٽيو ويو آهي. هن جي اکر اکر پڙهڻ سان وجداني ڪيفيت ۽ تزڪيہ نفس سان تصفيہ قلب بہ ٿئي ٿو. اندر ۾ رب جي محبت ۽ اتباع رسول جو جذبو جاڳي پئي ٿو. مئل دل کي حيات طيبہ ۽ ڪٽيل قلب کي جلاءُ ملي ٿو.

بهترين استاد هئا: پاڻ محقق مصنف هجڻ سان گڏ هڪ بهترين معلم پڻ هيا. تفسير، حديث، اصول معاني ۽ منطق وڏي رواني سان پڙهائيندا هيا . سبق دوران معتبر مفسرن ۽ محدثن جي قولن ۽ حوالن سان سبق جي جامع ۽ مانع تشريح ڪندا هيا. سندن پڙهائڻ جو اهڙو تہ آسان ۽ سهڻو طريقو هوندو هيو جو طالبن کي هڪ ڀيرو سندن زبان ولايت سان ٻڌڻ مهل ئي سبق ياد ٿي ويندو هيو. علم الانشاء تي بہ کين وڏي مهارت حاصل هئي. فارسي کي مادري زبان وانگر پڙهي ۽ سمجهي ويندا هيا.

سندن مطالعي ۾ رهيل ڪتابن تي اڪثر فارسي جا محبت ڀريا شعر ۽ نصيحت ڀريا حاشيہ لکيل آهن. جيڪي پاڻ پنهنجي هٿن مبارڪن سان لکيا هيائون. ڪتابن جي مطالعي دوران ڪو مشڪل مقام ايندو هيو تہ ان تي فارسي يا عربي ۾ حاشيو لکي ان جي وضاحت ڪندا هيا. سنڌي، اردو، عربي ۽ فارسي ۾ تحرير جي وڏي مهارت حاصل هين.

عاشقِ رسول هئا:

سندن سينو عشقِ مصطفيٰ ۾ ازل کان ئي سرشار هيو. جڏهن پاڻ نصيحت ڪندي محبوب ڪريمن ﷺ جي محبت جي ڳالهہ ڪندا هيا تہ سندن سيني ۾ سمايل عشق جو سمنڊ جوش ۾ اچي ڇوليون هڻڻ لڳندو هيو. سندن سهڻين سهڻين خوبصورت ۽ سُرميناڪ اکڙين مان بي اختيار لڙڪ ڪِري پوندا هيا. سندن نمانا نيڻ هر گهڙي نينهن ۾ نَم هوندا هيا. اڪثر تهجد جي نماز وقت کين ايترو تہ گريو ۽ جذبي جي ڪيفيت ٿي ويندي هئي جو پاڻ دانهون ڪري روئندا هيا. گهر جا ننڍا وڏا، ٻار ٻچا اٿي پوندا هيا ۽ جڏهن کين ڏسندا هيا تہ اهي بہ روئي پوندا هيا.

منكسر المزاج هئا: پاڻ جيد عالم هئا. علم مٿان عامل هئا. محقق ۽ مفسر هئا. روحاني رهبر هئا. هزارن مريدن جا مرشد ۽ رهنما هئا. ان جي با وجود نياز ۽ نوڙت سندن خاص خوبي هئي. هميشہ پاڻ کي ٻين کان گهٽ، عاجز ۽ ناچيز سمجهندا هئا. قرآن شريف جي هن آيت تي پاڻ پورا پورا دائم قائم رهيا.

وَعِبَادُ الرَّحْمٰنِ الَّذِيْنَ يَمْشُوْنَ عَلَى الْاَرْضِ هَوْنًا ۝٦٣ ﴿الفرقان﴾

رحمان جا ٻانها اُهي آهن جيڪي زمين تي نهايت نماڻائي سان هلندا آهن.

پنهنجي هر ڪتاب ۽ خط ۾ پنهنجي نالي سان "لا شيءِ" لکندا هيا. ماڻهن جي ميڙ ۾ پاڻ کي منفرد حيثيت سان يا نروار رکڻ کان ڪيٻائيندا هيا. پنهنجو ڪم پنهنجي وس آهر پنهنجي هٿن سان پاڻ ڪندا هيا. ڪڏهن ڪڏهن گهر ۾ ٻاجي به پاڻ ڪٽيندا هيا.

اڪثر ڪري جماعت جي جمّ غفير اڳيان تقرير دوران فرمائيندا هيا تہ : آءُ نہ ڪو پير آهيان. نہ بزرگ آهيان. آءُ اوهان جو جُتين جوڙ خادم آهيان". سندن ايتري عاجزي ۽ انڪساري هئڻ جي باوجود بہ رب ڪريم منجهن ايترو رعب رکايو هيو جو مريدن توڙي خليفن کي، اولاد توڙي مٽن مائٽن کي، عام توڙي خاص ماڻهن کي سندن اڳيان ڳالهائڻ جي جرئت نہ ٿيندي هئي. سندن نوراني روشن چهري ۾ ايترو تہ جلال هوندو هيو جو ڪنهن کي اک کڻي نهارڻ جي همت نہ ٿيندي هئي. پوءِ پاڻ ئي پنهنجي شفقت ۽ محبت سان سامعين جو حجاب ختم ڪري ڳالهائڻ جي همت بخشيندا هيا.

حق گو هيا: پنهنجي کي، پرائي کي يا ڪنهن فقير کي شريعت جي خلاف ڪم ڪندي ڏسندا هيا تہ سختيءَ سان تنبيہ ڪندا هيا. سندن ڪلامِ حق واري تلوار باطل کي ريزا ريزا ڪري ڇڏيندي هئي.

متوڪل علي الله هئا: پاڻ نهايت اعليٰ درجي جا متوڪل هيا. سوال، گهُر، چندي جي سخت خلاف هيا. مبلغن کي بہ سختي سان منع ڪندا هيا تہ ڪنهن کان بہ گهُر ، سوال نہ ڪجو. صرف الله جل شانہ جي رضا ۽ خوشنودي جو خاص خيال رکو. حالانڪہ سندن غربت بہ تارو تار هئي. پاڻ وعظ، تبليغ دوران هي بيت پڙهندا هيا:

کسے را کس بود کس را کسے کس، مرا ایک نام رب العالمین بس

ڪنهن کي ڪنهن جو آسرو آهي ڪو ڪنهن جي سهاري ٿو تڳي پر منهنجي واسطي منهنجو هڪ الله ڪافي آهي. من له المولىٰ فله الكل

خدا جو جو خدا تِنهن جو، خدا جنهن جو سڀ تِنهن جو

توڪل جو بيان ڪندي شاهه عبداللطيف ڀٽائي جا هي بيت پڙهندا هيا:

منهنجو سائين تون، تون ئين تون
آءٌ ٻئي در وينديس ڪينَ ڪي

متقي ۽ پرهيزگار هئا: سندن تقويٰ جو اهو ڪمال هيو جو پاڻ بي نمازي مرد توڙي عورت جي هٿن جي تيار ٿيل ماني نہ کاڌائون. شهرن ۽ ٻهراڙين ۾ ڀريل مَٽن ۽ نادين جو پاڻي نہ پيئندا هيا البتہ دلي، صراحي يا واٽر ڪولر مان پاڻي استعمال ڪندا هيا. هوٽل جي ماني نہ پاڻ کائيندا هيا ۽ نہ ئي پنهنجي مريدن ۽ متعلقين کي کائڻ جي اجازت ڏنائون. فرمائيندا هيا تہ انهن جي کائڻ سان قلب تي قساوت، روحانيت ۽ عبادت ۾ غفلت پيدا ٿيندي آهي. مشڪوڪ ۽ مڪروهه شين کان تمام گهڻي پرهيز ڪندا هيا.

غير شرعي شادين، محفلن، ميلن ۽ ملاڪڙن ۾ وڃڻ کان منع ڪندا هيا ۽ فرمائيندا هيا تہ غير شرعي شادي جو ڀت پاڻ تہ نہ کائو پر پنهنجي ڪتي کي بہ نہ کارايو. فرمائيندا هيا پوٽا سورهن آنا حلال جا هجن ۽ ان ۾ هڪ پيسو حرام جو هجي، انهن سورهن آنن جو ڪپڙو وٺي پائي نماز پڙهجي تہ اها نماز جائز نہ ٿيندي پر ان ڪپڙي جي اڳڙي ٻئي حلال واري پيسن مان ورتل ڪپڙي ۾ ڳنڍي نماز پڙهجي تہ ان ڪپڙي سان بہ نماز نہ ٿيندي.

ڪين مريد وڏائڻ، ظاهري ڏيک ويک ۽ شان و شوڪت جو ڪو بہ شوق نہ هوندو هيو بلڪہ اتباع سنت وشريعت ۽ تقويٰ جي دامن کي پڪڙڻ لاءِ گهڻي تلقين فرمائيندا هيا. پاڻ بازار جو گوشت ۽ سبزيون نہ کائيندا هيا ڇاڪاڻ تہ اڪثر ڪاسائين کي شرعي طريقي سان ذبح ڪرڻ جي خبر نہ هوندي آهي ۽ انهن جي اڏين کي رات جو پيا ڪتا چَٽيندا آهن ۽ صفائي ۽ پاڪائي جو خيال نہ ٿا ڪن. شهري سبزيون وري گٽر جي ڪني پاڻي تي پيدا ٿين ٿيون انهي ڪري واپرائڻ کان گريز ڪندا هيا. باقي ٻهراڙي ۾ پيدا ٿيندڙ ڀاڄيون پسند ڪندا هيا ۽ جماعت کي بہ استعمال ڪرڻ جي اجازت ڏيندا هيا.

ڪکڙ کي کھڻ کان اڳ بہ تي ڏينهن ٻڌي بيهاريندا هئا. تبليغي سفر ۾ پاڻ سان هميشہ مٽيون مانيون پچرائي يا پڳڙا کڻندا هيا. ڪڏهن ڪڏهن تہ ڏينهن جا ڏينهن فاقي ۾ رهڻو پوندو هين ليڪن پوءِ بہ تقويٰ ۽ پرهيزگاري جي دامن کي نہ ڇڏيندا هيا. ڪير، مکڻ ، گيهہ ۽ لسي وغيره پنهنجي گهر جو استعمال ڪندا هيا. ڪين پنهنجي مينهن يا ڳئون هوندي هئي جنهن کي پنهنجي ٻني جو چارو ڏيندا هيا. مينهن يا ڳئون ڏهڻ وارن کي فرمائيندا هيا تہ اول اوهہ کي ڌوئي، ڪپڙي سان اگهي پوءِ کير ڏهو جيئن ڇيڻي جي آميزش نہ ٿئي. بيڪرين جا ٺهيل بسڪيٽ، سموسا، ٽوش وغيره ڪونہ کائيندا هيا پر مشينري جون ٺهيل شيون پاڻ بہ استعمال ڪندا هيا ۽ ٻين کي بہ استعمال ڪرڻ جي اجازت ڏيندا هيا.

پاڻي نہ پيتائون: هڪ دفعي پاڻ تبليغي سفر ۾ هيا. هڪ طرف اونهاري جي سخت گرمي ۽ ٻئي طرف ڪاچي جو اڙانگو سفر، ڪين سخت اُڃ لڳي. اڳتي هليا تہ عنايت شاهہ جي مڪان تي مٽ رکيل هيا. پاڻ پنڌ ڪري وڏي مشڪل سان اتي پهتا. ڏٺائون تہ مٽ اگهاڙا هيا پوءِ اهو پاڻي نہ پيتائون. رفيقن عرض ڪيو تہ هي ڪاچو آهي هتڙو پاڻي بہ اڳيان نہ ملندو. پاڻ فرمايائون ادا توهان پلي پيئو پر مون کي منهنجي مرشد تقويٰ جو روزو رکايو آهي، آءٌ هرگز نہ ڀڃندس. اهڙي طرح سان اجارا ئي اجارا وري سفر شروع ڪيائون. شديد اڃ سبب وڪ نہ پئي وڌي. وات مبارڪ خشڪ ۽ گهبراهٽ محسوس ڪيائون. گهڻو پنڌ ڪري اڳيان حضرت سائين ميان نصير محمد ڪلهوڙي جي درگاهہ جي پير واري تلاءَ تي اچي صاف سٿرو پاڻي نوش فرمايائون. سبحان الله!!!

مون کي تنهنجي تمنا آ: هڪ ڪين ڇيو فلاڻو وڏيرو فوت ٿي ويو آهي ان وصيت ڪئي هئي تہ پنج جريب ساريال ٻني سائينجن جي حوالي ڪجو. سندن اهو دؤر انتهائي مسڪيني وارو هيو. گهر ۾ چار آنن جي بہ وصيت نہ هئي. ان مهل ڪتاب پڙهي رهيا هئا. اهو ماڻهو تہ هليو ويو پر پاڻ زارو زار روئڻ لڳا. روئندي چئي رهيا هيا تہ : اي منهنجا رب! مون توکان زمينون، مال، ملڪيت تہ ڪونہ گهريون هيون. دنيا جو سامان ڏيئي مون کي ريجهائين ٿو. اي منهنجا محبوب! مون کي تہ صرف تنهنجي طلب آهي تو کان سواءِ ٻي ڪا چيز نہ گهرجي. پاڻ ايترو رُنا جو سندن ڪتاب لڙڪن سان آلو ٿي ويو.

منڍي آواز وارا هئا: سندن گفتگو جو هر گفتو گوهر بي بها، حڪمت ۽ دانائي جو درياء هوندو هيو. سندن هر ڪم ۽ هر چرپر دانائي جو دُرُ ۽ حڪمت سان پُر هئي. پاڻ تقرير ۽ تبليغ جا اهڙا تہ ڄاڻو هيا جو پنهنجن مٺن ٻولن سان هزارين ماڻهن جون دليون ڪسي وٺندا هيا. ماڻهن جي ذهنن ۽ خيالن ڪي فيض سان ڀرپور ڪري دلين کي حق ۽ سچ جي نور سان منور ۽ مجليٰ ڪري ڇڏيندا هيا. سندن آواز تمام مٺو، سُريلو ۽ دردیلو هوندو هيو. ڪڏهن شعلہ بياني جا جوهر ڏيکاريندا هيا تہ ڪڏهن پيار ۽ پاٻوھہ سان ترغيب ۽ ترهيب ڏيندا هيا. سندن گفتگو قرآن ۽ حديثن سان سجايل هوندي هئي. سندن طرز بيان اهڙو تہ نرالو ۽ منفرد هوندو هيو جو سامعين مان هر هڪ ائين محسوس ڪندو هيو ڄڻ پاڻ ان سان ئي مخاطب آهن ۽ ان جو ئي دلي حال بيان ڪري رهيا آهن. ڪڏهن بہ ڪنهن ڪي خاص نشانو ڪري تنقيد نہ ڪندا هيا ۽ نہ ئي ڪنهن جي دل آزاري واري ڳالهہ ڪندا هيا. سندن تبليغ دنيا جي هر لالچ کان پاڪ هوندي هئي. سندن هر ڪم اخلاص سان هم ڪنار هوندو هيو. پاڻ اخلاص جا چمڪندڙ چراغ ۽ رضاءِ الاهي جا روشن قنديل هيا. مجلس ۾ موجود ماڻهن جي نفسيات کي پرکي پوءِ ان مطابق دين جو درس ڏيندا هيا. مجلس دوران سامعين کي قبر، حشر ۽ آخرت جون حقيقتون ٻڌائي روئاريندا بہ هيا تہ ڪين وري انهيءَ ئي محفل ۾ کلائڻ جو فن بہ ڄاڻيندا هيا.

سندن هر محفل، هر ڪچهري عشق جي رنگ سان رنگيل هوندي هئي. پاڻ مجلس ۾ زاروزار روئندي فرمائيندا هيا: ”اڄ جي مجنون هجي ها تہ ليلا جون تعريفون ڪري ها، سسئي هجي ها تہ پنهنجي پنهل جون پچارون ڪري ها، سهڻي هجي ها تہ ميهار جون ڳالهيون ڪري ها، بيبي زليخا هجي ها تہ حضرت يوسف عليہ السلام جي واکاڻ ڪري ها. دوستو ! الله سان محبت ڪرڻ وارو بہ جيستائين پنهنجي پرينءَ جي ڳالهہ نہ ڪندو تيسين ان جي ماني پاڻي بہ زهر هوندو آهي.

جيستائين يار حقيقي جي ڳالهہ نہ ڪندو تيستائين سڪ آرام قتل هوندس.“

عشق اوتارا ناهي ٿو يار جا، عشق ميخانا بنائي يار جا،
عشق مندر اندر جا ڊاهي ڇڏي، ماسوا جا بُت ڀڃي پورا ڪري.

عشق ۾ دردن سنديون دانهون ٿين،
رات ڏينهن ۾ ڪُنَ جيئن درياءَ ڏين.

بس هنن شعرن پڙهڻ سان پاڻ بہ سڏڪندا رهندا هيا تہ پوري جماعت ۾ جذبو، روئڻ ۽ آه وفغان جو هل مچي ويندو هيو. ماڻهن جي حالت اهڙي ٿي ويندي هئي جيئن ڪڪڙ کي سير وجهبي آهي تہ پيو ڦٿڪندو آهي. سندن حياتي جا ڏينهن ۽ راتيون پنهنجي رب جي آڏو سجدن ۽ قيامن ۾ روئندي ۽ سڏڪندي گذرنديون هيون. پاڻ هي بيت پڙهندا هيا:

راتیاں ہوون وڈیاں وڈیاں، عشق ہووے اڈیاں اڈیاں،
سک لگے میکوں یار پنھل دی، روز روواں کر رڑیاں رڑیاں۔

خیال کو کسی آہٹ کی آس رہتی ہے، نگاہ کو کس صورت کی پیاس رہتی ہے،
تیرے بغیر کسی چیز کی کمی تو نہیں، تیرے بغیر طبیعت اداس رہتی ہے۔

روئڻو خليفو: سندن مرشد قيومِ زمان حضرت پير مٺا سائين کين "روئڻو خليفو" سڏيندا هيا. پاڻ دربار عاليہ رحمت پور شريف ۾ اهڙو تہ درد پريو بيان ڪندا هيا جو پاڻ تہ روئندا هيا پر ساري جماعت ۾ روڄ راڙو ٿي ويندو هيو. پيرمٺا سائين خود بہ روئي پوندا هيا.

مون سين ڏٺا ماءُ، جن ڏٺو پرين کي،
تني سندي ڪا، ڪري نہ سگهان ڳالهڙي.

شيطاني مان رحماني محفل:

پاڻ تبليغي دؤرو ڪندي ڪنهن ڳوٺ ۾ اچي رسيا. اتي شاديءَ جا شاميانا لڳا پيا هيا ۽ دهلن شرناين جا پڙلاء پئي پيا. عورتن جي سهرن ۽ لاڏن، ڳائڻ وڄائڻ جا آواز پئي آيا. ماڻهو بہ تمام گهڻا آيل هيا. پاڻ ڳوٺ جي مسجد ۾ وڃي عشاء جي نماز پڙهيائون پر ڪير بہ نماز لاءِ نہ آيو. هر ڪو شادي جي خوشي ۾ مست ۽ محو لڳو پيو هيو. پاڻ جڏهن نماز کان فارغ ٿيا تہ خليفي کي فرمايائون تہ هت مسجد ۾ ويٺا هونداسين تہ ڪجھ بہ نہ ورندو. اڄ پاڻ کي مرد مجاهد ٿي جهاد ڪرڻو آهي ۽ شيطان جو ڳاٽو پيچڻو آهي.

هل تہ شادي جي چَني ۾ هلي ڪا مُڙسي ڏيکاريون. پاڻ چني ۾ ويا ۽ فرمايائون تہ ڪجھ دير اسان کي بہ وارو ڏيو. مفت ۾ الله ۽ ان جي حبيب ﷺ جون ڳالهيون ٻڌائينداسين.

چيائون بيشڪ توهان کي اجازت آهي پر هتي راڳ ٿيندو. هتي ناچو به ويٺا آهن. پاڻ هڪ لائوڊ ٻاهر لڳرايائون ۽ هڪ لائوڊ عورتن ۾ لڳرايائون. جڏهن سڀ ننڍا وڏا ڄاڃي ماڃي چوڌاري روشني جا چمڪات رنگ برنگ شاميانا، هرڪو عمدن ڪپڙن ۾ اوڍيل، سڀئي انتظار ۾ هيا ته ڪهڙي مهل ٿو راڳ شروع ٿئي. اچانڪ فضا ۾ هڪ الله جي عاشق ۽ محبوب ﷺ جي مستاني جي صدا بلند ٿي. هر طرف خاموشي طاري ٿي وئي. ڪَنَ متوجه ٿيا. اکين ڏٺو ته هڪ الله جي ڪامل ولي جنهن جي پيشاني مان نور چمڪي رهيو هيو.

سِيمَاهُمْ فِي وُجُوهِهِمْ مِنْ أَثَرِ السُّجُودِ [الفتح: 29]

فرمايائون مسلمانو! ياد رکو اڄ توهان جي ڳوٺ ۾ هڪ طرف الله جو قرآن مهمان ٿيو آهي. ٻئي طرف شيطان پنهنجي ساز سامان سميت توهان وٽ آيو آهي. اڄ تاجدارِ مدينه محبوب ڪريم ﷺ روضي پاڪ مان هن ڳوٺ ڏانهن نهاري رهيا آهن. اوهان شيطان کي قبول ٿا ڪيو يا قرآن کي. اڄ الله جي ذڪر کي ٿا پيارو رکو يا شيطان جي راڳ رنگ کي.

اُدھر قبیلہ ابوجہل کا، اِدھر قافلہ محمد کا ہے

مسلمانو! الله پاڪ توهان کي دنيا دولت انهي لاءِ ته نه ڏني آهي جو توهان غير شرعي شيطاني شاديون ڪري رب ۽ رسول کي رنجايو.

هڪ طرف نبوي فيض جي پالوٽ هئي ٻئي طرف سندن لفظن ۾ اهڙوڪو غيبي اثر هيو جو ڏسندي ڏسندي چني ۾ هر اک ڳوڙها ڳاڙڻ لڳي. چؤ طرف هاءِ هوءِ جي پڪار جاري ٿي وئي. هر شخص ندامت جا ڳوڙها ڳاڙي رهيو هيو. انهن سڏڪن ۾ الله جي عاشق جو آواز گونجڻ لڳو:

ڀائرو! هي دنيا فاني آهي. نه ابو رهيو نه امڙ رهي. مٽ مائٽ لڏي ويا. توهان کي به ان اوپري اڙانگي سفر تي هلڻو آهي.

بس هيڏاهن هي من موهڻي گفتار هئي، هوڏانهن ڪاريون ڪتيل دليون ڏوڪجي رهيون هيون. اندر عورتن جا سهرا بند ٿي ويا، دهل بند، ڳائڻ وڄائڻ بند ٿي ويو. سبحان الله!

اهو ڪيڏو نه عجيب منظر هيو. هي عشقِ رسول ۽ الله جي محبت وارو درد هيو جنهن شيطاني محفل کي رحماني محفل ۾ بدلائي ڇڏيو.

تڏهن خواجہ معين الدين اجميري اهڙن عاشقن جي محفل طرف سڏيندي فرمائي ٿو:

دلا بحلقهٔ بزم رندان عشق در آ * كه جرعهٔ ز شرابِ بقا دهند ترا

اي دل الله جي عشق وارن رندن جي محفل ۾ اچ جو توکي بہ الله جي محبت واري شراب جو ڍُڪ ملي وڃي.

دين جو درد رکڻ وارا هئا: پاڻ هر وقت دين محمدي ۽ امت مسلمہ لاءِ فکرمند هوندا هيا. مسلمانن جي بي راهہ روي ڏسي سندن گُلن جي پنکڙين کان وڌيڪ نازڪ ۽ نفيس دل بيقرار ٿي ويندي هئي. اهو ئي سبب هيو جو پاڻ پنهنجي سموري حياتي دين لاءِ وقف ڪري ننڍين توڙي وڏن شهرن، ڳوٺن توڙي بستين ۾ اسلام جو پيغام پهچائڻ لاءِ پاڻ پتوڙيائون. تبليغ دوران کين کيئي تکليفون آيون پر پاڻ کڏهن بہ انهن جي پرواهہ کونہ کيائون. دين جي رستي ۾ آيل ڏکن ۽ ڏوجهرن کي دل جي درياء ۾ ٻوڙي حق جو پيغام در در پهچايائون. سندن ماکيءَ کان وڌيڪ شيرين زبان مبارک هزارين فاسق ۽ فاجر ماڻهن کي، لچ لوفرن، شرابين، زانين ۽ بي دينن کي ديندار بنائي ڇڏيو. ڌاڙيل ڌاڙا ڇڏي ويا، چور چوري ڇڏي ويا جن کي پوليس جون مارون سڌاري نہ سگهيون اهڙن پٿر دل ماڻهن جي دلين کي سندن مٺن ٻولن ميڻ ڪري ڇڏيو. سندن ڪردار ۽ صحبت جي رنگ ۾ رنگجي راهہ راست تي اچي ويا.

تبليغ ڪرڻ ۽ ماڻهن جو اصلاح احوال ڪرڻ سندن جِبلت ۽ فطرت بڻيل هئي. جيکڏهن اجتماع هوندو هيو تڏهن بہ درد دل سان بيان فرمائيندا هيا ۽ اگر ڪنهن هک ماڻهو سان بہ مخاطب هوندا هيا تڏهن بہ پنهنجي محبوب جون ڳالهيون ٻڌائيندا هيا. بيان فرمائڻ مهل ڪافي مرتبہ کائڻ خورد و نوش وسري ويندو هيو.

حريفان بادہا خوردند و رفتند، تهی خم خانہا کردند و رفتند

سنتن جا متبع هئا: سندن سموري حياتي شريعت ۽ سنت جي تعليمات مطابق گذري. ننڍي هوندي کان ئي صوم و صلاة جا پابند هيا. سندن اٿڻ ۽ ويهڻ، کائڻ ۽ پيئڻ، پائڻ ۽ پهرڻ، هلڻ ۽ ويهڻ مطلب تہ سندن هر ڪم سنت ۽ شريعت مطابق هوندو هيو. نماز جي پابندي ۽ با جماعت ادا ڪرڻ جو تاڪيد ڪندا هيا. اگر ڪو نماز تي نہ پهچندو هيو تہ پوءِ نماز تي ان کان سبب پڇندا هيا. جيڪڏهن هو غفلت سبب نہ آيو تہ ان کي تنبيهہ ڪندا هيا. ڪڏهن ڪڏهن ان ماڻهو جي گهر ڏانهن ماڻهو موڪليندا هيا. اگر اهو بيمار هوندو هيو تہ پاڻ ان کي پڇڻ ويندا هيا. ڪڏهن ڪڏهن جلسي جي دوران ڏنڊڻ جو بہ پڇا ڪندا هيا. فرمائيندا هيا تہ فقيري آهي ئي حضور ﷺ جي سنت ۽ شريعت ۾. جيڪي غوث ٿيا، قطب ٿيا، اوتاد ٿيا، ابدال ٿيا، سڀ محبوب جي سنتن جو اتباع ڪندي ٿيا.

خليفي محمد روشن مزاري ٻڌايو تہ مون عمر جو وڏو حصو حضرت سائين محبوب الاهي سان گذاريو آهي. آءٌ اکين ڏٺو شاهد آهيان تہ سندن سموري عمر الله جي ذڪر، شريعت ۽ سنت جي اطاعت ڪندي گذري. مسجد سان ايڏي تہ محبت هوندي هين جو حياتي جي آخري ايام ۾ طبيعت ناساز هئڻ سبب پاڻ کي کڻائي مسجد ۾ اچي با جماعت نماز ادا ڪندا هيا. پاڻ روئي دعا گهرندا هيا ”يا الله مون کي مسجد کان پري نہ ڪر.“

اهلِ نظر هئا: پاڻ پير روشن ضمير هئا. اهلِ دل ۽ اهلِ باطن هئا. اهلِ ديد ۽ اهلِ نظر هئا. الله تعاليٰ سندن دل کي روشن بنائي ڇڏيو هيو. پاڻ ايترا تہ صاحبِ بصيرت هيا جو ڪو بہ ماڻهو ڪا شيءِ دل ۾ سوچي ايندو هيو تہ پڇا ڪرڻ کان اڳ ئي بيان ڪري ڇڏيندا هيا. ڪڏهن ڪڏهن اهڙو حال ٿيندو هين جو جنهن شيءِ تي نظر ڪندا هئا ان تي ذڪر جي ڪيفيت طاري ٿي ويندي هئي.

سيد منير احمد شاهہ صاحب ٻڌايو تہ سندس والد سيد حاجي عمر شاهہ هڪ ڀيري محبوب الاهي کي دعوت ڏئي پنهنجي ڳوٺ پيڇوها سيدن واري پاڙي ۾ جلسو رکايو. پاڻ اتي جلوه افروز ٿيا. جڏهن سندن شيرين گفتگو شروع ٿي تہ هزارين پٿر دليون نرم ٿي پيون ۽ اکيون ڪکرن جيان وسڻ لڳيون. هر طرف روڄ راڙو ۽ گريو طاري هيو. پاڻ اهڙي تہ علمي ۽ باطني اسرارن سان محو گفتگو هيا جو

سامعين ائين محسوس ڪري رهيا هيا ڄڻ اهو سپ ڪجهه سامهون ڏسي رهيا هيا. ان ڳوٺ جا ٻه ڀيءُ پٽ هيا. اهي ٻئي وڏا موالي هيا. چرس، آفيم، ڀنگ ۽ سگريٽ پر جيڪو نشو ملندو هين اهو استعمال ڪندا هيا. رات ڏينهن نشي ۾ گذاريندا هيا. اهي ٻئي ڀيءُ پٽ جلسي ٻڌڻ بعد توبهه تائب ٿيا. رب ڪان صدق دل سان معافي طلب ٿيا. نشو ۽ ٻيا برا ڪم ڇڏي نيڪ صالح ٿي پيا. هر وقت مسجد ۾ عبادت ڪندي نظر اچڻ لڳا.

سندن حليو حسين هيو: پاڻ قد جا نه ڊگها نه بندرا مگر وچولي قد وارا هيا. پيشاني ڪشادي ۽ اکيون نوراني، وڏيون، سهڻيون ۽ سدائين سُرميناڪ هونديون هيون. زلف سنت مطابق ڪنڌ جي پاپڙين برابر پُر ڪشش هوندا هيا. سندن وار وار ۾ ڪئين اسرار سمايل هئا. سندن ابرو هڪ ٻئي کان الڳ هوندا هيا.

لباس: کين سفيد رنگ جو لباس پسند هوندو هيو. پهرياڻ، سلوار ۽ پڳ مبارڪ پائيندا هيا. پڳ مبارڪ ڪُلي واري ٽوپي تي ٻڌندا هيا. هٿ ۾ اڇو رومال کڻندا هيا ۽ ڪڏهن ڪڏهن سنڌي ٽوپي به پائيندا هيا. ڪڏهن ڪڏهن مهل ۽ موقعي جي مناسبت سان اڇي رنگ جي چادر به زيب تن ڪندا هيا. کين ملتاني جتي پسند هئي. نه رنگين ڪپڙا پاڻ پائيندا هيا ۽ نه ئي صاحبزادن کي پائڻ جي اجازت ڏنائون. ڪڏهن ڪڏهن پيرت پيريل پهرياڻ، سياري ۾ ڪاري رنگ جي واسڪوٽي، بادامي يا خاڪي رنگ جي شال به استعمال ڪندا هيا. ڪنهن به عمل يا سنت کي پنهنجي جماعت جي سڃاڻپ جو شعار نه ڪيائون. آخري وقت ۾ پاڻ سنت جي ادائگي لاءِ لٺ به کنيائون.

صاحب ڪرامت هئا:

شفا وٺرائي ڏنائون: فقير علي شير جي گهرواري جي طبيعت تمام گهڻي خراب هئي جنهن کي خيرپور ناٿن شاهه جي سيني ڊاڪٽرن جواب ڏئي ڇڏيو هيو. ڊاڪٽرن چيو ته هن جو پِتو خراب ٿي ويو آهي. ڄامشوري اسپتال ۾ آپريشن ڪرائي پتو ڪڍرايو وڃي نه ته هن جي زندگي خطري ۾ آهي. ڄامشوري جي تياري ڪئي وئي. فقرياڻي ان رات تهجد پڙهي روئي دعا گهري ستي. ان سال سائينجن حج تي ويا هيا. فقرياڻي روئي عرض ڪيو ته ماڻهو چون ٿا ته سائينجن مڪي شريف ۾ آهن پر مان ائين سمجهان ٿي

سائينجن اسان سان گڏ آهن پوءِ منهنجي لاءِ دعا گهري الله کان معافي وٺي ڏيو. اها دعا گهرندي روئندي فقيرياڻي کي ننڊ اچي وئي. خواب ۾ ڏٺائين ته منهنجا سهڻا مرشد اچي ويا. پاڻ فرمايائون ته فقيرياڻي تنهنجي حق ۾ دعا گهري الله کان توکي شفا وٺي ڏني آهي ۽ هاڻي سڀاڻي عيد وڃي پنهنجي ٻچن سان ڪر. فقيرياڻي جاڳي ته وين به اچي وئي ۽ سندس گڏ هلڻ وارا مائٽ به اچي ويا مڪمل تياري ٿي وئي. تڏهن فقرياڻي چيو ته آءُ ڄامشوري نه هلندس جو منهنجا مرشد ڪريم خواب ۾ مون کي فرمايو اٿن ته فقيرياڻي اسان الله کان دعا گهري توکي شفا وٺي ڏني آهي. سندس پاڻ چيو چري ٿي آهين اتي اجايو گهر ۾ مري ويندينءَ خوابن جي ڳالهين تي نه هل. فقيرياڻي چيو ته منهنجو مرشد ڪامل آهي. هاڻي مان بلڪل نيڪ آهيان پر ڏير نه پيو مڃي. اچانڪ ان کي اهڙي بيماري لڳي جو ان جو منهن ۽ سارو جسم سڄي ويو. صبح جو ڪوڙو فقير ڳوٺ رحيم مان خيرپور ناٿن شاهه پهتو. علي شير فقير کي خواب واري حقيقت ٻڌايائين. سائينجن فرمايو ته علي شير کي چئو ته ٻچڙا وٺي واپس ڳوٺ اچي اسان دعا گهري تنهنجي گهرواريءَ کي شفا وٺي ڏني آهي. ڪجهه ٽائيم گذرڻ کان پوءِ خليفه روشن علي انبار کان خيرپور ناٿن شاهه پهتو. فقير علي شير کي چيائين ته مون رات خواب ۾ سائينجن کي ڏٺو ۽ سائينجن فرمايو ته علي شير کي چئو ته اسان دعا گهري تنهنجي گهرواري کي شفا وٺي ڏني آهي ۽ هاڻي بلڪل نيڪ آهي ٻچڙا وٺي واپس وڃو ۽ عيد پنهنجي ڳوٺ ڪيو. انهيءَ واقعي کي پنجتيهه سالن کان وڌيڪ عرصو گذري چڪو آهي پر اڄ تائين ان فقيراڻيءَ کي ڪڏهن به اها تڪليف پيهر نه ٿي آهي.

۽ پٽ ڄائو: فقير حاجي محمد موسيٰ ٻڌايو ته هڪ دفعي حضرت محبوب الاهي اسان جي ڳوٺ ڳڙهي ياسين ۾ دعوت تي آيا. آءُ پنهنجو فرزند ڪٽي سندن خدمت ۾ حاضر ٿيس ۽ نالي رکڻ لاءِ عرض ڪيم. پاڻ ان تي نالو رکيائون. عرض ڪيم ته پير مٺا سائين کان ڇوهارا پڙهايا هيم پوءِ الله سائين هي پٽ ڏنو آهي. حضرت محبوب الاهي مشڪيا، فرمايائون ته مون کي به قبلہ عالم ڇوهارا پڙهي ڏنا هيا پوءِ مون کي به الله سائين پٽ عطا ڪيو.

﴿فرموداتِ محبوب الاهي﴾

مِصريءَ جون تَـڙُون

الله جـي عـارفن جـو كـلام معنـيٰ خيـز هونـدو آهـي. ان ۾ روحانيـت هوندي آهي. اهو انهن جي زندگي جي تجربن جو نچوڙ هوندو آهي. انسـان جيسـين تجربـا كـري ان مقـام تـي پهچـي. ان جـي بجـاءِ تجربيڪارن جي قولن مان نفعو وٺڻ دانائي آهي.

1. فرمايائون : جيئن الله جي ذات بي مثل آهي. تيئن الله جي محبت به بي مثل آهي. جنهن ماڻهو الله سان محبت رکي اهو به بي مثل آهي.

2. فرمايائون :اسم ذات جهڙو مؤثر وظيفو ٻيو ڪو به نه آهي. ٻين وظيفن جو اثر سرد آهي. اسم ذات جو اثر گرم ۽ تکڙو آهي.

3. فرمايائون : خدا جو جو، خدا تنهن جو. خدا جنهن جو، سڀ تنهن جو.

4. فرمايائون : جنهن جو الله تي ڀروسو آهي. ديس پرديس ۾ الله انجو نگهبان آهي.

5. فرمايائون : قرآن خدا جي قانونن جو ڪتاب آهي. جنهن ۾ ساري زندگي جا احڪام بيان ٿيل آهن. اهو صرف چمڻ يا قسمن کڻڻ لاءِ نه آهي.

6. فرمايائون : نماز پڙهو پرين وانگر (يعني آهستہ ۽ ٺاهي ٺاهي) ذڪر ڪيو چرين وانگر.

7. فرمايائون : ذڪر اسم ذات جيڪو گهٽ ۾ گهٽ ٻارهن سو ڀيرا ڪري اهو غافلن ۾ نہ لکيو ويندو. جيڪو ايڪيهہ هزار ڀيرا روزانہ ڪري اهو "صاحب اللفظ" ٿي ويندو يعني جيئن وات مان لفظ ڪڍندو ائين ٿي پوندو.

8. فرمايائون : فقيرن جي دعا سُوا آهي. بادشاهہ به فقيرن جي دعا تي بادشاهي ڪري ويا.

9. فرمايائون : جنهن جي دل ۾ غير الله جي محبت جو هڪ ذرو باقي آهي تہ ان لاءِ الله جي محبت حرام آهي.

10. فرمايائون : جنهن الله ۽ انجي حبيب ﷺ جي محبت جي لذت حاصل نہ ڪئي آهي. اهو اڃا ڇاڇين وانگر آهي. گهوٽ وانگر نہ آهي.

11. فرمايائون : ماڻهن کي ڏينهن جو انتظار هوندو آهي. پر الله جي عاشقن کي رات جو انتظار هوندو آهي.

12. فرمايائون : جنهن جي دل محبت کان خالي آهي. انجو دنيا تي جيئڻ بيڪار آهي.

13. فرمايائون : فقير سڄائي وري ذڪر ترڪ ڪري تہ انجي فقيري جي دعويٰ ڪوڙي آهي.

14. فرمايائون : دنيا غمن جو گهر آهي. ذڪر غم ٽاريندڙ آهي.

15. فرمايائون : فقيري جي عمارت چئن بنيادن تي بيهي ٿي هڪ بہ گهٽ هجي تہ فقيري نامڪمل آهي. 1. الله جو ذڪر. 2. شريعت جو اتباع.

3. مرشد جي محبت ۽ صحبت. 4. تقويٰ ۽ پرهيزگاري.

16. فرمايائون : اگر توهان کي رات جي پوئين حصي ۾ ذڪر ۽ مناجات جي لذت خبر پوي تہ توهان کان سڀ لذتون وسري وڃن.

17. فرمايائون : محبوب طرفان مليل رنج ۾ بہ راحت ۽ گنج آهي. محبوبن ۾ عيب نظر اچڻ محبت جي ڪمي جي نشاني آهي.

18. فرمايائون : جنهن مدينو ۽ مڪو نہ ڏٺو آهي، اهو ڄڻڪ دنيا تي ڄائو ئي نہ آهي.

19. فرمايائون : اسانجو سهڻو حبيب ﷺ حيات النبي آ. حيات النبي آ. حيات النبي آ.

20. فرمايائون : ساري دنيا ۾ جيڪي اٿن جا قافلا هلن ٿا. انهن جي پلاٽن جا چيڪاٽ بہ محبوب سهڻا ﷺ روضي انور ۾ ٻڌن ٿا.

21. فرمايائون : هڪڙو الله جو ڪامل ولي ساري دنيا کي ائين ڏسي ٿو جيئن هٿ جي تري تي ڪا شيءِ ڏسجي تہ ڇا حبيب عربي ﷺ ساري ڪائنات کي نہ ٿا ڏسي سگهن؟

22. فرمايائون : شريعت غنا آهي، طريقت فنا آهي، حقيقت بقا آهي.

شريعت اتباع آهي، طريقت انقطاع آهي، حقيقت اطلاع آهي.

شريعت بندگي آهي. طريقت پاڻ وڃائڻ آهي ۽ حقيقت محبوب حقيقي جو ملڻ آهي.

23. فرمايائون : دنيادارن کي دنيا داريءَ مان ٽي شيون ملن ٿيون.

1. دل جي پريشاني. 2. دين جو نقصان. 3. آخرت جو پڇتاءُ.

فقيرن کي فقيري مان بہ ٽي شيون ملن ٿيون.

1. دل جو اطمينان. 2. دين جي سلامتي. 3. آخرت ۾ معافي.

24. فرمايائون : درود دنيا آخرت جي نعمتن جي ڪنجي آهي.

درود دلين لاءِ آب حيات آهي.

درود شريف عاشقن ۽ عارفن جي روح جي خوراڪ آهي.

25. فرمايائون : حضور نبي ڪريم ﷺ جو عرس ايمان وارا ئي ملهائيندا آهن.

26. فرمايائون : محبوب عربي ﷺ الله جو نور آهن. بشريعت جو ويس پائي اسانکي دين سيکارڻ آيا.

27. فرمايائون : محبوبن ڪريمن ﷺ جو اسم پاڪ ٻڌي آڱوٺا چمڻ مستحب فعل آهي ۽ حضرت آدم عليہ السلام جي سنت آهي. پلي ان تي عمل ڪيو . ڇا توهان کي آدم عليہ السلام جي سنت وڻي ٿي. خود نبي ڪريم ﷺ جون سنتون ڏاڙهي،ڏندڻ،پٽڪو توهان کي نہ ٿيون وڻن؟

28. فرمايائون : مشڪل ۾ محبوبن کي مدد لاءِ سڏجي تہ پاڻ سڏ ۾ ساڻي ٿين ٿا.

29. فرمايائون : الله جو قرب آهي ئي ڏکن برداشت ڪرڻ ۾ ڏک آيا هاڻي سمجهو تہ الله جي قرب جا وڙ تمام ويجها آهي.

30. فرمايائون : مرشد جي اولاد کي بہ مرشد واري نگاهہ سان ڏسجي.

مرشد جي خليفن، مرشد جي دربار جو بہ ادب ۽ احترام ڪرڻ گهرجي.

مرشد جي در جي ڪاتي ڏنگي هجي تہ بہ انکي ڏنگو نہ چئجي.

31. فرمايائون : ذڪر فڪر مراقبي ۽ مشاهدي جي لذت انکي ملندي جنهن جي پيٽ ۾ حلال لقمو هوندو. حرام جي هڪ لقمي کائڻ سان باطن جو ڪارخانو تباهہ ٿي ويجي ٿو.

32. فرمايائون : خلافِ سنت ڪنهن بہ ڪم ۾ اسان کي ڪوبہ خير ۽ برڪت نظر نہ آئي.

33. فرمايائون : سرمون رات جو پائڻ سنت،صبح جو زينت ۽ منجهند جو زحمت آهي.

34. فرمايائون : دهل سهرن، راڳ گانن، ڳائڻ وڄائڻ واري ۽ غير شرعي شادي نہ پاڻ ڪيو نہ ان ۾ شريڪ ٿيو پر منهنجي دل چوي ٿي تہ اهڙي شادي جو پت پنهنجي ڪتن کي بہ نہ ڪارايو.

35. فرمايائون : ڙالون ٻار ٻچا ڇڏي مسجد جي ڪنڊ ۾ ويهي الله الله ڪرڻ اها ڪهڙي فقيري آهي؟ بهادر ته اهو آهي جيڪو دنيا جا ڪم ڪار به ڪري ۽ دل ۾ الله جو ذڪر به ڪري. هٿ ڪار سان دل يار سان هجيس.

36. فرمايائون : نوڪرين ۾ پهرين ۽ آسان نوڪري ماستري آهي.

37. فرمايائون : فوجي جيڪي سرحدن جي حفاظت لاءِ سر جي بازي لڳايون ويٺا آهن. انهن جو ملڪ وارن جي صالح عملن ۾ حصو آهي.

38. فرمايائون : سڀ ڪان پهرين ڏنڊو زمين جو آهي. پوءِ هارپو هجي يا زمينداري. اهو حلال وجه جو پورهيو آهي.

39. فرمايائون : عورتن ڪان پني پاري جو ڪم وٺڻ يا ميلن ڪان پاڻي ڀرائڻ سراسر ظلم آهي.

40. فرمايائون : ڏاند کي پوني ڪري ان تي سواري ڪرڻ يا مينهن يا ڳئون ڪان هَرُ کهرائڻ جائز نه آهي.

41. فرمايائون : رشوت واري نوڪري ڪان چولا ڪپائي گذر ڪري ته اهو پهرين.

42. فرمايائون : چانهه گرم پاڻي پيئڻو آهي. اها نه دوا آهي، نه غذا.

43. فرمايائون : روزانو پنج روپين جا ڪو سگريٽ پيئي ته سال ۾ ارڙهن سو روپيه ۽ پنج سالن ۾ نوهزار روپيه ٿيندا. ان جو رب وٽ ضرور حساب ٿيندو.

44. فرمايائون : گهر ۾ ماکي ضرور رکو. حڪيمن جو چوڻ آهي ته :

"مِريون پِپِرِيُون ماکي. چاٽي رب شافي ته وڃي ڪنگهه ورهن جي.

45. فرمايائون : عورت حڪومت مان ڇا ڄاڻي. عورت جو ڪم آ پار ڄڻڻ نپائڻ ۽ گهر هلائڻ.

46. فرمايائون : شهرن جي پيرسان گندي پاڻيءَ تي جيڪي ڀاڄيون ٿين ٿيون. اهي نه کائڻ بهتر آهن. بازاري گوشت کائڻ بجاءِ دال کائڻ پهرين آهي.

47. فرمايائون : عالم جيڪڏهن الله وارن جي صحبت ڇڏيندو ته انجو علم جهل ٿي ويندو. جاهل الله وارن جي صحبت ڪندو ته انجو جهل علم بنجي ويندو.

48. فرمايائون : چڱي ڪم جي ڪرڻ ڪان چڱن جي سنگت چڱي آهي. بري ڪم جي ڪرڻ ڪان، برن جي سنگت بري آهي.

49. فرمايائون:مرشد ڪامل ماءُ پيءُ، استاد ۽ سڀني عزيزن، دوستن کان وڌيڪ سچڻ آهي
50. فرمايائون : مرشد ٽن قسمن جا هوندا آهن.

1. زباني 2. ڏاني 3. جاني.

جاني اهو آهي جو مريد کي جهنم کان بچائي.

51. فرمايائون : آسمان تان ڪِريل بچي سگهي ٿو پر ولي الله جي نظر جو ڪِريَلُ هرگز نہ ٿو بچي سگهي.

52. فرمايائون : جڏهن ڪنهن بزرگ جو عرس ٿيندو آهي تہ سندس سلسلي جي سڀ بزرگن جا روح اتي حاضر ٿيندا آهن منگتن لاءِ اها ديري جي ٻتائي هوندي آهي.

53. فرمايائون : مرشد ڪامل اُهو جو مريدن کي دين سيکاري، ورنہ تہ اهو رهبر نہ آهي بلڪ اهو رهزن آهي.

54. فرمايائون : جسماني رشتن کان روحاني رشتا وڌيڪ مضبوط هوندا آهن.

55. فرمايائون : دين جا اڳواڻ ٻہ ٽولا آهن: 1. عالم 2. پير انهن جو هر ڪم ماڻهن لاءِ حجت آهي انهن کي سنڀالي قدم کڻڻ گهرجي.

56. فرمايائون : مان ننڍپڻ کان ٻہ دعائون گهرندو هيس. 1. يا الله مون کي ڪنهن جو پگهاردار نہ بنائجانءِ. 2. مون کي وڏيرن جي پاڙي ۾ نہ رهائجانءِ.

الحمد لله الله پاڪ اُهي ٻئي دعائون قبول فرمايون. هڪڙي بروقت، ٻي ڪجهہ دير سان.

57. فرمايائون : الله تعاليٰ پڙهيل ماڻهو تي ڏمرجي تہ وهابي ٿئي ۽ جاهل تي ڏمرجي تہ شيعو ٿئي. اهو ٻئي ڏمريل ٽولا آهن. مسلمانن کي گهرجي تہ انهن جي ڄار ۾ نہ ڦاسن.

59. فرمايائون : عام جلسن ۾ بہ نہ وڃو جو خيالات منتشر ٿين ٿا.

60. فرمايائون : زاني جي چهري تي نيمڪ نہ هوندو. بي نماز جي جي چهري تي نور نہ هوندو. ذاڪر جي پيشاني پري کان پڌري هوندي.

61. فرمايائون : جنهن سفر ۾ ڪؤنرو نہ ڪنيو ان نماز تان آسرو ڪنيو.

جنهن تهجد نماز ڇڏي انهيءَ فقيري ڇڏي.

جنهن مرشد جي صحبت ڇڏي اهو پڪ سمجهو تہ ڄاڻ شيطان جو شڪار ٿيو.

62. فرمايائون : بي نمازي يا تڙ واري جي پڪل ماني، وڏيرن جي گهر جا طعام، مشڪوڪ ۽ بازاري شيون(جن جي ناهڻ ۾ پاڪائي صفائي جو احتياط نہ ڪيو وڃي) اُهي ڪائڻ سان ذڪر بيهي وڃي ٿو. عبادت جي حلاوت ۽ لذت ختم ٿي وڃي ٿي. ڇو تہ باطني عنايت جو تعلق لقمي سان آهي.

63. فرمايائون : عارفن جو سينو اسرارن جو خزانو آهي.

64. فرمايائون : اوطاق ۾ چڱا مٺا هر قسم جا ماڻهو ايندا آهن. اوطاق جو مالڪ پاڻ نيڪ آهي تہ چڱن کي جاءِ ڏيندو برن کي تڙائي ڪڍندو. دل بہ اوطاق مثل آهي ان ۾ بہ چڱا مٺا هر طرح جا خيال ايندا آهن. فقير جو ڪم آهي تہ چڱن خيالن کي دل ۾ جاءِ ڏئي برا خيال تڙي ڪڍي.

65. فرمايائون : روحانيت جي ترقي جيڪا رمضان المبارڪ ۾ ٿئي ٿي سا ٻئي ڪنهن وقت نہ ٿي ٿئي. ٿوري محنت سان گهڻو نفعو ملي ٿو.

66. فرمايائون : نماز بدن کي پاڪ ڪري ٿي. روزو روح کي اجاري ٿو. پر ذڪر دل کي صاف ڪري ٿو.

67. فرمايائون : پاڻ تي هر وقت ديد قصور جي رکو.

68. فرمايائون : رياڪار کي رَتي جيترو بہ آخرت ۾ فائدو نہ رَسندو، پلي ڪير ٽر جي جبلن جيترا عمل ڇو نہ هجنس!

69. فرمايائون : پنهنجي بدن جو پاتل ڪپڙو سادات اهل بيت کي نہ ڏيو بلڪ نئون ڪپڙو وٺي ڏيو.

70. فرمايائون : اهل بيتن جي محبت ايمان جو جزو آهي جنهن جي آل رسول سان محبت ناهي انجو ايمان ڪامل ناهي.

71. فرمايائون : وڏيرن جي اولاد کي نوڪر ۽ ڪمدار ڪار ايندا آهن.
پيرن جي اولاد کي خوشامدي مريد ڪاريندا آهن.

72. فرمايائون : تزڪيہ نفس، تصفيہ قلب، تجليہ روح کان سواءِ فقيري جي دعويٰ ڪرڻ اجائي آهي.

73. فرمايائون : ٻي سڀ عبادت سولي آهي پر نفس مارڻ ڏاڍو ڏکيو آهي.
74. فرمايائون : غافل دل امام جي پويان نماز بہ نہ پڙهو ڇو تہ قرآن ۾ آهي تہ

وَلَا تُطِعۡ مَنۡ اَغۡفَلۡنَا قَلۡبَهٗ عَنۡ ذِكۡرِنَا ﴿٢٨﴾ ﴿الكهف﴾

ان جي تابعداري نہ ڪر جنهن جي دل اسان پنهنجي ذڪر کان غافل ڪري ڇڏي آهي.
75. فرمايائون : فقيرن جي خدمت سعادت آهي.
خادم مخدوم ٿيندا. متڪبر محروم ٿيندا.
76. فرمايائون : اسان ڪيترا ڀيرا ليلة القدر کي ستاويهين رمضان ۾ ڏٺو آهي.
77. فرمايائون : شاهہ جو رسالو، رومي جي مثنوي وساٽل محبت کي ڀڙڪائن ٿا.
78. فرمايائون : هنن ڪتابن جي مطالعي سان ايمان تازو ٿئي ٿو روحانيت ۾ ترقي ٿئي ٿي.
1. هدايت الانسان 2. فيض الڪريم 3. مشائخ نقشبنديہ
4. هشت بهشت 5. فوائد الفواد
79. فرمايائون : محسن سان مدائي ڪرڻ ڪميڻائپ جو ڪمال آهي.
مدائي ڪرڻ واري سان احسان ڪرڻ انسانيت جو ڪمال آهي.
80. فرمايائون : جمال ۽ ڪمال ۽ وصال، الله جون عطائون آهن، جنهن کي عطا ڪري.
81. فرمايائون : زن ـ زر ـ زمين پائرن کي بہ دشمن بنائن ٿيون.
82. فرمايائون : ڀائيواري ۾ جيڪو خيانت ڪري اهو هميشہ پريشان حال ۽ قرضي رهندو.
83. فرمايائون : جيڪو مزدور پنهنجي مالڪ جي اجازت کانسواءِ انجي شيءَ کائي ان جي نہ نماز قبول آهي، نہ روزو، نہ ڪا عبادت.
84. فرمايائون : ٻري مان ڀلائي جي ۽ چڱي مان مدائي جي اميد نہ رکو.
85. فرمايائون : ڀلي ۾ ڀلو ماڻهو اهو آهي جيڪو ٻين کي ڀلو سمجهي. ٻچڙي ۾ ٻچڙو ماڻهو اهو آهي جيڪو ٻين کي ٻچڙو سمجهي.
86. فرمايائون : مِٽن کان جيترو پري رهندو اوترو خوش رهندئو.
قطع بہ نہ ڪيو، گهڻي حجت بہ نہ رکو.
87. فرمايائون : اسان کي مائٽن مان جيتري اذيت پهتي اوتري ڪنهن مان نہ پهتي.

88. فرمايائون : بي فرمان اولاد کان نپٽو هجڻ ڀلو آهي.
89. فرمايائون : بي دين ۽ بي فرمان پٽ کان فرمانبردار نياڻي ڀلي آهي.
90. فرمايائون : بالغ نياڻي گهر ۾ ويهارڻ شادي نہ ڪرائڻ اشراف ماڻهو جو ڪم نہ آهي.
91. فرمايائون : گهمندڙ عورت کي پنهنجي گهر ۾ اچڻ نہ ڏيو.
92. فرمايائون : اڄ اهڙو وقت اچي ويو آهي جو ڪنهن سان چڱائي ڪري پوءِ انتظار ڪري ويهو تہ ڪڏهن ٿو توهان سان مدائي ڪري.
93. فرمايائون : ناواقف ماڻهو جي امانت پاڻ وٽ نہ رکو.
94. فرمايائون : جنهن ڏاريو ماڻهو گهر ۾ اندر آندو ان پنهنجو پاڻ پنهنجي عزت لاٿي.
95. فرمايائون : جيڪو نياڻيون وڪڻي پئسا وٺي ڪائي ان کان ائين نفرت ڪيو جيئن ڇُهڙي چمار، حرامخور ڊونڊ ڪائيندڙ کان نفرت ڪبي آهي.
96. فرمايائون : اڪين ۽ ڪنن ۾ بہ چار آڱرين جو مفاصلو آهي جا شيءِ ڪنن سان ٻڌجي سا اکين سان وجي ڏسجي.
97. فرمايائون : اخبارون ۽ رسالا، ڊائجسٽ، آکاڻين، قصن ۽ ڪهاڻين جا ڪتاب دل کي ڪارو ڪن ٿا.
98. فرمايائون : ظاهر بين عالمن ۽ مولوين جا لکيل ڪتاب بہ نہ پڙهو الله وارن جا ڪتاب پڙهو جو اهي سالڪن کي خدا جي راهہ ۾ هلڻ لاءِ همت افزائي ڪن ٿا.
99. فرمايائون : دنيا ساري مسافر خانو آهي وطن تہ آهي آخرت وارو. دنيا سان دل لائڻ هرگز نہ جڳائي.
100. فرمايائون : مهمان ٽن قسمن جا آهن.

1. نوري: جي ماني جي وقت کان اڳ اچن.
2. حضوري: جي حاضر طعام وقت اچي پهچن.
3. سوري: جيڪي ڪُمَهلا اچن.

ارشادات گرامي:

♥ پاڻ فرمائيندا هيا تہ فقيرو دنيا ۾ ڪجهہ وقت لاءِ مهمان آهيو دنيا سان دل نہ لايو. گذريل سال ۾ ڪجهہ اسان جا ساٿي هن سال ڏسڻ ۾ نہ ٿا اچن. وري هن سال اسان جا گهڻا ساٿي موڪلائي ويندا. آخرت جي سفر جي تياري ڪريو، دنيا خواب جي مثال آهي.

♥ ماڻهن سان سٺو سلوڪ ڪيو. چڱي سان چڱائي هرڪو ڪري پر بڇڙي سان بہ سٺو برتاءُ هجي. بري کي برائي جو بدلو ملندو جيڪڏهن تون مرد آهين تہ بڇڙي سان چڱائي ڪر.

♥ فقيرو انڪساري ڪيو يعني پاڻ کي گهٽ سمجهو. جڏهن پاڻ کي گهٽ سمجهندو تہ الله تعاليٰ توهان جي عزت وڌائيندو.

♥ فقيرو! هر ڪم ۾ اخلاص رکو يعني هر ڪم ۾ رب جي رضامندي جو خيال ڪندا ڪيو.

♥ توهان دنيا ۾ ڪانئر پکيءَ وانگر رهو ڪانئر پکي پاڻيءَ ۾ رهي ۽ ٽٻي هڻي مڇي ڪائي وري اڏامي ويندو آهي. ان جي پرن تي پاڻي جو اثر نہ هوندو آهي. توهان دنيا ۾ دنيا جا ڪم ڪار ڪريو توهان جي دل تي دنيا جو اثر نہ رهي.

♥ فقيرو توهان منهنجا هٿ چمو ٿا منهنجي دل خوش نہ ٿي ٿئي جڏهن شريعت جا پابند ٿيندو تڏهن منهنجي دل خوش ٿيندي.

♥ اسان جي محنت، تبليغ ۽ تعليم مان هڪڙو بہ شخص سڌري صالح بڻجي ويو تہ اسان جو جلسو، بيان ڪرڻ ، جلسي جا خرچ سجايا ٿي ويا.

♥ ڌاريا، اجنبي انسان جيڪي رب ۽ رسول کي سڃاڻن ٿا اهي اسان کي پنهنجي بي دين مٽن ڪان هزار ڀيرا وڌيڪ پيارا لڳن ٿا. جيڪي خدا کي سڃاڻڻ وارا آهن .

بقول سعدي جي :

هزار خويش که بيگانه از خدا باشد، فدائے يک تن بيگانه کاشنا خدا باشد

♥ فرمائيندا هيا تہ طمع، منع ۽ جمع نہ ڪريو.

♥ فرمائيندا هيا تہ اسان کي نذراني ۾ ڪو لک روپيہ ڏئي ايتري خوشي نہ ٿيندي جيتري هڪ ماڻهو جي نيڪوڪار، صالح ٿيڻ تي ٿيندي آهي.

محبوب الاهي بابت
شخصيتن جا تاثرات

حضرت علامہ عبد الرحمان ٺٽوي جا تاثرات:

سنڌ جي جيّد عالِم دين، مفتيءِ اعظم سنڌ، استاد العلماء حضرت مفتي عبدالرحمن ٺٽوي زيد مجده حضرت محبوب الاهي رحمۃ اللہ علیہ سان هڪ ڀيرو ملاقات ڪئي هئي. ان جو ذڪر ڪندي پاڻ لکيائون: ”فقير هڪ ڀيري ماتلي ۾ زيارت لاءِ مولوي محمد امين ۽ ڀين سان گڏ سندن خدمت ۾ حاضر ٿيو. تقريباً سندن صحبت ۾ هڪ ڪلاڪ رهيو جيئن تہ حضرت موصوف عليہ الرحمة عشق الاهي ۽ عشقِ مصطفوي ۾ محويت جي آخري ڪناري تائين پهتل هيا ان ڪري جنهن بہ وقت الله تعاليٰ ۽ ان جي حبيب عليہ الصلواة والسلام جو ذڪرِ خير آيو ٿي تہ سندن اکين مبارڪن مان ڳوڙهن جون نهرون وهڻ لڳيون. ان ريت سندن مٿان گريو ۽ جذبي جو غلبو نظر آيو ٿي. وري سندن مؤثر ڪچهري ويٺلن جي مَنَ ڪي موهي ڇڏيو ٿي جنهن سبب سندن صحبتي اثر ڪان خالي نہ ٿي رهي سگهيا. انهي ڪري سندن نسبت رکندڙن ۾ خلوص ۽ شريعت جي پابندي عيان آهي. ان جو اندازو هن حقيقت مان بلا مبالغہ لڳائي سگهجي ٿو تہ عبدالحڪيم چانگ جيڪو ٺٽي ۾ انجنيئر ۽ هن وقت فقير جو دوست هو ڪِلين شَيو ۽ نماز ڪان پري هو فقير ڪي ان موقعي تي مليو سندن اندر تبديلي منهن تي ڏاڙهي، ذڪر فڪر ۽ شرعي پابندي هجڻ سبب ڪيس آءُ سڃاڻي نہ سگهيس. تعارف ٿيڻ بعد مون ڪي ٻڌايائين تہ هن ڪامل جي صحبت ۾ اچڻ سبب منهنجي مٿان هي رنگ چڙهيو آهي. واقعي بزرگن جو فرمان حق آهي:

صحبت صالح ترا صالح کند انهي سبب جي ڪري سچائي سان سؤ سال عبادت ڪرڻ ڪان هڪ گهڙي الله تعاليٰ جي نيڪ ٻانهي سان گذارڻ بهتر آهي.

جيئن تہ حضرت مولانا فرمائي ٿو:

يک زمانہ صحبتِ با اوليا بهتر از صد سالِ طاعت بے ريا

حضرت مولانا نبي بخش زرداري جا تاثرات:

جيئن مٿي بيان ٿي چڪو ته مولوي نبي بخش صاحب سندن ديرينه دوست هم سبق ۽ محرمِ راز هيو. اهو پوري عمر علمي خدمت سان منسلڪ رهيو. هڪ ڀيري هن فقير ڪيس عرض ڪيو اوهان منهنجي بابا سائين جن ڪي ڪيئن ڏٺو؟ فرمايائين مان اوهان کي لکي ۾ موڪليندس. پوءِ پاڻ هي شعر لکي موڪليائون:

سگهو اي قلم تيز تر ڪر زبان بحمدِ خدا وند هر دوجهان
سيدنا محمد سو آهي امام وسيلو جزيلو بروزِ قيام
وري ڏي ٿُبي اي قلم ڪا ٻيهار ڪي مقصد جا موتي تون ڪاغذ تي هار
رکان عرض خدمت ۾ هي پيشڪش ڪئي خُلق جنهنجي آ دل ۾ ڪشش
قبوليت جو درجو ملي ويو اگر ته اعزاز ملندو اسان کي ڪثر
بخدمت جنابا معزز ترين سلامت رهو تان رهي هي زمين
سدا فيض برڪت جو هوڪو هلي جيسين چنڊ تارن جو چرخو چلي
سدا نام نيڪي هجي همقرين ٿي جيسين هي اوپڙ اُڀاري زمين
اوهان جي صحن تي ستارو سعيد سدائين پيو چمڪي مثل رات عيد
حسد منجهه حاسد سڙي خاڪ ٿيا انهن کي اندر چير ۽ چاڪ پيا
بنا صُلح دشمن نه چارو ڏسي سچو ڏينهن توري اندارو ڏسي
سدا دوست سرها وطن ۽ وتن اهي تنهنجي آذار گويون ڪٽن
اي شيخ المشائخ جا فرزند پير ٿئين ماتلي ۾ سڪونت پذير
ابو هو اوهان جو ته غوث زمان اُتي ان تي رحمت ڪنان آسمان
زگنجينهءِ فيض قلبِ پدر تُو دُر يافتي چند لعل و گهُر
زسينه بسينه روان ست نور پذيرفت در هر مريدي ظهور
اوهان جو ابو هو اسان تي شفيق هجي روح تنهنجو برحمت غريق
هو زاهد مدامي عبادت گذار ذڪي ذهن وارو وڏو نامدار
سدا خوش طبع خلق وارو خليق سندس خلق بيشڪ هو بحر عميق
ڪنهين تِنهنجي مُنهن ۾ نه گهُنڊي ڏٺي نه ڪنهن تلخ گفتار تنهنجي ٻڌي
هيا تنهن جا اخلاق اعليٰ ترين نمازن جو پابند عُزلت نشين
اصل ڪان ٿي جمندي اهي جام ها خدا جي ذڪر ۾ صبح شام ها

سندن پاڪ باطن نِرو نور هو | حسن ظاهري سان بہ مشهور هو
سندن منهن مبارڪ ۾ چمڪار ها | سندن خد پر نور رخسار ها
ڪيان ڪهڙي مان وصف انجي بيان | هو صاحب نظر هو چوي ٿا زبان
ٻڌي سر مبارڪ تي دستار ڪي | ٿيو شرم شاهن جي سينگار ڪي
سنڌءِ فيض برڪت پکڙجي ويو | چراغ شريعت تو روشن ڪيو
اوهان جا سيئي فيض وارا فقير | ڏسان ٿو نہ نيڪي ۾ تن جو نظير
فقيرن جو منهن آرسي جي مثال | انهيءَ مان ڏسون پير جو ٿا ڪمال
شريعت جا پابند آهن مريد | ڏسون ٿا سيئي مرد صالح سعيد
اهو آهہ سڀ ڪجهہ اوهان جو ڪمال | ڪيئي نفس نادان ڪي پائمال
اهو فيض تائين قيامت هجي | مريدن جي سا استقامت هجي
لڪائي رکيم روح ۾ هي خيال | تہ من منهنجي قسمت ڪري ذوالجلال
ڏسن نيڻ منهنجا سا مرقد مزار | جتي منهنجي مشفق ڪي آهي قرار
اي صاحب ڪرم شوق دل ۾ اٿم | مان ايندس جنهين وقت قسمت ڪنيم
ٿيو محسوس دل ۾ اهو افتخار | جو آهيان مخاطب اڳيان شهر يار
جنهين ساڻ همت مسلسل جهاد | لکن ڪي بنايو آ صوفي نزاد
فريضہ الاهي ادا جنهن ڪيو | خدائي خلافت جو والي ٿيو
نفاذ شريعت جو مظهر ٿيو | جو نور خدا جو آ مظهر ٿيو
بہ يڪ وقت واعظ مدبّر ٿيو | مقرر محدث مفڪر ٿيو
انهي تي اسان جا لکين لک سلام | هجي شال آباد تائين قيام
وسائي خدا ان جي درگاه کي | بقا جيسين سج چنڊ هن ماه کي
وسي معتقدن ساڻ درگاه هي | جو ايمان جي آ پنهہ گاه هي
ختم شعر ڪي ڪر اي ناڪس "نحيف" | متان ڪڪ ٿئي پير صاحب ظريف

العبد نحيف نبي بخش خادم مدرسہ خير العلوم سيوهڻ شريف

سندن ڪتاب جامِ عشق جو تعارف

محسنِ سنڌ عالي جناب محترم
ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ صاحب
سنڌ يونيوسٽي حيدرآباد سنڌ

هي ڪتاب " جامِ عشق " يعني عشق جو پيالو پهريائين 1987 ۾ جناب محمد ڪرم الله الاهي جي سعي سان شايع ٿيو ۽ پاڻ ان جو پُر معنيٰ پيش لفظ لکيائون.

ان وقت ڪتاب جو مصنف سندن والد ماجد خواجه محمد الاهي بخش عرف محبوب الاهي رحمہ الله حال حيات هئا جو پنهنجي پيش لفظ ۾ سندن حال ۽ قال بابت مختصر مگر جامع لفظن ۾ پنهنجا اشارات قلمبند ڪيائون ته پاڻ هي تصنيف لطيف نينهن جي نشي ۽ سرمستي جي حال ۾ لکيائون ۽ پاڻ عشق جي معنيٰ ائين سمجهايائون ته عشق مان مراد " الله جي محبت " آهي .

پڻ وڌيڪ وضاحت ڪيائون ته : " عالم جو علم ، عابد جي عبادت ، عامل جو عمل بيڪار آ جيسين تائين ان ۾ الله جي محبت ناهي " .

فرمايائون ته : " اوهان ظاهري عمل ڪيا آهن پر الله جي محبت ۽ عشق جون لائون لهي ڏسو ته ان ۾ ڪهڙو مزو آهي ؛ اهي عشق جون لائون اچو ته اوهان کي سمجهايان " !

هي ڪتاب سندن ان سمجهاڻي جو تعبير ۽ تفسير آهي ، جو ان جون منظوم سِٽون گهٽي پاڱي عشق جي نالي سان شروع ٿين ٿيون جيئن ته :

عشق آهي ٻن جهانن جو امام — عشــق آهــي رب ســندو ظــاهر انعــام
عشق علـم جـو وڏو سينگار آ — عشـــق بـــن عـــلـــم وڏو آزار آ
عشق کي عاشق قلندر مست ڪيا — عشــق مــولائي ملنــگ سرمســت ڪيــا
عشق جا ڳوڙها جڏهن ڳل تي وهن — معــرفت جــون دل انــدر پوکــون پڇــن
عشق کان دلڙي ديواني تي رهي — ڏُم دڙي دردن کـــان ٿينـــدي تـــي رهـــي

اهي سِٽون مثالي آهن پر ڪتاب جي متن واريون جملي سِٽون معنيٰ واريون آهن . ڪتاب جو متن صورت ۾ جيتوڻيڪ منظوم آهي پر محض شعر و شاعري نہ آهي بلڪہ هڪ معنوي پيغام آهي.

هي هڪ سالڪ جي اندر جو رقص ۽ لوڇ ۽ پوڇ آهي جنهن بابت حضرت شاهہ عبد اللطيف چيو تہ :

"لُڇان ٿي لاحد ۾ هادي لهان نہ حد"

سلوڪ ۽ تصوف جي رنگ ۾ رتل هن " تصنيف لطيف " جي پڙهڻ سان هر سڀوجهہ لطف اندوز ٿيندو هر سياڻو وڌيڪ سياڻو ٿيندو .

جناب محمد ڪرم الله الاهي محترم جن شڪريي جا مستحق آهن جو هي قيمتي ڪتاب ڇپائي پڌرو ڪيو اٿن .

خادم العلم

نبي بخش

(ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ)

علام آءِ آءِ قاضي چيئر

سنڌ يونيورسٽي

حيدرآباد سنڌ(21000)

12 ذوالحج 1426

12 جنوري 2006

مڪتوبات محبوب الاهي :

بسم الله الرحمن الرحيم

مڪتوب:

بخدمت گرامي درجت، محب الفقراء، محبوب الغرباء، مستغني الالقاب،

مجمع فضائل خطاب، جناب حضرت شاه صاحب مير محمد صاحب ادام الله وجودڪم

بعد تحفهء تسليم وتحيهء تڪريم ونيازات ڪثير وعجزيات وفير معروض ٻه :

المرام من الارقام ! غريب نواز ! توهان جو شفقت نامہ بوقت سعيد موصول ٿيو پر جيڪو وقت معين پندرهن تاريخ جو هيو خط اوهان جو ان ڪان بعد مليو. جمعي جي ڏينهن هي فقير خود موجود ٻہ ڪو نہ هيو. اميد تہ ٻئي ڪنهن وقت تي شرفِ ملاقات حاصل ڪبو. اهو توهان جو مون جهڙي فقير ڪي ياد فرمائڻ ۾ فقيرن جي محبت جو ٻج دل ۾ پوکڻ الله جل شانہ جي معرفت حاصل ڪرڻ جو دليل آهي .

حب درويشاں ڪليدِ جنت است * دشمنِ ايشاں سزائے لعنت است

هي سعادت ابدي ۾ رفاقت احمدي حاصل ڪرڻ جو پهريون حق حضرت محمد مصطفيٰ احمد مجتبيٰ ﷺ جي آل مطهر جو آهي. آل پاڪ جيڪڏهن پنهنجو معين حق احمدي ۾ فرض محمدي ادا ڪن تہ اها آل اها شان واري آهي. جو ان جي محبت هر مؤمن لاءِ ايمان ڪامل جو ثلث آهي. ان جي حب واجب بلڪ فرض آهي. اهڙي آل مطهر جو استقبال ٻن نفلن جو ثواب رکندڙ آهي پر جيڪڏهن نيڪائي ڪان لنگهي مولا ڪريم جي حقيقي عشق جو مزو چکن تہ اهڙي آل جو ديدار حجن ڪان وڌيڪ آهي پر مٺا شاهہ صاحب ٻيا سڀ وهم خطرا ختم ڪري منهنجي حقيقي يار جي عشق جي سُرڪي پيءُ تہ سهي هي اهو ڏک آهي جن پيتو ٻنهين جهانن ڪي ڀُلائي ڇڏيائين.

آنکس کہ ترا شناخت جان را چہ کند فرزند عيال خان ومان را چہ کند

ديوانہءِ کني وهردو جهانش بخشي ديوانہءِ توهردو جهاں را چہ کند

ليليٰ جو ديوانو ڪنهن ٻئي جاءِ تي دل نہ ڦاسائي سگهيو پر منهنجي يار حقيقي جو ديوانو ٻي جاءِ تي ڪيئن دل ڦُرائيندو؟ محبوبَ جون ڳالهيون لکندي هن فقيرَ جِي حالت ئي ٻي ٿي ويئي آهي. پر دل گهري ٿي، مجبور ٿي ٻہ توهان تائين پنهنجي يار جون ڳالهيون لکان.

يار جي گفتار روئاري بہ ٿي محبت جا آڙاھ بہ تيز ڪري وري لذت بہ چکائي ٿي .

عشق آن شعلہ است کو چوں برفروخت ہر چہ جز معشوق باشی جملہ سوخت

تیغ لا در قتل غیرِ حق براند * در نگر آخر کہ بعدِ لا چہ ماند

ماند الا اللہ باقی جملہ رفت * مرحبا اے عشق شرکت سوز رفت

شاد باش اے عشق خوش سودائے ما * اے طبیبِ جملہ علتہاء ما

اے دوائے نخوتِ ناموس ما * اے توافلاطون جالینوس ما

ماسوي الله جي ڪچري ڪان باطن واري گھر ڪي پي عبادت ائين پاڪ ڪري ٿي جيئن هٿن سان يا چَپِٽِيُن سان ويھي ڪک ڪيدي سارا اگھڻ جايون ورانڊا صاف ڪجن. تہ ڏاڍي مدت ڪان بعد صفا ٿيندا. پو بہ صفائي اهڙي سهڻي نظر نہ ايندي پر مرشد ڪامل جي توجهہ سان عشق جي سُرڪي پي وجد ۽ جذب سان باطن جي صفائي ائين ٿئي ٿي، ماسوي الله ڪان سينو ائين صاف ٿي وڃي ٿو، جيئن وڏي ٻهاري سان ڪو گھر جي اگھڻ ۽ جاين ڪي ٻهارو هڻي صفائي ڪري. تڏهن بزرگ فرمايو آهي واه واه عشق ! جو تنهنجو سوداءُ بہ چڱو آهي. تون سيني بيمارين جي دوا آهين تون اسان جي وڏائي ۽ آڪڙ جي دوا آهين ۽ اي عشق تون اسان لاءِ افلاطون ۽ جالينوس طبيب آهين. هر هر ڪهڙا پنهنجي محبوب جي محبت ۽ عشق جا حال اورجن.

عشق جِيِي جَرَ ٿئي جَرَ، جن ڪي لڳي پڇ تن ڪان خبر.

هميشہ پنهنجي مولا ڪريم جي وندر ڪپي. انسان پوءِ آهي جنهن ۾ اُنس ڪونهي اهو انسان ڪونهي. الله وارن جي ملڪيت ۽ شاهوڪاري رب جو عشق هوندو آهي.

جيئن شاهہ صاحب فرمايو آهي :

ڪيهي ڪام ڪاپڙي تا اهڙي رَوَش رَوَن

نَڪا دل دوزخ ڏي نَڪي بهشت گهُرن

نَڪي ڪم ڪُفار سين نَڪي مسلماني مَن

پر سدا ائين چَون تہ پرين ڪجوم پانهنجو

جيڪڏهن پرين پنهنجو ٿيو تہ ڪهڙي ڪاڻ جهان جي. اي شاهہ صاحب ! دل گھري ٿي تہ توهان بہ انهي محبت ۽ عشق مولا جي مٺي درياء مان ڪجهہ ڍڪ پي ڏسو.

پيئندو تہ ساري گذريل حياتي تي ارمان جا ڳوڙها هاريندا رهندئو تہ افسوس جو مان هڙي يار حقيقي کان منهن ڦيرايون ٿي وتيس. جنهن عبادت ۾ يار جي وصال جي خوشبوءِ نہ اچي اها کهڙي عبادت آهي. اها عبادت افساني جي مثل آهي. پر اهو قرب منهنجي مرشد ڪريم وٽان حاصل ٿيندئي.

سٹ ساری وہم گمان * انہاں پیراں وچ رب ملندئی

مدرسي ۾ جيڪي شاگرد پڙهندا آهن تہ سڀ هڪ لياقت جا نہ هوندا آهن نہ سڀ صاحب ذهن ۽ فهم جا هوندا آهن. عربي وارن جي لياقت ٻي هوندي پارسي وارن جي ٻي هوندي، سنڌي وارن جي ٻي هوندي. پوءِ ممتحن ڪنهن جي ڪَچَائي ڏسي هر هڪ کي ناپاس نہ ڪندو آهي. انهي درٻار تي پورو عقيدتمند بنجي وڃي انهي سڪ جي سُرڪي پي ڏس.

سون ۽ عشق ماسي يا رَتِئين وِڪامندو آهي. پر هن جوان (پير مٺا سائين) وٽ مَٽِين پيو ٿو وِڪامي. هئي جي ڪو خريدارهجي! سيد علي اڪبر شاه ميهڙ وارو جيڪو صحيح نموني سان اهلِ باطن ۽ صاحبِ ذڪر ۽ مريدن خادمن وارو هيو، منهنجي مرشدن سان روبرو مجلس ۾ سندن تقرير ويهي ٻڌائين. عقل جي تارازي ۾ توريائين جنهن مان معلوم ٿيس تہ بي شڪ هي جوان ڪنهن ٻئي ملڪ جو ماڻهو آهي جو اُڪريلن باغن جا ميوا ٿو ڪارائي. يڪدم سندن هٿ تي بيعت ڪيائين هينئر انهي حال جو انسان ٿي ويو آهي جو مهيني ۾ چار پنج دفعا ٿو حضرت صاحبن جي خدمت ۾ وڃي. هڪ سيد، عالم، عارف، دنيا ۾ وڏيڪ عزت وارو باوجود انهن فضيلتن جي طالب مولا ٿي نهايت مؤدب نهايت نيازمند ٿيندي ڏٺوسون. سُرڪي پيتائين تہ آڪڙ ويئي. گذريل يارهين تي اندر حضرت صاحب جن گهرايو حضرت شاه صاحب کي، حضرت صاحب جن ڪرسي ڏني. ڏٺوسون ٿوري دير ڪان بعد اٿي حضرت صاحب جن کي وچڙو هٽڙ بيٺو. سو انهن رحمت وارن ڏينهن کي ياد ڪري ڪنهن ڏينهن پيو ارمان ڪبو. ڪوشش ڪريو اسان جي دلڙي ٺاريو. اهو ڏاج توهان جي خاندان جو آهي. سهڻو بہ توهان کي لڳندو. شادي واري ٽائيم گهوٽ سينگاربو آهي ان جي خوشي ۾ پيا بہ عمدا نوان ڪپڙا پائيندا آهن ۽ خوشيون پيا ملهائيندا آهن پر انصاف سان ٻڌايو گهوٽ جهڙو سينگار يا خوشي ٻئي کي هوندي؟

يا رهندي هرگز نہ. سو اهل بيت جو خاندان مان ۾ شان وارو خاندان آهي. معرفت جو خزانو ڀين کي ذرو ذرو نصيب ٿيو، انهيءَ ذري ملڪن کي رنگ لاتو پر جي اهو خود پنهنجي خزاني جو پاڻ مالڪ ٿئي تہ ڪهڙو نہ نهندو ڪهڙو وٽندو. عناد ۽ ضديت ڪيڏي انصاف جي پاڻ ڪندؤ تہ ههڙو شخص دنيا ۾ ليڻ مشڪل آهي. جتي طمع ڪانهي، جتي دنيا جي ڳالهہ ڪانهي، جتي عشق ۽ دين محمدي ڪان سواءِ سبق ڪونهي، جتي پنهنجي ۽ پرائي نئين ۽ پراڻي امير ۽ فقير شاه ۽ گدا جو سوال ڪونهي، جتي ڪنهن سان خوشامد ڪانهي، جتي پاهڻ گهرن ۾ هڪ بہ بي نماز پر بي تهجد ڪونهي. جتي مرٽي ۽ پرٽي ۾ شريعت ڪان سوا ڀيو شيطاني ڪم ڪونهي. جتي الله جي ذڪر ڪان سوا ڀي تنوار ڪانهي، جتي علمي تقريرم ڪنهن تي حملو يا ڪفر چوٽو ڪونهي، جتي سندس ديدار ڪرڻ سان رب ڪان سواءِ ڀيو ماسوي الله جو نشان ڪونهي.

الله اسان جو الله آهي، رسول اسان جو رسول آهي، مرشد اسان جو مرشد آهي. مرشد نہ الله آهي نہ رسول آهي. بلڪہ الله ۽ رسول جي ملڻ جو در مرشد ڪامل آهي. ڪنهن جي چوڻ يا مجبور ڪرڻ تي نہ بلڪہ پنهنجي انصاف سان وڃي ڏس ائين معلوم ٿيندئي تہ هيئن دين محمدي ڪنهن نہ سيکاريو.

ائين عشق ۽ شرع ڪنهن نہ گڏايا ، ائين سينا روضة من رياض الجنة ڪنهن نہ بنايا.

باقي اڳين جو ڪمال ڪري ڏيکاريا تہ ماڻهو بہ قدرداني وارا، طالب مولا جا هوندا هئا. هينئر آخرين وقت آهي. باقي جو ڪنهن ڪم نصيب کي ڏسي محروم ٿيو اهو نامناسب آهي دربار محمدي ۾ بہ منافقن جا ٽولا رهندا هئا. يا ڪي معاند ٿي ويندا هوا. اهو ڪو ڪمال جي گهٽتائي جو دليل ڪونهي. ڪوشش ڪري سعادت ابدي حاصل ڪيو. حضرت صاحب جن هن ايندڙ خميس تي لاڙ وڃڻا آهن. ٺنڊي الهيار جي طرف. وقت ملي تہ مختيار ڪار صاحب کي هي اسان جو نيازنامہ ڏيکاريندا جو هنن اکرن جو انصاف اهو ڪندو. زياده خير والسلام

الباقي عند الملاقي

فقير لا شيءِ الاهي بخش غفاري

مڪتوب:

محب مڪرم، احب اڪرم، ايرادتمند جناب فقير محمد صاحب !

بعد اسلام عليڪم و رحمة الله و برڪاتہ . المرام غريب نواز توهان جو خط پهتو احوال معلوم ٿيو. ان جي جواب ۾ لکجي ٿو تہ محبت جي گهٽ ٿيڻ ۾ مرشد کي گهڻو ياد ڪريو ۽ مرشد جي مدح جا غزل پڙهندا ڪريو ۽ الله جو ذڪر گهڻو ڪندا ڪجو. ذڪر سان محبت رکجو. منهنجي پرين سان لنؤ لڳائجو. اهڙو دوست دل تان نہ وسارجو. پنهنجي دوست سان ٻول ٻدل ٻانها ٿي گذارجو. وفادار ٿي گذارجو. پنهنجو قيمتي وقت ۽ دنيا جي غمن ۾ نہ وڃائجو. بي بقا ۽ بي وفا دنيا سان دل نہ لائجو. مسافرانہ طور گذارجو.

مهربان! مخالفت ۽ عداوت ۽ ڦڪاوت تہ هن جماعت جو ڏاج آهي. جي حضرت ابراهيم عليہ السلام جو نمرود مخالف نہ ٿئي ها تہ رب ڪريم آڙاهہ کي باغ نہ بنائي ها. حضرت موسيٰ عليہ السلام جو فرعون مخالف نہ ٿئي ها تہ سندن معجزا ڪيئن ڏسجن ها. درياءَ مان ڪيئن پار پهچي ها. طور سينا جون تجليون ڪيئن ڀسي ها. حضرت عيسيٰ عليہ السلام جا مخالف نہ ٿين ها تہ چوٿين آسمان تي ڪيئن وڃي ها. حضرت محمد مصطفيٰ ﷺ جو ابو جهل مخالف نہ ٿئي ها تہ آسمان تان چنڊ ڪيئن چيرجي اچي ڪلما پڙهي ها. حجر ۽ شجر مصطفيٰ ﷺ تي ڪيئن شهادت ڏين ها. مصطفيٰ ﷺ جا معجزا ڪيئن ڏسجن ها.

حضرت امام حسين رضي الله عنه جو يزيد مخالف نہ ٿئي ها تہ پاڻ شهادت جو جام ڪيئن پيئن ها. اوليائن جا مخالف نہ هجن ها تہ ڪيئن طالبن جا سينا فيض سان پرپور ٿين ها. ڪيئن دنيا تي فيض محمدي جون ڇوليون هجن ها. اهو سڀ ڪجھ دشمنن جي دشمني جو اثر اٿئي. شيطان نہ اچي ها تہ سچن ۽ ڪوڙن جي پرڪا ڪيئن ٿئي ها. فقيري ۽ ديند اري تي دشمنن جي دشمني مصطفيٰ ڪريم ﷺ جي سنت آهي. مخالفت من ۽ روح جي راحت آهي. آخرت جي نجات آهي. نيڪي ۽ ڀلائي جي بشارت آهي. ايمان وارن لاءِ فرحت آهي. اوليائن لاءِ باعث ڪرامت آهي. مخالفتن کي ڏسي هرگز ملول نہ ٿجو پاڻ وڏيڪ دين جي رستي ۾ وک وڌائجو. وَالسَّلَامُ عَلىٰ مَنِ اتَّبَعَ الْهُدَىٰ

فقير لا شيءِ الاهي بخش غفاري انصاري خانپور.

مڪتوب:

مهربان قدردان عاليشان جناب فقير محمد صاحب !

بعد تحفهٔ تسليم و تحية تڪريم.

مهربان ! الله جو ذڪر گهڻو ڪندا رهجو. يار جي يادگيري کان هرگز غافل نه ٿجو. دوستن کي به اها صلاح ڏيندا رهجو. خدا جو يادگيرو ٻنهي جهانن لاءِ ۽ هر جاءِ جي عزت آهي. خدا جو ذڪر مؤمن جي خوراڪ ۽ پوشاڪ آهي.

مصطفيٰ ﷺ جي شريعت جو سينگار لاهي نه ڇڏجو. اکين جو سرمون يار جي يادگيري ۾ روئڻ سمجهجو. نوڙت ۽ نياز هيٺاهين ۽ حليمت بردباري پنهنجي عادت بنائجو. تهجد نماز مخفي عبادت آهي. الله تعاليٰ ان کي زور پسند فرمائيندو آهي.

صلواة التسبيح هن ماه ۾ هر رات پڙهندا ڪجو. هن مهيني جا نفل ٻين مهينن جي فرضن کان به وڌيڪ آهن. دعا وقت تمام عاجزي ۽ نياز مندي سان دعا گهرندا ڪجو. پاڻ کي سيني کان گهٽ تصور ڪجو. مخالفن بي دينن جي صحبت کان سخت پرهيز ڪجو. انهن سان ضرورت جي وقت ويهڻ ڪاڪوس جي ويهڻ وانگر سمجهجو. ڪنهن سان حسد ساڙ بغض عداوت نه رکجو.

دنيا جو حرص نه رکجو. پاڻ کي ٻن ڏينهن جو مسافر ۽ مهمان ڳڻيندا رهجو. گهر جي ڀاتين ۽ گهرواري سان اخلاق سان پيش اچجو. انهن کي به ذڪر خدا جي تلقين ڪندا ڪجو. اهي به توهان جي سفر جا ساٿي آهن. اسان کان به پيرو نه ڇڏجو. اسان جي محبت توهان لاءِ ضروري آهي. جيترو محبت جو پانور هوندو ته اوتري ايمان جي روشنائي زياده هوندي. شوال جي مهيني جي ٻارهين تي ضرور اچجو.

زياده خير والسلام

فقير لا شيءِ الاهي بخش غفاري خانپوري.

مڪتوب:

محب الفقراء انيس الغرباء جناب فقير محمد صاحب

بعد تحفهء تسليم و تحية تڪريم معروض بہ

مطلب تہ جناب عالي ! توهان جو خط پهتو احوال معلوم ٿيو. مهربان اسان اڇڻ لاءِ سنبريل هواسون پر ڪن سببن ڪري اچي نہ سگهياسين پر هتي تبليغ جو ڪم جاري آهي.
الحمد لله ڪهڙي فيض برڪت جي ڳالهہ ڪجي. ڳوٺن جا ڳوٺ طريقي ۾ داخل ٿي رهيا آهن. وڏا وڏا ڏاڙيل، چور، زاني، موالي، چرسي، آفيمي بہ توبہ تائب ٿي نيڪ صالح ٿي رهيا آهن. محمد صديق پنجابي ۽ ميان حسن الله صاحب جي پارت اٿوَ انهن کي منهنجي اڪين سان ڏسندا. ميان حسن الله صاحب کي حڪيم فيض محمد ٺري واري ڪان دوا وٺي ڏيندا. ان جي بيماري منهنجي بيماري سمجهندا. اسان جي ٻچي جي پارت اٿوَ. فقيرن سان بہ ملاقات ڪندا رهو تہ محبت قائم دائم رهي. پاڻ بہ الله جي ذڪر ۽ فڪر ۾ ذاڪر ۽ شاغل رهندا. زياده خير والسلام.

فقير لا شيءِ الاهي بخش غفاري خانپوري

مڪتوب:

محترم مڪرم احب اڪرم جناب حاجي گل محمد صاحب

بعد اسلام عليڪم جي لکجي ٿو تہ توهان جو خط پهتو پڙهي خوش ٿياسون توهان جي لاءِ خاص دعا گهري سون. مهربان توهان لکيو آهي ذڪر بند ٿي ويو آهي. ٻڌو ذڪر ٽن ڳالهين جي ڪري بند ٿي ويندو آهي. مريد پنهنجي مرشد ۾ بي اعتقادي يا ڪو اعتراض ڪندو آهي تہ انجو ذڪر بند ٿي ويندو ۽ محبت گهٽجي ويندي آهي. ڪا شڪ ۽ شبهي واري شيءِ استعمال ڪندو، يعني بازاري شيون کائيندو يا هوٽلن جون شيون ڪاڏي جون کائيندو آهي تہ ذڪر بند ٿي ويندو آهي. ٽيو تہ اتي پاڪائي صفائي جو خيال نہ رکيو ويندو آهي. ڪو گناهہ صغيرو يا ڪبيرو ٿي پوندو آهي تہ ذڪر بند ٿي ويندو آهي. انهن جو علاج دل سان توبهہ تائب ٿيڻ ۽ استغفار پڙهڻ آهي. الباقي عند الملاقي وڌيڪ خير والسلام.

فقير لا شيءِ الاهي بخش غفاري.

مڪتوب:

نور چشم و راحت چشم جناب ميان حسن الله صاحب !

بعد اسلام عليڪم جي لکجي ٿو تہ توهان جو خط پهتو احوال معلوم ٿيو. مهربان توهان کو بہ فکر نہ ڪريو. رات جو گهڻو ذڪر ڪريو. اهي ڏاڙيل توهان کي سجاڳ ڪرڻ لاءِ آيا هئا تہ سجاڳ ٿي الله جو ذڪر پيا ڪيو. هڪ الله کان ڊڄو ماڻهن کان نہ ڊڄو. الله جو ذڪر دل سان ڪريو. پاڻهين الله تعاليٰ انهن جي دلين ۾ خوف وجهندو. توهان جو ڪو بہ نالو نہ وٺندا. اسان بہ انشاءالله نائين تاريخ ذالقعد تي پهچي، جلسو ملهائينداسون. عام جماعت کي پڌائي ڇڏيندا. ڪو بہ فکر نہ ڪندا. سهڻي نبي ڪريم ﷺ غار ثور ۾ ابوبڪر صديق رضي الله عنه کي چيو هو تہ : لا تحزن ان الله معنا غم نہ ڪر الله اسان سان گڏ آهي الله جي راهہ ۾ موت پلو آهي جو بنا حساب جي شهيد ٿي جنت ۾ وڃڻو پوندو. پلا جي ٽپڙ کڻي ويا اهو ڍونڍ ڪتا گهر مان ڪڍي گهر صاف ڪري ويا. ڪو بہ فکر نہ ڪريو. هيڏانهن بہ واه واه هوڏانهن بہ واه واه. وڌيڪ والسلام فقير لا شيءِ الاهي بخش غفاري

مڪتوب:

2 محرم الحرام 1401 هہ محترم مڪرم ايرادتمند فقير حاجي گل محمد صاحب !

اسلام عليڪم جناب عالي توهان جو خط پهتو احوال معلوم ٿيو. مهربان ! توهان کي انهن خوابن ۾ انهن بشارتن جي مبارڪ ڏجي ٿي. اِهي اوهان جي آخرت جون جايون آهن. اوهان کي ڏيکاريون ويون آهن تہ توهان کي پورو يقين ٿئي تہ توهان جو بہ پورهيو چڱائي جو يا فقيرن جي خدمت جو ڪيو آهي سو الله تعاليٰ ذرو بہ ضايع نہ ڪيو آهي، نہ ڪندو. هاڻي ئي ڏسي وٺو. پيو تہ حضرت امام رباني مجدد الف ثاني رحمة الله عليه مکتوبات ۾ فرمايو آهي تہ مون سان رب ٽن ڳالهين جو وعدو ڪيو آهي. سندن جماعت نقشبندي قيامت تائين هوندي. انهن کي پهريون تہ ايمان جي سلامتي سان دنيا مان روانو ڪيو ويندو. پيو انهن کي جنت جي جاءِ ڏيکاري پوءِ ماريو ويندو. ٽيون جيڪي بہ رياضتون ۽ محنتون ۽ ذڪر اذڪار يا مرشد جي دروازي تي جيڪي پنڌڙا ڪيائين، انهن جو اجورو دنيا ۾ ڏئي پوءِ دنيا مان لاڏاڻو ڪرايو ويندو. وڌيڪ خير السلام . فقير لا شيءِ الاهي بخش غفاري

فقيرن لاءِ اصول

سڀني فقيرن اهل ذڪر وارن کي اطلاع ٿو ڪجي تہ هيٺين شرعي اصولن تي انهن کي هلڻ لازم آهي جيڪو ان اصولن کان بيزار هوندو اهو هن جماعت غفاريہ الاهيہ جو نہ ليکيو ويندو. اسان بہ ان کان بيزار رهنداسون.

❋ نماز فرضي ڪڏهن بہ نہ ڇڏي، نہ تهجد نماز ڇڏي.

❋ ڏاڙهي پوري مٺ رکي، نہ ڪوڙائي نہ ڪترائي.

❋ بيڙي، حقو، ناس، نسوار، صُلفي، ڀُنگري ۽ نشو نہ پيئي.

❋ چانهہ جي عادت نہ بنائي.

❋ نياڻين تان پيسو ۽ وياج ، جوا، رشوت، مڇي جي ٺيڪي جو پيسو هرگز نہ کائي.

❋ خلافِ شريعت شادي نہ ڪري نہ وڃي يعني دهلن سهرن، ناچن، راڳن تماشن سان جا شادي ٿئي ان ۾ شريڪ نہ ٿئي نہ پاڻ اهڙي شادي ڪري.

❋ ورثو ترڪو شريعت تي ورهائي پوءِ خير خيرات ڪري ۽ نياڻين کي بہ ورثو ڏئي.

❋ نياڻيون بالغ ٿين تہ هڪدم انهن جي شادي ڪرائي.

❋ تقويٰ ڪري. مشڪوڪ ۽ بازاري هڙ اڏوتهيل شيون استعمال نہ ڪري.

هي اسلامي شرط اهلِ ذڪر فقيرن کي ادا ڪرڻ ضروري آهن. انهن شرطن جو باغي اسان جي جماعت جو باغي شمار ڪيو ويندو.

مڪتوب:

نورچشم وراحت جسم جناب ڪرم الله صاحب !

بعد اسلام عليڪم جي لکجي ٿو تہ توهان جو خط پهتو آهي پڙهي خوش ٿياسون. مهربان توهان ڪوبہ الڪو نہ ڪريو، اسان جون دعائون توهان کي مينهن واچ ڪيون پيون اينديون. ٻچا ڪوبہ الڪو نہ ڪندا. الله تعاليٰ توهانجو مددگار آهي ۽ هوندو. آءُ توهان تي ۽ توهان جي ساٿين تي ڏاڍو راضي آهيان. خدا وٽ توهان لاءِ هروقت درخواست گذار آهيان. شال الله تعاليٰ اوهان کي ڪامياب ڪندو. ڪرمپور شريف کي اوهان کي آباد ڪرڻو آهي.

فقير الاهي بخش غفاري

بروز منگل ۵ رجب المرجب سنہ ۱۴۰۳ھ

محب الفقراء انیس الغرباء جناب فقیر غلام مصطفیٰ صاحب   بعد السلام علیکم ورحمۃ اللہ وبرکاتہ جناب عالی ہم اللہ کی مہربانی سے خوش باش بیٹھے ہیں۔ رب العالمین تعالیٰ شانہ کی رضا کے بغیر کوئی فکر نہیں ہے۔ ہر فرد فقیر کو بھی یہی تعلیم تلقین کرتے رہتے ہیں کہ اپنے رب سے دل کا رابطہ ذکر اللہ کر کے اور اتباع شریعت کر کے حاصل کرلو۔

اندر ھو تے باہر ہو اُت باہو کتھ لبھدا ھو
ھو کرے روشنائی اتے چھوڑ اندھیرا ویندا ھو
ھو دا داغ محبت والا دم دم نال سڑیندا ھو
واہ نصیب تتھاندے باہو جے ھو کوں صحیح کریندے ھو

جیسامزہ اللہ تعالیٰ کے ذکر اور فکر میں ہوتا ہے اس کا کوئی انداز نہیں۔ لیکن نصیب شاملِ حال ہو۔ مہربان اس طریقہ نقشبندیہ کا دارومدار صحبتِ پیر پر ہوتا ہے جتنی محبت اور ارادے کے ساتھ پیر کی صحبت کرتا ہے اتنا باطن میں فیض برکت کا اضافہ ہوتا ہے۔

گر ہمی خواھی مرد گردی اے فقیر   صحبتِ صاحبدلاں را پیشہ گیر

یعنی اگر تو مردِ خدا بننا چاہتا ہے تو کسی اللہ والے فقیر کی صحبت کرتا رہ۔ اللہ والوں کی صحبت عین اللہ تعالیٰ کی محبت ہوتی ہے۔ یہ مسئلہ ہر آدمی نہیں جان سکتا ہے مولوی لوگ بھی اس مسئلہ میں بے خبر ہیں۔
تم آتے نہیں ہو تو خط کتابت میں اپنا حال احوال لکھتے رہو ابھی گذشتہ ماہ میں بڑا سالانہ اجتماع ہوا تھا' اس میں ہر طرف سے کثیر جماعت آئی تھی۔ پوری سندھ اور پنجاب اور بلوچستان سے بھی لوگ باقبائل آئے تھے۔

مہربان یہ طریقہ عالیہ سریع الاثر ہے۔ جلد طالب کو فائدہ ہوتا ہے لیکن شرط آنا جانا ہے آ نہیں سکتے تو خط لکھتے رہو۔ تم جب خط کتابت کرتے ہو تو یاد آتے ہو اس طرف بھی ہمارا فقیر ہے۔ حال احوال دیتے رہو۔ اور ذکر فکر خوب کرو دیکھو ذکر تم کو کس طرح ہمارے پاس پہنچاتا ہے شریعت کا اتباع کرتے رہو اور اپنے گھر والوں کو بھی شریعت اور طریقت کی تاکید کرتے رہو اور اللہ والوں کی کتابیں پڑھتے رہو اور تہجد نماز پابندی سے پڑھو اور نماز باجماعت پڑھتے رہو دنیا فانی اور بے بقا ہے آخرۃ کی فکر ہر وقت کرتے رہو دنیا کے طالب نہ بنو ایک دن چھوڑ جانا ہے۔   زیادہ خیر والسلام

فقیر لاشیء الاہی بخش غفاری

مڪتوب:

مهربان قدردان بلند مڪان جناب فقير محمد حسين صاحب

بعد تحفہ تڪريم و تحيہ تسليم معروض بہ.

جناب عالي، توهان جو خط پهتو پڙهي ڏاڍا خوش ٿياسين. هاڻي هي چند ارشادات توهان ڏانهن لکجن ٿا. انهن کي دل سان پڙهو ۽ انهن تي عمل ڪرڻ جي ڪوشش ڪيو.

هميشہ مالڪ سائين جي ذڪر فڪر ۾ مست رهو. خدا جي فرضن ۽ حضرت محمد مصطفيٰ ﷺ جي سنتن تي پوري طرح پابند رهو. ڪنهن سان بہ جهڳڙو نہ ڪريو. سچ ڳالهائڻ جي عادت بڻايو. پنهنجو سينو غير الله کان واندو رکو. اندر جي ميدان کي ماڻهن جي گلا غيبت ڪرڻ کان بچايو. سينو وڏي تلاء وانگر ڪشادو بڻايو. پنهنجي نفس کي سيني کان ذليل ڄاڻو. ڪڏهن ٺهڪ ڏئي نہ کلو بلڪ هيٺئين آواز سان مشڪڻ ڀلو آهي.

غافل کي ڏسو تہ مٺي زبان سان نصيحت ڪريو. ڪنهن جي بہ ايذاء رساني نہ ڪريو. توڙي جو ڪنهن کان توهان کي ايذاء بہ پهتو هجي. اجايون فضول ڳالهيون نہ ڳالهايو.

بدخيالن ۽ بدنظرن کان بچو. شہ ناڪ ۽ بازاري شين کان پرهيز ڪريو. غريبن ۽ يتيمن جا مددگار بڻجو. منهن ۾ خوش ڏيکار جو دل ۾ سدائين غمناڪ رهو. ڪنهن جو راز ظاهر نہ ڪريو. ڪنهن جي گهٽتائي نہ ڪريو. هر هڪ کي فائدو پهچايو. خليق، صابر ۽ شاڪر ٿي رهو. ڪو بہ توهان سان بڇڙو ٿي هلي تہ ان سان بردباري سان پيش اچو ڪنهن سان بغض نہ رکو. وڏن جي عزت ڪريو. ننڍن سان شفقت ڪريو. امانت ۾ خيانت نہ ڪريو. ڪنهن کي برو نہ چؤ. ڪنهن سان گهٽ وڌ نہ ڳالهايو. نمازن سان محبت رکو. غريبن ۽ مسڪينن کي پنهنجي مجلس ۾ جڳهہ ڏيو. مسڪينن ۽ بکايلن کي ڪاڏو ڪارايو. پاڙيسرين کي راحت پهچايو. ڪنهن جي مذمت ۽ چغلخوري نہ ڪريو. پنهنجي حياتي تي ناز نہ ڪريو. پاڻ کي مسافر ۽ راهي ماڻهو سمجهو. هن حياتي کي بي وفا ۽ بي بقا سمجهي وطن آخرت جي لاءِ اداس گذاريو. يار جي يادگيري ۾ حياتي بسر ڪريو.

بس زياده خير والسلام

فقير لا شيءِ الاهي بخش غفاري

مڪتوب:

مڪرم محترم ايراد تمند فقير محمد صديق بعد اسلام عليڪم ورحمته الله وبرڪاته .

جناب عالي بزرگن فرمايو آهي تہ : رب جو ملڻ پير جي صحبت مان حاصل ٿيندو آهي. اسانجي حضرات نقشبندين وٽ پير جي محبت ۽ رابطو وصول الي الله جو احسن ۽ اشرف ۽ اقرب رستو آهي. جن پير ڪامل جي محبت جو سودو حاصل ڪيو سي وڏي ولايت جا صاحب بنجي ويا. خدا جي قرب جو در پير وٽان کلندو آهي. اندا ري دل پير وٽان روشن ٿيندي آهي. پير وٽان اها شيءِ ملندي آهي جو دل ۾ هڪ يار جي محبت پيدا ٿيندي. اها فقيري آهي جو. حضرت امام رباني مجدد الف ثاني رحمۃ اللہ علیہ فرمايو آهي تہ جيتري تنهنجي پير ڪامل سان محبت هوندي اوتري خدا جي محبت تو ڪي ملندي. ان ڪان هڪ ذرو بہ گهٽ وڌ نہ ملندي. چو تہ

پير ڪامل: الله جي تحفن مان هڪ تحفو آهي.

- رب جي نعمتن مان هڪ نعمت آهي.
- پير ڪامل خدائي خزانن مان هڪ خزانو آهي.
- پير ڪامل خدائي اسرارن مان هڪ اسرار آهي.
- پير ڪامل توحيد جي درياء جي غواصن مان هڪ غواص آهي.
- پيرڪامل گناهن وارا لباس لهرائي محمدي لباس پهرائڻ وارو مرد آهي.
- پير ڪامل ڇنلن کي رب سان ملائڻ وارو جوان آهي.
- پير ڪامل دنيا آخرت جي رفيقن مان هڪ رفيق آهي.
- پير ڪامل دل وارن فقيرن کي جنت وٺي وڃڻ جو ضامن آهي.
- پير ڪامل مريض دلين جو حاذق حڪيم آهي.
- پير ڪامل جي نظر ۾ مِهر ڪيميا گر بنائيندڙ آهي.
- پير ڪامل حضرت محمد مصطفيٰ ﷺ جي دربار ۾ ويهڻ جي لائق بنائڻ وارو آهي.

الله ڪريم شال پير ڪامل جي سڃاڻ ، محبت ۽ صحبت نصيب فرمائي.

وَالسَّلَامُ عَلٰى مَنِ اتَّبَعَ الْهُدٰى فقير لا شيءِ الاهي بخش غفاري

حضرت محبوب الاهي جي شاعري جي هڪ جهلڪ

تنهنجـي ديـدار لئـي دلبـر، لڳـم لُنـؤَ لُنـؤَ انـدر لـوري،
بـره بيحـال ڪيـو بـي وس ، ڪسـي دل يـار وئـين زوري.
پـاري بـاهيون بـره واريـون ، مچـائي مـچ وئـين منـڙا،
اُجهـائڻ جـا نـہ ٿـا ٿـين مـون ، ٻـري انـدرُ جئـين ڪـوري.
مـاري معذورِ وئين منـڙا ، ڪيئـي نـا ڪهل ڪـا مُئيءَ تـي،
فـراقن ۾ ڦَٿـي آهيـان ، جانـب جـيءَ ۾ لاتئـي جهـوري.
پـانئيو مـون هـو ڪنـدين مـون سـان ، پلائـي ڪـا پـلارا تـون،
دلـين ۾ دامَ وجهـي دلبـر، ڪسـيئي مـون ڪـان سُـرت سـاري.
گُهورن تنهنجي گهائي آهيان، مُرڪ تنهنجي ماري آهيان،
اڪـين تنهنجـي آزاري آهيـان، ويـا مـون ڪـان وطـن وسـري.
”الاهـي بخـش“ تـي منـڙا، فضـل جـو ڪـر اَچـي ڦيـرو،
پلائـيءَ جـو ڪنـدين پيـرو، ٿيـنـدا دڪـڙا سـيئي دوري.

غزل

نہ ٿوَ دوست ڏنو منهنجو يار اديون، ڪڏهن ڪونہ ڏيو ها ميار اديون.
جـن يـار ڏنـو تـن جـا سُـڪڙا ويـا ، سـينديون سُـرما هـار سـينگار ويـا،
اچي درد سندا تن ۾ دونهڙا دُکيا، بي وس تي ڪن پيون پُڪار اديون.
جن نينهن لڳو منهنجي دوست سندو، موج مستي ۾ نا تـن سِيهَن سندو،
پِـرت پـرين جـي وسـري وِيُـن ڏنـدو، بـي حـال ڪيـا لنـؤ لغـار اديـون.
سونهن سهڻل جي موهي مست ڪيا، مثل مجنون جي سي بيوس ٿي ويا،
سوز سڄڻ جي ڪيئي سينا سڙيا، راتيان ڏينهان انهن آ پچار اديون.
ڪيئي دوست منهنجي ڪيا چُور چريا، سي گهر ڪان وتن ڏينهن رات ڦِريا،
مـاڻهو ڪـوڙ سـڏن پيـا تـن کـي ڪريـا ، هـاءِ تَنَ ۾ تَـنِ جـي تنوار اديـون.
آءٌ ڪيـئن ڪيـان نـا آرام اچـي، برهـہ باهـہ ٻـري ڪـورو خـام پچـي،
پچـر پـريَن ريءَ نـا آرام اچـي ، ويـا وسـري آهـن گهـر ٻـار اديـون.
”الاهي بخـش“ اگهيـا عـرض تنهنجـا هـن، ديـرا دلبـر دل ۾ لايـا هـن،
قـادر قـرب لڪـين فرمايـا هـن، ڳـڻ ڳـائڻ ڪـان بـہ اپـار اديـون.

انتقال پُر ملال :

عمر جي آخري ايام ۾ ڪين ڪافي بيماريون ٿي پيون. جيئن شگر، دل ۽ گُردن جي تڪليف وغيره. پر اهڙي حال ۾ به پاڻ صابر ۽ شاڪر رهيا. ٻن ماڻهن جي سهاري سان هلي اچي به مسجد ۾ نماز باجماعت ادا ڪندا هئا. آخري ايام ۾ به اشارن سان به تهجد نماز ادا ڪندا رهيا. بالآخر 24 ربيع الاول 1411هه سومر رات هڪ بجي هي آفتابِ ولايت، ماهتاب ڪرامت 63 سالن جي عمر ۾ هن جهان کي الوداع چئي دارالبقا جو راهي ٿي ويو. انا لله وانا اليه راجعون سندن وصال جي پيانڪ خبر طوفان وانگر پوري پاڪستان ۾ غم جو غبار بنجي پکڙجي وئي. سندن فراق ۾ هر اک اشڪبار هئي. سندن مريدين، متعلقين، دوستن ۽ گهروارن جي دل کي هڪ وڏو صدمو رسيو. پاڻ جنهن ڪمري ۾ پنهنجي زندگي جا آخري پساهه پورا فرمايائون ان وقت سندن ڪمري جو گهڙيال بند ٿي ويو جيڪو سيني گهر وارن ڏٺو. غسل ڏيڻ وقت سندن جسد مبارڪ مٿان برسات جون بوندون برسڻ لڳيون. حالانڪ ان ڪان اڳ آسمان ۾ بادل به موجود نه هئا. برسات به صرف سندن محلي مٿان هئي. جڏهن سندن جسم مبارڪ ٻاهر آندو ويو ته پنهنجا توڙي پراوا، ننڍا توڙي وڏا، پوڙها توڙي جوان زارو زار روئڻ لڳا. ڏک ۽ غم جي لهر هر هڪ جي اک کي آلو ڪري ڇڏيو. جنازه نماز هن فقير (ڪرم الله) پڙهائي ۽ بعد ۾ ان نوراني ۽ روحاني چهري جو آخري ديدار ۽ درشن ڪرائي ڪين دارالنعيم ڏانهن ڪٽي هلڻ لڳا. ان وقت دل جي صدا هيءَ هئي:

سرو سیمینا بصحراء مے روی، سخت بے مہری کہ بے مامے روی
اے تماشا گاہ عالم روئے تو، توکجا بہر تماشا مے روی

پوءِ ڪين دربار عاليه فضل آباد شريف ماتلي جي مانَ واري ماڳ ۾ سندن جوڙايل جامع مسجد غفاري جي پرسان سندن عبادت واري جاءِ تسبيح خاني ۾ آرامي ڪيو ويو.

جتي سندن مزار پر انوار اڄ به مرجع خلائق آهي.

اے کہ بودی توجانِ محفلِ ما، دُور رفتی مگر نہ از دلِ ما

وصال جو قطعہ:

کجا رفتی کجا بینم ، ترا دلبر کجا جویم،
کجا رفت آں رخ انور، سخن شیریں کجا شنوم۔
جگر زخمی ز فرقت تو، و دل بریاں شدم دلبر،
ز مہجوری کنم فریاد ، زائد می شود دردم۔
فراقِ تو مثل محشر، شدہ بر کرم **اللہ** کمتر،
بیا اے مظہر نوری، ترا فریاد ایں کردم۔

۱۴۱۱ ھ

پیرِ ما غوثِ زماں ، رفت آں کامل ولی،
قطبِ دوُراں روح عرفاں، رفت آں دلبر دلی۔
کس ندیدہ مثل او صاحب کمال اندر جہان،
عاشق وعارف وعالم بود او شاہ شہاں۔
سال تاریخش چوں جستم، داد ہاتف ایں دلیل،
انت حسبی انت ربی انت لی نعم الوکیل

۱۴۱۱ ھ

قطعہ

ندیدم مثل تو جاناں، شدم بہر تو دیوانہ، بیا ساقی بہ میخانہ، بدہ یک جرعِ بے غم،
شبِ فُرقت نمی گذرد، چشم از خونُ مے گرید، ترا دلبر نمی بیند، شدم مشتاق محزونم،
عجب اوقات آں احسن، مثل سایہ بتو بودم، چرا کردی جدا جاناں، کہ آخر سگ درت بودم،
منم مسکین کرم **اللہ**، کہ تیرِ ہجر خوردہ ام، کنم فریاد از فرقت، وصالِ یارمے جویم۔

بسم الله الرحمان الرحيم

ڪتبہ مزار

سخي پير خواجہ **الاهي بخش**، سچڻ منهنجو سيني کان سهڻو سُنو.
نہ صورت ۾ سيرت ۾ ثاني سندن، اسان کي آهي قرب تِنهنجي ڪُنو.
جدائي ۾ جانب جي اکيون رئن، ڏسو چٽڪ آ مينهن سانوڻ اُنو.
نگاهن ۾ نرمل جي تاثير هئي، سُخن تنهن سچڻ جو ماکيءَ کان مِٺو.
گهائي گهور اُنجي وِڏا سوَ هزار، جهين جهلڪ هڪڙي بہ جانب ڏِنو.
سندن در تان سوالي نہ خالي وَريو، آيو کو بہ کهڙو بہ مُوڙهو مُنو.
ڏيکاري ربي راهہ رانجهن اچي، مِلايئين ٿي هر هڪ کي جنّت چِنو.
شريعت طريقت حقيقت حقي، مِٺي معرفت کي کيائين ڪنو.
ٿيهٺ سال سهڻي سندي ٿي ڄمار، اوائل چوڏهن سو يارهن تنهن ڏنو.
سومر رات ربيع الاول ماه هو، چوويهين چلي پيو سو ساجن سُنو.
ڏني هر طرف هيءَ هاتف صدا، عشق ۾ هي شمس الشريعت ڪُنو.

1411ھ

صبر ڪر اي عاجز ”ڪرم الله“ فقير،
ٿيندين جلد تون جانبن سان ڪَنو.

سندن مزار پر انوار جي پيراندي کان لکيل ڪتبو.

شاديون ۽ اولاد :

پاڻ ٽي شاديون ڪيائون ۽ هر هڪ بيبي صاحبہ مان ڪين اولاد ٿيو. وصال وقت پنهنجي پويان بہ گهرواريون، نَو پٽ ۽ آٺَ نياڻيون غمزده ڇڏيائون. سندن اولاد فرزند توڙي نياڻيون سڀ شادي شده ۽ اولادي آهن. پاڻ پنهنجي گهر وارن سان تمام سهڻي سلوڪ سان پيش ايندا هيا. سنت ۽ شريعت تي عمل ڪرڻ جو تاڪيد ڪندا هئا. اولاد جي تعليم ۽ تربيت، ادب ۽ اخلاق سيکارڻ جو خاص اهتمام ڪيائون. گهر وارين سان پوري انصاف سان پيش ايندا هئا.

پهرئين گهرواري ۽ ان مان اولاد:

محترمہ بيبي خاتون: هي بيبي سائڻ سندن سؤٽِ هئي. پاڻ ان سان 15 صفر 1361ھ بروز جمعہ نڪاح ڪيائون. بيبي سائڻ تمام نيڪ صالح ۽ پرهيزگار عورت هئي. سندن حياتي ۾ ئي وفات ڪري وئي.

1. صاحبزاده باقي با الله : هي صاحبزادو ننڍپڻ ۾ فوت ٿي ويو.

ولادت : 21 شعبان 1370 ھ دوشنبہ وقت شام . وفات : ذوالحج 1378ھ

2. صاحبزاده مولانا مولوي ڪليم الله:

ولادت : 26 رجب المرجب 1373 ھ وقت صبح صادق.

پاڻ نيڪ صورت ۽ نيڪ سيرت جا مالڪ ۽ عالم باعمل آهن. فارسي جا ابتدائي ڪتاب مولانا علي گوهر قمبراڻي وٽ پڙهيا. صرف نحو ۽ فقہ جا ابتدائي ڪتاب جيئن منية المصلي، نور الايضاح قدوري وغيره نوڙهي ڳوٺ ۾ استاد العلماء مولانا احمد علي دايو وٽ پڙهيا. درس نظامي جا باقي ڪتاب ۽ احاديثِ مبارڪہ جا ڪتاب شيخ الحديث استاد العلماء حضرت علامہ ڪريم بخش ميهڙ وارن وٽ پڙهيا. ڪجهہ وقت علامہ يار محمد رحمۃ اللہ علیہ وٽ بہ پڙهيا. دورهءِ تفسير القرآن رئيس التحرير حضرت علامہ فيض احمد اويسي مدظلہ وٽ خيرپور ناٿن شاه واري مدرسي خير العلوم ۾ پڙهيا. اتي سندن هم سبقن ۾ سندن سوٽ مولانا ثناء الله ۽ علامہ محمد ادريس ڏاهري بہ هئا. هن وقت پاڻ اصلي ڳوٺ خانپور ۾ مقيم آهن. اسڪول ۾ عربي استاد آهن. حضرت محبوب الاهي ڪين خلافت سان نوازيو هيو. ناسازيءِ طبع جي باوجود هن وقت بہ وقتًا فوقتًا تبليغي پروگرام ڪندا آهن.

3. صاحبزاده عطاء الله (اول) : سندس ولادت : 21 ربيع الثاني 1379 هه مطابق 1959 ع تي خانپور ۾ ٿي ۽ ننڍپڻ ۾ وفات ڪري ويو.

4. صاحبزاده نجي الله : ولادت : 28 رجب المرجب 1387 هه اربع وقت تهجد. پاڻ ننڍپڻ ۾ وفات فرمائي ويو.

5. بيبي حليمان : ولادت : 14 صفر 1363هه اربع وقت صبح.

6. بيبي رابعہ (اول) : ولادت : 22 رمضان المبارڪ 1365 هه اربع وقت صبح .

7. بيبي رابعہ (ثاني) : ولادت : 21 شوال 1367 هه جمعي جي رات، آڌي رات مهل.

8. بيبي بلقيساء : ولادت : 21 محرم الحرام 1376 هه جمعو

ٻين گھرواري ۽ ان مان اولاد:

بيبي هدايت خاتون بنت غلام رسول. امان سائڻ سان 22 رمضان المبارڪ 1374 هه ۾ نڪاح ڪيائون ۽ 2 شعبان 1375 هه ۾ رخصتي ٿي. سائڻ نهايت نيڪ صالح تهجد گذار عابده ۽ عارفہ عورت آهي. حضرت پير مٺا سائين جي مجلسن ۾ ويندڙ هئي. فرمائيندي آهي تہ مون ڪڏهن بہ پير سائين جي حويلي ۾ جُتي ڪو نہ پاتي. ڪڏهن پير سائين جي ڇهري ڪي بنا وضو جي ڪو نہ ڏنم. اڄ بہ پير مٺا سائين جو نالو ٻڌي ڪيس وجد اچي ويندو آهي. هن وقت پيري ۽ بيماري جي باوجود بہ ڪڏهن تهجد نماز نہ ڇڏيندي آهي. رات جو اڪثر حصو الله جي ذڪر ۾ گذرندو اٿس. سندس دعائون مستجاب آهن.

9. صاحبزاده حسن الله : ولادت : 7 صفر وقت ظهر سنہ 1381 هه

اَلوَلَدُ سِرّ لِاَبِيهِ جي مصداق سندن صورت ۽ قد بت محبوب الاهي ﷺ سان ملندڙ آهي. طبيعت ۾ منڙا، صورت ۾ سهڻا اخلاق ۾ اعليٰ آهن. مهمان نوازي ۽ خدمتِ خلق سندن امتيازي خوبيون آهن. استاد العلماء مفتي ڪريم بخش ميهڙ وارن وٽ پڙهيا. هن وقت دربار عاليہ ڪرمپور ۾ مقيم آهن. جتي هر مهيني ٻارهين جي رات محفل ٿيندي آهي.

10. صاحبزاده فضل الله : سندن ولادت 10 جمادي الثاني بروز آچر وقت منجهد سنہ 1383 هه ۾ ٿي. پرائمري تعليم ۽ ميٽرڪ گورنمينٽ هاءِ اسڪول خانپور ۾ ڪيائون. انٽر: گورنمينٽ ڊگري ڪاليج ماتلي مان ، بي اي، ايم اي اڪنامڪس سنڌ يونيورسٽي

مان ڪيائون. پنجويھ سالن کان تعليم کاتي سان لاڳاپيل آھن. ھن وقت تلھار ۾ بيٽ آفيسر آھن. مھمان نوازي ھمدردي، غريب پروري سندن خوبيون آھن.

11. ڪرم الله : منھنجي ولادت ماه جمادي الثاني 1385 ھ جي 29 واري اونداھہ ۾ سومر رات تھجد جي وقت ٿي. پنھنجي آتم ڪھاڻي عنقريب بيان ڪندس. انشاءَ الله

12. بيبي صفوران : ولادت : آچر 22 رجب 1378 ھہ

13. بيبي حميراء: سندن نيڪ نياڻي آھي جيڪا فقير عبد الرحيم جي نڪاح ۾ آھي.

14. بيبي صفيہ: ھي بہ محبوب الاھي جي دختر نيڪ اختر آھي.

ٽين گھرواري ۽ ان مان اولاد:

بيبي سعيده بنت حضرت خليفہ ڪمال الدين ﷫. بيبي سائڻ سان پاڻ 10 رجب المرجب سنہ 1385 ھہ شبِ جمعہ نڪاح ڪيائون. سائڻ نھايت صالحہ ۽ عابده آھي. امان سائڻ کان مون پڇيو تہ اوھان پنھنجي وَرَ کي ڪيئن ڏٺو؟ پاڻ فرمايائين : حضرت جن گھر ۾ نھايت شفيق ۽ خليق ھئا. خرچ پڪو درميانو ڪندا ھئا. اسراف کان بچندا ھيا. سادگي کي پسند ڪندا ھيا. ڪاڌي ۾ دال پسند ڪندا ھيا. ڪدو شوق سان کائيندا ھيا. ساڳ، پلي، بِھَہ سندن پسنديده کاڌا ھيا. ٻچڙن سان وڏي ٻاجھہ ڪندا ھيا. گھروارين سان ھڪجھڙو برتاءُ ڪندا ھيا. ڪا شيءِ وٺندا ھيا تہ ھڪ جھڙي وٺندا ھيا . ھڪجھڙو خرچ ڏيندا ھيا. مال ڏارڻ پسند ڪندا ھيا.

15. صاحبزاده خليل الله : سندس ولادت 1 ربيع الاول 1387ھہ بروز جمعہ وقت شام ٿي. پرائمري پنج درجا خانپور ضلع دادو ۾ پڙھيا. بعد ۾ پاڻ انٽر ڊگري ڪاليج ماتلي ۾ ڪيائون. ديني تعليم ۾ قرآن مجيد ناظرہ فارسي، عربي جا ابتدائي ڪتاب حيدرآباد ۾ پڙھيائون. ھن وقت پاڻ تعليم کاتي ۾ پرائمري استاد جا فرائض سرانجام ڏئي رھيا آھن. دعا شفا ۽ حڪمت ڪندا آھن. پري پري کان ماڻھو وٽن دعا شفا لاءِ ايندا آھن. پاڻ طبيعت ۾ بيباڪ، ڪشاده دل، ھمدرد، خوش خُلق، حيا ۽ ادب سان گڏ اعليٰ قد ۽ بت جا مالڪ آھن.

16. صاحبزاده عطاء الله : سندن ولادت 2 شعبان 1390ھہ آچر وقت صبح خانپور ۾ ٿي. ميٽرڪ ۽ انٽر ۽ ماتلي ۾ ڪيائون. ناظره قرآن مجيد ۽ فارسي مڪمل ۽ عربي جا ابتدائي

ڪتاب مدرسہ عربيہ انوار الاهي ماتلي ۾ مولانا مولوي گل حسن وٽ پڙهيا. هن وقت پاڻ پرائمري استاد آهن. پاڻ نيڪ سيرت، سهڻي صورت، خاموش طبع، خوش مزاج، دُور انديش، شفيق ۽ خليق آهن. صوم صلواة جا پابند، سنت ۽ شريعت جا پيروڪار آهن.

17. صاحبزاده مولوي شفيع الله :

سندن ولادت 15.3.1974 ۾ خانپور ۾ ٿي. اسڪول جي تعليم ماتلي ۾ مڪمل ڪيائون. بي ايس سي سيڪنڊ ڪلاس ۾ سنڌ يونيورسٽي مان، بي ايڊ سيڪنڊ ڪلاس ۾ علامہ اقبال اوپن يونيورسٽي مان پاس ڪيائون. ديني تعليم شروعاتي حضرت محبوب الاهي ۽ هن فقير (ڪرم الله) وٽ پڙهيا پوءِ ڪجھ ڪتاب مولوي عبد الستار لغاري ڪرمي وٽ پڙهي درس نظامي جي تڪميل ۽ دوره حديث دارالعلوم مجدديہ عثمانيہ ٽنڊو مان استاد العلماء شيخ الحديث علامہ مفتي عبدالرحمٰن وٽ مڪمل ڪري سند الفراغ حاصل ڪيائون. دوره تفسيرالقرآن پهريون علامہ فيض احمد اويسي بهاولپور وارن وٽ پيو پيرو مولانا اشرف علي گجراتي وٽ ڪيائون. پوءِ سند الفراغ شهادة العالمية بہ حاصل ڪيائون. پاڻ عالم باعمل آهن. صورت ۾ سهڻا، اخلاقن ۾ من مهڻا آهن. تقرير پر تاثير ڪندا آهن. هر هڪ سان مهر ۽ محبت سان پيش ايندا آهن. هن فقير کين سلسلہ عاليہ نقشبنديہ جي خلافت بہ ڏني آهي. پاڻ سُٺا شاعر بہ آهن:

سندن هڪ شعر ملاحظہ ڪندا:

غزل:

ڪري ويا ويڳاڻو وِيُس ٿي نِماڻو، روئي رات ساري پُسايم وهاڻو.
لٽي دل ڪٽي ويا هٽي دل کي ڏاڙو، ويو آ وڏي اڄ منهنجو روڄ راڙو،
جدائي جي سورن خاطر سِرُ ساماڻو.
ڪيو قرب ڪيڏو قريبن مون سان آ، ڪئي هر شئي تن مٺان مون فدا آ،
تڏهن تن مٺان مان بہ آهيان وِڪاڻو.
منهنجا سهڻا سانگي سدا سُونهن وارا، ٿي ساريان انهن کي سچا ڏينهن سارا،
روئي روئي راتيون ويس ٿي ماساڻو.

پڇن مون کان ماڻهو آهين ڇو منجهايل، اٿئي اي ”شفيع الله“ ڪتي دل وڪاڻل،
ڏسڻ ۾ اچين ائين جيئن گل ڪوماڻو.

18. صاحبزاده مولوي نعمت الله : ڪُنيت : ابوالوفا. تخلص : گل

سندن ولادت 3.3.1977 تي خانپور ۾ ٿي. بنيادي اسلامي تعليم مولوي عبدالستار لغاري، ۽ هن عاجز (ڪرم الله) وٽ ۽ پوءِ ڪجهه ڪتاب خود حضرت محبوب الاهي وٽ پڙهيا. درسِ نظامي ۽ دوره حديث علامہ مولانا انور حسين ميمڻ ۽ شيخ الحديث حضرت علامہ مفتي عبدالرحمان ٺٽوي وٽ مڪمل ڪيائون. شهادة العاليہ ۽ شهادة العالمية تنظيم المدارس لاهور مان ممتاز ڊگري ۾ پاس ڪئي اٿن. ميٽرڪ : گورنمينٽ بوائز هاءِ اسڪول ماتلي مان انٽر ڊگري ڪاليج ماتلي مان ۽ بي اي سنڌ يونيورسٽي مان ۽ ايم. اي اسلاميات سنڌ يونيورسٽي مان پاس ڪيائون. هن وقت پاڻ دربار فضل آباد شريف جي مدرسہ عربيہ انوار الاهي جا صدر مدرس هجڻ سان گڏ سرگرم مبلغ پڻ آهن. سلسلہ نقشبديہ جي اجازت هن فقير کين ڏني آهي. پاڻ نهايت با اخلاق عالم باعمل آهن. هر ڪنهن سان مهر ۽ محبت سان پيش ايندا آهن. تقرير ۽ تحرير جو قادر ڪريم کين ملڪہ عطا ڪيو آهي.

تصنيفات : پاڻ ڪافي ڪتاب لکيا اٿن جن مان ڇهہ تہ ڇپجي چڪا آهن.

1. نورالهديٰ في ذڪر المصطفيٰ : هن ڪتاب ۾ سيد الاولين والآخرين جي خصائل ۽ شمائل جي ذڪر سان گڏ سهڻي سردار مدني محمد مختار ﷺ جي ذات اقدس متعلق نور ۽ بشر جي عقيدي کي قرآن، حديث ۽ علماء راسخين جي اقوالن سان بيان ڪيو اٿن.

2. احسن الڪلام في غيب خير الانام عليہ التحية والسلام : هن ڪتاب ۾ حضور انور ﷺ جي علم غيب متعلق مدلل بيان ڪيو اٿن.

3. قرة العينين في تقبيل الابهامين : هن ڪتاب ۾ اسم محمد ﷺ جي تعظيم و توقير ڪرڻ ۽ اذان ۾ آڱوٺن چمڻ واري عقيدي جي شرعي حيثيت کي واضح ڪيو اٿن.

4. سيوا ڪر سمنڊ جي : هن ڪتاب ۾ قرآن ۽ حديث مان اخذ ڪيل ايمان افروز روايات کي سهڻي سلوڻي آسان سنڌي ۾ تحرير ڪيو اٿن.

5. نعمتِ خطابت : هي ڪتاب واعظين ۽ مبلغين لاءِ انمول تحفو آهي جنهن ۾ ٻارهن مهينن جا وعظ قرآن، حديث، تفسير ۽ اقوال علماءِ سان مدلل بيان عاليشان لکيل آهن.

6. اندر تون اُجار : تصوف جي موضوع تي هي عمدو ڪتاب آهي.

7. بياض نعمت : (مخطوط)

8. اندر جو آواز : سندس شاعري جو مجموعو (مخطوط)

سندس شاعري جي جهلڪ:

مصطفيٰ مدني پيارو نور نور ، آمنه جو لعل پيارو نور نور.
جائو مرسل آ مڪي ۾ مومنو، اتر اوپر ٻَرم سارو نور نور.
بت ڪريا سجدي اندر عربي ڏسي، هر طرف ٿيو ڪفر ڪارو نور نور.
گلن پوتن آسمانن ۾ خوشيون، آ غريبن جو سهارو نور نور.
”نعمت الله“ پيو ملهاءِ ميلاد تون، رک عقيدو عشق وارو نور نور.

نعت رسولِ اڪرم ﷺ

منهنجي ساه سندو سينگار، آهي مير مديني جو،
جڳ ساري سندو سردار، آهي مير مديني جو.
آهيان خسته شڪسته دل، ڏسان ماڳ مدينو شل،
اتي اڙين جو آڌار، آهي مير مديني جو.
هي ڏينهن وڇوڙي جا، تي مون لئي ورهه ويا،
ڪندو قرب اچي قربدار، آهي مير مديني جو.
پڙهه منڪر تون قرآن، ڏس عربي سندو تون شان،
ٿيو نبين جو سالار، آهي مير مديني جو.
وَرَفَعنَا چيو پرور، اُفقِ اعليٰ ويو سرور،
اهو سهڻو سخي سردار، آهي مير مديني جو.
”نعمت الله“ ٿيندين ڪنو، ملي جنت ويندو چئو،
اچي ساٿي لهندو سار، آهي مير مديني جو.

19. صاحبزاده حبيب الله:

پاڻ حضرت محبوب الاهي رحمة الله عليه جا آخري شهزادا آهن. ڪجهه ديني تعليم حاصل ڪرڻ سان گڏ انٽر پاس آهن. هن وقت تعليم ڪاتي ۾ خدمتون سر انجام ڏئي رهيا آهن.

پاڻ حسين صورت ۽ حسين سيرت جا مالڪ آهن. شاعري بہ بهترين ڪندا آهن. سندن اڪر بہ تمام سهڻا آهن.

مائن جا مڪر

١. مَڪر خُوب مائُن جا مولا پيو جاڻي
نمونا اُنهن جا نہ سگهنديون سُڃاڻي- مڪرخوب مائن جا...

٢. لوان روز نخرا ڪنديون اَنگل آرا-
ڪَپڙي هِيءَ نہ هوءَ شيءِ ضروري ڏي آڻي مڪرخوب مائن جا....

٣. ڳالا ڪوڙ هر دم هتان ڳالهہ هوڏانهن
چيو هيئن فلاڻيءَ چيو هونئن فَلاڻي مڪرخوب مائن جا...

٤. بهانا بيماريءَ سندا خوب ڄاڻن
پَڌي سِرُ ۽ سمهنديون مٿان سوڙ تاڻي مڪرخوب....

٥. ڪُڇي ٻار پنهنجا ڏيکاريندي ڪاوڙ
رِيجهائڻ لاءِ پيءُ ڏي ڇڏيندي اُماڻي مڪرخوب....

٦. ڏِنگي پاسراڻيءَ منجهان ٿيون سَي پيدا-
هونديون سَي ڏِنگيون وَر ڇڏيندي نہ هاڻي مڪرخوب....

٧. هَلن حُڪمَ مائُن سندي مرد موڳا-
پيا پيڙهجن اِئِن، جيئن سرنهن گهاڻي، مَڪرخوب....

٨. ٻُڌايم حقيقت پلي ڏس تون جا نچي
ٿي هوشيار ڪجهہ پوءِ مٿان ڇئين سُياڻي مڪرخوب....

٩. سڀئي ڪين آهن حبيب اللہؒ هڪڙيون
آهن ڪي تہ اهڙيون ويون وَر ڪي ماڻي مڪرخوب....

برادرم حبيب الله جي شاعري سندس هٿ اکر:

20. صاحبزادي غلام عائشہ :

ولادت : 12 جمادي الثاني 1388 ھ اڳارو وقت تهجد مقامِ ولادت : خانپور

21. بيبي حرمت خاتون .

22. بيبي نسيما خاتون:

هي ٿئي حضرت محبوب الاهي جو بختاور نياڻيون آهن. الله ڪريم سندن پوري گهراڻي کي شاد ۽ آباد رکي.

سجاده نشين

سنڌ ۾ هڪ رسم هلندڙ آهي تہ: پير جي گادي جو حقدار ان جو وڏو پٽ آهي. وڏي پٽ کي پير جو پڳدار پٽ سڏيندا آهن.

منهنجا وڏا ڀائر مون کان هر لحاظ ۾ وڏا آهن. پر منهنجي نظر ۾ منهنجا ننڍا ڀائر بہ علم ۽ عمل ۾ صورت ۽ سيرت ۾ مون کان هر حال ۾ وڏا، بهتر ، برتر، لائق ۽ فائق آهن. آءُ پنهنجي سڀني ڀائرن ۾ قد ۾ ڪوتاهہ علم توڙي عمل ۾ ڪوتاهہ آهيان. اها ڳالهہ منهنجي وهم ۽ گمان ۾ بہ نہ هئي تہ حضرت محبوب الاهي جهڙو عظيم عالم، ڪامل اڪمل ولي الله سنڌ جي قديم رسم کي ٽوڙيندي سندن حال حيات فرزندن مان چوٿين نمبر مون جهڙي بدڪار گنهگارپٽ کي پنهنجو سجاده نشين بنائيندو. آءُ نہ ان منصب جو لائق هيس نہ وري اڄ بہ پاڻ کي ان منصب لاءِ مناسب سمجهان ٿو. پر هي انهن جي نگاهِ انتخاب هئي. پاڻ هن ڪمترين بندي کي پنهنجي عمر ۾ ئي پنهنجو سجاده نشين بنائي ۽ جماعت جو ڳرو بار هن ناتوان ڪلهن مٿان رکيائون.

جيئن تہ هن ڪتاب ۾ خلفاءِ غفاريہ جي حالات سان گڏ انهن جي سجاده نشينن جو احوال بہ لکي رهيو آهيان، انڪري بطورِ تحديثِ نعمت ڪجهہ پنهنجا ڪوائف پيش ڪرڻ جي جسارت ڪري رهيو آهيان. واما بنعمة ربك فحدث

منهنجو تعارف:

امت ساري توڙي پوري جماعت غفاري ۾، سڀني کان گدلو ۽ گنهگار، بي عمل ۽ بيڪار، برو ۽ بدڪار، بدعمل ۽ سيہ ڪار، نفساني خواهشن ۾ گرفتار ڪمترين ڪرم الله عفي عنہ ايڏين اوڻائين، برائين ۽ بداعمالين جي باوجود باري تبارڪ وتعاليٰ جا مون مٿان ايڏا عظيم احسان ۽ ٿورا اپار ۽ بيشمار آهن جي ڳڻڻ ۽ ڳائڻ کان گهڻا آهن. ان مون مٿان اهڙيون مهربانيون ڪيون آهن جيڪر ساري عمر شڪراني جي سجدي ۾ گذاري ڇڏيان تہ بہ شڪر ادائي جو حق ادا ڪري نہ ٿو سگهان.

- ولي۽ ڪامل جي بطن مان منهنجي ولادت ٿي.
- الله جو ڪامل اڪمل ولي الله منهنجو والد گرامي آهي.
- ننڍپڻ ڪان الله الله چوڻ وارن جو ماحول مليو.
- منهنجي ولادت 29 جمادي الثاني 1385 ھ رات سومر وقت تهجد ٿي.
- قرآن شريف الله جي ولي استاذ محترم حافظ نظام الدين وٽ پڙهيس.
- فارسي جا استاد : استاذيم مولانا مولوي ڏٽي بخش لغاري ڳوٺ راوت لغاري رحمة الله عليه پيو استاذيم مولانا مولوي فيض محمد ڪوسو. مدرس۾ رياض الهديٰ خانپور.
- استاذيم محترم مولانا مولوي غلام قادر لغاري، مدرس۾ عربي۾ رياض الهديٰ خانپور. جنهن وٽ صرف ۽ نحو پڙهيس.
- استاذيم محترم مولانا مولوي گل حسن سومرو. مدرس۾ عربي۾ انوار الاهي فضل آباد ماتلي. وٽس درسِ نظامي جي ڪورس جا ثاني۾ ثالث۾ ۽ رابع۾ جا ڪتاب پڙهيس. ان ڪان پوءِ درسِ نظامي جي تڪميل بمع دوره حديث سندم والد ڪريم حضرت محبوب الاهي رحمة الله عليه وٽ مڪمل ڪيم. اللهم لک الحمد ولک الشڪر
- قرائت استاذيم حضرت قاري غلام حيدر تونسوي وٽ پڙهيس.
- احاديثِ نبوي۾ استاذ العلماء شيخ الحديث والتفسير علام۾ فيض احمد اويسي وٽ پڙهيم انهن پنهنجي شاگردي جي سند ب۾ عنايت فرمائي.
- سترهن حديثون مسلسل سَنَد سان جن ۾ مصافح۾ واري حديث ب۾ شامل آهي سي عرب عجم جي استاد، استاد الڪل حضرت سيد محمد بن علوي المالڪي المڪي ڪان بمع سند سماعت ڪيم ۽ روايت ڪرڻ ۽ مصافح۾ جي لڪت ۾ اجازت عنايت فرمايائون.
- بخاري، مسلم، مؤطا امام محمد، مؤطا امام مالڪ ۽ شمائل ترمذي جي اجازت سماعةً ۽ قراءةً شيخ حبيب الله مدني ڪان حاصل ٿي.
- ڪتب الستة جي روايت جي اجازت استاذيم علام۾ احمد ڪوهستاني ڪان ب۾ آهي، جيڪي علام۾ امير محمد امينياڻين وارن جا ۽ شيخ احمد مڏائي جا سڌا شاگرد آهن. پاڻ سراجي شيخ الاسلام علام۾ محمد قاسم مشوري رحمة الله عليه وٽ پڙهيا هئا.

- بخاري جي روايت جي سند هن فقير کي مولانا جلال الدين جمالي کان بہ آهي.
- حضرت علامہ محمد قاسم عباسي نصير آبادي کي شمس العلماء علامہ تاج محمد آريجوي کان ڪتبِ فقہ ۽ ڪتبِ احاديث جون اسناد حاصل آهن. پاڻ انهن اسناد جي اجازت هن فقير کي عنايت ڪيائون.
- يوم عاشوراءَ واري حديثِ مسلسل جي سماعت ۽ اجازت سيد محمد بن علوي کان علاوه
- استاذيم شيخ علي احمد سنديلي کان بہ آهي. شيخ سنديلي کان بيضاوي جي مختلف طُرق سان اڻتيهہ اسناد سان اجازت جو شرف بہ حاصل آهي.
- سلسلي عاليہ نقشبنديہ جا اسباق دائره لاتعين تائين سندم مرشد ڪريم حضرت محبوب الاهي رحمة الله عليه وٽ مڪمل ڪيم.
- سلسلہ عاليہ قادريہ جي تڪميل جي اجازت بمعہ سند شيخ المشائخ حضرت سيدي محمد بن عبد الڪريم بغدادي زيد مجده پنهنجي مبارڪ هٿن سان عنايت ڪئي.

سند

حدثنى السيد محمدبن علوى بن عباس المالكى قال وحدثناايضابحديث يوم عاشوراء الشيخ حسن المشاط والشيخ محمد ياسين الفادانى كلاهماعن الشيخ عمر حمدان فى يوم عاشوراء قال حدثنى به السيد على الوترى فى يوم عاشوراء قال أخبرنى احمد بن منةالله الازهرى فى يوم عاشوراء قال أخبرنى محمدالاميرالكبير فى يوم عاشوراء ٠ ح وقال الشيخ عمرحمدان ايضاسمعته فى يوم عاشوراء من العلامة السيد ابى الحسن على البيلاوى عن الاستاذابى على حسن العدوى الحمزاوى سماعا عليه فى يوم عاشوراء عن الشيخ مصطفى البولاقى ومحمد الامير الصغير سماعا عليهما فى يوم عاشوراء قال كل منهماأخبرنى محمد الامير الكبير فى يوم عاشوراء قال فى ثبته من طريق الغيطى أخبرنى الشهاب أحمد الجوهرى الكبير قال أخبرنى عبدالله بن سالم البصرى قال أخبرنى الشمس محمد البابلى قال أخبرناسالم بن محمد السنهورى قال سمعت النجم محمدبن أحمد الغيطى عن أمين الدين محمد بن أبى الجود بن النجارامام جامع الغمري عن فخرالدين محمد السيوطى يوم عاشوراء بقراءة عثمان الديمى عن ابى الفرج بن الشحنةيوم عاشوراء عن ابى الحسن على بن اسماعيل بن قريش فى يوم عاشوراء عن عبدالعظيم المنذرى فى يوم عاشوراء عن ابى حفص عمر بن طبرزد عن ابى بكر محمدبن عبدالباقى الانصارى أخبرناابومحمد الحسن بن على الجوهرى أنبأناابوالحسن على بن محمد بن احمد بن كيسان أنبأنا يوسف بن يعقوب القاضى قال أنبأنا ابو الربيع قال أنبأنا حماد بن زيد عن غيلان بن جرير عن عبدالله بن معبد الزمانى بالميم عن ابى قتادة قال : ان النبى ﷺ قال "صيام يوم عاشوراء انى احتسب على الله ان يكفر السنة التى قبلها"٠ قال الامير وقال كل واحد من الرواة سمعته فى يوم عاشوراء ٠ وحدثنى ايضا العلامة الشيخ السيد محمد اميرالشاه الكيلانى الفشاورى فى يوم عاشوراء١٤٢٥ھ الساعة الثامنةصباحا فى منزلة يكه توت الفشاور، قال حدثنى العلامة الحافظ گل فقير احمد فى يوم عاشوراء قال حدثنى المحدث الشيخ محمد ايوب الفشاورى فى يوم عاشوراء قال حدثنى العلامة السيدمحمد على الوترى فى يوم عاشوراء بسند المتقدم ٠

قد أجزت روايته عنى بهذه الاسناد وغيرها للأخ الصالح الفاضل فضيلة الشيخ الاستاذ محمد كرم الله حفظه الله تعالى واوصيه واياى بتقوى الله تعالى فى السر والعلن وصالح الدعوة لى ولوالدى واساتذتى واشياخى رحمهم الله تعالى اجمعين ٠

وعلى هذا جرى التوقيع من المجيز

التاريخ ٦ ربيع الاول ١٤٣٠ھ
٤ / ٣ / ٢٠٠٩م

علي احمد السنديلي عفا الله عنه

خادم العلوم الإسلامية والعربية

استاد سنديلي مدظله كان عنايت ثيل سند

بسم الله الرحمن الرحيم

الإجـــــازة

الحمد لله الذي رفع لمن وقف ببابه قدراً ، وأعلى لمن انتسب لعزيز جنانه ذكراً ، والصلاة والسلام على سيّدنا محمد الذي جرى الماء النمير من بين أصبعه وبنانه وتفجّرت ينابيع الحكمة من قلبه ولسانه وعلى آله الأطهار وصحابته الأخيار ماتعاقب الليل والنهار .

أمـا بعد : فإن الأخ : فضيلة الشيخ محمد كرم الله سندي

قد أحسن ظنه بي فطلبني أن أجيزه في جميع مروياتي عن مشايخي فأقول : إنني قد أجزت الأخ المذكور في كل ماتجوز لي روايته من معقول ومنقول وفروع وأصول كما أجازني بذلك أشياخي الفحول أخص بالفضل منهم والدي وسندي ومربّي روحي وجسدي السيّد علوي بن عباس المالكي الحسني المتوفى سنة ١٣٩١هـ والشيخ محمد يحيى بن الشيخ أمان المتوفى سنة ١٣٨٧هـ والشيخ محمد العربي التباني المتوفى سنة١٣٩٠هـ ، والشيخ حسن بن سعيد يماني المتوفى سنة ١٣٩١هـ ، والشيخ محمد الحافظ التيجاني المصري شيخ الحديث بمصر المتوفى سنة١٣٩٨هـ ، والشيخ حسن بن محمد المشاط المتوفى سنة ١٣٩٩هـ ، والشيخ محمد نور سيف بن هلال المكي المتوفى سنة ١٤٠٣هـ.

نسأل الله تعالى أن يرزقنا كمال متابعته صلى الله عليه وسلم وأن يحشرنا ووالدينا ومشايخنا وأحبابنا وكل من له تعلق بنا في زمرته وتحت لوائه صلى الله عليه وسلم .

وإني أوصى المجاز له أن لاينساني من دعواته في خلواته وجلواته خصوصاً في أوقات السحر أمدنا الله وإياه بمدده الأسنى وختم لنا وله بالحسنى في جوار المصطفى صلى الله عليه وسلم وعلى آله وأصحابه وأزواجه وذرياته والتابعين لهم بإحسان إلى يوم الدين .

كتبـه

السيّد محمّد بن السيّد علوي

ابن السيّد عبّاس المالكي المكي الحسني

خادم العلم الشريف بالبلد الحرام

السيد محمد بن علوي المالكي
خادم العلم الشريف
بالبلد الحرام

بسم الله الرحمن الرحيم

الحمد لله سند من لا سند له، وأفضل الصلوات وأزكى التحيات وأتم السلام على سيّد الكرام وسند الأنام منتهى سلاسل الأنبياء العظام وعلى آله وصحبه رواة علمه ووعاة أدبه ومن تبعهم بإحسان، صلوة وسلاما تدومان علي تعاقب الملوان، وبعد :

قد طلب مني الأخ الفاضل فضيلة الشيخ الأستاذ محمد كريم الله حفظه الله تعالى

إجازة الحديث النبوي الشريف وما أنا أهلٌ لذلك ، ولا من فرسان تلك المعارك ولكن حسن ظن منه وحسن الظن أحسن المسالك ، فها أنا أجيزه بجميع ما تصحّ لي روايته ودرايته من المنقول والمعقول والأصول والفروع عن مشايخي الأجلاء، هم بدور أهِلاَّء منهم من قرأت عليه الحديث النبوي الشريف، فشرفني بالإجازة بالسند المتصل إلى سيدنا الحبيب الأعظم عليه الصلاة وألف سلام، ومنهم من لازمته وأخذت منه العلوم الإسلامية فأجازني، ومنهم من أجازني تبركاً بالأسانيد المتصلة، فعدد مشايخي يجاوز أربعمائة، جزاهم الله تبارك وتعالى عني وعن أهل العلم خير الجزاء وجمعنا معهم فسيح جناته آمين .

هذا وأوصي المجاز بتقوى الله في السّر والعلن وباتباع سنن سيدنا رسول الله صلي الله عليه وسلم، والتمسك بعقيدة أهل السنة والجماعة والاجتناب من أهل البدع والهوى، وأن لا يخرجني من خاطره ولا ينساني من دعواته في جلواته وخلواته وسائر أوقاته وسائر المؤمنين والمؤمنات .

وأجيزه بما احتوى عليه ثبتي هذا الذي جمعه لي ابني العزيز الفاضل محمد منور عتيق، شرح الله صدره ونفع الله بنا وبه، والذي وكلته أن يعطي عني هذه الإجازة لمن شاء من أهل العلم والفضل بشرطه المعروف عند أهل هذا الفن .

التاريخ ٦ ربيع الأول شريف ١٤٣٠ هـ ٤/٣/٢٠٠٩ م وأنا الفقير إليه تعالى

رقم الإجازة ١٩١ خادم التفسير وعلوم الحديث والفقه الحنفي

بمدينة لاهور باكستان علي أحمد السنديلوي غفر الله له

علي أحمد السنديلوي غفر له

علي أحمد السنديلوي خادم العلوم الإسلامية والعربية لاهور باكستان

ياهو

بسم الله الرحمن الرحيم

إجازة الإرشاد

قال تعالى : «ومن احسن قولاً ممن دعى الى الله وعمل صالحاً» .
وقال تعالى : «أدعُ الى سبيل ربك بالحكمة والموعظة الحسنة وجادلهم بالتي هي احسن» .
وقال تعالى : «كنتم خير امة اخرجت للناس تأمرون بالمعروف وتنهون عن المنكر» .
قال (ﷺ) : «إنما بُعثت لأتمم مكارم الأخلاق» .
وقال (ﷺ) : «التائب من الذنب كمن لا ذنب له» .
لقد أجزنا المدعو «كرم الله المهدي» بالارشاد وإعطاء البيعة القادرية حسب اوامر الدين الاسلامي والعمل بالكتاب والسنة وسيرة سلسلة مشايخ طريقتنا العلية والله هو الهادي من الضلال .

☆ كيفية إعطاء الطريقة القادرية ☆

أعوذ بالله من الشيطان الرجيم بسم الله الرحمن الرحيم اشهد ان لا اله الا الله واشهد ان محمداً رسول الله . آمنت بالله وملائكته وكتبه ورسله وباليوم الآخر وبالقدر خيره وشره من الله تعالى وآمنت ان سيدنا محمد خاتم الانبياء والمرسلين ... يا ربي توبة .

١- استغفر الله العظيم من كل ذنب تبت وبايعت على يد قدرتك يا رب العالمين .
٢- استغفر الله العظيم من كل ذنب تبت وبايعت على يد سيدنا محمد (ﷺ) .
٣- استغفر الله العظيم من كل ذنب تبت وبايعت على يد سيدنا الامام علي رضي الله عنه .
٤- استغفر الله العظيم من كل ذنب تبت وبايعت يداً بيد على يد الشيخ الحسن البصري .
٥- استغفر الله العظيم من كل ذنب تبت وبايعت يداً بيد على يد الشيخ عبدالقادر الكيلاني قدس الله سره .
٦- استغفر الله العظيم من كل ذنب تبت وبايعت يداً بيد على يد الشيخ اسماعيل الولياني .
٧- استغفر الله العظيم من كل ذنب تبت وبايعت يداً بيد على يد الشيخ عبدالكريم الشاه الكسنزاني .
٨- استغفر الله العظيم من كل ذنب تبت وبايعت يداً بيد على يد الشيخ عبدالقادر الكسنزاني .
٩- استغفر الله العظيم من كل ذنب تبت وبايعت يداً بيد على يد الشيخ السلطان حسين الكسنزاني .
١٠- استغفر الله العظيم من كل ذنب تبت وبايعت يداً بيد على يد الشيخ عبدالكريم الكسنزاني .
١١- استغفر الله العظيم من كل ذنب تبت وبايعت يداً بيد على يد الشيخ محمد الكسنزان والملئكة شهودي ومرشدي في الدنيا والاخرة والله على ما اقول وكيل .

☆ ثم يقول المرشد : أنا اعطيتك هذه الطريقة وكالةً عن الشيخ محمد .. قبلت ؟
يقول المريد : نعم قبلت ... ثم تقرأ سورة الفاتحة .

رئيس الطريقة القادرية
السيد الشيخ محمد بن السيد الشيخ عبدالكريم الكسنزاني

سلسله عاليه قادريه جي سند الارشاد

منهنجا لکيل ڪتاب

قادر قدير جا فقير پُر تقصير "ڪرم" تي ڪروڙين ڪرم، جنهن ڪرم جي قلم ڪي، جسم ۾ فهم ڪي، عِلم جي عَلم بلند ڪرڻ جي توفيق بخشي. هن نالائق ڪي نوازيندي مٿس عطائن ۾ احسانن جا واهڙ وهائي ڇڏيا. اَللّٰهُمَّ لَکَ الۡحَمۡدُ وَلَکَ الشُّکۡرُ

"اي الله ڪرم جو ڀرم رکجانءِ، تاڪائُو ۾ طاماڻُو بدنظرن ۾ بدخواهن کان ڪرم کي مامون ۾ محفوظ رکجانءِ".

ڪرم جا ڪتاب گهڻا تہ ڇپجي آيا آهن، اهلِ ڪرم ۾ اهلِ علم انهن کي ايڏو تہ پسند فرمايو آهي جو ڪتاب اڇڻ سان چند مهينن ۾ انجو ايڊيشن ختم ٿي وڃي ٿو. "گهر ۾ گهروارا" ڪتاب جو هن وقت انون ايڊيشن شايع ٿيو آهي. اهو الله جو احسان ۾ مدني ڪريم ﷺ جي عطا ۾ سخا نہ آهي تہ پيو ڇا آهي! لک الحمد و لک الشکر يا کريم

ڇپيل ڪتاب

1. توحيد و رسالت. (سنڌي)
2. توحيد ورسالت (اردو)

هن ۾ الله جي وحدانيت، انجي قُوّتُن ۾ قُدرتن بابت سائنسي، علمي، فڪري، روحاني ۾ اصلاحي بيان آهي ۾ نبيءِ اڪرم هاديءِ عالم ﷺ جي شان، مان ۾ مقام مرتبي جوبيان ٿيل آهي.

3. اَيُّكُمۡ مِثۡلِي: حبيبن ڪريمن ﷺ جي حُسن سراپا ۾ سندن سهڻن اخلاقن ۾ عادتن، سندن صورت ۾ سيرت بابت آيتن ۾ حديثن سان سينگاريل ڪتاب آهي.
4. مديني جي حاضري شريعت جي آئيني ۾: (سنڌي)
5. مدینہ منورہ کی حاضری شریعت کے آئینے میں: (اردو)

مدينہ منوره جي حاضري جي ثبوت ۾ نصوصِ شرعيہ ۾ دلائل قطعيہ ۾ مخالفين ومعترضين جي سوالن جا مدلل جواب. "شد الرحال" جي تحقيق آهي.

6. طَرِيقُ الجَنَّةِ:

درود و سلام جا فضائل، درودن جو مجموعو. بزرگانِ دين کان نقل ڪيل اهڙا عجيب درود جن جي پڙهڻ سان دنيا آخرت جي ڀلائي حاصل ڪري سگهجي ٿي.

7. ميلادِ مصطفيٰ:

حضرت حبيب ڪريم ﷺ جي ولادت جي خوشي ملهائڻ جي ثبوت ۾.

8. حِفظُ القُرآن :

قرآن ياد ڪرڻ جا فضائل ۽ طريقو. قرآن شريف بابت عجيب معلومات، حافظو ۽ ويسر ڇا آهن؟ حافظو وڌائڻ جا نسخا. قرآن جي عاشقن لاءِ حسين تحفو.

9. اَلْحَدِيثُ وَعُلُومُه :

علمِ حديث ۽ انجا قسم ۽ حديث جا اقسام، روايت ۽ دِرايت، اسماءُ الرجال، ضبط و عدالت، جرح و تعديل، ائمہ محدثين ۽ ڪتب الاحاديث بابت بهترين سنڌي ڪتاب جيڪو علم حديث جي طالبن لاءِ تحفو آهي.

10. اَلعِلْمُ وَالعُلَمَاء :

علم ۽ عالمن ۽ طالب علمن جي فضيلت، عالمن جو مقام. علمي مجلسن جو شان.

11. اَلاِجْتِنَابُ عَنْ ضَرْبِ الطُّلّابِ: مدرسن ۽ اسڪولن ۾ ٻارن کي مارڻ بابت شرعي احڪام ، استادن جون خوبيون ۽ خاميون، طالبن کي پڙهائڻ جو نبوي طريقو.

12. اَلْمَسَاجِد وَالمَدَارِس : اسلام ۾ مسجدن جي اهميت ۽ مدرسن جي ضرورت، مسجدون مدرسا ٺاهڻ ۽ انهن جي سنڀال ڪرڻ جا فضائل ۽ مسائل.

13. اَلْقَلَم :

قلم ڇا آهي؟ ان جي اهميت ڇا آهي؟علم ۽ قلم جو پاڻ ۾ ڪهڙو تعلق آهي؟ قلم جي تاريخ، لکڻُ ۽ لکڻ جي تاريخ، ڪتاب لکڻ، ڪتب خانو جوڙڻ ان جي سنڀال ڪرڻ، ڪتابن جي اهميت، مطالعي جا آداب، خط ۽ خطاطي، قلمي ڪمالات، قلمي ڏوهہ، اسلام جي عظيم اڳواڻن جي هٿن سان لکيل ناياب لکتن جا عڪس.

14. اَلنِّفَاقُ وَالْمُنَافِقُون:

نفاق ڇا آهي؟ منافقن جون نشانيون ڪهڙيون آهن؟نفاق کان بچڻ جو علاج.

15. رَهْنُمَا : (فَتَاوَيْ نَبَوِيَّة)

ايمان ، اسلام، اعمالِ صالحہ ، حقوق العباد، جنت ۽ جهنم وغيره بابت صحابہ ڪرام جا پڇيل سوال ۽ سرورِ عالم صلي الله عليہ وسلم جا جواب.

16. اَلْجِهَادُ اَلْجِهَادُ:

جهاد ڇو ڇا لاءِ؟ انجي ضرورت ۽ اهميت. اسلامي جهاد ، مجاهدن ۽ شهيدن لاءِ انعام، عورتن جو جهاد، اسلام خلاف بين الاقوامي سازشون، جنگي ترانا.

اَلْمَوَاعِظ وَالنَّصَائِح:

17. مَوَاعِظِ حَسَنَة (جلد اول 1):

مبلغن لاءِ هدايتون، اسلامي سال، اسلامي هفتو، اسلامي سال جي پهرين ڇهہ مهينن جي هر جمعہ جون وقت جي مناسبت سان تقريرون.

18. مَوَاعِظِ حَسَنَة (جلد ثاني 2):

اسلامي سال جي پوين ڇهہ مهينن جي هر جمعہ جون وقت جي مناسبت سان تقريرون.

19. مَوَاعِظِ حَسَنَة (جلد ثالث 3):

حديث جبريل جي روشني ۾ اسلام ۽ ارڪانِ اسلام، ايمان ۽ اجزاءِ ايمان، احسان، قيامت ۽ انجي نشانين بابت مدلل تقريرون. الله جي وحدانيت نبي اڪرم ﷺ جي شان بابت سائنسي دلائل. ڪميونسٽن ۽ بي دينن جي اعتراضن جا منهن ٽوڙ جواب ڪائنات، زمينون، آسمان، هوا، باهہ ، پاڻي، جهڙ ڪڪر، مينهن، وڄون، ڳڙا وغيره بابت اسلامي ۽ سائنسي معلومات.

20. مَوَاعِظِ ڪَرِمِيَه: مختلف موقعن ۽ مختلف موضوعن تي ڪيل تقريرون، جن کي ڪتابي صورت ۾ لکيو ويو آهي.

21. خوفِ خدا : خوف ۽ خشيت بابت دل کي ڏُونڊ اڙيندڙ ۽ دماغ کي لوڏيندڙ تقرير.

22. گهر ۽ گهر وارا:

گهريلو زندگي جا جمڻ کان وٺي مرڻ تائين جا مسئلا. گهر ڇا آهي؟ گهر ڪيئن ٺاهجي؟گهر ۾ ڇا رکجي ڇا نہ رکجي؟ گهر ڌڻي جون ذميداريون، شادي ڪرڻ، زال مڙس جا حق، اولاد جا حق، والدين جا حق، پاڙي جا حق، عقيقو، ختنو، شادي، ڪاج، ڏاج، ورثو، ترڪو، پردو، روزگار، حلال، حرام، خوراڪ، پوشاڪ، دوائون، دعائون، گهريلو جانورن جا حق وغيره بابت مدلل ڪتاب جيڪو هر گهر جي ضرورت آهي.

23. خود ڪُشي: پاڻُ مارڻ کان ممانعت، خود ڪُشي ڪندڙ بابت شرعي حڪم.

24. حُسنِ اخلاق:

سهڻا اخلاق ڇا آهن؟ اسانجي محبوب ڪريم ﷺ جا اخلاق ڪيئن هئا؟

25. انقلابِ مصطفيٰ (ﷺ):

حضرت حبيب ڪريم ﷺ جو دنيا تي آندل تعميري انقلاب ۽ انجا دنيا مٿان آندل اثرات ۽ مثبت تبديليون.

26. وياج جي وبا:

وياج ڇا آهي؟ ان بابت قرآن ۽ حديث جا احڪام ۽ وياج جا سماج مٿان هاڃيڪار اثرات.

27. حسد جي باهہ:

حسد ڇا آهي؟ ڇو ٿيندو آهي؟ ان جا ڪهڙا برا اثرات نڪرن ٿا؟

28. دعا جي اهميت:

دعا جي فضيلت، طريقو ۽ اجابت جا شرائط ۽ اوقات .

29. دوستي: دوستي ڇا آهي؟ ڪنهن سان رکجي ڪنهن سان نہ رکجي؟

30. قبر جي پڪار : قبر جي عذاب ۽ ثواب بابت دل لوڏيندڙ تحرير.

31. شانِ اولياء: الله جي دوستن جو شان، انهن سان محبت رکڻ جو صلو ۽ بدلو.

32. سُنّي خُطبات:

جمعه جو ڏينهن، فضائل ۽ مسائل، جمعه جا آداب، خطبي جا مسائل، عربي يا غير عربي خطبي بابت مدلل بيان. سال جي ٻارهن مهينن جي هر جمعه جا خطبا عربي خطبن ۽ سنڌي شعرن سان.

33. عِمَادُ الدِّين:

نماز جا فضائل ۽ مسائل، وضوء، غسل، تيمم ، پاڪائي ناپاڪائي جا مسائل. نماز جا فرض واجب سنتون، حيض نفاس ۽ عورتن جا مخصوص مسائل.

34. فضائل شب برات :

فضائل ماه شعبان ۽ پندرهين شعبان جي رات جا فضائل مسائل ۽ عبادتون.

35. فضائلِ رمضان :

رمضان المبارڪ جا فضائل مسائل ۽ عبادتون . رمضان ۽ قرآن، روزا، تراويح، تقويٰ، اعتڪاف، خلوت، شب بيداري، شب قدر، فطرو، عيد الفطر وغيره

36. شوال ۽ اعمال :

رمضان جي گذرڻ بعد مسلمانن کي ڇا ڪرڻ گهرجي؟ شوال جا روزا ۽ عبادتون.

37. نگاهِ ڪرم :

نگاهه جا قسم ۽ نگاهن جي تاثير ، نگاهِ ڪرم، نگاهِ عبادت، نگاهِ ولي، نگاهِ بيمثل، نگاهِ مردان، نگاهِ معصيت، نگاهِ عقيدت، نگاهِ باطن، نگاهِ بد، نگاهِ عبرت، نگاهِ عيب بين، نگاهن جي نوازش. نگاه بابت سنڌي ادب جو شاهڪار ڪتاب.

38. وسيلو : اسماءُ الحسنيٰ جا فضائل انهن جي ورد ڪرڻ جا طريقا ۽ مصائب و مُشڪلات جي آساني لاءِ پيا ورد وظيفا .

39. روئڻ واري اک :

40. رونے والی آنکھ : (اردو)

روئڻ ڇا ؟ ڇو ايندو آهي؟ ڪيئن ايندو آهي؟ دنيا ۾ ڪنهن ڪنهن رنو ۽ ڪيئن رنو؟ روئڻ جا جسماني روحاني ۽ طبي فائدا.

41. **جاڳڻ واري اک:**

جاڳڻ جي اهميت افاديت ۽ انجا فوائد اثرات ۽ ثمرات، سجاڳ اکيون، جاڳڻ وارن جو جهان، جاڳڻ جا اعمال، دنيا ۾ ڪير جاڳيا؟

سفر ناما:

42. حق نُما:

حضرت محبوب الاهي ﷺ جي هڪ سفر جو سربستو احوال.

43. سفر نامه حرمين شريفين :

مڪ مڪرم مدينه منوره جي زيارتن بابت تفصيلي احوال ۽ حج ۽ عمري جا احڪام

44. سفر نامه عراق شام :

شام ۽ عراق جي ملڪن اتان جي شهرن ۽ اتي جي زيارتن بابت تفصيلي احوال.

شعر و شاعري:

45. قَصِيدَةُ الْكَرَم بِأَسْمَاءِ سَيِّد الْعَرَب وَالْعَجَم :

محبوب مدني ڪريم ﷺ جي نالن سان سندن شان ۾ قصيدو.

46. الفت جو آواز: شعرن جو مجموعو .

47. محبت جو آواز: شعرن جو مجموعو .

48. گلدسته الاهي : شعرن جو مجموعو .

تصوف و اخلاقيات:

49. روحاني رمزون: بزرگن اهلِ دل اوليائن جا قسم انهن جا قصا ۽ ڪرامتون.

50. طَرِيقُ الْهِدَايَة: سالڪن لاءِ نصيحتون ۽ نقشبندي سلسلي جا روحاني اسباق.

51. جِلاءُ الْقُلُوب: حضرت محبوب الاهي ﷺ جون پر تاثير تقريرون .

52. صِرَاطُ الصَّالِحِينَ:

قرآن ۽ حديث جي روشني ۾ صالح ڪير آهن؟ انهن جون خوبيون خصلتون ۽ مقام.

53. اعمال جا اثرات:

نيڪي يا بدي هر عمل جو هڪ نتيجو آهي. ڪهڙي عمل جو ڪهڙو اثر ظاهر ٿئي ٿو.

54. **جيئڻ جا اصول:**

احاديث نبوي ۽ اخلاقيات جي هڪ سئو ڪتابن جو خلاصو. اسلامي زندگي جا سهڻا اصول جن تي هلي ماڻهو دنيا آخرت جي ڪاميابي ماڻي سگهي ٿو.

55. **پيغامِ حق:**

حق ۽ سچ جو پيغام جنهن تي عمل ڪرڻ وارو ديني دنياوي ڀلايون حاصل ڪري سگهي ٿو.

عصري مسائل:

56. موبائل فون:

موبائل فون جا فوائد ۽ نقصانات. ان جي استعمال جا قوانين، پريمي پاپ، فحاشي جو فروغ، موبائيل ميسيج، موبائيل ۽ مجاز، موبائيل مستيون. استعمال جا آداب، ڪمپنين جا ڪلور، موبائيل چوري ۽ زوري.

57. سگريٽن جا سور : (سنڌي)

58. تمباکو کی تباہکاریاں : (اردو)

تماڪ جون تباهڪاريون، سگريٽن جا سور، حقي جي حقيقت، ڀنگري ۽ ڀينگ، پان دشمنِ جان، گُٽڪو ساهہ جو ڪُٽڪو، ٻيڙي سورن جي سيڙهي، مين پُڙي وجو مڙي، نسوار ڪري بيمار.ناس جا نقصانات، نشائين جون قهري ڪاروائيون.

59. **ٺڳيءَ جا ٺاهه:**

معاشري جي هر طبقي جي شاطر ۽ چالباز ماڻهن جون ٺڳيون ۽ انهن کان بچڻ جون تدبيرون.

60. خطبو جتوئي علماءَ ۽ مشائخ اهلسنت جي نظر ۾:

مولوي غلام رسول جتوئي جي خطبي ۾ آيل غير مهذب الفاظن جي نشاندهي ۽ ان بابت سنڌ جي هڪ سو کان وڌيڪ اڪابرين جا اقوال ۽ فتوائون.

61. اسلامي لباس:

لباس بابت اسلامي احڪامات، لباس جي رنگن بابت شرعي حڪم، سونهن ۽ سينگار، عورت ۽ پردو، مسائلِ لباس، لباس بابت فقهي مسائل.

62. سائي چادر:

سائي چادر حضرت حبيب ڪريم ﷺ جي سنت آهي. ان تي ڪيل بعض ماڻهن جي اعتراضن جو علمي ۽ تحقيقي جواب.

63. ڪارو پٽڪو:

ڪاري پٽڪي جي سنت نبوي هجڻ بابت هڪ سو دلائل. سنت جي اهانت ڪندڙن جو مواخذو. پٽڪي جي اعتجار جو مسئلو.

64. چُمي:

قرآن ڪي چمڻ، حديث جي ڪتاب ڪي چمڻ، متبرڪ شين ڪي چمڻ، حجر اسود ڪي چمڻ، ابي امان جي پيشاني چمڻ، ٻچڙن ڪي چمڻ، استاد عالم يا مرشد جا هٿ پير چمڻ جا اسلامي احڪام

اَلعِبَادُ والبِلادُ (مختلف شهرن ۽ شخصيتن بابت):

65. مَدِيْنَةُ الْمُصْطَفَىٰ (جلد اول) : مدينہ منوره جي مستند تاريخ، مديني جي مٽي، پاڻي، ماني، ميوا، مسجدون، گنبذِ خضراء جي تاريخ ۽ تعمير، بقيع الغرقد ۽ مديني وارن جو شان.

66. مَدِيْنَةُ الْمُصْطَفَىٰ (جلد ثاني) : هلو هلو مديني هلو، طيبہ جي تاريخ جا ورق، طيبہ تاريخ جي آئيني ۾، سلطانِ مدينہ ﷺ مدينہ شاعرن جي لفظن ۾.

67. شهداءِ ڪربلا: حسنين ڪريمين جا فضائل، ڪربلا جي سانحي جا اسباب ۽ اسباق. محرم ۾ مشروع ۽ ممنوع ڪمن جو بيان.

سلسلہ مَعرِفَةُ الكِرَام (سنڌ جي عالمن ۽ مشائخن جي سوانح

68.سوانح حيات حضرت پير مٺا سائين:

قطبِ عالم حضرت پير مٺا سائين رحمة الله عليه جي زندگي مبارڪ جي جامع سوانح. جنهن ۾ سندن خاندان، علمي روحاني تربيت، استادن مشائخن جو احوال، سندن تعليمات، ڪرامات، واقعات، حڪايات، ملفوظات، مڪتوبات، ڪلام، صورت، سيرت، سجاده نشينن، خليفن بابت جامع معلومات جمع ڪئي وئي آهي.

69.تَذْكِرَةُ الْخُلَفَاءِ الْغِفَّارِيَّة:

حضرت پير مٺا سائين رحمة الله عليه جي خليفن جو تذڪرو اِجهو هِي اوهان جي هٿن ۾ آهي.

70.سوانح محبوب الاهي: حضرت خواجہ محمد الاهي بخش رحمة الله عليه جي مختصر سوانح

71.فرمودات محبوب الاهي : حضرت محبوب الاهي رحمة الله عليه جا سهڻا سخن.

72.تَذْكِرَةُ الْمَحْمُود: حضرت ميان محمود لاڪير نقشبندي جي سوانح.

73.ڪلامِ ڪليم: حضرت خليفہ الله ڏتہ رحمة الله عليه جي سوانح ۽ سندن ڪلام.

74.جيئي سنڌ: سنڌ جي عالمن جون ديني خدمتون ۽ دنيا ۾ سنڌي عالمن جو فيض.

75.گوندر گھاريان ڏينهڙا: فقير عبد القادر سومرو رحمة الله عليه جي سوانح ۽ شاعري •

اڻ ڇپيل ڪتاب

هي ڪتاب ڪي لکائي ۽ ڪي ڇپائي جي مراحل ۾ آهن.

76.قرآن مجيد جو سنڌي ترجمو:

قرآن شريف جي سنڌي ترجمن ۾ هڪ جديد سليس ۽ سهل ترجمو.

77.اَلقُرآن وَنُزُولُه :

قرآن شريف جا فضائل مسائل، ناسخ ۽ منسوخ

78.عقائد اهلسنت :

جماعتِ حق اهلسنت جا صحيح عقيدا، باطل فرقن ۽ ٽولن جي سڃاڻ.

79. نَبِيُّنَا حَبِيبُنَا (ﷺ) (عربي)

حضرت حبيب كريم ﷺ جي سيرتِ مبارڪ تي قرآني آيتن ۽ نبوي حديثن ۽ اقوالِ ائمہ تي مشتمل عربي ڪتاب جنهن جي پڙهڻ سان اهلِ محبت جون اکيون آليون ٿي پون.

80. مَعْرِفَةُ الْكِرَام بِأَسَانِيدِ أَعْلَامِ بَابِ الإِسْلَامِ: (عربي)

سنڌ جي عالمن مشائخن جو تذڪرو ۽ سندن سَنَدُون نبي ڪريم ﷺ تائين.

81. اَلأَرْبَعِين فِي فَضَائِلِ بَلَدِ سَيّدِ الْمُرْسَلِين: (عربي)

مدينہ منوره جي فضيلت ۾ چاليھ حديثون بمعہ تخريج ۽ تشريح.

82. اَلفِقْهُ وَأُصُولُه : فقہ حنفي جا اصول، قواعد ۽ ضوابط.

83. اَلتَّصَوّفُ وَسُلُوكُهُ: تصوف ڇا آهي؟ ان جي ڪاهڻ ڪمائڻ جو طريقو.

84. اَلْكَشفُ وَحُصُولُه: اندر واري اک ڇا آهي؟ انجي کلڻ ۽ انجي اسرارن بابت.

85. اَلرُّؤيَا وَتَعْبِيرُهُ : (خوابن جو جهان)

خواب ڇا آهن؟ ڇو ايندا آهن؟ انهن جا تعبير ڇا آهن؟

86. اَلسِّيَاسَةُ فِي الإِسْلَامِ: سياست ڇا آهي؟ شريعت ۾ ان جي حيثيت ۽ اهميت ڇا آهي؟

87. اَلمَعِيشَةُ الْإِسْلَامِيَّة:

اسلام جو معاشي نظام ڇا آهي؟ وياجي نظام کان ڇوٽڪاري جون راهون.

88. اَلخِلَافُ وَالِاخْتِلَافُ:

شرعي مسائل ۾ اختلاف ڇو ۽ ان جي اهميت ۽ حيثيت ڪهڙي؟

89. اَلصِّحَةُ وَالْعَافِيَةُ:

صحت ۽ عافيت بابت اسلامي اصول، بيمارين کان بچڻ جا نبوي نسخا، بيمارين جِي تشخيص ۽ انهن جي علاج جون دوائون، دعائون ۽ احتياطي تدبيرون.

90.اَلْمُوسِيقِي فِي الاسلام : (راڳ جو روڳ)

ڳائڻ وڄائڻ ڇا آهي؟ اسلام ان بابت ڇا ٿو چوي؟

91.تَرْبِيَةُ الاَولَاد :

اولاد جا حق ڇا آهن؟ انهن جي پالنا ۽ تربيت جا اسلامي اصول ڪهڙا آهن؟

92.اَحْكَامُ الْاُضْحِيَّةُ:

اضحيٰ جا احڪام، اضحيٰ جي جانورن جا مسائل.

93.عصري مسائل ۽ اسلام:

موجوده دور جا جديد مسائل ۽ انهن جو اسلامي حل. جيئن پلاسٽڪ سرجري، عضون جي مٽا سٽا، خون جو عطيو، ٽيوب وارا ٻار، وغيره

94.زندگي جو سفر:

زندگي ڇا آهي؟ ان جو آغاز ڪٿان ٿيو؟ اسلام ۽ سائنس جو تقابلي جائزو.

95.مَوَاعِظِ حَسَنَة (چوٿون):

سنڌ جي بزرگن مشائخن جون سهڻيون نصيحتون انهن جي مختصر سوانح سميت.

96.مَوَاعِظِ حَسَنَة (پنجون): مختلف مواقع ۽ مناسبات بابت تقريرون.

97.هڪ سو حقيقتون:

اهڙيون هڪ سو سچيون حقيقتون جنهن جو ڪير به انڪار ڪري نه ٿو سگهي.

98.ديوانِ ڪرم : شعرن جو مجموعو.

99.ٽيهه اکري :

ٽيهن اکرن مان هر اکر جا ڏهه بيت آهن. هر بيت جي منڍ ۽ پڇاڙي ۾ ساڳيو اکر آهي

100. فَاتِحَةُ الْكِتَابُ وَشَرْحهُ فِي الْاَبْيَاتِ :

سورة الفاتحه جو ترجمو ۽ تشريح سنڌي بيتن ۾.

101. ديدارِ مصطفيٰ ﷺ:

نبي ڪريم ﷺ جو ديدار جن ظاهر ۾ ڪيو ۽ جن خواب ۾ ڪيو انهن جا قصا.

102. خانقاهي نظام:

قرونِ اوليٰ ۾ بزرگن جو خانقاهي نظام ڪيئن هيو؟ ان جا معاشري تي ڪهڙا اثرات پيا. مرشد ڇا آهي؟ مريد ڇا آهي؟ انهن جي تربيت ڪيئن ڪجي؟

103. ڪوڙيون قبرون مفت خور مجاور:

هٿ ٺوڪي قبر ٺاهڻ جو ڏوهه، اهڙي قبر جي زيارت ڪرڻ جو گناهه.

104. پريمي جوڙا:

ڪارو ڪاري جو جاهلاڻو تصور، عرياني فحاشي ۽ بيحيائي جا ڪارڻ، عورتن جي ڇُڙواڳي جا نقصانات.

105. ڳالهه جا مونڪي وٽي:

مؤلف جا ذاتي مشاهدا ، ڪتابن جي مطالعي مان چونڊ حڪايتون.

106. ڪَٿِيُون مِٺِيُون چِٿِيُون: جلسن ۾ سامعين پاران لکيل چٺيون ۽ انهن جا جواب.

107. القلم والڪرم:

شخصيتن ڪي لکيل خط ۽ مختلف ڪتابن لاءِ لکيل تقريظون

108. سوانح حيات محبوب الاهي

حضرت محبوب الاهي رحمة الله عليه جي جامع سوانح حيات

109. مڪلي جا مشائخ:

مڪلي شريف ٺٽي نگر جي مشائخن جي سوانح.

110. زين العارفين سوانح حضرت ميان عمر الدين:

حضرت ميان عمر الدين چنا رحمة الله عليه جي سوانح .

حضرت محبوب الاهي جا خلفاءِ ڪرام

1. صاحبزاده ڪليم الله انصاري. خانپور تعلقہ خيرپور ناٿن شاھ ضلعو دادو.
2. صاحبزاده محمد حسن الله انصاري ڪرمپور شريف ضلع دادو.
3. خليفہ محمد حسين نانگري لاھوري تعلقہ خيرپورناٿن شاھ ضلعو دادو.
4. خليفہ مولانا غلام شبير جوٽيجو خانپور تعلقہ خيرپورناٿن شاھ ضلعو دادو.
5. خليفہ حافظ نظام الدين جوٽيجو خانپور تعلقہ خيرپورناٿن شاھ ضلعو دادو.
6. خليفہ مولانا محمد ا شرف لغاري دولتاٽي ڪاڇو خيرپورناٿن شاھ ضلعو دادو.
7. خليفہ مولوي گل حسن سومرو سوپياٽي ڪاڇو خيرپورناٿن شاھ ضلعو دادو.
8. خليفہ فتح محمد لغاري ڪاڇو خيرپورناٿن شاھ ضلعو دادو.
9. خليفہ محمد صالح چانديو خيرپور ناٿن شاھ ضلعو دادو.
10. خليفہ علي حسن ڪوسو انبار تعلقو ميھڙ ضلع دادو.
11. خليفہ محمد صالح کھيري ڪچو لگ قلجي خيرپورناٿن شاھ ضلع دادو.
12. خليفہ ڪريم بخش پتوجو ڳوٺ ڪلر تعلقو ميھڙ ضلعو دادو.
13. خليفہ محمد يوسف چانڊيو گوزو تعلقہ خيرپورناٿن شاھ ضلع دادو.
14. خليفہ حافظ قمرالدين ناريجو ٽرڙي محبت تعلقو ميھڙ ضلع دادو.
15. خليفہ غلام سرور رودناٽي ڳوٺ قاسم رودناٽي تعلقو جوھي ضلع دادو.
16. خليفہ ڪريم بخش ڪوسو ڳوٺ قاسم رودناٽي تعلقو جوھي ضلع دادو.
17. خليفہ روشن علي مزاري ڳوٺ انبار تعلقہ ميھڙ ضلعو دادو (ڪراچي)
18. خليفہ مولوي امير بخش سومرو ڦل تعلقو نوشھروفيروز ضلعو نوشھروفيروز.
19. خليفہ منظور احمد راجپوت ماتلي ضلع بدين .
20. خليفہ ڪمال الدين لاشاري ڏوڪيا واھ تعلقہ ماتلي ضلع بدين.
21. خليفہ محمد اسماعيل ڏيپر ماتلي تعلقہ ماتلي ضلع بدين.
22. خليفہ محمد صديق راجپوت ماتلي تعلقہ ماتلي ضلع بدين.
23. خليفہ محمد رمضان رحماني ڪشميري محلا ماتلي ضلع بدين.

24. خليفه محمد اسلم نوري — ڪشميري محلا ماتلي ضلع بدين.
25. خليفه محمد اقبال ڪشميري — ڪشميري محلا ماتلي ضلع بدين.
26. خليفه مبارڪ حسين پنجابي — ڳوٺ لنجاري، تعلقو ماتلي ضلعو بدين.
27. خليفه محمد حسين خاصخيلي — سونهارو خاصخيلي تعلقو ماتلي ضلعو بدين.
28. خليفه محمد يوسف — حاجي سانوڻ تعلقو ماتلي ضلعو بدين.
29. خليفه محمد موسيٰ رند — 13 چڪ گولاڙچي ضلعو بدين .
30. خليفه الله ڏتو چانڊيو — 13 چڪ گولاڙچي ضلعو بدين .
31. خليفه محمد عالم چانڊيو — ڪورواهه تعلقو گولاڙچي ضلع بدين .
32. خليفه مولوي محمد امين ميمڻ — سجاول تعلقو سجاول ضلع ٺٽو (ڪراچي).
33. خليفه ملڪ محمد صاحب — ٽنڊو ڄام ضلعو حيدر آباد.
34. خليفه ماستر مير محمدصاحب — ٽنڊو ڄام ضلعو حيدر آباد.
35. خليفه قاري غلام حيدر تونسوي — تونسه شريف پنجاب .

مراڪز محبوب الاهي:

1.دربار فضل آباد شريف ماتلي: شهر ماتلي جي فضل آباد محلي ۾ هڪ ايڪڙ ايراضي جي تي مشتمل هي فڪري اصلاحي ۽ روحاني دربار آهي، جتي هر اسلامي مهيني جي ٽيويهين جي شام چوويهين جي رات روحاني ميڙاڪو ٿيندو آهي. ساليانو 24 ربيع الاول.

2. دربار ڪرمپور شريف دادو: شهر دادو جي قريب هي روحاني دربار آهي جتي هر اسلامي مهيني جي يارهين جي شام ٻارهين جي رات محفل ٿيندي آهي.

3. دربار دلبر آباد مورو: مورو ڪان دادو ايندي صرف سوا ڪلوميٽر جي مفاصلي تي ساڍا چار ايڪڙن تي مشتمل هي دربار آهي جتي هر اسلامي مهيني جي پهرين آچر ڏينهن جو روحاني وجداني محفل ٿيندي آهي. پندرهن شعبان ساليان محفل ٿيندي آهي.

4. جامعه مدينة العلم صالح آباد ملير ڪراچي: چار ايڪڙن تي مشتمل هن مرڪز ۾ هر اسلامي مهيني جو ٽيون آچر ڏينهن جو هڪ علمي ۽ روحاني محفل ٿيندي آهي.

5. لاهوري: خليفه محمد حسين جو مرڪز جتي هر ماه اٺٽيهين رات محفل ٿيندي آهي.

پهريون خليفو:

حضرت خليفہ محمد حسين لاهوري

صاحبِ محبت وصاحبِ استقامت، صاحبِ جلال و صاحبِ ڪمال حضرت خليفہ محمد حسين ولد محمد يوسف پنهور جي ولادت 6 نومبر 1942ع ۾ ڳوٺ لاهوري لڳ خيرپور ناٿن شاهہ ۾ ٿي. سندس ننڍپڻ بہ ان ئي ڳوٺ ۾ گذريو. سنڌي فائينل گرڪڻ ڳوٺ ۾ استاد محمد بخش چانڊيہ وٽ پڙهيا. ميٽرڪ هاءِ اسڪول ميهڙ ۾ ۽ انٽر ڊگري ڪاليج دادو ۾ ڪيائون. ناظره قرآن مجيد قاضي امان الله چانڊيہ گرڪڻ واري وٽ پڙهيا. فارسي مولانا مولوي در محمد پنهور وٽ ميهڙ ۾ پڙهيا. سندن استادن ۾ مقبول احمد شڪارپوري، قمر الدين راجپوت، نور احمد بلوچ دادو وغيره هئا. پڙهڻ بعد پاڻ استاد ٿيا.
بيعت : پاڻ 1956ع ۾ حضرت محبوب الاهي سان گڏجي پير مٺا سائين ﷫ سان بيعت ڪيائون. پوءِ سندن صحبت ۾ اچ وڃ جو سلسلو 1964ع تائين جاري رکيائون.
بيعت ثاني ۽ خلافت : پير مٺا ﷫ جي وصال کان پوءِ پاڻ محبوب الاهي سان خانپور ۾ بيعتِ ثانيہ ڪيائون. بيعت ٿيا ڪيائون پر پنهنجو ڳوٺ وطن سڀ ڪجهہ ڇڏي اچي مرشد جو در وٺي ويٺا. نوڪري بہ ڇڏي ڏنائون. سندس محبت ۽ الفت کي ڏسي حضرت جن ڪيس استاد حافظ نظام الدين جوڻيجو سان گڏ خلافت عنايت فرمائي. پاڻ پيار منجهان ڪيس "ماستر صاحب" ڪري سڏيندا هيا.
نانگري : سندس امانتداري، ڪفايت شعاري کي ڏسي محبوب الاهي ڪيس ننگر جي خدمت تي مقرر فرمايو. ان ڪري پوري جماعت کين خليفو نانگري سڏيندي آهي.
هن فقير جو تجربو آهي تہ جيڪو بہ ننگر جي خدمت تي مقرر ٿيندو آهي تہ ان ۾ طبعًا سختي ۽ جلال اچي ويندو آهي، سو خليفي صاحب ۾ بہ اهو جلال هوندو هيو. اسان ننڍا هوندا هئاسين. ڪيس وڃي چوندا هئاسين: "ماما ماستر ڳـڙُ ڏي".

اول تہ ڏاڍيون چڙيون ڏيندو هيو. پوءِ وري ڳُڙ ڏئي اسان جا هٿ چمي چوندو هيو او سائين ناراض نہ ٿجو. او سائين ناراض نہ ٿجو. سندس اهي چڙيون ۽ وري پوءِ منٿون اجا نہ ٿيون وسرن.

تڪميلِ سلوڪ ۽ اجازتِ مطلقہ : حضرت محبوب الاهي جي وصال بعد خليفي صاحب باقي اسباق جي تڪميل هن فقير (ڪرم الله) وٽ ڪئي. ناچيز ڪيس خلافتِ مطلقہ ڏني آهي. هاڻي پنهنجي ڳوٺ ۾ هر ماهہ اٺيهين جي رات جلسو ملهائيندا آهن. ڪثير تعداد ۾ ماڻهو ڪائنن مستفيض ٿي رهيا آهن. الله ڪريم سندن فيض ۽ برڪت ۾ مزيد برڪتون عطا فرمائي.

سندن سيرت : پاڻ سھڻن اخلاقن سان سينگاريل آهن. سندن خاص خوبي خدمت ۽ انڪساري آهي. جڏهن بہ ڪين ڏٺو ويو تہ پاڻ صبر، برداشت ۽ عاجزي جا پيڪر نظر آيا. ڪين ڪو ماڻهو گهٽ وڌ ڳالهائي وجي تہ پاڻ ان ڪي ڪو بہ جواب نہ ڏيندا آهن. سنت ۽ شريعت تي سختي سان ڪاربند رهڻ وارا آهن. مٿي تي هميشہ پٽڪو هوندو اٿن. اڪثر ذڪر ۾ مشغول نظر ايندا آهن.

دين جو درد : دين جي پرچار لاءِ پاڻ جهر جهنگ، ننڍن توڙي وڏن ڳوٺن، وستين ۽ واهڻن ۾ ستل ماڻهن کي جهالت جي ننڊ مان سجاڳ ڪرڻ لاءِ اڄ بہ پاڻ پتوڙي رهيا آهن. خيرپور ناٿن شاہ کان سيوهڻ شريف تائين تقريبًا هر ننڍي وڏي ڳوٺ ۾ تبليغ لاءِ ويا آهن. ان کان علاوه لاڙڪاڻو، دادو، نوابشاهہ، سانگھڙ، نوشهروفيروز، بدين ۽ ٺٽي ضلعن جي ڪافي شهرن ۽ ڳوٺن ۾ دين جو پيغام پهچائي رهيا آهن. سفرن ۾ ڪين ڪافي تڪليفون بہ ڏسڻيون پيون آهن پر پوءِ بہ تبليغِ دين ۽ اشاعتِ سلسلہ ۾ شب و روز مشغول آهن.

شادي ۽ اولاد : پاڻ هڪ شادي ڪئي اٿن جنهن مان ڪين ڇهہ پٽ ۽ هڪ نياڻي آهي.

1. محمد صالح 2.غلام رسول 3. محمد ابراهيم 4. احمد 5. ممتاز علي 6. عبدالقادر

هن وقت پاڻ خيرپور ناٿن شاهہ ۾ سڪونت پذير آهن.

سندن مشهور شاگرد : فقير گل محمد قمبراڻي دادو، فقير محمد جمن عالماڻي، فقير جعفر ٻرڙو، روشن علي پنگر، فقير سهراب جمالي، رئيس ڪوڙو خان جمالي وغيره.

مست مى بيدار گردد نيم شب ، مست ساقى روزِ محشر بامداد

ٻيون خليفو:

حضرت خليفه
محمد صديق راجپوت

جيئن سندن نالو صديق آهي تيئن پاڻ سچ پچ صديق آهي.
غمن تي صابر، نعمتن تي شاڪر، وفادار، غمگسار حضرت خليفي محمد صديق بن جام محمد راجپوت جي ولادت سندس اصل ڳوٺ سيلگام هندستان ۾ ٿي. سندس ننڍپڻ اتي گذريو. جڏهن پاڪستان ٺهيو ۽ دنيا جي تاريخي لڏ پلاڻ ٿي، هندن مسلمانن ڪي بي دريغ ڪُنو ان قتلِ عام ۾ خليفي صاحب جو والد ۽ تي چاچا هرهڪ نالي عباس، شفيع محمد ۽ فتح محمد شهيد ٿي ويا. پاڻ بہ پنهنجي امڙ ڪان وچڙجي ويو ۽ پنهنجي ڀاءُ ماسي ۽ ڀڦيءَ سان گڏ پاڪستان پهتو. رستي ۾ بي رحم ۽ ظالم هندن سندن رفيقن ڪي ۽ ڪيس تمام گهڻيون تڪليفون ۽ ايذاء ڏنا جيڪي لکڻ ڪان قلم قاصر آهي. اڄ بہ سندس ڪنڌ تي برڇي جي زخم جو نشان سندس مظلوميت جو شاهد آهي. پاڻ ريل گاڏي ۾ سوار ٿي شواڻي اسٽيشن تي آيو ۽ اتي اسپتال ۾ ڪافي ڏينهن زير علاج رهيو. نيڪ ٿيڻ ڪان پوءِ پنهنجي ڀاءُ عالم علي سان پاڪستان ضلعي بدين جي ماتلي شهر ۾ آيو. ماتلي جي ڀر ۾ سيلگام نالي مهاجرن جو ڳوٺ ٻڌو ويو. خليفو صاحب اتي رهيو. مولوي عبدالحق ڪڇي وٽ ناظره قرآن مجيد پڙهيو. پرائمري تعليم بہ سيلگام ۾ حاصل ڪيائين.

بيعت: اندازًا 1960ع ڌاري حضرت محبوب الاهي تبليغي دوري تي خليفي مبارڪ حسين وٽ ڳوٺ لانجاري ۾ منزل انداز هئا تہ اتي خليفہ محمد صديق سندن بيعت ڪئي

محبتِ شيخ: سائينجن تہ واپس موٽي ويا پر محمد صديق ڪي محبت گهر ۾ ويهڻ نہ ڏنو.

مُحَبَّتَ جن جي مَنَ ۾، تن تِشَنگِي تارِ،
پي پِيالو اُج جو، اُجَ سي اُجَ اُتِيارِ،
پُنهون پاڻَ پِيارِ، تہ اُجَ سِين اُجَ اُجهائِيان
نئون نينهن لڳو ڳري ۽ ڳالهيون ڪري.

سندس اندر ۾ ذڪر الاهي جاري ٿي ويو. پوءِ محبت ۾ اڪين مان آب هاريندو پنڌ پچائيندو خانپور پهتو. اتي مهينو مرشد محبوب جي حضوري ۾ ٽِڪي الله جي محبت جا سبق سکيائين. وري جو واپس وريو تہ هر وقت پنهنجي پير جي پياري صورت جو تصور سندس اکين اڳيان ڦرندو رهيو. بيقراري کي بس ڇئي نيٺ پنهنجا ٻچڙا وٺي خانپور ۾ پير جي پاڙي ۾ سکونت اختيار ڪيائين. سائينجن سندس سڪ ۽ صداقت کي ڏسي کيس خلافت عطا ڪئي ۽ تبليغ جو حڪم فرمايائون.

پوءِ مرشد جي حڪم سان تبليغ سانگي اٺ سال شهدادپور ۾ بہ رهيو. سندس اتي رهائش دؤران هي فقير (ڪرم الله) بہ ڪجھ عرصو وٽس رهيو هيو. اتي جامع مسجد لوهاري ۾ استاد غلام حيدر تونسوي رحمة الله عليه وٽ قرائت پڙهڻ جي سعادت نصيب ٿي هئي.

خليفو صاحب ديس پرديس مرشد محبوب الاهي جو همسفر رهيو. حضرت جن جي وصال بعد هن فقير سان بيعت ڪيائين ۽ سلوڪ جا سبق مڪمل ڪيائين. هن وقت پاڻ ماتلي شريف ۾ رهائش پذير آهي. سندس صداقت ۽ محبت کي ڏسي مرشد ڪريم کيس "صديق" سڏيندا هئا.

تبليغي سرگرميون: پاڻ مختلف علائقن ۾ تبليغ ڪري رهيو آهي. جيئن هوسڙي، ٽنڊو ڄام، جيئندل ڪوٽ، ٽارو شاهہ، نوشهروفيروز، ڪنڊيارو، هالا، شهدادپور، ميرواهہ گورچاڻي، ڊگڙي، ڪوسڪي، ٽنڊو جان محمد، جهڏو، 13، 14 چڪ، گولاڙچي، 90 چڪ ۽ پنجاب جي ننڍن وڏن ڳوٺن ۽ شهرن جيئن لوڌران، جهانيان، شجاع آباد، ملتان، پاڪ پتڻ، سيلگام، بهاولنگر، گلاب علي، ڊونگا بونگا، متوتلي وغيره ۾ بہ تبليغي دؤرا ڪندو رهندو آهي. جڏهن ماتلي ۾ هوندو آهي تہ هر فجر جي نماز اچي دربار شريف تي ادا ڪندو آهي.

سعادت عمره: 2001ع ۾ کيس رب ڪريم عمري جي سعادت بہ نصيب ڪئي آهي.

شادي ۽ اولاد: پاڻ هڪ شادي ڪئي اٿس، کين بہ فرزند ۽ پنج نياڻيون آهن.

1. قاري صغير احمد 2. قاري جعفر صادق

ٽيون خليفو:

حضرت خليفہ
ڪمال الدين لاشاري

ڪمال جو صاحب، الله جو عارف حضرت خليفو ڪمال الدين ولد عبد الله بن غلام حيدر لاشاري رحمت الله عليہ حضرت سائينجن جو خليفو ۽ وڏي محبت وارو فقير هيو. سندس اصل ڳوٺ باقرخان لاشاري لڳ ڏوڪيا واهہ هيو. 1937_5_20 ۾ سندس ولادت ٿي. ڪيس ننڍپڻ ڪان پيرن فقيرن سان دلي محبت هئي. هڪ پيري سندس مائٽن ڪيس چيو تہ چوڏهين چڪ ۾ فقير آهن جيڪي منهن ڍڪي مراقبو ڪن ٿا، الله الله ڪن ٿا. انهن جو پير اتر ڪان دادو ضلعي مان اچي ٿو. ان وٽ جادو آهي. جيڪو هڪ پيرو وٽس وڃي ٿو سو قابو ٿي وڃي ٿو. ان طرح ماڻهن تمام گهڻي مخالفت ڪئي. ڪيس شوق ٿيو تہ هلي وڃي ان بزرگ کي اکين سان ڏسان. پوءِ فقيرن سان اچي مليو تہ ڪيس ڏاڍي محبت ۽ مزو آيو پوءِ انهن فقيرن سان گڏجي حضرت پير مٺا سائين وٽ رحمتپور لاڙڪاڻو آيو. پوءِ جيئن حضرت جن کي ڏٺائين تہ سندس دل ذڪر ۾ جاري ٿي وئي. پوءِ جيئن مريد ٿي موٽيو تہ سندس قلب مان غير جون محبتون ميسارجي ويون. ڪيس عجيب خواب خيال ۽ عجيب وارداتون نظر اچڻ لڳيون. سندس رات ڏينهن ذڪر الاهي ۾ گذرڻ لڳو.

پير مٺا سائين جي زندگي ۾ ئي ڪيس حضر ت محبوب الاهي سان انس ۽ الفت هوندي هئي. سندن صحبت ۾ خانپور ويندو هيو. پير سائين جي وصال بعد محبوب الاهي سان بيعت ڪيائين. سائينجن سان ڪيس تمام گهڻي محبت هوندي هئي. ايستائين جو پنهنجي دختر نيڪ اختر مخدومہ محترمہ بيبي سعيده حضرت جن جي حبالہءِ نڪاح ۾ ڏنائين. جنهن مان حضرت جن کي ڪثير اولاد ٿيو. جنهن جو ذڪر هاڻي مٿي بيان ڪيو ويو. پاڻ پنهنجي ڳوٺ ڪان لڏو ڪڻي ٻارن ٻچن سميت ڏهہ سال خانپور ۾ اچي رهيو.

خلافت : حضرت جن ڪيس خلافت جي خلعت سان نوازيو. پاڻ تمام گهڻي تبليغ ڪندو هيو. سندس آواز ۾ سوز ۽ گداز هيو. جڏهن سُر سان شعر پڙهندو هيو تہ ماڻهن جي دلين کي موهي ڇڏيندو هيو.

فرمايائين : هڪ ڏينهن مون مرشدن کي عرض ڪيو تہ منهنجا مائٽ مون سان ناراض آهن وڙهڻ جا سانباها ڪن ٿا. پاڻ فرمايائون فقير غم نہ ڪر. جيڪو توتي الاريندو ان کي لڳي پوندو. اسان تنهنجي لاءِ دعا گهري آهي. پوءِ اهي ڏينهن هي ڏينهن اڄ تائين جيڪو مون کي الاري ٿو ان کي خدا ئي ڏڪ لڳي پوي ٿو.

عمر جي آخري حصي ۾ ڪيس رقت قلبي تمام گهڻي هوندي هئي. الله ۽ انجي رسول ﷺ جي ڪا ڳالهہ ڪرڻ سان يا ٻڌڻ سان سندن اکين ۾ لڙڪ وهي ايندا هئا. ڪائڻ پيئڻ تمام گهٽ هوندو هيس. هر وقت ذڪر الاهي ۾ رهندو هيو.

هڪ ڏينهن هن فقير سان خود بيان ڪيائين تہ مان ڪثرت سان درود پڙهندو آهيان. ان جي مون کي اها برڪت نصيب ٿي آهي جو اندر نهاريان ٿو رسول الله ﷺ جو روضو پاڪ نظر اچي ٿو. وري ٻاهر نهاريان ٿو تہ رسول الله ﷺ جو روضو پاڪ نظر اچي ٿو.

هڪ ڏينهن منهنجي فرزند "ساجن" کي جهولي ۾ کڻي فرمايائين: "هن کي امانت ملندي".

فرمايائين: هڪ ڀيري حضرت جن پنهنجي چادر مون کي عنايت فرمائي. اها پائڻ سان منهنجي دل جي ڪيفيت متجي ويندي هئي. هڪ ڏينهن اها چادر مبارڪ ويڙهي آيس تہ ماڻهن کي جذبو ٿي ويو. پر هڪ ماڻهو وڏو مخالف هيو. ان بہ مون کي ڏٺو تہ ان کي بہ جذبو ٿي ويو. پاڻ بہ شاديون ڪيائون، جن مان کين بہ فرزند ۽ پندرهن نياڻيون ٿيون.

چوٿون خليفو:

حضرت خليفہ
مولانا گل حسن سومرو

عالم با عمل، صوفي باصفا خائفِ خدا حضرت مولانا خليفہ گل حسن سومرو دام مجده . پاڻ منهنجا استادِ محترم آهن. پاڻ ضلعي دادو تعلقي خيرپور ناٿن شاهہ جي ڪاڇي جي علائقي ۾ سوپياٽي ڳوٺ جا رهواسي آهن.

ظاهري علم حضرت جن جي زير نگراني درگاه واري مدرسي خانپور ۾ ابتدائي تعليم مڪمل ڪيائون. دورهءِ حديث مولوي احمد علي دايو وٽ ٽوڙهي ڳوٺ ۾ مڪمل ڪيائون. سندن دستار فضيلت جي جلسي ۾ هڪ عظيم الشان مجلس سندس ڳوٺ ۾ ٿي جنهن ۾ حضرت محبوب الاهي پنهنجي دستِ شفقت سان کين پڳ ٻڌائي. پوءِ جلدي کين خرقهءِ خلافت سان نوازيائون.

پاڻ مدرسہ عربيہ انوار اللهيہ ماتلي شريف ۾ بہ مدرس رهيا. اتي هن فقير ڪانئن شرفِ تلمذ حاصل ڪيو. طالب العلمي واري وقت ۾ هن فقير سندن مزاج عارفانہ ڏٺي. رقيق القلبي جي ذات ڌاتر وٽان کين مليل آهي. صبح جي حلقي مراقبي ۾ سندن گريہ ۽ زاري بي انداز هوندي هئي. حضرت جن سان والهانہ محبت رکندا هئا.

فرمايائون هڪ ڏينهن حضرت جن کين تبليغ لاءِ موڪليو. تبليغ ۾ ڏاڍو لطف ۽ سرور آيو. فرمايائون سفر ۾ صلواة التسبيح نماز پڙهيم. ان جو لطف ۽ ڪيف اڄا تائين نہ ٿو وسري. اڄ بہ جڏهن حضرت جن جي ڳالهہ ٿيندي آهي تہ سندن اکين مان نير وهڻ لڳندا آهن. هن وقت پاڻ پنهنجي آبائي ڳوٺ ۾ ديني خدمات سرانجام ڏئي رهيا آهن.

انشاءَ الله حضرت محبوب الاهي ﷺ جي مڪمل سوانح ۽ سندن اولاد ۽ سندن خلفاءَ جي مڪمل سوانح جلد پيش ڪئي ويندي.

ڇهون خليفو:

حضرت سيد سخي

عبد اللّٰه شاهہ بخاري

دربار رحمتپور شريف

لاڙڪاڻو. [1]

عارف بالله، ڪامل ولي الله، آلِ نبي اولادِ علي حضرت سخي سيد عبد الله شاهہ بخاري رحمت الله عليہ. پاڻ طريقت ۾ مٿاهون قدم رکندڙ هئا. صورت ۾ سهڻا اخلاقن ۾ اعليٰ هئا. الله ڪريم کين شرفِ نسب سان گڏ پنهنجي ڪامل اکمل ولي حضرت پير مٺا سائين رحمت الله عليہ جي پاڙي جي سعادت سان نوازيو هيو. پنهنجي مرشد ڪامل سان پاڙيسري ٿي رهيا ۽ وصال جي وقت تائين محبت توڙ نڀايائون.

سندن اصل نالو **نواب شاهہ** هيو پوءِ مرشد ڪريم کين فرمايو تہ فقيرن جو نوابي سان ڇا؟ تون نواب شاهہ نہ پر **عبد اللّٰه شاهہ** آهين. ان ڏينهن کان پوءِ پاڻ عبد الله شاهہ جي نالي سان اهڙو مشهور ٿيا جو تمام گهٽ ماڻهن کي سندن اصل نالي جي خبر رهي.

گهراڻو : سندن وڏڙا اصل ڪڇي جي ڳوٺ ڪيٽي ڀليم لڳ اڳڙا تعلقو گمبٽ جا رهواسي هئا.

تعليم : پاڻ سنڌي فائينل شڪارپور مان ڪيائون ۽ فارسي تعليم سڪندر تائين حاصل ڪيائون. تعليم لاءِ ڳوٺ اڳڙا ايندا هيا. پوءِ ڳوٺ پيلهاڙو ۾ پرائمري استاد بہ ٿي رهيا.

ننڍپڻ : پاڻ ننڍپڻ کان وٺي نماز روزي جا پابند هوندا هيا. ڪنهن کان ڳُهر سوال ڪرڻ کي عار سمجهندا هيا. الله وارن سان محبت ڪندا هيا.

قادري طريقي ۾ بيعت : سندن فرزند سيد محمد شاهہ بيان ڪيو تہ پاڻ فرمائيندا هئا تہ :

---

[1] هيءَ معلومات سندن صاحبزادي سيد عبيد الله جي لکيل بياض مان ۽ ڪجهہ سندن صاحبزادي سائين سيد محمد شاهہ کان روبرو حاصل ڪئي وئي آهي.

هڪ رات مون خواب ۾ ڏٺو تہ حضرت سيد غلام محمد شاهہ عرف **ٽبين جوڙيو** جيلاني راڻيپور واري سائين جو مريد ٿيو آهيان. پوءِ سندن دربار ۾ وڃي حاضر ٿيس. ظهر جي نماز کان پوءِ جڏهن پاڻ حويلي ڏانهن وڃي رهيا هيا تہ مون کين عرض ڪيو تہ سائين آءٌ توهان سان بيعت ڪرڻ لاءِ حاضر ٿيو آهيان. پاڻ پنهنجي هڪ خليفي عبد الله شاهہ کي فرمايائون تہ شاهہ صاحب جو مريدن ۾ نالو لکيس. مون عرض ڪيو تہ سائين عام مريدن وانگر مريد ٿيڻ نہ آيو آهيان. مان بيعت ۽ ذڪر پڇڻ ۽ فيض وٺڻ آيو آهيان. سائين کي جلال اچي ويو فرمايائون تہ سڄي عمر گذري وئي ڪو بہ طالب المولا ٿي نہ آيو آهي. عمر جي آخري حصي ۾ تون ئي طالب المولا بنجي آيو آهين. پوءِ پاڻ مون کي پنهنجي هجري ۾ اندر وٺي ويا. پنهنجو ڪُرتو بہ لاٿائون ۽ مون کي بہ لاهڻ جو امر ڪيائون. پوءِ مون کي ڀاڪر پاتائون. بس ڀاڪر پائڻ سان منهنجي دل جي دنيا بدلجي وئي ۽ اندر ۾ عشق جي باهہ ڀڙڪڻ لڳي. پوءِ مون کي بيعت ڪيائون ۽ چار تسبيون ذڪر جون ڏسيائون ۽ ذڪر جي تلقين فرمايائون. مون سان ڏاڍي محبت ڪندا هيا. سفر حضر ۾ ساڻ رکندا هيا. ٿوري ئي عرصي ۾ طريقہ قادري ۾ ڪافي ترقي نصيب ٿي. ان کان پوءِ پاڻ اسم ذات جي اجازت ڏنائون پوءِ عشق الاهيءَ جي باهہ لڳي پئي.

پاڻ مرشد ڪريم وٽان واپس وريا، پر سندن سينو عشق الاهي جي تپش ۾ ڪوري وانگر پچڻ لڳو. عشق الاهي جو حال وڃي اهو ٿين جو جيڪڏهن ڪو شخص الله چوندو هيو يا ڪو بانسري وڄائيندو هيو تہ کين وجد ٿي ويندو هيو. نفي اثبات جو ذڪر تمام گهڻو ڪندا هيا. رات جي تنهائين ۾ مسجد ۾ ويهي لا الٰه الا الله جو ذڪر وڏي آواز سان ڪندا هيا. ڪڏهن ذڪر جي اهڙي ڪيفيت ٿيندي هين جو ذڪر ڪندي ڪندي سندن وات، نڪ ۽ ڪنن مان رت وهڻ لڳندو هيو تانجو بيهوش ٿي ويندا هيا.

جڏهن سندن والده ڏسندي هئي تہ پاڻ اڃا ڪونہ آيو آهي تہ پوءِ ڪو ماڻهو مسجد ۾ موڪليندي هئي. اهڙي طرح سان کين ڪٽائي گهر آندو ويندو هيو. ذڪر دوران خون وهڻ سبب پاڻ ڏينهون ڏينهن ڪمزور ٿيندا ٿي ويا. والده سندن هيڏو حال ڏسي نہ ٿي سگهي پوءِ پنهنجي وڏي فرزند مٺل شاهہ کي سندن مرشد ڏانهن موڪليائين تہ وڃي عرض ڪر

تہ ڪجھ توجھ گھٽ ڪن. جڏھن سندن مرشد ڪي سارو حال ٻڌايو ويو تہ فرمايائون تہ توھان جو ڀاءُ تہ ڀاڳن وارو آھي جنھن تي ايتري مھرباني ٿي رھي آھي.

ڪشف : سائين سخي عبد الله شاھ کي تمام گھڻو ڪشف ٿيندو ھيو. الله ڪريم کين باطن واري اک عنايت ڪئي ھئي. ڪو ماڻھو ايندو ھيو تہ ان جي اندر کي ائين پڙھي وٺندا ھئا جيئن ڪو ڪليل ڪتاب پڙھي وٺبو آھي.

ٻھرئين شادي : سندن نانگ مان ڪيائون. جنھن مان کين ھڪ پٽ ۽ ھڪ نياڻي ٿي. سندن ناناڻا ميعن شاھ ڳوٺ ۾ رھندا ھئا. 1926ع ۾ وباء جي بيماري سبب سندن اھليہ ۽ ٻار بيمار ٿي پيا ۽ ٿورڙي ئي عرصي کان پوءِ وصال ڪري ويا.

حج : ان زماني ۾ ماڻھو پنڌ حج ڪرڻ ويندا ھيا. پاڻ بہ پيادل حج ڪرڻ جو ارادو فرمايائون. ان دوران ٻي شاديءَ لاءِ بہ رشتا اچڻ لڳا. محبت ۽ ممتا سبب سندن والده کين حج کان روڪڻ جي ڪوشش ڪئي پر پاڻ کيس دلاسا ڏئي اجازت وٺي حج لاءِ روانا ٿيا. سفر ۾ آيل وڏين تڪليفن کي مُنھن ڏئي وڃي محبوبن جي ملڪ پھتا. سعودي عرب ۾ ڪجھ سال رھيا ۽ ٻہ حج ادا ڪيائون.

مرشد جي بشارت: پنھنجي مرشد حضرت سيد غلام محمد شاھ جي وصال کان پوءِ پاڻ گويا اڪيلا ٿي پيا. مرشد جي جدائيءَ ۾ نيڻن مان نيرَ ھاريندا ھيا. اڃا حرمين شريفين ۾ ھيا تہ ھڪ رات کين خواب ۾ سرور عالم ﷺ جي زيارت ٿي ۽ کين سنڌ ۾ مرشد ملڻ جي بشارت فرمايائون. مرشد جي صورت شبيھ جي بہ کين زيارت ڪرائي وئي.

پير قريشي جي زيارت ۽ قُربت : جڏھن پاڻ واپس وطن آيا تہ حضرت پير مٺا سائين رحمت الله عليہ سان پھرئين ملاقات روھڙي اسٽيشن تي ٿين. جڏھن پاڻ پير مٺا سائين سان گڏجي درگاھ مسڪين پور شريف پھتا تہ اتي پير قريشي جي زيارت ڪيائون. سڃاتائون تہ ھي تہ اھو ئي جوان آھي جنھن خواب ۾ جلوو پسايو ھيو. پوءِ دل ۾ سندن بيعت ڪرڻ جي بيتابي ٿين. پوءِ قريشي ڪريم سان بيعت ڪيائون. قادري فيض جي اندر ۾ اڳ آڳ ٻريل ھئي وري جو نقشبندي نينھن نروار ٿيو تہ ڪائنن ٻار ٻچا وسري ويا. عشق و محبت جي مستي طاري ٿي وين. پوءِ قريشي ڪريم کان سلوڪ جا سبق ورتائون.

پاڻ پير قريشي رحمت الله عليه سان بيحد محبت ڪندا هيا. سفر حضر ۾ ساڻن گڏ هوندا هيا. ننگر ۾ مسجد شريف جي خدمت به ڪندا هيا.

عجيب اوصاف : پاڻ حضرت پير قريشي جي صحبت ۾ ٻارهن مهينا رهيا. پير قريشي سيد هجڻ جي ناتي ساڻن گهڻي محبت رکندا هئا ۽ سندن ادب ڪندا هئا.جڏهن مسجد شريف جي تعمير شروع ٿي ته پير قريشي ڪين فرمايو ته : ”منهنجي تمنا هئي ته مسجد جي پهرئين سِرَ اهو شخص رکي جيڪو سيد به هجي، حاجي به هجي، اهل علم ۽ طريقه نقشبنديه سان منسلڪ به هجي. الله تعاليٰ منهنجي دعا قبول فرمائي اوهان ۾ اهي سڀ صفتون موجود آهن.“ پهرين سر اوهان رکو. پوءِ پير مٺا سائين گارو لاٽو سائين عبدالله شاهه پهرين سِرَ رکي، ٻين سِرَ پير قريشي پاڻ رکي ۽ ٽين سِرَ پير مٺا سائين رکي.

بيعت ثاني ۽ تبليغ: جڏهن پير قريشي رحمت الله عليه جو وصال ٿي ويو ته پاڻ پير مٺا سائين رحمت الله عليه سان بيعت ڪيائون ۽ پوءِ جلدي پير مٺا سائين رحمت الله عليه ڪين خلافت جو شرف عطا ڪيو. مرشد طرفان ڪين تبليغ لاءِ ڪنهن مخصوص ڳوٺ يا علائقي جي اجازت نه هئي انڪري پاڻ مختلف ڳوٺن ۽ شهرن ۾ دين جو پيغام پهچائيندا رهيا. پاڻ اڳڙا، پيلهاڙو، ستابو، ڪمال ديرو، ڪاڇو، شهداد ڪوٽ، تعلقو جهل مگسي، قبو سعيد خان، ڪوٽ مگسي، ڪير ٿر، ميرو خان ۽ ڳڙهي ياسين جي ڪجهه علائقن، قمبر، آبڙي، ڳوٺ حاجي جمعو بروهي، آگاٽي، ميهڙ، نصيرآباد، خضدار، پسني، گوادر ۽ مختلف ڳوٺن وستين ۾ تبليغ ڪيائون. فرمائيندا هيا ته بلوچستان ۾ تقريباً پنڌ ڪرڻو پوندو هيو.

ٻي شادي: شاديءَ لاءِ وڏن ڪافي رشتا آيا پر پاڻ هر ڀيري انڪار ڪندا رهيا. فرمائيندا هيا ته دنيا ۽ دنيا جو سامان بي بقا آهي. هڪ ڀيري مسو حب ڳوٺ جي فقير پير بخش ڏيٽو اچي پير مٺا سائين کي عرض ڪيو ته منهنجي نياڻي اوهان جي مِلڪ آهي. پوءِ پير مٺا سائين خليفه سيد عبدالله شاهه صاحب کي گهرائي فرمايو شادي ڪرڻ آقا ﷺ جي سنت آهي ۽ ٻيون نصيحتون ڪندي ڪين ٻين شادي ڪرڻ جو حڪم ڪيائون. پاڻ مرشد جي حڪم تي لبيڪ چئي فوراً شادي لاءِ تيار ٿي ويا. پوءِ سندن نڪاح پير مٺا سائين جن پاڻ پڙهايو.

بيبي صاحبہ الله جي تمام نيڪ صالحہ ٻانهي هئي. رات جو عبادت ڪندي هئي ۽ ڏينهن جو لنگر جي خدمت ڪندي هئي. پير سائين جن ڪيس نياڻي ڪري سڏيندا هيا. ڪجھہ عرصي کان پوءِ ڪين هڪ پٽ سيد محمد معصوم شاهہ ڄائو ۽ بعد ۾ هڪ نياڻي سيده حميرا تولد ٿي پر قضا الاهي سان اُهي ٻئي ٻار وفات ڪري ويا. جنهن سبب ڪين ڏاڍو ڏک ٿيو پر اُن ڏک کي صبر سان برداشت ڪيائون.

پُٽن جي بشارت: پير مٺا سائين ڪيس ستن پٽن ۽ نياڻن جي بشارت ڏيندي فرمايو تہ توهان ڏکارا نہ ٿيو. انشاء الله رب ڪريم توهان کي ڪثير اولاد عطا ڪندو. پوءِ ڪين پهريائين ٽي پٽ 1. سيد عبيدالله شاهہ 2. سيد مطيع الله شاهہ ۽ 3. سيد رفيع الله شاهہ ڄاوا. انهن ٽنهين پٽن جا نالا حضرت پير مٺا سائين پاڻ رکيا هيا. وڌيڪ خوشخبري ڏيندي فرمايائون تہ توهان کي اڃا بہ ٻيا پٽ ٿيندا جن تي هي نالا رکجو.

4. عطي الله شاهہ 5. محمد حفيظ الله شاهہ 6. نور الله شاهہ 7. محمد شاهہ

پنهنجي مرشد جي ڏسيل نالن موجب سڀني پٽن تي نالا رکيا ويا. جڏهن ڪين محمد شاهہ ڄائو تہ پاڻ فرمايائون هي منهنجو آخري پٽ آهي.

پير مٺا سائين جا ڪين لکيل خط: جيئن تہ سندن اصل نالو نواب شاهہ هيو. پوءِ سنڌ ۾ اچڻ بعد پير سائين جن سندن نالو تبديل ڪري عبد الله شاهہ رکيو هيو. پنجاب مان جيڪي خط پاڻ ڪين لکيا اٿن انهن ۾ سندن نالو نواب شاهہ لکيو اٿن. انهن خطن مان ڪجھہ خط هتي پيش ڪجن ٿا جيڪي دربار رحمتپور شريف پاران ڇپايل مڪتوبات شريف مان ورتا ويا آهن.

پهريون خط:

بخدمت مشفقی میاں نواب شاہ صاحب اسلام علیکم ورحمۃ اللہ وبرکاتہ!

مقصود از ذکر قلب وطئ منازل سلوک ترک ماسویٰ اللہ وتوجہ الی اللہ ہست کما قال مولانا جامی رحمۃ اللہ علیہ ونعم ما قال

شعر

خلیل آسا در ملک یقین زن * نوائے لا احب الآفلین زن

یکے دان ویکے بین ویکے گو * یکے خوان ویکے خواہ ویکے جو

بر نقص باطن و مشعر بر عدم جمعیت خاطر طالب مولیٰ را باید کہ از حب دنیا و مافیھا محترز باشد و قلب را معمور بمحبت حضرت حق سبحانہ و تعالیٰ سازد و بحصول معرفت و مقام رضا پردارد و در آمد رفت فوائد بیشمار اند چنانچہ حضرت خواجہ محمد معصوم قدس اللہ سرہ در مکتوب شریف نوشتہ کہ حاضر بر غائب ہفتاد گونہ فوقیت دارد، واللہ اعلم بالصواب۔ و بندہ عازم آں صوب است انشاء اللہ تعالیٰ۔ بخدمت منبع محاسن اشفاق مجمع مکارم اخلاق مشفقی مولوی صاحب اسلام علیکم و رحمتہ اللہ و برکاتہ و دیگراں جماعت اہلذکر را مطالع باد۔ ربنا لا تجعلنا من الذین کما قلت لم تقولون ما لا تفعلون واللہ یھدی الی الرشد من یشآء

لاشیء محمد عبدالغفار فضلی

بیوں خط :

بخدمت مکرمی و محترمی جناب حاجی نواب شاہ صاحب!

سلامت باشید اسلام علیکم

دوبارہ جلد واپسی ایں بندہ خطرات ووساوس واقع شدن محتوی بر نارسائی حقیقت کار ست ایں چنیں خطرات وامثال اینہا باختصار بیان کردمی زیبد و بخط و کتابت کارندارد۔ چہ اگر درجوابش مبادرت کردہ شود یکے انشاء اللہ تعالیٰ بطول عریض اولا خواہد شد و بندہ را یارائی آں نیست در ذکر و محبت بشیخ دل را باید کرد کہ سر موئے گنجایش نباشد۔ و ہر گہ کہ پیر در نظر طالب محبوب میدارید خطائے او ثواب و عیبش ہنرے نماید۔ و اگر بحکم ضرورت در جوبش پرداشتہ شوم گویا ستائش خود کردہ باشم و این نہایت مذموم است "فَلَا تُزَكُّوا أَنْفُسَكُمْ" نص قطعی است۔ والبتہ روبرو بقصدِ اطمینان رسائیدہ ہیچ باکے نیست۔

عزیزا مولوی رضا محمد یک مکتوب محتوی و متضمن بر قبول دعوت ارسال داشتہ و بسیار اشتیاق وانتظار جماعت آنجائی را اظہار فرمودہ و کرایہ نیز ارسال نمودہ۔

مشفقا بست و ہفتم ۲۷ ربیع الثانی عرس شریف مجوز نمودہ ازاں اطلاع مرقوم۔

مشفقی میاں عاشق محمد را مطلع خواہند فرمود کہ بتاریخ ششزدھم ربیع الثانی یا قبل ازیں در عاشق آباد رسیدہ شود بخدمت گرامی مولانا مولوی نور محمد صاحب و جمیع جماعت اہلذکر آنجائی را اسلام علیکم مطالع باد۔

لاشیء محمد عبدالغفار فضلی

تیون خط :

بخدمت گرامی حضرت حاجی نواب شاہ صاحب سلامت باشید

اسلام علیکم وعلیٰ من اتبع الھدیٰ

عزیزا بیشک یہ آپ کی بات صحیح ہے آجکل لاڑکانہ کی طرف سفر کرنا نہایت دشوار ہے۔ بخدمت مولانا مولوی صاحب نور محمد صاحب ۲۷ رمضان شریف لیلتہ القدر کی رات یہاں فقیروں کا اجتماع ہوتا ہے اور ساری رات جاگتے ہیں اور ذکر کرتے ہیں۔ اور آپ اور دیگر احباب اہلذکر آنجائی اس مجمع کی شمولیت اور حصول برکات کیلئے تشریف لے آنویں تو بہتر ہے اور اگر آپ کسی عوارضات سے ادھر آنے کو متعذر ہوجاویں تو وہیں مجمع جماعت اہلذکر ساری رات صبح تک جاتی رہیں اور ذکر مراقبہ تسبیح، تحمید تہلیل صلواۃ تسبیح اور تہجد پڑھتے رہیں کہ لَيْلَةُ الْقَدْرِ خَيْرٌ مِنْ أَلْفِ شَهْرٍ نص قطعی ہے۔

اور حدیث شریف میں ہے: لَا يَقْعُدُ قَوْمٌ يَذْكُرُونَ اللهَ عَزَّ وَجَلَّ إِلَّا حَفَّتْهُمُ الْمَلَائِكَةُ وَغَشِيَتْهُمُ الرَّحْمَةُ وَنَزَلَتْ عَلَيْهِمُ السَّكِينَةُ وَذَكَرَهُمُ اللهُ فِيمَنْ عِنْدَهُ [1]

عزیزا تبلیغ میں بدل وجان کوشش فرماتے رہیں اور کثرت ذکر کی تحریص دلاتے رہیں کیونکہ مبتدی بجز کثرت ذکر مستحق ترقی کا نہیں ہوسکتا اور ہر وقت علی المخصوص بوقت حلقہ توجہ اپنے وجود کی نفی اور استیلائے دید قصور یہ دونوں ضروریات سے ہیں۔ خاک شو خاک بروید گل

اور کوئی کتاب سلوک کی جیسا کہ مکتوبات شریف امام ربانی اور احیاء العلوم حضرت امام غزالی رحمۃ اللہ علیہ مطالع میں رکھا کرو اور امید ہے بہت فائدہ ہوگا۔ والسلام علیکم اولاً وآخراً جمیع جماعت اہلذکر آنجائی کو اسلام علیکم مطالع باد۔

لاشیء فقیر محمد عبدالغفار فضلی

---

[1] صحیح مسلم

چوٿون خط :

اسلام علیکم ! عرس شریف کی تاریخ ۷ ۲ ربیع الثانی کی گئی ہے اور اسی ۷ ۲ کے دن ختم ہو جائیگا۔ اطلاعاً مرقوم جمیع جماعت اہلذکر آنجائی و جماعت کھیر تھر قریب و بعید کو آگاہ فرمانویں اور بذریعہ خط ہر جگہ اطلاع دیسکتے ہو حافظ محمد زمان و مولوی محمد سلیمان، مولوی رضا محمد و مولوی غلام رسول صاحبان کو مطلع فرمانویں۔ مولانا مولوی نور محمد صاحب کو و جماعت اہلذکر آنواں رحی کو نیز اطلاع۔

لاشیء فقیر محمد عبدالغفار فضلی

پنجون خط :

بخدمت مکرمی جناب والاشان شاہ صاحب سلم اللہ تعالیٰ

اسلام علیکم ورحمتہ اللہ وبرکاتہ ومغفرتہ

مکتوب شریف آپ کا پہنچا۔ مندرجہ حقیقت سے آگاہی ہوئی جو ہمارے اور تمہاری اوپر لازم ہے کہ ہم بدل و جان حتی المقدوم تبلیغ کے کام میں سر گرم رہیں۔ ہمارا کام ہے ذکر بتانا آگے ان کی مرضی۔ ہدایت کا کارخانہ سبھی اسی حق سبحانہ تعالیٰ کے ید قدرت میں ہے۔ فقط ذکر بتلاؤنہ کہ ذمہ دار ہو۔ فی صدی ایک آدمی جو طالب المولیٰ راسخ العقیدت مل جاوے اس کو غنیمت سمجھو اور آپ کا اجر تبلیغ کا ضایع نہیں ہوگا اور آپ کو خاص اسی کام کیلئے معین سمجھو اور گھر کو سفر اور سفر کو گھر سمجھو۔ بندہ عنقریب تیار ہے۔ انشاء اللہ تعالیٰ جمیع جماعت اہلذکر آنجائی کو اسلام علیکم مطالع باد۔

لاشیء فقیر محمد عبدالغفار فضلی

درگاھ رحمتپور جي قيام ۾ سندن صلاح : درگاھ رحمتپور شريف جي پلاٽ ڏسڻ لاءِ حضرت پير مٺا سائين پنهنجي فرزند حضرت خواجه خليل الرحمن سان گڏ وڏي خليفي حضرت سهڻا سائين ، فقير گل محمد سهتو ۽ خليفه عبدالله شاھ کي موڪليو هيائون. شاھ صاحب جن درگاھ شريف جي تعمير ۾ پير مٺا سائين سان هم صلاح رهيا. درگاھ جي تعمير کان پوءِ مخالفتن سان به منهن ڏيندا رهيا. پير مٺا سائين سان تبليغ جي ڪم ۾ ٻانهن ٻيلي رهيا. پير مٺا سائين کي مستقل سنڌ ۾ رهڻ جو مشورو به سائين عبد الله شاھ ڏنو هيو . جنهن کي پاڻ پسند فرمايائون ۽ سنڌ ۾ مستقل رهائش اختيار ڪيائون.

تبليغي ثمرات: حضرت خليفه سخي عبد الله شاهه جي بي انتها تبليغي ڪوشش جا بي انتها سٺا اثرات ۽ ثمرات پيدا ٿيا. وقت جا جيد علماءِ ڪرام به سندن ڪوشش سان پير مٺا سائين جي خدمت ۾ آيا ۽ انهن مان ڪي سائينجن سان بيعت به ٿيا. انهن مشاهير علماءَ منجهان حضرت علامه غلام محمد مهيسر ، مولانا غلام رسول جتوئي محراب پور وارا، حضرت غلام رسول چانڊيو صاحب، حضرت مولانا الله ڏنو جمارا ڻي صاحب، حضرت عبدالحڪيم چانڊيو صاحب، استاد العلماء محمد صالح نعيمي، حضرت حافظ احمد ۽ مولوي حبيب الله رتڙ صاحب جو سمورو خاندان پير سائين جن سان دست بيعت ٿيو.

خلفاءَ لاءِ سفارشون: شاهه سائين جن کي تبليغ دين جو وڏو حرص هوندو هيو. هڪ ڏينهن مرشد ڪريم حضرت پير مٺا سائين رحمت الله عليه کي عرض ڪيائون ته پاڻ گهڻن فقيرن کي خلافت ڏين ته جيئن تبليغ جو سلسلو وڌيڪ ٿئي. جيئن ته پاڻ پير مٺا سائين جن وٽ منظورِ نظر هئا، انڪري سندن سفارش سان ڪافي ناميارن خليفن کي پير سائين جن خلعتِ خلافت سان نوازيو.

مرشد جي ساڻن محبت: سيد سخي عبد الله شاه سان حضرت پير مٺا سائين رحمت الله عليه والهانه محبت رکندا هئا.

اضافي عنايت: هڪ ڏينهن ٽاڪ منجهند جو وقت هيو. گرمين جي موسم هئي. شاهه سائين جن گهر ويٺا هئا ته ٻاهران در کڙڪيو. پاڻ در کوليائون ته قطبِ عالم پير مٺا سائين محبوب خود تشريف فرما هئا. کين گهر اندر وٺي آيا. پير سائين جن فرمايو ته اوهان جو پلاٽ سوڙهو آهي، ان کي ڪشادو ڪيو. هي پاسي وارو پلاٽ اوهان کي ڏيڻ آيو آهيان، ته جيئن اوهان جو گهر ڪشادو ٿئي. اها سندن نگاهِ بصيرت هئي پاڻ ڄاڻائون ٿي ته شاهه صاحب جو عيال گهڻو ٿيندو. سندس مزار به اتي ٺهندي ان ڪري پاڻ اڳي پلاٽ جي عنايت ڪيائون.

جذبهءِ ايثار: سخي سيد کي پنهنجي پير سان سخت محبت هئي. هڪ ڀيري کين خبر پئي ته ننگر مٺان ڪجهه قرض آهي، سو پاڻ حويلي ۾ آيا گهر جي اندر جيڪو سون هين سو سمورو آڻي پير جي ڪامل جي قدمن ۾ ڌريائون.

حـــال قُربــانُ، مـــالُ قُربـــانُ، گهورِيـــان لَـــداڻو؛
فِـــدا ٿِـــئ فَقيـــرِ جـــو، شَـــلَ رُســـي مَ راڻـــو!
مُـــيَنِ ســـين مـــاڻُو، مُناسِـــبُ نـــہ، مينـــدِرا!

توجهہ جو اثر: پاڻ جڏهن مراقبو ڪرائيندا هيا تہ توجهہ سان ماڻهن جون دليون منور ڪري ڇڏيندا هيا. ماڻهو بي حال ٿي ويندا هيا. هڪ ڀيري ڪنهن ماڻهو جذبي تي نقطہ چيني ڪئي. ڪين جلال اچي ويو. فرمايائون تہ ان کي هڪ دفعو منهنجي سامهون آڻيو. پوءِ هڪ ڏينهن اهو شخص واٽ تي مِلي وِيُن. جڏهن سامهون آيو تہ پاڻ ان ڏانهن نهاري زور سان چيائون ”الله“. بس ان معترض ماڻهو مٿان وجد طاري ٿي ويو ۽ بيهوش ٿي ويو. جڏهن هوش ۾ آيو تہ سينو ڳاڙهو هئس. چيائين تہ سائين مون کي مريد ڪيو ۽ منهنجون مُڇون ڪٽيو.

چلم جي ڇِڪ کان ڇڏائڻ: حڪيم خدا بخش بيان ڪيو جڏهن حضرت عبدالله شاهہ صاحب اسان جي ڳوٺ ميرڻ ماڇي تعلقو ميرو خان ۾ آيا، ماڻهن کي ذڪر ڏنائون جنهن ذڪر ٿي پڇيو ان کي جذبو پئي ٿيو. مون ڄاڻ هوندي بہ جاهلانہ لفظ پئي ڳالهايا. منهنجو ڀاءُ محمد هاشم سائينجن کي اسان جي اوطاق ۾ وٺي آيو. مون ڪين عرض ڪيو تہ سائين مون کي چلم جي عادت آهي ان مان جان ڇڏايو. پاڻ ڦوٽا پڙهي ڏنائون ۽ پاڻ نماز پڙهڻ مسجد ڏانهن ويا. مون نوڪرن کي چيو تہ چلم تيار ڪيو، اڄ سائين جي ڪرامت ٿا ڏسون. جڏهن هڪ سوٽو مس پريم تہ دماغ چڪرائڻ لڳو ۽ طبيعت خراب ٿي وئي. جڏهن پاڻ وري اوطاق ۾ آيا تہ عرض ڪيم منهنجي طبيعت خراب ٿي وئي آهي، ڪو ڪرم ڪيو. پاڻ پاڻي پڙهي ڏنائون ۽ مان نيڪ ٿي ويس. پوءِ بيعت ڪري ذڪر پڇيم.

ڏاندن کي جذبو: خليفي اميرالدين مگسي بيان ڪيو تہ سائين عبد الله شاهہ صاحب جڏهن بہ اسان جي ڳوٺ ڪبڙ ۾ ايندا هيا تہ مردن توڙي عورتن کي تہ جذبو ٿي ويندو هيو پر جنهن ڏاند گاڏيءَ تي ويهندا هيا تہ اهي ڏاند بہ جذبي ۾ مست ٿي ويندا هيا. [1]

---

[1] اها ڳالهہ نہ مشڪل آهي نہ محال، متقدمين اولياءِ ڪاملين جي ڪتابن ۾ اهڙا ڪوڙ سارا واقعا ملن ٿا. پوئين دور وارن مان مولوي دين محمد وفائي تذڪره مشاهير سنڌ ۾ سنڌ جي بزرگن جا اهڙا واقعا آندا آهن.

باهه ڇا ساڙي انهن کي عشق ۾ جي ويا سڙي:

فقير محمد حسين سولنگي ميرڻ ماڇي واري بيان ڪيو تہ سخت سردين جي موسم هئي حضرت سائين عبد الله شاهه رحمت الله عليہ فقير عبدالواحد ماڇي جي ڳوٺ تبليغ لاءِ آيا. رات جو سيءُ کان باهه جو مچ ٻاريو ويو. پاڻ باهه جي ڀر ۾ هٿ بہ سيڪي رهيا هئا ۽ تبليغ بہ ڪري رهيا هئا. جماعت بہ جام آيل هئي. پاڻ فرمايائون اچو تہ مراقبو ڪيون. پوءِ جڏهن مراقبي ۾ پاڻ الله جي ضرب هنيائون تہ فقيرن تي وجد طاري ٿي ويو ۽ باهه جي مچ ۾ ليٽڻ لڳا. پر باهه اجهامي وئي ۽ فقيرن جي وار کي بہ لهس ڪانہ آئي.

پُــڇُ پَتــنگَنِ کــي، ســنڊيُون کــامَڻَ خَبَــرُون؛
آٽِيـــو وجَهـــنِ آڳِ ۾، جِـــيءُ پَنهنجـــو جـــي؛
جيـــري جنِـــين جـــي، لڳـــا نيـــزا نِيـــنهَن جـــا!

باهه ڇا ساڙي انهن کي عشق ۾ جي ويا سڙي،
ڇا پڙهن دفتر ٻيا جن سور واري سٽ پڙهي.

جِنن جي جماعت : سخي عبد الله شاهه رحمت الله عليہ جي صاحبزادي سيد عُبيد الله شاه بيان فرمايو تہ هڪ ڏينهن بابا سائين جن خود فرمايو: تہ هڪ دفعي مان کٽ تي ليٽيل هيس تہ جنن جي جماعت مون وٽ آئي. آءُ آية الڪرسي پڙهڻ لڳس تہ هو ڀڄڻ لڳا ۽ پري کان چوڻ لڳا تہ سائين اسان کي نہ ڀڄاءِ اسان توهان جي صحبت ۾ ويهڻ ، زيارت ڪرڻ آيا آهيون. پوءِ پاڻ انهن کي اجازت ڏنائون. اهي سندس کٽ جي چوڌاري ٿي ويٺا. پاڻ انهن کي بيعت بہ ڪيائون ۽ تبليغ بہ ڪيائون.

اهلِ مماتي جي بيعت : صاحبزادي عبيد الله شاهه بيان فرمايو تہ هڪ ڀيري ڳوٺ ناري (نور پور شريف) ۾ پاڻ سيد جان محمد شاهه جي مسجد ۾ مراقبي ۾ هئا تہ پاسي واري قبرستان جا اهل مماتي بہ قبرن مان نڪري سندن حلقہ مراقبي ۾ شامل ٿيا ۽ ساڻن بيعت ڪيائون. چيائون اوهانجي سلسلي ۾ داخل ٿيڻ سبب الله تعاليٰ اسان کي بخشي ڇڏيو. ماڻهو ڪين قبرستان ۾ دعائن لاء وٺي ويندا هيا، قبرن وارن لاءِ دعائون گهرائيندا هيا ۽ انهن جو حال احوال بہ پڇندا هيا.

۾ برسات برسڻ لڳي: فقير محمد سيهاڻي مگسي بيان ڪيو تہ هنن جي ڳوٺ ناڙي جهل مگسي ۾ ڪافي عرصي کان برسات جو وسڻ بند هيو. سخت ڏڪار جو عالم هيو. جڏهن شاهہ صاحب سندن ڳوٺ تبليغ لاءِ آيا تہ ڪين بارش وسڻ جي دعا لاءِ عرض ڪيو ويو. بس پاڻ دعا گهريائون تہ برسات وسڻ لڳي ۽ علائقي ۾ خوشحالي ٿي وئي.

۾ پٽ ڄائو: فقير الله رکيو ماڇي بيان ڪيو تہ منهنجو هڪڙو ئي پٽ هيو اهو بہ فوت ٿي ويو. هڪ دفعي شاهہ صاحب اسان وٽ مهمان ٿي آيا. مون عرض ڪيو تہ سائين اهو ساڳيو ئي پٽ واپس اچي. پاڻ جلال ۾ اچي ويا فرمايائون تہ اهو ساڳيو نہ ايندو پر ٻيو اچي ويندو. پوءِ الله ڪريم مون کي پٽ عطا ڪيو.

پُٽن جا ڳُندڙا: پاڻ جنهن کي بہ ڇوهارا پڙهي ڏيندا هيا تہ ان کي نرينہ اولاد ٿيندو هيو. پير مٺا سائين رحمت الله عليہ فرمائيندا هيا تہ خليفو عبدالله شاهہ پُٽن جا ڳُندڙا پريو ويٺو آهي. جيڪي پٽن جا سوالي آهن اُهي اوڏانهن وڃن.

مدني محبوب ﷺ جا سلام: حاجي نور گل شيخ دڙي محلہ لاڙڪاڻي وارو نيڪ انسان هيو. ڪيس خواب ۾ توڙي جاڳندي حضور اڪرم ﷺ جي زيارت نصيب ٿيندي رهندي هئي. هڪ دفعي شاهہ صاحب کي چيائين تہ آقا دو جهان ﷺ توهان کي سلام ڏنا آهن ۽ فرمايو اٿن تہ جيڪي توهان بيت پڙهندا آهيو اُهي اسان کي پسند آهن. اُهي بيت هي هيا:

يا حبيبي يا سيدي درمانده ام عمر اندر حرص عصيان رانده ام

رحمة للعالمين يارسول هم شفيع المذنبين يارسول

اِهي بيت پاڻ مراقبي ۾ اڪثر پڙهندا هيا.

آڳـــي ڪيـــا اڳهـــين، نســـورو ئـــي نُـــورُ؛
لَا خَـوفٌ عَلَـيهِمۡ وَلَا هُـمۡ يَحۡزَنُـونَ، سـچن ڪـونهي سُـورُ؛
مـــولي ڪيـــو مَعمُـــورُ، اَنـــگُ اَزَلَ ۾ اُن جـــو.

(شاه ڀٽائي)

ستون خليفو:

حضرت خليفه
محمد يعقوب عباسي

الله جا عارف، خاشع ۽ خائف حضرت خليفه محمد يعقوب عباسي ولد علي بخش عباسي 1910ع ۾ ڳوٺ خدا بخش ڪلهوڙو، تعلقه پريا، ضلع نوشهروفيروز ۾ تولد ٿيا. سندن ننڍپڻ ساڳئي ڳوٺ ۾ گذريو. پرائمري تي درجه ڳوٺ مولهڻ تعلقه پريا ۾ پڙهيائون. ناظره قرآن شريف حضرت علامه مولانا حافظ محمد اسماعيل ڏيٿو وٽ ڳوٺ ڏيٿا ۾ پڙهيا.

بيعتِ اول : ڪين الله وارن سان گهڻي محبت ۽ عقيدت هوندي هئي. جتي به ڪنهن اهلِ دل جو ذڪر ٻڌندا هيا ته پاڻ وڃي ان سان ملاقات ڪندا هيا. پاڻ پهرئين سلسله قادريه جي بزرگ لونگ فقير سان بيعت ڪيائون. مرشد جي وصال کان پوءِ ڪين روحاني رهبر جي تلاش هئي.

بيعت ثاني : هڪ رات خواب ۾ ڏٺائون ته هڪ وڏي ميدان ۾ حسين صورت وارو بزرگ جنهن ڪي ڪلي تي پٽڪو ٻڌل آهي، اهو سَنَدُون پيو ورهائي. پاڻ به ان کان سَنَدَ حاصل ڪيائون. ڪافي مهينن تائين ان سهڻي صورت جي تلاش ۾ رهيا. هڪ ڏينهن پير مٺا سائين جو خليفو خدا بخش ڪلهوڙو صاحب ڪنهن ڳوٺ ۾ آيو ۽ محمد يعقوب ڏانهن پيغام موڪليائين ته مون ڏانهن اچو ته توهان کي ذڪر ڏيان. پاڻ آيا ۽ ان خليفي صاحب کي ڏسي چيائون ته توهان اُهي نه آهيو جنهن جي مون کي تلاش آهي. ان خليفي صاحب فرمايو ته جنهن جي توکي تلاش آهي اهو منهنجو مرشد پير مٺا آهي. پوءِ پاڻ يارهين جي موقعي تي خليفي صاحب سان گڏجي درگاهه دين پور شريف آيا. جڏهن سندن نظر پير مٺا سائين جي حسين چهري تي پئي ته ڪين اهو خواب حقيقت جي روپ ۾ نظر اچڻ لڳو. دل گواهي ڏني ته اُهو هِي حسين چهرو آهي، پوءِ پاڻ پير مٺا سائين سان بيعت ڪيائون.

خلافت: پاڻ وڏا محنت مجاهدي وارا جفا ڪش هوندا هيا. سندن محبتن ۽ محنتن کي ڏسندي حضرت سائينجن کين 17 شوال 1379هه ۾ خرقهءِ خلافت عطا ڪيائون.

تبليغ: ضلع نوشهرو فيروز ڦل، دريا خان، ڪوٽ لالو، پڊعيدن ۽ ٻين ڳوٺن واهڻن ۾ تبليغ ڪيائون. اڪثر ڪري پاڻ درگاهه رحمتپور شريف ۾ پنهنجي مرشدن جي حضوري ۾ رهندا هيا. حضرت جن جي وصال کان پوءِ پاڻ پنهنجي ڳوٺ خدا بخش ڪلهوڙي ۾ هر اسلامي مهيني جي ائين جي رات نوراني محفل منعقد ڪندا هيا.

هڪ دفعي کين سندن فرزند انور الدين ڳوٺ خليفي قاسم لڳ ٽنڊو باگو ضلع بدين ۾ پنهنجي زمين جيڪا اٽڪل 95 ايڪڙ هئي ڏيکارڻ لاءِ وٺي ويو. اتي غفاري نالي سان واٽر بہ ڪيرايو ويو. اتي جامع مسجد ۾ پاڻ جمعي جي ڏينهن اهڙو تہ درد ڀريو بيان فرمايائون جو سڄي جماعت ۾ وجداني ڪيفيت طاري ٿي وئي ۽ هر اک آبديده ٿي وئي. پاڻ فرمايائون ادا توهان ڄاڻو، توهان جي زمين ڄاڻي آءٌ وڃان ٿو پنهنجي مرشد ڏي لاڙڪاڻي. جڏهن منهنجي مرشد ڪريم تبليغ جو واعدو پئي ورتو تہ ان وقت مون پئي هٿ مٿي ڪري وعدو ڪيو هيو.

عبادت جو جذبو: رمضان المبارڪ ۾ چار ختما پڙهندا هيا. هڪ ختمو ڳوٺ ڏيتا ۾، ٻيو پٽ شاهه ۾، ٽيون لونگ فقير خيرپور ميرس، چوٿون ختمو پاڻ پڻ لڳ خيرپور پڙهائيندا هيا.

حج: ڪجهه وقت سعودي عرب ۾ رهائش جي دوران بہ حج لڳاتار ادا ڪيائون.

شادي ۽ اولاد: پاڻ بہ شاديون ڪيائون جن مان بہ پٽ ۽ هڪ نياڻي ٿي.

1. مرحوم حاجي علي بخش 2. فقير انور الدين جيڪو رٽائرڊ ماستر آهي جيڪو درگاهه رحمتپور شريف سان وابستہ آهي. کيس ٽي پٽ ۽ ست نياڻيون آهن.

1. گل حسن جيڪو درگاهه رحمتپور شريف ۾ سڪونت پذير آهي ۽ ڊسٽرڪٽ اڪائونٽنٽ شڪارپور ۾ آهي. 2 منظور حسين 3. خالد حسين جيڪو پنهنجي والد صاحب سان گڏ ڳوٺ خدا بخش ڪلهوڙي ۾ آهن.

وصال: پاڻ 1990ع ۾ درگاهه رحمتپور ۾ وصال فرمايائون سندن نماز جنازه حضرت پير مٺا سائين (ثاني) پڙهائي. سندس مزار رحمتپور شريف جي مين گيٽ جي ڀر ۾ آهي.

اٺون خليفو:

حضرت خليفہ
محمد علي کوڏراڻي

حضرت خليفہ محمد علي کوڏراڻي 16 سيپٽمبر 1934ع ۾ ڳوٺ ابڙو نائچ تعلقو باقراڻي، ضلع لاڙڪاڻو ۾ جنم ورتو. سندن ننڍپڻ انهي ئي ڳوٺ ۾ گذريو. ابتدائي تعليم تي درجا پڙهيا. ناظره قرآن مجيد پنهنجي والد گرامي کان پڙهيا. درگاهہ رحمتپور شريف ۾ پير مٺا سائين رحمت الله عليہ سان بيعت ڪيائون. پنهنجي مرشد سان والهانہ محبت هين. اڪثر ڪري رحمتپور شريف ۾ رهندا هيا. سندن صداقت ۽ محنت ڏسي کين خلافت عطا ڪئي وئي. پاڻ سهڻي صورت ۽ اعليٰ شخصيت جا مالڪ هيا. ڪڏهن بہ ڪنهن کي نہ ڏڪايائون. ڪيترن ئي ڳوٺن، واهڻن ۽ وستين ۾ وڃي ماڻهن جي دلين ۾ ديني جذبو ۽ دين لاءِ محبت پيدا ڪيائون.

شاعريءَ جو شوق: پاڻ شاعري ڪري پنهنجا شعر پڙهندا هيا.

شاديون ۽ اولاد: ہہ شاديون ڪيائون. کين ٽي پٽ ۽ ڇهہ نياڻيون ٿيون.

1. احمد علي لاڙڪاڻو 2. اصغر علي لاڙڪاڻو 3.امداد علي درگاهہ رحمتپور شريف

حرمين شريفين جي حاضري: پاڻ هڪ عمرو 2002ع رمضان جي مهيني ۾ ادا ڪيائون.

وصال: سندن 01 جون 2007ع ۾ چانڊڪا ميڊيڪل اسپتال ۾ ٿيو. جنازه نماز پير مٺا (ثاني) رحمتپور شريف ۾ پڙهائي. مزار شريف ابوبڪر قبرستان لاڙڪاڻو ۾ آهي.

سجاده نشين: سندن ننڍو فرزند فقير امداد علي کوڏراڻي ابڙو آهي. پاڻ دين جي اشاعت لاءِ ڪوشان آهن. انگريزي استاد بہ آهن. سندن بيعت حضرت خواجہ پير مٺا سائين (ثاني) سان آهي. رحمتپور شريف ۾ رهندا آهن.

نائون خليفو

حضرت خليفه
سعد اللّه سومرو

ولديت: پاڻ محترم محمد قاسم سومرو جا فرزند ارجمند هيا.

ولادت: سندن ولادت تقريباً 1876ع ۾ جهل مگسي، بلوچستان ۾ ٿي. سندن ننڍپڻ بہ اتي گذريو. پوءِ سنڌ ڏانهن هجرت ڪيائون.

تعليم: پرائمري ڪان علاوه عربي اردو سنڌي فارسي تعليم حاصل ڪيائون. پاڻ دين جا عالم هيا.

بيعت ۽ خلافت: حضرت پير قريشي رحمت الله عليہ سان مسڪين پور ۾ بيعت ٿيا. اتي پير مٺا سائين سان ملاقات ٿين. حضرت قريشي صاحب جي وصال بعد پير مٺا سائين سان بيعت ٿيا. پير قريشي ۽ مٺا سائين جي خلافت مليل هين. عاشق آباد ۾ رهندا هيا.

سنڌ ۾ هجرت: پير مٺا جي سنڌ ۾ اچڻ ڪان اڳ پاڻ سنڌ ۾ تبليغ لاءِ آيا هيا. اڪثر مرشد ڪريمن سان سفر حضر ۾ ساڻ هوندا هيا. جڏهن مٺا سائين سنڌ ۾ مختلف ديني مرڪز کوليا تہ اتي بہ پاڻ پنهنجي پير سان گڏ رهيا. جڏهن رحمتپور شريف جڙي تہ پاڻ درگاهہ شريف تي سڪونت پذير ٿيا ۽ پنهنجي باقي حياتي اتي ئي گذاريائون.

تبليغ: پاڻ هندستان ۽ سنڌ ۾ تمام گهڻي تبليغ ڪيائون. جهرجهنگ ۾ وجي دين جو پيغام پهچايائون. جڏهن سندن مرشد تبليغي سفر تي ويندا هيا تہ درگاهہ رحمتپور شريف جي مسجد ۾ سندن امر مطابق امامت ڪندا هيا.

حج: انگريزن جي دؤر ۾ هڪ پيادل حج ادا ڪيائون. سفر دوران ڪين ڪافي مشڪلاتن ۽ تڪليفن سان دوچار ٿيڻو پيو پر رب جي فرض جي ادائگي لاءِ ۽ محبوبن ڪريمن ﷺ جي محبت ۾ سڀ درد تڪليفون سٺائون.

شاديون ۽ اولاد : پاڻ ٻه شاديون ڪيائون، ڪين ٻه فرزند ٿيا.

1. خليفه حبيب الله صاحب 2. پيو فرزند ننڍپڻ ۾ وصال ڪري ويو.

سندن وصال : 1956ع ۾ لاڙڪاڻي شهر جي درگاهه رحمتپور شريف ۾ ٿيو. جنازه نماز درگاهه رحمتپور شريف ۾ حضرت پير مٺا سائين پڙهائي ۽ پاڻ ئي ڪفن دفن جو انتظام ڪيائون. سندن مزار مبارڪ رحمتپور شريف جي لڳ ابوبڪر مقام ۾ آهي.

قبر ۾ قرار : سندن دفن ٿيڻ جي پندرهن سالن بعد پاسي ۾ فقير منظور احمد شيخ جي والده ماجده جي قبر کوٽي وئي ته خليفي سعد الله رحمت الله عليه جي قبر کلي پئي. قبر کوٽڻ وارن ڏٺو ته سندن جسم مبارڪ صحيح سلامت هيو. پوءِ ڪيترن خليفن ۽ فقيرن ٻه اچي ڏٺو ته سندن چهرو مبارڪ ائين روشن هيو جيئن زنده ماڻهو جو هوندو آهي.

ماڻڪُ، مُنڊَ هَٿان، پيتيءَ ۾ پُرزا ٿيو!
سَچو تان، سَيّدُ چئي ، لَهي لَکُ سَوا:
ٻيڳي پُڄاڻا ، پَدَمان پَري ٿيو.

سجاده نشين: سندن فرزند خليفه مولانا حبيب الله هيو. جيڪو پڻ سرگرم مبلغِ اسلام هيو.

حڪمت : خليفو صاحب حڪمت ٻه ڪندو هيو. وٽس ڪافي مجرب نسخا هئا. سندس بياض ۾ ٻه ڪافي ناياب نسخا لکيل آهن جنهن قلمي بياض جي ڪاپي هن فقير جي ڪتب خاني ۾ محفوظ آهي.

سونا! وانءُ صَرافَ سِيئَن، لَڌو لاهِ مَ لَڌِ:
سودو سوئِي چَڌِ، جَنهن ۾ جَواهِرُ ناهِ ڪِي.

جُ صَرافَن لَڌيو، تَ تُون پڻ لَڌِج، سونَ!
قَدُرُ لَهَندءِ ڪونَ، نيئِي گَڏينِدءِ گَڏونءَ سين.

ڏهون خليفو:

حضرت خليفه
حبيب الله سومرو

حضرت خليفه حبيب الله سومرو ولد مولانا خليفه سعد الله سومرو 1920ع ۾ ڳوٺ ڏڪٽي واهه لڳ ميرڻ ماڇي ۾ سندن ولادت ٿي. ننڍپڻ به ان ئي ڳوٺ ۾ گذاريائون. درگاهه مسڪين پور شريف ۾ به والد جي رفاقت ۾ پير قريشي ڪريم وٽ ڪجهه وقت رهيا.

تعليم: پرائمري پنج درجا پڙهڻ کان پوءِ ديني علم جي حصول لاءِ پاڻ پتوڙيائون. ان دؤر ۾ سندن والد گرامي ڳوٺ دوست علي ۾ رهندا هيا. پنهنجي والد مولانا خليفه سعد الله وٽان فارغ التحصيل ٿيا. ڪجهه وقت قمبر ۾ مولانا غلام قادر ٻرڙي وٽ به عربي ۽ فارسي پڙهيا.

بيعت: ننڍپڻ جي زماني ۾ پاڻ حضرت پير قريشي سان بيعت ڪيائون. پوءِ پنهنجي پوري گهراڻي سميت پير مٺا سائين رحمت الله عليه جا مريد ٿيا.

خلافتِ غفاريه: پير قريشي جي وصال کان بعد پاڻ پير مٺا سائين سان جيئڻ بيعت ڪيائون. سندن محبت ۽ محنت جدوجهد ۽ جاکوڙ کي ڏسي ڪين مرشدن ڪريمن خلافت به عطا ڪئي.

تبليغي ڪاوشون: ڪين مرشد سان تمام گهڻي محبت هئي اهو ئي سبب هيو جو پنهنجي پير جي امر سان تبليغ لاءِ ڳوٺن ڳلين نڪري پيا. پوري زندگي ماڻهن کي دين سيکاريائون. ڪيترن ئي علائقن ۾ تبليغ ڪيائون جن ۾ ماتلي، گولاڙچي، بدين، سجاول، ننڍو جا علائقا شامل هيا. ان کان علاوه پنهنجي اباڻي ڳوٺن دوست علي، قمبر، ميرڻ ماڇي وڇي، ماڻهن جي ڪثير دلين کي روشن ڪيائون. جماعت کي درگاهه رحمتپور شريف وٺي ويندا هيا. پير مٺا سائين سان گهڻو وقت گڏ رهيا. ساڻن تبليغي سفر ڪيائون.

سندن گھر بہ درگاھہ رحمتپور شريف ۾ هيو. پاڻ ڳوٺ جمال خان مگسي ۾ ڪافي عرصو رهيا. مدرسو کوليائون. دين جي خدمت ڪيائون.

ڪارو پاڻي منو ٿي پيو: ڪنهن ڳوٺ ۾ پاڻ ويا ماڻهن چيو تہ هتي جر ڪارو آهي ڪا دعا گهرو تہ پاڻي منو ٿئي. پاڻ پاڻي پڙهي **"پير مٺا"** چئي دم ڪيائون. اتي هاريو ويو کوٽيائون تہ پاڻي منو نڪتو.

شاديون ۽ اولاد: پاڻ ٻہ شاديون ڪيائون جن مان هڪ فرزند فقير عبدالله ۽ هڪ نياڻي ٿي. سندن فرزند درگاھہ رحمتپور شريف ۾ سڪونت پذير آهي ۽ درزڪو ڪم ڪندو آهي. پير مٺا ثاني سان دست بيعت آهي. پاڻ نيڪ سيرت ۽ باشرع آهي.

وصال: 14 آگسٽ 2004ع 84 سالن جي ورهين ۾ درگاھہ رحمتپور شريف ۾ سندن وفات ٿي. سندن نماز جنازه پير مٺا (ثاني) پڙهائي. سندن مزار مبارڪ ابوبڪر قبرستان ۾ آهي.

رِءَ اعرابيُــــنِ هــــتّ، گَهنگَهـــرُ گهـــارَڻُ مـــون ٿيـــو؛
'بَكَـتِ الْـعَيْنَانِ فِـيْ هَـوَاكَ دَمـاً'، پُجـان سـاڻُ پـرِتِ،
مَـــنُ، اَكِـــيُون، تَـــنُ تِـــتِ، جِتـــي جَنَـــبُ جيڏِيـــين.

حضرت خليفہ الله ڏنا فرمايو:

وهوا لاڙڪاڻا ، تو ۾ رهن ٿا منهنجا اباڻا

يارهون خليفو: برهان الفالح في تذكرة خليفه محمد صالح

حضرت خليفه
مفتي محمد صالح پتو نعيمي

مفسر الكبير، والعالم النحرير، والشيخ الجليل والعالم الفاضل، الشاب الرابح والولي الصالح صدرالعلماء حضرت مولانا مفتي محمد صالح نعيمي بن حاجي فيض محمد بن حاجي لال بخش رحمت الله عليه .

سندن ولادت 1339 هه بمطابق 1920ع ۾ ڳوٺ آگاٽي تحصيل و ضلع لاڙڪاڻي ۾ ٿي.

تعليم و تربيت: پاڻ مختلف استادن وٽ ديني تعليم حاصل ڪيائون مدرسه عربيه قاسم العلوم مشوري شريف ۾ حضرت خواجه محمد قاسم مشوري، مدرسه شمس العلوم ڳوٺ آريجه ۾ استاد العلماء مولانا تاج محمد ڪوڪر وٽ، گهوٽڪي ۾ مولانا محمد اسماعيل وٽ ۽ مدرسه سراج العلوم خانپور ضلع رحيم يار خان ۾ سراج الفقهاء مولانا سراج احمد خانپوري وٽ مختلف علوم و فنون ۾ استفادو ڪيائون. دورهءِ حديث علامه سيد محمد نعيم الدين مراد آبادي وٽ پڙهيائون. 1946ع ۾ سندن دستارفضليت ٿي.

علمي خدمتون:

پنهنجي اباڻي ڳوٺ آگاٽي ۾ موجود مخزن العلوم ناري ۾ درس و تدريس شروع ڪيائون. ڪجهه وقت ڪان پوءِ ان مدرسي کي الوداع چئي خيرپورميرس ڳوٺ سيد پور ۾ دارالفيوض نالي مدرسو کوليائون جنهن مان ڪيترا ئي طلباءَ فارغ التحصيل ٿي عالم فاضل ٿيا. پاڻ علمي ميدان ۾ وڏي محنت ۽ جاکوڙ ڪيائون. لاڙڪاڻي شهر ۾ هڪ مدرسه عربيه قائم ڪيائون. ان کان علاوه قرآن شريف جو تفسير به ڪيائون. لاڙڪاڻي شهر جي اڪثر مساجد ۾ اهلسنت جماعت جي ائمه حضرات جو چار وچايائون.

اوقاف کاتي ۾ به تيزي سان ڪم ڪندي ڪيترن حفاظ ۽ علماءِ ڪرام ڪي خطيب مقرر ڪرايائون. مطلب ته سندن علمي فيضان برڪات سان جماعت غفاريه نقشبنديه جي علماءِ ڪرام جي وجود جو وڏو استحڪام پيدا ٿيو. هن علمي فيضان بحر مان اُهي علم ۽ حڪمت جا چراغ روشن ٿيا جن پنهنجي علمي ڪاوشن سان دنيا کي منور ڪيو. انهن مان ڪيترائي سندن علم و فضل جا علمبردار بنجي نڪتا. ڪي تحريرات و تحقيقات جا نامور قلمبردار ٿي نڪتا. نه صرف عالمن پر نصف خوانده ماڻهو به سندن ڪاوشن سان مسجدن ۾ پيش امام ٿيا جن پنهنجي علمي حيثيت مطابق دين جي خدمت ڪئي.

1947ع ۾ مدرسه نعيميه قائم ڪيائون. اتي پاڻ تقريباً 9 سال پڙهائيندا رهيا. ان ڪان علاوه مختلف ديني درسگاهن ۾ اونداهين دلين ۾ علم جو ڏيئو روشن ڪندا رهيا. چار سال دارالعلوم احسن البرڪات حيدرآباد، 1958ع ۾ مدرسه قادريه سکر ۾، 1968ع ڪان مدرسه منظور الاسلام ڳوٺ صدر جي پٽي ضلع خيرپورميرس، 1973ع ڪان مدرسه غلام مرتضيٰ شاهه جيلاني لاڙڪاڻه، 1974ع ڪان جامع مسجد قاسميه قديم عيدگاهه لاڙڪاڻه ۾ درس و تدريس جا فرائض سرانجام ڏنائون. 1978ع ۾ اوقاف کاتي جي طرفان لاڙڪاڻي جا "**ضلعي خطيب**" مقرر ٿيا ۽ امامت و خطابت مسجد درگاهه قائم شاهه بخاري ۾ ڪندا رهيا.

لاڙڪاڻه شهر جي محله علي گوهر آباد جي رهواسين جي تعاون سان"مدرسه عربيه نعيميه منظورالاسلام"جو بنياد رکيائون. انهيءَ طرح سان پوري زندگي درس ۽ تدريس ۽ فتويٰ نويسي ۾ مصروف رهيا.

تصنيف و تاليف: پاڻ تدريس ۽ فتويٰ نويسي ۾ مشهور هيا. ميراث ۾ مهارت رکندا هيا. "الرسالة الغفارية" سندن علمي ۽ فڪري تحقيق جو شاهڪار آهي. جنهن ۾ پاڻ جذبي جي مخالفن ۽ معاندن جو منهن ٽوڙ جواب ڏئي، پنهنجي مرشد پير غفاري جي مخالفن جي بولتي بند ڪري ڇڏيائون. ان ڪان علاوه به ڪجهه ٻيا رسالا به لکيا هيائون.

سندن شاگرد : سندن مشهور شاگردن مان ڪجھ جا نالا هيٺ ڏجن ٿا.

1. مولانا ڪريم بخش صاحب سابق مدرس مدرسہ پيير ڳوٺ.
2. مولانا خليفہ الله ڏنو سھتو مدرس مدرسہ دار الفيوض سيد پور خيرپورميرس.
3. مولانا خليفہ حافظ احمد غفاري، لاڙڪاڻو.
4. مولانا امان الله صاحب سومرو حبيب ڪوٽ.
5. مولانا خليفہ مولوي الله ڏنو جمار اٽي غفاري باڍھ.
6. مولانا مولوي عبدالصمد صاحب مدرس مدرسہ عربيہ براهوي بلوچستان.
7. مولانا مولوي عبدالله صاحب لاڙ وارو.
8. مولانا مولوي ڪريم بخش ملاح صاحب احمد پور خيرپورميرس.
9. مولانا خليفہ مولا بخش جتوئي غفاري، لاڙڪاڻو.
10. مولانا خليفہ سعيد احمد غفاري، سابق پيش امام جامعيہ غفاريہ رحمتپور شريف.
11. مولاناغلام فريد صاحب والد سائين قبلہ ديده دل مدظلہ العالي، لاڙڪاڻو.
12. مولانا خليفہ محمد ابراهيم مگسي غفاري بهرام قمبر.
13. مولانا مفتي عبدالرحيم رضوي صاحب، مهتمم دار العلوم غوثيہ رضويہ خضدار.
14. مولانا هدايت الله آريجوي صاحب، مهتمم مدرسہ حسينيہ رضويہ خير محمد آريجا.
15. مولانا صوفي رضا محمد عباسي شيخ الفقہ دارالعلوم احسن البرڪات حيدرآباد.
16. مولانا مفتي خليفہ ڪريم بخش غفاري،درساڻو چنو ملير ڪراچي.
17. مولانا خير محمد رضوي صاحب، مهتمم جامعيہ غوثيہ حب رور روڊ، ڪراچي.
18. مولانا قاري خير محمد قاسمي صاحب، خطيب جامعہ مسجد لاڙڪاڻو.
19. مولانا عزيز الله صاحب، مهتمم جامعہ رضويہ مخزن البرڪات لاڙڪاڻو.
20. مولانا نثار احمد جهتيال صاحب، صدر مدرس مدرسہ الله آباد ڪنديارو.
21. مولانا خليفہ نور محمد رتڙ غفاري، باني درگاھ نور پور سوڀوديرو ضلع خيرپورميرس.
22. مولانا عبدالڪريم عباسي صاحب، صدر مدرسہ جيلانيہ لاڙڪاڻو.
23. مولانا ڊاڪٽر محمد خان عباسي صاحب، نصيرآباد .

24.مولانا مفتي عبدالخالق غفاري، خضدار بلوچستان.

25.مولانا امير بخش غفاري، لاڙڪاڻو.

26.مولانا حسين علي جهتيال غفاري، لاڙڪاڻو.

27.مولانا عبدالرب غفاري، ڪنڊيارو.

28.مولانا امان الله افغان غفاري، بنو ڪاٽ.

بيعت و خلافت : پاڻ پير مٺا سائين قدس سره سان بيعت ڪيائون. سندن ديني خدمات، محنت ۽ ڪوشش کي ڏسندي پير مٺا سائين رحمت الله عليہ کين خلافت ڏني ۽ کين درس و تدريس جاري رکڻ لاءِ بہ فرمايائون. غفاري جماعت جا ڪافي علماءَ سندن شاگرد هئا.

بيعت ثاني : جيسين پير مٺا سائين موجود هئا، حضرت مولانا محمد صالح سندن صحبتن ۾ ايندا رهندا هئا. اڪتسابِ فيضِ روحاني ڪندا رهندا هئا. تانجو جڏهن پير سائينجن وصال فرمايو تہ پوءِ مولانا صاحب 1967 ع ۾ حضرت پير طريقت منظور حسين خاصخيلي مدني (خيرپور ميرس) جي هٿ تي سلسلہ عاليہ نقشبنديہ ۾ بيعت ٿيا.

شخصيت: سندن شخصيت پرڪشش دلربا هئي جڏهن اسٽيج تي تشريف ٿيندا تہ اسٽيج جو حُسن دوبالا ٿي ويندو هيو ۽ هر حاضر جو جيءُ چوندو هيو تہ پاڻ وينا هجن ۽ اسان ڏسندا رهون.

شادي ۽ اولاد: سندن شادي ڳوٺ آگاٽي ۾ ٿي، کين هڪ پٽ نعيم الدين پيٽو ۽ هڪ نياڻي ٿي. سيد سراج الاولياء شاهہ راشدي سندن ناٺي آهن.

حج و عمره: 1970ع ۾ عمري شريف جي سعادت حاصل ڪئي ۽ 1977ع ۾ حج بيت الله جو فرض ادا ڪيائون ۽ روضہ رسول الله ﷺ جي زيارت شريف سان مشرف ٿيا.

ٻيون خدمتون : جماعت اهل سنت پاڪستان جا مرڪزي نائب صدر بہ رهيا اسلامي نظرياتي ڪونسل آف پاڪستان جا بہ عهديدار رهيا. سياسي طور تي پاڪستان پيپلز پارٽي سان وابستہ رهيا. ”پيپلز علماء و مشائخ ونگ“ ۾ بہ ڪم ڪيائون انهيءَ ونگ جي زير اهتمام پنهنجي مسجد ۾ (يعني مسجد درگاهہ قائم شاهہ بخاري)جتي امام و خطيب مقرر هيا. اتي ”شهيد ذوالفقار علي ڀٽو ڪانفرنس“ بہ منعقد ڪيائون.

وصال: فالج جي سبب پاڻ بيحد كمزور ٿي ويا هيا پر سندن چهرو چنڊ وانگر چمكي رهيو هيو. نيڪ هن نيڪ مرد مجاهد 24 آكتوبر 1992ع بمطابق 26 ربيع الآخر چنڇر جي صبح جو پنجين بجي وصال فرمايو. مولانا احمد بخش قاسمي جمالي ۽ مولانا حسين علي غفاري ۽ مولانا هدايت الله آريجوي كين غسل ڏياريو ۽ شام جو چار بجي جناح باغ ۾ نمازِ جنازه پڙهي وئي. سندن آخري آرامگاهه جامعه نعيميه لاڙكاڻي شهر ۾ آهي جتي هر سال آكتوبر ۾ وڏي عقيدت سان عرس ملهايو ويندو آهي.

سجاده نشين : سندن صاحبزاده مولانا غلام نعيم الدين آهي جيكو دين جي خدمت ۾ مصروف آهي.


ألا إن أولياء الله لا خوف عليهم ولا هم يحزنون
الحمد لله والمنة جو
هي رساله عجيبه وغريبه مسمى به
الرسالة الغفارية
اثبات الوجد والجذبة الاضطرارية
تصنيف لطيف حضرت مولانا ومولوي محمد صالح صاحب
ساكن ڳوٺ آگاني متصل ماهوٽا لاڙكاڻه
سان سعي ۽ كوشش
فقير بشير احمد ڳوٺ دين پور شريف متصل سوٽي چنا تعلقه ڏوكري جي

پارھون خليفو:

حضرت خليفه
عبدالڪريم منگي

حضرت خليفه عبدالڪريم منگي ولد محمد خان رحمت الله عليه ماڙي محمد خان منگي ضلع لاڙڪاڻو ۾ ڄاوا هيا. ننڍپڻ ساڳئي ڳوٺ ۾ گذاريائون.

تعليم: ابتدائي تعليم پنهنجي اباڻي ڳوٺ ماڙي محمد خان منگي ۾ حاصل ڪيائون. سنڌي فائنل لاڙڪاڻي اسڪول مان حاصل ڪيائون. باقي تعليم سنڌ مدرسة الاسلام ڪراچي مان حاصل ڪيائون.

وڏن عهدن تي: پاڻ بهترين زميندار سان گڏو گڏ وڏن سرڪاري عهدن تي به فائز رهيا. ڪجهه وقت چيف آفيسر لاڙڪاڻو ۽ پوءِ مختيار ڪار به رهيا. ڪين مرشد سان والهانه محبت ۽ عقيدت هوندي هئي. درگاهه رحمتپور شريف جي زمين ڏيارڻ ۾ سندن وڏيون ڪاوشون شامل هيون. بيعت ٿيڻ کان پوءِ اها نوڪري ڇڏي ڏنائون ۽ پوري زندگي دين جي لاءِ وقف ڪري ڇڏيائون. سندن محبتن ۽ خلوص ڪي ڏسندي پير مٺا سائين ڪين خلافت ڏني.

شادي ۽ اولاد: پاڻ هڪ شادي ڪيائون. ڪين صرف به نياڻيون ٿيون. نرينه اولاد ڪونه هين.

حج: پاڻ هڪ حج 1976_77 ع ۾ ادا ڪيائون.

وصال: 1978 ع ۾ هن فاني دنيا مان لاڏاڻو ڪري ويا. سندن مزار مبارڪ ابوبڪر قبرستان ۾ آهي. مرشد به ڪين چاهيندا هيا ان ڪري پنهنجا تبرڪات جيئن نعلين مبارڪ، جبا مبارڪ عنايت ڪيا هيائون. جيڪي اڄ به سندن ڏهٽي عبدالصمد، عبدالاحد ۽ عبدالرب وٽ محفوظ آهن جن جي هاڻوڪي رهائش محله ايمپائر روڊ لڳ ڊي سي هاءِ اسڪول لاڙڪاڻي آهي.

تيرهون خليفو:

حضرت خليفه
سائين ڏنو

سندن نام نامي خلفاءِ غفاريہ جي قطار ۾ اچي ٿو. پر اسان کي گهڻي ڪوشش بعد بہ سندن سوانح بابت معلومات ملي نہ سگهي آهي. الله ڪريم سندن مزار مٿان ڪروڙين رحمتون نازل فرمائي.


مشفقا السلام علیکم
محبت وہ چیز ہے کہ ہر بوالہوس کو نہیں دیتے ۔ اور جسکو روز ازل
سعید کیا گیا ہے یہ محبت اسی کی ہی اسکے حصہ میں لکھی گئی ہے
سبحان اللہ بڑا بختاور ہے وہ شخص کہ جسکو اسی نعمت سے
سرافراز فرمایا ۔ اور لوگوں کو بیدار و خبردار کرنے سے
باطن میں اپنا کام بھی بڑھتا ہے اور ترقی ہوتی ہے شاباش
ہمت کو [illegible] اور دن بدن بڑھتے جاؤ
اور جانیکی اجازت ہے
لاشئی فقیر محمد عبد الغفار فضلی

قطبِ عالم پير مٺا سائين جو خط سندن هٿ اکر

چوڏهون خليفو:

حضرت خليفه
غلام محمد پتي

حضرت خليفه غلام محمد پتي ولد مير محمد پتي ڳوٺ گهوگهاري تعلقه قمبر ضلع لاڙڪاڻي ۾ جنم ورتو. سندن ننڍپڻ به ساڳئي ڳوٺ ۾ گذريو.

تعليم : ابتدائي تعليم ڳوٺ ۾ سنڌي پرائمري حاصل ڪيائون. ديني تعليم درگاهه رحمتپور شريف لاڙڪاڻي ۾ حاصل ڪيائون.

بيعت : پاڻ پير مٺا سائين کان اڳ ۾ سندن خانداني مرشدن راشدي خاندان پير جي ڳوٺ لڳ نئون ديرو وارن سان بيعت ڪيائون. هڪ دفعي سندن ڳوٺ گهوگهاري ۾ پير مٺا سائين جو خليفو سيد عبدالله شاهه تبليغ لاءِ آيو ۽ پاڻ خليفي صاحب سان گڏجي درگاهه رحمتپور شريف اچي پير مٺا سائين سان بيعت ڪيائون.

سندن پنهنجي مرشد سان تمام گهڻي محبت هوندي هئي. مريد ٿيڻ کان پوءِ پاڻ هجرت ڪري درگاهه شريف تي سڪونت پذير ٿيا. خلافت ملڻ کانپوءِ پنهنجي علائقي ۾ تبليغ شروع ڪيائون. سائينجن جي وصال کان پوءِ پاڻ ڪجهه عرصو ڳوٺ موٽي آيا ۽ تبليغ به ڪندا رهيا. سندن صورت سهڻي هئي. پاڻ با اخلاق ۽ سخي هوندا هيا. پاڻ ماهوار پروگرام به ڪرائيندا هيا.

شاديون ۽ اولاد : ڪجهه وقت درگاهه غريب آباد آيا، اتي شادي ڪيائون.

پاڻ ٻه شاديون ڪيائون، ٻنهين گهر وارين مان اولاد ڪونه ٿين.

وصال : پاڻ پهرئين شوال عيدالفطر جي ڏينهن 1425هه بمطابق 2004ع ۾ هن فاني دنيا مان لاڏاڻو ڪيائون.

سندن مزار مبارڪ اباڻي ڳوٺ گهوگهاري ۾ جامع مسجد سرائي محله ۾ مسجد جي پير ۾ آهي.

پندرهون خليفو:

حضرت خليفه

حافظ محمد صديق سنديلو

پاڻ محمد امين سنديلو جا فرزند ارجمند هيا. سندن ولادت 4 ڊسمبر 1922ع ۾ ڳوٺ چني لڳ درگاهه عاشق آباد ضلع رحيم يار خان ۾ ٿي. ننڍپڻ به انهيءَ ئي ڳوٺ ۾ گذاريائون.

تعليم : پنج درجه پاس هيا ۽ حافظِ قرآن هيا. پاڻ حڪمت جو ڪم به ڪندا هيا.

علمي خدمتون: پاڻ سٺا شاعر ۽ اديب به هيا. پاڻ سرائڪي ۾ پير مٺا سائين جي سوانح حيات به لکيائون. مولود ۽ شاعري جا ڪافي ڪتاب لکيا اٿن جيڪي قلمي آهن.

بيعت : پاڻ ڪجهه فقيرن سرائي احمد بخش، والي ڏنو ڪنيڙ، محمد بخش سان گڏجي درگاهه عاشق آباد شريف پنجاب ۾ حضرت پير مٺا سائين رحمت الله عليه سان بيعت ٿيا. سندن دعوت تي پير مٺا سندن ڳوٺ ڪافي دفعا آيا. سندن مرشد مسو حب ۾ مرڪز ڪوليو جتي پاڻ ڪجهه ڏينهن رهيا. خليفه صاحب سان تمام گهڻي محبت ڪندا هيا. پاڻ ڳوٺ حب ۾ نماز پڙهائيندا هيا ۽ آسپاس ۾ به تبليغ ڪندا هيا.

شادي ۽ اولاد: پاڻ هڪ شادي ڪيائون. کين هڪ پٽ هڪ نياڻي هئي.

وصال : 19 ربيع الثاني 1305هجري بمطابق 23 جنوري 1985ع اربع جي ڏينهن وصال فرمائي ويا. سندن مزار مبارڪ دودائي شهر جي قبرستان ۾ آهي.

سجاده نشين : سندن پٽ فقير محمد امين سنديلو سندن سجاده نشين هيو جيڪو مئي 2010ع ۾ وصال ڪري ويو. سندن مزار مبارڪ پنهنجي والد صاحب جي مزار جي پرسان آهي. پاڻ ڳوٺ مسو حب لڳ لاڙڪاڻي ۾ تبليغ ۽ حڪمت جو ڪم سرانجام ڏنو. پاڻ سهڻي سيرت ۽ صورت وارا جوان مرد ۽ با اخلاق هيا.

سورهون خليفو:

حضرت مولانا خليفه
ميان فضل الله

ناصر السنة، قامع البدعة، القاضي المفتي حضرت خليفه ميان فضل الله ولد مفتي غلام عمر المعروف "**ابوالفيض**" رحمهما الله

سندن ولادت 4 ڊسمبر 1922ع ۾ ڳوٺ سونو جتوئي، تعلقو باقراڻي، ضلع لاڙڪاڻو ۾ هڪ زبردست علمي گهراڻي ۾ ٿي. سندن والد صاحب وقت جا وڏاعالم ۽ بزرگ هئا. سندن ننڍپڻ به ساڳئي ڳوٺ ۾ گذريو. قرآن شريف خليفه محمد صفر ميمڻ وٽ پنهنجي ڳوٺ ۾ پڙهيا ۽ ابتدائي تعليم پنهنجي والد محترم کان حاصل ڪيائون. پاڻ اجا ٻارهن سالن جا ئي هيا ته سندن والد صاحب وفات ڪري ويو. پوءِ سندن پرورش جي ذميداري خليفه محمد صفر کنئي. وڌيڪ حصولِ تعليم لاءِ حضرت سائين محمد قاسم مشورين واري رحمة الله عليه وٽ ويا جتي عربي ۽ فارسي جا ڪجهه ڪتاب پڙهيا. ان کان پوءِ پنهنجي والد صاحب جي شاگرد حضرت خواجه مفتي مولوي تاج محمد آريجوي رحمة الله عليه وٽ فقه ۽ حديث پڙهيا ۽ اتي ئي سندن دستار فضيلت ٿي. فارغ التحصيل ٿيڻ کان پوءِ پنهنجي والد صاحب جي "**مدرسه دارالفيض**" ڳوٺ سونو جتوئي ۾ درس و تدريس شروع ڪيائون. ان ئي مدرسي ۾ سندن سؤٽ مفتي محمد قاسم جتوئي اڄ تائين به مدرس آهن.

سندن شاگرد : حضرت خواجه عبدالقادر جان وڏ وارا (بلوچستان) مولوي محمد عالم مينگل خضدار، مولوي جان محمدبروهي خضدار، مولوي جمال الدين، مولوي تاج محمد، حاجي محمد مينگل وغيره.

بيعت ۽ خدمت : طالب علمي جي دؤر ۾ به بزرگن جي صحبت ۾ ويهندا هيا. تعليم مڪمل ڪرڻ کانپوءِ درگاهه دينپور شريف ۾ حضرت پير مٺا سائين رحمة الله عليه سان بيعت ڪيائون.

ڪين پنهنجي مرشد سان تمام گهڻي محبت هوندي هئي. درگاهہ شريف جي حجرن ۽ مسجد شريف جي تعمير دوران پڻن تي مٽي ڪٽي خدمت ڪيائون. مرشد سان گڏ پنڌ بہ تبليغ ڪندا هيا. سندن محبت، خلوص ۽ خدمت ڪي ڏسندي مرشدن ڪين خلافت ڏني. سندن دعوت تي پير مٺا سائين رحمت الله عليہ سونو جتوئي ڳوٺ ۾ بہ دفعا آيا هيا.

پاڻ ماڻهن کي ترغيب ڏئي درگاهہ رحمتپور شريف تي يارهين جي موقعي تي وٺي ويندا هيا. ڏاڍا با اخلاق هوندا هيا، هر ڪنهن سان سهڻو برتاءَ ڪندا هيا.

شاديون ۽ اولاد: پاڻ بہ شاديون ڪيائون. ڪين نَوَ پٽ ۽ هڪ نياڻي ٿي. پٽن ۾ :

1. مولوي عبدالجبار رحمت الله عليہ 2. فقير عبدالرؤف 3. فقير عبدالباقي رحمت الله عليہ 4. فقير شفيق الرحمان 5. فقير مجيب احمد 6. حافظ حفيظ الرحمان 7. مرحوم شوڪت علي 8. مرحوم برڪت علي 9. فقير صداقت علي.

وصال: علاج لاءِ لاڙڪاڻي آيا پر ڊاڪٽر جي غير موجودگي سبب پاڻ پنهنجي مرشد جي درگاهہ رحمتپور شريف آيا ۽ اتي ئي بعد نمازِ مغرب 19 ربيع الثاني 1305ھ بروز اربع بمطابق 23 جنوري 1985ع تي وصال ڪري ويا.

سندن جنازو اباڻي ڳوٺ سونو جتوئي ۾ آندو ويو. سندن نمازِ جنازه حضرت محمد قاسم مشورين وارن پڙهائي. سندن عرس مبارڪ هر سال 23 جنوري تي وڏي اهتمام سان ملهايو ويندو آهي. سندن اولاد اڄ ڏينهن تائين درگاهہ رحمتپور شريف سان وابستہ آهي. درگاهہ رحمتپور شريف جا سجاده نشين حضرت پير مٺا (ثاني) مدظلہ العالي سندن سالانہ عرس مبارڪ ۾ شرڪت ڪندا آهن.

سجاده نشين: سندن چوٿون نمبر فرزند فقير شفيق الرحمان صاحب آهن. پاڻ پنهنجي والد صاحب جي پيروي ڪندي دين جي خدمت ۾ ڪوشان آهن. مسجد شريف جي امامت بہ ڪندا آهن. پاڻ هڪ شادي ڪئي اٿن جنهن مان ڪين ٽي پٽ ۽ چار نياڻيون آهن. 1. مقصود احمد 2. نعيم احمد 3. مشهود احمد.

سترهون خليفو:

حضرت خليفه
مولا بخش جتوئي

پير مٺا سائين جا پيارا وڏي شان وارا حضرت خليفه مولا بخش جتوئي ولد سچڻ خان جتوئي 04 آڪٽوبر 1924ع ۾ ڳوٺ سير خان جتوئي ۾ جنم ورتو. سندن ننڍپڻ به ساڳئي ڳوٺ ۾ گذريو.

تعليم: ابتدائي تعليم پنج درجا پنهنجي ڳوٺ ۾ حاصل ڪيائون. ديني تعليم حضرت علامه مولانا مفتي غلام عمر جتوئي ۽ ان جي والد صاحب کان حاصل ڪيائون. تعليم مڪمل ڪرڻ کان پوءِ لاڙڪاڻي ۾ مدرسو قائم ڪري درس و تدريس ۾ مصروف ٿي ويا.

بيعت ۽ خلافت: حضرت پير مٺا سائين سان درگاهه رحمتپور شريف ۾ بيعت ڪيائون. مرشد سان والهانه محبت ۽ الفت رکندا هيا. سندن محنت ۽ محبت کي ڏسي مرشد کين خلافت ڏني.

پرينءَ جي پار ۾: پير مٺا سائين رحمت الله عليه جي وصال کان پوءِ پاڻ کي تنها محسوس ڪرڻ لڳا. دل ۾ بي چيني ۽ بي قراري وڌندي رهي. کين ڪٿي به سڪون نه آيو پوءِ وطن کي الوداع چئي دل جي تسڪين خاطر اچي پرينءَ جي پار اچي، حرمين شريفين ۾ رهائش اختيار ڪيائون. اٺن سالن کان پوءِ وطن وريا پر کين وري به هتي سڪون نه آيو ۽ ٿوري ئي وقت کان پوءِ دوباره مديني پاڪ روانا ٿي ويا. اتي تقريباً پنجويهه سال رهيا. پهريان ٽي سال مسجد نبوي ۾ خادم طور خدمتون سر انجام ڏنائون.

حج: جيترو به عرصو سعودي عرب ۾ رهيا، هر سال حج ادا ڪندا هيا ۽ هر ٻئي مهيني عمرو ڪندا هيا. فارغ وقت حرم پاڪ ۾ عبادت ۾ گذاريندا هئا.

تبليغ : سعودي عرب ۾ حلال روزگار ڪرڻ سان گڏو گڏ دين جو پيغام بہ ماڻهن تائين پهچايائون. جڏهن سندن وڏو فرزند 2002ع ۾ وفات ڪري ويو تہ پاڻ واپس وطن وريا ۽ باقي زندگي جا ڏينهن درس و تدريس ۽ تبليغ ڪندي گذاريائون.

سندن شاگرد : ڊاڪٽر محمد شريف شيخ، محمد حنيف شيخ، عبدالجبار شيخ، قاري گل محمد قاسمي، حافظ عبدالستار، محمد اسلم، عبدالله جتوئي انهن کان علاوه پنهنجي پوري خاندان کي تعليم جي زيور سان سينگاريائون.

سندن وصال پُر ملال : 23 محرم الحرام 1427هجري مطابق 2006ع ۾ سومر جي رات لاڙڪاڻي شهر ۾ هن فاني دنيا کي هميشہ لاءِ الوداع چئي دارالبقا جا راهي ٿي ويا. سندن مزار مبارڪ رحمتپور شريف جي ابوبڪر قبرستان ۾ آهي.

شاديون ۽ اولاد : پاڻ بہ شاديون ڪيائون. ڪين بہ پٽ ۽ پنج نياڻيون ٿيون.

پٽن ۾ : 1. مرحوم حافظ عبدالستار 2. محمد اسلم صاحب .

مسجد شريف ۽ دربار رحمتپور شريف جا قديم مناظر

ارڙهون خليفو:

حضرت خليفه
محمد حسن جهتيال

طريقت ۾ متاهون قدم رکڻ وارا، الله جا پيارا حضرت خليفه محمد حسن جهتيال رحمة الله عليه ڳوٺ عالماڻي تعلقو ڏوڪري ضلع لاڙڪاڻي ۾ سندن ولادت ٿي. ننڍپڻ سندن اباڻي ڳوٺ ۾ گذريو. پاڻ هميشه ڪجهي جي ٽڙ ڪي گهوڙو ڪري سوار ٿيندا هيا. انهيءَ ڪري مرشد ڪين "**گهوڙي وارو فقير**" جو لقب ڏنو.

تعليم: سنڌي فائنل پاس ڪيائون. عالم فاضل به هيا.

ديني خدمتون: پاڻ علم حاصل ڪرڻ کان پوءِ پنهنجي ڳوٺ ۾ مدرسو کوليائون جتي ڪافي عرصو درس و تدريس ۾ مصروف رهيا.

بيعت: پاڻ حضرت سهڻا سائين رحمة الله عليه سان گڏجي درگاهه عاشق آباد پنجاب ۾ حضرت پير مٺا سائين رحمت الله عليه سان بيعت ڪيائون. پوءِ پنجاب مرشدن جي صحبت ۾ ايندا ويندا رهيا. جڏهن پير سائين جن سنڌ ۾ دينپور کي تبليغي مرڪز بنايو ۽ خليفي صاحب کي مرشد جي آمد جي خبر پئي ته پاڻ فقيرن سان گڏجي درياءُ پار ڪري دينپور پهچي سندن صحبت ۾ رهيو.

سڄي عمر جذبي ۾: هڪ ڏينهن فقراءَ حضرت پير سائين جن جي آمد جي انتظار ۾ ويٺا هيا ۽ "حق پير مٺا حق پير مٺا" جا نعرا هڻي رهيا هيا. پاڻ انهن کي چيائين ته مرشد اسان کي الله جي ذڪر ڪرڻ لاءِ فرمايو آهي. توهان پير مٺا، پير مٺا چو ٿا چئو؟ جڏهن اها ڳالهه حضرت پير مٺا سائين رحمت الله عليه کي معلوم ٿي ته فرمايائون عصر نماز کانپوءِ اعتراض نه ڪندو. عصر نماز کان بعد ڪيس اهڙو جذبو ٿيو جو پاڻ باقي ساري عمر جذبي ۾ ئي رهيو. مرشدن سان والهانه محبت هوندي هيس. گهڻو وقت مرشدن جي صحبت ۾ رهيو

شادي ۽ اولاد: پاڻ هڪ شادي ڪيائين. ڪيس ٻه پٽ ٿيا.

1. مولوي نور احمد صاحب 2. مولوي نثار احمد صاحب.

صورت ۽ سيرت: صورت سندس سهڻي من موهڻي هئي. سندس اخلاق اعليٰ هئا. گفتار مٺي هوندي هيس. پاڻ غريب پرور، هڏ ڏوکي ۽ همدرد انسان هيو.

تُرا ڪِشتي آورد مارا خدا:

هڪ ڀيري پير مٺا سائينجن نور پور هيا. جلسي تي سڀ فقير اچي ويا. خليفه صاحب اچا نه پهتو هيو. پير سائينجن سندس گهروارن کان پڇيو ته خليفه صاحب اچا نه آيو آهي ڇو؟ آخري پيڙي به اچي وئي آهي. گهروارن عرض ڪيو ته "سائين ڇيو اٿس ته ايندس." مغرب نماز تي خليفه صاحب اچي ويو. سائينجن پڇيس ته توهان ڇا تي آيا آهيو؟ آخري پيڙي به اڳ ۾ اچي چڪي هئي. پاڻ عرض ڪيائين ته مان پنڌ آيو آهيان. سائين جن فرمايو ته درياءَ ڪيئن پار ڪيئي؟ عرض ڪيائين ته درياءَ ڪٿي هيو؟ آءُ ته هڪ ننڍڙو واهه ٽپي آيو آهيان.

پُڇَنِ جي ميهارَ کي، پُڇي سي ميهارَ؛
تُرَهو تِنِين بارُ، عِشقُ جِنِين کي آڪِرو.

گهيڙان ڪَري نه گُهورَ، تَڙُ تَڪَڙ کان نه لَهي؛
جَنِهنکي سِڪَ ساهڙَ جي، پُورَنِ مَٿي پُورَ؛
ڪارِيءَ راتِ ڪُنَنِ ۾، وَهَمَنِ ڪي وَهلُورَ؛
جَنِهنکي ساڻُ پِريان جا سُورَ، تَنِهنکي نَدِي ناهِ نِگاهَ ۾.

جِئان وَهي تِئان واٽَ، ڪَپرو پُڇَنِ ڪوڙيُون؛
جن کي سِڪَ ساهڙَ جي، سي گهيڙَ نه پُڇَنِ گهاٽَ؛
جن کي عِشقَ جِي اُساٽَ، سي واهُڙَ پانئِين وِڪڙي.

سندن وصال: 19 ذوالحج تي اباڻي ڳوٺ عالماڻي تعلقو ڏوڪري ضلعو لاڙڪاڻي ۾ ٿيو. سندن مزار مبارڪ ڳوناڻي قبرستان ۾ آهي. سندن ساليانو عرس مبارڪ 19 ذوالحج تي شايان شان نموني سان ملهايو ويندو آهي.

سجاده نشين: سندن فرزند مولوي نثار احمد آهي جو پڻ والد وانگر طريقه عاليه جي اشاعت ۾ ڪوشان آهي. انڪان علاوه پاڻ مدرسي ۾ درس و تدريس به ڪري رهيو آهي.

اٺويهون خليفو:

حضرت خليفه
محمد ابراهيم جهتيال

واعظ خوش الحان، ناصح شيرين بيان، حضرت مولانا محمد ابراهيم جهتيال رحمة الله عليه پاڻ ڳوٺ عالماڻي تعلقه ڏوڪري ضلع لاڙڪاڻي ۾ ڄاوا. ننڍپڻ به اباڻي ڳوٺ ۾ گذرين.

تعليم: سنڌي فائنل پڙهڻ بعد عالم فاضل ٿيا.

بيعت: حضرت سهڻا سائين سان گڏجي حضرت پير مٺا سائين سان دست بيعت ٿيا.

درس و تدريس: پاڻ تعليم کان فارغ ٿي درس وتدريس ۾ مشغول ٿيا. پاڻ سٺا عالم ۽ بهترين مقرر هيا. تقرير ۾ کين عجيب ملڪ هيو. مجمعي کي جُهومائي بلڪ گُهمائي ڇڏيندا هئا. انڪري کين مولانا "**واچوڙو**" جي لقب سان ياد ڪيو ويندو هيو.

سندن لياقت ۽ قابليت ڏسي پير مٺا سائين کين خلافت ڏني. پاڻ درس و تدريس سان گڏو گڏ پري پري علائقن ۾ سفر ڪري دين جو پيغام به پهچائيندا رهيا. پاڻ مرشدن سان بيحد محبت رکندا هيا. پاڻ صورت جا سهڻا ۽ نيڪ سيرت هيا.

شاديون ۽ اولاد: پاڻ ٻه شاديون ڪيائون. کين هڪ پٽ فقير برڪت علي جهتيال ۽ چار نياڻيون ٿيون.

سجاده نشين: سندن پوٽو مولوي محمد علي طاهري آهي جيڪو هن وقت پنهنجي ڳوٺ ۾ تبليغ جو ڪم ڪري رهيو آهي.

وصال پُر ملال: سندن وصال جي تاريخ معلوم ٿي نه سگهي آهي. سندن مزار ڳوٺ جي جامع مسجد جي پير ۾ آهي. سندن ساليانو عرس مبارڪ شايان شان نموني سان ملهايو ويندو آهي.

ويهون خليفو:

حضرت خليفہ
محمد بشير چوهاڻ

حضرت خليفہ محمد بشير چوهاڻ جو اصل نهال الدين هيو. پاڻ محمد ڄام چوهاڻ جا فرزند ارجمند هيا. سندس ولادت ڪيچيجو لڳ خيرو ديرو بنگل ديرو، لاڙڪاڻو ۾ ٿي. ٻچپن جا ايام اتي ئي گذاريائون.

تعليم: سنڌي چار درجا ڳوٺ داباڻي ڪيچي بنگل ديرو ۾ پڙهيائون. ان کان پوءِ ديني تعليم ڳڙهي خدا بخش ڀٽو ۾ استاد سلطان احمد وٽ حاصل ڪيائون.

بيعت ۽ خلافت: شروع کان صالحن جي صحبت ۾ رهندا هيا ۽ صالحن سان محبت رکندا هئا. پوءِ جڏهن حضرت پير مٺا سائين رحمة الله عليه جي صحبت ۾ آيا تہ ساڻن بيعت ڪري باطن جو سير سلوڪ حاصل ڪيائون. پوءِ سندن محبتن ۽ محنتن کي ڏسندي مرشد ڪين درگاهہ رحمتپور شريف ۾ خلافت عطا ڪئي.

تبليغي سرگرميون: مرشد جي امر سان دادو ضلعي ۾ ڪافي وقت تبليغ ڪيائون. سندن رهائش نئين ديري ۾ هئي اتي بہ تبليغ ڪندا هيا. دين جو درد ڪٽي هزارہ، پنجاب، سرحد ۽ ٻين مختلف ماڳن تي وڃي ماڻهن کي غفلت جي ننڊ مان بيدار ڪري راهہ راست تي آڻڻ لاءِ اڻٿڪ ڪوشش ڪيائون. تبليغ ۾ زندگي جو وڏو حصو گذاري ڇڏيائون.

هڪ ڏينهن مرشد ڪريمن کي عرض ڪيائون تہ اسان کي ڪا تاريخ مقرر ڪري ڏيو تہ ان تي ماهوار پروگرام ڪندا رهون. پوءِ مرشدن ڪين هر اسلامي مهيني جي 13 جي شام 14 جي رات مقرر فرمائي ڏني. ان تاريخ تي اڄ ڏينهن تائين ماهوار پروگرام ٿيندڙ آهي.

سندن خلفاءِ ڪرام: سيد اختر علي نقشبندي لالو کيت نمبر 1 ڪراچي، فقير محمد شعبان نئون ديرو، فقير الله بخش وڏايو مدئجي، فقير ڪريم بخش ڪندرروهڙي شريف

سکر، فقير محمد ادريس ڪوڪر نئون ديرو، فقير رحم علي پنجاب، فقير غوث بخش ڪراچي، فقير محمد صالح ميراڻي کي خلافت ڏئي مختلف علائقن ۾ تبليغ عام ڪرڻ جو حڪم فرمايائون.

نگاهِ باطن: پنهنجن پچڙن جي باري ۾ فرمائيندا هيا تہ اُهي سڀ ولي الله ٿيندا.

مرڪز: سندن هڪ ئي مرڪز آهي جيڪو "**درگاهہ بشير آباد**" نالي سان نئون ديرو، اسٽيشن روڊ، غريب آباد محلہ ۾ واقع آهي جتي هر چنڊ جي تيرهين جي شام چوڏهين جي رات نوراني محفل منعقد ڪئي ويندي آهي.

شاديون ۽ اولاد: پاڻ ٽي شاديون ڪيائون. ٻن ٻيبين کي اولاد نہ ٿيو. آخري ٻيبي صاحبہ مان چار پٽ ۽ ٻہ نياڻيون ٿيون. 1. مرحوم نظير احمد 2. منير احمد نئون ديرو 3. قدير احمد نئون ديرو 4. امير احمد نئون ديرو.

تصنيف: پنهنجي مرشد پير مٺا سائين جي شان ۾ هڪ ڪتاب تصنيف ڪيائون جيڪو ڇپائي جي مرحلي ۾ آهي. ڪجهہ شاعري بہ ڪيائون جيڪا قلمي آهي.

لڈوں وچ لال: هڪ ڏينهن پير مٺا سائين حويلي مان نماز لاءِ مسجد طرف اچي رهيا هيا تہ پٺيان خليفہ صاحب غزل پڙهيا. سائينجن پڇا ڪئي تہ هي "بشير بيڪس" ڪير آهي؟ عرض ڪيائون تہ اهو نئو ديري وارو خليفو محمد بشير آهي. پاڻ فرمايائون:

"ماشاء الله لڈوں وچ لال پئے نکلدے هن۔"

سندن وصال: 24 جون 2008ع مطابق 19 جمادي الثاني 1429ھ ۾ ٿيو. نمازِ جنازه فقير حاجي روشن علي غفاري نئون ديرو ۾ پڙهائي. سندن مزار مبارڪ درگاهہ بشير آباد جي جامع مسجد جي اوپر طرف آهي. سالانہ عرس مبارڪ 18 جمادي الثاني جي شام 19 جي رات وڏي شان سان ملهايو ويندو آهي.

سجاده نشين: سندن فرزند منير احمد آهي. پاڻ پنهنجي برادر قدير احمد سان گڏ سلسلہ عاليہ جي اشاعت ۾ ڪوشان آهن. مرشد ڪريم جي جماعت جي ذميداري کي خوش اسلوبي سان ادا ڪري رهيا آهن.

شاعريءَ جو شوق: پاڻ شاعري بہ ڪندا هيا. سندن ڪجهہ غزل پيش خدمت آهن.

.1

بندا هن جهان ۾ تون غافل ٿي نہ گذار،
ويهي وسارج ڪين ڪي ڪر ڪتڻ واري ڪار،
سُڻُ بي اتي سولو تون تيزئون تند تنوار،
چني چڏجان ڪين ڪي اها طلب واري تار،
اسم ذات الاهي ٿئي لنؤ لنؤ منجهہ لغار،
"بيڪس بشير" چوي تون ڪر اهائي ڪار.

.2

هٺيلا ٿو ڪرين اتي هٺيلا مڙئي هيٺ،
عزازيل کي آسمان مان تڪبر تڙايو هيٺ،
ابوجهل کي هٺ هيو قدرت کهايو نيٺ،
فرعون پاڻ پڏايو ٻڏو لشڪر سميت،
قارون ڪرڙو ٿي هليو ويو زمين اندر لپيٽ،
اتي هٺيلا مڙئي هيٺ بيڪس هي بشير چوي.

اتي ڪر ڪار ڪتڻ جي:

اتي ڪر ڪار ڪتڻ جي ڪم ايندئي قبر ۾،
ڪم ايندئي قبر ۾ ڏهاڙي حشر ۾.
اتي چور تون چرخو ڪٽي سُٽُ سَوايو،
هُو هُو جو حلقو ٿاهي رک اندر ۾.
صم بکم نہ ٿي يار عمي، ڪر ياد هر دم پوندئي ڪم قادر ۾،
موڳا موت ايندو هٽندين هٺ حشر ۾.
ڪرين ڪين ڪجهہ ٿو وسارين تون رب ٿو،
ڪرين ڪيڏو هٺ ٿو هٽندين هٺ حشر ۾.
آڌي رات اٿن پکي پيا پڪارين،
ويهي منجهہ وٽن هُو هُو ڪن ذڪر ۾.
بيڪس بشير تون اهو ورد نہ وسار،
پرور کي پڪار تون بر توٽي بحر ۾.

عمر گذر گئی رلدے پندیں :

عمر گذر گئی رلدے پندیں کجھ نہ کمایا میں وو میں
جھنگل دے وچ جھوپے اڈایم کھیل بنایا میں وو میں
بھورل پارت ہووے پال پیاندے مکر بنایا میں وو میں
پیٹ دے خاطر پھند سکھایا سچ بھلایا میں وو میں
بھاء برادر دوست پیارا کل رنجایا میں وو میں
نفس دی اپٹی اپٹی رائے چوٹ چڑھایا میں وو میں
لوک اکھیندیں بلا حاصل ٹھگ سمایا میں وو میں

.3

اٿي آڌي رات جو تون رانجهن کي تہ رجهاءِ،
پائي پانڌ ڳچي ۾ تون ڳوڙها ڳلئون وهاءِ
رکي سر سجدي ۾ تون ساجن کي تہ ستاءِ،
وحده لا شريڪ لہ اها رمن رلاءِ،
هيٺائي جي مون بشير چوي عادت تو جڳاءِ،
اهڙا پهہ پچاءِ تہ رانجهن بہ راضي ٿي پوي.

.4

قبر هلندين هيڪلو مٺ نہ هلندئي ماڳ،
پر سنجهي ٿي سجاڳ سفر ٿئي سچ جو.

.5

محشر جي ميدان ۾ بندا هلي ايندين هڪ دم،
پڇا پرور تو کان ڪندو تہ ڪيئي ڪهڙا ڪم،
ڏيندين جواب جود ۾ ڪهڙو تنهن ويرم،
ڪوڙ هلندئي ڪونہ ڪو ٿيندئي شاهد سندا عضون،
پڙهي ڏس قرآن کي اليوم سندو نختم.

.6

هت ڪرين ٿو ڪين ڪي هت ڏونگر ٻجهي ٿو ڏور،
مانجهي هن ملڪ جا تو ڪي وٺي ويندا تہ ضرور،
پنڌ ٻہ پراهون اٿئي سفر سڄو ئي سور،
رهٽو پوندئي رڄ ۾ جتي وسون ناهن ڪامور،
نانگ ٻجهن ٽا نار جا اتي وڇون ئي وهلور،
ڏنگيندا ڏوهي ڪي جنهن ڪيا قادر جا قصور،
بيڪس بشير چوي پل پل پوندئي پور،
پوءِ سهٽو پوندئي سور، ڪاري ان قبر ۾.

.7

ڪيي چڏ قلب مان اهي خالي خيال وهم،
شال قادر ڪري ڪرم بيڪس هن بشير تي.

مون کي ٻيڙو ڪري ڏي پار:

حق حق پير غفار، مون کي ٻيڙو ڪري ڏي پار،
تون ولين جو دلدار مون کي ٻيڙو ڪري ڏي پار.
ٻڏل ٻيڙو تار تون حضرت غفار تون،پيرن جو پڳدار تون،
تون آن اعلیٰ اتم، تنهنجو مون تي قدم،
مون کي خدا جو قسم، تون آن نائب نبي نروار.
تنهنجي مدح ساراهہ آ، ارض سماء آ، تحت السریٰ آ،
چوڏهن طبق فلڪ، جن انسان ملڪ، ڪري ساري خلق،
هجين شال باغ بهار.
توکي قطب دوران چوان، غوث جهان چوان، قيوم زمان چوان،
تون آن نائب نبي، تو تي راز ربي، کهڙي ڳالهہ ڪبي،
تو تي پرور جو آهي پيار.
سخت سڄهي سڪرات ٿي، واٽ پلصراط جي، قبر واري رات جي،
اتي ڪجاڻءِ ڪو پال، منهنجو هيٺو اٿئي حال،
توتي ننگ ننگي ننگپال، تون آن اڙين جو آڌار.

ذڪر: ذڪر ڪر ذڪر ڪر ذڪر ڪر، ذڪر سان ٿئي ٿو روشن اندر،
ذڪر ٿو ذاڪر جي ڪري دل نوراني، ذڪر سان ملي ٿو قرب رباني،
ذڪر سان ملي ٿي ولايت حقاني، ذڪر ساڻ راضي ٿئي پاڪ پرور.
ذڪر روح جي خوراڪ آ، ذڪر سير ملڪوتي افلاڪ آ،
ذڪر راز رحماني ميلاپ آ، ذڪر قرب قادر جو آهي ڪثر.
ذڪر يار دردن جي آهي دوا، ذڪر سان ٿئي ٿو سينو صفا،
ذڪر غير دل جو ڪيي ٿو ادا، ذڪر ساڻ روشن ٿئي ٿي قبر.
ذاڪر ڪي جڏهن مٿان موت ايندو، اسم ذاتي رب جو زبان قلب هوندو،
ڏکيو يار ڪڏهن اهو ڪين ٿيندو، ڏسي ڪونه ڪڏهن ڪوئي ڏک ڏمر.
ذاڪر جي پلائي ٻڌي تو پلي آ، اها عام خوبي هر جاءِ کلي آ،
تنهن کي خود خدا جي محبت ملي آ، اهو قول قادر جو قرآن اندر.
ذڪر يار ڪر تون ذڪر نہ وسار، ذڪر ۾ تون پنهنجي عمر گذار،
ذڪر تات تن ۾ هجي وار وار، ذڪر وات وائي هجي بر بحر.

ٻيڙو ڇٽي سير ڪان:

ٻيڙو ڇٽي سير ڪان جڏهن اچي پير غفار،
هٿ ڏئي هيٺن کي اچي تاريندو هي تار،
پارت ڪري پيغمبر کي پتڻ ٽپائيندو پار،
بيڪس هن بشير جي ٻي پل پل هي پڪار،
ايندو پير غفار ٻيڙو تاريندو ٻاجھ سان.

کهڙي زبان کي طاقت:

کهڙي زبان کي طاقت آهي ڳائي غفاريءَ جي شان کي،
مشڪ عطر سان ڌوئي ڌوئي صاف ڪريان مان زبان کي.
صدقي سهڻل مرڪڻ مٿان، خلق کلڻ چال چلڻ مٿان،
صدقي سچڻ جي هلڻ مٿان، جنهن سهڻي سڌاريو آ اَنامَ کي.
صورت سچڻ چنڊ کان چٽي، ڪير مکڻ آ ماکيءَ کان مٺي،
قلب جي اکين سان جنهن آ ڏٺي، سو پهتو وڏي انعام کي.
ديد دلبر جي دارون آ دل جو نظر نورانيءَ سان صاف ڪري،
اسان ڪِنن تي ڪرم ڪري ٿو، قربان ڪيان مان جان کي.

21 هون خليفو:

خليفہ حضرت قاري
عبدالحميد قريشي انبالوي

سندن ولادت : هندستان ۾ ٿي. سندن نندپڻ ۾ اتي گذريو ۽ ابتدائي تعليم بہ اُتي ئي حاصل ڪيائون. عربي فارسي بہ اُتي پڙهيا. وڌيڪ تعليم پاڪستان ۾ هجرت ڪرڻ ڪان پوءِ حاصل ڪيائون. پاڻ بهترين قاري هيا. پنهنجي منڙي ۽ سريلي آواز سان ماڻهن جون دليون موهي وجهندا هيا. پاڪستان آزاد ٿيڻ ڪان پوءِ باقي حياتي جا ڏينهن نئون ديرو ۾ بسر ڪيائون.

بيعت ۽ خلافت : پير مٺا قدس سره سان بيعت ڪرڻ ڪان پوءِ تمام گهڻي تبليغ ڪيائون. نئون ديرو جي جامع مسجد جا خطيب و امام بہ رهيا ۽ عيد گاهہ ۾ امامت بہ ڪندا هيا. هن مسجد ۾ ڀٽو خاندان جا افراد بہ نماز پڙهڻ ايندا هيا جيڪي مٺس مهربان رهيا. ان ڪان علاوه کهڙا مسجد ۾، پراڻو ٿاڻو مسجد ۾ بہ امامت جا فرائض بجاءِ آندائون. سندن مسلسل محنت ۽ محبت ڪي ڏسندي مرشد ڪين خرقہءِ خلافت عطا ڪيو.

تبليغي سرگرميون : نئون ديرو ۾ ۽ ان جي آس پاس ڳوٺن سعدو ديرو، پير جو ڳوٺ، ٿل پوٽا، ڳڙهي خدا بخش ڀٽو ۾ دين جو پيغام پهچايائون، بيخبر ۽ اڀوجهہ ماڻهن ڪي شريعت جا سهڻا سبق سيڪاريائون. شهر جي مختلف مسجدن ۾ ميلاد جي پروگرامن ۽ تبليغي سرگرمين ۾ مصروف رهيا. يارهين جي موقعي تي پاڻ سان ڪثير جماعت ساڻ ڪري رحمتپور شريف ايندا هيا.

سندن شاگرد : عبداللطيف ڪنڀر نوراني جيڪي هن وقت جامع مسجد نئون ديرو ۾ امام و خطيب آهن، عبدالرشيد قريشي، سڪندر علي ڪنڀر، محمد اياز کوکر، رحمت علي

پنجابي، نور محمد جپاني سندن مشهور شاگرد آهن. خليفه صاحب جيان سندن شاگردن به تبليغ ڪان ڪين ڪيپايو. پنهنجي استاد جي حڪم جي تعميل ڪندي ڪيترن ئي شهرن ۽ ڳوٺن ۾ دين جو پيغام پهچائڻ ۾ ڪا ڪسر نه ڇڏيائون.

شادي ۽ اولاد: پاڻ هڪ شادي ڪيائون، ڪين چار پٽ ۽ هڪ نياڻي ٿي.

1. عبدالرزاق 2. عبدالستار 3. محمد سليم 4. عبدالغفار. سندن ٽي فرزند انتقال ڪري ويا. ننڍو فرزند محمد سليم اسلام آباد ۾ سڪونت پذير آهي.

حج: پاڻ هڪ حج جي سعادت حاصل ڪيائون.

شاعري: ڪين شاعريءَ جو به شوق هيو. سندن اشعار قلمي صورت ۾ موجود آهن.

وفات حسرتِ آيات: 11 اپريل 1976ع تي دارالفنا کي هميشه لاءِ الوداع چئي دارالبقا جا راهي ٿي ويا. سندن وفات نئين ديري ۾ ٿي. سندن مزار جامع مسجد جي اوپر طرف آهي. هن وقت به سندن عقيدتمندن، مريدن ۽ عام ماڻهن جي دلين ۾ سندن لاءِ وڏي عزت ۽ محبت آهي.

سجاده نشين: سندن اولاد سندن مشعل روشن رکڻ جي قابل نه هجڻ سبب سندن شاگرد فقير عبدالرشيد قريشي کي سڀ ذميداريون ڏنيون ويون. پاڻ محمدي مسجد جڳ چوڪ نئون ديرو ۾ خطيب ۽ امام آهن. هڪ شادي ڪئي اٿن، ڪين به پٽ ۽ چار نياڻيون آهن. 1. ڪامران رشيد نئون ديرو 2. محمد فرحان نئون ديرو

سَدَڙيا شراب جون، ڪُهُ پَچارُون ڪنّ؟
حُ ڪاتَ ڪَلالِن ڪديا، ته موٽيو پوءِ وِجنِّ:
پِڪُون سي پِيِنّ، سِرَ جن جا سَٽِ ۾.

22 هون خليفو:

حضرت خليفه

حافظ احمد بروهي

صوفي با صفا، عاشقِ حبيبِ مصطفيٰ حضرت خليفه حافظ احمد ولد حاجي جمعه خان بروهي رحمة الله عليه ڳوٺ جمعه خان بروهي لڳ مشوري شريف ضلع لاڙڪاڻي ۾ 1919-3-29 ۾ تولد ٿيا. پنهنجي نئيپڻ جا ڏينهن به انهيءَ ڳوٺ ۾ گذاريائون.

ابتدائي تعليم: پرائمري جا ڪجهه ڪتاب پڙهيائون. ديني تعليم حضرت حافظ امام بخش رحمة الله عليه وٽ باقراڻي شريف ۾ حاصل ڪيائون. اتي قرآن پاڪ پڻ حفظ ڪيائون. سندن استادن ۾ حافظ محمد هارون تنيو صاحب به هيو.

سندن درسگاه: حافظ ٿيڻ بعد پاڻ پنهنجي ڳوٺ ۾ هڪ ديني درسگاهه کوليائون جنهن ۾ پاڻ درس وتدريس ڪندا هيا. ان درسگاهه مان ڪيترائي قرآن جا حافظ بنجي نڪتا.

سندن مشهور شاگرد: حافظ محمد صالح نوابشاهه، حافظ لال محمد حيدر بروهي لاڙڪاڻو، حافظ محمد عرف نالي منو سندن فرزند عبدالفتاح بروهي، حافظ محمد عمر، حافظ در محمد قمبر شريف، حافظ مطيع الله شاهه لاڙڪاڻو.

بيعت: اهو وقت هيو جو پير مٺا سائين رحمة الله عليه جو اسم گرامي "**شَمسِ بَازِغَة**" [1] بنجي سنڌ جي افق تي آب تاب سان چمڪي رهيو هيو. ان روشني ۾ حق جا متلاشي ڪشان ڪشان سندن صحبت ۾ اچي رهيا هئا. ان رباني روشني حافظ صاحب کي به رحمتپور جي مان واري ماڳ تي ڇڪي آڻي هن پير روشن ضمير جو مخلص مريد بنايو. مريد به اهڙو ٿيو جو خود پير جو منظور نظر بنجي ويو. جلسي ۾ اسٽيج تي پاڻ کيس پنهنجي قريب ويهاريندا هئا.

---

[1] چمڪندڙ سج وانگر.

رحمتپور شريف ۾ امامت: حضرت پير مٺا سائين رحمت الله عليه حافظ صاحب کي درگاهه جي مسجد ۾ امامت ۽ سندن پوٽي حضرت جان جانان رحمت الله عليه کي پڙهائڻ لاءِ فرمايو. پوءِ حافظ صاحب پنهنجو مدرسو کنهن ذميدار ماڻهو جي سپرد ڪري، رحمتپور شريف ۾ سڪونت اختيار ڪئي. اتي امامت ڪرائڻ سان گڏو گڏ مدرسي ۾ درس و تدريس شروع ڪيائون.

خلافت ۽ تبليغ: مرشدن ڪيس درگاهه رحمت پور شريف ۾ خلافت اجازت ڏنائون. پاڻ مدرسي ۾ درس و تدريس سان گڏو گڏ ڪراچي، حيدرآباد، نواب شاهه، ڪوئيٽه، خضدار ۽ مختلف شهرن، واهڻن ۽ علائقن جا ڏورانهان سفر ڪري تبليغ ڪيائون. مرشدن جي وصال کان پوءِ به درگاهه شريف تي ڏهه کان ٻارهن سال رهيا. بعد ۾ طبيعت جي ناسازگي جي سبب پاڻ واپس پنهنجي اباڻي ڳوٺ ۾ رهڻ لڳا.

صورت ۽ سيرت: سندن صورت سهڻي هئي. پاڻ با اخلاق ۽ خَلق جي خدمت ڪرڻ وارا هيا. ڪين دين سان محبت ۽ چاهت هوندي هئي. مدرسي ۾ رهڻ وارن مسافرن طالبن جي پنهنجي سر پاڻ خدمت ڪندا هيا.

تصنيفات: پاڻ مختلف موضوعن تي ڪتاب به لکيا اٿن جيڪي اڻ ڇپيل آهن.

پيغام محمدي: ساري عمر ۾ هڪ عمرو ادا ڪيائون. جڏهن مدينه منوره پهتا ته خواب ۾ ڪين حضرت حبيب ڪريم ﷺ جي زيارت نصيب ٿي. پاڻ فرمايائونس ته:

”اي حافظ ! توهان وڃي منهنجي امت کي نصيحت ڪريو ته مون تي گهڻي صلواة پڙهن“.

شاديون ۽ اولاد: پاڻ به شاديون ڪيائون جن مان چار پٽ ۽ چار نياڻيون ٿيون.

پٽ: 1. حافظ محمد عرف نالي منو 2. عبدالغفار 3. عبدالستار 4. حافظ عبداللطيف

سندن وصال: به سندن ڳوٺ ۾ ٿيو. سندن مزار به ڳوٺ جي جامع مسجد جي قريب مدرسي ۾ آهي. جتي هر سال تيرهين جمادي الثاني رات سندن عرس ملهايو ويندو آهي.

سجاده نشين: سندن برادر مفتي خير محمد رضوي آهي جيڪو ڪليڪٽري جامع مسجد ۾ جمعو پڙهائيندو آهي ۽ خطاب لا جواب سان ماڻهن جون دليون مستفيد ڪندو آهي. سندن فرزند ارجمند حافظ محمد عرف نالي منو ڪليڪٽري جامع مسجد لاڙڪاڻي ۾ امامت و خطابت ۽ مدرسه دارالعلوم اسلاميه عربيه ۾ مدرس آهي.

23 هون خليفو:

حضرت خليفہ
قاري خان محمد پنهور

خليفہءِ نامدار، ڪامياب و ڪامگار، پلاين جو پيندار، قاري القرآن، صاحب عَذبُ اللسان حضرت خليفہ قاري خان محمد ولد رسول بخش پنهور رحمة الله عليه. ڪي سندس نالي کان وڌيڪ سندس لقب "**قاري صاحب**" سان ڄاتو سڃاتو ويندو هيو. پاڻ ڀورتي نوشهرو فيروز (پراڻو نوابشاهہ) ۾ ڄاوا ۽ سندن ننڍپڻ بہ اتي ئي گذريو. عربي فارسي ڪچي جي علائقي ۾ پڙهيا. ان کان پوءِ ڄامشوري ۾ قاري غلام علي صاحب جن وٽ پڙهيا. پوءِ ميهڙ ۾ اچي قاري محمد مدني وٽ قرائت پڙهيا. پوءِ شڪارپور ۾ وڃي قاري فتح محمد پاني پتي واري وٽ ست قرائتون سکيا.

درس و تدريس: فارغ ٿيڻ بعد ميهڙ ۾ غلام علي شاهہ جي پراڻي مدرسي ۾ درس و تدريس شروع ڪيائون. پوءِ پاڻ نصير آباد ۾ ميان عزيز الله عباسي جي مدرسي ۾ بہ پڙهايائون.

سندن شاگرد: قاري نور محمد پنهور پورائي، قاري عبدالرسول شيخ خير جتوئي، قاري عبدالمالڪ ڪڙيو صبڙ خان، حافظ نظر دين جانوري ميهڙ ۽ سندن فرزند قاري عبيدالله پنهور طاهري جيڪي هن وقت نصير آباد ۾ سندن ڪم کي هلائي رهيا آهن. پاڻ جامعہ عربيہ صديقيہ ترتيل القرآن طاهريہ نصير آباد جا باني آهن ۽ مدرسي ۾ درس ڏيندا آهن.

بيعت: پاڻ جڏهن تعليم حاصل ڪري رهيا هيا تہ سندن استاد قاري غلام علي صاحب ۽ وڏي خليفي حضرت سهڻا سائين رحمة الله عليه جي رفاقت ۾ پير مٺا سائين رحمة الله عليه سان رحمتپور شريف ۾ بيعت ڪيائون. سندن محنتن ۽ محبتن کي ڏسندي مرشدن کيس خلافت ڏني.

رحمتپور جي راحت ۾: پير مٺا سائين رحمت الله عليہ هر سال رمضان شريف ۾ ڪين درگاهہ رحمتپور شريف ۾ خليفن کي قرائت سيکارڻ لاءِ گهرائيندا هيا. اهڙي طرح سان پير مٺا سائينجن جا ڪافي خليفا ۽ ان وقت جي جماعت سندن شاگردن ۾ شمار ٿئي ٿي.

ديني مرڪز: سندن مرڪز نصير آباد شريف ۾ آهي. ان کان علاوه ديني تعليم کي عام ڪرڻ لاءِ اندازاً ڏهه سال خيرو جتوئي مدرسي ۾ خدمتون ڏيندا رهيا. ڪنڊو لڳ وارهه ضلع قمبر ۾ به پاڻ پنج سال رهي ديني علم سان ماڻهن کي روشناس ڪيائون. گڏو گڏ تبليغ به ڪندا رهيا. ڪجهه وقت ميهڙ ۾ ماڏي ۾ به تعليم ڏنائون. پاڻ مدرسي ۾ ساليانو پروگرام ڪندا هيا. جنهن ۾ پير مٺا سائينجن پاڻ تشريف فرما ٿيندا هيا.

سيرت ۽ صورت: سندس صورت سهڻي پُر ڪشش هوندي هئي. پاڻ با اخلاق شخصيت جا مالڪ ۽ هر دل عزيزهيا.

ڪين حج ۽ مديني پاڪ جي حاضري جو گهڻو شوق هوندو هيو پاڻ ڪافي عرصي تائين حج جا فارم به ڀرائيندا رهيا پر حج تي وڃي نه سگهيا.

شاديون ۽ اولاد: پاڻ چار شاديون ڪيائون. ڪين نَوَ پٽ ۽ ست نياڻيون ٿيون.

سندن پٽ: 1. قاري عبدالرحمن ٽنڊو الهيار 2. حافظ خليل احمد اقبال مسڻ ڳوٺ ۾ خطيب 3. قاري عبدالقيوم ڪراچي چوڪنڊي 4. عبدالقدوس نصير آباد 5. عبدالغفور ڄامشورو.6. عبدالشڪور هير آباد 7. مولوي عبدالرشيد ڪراچي 8. حافظ رشيد احمد ٽنڊو الهيار 9. قاري عبيد الله طاهري جامعه عربيه صديقه طاهريه نصير آباد.

وصال کان پوءِ به دل ذڪر ۾: سندن وصال 1992ع ۾ ڪراچي جي اسپتال ۾ ٿيو. وصال کان پوءِ به سندن دل الله جو ذڪر ڪري رهي هئي ۽ ڇهه ڪلاڪ اسپتال ۾ رکڻ کان پوءِ به دل هلي رهي هئي. آخرڪار ڊاڪٽر لکي ڏنو ته هن شخص جي دل تي ڪنهن الله جي ڪامل ولي جي آڱر لڳل آهي اها دل ڪڏهن به الله جي ذڪر کان بند نه ٿيندي. پوءِ ڪراچي اسپتال کان نصير آباد آندو ويو جتي جنازي نماز کان پوءِ سڄي جماعت دل تي هٿ رکي ڏٺو ته سندن دل الله جي ذڪر ۾ جاري هئي. سبحان الله.

سندن مزار مبارڪ: نصير آباد شهر جي جامع مسجد صديقي جي ڀر ۾ آهي. سندن ساليانو عرس مبارڪ محرم مهيني جي ويهين تاريخ تي وڏي شان سان ملهايو ويندو آهي.

سجاده نشين: هن وقت سجاده نشين سندن چوٿون فرزند قاري عبيدالله طاهري صاحب آهي. جيڪو ديني خدمتن سان مصروفِ عمل آهي. الله ڪريم ڪيس شاد آباد رکي.

24 هون خليفو:

غذاء الروحاني في تذكرة العلامة الله دنو جماراني

شيخ السند
استاد العلماء حضرت خليفہ
اللّٰہ ڏنو جماراڻي
دامت برکاته

شيخ الاسلام ، حسنة الايام ، مفيد الطالبين، قوة السالكين، المحفوف بعناية رب العالمين عالم الرباني ، شيخ الروحاني، العلامة الله ڏنو جماراڻي مدظله.

پاڻ سنڌ جي انهن بلند پايہ عالمن مان آهن جن علم جي روشنيءَ سان سجيءَ سنڌ کي منور کيو آهي، پاڻ پنهنجي پوري زندگي پڙهڻ، پڙهائڻ ۽ فتويٰ لکڻ لاءِ وقف ڪري ڇڏي اٿن

سندن ولادت: پاڻ 21 سيپٽمبر 1921ع ۾ ڳوٺ سلطان خان جماراڻي لڳ رشيد وڳڻ ضلعي لاڙڪاڻہ ۾ تولد ٿيا. سندن والد جو اسم گرامي عبدالله ذات ابڙوءِ پاڙو جماراڻي آهي.

تعليم: فارسي ۽ عربي ڪجھ وقت لاڙڪاڻي لڳ شهر خير محمد آريجا ۾ مولانا مفتي تاج محمد ڪوڪر صاحب وٽ پڙهيا. ان ڪانپوءِ مولوي ولي محمد وارھ وارن وٽ پڻ ڪجھ وقت تعليم حاصل ڪيائون. پوءِ لاڙڪاڻي پرسان آگاڻي شهر ۾ مولانا مفتي محمد صالح پتو نعيمي صاحب وٽ باقي تعليم مڪمل ڪري 1948ع ۾ فارغ التحصيل ٿيا.

هجرت: 1374هجري ۾ پنهنجي اصل ڳوٺ سلطان خان جماراڻي کان لڏي ڳوٺ دائود ڪانڌڙا تعلقہ ميهڙ ضلع دادو ۾ رهائش اختيار ڪيائون ۽ **مدرسہ انوارالعلوم نقشبنديہ** جو بنياد رکيائون هن مدرسي ۾ فارسي، عربي تعليم پڙهائڻ سان گڏ فتويٰ جو ڪم پڻ جاري ڪيائون. پيچيده علمي مسائل ۾ پاڻ بهترين حل بيان فرمائيندا آهن. ماڻهو پري پري کان وٽن فتوائون وٺڻ لاءِ ايندا آهن. پاڻ غيور سُني عالم آهن، وهابين بدمذهبن لاءِ وٽن ڪا نرمي نہ هوندي آهي. پنهنجَن کي بہ حق سچ چوڻ ۾ دير ڪو نہ ڪندا آهن.

علمي خدمتون

1. **دارالعلوم فيض هاشميہ غلام الله ضلعو ٺٽو:** هن مدرسي جو باني سنڌ جو نامور عالم ۽ روحاني شخصيت الحاج مفتي محمد هاشم کٽي صاحب هيو. علامہ جماراڻي صاحب ٽي سال ان مدرسي ۾ ديني تعليم ڏيڻ سان گڏ تحرير ۽ فتويٰ جي خدمت سرانجام ڏيندا رهيا.

2. **مدرسہ اشاعة العلوم لاهوري محلہ لاڙڪاڻو:** هن مدرسي ۾ پاڻ ڏهہ سال دين جي خدمت ڪيائون. فارسي عربي سان گڏ فتويٰ جو ڪم بہ جاري رکيائون. ان عرصي دوران مدرسي ۾ هر وقت علمي رونقون هونديون هيون. هر وقت قال الله ۽ قال الرسول جي مٺڙي ٻولي ٻڌڻ ۾ ايندي هئي. هر وقت علماءِ ڪرام، مفتيان عظام ۽ مشائخن جي مدرسي ۾ آمد هوندي هئي جيڪي پنهنجا منجهيل ۽ مشڪل مسئلا کائنئن اچي حل ڪرائيندا هيا.

3. **دارالعلوم الحسينيہ:** هي مدرسو درگاهہ حسين آباد شريف ۾ واقع آهي، جنهن جا سرپرست اعليٰ قمبر وارا سائين حضرت سائين غلام حسين المعروف "**ابا سائين**" آهن. پاڻ ڪين مدرسي جو مفتي مقرر ڪيائون. جتي پاڻ ٽي سال عربي پڙهائيندا رهيا ۽ فتويٰ نويسي جا بہ فرائض ادا ڪندا رهيا.

4. **دارالعلوم مرتضيٰ شاهہ جيلاني، لاڙڪاڻو:** هن مدرسي ۾ ڪين مفتي طور مقرر ڪيو ويو. پاڻ هتي بہ سال دين جي خدمت ڪندا رهيا.

تصنيف و تاليف: فتويٰ نويسي، درس وتدريس کان علاوه پاڻ تصنيف و تاليف جهڙن اهم ديني ڪمن ۾ بہ پيش پيش رهيا آهن. سندن ڪجهہ مشهور تاليفات هي آهي.

1. احڪام ڏاڙهي: هن ڪتاب ۾ قرآن و سنت جي دليلن سان ثابت ڪيو اٿن تہ ڏاڙهي هڪ مٺ رکجي ان کان گهٽ خلافِ سنت آهي.

2. عقائد اهلسنت و الجماعت: هن رسالي ۾ اهلسنت جا ڪجهہ عقيدا بيان ڪيا اٿن.

3. الفتاوي الحنفيہ في مسئلة النور والبشريہ: هن ڪتاب ۾ واضح دليل ڏئي ثابت ڪيو اٿن تہ محبوب ڪريم ﷺ جي بشريت نوراني آهي، اسان جهڙي نہ آهي.

ان کان علاوهہ سندن پيا بہ ڪافي ڪتاب قلمي صورت ۾ آهن.

فتويٰ نويسي : پاڻ پنجاهه سالن ۾ تقريباً پنج هزار فتوائون لکيون اٿن. جيڪي عقائد، عبادات، ميراث ۽ معاملات تي مشتمل زبردست علمي خزانو آهن. الله ڪري جلدي انهن کي فقهي ابواب جي ترتيب سان ڪتابي صورت ۾ شايع ڪيو وڃي.

مناظري جا ماهر : پاڻ مناظري جا به ماهر آهن. ڪيترائي علمي مناظرا ڪتيا اٿن. جن ۾ رفع يدين، قرائت خلف الامام ۽ آمين بالجهر وغيره جهڙن فقهي مسائل تي مخالف ڌر کي شڪستِ فاش ڏنائون. ان کان سواءِ پاڻ جي به مناظرا ڪيا اٿن سيني ۾ الله ڪريم کين سوين ڏني آهي.

شاگرد : وٽن سدائين علمي مجلسون گرم رهنديون آهن. اڄ به پري پري کان شاگرد اچي ڪانئن علمي فيض پرائي رهيا آهن. سندن ڪجهه مشهور شاگردن جا نالا پيش آهن:

1. مولوي خليل احمد پارڻ، مدرسه انوار هاشميه ميرپور ساڪرو.
2. مولوي عبدالرحمٰن شورو، مدرسه انوار العلوم صديقيه ڳاڙهو.
3. مولوي محمد جعفر پارڻ، خطيب جامع مسجد مير پور ساڪرو.
4. مولوي عبدالستار بلوچ، خطيب درگاهه مخدوم محمد هاشم ٺٽوي.
5. مولوي جان محمد شورو، خطيب جامع مسجد دڙو.
6. مولوي محمد انور ولد مفتي الله ڏنو جماراڻي، بدين.
7. مولوي منير احمد ڪانڌڙو، بدين.
8. مولوي تاج محمد پرڙو، جامع مسجد گلزار مدينه داڀيجي.
9. مولوي اسد الله ڪانڌڙو، بدين.
10. مولوي هادي بخش پنهور، مدئجي.

سندن ڪتب خانو : سندن ڪتب خانو وسيع آهي. جنهن ۾ مختلف اسلامي علوم تي هزارين ڪتاب موجود آهن. جن ۾ قديم ۽ جديد تاريخي ۽ ناياب ڪتاب به موجود آهن. پاڻ پنهنجي آمدني جو وڏو حصو ڪتابن جي خريداري تي خرچ ڪندا رهيا آهن.

بيعت : پاڻ ظاهري علوم ۾ مهارت حاصل ڪرڻ بعد پنهنجي استاد علامه محمد صالح نعيمي جي مرشد، قُدوة الاولياء حضرت خواجه محمد عبد الغفار عرف پير مٺا سائين رحمة الله عليه

سان دست بيعت ٿيا. پندرهن سال پير ڪامل جي صحبت جا روحاني مزا ماڻيائون ۽ علومِ باطنيہ جا وڏا حصا حاصل ڪيائون. تانجو سندن مرشد ڪريم ڪين خلافت سان نوازيو.[1] اڄ بہ پنهنجي نالي سان گڏ غفاري نقشبندي لکندا آهن.

شخصيت ۽ ڪردار: پاڻ ڏاڍا ذهين، قوي الحافظ ۽ مستند عالم آهن. سندن رهڻي ڪهڻي سادي ۽ فقيراڻي آهي. سندن گهڻو وقت ڪتابن جو مطالعو ڪندي گذرندو آهي. پاڻ بي انتها استغنا جا مالڪ آهين. بلا خوف و خطر هر ڪنهن کي حق چئي ڏيندا آهن. فتويٰ جي معاملي ۾ پاڻ تمام تکڙا آهن، ان ڪري ڪڏهن پنهنجي هم مشرب علماءَ بابت بہ نِزاعي فتويٰ صادر فرمائي ڇڏيندا آهن. پاڻ ظاهر با شرع ۽ باطن با خدا جا مظهر آهن.

عربي ڪتابن جي گهڻي مطالعہ سبب سندن گفتگو تي عربيت غالب رهندي آهي.

اجازت نامہ حضرات نقشبندیہ مجددیہ فضلیہ علیہم الرحمۃ

يَا أَيُّهَا الَّذِينَ آمَنُوا اتَّقُوا اللَّهَ وَابْتَغُوا إِلَيْهِ الْوَسِيلَةَ وَجَاهِدُوا فِي سَبِيلِهِ لَعَلَّكُمْ تُفْلِحُونَ

اَلْمُجَاهِدُ مَنْ جَاهَدَ نَفْسَهُ فِي طَاعَةِ اللهِ

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى حَبِيْبِهِ سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ وَآلِهِ الطَّاهِرِيْنَ وَاَصْحَابِهِ الطَّيِّبِيْنَ اَجْمَعِيْنَ

اما بعد ہمی گوید فقیر حقیر لاشی محمد عبد الغفار از اولاد حضرت چتر پیر قدس اللہ سرہ العزیز کہ این عاجز خاکسار ذرہ بمقدار در سلسلۂ خاندان نقشبندیہ مجددیہ فضلیہ داخل شدہ علم سلوک تا دائرہ لاتعین از حضرت قطب الارشاد خواجۂ خواجگان پیر پیران غوث الاعظم مجدد منور مأۃ اربعۃ عشر ... علیہ وعلی آلہ من الصلوٰۃ افضلہا ومن التحیاۃ اکملہا سیدی وسندی قبلہ عالم ... قریشی ہاشمی عباسی قلبی وروحی فداہ ابی وامی فداہ حاصل نمودہ وشرف اجازت از آنحضرت قرۃ عینین محبوب سبحانی یافتہ وبرائی تحقیق سلسلہ شریف موجود است پس این عاجز لاشی برادر طریقت جناب مولوی الحاج ... فرزند میان عبد اللہ قوم جماڑانی علم سلوک وجذب وحالات وواردات صحیحہ حاصل نمودہ برای تعلیم اسم ذات وعلم سلوک برای طالبان مولیٰ وبرای خدمت اسلام بموجب ضرورۃ اجازت دادہ شد وطالبان راہ حق ... علی راہنما سب است کہ زود فیض ظاہری وباطنی ازین شیخ کامل حاصل نمایند وبہیچ وجہ خطرہ وشک در دل خود نیارند کہ جناب خلیفہ صاحب موصوف للہ فی اللہ خدمت اسلام وبرادران اسلام میکند والسلام

مورخہ نوزدہم یوم اربعاء ذوالحج ۱۳۶۸ھ دستخط لاشی فقیر محمد عبد الغفار سگ آستان عالیہ فضلیہ

علامہ جماراڻي جي سندِ خلافت

---

[1] شهر ٻاڙهي ضلعي ٺٽي جي هڪ جلسي ۾ هن فقير جي ساڻن ملاقات ٿي، پاڻ نهايت گرمجوشي سان مليا. فرمايائون: ”توهان جو والد منهنجو دوست هيو. اسان پير مٺا سائين جي صحبت ۾ اڪثر هڪ ٻئي جي پرسان گڏجي ويهندا هئاسين“.

25 هون خليفو:

حضرت خليفہ
پير بخش بروهي

حضرت خليفہ پير بخش بروهي ولد فقير خدا بخش بروهي ڏُريجي ضلع لسٻيلو بلوچستان ۾ ڄاوا هيا. سندن ننڍپڻ لڪ لوهار خضراٽي ۾ گذريو. ابتدائي تعليم پنهنجي آبائي ڳوٺ ۾ حاصل ڪيائون. پاڻ عربي، فارسي ۽ اردو پڙهيا. جڏهن پاڻ باڊه ضلع لاڙڪاڻي ۾ آيا تہ اتي سنڌي تعليم بہ حاصل ڪيائون. مفتي الله ڏنو جماراڻي بہ سندن استادن ۾ شامل آهن.

سندن تصنيفات: پاڻ سٺا شاعر ۽ اديب بہ هيا. سندن ڪافي ڪتاب قلمي موجود آهن جيڪي سنڌي، بلوچي ۽ فارسي ۾ آهن جيڪي سندن سجاده نشين مولوي عبدالواحد بروهي صاحب وٽ محفوظ آهن.

مشهور شاگرد: مفتي عبدالمجيد لسٻيلي وارا، مولوي محمد رمضان سٺ ميل نواب شاهہ، مولوي عبدالواحد بروهي، سندن فرزند مولوي غلام حسين جمالي بلوچستان، ڪرم خان جمالي بلوچستان، حاجي ڏٽي بخش بروهي باڊہ دوست محمد بلوچستان.

بيعت: حضرت پير مٺا سائين رحمت الله عليہ جي فيض ۽ برڪت جو ٻڌي، ڪجھ رفيقن سان گڏجي درگاھ رحمتپور شريف ۾ اچي پير سائين جن جي حلقہ ارادت ۾ داخل ٿيا. پوءِ درگاه شريف تي ئي رهڻ لڳا. اڪثر ڪري پنهنجو وقت الله جي ذڪر ۾ گذاريندا هيا. سندن سچي دل، محنت ۽ اخلاص کي ڏسندي مرشد کين خلافت عطا ڪئي.

دين جو درد: مرشد کين فرمايو تہ توهان بلوچستان جا آهيو ۽ اوڏانهن وڃي تبليغ ڪريو. پاڻ مرشدن جي حڪم تي لبيڪ چئي بلوچستان روانا ٿيا. ڪوئيٽہ کان پيدل ڪراچي تائين تبليغ ڪيائون انهي تبليغي دوري ۾ کين ٽي مهينا لڳي ويا. سفر ۾ ايندڙ هر ڳوٺ ۽ شهر ۾ پيغامِ مصطفيٰ پهچايائون. جڏهن مرشدن ڏانهن واپس موٽيا تہ ساڻن وڏي جماعت گڏ هئي.

مرشد وڏي جماعت کي ڏسي ڏاڍا خوش ٿيا. پاڻ پنهنجي پير سان ڏاڍي محبت ڪندا هيا. مرشدن جي حياتي مبارڪ ۾ ڳوٺ محمد عثمان ويرا حب ويجهو لسٻيلو بلوچستان ۾ ماهوار 21 جي رات عظيم الشان جلسو ملهائيندا هيا. مرشد جي وصال کان پوءِ انهي ساڳي ڳوٺ ۾ مهيني جي پهرئين جمعہ رات تي عظيم الشان پروگرام ڪندا هيا.

صورت ۽ سيرت: پاڻ سهڻي صورت وارا ۽ غريب نواز انسان هيا. مسڪينن سان وڏي محبت ڪندا هيا. ڪڏهن بہ ڪنهن کي ڪونہ ايذايائون.

۽ شينهن پوئتي وڃي ڪِريو: هڪ ڀيري پاڻ تبليغ لاءِ بلوچستان ويا. رات ٿي وئي. اوندهہ ۾ جبلن جي لَڪَ ۾ جڏهن گذريا تہ هڪ شينهن سامهون آيو جيڪو ڪين تڪليف پهچائڻ لاءِ اڳتي وڌيو. پاڻ مرشدن ڏانهن متوجہ ٿي ذڪر ڪيائون تہ ڏسن پيا تہ شينهن جي سامهون هڪ هٿ ظاهر ٿيو ۽ ان هٿ شينهن کي ڌڪو ڏنو تہ شينهن وڃي پوئتي ڪِريو. پوءِ پاڻ سلامتيءَ سان اڳتي روانا ٿي ويا.

۽زهر جو اثر ختم ٿي ويو: تبليغ ڪندي هڪ دفعي بلوچستان جي هڪ واديءَ مان گذري رهيا هيا تہ هڪ نانگ ڪين ڏنگيو ۽ سندن ٽنگ جي پوتي بہ ڦٽي ويو. زهر ختم ڪرڻ لاءِ پاڻ متيءَ جو ذرو کڻي ان تي "پير مٺا پير مٺا پير مٺا" چئي دم ڪري انهي سور واري جاءِ تي ٻڌائون تہ زهر جو سور ختم ٿي ويو.

سندن وصال: 13 آگسٽ اربع ڏينهن 1997ع بمطابق 8 ربيع الثاني 1418ھ ۾ ٿيو. سندن مزار مبارڪ درگاهہ علي اصحاب باڊه جي قبرستان ۾ آهي. سندس ساليانو عرس مبارڪ 9 ربيع الثاني تي هر سال شايان شان سان هاءِ اسڪول لڳ جامع مسجد نوراني بروهي محلہ باڊه شهر ۾ ملهايو ويندو آهي.

حج: پاڻ زندگي ۾ هڪ حج ڪيائون.

شادي ۽اولاد: پاڻ هڪ شادي ڪيائون جنهن مان بہ پٽ ۽ چار نياڻيون ٿيون.

1. مرحوم عبدالله بروهي.

2. مولوي عبدالواحد: هن وقت پنهنجي والد صاحب جي مشن جي تڪميل لاءِ پاڻ پتوڙي رهيا آهن. پاڻ پير مٺا سائين سان بيعت بہ ڪئي هيائون ۽ اڄ ڏينهن تائين درگاهہ رحمتپور شريف سان وابسطہ آهن. ڪين خلافت حضرت خواجہ خليل الرحمن قدس سره کان ملي.

26 هون خليفو:

حضرت خليفه
انور الدين فاروقي پٺاڻ

نوراني صورت وارو، مرشد ڪامل جو پيارو حضرت خليفه انور الدين فاروقي رحمة الله عليه .

سندن ولادت: افغانستان جي ڳوٺ وڙ پني ۾ ٿي.

تعليم: پنج ڇهه درجا پڙهيا.

سنڌ ۾ هجرت: وڙ پني مان انڊيا آيا. حيدرآباد دکن نظام اسٽيٽ ۾ رهيا. پاڪستان ٺهڻ بعد سنڌ ۾ کوکرا پار واري رستي سان آيا. سنڌ ۾ لاڙڪاڻي ضلعي جي شهر باده ۾ سکونت اختيار ڪيائون. پوءِ رحمتپور ۾ اچي رهائش اختيار ڪيائون.

محبت جو عجيب رنگ: پير مٺا سائين سان والهانه محبت هوندي هين. سندن رابطو عجيب هوندو هيو. پير سائين جڏهن به ڪين گهرائيندا هيا ته صرف دل ۾ خيال ڪندا هيا ته پاڻ اچي ويندا هيا. مصلي جي پويان ويهي مرشد جي ملفوظات لکندا هيا. پير مٺا سائين جا پٺاڻ مريد ايندا هيا ته پير مٺا سائين ڪين فرمائيندا هيا ته هنن کي پشتو ۾ نصيحت ڪيو.

خلافت: سندن محبتن ۽ اخلاص کي ڏسندي ڪين 1955ع ۾ ڪين پير مٺا سائين خلافت عطا ڪئي.

۽ چور ڀڄي ويا: هڪ ڀيري سفر ۾ هيا ته چور ڪيس چوڏاري وري ويا. پاڻ "**پير مٺا پير مٺا**" چيائون اچانڪ گهوڙن تي سوار پوليس وارا آيا ۽ چور ڀڄي ويا ۽ پاڻ سلامتي سان موٽي آيا.

وصال: 1992ع ۾ ڪچلاڪ بلوچستان ۾ وفات ڪيائون سندن آخري آرامگاهه به اتي ئي آهي.

اولاد: ڪيس پنج پٽ ٿيا: 1. زين العابدين 2. صلاح الدين 3. خير الدين .
4. غياث الدين 5. قطب الدين.

27 هون خليفو:

حضرت خليفہ
محمد صديق بروهي

عارف بالله حضرت خليفہ محمد صديق رحمة الله عليه ذات جا بروهي هئا. اڪثر پير مٺا سائين رحمة الله عليه ڪيس "**بروهي صاحب**" چئي سڏيندا هيا. پاڻ ڳوٺ نورآباد لڳ وارهہ ضلع قمبر شهداد ڪوٽ ۾ تولد ٿيا. ننڍپڻ ۾ ئي پير مٺا سائين سان بيعت ٿيا. واره جي علائقي ۾ تبليغ ڪيائون. پير مٺا سائين جي وصال بعد حضرت سهڻا سائين رحمة الله عليه سان بيعت ڪيائون.

گھنگھرو تي جذبو: پير مٺا سائين سان بيعت ڪري ٽن ڏينهن بعد واپس ٿيا تہ سِڪن جو قافلو پئي ويو. انهن جي گڏهن جي ڳچيءَ ۾ گھنگھرو ٻڌل هيا، ان جو آواز ٻڌي ڪيس جذبو ٿي ويو. پاڻ اڪثر ڪري جذبي ۾ ئي رهندا هيا.

آستينن مان شعلا: ڪافي وقت جھنگ ۾ رهيا. ماڻهو ڳولڻ ايندا هيا تہ ڪين نظر نہ ايندا هيا پر پاڻ انهن کي ڏسندا هيا. پوءِ هڪ سيد کي وٽي آيا. ان چيو تہ هن کي جادو آهي. اهو ٻڌڻ سان ڪين جذبو ٿي ويو. سندن آستينن مان باهہ جا شعلا نڪرڻ لڳا. جذبي ۾ لوڙهي مٿان رقص ڪرڻ لڳا. پوءِ شاهہ صاحب کي روئڻ اچي ويو. چيائين مان ڀليل آهيان هي جادو ناهي الله جو ذڪر آهي.

دبئي ۾ مرڪز: پاڻ دبئي ۾ تبليغ ۽ ڪاروبار لاءِ ويا. دبئي ۾ الصفا ۾ "مرڪز الصديقية" کوليائون. اتي وڏي تبليغ ڪيائون. عربي عجمي سندن فيض مان مستفيض ٿيا. ڪافي ڪافر ڪلمو پڙهي مسلمان ٿيا. هن وقت ان مرڪز ۾ حضرت **سڄڻ سائين** ويندا آهن.

وصال پُر ملال: پاڻ دبئي ۾ هيا تہ سندن طبيعت ناساز ٿي پئي پوءِ ڪراچي ۽ لاڙڪاڻي ۾ علاج ڪرايائون نيٺ پنهنجي اباڻي ڳوٺ ۾ سندن وصال ٿيو. سندن مزار نور آباد ۾ آهي. هن وقت سندن فرزند مولانا **محمد جان** سرگرم مبلغ آهن. ڪين حضرت سڄڻ سائين کان اجازت خلافت مليل آهي.

28 هون خليفو: القول المقبول في تذكرة خليفة غلام الرسول

حضرت خليفه
غلام رسول چانڊيو

العابد الزاهد، الصابر، الشاڪر، العالم العادل حضرت خليفه غلام رسول چانڊيو ولد نبي بخش چانڊيو جي ولادت 19 جون 1865ع ۾ ڳوٺ ڏُر محمد هڪڙو ۾ ٿي. ننڍپڻ پنهنجي اباڻي ڳوٺ ۾ گذاريائون.

علم جي تلاش: سنڌي پرائمري پنهنجي ڳوٺ ۾ حاصل ڪيائون. جڏهن پاڻ ڏهن سالن جا ٿيا ته سندن والد گرامي ديني تعليم لاءِ نوڙي ٻجار جي مدرسي ۾ مولوي ڪريم داد چانڊيو صاحب وٽ وٺي آيا. هن مدرسي ۾ پاڻ قرآن پاڪ حفظ ڪيائون. ان ڪان علاوه عربي فارسي جي به تعليم حاصل ڪيائون. پنجويهه سالن جي عمر ۾ وڌيڪ ديني تعليم جي حصول لاءِ هندستان روانا ٿيا. جڏهن دهلي ۾ فارغ التحصيل ٿيا ته اتان جي بزرگن ۽ عالمن کين دستار فضيلت ڪرائي.

علمي خدمتون: وطن واپس آيا ته هڪ زميندار قائم خان شيخ جنهن جي نالي سان اڄ به هڪ ڳوٺ آهي، تنهن هڪ ديني درسگاهه کولڻ جو ارادو ڏيکاريو ۽ کين ان درسگاهه ۾ پڙهائڻ جو عرض به ڪيائين. اها ڳالهه ٻڌي خليفه صاحب ڏاڍا خوش ٿيا. پوءِ ان مدرسي ۾ بغير ڪنهن معاوضي وٺڻ جي في سبيل الله مُدرس ٿي رهيا ۽ سوين شاگردن کي ديني علم سان روشناس ڪرايائون جيڪي قرآن جا حافظ ۽ دين جا عالم ٿيا.

سندن شاگردن: مولانا عبدالحي قمبر، مولانا عبدالهادي قمبر ان ڪان علاوه هزارين ماڻهن سندن علمي ۽ روحاني فيض مان حصو حاصل ڪيو.

علمي قابليت: پاڻ وڏا عالم با عمل ۽ محقق هيا. درگاهه رحمتپور شريف ۾ جڏهن ماڻهو دقيق شرعي مسئلا پڇڻ ايندا هيا ته پير مٺا سائين ڪيس گهرائي مسئلي جي حل يا فتويٰ لاءِ فرمائيندا هيا.

تصنيفات: ڪافي ڪتاب تصنيف ڪيائون پر اُهي اجا ڇپجي نہ سگهيا آهن.

بيعت ۽ خلافت: پهرئين مولانا تاج محمد امروٽي جا مريد هيا ان جي وفات بعد حضرت پير مٺا سائين ﷫ سان بيعت ڪيائون. سندن محبت، محنت ۽ عقيدت کي ڏسي پير سائين جن کين خلافت عطا فرمائي.

تبليغ: پنهنجي سموري زندگي دين جي خدمت ڪندي گذاري ڇڏيائون. قمبر ۽ ان جي آس پاس جي علائقن ۾ تبليغ ڪري ماڻهن کي بي ديني جي انڌيري مان ڪڍي علم جي روشني ۽ صراط مستقيم واري واٽ تي آندائون.

مرشد سان محبت: کين پنهنجي پير سان گهڻي محبت هوندي هئي. ڪو بہ يارهين جو موقعو قضا نہ ڪيائون. زندگي جي آخري ڏينهن تائين درگاهہ رحمتپور شريف سان وابستہ رهيا. مرشد جي وصال کان پوءِ حضرت خواجہ خليل الرحمٰن قدس سره العزيز سان نسبت رکيائون.

استقامت: ڪافي عرصي تائين قائم خان شيخ جي مدرسي ۾ درس و تدريس ۾ مصروف رهيا پوءِ 1972ع ۾ اتان هجرت ڪري قمبر شهر ۾ پنهنجن فرزندن سان گڏ رهڻ لڳا. سندن عمر 100 کان مٿي هئي پر ضعيف العمري جي باوجود بہ نماز ۽ قرآن شريف جي تلاوت جا پابند رهيا. **حج:** کين ٻن حجن ڪرڻ جي سعادت حاصل ٿي.

وصال پُر ملال: خليفہ غلام رسول جو وصال قمبر شهر ۾ 15 فيبروري 1976ع ۾ ٿيو. سندن مزار مبارڪ سيد باگن شاهہ جي قبرستان قمبر ۾ آهي. سندن ٻنهين فرزندن محمد هاشم ۽ خير محمد جون مزارون بہ والد گرامي جي مزار شريف جي پير ۾ آهن.

شاديون ۽ اولاد: پاڻ ٻہ شاديون ڪيائون. کين ٻہ فرزند ٿيا.

محمد هاشم 1992ع ۾ ۽ خير محمد 1999ع ۾ وصال ڪيو.

1.محمد هاشم: هڪ شادي ڪئي جنهن مان کيس پنج پٽ ۽ ٽي نياڻيون ٿين.

1. حزب الله (مرحوم) 2. محمد قاسم (مرحوم) 3. محمد داؤد (مرحوم) 4. نعمت الله (قمبر ۾ سڪونت پذير آهن) 5. خليل احمد.

2. خير محمد: هڪ شادي ڪئي. کين ٻہ پٽ ۽ ٽي نياڻيون ٿيون.

1. بشير احمد 2. عبدالرشيد قمبر ۾ رهائش پذير آهن.

29 هون خليفو:

حضرت خليفه
علي گل مُغيري

الله جي پياري ، روحاني منزلن واري حضرت خليفه علي گل مُغيري ولد الله ڏنو مغيري جي ولادت ڳوٺ حاجي غلام مغيري لڳ آبڙي تعلقو قمبر ضلع قمبر شهداد ڪوٽ ۾ ٿي. تعليم پنهنجي ڳوٺ ۾ حاصل ڪيائون.

بيعت ۽ خلافت : اول پاڻ پنهنجي آباء اجداد جي مرشدن حق دو پاسي بزرگن جا مريد هيا. پوءِ دين پور ۾ پير مٺا سائين سان بيعت ڪيائون. ڪافي عرصو اتي رهيا. مرشد ڪي دعوت ڏئي پنهنجي ڳوٺ وٺي آيا. پير مٺا سائين آبڙي لڳ سندن ڳوٺ ۾ ڪجهه وقت قيام فرمايو هيو پوءِ اهو آستانو ۽ جايون خليفه علي گل جي حوالي ڪري پاڻ رحمتپور شريف لاڙڪاڻو ۾ اچي رهيا.

خليفي صاحب ڪي مرشدن ڪريمن سان تمام گهڻي محبت هئي. سندن محنتن ۽ خدمتن ڪي ڏسي مرشدن ڪيس خلافت سان نوازيو. پاڻ ڪيترن ئي علائقن ۾ تبليغ به ڪندا رهيا.

حج ۽ مختلف ملڪن جو سير: مرشد کان اجازت وٺي حج تي ويا. ان سفر ۾ ساڻن گهر وارا به گڏ هيا. حج ادا ڪرڻ کان پوءِ اردن، ايران، شام ۽ عراق جو به سفر ڪيائون. ان کان پوءِ به پاڻ ڪيترائي حج ڪيائون.

شادي ۽ اولاد : پاڻ هڪ شادي ڪيائون جنهن مان صرف هڪ نياڻي ٿي.

وصال : سندن وصال جي تاريخ معلوم ٿي نه سگهي آهي. سندن مزار خيرپور يوسف لڳ پڪو وڳڻ روڊ ڳوٺ طاهر جي قبرستان ۾ آهي.

خدا رحمت کند ایں عاشقان پاک طینت را

30 هون خليفو: اَشْفَقُ الشَّفِيق اَحْسَنُ الْخَلِيق خَلِيفَة مُحَمَّد صِدِّيق

حضرت خليفہ خواجہ
غلام صديق بروهي
دربار مسكين پور شريف
تمبر شهدادكوٽ

غوث غفاري جو پيارو، فيض ڪرامت برڪت وارو، علم حلم ۾ قربت وارو، رحم ڪرم ۾ زور ڀاڄهارو حضرت خليفہ محمد صديق ولد قيصر الدين ولد علي خان بروهي رحمت الله عليہ سندن ذات بروهي جتڪ سنبڪاٽي رحمت زئي ۽ فقير زئي هئي.

سندن ولادت : 1921ع بمطابق 1343ھ ۾ بستي چوڪي جمالي تحصيل گنداخہ ضلع جعفر آباد، بلوچستان ۾ ٿي.

تعليم : قرآن مجيد جي تعليم ۽ فارسي جا ڪجھ ڪتاب شهر ڳڙهي خيرو ۾ حاصل ڪيائون. پاڻ فرمائيندا هيا تہ : ”مون کي ننڍپڻ ۾ علم حاصل ڪرڻ جو شوق هوندو هيو پر اسان جي گهر جو گذر سفر ٻڪرين رڍن جي ڌڻ تي هوندو هيو. ان ڪري مون کي بہ ڌڻ چارڻو پيو. ڪڏهن ڪڏهن دعا گهرندو هيس تہ خدا ڪري ڌڻ مري وڃي تہ آءُ آزاد ٿي علم حاصل ڪيان. پوءِ ڪجھ وقت کان پوءِ ڌڻ ختم ٿي ويو ۽ قرآن مجيد ۽ فارسي جا ڪجھ ڪتاب پڙهيم“. جنهن علائقي ۾ سندن جي ولادت ٿي هئي ان علائقي ۾ وڏي جهالت هئي. ماڻهو دين کان ناواقف هيا ان ڪري پاڻ عربي پڙهي نہ سگهيا.

مرشد جي تلاش : سندن استاد وٽ هڪ رسالو هوندو هيو جنهن ۾ حضرت محبوب سبحاني قدس سره جون ڪرامتون تحرير هيون. پاڻ اهو ڪتاب پڙهندا هيا جنهن ڪري سندن دل ۾ غوث اعظم جي محبت ۽ عقيدت تمام وڌي وئي. اهڙي طرح سان کين شوق پيدا ٿيو تہ ڪنهن بزرگ سان بيعت ڪريان. اڪثر ڪري پاڻ جهنگ يا قبرستان ۾ وڃي روئندا هيا. دعا گهرندا هيا تہ يا الله مون کي ڪامل پير نصيب فرماءِ.

محبت ۾ مستانا: ڪين ننڍپڻ کان ئي ڪامل پير جي تلاش هئي. پاڻ مختلف مشائخ عظام جي خدمت ۾ حاضري ڏنائون پر پاڻ جنهن جا متلاشي هيا اهو ڪين نظر نہ آيو. شروع ۾ پاڻ قادري خاندان جي هڪ بزرگ سان بيعت ڪيائون. ان کان پوءِ نقشبندي بزرگ حضرت خواجہ محمد بخش مديجوي رحمت الله عليہ سان بيعت ڪيائون. پاڻ تقريباً پندرهن سال ان بزرگ جي صحبت ۾ رهيا. ان بزرگ جي ايڏي تہ خدمت ڪيائون جو اهو بزرگ سندن مشتاق ٿي پيو. پاڻ فرمائيندا هيا تہ مون کي ياد نہ آهي جو ان وقت مون وٽ پنج روپيہ جمع ٿيا هجن ۽ اُهي مان پاڻ وٽ رکيا هجن. جيڪي بہ پئسہ هٿ ۾ ايندا هيا اهي پنهنجي شيخ تي قربان ڪري ڇڏيندو هئس. پاڻ پنهنجي مرشد جا ديوانا هيا هڪُ ڏينهُن گهر ۾ تہ ٻہ ڏينهَن پير جي خدمت ۾.

محبّت جي ميدان ۾، سِرَ جو ڪر مَ سانگُ؛
سورِيءَ سُپيرِين جي، چَڙهُ تہ ٿئين چانگُ؛
عشق آهي نانگ، خبر ڪاڏَنِ ڪي پوي.

پاڻ پنهنجي شيخ سان گڏ هر سال بلوچستان ويندا هيا. سندن مرشد اتان جي ماڻهن کي سندس واسطي فرمائيندو هيو تہ مان سنڌ مان توهان لاءِ بي مثال تحفو آندو آهي.

بزرگ ڪين "**فرزند**" چئي پڪاريندو هيو ۽ ساڻس تمام گهڻو پيار ڪندو هيو. ڪين ڏاڍيون دعائون ڪندو هيو ۽ ڪڏهن فرمائيندو هيو تہ پٽ هزارين ماڻهو تنهنجون جتيون کڻندا.

بيعت ثاني: توڙي جو پاڻ پنهنجي شيخ اول جي ڀرپور خدمت ڪيائون ۽ ساڻن والهانہ محبت ڪيائون ۽ مرشد جي بہ مٿن نگاهِ خاص هئي پر تنهن هوندي بہ سندن قلبي اڃ اُجهامي نہ سگهي. پاڻ تسڪينِ قلب لاءِ اڃا ڪنهن مردِ حق جا منتظر هيا. هڪ ڀيري ڪنهن دوست ڪين رحمتپور جي روحاني مرڪز ڏانهن هلڻ جي دعوت ڏني. پاڻ اتي قطبِ عالم حضرت پير مٺا سائين ﷺ جي خدمت بابرڪت ۾ حاضر ٿيا. جڏهن سندن زيارت ڪيائون تہ دل مطمئن ٿي وئي. پير سائينجن ڪائن پڇيو تہ سبق تازو ڪرائيندو يا نئين بيعت ڪندئو. پاڻ نئين بيعت ڪرڻ جو عرض ڪيائون. پوءِ حضرت پير مٺا سائين جن ڪين نئين سر بيعت ڪرائي ۽ ان ئي وقت ست ئي سبق عنايت فرمايائون.

خلافت: سندن محبتن ۽ دل جي صداقت کي ڏسندي مرشد ڪين ٿن مهينن اندر خلافت عطا ڪئي. خلافت ڏيڻ وقت پير مٺا سائين فرمايو:

"خلیفہ صاحب میں تساں کوں خلافت اپنے طرفاں ڈیندا ہاں۔"

حاضري وارن فقيرن جي چوڻ مطابق پاڻ اهي الفاظ اڳ ڪنهن به خليفي لاءِ ڪو نه فرمايا هئائون ۽ نه ئي ڪنهن کي ٽن مهينن ۾ خلافت ڏنائون.

مالي خدمت: پاڻ فرمائيندا هيا ته مون کي ياد نه آهي جو پير مٺا سائين سان بيعت ڪرڻ کان پوءِ مون وٽ چاليهه روپيه هجن ۽ اُهي مان ڪجهه ڏينهن لاءِ پاڻ وٽ رکيا هجن. جيڪا به رقم (ضرورت کان وڌيڪ) هٿ ۾ ايندي هئي اها پنهنجي شيخ جي حوالي ڪري ڇڏيندو هيس.

سِرُ ساهُ سڄڻ تو تان صد بار ڪيان صدقي،
سڀ مال مڏيون ملڪيت گهرَ ٻارَ ڪيان صدقي.

پير سان محبت: پاڻ فرمائيندا هيا ته مان سوچيندو هيس ته انشاء الله مان اهڙو طريقو اختيار ڪندس جو مرشد جي دل ڪسي وٺندس. پوءِ اهو راز مون تبليغ دين ۾ ڏٺو. خليفو جيتري به گهڻي تبليغ ڪندو هيو پير سائين جن ان سان اوترو وڌيڪ راضي ٿيندا هئا.

هجرتون ۽ موجوده درگاهه شريف: پهرئين هجرت چوڪي جمالي کان بستي ڏنگ جي طرف ڪيائون. پوءِ درگاهه مسڪين پور شريف لڳ شهر ميرو خان ڏانهن هجرت ڪيائون. هي ٻئي هجرتون خلافت کان پهريان ڪيائون. پاڻ درگاهه شريف "مسڪين پور شريف" جو نالو خلافت کان پوءِ رکيائون. پوءِ پاڻ جيڪب آباد،جهٽ پٽ، سلرا شاهه داد ڪوٽ ضلع لاڑڪاڻو به هجرت ڪيائون. پاڻ سيني مرڪزن جو نالو **مسڪين پور** رکيائون. هن وقت جيڪا درگاهه مسڪين پور شريف آهي اها لڳ مستوئي شاخ شهداد ڪوٽ کان اوپر ڏکڻ جي وچ ۾ تقريباً ٻن ڪلوميٽرن جي مفاصلي تي آهي.

سيرت: پاڻ با اخلاق ۽ باشرع هوندا هيا. پاڻ ننڍپڻ کان طاقتور، بي خوف ۽ با همت هوندا هيا.

مريدن کي هدايت: پاڻ پنهنجي مريدن ۽ گهر وارن کي هدايت ڪندا هيا ته جڏهن سائينجن جي لنگر خاني ۾ وڃو ته اتي مهمان ٿي ويهي نه رهو بلڪ خدمتگار بنجي وڃو.

پنهنجي لاءِ لنگر هرگز نہ گهرو اگر خود ملي تہ الحمدلله نہ تہ صبر ڪندا ڪريو. يا پنهنجو پڪايل روٽ کائيندا ڪريو. مرشد جي درگاهہ تي ماني گهرڻ بہ بي ادبي آهي.

قناعت ۽ سادگي: سندن گهر ۾ شروع کان وٺي قناعت هئي. پاڻ هميشہ سادي خوراڪ کائيندا هيا ۽ سادو لباس پائيندا هيا. ان وقت سوٽي ڪپڙو سستو هوندو هيو. پاڻ هميشہ سفيد رنگ جو سوٽي ڪپڙو خريد ڪندا هيا. ڪڏهن ڪڏهن سٺا ڪپڙا بہ زيب تن ڪندا هيا. اُهي ڪپڙا مريد پنهنجي محبت مان کين ڏيندا هيا پر پاڻ مهانگا ۽ اعليٰ ڪپڙا پنهنجي لاءِ ڪڏهن بہ خريد نہ ڪيائون. هميشہ سادگي سان پنهنجي حياتي گذاريائون.

انوکو انداز: هڪ دفعي ڪوئيٽہ ۾ پير مٺا سائين چاليهہ روپيہ ڪڍي دل جوئي ڪندي فرمايائون "ميان غلام صديق پيا خليفا پنهنجي ٻارن لاءِ ڪپڙو وغيره خريد ڪري وٺي وڃن پيا اگر توهان جو بہ ارادو هجي تہ بلاشبہ خريد ڪيو. هي ننگر مان چاليهہ روپيہ وٺو. جڏهن توهان کي ٺين تہ پوءِ واپس ڏجو." کين پيسہ تہ گهٽ ئي هيا پر ضرورت لاءِ ڪافي هيا. پر پاڻ پنهنجي شيخ جي ڪمالِ شفقت ۽ ڪرم کي ڏسي کو جواب ڏئي سگهيا ۽ اها رقم وٺي پاڻ وٽ رکي ڇڏيائون. جڏهن واپس درگاهہ رحمتپور شريف پهتا تہ ان ئي وقت اهي ساڳيا پئسہ مرشد جي خدمت ۾ پيش ڪيائون. سندن مرشد فرمايو: "ايترو جلدي!!!"

قابلِ اعتماد شخصيت: پير مٺا سائين جو مٿن ايترو تہ اعتماد هوندو هيو جو سندن ڳالهہ کي قابلِ اعتبار سمجهندا هئا. درگاهہ رحمت پور شريف ۾ ڪنهن ماڻهو جي باري ۾ ڳالهہ پولهہ ٿي. ڪجهہ ماڻهن ان ماڻهو کي ڏوهي ڪيو ۽ ڪِن ڪونہ ڪيو. جڏهن اهو مسئلو مرشد وٽ پهتو تہ ڪنهن ماڻهو پير مٺا سائين کي ٻڌايو تہ ان ماڻهو ڪجهہ عرصو خليفہ غلام صديق صاحب وٽ گذاريو آهي. ان ماڻهو جي باري ۾ خليفي صاحب کي وڌيڪ خبر هوندي. پوءِ پاڻ فرمايائون تہ ميان غلام صديق کي گهرايو. اتفاقاً ان ڏينهن پاڻ بہ درگاهہ شريف تي اچي رهيا هيا. جڏهن سندن خدمت اقدس ۾ حاضر ٿيا تہ مرشد کائنس ان ماڻهو جي باري ۾ پڇيو. پاڻ حقيقت عرض ڪيائون. ان کان پوءِ پاڻ ان ماڻهو کي درگاهہ شريف تان ڪڍي ڇڏيائون ۽ پنهنجي پوري زندگي تائين ان کي درگاهہ شريف تي اچڻ جي اجازت نہ ڏنائون.

آخري لمحن ۾ : جڏهن پير مٺا سائينجن جي طبيعت مبارڪ ناساز هئي تہ پاڻ فرمايائون غلام صديق جي طرف پيغام موڪليو تہ جلدي اچي. پاڻ رستي ۾ ئي هيا تہ کين اطلاع مليو. پوءِ آخري لمحن ۾ پنهنجي پير سان گڏ رهيا.

صدمو: پاڻ ڪنهن شخص سان گفتگو ڪندي فرمايائون تہ ”هن عاجز کي جيترو صدمو پنهنجي شيخ جي جدائي ۾ مليو ايڏو صدمو ڪڏهن بہ نہ مليو هيو“.

اولاد جي تعليم و تربيت : پاڻ پنهنجي اولاد جي تعليم ۽ تربيت جو خاص بندوبست ڪندا هيا. علم جي حصول لاءِ اهڙو مدرسو جنهن ۾ تعليم سان گڏو گڏ عمل، آداب ۽ اخلاق حسنہ ڏانهن بہ ڪامل توجہ هجي. شهداد ڪوٽ ۾ هڪ تجربيڪار ۽ عمر رسيده استاد علامہ سيد العلماء جامع المعقول والمنقول مولانا مولوي محمد نواز جيڪو پنهنجي شاگردن کي ڏاڍي محنت سان پڙهائيندو هيو. ان جي مدرسي ۾ پاڻ پنهنجي فرزند جناب محمد هادي بخش صديقي صاحب کي پڙهڻ لاءِ موڪليائون. اتي سندن فرزند سان گڏ مولانا واحد بخش صاحب ۽ فقير جناب ميان رحمت الله صاحب بہ عربي تعليم حاصل ڪندا رهيا. گرمين جي موسم ۾ چار مهينن لاءِ درگاهہ ڪريم آباد لڳ ڪُلي ڪمالو سرياب روڊ ڪوئيٽہ بلوچستان ويندا هيا تہ بہ اتان جي جيد علماء وٽ وڃي علم حاصل ڪندا هيا. سندن فرزند اٺين سال ۾ دوره حديث شريف بهاولپور ۾ پڙهيو.

سندن روزمره جو معمول : پاڻ فجر جي اذان کان بہ ڪلاڪ اڳ تهجد نماز لاءِ اٿندا هيا. ڪڏهن ڪڏهن اڌ رات، ڪڏهن ڪڏهن ان کان بہ وڌيڪ وقت مراقبي ۾ گذاريندا هيا. پاڻ هر وضو کان پوءِ تحية الوضو ادا فرمائيندا هيا.

فجر جي نماز پاڻ پڙهائيندا هيا. نماز کان پوءِ ختم شريف پڙهي مراقبو ڪرائيندا هيا. ڪڏهن ڪڏهن مراقبي کان پوءِ ڪجهہ وعظ ۽ نصيحت فرمائيندا هيا. ان کان پوءِ گهر وڃي قرآن مجيد جي تلاوت ڪندا هيا. پوءِ ماني کائي لنگر جي ڪم جي نگهباني يا ڪنهن مسافر سان ملاقات يا گهر ۾ ويهي ڪونہ ڪو ڪتاب مطالعو فرمائيندا هيا. بعد ۾ پاڻ ڪجهہ آرام فرمائيندا هيا ۽ ظهر جي نماز کان پورو هڪ ڪلاڪ اڳ اٿي تسبيون ۽ وظيفا پڙهندا هيا. اگر ڪو وظيفو رهجي ويندوهيو تہ اهو نمازِ ظهر کان پوءِ پورو ڪندا

هيا. عصر نماز کان پوءِ پاڻ هميشہ مسجد شريف ۾ ويهي فقيرن ۽ سالڪن کي نصيحتون فرمائيندا هيا. ڪڏهن ڪڏهن انهن کان حال احوال بہ پڇندا هيا.

دربار مسڪين پور جا قوانين:

پاڻ جڏهن دربار مسڪين پور شريف قائم ڪيائون تہ اتي مرشدن جي سنت مطابق شرعي قانونن جو اجراءُ فرمايائون. اتي جي هر رهواسي کي انهن قانونن جو پابند ٿي رهڻو پوندو. پوءِ اتي فقيرن جا سٺ گهر آباد ٿيا پر اهي سڀ انهن شرعي قانونن جا پابند ٿي رهيا. انهن شرطن مان ڪجهہ شرط هي بہ هيا:

سيني شرطن جو خلاصو:

- شريعت پاڪ جي هر حڪم تي عمل ڪبو ۽ غير شرعي ڪمن کان پرهيز ڪبي.
- پنج وقت نماز با جماعت پابندي سان ادا ڪئي ويندي.
- ڏاڙهي سنت مطابق پوري مٺ رکي ويندي.
- ڏندڻ هميشہ پاڻ سان گڏ رکيو ويندو.
- ڪوڙ، غيبت، زنا، چوري، ڪسب حرام، حقو، سگريٽ، نسوار، شراب نوشي ۽ ٻين حرام و ناشائستہ سيني شين کان پرهيز ڪبي.
- پنهنجي گهروارن کي شرعي پردي ۾ رکيو ويندو. انهن جا سڀ معاملات شريعت پاڪ مطابق سرانجام ڏنا ويندا.
- بي دين ۽ فاسق مائٽن جي خلافِ شرع ڪمن مثلاً شادي ۽ غمي وغيره ۾ انهن سان هرگز شرڪت نہ ڪئي ويندي.
- اگر پاڻ ۾ ڪڏهن بہ ڪو اختلاف وغيره ٿي وڃي تہ شرعي فيصلو مڃيو ويندو. حڪومت يا ڪنهن ٻئي امير وغيره جي طرف هرگز نہ ويندو.

اها نوراني بستي ان شرعي قانونن مطابق آباد ڪئي وئي هئي. اتي هر وقت الله جو ذڪر جاري هوندو هيو ۽ الله جي پياري حبيب ﷺ جي دين پابندي هوندي هئي.

سندن خليفا:

1. صاحبزاده حضرت علامہ محمد هادي بخش صديقي حب بلوچستان.
2. صاحبزاده حضرت محمد حضور بخش صديقي مسڪين پور، شهداد ڪوٽ.

3. محمد محسن صديقي ولد خليفه حبيب الرحمن غفاري، درگاهه غريب آباد يارو
كوسو، ڊيره غازي خان، پنجاب.

حج: پاڻ ٻه حج ادا ڪيائون.

شاديون ۽ اولاد: پاڻ يڪي بعد ديگري پنج شاديون ڪيائون جن مان ڪين اٺ پٽ ۽ تيرهن نياڻيون ٿيون.

وصال پُر ملال: 16 ربيع الاول 17 جي رات 1425هجري ۾ ٿيو. سندن آخري آرام گاهه درگاهه مسڪين پور شريف لڳ مستوئي شاخ، تعلقو ميرو خان، ضلع قمبر، شهداد ڪوٽ ۾ زيارت گاهه خاص و عام آهي.

صاحبزادگان: سندن صاحبزادا هن وقت ٻه شب وروز تبليغي مساعي ۾ مشغول آهن.

حضرت صاحبزاده علامه مولانا **هادي بخش صديقي** زيد مجده هن وقت بلوچستان صوبي جي تعلقي حب ۾ دربار رحيم آباد شريف ۾ مقيم آهن. جتي سندن درسگاهه " جامعه صديقيه غفاريه " نالي آهي. جتي پاڻ تبليغ دين ۽ اشاعتِ سلسله ۾ مشغول آهن. پاڻ ڪافي تعداد ۾ ڪتاب ٻه لکيا اٿن.

سندن فرزند گرامي حضرت **حضور بخش** زيد مجده دربار مسڪين پور ۾ سجاده نشين آهن. ان ڪان علاوه هاٽي نوري آباد ۾ ٻه هڪ نئون مرڪز ٻه ڪوليو اٿن. پاڻ تبليغ سان گڏ تحريري خدمتون ٻه سرانجام ڏئي رهيا آهن.

ترجیح اجل کر دیتے ہیں بے سوز محبت جینے پر،
ہم زہر کے خم کو پی جاتے ہیں آتے ہیں کبھی جو پینے پر.

ہم شمعِ یقیں کے پروانے شعلوں سے محبت کرتے ہیں ،
اے زیست ہماری راہ سے ہٹ ہم موت کی عزت کرتے ہیں

31 هون خليفو: شفاءُ السقيم في ذكر خليفة عبد الحليم

حضرت علامہ خليفہ عبدالحليم شهدادكوٽي

رحمت الله عليہ

واقفِ علومِ شريعت وطريقت، عالِمِ باعمل، صوفي باصفا، حضرت علامہ مولانا خليفہ عبدالحليم بن خواجہ نصير الدين رحمت الله عليهما جو تعلق سنڌ جي هڪ قديم ۽ عظيم علمي گهراڻي سان آهي. جنهن جي علم جو سُهائو اڄ بہ پوري سنڌ ۾ پکڙيل آهي.

سنڌ جو علمي گهراڻو: حضرت علامہ غلام صديق شهداد ڪوٽي بن ميان نورمحمد بن ميان غلام محمد بن محمد توڪل رحمت الله عليهم. پاڻ فاروقي خاندان مان هيا ۽ اڳتي وڃي سندن شجرهٔ نسب حضرت علامہ تفتازاني کان ٿيندو حضرت سيدنا عمر فاروق رضي الله عنه سان ملي ٿو. سندن آباء واجداد تبليغ جي سلسلي ۾ عرب کان عراق آيا ۽ اتان پنجاب (سمہ سٽہ) کان ٿيندا بلوچستان ۾ آيا. علامہ غلام صديق (ولادت 1260ھ وفات 1323 ھ) جو والد حضرت ميان نور محمد رياست قلات جو قاضي القضاة (اسلامي عدالت جو چيف جسٽس) هيو. پاڻ واليءِ قلات جو استاد بہ هيو. پوءِ خان قلات ڪيس هڪ ناجائز مسئلي تي صحيح ڪرڻ جو چيو پر پاڻ پنهنجي منصب کان استعفيٰ ڏئي سنڌ جي شهر شهدادڪوٽ ۾ اچي هڪ علمي ۽ روحاني مرڪز قائم ڪيائين. علامہ همايوني، علامہ عطاءُ الله فيروز شاهي، علامہ حسن الله پاٽائي، علامہ غلام محمد مهيسر، علامہ مفتي داد محمد بلوچ قاضي مڪران وغيره سندن شاگردن مان آهن. وري سندن شاگردَ علامہ عطاءُ الله جي ناميارن شاگردن ۾ مولانا حامد الله لاڙائي بہ آهي. وري انجي شاگردن ۾ مولانا علي محمد مهيري مولانا محمد سليمان ٻني وارو وغيره بہ اچي وڃن ٿا. ان طرح شهدادڪوٽي بزرگن جو علمي فيض پوري سنڌ ۾ پکڙيل آهي.

گادي نشين: علامہ شهدادڪوٽي رحمة الله عليه ڪي ٻہ پٽ ٿيا، جيڪي ننڍپڻ ۾ ئي فوت ٿي ويا. پوءِ پاڻ پنهنجي پڳ پنهنجي ڀاڻج خواجہ نصير الدين رحمة الله عليه (ولادت 1298 وفات 1347ھ) تي رکيائين. سندس باري ۾ پاڻ فرمائيندو هيو تہ :

”منهنجي ظاهري ۽ باطني ملڪيت جو مالڪ نصير الدين آهي“.

ولادت حضرت خليفہ عبد الحليم: حضرت ميان نصير الدين (اول) جي گهر 28 ربيع الاول 1331ھ تي شهداد ڪوٽ ۾ هڪ نوراني نينگر جي ولادت ٿي. سندس نالو عبد الحليم رکيائين. جيڪو سندس وصال بعد سندس سجاده نشين مقرر ٿيو.

تعليم: ميان سائين عبد الحليم اڃا ننڍڙا ئي هيا تہ سندن والد وفات ڪري ويو. سندن تعليم ۽ تربيت سندن اباڻي مدرسي ۾ ٿي. حضرت مولانا قمر الدين صاحب ۽ حضرت مولانا عبدالغفار صاحب سندن استاد هئا. درسِ نظامي جي تڪميل بعد سندن دستار بندي بہ سندن مادر علمي درگاهہ صديقيہ شهداد ڪوٽ ۾ ڪئي وئي.

سلسلہ قادريہ ۾ بيعت: پاڻ سلسلہ قادريہ ۾ حضرت مخدوم هادي بخش رحمت الله عليہ سجاده نشين محمد پور شريف وارن جي هٿ تي بيعت ڪيائون جن ڪين خلافت بہ ڏني.

شهداد ڪوٽي گهراڻي ۾ فيض غفاري: هڪ ڀيري حضرت پير مٺا سائين رحمة الله عليه سفر ڪندي جڏهن شهداد ڪوٽ پهتا تہ علامہ غلام صديق جي مزار تي آيا ۽ اتي مراقبو ڪيائون. اتان ڪين عرض ڪيو ويو تہ اسان جي ٻچي تي خاص توجہ فرمايو. پوءِ پاڻ علامہ عبد الحليم تي توجہ فرمايائون ۽ ان پير سائين جن جي بيعت ڪئي ۽ ان وقت پير سائين جن هي لفظ فرمايا:

ما صب الله في صدري شيئا إلا وصببته في صدر عبدالحليم

الله جيڪي انوارات منهنجي سيني ۾ پلٽيا هئا سي مون عبد الحليم جي سيني ۾ پلٽيا.

پوءِ هڪ طرف قادري ڪرامتون تہ ٻئي طرف نقشبندي نوازشون.... سندن سينو مجمع البحرين بنجي پيو. ان جو نتيجو اهو نڪتو جو هزارين ماڻهن ڪائنن ذڪر حاصل ڪري پنهنجي دلين جو اصلاح ڪيو ۽ پاڻ ٽيهہ مريدن کي خلافت بہ ڏنائون، جيڪي سنڌ، بلوچستان، ايران، عراق، مدينہ منوره مڪہ مڪرمہ ۾ دين جي خدمتن ۾ مشغول آهن.

اوصاف : قادر ڪريم خليفي عبد الحليم رحمة الله عليه ڪي وڏو عالم، اديب، پرهيزگار ۽ خدا ترس بنايو هيو. پاڻ پنهنجي خداداد قابليت سان درگاهه صديقيه جي وڏي خدمت ڪيائون. ان عظيم درسگاهه ۾ پيهر علم جي لاٽ روشن ڪيائون ۽ تانجو پري پري کان شاگرد وٽن علم حاصل ڪرڻ اچڻ لڳا.

مدرسن جو چار: پاڻ تعليم جي ميدان ۾ قابلِ تحسين ۽ قابلِ قدر خدمتون سرانجام ڏنائون ۽ ڪيترائي مدرسا ۽ مڪتب قائم ڪيائون. جن مان ڪجهه هي آهن:

1. مدرسه حليميه : 01 فيبروري 1955ع ۾ قائم ڪيائون.

2. مدرسه نور محمدي 3. مدرسه مظهر الاسلام 4. مدرسه فيض محمدي: 01 سيپٽمبر 1957ع ۾ قائم ڪيائون. هي چار ئي مدرسا شهداد ڪوٽ ۾ علم جو نور پکيڙي رهيا آهن.

5. **مدرسه جامعه غفاريه پٽ فيڊر** (ديره مراد جمالي).

ان طرح قلات ۽ خضدار ۾ به مدرسا قائم ڪيائون. مدرسه غوثيه حليميه فيض محمد گياران محله قلات، مدرسه جامعه غوثيه خضدار ۽ مدرسه غوثيه حليميه انوار المصطفيٰ نيچار ضلع قلات ۾ علم جي روشني پکيڙي رهيا آهن.

ماهانه رسالو: پاڻ شهداد ڪوٽ مان حضرت خواجه حافظ غلام صديق شهداد ڪوٽي رحمة الله عليه جي ياد ۾ 1959ع کان هڪ اسلامي تبليغي، تعليمي ۽ اخلاقي ماهوار رسالو "فيوضات صديقيه" شايع ڪرائيندا رهيا. جنهن ۾ پاڻ ديني مسئلن ۽ اخلاقيات تي لکندا رهيا.

شاعري جو شغف : پاڻ بهترين نثر نويس هجڻ سان گڏ بهترين شاعر به هيا. سندن شعرن جو نمونو پيش آهي.

سرڪار مدينه آهي پيشوا اسان جو، سرتاج ڪل نبين آهي رهنما اسان جو،
تنهنجو ئي نالو مون ڪي ورد زبان آهي، ڪندو ڪرم "حليما" هي بادشاهه اسان جو.

توکي مکي مدني يار چوان، محبوب چوان منٺار چوان،
ڪل نبين جو سردار چوان، يا رب جو ڪل مختيار چوان،
محبوب محمد جاني تون، معشوق خدا لاثاني تون،
۽ بيشڪ سر سبحاني تون، تنهنجي مٽ نه ٻيو اظهار چوان،
تنهنجي نازڪ طبع "حليم" چوان، توکي صاحب اعليٰ وقار چوان.

تبليغي سرگرميون: پاڻ سنڌ کان علاوه بلوچستان ۾ به تمام گهڻي تبليغ ڪيائون. وڏي خلق ڪانئن مستفيض ٿي.

سنڌن خلفاءِ ڪرام:

1. حضرت صاحبزاده الحاج ميان محمد نصير الدين شهيد (پير ثاني جو سهرو)
2. حضرت خواجه حافظ ميان عبدالعزيز صاحب.
3. حاجي احمد صاحب.
4. مولوي لعل محمد مديجي.
5. مولوي مهر الله نيچاره.
6. مولوي جمال الدين رباط.
7. مولوي حافظ غلام جيلاني صاحب.
8. صوفي عبدالرحمن مڪه مڪرمه.
9. حاجي عبدالرحمن ڏوگر.
10. فقير عبدالرحمن مدينه منوره.
11. پير سيد سوز علي لونگافي رتو ديرو.
12. قاري نور الدين قلات.
13. صوفي احمد خان سپرنٽينڊنٽ آئي. جي آفس ڪوئٽه.
14. مولوي محمد يوسف لا شاري.
15. فقير محمد ها شم غوث پور.
16. فقير محمد شريف مرحوم.
17. مولوي جمال الدين چانڊيو ميرو خان .
18. حاجي دين محمد (مرحوم) قمبر.
19. مير علي شاه.
20. استاد محمد شعبان.
21. استاد محمد رمضان.

22. علي حيدر (مرحوم).

23. حاجي تاج محمد .

24. نواب دين فقير.

25. شاهہ محمد اوستہ محمد.

26. مولوي ولي جان دوراپور.

27. حاجي محمد عمر.

28. حاجي ظفر (مرحوم) قلات.

29. محمد عظيم ڳڙهي خيرو.

30. فقير هست خان حليمي سبي.

انهن کان علاوه فقير علي محمد جمالي، محمد وارث، قاضي کوکر، فقير محمد نواز جمالي، رئيس حضور بخش هانبمي سبي درگاهہ شريف جي خدمت ڪندا رهيا آهن.

وفات حسرتِ آيات : پاڻ 5 رمضان بمطابق 30 جولاءِ 1979ع ۾ وصال فرمايائون. ڪين درگاهہ صديقي ۾ دفن ڪيو ويو.

سندن اولاد: (1) صاحبزاده حضرت محمد نصير الدين (شهيد). (2)صاحبزاده حافظ ميان عبدالعزيز (3)صاحبزاده عطا محمد (4) صاحبزاده تاج محمد (5)صاحبزاده عبدالحڪيم

پير مٺا سائين جي گهراڻي سان رشتيداري:

حضرت خليفہ عبد الحليم رحمة الله عليه کي پنهنجي پير سان گهڻي محبت هوندي هئي. پير مٺا سائين رحمة الله عليه جي وصال بعد بہ پاڻ صاحبزادي حضرت خواجہ خليل الرحمان رحمة الله عليه سان بيعت ڪيائون. گهڻو وقت رحمتپور شريف ۾ اچي رهندا هئا.

سندن ان محبت جو اثر سندن اولاد ۾ اڄ بہ برقرار آهي. ان جو ثبوت هي آهي جو حضرت خليفہ صاحب جي پوٽي خواجہ نصير الدين شهيد جي نياڻي جو نڪاح پير مٺا سائين رحمة الله عليه جي موجوده سجاده نشين حضرت پير مٺا سائين ثاني سان ٿيو آهي. ان طرح هن ٻن روحاني گادين جا پاڻ ۾ تعلقات وڌيڪ مستحڪم ٿي ويا آهن.

32 هون خليفو:

حضرت خليفه

حافظ محمد زمان مگسي

حضرت خليفه حافظ محمد زمان مگسي ولد مير محمد مگسي پٽو جا شاخ لڳ قبو سعيد خان، تعلقو شهداد ڪوٽ، ضلعو قمبر ۾ تولد ٿيا. ننڍپڻ ان ئي ڳوٺ ۾ گذاريائون.

تعليم: سنڌي چار درجا ۽ ابتدائي ديني تعليم پنهنجي ڳوٺ ۾ حاصل ڪيائون. پاڻ حافظِ قرآن ٿيا.

علمي خدمتون: تبليغ ڪان علاوه ديني تعليم ڪي بہ عام ڪيائون. شاه بيگ ڪوٽ ۾ مدرسو کوليائون جتي ڪافي شاگردن ڪانئن علم جي دولت حاصل ڪئي. پنهل خان مغيري ۾ قيام دوران هڪ ديني درسگاه جو بہ بنياد وڌائون جتي ڪافي ماڻهن اچي ڪانئن ديني علم سکيو.

سندن شاگرد: سندن فرزند حافظ سراج احمد، حافظ غلام عمر بروهي قبو سعيد خان ۽ علائقي جي ڪافي ٻين نامور ماڻهو جو بہ سندن شاگردن ۾ شمار ٿئي ٿو.

بيعت: پاڪستان آزاد ٿيڻ ڪان پوءِ پنهنجو اباڻو وطن ڇڏي پنهل خان مغيري لڳ بهرام ۾ سڪونت اختيار ڪيائون. ڪجھ عرصي ڪان پوءِ پير مٺا سائين سان بيعت ڪيائون. بعد ۾ ڪين مرشد ڪريمن خلافت بہ ڏني.

تبليغ جو جذبو: ڪيترن ئي ننڍين وڏن شهرن ۽ ڳوٺن، واهڻن ۽ وستين ۾ دين جو پيغام پهچايائون. قمبر، شهداد ڪوٽ، بهرام، حاڪم شاه ۽ آس پاس جي علائقن ۾ بہ تبليغ ڪيائون. جڏهن پاڻ بيان فرمائيندا هيا تہ سندن پُر تاثير لفظن ۽ مٺن ٻولن سبب ڪَئين پٿر دلين کي نرم ڪري ڇڏيندا هيا.

سندن صحبت ۽ نصيحت سان هزارين ماڻهو سڌري نيڪ بنجي ويا. گهرن ۾، ڳوٺن ۾، شهرن ۾ هر هنڌ ذڪر جي مٺي ٻولي جي تنوار اچڻ لڳي. ماڻهن جي دلين کي غفاري فيض سان رنگيندا ٿي ويا. جيڪو به سندن هڪ دفعو تقرير ٻڌندو هيو اهو برائي کي ڇڏي نيڪي واري رستي تي اچي ويندو هيو. يارهين جي موقعي تي ماڻهن جا هجوم ساڻ ڪري درگاهه رحمتپور شريف ايندا هيا.

وصال پُر ملال : دين جو هي عظيم سپاهي مٺي پير جو پيارو خليفو 1966ع ڌاري نيٺ وڃي پنهنجي رب سان مليو. سندن مزار ڳوٺ دودو گوپانگ جي قبرستان ۾ آهي. سندس گهراڻو ديندار آهي ۽ اڪثر افراد قرآن پاڪ جا حافظ ۽ دين جا عالم آهن. سندن ڪٽنب اڄ به پير مٺا سائين جو مريد آهي.

سجاده نشين : سندن فرزند ارجمند حافظ محمد سراج پنهنجي والد صاحب جي ديني مشن جي تڪميل لاءِ شب و روز ڪوشان رهيا. پاڻ مدرسي ۾ ديني تعليم سان ماڻهن کي منور ڪيائون.

شاديون ۽ اولاد : پاڻ به شاديون ڪيائون جن مان کين چار پٽ ۽ چار نياڻيون ٿيون.

1. محمد زمان 2. عبدالمطلب 3. محمد فاضل 4. شفيق احمد.

حافظ محمد سراج صاحب به هن دارالفنا کي ڇڏي 27 ڊسمبر 2007ع تي دارالبقا جو راهي ٿي ويو. سندس مزار شريف پنهنجي والد گرامي جي پير ۾ آهي.

سندن فرزند ڳوٺ پنهل خان مغيري ۾ رهائش پذير آهن. حصول علم ۾ سرگرم آهن. درگاهه رحمتپور شريف ۽ درگاهه حسين آباد، قمبر جا پانڌيئڙا آهن. الله ڪريم ان گهراڻي کي شاد ۽ آباد رکي.

نَئُون نِياپو آيو، راڻي مُلان راتِ،
لَڌيسُون لَطِيفُ چئي، ڪَنان ڏاتَرَ ڏاتِ،
ڪَهڙي پُڇين ذاتِ؟ جي آيا، سي اَکِيا.

33 هون خليفو:

حضرت خليفه
حڪيم خدا بخش سولنگي

حضرت خليفه حڪيم خدابخش ولد محمد عثمان سولنگي رحمة الله عليه جي ولادت ڳوٺ مريد ماڇي ۾ ٿي. ننڍپڻ ساڳئي ڳوٺ ۾ گذاريائون. پاڻ ميرڻ ماڇي تعلقو ميرو خان ضلع لاڙڪاڻو (حال قمبر شهداد ڪوٽ) ۾ رهائش پذير هيا. پاڻ "**حڪيم صاحب**" جي لقب سان مشهور هيا. پاڻ شاعري به ڪيائون پر سندن شاعري محفوظ ٿي نه سگهي.

ديني تعليم : عربي، فارسي ۽ يوناني طب ڳوٺ ڪارڙا لڳ شهداد ڪوٽ ۾ حاصل ڪيائون. ديني تعليم مفتي حڪيم الحاج خدا بخش ڪارڙي وٽ حاصل ڪيائون. وڌيڪ ديني تعليم ۽ حڪمت جو علم حاصل ڪرڻ لاءِ پاڻ گجرات صوبه پنجاب ويا.

شفا خانو: تعليم حاصل ڪرڻ ڪانپوءِ پاڻ ميرڻ ماڇي ۾ اچي پنهنجو شفا خانو کوليائون جيڪو اڄ ڏينهن تائين موجود آهي. پاڻ بهترين حڪيم هيا. پنهنجي علائقي ۾ طب جي حوالي سان سندن خدمتون اڻ وسرندڙ آهن.

بيعت ۽ خلافت : پاڻ حضرت پير مٺا سائين رحمة الله عليه جي فيض برڪتن جو تذڪرو ٻڌي درگاهه رحمتپور شريف ۾ اچي سندن بيعت ڪيائون. سندن محنت ۽ جفاڪشي ڏسي مرشدن ڪريمن پنجن سالن کان پوءِ کين خلافت جي اجازت عنايت فرمائي ۽ پنهنجي علائقي ۾ تبليغ ڪرڻ جو حڪم ڏنائون ۽ حڪمت ۾ وڌيڪ ڪاميابي لاءِ دعا پڻ ڏنائون. پاڻ پنهنجي علائقي ۾ پوري زندگي تبليغ سان گڏوگڏ حڪمت به ڪندا رهيا.

درگاهه رحمتپور شريف ۾ به سيني جو علاج ڪندا هيا. خاص طور تي مرشدن جي حويلي ۽ پير مٺا سائين جو به اڪثر طور پاڻ علاج ڪندا هيا. پير مٺا سائين جي ساڻن تمام گهڻي محبت هوندي هئي.

جڏهن ٻه حڪيم صاحب درگاهه شريف تي ايندا هيا تہ حويلي جي ويجهو گهر خالي ڪرائي حڪيم صاحب ڪي رهڻ لاءِ ڏنو ويندو هيو. مرشد ڪريم ٻہ اڪثر سندن گهر اچي سندن اڳڻ اجاريندا هيا. هن وقت سندن فرزند حاجي حڪيم عبدالله غفاري صاحب جن شفاخانو هلائي رهيا آهن .

صورت ۽ سيرت : سندن صورت سهڻي هئي ۽ پاڻ با اخلاق شخصيت جا مالڪ هيا. پاڻ پنهنجن سان تہ مهربان هيا پر پراون ڪي بہ ڪين ڏکويائون.

هٿ شفا : رب ڪريم ڪين اهڙي هٿ شفا ڏني هئي جو پنهنجي علائقي ۾ اڪثر ان ڳالهہ ۾ مشهور هيا تہ پاڻ مرڻ جهڙن ڪي نئين صحت تا ڏين. سوين لاعلاج ماڻهو رب جي حڪم سان سندن دوا سان شفاياب ٿيا.

۽ گاڏي نهي وئي : هڪ ڀيري پاڻ پنهنجن ٻچڙن ڪي ساڻ ڪري رحمتپور شريف وڃي رهيا هيا تہ رستي ۾ سندن گاڏي خراب ٿي پئي. رات بہ ٿي چڪي هئي پيو ڪو بہ چارو ڪونہ هيو پوءِ پاڻ پنهنجي مرشد پير مٺا ڪي مدد لاءِ سڏيائون. ٿوري دير ۾ اوچتو هڪ گاڏي آئي ۽ ان مان ٻہ نوجوان لٿا، انهن گاڏي ڪي ناهيو ۽ ڪين هلڻ لاءِ چيائون. پاڻ ٿورو اڳتي هليا تہ پٺيان اها گاڏي ۽ نوجوان گم ٿي ويا. حڪيم صاحب جڏهن خير سلامتي سان دربار شريف تي پهتا تہ پير سائين جن فرمايو حڪيم صاحب پهچي وئين؟ پاڻ روئڻ لڳا. پير سائين جن فرمايو روءُ نہ الله وارن جي فوج هر جڳهہ تي آهي.

شادي ۽ اولاد : پاڻ هڪ شادي ڪيائون جنهن مان ڪين ٽي پٽ ۽ ٻہ نياڻيون ٿين.

1. پٽن ۾ مرحوم حڪيم محمد عثمان غفاري 2. حڪيم حاجي علي انور غفاري .

3. حڪيم حاجي علي انور غفاري.

حج : پاڻ هڪ حج ادا ڪيائون. پاڻ هر سال ڳوٺ ۾ مرشدن جو ڏهاڙو بہ ملهائيندا هئا.

وصال : پاڻ هن فاني دنيا مان 1995ع ۾ لاڏاڻو ڪري ويا. سندن مزار سندن حويلي جي پاسي ۾ ميرڻ ماڇي ڳوٺ ۾ آهي. سندن عرس مبارڪ محرم مهيني ۾ وڏي شان سان ملهايو ويندو آهي.

سجاده نشين : سندن ننڍو فرزند فقير حڪيم عبيدالله غفاري آهي.

34 هون خليفو :

حضرت خليفہ
امير الدين مگسي

حضرت خليفہ امير بخش مگسي ولد حاجي ڪمال الدين مگسي سن 1910ع ۾ ڳوٺ نئون ڪبڙ تعلقو ميرو خان، ضلعو قمبر شهداد ڪوٽ ۾ ڄاوا. ننڍپڻ اتي ئي گذاريائون. سندن نالو امير بخش هيو پر جڏهن پير مٺا سائين جي صحبت ۾ خدمت ۾ آيا تہ مرشد ڪريمن ڪين پيار مان فرمايو تہ توهان اڄ کان پوءِ امير بخش نہ پر **اميرالدين** آهيو ۽ سندن برادر محترم جو بہ نالو سونا خان مان بدلائي نورالدين رکيائون.

تعليم : پرائمري چار درجا پڙهيائون. ان کان علاوه پنهنجي ڳوٺ جي مدرسي ۾ فارسي جا ڪجھ ڪتاب بہ پڙهيائون.

بيعت ۽ خلافت : حضرت پير مٺا سائين رحمت الله عليہ جي فيض برڪتن جون ڳالهيون ٻڌي تمام گهڻو متاثر ٿيا ۽ ساڻن بيعت ڪيائون. مرشدن جي زيارت لاءِ ۽ فيض برڪت جي حصول لاءِ درگاھ عاشق آباد شريف بہ ويندا رهندا هيا. نور پور، دين پور ۽ مختلف جاين تي پنهنجي مرشد سان گڏ رهيا. سندن محنت ۽ محبت جو جذبو ڏسندي ڪين خلافت بہ عطا ڪئي وئي.

تبليغ : دين جو درد رکندي گهڻي تبليغ ڪيائون. حپ، بنگل ديرو، مسو ديرو، رتو ديرو، شهداد ڪوٽ، قمبر، ميرڻ ماڇي، دوست علي، ڪبڙ مير خان وڃي دين جو پيغام پهچايائون.

چؤ الله : خليفہ صاحب جي فرزند غلام مصطفيٰ صاحب ٻڌايو هڪ دفعي پاڻ قاري خير محمد صاحب سان گڏ شهداد ڪوٽ ۾ جلسي تي هيا. قاري صاحب وضو ڪرڻ لاءِ منجيءَ تي ويٺا هيا تہ ٿڪاوٽ سبب "ابو" چيائون.

خليفہ صاحب فرمايو تہ "ابو" جي بجاءِ "**الله**" چؤ ها تہ توهان کي ثواب ملي ها ۽ ملائڪ لکن ها. قاري صاحب چيو تہ واهہ واهہ پير مٺا تنهنجو فيض! جاهل ٿا عالمن کي سمجهائن

انتظاميہ ڪميٽي: حضرت پير مٺا سائين ﷺ دربار رحمتپور شريف ۾ هڪ انتظاميہ ڪميٽي ٺاهي هئي. ان جا خاص رڪن خليفو امير الدين ۽ خليفو عاشق محمد هوندا هئا.

شادي ۽ اولاد : پاڻ هڪ شادي ڪيائون جنهن مان هڪ فرزند فقير غلام مصطفيٰ ۽ ٻہ نياڻيون ٿيون.

سندن وصال : 02 آڪٽوبر 1997ع ۾ ٿيو. سندن وصال جي تاريخ تي ڪوٽڙي مسلم ٽاؤن ۾ هر ساليانو عرس ملهايو ويندو آهي.

سندن فرزند : غلام مصطفيٰ درگاهہ رحمتپور شريف ۾ رهائش پذير آهي. پاڻ حضرت خواجہ الاهي بخش (محبوب الاهي) رحمت الله عليہ کان خانپور ۾ عربي ۽ فارسي پڙهيو آهي. ٻہ شاديون ڪيون اٿس. ڪيس ڇهہ پٽ پنج نياڻيون آهن.

1. محمد رفيق شهداد ڪوٽ.
2. محمد شفيق دبئي.
3. محمد حنيف دبئي.
4. علي رضا لاڙڪاڻو.
5. امير الدين رحمتپور.
6. محمد حفيظ رحمتپور شريف.

پير مٺا سائين جو خط: قطبِ عالم حضرت پير مٺا سائين ﷺ جي خطن ۾ هڪ خط جيڪو امير بخش ڏانهن لکيل آهي، پوءِ اهو نالي جي تبديلي ڪان اڳ هن خليفي صاحب ڏانهن لکيو اٿن يا ڪنهن ٻئي ڏانهن تبرڪًا پيشِ خدمت آهي.

از طرف لاشیء محمد عبدالغفار

سگ آستان عالیہ فضلیہ

بخدمت محترمی میاں امیر بخش سلم اللہ تعالیٰ

اسلام علیکم رحمت اللہ برکاتہ۔ آپ کے خط کے مطالعہ سے نہایت بہجت حاصل ہوئی۔

عزیزا! بزرگوں نے لکھا ہے کہ شیخ کے ساتھ اتنا رسوخ اور رابطہ پیدا کرے کہ اس کے سوا کہ دنیا باوجود وسیع ہونے کے تنگ نظر آئے اور بدون اس کے اتنا اضطراب اور قلق دل میں ہو جاوے جیسا کہ ننھا بچہ شیر خوارہ ماں کے سوا پریشان ہوتا ہے اور گہوارے میں جھلانے سے بھی آرام نہیں کرتا۔رزقنا اللہ تعالیٰ ایانا و ایاکم

اور غصہ کے بابت اپنی شکایت فرمائی ہے۔

عزیزا! یہ بڑی بدترین چیز ہے۔اگر غصہ کا موجب تکبر اور غرور ہوتا ہے نعوذ باللہ من ذالک شیطان دل میں خیال ڈالتا ہے کہ کیوں ہوا تم سے یہ زیادہ داناء ہے یا کہ زیادہ عقلمند ہے یا کہ تم اس کا محتاج ہو۔ بہر حال یہ تیرے تابع ہے یعنی غصہ اس کو آتا ہے جو اپنی خودی کے خیال سے آپ کو اچھا سمجھتا ہے۔

عزیزا! آپ کو سب سے بدتر سمجھو۔

حضرت مجدد الف ثانی رحمتہ اللہ تعالیٰ فرماتے ہیں:

ہر کہ خود را از سگ بہتر بد انداز سگ بد ترست

اور مولانا سعدی رحمتہ اللہ فرماتے ہیں:

ازان بر ملائک شرف داشتند ❊ کہ خود را از سگ بد پنداشتند

آپ کو اسی طرح سمجھو کہ ساری دنیا میں عاجز اور حقیر اور ذلیل ہوں۔اللہ تبارک و تعالیٰ اس عاجز کو آپ کو اس دولت سے بہرہ ور فرماوے۔ذکر اور مراقبہ میں ہر وقت مصروف رہو اور کثرت ذکر سے غصہ کا ازالہ ہوتا ہے۔

حضور نبی الصادق علیہ افضل الصلوٰۃ والسلام ذکر کے بارے میں ارشاد فرماتے ہیں:

واذکر ربک حتیٰ یقولوا مجنون یعنی اتنا بہت ذکر کرو کہ لوگ تم کو دیوانہ کہنے لگ جاویں۔

جمیع جماعت اہلذ کر آنجائی اسلام علیکم

اور آپ کے والد صاحب اور بھائی صاحب کو اسلام علیکم۔

35 هون خليفو:

حضرت خليفہ
رضا محمد چانڊيو

حضرت خليفہ رضا محمد ولد فيض محمد چانڊيو ڳوٺ خيرو گاڏهي لڳ ميرڻ ماڇي دوست علي، تعلقو ميرو خان، ضلعو قمبر شهداد ڪوٽ ۾ تولد ٿيا. ننڍپڻ بہ ان ئي ڳوٺ ۾ گذاريائون.

تعليم: سنڌي پرائمري ۽ ابتدائي ديني تعليم پنهنجي ڳوٺ ۾ حاصل ڪيائون.

بيعت: پير مٺا سائين جي فيض ۽ برڪت جون ڳالهيون ٻڌي پاڻ رحمتپور شريف ۾ ساڻن بيعت ڪيائون.

پيرَ سان پرتَ جو پيچ: اڪثر ڪري پنهنجي مرشد جي محبت جون ڳالهيون ڪندا هيا. جنهن دؤر ۾ سواري نہ هوندي هئي تہ بہ پاڻ پيادل پنڌ رحمتپور شريف مرشد جي خدمت ۾ حاضر ٿيندا هيا.

ويٺي وَرِ نہ پَوَن، سُتي مِلَن نہ سُپرين؛
جي مَٿي رَندَنِ رُئَنِ، ساڄَنُ مِلي تن کي.

تبليغي جذبو: ڪين دين جي تبليغ جو وڏو جوش ۽ جذبو هوندو هيو. دين جي پيغام پهچائڻ خاطر پيرين پنڌ پري پري تائين جهنگ برن ۾ وڏين تڪليفن سان پهچي دردِ دين جي صدا هڻندا هيا. سندن صداقت ۽ ڪاوشن کي ڏسندي مرشد ڪريمن ڪين خلافت عطا ڪئي. مرشد ڪريم جي بہ ساڻن گهڻي محبت هئي. سندن ڳوٺ خيرو گاڏهي ۾ پير مٺا سائين بہ دفعا تشريف فرما ٿيا هيا. هن وقت بہ ان ڳوٺ جا رهواسي رحمتپور شريف سان وابستہ آهن.

ڏاند اٿي هلڻ لڳو: هڪ دفعي پير مٺا سائين قدس سره العزيز ڏاند گاڏيءَ تي تبليغي سفر ۾ هيا تہ ڏاند واٽ تي ويهي رهيو. پاڻ ڏاند جي مالڪ محمد عارف فقير کان ان جو سبب پڇيائون. فقير عرض ڪيو تہ سائين هن ڏاند جي واٽ تي ويهڻ جي عادت آهي. تنهن تي خليفي رضا محمد چيو لڪڻ مون کي ڏي. لڪڻ کڻي ڏاند کي مخاطب ٿي چيائين اڙي ڏاند گاڏي ۾ الله جو دوست ويٺو آهي. تون ڇو ويٺو آهين اٿي هَل. سندس آواز ٻڌڻ سان ڏاند ان وقت اٿي هلڻ لڳو. سبحان الله! الله وارن جي جانور بہ فرمانبرداري ڪندا آهن. محمد عارف جي بيان مطابق ان ڏينهن کان پوءِ پوري زندگي ڪڏهن بہ ڏاند رستي نہ ويٺو جيئن پهرئين هن جي عادت هوندي هئي.

ٽاريون ڪٽي نہ سگهيو: هڪ دفعي پاڻ يارهين جي موقعي تي رحمتپور شريف وڃي رهيا هيا. ٻانهو خان گاڏهي نالي هڪ ماڻهو کي وڻن جي پارت ڪيائون. ٻانهي خان ٻئي ڏينهن ٻڪرين جي ٽارين لاءِ وڻ تي چڙهيو. ڏٺائين تہ خليفو صاحب اچي رهيو آهي. وڻ تان لٿو تہ خليفو نظر نہ آيس. وري وڻ تي ٽاريون ڪٽڻ لاءِ چڙهيو تہ خليفو صاحب نظر آيس. نيٺ ناڪام ٿي گهر ويو. جڏهن خليفو صاحب درگاهہ شريف تان واپس آيو تہ ڪيس سموري ڳالهہ ڪري ٻڌايائين. ان تي پاڻ فرمايائين تہ منهنجي ڪهڙي ڪرامت! آءٌ پاڻ ڪرامت واري ڏانهن ويو هيس. هي سڀ منهنجي مرشد جو فيض آهي.

سندن وصال: 1970ع ۾ ٿيو. سندن مزار مبارڪ ميرو موندر قبرستان جبل تي آهي.

شادي ۽ اولاد: پاڻ هڪ شادي ڪيائون، ڪين ٽي پٽ ۽ هڪ نياڻي ٿي.

1. فيض محمد 2. غوث بخش 3. محمد اسماعيل سندن ٽئي فرزند وصال ڪري ويا آهن

1.فيض محمد: هڪ شادي ڪئي جنهن مان هڪ پٽ امداد علي ۽ هڪ نياڻي ٿي.

2.غوث بخش: هڪ شادي ڪئي. ڪين پنج پٽ ۽ ٽي نياڻيون ٿيون.

1. محمد چنيسر (مرحوم) 2. خان محمد لاڙڪاڻو 3. محمد اسماعيل 4. منير احمد 5. علي گوهر. باقي ٽي پٽ ڳوٺ خيرو گاڏهي ۾ رهائش پذير آهن.

36 هون خليفو:

حضرت خليفہ

بشير احمد وايو

اسم جي اصليت: سندن اصل نالو "شهمير" هيو پر مولانا عبدالڪريم ديروي صاحب سندن نالو "**بشير احمد**" رکيو. سندن والد گرامي جو نالو محمد يونس يا محمد يوسف هيو، ڪين پاڻ پانڌي خان سڏيندا هيا.

سندن ولادت: 1920ع ۾ ٽَتِ جو ڳوٺ، تعلقو ڪنڊيارو ۾ ٿي.

تعليم: پنهنجي هڪ ويجهي رشتيدار ماستر محمد اسماعيل جي ڪوشش سان پاڻ سنڌي فائينل پاس ڪيائون ۽ قرآن شريف بہ محمد اسماعيل وٽ پڙهيا. عربي فارسي مولانا عبدالڪريم ديري وٽ پڙهيا. سندن تعليم ڪنز يا شرح وقايہ تائين هئي پر فقہ جو ڪين وڏو علم هيو. قاري محمد صاحب کان تجويد سکيا. قاري محمد صاحب بعد ۾ مديني پاڪ هجرت ڪري ويو.

علمي قابليت: هڪ دفعي سفر جي نماز تي مسئلو اٿيو. مفتي عبدالرؤف سکر واري هڪ فتويٰ ڏني ان تي پاڻ ڪيس دليلن سان سمجهايائون تہ مسئلو ائين نہ آهي. مفتي صاحب خليفي صاحب جي ڳالهہ مڃي ۽ پنهنجي دعويٰ کان رجوع ٿيو.

سندن حافظو تمام قوي هيو. پير مٺا سائين ﷫ ۽ سهڻا سائين ﷫ جون سڀ ڳالهيون ياد هونديون هين. پاڻ ڏاڍا ذهين ۽ هوشيار هيا. تقرير جو انداز پُر اثر هوندو هين. ڪين ڪيترن ئي علمن تي عبور حاصل هيو.

درس و تدريس: پاڻ مٺياڻي ۾ بہ ڪيترائي سال رهيا. ان دوران مدرسي ۾ پڙهائيندا هيا پر پوءِ ڪنهن اختلاف سبب واپس وريا. ميهڙ جي جامع مسجد ۾ بہ درس و تدريس جون خدمتون سر انجام ڏنائون.

ميهڙ ۾ اوقاف کاتي طرفان خطيب طور بہ فرائض ڏنائون پر پوءِ ڪنهن اختلاف سبب استعفا ڏئي ڇڏيائون. انکان پوءِ راڌڻ اسٽيشن تي مدرسو کوليائون. پوءِ جلد ئي سندن صلاح مشوري سان درگاهہ فقير پور شريف جو قيام ٿيو. پاڻ اتي سکونت پذير ٿيا ۽ مدرسي ۾ بہ پڙهائيندا رهيا.

قلمي ڪوششون: دين جي تبليغ ۽ درس کان علاوه قلمي ڪوشش سان ماڻهن جي دلين ۾ دين جي محبت پيدا ڪرڻ جي جاکوڙ بہ ڪيائون.

- سندن هڪ قلمي رسالو جنهن ۾ ذڪر الله جي فضيلت بيان ڪئي وئي آهي.
- ٻيو رسالو فقهي مسئلن تي مشتمل آهي. پر بدقسمتيءَ سان ان جو هڪ حصو گم ٿي ويو آهي.
- سندن هڪ رسالو نحو تي بہ لکيل آهي.

ديندار: شروع کان ئي سندن ذهني رجحان دين طرف هيو. ننڍي هوندي کان ئي پاڻ نہ صرف نماز جا پابند هيا بلڪ تهجد گذار هوندا هيا.

بيعت: پاڻ حاجي دلمراد لوڙهائي وارن بزرگن جي صحبت ۾ رهيا ۽ حضرت غلام مجتبيٰ رام پوري جا معتقد هئا ۽ پوءِ پاڻ حضرت پير مٺا سائين رحمۃ اللہ علیہ سان بيعت ڪيائون. فرمايائون تہ لوڙهائي بزرگ فرمائيندو هيو تہ مون کي اتر طرف کان هڪ نوراني ڪکر نظر اچي رهيو آهي جيڪو پوري سنڌ کي پنهنجي فيض سان سيراب ڪندو. اجان ٿورو ئي وقت گذريو هيو تہ پير مٺا سائين رحمۃ اللہ علیہ پنجاب کان سنڌ تشريف فرما ٿيا. لوڙهائي بزرگ پنهنجن مريد کي فرمايو تہ ان بزرگ جي خدمت ۾ حاضر ٿي کانئن فيض حاصل ڪريو.

پر زيارت ڪري نہ سگهيا: هالاڻي ۾ پير غلام دستگير شاهہ جيڪو پير فضل علي قريشي جو خليفو هيو ان وٽ هڪ دفعي پير فضل علي تشريف فرما ٿيا. ان وقت پاڻ دينپور ۾ رهندا هيا. سندن چاچو خير محمد صاحب ساڻن گڏ هيو. ڪين خواهش ٿي تہ پير قريشي جي زيارت ڪيون پر درياء جي چاڙهہ جي ڪري وڃي نہ سگهيا.

سندن سيرت: پاڻ داناء، تحمل وارا، بردبار، نيڪ ۽ همدرد انسان هيا. جڏهن ملڪ ۾ ڏڪر پيو ۽ غريب پريشان حال هيا تہ ان مشڪل حالت ۾ پاڻ غريبن کي اَنُ وٺي ڏيندا هيا.

سندن والد صاحب بہ ڏاڍو همدرد انسان هيو. غريبن مسڪينن جي مدد ڪرڻ ان جي خاص خوبي هئي.

بيعتِ ثانيہ ۽ ثالثہ: قطبِ عالم حضرت پير مٺا سائين جي وصال بعد پاڻ وڏي خليفي حضرت سهڻا سائين سان بيعت ڪيائون ۽ سندن وصال بعد سندن نورِ نظر حضرت سچڻ سائين سان بيعت ڪيائون.

قاتلانہ حملا: هڪ دفعي پاڻ پنهنجي شاگرد محمد قاسم ڪلهوڙي سان گڏ دين پور ڪان راڌڻ اسٽيشن اچي رهيا هيا تہ واٽ تي سج لهي ويو. اسٽيشن جي ويجهو ڪجين جي باغ ۾ چور لڪل هيا. ڪانئن سامان ڦريائون. انهن مان هڪ چور چيو تہ سامان واپس ڪيونس ٿا. مٿو بروهي ڏاڙيل چيو تہ اسان جو نالو نہ ڪڍجو. پوءِ زور سان ڪين ڪي ڪهاڙي هنيائين جيڪا سندن دستار ڪي چيريندي مٿي ۾ لڳي. پاڻ الله جي ضرب هنيائون. جسم رت سان ڳاڙهو ٿي ويو. ميهڙ جي سرڪاري اسپتال ۾ بہ ٽي مهينا زيرِ علاج رهيا. پر دشمن جي سڃاڻڻ جي باوجود بہ پاڻ ان تي ڪيس نہ ڪيائون. ٿوري عرصي ۾ ان ڏاڙيل کي ٻئي ڪنهن ڪيس ۾ موت جي سزا ملي. پوءِ افسوس جا هٿ هٽي چوڻ لڳو تہ مون هڪ فقير کي ڪهاڙي هنئي هئي ان ڪري مونکي موت جي سزا ملي آهي.

1981ع ۾ درگاهہ فقيرپور شريف جي مسجد ۾ مغرب نماز پڙهڻ ڪان پوءِ جيئن پاڻ مسجد ڪان ٻاهر آيا تہ دشمنن مٿن قاتلانہ حملو ڪيو پر الله جي قدرت سان گولي نہ ڇٽي ۽ پاڻ بچي ويا.

تبليغي ڪوششون: پاڻ ڪافي تبليغ ڪيائون. راڌڻ ڪان دادو ۽ ڪاڇي جو علائقو، مانجهند، سن، هالا، انڙ پور، ٻڍاپور ۽ ٻين ڳوٺن ۾ وڃي دين جو پيغام پهچائڻ ۾ پاڻ پتوڙيائون. سندن جملا پڪا پختا ۽ موتي مثل هوندا هيا. پاڻ بهترين مقرر هيا.

هڪ جمعي تي نيو سعيد آباد ۾ تقرير ڪيائون. اتي اهلِ حديث بہ ويٺا هيا جيڪي سندن وعظ ڪان ايترو تہ متاثر ٿيا جو بيعت ڪري سلسلہ عاليہ نقشبنديہ ۾ شامل ٿيا. سندن فيض برڪت جون ڳالهيون ٻڌي هالا جو مشهور شاعر منصور ويراڳي بہ جماعت ۾ شامل ٿيو.

حج بيت الله: پاڻ 1936ع ۾ حج ادا ڪيائون.

دور انديشي : هڪ دفعي سچڻ سائين ناراض ٿي چيو تہ فقير پور جا فقير نہ ٿا سڌرن. اِهي تهجد ۽ پين ديني ڪمن ۾ ڪوتاهي ٿا ڪن. انهن کي درگاهہ مان ڪيڻ گهرجي. ان تي خليفي صاحب عرض ڪيو تہ سائين هي ماڻهو هتي سڌرڻ لاءِ ئي آيا آهن اگر هنن کي هتان ڪڍيو ويندو تہ اڃا وڌيڪ خراب ٿي ويندا. انڪري هنن جي اصلاح ڪئي وڃي ۽ غلطين جي معافي ڏني وڃي. پوءِ سندن مشوري کي اهميت ڏني وئي.

محفلِ تصوف : سندن اوطاق ۾ رات جو محفلِ تصوف ڄمندي هئي جنهن ۾ ڪافي داناءَ ۽ دل وارا شريڪ ٿيندا هئا. عجيب عجيب نڪتا بيان ٿيندا هئا.

وصال پُر ملال : 24 آگسٽ 1999ع ۾ سچڻ سائين جي مرڪز ڪراچي ٽول پلازه ۾ وضو دوران کين هرٽ اٽيڪ ٿيو. جنهن ۾ پاڻ وڃي پنهنجي پالڻهار سان مليا. سندن جسد خاڪي درگاهہ فقير پور آندو ويو. سندن نمازِ جنازه سچڻ سائين جن پاڻ پڙهائي.

شادي ۽ اولاد : پاڻ بہ شاديون ڪيائون. کين ڇهہ فرزند ۽ ٻہ نياڻيون ٿيون.

1. منير احمد رهائش ڳوٺ مولوي بشير احمد واڍو لڳ راڌڻ 2. مولوي نظير احمد، رهائش خانزاده ڪالوني ڪوٽڙي 3. حافظ ڊاڪٽر شبير احمد صاحب 4. مولوي رشيد احمد، عربي ٽيچر راڌڻ هاءِ اسڪول ضلع دادو. 5. سعيد احمد، راڌڻ 6. مولوي عزيز احمد نعت خوان، راڌڻ.

مولوي نظير احمد صاحب : هن وقت D.G.D.C. ۾ ملازم آهن ۽ حضرت سچڻ سائين جا خليفہ بہ آهن. ڪوٽڙي ۾ مدرسہ بشير العلوم قائم ڪيو اٿن جنهن ۾ سندن فرزند مولوي حبيب احمد ۽ مولوي مسعود احمد تدريس جون خدمتون سرانجام ڏئي رهيا آهن.

حافظ ڊاڪٽر شبير احمد صاحب : پاڻ 1959ع ۾ پنهنجي اباڻي ڳوٺ ۾ تولد ٿيا. ميٽرڪ ۽ ديني تعليم درس نظامي تائين درگاهہ فقيرپور ۾ مولانا نثار احمد جهتيال وٽان حاصل ڪيائون. پاڻ سنڌ يونيورسٽي مان پي ايچ ڊي ڪيائون ۽ يونيورسٽي جي مختلف مسجدن ۾ ايڪيهہ سالن کان خطيب رهيا آهن. هن وقت پاڻ سنڌ يونيورسٽي ۾ پروفيسر آهن. سندن والد صاحب جا قلمي ڪتاب وٽن محفوظ آهن. پاڻ درس ۽ تبليغ بہ ڪندا آهن. ان کان علاوه مختلف موضوعن تي ڪيترائي مضمون بہ لکيا اٿن.

37 هون خليفو:

حضرت خليفہ
رحيم داد

حضرت خليفہ رحيم داد ولد محمد هاشم رند جي ولادت ڳوٺ رئيس ميون خان رند ڪاڇو لڳ ميهڙ ۾ ٿي. ننڍپڻ بہ اتي ئي گذريو. ابتدائي تعليم ميان محمود پاتائي بزرگن وٽ حاصل ڪيائون. وڌيڪ تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ ڪارادر ڪراچي جي مدرسي ۾ آيا. ان ڪان پوءِ دهلي جي هڪ مدرسي ۾ پڙهيا. حڪمت جو ڪورس بہ دهلي مان ڪيائون.

مشهور شاگرد ۾: غلام صديق لاڪير لاڑڪاڻو، سلطان احمد ناريجو ٿرڙي محبت، علي احمد ناريجو ٿرڙي محبت لڳ ميهڙ، ماستر احمد خان يارو لاڪير، عبدالڪريم مير بحر، ولي محمد مير بحر، پير گلاب دادو، حڪيم سعيد ميهڙ، عبدالله رند يارو لاڪير، حاجي محمد عرس سولنگي، وڏيرو خان محمد لاڪير، صدر الدين، نظام الدين.

بيعت: پاڻ تعليم مڪمل ڪرڻ ڪان پوءِ ڳوٺ يارو لاڪير ۾ مدرسو کوليائون ۽ اتي ئي درس و تدريس ۾ مصروف ٿي ويا. ان دوران پير مٺا سائين وٽ دين پور شريف ۾ بيعت ڪيائون. پوءِ ڳوٺ موتي اچي مدرسي ۾ پڙهائيندا رهيا ۽ گڏو گڏ تبليغ ۾ بہ مصروف رهيا. سندن محنت ۽ سچائي کي ڏسي ڪجھ سالن ڪان پوءِ مرشد ڪين خلافت عطا ڪئي.

حُسنِ اخلاق: پاڻ خوبصورت ڇهري وارا، اخلاقن ۾ اعليٰ، با ادب، هڏ ڏوڪي، فياض ۽ سخي مرد آهن.

تصنيفات: پاڻ مختلف موضوعن تي ڪيترائي ڪتاب تحرير ڪيا اٿن جيڪي ڇپيل نہ آهن. سندن هن وقت عمر 106 سال آهي. اڄ ڏينهن تائين بہ فيض برڪت سان ماڻهن کي رنگي رهيا آهن.

شادي ۽ اولاد: پاڻ هڪ شادي ڪئي اٿن جنهن مان ڪين بہ پٽ ۽ ڇھ نياڻيون ٿيون آهن.

1. حڪيم محمد سعيد رند نوراني ڪالوني ميهڙ 2. حڪيم احمد سعيد نصير آباد.

38 هون خليفو:

حضرت خليفہ
محمد سليمان ڪلهوڙو

صاحبِ جذبہ فاني في الشيخ حضرت خليفہ محمد سليمان ولد ڪريم ڏنو ڪلهوڙو جي ولادت ڳوٺ مريد لاکير لڳ اگهاماڻي تعلقو ميهڙ ۾ ٿي. سندن نندپڻ بہ ساڳئي ئي ڳوٺ ۾ گذريو. پاڻ پرائمري ماستر ٿيا. پاڻ تعلقي ماستر بہ ٿي رهيا.

تعليم : سنڌي فائينل ڪيائون. ديني تعليم عربي، فارسي جا ڪجھ ڪتاب پڙهيائون. عربي لکڻ ۾ مهارت رکندا هيا.

شاعري : پاڻ شاعري بہ ڪيائون پر سندن ڪو بہ لکيل ڪتاب موجود نہ آهي.

مشهور شاگردن ۾ : محمد ايوب شيخ راڌڻ، نظر احمد جوڻيجو سابق انجنيئر راڌڻ ميهڙ، وزير محمد جوڻيجو راڌڻ ميهڙ، عبدالجبار ڪلهوڙو، ڊاڪٽر مجيب الرحمان راڌڻ، ڊاڪٽر عبدالرحيم ڪلهوڙو ۽ ان کان علاوه ڪيترائي سندن شاگرد هيا.

بيعت : پاڻ پير مٺا سائين سان نور پور شريف ۾ مريد ٿيا. سندن صحبت ۾ رهيا. تبليغ جو ڪم بہ ڪندا رهيا.

صورت ۽ سيرت : سندن صورت سهڻي من مهڻي ۽ اعليٰ خُلق جا مالڪ ۽ هر دل عزيز هوندا هيا.

شاديون ۽ اولاد : پاڻ ٻہ شاديون ڪيائون جن مان اٺ پٽ ۽ ٻہ نياڻيون ٿيون.

1. شهاب الدين مريد لاکير 2. ماستر عبدالرحيم راڌڻ 3. مرحوم ڊاڪٽر غلام قادر اگهاماڻي 4. علي اڪبر راڌڻ 5. عبدالجبار (ڊپٽي ڊائريڪٽر انٽيليجنس لاڙڪاڻو) 6. ڊاڪٽر مجيب الرحمان راڌڻ 7. محمد منير ڊسپينسر راڌڻ 8. عزيز الرحمان مختيار ڪار عمر ڪوٽ (اگهاماڻي)

پاڻ هر مهيني جي پندرهين جي رات هڪ عظيم الشان پروگرام ڪرائيندا هيا جنهن ۾ صاحبزاده خليل الرحمٰن قدس سره العزيز بہ هر مهيني شرڪت ڪندا هيا.

وصال بعد بہ دل زنده : گهڻي ذڪر ڪرڻ سبب سندن دل هر وقت ذڪر ۾ جاري هوندي هئي. وصال کان پوءِ بہ سندن دل ذڪر ڪري رهي هئي. پوءِ ميهڙ مان هڪ ڊاڪٽر ولي محمد پرڙي کي گهرايو ويو. ڊاڪٽر سندن اهڙي ڪيفيت ڏسندي چوڻ لڳو تہ ڊاڪٽري اصول مطابق هن جي دل هلڻ نہ کپي ها پر ساڻس ڪا ہي مهرباني ٿيل آهي.

لاڏاڻو : پاڻ هن فاني جهان مان 17 رجب تي ڳوٺ راڏڻ ۾ لاڏاڻو ڪري وجي پنهنجي رب سان مليا. سندن مزار مبارڪ ڳوٺ راڏڻ ۾ سيد عارب شهيد جي قبرستان ۾ آهي. سندس عرس مبارڪ هر سال 17 رجب تي ٿيندو آهي. جنهن ۾ درگاهہ رحمتپور شريف جا سجاده نشين تشريف فرما ٿيندا آهن. هن موقعي تي سندن چاهيندڙن، عقيدتمندن ۽ مريدن جو وڏو انگ شرڪت ڪندو آهي.

سجاده نشين : سندن فرزند مولوي عبدالرحيم صاحب آهن جيڪي پنهنجي والد گرامي جي پيروي ڪندي دين جي خدمت ڪري رهيا آهن.

مولوي عبدالرحيم صاحب جي هڪ شادي ٿيل آهي جنهن مان ڪيس پنج پٽ ۽ هڪ نياڻي آهي.

1. محمد سليمان جنهن جي رهائش ڄامشورو ۾ آهي.
2. محمد عالم رهائش خضدار بلوچستان.
3. ولي الله رهائش اسلام آباد .
4. خطيب محمد حسن رهائش راڏڻ.
5. اسد الله رهائش راڏڻ .

39 هون خليفو:

حضرت خليفه
نثار احمد ڪوسو

سندن والد محترم جمعو خان ڪوسو ڳوٺ جو چڱو مڙس هيو. خليفه صاحب جن پاڻ به وڏيري حاجي عبدالحميد خان جتوئي سان گڏ پنهنجي ڳوٺ جا فيصلا ڪندا هيا. پاڻ 1909ع ۾ ڳوٺ مولوي نثار احمد ڪوسو لڳ ميهڙ ضلع دادو ۾ ڄاوا هيا. ابتدائي تعليم سنڌي پنج درجا ڳوٺ اشرف سوڍر جي اسڪول ۾ پڙهيا. ناظره قرآن ڪان عربي فارسي تائين ڳوٺ اشرف سوڍر لڳ ميهڙ ۾ پڙهي فارغ التحصيل ٿيا. تعليم مڪمل ڪرڻ ڪان پوءِ پنهنجي ڳوٺ ۾ قرآن شريف جي تعليم ڏيڻ شروع ڪيائون.

بيعت: جڏهن پير مٺا سائين قدس سره پنجاب ڪان سنڌ جي ڳوٺ ڪمانگرن ۾ تبليغ لاءِ آيا ته پاڻ خليفه بخشل سوڍر سان گڏ بيعت ڪيائون.

خلافت ۽ تبليغ: پاڻ پنهنجي مرشد سان والهانه محبت ۽ عقيدت رکندا هيا. جڏهن مرشد جي محبت ڪين بي چين ڪري ڇڏيندي هئي ته پاڻ پنهنجي ڳوٺ ڪان پيادل درگاه دينپور ۾ ايندا هيا. مرشد ڪريم به ساڻس گهڻي محبت ڪندا هيا. پير مٺا سائين ڪين فرمائيندا هيا ته توهان اسان جا پائر آهيو، اسان توهان تي راضي آهيون. ڪين ٿوري ئي عرصي ۾ خرقهءِ خلافت ڏنائون. خليفي صاحب ڪيترن ئي علائقن ۾ تڪليفون برداشت ڪري دين جو پيغام پهچايو. جيئن نصيرآباد، فريدآباد، سيلرا، ميرواٽي، شاه گودڙيو، ميهڙ ۽ ان جي آسپاس جي ڳوٺن، وستين ۽ واهڻن ۾ تبليغ ڪيائون.

حضرت پير مٺا سائين رحمت الله عليه جي وصال ڪان پوءِ پاڻ حضرت سهڻا سائين سان بيعت ڪيائون. پوءِ سهڻا سائين جي اصرار تي پاڻ درگاه فقيرپور ۾ سڪونت اختيار ڪيائون.

اُتي پاڻ ڇهه سال رهيا پوءِ جڏهن سندن طبيعت ناساز رهڻ لڳي تہ پوءِ مرشد کان اجازت وٺي واپس پنهنجي اباڻي ڳوٺ آيا. حضرت سهڻا سائين جي وصال کان پوءِ حضرت سڄڻ سائين مدظلہ العالي سان بيعتِ ثالثہ ڪيائون.

شاعري جو شوق: پاڻ بهترين شاعر بہ هيا. ڪافي شعر لکيائون جن مان ڪجهہ هيٺ ڏجن ٿا.

سائل کي قرب واري کا سُرکي پيار،ڪِينَ وسار،
تنهنجي ذات گرامي، کو جلوو ڏيکار، ڪِينَ وسار.
تون تہ نبيءَ جو نائب آهين، خاص خدا جو خائف آهين،
توکي جلوو مليو آ، جلوو ڏيکار، ڪِين وسار.
تو تي ولايت جو تاج جهليو آ، تڏهن چيائون پير مٺو آ،
پير مٺل کو سبق سيکار، ڪين وسار،
سهڻا سائين، سڄڻ سائين، مان تو تان نثار ڪين وسار

شاديون ۽ اولاد: پاڻ ٻہ شاديون ڪيائون جن مان چار پٽ ۽ هڪ نياڻي ٿي.

1. فقير محمد عالم 2. فقير علي گوهر 3. فقير محمد اڪرم 4. فقير محمد اسلم .

سندن چئن ئي پٽن جا نالا پير مٺا سائين پاڻ رکيا هيا.

وصال پُر ملال: پاڻ 11 ربيع الثاني 1987ع تي هن فاني دنيا کان لاڏاڻو ڪيائون. سندن وصيت مطابق نمازِ جنازه درگاهہ فقير پور ۾ حضرت سڄڻ سائين پڙهائي ۽ اتي ئي کين دفن ڪيو ويو.

سجاده نشين: سندن وڏو فرزند فقير محمد عالم سجاده نشين آهن. پنهنجي والد صاحب جي حياتي ۾ بہ ساڻن تبليغ تي ويندا هيا. پاڻ نيڪ صالح ۽ سڀاجها آهن. ضعيف العمري سبب سندن ننڍو ڀاءُ فقير محمد اسلم سلسلہ عاليہ جي اشاعت ڪري رهيو آهي. پاڻ ميهڙ جي مصطفيٰ ڪالوني ۾ سڪونت پذير آهن ۽ ثاقب ڪالوني جي مسجد طاهريہ ۾ امامت ڪندا آهن. پاڻ حضرت سڄڻ سائين سان بيعت آهن ۽ اڄ بہ سڀني ڀائرن جي وابستگي درگاهہ الله آباد شريف سان آهي.

40 هون خليفو:

حضرت خليفہ
عبدالرحمٰن ايري
نانگري صاحب

حضرت خليفہ عبدالرحمن ايري ولد محمد موسيٰ ڳوٺ ٻانهو لاکير لڳ منگواڻي، تعلقو ميهڙ، ضلع دادو ۾ 1893 ع ۾ تولد ٿيا. سندن ننڍپڻ بہ اتي گذريو. پرائمري تعليم پنهنجي ڳوٺ ۾ حاصل ڪيائون. قرآن شريف ۽ عربي فارسيءَ جا ڪجهہ ڪتاب مولوي الاهي بخش ايري وٽ ڳوٺ ۾ پڙهيا.

بيعت ۽ تبليغ : پاڻ درگاهہ دينپور شريف ۾ پير مٺا سائين سان بيعت ڪيائون. پاڻ خليفہ محمد بخشل سوڍر ۽ خليفہ نثار احمد ڪوسو رحمهم الله جي رفاقت ۾ تبليغ ڪندا هيا

درگاهہ جا نانگري : ڪين مرشد سان ايتري تہ محبت هوندي هئي جو سندن جدائي برداشت نہ ڪري سگهيا پوءِ رحمتپور شريف ۾ سڪونت پذير ٿيا. ننگر جي ايتري تہ خدمت ڪيائون جو ماڻهو ڪين نالي بجاءِ "**ڏاڏا نانگري**" چوڻ لڳا. سندن محبت ۽ محنت کي ڏسندي پير سائين جن ڪين خلافت بہ ڏني. ڪين تعويذ لکڻ جي بہ اجازت هئي. پاڻ درگاهہ رحمتپور شريف تي حِڪمت بہ ڪندا هيا.

سهڻا سائين سان بيعت : مرشد جي وصال کان جلد ئي پوءِ درگاهہ فقير پور راڏڻ ۾ اچي سهڻا سائين سان بيعت ڪري اُتي ئي رهائش اختيار ڪيائون.

شاديون ۽ اولاد : پاڻ ٻہ شاديون ڪيائون. ڪين ٽي فرزند ۽ ٻہ نياڻيون ٿيون. ٽئي پٽ هر هڪ فيض محمد ، محمد صديق، الاهي بخش سندن حياتي ۾ ئي وفات ڪري ويا.

وفات حسرتِ آيت : سندن وفات 1989 ع ۾ درگاهہ فقير پور شريف ۾ ٿي. سندن جنازہ نماز حضرت سجڻ سائين مدظلہ العالي پڙهائي. سندن مزار شريف بہ درگاہ فقير پور شريف جي قبرستان ۾ آهي. نور الله قبره و برد الله ضريحه

41 هون خليفو:

حضرت خليفه
سيد محمد تقي شاهه
رحمة الله عليه

حضرت خليفه سيد محمد تقي شاهه رحمة الله عليه سيد عبدالله شاهه جا فرزند ارجمند هيا. پاڻ پرائمري ماستر به هيا. ان کان علاوه سٺا شاعر به هيا. سندن شاعري جو آغاز 1924ع کان ٿيو. پاڻ جمعو خان غريب کان شاعري جو اصلاح ڪرائيندا هيا. پاڻ نثر ۾ به دلچسپي رکندا هيا. ان کان علاوه 1935ع کان 1938ع تائين معاون اخبار جا ايڊيٽر به رهيا. سندن شاعري اخبارن ۾ شايع ٿي هئي ۽ ڪجهه قلمي مواد موجود آهي.

سندن ولادت با سعادت: 01 جنوري 1905ع ڳوٺ ناري لڳ ڪچو ميهڙ ۾ ٿي. سندن ننڍپڻ اتي ئي گذريائون. سندن تخلص **"حنفي"** هيو.

تعليم: سنڌي فائينل ڪيائون.

بيعت ۽ خلافت: پاڻ شروع ۾ ميان محمود پوڙن لاڪيرن وارن جا مريد هيا. جڏهن سائين ميان محمود وصال ڪري ويا ته پاڻ درگاهه دين پور شريف ويا ۽ پير مٺا سائين سان بيعت ڪيائون. مرشدن ڪريمن کي پنهنجي ڳوٺ ۾ اچڻ جي دعوت عرض ڪيائون. پير مٺا سائين اڪثر سندن ڳوٺ ۾ رهندا هيا. شروع ۾ هن ڳوٺ جو نالو ناري هيو پوءِ پاڻ فرمايائون ته هي هندڪو نالو آهي، اسان هن جو نالو نور پور رکون ٿا جيڪو اڄ ڏينهن تائين نور پور جي نالي سان مشهور آهي. سائينجن اڪثر ڪري هن ڳوٺ ۾ ڇهه ڇهه مهينا به رهندا هيا ۽ ان کي پنهنجو تبليغي مرڪز به بنايائون. سندن محبتن، محنتن ۽ اخلاص کي ڏسندي کين خلافت به عطا ڪيائون. پاڻ مرشدن جي حڪم سان ڪچو پڪو هر علائقي ۾ تبليغ جو ڪم سرانجام ڪيائون.

شادي ۽ اولاد: پاڻ هڪ شادي ڪيائون. جنهن مان هڪ پٽ حزب الله شاهه ۽ هڪ نياڻي ٿي جيڪي بعد ۾ وصال ڪري ويا. حزب الله شاهه مان ٻه پٽ ۽ ٻه نياڻيون آهن.

1. سيد غلام الله شاهه جيڪو ڳوٺ نور پور ۾ پرائمري ماستر آهي.

2. الطاف حسين شاهه جيڪو ايچ ڊي اي(حيدر آباد ڊيولپمينٽ اٿارٽي) ۾ ملازم آهي.

سندن وصال: ڳوٺ نور پور ۾ اندازاً 1991ع ۾ ٿيو. سندن مزار مبارڪ ڳوٺ جي مسجد جي پير ۾ آهي.

سندن غزل:

هي رشڪ پري ۾ منور ته نه آهي
دلين جي ڪسڻ وارو هي دلبر ته نه آهي
دليون تو ڪسي يار ڪٽي تيز نگاهون
سمجهو ٿا ته هي آتش اذگر ته نه آهي
ٿيو شور بپا آمد دلبر ٿي رهي آ
هي شور به آ ايڏو جو محشر ته نه آهي
جاڏي ٿو نهاريان ته ڏسان خوب سُهائو آ ٿيو
محبوب مٺو نور جو مظهر ته نه آهي
تاريڪي ڪي حاصل ٿي وئي آهي ضيائي
محفل ۾ آيو منهنجو مٺو انور ته نه آهي
يوسف به ٿيو حسن يار مٿان آهي مستان
گهر يار جي ڪا مصر جي بازار ته نه آهي
دنيا ۾ سوين سهڻا رهن ٿيا به گهٽائي ٿا
محبوب جو هن ديس ۾ همسر ته نه آهي

42 هون خليفو :

حضرت خليفہ
سيد پلي رکيو شاهہ
رحمۃ اللہ علیہ

حضرت خليفہ سيد پلي رکيو شاهہ ولد سيد عبدالله شاهہ ڳوٺ ناري (نور پور شريف) ۾ تولد ٿيا. سندن ننڍپڻ ان ئي ڳوٺ ۾ گذريو. سنڌي فائينل ڪيائون. پنهنجي ئي ڳوٺ ۾ پرائمري استاد بہ هيا. پاڻ هڪ حج ادا ڪيائون .

بيعت : سڀ کان پهرئين حضرت ميان محمود سائين ٻوڙن لاکيرن وارن سان بيعت ٿيا. سندن وصال کان پوءِ پاڻ پير مٺا سائين جي خدمت ۾ حاضر ٿي بيعت ڪيائون. پير مٺا سائين اڪثر نور پور ۾ رهندا هيا. بعد ۾ کين خلافت بہ عطا ڪيائون. پير سائين جن بہ ساڻن بيحد محبت ڪندا هيا. اهلبيت هجڻ ڪري سندن تمام گهڻو خيال ڪندا هيا. پاڻ سرڪاري ڊيوٽي سان گڏوگڏ تبليغ جو بہ ڪم ڪندا رهيا.

سائل خالي نہ ويو : پاڻ صورت جا سهڻا ۽ با اخلاق هوندا هيا. پاڻ هميشہ غريبن ۽ مسڪينن جا همدرد ۽ هڏ ڏوکي هيا. سائل کي ڪڏهن بہ خالي ڪونہ ڇڏيندا هيا.

شادي ۽ اولاد : پاڻ هڪ شادي ڪيائون جنهن مان هڪ پٽ ۽ هڪ نياڻي ٿين.

سندن وصال : لاڙڪاڻي شهر ۾ اندازاً 1988ع ۾ ٿيو. سندن مزار شريف ڳوٺ نور پور جي مسجد سان لڳ قبرستان ۾ آهي.

سجاده نشين : سندن فرزند دين محمد شاهہ بطور سجاده نشين سلسلہ عاليہ نقشبنديہ جي اشاعت ڪري رهيا آهن. پاڻ هڪ شادي ڪئي اٿن. کين اٺ پٽ ۽ ٿي نياڻون آهن.

1. سيد عبدالله شاهہ ڪراچي 2. سيد عبيدالله شاهہ ڪراچي 3. اسد الله شاهہ لاڙڪاڻو.4. سيد امان الله شاهہ نور پور 5. سيد عرفان علي شاهہ 6. سيد عمران علي شاهہ .7. سيد برڪت علي شاهہ ڪراچي 8. جاويد علي شاهہ نور پور لڳ ميهڙ .

43 هون خليفو:

حضرت خليفه
سيد صالح محمدشاهه

پاڻ علي محمد شاهه جا فرزند ارجمند هيا. سندن ولادت ڳوٺ نورپور ۾ ٿي ۽ ان ئي ڳوٺ ۾ سندن ننڍپڻ جا ڏينهن گذريا. سيد هئڻ ڪري سندن جا هزارين مريد هيا. جڏهن پاڻ پير مٺا سائين سان بيعت ڪيائون تہ پنهنجي مريدن کي بہ پير مٺا جي حوالي ڪيائون. پاڻ ماهر حڪيم بہ هيا. اڪثر ڪري پنهنجي مرشدن جو بہ پاڻ علاج ڪندا هيا. سندن فرزندعلي محمد شاهہ کي بہ سندن حياتيءَ ۾ ئي پير مٺا سائين خلافت عطا ڪئي هئي.

تعليم: سنڌي پنج درجا پڙهيا. ناظره قرآن مجيد پنهنجي ڳوٺ ۾ ملان پير اٽو وٽ پڙهيا.

بيعت: شروع ۾ پاڻ حضرت خواجہ ميان محمود ڀوڙن لاکيرن وارن جا مريد هيا. بزرگ جي وصال کان پوءِ حضرت پير مٺا سائين رحمت الله عليہ سان بيعت ڪيائون. پنهنجي مرشد جي دعوت ڪري نور پور ۾ وٺي آيا. نور پور جي علائقي ۾ تبليغ ڪندا هيا. سندن جاکوڙ ۽ جدوجهد جو قدر ڪندي پير مٺا کين خلافت سان نوازيو. مرشدن سان تمام گهڻي محبت ڪنداهيا. ڪيترن ئي ننڍن وڏن علائقن ۾ تبليغ ڪيائون.

شادي ۽ اولاد: پاڻ هڪ شادي ڪيائون. کين بہ پٽ ٿيا.

سندن وصال: 1987ع ۾ مکي جمالي لڳ سانگهڙ ۾ تبليغ دوران سندن وصال ٿيو. پوءِ سندن جنازو درگاهہ نور پور شريف آندو ويو ۽ سيد جان محمد شاهہ جي قبرستان مدفن ڪيو ويو.

1. سيد علي محمد شاهہ: خليفہ سيد صالح محمد جي وصال کان پوءِ کين سجاده نشين مقرر ڪيو ويو. پاڻ سلسلہ عاليہ کي فروغ ڏيڻ ۾ ڪِين گهٽايائون. دين جي تبليغ ۾ پاڻ پتوڙيائون.

2. سيد يار محمد شاهہ: کين حضرت خواجہ خليل الرحمن رحمت الله عليہ خلافت عطا ڪئي هئي. مرشد جي امر موجب ڪيترن ئي ڳوٺن، وستين واهڻن کي غفاري فيض سان رنگيائون.

44 هون خليفو:

حضرت خليفه
سيد علي محمد شاه

صاحبِ طريقت و صاحب ڪمال معرفت ولي ابنِ ولي حضرت خليفه سيد علي محمد شاه صاحب مد ظله العالي جا والد گرامي سيد محمد صالح شاه حضرت پير مٺا سائين قدس سره العزيز جا پڻ خليفا هيا. سندن ڀاءُ سيد يار محمد شاه به خواجه خليل الرحمٰن رحمت الله عليه جا خليفه هيا.

ولادت با سعادت: 1931ع ۾ ڳوٺ نور پور ۾ ٿي. سندن ننڍپڻ اتي ئي گذريو.

تعليم: سنڌي چار درجا پنهنجي ڳوٺ ۾ پڙهيائون. ناظره قرآن مجيد نور پور ۾ مولوي محمد موسيٰ وٽ پڙهيا. مرشد جي نور پور ۾ سڪونت پذيري دوران پاڻ پنهنجي والد صاحب سان گڏ جلسي ۾ شرڪت ڪندا هيا.

بيعت: پهرئين پاڻ ۽ سندن والد صاحب حضرت ميان محمود ڀوڙن لاڪيرن وارن سان جي دست بيعت هيا. پوءِ پير مٺا سائين سان بيعت ڪيائون بعد ۾ ڪين خلافت سان به نوازيو ويو. والد صاحب وانگر دين جي تبليغ ۾ پاڻ پتوڙيائون. پنهنجي مرشد ڪريم سان تمام گهڻي محبت ڪندا هيا ۽ اڄ تائين به سندن دل پنهنجي مرشد جي ديدار لاءِ بي قرار آهي. پاڻ نهايت نيڪ، پرهيزگار ۽ صابرين آهن. هن وقت طبيعت ناسازي ڪري صاحبِ فراش آهن.

تبليغ: پاڻ وڏا اهلِ تقويٰ ۽ اهلِ رضا آهن. ڪيترن ئي ڳوٺن ۽ بستين ۾ وڃي بي دين ماڻهن کي غفاري فيض سان ديندار بنايائون. هڪ ڀيري سيد پليِ رکيو شاه صاحب کي فرمايائون "**وو سائين وڏا**" توهان شهر جا معزز سادات آهيو ۽ مون لاءِ به ماڻهن جو گمان

آهي تہ علي محمد شاهہ فقير ماڻهو آهي تنهن ڪري هلو تہ هلي ماڻهن ڪي سنڌن درن تي هلي چئون تہ اسان پئي سيد توهان ڏي ميڙ ڪري آيا آهيون تہ توهان پنج وقت نماز با جماعت پڙهو.

سنڌن خليفا:

1. سيدعلي اصغر شاهہ صاحب (فرزند ارجمند) 2. فقير ممتاز علي لاڪير.

3. قاضي شفيع محمد دڙو شاهہ پنجو 4. فقير عبدالحفيظ دڙو شاهہ پنجو.

سنڌن خليفا دين جي تبليغ ۾ ڪوشان آهن.

شادي ۽ اولاد: هڪ شادي ڪيائون. ڪين تي پٽ ۽ پنج نياڻيون ٿيون.

1. سيد علي اصغر شاهہ 2. سيد صالح محمد شاهہ 3. سيد زين العابدين شاهہ.

پاڻ پنهنجي سمورن فرزندن سميت ڳوٺ اگهاماڻي ۾ رهندا آهن.

جماعت جي ذميداري: پنهنجي وڏي پٽ سيد علي اصغر شاهہ ڪي خلافت ڏئي دين جي خدمت ڪرڻ جون هدايتون ڪيائون ۽ طبيعت عليل سبب جماعت جي سموري ذميداري سنڌس حوالي ڪيائون. صاحبزاده صاحب بہ والد جي امر موجب مختلف شهرن ۽ ڳوٺن ۾ تبليغ ڪرڻ ويندا آهن ۽ ان ڪان علاوه حڪمت بہ ڪندا آهن.

نور پور جي نوراني مسجد ۽ انجو محراب.

نور پور جو نوراني قبرستان جتي غفاري غوث جا ڪيئي خليفا ابدي آرام ڪري رهيا آهن.

45 هون خليفو:

حضرت خليفه
محمد بخشل سوڍر
رحمة الله عليه

عارف بالله، عاشق رسول الله ﷺ سرگرم مبلغ دينِ متين حضرت ميان محمد بخشل ولد ميان عبدالحفيظ سوڍر رحمة الله عليه جي ولادت "ڳوٺ سوڍاري " ۾ 1910ع ڌاري ٿي.

ديني تعليم: ڳوٺ مرزا واھ لڳ ميھڙ ۾ استاد حافظ نور محمد وٽ ڪجھ علم حاصل ڪيائون. ان کان بعد ڳوٺ سوڍاري جي مدرسي ۾ ميان شفيع محمد وٽ حاصل ڪيائون. سندن دستاربندي انهي مدرسي ۾ ٿي.

بيعت: تعليم حاصل ڪرڻ کان پوءِ پاڻ روحاني فيض و برڪت حاصل ڪرڻ لاءِ پنھنجن اباڻن مرشدن سيد مصري شاھ خيرپور ناٿن شاھ وارن جي صحبت ڪيائون. جڏهن بزرگ وصال ڪري ويا تہ پاڻ حضرت خواجہ ميان محمود ٻوڙن لاڪيرن وارن سان بيعت ڪيائون. سندن صحبت ۾ ڇھ سال رهيا. ان جي وصال کان پوءِ پاڻ ڳوٺ سوڍاري موٽي آيا. پاڻ روحاني منزلون ماڻڻ لاءِ هر وقت فڪرمند رهندا هيا. جڏهن پير مٺا سائين جا پيارا خليفا سھڻا سائين سندن علائقي ۾ تبليغ لاءِ آيا تہ پاڻ ڳوٺ ڪوندي لڳ ميھڙ ۾ وڃي سھڻا سائين سان ملاقات ڪيائون ۽ سھڻا سائين جي رفاقت ۾ درگاھ رحمتپور شريف ويا جتي پير مٺا سائين سان بيعت ٿيا. پاڻ ڳوٺ موٽي آيا ۽ اڪثر سندن صحبت ۾ رهندا هيا.

سيرت ۽ صورت: سندن صورت سھڻي هئي. پاڻ با اخلاق شخص هوندا هيا. ڪڏهن بہ ڪنهن کي ڪونہ ايذاياائون. هر ڪنهن سان محبت ڪندا هيا.

درگاهہ شريف جو ادب: پاڻ هميشہ مرشدن جي در تي پيرين اگهاڙا ايندا هيا. ڪڏهن بہ اتي نہ جتي پاتائون نہ سواري تي سوار ٿيا.

خلافت ۽ تبليغ : ڪجھ عرصي ڪان پوءِ پير مٺا سائين ڪين خلافت عطا ڪئي. پاڻ پنهنجي مرشد جي حڪم موجب تبليغ جو ڪم شروع ڪيائون. پنهنجي علائقي جي اڪثر ڳوٺن ۾ وڃي مهينن جا مهينا تبليغ ڪندا رهندا هيا. پنهنجو سمورو وقت تبليغ ۾ گذاري ڇڏيائون. پاڻ تبليغ جي لاءِ پنهنجي اباڻي ڳوٺ سوڍاري کي ڇڏي اگهاماڻي ۾ سکونت پذير ٿيا. اتي بہ تبليغ ڪندا رهيا. پاڻ اڪثر ڪري پيادل پنڌ ڪري ڳوٺن، وستين ۽ واهڻن ۾ دين جو پيغام پهچايائون. حضرت مخدوم بلال رحمت الله عليہ جي دربار ۾ مسلسل چوڏهن جمعا سوڍاري مسجد ميهڙ ڪان باغ بان تائين پيادل ايندا رهيا.

شاديون ۽ اولاد : پاڻ بہ شاديون ڪيائون. ڪين نَوَ پٽ ۽ ڇهہ نياڻيون آهن.

پٽن ۾ : 1. خليفہ عبدالمجيد غفاري بخشي 2. فقير محمد سوڍر ميهڙ . 3. مولوي ميان محمود سوڍر ميهڙ 4. خليفہ امان الله اگهاماڻي 5. مرحوم مولوي عبدالحليم دادو 6. خليفہ غلام الله طاهري 7. حافظ زين العابدين طاهري حيدرآباد 8. غلام فاروق سوڍاري ميهڙ 9. بدر الدين سوڍاري ميهڙ. سندن اولاد صالح ۽ ديني خدمتن ۾ مشغول آهي.

حج : پاڻ پنهنجي حياتي ۾ بہ حج ڪيائون هڪ حج پنڌ ڪيائون ۽ ٻيو بحري جهاز ۾ 1935ع ۾ ڪيائون.

تصنيف : پاڻ سٺا شاعر بہ هيا. ڪتاب بہ تصنيف ڪيائون جي قلمي صورت ۾ موجود آهن.

سندن وصال : 1981ع ۾ تبليغ دوران ڳوٺ فقير قادر بخش ڏيپر ۾ تهجد نماز پڙهڻ ڪان پوءِ قرآن جي تلاوت ڪندي ٿيو. ڪين آستانہ عاليہ فقير پور ۾ آڻي دفن ڪيو ويو.

سندن سجاده نشين : سندن وڏو فرزند حضرت خليفہ عبدالمجيد غفاري بخشي طاهري آهي جيڪو هن وقت تائين سندن تبليغي مشن کي جاري رکندو اچي ۽ هر سال سندن ساليانو عرس بہ شايانِ شان ملهايو ويندو آهي.

پاڻ هڪ شادي ڪئي اٿن جنهن مان ڪين پنج پٽ ۽ ٽي نياڻيون ٿيون آهن. پٽن جا نالا هي آهن:

حاجي اسد الله 2. خليل الله 3. فقير خليفہ ڪليم الله 4. حاجي عبيدالله.

5. فقير ڪرم الله .

46 هون خليفو: امتنان الاحد في تذكرة خليفة يار محمد

حضرت خليفه
يار محمد جويو
رحمة الله عليه

قَانِعُ بِالكفاف، ملازم للزهد والورع والعفاف، عالم باعمل، اديبِ شهير حضرت خليفه مولانا **يار محمد** جويو ولد فقير محمد صديق رحمة الله عليه 1921ع ۾ ڳوٺ قائم شاهه آگرو تعلقي ميهڙ ۾ تولد ٿيا. سندن ننڍپڻ به ساڳئي ڳوٺ ۾ گذريو. پنهنجي سموري زندگي مسڪيني ۾ گذاري ڇڏيائون. ڪپڙا بلڪل سادا ۽ سنها پهريندا هيا جو اونهاري توڙي سياري ۾ سندن جسم نظر پيو ايندو هيو. پاڻ آرام ۽ اطمينان سان گفتگو فرمائيندا هيا. گهٽ کائيندا هيا، گهٽ ڳالهائيندا هيا ۽ گهٽ سمهندا هيا. مطالعو تمام گهڻو ڪندا هيا. اڪثر سندن هٿن ۾ ڪتاب هوندا هيا.

تعليم: سندن خاندان اصل کان ديني علم سان وابسته هيو. پاڻ ننڍپڻ ۾ قرآن پاڪ عم پاره تائين مولانا حزب الله آگري وٽ پڙهيا. پوءِ قرآن پاڪ ۽ فارسي زليخا تائين پنهنجي ڳوٺ جي مولوي عبدالرحمن آگري وٽ پڙهيا. پوءِ صوبو خان مگسي جي اسڪول ۾ چار درجا پڙهيا. سندن آباء و اجداد جو ڪم ڏڪاڪو هيو. مائٽن وس ڪيو پر پاڻ ان ڪم ۾ دلچسپي نه ڪيائون پر سندن لاڙو رازڪي ڪم جي طرف هيو پوءِ اهو ڪم عبدالحڪيم آگري وٽ سکيا، ڪين مزو نه آيو. پوءِ مولانا محمد آگري صاحب وٽ پڙهڻ شروع ڪيائون پر ڪين مائٽن پڙهڻ نه ڏنو مجبوراً ڳوٺ ڇڏي پيري ۾ مولوي الحاج فضل محمد ماڱڙي وٽ پڙهڻ ويا. اتان سيد جي ڳوٺ لڳ ميهڙ ۾ مولانا محمد قاسم رحمة الله عليه وٽ آيا. اتي به سندن دل مطمئن نه ٿي. سيد علي اصغر شاهه سان پيادل حيدرآباد ڏانهن روانا ٿيا. جڏهن پاڻ سعيدآباد ۾ پهتا ته سيد علي اڪبر شاهه پرڙن وارا ڪين ڇڏي ويا.

پاڻ تنها رات جو بند سان پنڌ ڪندا ڦلجي جي پرسان بلاڻي پنهورن ۾ مولوي غلام قادر پنهور وٽ آيا. ان ڪين پاڻ وٽ رهائي مڪمل علم صرف پورو ڪرائي نحو مير ختم ڪرايو. اتان مدرسه سونو جتوئي ويا جتي شرح مائة عامل منية المصلي پڙهي وري مدرسه دارالفيوض مگسي ۾ داخلا ورتائون جتي هداية النحو مجموعه منطق ۽ قدوري جو ڪجهه حصو پڙهيا. وري موٽي سوني جتوئي ۾ آيا جتي مولانا علي حيدر جتوئي وٽ نصف ڪنز نصف ڪافيه پڙهيائون. رمضان شريف ۾ تراويح جي امامت لاءِ نئون واهڻ ۾ ويا جتي مولانا محمد سليمان ملا ابڙن وارا رهندا هيا جيڪي بزرگ همايوني جا لائق ۽ فائق شاگرد هيا. مولانا سليمان صاحب سندن شوق ڪي ڏسي پورو رمضان شريف جو مهينو ڪين پڙهايائون. ان کان پوءِ سوني جتوئي آيا. مولوي محمد ڪوڪر وٽ لاهورن لاڙڪاڻي ۾ ڪجهه اسباق مولوي نورالدين چانديه وٽ ڪافيه ۽ ڪنزالدقائق ۽ ڪافيه مڪمل ڪري مدرسه دارالفيوض مگسيءَ ۾ پڙهڻ شروع ڪيائون. ان کان اڳ به تي چار پيرا مدرسه ۾ آيا ويا پوءِ مڪمل مشڪوات شريف شرح وقايه مير ايساغوجي جلالين کان آخر تائين ڪتاب مڪمل ڪيائون. ان وچ ۾ علامه خان محمد آگري وٽ ڪبريٰ منطق مسلم ملا حسن، ملا جلال شرح، تهذيب ۽ بديع الميزان پيهر اچي پڙهيا. فارسي ۽ عربي سوڀو خان مگسي ۾ پنهنجي چاچي مفتي عبدالڪريم مگسي وٽ پڙهيا ۽ فارغ التحصل به اتان ئي ٿيا.

علمي قابليت: ميراث، فتويٰ، علم الجفر، عربي فارسي ۾ ڪين عبور حاصل هيو. شرعي مسئلن متعلق سعودي عرب کان به علماء جا خط وٽن ايندا هيا. انهن جا جواب به موڪليندا هيا.

علمي خدمتون : ان کان پوءِ پاڻ پنهنجي ڳوٺ جي مسجد شريف ۾ پڙهائڻ شروع ڪيائون. بعد ۾ رانجهو جهتيال ۾ پڙهائڻ ويا پوءِ جاڙو ڪلهوڙو، خانپور، ميرحسن، خيرپور ناٿن شاهه لاڪيرن واري مسجد شريف ۾، خيرپورناٿن شاهه قاضين واري مسجد ۾ علمي خدمتون ڏنائون. آخر ۾ مين روڊ تي هڪ مسجد تعمير ڪرائي ان ۾ درس و تدريس جون خدمتون تاحيات ڏنائون. سندن مزار شريف به اتي آهي.

شاگرد : سندن شاگردن ۽ علم جي پياسن ڪانئن علم فيض ورتو. ڪيترائي شاگرد فارغ التحصيل ٿيا. انهن مان ڪجهه جا نالا هيٺ ڏجن ٿا.

1. سندن سؤٽ محمد عثمان.

2.مولوي رسول بخش سولنگي ڳوٺ پريا.

3. مولوي روشن سولنگي.

4.علامہ غلام محمد جويو صاحب.

5. مولوي محمد عارف کوسو مير حسن.

6. مولوي لطف علي گاڏهي.

7.مولوي علي بخش چانڊيو ڪارو چانڊيو.

8.مولانا عبدالغفور پير دادو.

9. مولانا نبي بخش ڪورائي مراد چانڊيو.

10.مولوي غلام حسين ملاح خيرپور ناٿن شاهہ.

11.قاري منير احمد چانڊيو ڳوٺ خداداد چانڊيو.

12 مولوي عبدالله جويو سندن پاڇ.

13. علامہ محمد عيسيٰ چنہ .

14. علامہ محمد امين مگسي ابن مفتي ڪريم بخش .

15. علامہ نثار احمد مگسي. 16. مفتي ڪريم بخش پائيٽيو.

17. علامہ محمد نواز مهيسر. 18. قاضي عارف ۽ پيا ڪيترائي سندن علم کان مستفيد ٿيا. علامہ محمد امين مگسي ابن مفتي ڪريم بخش رحمة الله عليه جن ڪتاب "مواعظ ڪريميہ" ۾ لکيو آهي تہ خليفہ علامہ يار محمد صاحب سنڌ جو متقي ۽ علم جو يگانہ عالم دين هيو.

علامہ مفتي محمد عيسيٰ چنہ جي بقول پاڻ اڪثر ڪتاب کولي وعظ ڪندا هيا. مسڪيني هوندي بہ ڪنهن کان سوال نہ ڪيائون. هميشہ شڪر ۽ صبر سان رهيا.

بيعت ۽ خلافت: جيئن پاڻ ظاهري علم جي حصول لاءِ وڏيون محنتون ۽ ڪاوشون ڪيائون اهڙي طرح باطني نعمت جي حصول لاءِ حضرت پير مٺا سائين نور الله مرقده جي بيعت بعد وڏيون محنتون ۽ رياضتون ڪيائون. هميشہ دل ۾ ذڪر جي تنوار هوندي هين. پير مٺا سائين جن کين خلافت جي خلعت سان نوازيو.

پير جي دعوت : هڪ ڀيري خليفو يار محمد رحمت الله عليه راڌڻ اسٽيشن کان پيادل پنڌ ڪري درگاهه دين پور شريف ۾ پير مٺا سائين وٽ پهتو ۽ کين دعوت لاءِ عرض ڪيائين. پير سائين جن سندس دعوت ڪي قبول فرمايو. کيس مسڪيني سبب اوطاق به نه هئي پوءِ پنهنجي استادن جي مدرسي ۾ پير سائين جن کي رهايائين ۽ اتي ئي دعوت کارايائين.

نفس سان جنگ : علامه نثار احمد مگسي ٻڌايو ته استاد سائينجن سبق پڙهائيندي پڙهائيندي اوچتو ٻاهر نڪري ويندا هيا. ٻاهر وڃي ڏسندا هياسين ته پاڻ مدرسي جي پرسان چير واري مشين تي ڪاٺيون چيرڻ ۾ مستري جي مدد پيا فرمائن. اسان جي پڇڻ تي پاڻ فرمائيندا هيا ته نفس اوچتو هنيلو ٿي ويو انهيءَ ڪري لوڙايونس ٿا ته خبر پويس.

ڪشف : هڪ دفعي ڪنهن گهر مان چانهه آئي. پاڻ پنهنجي شاگردن کي حڪم فرمايائون ته ڪو به چانهه نه پيئي. ڪجهه دير بعد معلوم ٿيو ته اها چانهه ٻلي جي لبيل هئي. پوءِ چانهه ڏيندڙ کي پاڪائي متعلق هدايتون ڪيائون.

ڪرامت : هڪ دفعي ڪا عورت گم ٿي وئي. ان جي پٽ کين عرض ڪيو. پاڻ پنهنجي پاڻ کي لڪائڻ خاطر پنهنجي هڪ شاگرد کي فرمايائون ته هن جي امڙ ڏسي به ڏئي ۽ هٿ به ڪري ڏي. پوءِ فقير جي مٿان چادر وڌائون ٻن ڪلاڪن کان پوءِ خبر پئي ته اها عورت گهر پهچي وئي آهي.

دعا جي اجابت : سندن سالي مولوي محمد اشرف جويو جي گهرواري ساهرا نه پيا ڏين. ڪافي ڪوششيون منٿون ميڙون ڪيائين پر ڪجهه نه ٿيو. حضرت خليفه صاحب کي عرض ڪيائين. پاڻ حضرت بلال رحمت الله عليه جي مزار جي حاضري لاءِ فرمايائون. ڪجهه وقت کان پوءِ مولوي محمد اشرف جا ساهرا گاڏي ڪرائي کيس سندس گهر واري گهر پهچائي ويا.

شاديون ۽ اولاد : پاڻ ٽي شاديون ڪيائون. پهرئين اهليه مان صرف هڪ نياڻي حيات آهي. ٻين گهرواري ۽ سندن وچ ۾ تفريق ٿي وئي. ٽين اهليه مان ٽي پٽ ۽ هڪ نياڻي ٿي.

1. عبداللطيف : جيڪي سندن سجاده نشين آهن ۽ حڪمت جو به ڪم ڪري رهيا آهن.

2. احمد خان 3. محمد خان.

47 هون خليفو:

حضرت خليفه
محمد الله ڏتہ
عرف **كليم الله**

صوفي باصفا، عاشق با وفا، عارفِ باكمال، عابد بي مثال، حضرت پير روشن ضمير خواجہ محمد الله ڏتہ عرف حضرت پير كليم الله غفاري رحمة الله عليه بن ميان شير محمد بن كيئو خان بن خير محمد بن بارڻ. ضلع دادو جي پيارو ڳوٺ جي پر ۾ هڪ ننڍڙي ڳوٺ حافظ عرض محمد كوسو ۾ سال 1920ع ۾ تولد ٿيا. قرآن شريف ۽ فارسي جا ڪجهہ ڪتاب مولانا غلام رسول مگريو وٽ پڙهيائون. ننڍپڻ كان كين شاعري جي ڏات مليل هئي.

سندن پُر تاثير شعر: الله ڪريم سندن آواز ۾ اثر رکايو هيو تہ سندن شعرن ۾ بہ عجيب اثر انگيزي هئي. اڄ بہ جيڪو دل سان سندن شعر پڙهي ٿو تہ ان جي دلي ڪيفيت ئي بدلجي وڃي ٿي. سندن طبيعت ۾ ننڍپڻ ڪان نينهن سمايل هيو. جڏهن پاڻ پنهنجا چيل شعر پڙهندا هيا تہ پاڻ بہ روئندا تہ ٻڌڻ وارا بہ لڙڪ روڪي نہ سگهندا هيا.

حليو مبارڪ : سندن قد درميانو، رنگ گندمي، جسم ڀريل، صورت نوراني منهن ڀريل ويڪرو، سونهاري مبارڪ قُبضي (مُٺِ) کان ڪجهہ ڊگهي ۽ گهاٽي، سونهاري مبارڪ تي مينڌي استعمال ڪندا هيا. زلف گهنڊيدار روشن چمڪدار هيا. ڏند موتي جي مثل ۽ روشن. هر وقت مسڪرائيندڙ چهرو، اکيون گول چمڪدار، الله ۽ ان جي حبيب صلي الله عليه وسلم جي حب ۾ هر دم روئندڙ ۽ روشن، هٿ ويڪرا، پير موڪرا سڌا هيا. ڇاتي ويڪري، ڪلها ڪليل ۽ گردن اوچو هيو. هلڻ مهل اڪثر گردن جهڪائي هلندا هيا. منهن مبارڪ تي هر وقت تجلين جي جوت جَرڪندي هئي. ڀرُون جاڙا ۽ سُهڻا هيا. رب ڪريم سندن چهري ۾ حسن ۽ جمال ۽ سندن شخصيت ۾ ڪشش ۽ ڪمال رکايو هيو.

ملازمت: ڪجهہ وقت سڪر ۾ ڪا نوڪري ڪيائون پوءِ لاڙڪاڻي ۾ اچي پوليس ۾ ڀرتي ٿيا. پوءِ جڏهن ازلي عنايت عالمِ شهود ۾ جلوه گر ٿي تہ ان ڪين پوليس جمعدار مان ڪامل ولي الله ظاهر ظهور ڪيو.

ايں سعادت بزور بازو نيست، تانہ بخشد خداءِ بخشنده

هيءَ ڀلائي بازو جي قوت سان ڪا نہ ملندي آهي جيستائين مالڪ پاڻ مهرباني نہ ڪري.

سلاسل ۾ بيعت: طريقت جي تلاش ۽ فقيري جي حصول لاءِ پاڻ پنجاب جي ضلعي جهلم جي هڪ بزرگ حضرت سائين جناب فتح محمد نقشبنديؒ سان بيعت ڪيائون. محنت ۽ مجاهدا ڪيائون. سندس وصال بعد طلب جي جهولي ڪٽي حضرت سيد مخدوم علي شاهہ سان سلسلہ عاليہ چشتيہ ۾ بيعت ڪيائون. اهي بزرگ لاڙڪاڻي مان نقل مڪاني ڪري ڪراچيءَ ڏانهن روانا ٿيا تہ پاڻ پنهنجي پير روشن ضمير ڪي سامان ڪٽائي اسٽيشن تي آيا. پاڻ عرض ڪيائون تہ حضرتا اوهان تہ وڃو پيا مون ڪي ڪنهن جي حوالي ٿا ڪيو؟ بزرگن رحمت پور شريف ڏانهن هٿ جو اشارو ڪري فرمايو تہ هتي پنجاب ڪان هڪ بزرگ آيل آهي اوهان ڪي ان جي حوالي ڪيون ٿا وڃون. پوءِ ٻئي ڏينهن پاڻ رحمتپور شريف ۾ اچي فجر جي نماز غوثِ زمان قطب جهان حضرت خواجہ محمد عبدالغفار عرف حضرت پير مٺا سائين جي پويان ادا ڪيائون.

صبح جو جيئن حضرت پير مٺا سائينؒ حلقي ڪان فارغ ٿيا تہ پاڻ سندن اڳيان وڃي ويٺا عرض ڪيائون تہ سائين مون ڪي ذڪر سمجهايو. پير سائين فرمايو تہ "ذڪر وٺندؤ يا دل جو سودو ڪندؤ." پاڻ با ادب عرض ڪيائون "حضرتا انشاء الله دل جو سودو ڪبو." پوءِ پاڻ بيعت ڪيائون. بس ذڪر وٺڻ سان رڳ رڳ ۾ ذڪر الاهي جاري ٿي وين. بدن جي ڏڪٽي وٺي وين. جسم ۾ ذڪر الاهي جي اهڙي تپش ٿي جو جيئن جسم تتل تنور ۾ پيو پُچي ۽ پچي. پوءِ تہ ڪيترو وقت مٿن مجذوبي ڪيفيت طاري ٿي وئي. نوڪري ڪان استعفيٰ ڏئي، بس هڪ يار جي ذڪر ۾ مست مگن ٿي ويا. مرشد ڪريمن وٽان ڪين **مستاني** جو لقب مليل هيو. جڏهن پاڻ الله جي عشق جي ڪا ڪافي پڙهندا هيا تہ خلق ۾ ريهاٽ پئجي ويندا هيا. پاڻ بہ روئندا هيا تہ جماعت بہ مستانہ وار روئڻ لڳندي هئي.

خلافت ۽ اجازت: سلسله عاليه نقشبنديه ۾ پير سان محبت لائڻ طريقت جو پهريون ڏاڪو چيو ويو آهي. پاڻ پنهنجي مرشد سان والهانه محبت رکندا هيا. پير جي دربار جو وڏو ادب ۽ احترام ڪندا هيا. پنهنجي مرشد جي شان ۾ غزل ناهيندا ۽ پڑهندا هيا. حضرت پير مٺا سائين سندن استعداد صلاحيت ۽ لياقت ڏسي ڪين اجازت ۽ خلافت عطا فرمائي. ماڻهن کي الله جي دين جو پيغام پهچائڻ ۽ انهن جي اصلاح احوال جو ڪين امر ڪيائون.

سيرت: پاڻ سخاوت، شجاعت، شرافت، امانت ۽ ڪرامت ۾ پنهنجو مٽ پاڻ هيا. غريبن جا غمخوار، هيٺن جا همراهه هيا. ڪنهن سائل کي در تان خالي نه ورائيندا هيا. ماڻهن جي ڏکن دردن کي ٻڌي انهن جي هر ممڪن مدد ڪندا هيا.

درگاهه غفار آباد شريف: سيپٽمبر 1964ع ۾ حضرت پير مٺا سائين رحمة الله عليه جي حڪم مطابق ميهڙ جي پاسي ۾ ڳوٺ سنڌي ٻُنڙا جي پِر ۾ درگاهه غفار آباد جو بنياد وڌائون. اتي اصل ۾ هڪ جهنگ هيو جتي چور چوري ڪري اچي مال ورهائيندا هيا. پوءِ الله وارن جي قدمن جي برڪت سان اتي الله جي ذڪر جون تنوارون جاري ٿي ويون. سندن نوراني نظر ۽ باطني توجهه سان رڻ ۾ رونقون ٿي ويون. جنگل ۾ منگل، بر ۾ بهاري ٿي وئي. پوءِ اهل ذڪر فقير به پنهنجا ڳوٺ وطن ڇڏي لڏا ڪٽي اچي ان پلاري پونءِ تي جُهڳا اڏي ويٺا. تقريباً ستر ڪن فقيرن لڏو ڪٽي اچي اتي رهڻ لڳا. اهڙي طرح فقيرن جو هڪ ڳوٺ اڏجي ويو. ڳوٺ جي چوڌاري ڪوٽ اڏيو ويو. اندر ڳوٺ ۾ ڪنهن به غير ماڻهو کي داخل ٿيڻ جي اجازت نه هئي. رات جو فقير واري واري تي پهرو ڏيندا هيا. سايون پاڇيون ميويدار وڻ درگاهه جي اندر وڏي تعداد ۾ پوکيا ويا. ايتري تائين جو ڪا شيءِ ٻاهران گهرائڻ جي گهٽ نوبت ايندي هئي. اڪثر وڻ ۽ ٻوٽا پاڻ پنهنجي مبارڪ هٿن سان پوکيائون. غفار آباد جا مٺا ميوا خصوصاً پير ۽ انب ته ملڪ ۾ مشهور ٿي ويا. اتي مرشدن ڪريمن جي حڪم مطابق هر مهيني چنڊ جي اٺين تاريخ جلسو مقرر ڪيائون. انين جي موقعي تي سوين پروانا اچي سندن صحبت سان فيضياب ٿيندا هيا.

تبليغي سير و سياحت: پاڻ پنهنجي پياري پير روشن ضمير جي حڪم مطابق تبليغ جو ڪم زور شور، ذوق ۽ شوق سان ڪيائون. دين جي تبليغ خاص الله جي رضا خاطر ڪندا هيا.

ڪڏهن بہ ڪنهن ڪان سوال يا چندو نہ ڪيائون. الله تي توڪل رکندي الله خاطر الله جي دين جي خدمت ڪيائون. ان اخلاص جي برڪت سان هزارين ماڻهو سندن صحبت مان فيضياب ٿيا. الله تعاليٰ سندن مٺڙي زبان ۾ عجيب تاثير رکائي هئي جو جيڪو بہ هڪ ڀيرو سندن مجلس ۾ ايندو هيو ان جو حال مٽجي ويندو هيو. پاڻ هزارين گمراهن کي گس لاتائون. هزارين چور عابد زاهد ٿي ويا. پاڻ تبليغ خاطر پري پري علائقن جا سفر اختيار ڪيائون. سنڌ جي مختلف ضلعن، تعلقن، شهرن، ڳوٺن، واهڻن ۽ وستين ۾ بلوچستان جي پهاڙي علائقن ۾ پنجاب جي زرخيز علائقن ۾ پري پري تائين پاڻ پيادل پنڌ تبليغ ڪيائون. ڪڏهن انن گهوڙن تي ڪڏهن ڏاند گاڏي تي سفر ڪندا هيا. سفر دوران جڏهن محبت جا غزل پڙهندا هيا تہ ماڻهو تہ ماڻهو پر اهي ڏاند ۽ جانور بہ وجد ۾ اچي ويندا هيا. انهن جي اکين مان بہ پاڻي وهي هلندو هيو. اڪثر ڪري تبليغي سفر ۾ عيال بہ ساڻ کڻندا هيا. اڪثر جن ڳوٺن ۾ تبليغ ڪيائون انهن مان ڪي مشهور ڳوٺ ۽ شهر جيئن دادو، نوابشاهہ، مستوئي، موندر، ميتلا، پير، ميٺا، تلتي، لاڪا، مٺياڻي، مورو، ڪنڊيارو، ٺارو شاهہ، قائم خان اوڳاهي، شڪارپور، ڪنڌ ڪوٽ، ڪشمور، سبزوئي، سهرياڻي، غوث پور، دڙي، حُران جعفري، ميرو خان، باگڙجي، جهٽ پٽ، سوئي گئس فيلڊ، صادق آباد، ٻنگ شريف، روجهاڻ، راجن پور وغيرہ. سندن پر خلوص ڪوشش سان هزارين مرد عورتون، چور، زاني، ڌاڙيل، فاسق، فاجر ماڻهو بہ سندن نگاهِ ڪرم سان نمازي، غازي، عابد زاهد ۽ تهجد گذار ٿي ويا.

مُرشد جي دربار جو ادب: پاڻ ايتري قدر تہ اديب هيا جو پير جي درگاهہ تي ڪڏهن بہ جُتي نہ پاتائون. پيشاب ۽ قضا جي حاجت لاءِ درگاهہ کان ڪافي پنڌ ڪري پري نڪري ويندا هيا. نہ رُڳو ايترو پر درگاهہ جي زمين مان وَٽ لاءِ پٿر بہ استعمال نہ ڪندا هيا. پاڻ مرشد جي دربار جو تہ ادب ڪندا هئا پر ان پاسي جو ڪو ماڻهو ڪو ڏنار پنهوار ايندو هيو تہ ان جو بہ ادب ۽ احترام ڪندا هئا. تبليغ ڪري جڏهن دربار شريف تي پهچندا هيا تہ سَوَن جي تعداد ۾ جماعت ساڻن گڏ اِيندي هُئي پر درگاه تي پُهچڻ کان پوءِ پاڻ سيني کي حڪم ڪندا هيا تہ ڪو بہ سندن جُتي نہ کڻي. پنهنجو ڪوُنرو بہ پاڻ ڀريندا هيا. درگاه شريف تي گهٽي ڪلام ۽ ڪَچهري کان پاسو ڪندا هيا.

مرشد جي دربار بابت سندن ارشادات :

پاڻ سان گڏ آيل جماعت کي بہ تاڪيد ڪندا هيا تہ هي پِير جي درگاه آهي اجائي گفتگو ڇڏي هر وقت فيض و برڪت جا منتظر ٿي ويهو. اسانجو هِت آچڻ جو مقصد پير جي مُحبت ۽ سندن رضا آهي. ان لاءِ ڪنهن بہ قسم جي شڪايت نہ ڪيو. لنگر مان ماني ملي تہ ڪائو نہ تہ گهرَ آصل نہ ڪيو. فرمائيندا هيا تہ طالب پنهنجي مُرشد جي دربار کي پنهنجو وطن ديس سمجهي ۽ پنهنجي آخري آرام گاه جي بہ اتي جي تمنا ڪري. طالب کي گهرجي تہ پنهنجي ارادن کي مرشد جي ارادن ۾ گُم ڪري ڇڏي جو مرشد جو ارادو اُهو ئي طالب جو ارادو هجي. فرمائيندا هيا تہ اعتراضي لفظ پنهنجي زبان مان نہ ڪڍي. فرمائيندا هيا تہ طالب کي مرشد جي دربار تي جو ڪجھ نظري اُن کي جائز سمجهي بلڪ دل ۾ بہ اعتراض نہ ڪري. هڪ ڀيري پنهنجي پياري مريد فقير محمد نواز کي فرمايائون تہ منهنجي مرشد جي واچ ۾ ڏس تہ ٽائيم ڪيترو ٿيو آهي؟ پوءِ منهنجي واچ تي بہ اهو ٽائيم ناهي ڇڏ. فرمايائون اسان جو پين واچن سان ڪهڙو واسطو بس جيئن مرشد جي واچ ۾ ٽائيم آهي، اسان لاءِ بہ اهو ٽائيم صحيح آهي. فرمائيندا هيا تہ جيستائين علم عقل حسب نسب جو غرور ترڪ نہ ڪبو تيستائين باطني نعمت حاصل ڪرڻ مشڪل آهي.

خدمت : پاڻ پنهنجي مُرشد جي دربار تي لنگر جو ڪم وڏي شوق مُحبت ۽ جذبي سان ڪندا هئا. مٿيءَ جو وڏو تَغار پيري مٿي تي کڻندا هئا. رات جو مرشد جي حويلي پاڪ کي چوڌاري پهرو ڏيندا هئا.

توڪل الله : پاڻ ڪنهن کان بہ گهر سوال نہ ڪندا هيا. صرف الله تي ڀروسو رکندي الله جي دين جو ڪم ڪندا هيا. هڪ ڀيري ڪافي تعداد ۾ جماعت درگاھ شريف تي آيل هئي. پاڻ صبح جي نصيحت ڪرڻ وينا تہ سندن ننڍي نياڻي اچي چيو تہ بابا گهر ۾ اٽو ڪونهي پاڻ نياڻي کي فرمايائون تہ پٽ الله ڏيندو. پاڻ وري تقرير ۾ شروع ٿي ويا. ڪنهن بہ خليفي يا صاحبزادي کي ننگر جو اهتمام ڪرڻ جو نہ چيائون پوءِ جڏهن تقرير کان فارغ ٿيا تہ جماعت کي فرمايائون تہ ڪو بہ نہ وڃي ننگر تيار آهي ڪائي پوءِ وڃو. برابر ننگر تيار هيو. سڀني فقيرن رڄ ڪري کاڌو.

ولايت ۽ پرائي محتاجي؟ فرمايائون: ولي الله جي معنيٰ آهي الله جو دوست. الله جنهن کي پنهنجو دوست بنائيندو آهي ان کي ڪنهن ٻئي جي در جو محتاج نه ڪندو آهي. جيڪو پائي پائي لاءِ ٻين جا ڪيسا جانچي ٿو اهو هرگز ولي الله ناهي.

تقويٰ: پاڻ تقويٰ ۽ طهارت جو گهڻو خيال ڪندا هيا. ڪڏهن به بي نمازي جي هٿ جي ماني نه کاڌائون. ڪڏهن به کير مکڻ لسي مهي به بي نمازي جي گهر جي نه پيئندا هيا. بازاري نهيل شيون جهڙوڪ لڏون، بوندي، ميسو، پڪوڙا، بازاري گيهه استعمال نه ڪندا هيا. جنهن ڳالهه ۾ شڪ پوندو هيو ان کان ڪنارو ڪندا هيا. شهرن جي پاسي ۾ پيدا ٿيندڙ سبزيون جيڪي اڪثر شهر جي گٽر جي ڪني پاڻي تي پيدا ٿينديون آهن سي استعمال نه ڪندا هيا. ايستائين جو لوڻ به بازار جو پيئل نه کائيندا هيا. سينڌو لوڻ ڏوئي سڪائي ان کي پيهي پوءِ اهو واپرائيندا هيا. بازاري گوشت جنهن جي کهڻ واري جي ڪا ڪَلَ نه هوندي هئي اهو نه کائيندا هيا.

ازدواجي زندگي ۽ اولاد: پاڻ چار شاديون ڪيائون. هر هڪ بيبي سان پوري طرح انصاف سان پيش ايندا هيا. رواداري جو عجيب سبق ڇڏيائون. ڪين پنج فرزند ۽ چار نياٽيون هيون. سندن صاحبزادن جا نالا هي آهن:

1. صاحبزاده حضرت سائين غلام مصطفيٰ صاحب سجاده نشين اول رحمۃ اللہ علیہ
2. صاحبزاده حضرت سائين عاشق علي صاحب. رحمۃ اللہ علیہ
3. صاحبزاده حضرت ميان عبدالغفار صاحب.
4. صاحبزاده حضرت ميان عبدالغفور صاحب.
5. صاحبزاده حضرت ميان مولوي احمد علي صاحب.

درگاهه اويس پور جو بنياد وجهڻ: جڏهن پاڻ ڪثرت سان ڪشمور ۽ ڪنڌ ڪوٽ جي علائقي ۾ تبليغ ڪيائون ته وڏي جماعت تيار ٿي وئي. انهن جي سهولت لاءِ پاڻ ڪشمور جي ڀرسان سنه 1970ع ۾ هڪ درگاهه جو بنياد وڌائون. ان جو نالو "اويس پور" رکيائون جتي پاڻ هر مهيني چنڊ جي چوڏهين تاريخ مقرر ڪيائون. آخر حياتي تائين پاڻ اتي جلسو ڪندا رهيا. سندن وصال بعد سندن صاحبزادو ميان عبدالغفور اتي هر مهيني جي

چوڏهين تاريخ تي ويندو آهي. فقير مولا بخش اتي جو خاص خدمتگار آهي. درگاهه شريف غفار آباد ۾ انين تاريخ جي رات روحاني محفل ٿيندڙ هئي.

وصال پُر ملال: پاڻ چوڏهين جمادي الاول 1394 هه مطابق 6 جون 1974ع خميس جي رات هن فاني دنيا مان پردو فرمائي الله سان واصل ٿيا. انا لله وانا اليه راجعون .سندن مزار پُر انوار درگاهه غفار آباد ۾ مرجعِ خلائق آهي. الله ڪريم شال سندن مزار مٿان رحمتون وسائي.

سندن خلفاءِ ڪرام: تبليغ دين لاءِ پاڻ ڪافي خوشنصيبن کي سلسله عاليه نقشبنديه جي خلافت ۽ اجازت عطا ڪيائون. انهن مان ڪجهه خليفن جا نالا هيٺ ڏجن ٿا.

1. حضرت سائين صاحبزاده ميان غُلام مُصطفيٰ سجاده نشين.
2. خليفه جناب محمد نواز مجذوب درگاهه غفار آباد شريف.
3. حضرت پير ميان حبيب الله صاحب جتوئي ڪنڊ ڪوٽ.
4. حضرت ميان شير محمد رحمة الله عليه قلجي اسٽيشن.
5. مولوي حاجي عبدالرحيم شاهاٽي متصل دادو شهر.
6. مولانا ميان دلاور دشتي درگاهه اويس پور.
7. خليفه جناب حاجي آدم چانڊيه درگاهه فقير آباد مورو.
8. خليفه جناب قاضي شاهه محمد قريشي ڪنڊي وارا.
9. خليفه جناب حاجي امير الدين بگٽي درگاهه فقير پور.
10. خليفه جناب مولانا حسين شاهه غوثپور.
11. جناب خليفه نالي متو صاحب درگاه غفار آباد.
12. خليفه جناب مولوي محمد منير چانڊيه درگاهه غفار آباد.
13. محترم جناب محمد موسيٰ نانگري درگاه غفار آباد.
14. جناب ميان مولا بخش دشتي نانگري درگاه اويس پور ڪشمور.
15. مولوي صاحب ميان ولي محمد چانڊيه مورو.
16. مولوي صاحب حاجي غلام حيدر مغل درگاه اِسلام آباد شريف.
17. مولوي صاحب ميان گلاب الدين چانڊيه ليٽ چانڊيه مورو.

18. مولوي صاحب ماستر صاحب خان كوسو درگاه الله آباد شريف.
19. مولوي صاحب ميان دين محمد ملڪ درگاه دين پور شريف.
20. مولوي صاحب حاجي غلام محمد بگٽي درگاه فقير پور شريف..
21. مولوي صاحب سيد حُسين شاه غوثپور شريف.
22. مولوي صاحب امام بخش چاچڙ شڪارپور.
23. مولوي صاحب محمد نواز پنجابي صوبہ پنجاب.
24. مولوي صاحب محمد عالم شاهاٽي دادو شهر.
25. مولوي صاحب حاجي ڏٽي بخش شاهاٽي متصل دادو.
26. مولوي صاحب محمد جعفر ماڇي دادو شهر.
27. مولوي صاحب حاجي محمد جمن ميمڻ ڪراچي.
28. مولوي صاحب حاجي جان محمد ميمڻ لاڪا.
29. مولوي محمد رمضان سبزوئي درگاه فضل آباد ڪنڌڪوٽ.
30. مولوي قاضي صاحب ميان آحمد قريشي آحمد آباد شريف.
31. مولوي محمد علي چانڊيو درگاهہ اويس پور.
32. مولوي حاجي امير الدين بگٽي سوئي گئس بلوچستان.

سندن ڪجهہ خلفاءِ ڪرام جو مختصر احوال

<u>پهريون خليفو:</u>

ميان حبيب الله جتوئي
(درگاه فيض پورشريف ڪنڌڪوٽ)

پاڻ اصل ڳوٺ ٻُرڙا تعلقہ ميهڙ جا رهواسي هيا. جڏهن درگاه غفار آباد جو بُنياد پيو تڏهن پهريون عاشق صادق هي هيو جيڪو خاص الله جي رضا خاطر پنهنجا مِٽ مائٽ، ديس وطن

ملڪيت ڇڏي آچي پنهنجي مرشد رهبر جي پاڙي ۾ ڪڪائين جُهوپڙي ٺاهي ويٺو. پاڻ تبليغ ۽ ننگر جي ڪم ۾ ثابت قدم رهيو. تانجو ڪين خلافت جو خرقو پهرايو ويو. مرشد جي وصال بعد پاڻ تبليغ ۽ نشر و اشاعتِ دين جي خاطر هجرت ڪري ڪنڊ ڪوٽ شهر جي پاسي ۾ "فيض پور" نالي مرڪز جو بنياد وڌائون، جتي اڄ تائين ديني تبليغ جو سلسلو جاري آهي. الله ڪريم سندس علم فضل ۾ مزيد برڪتون عطا فرمائي.

سندس فيضانِ نظر سان ڪيئي چور، زاني، ڌاڙيل، بد عقيدي رکڻ وارا ماڻهو، تائب ٿي تهجد گذار بڻجي رهيا آهن. پنهنجي مرشد رهبر جي ظاهري باطني مهرباني سان پاڻ پنهنجي جماعت مان اعليٰ مُحبت وارن کي خلافت بہ ڏني اٿن. اهي حضرات بہ تبليغ جو ڪم زور شور سان ڪري رهيا آهن. سندن خلفاءَ جا اسماءِ گرامي :

1. مولوي صاحب حاجي وزير محمد صاحب.
2. مولوي صاحب ميان نبي بخش.
3. مولوي صاحب غلام حُسين آزاد وغيره.

بيون خليفو:

خليفہ مولوي ميان شير محمد پهنور

پاڻ اصل حضرت پير مٺا سائين رحمت الله عليہ سان بيعت هيا. سندن وصال بعد حضرت غفار آبادي قدس سره سان بيعت ثاني ڪيائون. پاڻ نهايت مُحبت وارا شيرين زبان نعت خوان، عاشق صادق مريد ۽ خليفا هيا. تقرير ۾ وڏو اثر هوندو هين. اسان وٽ بہ ڪڏهن ڪڏهن ماتلي شريف ۾ ايندا هيا. جڏهن ڪو غزل يا محبت ڀري ڪافي پڙهندا هيا تہ پاڻ بہ روئندا هيا تہ راڄن کي بہ رئاري ڇڏيندا هيا. تبليغ دين لاءِ تمام گهڻو پاڻ پتوڙيائون. تبليغ خاطر وڏا سفر ڪيائون. پوري زندگي الله ۽ ان جي حبيب جي غلامي ۾ بسر ڪري ڇڏيائون. سندن وفات 17.2.2000تي ٿي. درگاه حضرت مخدوم بلال رحمت الله عليہ جي قبرستان ۾ سندن مزار آهي.

48 هون خليفو:

حضرت خليفه
سيد غلام قادر شاهه

ولادت با سعادت: حضرت خليفه سيد غلام قادر شاهه ولد الهداد شاهه جي ولادت 1910ع ۾ ڪاٽ لشڪر لڳ خانپور دادو ۾ ٿي.

تعليم: ناظره قرآن ۽ ابتدائي تعليم پنج درجا پنهنجي ڳوٺ ۾ پڙهيا. عربي فارسي خيرپور ناٿن شاهه ۾ ۽ وڌيڪ تعليم مدرسه رهڙو شريف ۾ حاصل ڪيائون.

شاعري جو شوق: پاڻ سٺا شاعر به هيا پر افسوس جو سندن قلمي مواد محفوظ رهي نه سگهيو.

بيعت ۽ خلافت: درگاهه دينپور شريف ۾ حضرت پير مٺا سائين رحمت الله عليه سان بيعت ٿيا. پاڻ پنهنجي مرشد سان تمام گهڻي محبت رکندا هيا. اهو ئي سبب آهي جو پاڻ نور پور، دينپور ۽ رحمتپور شريف ۾ مرشد سان گڏ رهندا هيا. سندن محبتن ۽ محنتن کي ڏسي پير مٺا سائين کين خلافت ڏني. پٽيجي، ميهڙ، ڦلجي، سيتا ۽ ڪڇو وغيره ۾ دين جو پيغام پهچايائون.

هجرتون: ڪجهه وقت لاءِ پنهنجي اباڻي ڳوٺ ڪاٽ لشڪر کان هجرت ڪري ناصر اڻي لڳ پاٽ شريف ۾ ۽ وري اتان کان هجرت ڪري پٽيجي ۾ سڪونت پذير ٿيا. اندازاً اتي ويهه سال رهيا. پاڻ ڪپڙي جو واپار ڪندا هيا. پاڪستان آزاد ٿيڻ کان پوءِ ڦلجي اسٽيشن اچي رهيا ۽ اتي تبليغي مرڪز بنايائون جيڪو تاحال دين جي خدمت ۾ سرگرم آهي. اُتي هڪ غفاري مسجد به آهي. اڄ به ڦلجي ۽ ان جي آسپاس غفاري جماعت جو وڏو انگ نظر اچي ٿو. پاڻ پنهنجي باقي زندگي اتي ئي گذاريائون. پير مٺا سائين سندن دعوت تي ڦلجي اسٽيشن تقريباً ڏهه ڀيرا دفعا آيا هيا.

پاڻ اتي جي مدينه جامع مسجد ۾ تبليغ نصيحت كندا هيا. ان کان علاوه غفاري مسجد قلجي اسٽيشن ۾ به هڪ دفعو آيا هيا.

حج ۽ عمرا: پاڻ ڪيترائي حج ۽ عمرا ادا ڪيائون.

شادي ۽ اولاد: پاڻ هڪ شادي ڪيائون، ڪين ڇهه پٽ ۽ هڪ نياڻي ٿي.

1. سيد ارشاد نبي شاهه 2. سيد مظهر شاهه 3. سيد اسلم شاهه 4. سيد فياض شاهه.

5. سيد نظام شاهه 6. سيد شفيع الله شاهه.

وصال پُر ملال: 17 رمضان 1416هجري بمطابق 1995ع ۾ قلجي ۾ ٿيو، جنازه نماز مولوي محمد موسيٰ سولنگي پڙهائي. سندن مزار مبارڪ قلجي شهر جي اوڀر طرف معصومن جي قبرستان ۾ آهي.

سجاده نشين: سندن ٽيون نمبر فرزند سيد حاجي اسلم شاهه صاحب آهن جيڪي حضرت مشوري صاحب وارن وٽ زير تعليم رهيا ۽ ڪين خلافت به اتان ملي.

لطيفي لات

لِڳــيءَ جــو، لَطِيــفُ چَئــي، نڪــو قــال نــه قِيــلُ؛
لِڪـــئي لامُـــون ڪوڙيُـــون، نيڻـــين وَهـــي نِيـــرُ؛
هِنئَــــڙا! تِــــيُ سُــــڌِيرُ، ڪالهـــه قَـــرِيبَنِ لَـــڌِيو.

ڪـــي اوڏائِـــي ڏُورِ، ڪـــي ڏُورِ بـــه اوڏا سُـــپِرِين؛
ڪـي سَـنيِرجَن نـه ڪَـڏهِين، ڪـي نـه وِسـرَنِ مُـورِ؛
جِئَن مينهِن ڪُنڍِيءَ پُورِ، تِئَن دوسِتَ وَراڪو دِلِ سين.

49 هون خليفو:

حضرت خليفہ حافظ
سيد محمد الياس شاهہ

حضرت خليفہ سيد محمد الياس شاهہ ولد علي شير شاهہ ڳوٺ بکري تعلقہ کنڊيارو ضلع نواب شاهہ (حال نوشهرو فيروز) ۾ تولد ٿيا. حفظ قرآن جي سعادت پنهنجي ڳوٺ ۾ حاصل ڪيائون. پاڻ سيد علي انور شاهہ جي مدرسي ۾ بہ پڙهيا هيا.

علمي خدمتون: پاڻ اباڻي ڳوٺ مان هجرت ڪري ڳوٺ حسن ڪلهوڙي ۾ آيا اتي ٻارن کي ديني تعليم ڏيندا هيا. پاڻ شاعر بہ هئا . سندن تخلص "**باغ**" هيو. ڪجهہ ڪتاب بہ لکيائون جيڪي 1972ع واري ٻوڏ جي نذر ٿي ويا.

بيعت: جڏهن پير مٺا سائين ﷫ جي فيض برڪت جو ٻڌائون تہ پاڻ رحمتپور شريف ۾ آيا ۽ سائينجن سان دست بيعت ٿيا.

خلافت ۽ تبليغ: ڪين اڪثر درگاهہ رحمتپور شريف ۾ ڏنو ويندو هيو ڳوٺ ايندا هيا تہ ڪجهہ ڏينهن رهي وري واپس موٽي درگاهہ تي ويندا هيا. پاڻ وڏا محنتي هوندا هيا. سندن محنت ۽ سچائي کي ڏسي پير مٺا سائين ڪين خلافت عطا ڪئي ۽ پاڻ پري پري وڃي تمام گهڻي تبليغ ڪيائون. پنهنجي سڄي عمر تبليغ ۾ گذاري ڇڏيائون.

صورت ۽ سيرت: سندن صورت پُر ڪشش هئي. هر هڪ سان سٺي اخلاق سان پيش ايندا هيا. پاڻ غريبن ۽ مسڪينن جا همدرد ۽ هڏ ڏوڪي هوندا هيا.

شاديون ۽ اولاد: پاڻ ٽي شاديون ڪيائون جنهن مان چار پٽ ۽ چار نياڻيون ٿيون.

سندن پٽ: 1. سيد عبدالستار شاهہ 2. مرحوم سيد حزب الله شاهہ. 3. سيد غلام سرور شاهہ (سندن سجاده نشين) 4. سيد عبدالقدير شاهہ حسن ڳوٺ ڪڇو لڳ سعدي موساٽي.

سندن وصال: 1989ع ۾ حسن جي ڳوٺ ۾ ٿيو. وصيت موجب سندن مزار درگاهہ سعدي موساٽي جي ڏکڻ طرف بنائي وئي.

50 هون خليفو:

خليفہ حضرت
حافظ محمد صالح سوهُو
المعروف "حال وارا سائين رحمة الله عليه"

عاشقِ جمالِ مصطفيٰ، سالک راهِ مرتضيٰ، سالکِ راهِ هديٰ حضرت خليفہ مولانا حافظ محمد صالح بن محمد حسن بن رحيم داد سُوهو. رحمة الله عليه پاڻ غفاري جماعت جا روشن ستارا هئا. ننڍپڻ کان ئي مٿن رب جا راز هئا. سندن والده صاحبہ جو چوڻ هيو تہ پاڻ ننڍپڻ هوندي رمضان شريف ۾ ڏينهن جو کير کونہ پيئندا هيا. پاڻ صاحبِ باطن هيا. مرشدن ڪريمن کين "**خليفو حال وارو**" ڪري سڏيو هيو. ان جو سبب هي هيو جو پاڻ جنهن بہ مزار وٽ مراقبو ڪندا هئا تہ اهلِ مماتي وارن جو حال معلوم ڪري وٺندا هيا. جڏهن پير مٺا سائين جا خليفا تبليغ تي ويندا هيا تہ انهن جي متعلق پر پٺ پير مٺا سائين انهن جو حال احوال حافظ صاحب کان پڇندا هيا. پاڻ هر هڪ جي ڪارگذاري ٻڌائيندا هيا.

ولادت: سندن ڏاڏي جي نالي سان ٻڌايل ڳوٺ رحيم داد خان سوهو ۾ سنہ 1922ع ۾ ٿي. پاڻ اڃا امڙ جي بطن ۾ هيا تہ سندن والد گرامي وفات ڪري ويو. سندن ولادت بعد سندن والده صاحبہ جلد ئي ڳوٺ لونگ تنيو جي وڏيري جناب غلام صديق تنيو سان نڪاح ڪيو جنهن مان خليفہ صاحب جا ٻہ نڱا ڀائر : 1. مرحوم وڏيرو عبدالحميد تنيو 2. مرحوم وڏيرو عبدالقيوم تنيو هيا. سندن ننڍپڻ ۾ عمر جو گهڻو حصو وڏيري مرحوم غلام صديق تنيو سان گڏ گذريو. پاڻ وڏيري غلام صديق کي "بابا" ڪري سڏيندا هيا.

حفظِ قرآن: جڏهن پاڻ قرآن شريف حفظ ڪرڻ شروع ڪيائون تہ ان باري ۾ ڪنهن کي بہ خبر نہ هئي. جڏهن پاڻ حفظ مڪمل ڪيائون تہ سندن استاد اچي والدين کي خوشخبري ڏني.

تعليم: پاڻ ابتدائي ديني ڪتاب وقت جي قطب مخدوم محمد عثمانؒ روهڙي شريف وارن کان پڙهيا. انهن جي وفات کانپوءِ حضرت مولانا مولوي عنايت الله لاکير کي سندن پڙهائڻ لاءِ سندن ڳوٺ لونگ تنيو ۾ مقرر ڪيو ويو . پاڻ ان وٽ پڙهي دستار فضيلت ٻڌائون.

علمي قابليت : بنگلاديش جي ڪجھ ديوبندي مولوين حضور پُرنورﷺ جي شخصيت متعلق ڪجھ سوال ڪيا. پاڻ انهن جا جواب انهن جي عالمن جي ڪتابن مان ڏئي انهن کي لاجواب ڪري موٽايائون.

ڪميونسٽس جي سوالن جا جواب : پاڻ 1980ع ۾ تبليغ لاءِ جرمني ۾ ويا. اتي ٻه ڪائنٽ يونيورسٽي جي پروفيسرن سوال ڪيا. چيائون جيڪڏهن توهان پنهنجي جوابن سان اسان کي مطمئن ڪري ويا ته اسان مسلمان ٿيڻ لاءِ تيار آهيون. چيائون نه اسان قرآن کي، نه الله ۽ ان جي رسول کي ٿا مڃون. توهان اسان کي الله ڏيکاريو ته اسان مسلمان ٿيڻ لاءِ تيار آهيون پوءِ حافظ صاحب انهن کي چيو ته توهان اکين جي نور کي مڃو ٿا؟ انسان جي عقل کي مڃو ٿا؟ روح کي مڃو ٿا؟ انگريزن چيو ته هائو، اسان انهن شين کي مڃون ٿا. پاڻ فرمايائون ته اول اِهي شيون ڏيکاريو پوءِ آءُ توهان کي الله ڏيکاريندس. اهو ٻڌي انگريز مسلمان ٿي ويا.

حڪمت : اچانڪ کين حڪمت جو شوق جاڳيو ۽ پنهنجي ڳوٺ جي مشهور حڪيم ۽ نبض شناس حڪيم نور محمد تنيو کان حڪمت سکيا. ايستائين جو حڪمت ۾ کين گهڻي مهارت ٿي وئي. مريض کي ايندي ڏسي ان جو مرض پرکي ويندا هيا. غريبن مسڪينن جو هر وقت خيال رکندا هيا. پنهنجي ڪمپائونڊر کي نصيحت ٻه ڪندا هيا ۽ هر پرچي تي ٻه لکندا هيا ته فيس مناسب وٺجو ۽ جيڪڏهن ڪو ماڻهو نه ڏئي ته ٻه ان کي دوا پوري ڏجو.

بيعت : پاڻ پنهنجي ڳوٺ ۾ مدرسو کوليائون. ٿوري ئي وقت کان پوءِ تقريباً 48-1947ع ۾ ڳوٺ لونگ تنيو جي پيرسان وڏيري الله ڏني ڪمانگر جي ڳوٺ ۾ پير مٺا سائين رحمت الله عليه جي آمد ٿي. حافظ صاحب زيارت لاءِ ويا. ڏسڻ سان سندن زبان مان لفظ الله نڪري ويو.

حافظ صاحب اچي ويو : جڏهن پير مٺا سائينجن جي نظر مٿن پئي ته تقرير دوران فرمايائون "حافظ صاحب اچي ويو آهي." پاڻ اهي لفظ ٻڌي وجد ۾ اچي ويا ۽ پوءِ پير سائين جن بيعت ڪيائون. پوءِ ته اڪثر ڪري پنهنجي مرشد جي خدمت ۾ رهندا هيا.

محبتِ مرشد : پنهنجي مرشد سان بيحد محبت رکندا هيا. پنهنجي ڳوٺ لونگ تنيو کان 25 ميلن جو مفاصلو پنڌ ڪري نور پور شريف ويندا هيا. پاڻ استاد غلام مصطفيٰ تنيو جي رفاقت ۾ مرشد ڪريم جي زيارت ڪرڻ ويندا هيا. گهڻي پنڌ ڪرڻ سبب سندن پيرن ۾ ڦلڪڙا ٿي پوندا هيا. هميشه پنهنجي پير سان وفادار رهيا. تاحيات پنهنجي پير جي محبت ۽ خلوص جي دامن کي ڪڏهن به نه ڇڏيائون. حضرت پير مٺا رحمت الله عليه جي وصال کانپوءِ به سندن ٻچن سان وفادار رهيا ۽ ڪڏهن به درگاهه رحمت پور شريف کان ڌار نه ٿيا.

حضرت پير مٺا سائين قدس سره به ساڻن بيحد محبت ڪندا هيا. حضرت صاحبزاده خليل الرحمان رحمت الله عليه فرمايو ته سندن والد صاحب کين فرمائيندا هيا ته جيئن تون منهنجو پٽ آهين تيئن حافظ به منهنجو روحاني فرزند آهي. ان جو خاص خيال ڪجانءِ.

خلافت : پاڻ فرمائيندا هيا ته مرشدن جي زيارت لاءِ وڃي رهيو هيس ته ميهڙ شهر ۾ هڪ مجذوب مليو جنهن بشارت ڏني ته اڄ اوهان کي خلافت ملندي ان کي قبول ڪندا. پوءِ جيئن پاڻ پهتا ته پير سائين جن کين خلافت جي نوازش فرمائي.

مختلف ملڪن ۾ تبليغ : پير مٺا سائين جن کين حڪم ڏنو ته توهان تبليغ لاءِ بنگال ۽ هندستان وڃو. پاڻ چٽگانگ ۾ هڪ مرڪز کوليائون، جيڪو اڄ به قائم آهي ۽ روزانه مراقبو به ٿيندو آهي. پاڻ سنڌ، پنجاب، سرحد ۽ بلوچستان کان علاوه هر سال 1952ع کان وٺي 1982ع تائين ٽي مهينا تبليغ لاءِ بنگلاديش ويندا هيا جتي اڄ ڏينهن تائين به سندن عقيدتمند آهن. ننڍين ڳوٺن توڙي وڏن شهرن ۾ تبليغ ڪيائون. ان کان علاوه لنڊن، جرمني ۽ سعودي عرب به وڃي دين جو پيغام پهچايائون. انهن ملڪن ۾ سندن عقيدتمند رهن ٿا جيڪي سندن دربار جي حاضري ڀريندا آهن.

صورت ڏسي سالڪ بي حال: سندن صورت سهڻي ۽ نوراني هوندي هئي. سندن چهري ۾ اها چمڪ هئي جو جيڪو ڏسندو هيو انهي کي جذبو ٿي ويندو هو. سندن اخلاق سهڻا هيا ۽ پاڻ هر ڪنهن تي وڏا مهربان هوندا هيا. پاڻ پنهنجن سان ته پنهنجائپ پر دشمنن تي به مهربان هوندا هيا.

سندن چهرو مبارڪ تمام سهڻو ۽ ڪشادو، قد دراز، ڏسڻ وارا ائين چوندا هئا ته واهه قدرت جي ڪاريگري جنهن سائين جو جمال جوڙيو آهن. وري جڏهن وري ڪُلي تي زريءَ وارو پٽڪو ٻڌندا هيا ۽ شيرواني پائيندا هيا ته وڌيڪ حسين و جميل نظر ايندا هيا. هر ڏسڻ وارو ڏسندو ئي رهجي ويندو هيو. سندن اخلاق مبارڪ تمام سٺا هوندا هيا. ڪڏهن به بي جا ڪاوڙ ڪونه ڪيائون. سندن ننڍپڻ جو دوست فقير عبدالله جانوري غفاري ٻڌائيندو هيو ته ننڍپڻ ۾ سائين مال چارڻ ويندا هيا. ڪنهن به هم عمر يار سان ڪا راند روند ڪونه ڪندا هيا بلڪه اڪيون بند ڪري ڪجهه پڙهندا رهندا هيا ۽ ان وقت ڪنهن ڪي به اها جرئت نه ٿيندي هئي جو ڪٺي پڇي ته پاڻ ڇا پڙهي رهيا آهن. پاڻ ڪڏهن به غير اخلاقي ڪم ڪونه ڪيائون.

عاجزي ۽ انڪساري: خليفي هئڻ تي ڪڏهن به ناز نه ڪيائون. ڪڏهن به اهو تاثر نه ڏنائون ته پاڻ پير مٺا جا خليفا آهن. هميشه پاڻ کي عاجز لکندا هيا.

مهمان نوازي: ڪنهن ڏينهن ڪو مهمان يا فقير نه ايندو هو ته پاڻ اداس ٿي ويندا هيا ۽ چوندا هيا ته شايد اڄ الله سائين ناراض آهي. فقيرن ۽ مهمانن جو هميشه خنده پيشانيءَ سان استقبال ڪندا هيا.

سندن معمولات: فجر جي نماز ڪانپوءِ مراقبو ڪرائيندا هيا. اشراق پڙهي پوءِ گهر ويندا هيا. ان ڪانپوءِ گهر وڃي قرآن شريف جو دؤر ڪندا هيا. ناشتي ڪرڻ ڪان پوءِ دواخاني ويندا هيا جيڪو سندن گهر جي ويجهو هيو. ظهر جي نماز مسجد شريف ۾ باجماعت اداڪري، منجهند جي ماني کائي ڪجهه آرام ڪندا هيا. شام جو وري دواخاني تي ويندا هيا. عصر نماز ڪان پوءِ مسجد ۾ ئي ويهي الله جو ذڪر ڪندا هيا يا فقيرن کي تلقين ڪندا رهندا هيا.

جيڪڏهن ڪا مجبوري هوندي هئي تہ پوءِ مسجد شريف کان ٻاهر ايندا هيا نہ تہ عشاء نماز ڪانپوءِ گهر ويندا هيا. جلدي سمهڻ جي ڪوشش ڪندا هيا تہ جيئن تهجد نماز پڙهي سگهجي.

سندن ڪجھ ڪرامتون:

هڪ نہ چار پٽَ: محترم گل محمد تنيو کي اولاد ڪونہ ٿيندو هيو. دعا لاءِ حضرت مخدوم سعدي موساڻي رحمت الله عليہ جي درگاھ شريف ويو. ٽن ڏينهن ڪانپوءِ کيس مخدوم سعدي موساڻي رحمت الله عليہ فرمايو تہ توهان کي شرم نہ ٿو اچي جو اوهان جي ڳوٺ ۾ هڪ ڪامل اڪمل ولي حافظ محمد صالح صاحب موجود آهي ان کي ڇڏي اوهان مون ڏي آيا آهيو. جيڪڏهن پنهنجي مقصد ۾ ڪاميابي حاصل ڪرڻ چاهين ٿو تہ حافظ صاحب وٽ وڃ ۽ دعا ڪراءِ. صبح جو گل محمد پنهنجي گهرواريءَ سان گڏ سائينجن جي خدمت ۾ پيش ٿيو ۽ سموري حقيقت عرض ڪيائون ۽ دعا جي درخواست ڪيائين.پوءِ سندن دعا سان کين چار فرزند ڄاوا جيڪي اڄ بہ حيات آهن.

عقل ۽ عشق : پاڻ فرمائيندا هيا تہ پهريون دفعو جڏهن پير مٺا سائين رحمت الله عليہ حڪم ڪيو تہ اوهان تبليغ لاءِ مشرقي پاڪستان وڃو. ان وقت منهنجي کيسي ۾ صرف 60 رپيا پيا هئا. عقل چيو تہ ڳوٺ وڃ ۽ پئسا ڪپڙا ڪٺي پوءِ سفر جي تياري ڪر پر عشق چيو تہ ٿي سگهي تہ اهو امتحان هجي موڪلڻ وارو بخوبي آگاھ هوندو تہ منهنجي کيسي ۾ ڪيترا پئسا آهن. پوءِ بولان ميل تي لاڙڪاڻي مان چڙهي ڪراچيءَ لاءِ روانو ٿيس. گاڏي دادوپيجي اسٽيشن تي اسٽاپ ڪيو. ان دوران هڪ مجذوب آيو جنهن جي هٿ ۾ هڪ ڪاغذ هو ۽ چئي رهيو هو تہ حافظ محمد صالح غفاري صاحب کي ڪراچي پهچڻ کان پهريائين ڏھ هزار ڏنا وڃن ۽ لکيل ڪاغذ منهنجي طرف ڪيائين تہ وٺو. مون کيس جواب ڏنو تہ فقير صاحب جيڪو مون کي موڪلي رهيو آهي، اهو منهنجي حال کان واقف آهي. مجذوب کلي چيو تہ سائين اوهان وٽ 60 رپيا هيا جن مان اوهان ٽڪيٽ ۽ ماني ڪاڌي آهي. فقط هاڻي اوهان جي کيسي ۾ 52 رپيا آهن. اوهان مشرقي پاڪستان ڪيئن ويندا؟ مان کيس جواب ڏنو تہ انشاءالله ضرور ڪو بلو ٿي ويندو. تون ڳڻتي نہ ڪر.

مجذوب جي هٿ ۾ هڪ لوهہ جو ٽڪرو هيو (جيئن اڄڪلهہ موبائيل آهي) اهو ڪنن تي رکي ڪجهہ گفتگو ڪرڻ لڳو ۽ پئي هٿ ۾ پيو لوهہ جو ٽڪر ڪٽي ڇوڙ لڳو تہ هي آهي ان ماڻهوءَ جي تصوير اوهان غور سان ڏسو، هن کي سڃاڻو؟ چيائين تہ سائين اوهان جو اعتقاد پنهنجي مرشد ۾ تمام حد درجي جو آهي. اوهان فڪر نہ ڪيو پڇي ويندئو ۽ منهنجا اتي بہ مجذوب دوست آهن انهن کي بہ اطلاع ڪري ڇڏيو آهي ۽ اوهان جي تصوير بہ ڏيکاري ڇڏي آهي. اُهي اوهان سان ضرور ملاقات لاءِ ايندا. انشاءالله اوهان کي ڪابہ تڪليف نہ ٿيندي. ان گاڏي ۾ هڪ ميمڻ سيٺ بہ ويٺو هو جنهن جو نالو محمد عمر هو. اهو سائينجن کي پنهنجي گهر ۾ وٺي آيو ۽ سمورو بندوبست ان مهربان ڪيو.

نيٺ مِينهَن مُنهُن ڦرايو: هڪ دفعي اٺ ڏينهن ۽ رات مسلسل مينهن وسندو رهيو. مينهن ايترو وسيو جو ماڻهن جا گهرَ مالَ ڊهي ويا. هر ڪو غمگين پي نظر آيو. پوءِ ماڻهو سندن خدمت ۾ آيا، دعا لاءِ عرض ڪيائون. سندن دعا سان مينهن بند ٿي ويو.

حج: پاڻ هڪ حج ادا ڪيائون.

سندن اقوال:

1. پنج وقتي نماز ۽ جمعہ اصل نہ ڇڏيو.
2. فقيرن کي کپي تہ گهٽ ڳالهائڻ، گهٽ کائڻ ۽ گهٽ سمهڻ جي عادت وجهن ڇو جو اها وڏن بزرگن جي سنت آهي.
3. هر حال ۾ سچ ڳالهائڻ کپي ڇو تہ صادقين جو مرتبو سڀني کان مٿاهون آهي.
4. حلال روزي حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪرڻ گهرجي ۽ هميشہ توڪل تي هلڻ کپي.
5. قرآن مجيد جي تلاوت روزاني ڪئي وڃي ڇو جو اها باعث خير وبرڪت ۽ نجات آهي.
6. هر حال ۾ پنهنجي مرشد ۽ پيران عظام جي ظاهري ۽ باطني پيروي ڪجي.
7. بغض، حسد ۽ ڪيني کان دل کي پاڪ رکجي.
8. مخدوم ٻڄڻ جو خيال بہ دل ۾ نہ آڻجي هميشہ خادم ٿي رهجي.
9. پنهنجو پاڻ کي ٻين کان گهٽ سمجهجي.
10. توبہ استغفار روزانو ڪندو رهجي.

شادي ۽ اولاد: پاڻ هڪ شادي ڪيائون. ڪين هڪ پٽ ۽ هڪ نياڻي ٿي. پٽ ننڍپڻ ۾ ئي وفات ڪري ويو. پنهنجي نياڻي پائڻئي وڏيري بدر الدين جي نڪاح ۾ ڏنائون جنهن مان موجوده سجاده نشين محمد صالح (ثاني) آهي.

سندن مرڪز: جيئن ته پاڻ باقاعده پنهنجو ڪو مرڪز ڪونه مقرر ڪيائون انڪري هر ماڻهو کي ساڻ ڪري درگاهه رحمتپور شريف جي سجاده نشين کان بيعت ڪرائيندا هيا ۽ فرمائيندا هيا ته هڪ مرڪز ڪافي آهي جيڪو درگاهه رحمتپور شريف آهي. اهو ئي سبب آهي جو ڪنهن کي به خلافت ڪونه ڏنائون.

سندن وصال پُر ملال: عصر نماز پڙهڻ لاءِ مسجد شريف ويا. نماز پڙهائڻ ڪانپوءِ مسجد جي محراب ۾ خاموش ٿي قبله طرف منهن ڪري ويهي رهيا. جماعت سمجهيو ته سائين جن ذڪر ڪري رهيا آهن. مغرب جي اذان جو ٽائيم ٿيو. پاڻ اٿڻ جي ڪوشش ڪيائون پر اٿي نه سگهيا ۽ ٿوري وقت ڪانپوءِ وڃي خالق حقيقيءَ سان مليا.

سندن وصال 16 ربيع الآخر 1404هه بمطابق 31 جنوري 1983ع ۾ ٿيو.

سجاده نشين: فقير محمد صالح (ثاني) آهي. سندن بيعت حضرت خواجه عبدالغفار (ثاني) سان آهي. سندن تعليم انٽر آهي. سندن شخصيت هر دلعزيز آهي. هن وقت سندن عمر 19 سال آهي پاڻ خليفه حافظ محمد صالح "حال وارن" امڙ جي طرفان ڏهٽا ٿين ٿا ۽ والد جي طرف کان پوٽا ٿين ٿا. سندن نالو به خليفه صاحب جي نسبت سان آهي. پاڻ جماعت جي سارسنڀال ۽ درگاهه شريف جي مسجد جي امامت به ڪندا آهن ۽ دين جي تبليغ ۽ سلسله عاليه جي ترويج ۾ مصروف عمل آهن. وڏيري بدرالدين جي سربراهي ۾ سندن مزار مبارڪ ڳوٺ لونگ ٽنيو تعلقو ميهڙ ضلعي دادو تي هر مهيني جي هر جمعي تي جماعت گڏ ٿيندي آهي.

عرس مبارڪ: هر سال 16 ربيع الثاني جي ڏينهن ۽ 17 جي رات ڳوٺ لونگ ٽنيو ۾ سندن عرس مبارڪ ملهايو ويندو آهي. جلسي جي خاص صدارت حضرت محمد عبدالغفار (پير مٺا ثاني) مد ظله العالي ڪرڻ فرمائيندا آهن. ان کان علاوه ٻيا به عالم سڳورا ۽ نعت خوان عرس مبارڪ ۾ شرڪت ڪندا آهن.

51 هون خليفو:

حضرت علامہ مولانا مفتي

خليفہ محمد مهيسر

پپري وارا

ناصرُ السُّنة ، قامع البدعة، قاضي ابن قاضي ، مفتي ابن مفتي، علامة محمد مهيسر مدظلہ سندن والد حضرت مفتي الله بخش مهيسر رحمت الله عليہ وقت جا مجيل عالم با عمل ۽ نيڪ انسان هيا. هڪ ڀيري پير مٺا سائين رحمة الله عليه پنهنجي ڪتنب سميت مولوي صاحب وٽ آيا. پاڻ ڳوٺ جي قبرستان ۾ تشريف فرما ٿيا. سڄي قبرستان ۾ هلندا رهيا. پوءِ پاڻ هڪ قبر مبارڪ جي پير ۾ اچي ويٺا. گهڙي ڪن مراقبو ڪيائون. دعا گهري فرمايائون تہ هن قبر واري جو اهو شان آهي جو هن جي صدقي جيڪو بہ هن قبرستان ۾ دفن ٿيندو اهو بخشجي ويندو. اها قبر حضرت مفتي الله بخش مهيسر رحمة الله عليه جي هئي.

حضرت خليفہ محمد مهيسر جي ولادت ڳوٺ پپري تعلقو ميهڙ ضلع دادو 1914ع ۾ ٿي. سندن ننڍپڻ ساڳئي ڳوٺ ۾ گذريو. پاڻ "**نالي منو**" جي لقب سان مشهور آهن. سنڌي فائنل پنهنجي ڳوٺ ۾ حاصل ڪيائون. ديني تعليم مفتي عبدالڪريم مگسي وٽ مدرسہ صوبو خان مگسي ۾ حاصل ڪيائون.

درس و تدريس : پاڻ ڳوٺ پپري ۾ هڪ مدرسي "مدرسہ محمديہ عربيہ دارالعلوم" جو بنياد رکيائون جنهن ۾ ڳوٺ جا طالب ۽ پري پري کان آيل مسافر ديني تعليم حاصل ڪندا هيا. اهي دين جا عالم ۽ حافظ ٿيا.

سندن شاگرد: مولوي محمد قاسم بروهي، مفتي عبدالخالق حسيني خضدار بلوچستان، حافظ مولوي احمد زين مگسي ميهڙ، حافظ نثار احمد ڏهر ميهڙ، مولوي فهيم احمد مهيسر ڪرمي ميهڙ، مولوي علي حسن پنهور حسيني ميهڙ.

تصنيفات: فقہ جي متعلق ڪافي ڪتاب لکيا اٿن جيڪي قلمي آهن. سندن ڪيتريون ئي قلمي فتوائون موجود آهن. اڄ ڏينهن تائين بہ سندن فتويٰ پوري ملڪ ۾ مشهور آهي. هن وقت تائين بہ ڪورٽن جا جج ۽ وڏيرا سندن فتويٰ وٺي پوءِ فيصلا ڪندا آهن.

فقہ جو آبو: مفتي ڪريم بخش مگسي صاحب سندن فرزند احمد زين کي فرمايو تہ ڇچا هن وقت فقہ جو ابو آهي تہ مفتي محمد پيپري وارو آهي. مفتي ڪريم بخش مگسي صاحب جامع مسجد اڪبري ۾ فقہ جو دورو ڪرايو جنهن ۾ پوري سنڌ کان عالم آيا هيا. انهن کي درس ڏيڻ لاءِ پاڻ مفتي محمد ميهسر پيپري وارن کي گهرايائون ۽ پورو رمضان شريف فقہ متعلق درس ڏنائون. هن وقت تائين بہ مشائخ عظام ۽ مفتي حضرات وراثت جي متعلق فتوائون ڪانئن وٺندا آهن.

پير غفاري سان بيعت: پير مٺا سائينجن جي فيض جو ٻڌي درگاهہ رحمتپور شريف پهتا ۽ ساڻن بيعت ڪيائون پوءِ يارهين شريف تي هر مهيني درگاهہ رحمتپور شريف ويندا هيا. هن وقت پيرانہ سالي جي باوجود بہ پاڻ اڪثر درس و تدريس ۽ فتويٰ نويسي ۾ مشغول رهندا آهن.

سهڻي سيرت: سندن صورت سهڻي آهي. پاڻ اعليٰ اخلاق جا مالڪ آهن . فقيرن، طالبن ۽ غريبن مسڪينن سان تمام گهڻي محبت ڪندا آهن.

شادي ۽ اولاد: پاڻ هڪ شادي ڪيائون. ڪين بہ پٽ ۽ ست نياڻيون ٿيون.

1. ڊاڪٽر حبيب الرحمن ميهسر ميهڙ 2. استاد عزيز الرحمن ميهڙ.

حج بيت الله: پاڻ هڪ حج ادا ڪيائون.

هر مهيني جي يارهين تاريخ تي مرشدن جو ڏهاڙو پنهنجي گهر ۾ ملهائيندا آهن.

52 هون خليفو:

حضرت خليفہ
مولانا دُر محمد چانڊيو

الله جو ذاڪر، نعتمن تي شاڪر، ڏکن تي صابر، تهجد گذار ۽ شب بيدار حضرت خليفہ دُر محمد ولد قاضي جان محمد چانڊيو 1913ع ۾ ڳوٺ ڪنب لڳ منگواڻي تعلقہ ميهڙ دادو ۾ ڄاوا. ديني تعليم عربي ۽ فارسي ڳوٺ سيوو چانڊيو لڳ خيرپور ناٿن شاهہ ۾ مولانا مولوي عبدالحليم چانڊيو کان حاصل ڪيائون جيڪو مولانا تاج محمود امروٽي جو مريد هيو.

سندن طالب علمي جا دلچسپ واقعا: پاڻ فرمايائون: هڪ ڏينهن منهنجو استاد پنهنجي مرشد جي زيارت لاءِ پئي ويو تہ مون کي بہ ساڻ وٺي ويو. مون استاد صاحب کي عرض ڪيو تہ "بزرگ کي عرض ڪيو تہ مون کي بيعت ڪري." استاد چيو تہ تون پاڻ عرض ڪر. آخر مان بزرگ جي سامهون عرض ڪرڻ لاءِ ويٺس مگر هيبت سبب ڪجهہ چئي نہ سگهيس. پوءِ بزرگ پنهنجو رومال مون کي ڏئي چيو تہ "ادا طالب هن رومال کي نار تي ڌوئي اچ." مون نار کي هلائي پاڻي ڪڍيو تہ بزرگ صاحب اتي پهچي ويو. چيائين ڇوڪرا رومال مونکي موٽائي ڏي. مون چيو سائين اڃان ڌوتو ئي نہ آهي. چيائين بس موٽائي ڏي. اهو مقصد نہ آهي بلڪہ تون اڃان پِير وٺڻ جي ڪوشش نہ ڪر. اڃان وڃي پڙهہ پوءِ هي بيت پڙهيائين: چوں شمع از پئے علم باید گداخت ۔۔ کہ بے علم نتواں خدا را شناخت

علم جي حصول خاطر شمع وانگر پاڻُ ڳاري ڇڏجي. ڇو جو علم بنا الله جي معرفت ملي نہ ٿي سگهي. پوءِ چيائين پٽ تنهنجو پاڳو رهيل آهي توکي پاڻهين ڪامل مرشد ملندو.

عشق مجازي ۽ عشق حقيقي؟ طالب علمي جو ٻيو واقعو هن طرح بيان ڪيائين تہ جڏهن استاد وٽ مولانا جامي جو ڪتاب زليخا پڙهي رهيو هيس ۽ جڏهن هن بيت تي پهتاسين:

متاب از عشق رو گرچہ مجازی کہ آن بہر حقیقت کارسازی

استاد کان پڇيم تہ عشق مجازي مان مراد ڇا آهي؟ استاد چيو مجازي عشق مان مراد مرشد جو عشق آهي. پوءِ نبي ڪريم ﷺ جو عشق آهي پوءِ حقيقي عشق الله تعاليٰ جو نصيب ٿيندو آهي. مون عرض ڪيو استاد صاحب! عشق هڪ اتفاقي ۽ بي اختياري شيءِ آهي جو ڪنهن حُسن واري شيءِ تي ٿي ويندو آهي. ماڻهو پاڻ زور ڏئي ڪنهن تي عاشق ٿي نہ ٿو سگهجي. اچ ڪلهہ استاد يا مرشد سادن ڪپڙن ۾ ڪراڙپ ڏي مائل انهن سان ڪيئن عشق ٿي پوندو! استاد فرمايو ڪتاب ڪٽي ڳوٺ پوڙن لاڪيرن ۾ حضرت ميان محمود صاحب وٽ وڃ ۽ ان کان وڃي تشريح پڇ. پوءِ آءٌ ڪتاب زليخا کڻي بزرگ وٽ پيش ٿيس. ان بيت جو شرح پڇيم تہ بزرگ صاحب بہ اها ئي تشريح ڪئي اول فنا في الشيخ پوءِ فنا في الرسول پوءِ فنا في الله جو مقام آهي. عرض ڪيم تہ سائين شيخ ناس نڪ ۾ ڏئي ٿو ميرا لتا ڪري ٿو ان تي ڪهڙو عشق ٿيندو؟ حضرت ميان محمود ڪاوڙ ۾ سرخ ٿي ويا ۽ مون کي چماٽ وهائي ڪڍيائون ۽ فرمايائون تہ توکي ڊگهن وارن واريُن ، ڀُورين عورتن سان عشق ڪرڻ جي اجازت وڻي آهي. خبردار! جيڪو اهو عشق ڪندو تہ ان جي اکين ۾ تتل سيهو وڌو ويندو. آءٌ ڏڪارو ٿي موٽي آيس ۽ پڙهڻ ڇڏي ڏنم. ٻن ٽن راتين کان بعد استاد ڪريم جو خواب ۾ سڏ ٿيو تہ در محمد اچ هاڻي محبوب جو ديدار ڪر. پوءِ هڪ اهڙو تہ حُسن جو جلوو نظر آيو جو دل مسرور ۽ مشتاق ٿي پئي. صبح جو استاد وٽ ويس. فرمايائين هاڻي پلا مغز نيڪ اٿئي؟ پڙهہ . پوءِ پڙهڻ ۾ لڳي ويس. ايستائين وٽن پڙهندو رهيس جيستائين استاد صاحب رحلت ڪري ويا.

فرمايائون: پڙهڻ بعد منهنجو جواني جو عروج هيو. نوابن ۽ سردارن جي اوطاقن ۾ آمد رفت ٿي ۽ دنياوي ماحول ۾ اچي ويس. مزيد حصولِ علم جي تڪميل ٿي نہ سگهي.

پير مٺا سائين جي حضور ۾ : فرمايائون : منهنجو والد صاحب قاضي جان محمد لاڙڪاڻي ۾ هڪ نواب صاحب جي بنگلي ۾ رهيل هيو. هڪ ڏينهن فجر نماز جي وقت ڏکڻ طرف کان ريلوي لائن سان اچي رهيو هيو تہ فقيرن جون ذکر جون ضربون ٻڌايائين ۽ ڪڪائين مسجد بہ نظر آيس. بابا سائين کي اها هڪ انوکي ڳالهہ لڳي.

دل ۾ ڪشش پيدا ٿين تہ ان جماعت سان وچي گڏجي نماز پڙهان. پاڻ جيئن مسجد ۾ پهتو تہ ان وقت قطبِ عالم حضرت پير مٺا سائين پاڻ نماز پڙهائي رهيا هيا. نماز کان پوءِ مراقبو ٿيو ۽ ڪجهہ نصيحت بہ فرمايائون. بابا سائين نهايت متاثر ٿيا ۽ سندن بيعت ڪيائون. پوءِ ذڪر فڪر ۾ مست ٿي ويا. ڳوٺ اچي منهنجي چاچي خان محمد ۽ مون کي تيار ڪيائون تہ هلو تہ هڪ ڪامل ولي الله جو ديدار ڪري اچون. پوءِ جڏهن رحمتپور شريف روانا ٿياسين تہ ڳوٺ جي ماڻهن ڏاڍي مخالفت ڪئي ۽ وڃڻ کان روڪيائون. پر اسان ڪنهن جي پرواهہ ڪو نہ ڪئي. جڏهن درگاهہ رحمتپور شريف پهتاسين تہ سبحان الله حضرت جن جي نوراني صورت ڏسي دل ٺري پئي . ننگر جو پٽڙو پيت کاڌم تہ جسماني بيماري بہ ختم ٿي وئي.

خلافت: مولانا در محمد جيئن پير مٺا سائين سان بيعت ٿيا تہ سندن دل جي دنيا بدلجي وئي. اندر ۾ ذڪر الاهي جاري ٿي ويو. سندن محبتن ۽ سچي عقيدت کي ڏسندي پير سائين جن کين خلافت بہ عنايت ڪئي.

تبليغ: پاڻ تمام پُر تاثير تقرير ڪندا هيا. سندن لفظ ماڻهن جي دلين کي موهي وجهندا هيا. ڪاچي جا ۽ لاڙ پار جا هزارين ماڻهو سندن تبليغ سان جماعت غفاريہ ۾ داخل ٿيا. اڪثر ڪري حاجي محمد بخشل سوڍر صاحب سان دعوتن تي ويندا هيا ۽ پنهنجي مرشد جي محبت ۾ شعر چوندا هيا.

تقرير جي تاثير: هڪ ڀيري درياءَ پار ڪنهن شهر ۾ پير مٺا سائين کي دعوت هئي. شهر جو چڱو مڙس صوبيدار صاحب هيو. اهو هٿيار ڪٽي جامع مسجد ۾ آيو تہ هتي پير صاحب کي جلسو ڪرڻ نہ ڏيندا سين. ويچاري دعوتي غريب روئي حضرت جن کي عرض ڪيو تہ سائين زميندار زور وارو آهي، اوهان جلسو نہ ڪيو. سائينجن فرمايو توهان ڳوٺ کان ٻاهر قبرستان جي ڀرسان ميدان تي ڪک وڇائي رات جو جلسو شروع ڪيو. آخر رات جو ان ميدان تي چند فقيرن سان جلسو شروع ڪيو ويو. سائينجن حڪم فرمايو تہ مولوي خليفہ در محمد وعظ ڪري. خليفہ صاحب ڪربلا جو بيان شروع ڪيو. زميندار کي يزيد جي صورت ۾ ۽ پير مٺا سائين کي امام حسين جي صورت ۾ پيش ڪيائين.

زميندار بہ هٿيار بند وني اچي ٻاهران ويٺو. سندن لفظن ۾ ايڏو تہ اثر هيو جو قبرن مان بہ الله الله جو آواز اچڻ لڳو. جيڪو حاضرين خود ٻڌو. پوري محفل وارا دانهُن ۽ روئڻ ۾ بي حال ٿي ويا. پوءِ تہ زميندار ۽ ان جا حمايتي جذبي ۾ ۽ دانهن ۾ شروع ٿي ويا. هٿيار هٿن مان هيٺ ڪري پيين. پٽڪا لهي پيين ڦٿڪن پيا. سڄي مجلس ۾ وجداني ڪيفيت ٿي وئي. نيٺ پير مٺا سائين پاڻي جو گلاس خليفہ صاحب کي پياري وعظ ختم ڪرايو. فجر جي نماز تي زميندار سميت سارو ڳوٺ بيعت ڪري نيڪ صالح بڻجي ويا.

مرشد جي خانوادي سان محبت : ڪين جيئن پنهنجي مرشد سان محبت هئي تيئن مرشد جي گهراڻي سان بہ والهانہ محبت رکندا هئا. پڇاڙي تائين پنهنجي مرشد جي محبت ۾ رڱيل رهيا. پير سائين جن جي رحلت کان پوءِ سندن فرزند ارجمند خواجہ خليل الرحمٰن سان بيعتِ ثانيہ ڪيائون. اختلافن واري دؤر ۾ پورو سال پير جي پاڙي ۾ رحمتپور ۾ رهي پيا. مرشد جي ٻچڙي سان هر ڏک ۾ حامي ۽ مددگار رهيا.

سندن قيمتي قول : پاڻ فرمائيندا هيا تہ مرشد پنهنجن مريدن ڏي پنهنجي قلب کان هڪ روشني انهن جي قلب تي ستيندو آهي پوءِ ڪيترا بي عقل سمجهندا آهن تہ بس هاڻي اسان ڪامل ٿي ويا آهيون پر اهو ڪمال تہ مرشد جو هوندو آهي. پر جڏهن خليفي يا مريد کي مستقل پنهنجو پاڻ اهڙو نور پيدا ٿئي جو جنهن جي بہ قلب تي ستي تہ ان کي منور ڪري ڇڏي تہ پوءِ اهو مسند ۽ شيخي جي لائق آهي ورنہ تہ رڳو پيري ۽ شيخي جو ڍونگ آهي. حقيقي پير اهو آهي جو قرآن شريف جو نور حاصل ڪري ۽ اهو نور قرآن جو ماڻهن جي دل تي ستي جيڪو ٻڌڻ سان ماڻهو قرآن جا عامل بڻجي وڃن.

ڏيک ويک کان پري : پاڻ شهرت ۽ خود نمائي کان سخت بيزار هيا. شيخي پيري کان پري رهندا هيا. جيڪو بہ سندن تقرير کان متاثر ٿيندو هيو تہ ان کي پنهنجي بيعت نہ ڪرائيندا هيا بلڪہ ان کي وٺي پنهنجي مرشد سان بيعت ڪرائيندا هيا.

وصال پُر ملال : پاڻ 83 سالن جي عمر ۾ رجب شريف جي 2 تاريخ 1416ھ ۾ 1995ع ۾ هن فاني دنيا کي الوداع چئي دار البقا جا راهي ٿيا.

انا لله وانا اليه راجعون

سجاده نشين

حضرت علامہ مولانا مفتي
عبد الحليم غفاري

حضرت مولانا خليفہ درمحمد ڪُنبائي رحمة الله عليه جا علمي ۽ روحاني وارث سندن فرزند ارجمند حضرت مولانا مفتي عبد الحليم چانڊيہ مدظلہ العالي آهن. جيڪي نيڪ صورت ۽ نيڪ سيرت عالم باعمل آهن. جيڪي هن وقت دربار رحمت پور شريف ۾ جي مدرسي جا مُدرس آهن. پاڻ موجوده سجاده نشين حضرت پير مٺا سائين ثاني زيد مجده جا استاد آهن.

سندن ولادت آگست 1948 ع ۾ ڳوٺ ڪمب لڳ منگواڻي تعلقو ميهڙ ضلعي دادو ۾ ٿي. سندن نئڊيڻ ساڳئي ڳوٺ ۾ گذريو ابتدائي تعليم قرآن مجيد قاري احمد حسيني ۽ قاري محمد غفاري وٽ پڙهيا. فارسي پنهنجي والد گرامي وٽ پڙهيا درسِ نظامي جي تڪميل حضرت علامہ مفتي عبدالحي رهڙوي وٽ ڪيائون. جن جو مدرسو احياء العلوم غوثيہ ٽرڙي محبت تعلقي ميهڙ ۾ هيو. اهي پنهنجي والد مخدوم محمد عثمان رحمة الله عليه جا شاگرد هيا. اهي پنهنجي والد مخدوم محمد صالح جا اهڙي طرح اهو سلسلو حضور عليہ الصلواة والسلام تائين پهچي ٿو.

تدريس جو شغف: پاڻ تحصيلِ علوم بعد تدريس جو شغل اختيار ڪيو اٿن ۽ ايڪيتاليهہ سالن ڪان درس و تدريس ۾ مصروف آهن. ويهہ سال گاهي مهيسر ميهڙ جي مدرسي ۾ هڪ سال ٻُٽ سرائي درگاهہ پير پنهل تي پڙهايائون. ويهن سالن ڪان درگاهہ عاليہ رحمتپور شريف لاڙڪاڻي جي مدرسي ۾ پڙهائي رهيا آهن.

فتويٰ نويسي : فتويٰ نويسي ۾ پاڻ وڏي مهارت رکن ٿا. دربار تي جيڪي شرعي مسئلا ايندا آهن پاڻ انهن جي باري ۾ علمي ۽ تحقيقي تحريرون لکندا آهن. هن وقت تائين مختلف موضوعن تي تقريبًا ٻہ سو فتوائون جاري ڪري چڪا آهن. ڪافي اهڙيون فتوائون ٻہ وٽن آيون آهن جن جي پاڻ تصحيح ڪئي اٿن.

تصانيف: پاڻ ڪجھ ڪتاب بہ تصنيف ڪيا اٿن. جن مان هڪ ڪتاب ڪرامات غفاري شايع ٿي چڪو آهي. باقي قلمي صورت ۾ آهن جن جي اجا اشاعت نہ ٿي سگهي آهي. انهن ۾:1. فتويٰ اسحاقيہ 2. آيات بينات في ترديد رافضي شبهات.3عورت جي پاڪائي.

سندن شاگرد:

1. حضرت خواجہ عبدالغفار پير مٺا سائين ثاني.

2. مفتي عبدالنبي لانگاه.
3. مفتي انور حسيني ميرو خان.
4. مفتي فيض ٽانڊي .
5. سيد حسن شاھ لاڙڪاڻو .
6. سيد فاروق احمد شاه راشدي.
7. مولانا الله رکيو چانڊيو .
8. مولانا رفيق احمد چانڊيو دادو.
9. مولوي عبدالحميد گاهي مهيسر.

سيرت حليمي: جيئن سندن نالو عبد الحليم آهي تيئن سندن مزاج ۾ رب ڪريم حلم ۽ بردباري جا مڻ رکايا آهن. پاڻ شفيق، مهربان ۽ ساده مزاج انسان آهن. صورت جا سهڻا ۽ با اخلاق شخصيت جا مالڪ آهن ۽ هر وقت درس تدريس جي ڪم ۾ مشغول رهندا آهن. درگاهہ رحمتپور شريف جي جامع مسجد ۾ هر صبح جو قرآن مجيد جو درس بہ ڏيندا آهن ۽ دربار تي اڪثر پاڻ نماز جماعت سان پڙهائيندا آهن. پاڻ هڪ عمرو 2008ع ۾ رجب شريف ۾ ادا ڪيو اٿن. پاڻ شاعري بہ ڪئي اٿن. پاڻ هڪ شادي ڪئي اٿن جنهن مان ڪين ٽي پٽ ۽ ڇهہ نياڻيون ٿيون آهن. سندن اولاد ۾ مولوي عبدالحميد ميھڙ.

2. عبدالوحيد ميھڙ 3. جميل احمد ميھڙ.

53 هون خليفو:

حضرت خليفہ
عبدالسلام چانڊيو
رحمۃ اللہ علیہ

صاحبِ عبادت و رياضت، صاحبِ فيض و سخاوت حضرت خليفہ عبد السلام رحمۃ اللہ علیہ جي ولادت باسعادت سن 1921ع ڳوٺ سم ڪاڇو تعلقہ خيرپور ناٿن شاھ ضلعي دادو ۾ سومر جي رات ٿي، انڪري ڪين "سومر فقير" جي نالي سان سڏيندا هئا. پوءِ جڏهن حضرت محبوب الاهي جي معيت ۾ پير مٺا سائين رحمۃ اللہ علیہ سان دست بيعت ٿيا تہ سائين جن سندن نالو بدلائي عبد السلام رکيو.

تعليم: فائنل ست درجا پڙهيا ۽ ناظره حضرت سيد چٽل شاھ واري مدرسي ۾ پڙهيا.

بيعت: پهريائين حضرت ميان محمود پوڙن لاڪيرن وارن سان بيعت ڪيائون. سندن وصال بعد غفاري سلسلي ۾ شامل ٿيا ۽ پير مٺا سائين ڪين خلافت عطا ڪئي. پير مٺا سائين جي وصال بعد حضرت سهڻا سائين جي صحبت ۾ رهيا انهن جي وصال بعد زندگي جي آخري لمحن تائين حضرت سڄڻ سائين جي حلقہِ ارادت ۾ رهيا.

تبليغ: پنهنجي ڳوٺ سم شريف کان وٺي ڪاڇي جي هر ڳوٺ ۾ پاڻ تبليغ جو سلسلو جاري رکيائون. سندن تبليغ ۽ نصيحتن سان سوين ماڻهو دينادار بنجي ويا. هر اسلامي مهيني جو آخري جمعو پنهنجي ڳوٺ ۾ ملهائيندا هيا. جتي پوري ڪاڇي کان ۽ ساکر ۽ پهاڙي علائقن کان گهڻا ماڻهو سندن خدمت ۾ اچي مستفيد ٿيندا هئا.

وصال: سندن وصال 1994-8-07 بمطابق 27 صفر تي ٿيو.

سجاده نشين: پاڻ ڪثير الاولاد هيا. هن وقت سندن فرزند گرامي مولوي عبد الستار سندن جانشين آهي. جنهن کي حضرت سڄڻ سائين مدظلہ کان خلافت مليل آهي.

54 هون خليفو:

حضرت خليفہ
مشتاق احمد جمالي

صاحبِ فراستِ مؤمنانہ صاحبِ ڪلامِ عارفانہ حضرت خليفہ مشتاق احمد ولد جان محمد جمالي صاحب جو اصل نالو **جيوڻ خان** هيو پوءِ پير مٺا سائين سندن نالو **مشتاق احمد** رکيو ۽ سندن گهرواري جو نالو سگهڙ مان بدلائي حليمہ رکيو. حضرت خواجہ خليل الرحمٰن قدس سره سندن فرزند جو نالو عزيز الله مان ڦيرائي محمد معشوق رکيو. پاڻ 1915ع ۾ ڳوٺ ميان جي ڪنڊي ڪاڇو تعلقو جوهي، ضلع دادو ۾ تولد ٿيا. سندن ننڍپڻ بہ ساڳئي ڳوٺ ۾ گذريو. قرآن شريف پنهنجي ڳوٺ ۾ پڙهيا. پرائمري تعليم پنج درجا بهاولپور لڳ مخدوم بلاول دادو ۾ پڙهيا. پنهنجي ناني مولوي واحد بخش جمالي سان گڏجي درگاهہ دينپور شريف ۾ پير مٺا سائين سان بيعت ڪيائون. سندن محبتن ۽ محنتن کي پرکيندي مرشدن کين خلافت ڏئي ڪاڇو ۽ دادو جي مختلف علائقن ۾ تبليغ ڪرڻ جو حڪم فرمايو. دادو جي ڪيترن ئي ڳوٺن ۽ ڪاڇي جي ويران علائقن ۾ غفاري فيض سان ماڻهن جون دليون رنگي ڇڏيائون. پاڻ پنهنجي علائقي جي ڳوٺ فقير محمد جمالي جي جامع مسجد ۾ امامت ۽ درس و تدريس بہ ڪندا هيا. پاڻ وقت جا بهترين حڪيم بہ هيا. حڪمت جا نسخا خليفہ الله بچايو لغاري جهول واري کان حاصل ڪيائون. 2001ع ۾ ڪجهہ سببن ڪري ميان جي ڪنڊي جي علائقي کان هجرت ڪري نيو ڪراچي خميسو ڳوٺ ۾ سڪونت اختيار ڪيائون. پاڻ هڪ شادي ڪيائون جنهن مان کين بہ پٽ ۽ چار نياٽيون ٿيون. 1. فقير حاجي محمد معشوق جمالي 2. عبداللطيف جمالي. 13 صفر 1429هجري مطابق 2008ع ۾ ڪراچي ۾ سندن لاڏاڻو ٿيو. سندن مزار مبارڪ خميسو ڳوٺ ڪراچي جي قبرستان ۾ آهي.

55 هون خليفو: سراج السالكين تذكرة خليفة نصير الدين

حضرت خليفه
مولانا قاضي نصيرالدين
قريشي الهاشمي

فيض غفاري جو روشن ستارو، مجاهدي ۽ مشاهدي وارو، سالڪن جو رهنما، طالبن جو مقتدا حضرت قاضي نصير الدين بن حضرت مولانا عبدالڪريم قريشي بن احمد علي رحمة الله عليه سندس لقب "**قاضي**" هيو. پاڻ اندازاً 1930ع ۾ ڳوٺ ٽڳا لڳ پيارو ڳوٺ اسٽيشن ضلع دادو ۾ تولد ٿيو.

تعليم: سنڌي فائينل دادو ۾ پاس ڪيائون. پوءِ ٽريننگ ٽيچنگ ڪورس ضيائي ڪاليج ۾ ڪيائون. ديني ۽ روحاني تعليم حضرت پير مٺا سائين وٽ حاصل ڪيائون. تقريباً پنجويهه سال سنڌي استاد رهيا.

بيعت: پاڻ لاڙ ۾ استاد رهيا. هڪ ڀيري ڳوٺ ٽڳا ۾ خليفه سيد اميرالدين شاهه تبليغ لاءِ آيا. ذڪر جي دعوت ڏنائون. پاڻ ان کان ذڪر پڇيائون. پوءِ خواب ۾ ڪين حضرت پير مٺا سائين جو ديدار ٿيو. ڪين فرمايائون تہ اوهان جو حصو اسان وٽ آهي، اسان وٽ اچو. پوءِ پاڻ دينپور شريف پهچي پير مٺا سائين سان بيعت ڪيائون. پوءِ ڪين خلافت بہ عنايت ٿي.

بيعتِ ثانيہ: حضرت پير مٺا سائين رحمت الله عليہ جي وصال بعد حضرت سهڻا سائين رحمت الله عليہ سان بيعت ڪيائون.

بيعت ثالثہ: حضرت سهڻا سائين جي وصال بعد پاڻ حضرت سجڻ سائين سان بيعت ڪيائون.

استقامت: مٿن وڏا آزمائشن جا مرحلا آيا. پرهر موڙ تي پاڻ استقامت جا پيڪر رهيا. مرشد سان سخت محبت هوندي هين. سهڻا سائين فرمائيندا هئا تہ استقامت قاضي صاحب کان سکو. هن مٿان ڪيئي ڏکيا مرحلا آيا مگر پير سان محبت ۾ قوي رهيو آهي.

حليو: پاڻ قداور ۽ سهڻي صورت وارا هيا. صحتمند جسم، چهري تي نورانيت ۽ مسڪراهٽ، نڪ ڏگهو ۽ خوبصورت، چهرو حسين وجميل هين. ڪڏهن ڪڏهن خوشطبعي بہ ڪندا هيا.

تبليغي ايريا: بگ پرڙا ٽڳا، خيرپور ناٿن شاهہ جو علائقو ڪين تبليغي ايريا طور مليل هيو.

شاديون ۽ اولاد: پاڻ تي شاديون ڪيائون ۽ ڪين جملہ تيرهن اولاد ٿيو.

پهرئين شادي: حضرت علامہ مولانا جان محمد قريشي الهاشمي ولد احمد علي قريشي (سيوهڻ شريف وارن) جي نياڻي راحيلہ بيبي سان ڪيائون. جيڪا سندن سڀني سؤٽ هئي. ان مان ڪين جيڪو اولاد ٿيو:

1. شمس الدين: پرائمري استاد رٽائرڊ آهن. پيارو ڳوٺ ۾ رهن ٿا.
2. قمر الدين (قمر الهاشمي) : پاڪستان هائوس مدينہ منوره جا انچارج آهن.
3. روشن الدين: اسٽيٽ لائف انشورنس مان رٽائرڊ ٿيا. هاڻي قاسم آباد حيدرآباد ۾ رهن ٿا.
4. شمشاد بيبي 5. شهناز بيبي 6. ارشاد بيبي.

ٻين شادي: سڪينہ بيبي سان ڪيائون. ان مان ڪين:

7. شبير احمد: ايڪسائيز ڪسٽم ڪراچي ۾ آفيسر آهي. 8. ڪلثوم بيبي.

ٽين شادي: محمد بخش قريشي رحماني نگر سيتا روڊ واري وٽان ڪيائون جيڪا سندن سؤٽ جي نياڻي هئي. انمان ڪين: 9. عبدالڪريم: ڪراچي ۾ انڊسٽري ۾ ملازم آهي. 10. نديم: ڪراچي ۾ رهن ٿا. انهيءَ بيبي صاحبہ مان ڪين ٽي نياڻيون ٿيون.

تعليمات هاشمي: پاڻ بهترين مقرر ۽ سرگرم مبلغ هئا. مالڪ ڪريم ڪين مٺڙي آواز جي دولت سان نوازيو هيو. جڏهن بيان ڪندا هئا تہ ماڻهن جي اکين جا نار جاري ٿي پوندا هئا. بيدين ماڻهو ديندار ٿي پوندا هئا. اڪثر هي شعر پڙهندا هيا:

پنهل يار جيءَ جيار اکين ٺار محمد، ڏاتار لڳ ڏيکار ڪو ديدار محمد.

اي عزيزو لاش منهنجو دير سان نيئي پورجو، عربي ايندو واهر ٿيندو ڪانڌي اچي ڪمزور جو.

پر پنجهوءَ ويهي ڪهڙيون ڪندين ڳالهڙيون، چاچي ماچي مٽيا ور ونيءَ ڏيئي،

خبر نہ پئي تہ ڏاج ڏنائون ڪيترو.

وصال: سندن وصال 17 رمضان 1404هجري بمطابق 16 جون 1984ع ۾ ٿيو.

سجاده نشين

حضرت مولانا قمر الدين
قمر الهاشمي

برڪتن جو بحر، عنايتن جو ڪڪر الحاج قمر الدين الهاشمي "قمر" صورت ۾ سھڻو، اخلاق ۾ اعليٰ، هر دل عزيز آهي. رب ڪريم منجهس ميناج جا مڻ رکايا آهن.

سندن ولادت پنجين مارچ 1952ع ٽنگا ڳوٺ ۾ ٿي.

تعليم: ايم. اي عربي اسلامڪ اسٽڊيز سنڌ يونيورسٽي مان ڪيائون.

يورپ ۾ غفاري فيض: 1998ع ۾ ڪين حضرت سچڻ سائين کان خلافت ملي. ڪراچي ٽول پلازه واري مرڪز ۾ ڪين اسباق عنايت ڪيائون ۽ يورپ ۾ تبليغ لاءِ منتخب ڪيائون. هن وقت تائين الحمد لله سترهن گورا سندن هٿ تي مسلمان ٿيا آهن. پيپلز پارٽي سان ڪين والهانہ انس ۽ الفت آهي. پي پي جي هر دور ۾ ڪين مراعات سان نوازيو ويندو آهي. هن وقت بہ ڪين لنڊن مان بطورِ خاص گهرائي، مدينہ منوره ۾ وائس ڪائونسل انچارج پاڪستان هائوس مدينہ منوره بنايو ويو آهي.

سيرت هاشمي: پاڻ نهايت بي تڪلف خوش طبع، خوش مزاج ۽ خوش طبع آهن. پاڻ ڏڪهي گفتار وارا آهن ۽ سندن گفتار معلومات سان ڀرپور هوندي آهي. مهمان نوازي ۾ پنهنجو مٽ پاڻ آهن. بقول سندن حضرت سهڻا سائين ﷫ جي عرس مبارڪ ۾ خصوصي خطاب سندن هوندو آهي. سندن شمار سچڻ سائين زيد مجده جي قابلِ اعتماد ۽ قرب وارن خليفن ۾ ٿئي ٿو. نعتِ رسول ﷺ سندن روحاني غذا آهي. مدينہ منوره ۾ اڪثر محفل نعت ڪرائيندا آهن، جنهن ۾ پاڪستان جا ناميارا نعت خوان مدعو ڪندا آهن.

شاديون ۽ اولاد: پاڻ ٽي شاديون ڪيون اٿن. جن مان سندن اولاد هي آهي:

1. ذوالفقار علي 2. حسيب 3. صبيب 4. علي عمر هاشمي 5. محمد نبيل هاشمي.

6. ماريہ هاشمي 7. حنا هاشمي 8. حِرا هاشمي 9. منيٰ هاشمي 10. رباب هاشمي.

سندن مهمان نوازي: پاڻ حد درجي جا مهمان نواز آهن. رجب 1431 ھ ۾ جڏهن هن فقير جي مديني منوره حاضري ٿي ته سندن والد كريم حضرت خليفه نصير الدين هاشمي رحمة الله عليه جي باري معلومات حاصل كرڻ لاءِ ساڻن پاكستان هائوس مديني منوره ۾ ملڻ ويس. پاڻ نهايت پر محبت انداز ۾ خنده پيشاني سان انس ۽ الفت سان مواد مهيا كيائون. پوءِ پنهنجي رهائش گاهه تي وٺي ويا. تمام بهترين دعوت كارايائون.

مكتبه ملك عبد العزيز ۾ سنڌي عالمن جا كجهه قلمي كتاب ركيل آهن. مخدوم محمد مراد سيوهاڻي جو كتاب "دفينة المطالب" سلطان الاولياء خواجه محمد زمان لنواري وارن جا كتاب وغيره . انهن جي فوٽو كاپي كرائڻ لاءِ مون سائين قمر هاشمي كي عرض كيو ته مكتبه جي مدير سان كو واسطو هجي. پاڻ پنهنجا كم كار ڇڏي مكتبه تي گڏجي هليا. كم ٿيڻ يا نه ٿيڻ الله جي وس آهي. پر پاڻ گڏجي هلڻ ۽ ڳالهائڻ ٻولهائڻ ۾ بيحد تعاون فرمايائون. آءُ سندن بيحد ٿورائتو آهيان.

اڙي هاشمي صاحب اوهان ته منهنجو ته ساهه ئي سُكائي ڇڏيو !

واپس ورڻ بعد هك ڏينهن هاشمي صاحب كي شكريه جي فون كيم. پاڻ فرمايائين:

دلبر سائين اوهان كيڏا سُٺا آهيو، مِٺا آهيو. پر ائين ته كو نه ٿيندو آهي؟ جيئن اوهان كري ويا. مون اوهان كي پنهنجو سمجهي، پنهنجي كمري ۾ آندو. اتي منهنجي هر شيءِ ركيل هئي. اوهان جي وڃڻ كان پوءِ منهنجي هك شيءِ كونهي.

فون تي سندن اهي لفظ ٻڌڻ سان منهنجو ساهه سُكي ويو. يكدم سندن دعوت، سندن كمرو، پورو منظر اكين اڳيان اچي ويو. يا الاهي خير... او خدايا هي ڇا ٿو ٿيو؟ منهنجي خيالن جو تيز رفتار گهوڙو وٺي جو ڊوڙيو هك لمحي ۾ پنهنجي پوري زندگي كي نهاري ويس. او خدايا ائين ته پوري زندگي كڏهن كو نه ٿيو آهي. چند لمحن لاءِ صفا چُپِ چاپ ٿي ويس. زبان مان لفظ نه نكري آخر همت كري چيم هاشمي صاحب الله خير كري ڇا ٿيو؟؟ هاشمي صاحب وراڻيو اوهان جي وڃڻ كان پوءِ منهنجي دل كونهي. اوهان منهنجي دل كٽي ويا آهيو. پوءِ ته فون جي ٻنهين پاسي

ههههههههه ههههههههههه

ٽي وئي. مون چيو: "اڙي هاشمي صاحب اوهان ته منهنجو ساهه ئي سُكائي ڇڏيو هو".

56 هون خليفو:

حضرت خليفه
سيد عبدالله شاهه

حضرت خليفه سيد عبدالله شاهه ولد مولوي غلام شاهه 1924ع ۾ ڳوٺ ميٺا (حال علي حيدر) لڳ قلجي ضلعو دادو ۾ تولد ٿيا. سندن خاندان سيد هجڻ سان گڏوگڏ ديني علم سان به وابسته هيو. سندن نانيهال پنهنجي اباڻي ڳوٺ ۾ گذريو.

تعليم: قرآن مجيد ۽ ڪجهه ديني ڪتاب پنهنجي والد محترم وٽ پڙهيا. سنڌي فائينل پنهنجي ڳوٺ ۾ ڪيائون. حصولِ تعليم ڪانپوءِ پرائمري استاد ٿيا.

بيعت ۽ تبليغ: دينپور شريف ۾ پير مٺا سائين سان بيعت ڪيائون. مرشدن سان والهانه محبت رکندا هيا. قاضي نصيرالدين جي رفاقت ۾ دادو، جوهي، ميهڙ، خيرپور ناٿن شاهه، لاڙڪاڻو، ميرپور خاص، ٽنڊو الهيار، سامارو، ڪنري، عمر ڪوٽ، ڏگڙي، ٽنڊو، مير پور بٺورو، تلهار، بدين، ماتلي، ٽنڊو محمد خان سجاول ۽ سنڌ جي ڪيترن ئي ڳوٺن، واهڻن ۽ وستين ۾ دين جي تبليغ ڪيائون. سندن محبت، محنت ۽ اخلاص ڪي ڏسندي پير سائين جن ڪين خلافت عطا ڪئي. يارهين جي موقعي تي وڏي جماعت ساڻ ڪري درگاهه رحمتپور شريف ايندا هيا. سندن صحبت ۾ هزارين ماڻهو نيڪ صالح ٿي ويا.

شاعري: پاڻ بهترين شاعر به هيا. پنهنجا شعر درگاهه شريف ۽ مختلف جلسن ۾ به پڙهندا هيا. سندن شاعري جو مجموعو قلمي صورت ۾ محفوظ آهي.

هجرت: 1942ع ۾ پوڙ سبب پنهنجي اباڻي ڳوٺ کي خيرباد چئي مرڪپور دادو ۾ سڪونت اختيار ڪيائون. زندگيءَ جا آخري پساهه مرڪپور دادو جي اسڪول ۾ ڊيوٽي ڪندي پورا ڪيائون.

شاديون ۽ اولاد : پاڻ ٻه شاديون ڪيائون. پهرئين شادي پنهنجي خاندان مان ڪيائون جنهن مان ڪين ست پٽ ۽ هڪ نياڻي ٿي.

1. سيد نور علي شاهه 2. مرحوم سيد احمد شاهه. 3. مرحوم سيد علي مرتضيٰ شاهه.
4. سيد عثمان شاهه 5. مرحوم سيد علي اڪبر شاهه 6. مرحوم سيد علي اصغر شاهه.
7. مرحوم سيد غلام حسين شاهه.

ٻين شادي : مولوي عبدالمجيد لغاري ٽوڙ جوهي ڪاڇو واري جي نياڻي سان ڪيائون. ان بيبي صاحبه مان چار پٽ ۽ چار نياڻيون ٿيون.

1. سيد محمد علي شاهه 2. فقير سيد عبدالرحمٰن ڪرمي 3. مرحوم عابد شاهه.
4. مرحوم عبدالرحمٰن شاهه.

سندن سيئي فرزند مرڪپور دادو ۾ رهائش پذير آهن.

وصال پُر ملال : پاڻ هن فاني جهان ڪي هميشه لاءِ الوداع چئي 13 اپريل 1969ع ۾ مرڪپور دادو ۾ لاڏاڻو ڪري ويا. سندن مزار مرڪپور جي قبرستان ۾ آهي.

سيئي جويَنَ ڏينهَن، جڏهن سَڄڻَ سَفَر هَليا!
رُئان رَهنِ نه سُپرِين، آيَل! ڪَريان ڪِيئَن؟
مُونکي چاڙهي چِيئَن، ويو وَڻجارو اوهِري!

نه سي تڙ هوڙاڪَ، نه وايُون وَڻجارَن جُون!
سَرتيُون سامُوندين جا، اَڄُ پَڻُ چِڪِيَم چاڪَ؛
مارِينِم فِراقَ، پاڙيچِيُون پِريُن جا.

وِيا اوهِري اوءِ، مُونکي ڇڏي ماڳَهين؛
جُڳَن جا جُڳَ ٿيا، تِئان نه موٽيو ڪوءِ!
گُوندرُ مارِيندوءِ، ويچارِي! وِيَن جو.

57 هون خليفو:

حضرت خليفه
حاجي محمد عمر پنهور

حضرت خليفه حاجي محمد عمر ولد محمد عثمان پنهور جي ولادت 1905ع ۾ پيچوها لڳ دادو ۾ ٿي. سندن ننڍپڻ به اتي ئي گذريو. پنهنجي ئي ڳوٺ ۾ سنڌي چار درجا پڙهيا پر غربت سبب وڌيڪ تعليم حاصل ڪرڻ کان قاصر رهيا.

درگاهه رحمتپور شريف ۾ پير مٺا سائين سان بيعت ڪيائون. ڳوٺ جي جامع مسجد ۾ امامت ڪندا هيا. پنهنجي ڳوٺ کان علاوه بوبڪ، پاٽ سعيد آباد، سيوهڻ شريف، دادو ۽ ٻين ڳوٺن، وستين واهڻن ۾ پنڌ ڪري به دين جو پيغام پهچايائون. هڪ دفعي سندن مرشد دعوت تي سندن ڳوٺ پيچوها ۾ به آيا هيا. سندن محبت، دين جي درد ۽ خلوص ڪي ڏسندي مرشد ڪريم کين خلافت سان نوازيو.

سندن اخلاق اعليٰ هوندا هيا. سهڻي صورت وارا، قداور شخص، ڪلي تي سائو پٽڪو ٻڌندا هيا. پاڻ شاعري به ڪندا هيا. ان کان علاوه مختلف موضوعن تي ڪتاب به لکيائون جيڪي قلمي صورت ۾ اجا به محفوظ آهي. سندن شاعريءَ جو هڪ ڏيک :

سنگهارن جي سڪ ۾، ڪيان پئي پڪارون،سري ڪين ساعت، سڄي رات ساريون.
اتم تات تن جي، ناهي ڪنهن ٻين جي، محبت آ مارن جي، مارن ٿيون مياروں.
مارن لاءِ ماندي، پچان روز پانڌي، وريو ڪوڻ وانگي، گوندر منجهه گذاريون.
چوي حاجي عمر، پيچوهو هن ۾ پنهوار، نوري ڪا نظر ڪر، سيد لهه سنڀارون.

پاڻ هڪ شادي ڪيائون. ڪين ٽي پٽ ۽ ٻه نياٽيون ٿيون. 1. مرحوم محمد قاسم 2. علي شير 3. مرحوم علي حسن پنهور. پاڻ هڪ حج ڪيائون. نيٺ هن نيڪ مرد 9 محرم 1405هجري بمطابق 4 آڪٽوبر 1984ع ۾ هن فاني جهان مان لاڏاڻو ڪيو. سندن وصال پنهنجي ڳوٺ ۾ ٿيو، جنازي جي نماز مولوي محمد ابراهيم لاکير غفاري پڙهائي.

58 هون خليفو:

حضرت خليفه
حاجي گل حسن جوکيو

حضرت خليفه حاجي گل حسن جوکيو ولد حاجي خدا بخش جوکيو 1923ع ۾ ڳوٺ حاجي گل حسن جوکيو ڪانوڙ لڳ ميمڻ ڳوٺ ملير ڪراچي ۾ تولد ٿيا. سندن ننڍپڻ به ساڳئي ڳوٺ ۾ گذريو. پرائمري سنڌي فائنل ڳوٺ درساٽي چني ۾ حاصل ڪيائون. وڌيڪ تعليم استاد عبدالرحمٰن جوکيو وٽ گڏاپ ۾ حاصل ڪيائون. پاڻ علائقي جي با اثر شخصيت هئڻ سان گڏوگڏ بهترين زميندار به هيا. تعليم حاصل ڪرڻ کانپوءِ پنهنجي ڳوٺ ۾ زمينن جي سارسنڀال ۾ مصروف ٿي ويا.

بيعت ۽ خلافت: خليفو ڪريم بخش صاحب جڏهن سندن ڳوٺ تبليغ لاءِ آيو ته سندس رفاقت ۾ درگاهه رحمتپور شريف ۾ پير مٺا سائين سان بيعت ڪيائون. پاڻ علائقي ۾ خليفه ڪريم بخش صاحب سان گڏجي تبليغي ڪم ۾ معاون رهيا. سندن محنت، محبت ۽ خدمت کي ڏسي مرشد کيس خلافت ڏني.

مرشد ساڻ محبت: سندن پنهنجي پير سان محبت هوندي هئي ته وري ساڻن به پير مٺا سائين تمام گهڻي محبت ڪندا هيا. سندن فرزند جي بيان موجب پاڻ جڏهن به درگاهه رحمتپور شريف ويندا هيا ته اتي ڪافي ڏينهن رهي پوندا هيا. جڏهن واپس ڳوٺ اچڻ لاءِ سائينجن کان موڪلائيندا هيا ته مرشد کين پاڪر پائي رخصت ڪندا هيا. پير مٺا سائين سندن ڳوٺ گل حسن جوکيو ڪانوڙ ڪراچي ۾ ٻه ڀيرا تشريف فرما ٿيا هيا ۽ سندن گهر ۾ اچي رهندا هيا. پير سائينجن جي وصال کان پوءِ پاڻ حضرت سهڻا سائين جي بيعت ڪيائون ۽ ڪائنس اڪتسابِ فيض ڪيائون.

هيڻن جا همدرد : غريبن جا مددگار ۽ هڏ ڏوکي ۽ همدرد هوندا هيا. سندن صورت سهڻي هئي. پاڻ اعليٰ اخلاق جا مالڪ هيا.

شادي ۽ اولاد : پاڻ هڪ شادي ڪيائون جنهن مان پنج پٽ ۽ نوَ نياڻيون ٿيون. پٽن ۾ :

1. حاجي غلام حيدر ڪانوڙ ڪراچي.
2. مولوي الله بچايو ڪانوڙ ڪراچي.
3. عبدالعزيز جوکيو.
4. منظور علي جوکيو.
5. حاجي عاشق علي جوکيو.

حج ۽ عمرا : پاڻ ٻه حج ۽ سَتَ عمرا ڪيائون. هڪ حج 1952ع ۽ ٻيو حج 1973ع ۾ بحري سفر ڪيائون.

وفات حسرت آيات : 1988 ع ۾ جي رمضان المبارڪ جي ٽين تاريخ هئي. پاڻ مسجد شريف ۾ جمعي جي اذان ڏنائون. دلپذير تقرير به ڪيائون. نماز جمعہ پڙهائي گهر اچي قرآن مجيد جي تلاوت ۾ مشغول ٿي ويا. تلاوت ڪندي سرمبارڪ قرآن تي رکيائون ته پاڻ وڃي پنهنجي رب سان مليا. انا لله وانا اليہ راجعون

سندن مزار مبارڪ ڳوٺ جي جامع مسجد جي پرسان آهي.

وصال کان پوءِ به ! خليفہ صاحب جي وصال کانپوءِ به سندن دل مبارڪ ذڪر ۾ چالو هئي. سندن فرزند جي موجب وصال کان پوءِ اسان ڪراچي شهر ۾ وڏي ڊاڪٽر وٽ کڻي وياسين ته تصديق ڪيون پاڻ بيهوش ته نه آهن پر ڊاڪٽر صاحب ٻڌايو ته ذاڪرن جون دليون الله جي ذڪر ۾ مشغول هونديون آهن.

ساليانو عرس مبارڪ : 3 رمضان المبارڪ تي شايان شان نموني سان ڳوٺ حاجي گل حسن جوکيو لڳ ڪانوڙ پل ملير ڪراچي ۾ ملهايو ويندو آهي.

سجاده نشين : سندن وڏو فرزند حاجي غلام حيدر جوکيو صاحب آهي جيڪي سندن مشن کي جاري ۽ ساري رکيون اچي پيو. پاڻ هڪ شادي ڪئي اٿس جنهن مان ڪيس ٻه پٽ ۽ هڪ نياڻي آهي. 1. نور زمان جوکيو 2. محمد انور جوکيو.

59 هون خليفو:

حضرت خليفه

مولوي ڪريم بخش آڳرو

عالمِ رباني، فيّاضِ روحاني، عارفِ صمداني، خليفه حقاني، حضرت علامه ڪريم بخش آڳرو رحمة الله عليه جو گهراڻو ديني علم سان مالامال ۽ سنڌ جي تاريخ ۾ خاص اهميت رکندڙ آهي. سندن والد علامه عبدالنبي رحمة الله عليه برک عالم هيو. سندن چاچو علامه محمد پريل وقت جو وڏو عالم ۽ مفتي هيو. سندن سؤٽ علامه خان محمد آڳرو به زبردست عالم هيو. [1]

سندن ولادت : ڳوٺ فيض محمد مغل تعلقو ميهڙ ضلعه دادو ۾ ٿي. سندن ننڍپڻ پنهنجي اباڻي ڳوٺ ۾ گذريو.

ديني تعليم : مختلف مدرسن ۾ حاصل ڪيائون. وڌيڪ علم حاصل ڪرڻ لاءِ پنهنجي ڳوٺ کان پيدل سفر ڪري مدرسه اميناڻي شريف ۾ حاصل ڪيائون. اتي ئي دستار فضيلت ٿين. پنهنجي سؤٽ علامه خان محمد آڳري وٽ پڇاڙي ڪبريٰ منطق پڙهيا.

علمي خدمتون : فارغ التحصل ٿيڻ ڪانپوءِ پنهنجي ڳوٺ ۾ درس و تدريس شروع ڪيائون. لاڙڪاڻي ۾ مولانا محمد صالح آگاڻي جي ديني درسگاهه ۾ تدريس جون خدمتون به ڏنائون. بعد ۾ مولوي الحاج محمد ڪامل دونگهو مدني جي مدرسي دونگه لڳ مٺياڻي ۾ به ڪجهه عرصو علمي خدمتون ڪيائون. ان وچ ۾ ڪراچي هجرت ڪري ويا ملير درساڻي چني علائقي ۾ به بطور مدرس رهيا. عبدالصمد بلوچستاني وٽن ڪتاب پورا ڪيا هيا. ان کان علاوه پاڻ گورنمينٽ اسڪول ۾ عربي ٽيچر به هيا.

---

[1] علامه خان محمد آڳرو سندم والد ڪريم استاد ۽ مرشد محبوب الاهي رحمت الله عليه جو استاد هيو. معقولات ۾ وڏي دسترس حاصل هيس.

سندن مشهور شاگرد:

1. مولوي محمد رمضان لاکو صاحب ڪراچي.
2. مولوي شبير احمد لاکو ڪراچي.
3. مولوي محمد ياسين ڪوکر.
4. مولوي شفيع محمد عباسي ڪراچي.
5. مولوي محمد اسماعيل ڇتو دريجي بلوچستان.
6. مولوي لال محمد لاسي ڪراچي.
7. مولوي طالب ڪلي جوکيو پير سرهندي ڳوٺ ڪراچي.
8. مولوي محمد عيسيٰ جوکيو پير سرهندي ڳوٺ ڪراچي.
9. مولوي محمد عثمان سومرو شهداد ڪوٽ.
10. فقير رحمت الله خاصخيلي، حاجي مارو ڳوٺ ڪراچي.
11. مولوي محمد پارس مغل ڪراچي.
12. مولوي محمد احسن مغل در محمد ڳوٺ ڪراچي.

تصنيفات: پاڻ شاعري به ڪيائون ۽ غزل، نعت پڙهندا به هيا. سندن شاعري قلمي صورت ۾ محفوظ آهي. ان کان علاوه پاڻ ڪجهه ڪتاب به لکيائون جيئن:

1. مومنن جو معراج.
2. پيغام حيدري.

بيعت ۽ خلافت: فارغ التحصيل ٿيڻ کان پوءِ مرشد جي تلاش ۾ رحمت پور شريف پهچي حضرت پير مٺا قدس سره سان بيعت ڪيائون. بعد ۾ اتان کين خلافت عطا به ملي.

دين جو درد: پاڻ پري پري جا سفر ڪري دين جو پيغام پهچايائون. بلوچستان، شاهه نوراني، دريجي، لنگهه لوهار، جبلن ۽ مختلف علائقن ۾ وڃي ماڻهن جو اصلاح ڪيائون. ڪراچي جي آسپاس علائقن ۾ به رب جي مخلوق کي شريعت ۽ سنت سان سينگاريائون. تبليغ لاءِ ڪراچي ۾ 1960ع کان ايندا رهندا هيا. انهن علائقن ۾ پاڻ پير مٺا جا پهريان خليفه هيا جن اچي تبليغ جو ڪم ڪيو. پير سائين جن جي به ساڻن تمام گهڻي محبت هوندي هئي. پاڻ مرشدن جي حڪم سان ڪراچي جي مختلف علائقن ۾ پنهنجا مرڪز قائم ڪيائون جيڪي ڪندو ڳوٺ، ملوئي نمبر 6، در محمد ڳوٺ ۽ درساٽو چنو ۾ آهن.

ان کان علاوه پاڻ در محمد ڳوٺ ۾ مدرسہ انوار العلوم محمديہ مجدديہ قائم ڪيائون جتي هر مهيني جي يارهين شريف جو ماهوار پروگرام ڪندا هيا ۽ پاڻ خود انهي مدرسي ۾ درس بہ ڏيندا هيا. 1970ع ۾ در محمد ڳوٺ ۾ مستقل رهائش اختيار ڪيائون. مرشدن جي وصال کان پوءِ پاڻ درس تدريس جو ڪم جاري رکيائون ۽ رمضان شريف جو پورو مهينو تبليغ ڪندا هيا.

شادي ۽ اولاد : محترم ميان رسول بخش آڳرو جي چوڻ مطابق تہ سندن شادي مرشد ڪريم خود ڪرائي هئي جنهن وقت پاڻ درگاهہ شريف تي سڪونت پذير هيا. ان مان کين پنج پٽ ۽ چار نياڻيون ٿيون. پٽن ۾ :

1 مولوي عبدالرزاق عرف محمد پارسا ڪراچي.

2. مولوي محمد مشفق ڪراچي.

3. مولوي احسن مغل.

4. مولوي محمد اعظم ڪراچي.

5. ڊاڪٽر عبدالنبي ڪراچي.

حج اڪبري جي سعادت : پاڻ هڪ حج اڪبري 1983ع ۾ ڪيائون.

سندن لاڏاڻو : پاڻ 12 شوال بمطابق 1995ع ۾ هن فاني دنيا کان لاڏاڻو ڪري هميشہ لاءِ پنهنجي رب سان مليا. سندن وصيت موجب سندن مزار حضرت سيد يوسف شاهہ اميناڻي جي قبرستان لڳ درساڻو چنو ملير ڪراچي ۾ ٺاهي وئي. سندن سالانہ عرس مبارڪ 12 شوال تي شايان شان سان ملهايو ويندو آهي.

سجاده نشين : سندن وڏو فرزند ارجمند حضرت علامہ مولانا خليفہ عبدالرزاق عرف محمد پارسا آهن جيڪي سندن مشن کي جاري ۽ ساري رکيو پيا اچن. پاڻ بہ شاديون ڪيون اٿن جن مان کين چار پٽ ۽ چار نياڻيون آهن.

1. غلام مرتضيٰ 2. محمد عمران 3. محمد سجاد 4. محمد جنيد.

60 هون خليفو:

حضرت خليفه

مولوي ولي محمد ميمڻ

رحمة الله عليه

يگانهءِ روزگار، سالڪِ ڪامگار، عارفِ نامدار حضرت خليفه مولوي ولي محمد ميمڻ ولد حاجي ميمڻ رحمة الله عليه جي ولادت با سعادت 1897ع ۾ جهوڪ شريف لڳ ميرپور بٺورو ضلعي ٺٽي ۾ ٿي. سندن ننڍپڻ ان ئي ڳوٺ ۾ گذريو. پاڻ اڃا ستن سالن جا مس هيا ته سندن والد صاحب جو انتقال ٿي ويو. پوءِ پاڻ پنهنجي ڏاڏي محمد صالح وٽ جهوڪ شريف ۾ رهيا. جڏهن سندن ڏاڏو وفات ڪري ويو ته پوءِ پاڻ پنهنجي ناني ميان حاجي حميد الله وٽ پيلو شهر ۾ رهڻ لڳا.

علم جي اڃ: ابتدائي تعليم پنهنجي ناني ميان صاحب حميدالله وٽ پيلي ۾ حاصل ڪيائون. پيلي ۾ ٽن سالن جي رهائش کان پوءِ پاڻ پنهنجي ناني سان گڏجي جاڙيجا ۾ پنجن سالن تائين سڪونت پذير ٿيا. وري اتان هجرت ڪري گولارچي جي لڳ ڳوٺ ڦتوڻ ۾ رهڻ لڳا. هن ڳوٺ ۾ سندن ناني هڪ ديني درسگاهه جو بنياد وڌو جنهن ۾ پاڻ وڌيڪ ديني علم کان روشناس ٿيا. هتي ڏهه سال رهڻ بعد پنهنجي ناني جي وفات کان پوءِ اتان هجرت ڪري ضلعي ٺٽي جي ميرپور بٺورو شهر ۾ پنهنجي چاچي عبدالرحمن وٽ سڪونت اختيار ڪيائون. وڌيڪ ديني علم جي تلاش ۾ مدرسه هاشميه سجاول ۾ مولوي نور محمد وٽ آيا. هتي پنج سالن تائين تعليم حاصل ڪرڻ کان پوءِ واپس ميرپور بٺورو آيا. ان وقت سندن چاچي پنهنجي نياڻيءَ جو ساڻس نڪاح ڪيو. پر سندن علم جي اڃ اڃا اجهامي نه سگهي انڪري پاڻ ميرپورخاص جي علائقي شادي پلي ۾ اچي مولوي محمد عثمان ڪراني وٽ وجي مزيد علومِ اسلاميه حاصل ڪيائون.

ديني خدمتون: پاڻ بهترين عالم بنجي موٽيا. پوءِ مير پور بٺورو جي مدرسه جامعه اسلاميه نعيميه ۾ مدرس رهيا. جامعه هاشميه سجاول ۾ به مدرس رهيا. ان کان علاوه پين ڪيترن ئي ديني درسگاهن ۾ درس و تدريس ڪيائون.

مٺي پير جي مٺاڻ جو مزو: پاڻ بهترين درسي عالم ۽ محقق هئا. پر ڪين روحاني ۽ باطني علم جي رهبر جي تلاش هئي. ان ڳولا ۾ پاڻ پنجاب ۾ مٺي پير جي دربار عاشق آباد ۾ پهتا. سندن زيارت ڪرڻ سان دل دلبر جي حوالي ڪري ويٺا. اتي پنجويهه ڏينهن رهي پيا. پير مٺا سائين کين بيعت ڪيو ۽ ٿورن ڏينهن بعد تبليغ ڪرڻ جي اجازت به عطا ڪئي. تهان کان پوءِ پاڻ تدريس سان گڏ تبليغ به شروع ڪيائون. ان لاءِ کين لاڙ جو علائقو مليو. پاڻ شاهه ڪريم، جهوڪ شريف، پيلو، دڙو، ميرپور بٺورو، سجاول، جاتي، چوهڙ جمالي، گولارچي، بدين، ٽنو، ڳاڙهو، گهارو ۾ تبليغ ڪري امت مسلمه کي شريعت ۽ سنت سان سينگاريائون. اتان جي رهواسين جا مسئلا به حل ڪندا هيا. ڪافي ويران مسجدن کي آباد ڪرايائون ۽ مدرسن جو بنياد وڌائون. ميرپور بٺوري جي جامع مسجد پلو فقير جو به بنياد وڌائون.

خلافتون: حضرت پير مٺا سائين رحمت الله عليه جي وصال کان پوءِ حضرت خواجه خليل الرحمٰن قدس سره العزيز جي خدمت ۾ به حاضر ٿيندا رهيا. صاحبزاده جي وصال کان پوءِ پاڻ درگاهه ويهڙ شريف ۾ سائين آغا فقير محمد جان جي صحبت اختيار ڪيائون. بعد ۾ کين انهن به خلافت ڏني. ان کان پوءِ درگاهه منٺ ڪمري لاهور ۾ پير ڪرمان والا وٽ پنجويهه ڏينهن رهيا. ان بزرگ به کين خلافت ڏني. بزرگن جو فيض ۽ برڪتون حاصل ڪري پوءِ پاڻ موٽي ميرپور بٺورو ۾ ديني خدمتن ۾ مصروف ٿي ويا. طريقه عاليه چشتيه جو هڪ عمر رسيده بزرگ حافظ عبدالعزيز چشتي رحمت الله عليه جنهن جي عمر 125 سال هئي، بلوچستان مان وٽس ايندو هيو ۽ سندس مسجد ۾ مهينن جا مهينا رهندو هيو. نيٺ ان بزرگ به کين سلسله چشتيه جي خلافت عطا ڪئي. پاڻ روزانو مغرب نماز کان پوءِ چشتي سلسلي جو ذڪر به ڪرائيندا هيا. پاڻ پنهنجي سموري حياتي ۾ نه ڪنهن کي پنهنجو مريد ڪيائون ۽ نه ئي ڪو خليفو مقرر ڪيائون.

سندن علم جو اعتراف: قطبِ عالم حضرت پير مٺا سائين رحمة الله عليه جي تقرير جي ڪسيٽ هن فقير (ڪرم الله) ٻڌي ان ۾ هڪ ئي مجلس چار ڀيرا پاڻ مولانا ولي محمد جي علم جو اعتراف ڪندي فرمائن ٿا تہ: مولوی ولی محمد صاحب وڈا عالم ہے۔

تصنيفات: پنهنجي حياتيءَ ۾ ڪافي ڪتاب لکيائون ۽ شاعري بہ ڪيائون پر اهي اڄ تائين ڇپجي نہ سگهيا آهن.

حج: 1976ع ۾ حج ادا ڪيائون.

شادي ۽ اولاد: پاڻ هڪ شادي ڪيائون جنهن مان کين چار فرزند ۽ پنج نياڻيون ٿيون. سندس وڏس فرزند مولوي عبدالصمد جو انتقال سندس حياتي ۾ ئي ٿي ويو هيو. 2. مولوي عبدالصمد 3. عبدالحليم بدين. 4. جميل احمد ميرپور بٺورو 5. مولوي عنايت الله صاحب.

سندن وصال 1983ع ۾ رمضان المبارڪ جي اٺين تاريخ تي ميرپور بٺورو شهر ۾ ٿيو. سندن مزار شريف جامع مسجد ڀلو فقير ميرپور بٺورو جي ڏکڻ پاسي آهي. سالانہ عرس مبارڪ هر سال 8 رمضان شريف جي رات تي ملهايو ويندو آهي.

سجاده نشين: سندن ننڍي فرزند مولوي عنايت الله صاحب کي سندن سجاده نشين طور مقرر ڪيو ويو. جن ابتدائي تعليم پنهنجي والد وٽان حاصل ڪئي. پوءِ مولوي عبدالعزيز لغاري وٽ موري ۾ عربي فارسي پڙهيا. سندن وصال ڪانپوءِ جامعہ مجدديہ نعميہ ڪراچي ۾ حضرت مفتي عبدالله نعيمي رحمة الله عليه وٽ درس نظامي مڪمل ڪري فارغ التحصيل ٿيا. بعد ۾ پنهنجي اباڻي ڳوٺ ميرپور بٺورو ۾ ديني خدمتون ڪيائون. پاڻ پنهنجي والد صاحب جي نقش قدم تي هلندي ديني خدمتون انجام ڏنائون. مدرسہ جامعہ اسلاميہ نعيميہ ۾ مدرس ۽ مهتمم جي حيثيت سان ڪم ڪيائون. جامع مسجد و عيد گاهہ جي بہ امامت ڪيائون. پنهنجي سموري زندگي دين جي خدمت ڪندي گذاريائون. سندن نالو شهر جي معزز شخصيت طور سڃاتو ويندو هيو. هڪ شادي ڪيائون جنهن مان ٽي فرزند ۽ ٻہ نياڻيون ٿيون. 1. نعمت الله 2. غلام مصطفيٰ 3. ڊاڪٽر مولوي غلام مرتضيٰ

سندن وصال: 09 شوال 1429هہ مطابق 09 آڪٽوبر 2007ع ۾ ميرپور بٺورو ۾ ٿيو. سندن مزار مبارڪ والد صاحب جي مزار شريف جي پير ۾ آهي.

61 هون خليفو: العسل والقند في تذكرة خليفة محمد موسىٰ رند

حضرت خليفه
محمد موسيٰ رند
رحمۃ اللہ علیہ

صاحبِ ڪرامت ، واقفِ راهِ انابت، صاحبِ رشد و هدايت، سالڪِ مسلڪِ محبت حضرت خليفه محمد موسيٰ رند ولد حاجي ليمو رحمۃ اللہ علیہ .

سندن ولادت با سعادت 1928ع ۾ ڳوٺ چام واھ تعلقو ٽنڊو محمد خان ۾ ٿي. پنج درجا پنھنجي ئي ڳوٺ ۾ پڙھيا. ناظره قرآن مجيد ۽ وڌيڪ ڪجھ ديني تعليم مويا شھر ۾ استاد مولوي محمد اسماعيل باگراڻي وٽ حاصل ڪيائون.

بيعت ۽ خلافت: جڏھن پير مٺا سائين مولوي محمد اسماعيل باگراڻي جي ڳوٺ ۾ تبليغ لاءِ آيا ھيا تہ اتي پاڻ سندن بيعت ڪيائون. پوءِ ڪين پير سائين جن خلافت بہ عنايت ڪئي.

تبليغي سرگرميون: خلافت ملڻ بعد بيشمار ڳوٺن ۽ ڀراڙين ۾ وڃي دين جي تبليغ ڪري امتِ مسلمہ جي افراد کي بي ديني جي انڌيري مان ڪڍي سنت ۽ شريعت سان سينگاريائون. يارھين شريف تي مرشد ڪريمن جي زيارت ۽ صحبت لاءِ درگاھ رحمتپور شريف پنھنجي جماعت کي وٺي ويندا ھئا. پير مٺا سائين سان ويھہ سال صحبت ۾ گڏ گذاريائون. پنھنجي مرشد جي محبت ۾ ڪافي شاعري بہ ڪيائون. اھو قلمي مواد اڃا تائين اڻ ڇپيل محفوظ آھي. تبليغ کان علاوه پاڻ ڪيترن ئي علائقن ۾ ٻارڙن کي قرآن شريف بہ پڙھائيندا رھيا. جن علائقن ۾ ھلي وڃي تبليغ ڪيائون انھن ۾ بدين، سيراڻي، اڪري، گولاڙچي، 13 چڪ، 14 چڪ، ڪڙيو گھنور، ٻنورو، سجاول، چار جو ڳوٺ، ٻيڙو ٽالپر، دمدمہ، درياءُ جو ڪڇو، پيلو، دڙو، شاھ ڪريم بلڙي وارو وغيره شامل آھن. پاڻ گھڻا سفر سائين محبوب الاھي رحمۃ اللہ علیہ سان گڏجي بہ ڪيائون.

نوراني ناصح: جيڪي نوان نوان فقير ٿيندا هيا پاڻ انهن ڪي ويهاري الله ۽ ان جي حبيب ﷺ جي محبت جا سبق سيڪاريندا هئا. ان سان گڏ مرشد جي محبت جون ڳالهيون ۽ آداب ٻڌائيندا هيا. پير جي محبت سندن رڳ رڳ ۾ سمايل هئي. پاڻ جماعت ڪي فقه جا مسئلا روحانيت ۽ تصوف جي موضوعن تي عجيب نصيحتون ڪندا هيا. سندن نصيحت اهڙي ته اثرائتي هوندي هئي جو جيڪو به سندن محفل ۾ ويهندو هيو ان جي دل جون ڪيفيتون مٽائي ڇڏيندا هئا.

سندن شاعري: پاڻ بهترين شاعر به هيا. جڏهن دربار رحمتپور شريف پهچندا هئا ته پير سائين جي حويلي شريف جي دروازي تي پنهنجا جوڙيل شعر وڏي محبت مان پڙهندا هئا. پوءِ ته سامعين مٿان به جذب جاري ٿي ويندو هيو. پاڻ اڪثر هي شعر پڙهندا هئا.

منهن مرشد جي تي موتي ڇٽيا ، جهلڪ لائي جنسار وهوا.
جنهن پير نہ سڃاتو سي کهڙا پڙهيا، موڳن نہ ڏنو اسار وهوا.

بيعتِ ثانيہ: قطبِ عالم پير مٺا سائين رحمة الله عليه جي وصال کان پوءِ پاڻ حضرت محبوب الاهي رحمة الله عليه قلبي وروحي فداه سان بيعتِ ثانيہ ڪيائون. انهن بہ ڪين خرقۂ خلافت سان نوازيو. خليفي صاحب پنهنجي پوري زندگي تبليغِ دين ڪي ارپي ڇڏي هئي.


محمد موسیٰ صاحب
٤٨٦
بخدمت فيضدرجت محب الفقراء انيس الغرباء جناب خليفه
بعد السلام عليكم ورحمة الله وبركاته المرام - عزيب نواز هي فقير خليفه مولوي
حبيب الله صاحب توهان جي خدمت ۾ اچي ٿو انجو جيڪو حساب
توهان وٽ هجي سو سمجهي انکي ڏيئي پنهنجي آخرت آزاد ڪرايو
هي ڏيتي ليتي جو حساب ڪتاب ڪان پاڻکي آزاد ڪرائڻ
واجب آهي [illegible] اچي ويندو
تاڪيد [illegible] زياده عرض [illegible] آڪر هيو ته توهان
کان ڪنهن [illegible] ۾ پوليس خرچ ڪرايا [illegible]
توهان جي سمجهي [illegible] توهان ڪنهن [illegible]
ڪنهن سان مقابلو ڪرلو فقير سنجو شيطان جو [illegible]
شيطان [illegible] جماعت ۾
تبليغ [illegible] وقت [illegible] اخلاص سنجو
ڪنهن سان [illegible] الله جي ذڪر ۾ مصروف رهجو
[illegible] زيارت [illegible] فقير الله [illegible] غفاري

خليفي حبيب الله سومري لاڙ ۾ پنيون آباد ڪيون هيون. ان جو حساب رهجي ويو. ان بابت حضرت محبوب الاهي رحمة الله عليه خليفي محد موسيٰ رحمة الله عليه ڪي هڪ ناصحانہ خط لکيو. ان خط جو نقل:



خليفي محمد موسيٰ جا هٿ اکر

محبت جي انوکي ادا: خليفي صاحب کي پنهنجي پير سان نہ صرف روحاني قوي تعلق هيو پر هڪ ڏينهن عرض ڪيائين تہ آءٌ چاهيان ٿو تہ مرشد سان منهنجو مائٽي جو رشتو بہ هجي. پوءِ پنهنجي نياڻي (حليمہ) هديةً پيش ڪيائين، جنهن جو نڪاح حضرت جن پاڻ هن عاجز سان ڪيو.

شاديون ۽ اولاد: پاڻ ٽي شاديون ڪيائون. ڪين ٽي فرزند ۽ ٻہ نياڻيون ٿيون.

1. محمد اشرف. 2. غلام محي الدين. 3. غلام مجدد. 4. آمنہ 5. حليمہ.

سلوڪِ مجدديہ جي تڪميل: خليفي صاحب حضرت محبوب الاهي رحمة الله عليه جي وصال بعد هن فقير ناچيز (ڪرم الله) سان بيعت ڪئي ۽ سلوڪ جي بقيہ اسباق جي دائره لاتعين تائين تڪميل ڪيائين. ڪڏهن ڪڏهن پنهنجي قلب ۽ باطن جون عجيب عجيب ڪيفيتون ۽ قلبي وارداتون هن عاجز سان بيان ڪندو هيو تہ مون کي حيرت بہ ٿيندي هئي ۽ خوشي بہ. هڪ ڏينهن ولايتِ ڪبريٰ جي ٽن دائرن ۽ قوس بابت پڇيائين. هن فقير ڪيس تشريح ڪري ٻڌائي پاڻ چيائين سائين مون کي انهن دائرن جو مشاهدو هِن طرح ڪرايو ويو آهي. سندس تشريح ٻڌي ڏاڍي خوشي ٿي. هڪ ڏينهن بيان ڪيائين تہ ڪيس حضرت محبوب الاهي رحمة الله عليه سُيورِ اربعہ (سير الي الله، سير في الله، سير عن الله بالله ۽ سير في الاشياءِ بالله) پنهنجي توجهات ۽ پنهنجي روحاني معيت ۾ ڪرايا هئا.

خليفي صاحب جون خوبيون جيئن ڏٺيون مون :

❋ هر وقت پاڻ ڪنهن نہ ڪنهن روحاني ۽ باطني ڪيفيت ۾ رهندو هيو.

❋ جڏهن بہ ڪنهن نِجي مجلس ۾ ايندو هيو تہ تصوف بابت پڇندو هيو.

❋ جنهن مجلس ۾ پاڻ ايندو هيو ان محفل ۾ روحانيت ڇانئجي ويندي هئي.

❋ سفر ۾ هن فقير سان گڏ هليو تہ هر رات ڪيس صلواة التسبيح پڙهندي ڏٺم.

❋ خود فرمايائين صحت توڙي بيماري ۾ ديس توڙي پرديس ۾ چاليهہ سالن کان ڪڏهن منهنجي صلواة التسبيح قضا ڪو نہ ٿي آهي.

❋ جڏهن بيمار ٿيو تہ پاڻ کي ڪٽائي اسان وٽ آيو ۽ وفات بہ اسان وٽ ڪيائين.

❋ چيائين دل چوي ٿي تہ پنهنجي پير جي پاڙي ۾ هجان. ان جي مزار مٿان جيڪي انوار وسن ٿا شل انهن جو ذرو مون مٿان بہ پوندو رهي. (الله سندس ان مراد کي پورو ڪيو.

❋ ان علالت جي ڏهاڙن ۾ جنهن مهل بہ آءُ وٽس ويندو هيس تہ ڪو نہ ڪو علمي يا روحاني سوال پڇندو هيو.

❋ پاڻ رقيق القلب هيو. جڏهن بہ عشقِ رسول ﷺ جي ڳالهہ ٻڌندو هيو يا شعر ٻڌندو يا پڙهندو هيو تہ سندس اکيون آليون ٿي پونديون هيون.

وصال پُر ملال: پاڻ 4 شعبان 1404 هہ ۾ دارالفنا کي ڇڏي دارالبقا جو راهي ٿيو. سندن وصيت مطابق درگاهہ فضل آباد شريف ۾ ڪيس دفن ڪيو ويو.

سجاده نشين : سندس ٻيو نمبر فرزند فقير غلام محي الدين ڪرمي دين جي خدمتن ۾ مصروف عمل آهي. ڪافي علائقن ۾ پاڻ تبليغ ڪندو رهندو آهي. هن وقت بدين شهر جي عابد ٽائون جي اقصيٰ مسجد ۾ امام ۽ خطيب آهي. دربار فضل آباد شريف جي جلسن ۾ پنهنجي والد جي جماعت سميت شريڪ ٿيندو آهي.

اولاد : کين هڪ فرزند فقير احمد رضا ڪرمي ۽ پنج نياڻيون آهن.

اَڄُ نـــہ اوطـــاقُنِ ۾، جاڳَـــرُ جوڳِـــيڙَنِ جـــو؛
ســـاري سَناسِـــيُنِ ڪـــي، رُئَنـــدين تـــان رو؛
پَـــسُ! پاريـــان تـــو، لاهُـــوتِي لـــڏي وِيـــا.

62 هون خليفو :

حضرت خليفه
سيد اميرالدين شاهه
رحمة الله عليه

ميدانِ طريقت جو شهسوار، درياءِ حقيقت جو جوهرِ آبدار، صدفِ صداقت جو دُرّ نامدار حضرت سيد امير الدين شاهه رحمة الله عليه . پاڻ عبادت ۽ زهد ۾، تقويٰ ۽ رياضت ۾ پنهنجو مٽ پاڻ هئا. الله جي دين خاطر ڏڳها سفر ڪيائون. سُور سَٺائون، طعنا مهڻا برداشت ڪيائون. پر جيڪا لاتائون سا نڀايائون. نينهن جو ناتو توڙ پڄايائون.

ولادت: سندن ولادت ڪيتي آباد، تعلقو ڪنڊيارو ضلع نواب شاهه (حال نوشهرو فيروز) ۾ 1930ع ۾ هڪ صالح گهراڻي ۾ ٿي. سندن ننڍپڻ انهيءَ ڳوٺ ۾ گذريو.

سندن فرزند گرامي سيد نور مصطفيٰ شاهه جي بقول سندن نسب نامو سيدنا امام حسن رحمة الله عليه کان ٿيندو مولا علي ڪرم الله وجهه الڪريم سان ملي ٿو.







سندن نسب نامي جو خسته حال ڪاغذ . جيڪو سندن ابائي ڳوٺ ۾ رکيل آهي.

شجره نسب: سيد امير الدين شاھ ولد اسماعيل شاھ.
1.زينة الله 2.بن رقم الدين بن 3 بن اسد الله 4.بن رحمت الله، 5.بن نور الله6. بن الله رکيو 7. بن عبدالقادر 8. بن نور شاھ. 9.بن شاھ مقيم10. بن عبدالعالي 11.نورمحمد 12.بن بهاؤالدين.13. بن محمود 14.بن علي والدين 15.بن زين العابدين.16. بن فتح الله 17.بن صدرالدين 18.بن ظهير الدين19.بن شمس الدين.20.بن شمس العارفين 21.بن مؤمن 22.بن مشتاق 23.بن علي .24.بن محمد صالح 25.بن عبدالرزاق 26.بن محي الدين 27. بن ابوصالح28.بن دوست علي 29. بن دائود جوني 30.بن يارن 31.بن عبدالله المحض. 32.بن حسن المثنيٰ 33. بن امام حسن 34.بن علي المرتضيٰ رضي الله عنه . [1]
ديني تعليم: سائين امير الدين شاھ مولوي محمد سليمان ٽرڙي محبت واري جي تقرير ٻڌي ڏاڍا متاثر ٿيا. ان کان پوءِ کين ديني علم حاصل ڪرڻ جو شوق پيدا ٿيو. ان وقت سندن عمر تمام ننڍي هئي. ميهڙ جي آسپاس جي مختلف ڳوٺن ۾ ابتدائي تعليم حاصل ڪيائون. ان کان پوءِ پاڻ عربي فارسي ۽ فقهي تعليم مولانا بشير احمد واڍي وٽ جاڙي ڳوٺ سعدي موساٽي ۾ پڙهيا. پوءِ ٻين مختلف مدرسن ۾ بہ تعليم حاصل ڪيائون.
بيعت ۽ پير سان محبت: پاڻ حضرت سهڻا سائين سان گڏجي درگاھ عاشق آباد شريف ويا. جتي حضرت پير مٺا سائين قدس سره العزيز سان بيعت ڪيائون. پوءِ پاڻ ڪڇي جي علائقي ۾ تبليغ ڪندا رهيا. ايڏي تہ تبليغ ڪيائون جو پير سائين جن راضي ٿي کين خلافت عطا ڪئي. پنهنجي پير سان تمام گهڻي محبت ڪندا هيا. پاڻ درگاھ عاشق آباد پنهنجي گهروارن سميت ڪيتري عرصي تائين ويندا رهيا. جڏهن پير مٺا سائين ڪڇي جي علائقي ۾ ايندا هيا تہ سندن ڳوٺ بہ ايندا هيا.

---

[1] سندن نسب نامي جي تحقيق جي سلسي ۾ 21 جمادي الثاني 1431ھ بروز ڇنڇر ڪنڊياري وياسين جتي سندن هڪ عزيز ڪڇي واري سندن ڳوٺ مان نسب نامو ڪڍي آيو. جيڪو هڪ خستہ حال قلمي ڪتاب تي لکيل هيو. نسب نامي تي ان جو اصل لکيل نہ هيو تہ ڪٿان آندل آهي. نسب نامي جا فوٽو ڪڍياسين. پوءِ جڏهن لاڙڪاڻي ۾ پير مٺا سائين جي ڏوهٽي حضرت سائين ديده دل سان ملاقات ٿي تہ انهن فرمايو تہ امان سائڻ بيان فرمائيندي آهي تہ پير مٺا سائين فرمائيندا هئا تہ امير الدين شاھ سيد آهي. ان جو گهڻو خيال ڪجو.

اولاد جي تعليم : پير سائين جن جي وصال کان پوءِ پاڻ دين جي تبليغ ۽ اولاد جي تعليم خاطر حيدرآباد ۾ هڪ مسجد ۾ پيش امام ٿي رهيا. پنهنجي فرزند سيد نور مصطفيٰ شاهه کي مدرسه احسن البرڪات ۾ ڪجهه وقت پڙهايائون ۽ وڌيڪ پڙهڻ لاءِ مفتي عبدالرحمٰن صاحب ٺٽوي جي مدرسي ۾ داخل ڪرايائون. اتي ئي سندن حفظِ قرآن جي دستار بندي ٿي. خليفه صاحب ڪجهه وقت نواب شاهه ۾ هڪ مسجد ۾ سرڪاري طور مؤذن به رهيا.

علمي صلاحيت: توڙي جو پاڻ قرآن مجيد جا حافظ نه هيا پر قرآن مجيد جو گهڻو حصو کين ياد هيو. فقهه ۾ به وڏي مهارت رکندا هيا.

گهر ۾ دين جو درس : گهر جي ڀاتين کي به فقهي مسائل سمجهائيندا هيا. پنهنجي اولاد کي گهر ۾ پڙهائيندا هيا. پنهنجي فرزند سيد نور مصطفيٰ شاهه کي ٻارهن سيپارا خود حفظ ڪرايا هئائون.

تبليغ : پاڻ ڪيترن ڳوٺن ۽ وستين ۾ وڃي بي دين ماڻهن کي ديندار بنايائون. ڪاڇو ڪنڊي ور، قلجي، پيارو ڳوٺ ۽ ميهڙ جي آسپاس ۾ به تبليغ ڪيائون.

شادي: پاڻ هڪ شادي ڪيائون جنهن مان کين چار پٽ ڏهه نياڻيون ٿيون.

1. سيد محمد شاهه ماتلي 2. مرحوم مولوي سيد احمد شاهه ماتلي 3. سيد نور مصطفيٰ شاهه جيڪي هن وقت عمر فاروق جامع مسجد ماتلي ۾ خطيب آهن. 4. مرحوم احمد شاهه جيڪو ننڍپڻ ۾ فوت ٿي ويو.

سيرت : پاڻ خوبرو، خوش مزاج ۽ خوش خصال هئا. سهڻن اخلاقن وارا ۽ سهڻين عادتن جا مالڪ هيا. ان جي باوجود پاڻ شرعي معاملي ۾ ڏاڍا سخت هوندا هيا.

حج : پاڻ سنه 1980ع ۾ حج ۽ زيارت مدينه منوره جي سعادت ماڻيائون.

سندن يادگيريون : پاڻ پنهنجون يادگيريون لکرايون هين، جيڪي قلمي صورت ۾ سندن اولاد وٽ موجود آهن.

وصال پُر ملال: 30 جولائي 1992ع بمطابق 29 محرم الحرام 1414هه جمع رات ماتلي ۾ پاڻ رحلت فرمايائون. انا لله وانا اليه راجعون

سندن مزار مبارڪ مور مقام ماتلي ۾ آهي.

سجاده نشين: سندن ٽيون فرزند سيد نور مصطفيٰ شاهه آهي جيڪو جامع مسجد عمر فاروق ماتلي ۾ خطيب مدرسه دارالهداية انوار القرآن مجدديه ۾ 1988ع کان مُدرس آهي

سندن تدريسي خدمتون: پاڻ تدريس جي معاملي ۾ تمام گهڻي محنت ۽ جاکوڙ ڪري رهيو آهي. هن وقت تائين وٽس ڀتيهه خوشنصيب حافظِ قرآن ٿي چڪا آهن. نالا هي آهن:

1. سيد محمد ابراهيم شاهه ماتلي
2. سيد نور نبي شاهه ماتلي .
3. حافظ مجنون ڪنڀر ماتلي
4. حافظ عبدالرزاق ڪنڀر ماتلي.
5. حافظ محمد عامر ميمڻ ماتلي
6. حافظ عبدالله پناڻ ماتلي.
7. حافظ محمد جمن ڪنڀر ماتلي
8. حافظ محمد ڪاشف ڪمبوهه ماتلي.
9. حافظ محمد شعيب آرائين ماتلي
10. حافظ محمد سجاد قائم خاني ماتلي.
11. حافظ عبدالباسط پاتولي ماتلي
12. حافظ محمد عاصم قريشي ماتلي .
13. حافظ محمد عامر قريشي ماتلي
14. حافظ محمد ابراهيم ڪمبوهه ماتلي.
15. حافظ عبدالرحمان پناڻ ماتلي
16. حافظ نظام الدين، ڳوٺ ڪرم الله جڳسي.
17. حافظ مختيار احمد جڳسي
18. حافظ محبوب علي سونارو ماتلي.
19. حافظ علي غلام سونارو ماتلي
20. حافظ فيضان شيخ ماتلي .
21. حافظ سعيد احمد شاهه ماتلي
22. حافظ غلام سرور پهنور ڳوٺ حاجي هاشم پنهور
23. حافظ عابد حسين سعيدي ماتلي
24. حافظ محمد حنيف پهنور ڳوٺ حاجي هاشم پنهور
25. حافظ محمد عامر راجپوت ماتلي
26. حافظ محمد وقاص راجپوت ماتلي .
27. حافظ علي احمد پنهور ڳوٺ حاجي هاشم پنهور . 28. حافظ عبدالله پنهور
29. حافظ ممتاز علي ملاح ماتلي.
30. حافظ شهباز علي لغاري ماتلي.
31. حافظ محمد آصف سمون ماتلي.
32. حافظ شان زيب عباسي ماتلي.

پاڻ ٻه شاديون ڪيون اٿن جن مان ڪين پنج پٽ ۽ چار نياڻيون ٿيون آهن.

فرزند: 1. حافظ سيد نور نبي شاهه قادري رضوي 2. مولانا سيد نور محمد شاهه ماتلي 3. حافظ سيد اميرالدين شاهه عرف بابو شاهه 4. سيد خالد مصطفيٰ شاهه 5. سيد محمد مصطفيٰ عرف نالي متو.

سندن خليفو:

حضرت خليفه
الحاج استاد پير بخش
عرف مولانا قاري پير محمد

حضرت سيد امير الدين شاهه جي تبليغي ڪاوشن جو ثمر سندن اولاد سان گڏ سندن خليفن جي صورت ۾ موجود آهي. سندن پيارو خليفو الحاج استاد پير بخش رحمت الله عليه بن محمد عمر سُهارڻ بن محمد بلال سهارڻ ميواٽي به هيو.

سندن ولادت: سنه 1936ع ۾ دين پور ضلع لاڙڪاڻو ۾ ٿي.

آبائي ڳوٺ: محمد عمر سهارڻ ديهه ٺٺ موسيٰ، خيرو ديرو تعلقو ڪنڊيارو، ضلع نوشهروفيروز. سندن والده علاقي جي استاده هئي.

تعليم: مدرسه دارالقرآن ميهڙ ۾ پڙهيا. قرائت قاري خان محمد وٽ نصير آباد ۾ پڙهيا. قاري محمد وٽ دارالقرآن عربيه ميهڙ ۾ به قرائت پڙهيا. حڪيم مولانا رحيم داد رند بلوچ کان حڪمت ۽ علوم اسلاميه حاصل ڪيائون. مولانا بشير احمد غفاري کان شرف تلمذ حاصل ڪيائون.

بيعت: جڏهن درگاهه فقير پور شريف آباد ٿي ته پاڻ دين پور کان فقير پور هجرت ڪيائون. اتي حضرت خليفه جناب سيد امير الدين شاهه سان بيعت ٿيا ۽ خلافت جو خرقو حاصل ڪيائون.

علمي خدمتون: پاڻ دين پور ۾ پيش امام ۽ استاد به رهيا. خاص ڪري حضرت سهڻا سائين جي اولاد کي پڙهائيندا هيا.

سهڻا سائين سان رشتو: سندن ڀاءُ ميان خليفه عبدالله سُهارڻ جيڪي سهڻا سائين رحمة الله عليه جا پيٽويا هيا. سندن ڀائٽيو استاد ميان حاجي محمد بلال ولد محمد صديق سهارڻ

سھٹا سائين جا خليفه آهن جيڪي هن وقت درگاهه فقير پور شريف ۾ انتظاميه جا عهديدار آهن ۽ سچڻ سائينءَ جا پٽ خليفه آهن.

دين جو درد: حضرت مولانا پير بخش مرشد جي حڪم سان تبليغ دين اشاعتِ و ترويج سنت لاءِ پنهنجي زندگي وقف ڪري ڇڏي هئي. ڪوٽڙي مان نڪرندا هيا ته پيادل پنڌ مختلف ڳوٺن شهرن مان تبليغ ڪندي شورا، سال، سونڊا، جهرڪ، ڪندي، ساڪرو، ڳاڙهو، گجو، گهارو ڪان ٿيندا ڪراچي جي مضافات جهڙوڪ ابراهيم حيدري وغيره تائين پيادا ايندا هئا. نه صرف مردن کي پرعورتن کي به تبليغ ڪري ديندار بنائي ڇڏيائون. ميمڻ ڳوٺ ڪراچيءَ جي چوٽاٽي پاڙي ۾ خاص ڪري عورتن ۾ سندن تبليغ جو اثر اڄ به ظاهر آهي جو هر جمعي تي جمعي جي نماز کان پوءِ باقاعده مجلس وعظ ذڪر ۽ روزانو مراقبو ٿيندو آهي.

جڏهن پاڻ پنهنجي خاندان سميت ڪراچي ۾ هجرت ڪرڻ جو ارادو ڪيائون ته سندن ساهرن مان ڪجهه ماڻهو چوڻ لڳا هاڻي ته ايترو پري لڏي ويا آهيو جو هڪ ٻئي جو پيءُ ماءُ ڏيون منهن به ڏسي نه سگهنديون. پر جڏهن سندن سس بيمار ٿي پئي ته پاڻ پنهنجي گهرواريءَ سان سس کي ڏسڻ لاءِ آيا. ان وقت اها غنودگيءَ ۾ هئي. پاڻ پڇيائون ته امان تو مون کي سڃاتو. چيائين هائو. فرمايائون ته تون نالو وٺ ته مون کي پڪ ٿئي.چيائين ته اوهان استاد سڳورا آهيو. مون اوهان کي سڃاتو پر نالو نه ٿي ڪڍان. پاڻ پنهنجي بيبي سڳوريءَ کي پنهنجي سس جي خدمت لاءِ ڇڏي پاڻ واپس ڪراچي آيا. بيبي سڳوريءَ پنهنجي والده جي زندگيءَ جا آخري پندرهن ڏينهن خدمت ڪئي. حالانڪ پهريائين والده وٽ ايترو ڪونه رهي هئي. جڏهن خليفه صاحب پندرهن ڏينهن کان پوءِ بيبي صاحبه کي وٺڻ ويا ته درگاهه سعدي موساٽي وٽ ڪجهه ماڻهو ڪين مليا. انهن چيو ته استاد صاحب توهان اڳتي نه وڃجو ڇو ته توهان جي سس جو انتقال ٿي چڪو آهي، هتي تدفين لاءِ ڪٺي اچي رهيا آهن. پوءِ پاڻ سس جي جنازه نماز ۾ شريڪ ٿيا حالانڪ اتي جا ويجها پيا به مائٽ جنازه نماز ۾ شريڪ ٿي نه سگهيا. اعتراض ڪندڙ جا منهن ننڊا ٿي ويا.

خلفاءِ ڪرام : ننڍي فرزند کان سواءِ مولانا حاجي احمد دل لالاڻي ٺٽو ۽ مولانا غلام حسين الازهري ضلعي خطيب محڪمہ اوقاف ڪراچي غربي کي خلافت عطا ڪيائون.

هجرت : 1972ع ۾ فقير پور مان هجرت ڪري ميمڻ ڳوٺ ملير ڪراچي آيا. اتي دين جي خدمت ڪيائون. 1976ع ۾ اتان ابراهيم حيدري ڪچي پاڙي ۾ سڪونت اختيار ڪيائون. 1978ع کان 1992 تائين چنيسر ڳوٺ ڪراچي ۾ محڪمہ اوقاف حڪومت سنڌ ۾ خطيب و امام رهيا ۽ اتي ئي سڪونت اختيار ڪيائون تانجو اتي انتقال فرمايائون. سندن مزار ميمڻ ڳوٺ ڪراچي جي قبرستان ۾ آهي.

شادي : پاڻ دين پور ۾ شادي ڪئي هئائون . جنهن مان ڪين ٻہ پٽ آهن.

1. حافظ قاري مولانا محمد محمدي: پاڻ عالم با عمل، مجاهد، مبلغ ۽ سياح آهي. جهادِ افغانستان جهاد ايران ۽ عراق جنگن ۾ شامل رهيو آهي.

2. الحاج مولانا مطيع الله سهارڻ صاحب آهي.

سندن وصال : سندن وصال 13 محرم الحرام 1413هہ بمطابق 14 جولائي 1992ع ۾ چنيسر ڳوٺ، ڪراچي ۾ ٿيو. سندن وصيت موجب ميمڻ ڳوٺ جي قبرستان ۾ ڪين دفن ڪيو ويو. جنازه نماز سندن صاحبزاده مُطيع الله صاحب پڙهائي.

سندن سجاده نشين :

الحاج مولانا مُطيع الله سهارڻ صاحب آهن. جيڪي حاجي عبدالله هارون ڪاليج، ڪراچي ۾ پروفيسر آهن ۽ آگرا تاج ڪالوني ڪراچي ۾ رحماني مسجد ۾ خطيب و امام آهن. پاڻ بهترين مقرر ۽ عالم با عمل آهن. سندن لفظن ۾ هڪ عجيب اثر آهي. پاڻ حسنِ اخلاق جا پيڪر آهن.

لاٽَ مان ٻَرنڌِي لاٽَ وئي، اُوندَهہِ جِي ڪنڌِي سَا ڪاٽَ وئي،
واهہ لاٽ تُنهنجي او "پيرَ مٺا" تَي روشنُ راتِ جا ٻَاٽَ هئي.

63 هون خليفو:

حضرت مولانا مولوي خليفه محمد اسماعيل ڏيپر رحمة الله عليه

عارف ۽ عالم ، صوفي ۽ سالم حضرت خليفه محمد اسماعيل ڏيپر رحمة الله عليه ولد فقير محمد يوسف جي ولادت با سعادت سنه 1938ع ڳوٺ پانڌي ڏيپر تعلقه خيرپور ناٿن شاهه ضلع دادو ۾ ٿي. پرائمري پنج ڪلاس پنهنجي اباڻي ڳوٺ ۾ حاصل ڪيائون ۽ ديني تعليم قرآن مجيد محمد بچل چانڊيو وٽ پڙهيا. خيرپور ناٿن شاهه ۾ مولانا يار محمد جويو رحمة الله عليه وٽ عربي، فارسي پڙهيا. درس نظامي جا ڪتاب محبوب الاهي حضرت خواجه محمد الاهي بخش رحمة الله عليه وٽ پڙهيا. ڪجهه تعليم مولانا غلام محمد لغاري ۽ حضرت ميان محمد قاسم مشوري رحمة الله عليه وٽان به حاصل ڪيائون.

تصنيفات: پاڻ شاعري ڪيائون پر اها ڇپيل ناهي. پاڻ هڪ ڪتاب ''تنبيه الضالين هدايت الصالحين'' نالي لکيائون جيڪو پڻ قلمي آهي. ڪتاب "لڳي جِيءَ ۾ جهوري" ۾ سندن ڪجهه سوانحي مواد شايع ٿيل آهي.

مشهور شاگرد: مولوي الله جوڙيو صاحب، مولوي ڏٽي بخش، مقبول لغاري، عبدالرحمن خاصخيلي، مولوي غلام مصطفيٰ ڏيپر، محمد بخش سيال وغيره

بيعت: سڀ کان اول حضرت محبوب الاهي رحمة الله عليه سان بيعت ڪيائون. پوءِ ساڻن گڏجي درگاهه رحمتپور شريف لاڙڪاڻي ۾ ويا اتي حضرت پير مٺا سائين قدس سره العزيز سان دست بيعت ٿيا. محبوب الاهي جي عرضگذاري سان کين خلافت ملي. پير مٺا سائين رحمة الله عليه حضرت محبوب الاهي کي فرمايو ته خليفه محمد اسماعيل توهان کي ائين ڪري ڏيون ٿا جيئن حضرت موسيٰ عليه السلام لاءِ حضرت هارون عليه السلام مددگار هيو.

صورت ۽ سيرت : سندن صورت سهڻي هئي. سندن شخصيت جاذبِ نظر ۽ پرڪشش هئي. پاڻ غريبن جا غمخوار ۽ هيڻن جا همراه هوندا هيا.

بيعتِ ثانيه ۽ تبليغ دين : حضرت پير مٺا سائين جي سانحه ۽ ارتحال بعد پاڻ حضرت محبوب الاهي سان بيعتِ ثانيه ڪيائون. پوءِ خيرپور، ميهڙ، دادو، جوهي، ماتلي، گولارچي، ٽنڊو ڄام، بدين ۽ ٻين گهڻن علائقن ۾ تمام گهڻي تبليغ ڪيائون. لاڙ جي علائقي ۾ به تبليغ ڪري هتان جا ماڻهو ساڻ ڪري خانپور وٺي ايندا هيا. حضرت محبوب الاهي جڏهن 1970_71 ع ۾ تبليغ لاءِ لاڙ ۾ آيا ته خليفو صاحب ساڻن گڏ هيو. جڏهن پاڻ ڳوٺ ٽماڇي جهيجي ۾ تبليغي مرڪز قائم ڪيائون ته مولانا محمد اسماعيل ساڻن شريڪِ تبليغ هيو. محبوب الاهي واپس ويا ته خليفو صاحب ان مرڪز تي سندن جائنشين طور خدمتون سرانجام ڏيندا رهيا. ان دوران پاڻ آسپاس ۾ تبليغ خوب تبليغ ڪيائون. بالآخر پاڻ خانپور کان مستقل هجرت ڪري ٽماڇي جهيجن ۾ سڪونت پذير ٿيا اها سنه 1976 ع جي ڳالهه آهي. ان کان پوءِ پاڻ ماتلي شهر جي جامع مسجد جنت الفردوس ۾ 1984 ع ۾ خطيب مقرر ٿيا ۽ آخري ايام تائين اتي خطيب طور فرائض ادا ڪيائون.

باطني توجهه : جڏهن پاڻ تقرير فرمائيندا هيا ته ماڻهو وجد ۾ اچي ويندا هيا. سندن توجهه سان ماڻهو ائين ٿڙڪندا هيا جيئن ڪڪڙ تڪبير وجهڻ کان پوءِ ٿڙڪندو آهي.

بتي ٻرندي رهي : هڪ دفعي پنهنجي سالي محمد اسلم ڏيپر سان گڏ ڳوٺ محمد قاسم ڏيپر لڳ شاهه واهه ويا. اتي رات جو نصيحت ڪندي ڪافي دير ٿي وئي. بتي جو گاسليٽ به ختم ٿي ويو. بتي وسامڻ لڳي ته پاڻ سالي کي فرمايائون ته پاڻي جو گلاس ڀري ان ۾ وجهه. ان جي چواڻي ته پاڻي جو گلاس ڀري بتي ۾ وڌم ته اها سڄي رات ٻرندي رهي. جڏهن ڏينهن ٿيو فرمايائون ته بتي کي وسايو نه ته اها قيامت تائين ٻرندي رهندي.

شادي ۽ اولاد: پاڻ هڪ شادي ڪيائون جنهن مان کين ڇهه پٽ ۽ تيرهن نياڻيون ٿيون. پٽ: 1. ماستر شبير احمد 2. منير احمد 3. منير احمد4. محمد عرف جاني 5. احمد علي6. عبدالله

سندن وصال : 13 سيپٽمبر 2002 ع مطابق 4 رجب المرجب 1423 هه ۾ جمع جي ڏينهن 3:00 بجي وصال فرمايائون سندن مزار سيد طالب شاه ماتلي جي قبرستان ۾ آهي.

64 هون خليفو:

حضرت خليفه
محمد ايوب چانڊيو

فراستِ مؤمنانه جا صاحب، تقويٰ ۽ خشيتِ الاهي ۾ فائق حضرت خليفه محمد ايوب چانڊيو ولد راهو خان چانڊيو جي ولادت ڳوٺ غيبي ديرو ضلع قمبر علي خان ۾ ٿي. سنڌي فائينل ڳوٺ ۾ حاصل ڪيائون. عربي، فارسي تعليم درگاهه فقير پور ۾ حاصل ڪيائون. مولانا ڪريم داد صاحب جن هئا.

بيعت: پاڻ حضرت خليفه فضل احمد بروهي رحمت الله عليه جي رفاقت ۾ درگاهه رحمتپور شريف وڃي پير مٺارحمت الله عليه سان بيعت ڪيائون. سندن محنت ۽ خدمت ڪي ڏسي مرشدن ڪريمن کين خلافت عطا ڪئي. پوءِ پاڻ اتي غيبي ديري ۾ تبليغ جوڪم شروع ڪيائون.

بيعت ثاني: سندن مرشد جي وصال کان پوءِ پاڻ وڏي خليفي حضرت سهڻا سائين رحمة الله عليه سان بيعت ڪيائون. انهن به کين خلافت جو تاج ڏڪايو. بعد ۾ حضرت سڄڻ سائين مدظله العالي سان بيعت ڪيائون. انهن وٽان به کين خلافت جي نوازش ٿي.

سهڻا اخلاق : سندن اخلاق عجيب هئا. منجهن محبت جو ميناج هيو. پراون کي پل پنهنجو بنائي وٺندا هئا.

تبليغ : پاڻ مرشدن ڪريمن جي حڪم سان لاڙڪاڻو وارهه، باڊهه، نصيرآباد، ميرپور خاص، عمر ڪوٽ، ننگر پارڪر، اسلام ڪوٽ، ڏگهڙي، جُهڏو، نوڪوٽ، ڪنري، ٽنڊو غلام علي وغيره علائقن جا ڏورانهن پنڌ ڪري تبليغ ڪندا رهيا. سندن بيشمار جماعت اڄ به موجود آهي. پاڻ درگاهه الله آباد شريف ۽ طاهر آباد شريف جي مرڪزن ۾ جماعتون وٺي ايندا هيا ۽ ننگر جي خدمت ۾ مالي قرباني به ڏيندا هيا. سندن سوانح جو مختصر احوال درگاهه الله آباد شريف مان شائع ٿيندڙ رسالن ۾ موجود آهي.

هجرتون: پير مٺا سائين جي وصال کان پوءِ پاڻ 1968ع ۾ هجرت ڪري غيبي ديرو کان درگاه فقيرپور ۾ ساڪن ٿيا. 1973ع ۾ حضرت سھڻا سائين رحمت الله عليہ سان گڏجي درگاهہ فقير پور کان درگاه الله آباد ڪنڊيارو ڏانھن هجرت ڪيائون. اتي سندس خدمت ۾ 1981ع تائين رهيا. پوءِ سندن حڪم سان پراڻو دمبالو ميرپور خاص ڏانھن هجرت ڪيائون جتي مرڪز قائم ڪيائون ۽ دين جي اشاعت ۽ تبليغ جي ڪم ۾ مصروف رهيا.

مرڪز: پاڻ مختلف مرڪز قائم ڪيائون جن مان:

1. پراڻو دمبالو شهر ۾ (صاحبزاده مولانا غلام فاروق صاحب)
2. ڏکڙي شهر الله آباد ڪالوني ۾ (حافظ محمد اسلم، مولانا محمد علي آرائين)
3. مدرسہ اطهر العلوم طاهريہ جُهڏو شهر. (مولانا محمد يونس آرائين)
4. نئون دمبالو ۾ جامعہ رضويہ طاهريہ (صاحبزاده مولانا عبدالغفور صاحب)
5. ميرپور خاص شهر (مولانا سرتاج صاحب)
6. آرمي شگر ملز بدين (صاحبزاده قاري خادم حسين چانڊيو صاحب)
7. ڳوٺ مکڻ سمون لڳ ميرپور خاص (مولانا مسعود انور طاهري)

انهن مرڪزن تي اڄ ڏينهن تائين بہ درس و تدريس جو ڪم جاري آهي.

شادي ۽ اولاد: پاڻ هڪ شادي ڪيائون جنھن مان ڪين چار پٽ ۽ پنج نياڻيون ٿيون.

پٽن ۾: 1. صاحبزاده قاري خادم حسين چانڊيو (آرمي شگر ملز بدين)

2. صاحبزاده مولانا عبدالغفور چانڊيو (مدرس جامع رضويہ طاهريہ نئون دمبالو)

3. صاحبزاده مولانا غلام فاروق مدرس (مرڪز پراڻو دمبالو، ميرپور خاص)

4. صاحبزاده عبدالحفيظ چانڊيو (پراڻو دمبالو، ميرپور خاص)

سندن وصال: 22 اپريل 1992ع ۾ سندن مرڪز پراڻو دمبالو ۾ ٿيو. سندن مزار مبارڪ بہ جامع مسجد، پراڻو دمبالو جي پر ۾ موجود آهي جتي هر سال وڏي شان و شوڪت سان سندن عرس مبارڪ ملهايو ويندو آهي.

سجاده نشين: سندن وڏا فرزند صاحبزاده قاري خادم حسن چانڊيو صاحب آهن جي پڻ دين جي خدمت ڪري رهيا آهن. سندن مرڪزن تي ماهوار پروگرام ٿيندا رهندا آهن.

65 هون خليفو:

حضرت خليفه
عاشق محمد سيال

حضرت پير غفاري جو سچو سپاهي، حضرت خليفه عاشق محمد ولد محمد بخش سيال رحمة الله عليه . سندس اصل نالو"**قيصر خان**" هيو پوءِ حضرت پير مٺا سائين رحمت الله عليه سندن نالو عاشق محمد رکيو. پاڻ سنه 1909ع ۾ ڳوٺ مير محمد سيال تعلقو ڪنڊيارو ضلع نوشهروفيروز پرائا (نوابشاهه) ڄاوا. سنڌي پنج درجا پاس ڪيائون. ديني تعليم مولوي نور محمد صاحب وٽ گمبٽ جي پرسان اڳڙا شهر ۾ حاصل ڪيائون.

بيعت: پاڻ حضرت سهڻا سائين سان گڏجي ثواب پور لڳ خانواهڻ ۾ پير مٺا سائين رحمة الله عليه سان دست بيعت ٿيا. پاڻ ابتدائي وقت ۾ ملهه وڙهندا هيا. جڏهن سائينجن جا مريد ٿيا ته دين جي خدمت ۽ تبليغ ۾ مشغول ٿي ويا. سندن محنت، محبت ۽ خلوص ڪي ڏسي حضرت پير مٺا رحمت الله عليه کين دين پور ۾ خلافت عطا ڪئي.

بيعت ثاني: پنهنجي مرشد جي وصال کان پوءِ حضرت سهڻا سائين رحمت الله عليه ۽ پوءِ حضرت سڄڻ سائين مدظله العالي سان به بيعت ڪيائون. سندن اصرار تي حضرت خواجه سهڻا سائين سندن ڳوٺ ۾ ڪافي عرصو ايندا رهيا.

مرشدن جي صحبت: ان دوران سندن شادي به ٿي. پوءِ پاڻ مرشدن سان گڏ درگاهه دين پور، نور پور (ناري) ۽ رحمت پور شريف ۾ به ساٿن گڏ رهيا.

لاڙ ۾: فقير عبدالله بوزدار، حاجي محمد علي بوزدار، حاجي ولي محمد بوزدار پير مٺا سائين کي عرض ڪيو ته سائين اسان جي علائقي ۾ ڪوبه خليفو ڪونهي اسان کي خليفو عنايت فرمايو. پوءِ پاڻ خليفه عاشق محمد رحمت الله عليه کي گهرائي فرمايائون ته توهان تبليغ لاءِ انهن

فقيرن سان گڏجي لاڙ وڃو. مرشدن جي حڪم سان 1953ع ۾ فقيرن سان گڏجي ڳوٺ خان محمد بوزدار ۾ آيا ۽ ان علائقي ۾ تبليغ ڪيائون. 1957ع ۾ سندن دعوت تي مرشد ڪريم ڳوٺ خان محمد بوزدار ۾ تشريف فرما ٿيا ۽ ان ڳوٺ ۾ چاليهه ڏينهن قيام فرمايائون.

مرشدن جي وصال ڪان پوءِ پاڻ وڏيري حاجي امام بخش جوڻيجو جي ڳوٺ ۾ حضرت خواجه محبوب الاهي وٽ ڏهه مهينا رهيا جيڪي سندن دوست هيا. سندن فرزند فقير محمد بخش سيال به حضرت خواجه محمد الاهي بخش رحمة الله عليه جن وٽ ديني تعليم پڙهيو. پوءِ اتان فقيرن سان گڏجي ڳوٺ خان محمد بوزدار 1965ع ۾ اچي رهيا جتي اڄ ڏينهن تائين سندن خاندان سڪونت پذير آهي.

تبليغ: پاڻ مختلف علائقن ۾ تبليغ جو ڪم سرانجام ڏنائون. جيئن ته ماتلي، دمبالو، ٽنڊو سجاول، حيدرآباد، چمبڙ، جهول، ٽنڊو الهيار، رتوديرو، نوديرو، ٻنگل ديرو، شهداد ڪوٽ، قمبر وغيره.

انتظاميه جا رڪن: پير مٺا سائين درگاهه رحمتپور شريف جي انتظاميه جي جيڪا ڪميٽي ٺاهي هئي. سائين عاشق محمد ان جا رڪنِ خاص هئا. فيصلا به ڪندا هئا. جنرل ايوب خان جي دؤر ۾ بي.ڊي جا ميمبر پڻ ٿيا.

حڪم جي تڪڙي تڪميل: هڪ ڀيري درگاهه رحمتپور شريف ۾ پير مٺا سائين جن فقير عاشق محمد پنجابي تي ناراض ٿيا. پاڻ ويٺا هئا. گهڻا فقير به چوڌاري ڦريا ويٺا هئا. پاڻ فرمايائون: عاشق محمد امير الدين ڪٿي آهن؟ عاشق محمد پنجابي ڪي ڪجهه سزا ڏيو. هي دربار تي رهي اهڙا ڪم ڇو ٿو ڪري! عاشق محمد ۽ امير الدين هڪ ٻئي ڪي اشارو ڏنو. جلدي ڪيو وري سائينجن جي ڪاوڙ لهي ويندي. پوءِ عاشق محمد پنجابي ڪي ڀيٽل حلقي مان ڇڪي ٻاهر وٺي ويا. ڏاڍي مار ڏنائونس حضرت صاحب جن جي گفتگو اڃا جاري ئي هئي ته وري اچي حلقي ۾ ويهي رهيا. پاڻ فرمايائون: عاشق محمد امير الدين هي دفعو عاشق محمد ڪي معاف ڪيو ڇو جو اسان جي پير قريشي جو به مريد هيو. پراڻو فقير آهي. آئنده اهڙي غلطي ڪو نه ڪندو. ٻئي چوڻ لڳا: حاضر سائين! حاضر سائين!.......

شادي ۽ اولاد : پاڻ هڪ شادي ڪيائون جنهن مان هڪ پٽ فقير محمد بخش سيال ۽ هڪ نياڻي ٿي.

حرمين شريفين جي زيارت : پاڻ هڪ حج 1981ع ۾ ادا ڪيائون.

سندن وصال : 25 شعبان 1406ھ بمطابق 5 مئي 1986ع ۾ ڳوٺ خان محمد بوزدار ۾ ٿيو. سندن مزار مبارڪ ڳوٺ جي قبرستان ۾ آهي جتي هر سال عرس مبارڪ به ملهايو ويندو آهي. سندن نمازِ جنازه حضرت سجڻ سائين پاڻ ڳوٺ خان محمد بوزدار لڳ طاهر آباد ٽنڊو الهيار ۾ پڙهائي.

سجاده نشين : هن وقت سندن فرزند محمد بخش سيال سجاده نشين آهي. پاڻ 1947ع ۾ ڳوٺ مير محمد سيال ۾ ڄاوا. پنهنجي والد صاحب سان گڏ رحمتپور شريف ۾ رهندا هيا. سندن ننڍپڻ به اتي گذرين. پاڻ پير مٺا سائين، سهڻا سائين ۽ سجڻ سائين سان بيعت ڪيائون. پاڻ پنهنجي والد جي نقش قدم تي دين جي تبليغ ۾ مصروف آهن.

هڪ شادي ڪئي اٿن جنهن مان پنج پٽ ۽ پنج نياڻيون آهن.

1. مولوي محمد محسن ڪنڊيارو 2. محمد اڪرم حيدرآباد 3. محمد احسن طاهر آباد 4. محمد اسلم طاهر آباد 5. محمد افضل طاهر آباد.

خليفي عاشق محمد رحمة الله عليه جي مزار مبارڪ

66 هون خليفو:

حضرت خليفه
محمد علي بوزدار
(سائين لائوڊ وارو)

متوڪل علي الله، عاشق رسول الله ﷺ، ڪامل ولي الله حضرت خليفه محمد علي بوزدار رحمة الله عليه . پاڻ حاجي محمد جا فرزند ارجمند هيا. سندن والد گرامي تمام نيڪ صالح ۽ صوم و صلواة جو پابند هيو. سندن اصل نالو "علي محمد" هيو پوءِ جڏهن پاڻ حضرت پير مٺا سائين رحمة الله عليه سان دست بيعت ٿيا ته انهن سندس نالو تبديل ڪري علي محمد جي بجاءِ **محمد علي** رکيو. فرمايائون نالي ۾ اسم محمد اول هجڻ گهرجي. ان ڪان پوءِ پاڻ فقير محمد علي سڏائيندا هيا.

سندن ولادت با سعادت: تقريباً 1927ع ۾ ڳوٺ خان محمد بوزدار ۾ ٿي. هي ڳوٺ ٽنڊو الهيار ڪان ڏکڻ طرف ستن ميلن جي فاصلي تي واقع آهي جيڪو "ڇارڪي" جي نالي سان مشهور آهي. سندن گهراڻو غريب ۽ مسڪين هيو.

تعليم: سنڌي ٻه درجا ۽ قرآن شريف ٻه پنهنجي ڳوٺ ۾ ماستر ميان عرف محمد نالي وٽ پڙهيا. مسڪيني هئڻ ڪري پاڻ وڌيڪ تعليم حاصل ڪري نه سگهيا. بيعت ڪرڻ ڪان پوءِ پاڻ ابتدائي عربي فارسي جي تعليم درگاهه رحمت پور شريف ۾ حاصل ڪيائون.

گذر سفر: ٻڪريون چاري روز مره جو گذر سفر ڪندا هيا. ڪين اها سنت نبوي ٻه نصيب ٿي جو اسان جي پياري نبي حضور اڪرم ﷺ جن ٻه ننڍپڻ ۾ بي بي حليمه جون ٻڪريون چاريون هيون. جوان ٿيڻ بعد حلال روزي حاصل ڪرڻ خاطر مختلف پورهيا ڪيائون. پهريائين پاڻ پنهنجي چاچي حاجي نالي مٺي جي زمين ۾ ووٽن جو فصل ۽ مرچ وغيره ٻه پوکيائون. ان ڪان علاوه ڪپڙا سبڻ ۽ حڪمت جو ٻه ڪم ڪيائون. الله تعاليٰ سندن هٿ ۾ شفا رکرائي هئي ان ڪري جو ننڍپڻ ڪان وٺي پاڻ صوم و صلواة جا پابند هيا.

اجمير شريف جو سفر: کيس شروع کان ئي الله وارن سان والهانہ محبت هوندي هئي. جڏهن سندن عمر تقريباً پندرهن سالن هئي تہ ڳوٺ مان مرد ۽ عورتن جو هڪ قافلو حضرت خواجہ معين الدين چشتي ﷫ جي عرس پاڪ ۾ شرڪت لاءِ تيار ٿيو. پاڻ بہ ان قافلي سان سفر ڪري خواجہ اجمير شريف جي حاضري ڏنائون. ان زماني ۾ هندستان وڃڻ لاءِ ميرپور خاص کان ٿرپارڪر عمر ڪوٽ کان ٽرين هندستان ويندي هئي.

تلاشِ منزل: پاڻ هميشہ نيڪن ۽ الله وارن سان گهڻي محبت رکندا هيا. سڪرنڊ وارا "ذاڪري پير" اڪثر سندن ڳوٺ ۾ ايندا رهندا هئا اهي زباني ذڪر ڪرائيندا هيا. پاڻ انهن کان زباني ذڪر ورتائون. اهو ڪاهيائون ڪمايائون. پر سندن دل اجا ڪنهن روحاني رهبر جي تلاش ۾ هئي. تانجو هڪ ڏينهن بهاولپور رياست کان هڪ حافظ سندن ڳوٺ آيو جنهن ڳوٺ وارن کي پير مٺا سائين جي سنڌ ۾ آمد جو ٻڌايو. سندن فيض ۽ ڪرامت جو ذڪر ڪيائين. اُهو ٻڌي سندن دل ۾ تڙپ پيدا ٿي. پوءِ پاڻ لاڙڪاڻي ڪهي ويا. جڏهن رحمتپور شريف پهتا تہ صبح واري مجلس برخاست ٿي چڪي هئي. دل ۾ ڏاڍي حسرت ٿين تہ جيڪر ٿورو اول پهچجي ها تہ بزرگن جو ديدار ڪجي ها.

پاڻ زندگي ۾ پهريون پيرو عجيب منظر ڏٺائون جو فقراء ڪي جذبي ۾ نچي رهيا هيا تہ ڪي زمين تي ليٽي رهيا هيا. ڪي روئڻ پيا، ڪن جي پُٺين تي قميص ڪو نہ هئي تہ ڪي دربار عاليہ جي مٽي پنهنجي مٿان وسائي رهيا هيا. پاڻ ڏٺائون اچانڪ حويلي جو دروازو کليو. هڪ سهڻي صورت وارو جوان جنهن جي مٿي تي سهڻي تاج نما ڪلاه مبارڪ تي خوبصورت دستار سجايل هئي، چپن تي من موهيندڙ مسڪراهٽ هئي. ڄڻڪ چوڏهين جي چنڊ زمين تي لهي آيو هيو. ديدار ڪرڻ سان دروازي تي بيٺل عاشقن جي حالت اجا بہ ٻي ٿي وئي. ڏسڻ سان پاڻ بہ دل ڦُرائي ويٺا ۽ پوءِ پير مٺا سائين سان بيعت ڪيائون جڏهن واپس ڳوٺ پهتا تہ اچي پير مٺي جي فيض جون ڳالهيون ڳائڻ شروع ڪيائون. هر هڪ کي سندن دربار تي هلڻ لاءِ دعوتون ڏيڻ شروع ڪيائون.

هاٺي لڳي رڳو يار جي تار، وسريا ٻيا ڪم ڪار،
نہ هجي ڪا ٻي پچار، ان ڪري جو مليو پير غفار،
شيطان ٿيو ذليل و خوار، هاٺي ڪلندا وتن فقير بوزدار.

جذبہ ۽ خدمت: پوءِ پاڻ اڪثر دربار عاليہ تي رهڻ لڳا. مرشد جي رضا خاطر هر وقت لنگر جي ڪم ۾ مشغول هوندا هيا. ڪيڏي مهل مٽي تي تغاري آهي تہ ڪيڏي مهل پاڻ مستري بنجي پيا ديوارون ٺاهن. ڏينهن جو لنگر جو ڪم ۽ رات جو مرشدن جي حويلي مبارڪ جي چوڪي بہ ڏيندا هيا. ڏينهون ڏينهن محبت جي ميدان ۾ مست ٿيندا ويا تانجو پنهنجي پير جي شان ۾ ڪافيون، غزل ۽ منقبتون ٺاهيائون جيڪي پاڻ پنهنجي مرشد جي دروازي تي ويهي پڙهندا هيا. نہ صرف پاڻ پر سندن والدين، ڀائر، ڀينرون، سوٽ، ماسات، چاچا، چاچيون تقريباً سڀ رشتيدار طريقہ عاليہ نقشبنديہ غفاريہ ۾ شامل ٿي نعمت عظمیٰ سان ڀرپور ٿيا.

پير جي پاڙي ۾: سندن ان والهانہ محبتن کي ڏسي پير سائين جن کين رحمتپور شريف ۾ رهڻ لاءِ پلاٽ عنايت ڪيو. جيڪو مسجد جي ڏکڻ طرف خليفہ سائين نصيرالدين شاهہ صاحب جي گهر جي متصل هيو.

واچ جو پٽو: پاڻ فرمائيندا هيا تہ هڪ دفعي منهنجو ميرپور خاص وڃڻ ٿيو. اتي هڪ سٺي گهڙي ڏٺم جنهنجو پٽو رنگارنگي ۽ تمام سٺو هيو. دل چيو تہ اها مرشدن جي لاءِ خريد ڪيان. پوءِ اها خريد ڪري پير سائين جن جي خدمت ۾ پيش ڪيم. پاڻ گهڙي ڏسي خوش ٿيا ۽ فرمايائون تہ :

حاجی صاحب فقیر دے کول گھڑیاں بہوں ھن باقی اھندا پٹا ہے اھو میڈی گھڑی وچ پا ڈیوو۔

يعني اسان وٽ گهڙيون گهڻيون آهن صرف هن گهڙي وارو پٽو اسانکي اسان جي گهڙي ۾ وجهي ڏيو. پوءِ پاڻ اهو پٽو ان گهڙي مان سندن واچ ۾ وجهي ڏنائون.

خلافت: پاڻ سرگرم مبلغ اسلام هيا. حضرت پير مٺا قدس سره العزيز بہ قدر شناس هوندا هئا. سندن محبت ۽ عقيدت ڏسي جلدي کين خرقہ ۽ خلافت عطا فرمايائون.

لائوڊ وارو سائين: تبليغ دوران پاڻ سيلن وارو لائوڊ ساڻ کڻندا هيا جنهن ڪري پاڻ ٺٽي ضلعي ۾ "سائين لائوڊ وارو" جي لقب سان مشهور هئا. اڪثر ماڻهن کي سندن نالي جي بہ خبر نہ هوندي هئي.

تبليغ ۽ آواز ۾ اثر: الله تعاليٰ سندن آواز ۾ تمام گهڻو اثر ۽ ميناج رکايو هيو.

پاڻ اڪثر فجر جي وقت نصيحت پريا شعر ۽ پٽائي ﷫ جا بيت پڙهندا هيا. هڪ اسر جو رحمت ڀريو وقت وري آواز بہ هڪ اهلِ دل، اهلِ ذڪر، عاشقِ رسول ۽ خائفِ خدا ٻانهي جو پوءِ سندن منڙي ٻولي ماڻهن جي دلين ۾ گهاءُ ڪري ويندي هئي. ماڻهو ننڊ مان بيدار ٿيندا مسجد شريف ڏانهن نماز لاءِ پهچندا ويندا هيا.

پاڻ سنڌ جي مختلف شهرن، ڳوٺن ۽ بستين ۾ وڃي دين جو پيغام پهچايائون. ڪراچيءَ کان ڪيٽي بندر ۽ ڪاروڃاڻ تائين، جنگشاهي کان سپرهاءِ وي تائين، ڪوهستان جي علائقي ۾، ٺٽو، حيدرآباد، شاهہ ڪريم، بدين، ٽنڊو محمد خان، سانگهڙ، ميرپور خاص ۽ ٻين علائقن ۾ حق جو پيغام پهچائڻ لاءِ پاڻ پتوڙيائون. سندن بيان پُر اخلاص ۽ هر لالچ لوڀ کان پاڪ هوندو هيو. جڏهن درد ڀريو بيان ڪندا هيا تہ سندن نيڻن مان لڙڪ ڪري پوندا هيا. سندن بيان ٻڌندي ماڻهن جي ڪيفيت متجي ويندي هئي. دل ۾ گناهن تي پشيماني پيدا ٿي پوندي هئي. سندن خاص موضوع "**خدا جو خوف**" هوندو هيو. جنت، دوزخ، موت، سڪرات ۽ قيامت جا ڀيانڪ منظر ٻڌائيندي ماڻهن جي دلين تي اثر انداز ٿيندا هئا. سندن لفظن ۾ ايڏو تہ اثر هوندو هيو جو ٻڌڻ وارا بي خود اوڇنگارون ڏئي روئندا هيا. هڪ ڀيري ڪوهستان جي مالماڙي جي ڳوٺ ۾ اهڙي تہ پُرسوز ۽ پُر درد تقرير ڪيائون جو مرد توڙي عورتون گريہ زاري ڪرڻ لڳيون. ان ڳوٺ جو هڪ عمر رسيده ديوبندي مولوي سندن وعظ ٻڌي تمام گهڻو متاثر ٿيو پوءِ سلسلہ عاليہ ۾ داخل ٿي ذڪر ورتائين.

حڪمت عملي: فجر نماز کان اڳ ۽ پوءِ نصيحت جاري رکندا هيا. مراقبو بہ ڪرائيندا هيا. پاڻ فرمائيندا هيا جيڪڏهن دعا گهرندا سون تہ ڪي ماڻهو ڀڄي ويندا ان ڪري دعا کي مؤخر ڪندا هيا.

تقويٰ: پاڻ تقويٰ جو خاص خيال رکندا هيا. جڏهن تبليغ تي نڪرندا هيا تہ شهر مان چٽا خريد ڪري گهر ۾ ان مان ڀڳڙا ٺهرائي پاڻ سان کڻندا هيا. گهڻو ڪري بي نمازي جي هٿ جي پچايل ماني بہ نہ کائيندا هيا جنهن ڪري پاڻ تمام ڪمزور ۽ ڏٻرا ٿي ويا هيا.

پاڻ فرمائيندا هيا تہ سفر دوران ڪئي دوست محبت سان ڪڪڙ جي پاڄي تيار ڪري کڻي ايندا آهن اسان جي دل تي وڏو بار ٿي پوندو آهي ۽ پاڻ ڪڪڙ جي بجاءِ سبزي وغيره کي پسند ڪندا هيا. ان ڪري جو صحيح طرح ڪڪڙ کهڻ کان اڪثر ماڻهو ناواقف هوندا آهن. انڪري فرمائيندا هيا تہ جيڪڏهن اڳ ۾ ئي ٿا ماڻهن کي ڪڪڙ کهڻ جو مسئلو ٻڌايون تہ خبر نہ آهي الائي ڇا سمجهن. چوندا تہ مولوي صاحب کي ڪڪڙ کائڻ جو شوق آهي تڏهن ٿو اهڙا مسئلا بيان ڪري.

ڪڏهن بہ سوال نہ ڪيائون: ڪڏهن بہ ڪنهن کان ڪنهن شيءِ جو سوال هرگز نہ ڪندا هيا. ڪهڙي بہ سخت سردي هوندي هئي تنهن هوندي بہ گرم پاڻي جو ڪنهن کي نہ چيائون. اگر وهنجڻ جي ضرورت هوندي هين تڏهن بہ گرم پاڻي جو ڪنهن کي نہ چوندا هيا. ڪٿي وهندڙ پاڻي يا مَٽن جي تيز ٿڌي پاڻي سان غسل ڪري ڇڏيندا هيا پر سوال هرگز نہ ڪندا هيا.

پاڻي تي سحري: پاڻ اڪثر ڪري نفلي روزا بہ رکندا هيا. هڪ دفعي روزو رکي ڪنهن ڳوٺ ۾ تبليغ لاءِ روانا ٿيا. رات جو ڳوٺ وارن کي ماني کارائڻ وسري وئي. پاڻ افطاري صرف پاڻي تي ڪيائون. ڳوٺ وارا هڪ ٻئي جي آسري تي رهيا. پنهنجي رفيق کي بہ سوال ڪرڻ کان منع ڪيائون. اسر جو تهجد نماز ادا ڪري وري روزي جي نيت ڪري ڇڏيائون. صبح جو جڏهن ڳوٺ وارا ناشتو کڻي آيا تہ پاڻ ٻڌايائون تہ اسان کي روزو آهي. پوءِ اتان کان ٻئي ڳوٺ ۾ تبليغ لاءِ روانا ٿيا. پوءِ ڳوٺ وارن کي خبر پئي تہ رات بہ سائينجن کي ڪنهن ماني نہ کارائي هئي. پوءِ شام جو هڪ ماڻهو ماني نهرائي ان ڳوٺ ۾ کڻي آيو ۽ ساڻن معذرت ڪيائين.

صبر ۽ تحمل: هڪ دفعي ڪنهن ڳوٺ ۾ تبليغ تي ويڄڻ ٿين. موسم بہ سخت سردي جي هجي واعظ نصيحت کان پوءِ ڳوٺ وارا سڀ گهرن ڏي هليا ويا. هڪ ٻئي جي آسري تي کين بسترو بہ ڪنهن ڪونہ ڏنو. آخر پنهنجي چادر ۾ مسجد جي نڪ ۾ ويڙهجي سمهي رات گذاريائون ليڪن سوال نہ ڪيائون.

ويڙا سي توڙ نيائي ، جس جوڳيئڙن کي آهي.

طِبّ کي ترک کيائون: پاڻ ابتدا ۾ طب ڪندا هئا. رب ڪريم سندن هٿ ۾ شفا بہ رکائي هئي. فرمايائون: هڪ دفعي حضرت پير مٺا سائين رحمة الله عليه خطاب ڪندي فرمايو تہ جيڪو شخص حڪمت يا ڊاڪٽري ڪري ٿو پر صحيح طريقي سان نبض شناس ۽ ماهر نہ آهي ان جي علاج مان ڪنهن کي نقصان ٿيو تہ اهو قيامت جي ڏينهن الله وٽ حساب هيٺ هوندو. پاڻ فرمايائون اهو ٻڌندي ڏڄي ويس. ان ڏينهن کان ڊاڪٽري ۽ حڪمت کان دست بردار ٿي ويس.

سيرت مبارک: پاڻ سادگي پسند هئا. سنتِ نبوي جي اتباع جو گهڻو خيال ڪندا هئا. پاڻ ذاڪر، شاڪر ۽ صابر هيا. خشوع ۽ خضوع جا خزينہ، اهلِ دل، علم و عرفان جا شاهڪار، ظاهري ۽ باطني جمال ۽ جلال جا پيڪر هيا.

چٽجي چَٽ نہ کجي: تبليغ جي سفر ۾ پاڻ هڪ ٻن رفيقن کي ساڻ کڻندا هيا. ڪڏهن تہ بلڪل اڪيلا سفر ڪندا هيا. سفر دوران پنهنجي ساٿين جي تربيت جي پڻ ڪوشش ڪندا هيا. پاڪائي ناپاڪائي جا مسئلا، وضو جو طريقو، غسل جو طريقو وغيره سمجهائيندا هيا. خاص ڪري سفر ۾ ساٿين کي کائڻ پيئڻ جا آداب بہ سيکاريندا هيا. کين گهٽ کائڻ جي عادت هئي ۽ ساٿين کي بہ ان جي تلقين ڪندا هيا. پاڻ فرمائيندا هيا تہ "ادا اسان اڇي ڪنهن وٽ مهمان ٿيندا آهيون پوءِ کي دوست محبت وٽان پُر تڪلف دعوت جو اهتمام ڪن ٿا. محبت مان سڀ ڪڪڙ گوشت جو ٻوڙ ٿانون ۾ وجهي کڻي اچن تہ مهمان ويچارا ڪائي خوش ٿين ۽ اسان وري بلڪل ٿانو چٽي صفا ڪري موڪليون. ائين ڪرڻ هرگز مناسب نہ آهي. چٽڻ برتن کي تہ سنت آهي پر چٽ ڪرڻ تہ سنت نہ آهي. آخر ان جي گهر جا ماڻهو آهن، ننڍا ٻار ٻچا آهن ڇا انهن جي دل ڪو نہ چاهيندي هوندي تہ اهو ٻوڙ ڪائون. ان ڪري ٿوري ٿوري ڀاڄي استعمال ڪيو باقي ڀاڄي واپس ڪيو.

بيعت ثانيہ ۽ ثالثہ ۽ خلافت: حضرت پير مٺا سائين رحمة الله عليه جي وصال کان پوءِ پاڻ حضرت سهڻا سائين رحمة الله عليه سان بيعت ڪيائون. سهڻا سائين بہ کين خلافت سان نوازيو. حضرت سهڻا سائين جي وصال کان پوءِ حضرت سڄڻ سائين جا بہ خليفا رهيا.

دين لاءِ زمينون قربان : پنهنجي سموري زمين دين لاءِ وقف ڪري ڇڏيائون. حضرت سهڻا سائين جي زير سرپرستي درگاهہ طاهر آباد شريف ۾ ديني مدرسو بہ خليفہ محمد علي بوزدار جي وقف ڪيل زمين تي قائم ڪيو ويو.

پنهنجن هٿن سان : خليفي صاحب جن کي الله تبارڪ و تعاليٰ جي پاران گهڻيون صلاحيتون عطا ٿيل هيون. پاڻ هر فن مولا هيا. گهڻو ڪري هر ڪم پنهنجو پاڻ ڪندا هيا. گهڙيال ناهڻ، ٽيپ ريڪارڊر وغيره جو ٿورو گهڻو ڪم پاڻ ڪندا هيا. ڪنهن وقت ڏسبو هو تہ پاڻ اوساري جو ڪم پيا ڪن. مستري ۽ اوستا لڳا پيئا آهن. ڪنهن وقت پاڻ پيگل ٽٽل ڪٽ کي پيا ناهن تہ ڄڻ واڍا لڳا پيئا آهن. در دريون پيگل ٽٽل پيا درست ڪندا وتن. وري ڪيڏي مهل تہ نلڪا موٽر پيا ٺيڪ ڪن. طاهر آباد شريف ۾ نلڪا وغيره لڳائڻ جي ضرورت پي پئي تہ پاڻ بورنگ ڪرڻ جو سامان وٺي آيا. پوءِ تہ نلڪا لڳائڻ ۽ بورنگ بہ پاڻ ڪندا هيا. فرمائيندا هيا اهو ڪم جيڪڏهن پين کان ڪرائبو تہ گهڻو مهانگو پوندو ڇو نہ پاڻ ڪيون.

شادي ۽ اولاد : سترهن سالن جي عمر ۾ نهايت هڪ غريب ۽ نيڪ نمازي گهراڻي مان سندن شادي ٿي جنهن مان ڪين ٽي فرزند ۽ ٽي نياڻيون ٿيون.

1. صاحبزاده خليفہ الحاج مولوي غلام مصطفيٰ.
2. صاحبزاده مولانا غلام مرتضيٰ.
3. صاحبزاده مولوي غلام مجتبيٰ .

پاڻ پنهنجي اولاد کي ديني تعليم سان سينگارياٿون. سندن بہ صاحبزاده فارغ التحصيل عالم دين آهن جيڪي درس و تدريس ۾ مصروف آهن. سندن هڪ صاحبزادو مڪمل عالم ٿي نہ سگهيو جنهن جوڪين ڪافي ڏک هوندو هيو. پاڻ فرمائيندا هيا تہ جيڪر اهو بہ مڪمل عالم ٿئي ها ۽ دين جي تبليغ ۽ درس و تدريس جي خدمت ڪري ها تہ اسان جي دل ٺري پئي ها. پنهنجي نياڻين جو رشتو پنهنجي سؤٽن سان ڪرايائون. سندن ٽئي نياڻا نيڪ نمازي با شرع ۽ تهجد گذار آهن.

سندن وصال پُر ملال : 30 صفر 1417ھ بمطابق 17 جولائي 1996ع ۾ حيدرآباد شهر ۾ ٿيو. سندن مزار مبارڪ درگاهہ طاهر آباد چمبڙ روڊ لڳ ٽنڊو الهيار ۾ آهي.

سندن سجاده نشين: سندن وڏو فرزند حضرت صاحبزاده علامہ مولانا غلام مصطفيٰ صاحب آهي. جيڪو پڻ خدمتِ دين ۾ مصروف آهي. سندس ولادت 1954ع ۾ ڳوٺ خان محمد بوزدار ۾ ٿي. درگاهہ فقير پور راڌڻ ۾ تعليم حاصل ڪيائين. سندس استادن ۾ حضرت سائين پير بخش سهارڻ بہ آهي. جن وٽ پاڻ عربي ۽ فارسي پڙهيو. خليفہ مولوي ڪريم بخش آڳرو، خليفہ مولوي عبدالرحمن وگڻ، خليفہ مولوي بشير احمد واڍو، مولوي نثار احمد عالماڻي ۽ مولوي رضا محمد انڙ بہ سندس اساتيذ ۾ شامل آهن. درگاهہ فقير پور ۾ سندس دستار فضيلت ٿي. ايم اي عربڪ سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو ۾ ڪيائين.

بيعت: ننڍپڻ کان ئي ڪيس حضرت پير مٺا سائين جي صحبت نصيب ٿي. پوءِ پاڻ حضرت سهڻا سائين سان بيعت ڪيائين. سندن وصال کان پوءِ حضرت سڄڻ سائين سان بيعت ڪيائين ۽ ڪيس حضرت سڄڻ سائين خلافت ڏني. پاڻ 1979ع کان مدرسہ عربيہ طاهريہ درگاهہ طاهر آباد ۾ درس و تدريس ڪري رهيو آهي. والد صاحب جي وصال کان پوءِ پاڻ سندس سموري جماعت جي سرپرستي بہ ڪري رهيو آهي. سندس زير نگراني جيڪي ديني درسگاهون هلي رهيون آهن:

1. مدرسہ عربيہ طاهريہ، درگاهہ طاهر آباد، ٽنڊو الهيار.
2. جامع انوار طاهريہ نقشبنديہ، شهر ٽنڊو الهيار.

مزار پر انوار حضرت خليفہ محمد علي بوزدار رحمۃ اللہ علیہ

لوح مزار

67 هون خليفو: زاد الطالبين في تذكرة خليفة نصير الدين

حضرت خليفه
سيد نصير الدين شاهه

مجاهدي ۽ مشاهدي وارا، روحاني فيض ۽ برڪت وارا خليفه حضرت سيد نصير الدين ولد سيد عبدالحق شاهه رحمة الله عليه

ولادت با سعادت: سندن ولادت 1920ع ۾ ضلع لاڙڪاڻو، تعلقه ڏوڪري جي علائقي ٻگهيو ڪيتي ۾ ٿي. ننڍپڻ کان ئي پاڻ ڏاڍا سلڇڻا، نيڪ، ايماندار، سچار، وفا شعار ۽ بزرگ صفت انسان هيا.

مٺا سائين جو رنگ سهڻا سائين جي سنگ: سيد سڳوري کي ازل کان وٺي عالمن ۽ بزرگن سان محبت ۽ عقيدت جوڙاج مليل هيو. پاڻ سهڻا سائين سان گڏجي درگاهه عاشق آباد، وڃي حضرت پير مٺا سائين رحمة الله عليه جي خدمت ۾ حاضر ٿيا ۽ سندن بيعت ڪيائون. پاڻ اتي لنگر جو ڪم ڪري مرشد جي خدمت جو اعليٰ مثال قائم ڪيائون. پنهنجي ڀاءُ سيد عبدالخالق شاهه صاحب سان گڏجي پير مٺا سائين رحمة الله عليه جا ۽ حضرت سهڻا سائين جا غزل ۽ نعتون پڙهندا هيا. حضرت پير مٺا سائين پنهين ڀائرن جون پُرسوز گداز ۽ درد ڀريون نعتون ۽ غزل ٻڌي گهڻو خوش ٿيندا هيا. پنهين ڀائرن کي ڏاڍو جذبو ٿيندو هيو. ٻڌڻ سان سامعين تي به رِقت طاري ٿي ويندي هئي. حضرت پير مٺا سائين رحمة الله عليه تبليغ لاءِ خليفه شاهه صاحب جي ڳوٺ ڪيترائي دفعا آيا. بعد ۾ اهو ڳوٺ دين پور جي نالي سان مشهور ٿيو ۽ هتي ماهوار هڪ روحاني ۽ وجداني محفل منعقد ڪئي ويندي هئي.

خدمتون: شاهه صاحب هر معاملي ۾ پنهنجي مرشد سان معاونت ڪندا رهيا. شاهه صاحب، سندن خاندان ۽ ٻين فقيرن جي تعاون سان لنگر لاءِ ڪاٺيون ۽ ٻيو سامان درگاهه رحمتپور شريف موڪليندا هيا.

خلافت ۽ تبليغي سرگرميون: سندن مرشد هميشہ مٿس راضي هوندا هيا. سندن نيڪ سيرت، محبت تقويٰ ۽ اتباعِ سنت ڏسي کين خلافت سان نوازيائون. خلافت کان پوءِ پاڻ پري پري علائقن ۾ پنڌ وڃي دين جو پيغام پهچاياائون. بظاهر پاڻ سند يافتہ عالم نہ هيا پر دين جي تبليغ ۾ گهڻن عالمن کان اڳيان هيا. سندن مريدن ۽ متعلقين ۾ مستند علماءِ ڪرام جو هڪ وڏو انگ نظر اچي ٿو. پاڻ نوابشاهہ ضلعي جي ننڍن شهرن، ڳوٺن ۽ واهڻن وستين ۾ تمام گهڻي تبليغ ڪيائون جن ۾ لاڪا، ميمڻ، ڏاهري، سومرا، گبول، پنجابي، لوهار،جويا، ڦل، اوٺا، سيرچا ۽ ٻين قومن جا ڪيئي ماڻهو سڌري نيڪ بنجي ويا.

مورو شهر سندن خاص تبليغي مرڪز طور سڃاتو ويندو هيو جتي "**غريب آباد**" نالي هڪ مرڪز بہ قائم ڪيائون. هر سال ٻہ دفعا حضرت سهڻا سائين ان مرڪز تي تشريف فرما ٿيندا هيا. اڄ تائين سڄڻ سائين اتي تشريف فرما ٿيندا رهندا آهن ۽ پاڻ اتي هڪ ديني درسگاهہ بہ قائم ڪئي اٿن. ان کان علاوه خليفہ شاهہ صاحب اڏيرو لعل، شيخ ٻرڪيو، ٽنڊو محمد خان ۽ ميهڙ جي ٻِر وارن علائقن ۾ بہ دين جو پيغام پهچاياائون. فاسق، فاجر، ظالم، جاهل، ٻتڪيل ۽ رهزن ماڻهن جي ڪارين ۽ ڪٽيل دلين کي غفاري فيض سان رنگي انهن کي دين شريعت سيڪاري، رب جي محبت ۽ عشقِ مصطفيٰ جي شمع سان انهن جي اونداهين دلين کي هميشہ لاءِ روشن ڪري ڇڏيائون.

تجديد بيعت: مٺي پير جي وصال پر ملال کان پوءِ پاڻ سهڻا سائين سان بيعت ڪيائون. پاڻ ساڻن سفر حضر ۾ گڏ هوندا هيا. درگاهہ فقير پور شريف ۽ درگاهہ طاهر آباد شريف جي تعميراتي ڪمن ۾ هر قسم جو ساٿ نڀائي محبت جو اعليٰ مثال قائم ڪيائون. درگاهہ الله آباد جي قائم ٿيڻ دوران ضعيف العمري ۽ طبيعت جي ناسازي جي باوجود بہ پاڻ ڏينهن رات لنگر جي ڪم ۾ مصروف نظر ايندا هيا.

سهڻي سيرت : پاڻ اعليٰ شخصيت جا مالڪ هيا. سندن تقويٰ ۽ نيڪ ڪردار کي پرڪيندي متعلقين کان علاوه عام ماڻهو بہ کين عزت جي نگاهہ سان ڏسندا هيا. تنهن هوندي بہ سندن اٿڻ ويهڻ ۾، کائڻ پيئڻ ۾ هر ڪم ۾ سادگي نمايان هوندي هئي. وڏائي ۽ تڪبر کان پاڻ محفوظ هيا. ڪنهن ماڻهو ۾ ڪو ڪم هوندو هين تہ ان کي سڏرائڻ جي بجاءِ پاڻ هلي ويندا هيا.

وفات حسرتِ آيت : آخري وقت ۾ سندن طبيعت وڌيڪ ناساز ٿي پئي. نيٺ جناح اسپتال ڪراچي ۾ پهرئين ذوالقعد 1403هه بمطابق آگسٽ 1983ع خميس جي رات ستين بجي پنهنجي رب سان وڃي مليا. سندن برادر عبدالخالق شاهه صاحب، مولانا محمد رمضان صاحب ۽ مولانا رحمت الله صاحب سندن جسم مبارڪ درگاهه طاهر آباد شريف کڻائي آيا. سهڻا سائين سندن جدائي جو ٻڌي تمام گهڻو غمگين ٿيا. ڪافي دير تائين مٿن گريه جي ڪيفيت رهي. مٿن مائٽن ۽ سموري جماعت کي سندن وصال جي خبر ٻڌڻ سان گهرو صدمو رسيو. نماز جنازه ۽ آخري ديدار لاءِ سندن رشتيدارن، دوستن، مريدن ۽ چاهڻ وارن جو وسيع جهرمٽ گڏ ٿي ويو. تڪفين وقت حضرت سهڻا سائين پنهنجي چادر مبارڪ موڪلي جيڪا ڪفن ۾ شامل ڪئي وئي. پنهنجي عاشق، دوست ۽ پياري جي نمازِ جنازه حضرت سهڻا سائين پاڻ پڙهائي. باوجود ڪثير عوارضات جي پاڻ خليفه صاحب جي جسم مبارڪ کي ڪلهو ڏنائون. پوءِ جڏهن جنازو ڪجهه هليو ته جيستائين جنازو نظرايندو رهيو پاڻ بيٺي غمگين لڙڪن سان ڏسندا رهيا. ٻئي ڏينهن قرآن شريف جو ختم پڙهائي ايصالِ ثواب ڪيائون. شاهه صاحب جي محبت، خدمت ۽ وفاداري جو ذڪر ڪندي فرمايائون ته هن مرڪز قائم ڪرڻ ۾ سندن وڏو هٿ هيو.

شاديون ۽ اولاد : پاڻ ٽي شاديون ڪيائون. پهرئين گهر واري سندن سڳي سؤٽ هئي، ٻي گهر واري سندن خاندان مان هئي هنن ٻنهين بيبين مان ڪين ڪو به اولاد نه ٿيو. ٽين شادي لاڪن مان جناب محمد اشرف لاکي جي نياٽي سان ڪيائون. ان مان کين ٽي نياٽيون ٿيون.

1. **امة الحبيب :** هي بيبي علي گوهر شاهه جي نڪاح ۾ آهي سندس رهائش دربار الله آباد شريف ۾ آهي.

2. **امة العزيز :** هي بيبي مولانا سيد عبدالڪريم شاهه جي نڪاح ۾ آهي، جيڪي جامعه غفاريه الله آباد شريف مان فارغ التحصيل آهن. سندس رهائش مورو ۾ سائين نصير الدين شاهه جي قائم ڪيل مرڪز ۾ آهي.

3. **امة الرحيم :** هي بيبي پنهنجي ماسات رفيق احمد حنفي جي نڪاح ۾ آهي جيڪي هن وقت ڪراچي ۾ سڪونت پذير آهن.

خان محمد بوزدار ڳوٺ جي مسجد ۾ محراب جتي پير منا سائين جن نمازون پڙهيون هيون.



طاهر آباد شريف جي مسجد ۾ محراب

حضرت خليفه نصير الدين شاه
جي مزار شريف

68 هون خليفو:

حضرت خليفه
حڪيم الله بچايو
(جهول وارو)

مجمع الفيوضات ، صاحبُ الڪرامات، قطبِ جماعتِ غفاري حضرت خليفه الله بچايو ولد محمد حسن لغاري ﷫ جي ولادت اندازاً 1900ع ۾ ڳوٺ محمد حسن لغاري، تعلقو سنجهورو، ضلع سانگهڙ ۾ ٿي. ننڍپڻ جا ڏينهن به پنهنجي ئي ڳوٺ ۾ بسر ڪيائون. ان ڪان پوءِ 1940ع ۾ هجرت ڪري جهول ۾ آيا. حضرت پير مٺا قدس سره العزيز سان بيعت ڪان اڳ پاڻ ملهه هيا. پنهنجي دؤر جا مشهور حڪيم به هيا. وٽن پري پري ڪان مرد عورتون علاج لاءِ ايندا هيا.

تعليم: پرائمري پڙهيا هيا. ناظره قرآن مجيد پنهنجن ابن ڏاڏن جي مرشد حاجي لطف علي شاهه ۽ ان جي فرزند احمد شاهه وٽ ڪڏو شريف ۾ پڙهيا. اڪثر ڪري اتي ئي رهندا هيا. سندن طبيعت ننڍي هوندي ڪان ذهين ۽ هوشيار هئي.

قلمي ڪم: پاڻ طب تي ۽ ٻين اسلامي موضوعن تي ڪيترائي ڪتاب تصنيف ڪيائون. پر افسوس جو سندن قلمي ذخيري جي سنڀال نه ٿي سگهي ۽ ضايع ٿي ويا.

بيعت: شروع ۾ حضرت ڪوٽ ڏٽي ﷫ جا مريد هيا. انهن جي وصال ڪان پوءِ مرشد جي تلاش ۾ هيا. ڪٿي به سڪون نه ٿي آيو. تانجو پاڻ حجازِ مقدس ويا. اتي مدينه منوره ۾ ڪين محبوبن ڪريمن ﷺ جو خواب ۾ حڪم مليو ته اوهان جو مرشد رحمتپور لاڙڪاڻي ۾ آهي. پوءِ جيئن ئي واپس موٽيا ته فقير محمد صالح شر جهول وارن سان گڏجي درگاهه رحمتپور شريف ۾ آيا ۽ اتي حضرت پير مٺا سائين ﷫ سان بيعت ڪيائون. ڪجهه عرصي ڪان پوءِ حضرت پير مٺا قدس سره ڪين خلافت به عنايت ڪئي. پاڻ پير سائين جن جا منظورِ نظر هوندا هئا.

حُليو شريف: سندن رنگ پورو، ڏاڙهي نہ زياده گهاٽي نہ ڇدي پوري هوندي هين. ڏاڙهي کي ميندي لڳائيندا هيا. پاڻ قدآور مڙس هيا. سائي رنگ جو پٽڪو ٻڌندا هيا. پهريائين رنگين ڪپڙا پائيندا هيا پر پير مٺي جي بيعت ڪرڻ کان پوءِ صرف سائي رنگ جا ڪپڙا پائڻ شروع ڪيائون.

عبادت الاهي ۽ انڪساري: پاڻ ڏاڍا نيڪ ۽ رحمدل هيا. سڄي رات ذڪر ڪندي، روئندي روئندي صبح ڪري ڇڏيندا هيا. چوڪيدار سندن درد ڀريا سُڏڪا ٻڌي مسجد ۾ اچي ڏسن تہ پاڻ پنهنجي رب اڳيان عاجزي ۽ انڪساري ڪندي روئي رهيا آهن.

تبليغ: دين جي خاطر جهر جهنگ ۽ ٿر جي ريگستاني ۽ ويران علائقن ۾ رت ولوڙي حضور ﷺ جي امت کي دين جو پيغام پهچاپائون. پاڻ ٿر وارن سان انهن جي ٻوليءَ ۾ ڳالهائيندا هيا. پير مٺا سائين رحمة الله عليه فرمائيندا هين تہ مون کي بہ ٿري ٻولي ٻڌاءِ. پوءِ پاڻ ٿري زبان ۾ ڪجهہ جملا ڳالهايائون. سائينجن ٻڌي ڏاڍا خوش ٿيا. سانگهڙ جي ننڍن وڏن ڳوٺن ۾ بہ تبليغ ڪيائون. پير مٺا سائين رحمة الله عليه سندن دعوت تي جهول ڳوٺ ۾ آيا هيا. سندن تبليغ جو دائرو تمام وسيع هيو. پاڻ ملڪ کان ٻاهر بہ تبليغ ڪيائون.

مخالفت: سندن راڄ وارا سندن مخالف ٿي پيا. ايتري قدر جو سندن وڏو ڀاءُ بہ سخت مخالف ٿي پيو. هڪ دفعي پاڻ پنهنجي ڀاءُ کي فرمايائون تہ تون هڪ دفعو درگاهہ شريف تي هلي منهنجي پير جي زيارت تہ ڪر. گهڻي ڪوشش کان پوءِ جڏهن سندن ڀاءُ رحمتپور شريف اچي پير مٺا جي زيارت ڪئي تہ مخالفت ڇڏي توبہ تائب ٿي ويو.

ڪرامتون

ڇوڪرو واپس اچي ويو: هڪ دفعي وٽن واڍيا آيا. عرض ڪيائون تہ سائين اسان جو ڇوڪرو گم ٿي ويو آهي ڪافي ڏينهن ٿيا آهن. ڳولي ٻيٺا آهيون، ليڪن ڪونہ ٿو. پاڻ ٿوري دير مراقبو فرمايائون. پوءِ مٿو مٿي ڪري فرمايائون: ڇوڪرو اڄهو ٿو اچي. اڃا اتي ئي ويٺا هيا تہ ڇوڪرو دروازو ٽپي اندر آيو. ڇوڪري کان مائٽن پڇيو ابا تون ڪٿي هئين؟ چيائين هتان تمام پري نڪري ويو هيس پوءِ پير مٺا سائين رحمة الله عليه جو حُليو ٻڌائيندي چيائين تہ اچي ڏاڙهي وارو هڪ بزرگ هيو جيڪو مونکي هي دروازو ٽپائي ويو آهي.

بادل برسڻ لڳا: سندن ڳوٺ ۾ ڀن ٽن سالن کان مينهن نہ پئي وسيو. ڳوٺ واسي پريشان هيا. پاڻ کين فرمايائين تہ مون سان گڏجي هٿ کڻي دعا گهرو. سڀني ائين ڪيو. پوءِ شام جو اتر کان جُهڙ آيو ۽ ايڏو تہ مينهن پيو جو ڀنيون مينهن جي پاڻيءَ سان ڀرجي ويون، گهٽين ۾ پاڻي وهڻ لڳو، وڻ ٻوٽا تازا ٿي پيا.

پوڙهي ۽ پُراڻي رلهي: هڪ ماڻهو کين عرض ڪيو تہ سائين مون بنگلو ٺهرايو آهي پر اتي هڪ پوڙهي ايندي آهي جيڪا پراڻي رلهي تي سمهي پوندي آهي. خبر نہ آهي تہ اها ڪير آهي؟ غيبات آهي يا ٻيو ڪجهہ. جيڪو بہ سمهي ٿو تہ ان جي ڪٽ اونڌي ٿي پوي ٿي. ڪير بہ سمهي نہ ٿو سگهي. پاڻ چيائونس تہ ان پوڙهي کي منهنجا سلام ڏي ۽ چئيس تہ هتان هلي وڃي نہ تہ تنهنجي بادشاهہ کي گهرائي ان کي ڀڄائيندا سين. ان ماڻهو وڃي ائين ڪيو. پوءِ اُها پوڙهي پنهنجي پراڻي رلهي کڻي هميشہ لاءِ هلي وئي. وري نہ نظر آئي.

حج: پاڻ بہ دفعا پيادل ۽ هڪ دفعو بحري جهاز ۾ سوار ٿي حج جي سعادت ماڻيائون.

سير و سياحت:

خليفي صاحب کي سياحت ۽ مختلف ملڪن جي سير سفر ڪرڻ جو بہ گهڻو شوق هوندو هيو. پاڻ 1956ع ۾ هڪ ڊگهو سفر ڪيائون. جنهن ۾ ايران، ترڪي، مصر، اردن، عراق جو سير سفر ڪندي سعودي عرب ويا. ان سفر جي روئداد پاڻ پنهنجي نوٽ بڪ ۾ لکي اٿن. (اهو قلمي صورت ۾ هن فقير ڪرم الله وٽ محفوظ آهي) ان سفر ۾ پاڻ ڪويت عراق، جي شهرن ۾ زيارتن تي حاضر ٿيا آهن. بصرو، ڪوفو، حلہ، سمارا، ڪربلا، بغداد وغيره گهميا آهن. ساڻن گڏ تي سو تيرهن ماڻهن جو قافلو هيو.

بصري شهر جي منظر ڪشي ڪندي لکن ٿا:

"20 آگسٽ 1956ع اڄ بصري ۾ آهيون. شهر بصرو گهمڻ ويو آهيان. شهر منجهان ڦرندو ڦرندو بصري جي بندر وٽ اچي ويٺو آهيان. بندر جو نظارو وهہ واهہ جو آهي. هڪ ٻئي پٺيان هزارين ٻيڙيون هلي رهيون آهن. ڪي بندر تي هڪ ٻئي سان ڪڙيون جڙيون بيٺيون آهن. ڪن منجهان باري بار لاهي رهيا آهن. ڪي مزور آهن تہ ڪي شاهوڪار. ايراني مرد زالون گهڻا بينا ڏسي رهيا آهن. مرد زالون دجلي ۾ گڏ تڙ ڪري رهيا آهن.

هڪ ٻئي جي اگهڙ پيا ڏسن، نہ اٿن حياء نہ شرم. بصري ۾ يهودي بہ گهڻا آهن. يهودي ۽ يهودياڻيون مٿي اگهاڙيون چٽڪ چپلون پيرن ۾، چنبو چنبي ۾، هٿ هٿن ۾ ڏيون پيا وڃن. ٻيڙيون پاڻي وارن موٽرن تي هلي رهيو آهن. لهرن جي لوڏي جي لهر درياء ۾ پاڻي تاروتار جيڏانهن لهرين لاهہ اوڏانهن ٻيڙين ڪاهہ ڏاڍي خوشنما جاءِ".

21 آگسٽ 1956ع جي رات بغداد ۾ سيدنا عبدالقادر جيلاني رحمة الله عليه جي دربار ۾ گذاريائون. 28 آگسٽ 1956ع ۾ ايران جي هڪ منزل جو ذڪر هنن لفظن ۾ ڪن ٿا.

"پورا ٻارهن ٿيا آهن. ايران ۾ آهيون. نظارو عجيب آهي! موسم ٻلي آهي. هن جهڙي آبهوا ڪاٿي ڪانہ هوندي. ٻيو تہ ميوات تمام گهڻي آهي. هاڻي اسان جنهن باغ ۾ لٿل آهيون ان باغ ۾ بادام وڏا ڪاغذي اخروٽ پستا تمام گهڻا آهن. باغ جو مالڪ پيرسن آهي. اسان تان قربان قربان ٿي رهيو آهي. رستي ڪان الهندي طرف لوهيڙن جو باغ آهي. باغ وچان هڪ نهر وهي ٿي. نهر جي ٻنهين پاسن لوهيڙن جا گهاٽا گهاٽا وڻ آهن. باغ جي ڏٺي اسان ڪي مانيون پوڙ ايترو ڏنو آهي جو آڪهہ سوڌو اٿ پهر ڪائون نہ ڪٽي. آسمان تي بادل آهن. حرم آباد جي پر ۾ آهيون".


ENDORSEMENT
Also valid for KUWAIT.
Seen at H. M's Political Agency
4776. KUWAIT
Good for journey to KUWAIT within one week of date hereof, in Direct Transit to and from HEDJAZ.
Signed Assistant Political Agent.
Date 10 AUG 1950
valid for one week's stay only.
CONSULAR SERVICE
CONSULAR SERVICE


GOVERNMENT OF PAKISTAN
PILGRIM PASS
FOR
PILGRIMS PROCEEDING TO THE HEDJAZ
FROM PORTS IN PAKISTAN
Name Hakim Haji Allah Bachayo &c
Md Hassan Khan Laghari
Port of Embarkation—Karachi
Chittagong

خليفي الله بچائي رحمة الله عليه جو پاسپورٽ
ڪويت ملڪ ۾ دخول خروج جا ٺپا.
مدينہ منوره جي پوليس انٽري جو ٺپو.

حڪمت: خليفہ صاحب شروع کان حڪمت جي پيشي سان لاڳاپيل هيو. لاعلاج مريض بہ وٽانئس شفاياب ٿي ويندا آهن. غريبن جو علاج مفت ۾ ڪندو هيو. پاڻ هڪ ڪتاب لکيو اٿائين جنهن ۾ مريضن جو اندراج ڪيو اٿائين. ان دفتر ۾ 771 مريضن جا نالا لکيل آهن. ان ۾ مريض جو نالو، ولديت، ذات، ڳوٺ، بيماري، دوا جو نالو، وزن، علاج جي تاريخ ورتل پئسہ لکيا اٿائين. مرض واري خاني کي ڏسجي ٿو تہ پاڻ هر مرض جو علاج ڪندو هيو. مثلاً بخار، جريان، نامردي، سائي، يرقان، سوزاڪ، نمونيا، ڇڪي، هيضہ، دم، دل جو مرض، سنڌن جو سور، جذام، دل، دماغ جون بيماريون وغيره.

ايڊريس وارو خانو ڏسجي ٿو تہ وٽس پري پري کان بہ مريض ايندا هيا. وري جي دوائن وارو خانو ڏسجي ٿو تہ پاڻ هر قسم جا حب، سفوف، ڪُشتا، پُڙيون، مرهم، ترياق، معجون، خميرا، عرق، جوهر، تيل، جلاب، چاندي، ٽامو، شنگرف، فولاد، هڙتال، سيڪو ماري ان جا ڪشتا جوڙيندا هيا.

خليفو الله بچايو جي هڪ جن سان ملاقات:

خليفہ صاحب پنهنجي بياض ۾ هڪ جِن سان سندن ملاقات جو ذڪر لکيو آهي تہ : 17 مارچ 1957ع تي پاڻ پنجاب جي شهر لالہ موسيٰ جي ڀرسان مهري شريف ۾ حضرت نواب الدين صاحب سان مليا. بزرگن جي عرس ۾ شرڪت ڪيائون. اتي نعمت علي فقير نالي جِنّ سان سندن ملاقات ٿي آهي. پاڻ ان کان سوال پڇيا آهن جِنّ جواب ڏنا آهن. اهي سوال ۽ جواب پيش آهن:

لکن ٿا: " هڪ جدا جاءِ ۾ فقير نعمت ويٺو هيو. مون وڃي سلام ڪيو. پاڻ سلام جو جواب ڏنائين. مون سندس ساڄي ٻانهن ۾ هٿ وڌو تہ مون کي چيائين بلوچ آهين؟ چيم هائو.

جِنّ: لغاري آهين؟ مون: هائو.

جن: نالو الله بچايو اٿئي؟ مون: هائو.

جن: پٽ محمد حسن خان جو آهين؟ مون: هائو.

جن: حرمين شريفين بزرگن سان گڏ ويو هئين؟ مون: هائو.

مون: اوهان ڪهڙي خاندان منجهان آهيو؟ جن: تون واقف آهين؟

مون : ڇاجو؟ جن : خاندان جي خبر ٿو پڇين.
مون : هائو واقف آهيان. جن : پوءِ ڇو ڳالهہ ظاهر تو ڪيئي؟ وعدو پڳئي.
مون : اسان انسانن کان ڳالهہ نکري ويندي آهي. پوءِ اوهان کي اهڙا آهيو جو وري ويجها نہ ٿا وڃون. سڃاڻو ٿي نہ. اسان انسان اوهان کي ڏسي نہ ٿا سگهون.
جن : ٺيڪ آهي پر اسان جو وعدو ڪيون انهيءَ تي پورا رهندا آهيون. پلي ڇا بہ ٿئي.
مون : اوهان کان معافي گهربي آهي تڏهن بہ نہ ٿا ڏيو. ڇئبو تہ سنگ دل آهيو. الله جل شانہ بہ معافي ڏيندو آهي. جڏهن بندو توبہ ڪري ٿو تہ معافي ڏيندو آهي.
جن : انسان جن هڪ ڳالهہ آهي اوهان ۽ اسان ۾ ڪو فرق ڪونہ آهي.
مون : اسان اشرف المخلوقات آهيون. قرآن شريف ۾ ڏسو تہ الله تعاليٰ ڇا ٿو فرمائي.
جن : ٺيڪ ڳالهہ آهي. جيڪڏهن قرآن ۾ آهي سو صحيح آهي. انسان برابر اشرف المخلوقات آهي پر انهيءَ واٽ تي نہ ٿو هلي. اوهان کي خبر آهي تڏهن اها واٽ ڇڏي ڏيو ٿا.
مون : تون منهنجو واقف ڪيئن ٿئين؟ جو تو منهنجو نالو، بابي سائين جو نالو، ذات ٻڌايئي
جن : پوءِ اسان کي غيب ڇو چوندا آهيو. اسان کي سڀ خبر آهي. الله تعاليٰ وڏي حڪمت ڏني آهي جنهن سان اسان کي خبر پوي ٿي. هڪ موت جي خبر اسان کي بہ نہ ٿي پوي تہ ملڪ الموت ڪڏهن ايندو.
مون : اوهان جو ڪو قريب فوت ٿئي تہ انهي کي پوريندا آهيو يا ڪيڏانهن ڪندا آهيو؟
جن : سڀ ڪجهہ ٿيندو آهي. جنازه نماز، ڪفن دفن سڀ ڪجهہ ٿيندو آهي.
مون : اسان وانگر اوهان جو بہ مقام آهي يا نہ؟
جن : هائو. اسان جو بہ مقام آهي. جيڪي وڏا پهاڙ آهن يا وڏا رڻ پٽ آهن جتي ڪو بہ انسان وڃي ڪونہ سگهندو آهي، اسان جا مقام اتي آهن. اسان جو ڪو بہ قريب گذاري ويندو آهي تہ اسان اوهان انسانن وانگر روئندا ڪونہ آهيون. قرآن شريف جا ختما ڪيندا آهيون. درود شريف گهڻو پڙهندا آهيون. پوءِ وڃي دفن ڪندا آهيون. ڪيترو بہ پنڌ هوندو آهي تہ منٽن ۾ ڪندا آهيون. هلڻ ۾ اسان کي دير ڪانہ هوندي آهي.
مون : ڀلا اوهان پنهنجي مُئن کي ختما ڏيندا آهيو؟

جن : اسان مئن کي چاليهہ ڏينھن قرآن شريف جو ختمو ڏيندا آهيون.

مون : ڀلا اوهان جا گهر تہ اسان کي ڏسڻ ۾ کونہ ٿا اچن؟

جن : اسان جا گهر نہ آهن هرهڪ جو تنبو هوندو آهي جو ڪنهن بادشاهہ جو بہ نہ هجي.

مون : ٻڌايو تہ اوهان بگهڙ ڪان ڇو ڊڄندا آهيو؟

جن : الله تبارڪ و تعاليٰ هر هڪ ۾ قدرت رکي آهي. ڪا بہ شيءِ قدرت ڪان خالي نہ آهي. اسان لاءِ بگهڙ ۾ الله تعاليٰ اهڙي قدرت رکائي آهي جو اهو اسان کي ڏسي ٿو. جڏهن ان جي نظر اسان تي پئي تہ اسان ڇُري ڪونہ سگهندا آهيون. اسان بگهڙ جو ڪاڄ آهيون. اسان کي بگهڙ ڪائي ويندو آهي. جتي بگهڙ جي بوءِ هوندي آهي اتان اسان ڀڄي ويندا آهيون ڪوبہ جِنُ اتي رهي ڪونہ سگهندو.

مون : ڀلا اوهان جي شادي مُرادي ٿيندي آهي؟

جن : هائو. وڏي ڌام ڌوم سان شادي ٿيندي آهي لکن جي تعداد ۾ جن گڏ ٿيندا آهن.

مون : مهمانن کي ڇا کارائيندا آهيو؟

جن : اسان ڪوس ڪونہ ڪندا آهيون ڀيو سڀ ڪجهہ رڌي پچائي ڇاڻندا آهيون. اسان وٽ راندا ڪي ڏاڍا پرهيز وارا هوندا آهن جي با وضو ماني تيار ڪندا آهن. کارائڻ وارا بہ با وضو هوندا آهن. هڪ وقت جي نماز بہ ڪونہ ڇڏيندا آهيون. اسان مسلمان آهيون.

مون : اوهان بي وفا ڇو آهيو؟ ٿوري غلطي تي وڃي تہ هڪدم ڀڄي وڃو.

جن : ٿوري بہ غلطي اسان ڪونہ سهي سگهندا آهيون ڇو جو اسان وعدي جا پورا آهيون پوءِ غلطي ڇو سهون ٻڌايو !

مون : ڏس پاڻ هڪ ئي جماعت جا آهيون. منهنجو ڪم تو ۾ پيو آهي. وقت سر تو کي سڏ ٿو ڪريان تون سڏ ئي ڪونہ ٿو ڏين پوءِ جماعت ڪهڙي دوستي ڪهڙي ڪم جي !

جن : اسان اوهان وانگر نہ آهيون. دوست کي ڪنهن وقت مشڪل وقت ڪم ايندا آهيون.

مون : هاڻي تون مونکي ڪم ايندين؟

جن : هائو پر حڪم اولو نہ هجي پوءِ حاضر آهيون.

مون : مٿي آسمان ڏي اوهان ويندا آهيو؟ جن : نہ.

مون : ڇو نہ ٿا وڃو؟ جن : اوڏانهن شيطان ويندا آهن.

مون : اوهان کي حضور ٿيندو آهي؟ جن : هائو

مون : اوهان جنن ۾ اسان انسانن وانگر جهيڙو ٿيندو آهي يا نہ؟ جن : نہ.

مون : اوهان جنن کي دنيا گهرجي ٿي ۽ انهيءَ دنيا تي ويهندا آهيو جيڪا دنيا انسانن زمين ۾ دفن ڪئي آهي؟

جن : هائو پر جي مسلمان نہ آهن اُهي ويهندا آهن. اسان مسلمان ڪونہ ويهندا آهيون.

مون : دنيا دفن ڇو ٿي آهي ۽ هٿ ڇو نہ ٿي اچي؟

جن : اها خبر اوهان کي هجي تہ دفن ٿيل دنيا امانت طور آهي، جنهن جي نالي امانت هوندي انهيءَ کي ملندي.

مون : اوهان ۾ مولوي صاحب بہ آهن؟

جن : هائو. وڏا تقويٰ وارا آهن. اوهان انسانن وانگر تعليم حاصل ڪئي اٿن.

مون : اوهان جا ٻار ڪونہ پڙهندا آهن؟ جن : هائو پڙهن ٿا.

مون : مدرسا اوهان جا آهن؟

جن : هائو. قرآن شريف مهيني ٻن ۾ پڙهي ويندا آهن. جيڪي پڙهندا آهن اهي هميشہ انهيءَ تلاوت ۾ هوندا آهن. الله تبارڪ و تعاليٰ جي ذڪر ۾.

مون : اسان انسانن ۾ جن پوندو آهي پوءِ سرود وڄندا آهن پوءِ نڪرندو آهي سو ڇو؟

جن : اهي مسلمان نہ آهن. هندو آهن ۽ جنهن کي جن پوندو آهي سي بہ اهڙا ئي هوندا آهن. مسلمانن کي جن ويجهو ڪونہ ويندو آهي ڇو تہ مسلمان صلواة پڙهندو آهي انهيءَ ڪري ويجهو ڪونہ ويندو آهي.

مون : ٻڌايو اوهان کي ٻار ڄمي تہ مبارڪي ڏيندا آهيو؟ جن : هائو.

مون : اوهان شادي تي دهل وڄائيندا آهيو.

جن : اها رسم جاهلن جي آهي. اوهان انسانن ۾ توڙي جنن ۾، هندو جن وڄائيندا آهن. مسلمان جن ڪونہ وڄائيندا آهن.

مون : اوهان جي سنت (طهر) ٿيندي آهي؟

جن : هائو. پيو نہ تہ مسلمان سنت بنا ٿيندو آهي ڇا!
مون : اوهان جا حجم بہ هوندا آهن؟
جن : ڪا ضرورت ڪانہ آهي حجم جي. اوهان وانگر ايترا وار ڪونہ پيدا ٿيندا آهن.
مون : شڪل سيئي بنائي سگهو ٿا؟ جن : هائو.
مون: درويش نعمت علي فقير جِنَ سان بہ ڪلاڪ گفتگو ٿيندي رهي. پوءِ اذان آئي تہ پوءِ موڪلائي وڃي نماز پڙهي سين.

خليفي صاحب جي ازدواجي زندگي :

پاڻ هڪ شادي ڪيائون. ڪين بہ فرزند ۽ هڪ نياڻي ٿي.
1. محمد خان 2. الله بخش.

سندن وصال : اندازاً 1972ع ۾ ٿيو. سندن مزار شريف ڳوٺ محمد حسن لغاري جي قبرستان حامد شاهہ ۾ آهي.

جنازي مان آواز : جڏهن سندن جنازي کي قبر ۾ لاٿو ويو ۽ سامي ۾ رکي هڪ ماڻهو چيو تہ سائين اسان پنهنجو فرض پورو ڪيو اسلام عليڪم. تہ جنازي مان آواز آيو ”وعليڪم السلام“. سندن وڏي فرزند محمد خان جو بہ 1976ع ۾ انتقال ٿي ويو. ان مرحوم هڪ شادي ڪئي جنهن مان ڪيس چار پٽ ٿيا. 1. مولا بخش 2. پير بخش 3. محمد امين 4. لونگ خان.
خليفي صاحب جو پيو فرزند الله بخش پنهنجي والد صاحب سان اڪثر گڏ هوندو هيو. والد جي وصال ڪان پوءِ سندس پيروي ڪندي حڪمت سان گڏو گڏ تبليغ بہ ڪندو رهيو . جنهن هڪ شادي ڪئي. ڪيس بہ پٽ ۽ ٽي نياڻيون ٿيون. 1. محمد حسن 2. دين محمد. دين محمد ڳوٺ محمد خان زئور ۾ سڪونت پذير آهي ۽ پنهنجي ڏاڏي جي ڇڏيل مشن جي تڪميل لاءِ ڪوشش ۾ آهي ۽ راقم الحروف (ڪرم الله) سان بيعت ڪئي اٿس.

خليفي الله بچائي جي شڪستہ حال مسجد ۽ سندس مزار

69 هون خليفو:

حضرت خليفہ
فضل احمد بروهي

تقويٰ جو صاحب، الله عزوجل کان خائف راهِ انابت جو سالڪ حضرت خليفہ فضل احمد بروهي رحمة الله عليه پير غفاري جو پيارو خليفو هيو.

سندن حليو: پاڻ شڪل ۽ شبيهہ ۾ تمام حسين هوندا هيا. قد جا وچولا ۽ جسم ۾ ڀريل، رنگ ڪڻڪائون ڳاڙهاڻ مائل، چهرو گول، بادامي ۽ سرميناڪ اکيون، نڪ ڊگهو، وات ننڍڙو، چپ سنها خصوصاً هيٺيون چپ وڌيڪ سنهو هوندو هين. ڏند چمڪدار، گهاٽا ننڍا هڪ جيترا ۽ پُر ڪشش، وصال تائين سندن ڏند سلامت رهيا. ڀرون گهاٽا ۽ هڪ ٻئي کان الڳ هوندا هيا. مڇون سنهيون ۽ ڏاڙهي مبارڪ چئن آڱرن کان ڪجهہ وڌي سفيد ۽ گهاٽي جيڪا سندن چهري کي وڌيڪ حَسين ڪندي هئي. پاڻ خوش لباس هوندا هيا. گهر ۾ پوتڙو ۽ پهراڻ پائيندا هيا جڏهن گهر کان ٻاهر ايندا هيا تہ سفيد سلوار قميص پهريندا هيا. بوٽ يا نعلين سان جوراب ضرور پائيندا هيا. هلڻ وقت وچولي رفتار سان وک کڻي پيرن کي هڪ ٻئي کان خلاصو رکي هلندا هيا. هر وقت سندن سر تي نسبتاً وڏو پٽڪو سجايل هوندي هيو. آخري وقت ۾ ڪڏهن ڪڏهن سائو پٽڪو بہ ٻڌائون.

پير مٺا سائين کين 1962ع ۾ غيبي ديري جي جماعت جو خليفو مقرر فرمايو. هن علائقي جا الهيار اٽي ۽ ٻين ڪيترن ئي ماڻهن جي بيعت تہ اڳ ئي ٿيل هئي ليڪن سندن خليفي مقرر ٿيڻ جي ڪري علائقي ۾ شريعت ۽ طريقت کي سمجهڻ جي تربيت گاهہ قائم ٿي وئي

ٽي فضل: خليفہ فضل احمد ڏيٺا ابڙا رحمة الله عليه فرمائيندا هيا تہ جڏهن خليفہ بروهي صاحب رحمة الله عليه مون کي حضور پير مٺا سائين نورالله مرقده سان متعارف ڪرايو تہ پاڻ اسان کي ڏسندي فرمايائون "هي تہ الله جو ٿيون فضل ٿيو جو منهنجو پير بہ فضل توهان جو خليفو بہ فضل ۽ توهان بہ فضل".

تجديد بيعت : پير مٺا سائين رحمة الله عليه جي وصال کانپوءِ پاڻ حضرت سهڻا سائين رحمة الله عليه جي بيعت ڪري درگاهه فقير پور شريف ڏانهن رجوع ٿيا ۽ پوءِ پنهنجي جماعت کي به سهڻا سائين رحمة الله عليه سان بيعتِ ثانيه ڪرايائون.

سندن دؤر ۾ سهڻا سائين غيبي ديري ۾ ڪافي ڀيرا تشريف فرما ٿيا هيا. پهرين ڀيري تعلقي وارهه جي ڳوٺ ڪنڌو مان مولوي صاحب ولي محمد ابڙو رحمة الله عليه جي ٽانگي تي سندن آمد ٿي. ٻيو ڀيرو ته پوڙهين جي سال پاڻ ٻيڙين تي ٻن ڪلاڪن جو سفر ڪري غيبي ديري تشريف فرما ٿيا. هڪ يارهين شريف جي موقعي تي غيبي ديرو جماعت نه پهتي تنهن تي مولانا بروهي صاحب رحمة الله عليه سهڻا سائين رحمة الله عليه کي عرض ڪيو ته غيبي ديري جا فقير ساليانِي جوئر جي آبادي لاءِ شهر کان ٻه ڪلوميٽر اولهه طرف ڪاڇي ۾ پنهنجي زمين تي نقل مڪاني ڪري ويا آهن ڪم ۾ ايترو مصروف ٿيا آهن جو يارهين تي به اچي نه سگهيا آهن. پاڻ فرمايائون ته جيڪڏهن غيبي ديري وارا دوست مصروف آهن ته اسان کي ته ٽائيم آهي نه! اسان ٿا انهن ڏانهن هلون پوءِ پاڻ بنفسِ نفيس خود ان جماعت ڏانهن تشريف وٺي ويا ۽ هرهڪ فقير جي ٻنيءَ تي ويا. هڪ دفعي ٻڍاٽين جي ڳوٺ کان (ٽن ڪلوميٽرن جي مفاصلي کان) پڻ بيل گاڏي تي غيبي ديري تشريف فرما ٿيا هئا.

سندن لاڏاڻو : خليفه مولانا فضل محمد بروهي صاحب جولاءِ 1973ع ۾ درگاهه طاهر آباد شريف کان درگاهه فقيرپور شريف مهراڻ ايڪسپريس ۾ اچي رهيا هيا. برسات جي ڪري لائين جي خرابي سبب ريل گاڏي نوابشاهه واري لائين سان اچي رهي هئي. نوابشاهه جي پر ۾ دوڙ اسٽيشن جي قريب مولوي صاحب هلندڙ گاڏيءَ مان ڪرڻ سبب وصال ڪري ويا. شناختي ڪارڊ يا ڪا ٻي سڃاڻپ نه هئڻ ڪري ريلوي انتظاميه سندن فوٽو ڪڍي ٽئين ڏينهن تي وارثن جي غيرموجودگيءَ ۾ سڪرنڊ ناڪو نوابشاهه جي قبرستان ۾ کين دفن ڪيو. ڪجهه ڏينهن کان پوءِ سندن جماعت ۽ رشتيدارن کي سندن وصال جي خبر ملي. سندن پيائرن مزار شريف ٺهرائي ڪتبو لڳايو. کين ڪو به نرينه اولاد نه هيو.

اتي فضل مالڪ سندا سوَ هزار.
جتي فضل احمد جي آهي مزار.

70 هون خليفو:

حضرت خليفه
حافظ نور محمد
راڄپر (موجائي)

حضرت خليفه حافظ نور محمد راڄپر ولد ڪرم علي پير مٺا ﷫ جا پيارا دل وارا خليفا هيا. پاڻ 1933ع ۾ ڳوٺ خير محمد موجائي، يونين ڪائونسل ڪوٽ لالو، تعلقو فيض گنج، ضلعو خيرپور ميرس ۾ تولد ٿيا. ننڍپڻ جا سونهري ڏينهن ان ئي ڳوٺ ۾ گذاريائون. سندن تخلص ”**حافظ صاحب**“ هيو. سندن نالو جماعت غفاريه جي مخلص هستين ۾ شمار ٿئي ٿو. ڪوٽ لالو جا چيئرمين به رهيا. درگاهه رحمتپور شريف بابت اٿندڙ سرڪاري معاملات جي حل ۾ پاڻ پيش پيش هوندا هئا. عام ماڻهن جا مسئلا بغور ٻڌي حل ڪندا هيا. سندن پوري زندگي الله جي ٻانهن جي خدمت ڪندي گذري.

تعليم: ابتدائي تعليم پنهنجي اباڻي ڳوٺ ۾ حاصل ڪيائون. قرآن مجيد، استاد حافظ عزيز الله راڄپر وٽ حفظ ڪيائون.

بيعت: پير مٺا سائين سان بيعت کان اڳ پاڻ شاهه مردان شاهه ثاني پير سائين پاڳاري جي صحبت ۾ ويندا هيا. پير صاحب مٿن ڏاڍا مهربان هوندا هيا. پوءِ حضرت پير مٺا سائين قدس سره العزيز جي فيض و برڪت جو ٻڌي تمام گهڻو متاثر ٿيا ۽ درگاهه رحمتپور شريف پهچي پير مٺا سائين جي بيعت ڪيائون.

پاڻ پير مٺا سائين جي وصال بعد پير سهڻا سائين ۽ پير سڄڻ سائين جي به صحبتن مان به فيضياب ٿيا. تنهين بزرگن سان اڪثر تبليغي سفرن ۾ به ساڻ هوندا هيا. ڪين اهو به شرف مليل هيو جو درگاهه الله آباد ۽ فقير پور شريف جي سالانه عرسن تي صبح جو ختم شريف ڪائن ئي پڙهايو ويندو هيو.

محبتِ مرشد: پاڻ اڪثر پنهنجي مرشد جي صحبت ۾ درگاهہ رحمتپور شريف رهندا هيا. سفر حضر ۾ مرشد سان گڏ هوندا هيا. پنهنجي مرشد جي محبت ۾ سرشار هوندا هيا.

خدمتِ خلق : خدمت جي خوبي ڪين ازل کان ورثي ۾ مليل هئي. پاڻ سماجي توڙي سياسي خدمتون بہ ڪيائون. پوري زندگي خدا جي خلق جي خدمت ۾ صرف ڪري ڇڏيائون. ڪڏهن بہ ڪنهن ڏکاري ۽ مظلوم کي بنا مدد ڪرڻ جي پنهنجي در تان نہ موٽايائون. هر هيڻي ۽ پريشان حال جي مدد ڪري ان جا غم ميٽي ڇڏيندا هيا. رات ڏينهن ماڻهن کي خوش ڪرڻ لاءِ پاڻ پتوڙيائون. ان لحاظ کان پاڻ هڪ عظيم همدرد ۽ هڏ ڏوکي طور سڃاتا وڃن ٿا.

فڪرِ دين: سندن وصال واري رات عشاء نماز کان پوءِ فقيرن کي فرمايائون تہ فلاڻو ماڻهو جماعت سان نماز پڙهڻ ۾ سستي ٿو ڪري. سڀاڻي سڀ گڏجي ان وٽ هلنداسين تہ جيئن هو جماعت جي ثواب کان محروم نہ ٿئي. جڏهن مرشد جي درگاهہ شريف کان ڳوٺ واپس ايندا هيا تہ هر نماز تي ڳوٺ وارن کي سڏي پاڻ سان گڏ مسجد ۾ نماز لاءِ وٺي ويندا هيا.

چورن بہ آڻ مڃي! حڪيم خدا بخش سيال ٻڌايو تہ هڪ دفعي ڪنهن ماڻهو جي چور چوري ڪري ويا. ان رحمتپور شريف وڃي پير مٺا سائين جن کي عرض ڪيو. پير سائين جن خليفي حافظ نور محمد ڏانهن نهاري فرمايو هن فقير جي مدد ڪريو. عرض ڪيائين حاضر سائين. خليفو صاحب تئين ڏينهن جڏهن واپس وريو تہ اهو فقير بہ ساڻس گڏ هيو جڏهن روهڙي اسٽيشن تي پهتا تہ اهي ساڳيا چور بہ ريل گاڏيءَ مان لٿا. فريادي فقيرَ ڪيس چورن جي نشاندهي ڪرائي. پوءِ خليفو صاحب چورن کي پڪڙي ڪوٽ لالو وٺي آيو. نيٺ مجبور ٿي چورن سموري چوري جا سامان فقيرن کي واپس ورائي ڏنا.

حج : پاڻ هڪ حج حضرت سهڻا سائين رحمة الله عليه سان گڏ ادا ڪيائون.

شاديون ۽ اولاد : پاڻ بہ شاديون ڪيائون. ڪين 6 فرزند ۽ 3 نياڻيون ٿيون.

پيون نمبر فرزند فقير نياز احمد سندن پيروي ڪندي دين اسلام جي خدمت ۾ مصروف عمل آهي. خليفہ صاحب جو ساليانو عرس مبارڪ سندن وصال جي تاريخ 16 فيبروري تي ڳوٺ خير محمد موجائي ۾ وڏي محبت سان ملهايو ويندو آهي.

71 هون خليفو:

حضرت خليفہ
حڪيم الله بخش پٺاڻ
(ڪوٽ لالو وارا)

حاذق حڪيم، طبعًا حليم، اخلاقاً ڪريم، حضرت مولانا مولوي الله بخش حڪيم رحمة الله عليه.
سندن والد جو نالو ميان خير الدين، والده ماجده جو نالو صلاح بيبي هيو. پاڻ مدوزئي پٺاڻ هيا. سندن آباء و اجداد افغانستان جي علائقي جلال آباد کان هجرت ڪري ڳوٺ ٻڍيڪي، تعلقو چنيوٽ، ضلع جهنگ پنجاب ۾ سڪونت پذير ٿيا. سندن والد محترم وقت جو وڏو بزرگ هيو. پاڻ تمام گهڻو ذڪر ڪندا هيا. ايتري قدر جو بشري حاجت وقت پنهنجي زبان کي پڪڙيندا هيا تہ متان رب جي نالي جي بي ادبي نہ ٿي پوي.
ولادت: پاڻ سن 1881ع ۾ قصبہ واڙه تعلقو چنيوٽ، ضلع جهنگ ۾ تولد ٿيا. پاڻ حڪيم صاحب، طبيب صاحب ۽ **مولوي جهنگوي صاحب** جي لقبن سان مشهور آهن.
ڪجھ عرصي کان پوءِ سندن والدين ڳوٺ ٻڍيڪي مان هجرت ڪري قصبہ واڙه ۾ اچي آباد ٿيا. اهڙي طرح سندن ننڍپڻ بہ قصبہ واڙهہ ۾ گذريو. سندن والد صاحب سلسلہ چشتيہ، قادريہ ۽ نقشبنديہ عاليہ سان منسلڪ هيا. سندن مزار شريف قصبہ واڙهہ ۾ آهي.
شجره نسب: حڪيم مولوي الله بخش صاحب بن ميان خيرالدين بن ميان الله ڄوايا بن ميان محمد رمضان بن ميان جمال الدين بن ميان منور حسين بن ميان قطار الله بن ميان غلام رسول بن ميان نظام الدين بن ميان نور مصطفيٰ بن ميان فتح محمد بن ميان برخوردار بن حضرت قبلہ مهر خان بن اسماعيل خان.
تعليم: پرائمري تعليم نٿ محمد شاهہ اسڪول ۾ پڙهيا. عربي فارسي ۽ حڪمت استاد ميان نور احمد صاحب کان حاصل ڪيائون جيڪي چڪ پروانہ جا رهائشي هيا.

صورت ۽ سيرت: ننڍڙي هوندي کان ئي ڪين خدمتِ خلق جو جذبو تمام گهڻو هوندو هيو. پاڻ حليم الطبع، نرم، صابر و شاڪر هيا. تحمل، بردباري ۽ برداشت جهڙين انمول خاصيتن جو مجموعہ هيا. جيڪو بہ ڪانئن علاج ڪرائڻ لاءِ ايندو هو تہ ان جي ڳالهہ غور سان ٻڌندا هيا، نسخو تجويز ڪندا هيا. سندن طبيعت ملنسار، شفيق ۽ خوش خلق هوندي هئي. سندن پيار ۽ پاپوهہ وارو هڪ ئي جملو ماڻهن جي دلين ۾ اثر ڪري ويندو هيو. سندن ٻاجهہ ڀري ۽ شفيق طبيعت ڪان هر ماڻهو متاثر ٿيندو هيو. غمگينن جا غم لهي ويندا هيا، ڏکايلن جا ڏک ختم ٿي ويندا هيا.

پاڻ قداور، سفيدي مائل رنگ، ڀريل جسم، ڪشادو سينو جيڪو تجليات الاهي جو خزينو هيو. سندن هٿ ريشم وانگر ملائم ۽ ڪشادا هوندا هيا. هٿ ۾ سنت مطابق لٺ کڻندا هيا. سندن آواز درمياني هوندو هيو نہ تمام تيز نہ تمام هلڪو. ڪڏهن تيز هلندا هيا ڪڏهن آهستي هلندا هيا. پنڌ ڪندي ڪڏهن بہ ٿڪجندا نہ هيا. نہ صرف مسلمانن سان پر هندن سان بہ سندن سهڻو سلوڪ هوندو هيو. تڪليفن ۽ پريشانين ۾ انهن سان همدردي ڪندا هيا. بيماري جي وقت علاج لاءِ اُهي ڪين وٽي ويندا هيا. پاڻ انهن وٽ وڃي مفت ۾ علاج ڪندا هيا. انهن کي همٿائيندا هيا. سندن اهڙو اعليٰ اخلاق ڏسي ڪيترائي هندو ڪلمو پڙهي مسلمان ٿيا.

معاف ڪري ڇڏيائون: هڪ دفعي ڪجهہ هندن جا ٻار هڪٻئي کي گاريون ڏئي رهيا هيا. سندن اتان گذر ٿيو. سبب پڇيائون تہ ٻارن جهرڪي جي باري ۾ ٻڌايو. پاڻ ٻارن کان جهرڪي وٺي اڏائي ڇڏيائون. جنهن تي انهن هندن ساڻن دشمني شروع ڪئي. معاملو وڃي ڪورٽ تائين پهتو. مٿن ڪيس ڪيو ويو. ہ تي شنوايون بہ ٿيون. پوءِ معاملو رفع دفع ٿي ويو. نيٺ انهن هندن کي پنهنجي غلطي جي شرمساري ٿي ۽ اچي ڪانئن معافي ورتائون. پاڻ هر شيءِ کي وساري نبي ڪريم ﷺ جي سنت ادا ڪندي انهن کان ڪوبہ بدلو نہ ورتائون ۽ معاف ڪري ڇڏيائون.

ٻارن سان شفقت: نہ صرف وڏن سان پر ٻارن سان بہ محبت ۽ شفقت سان پيش ايندا هيا. ٻارڙن جي دل ۾ بہ سندن لاءِ محبت هوندي هئي. جڏهن پاڻ وات تان گذرندا هيا تہ ٻاڙي

اوڙي جا ٻار ٻوڙندا ڀڄندا کو ميان بابا، کو ميان باوا کو ميان جي چئي کين چنبڙي ويندو هيو. پاڻ وڏي شفقت ۽ پاپوهہ سان ٻارن جي مٿي تي هٿ ڦيرائي شاباس چوندا هيا. انهن کي عمر درازي ۽ نيڪ ٿيڻ جون دعائون ڪندا هيا. پاڻ مجسمہ اخلاص ۽ پيڪر اخلاق حسنہ هيا. جيڪڏهن ڪو ٻار سندن ڏانهن ڊوڙندي ڪِري پوندو هيو تہ پاڻ جلدي ان کي ڪٽي ان جا ڪپڙا ڇنڊي، ٻاجهہ پريو پاڪر پائي ان کي پرچائيندا هيا. ماني کائيندي اگر ڪو ٻار وٽن ايندو هيو تہ پاڻ ان کي پنهنجي هٿن مبارڪن سان ماني کارائيندا هيا. ڪا عورت سندن گهر ۾ علاج لاءِ ايندي هئي ۽ اگر ان سان گڏ ڪو ٻار هوندو هيو تہ پنهنجي گهروارن کي فرمائيندا هيا تہ هن ٻار کي بک لڳي هوندي ماني کارايوس. اگر اهو کير پياڪ هوندو هيو تہ پنهنجي گهروارن کي کير پيارڻ لاءِ بہ فرمائيندا هيا.

سندن آبائي ڳوٺ واڙہ جي چڪ ڪيمَي ۾ هندو پنهنجا فيصلا بہ کانئن ڪرائيندا هئا. پاڻ هر دلعزيز هوندا هيا. مسلمان توڙي غير مسلم کين عزت جي نگاهہ سان ڏسندا هيا. هر ماڻهوءَ جي دل تي سندس نالو هيو. هر مَنَ ۾ سندن محبت سمايل هئي. جڏهن پاڻ 36-1935ع ۾ پنجاب کان سنڌ ڏانهن هجرت ڪري رهيا هيا تہ سندن جدائي ۾ بيتاب ٿي مسلمانن کان علاوه هندن بہ اوچنگاريون ڏئي رُنو.

لباس: پاڻ تمام اُچو لباس ڪونہ اوڙهيندا هيا جنهن سان تڪبر ظاهر ٿئي پر پُر وقار ۽ سفيد لباس زيب تن ڪندا هيا. سفيد عمامو ۽ ڪلهن تي سفيد رومال رکندا هيا.

خوراڪ: کائڻ پيئڻ ۾ بہ پُر تڪلف اهتمام کان بي نياز رهيا. اگر دسترخوان تي عمده قسم جو کاڌو رکيل هوندو هيو تہ کائيندا هيا ۽ اگر سادو سودو هوندو هيو تہ بہ وڏي خوشي ۽ صبر سان کائيندا هيا. ڪچي بصر، ٿوم ۽ موري کائڻ کان احتياط ڪندا هيا. کير وڏي شوق سان پيئندا هيا. البتہ حياتي جي آخري حصي ۾ چانهہ بہ پيئڻ شروع ڪيائون. ڪڏهن ڪڏهن ڪارا مرچ ۽ معمولي پيئل لوڻ بہ چانهہ ۾ ملائي استعمال ڪندا هيا.

سلسلہ طريقت: عمر جو شروع وارو حصو بي پرواهي ۽ آزاد خيال وارو گذاريائون. فرمائيندا هيا تہ هڪ دفعي خواب ڏٺم، خواب تہ وسري ويو صرف "**گولڙا**" لفظ ياد رهيو.

ڪافي عرصي تائين اهو لفظ سندن ذهن ۾ پوئنئر جيان ڦيرا ڏيندو رهيو. 1911ع سندن پرواري ڪيمَي چڪ ۾ حضرت پير مهر علي شاهه صاحب رحمة الله عليه جلوه افروز ٿيا. ماڻهن کان ٻڌائون تہ گولڙا شريف کان هڪ پير آيو آهي. پوءِ ڪين وري اهو خواب وارو لفظ ”گولڙا“ ياد اچي ويو. بزرگ جي زيارت جو اشتياق پيدا ٿين. پوءِ ڳوٺ جي احمد نالي شخص سان گڏجي سندن زيارت لاءِ آيا. جيئن ئي پهرين نظر سندن چهره اقدس تي پئي تہ سندن قسمت جو رخ ئي متجي ويو، دل جي دنيا بدلجي وئي، ذهن جو لاڙو متجي ويو. پوءِ ساڻن بيعت ڪيائون. بزرگ جي صحبت مٿن اهڙو رنگ چاڙهيو جو پاڻ گوشہ نشيني اختيار ڪيائون. گهر جي پرسان هڪ عبادت خانو ٺهرائي ان ۾ الله جي بندگي ۾ مصروف ٿي ويا.

معاوضو نہ ورتائون: پاڻ اڪثر ڪري فرمائيندا هيا تہ حضرت مرشدي سيد مهر علي شاهه گولڙوي رحمت الله عليہ هڪ دفعي مون کي سڏي فرمايو تہ مولوي جهنگوي توهان کي حڪمت ڏني وئي آهي پر ڪنهن کي تڪليف نہ ڏجو. پنهنجي مرشد جي ان فرمان تي عمل ڪندي پاڻ پنهنجي سموري حياتيءَ ۾ ڪنهن کان بہ مقرر ڪيل معاوضو نہ ورتائون. هر مريض جي ڳالهہ غور سان ٻڌندا هيا. حڪمت جو ڪم پيسي ڪمائڻ لاءِ نہ بلڪہ خدمتِ خلق لاءِ اختيارڪيائون. ڪڏهن بہ ڪنهن کان علاج لاءِ ڪا فيس وغيره نہ ورتائون، جنهن جو بہ علاج ڪيائون في سبيل الله ڪيائون.

فرمائيندا هيا هڪ دفعي ٿي مهينا مدينہ طيبہ ۾ حاضري نصيب ٿي. اتي حضرت فضل علي قريشي رحمت الله عليہ جي خليفي حضرت مولانا عبدالغفور رحمت الله عليہ جي گهر رهندو هيس. مدينہ طيبہ ۾ شايد اهڙو گهر نہ هيو جنهن ۾ مون کي علاج لاءِ نہ گهرايو ويو هجي. در در وڃي مديني جي ماڻهن جو علاج ڪيم. اُهي مون کي نذرانو پيش ڪندا هيا پر مان اهو چئي واپس ڪندو هيس تہ ”هيءَ تہ شهر منهنجي آقا و مولا محبوب ڪريم ﷺ جو آهي. مان هن شهر جي ڪُتن جي قدمن جي خاڪ جهڙو بہ نہ آهيان. مان تہ خادم آهيان. نذرانو وٺڻ نہ بلڪہ خدمت ڪرڻ آيو آهيان.“

پاڻ رقيق القلب هيا. انسان ته ٺهيو جانور کي تڪليف ۾ ڏسي نه سگهندا هيا ان جو به علاج پاڻ ڪندا هيا. هڪ دفعي پاڻ هڪ ڪُتيءَ جي زخم جو علاج ڪندي ان کي پٽي ٻڌائون. فرمائيندا هيا ته پوري زندگي مان ڪنهن کان علاج جو معاوضو يا فيس وغيره نه ورتي. هِي منهنجي مرشد جو فيض آهي.

معاشي ذريعا: ابتدا ۾ پاڻ ڪپڙن جي سلائي جو ڪم ڪندا هيا. بعد ۾ هندستان جي علائقي نيني نال ۾ هڪ پلاٽ ورتائون. هڪ دفعي ڏٺائون ته اتي ڪافي تعداد ۾ پولڙا نظر آيا. اهو سمورو حال احوال پنهنجي مرشد حضرت پير مهر علي رحمة الله عليه سان ڪيائون. حضرت صاحب جن ڪين اتي وڃڻ کان منع ڪيو ۽ دعا ڏنائون ته الله تعاليٰ پيو ڪو سبب بنائيندو.

هِندن به رَوئِي ڏنو: ڪجهه ئي ڏينهن کان پوءِ خيرپور ميرس جي علي مراد ٽالپر جي طرفان رياست جي آبادي لاءِ اشتهار مليا. پاڻ ته پهرئين ئي زمين جي تلاش ۾ هيا سو سندن مرشد گولڙوي صاحب کان اجازت ۽ دعا وٺي سنڌ روانا ٿيا. پهرئين گمبٽ، ٽنڊو مستي، راڻي پور جي پري پري علائقن ۾ وڃي ڏٺائون.

بيان جي تاثير: پاڻ فرمايائون ته ميرپور خاص جي علائقي ۾ آيس. جمعي جو ڏينهن هيو. مولوي صاحب حضرت حبيب ڪريم ﷺ جي سيرت پاڪ جو هڪ واقعو بيان ڪري رهيو هيو. نماز کان پوءِ مون مولوي صاحب کي چيو اوهان اهو واقعو وضاحت سان پورو بيان ڪيو ها ته بهتر ٿئي ها. مولوي صاحب چيو ته اوهان ئي بيان فرمايو. پوءِ مون بيان ڪرڻ شروع ڪيو ته مسجد ۾ ويٺل جماعتي ۽ مولوي صاحب ته روئڻ لڳا پر آواز ٻاهر ويو ته مسجد جي دروازي تي هندو به اچي بيٺا اهي به روئندا رهيا. انهن مان ڪجهه هندو ان وقت ڪلمو پڙهي مسلمان ٿيا. پوءِ آءٌ ته واپس هليو ويس پر ڪافي عرصي تائين انهن جا خط، دعوت ناما ۽ عيد ڪارڊ ايندا رهندا هيا پر تمام گهڻي مصروفيات جي سبب اوڏانهن وڃڻ نه ٿي سگهيو. انهن مان ڪجهه ماڻهو مون وٽ آيا به هئا.

زمين ۽ انگريز آفيسر: ان ڪانپوءِ پاڻ خيرپور ميرس آيا هيا. جڏهن خيرپور ميرس جي اسٽيشن تي پهتا ته اتي هڪ مجذوب پليٽ فارم تي ويٺي هئي، ڪين چيائين ته ”مولوي صاحب توهان کي مير جي رياست مان زمين ڏني وئي آهي.“ اهو ٻڌي پاڻ مطمئن ٿي ويا.

رات جامع مسجد ۾ گذاريائون. مسجد جي پيش امام سندن سئي خاطر تواضع ڪئي. مير اعجاز علي ٽالپر جيڪو رياست خيرپور ميرس جو وزيراعليٰ هيو. اهو بہ فجر نماز ۾ موجود هيو. مير اعجاز کان پيش امام سندس والده جي طبيعت پڇي. جنهن تي مير اعجاز والده جي پريشاني ظاهر ڪئي. پوءِ پاڻ بہ مير صاحب کان مريضہ متعلق پڇيو. مير اعجاز ڪيس مريضہ جي سموري حالت بيان ڪري ٻڌائي. پوءِ پاڻ مير کي هڪ نسخو پيش ڪيائون جنهن جي استعمال سان هڪ ئي رات ۾ ڪافي فائدو ٿيو. مير اعجاز ٻئي ڏينهن فجر نماز وقت خليفہ صاحب کي خوش ٿيندي پنهنجي والده جي طبيعت ٻڌايائين. اهڙي طرح سان مير اعجاز ڪائنن هتي اچڻ جو سبب پڇيو. پوءِ مير اعجاز پنهنجي هڪ اعليٰ انگريز آفيسر سليڊن کي بہ سموري حقيقت کان آگاهہ ڪيو جنهن چيو تہ ان حڪيم صاحب کي اسان پنهنجي رياست خيرپور ۾ رکنداسين ۽ خليفہ صاحب سان ملڻ جي خواهش ظاهر ڪيائين. جڏهن پاڻ ان جي آفيس ۾ پهتا تہ مير اعجاز، انگريز آفيسر ۽ ٻيا بہ آفيس جا ماڻهو سندن استقبال لاءِ آفيس جي ٻاهران منتظر هيا. پوءِ انگريز آفيسر سليڊن مصافحو ڪري ڪيس پنهنجي آفيس وٺي ويو. اتي مير اعجاز جي والده جي طبيعت ۽ خليفہ صاحب جي هتي اچڻ جي متعلق تفصيلاً گفتگو ٿي. انگريز سندن مٺي گفتار ۽ حڪمت جي مهارت مان تمام گهڻو متاثر ٿيندي اِهو چوڻ تي مجبور ٿي پيو تہ "توهان کي اسان پنهنجي رياست خيرپور ميرس ۾ ئي رکڻ چاهيون ٿا. توهان مير صاحب جي والده جو علاج ڪيو، اها صحتمند ٿي وئي آهي. سرڪار توهان کي انعام ڏيڻ چاهي ٿي. گهُرو جيڪو چاهيو ٿا."

پاڻ پيسن تي زمين متعلق ٻڌايائون. پوءِ انگريز آفيسر خوش ٿيندي ڪيس زمين ڏيکارڻ لاءِ حڪم ڪيو. حڪم ملڻ سان تپيدار، مختيارڪار ۽ ٻيا آفيس جا ماڻهو زمين تي پهچي ويا. خليفہ صاحب جي سواري جو انتظام ڪيو ويو، پاڻ وڏي شان سان سوار ٿي زمين تي پهتا. زمين کي ڏسندا ڏسندا اچي نهر جي ڪناري ان جڳهہ تي پهتا جتي هن وقت مدرسو قائم آهي. گهوڙي تان هيٺ لٿا. دڙي تي چڙهي نظارو ڏسندا رهيا تہ ڪين پنهنجي خواب جي تعبير ڏسڻ ۾ اچڻ لڳي. زمين گهمي واپس خيرپور ميرس آيا، اتي

اڳ ئي انگريز ۽ مير صاحب سندن لاءِ منتظر هيا. پاڻ زمين جي پسنديدگي جو اظهار ڪيائون. جلدي ۾ زمين جا ڪاغذ گهرايا ويا ۽ انگريز آفيسر ان تي صحيح ڪرڻ لڳو تہ فوراً قلم پني تان ڪڻندي گهري سوچ ۾ اچي ويو. چيائين تہ زمين انعام طور بہ ڏئي سگهجي ٿي پر مستقبل ۾ جاگير ضبط بہ ٿي سگهي ٿي. خريد ٿيل زمين ضبط نہ ٿي ٿي سگهي ان ڪري توهان کي اها زمين 5.35 جي حساب سان ڏني وڃي ٿي تہ جيئن توهان کي اڳيان ڪنهن بہ قسم جو مسئلو پيش نہ اچي. اها ڳالهہ خليفي صاحب قبول ڪئي. پوءِ زمين نہ صرف آسان قسطن ۾ پر ڏلون بہ معاف ڪري ڏني وئي. ان کان علاوه جيڪو فصل تيار هيو اهو بہ ڏنو ويو.

سندن خواب: فرمايائون تہ جنهن دؤر ۾ مان زمين جي تلاش ۾ هيس تہ ان دوران مون خواب ڏٺو تہ آءٌ زمين ڏسڻ لاءِ وڃي رهيو آهيان. هڪ ڪتو منهنجي اڳيان آهي. هلندي هلندي هڪ جهنگل ۾ نهر جي ڀرسان دڙي تي اهو ڪتو ويهي رهيو. آءٌ بيهي رهيس. ٿوري دير کان پوءِ اولهہ طرف کان روشني نظر اچڻ لڳي ۽ الصلوات والسلام عليک يا رسول الله الصلوات والسلام عليک يا حبيب الله جو آواز ٻڌڻ ۾ آيو. خبر پئي تہ تاجدارِ ڪائنات ﷺ جي آمد آهي. آءٌ اڳتي ويس. ڏٺم تہ رستا سينگاريا پئي ويا. هر طرف خوشبوءِ خوشبوءِ هئي. پوءِ اچي حضور اڪرم ﷺ جي خدمت ۾ حاضر ٿيس. پاڻ مونکي اشارو ڪندي فرمايائون تہ وڃ اهو هيرن موتين جو ڍير آهي اتان وڃي موتي ڪڻ. آءٌ ان ڍير تي آيس ۽ جهولي ۾ جيئن موتي وجهندو پئي ويس تہ اُهي موتي ڪتاب ٿي پئي ويا. جڏهن جهولي ڀري حضور ﷺ کي ڏٺم تہ اک کلي وئي. پاڻ ان خواب جو تعبير ڪندي فرمائيندا هيا تہ ان زمين جو ملڻ ۽ هيرن موتين جي ڍير مان مراد اهو ڪتب خانو آهي.

ڪتي جي باري ۾ فرمايائون تہ سياري جي موسم هئي ۽ رات جو مينهن بہ گهڻو وسي رهيو هيو. گهتي ۾ پاڻي نهر وانگر وهي رهيو هيو ان ۾ هڪ ڪتو لڙهندي ٿي ويو. مان ڪتي جو آواز ٻڌي فوراً ٻاهر آيس ۽ ان کي ڪنوڻ جي روشني ۾ ڏسندي ڪڻي ڪمري ۾ آيس. پراڻي رلهي سان ان کي ڍڪي گرم کير پياريم. پوءِ ان ڪتي کي پاليم، وڏو ٿي اسان جي گهر جي حفاظت ڪندو هيو ۽ ڏاڍو وفادار هوندو هيو. خواب ۾ جيڪو ڪتو منهنجي اڳيان هيو اهو ساڳيو ئي ڪتو نظر آيو هيو.

هجرت: 36-1935ع ۾ پنجاب کان رياست خيرپورميرس، فيض گنج ۾ سکونت پذير ٿيا.

پرينءَ جي پچار: سنڌ ۾ هجرت ڪرڻ کان پوءِ سوچيائون تہ عمر اجائي دنياوي ڪمن ۾ ضايع ٿي رهي آهي. پوءِ زمينداري ۽ ٻيا دنياوي ڪم پنهنجي پٽ مولوي غلام احمد صاحب جي حوالي ڪري صرف يادِ الاهي ۾ زندگي گذارڻ لڳا. جيئن حضرت شاهِ بغداد غوث اعظم جيلاني رحمة الله عليه فرمائن ٿا تہ الله تعاليٰ جو قرب ۽ وصال صرف هڪ قدم ۾ نصيب ٿي سگهي ٿو. يعني دنيا کان قدم ڪڍي قربِ الاهي ۾ رکڻ آهي. جنهن تي رب پنهنجو فضل ڪندو آهي ان کي پنهنجي محبت جو مشروب پياريندو آهي. محبتِ الاهي جي حصول ۾ عقل و فڪر ۽ دانائي جو گهوڙو منڊو هوندو آهي. اِها محبت صرف رب جي فضل ۽ ڪرم سان ئي ملندي آهي.

ڪيفيات ذڪر: پاڻ فرمائيندا هيا تہ جڏهن آءٌ رات جو رفع حاجت لاءِ ويندو آهيان تہ مونکي ڪلاڪ ڏيڍ ڪلاڪ تائين هڪ ٽنگ تي ويهڻو پوندو آهي. هر طرف الله الله الله ٻڌڻ ۾ ايندو آهي. پنهنجو پاڻ کي ڏسندو آهيان تہ الله الله الله جي ئي تنوار هوندي آهي. سوچيندو آهيان تہ پير رکان تہ ڪٿي رکان. ڪلاڪ ڏيڍ ڪلاڪ کان پوءِ جڏهن اها ڪيفيت بدلجندي آهي تڏهن بشري حاجت پوري ڪري واپس ايندو آهيان.

جن کي دَوَرُ دَرِدَ جو، سبق سُوَرَ پڙهنّ؛
فِڪرَ فَرَهِي هٿ ۾، ماٺ مُطالع ڪنّ؛
پَنو سو پڙهنّ، جنهن ۾ پَسن پرينءَ کي.

ڪڏهن تہ پاڻ ذڪرِ الاهي ۾ ايترو مستغرق ٿي ويندا هيا جو کين کائڻ پيئڻ جو احساس ئي نہ رهندو هيو. هر شيءِ کان بي نياز ٿي ويندا هيا ڇو تہ پاڻ هر گهڙي الله جي وحدانيت ۽ محبت جي اونهي سمنڊ ۾ غوطہ زن ٿي ويندا هيا.

سندن وُسعتِ باطن: هڪ دفعي حضرت پير مهر علي شاهہ رحمة الله عليه کين فرمايو تہ: "مولوي جهنگوي صاحب! سلسلہ نقشبنديہ جا سبق تہ پورا ٿي ويا آهن پر اوهان جو ٺانوُ اجا وسيع آهي، اجا بہ اوهان کي ڪوجوان پُر ڪش پياريندو." ان دؤران حضرت پير مهر علي شاه رحمة الله عليه جو وصال پر ملال ٿي ويو. ان تي پاڻ نهايت غمزده ۽ افسرده ٿيا.

پير جو پيغام: حضرت پير مهر علي رحمة الله عليه جو هڪ عقيدتمند ريل گاڏيءَ جو ڊرائيور هوندو هيو. جيڪو روهڙي ۽ ڪراچي جي درميان ريل هلائيندو هيو. هڪ ڀيري ان کي خواب ۾ حضرت مهر علي رحمة الله عليه جو ديدار ٿيو. پاڻ فرمايائونس ته منهنجو هڪ صادق مريد حڪيم الله بخش ڪوٽ لالو ۾ رهندو آهي ان کي منهنجو پيغام پهچاءِ ته:

"پنهنجو سينو خواجه عبدالغفار نقشبندي کان وجي ڀرپور ڪرائي".

ڊرائيور سجاڳ ٿيو پوءِ ڪافي ڏينهن تائين خليفي صاحب بابت پڇائون ڪندو رهيو. هڪ ڏينهن پڊ عيدن ريلوي اسٽيشن تي مولوي عبدالحق سان ملاقات ٿيس. جيڪو ريلوي اسٽيشن بوڪو شهيد جي جامع مسجد ۾ پيش امام هيو. ان کان خليفي صاحب بابت دريافت ڪيائين. ان چيو ته ڪوٽ لالو جي طرف جا ماڻهو هتي اڪثر نماز پڙهڻ لاءِ ايندا رهندا آهن. ايتري ۾ خليفه الله بخش جو فرزند مولوي غلام احمد اسٽيشن تي نظر آيو. پوءِ ان سان گڏجي اهو ڊرائيور سندن خدمت ۾ پهتو ۽ کين مرشد حضرت پير مهر علي رحمة الله عليه جو پيغام پهچايائين. ان تي کين روئڻ اچي ويو.

ڊرائيور جي ذڪر جي ڪيفيت: ان ڊرائيور کي پاڻ رات رهايائون. مسجد سان لڳ حجري ۾ مهمان جي رهڻ جو انتظام ڪيو ويو. مسجد جي امام قاري الله بخش بيان ڪيو ته مان رات جو رفع حاجت لاءِ ٻاهر آيس. ٻر واري مهمانن جي ڪمري مان هلڪو هلڪو آواز اچي رهيو هيو ۽ دروازي جي سوراخن مان ڪيڏي مهل هلڪي روشني ٻاهر نڪري رهي هئي. سوراخ مان ڏٺم ته سبحان الله ڊرائيور صاحب نفي اثبات جي ذڪر ۾ محو هيو ۽ سندس عجيب ڪيفيت هئي. جڏهن "لا" تي چيائين ته چراغ جي روشني ختم ٿي پئي وئي. وري جڏهن "الا الله" جي ضرب تي لڳايائين ته چراغ روشن ٿي پئي ويو. قاري صاحب چيو ته منهنجا وار ڪانڊارجي ويا. جلدي جلدي پنهنجي حجري ۾ ويس. ننڊ نه پئي آئي. ڪجهه دير کان پوءِ خليفه الله بخش رحمت الله عليه مسجد ۾ آيا ۽ تهجد نماز ۾ مصروف ٿي ويا. پوءِ اهو ڊرائيور صاحب به تهجد لاءِ آيو. فجر نماز کانپوءِ مهمانن کي ناشتو ڪرايو ويو ۽ پوءِ گهوڙي تي سوار ڪري کيس ڪوٽ لالو اسٽيشن روانو ڪيو ويو. ٻر مان رات وارو راز پڇي نه سگهيس.

بيعتِ ثانيه: پوءِ حڪيم صاحب حضرت پير عبد الغفار جو پچائيندي اچي ساڻن مليا ۽ ساڻن بيعتِ ثانيه ڪيائون. دوبارو سلسلي نقشبنديه جا اسباق مڪمل ڪيائون. نه صرف ايترو پر پير مٺا سائين رحمة الله عليه جن ڪين خرقهءِ خلافت سان به نوازيو.

مرشد سان پيار: مرشد سان بيعت ٿيڻ بعد پاڻ پنهنجو تن من ۽ ڌن سڀ ڪجهه پنهنجي پير تان نثار ڪرڻ لاءِ هر وقت تيار رهندا هئا. سندن ايثار ۽ خلوص مثالي هيو. جڏهن به دربار عاليه رحمتپور شريف ايندا هيا ته پاڻ سان گڏ تحفا وغيره ڪٺي ايندا هيا. ان کان علاوه مالي طرح به لنگر جي خدمت ڪندا هيا. نه صرف پنهنجي هٿان پر ٻين جي هٿان به سوکڙي پاکڙي موڪليندا رهندا هيا. پاڻ فرمائيندا هيا ته جڏهن مرشد جي زيارت ۽ صحبت لاءِ گولڙا شريف ويندو هيس ته اتي خيال ايندو هيم ته ڪاش مرشد جي بچيل کو مانيءَ جو ٽڪرو ملي وڃي ته اِها وڏي سعادت آهي. ٿوري ئي دير کان پوءِ حضرت مهر سائين جو غلام اچي چوندو هيو ته هي ماني جو ٽڪرو سائينجن اوهان لاءِ موڪليو آهي.

هڪ دفعي پنهنجي ڳوٺ واڙه (جهنگ) مان گولڙا شريف پنڌ ويا. پنهنجي سفر جو ذڪر ڪندي فرمايائون ته جبل مٿان گذرڻ ٿيو. ڏٺم ته نئين تيزي سان هلي رهي آهي. پاڻي جو وهڪرو ايترو تيز هيو جو پير رکڻ سان گهلي پئي ويو. سوچيم ته جتان نئين شروع ٿي آهي اتي هلي ڏسجي مَن ڪو گذرڻ جو رستو ملي وڃي. اڳتي وڃي رهيو هيس ته شينهن گجگوڙ ڪندو مون ڏانهن اچي رهيو هيو. دل ۾ خوف ٿيو ته موت اچي ويو. دل ئي دل ۾ مرشد حضرت مهر علي شاهه صاحب رحمت الله عليه کي مدد لاءِ سڏيم. اتي جو اتي شينهن جو منهن ڦري ويو ۽ واپس وڃڻ لڳو. ائين پئي محسوس ٿيو ڄڻ ڪنهن هن کي ٿڦڙ هڻين هجي. ڪجهه اڳيان ويس ڏٺم ته سبحان الله قدرتي پل وانگر رستو نظر آيو. پوءِ اتان گذري نيٺ وڃي مرشد ڪريم جي خدمت ۾ حاضر ٿيس. سائينجن فرمايو ته:

"جهنگوی ایویں نہیں کریندا، ڈیکھو کتنی تکلیف آئی ہے۔"

پير روشن ضمير: فرمايائون مان اجا اتي ئي ويٺو هيس ته ايتري ۾ هڪ ماڇو صوفن جو ٽوڪرو کڻي آيو. عرض ڪيائين ته سائين هي منهنجي باغ جو پهريون ميوو آهي، دعا ڪجو ته برڪت ٿئي. صوفن جو ٽوڪرو سائينجن جي سامهون پيو هيو.

ايتري ۾ نانگري آيو، عرض ڪيائين تہ لنگر تيار آهي اجازت هجي تہ ورهايون. پاڻ اجازت ڏنائون. سڀ فقير، درويش، مريد ۽ مهمان وغيره لنگر لاءِ اٿيا. آءٌ بہ اٿيس تہ مرشد جو حڪم ٿيو آهي، حالانڪہ مون کي نفلي روزو بہ هيو. سوچيم تہ مرشد جي حڪم جي تعميل ڪيان ٿو باقي نفلي روزو قضا ڪري رکندس. ٿورو اڳتي وڃڻ لڳس تہ پاڻ ٽوڪري مان هڪ صوف کڻي فرمايائون جهنگوي هي شام جو افطاري مهل کائجو. پوءِ اهو صوف وٺي ويهي رهيس ۽ شام جو افطاري مهل کاڌم.

آدابِ مرشد: پير مٺا سائين ﷫ سان بيعت ڪرڻ کان پوءِ پنهنجي پئسن سان دوائون وٺي نسخو تيار ڪري مرشدن جي خدمت ۾ آڻيندا هيا. جڏهن بہ پاڻ خدمت ۾ حاضر ٿيندا هيا تہ تمام گهڻي عزت و ادب سان گوڏا پيچي ويهندا هيا. آهستي آواز ۽ نرم لهجي سان گفتگو ڪندا هيا. جيستائين حضرت پير مٺا قدس سره نہ ويهندا هيا تيستائين پاڻ بيٺا هوندا هيا. ڪڏهن بہ پاڻ مرشد کي پٺي نہ ڏنائون. مرشد ڪريم بہ ساڻن تمام گهڻي محبت ڪندا هيا. ايتري قدر جو سندن واسطي ماني تيار ڪرائيندا هيا ۽ ڪڏهن ڪڏهن پنهنجي هٿن مبارڪ سان خود بنفسِ نفيس کڻي ايندا هيا.

محبت جو حسين منظر: هڪ دفعي خليفو صاحب درگاهہ رحمتپور شريف ۾ پير سائين جن خدمت ۾ رهيل هيو. ڏهن ٻارهن ڏينهن بعد ڳوٺ وڃڻ لاءِ عرض ڪيائون. پاڻ فرمايائون تہ اڃا جلدي تہ نہ آهي. خليفو صاحب خاموش ٿي ويو. ٻن ٽن ڏينهن کان پوءِ وري عرض ڪيائين. پاڻ فرمايائون چڱو اڄ رهو سڀاڻي ڀلي وڃجو. ٻئي ڏينهن فجر نماز کان پوءِ حلقہ مراقبہ بعد دست بوسي ڪيائون. پاڻ فرمايائون "هڻ ويندے ہو۔" پوءِ پاڻ کين وٺي ويٺي ڀاڪر پاتائون. پوءِ هڪ ٻئي کي هٿ هٿ ۾ ڏئي اٿيا. اٿي بيهي وري ڀاڪر پائي مليا. پير سائين جن جي اکين ۾ موتين جهڙا چمڪندڙ لڙڪ اچي ويا. اهو منظر ڏسي پوري جماعت اشڪبار ٿي وئي. پوءِ هٿ هٿ ۾ ڏئي مسجد شريف جي اتر اوڀر ڪنڊ جي پيرسان پهچي وري مرشدن کيس ڀاڪر پائي پنهنجي سيني مبارڪ سان لڳايو. ان وقت مٿن عجيب ڪيف طاري هيو. خليفي صاحب جي اکين ۾ لڙڪن جو درياءَ مستي ۾ اچي ڇوليون هڻڻ لڳو هيو. لڙڪ ڀرين اکڙين سان هڪ ٻئي کي ڏسندا رهيا.

مصافحو ڪندي ”في امان الله“ فرمائي اجازت ڏنائون. خليفه صاحب جن پنهنجي آلين اکين سان پنئين پير هلڻ لڳا ۽ پير مٺا سائين کين ڏسندا رهيا. جيستائين نظر پئي آيا تيستائين کيس ڏسندا ئي رهيا. پوءِ حويلي ڏانهن روانا ٿي ويا. حالانڪ ان کان اڳ جڏهن به پاڻ سائينجن کان اجازت وٺندا هيا ته کيس جلدي اجازت ڏني ويندي هئي. پر هن دفعي بار بار رهائڻ ۽ وري وري پاڪر پائي رخصت ڪرڻ ڪنهن خاص جدائي طرف اشارو هيو. ٿيو به ائين جو ڪجھ ئي وقت کان پوءِ فقير حبيب الله صاحب جي ذريعي کين درگاھ رحمتپور شريف گهرايو ويو. جڏهن پاڻ حاضر ٿيا ته پير مٺا سائين فرمايو ته هاڻي آخري وقت آهي. توهان کي علاج لاءِ نه گهرايو ويو آهي پر توهان جي سبقن کي تازو ڪرڻ لاءِ هتي گهرايو ويو آهي. پوءِ تيرهن ڏينهن ۾ راتيون مسلسل مٿن توجهات فرمائيندا رهيا. انهن تيرهن ڏينهن ۾ خليفي صاحب تمام ٿوري ننڊ ڪئي باقي مسلسل جفا ڪشي ڪندي رهيا. تيرهن ڏينهن گذرڻ کان پوءِ پير سائين جن فرمايو ته هاڻي سلسله عاليہ نقشبنديہ جا پنجتيھ سبق مڪمل ٿي ويا. پنهنجي دل کي پهرو ڏجو. پنهنجو پاڻ ڪرامت نه ڏيکارجو اگر الله تعاليٰ ڪا ڳالھ ظاهر فرمائي ته ان جي مرضي.

الله وارن سان محبت: فيض جي حصول لاءِ پاڻ ڪافي تڪليفون ۽ سختيون سٺائون. پاڪستان ٺهڻ کان اڳ اجمير شريف ويا. اتي رهڻ دوران کين تمام گهڻو بخار ٿي پيو. حضرت خواجه معين الدين چشتي اجميري رحمة الله عليه جي مزار شريف جو خادم بار بار خدمت لاءِ ايندو رهيو. کين زور ڏئي رهيو هيو. پاڻ ان کي ڪافي روڪيائون ته توهان تڪليف نه ڪيو. پر اُهو چوڻ لڳو ته مون کي بار بار خواب ۾ خواجه صاحب توهان لاءِ حڪم فرمائين ٿا ته وڃ وڃي خدمت ڪر. آءُ ڇا ڪيان مون کي ته سائينجن جو حڪم آهي. ان کان علاوه خواجه نظام الدين، خواجه قطب الدين بختيار ڪاڪي، غوث بهاؤالحق زڪريا ۽ راڻن مشائخ رحمت الله عليهم جي مزارن شريف تي به حاضري ڏنائون. حضرت داتا گنج بخش رحمة الله عليه جي مزار تي ڪافي دفعا ويا. بابا فريد گنجشڪر جي دربار ۾ مسلسل حاضريون ڏنائون. تونسه شريف به ويا. ڳوٺ مان پنڌ ڪري خواجه شمس الدين عرف شمس العارفين پير سيال لجپال رحمة الله عليه جي آستانه عاليہ تي به حاضر ٿيندا هيا. سيال شريف ويندي واٽ تي شاھ جيونا بخاري ڪروڙيا جي مزار شريف تي به حاضري ڀريندا هيا.

سندن شاعري : پاڻ ڪجهہ شاعري بہ ڪئي هئائون جيڪا قلمي صورت ۾ موجود آهي. سندن شاعري مان مرشد سان محبت ۽ فنا في الشيخ جو پتو پئي ٿو. سندن ڪلام پين زبانن ۾ بہ آهي پر زياده ترجيح پنجابي زبان کي ڏنائون. پاڻ پير مٺا سائين رحمت الله عليہ جي فراق ۾ پنجابي زبان ۾ شاعري ڪيائون. سندن شاعريءَ جي جهلڪ پيش آهي.

اُس رحمت پور دے ماہی دی:

يا غوث مکرم غفارن ماہی، آول پھیرے پاویں ہا،
آکے بھان سہاویں ہا، نال سیاندے بھہ کے مسند لاویں ہا۔
تیرے ہجر غمان وچ پھندیاں، ساری عمر گذاراں روندیاں،
پلپل سکاں وچ روندیاں، باندی نوں آگل لاویں ہا۔
پیاں راہ او ڈیکن سیاں نی، سنگ، وچھڑیاں در تے پیاں نی،
اوہ ساعتاں کتھے گیاں نی، جاں سد کے کول بہاویں ہا۔
لگی تانگھ محبوب الٰہی دی، اُس رحمت پور دے ماہی دی،
دل سک دی آسدھرائی دی، ذرہ مہر دیاں جھاتیاں پاویں ہا۔
آ بھ سنیاں دے سنگ ماہی، لا رحمتپور نوں رنگ ماہی،
نہں آن سہاویں جھنگ ماہی، رل وچ سنیاندے باہویں ہا۔
مٹھے گیٔے نی دل مشتاقاں دے، پھٹے درداں دل غمناکاں دے،
انہاں لٹیاں ہجر فراقاندے، کدیں آکے درد ونڈاویں ہا۔
پیا باغ خلیل سہانوندائی، ناں غفارن نظریں آوندائی،
دل بنڈڑی دا تڑ پھانوندائی، میرے من دی جھوک وساویں ہا۔
کداں موسم ہوں بہاراندے، آ جوڑ جوڑن دل یاراں دے،
اوہ مٹھڑے سخن گفتاراں دے، مٹھا شیریں سخن الاویں ہا۔
ہک ذرہ مہر وچ آونجناں، سوہنی نظر کرم دی پاونجنا،
اللہ بخش دے دل نوں سمجھا ونجنا، چاسفنے دے وچ آویں ہا۔

گذر گیاں ساعتاں:

گذر گیاں ساعتاں سولیاں دکھ اولڑے آگئے،
جھورا لگا ساری عمر جیوڑا غماں وچ آیانی۔
روندی وتاں بے حال میں رحمتپور دے راہاں اوتے،
کوئی دس سجن بے وس ہویاں کملی نوں جورا لایائی،
ہائے ہائے فضا تھریں ذرا کیوں ایڈا لوہڑ وسایائی،
قبلہ جہاں محبوب حق نوں پردہ وچ چھپایائی،
روندیاں کیوں گذرے عمر اے اللہ بخشا ماہی بنا،
ذرا آسہارا دے سجن، عاجز دا دل گھبریائی۔

رات دن پئی:

رات دن پئی کوک دی اُس غفاری پیر توں،
آویں پھیرا پانویں ہا دل بہو گھبرا گیا،
کی کراں جانواں کِدے دلبر نہ نظریں آنوندا،
ہائے سجن عشق تیرا لوں لوں رگاں وچ دھاگیا،
ہے تیری سوہنی صورت شمس بدر منیر تھیں،
ویکھن کارن سک دا بخشا شاہا دل سدھرا گیا۔

اے غوث میرے:

اے غوث میرے پا قدم تیری سکاں وچ رہندیاں،
درداں فراقاں ماریاں، سولاں ہجر دیاں کھاندیاں،
سیاں اگوں پا راہ تکن کر یاد پیاں تڑ پھاندیاں،
مرشد میرا لجپال ہے، حضرت فضل علی دا لعل ہے،
تاہیں اللہ بخشا غوث دے در تے روندیاں کر لاندیاں۔

حبيبن جي حضور ۾: حضرت خليفي صاحب کي مديني واري سائين ﷺ سان والهانه عشق ۽ الفت هئي. جڏهن مديني جي ڳالهه ٿيندي هئي تہ سندن اکيون آليون ٿي پونديون هيون. کين مديني جي ديدار جي بہ اندر ۾ ڏاڍي الفت ۽ اکير هئي. نيٺ مالک سندن من جي آس پڄائي پاڻ مديني پاک پهتا ۽ اتي ٽي مهينا رهيا. ان دوران خوب ديدار ڪيائون ۽ بارگاهِ نبوت ۾ عشق ۽ ادب سان حاضريون ڏنائون.

اتي رهائش دوران هڪ رات مسجد نبوي ۾ داخل ٿيندي عرض ڪري رهيا هيا تہ يا رسول الله ڪڏهن ديدار جي عنايت ٿيندي. ان رات پاڻ خواب ۾ سرورِ عالم ﷺ جو ديدار ڪيائون. ڏسن ٿا تہ سندن ڳلن تان لڙڪن جو مِينهن وسي رهيو آهي ۽ اهو ئي عرض ڪري رهيا آهن. اچانڪ ڏٺائون تہ حجاب جا پردا کڄي ويا ۽ سرڪارِ دو عالم ﷺ روبرو جلوه افروز آهن. پاڻ ويجهي ٿيڻ جو اشارو فرمايائون. جڏهن پاڻ سندن قريب ويا تہ سهڻي لجپال نبي ﷺ سندن پٺيءَ تي ٿپڪي ڏئي فرمايو "**هاڻي تہ تون راضي آهين!**".

پاڻ فرمايائون تہ محبوب ڪريمن جي منهنجي پٺيءَ تي هٿ ڦيرائڻ سان منهنجي سيني ۾ ٿڌاڻ محسوس ٿي. اڄ بہ جڏهن بہ سرور دو عالم ﷺ جي اها ٿپڪي ياد ڪندو آهيان تہ منهنجي سيني ۾ ٿڌاڻ محسوس ٿيندي آهي.

حج: پاڻ بہ دفعا حج بيت الله جي سعادت حاصل ڪيائون.

اتباعِ شريعت: حضرت خليفي صاحب رحمۃ اللہ علیہ پنهنجي سموري زندگي شريعت ۽ سنت جي فرمانبرداري ڪندي گذاري. فرضي نماز تہ ڇا تهجد ۽ اشراق جي نفلن جا بہ پابند رهيا. محبوب ڪريم ﷺ جي سنتن تي هر ممڪن طرح عمل ڪرڻ جي ڪوشش ڪندا هئا. ٻين کي بہ سنتن عمل ڪرڻ جو تاڪيد ڪندا رهندا هئا.

وصال پُر ملال: پاڻ ڪراچي ۾ هئا. پاڻ خود بہ ذڪر ڪري رهيا هئا ۽ حاضرين کي بہ ذڪر ۽ ڪثرت سان درود شريف پڙهڻ جي تلقين ڪندا رهيا. ذڪر جا فضائل بيان ڪيائون، دنيا جي بي وفائي بيان ڪيائون. هي شعر پڙهيائون:

کس کام کا وہ گل ہے جس گل میں خوشبوء نہ ہو،
کس کام کا وہ دل ہے جس دل میں تُو نہ ہو۔

گفتگو ڪندي ڪندي پنهنجو قلمي بياض کوليائون. ان مان حضرت پير مٺا سائين رحمت الله عليہ جو غزل ڏاڍي درد ڀرئي انداز ۽ وجداني ڪيفيت ۾ پڙهيائون.

لائے دلبر دل وچ ديرے
تی ڈے ڈیکھن دے وچ پھیرے

پوءِ فرمايائون تہ هاڻي واپس ڳوٺ هلو.

پوءِ ڪراچي کان واپس ڳوٺ واپس ايندي 8 جنوري 1980ع بمطابق 19 صفر المظفر 1400هجري اڱاري جي ڏينهن سندن وصال ٿيو. ان وقت سندن عمر مبارڪ 100 سال هئي. ان وقت گاڏي ۾ سندن وڏو فرزند مولوي غلام احمد صاحب، پوٽو حاجي محمد سليمان جيڪو گاڏي هلائي رهيو هيو ۽ حاجي محمد حسين ولد ميان احمدبخش صاحب هيا. غسل ڏيڻ وقت سندن فرزند ۽ حاجي مولوي محمد حنيف صاحب، مولوي حسين الدين صاحب ولد ميان شمس الدين(ڀائيٽيو)، حاجي محمد بخش صاحب ولد ميان قمرالدين (ڀائيٽيو)۽ صوفي محمد حنيف ولد ميان احمد بخش بہ هيا. سندن نمازِ جنازه ميان علي محمد صاحب ولد ميان خدا بخش پڙهائي جيڪي سندن مسجد شريف ۾ تقريباً 30 سال امامت ڪندا رهيا. سندن فرزند حاجي مولوي محمد حنيف صاحب، سندن پوٽا حاجي محمد سليمان صاحب ولد الحاج مولوي غلام احمد صاحب ۽ جناب محمد جعفر مگسي صاحب سندن جسم مبارڪ کي قبر ۾ لاٿو. سندن مزار شريف ڳوٺ مولوي الله بخش، ڪوٽ لالو،تعلقو فيض گنج ضلع خيرپور ميرس ۾ آهي.

برو بوستاں بان بایوان شاه
بتحفه ثمر هم زبستان شاه

سياست کان ڪناره ڪش رهيا: پاڪستان آزاد ٿيڻ کان اڳ يا پوءِ ڪافي سياستدان سندن خدمت ۾ ايندا رهيا پر پاڻ انهن سڀني کان بي نياز رهيا. ڪنهن بہ سياسي پارٽي ۾ شامل نہ ٿيا. نہ وري عملي طرح سياست ۾ حصو ورتائون.

شادي ۽ اولاد: پاڻ ميان نور محمد خان پناڻ جي نياڻي محترمہ غلام فاطمہ سان شادي ڪيائون. سندن ساهرا دوهيالي خاندان جا هيا.

ڪين ٽي صاحبزادا ۽ ٽي نياڻيون ٿيون. 1. مولوي غلام محمد صاحب.

2. مولوي الحاج غلام احمد صاحب 3. مولوي حاجي محمد حنيف صاحب.

سندن ٽئي فرزند ۽ بہ نياڻيون وصال ڪري ويون آهن.

سجاده نشين: سندن سجاده نشين سندن پوٽو محترم ڊاڪٽر محمود الحسن بن مولوي غلام محمد آهي. جيڪو آءِ اسپيشلسٽ آهي. نيڪ دل، نرم طبيعت ۽ همدرد آهي.

72 هون خليفو:

حضرت خليفه

مولانا غلام قادر ميمڻ

دامت برڪاته

پير مٺي جو پيارو، سهڻا سائين ۽ سچڻ سائين جو دل وارو، محبت الفت محنت وارو حضرت مولانا غلام قادر ولد عبد الله بن مولوي محمد اسماعيل گچيرائي. مدظله العالي.

سندن ولادت: 14.10.1933 ۾ گچيري ۾ ٿي. والد صاحب ننڍپڻ ۾ فوت ٿي ويا.

سندن استاد: مولوي عبدالرحمن سومرو، غلام محمد پنهور، حاجي خان پنهور.

سندن مشهور شاگرد: غلام محمد ميمڻ، شمس الدين، فتح محمد سومرو (بيدار مورائي)

بيعت ۽ خلافت: پاڻ مرشد جي تلاش ۾ هيا ان مقصد لاءِ حضرت مخدوم محمد اسماعيل رحمة الله عليه پريان لوءِ وارن جي دربار ۾ وڃي ڀي راتيون رهيا. اتي پير مٺا سائين رحمة الله عليه جي خليفي مولانا رحمت الله وڏي جوش سان تقرير پئي ڪئي ۽ پير مٺا سائين جي طرف دعوت پئي ڏنائين. اها تقرير پر تاثير ٻڌي سندن دل ۾ پير مٺي جي ديدار جو شوق جاڳيو. پوءِ پاڻ ڊاڪٽر عبداللطيف چنه جي رفاقت ۾ درگاهه رحمتپور شريف پهچي پير مٺا سائين سان جنوري 1952ع ۾ مريد ٿيا. اندازاً 1961ع ڌاري کين خلافت ملي. ٻارهن سال پير مٺا سائين جي صحبت ۾ رهيا. قطبِ عالم پير مٺا سائين رحمة الله عليه جي وصال بعد فياضِ عالم حضرت سهڻا سائين رحمة الله عليه پوءِ حضرت سچڻ سائين مدظله العالي سان بيعت ڪيائون. جن پاران به کين خلافت عنايت ٿيل آهي. پاڻ شب وروز تبليغ دين ۾ مصروف آهن.

تصنيف: پاڻ ڪجهه ڪتاب به تصنيف ڪيا اٿن جيئن 1.سوانح حيات پير مٺا سائين (قلمي) 2. سوانح حيات سهڻا سائين (قلمي) 3. سوانح حيات خليفه سيد نصيرالدين شاهه (ڇپيل)

حج: پاڻ حج 1992ع ۾ ڪيائون ۽ عمري جي سعادت 2008ع ماڻيائون.

شاديون ۽ اولاد: پاڻ ٻه شاديون ڪيائون. هن وقت کين ڇهه پٽ ۽ چار نياڻيون آهن.

1. محمد طيب 2. مطيع الله 3. عتيق الله 4. رفيع الله 5. سميع الله 6 غلام مرتضيٰ.

73 هون خليفو:

حضرت خليفہ حافظ
عبد الستار جتوئي بلوچ
رحمۃ اللہ علیہ

غفاري پير جو دل گھريو خليفو حضرت عبدالستار جتوئي بلوچ رحمۃ اللہ علیہ .

ولادت: سندس ولادت ضلعہ مظفر ڳڙھہ تحصيل علي پور جي ڳوٺ مڱ خير محمد ۾ ٿي.

سندن خوبيون: ترنڊه محمد پناھہ جي قريب مڱ مستوئي ۾ مولانا گھماٽي صاحب وٽ قرآن ياد ڪيائون ۽ ديني تعليم مڪمل حاصل ڪيائون. پاڻ گريجوئيٽ بہ هئا ۽ حاذق حڪيم بہ هئا. شاعر بہ هئا. مرشد جي تعريف ۾ ڪافي شعر چيا اٿن. پاڻ رقيب القلب هئا. ٿلهن مڻڪن واري تسبي هلائيندا هئا. شعر مٺي آواز ۾ پڙهندا هئا. پاڻ استاد بہ هئا پگھار جو گھڻو حصو دوائون وٺي في سبيل الله تقسيم ڪندا هئا. 1957 ۾ پيادل حج ڪيائون پوءِ ايران، عراق، شام ۽ الخليل جون زيارتون بہ ڪيائون.

علم الاعداد ۾ مهارت: پاڻ علم الاعداء جا ماهر هئا. هڪ ڀيري ماڻهن سندن آزمائش خاطر هَرُ وڻ تي لڪايو. پوءِ وٽن آيا چيائون ٻڌايو تہ اسان جو هر ڪٿي آهي؟ پاڻ فرمايائون زمين تي تہ نہ آهي. پوءِ فرمايائون فلاڻي وڻ تي آهي. چورن جو گھڙيءَ ۾ ٻڌائيندا هيا. پوءِ چورن چوريون ڪرڻ ڇڏي ڏنيون.

شادي ۽ اولاد: پاڻ هڪ شادي ڪيائون جنهن مان ڪين بہ پٽ ۽ چار نياڻيون ٿيون.

1. شمس اظهر 2. انور قمر 3. صفيہ طاهره 4. عطيہ طيبہ 5. رضيہ زهراء 6. زڪيہ رابعہ.

فرمايائون: جنهن جو تعلق الله سان آهي ان کي ڪنهن جي اڳيان هٿ ڊگهو ڪرڻ جي ضرورت نہ آهي. **وفات:** پاڻ 1975،70 جي درميان وفات ڪيائون سندن مزار مڱ خير محمد جي آبائي قبرستان ۾ آهي.

74 هون خليفو:

حضرت خليفه
سيد علي گوهر شاهه
رحمة الله عليه

عبادت ۾ زهد ۾ بينظير، صورت ۽ سيرت ۾ دلپذير، هر دلعزيز حضرت سيد علي گوهر شاهه بن امير شاهه بن جعفر شاهه بن حاجي پريل شاهه بن حاجي جعفر شاهه بن حاجي امير شاهه بن گلاب شاهه بن امير اعليٰ شاهه بن درگاهه المعروف نانگو شاهه رحمة الله عليه .

جيلاني خانوادو: پاڻ غوث الاعظم حضرت سيدنا عبدالقادر جيلاني جي اولاد مان هيا. سندن والد گرامي جو اسم سيد امير شاهه هيو. کيس هڪ فرزند سيد علي گوهر شاهه ۽ هڪ نياڻي ٿي. جيڪا سيد علي گوهر شاهه کان ٻه سال ننڍي هئي.

ولادت : سائينجن جي ولادت 1916ع ۾ ڳوٺ حاجي امير شاهه لڳ درگاهه نانگو شاهه، نوشهرو فيروز ۾ ٿي. ولادت جي ستين ڏينهن مٿن "علي گوهر شاهه" نالو رکيو ويو.

تعليم : ابتدائي تعليم ٻه ٽي درجا پڙهيائون ۽ ناظره قرآن مجيد پڙهيل هيا. جڏهن سندن والد گرامي جو وصال ٿيو ته سندن پرورش سندن سڳي سوٽ سيد جعفر شاهه ڪئي. اوائلي دؤر ۾ پاڻ شيعي فرقي سان وابسته هيا. ان ڪري ڪارا ڪپڙا به پائيندا هيا.

هجرتون : جڏهن پاڻ ستن سالن جا هيا ته پنهنجي والده ۽ همشيره سان گڏجي 1923ع ۾ ڳوٺ حاجي امير شاهه لڳ درگاهه نانگو شاهه کان هجرت ڪري ڳوٺ پراڻا ڪاريجا ۾ پنهنجي مامي سيد خوش محمد شاهه جي گهر پرسان سکونت اختيار ڪيائون. 1949ع ۾ ڪاريجا اول کان هجرت ڪيائون. پوءِ اهو ڳوٺ هڪ ئي رات ۾ ٻڏي ويو. پوءِ چانڊين ديهه سهڙا ۾ ڪاريجا نالي نئون ڳوٺ ٻڌائون. پاڻ محمد علي چانڊيه جي اوطاق ۾ تقريباً ڏيڍ سال رهائش اختيار ڪيائون. ان کانپوءِ ڪاريجا دوئم ۾ هجرت ڪري سکونت پذير ٿيا.

شاعري جو شوق : پاڻ ٻارهن تيرهن سالن جي عمر کان شاعري شروع ڪيائون ۽ فقيري اختيار ڪيائون.

نفس ڪشي : پاڻ تقريباً 18 سالن جي عمر ۾ هڪ چلو ڇچايائون ۽ 40 ڏينهن روزا رکندا رهيا. سحري ۽ افطاري ۾ صرف هڪ ڪارڪ استعمال ڪندا هيا. پاڻ اندازاً ٻارهن سال هڪ ڏينهن ڇڏي ٻئي ڏينهن روزو رکندا هيا. سندن مريدن ان جو سبب پڇيو. پاڻ فرمايائون تہ اسان روزا رکندي پنهنجي نفس کي ماري ڇڏيو آهي.

ڪين ننڍي هوندي کان حضرت قلندر شهباز سان عقيدت هئي. پاڻ پنجويهہ سالن جي عمر ۾ حضرت قلندر شهباز جي عرس مبارڪ جي موقعي تي امير اولاد جي ڪافي مان طالبي جي مهر لڳرائي قلندر شهباز جا فقير ٿيا. سندن طالبي جو نالو "**سبحان علي فقير**"هيو. پاڻ قلندر شهباز جي شان ۾ ڪافي شعر بہ چيا اٿن. جن ۾ حمد، نعت، قصيدہ رباعي، منقبت، گيت، غزل، وائي ۽ ڪافيون آهن.

مطالعي جو شوق : پاڻ دنيا جي تاريخ جي متعلق ڪتاب پڙهيائون. انکان علاوه طب ۽ شاعريءَ جا بہ ڪتاب پڙهندا هيا.

بيعت : جڏهن حضرت پير مٺا سائين رحمۃ اللہ علیہ جي فيض برڪت جون ڳالهيون ٻڌائون تہ سندن دل ۾ پير سائين جن جي زيارت ۽ صحبت جو اشتياق پيدا ٿيو. ستن سالن تائين پير مٺا سائين رحمۃ اللہ علیہ جي زيارت ۽ صحبت کان مستفيض ٿيندا رهيا. تقريباً هر جمعي جي نماز رحمتپور شريف ۾ وڃي پڙهندا هيا. فرمائيندا هيا تہ اسان کي ڏس مليو تہ الله وارن ڏانهن وڃو. پير مٺا رحمۃ اللہ علیہ جي صحبت ڪانپوءِ سندن زندگيءَ ۾ وڏو انقلاب برپا ٿيو. پاڻ عقائدِ اهلسنت تي پوري طرح ڪاربند ٿي ويا. راڳ روپ بند ڪري ڇڏيائون ۽ پنهنجي مريدن کي بہ سختيءَ سان منع ڪيائون. اڇا ڪپڙا پائڻ شروع ڪيائون. پنهنجي شاعري بہ درياء ۾ وجهرائي ڇڏيائون. پر ڪجهہ مريدن وٽ سندن شاعري جو مواد اڃ تائين موجود آهي. جڏهن پاڻ سنت ۽ شريعت وارو رستي تي مضبوط ٿي ويا تہ ڪافي مريد کانئس پاسو ڪري ويا. ڪين مريدن يا دنيا جي ماڻهن جي پرواهہ نہ هوندي هئي. فرمائيندا هئا تہ : " هڪ مَ رُسي هوت گهوري ٻاجهہ ٻين جي."

سندن شاعري: پاڻ پنهنجي شاعري فقيرن کان پڙهائيندا هيا ڪڏهن پاڻ به پڙهندا هيا. سندن شاعري جو نمونو پيش آهي.

سوا گهڙيءَ جو ميلو آ، پوءِ هر ڪو يار اڪيلو آ.

عشق اصل کان آهي امير، جن وٽ آيو آ خبر انهن کي،
رانجهن بنجي جوڳي آيو، ڇڏيائين پنهنجا تخت وزير.

نهارين ڇو نہ تو مون ڏي، منهنجا محبوب مستانا،
اوهان جي ڪاڻ مون ڪيا پنهنجا هي حال بيگانا،
اوهان جي ئي اکين ۾ آ، امرت خمار جو جلوه،
پسي خود ناز نيڻن جا، اهي ٿيا قيد سلطانا.

ٿريا سي فرمان کان اهي سبق ڪيئن سکندا،
جن چسڪا ورتا چوسول جا سي روزا ڪيئن رکندا،
اهي بير جان بکندا جي گوهر شاهہ ٿيا.

آيا شمع جي شعاع تي پروانا پتنگ،
ڪاميا ڪوريءَ وچ ۾ عاشق ئي افنگ،
گوهر شاهہ ڪٽگ پرتئون پچي پڳدار ٿيا.

پوپٽ پتنگ پاڻ ۾ سهسين ڪن شغل،
هو عاشق عارف آڳ جو هو بستان متي بلبل،
هو داسڻ ۾ دلمل عاشق گوهر شاهہ آڳ جا.

راضي ٿي وچ راٽل تون، مون ۾ عيب گهڻا،
جوڳياڻي ٿي آيس جاني تو کي شال وڻان،
ڏنا جوڳين ڏاج ۾ قرب جا ڪٽا،
سوڊا تنهنجي سوز جا ويٺا ڳڻ پٽا،
گوهر شاهہ چوي گام ۾ تنهنجي سڏ سٽا.

تنهنجي ديد اسان کي:

تنهنجي ديد اسان کي خريد ڪيو، توتان صدقي مال عيال ڪيو.
تنهنجي ديد ڪيا ڪيئي ديوانا، ڪن بر ۾ ڪيا آستانا،
مثل مجنونءَ جي ٿيا مستانا، سارو هوش حواس حجاب ويو.
تنهنجي ديد شهيد ڪئين شير ڪيا، تنهنجي محبت مست ميڙ ڪيا،
تنهنجي اکڙين ايڏا انڌير ڪيا،ميمي ملڪ حراق عجم ڪيو.
جن ديدن جو ديدار ڏٺو تن ڪل ئي ڪو ڪم ڪار ڦٽو،
سرتو لوڪ ساري جو طعنو سٺو پائي زلفن ۾ لاٺان ليو.
ڪيو عرض گوهر شاهه غلام توکي، ويو وسري عيش آرام مون کي،
مليو عشق ارباب امام توکي، جنهنجو ثاني نہ پانيان قسم پيو.

ٿيس آءٌ ترن ۾:

ٿيس آءٌ ترن ۾ جانب لئي جوڳياڻي،
ملندو پنهل پب ۾ اديون آرياڻي.
سرتيون سڪاڻي آهي ڪيچ ڏسڻ لئي.
شهر ڀنڀور جو وٽي نہ ٿو پاڻي.
پيرين پيادي پٽن ۾ متي آءٌ اگهاڙي،
وتان ور ور رڙندي وندر ۾ ويڳاڻي.
ڪيان ڳالهه کهڙي ناهي سلڻ جهڙي،
اِهِ اوکي اديون عشق جي آڪاڻي.
ڪندو ٻاجهه ٻاروچو ولهيءَ سان وندر ۾،
ويندا غم گوهر شاهه ٿيندو سڄڻ ساٿهي.

سير و سياحت : کين سير سفر جو بہ گهڻو شوق هوندو هيو. پري پري تائين گهمڻ ويندا هيا. ٻہ دفعا هندستان ويا هيا اتي جي مزارن جون زيارتون بہ ڪيائون.

سندن طبيعت : پاڻ ننڍي هوندي کان ئي نماڻي طبيعت وارا، نهايت ٻاجهارا، نيڪ صالح، تنهائي پسند هيا. سندن طبيعت ۾ نيازمندي هوندي هئي. تمام گهڻا رحمدل هوندا هيا. جانورن کي ذبح ٿيندي ڏسي نہ سگهندا هيا. ڀلين ۽ ڇاهن لاءِ کير جون وٽيون ڀري رکندا هيا. هڪ دفعي ڪو شڪاري طوطا ڦاسائي وڃي رهيو هيو. ان جي خبر کين پئي.

پاڻ فرمايائون تہ ان کي هيڏانهن وٺي اچو. شڪاري کان پڇيائون. چيائين تہ سائين پيٽ گذر لاءِ طوطا ڦاسائي وڪڻندو آهيان. سندن اکين ۾ لڙڪ اچي ويا. پوءِ ان کان طوطا وٺي سڀ اڏائي ڇڏيائون ۽ ان کي پندرهن سئو روپيا ڏنائون.

سندن مريد: سندن سلسلو پوري سنڌ ۾ پکڙيل هيو پر خاص ڪري دادو، ٻوٽرو لڳ ٻاڍهہ ۽ لاڙڪاڻي مان ڪافي مريد ايندا رهندا هيا. مريدن کان ڏن وغيره نہ وٺندا هيا اگر ڪو پاٺهي ڏيندو هيو تہ بہ اڌ واپس ڪندا هيا. هڪ دفعي ڪنهن عقيدتمند سارين جون ويهہ ٻوريون موڪليون پاڻ اهي سموريون ٻوريون ملاحن ۾ ورهائي ڇڏيائون.

والده جو وصال: سندن والده جو وصال 1960ع ۾ ٿيو. جنهن سبب کين کي وڏو صدمو رسيو. پنهنجي پيڻ کي تمام گهڻو پيائيندا هيا. ان جي هر خواهش پوري ڪيائون. سندن پيڻ شادي نہ ڪئي ۽ پنهنجي ڀاءُ جي خدمت ڪندي رهي.

مرشد ڏانهن پار پهچڻ جو عجيب منظر:

پاڻ پنهنجي مرشد پير مٺا سائين ﷫ جي زيارت لاءِ درگاهہ رحمتپور شريف ويندا هئا تہ وچان درياءَ پار ڪري پيتاري وٽ پهچندا هئا. اڳيان ٻيڙي ٻيٽل هوندي هئي جنهن تي چڙهي درياءَ پار ڪبو هيو. هڪ ڏينهن پاڻ رحمتپور شريف ڏانهن وڃي رهيا هئا. ساڻن مريد چانڊيو فقير بہ گڏ هيو. اتفاق سان ان ڏينهن ٻيڙي موجود نہ هئي. پاڻ مريد چانڊيہ کي فرمايائون تہ هيٺ ويهہ اڄ تنهنجي مٿان سواري ڪري درياءَ پار ڪندس. ان کي دل ۾ خيال پيدا ٿيو تہ پاڻي جو وهڪرو بہ آهي ۽ اونهو بہ آهي ڪٿي ٻڏي نہ وڃان. پر الله تي ڀروسو رکي مرشد کي پنهنجي ڪلهن تي سوار ڪيائين. وچ درياءَ ۾ بہ پاڻي صرف چيلهہ جيترو آيس. حيران ٿي ويو تہ هي ڇا ٿي رهيو آهي! با سلامت ٻئي پار پهتا. پاڻ اتي هفتو رهيا. هڪ ڏينهن حضرت پير مٺا سائين ﷫ کين فرمايو جيڪو اسان وٽ هيو اهو اڄ اوهان کنيو پيا وڃو. پير سائين جن جي وصال کان پوءِ پاڻ درگاهہ رحمتپور وڃڻ ڇڏي ڏنائون.

سندن مسجد: پاڻ پنهنجي مسجد مرشد حضرت پير مٺا سائين ﷫ جي مسجد جي نقشي وانگر جوڙائي هئائون. ان جي ورانڊي جا ونگ ۽ مسجد جي ساخت کي ڏسڻ سان رحمتپور شريف واري مسجد ياد اچي ويندي هئي.

سندن تبليغي ڪاوشون: سندن مسجد ۾ جمعي نماز تي ڪافي جماعت ٿيندي هئي. پري پري ڪان ماڻهو اچي نماز پڙهندا هيا. جمعي جي نماز پاڻ پڙهائيندا هيا. ڪجهه وقت ڪان پوءِ محمد يوسف خاصخيلي بہ پڙهائيندو هيو. جمعي نماز ڪان پوءِ پاڻ قرآن جي ڪا آيت پڙهي ان جي وضاحت سمجهائيندا هيا. حديثون بہ پڙهندا هيا ۽ اولياءِ ڪرام جو تذڪرو بہ ڪندا هيا.

شاديون ۽ اولاد: پاڻ ٽي شاديون ڪيائون. ٻي شادي دادو جي محمد ابراهيم سيال جي نياڻيءَ سان ڪيائون. جنهن کي ڪجهه وقت ڪان پوءِ طلاق ڏيئي ڇڏيائون. ٽين شادي پنهنجي فقير بيسر ڏهر جي نياڻي سان ڪيائون. ان کي بہ طلاق ڏنائون.

گلابي ڪپڙا: عمر جي آخري ايام ۾ پاڻ حضرت امام حسين رضي الله عنه جي شهادت ڪان متاثر ٿي گهري گلابي رنگ جا ڪپڙا پهرڻ شروع ڪيائون. پوءِ تہ سندن مريدن بہ اهو لباس پهرڻ شروع ڪيو. جيڪو اڄتائين سندن پيروڪارن ۾ هلندو اچي. ايستائين جو سندن قبي کي بہ گلابي رنگ ڏنو ويو آهي.

لاڏاڻو: ڪين فالج جو اثر ٿيو. مريدن جي زور تي سيوهڻ شريف جي هڪ حڪيم ڪان علاج بہ ڪرايائون پر ڪو فائدو نہ ٿيو ۽ پاڻ جسماني طرح ڏينهون ڏينهن ضعيف ٿيندا ويا تانجو پاڻ 6 رجب 1410هه جمعي جي ڏينهن هن فاني دنيا مان لاڏاڻو فرمايائون. سندن عرس مبارڪ هر سال 6 رجب ڪان 9 رجب تائين وڏي عقيدت سان ملهايو ويندو آهي.

سندن شعر: عمر مون نہ وسرن سنگهارن جون ساڙيون،

ساهه نہ سيباٽا تنهنجا محل ماڙيون.

مال جون اجهورون اعليٰ ملڪ تنهنجي، قربئون ڪانگ اڏايا عمر ڪوٽ تنهنجي،

انهيءَ لا جو ڪولي تاڪ تاڪ تاڙيون.

انا مينهن مهراڻي سرهيون ٿيون سنگهاريون، ڪيڏن راند ڪاهر پٽن تي پنهنواريون،

ڪائن ڪنيين سان چڱا چيڙ چاڙهيون.

گوهر شاهه گلابي گاهن گل جهليا، جهڻن تي جهانگيڙا پٽن متي پليا،

چوندن چاهه مان پيا ليارن تان لاڙيون.

75 هون خليفو:

حضرت خليفه
حاجي خير محمد ڪلهوڙو

پاڻ محمد پڇل ڪلهوڙي جا نيڪ فرزند هيا. 1901ع ۾ ڳوٺ چنيهاڻي، تعلقو ڪنڊيارو، ضلعو نوشهروفيروز ۾ تولد ٿيا. ابتدائي تعليم پنج درجا ڪمال ديرو جي اسڪول ۾ استاد محمد عالم ڪاوڙ وٽ حاصل ڪيائون. ان ڪان پوءِ عربي فارسي استاد محمد عالم سومرو سعيدو باغ وٽ پڙهيا. ان ڪان علاوه ڪجھ ڪتاب مدرسه اگهاماڻي شريف، ميهڙ ۾ به پڙهيائون.

سندن مشهور شاگرد : محمد مٺل ڪلهوڙو دينپور، عبداللطيف ڪلهوڙو، عبدالرزاق ڪلهوڙو، عبدالحميد ڪلهوڙو وغيره شامل آهن.

بيعت : پهرئين پاڻ حضرت پير قريشي سان دست بيعت هيا. ان ڪان پوءِ پير مٺا سائين جا مريد ٿيا. سندن محبت ۽ صداقت کي ڏسي حضرت پير مٺا سائين رحمت الله عليه کين خرقهءِ خلافت سان نوازيو.

دين جو درد: امت مسلمه جي بي راهه روي کي ڏسي سندن دل بيقرار رهندي هئي. انهي ئي فڪر ۾ پاڻ ڪنڊيارو، ٺارو شاهه ۽ آسپاس جي ڪافي علائقن ۾ ماڻهن جي اصلاح لاءِ پاڻ پتوڙيائون. سندن علائقي ۾ ڪافي ڀيرا حضرت پير مٺا سائين تشريف فرما ٿيا هيا.

صبر ۽ استقامت: پاڻ صورت سان گڏ سيرت جا به سهڻا هيا. صالح، سڀاجها، صابر ۽ شاڪر هيا. علائقي جي زميندار کين ڪافي ستايو پر پاڻ صبر ڪندا رهيا. پنهنجي زندگي شريعت ۽ سنت مطابق گذاريائون. شريعت جو اتباع ڪندي مائٽن جي رسي وجھ جي به پرواهه نه ڪيائون.

پير مٺا رحمة الله عليه جي وصال کان پوءِ سهڻا سائين رحمة الله عليه سان بيعت ڪيائون. پاڻ درگاهه فقير پور ۾ 10 سال سڪونت اختيار ڪيائون. جڏهن درگاهه الله آباد جي قائم ٿيڻ کان پوءِ باقي زندگي اتي گذاريائون. سهڻا سائين رحمة الله عليه به کين خلافت عطاڪئي هئي.

شاديون ۽ اولاد : پاڻ ٽي شاديون ڪيائون. کين به فرزند 1. عبدالخالق 2. مولوي شير محمد صاحب ۽ ٻه نياڻيون ٿيون.

حج : پاڻ هڪ حج 1933ع ۾ پير مٺا سائين سان دست بيعت کان اڳ ۾ ادا ڪيائون.

وصال : سندن وصال پنهنجي اباڻي ڳوٺ چنيهاڻي ۾ 13 ذوالحج بمطابق 1983ع ۾ ٿيو. سندن نماز جنازه سڄڻ سائين مدظله پڙهائي. سندن مزار مبارڪ پنهنجي ڳوٺ جي قبرستان ۾ آهي. سندن ساليانو عرس مبارڪ 13 ذوالحج تي پنهنجي اباڻي ڳوٺ ۾ ملهايو ويندو آهي.

سجاده نشين : سندن فرزند محترم مولانا شير محمد آهن جيڪي پنهنجي والد جي مشن کي جاري رکيون پيا اچن. پاڻ حضرت سڄڻ سائين سان دست بيعت آهن. هڪ شادي ڪئي اٿن. کين پنج پٽ ۽ ٻه نياڻيون آهن. 1. منير احمد حيدرآباد . 2. نظير احمد اسلام آباد .3. بشير احمد ڪنڊيارو. 4. شبير احمد اسلام آباد.5.ظهير احمد ڪنڊيارو.

مرڪزِ تجليات، باب الفيوضات دربار عاليہ رحمتپور شريف.
جتي قطبِ عالم پير مٺا سائين ۽ تسڪينِ عالم خواجہ خليل الرحمان سائين ۽ مظهر جان جانان سائين آرام فرما آهن.

76 هون خليفو:

حضرت خليفہ
حاجي بخش علي ڪوسو
رحمة الله عليه

حضرت خليفہ حاجي بخش علي ولد پيارو خان ڪوسو جي ولادت با سعادت 1923ع ۾ شير خان ڪوسو، تعلقو ڪنڊيارو، ضلعو نوشهرو فيروز ۾ ٿي. سنڌي فائينل بہ پنهنجي ڳوٺ مان حاصل ڪيائون. ڳوٺ ساجن مڱريو لڳ ڪنڊيارو ۾ استاد حاجي رضا محمد مڱريو وٽ عربي فارسي پڙهيا. پاڻ پنهنجي ڳوٺ ۾ پرائمري استاد بہ رهيا. پاڻ با اخلاق ۽ سلڇڻا انسان هيا.

سندن استاد: خليفہ مولوي عبدالرحمٰن وڳڻ، مولوي عبدالرحمٰن واڍو راڌڻ.

علمي قابليت: هر مجلس ۾ پهريائين دين جا مسئلا سيکاريندا هيا. ڪين علم فقہ تي گهڻو عبور حاصل هيو. فقير غلام رسول لاکو، درگاهہ الله آباد شريف جي بيان مطابق هفتہ وار اخبار ۾ جيڪي فقہ بابت مسئلا تحرير هوندا هيا، پاڻ انهن جو غور سان مطالعو ڪندا هيا. پاڻ تمام گهڻا باريڪ بين هوندا هيا. ڪافي دفعا مسئلا غلط بہ ڇپيا. پاڻ اداري کي صحيح مسئلا لکي موڪليندا هيا. پوءِ ٻئي هفتي انهن مسئلن جي ترديد سان گڏو گڏ، خليفي صاحب جي طرفان موڪليل صحيح مسئلا ڇپيا ويندا هيا. پنهنجي زندگي دين جي خدمت ڪندي گذاري ڇڏيائون. حياتي جا آخري 23 سال حيدرآباد شهر جي ميمڻ مسجد مارڪيٽ روڊ ۾ امام و خطيب جي حيثيت سان خدمت ڪيائون.

پاڻ حضرت پير مٺا سائين رحمة الله عليه ۽ سندن گهراڻي جي متعلق قابلِ زمين دوز ڪجهہ سوانحي مواد لکيو اٿن جيڪو قلمي صورت ۾ حضرت مفتي حبيب الرحمٰن گبول مُدرس جامعہ غفاريہ الله آباد شريف وٽ موجود ۽ محفوظ آهي.

سندن شاگرد :
محمد لائق کوسو، قادر بخش کوسو، کيهر خان کوسو، دودو کوسو، خميسو خان کوسو انهن کان علاوه کافي شاگردن کي علم جي روشنائي سان روشناس کيائون.

بيعت: حضرت پيرمٺا سائين رحمة الله عليه جو فيض ڀريو ذڪر ٻڌي سندن دل ۾ زيارت جو اشتياق پيدا ٿيو پوءِ درگاهه رحمتپور شريف وڃي حضرت پير مٺا قدس سره العزيز سان بيعت ڪيائون. بيعت ڪرڻ کان پوءِ ماستري کان استعيفيٰ ڏئي ڇڏيائون ۽ بقيه زندگي دين جي خدمت ۾ گذاري ڇڏيائون.

تبليغ : سنڌ جي ڏوراهين ڳوٺن ۽ بستين ۾ وڃي رب پاڪ ۽ ان جي محبوب ڪريم ﷺ جو پيغام پهچايائون. خصوصاً ڪنڊياري جي پسگردائي ۾ گهڻي تبليغ ڪيائون. بي دينن کين دين سيکاريائون. ظالم، فاسق فاجر، دين کان بي خبر ماڻهن کي راه راست تي آڻي پنهنجي پير کي راضي ڪيائون. مرشدن ڪريمن سندن محنت، محبت ۽ دين جو درد ڏسندي کين خلافت عطا ڪئي. حضرت پير مٺا سائين رحمة الله عليه سندس ڳوٺ شير خان کوسي ۾ ڪافي دفعا آيا هيا.

حج : کين هڪ حج ادا ڪرڻ جي سعادت به حاصل ٿي هئي.

شادي ۽ اولاد : پاڻ هڪ شادي ڪيائون. کين هڪ پٽ فقير محمد ٿيو. جيڪو هن وقت شهر ڪنڊياري ۾ رهي ٿو.

وصال : سندن وصال 27 رجب آچر جي شام 1427هه پنهنجي گهر ڪنڊيارو ۾ ٿيو. سندن جنازه نماز حضرت سجڻ سائين مدظله العالي جي اقتدا ۾ ڳوٺ شير خان کوسي ۾ پڙهي وئي. نمازِ جنازه دوران جماعت مٿان الله جي رحمت جو مينهن وسڻ شروع ٿي ويو. سندن آخري آرام گاهه اباڻي ڳوٺ جي قبرستان ۾ آهي.

77 هون خليفو: فضل المنان في ذكر خليفة عبدالرحمان

حضرت خليفه
مفتي عبدالرحمان وڳڻ
دامت برڪاته [1]

ماهرِ شريعت، واقفِ طريقت، غوّاصِ معرفت، حسين صورت، سليم فطرت، حليم طبيعت حضرت خليفه مفتي عبدالرحمان وڳڻ ولد حاجي عبدالرحيم 19رمضان شريف 1352ھ تي ضلعي لاڙڪاڻي ۾ ڄاوا. سندس اصل ڳوٺ ڀائي خان وڳڻ تعلقه لاڙڪاڻو آهي. ننڍپڻ اباڻي ڳوٺ ۾ گذرين. توجهاتِ غفاريه بعد اڪثر مٿن جذبي جي ڪيفيت غالب رهندي هئي. مٿي ڪٽي مٿي تي وسائيندا هيا. جماعت ۾ "**مجذوب**" نالي سان سڃاتا ويندا آهن.

تعليم: سنڌي اباڻي ڳوٺ ۾ پڙهيا. فارسي تعليم مڪمل ڪرڻ ڪان پوءِ والد گرامي سندس شادي ڪرائي. شادي ڪان پوءِ والدين جي خدمت لاءِ گهر ۾ رهڻ لڳا. جتي ٻني ٻاري جي ڪم ۾ اٺَ سال مشغول رهيا. ڪين هڪ نياڻي ٻه ڄائي ۽ پوءِ سندن گهرواريءَ وفات ڪري وئي. پوءِ پاڻ نياڻي کي ساڻ ڪري درگاهه رحمتپور شريف لاڙڪاڻي ۾ مرشدن جي خدمت ۾ حاضر ٿيا ۽ مرشدن کي عربي تعليم حاصل ڪرڻ جو ارادو عرض ڪيائون. اتان اجازت ملڻ بعد پاڻ سوني جتوئي ۾ علامه مولانا فضل الله بن ابوالفيض غلام عمر ﷫ وٽ پڙهيا. ان کان پوءِ جناب مولانا حميد الله انڙ وٽ پناڻ جي شهر لڳ باقراڻي ضلع لاڙڪاڻي ۾ تعليم حاصل ڪيائون. مرشدن ڪريمن جي نگاهه ڪرم سان جيڪو علم اٺن سالن ۾ مڪمل ٿيندو هو اهو ٽن سالن ۾ حاصل ڪري فارغ التحصيل ٿيا. پوءِ همه تن وگوش مرشدن ڪريمن وٽان حصولِ علمِ باطن ۾ مشغول ٿي ويا.

---

[1] اسان جي 28 محرم الحرام 1431ھ جمعي جي رات شريف اسڪوائر حيدرآباد ۾ سندن صاحبزادي جي فليٽ تي ساڻن ملاقات ٿي. ڏاڍا سپاجها ۽ مهربان آهن. پاڻ سهڻي صورت ۽ سهڻي سيرت وارا آهن.

رحمتپور شريف ۾ درسِ قرآن : تعليم حاصل ڪرڻ سان گڏو گڏ پاڻ مرشدن ڪريمن جي صحبت مان به مستفيض ٿيندا رهيا. تعليم مڪمل ڪرڻ کان پوءِ درگاهه رحمتپور ۾ مستقل رهڻ لڳا ۽ مرشدن جي خدمت مان فيوضاتِ غفاريه سان سينو مالامال ڪندا رهيا. پير سائين جن ڪيس درگاهه شريف جي مدرسي ۾ تعليمِ قرآن لاءِ استاد طور مقرر فرمايو.

بيعتِ ثانيه : پير مٺا سائين رحمۃ اللہ علیہ جي وصال بعد پاڻ حضرت سهڻا سائين رحمۃ اللہ علیہ سان بيعت ٿيا. پوءِ جيئن ئي درگاهه الله آباد جو بنياد پيو ته حضرت سهڻا سائين رحمت الله عليه درگاهه جي مدرسي ۾ تعليم لاءِ ڪين استاد طور رکيو جتان ڪيئي شاگردن ڪانئن علم پرايو.

تصنيفات : مٺا سائين رحمۃ اللہ علیہ جي دؤر ۾ پاڻ سندن حڪم سان فقهي مسائل تي ”مناهج فضليه“ نالي ڪتاب لکيو هيائون. هي ڪتاب ٻن حصن ۾ هيو. پوءِ پير سائينجن ڪين فرمايو هيو ته اسان اوهان کي قريشي صاحب بابت مواد ڏينداسين. ان کي ڇپائجو پر پوءِ ائين ٿي نه سگهيو تان جو پاڻ پردو فرمائي ويا.

پير سائين جي دور ۾ پاڻ سندن ڪرامتون به جمع ڪيون هيائون. پر ڇپائي کان اڳ اهي گم ٿي ويون. ان کان علاوه ٻيا ڪتاب جيئن رمضان جون رحمتون، زينت النساء ۽ ملفوظات حضرت پير مٺا سائين به تصنيف ڪيا آهن.

پاڻ عالم هجڻ سان گڏ عارف بالله به آهن.

مرشدن جي مهر : هڪ ڏينهن حضرت پير مٺا سائين سندن هٿ تي هٿ رکي فرمايو هيو:

من تو شدم تو من شدی من تن شدم تو جان شدی
تاکس نگوید بعد زین من دیگرم تو دیگری

دين جي خدمت : حضرت سهڻا سائين رحمۃ اللہ علیہ سان لاهور، فيصل آباد، راولپنڊي، مظفر ڳڙهه، سناوان شريف، مسڪين پور شريف، ڪوئيٽه، خضدار، بلوچستان، ڪراچي جا ڪجهه علائقا، ٺٽو، مويا وغيره ۾ تبليغ ڪيائون. حضرت سڄڻ سائين سان گڏ دبئي ۽ پاڪستان جي مختلف علائقن ۾ به سفر ڪيا اٿن. پاڻ حج 1993 ع ۾ ۽ عمرو 1998 ع ۾ ادا ڪيائون

شاديون ۽ اولاد : پاڻ ٽي شاديون ڪيائون. ڪين به پٽ ۽ نياڻيون آهن. پٽن ۾ مولانا عزيز الرحمٰن ۽ قاري خليل الرحمٰن اٿن جيڪي حيدر آباد ۾ عربي ٽيچر آهن.

78 هون خليفو:

حضرت خليفه

شفيع محمد كوريجو

ولديت: سندن والد گرامي جو نالو غلام محمد كوريجو هيو.
سندن ولادت: ڳوٺ نئون شهمير ديرو ۾ ٿي. سندن ننڍپڻ ساڳئي ڳوٺ ۾ گذريو.
ابتدائي تعليم: پراٿي شهمير ديرو ۾ حاصل ڪيائون. سنڌي پنج درجا ۽ ديني تعليم قرآن مجيد عربي فارسي ڪنڌيارو ۾ حاصل ڪيائون.
درس و تدريس: حصول تعليم کان پوءِ پاڻ ڳوٺ ۾ قرآن مجيد جي تعليم ڏيندا هيا.
شاگرد: سندن مشهور شاگردن ۾ محمد عثمان چنه، فقير محمد ڪلهوڙو، شاهه محمد كوريجو شامل هيا.
تصنيف: پاڻ ڪجهه ڪتاب لکيائون جيڪي قلمي آهن.
بيعت: پير مٺا سائين جي فيض برڪت جون ڳالهيون ٻڌي ساڻن بيعت ڪيائون. پاڻ پنهنجي گهروارن سميت درگاهه عاشق آباد پنجاب ۾ ڪافي عرصو رهيا. کين خلافت درگاهه رحمتپور شريف ۾ ملي.
صورت ۽ سيرت: پاڻ هميشه پين سان پيلايون ڪرڻ وارا هوندا هيا. دوست تہ ٺا پر دشمنن تي بہ وڏا مهربان هوندا هيا. سهڻي صورت من موهيندڙ چهري وارا هيا.
تبليغ: مرشدن جي امر مطابق ڳوٺ جي آسپاس جي علائقن ۾ تبليغ ڪندا هيا. پنهنجي مرڪز تي ڪو بہ ماهوار يا ساليانو پروگرام ڪونہ ڪندا هيا. جماعت ڪي گڏ ڪري پنهنجن مرشدن ڏانهن يارهين جي پروگرام تي لاڙڪاڻي وني ويندا هيا.
شاديون ۽ اولاد: پاڻ بہ شاديون ڪيائون جن مان بہ پٽ ۽ چار نياڻيون ٿيون.
1. مرحوم نظر محمد 2. شاهه محمد كوريجو.
سندن وصال: هن فاني دنيا مان 90 سالن جي عمر ۾ پنهنجي ڳوٺ ۾ 1982ع ۾ وفات ڪيائون. سندن مزار مبارڪ ڳوٺ جي قبرستان ۾ آهي. سندن فرزند فقير شاهه محمد ساليانو عرس مبارڪ هر سال 12 رجب تي وڏي اهتمام سان سان ملهائيندا آهن.

79 هون خليفو:

حضرت خليفہ
مولوي نبي بخش
همائو

حضرت خليفہ مولوي نبي بخش ولد محمد چٽل ڳوٺ هماؤ تعلقو ڪنڊيارو ضلع نوابشاهہ ۾ تولد ٿيا. پاڻ "**مستري خليفہ**" جي لقب سان مشهور هيا. ڪنڊيارو ۾ سنڌي فائينل پاس ڪيائون. ديني تعليم عربي، فارسي پير جو ڳوٺ بکري تعلقو ڪنڊيارو ۾ ۽ پوءِ وڌيڪ ديني علم مدرسہ احسن البرڪات حيدرآباد ۾ حاصل ڪري فارغ التحصل ٿيا.

تصنيفات: پاڻ شاعري ڪري پنهنجي شعرن کي پڙهندا بہ هيا. ڪجهہ ڪتاب بہ لکيا اٿن جيڪي قلمي آهن.

بيعت اول: روحاني فيوضات حاصل ڪرڻ لاءِ پهرئين حضرت خواجہ حسن جان سرهندي رحمة الله عليه تنبو سائينداد وارن وٽ دست بيعت ٿيا. پاڻ اتي ڇهہ مهينا رهيا. پاڻ پنهنجن مرشدن کي عرض ڪيائون تہ اسان جيڪا شيءِ چاهيون ٿا اها اڃا حاصل ناهي ٿي سائين جن فرمايو تہ مستري صاحب اوهان جو حصو ڪنهن ٻئي بزرگ وٽ آهي.

بيعت ثاني: ان کان پوءِ پاڻ ڳوٺ همائو ۾ آيا ۽ اتي هڪ مدرسو کوليائون ۽ آسپاس جي شاگردن کي علم سان نوازيائون. ڪجهہ عرصي کان پوءِ سعيدو باغ لڳ ڪمال ديري ۾ حضرت پير مٺا سائين قدس سره العزيز تشريف فرما ٿيا. ان ڳوٺ مان سائينجن جا مريد بہ وٽس آيا. چيائون اسان وٽ پنجاب درگاهہ عاشق آباد کان هڪ الله جو ولي آيو آهي، هڪ دفعو هلي ان ڪامل پير جو ديدار تہ ڪريو. پوءِ پاڻ انهن سان گڏجي ويا. وعظ نصيحت ٻڌائون. پوءِ پير مٺا سائين رحمة الله عليه کي عرض ڪيائون تہ مان دل زنده ڪرائڻ چاهيان ٿو. پير سائين جن فرمايو مولوي صاحب صرف اسان وٽ پندرهن ڏينهن رهو. توهان جو مقصد حاصل ٿي ويندو انشاء الله. پوءِ پاڻ بيعت ڪيائونس.

صرف پارنهن ڏينهن ۾ : پاڻ سائين جن وٽ رهي پيا. اجا پارهن ڏينهن مس ٿيا هئا ته سندن قلب الله جي ذڪر ۾ چالو ٿي ويو. پوءِ هي غزل ناهي پڙهيائون :

مرشد ملي ويو ٿي وئي بهاري * پرواهه ناهي دنيا ڦري وڃي ساري

خدمتون ۽ خلافت: جڏهن دربار عاليه رحمتپور شريف جو بنياد وڌو ويو ته پاڻ اڪيلا درگاهه لاڙڪاڻي ڏانهن روانا ٿي ويا ۽ تقريباً يارهن سال درگاهه شريف تي رهي خدمتون ڪيائون. اتي پاڻ رازڪو ڪم ڪندا هيا. پاڻ درگاهه رحمتپور شريف جي مسجد، حويليون، ننگر خانه ۽ اتي جو سڀ ڪم مڪمل ڪرڻ کان پوءِ پنهنجي ڳوٺ موٽيا. ان عرصي دوران ڪين مرشد ڪريم خلافت به عطا ڪئي ۽ فرمايائون ته مستري صاحب توهان تبليغ وڃي ڪريو. پاڻ عرض ڪيائون ته سائين منهنجي لاءِ تبليغ ننگر جي خدمت آهي.

تبليغ ۽ ديني ادارا: مرشد جي وصال کان پوءِ پاڻ پنهنجي ڳوٺ اچي تبليغ شروع ڪيائون. مختلف علائقن ۾ مدرسا کوليائون ديني توڙي روحاني فيض عام ڪيائون. پاڻ محبت ديري جتوئي ۾ مدرسو کوليائون جتي خليفه مولوي محمد يوسف پنهور کي درس ڏيڻ لاءِ مقرر ڪيائون. هڪ مدرسو وارهه شهر ۾ کوليائون جتي مولوي عبدالڪريم کي درس لاءِ مقرر ڪيائون. هماؤ ۾ هڪ ويران مدرسي کي پيهر آباد ڪيائون.

حرمين شريفين جي زيارت: پنهنجي حياتي ۾ هڪ دفعو عمري جي سعادت حاصل ڪيائون.

شاديون ۽ اولاد : پاڻ ٻه شاديون ڪيائون جن مان ٻه پٽ ۽ هڪ نياڻي ٿي.

1. مرحوم عبدالرحمن 2. عبدالفتاح موسو ديرو لڳ محبت ديرو.

موجوده سجاده نشين خليفه محمد مبين جوڻيجو کي مقرر ڪيائون.

وفات حسرت آيات : موسو ديرو ۾ سندن لاڏاڻو ٿيو ۽ مزار مبارڪ ڳوٺ جي جامع مسجد جي پير ۾ آهي. وصال کان پوءِ سندن مشن کي خليفه محمد مبين جوڻيجو جاري ڪندا پيا اچن. الله سندن غيبي مدد ۽ نصرت فرمائي. نيڪ مقصدن ۾ ڪامياب ۽ ڪامران فرمائي. پير مٺي جو فيض شال قيامت تائين جاري ۽ ساري هجي.

80 هون خليفو:

حضرت خليفه
حاجي غلام جعفر سهتو

پير مٺي جا پيارا دل وارا حضرت خليفه حاجي غلام جعفر ولد حاجي جان محمد رحمة الله عليه سندن ولادت باسعادت ڳوٺ حيات سهتو لڳ ڪوٽڙي ڪبير تعلقه محرابپور ضلعو نوشهرو فيروز ۾ ٿي. سندن ننڍپڻ به ساڳي ئي ڳوٺ ۾ گذريو. ڪوٽڙي ڪبير ۾ سنڌي فائنل پاس ڪيائون. ديني تعليم به حاصل ڪيائون.

بيعت : پاڻ علم حاصل ڪرڻ ڪانپوءِ پير مٺا سائين رحمت الله عليه سان بيعت ڪري سندن صحبت اختيار ڪيائون. پاڻ پنهنجي مرشد وٽ درگاهه عاشق آباد شريف به ويا. ابتدائي دؤر ۾ پاڻ بهترين زميندار هوندا هيا پر مرشد سان بيعت ڪرڻ کان پوءِ زمينداري ڇڏي تبليغ جهڙي نبوي ڪم ۾ مصروف ٿي ويا. سندن صحبت ۾ ڪيترائي بي دين ماڻهو ديندار نيڪ بنجي ويا.

سڀ ڪجهه قربان : پاڻ پنهنجي مرشدن تان هر شيءِ گهوري ڇڏيائون. مال ملڪيت وڪڻي ننگر ۾ ڏئي ڇڏيائون ۽ ساري عمر درگاهه رحمتپور ۾ مرشد جا خادم ٿي رهيا. البته حياتي جا آخري ڏينهن پنهنجي ڳوٺ ۾ گذاريائون.

فنِ خطابت: ڪين رب ڪريم گفتار جي ڏات ڏني هئي. مرشد ڪريم حضرت محبوب الاهي فرمائيندا هئا ته : خليفو غلام جعفر چوندو هيو ته مون سان پورو مهينو گڏجي هلو ته مان اوهان کي هر رات نئين تقرير ٻڌائيندس. جيڪا حديث يا حڪايت هڪ رات بيان ڪيم سا پورو مهينو وري بيان ڪو نه ڪندس. خانپور لڳ قاضي برهان رحمة الله عليه جي محفل ۾ حضرت علامه دوست محمد ”بلبلِ سنڌ“ به سندس خطابت جي فن کي بيمثال قرار ڏنو هيو.

سندن محنت ۽ تبليغ سبب ڳوٺن جا ڳوٺ نيڪ ٿي ويا هئا.

حج بيت الله: پاڻ هڪ حج ادا ڪيائون.

سندن تصنيفات: پاڻ وقت جا وڏا مصلح هيا ۽ ڪافي مفيد ڪتاب لکيائون جن مان ڪجهہ ڇپيل آهن.

1. ماءُ پيءُ ۽ اولاد جا حق:
2. قيامت جي ٽڪيٽ:
3. شرعي شادي ڪيئن ڪجي.
4. رسالہ توحيد.
5. اعلان قرآني.
6. نبوي اطلاع.

7. فضائل رجب (حصو پهريون) 8. فضائل رجب (حصو ٻيو)

9. فضائل رمضان شريف. 10. فضائل حج.

11. خدائي پوليس 12. خدائي ڪورٽ جو فيصلو 13. قيامت جو فيصلو .

14. ماڻهو مان ڦري حيوان 15. پوسٽ رحماني 16. فضائل اضحيٰ 17. مصيبتن ۽ آفتن جو بيان 18. پيغام مسرت 19. ڪارو ڪاري جو بيان 20. يادگار ڪربلا معليٰ .

21. فضائل دعا. انهن رسالن کان علاوه ٻيا بہ سندن ڪيترائي قلمي رسالا آهن.

وصال پُر ملال: دين جي خدمت ڪندي ڪندي آخر هي مرد مجاهد 21 محرم 1401هہ آچر جي رات بوقت نماز تهجد پنهنجي رب سان مليا. سندن مزار بہ ڳوٺ جي جامع مسجد جي ٻاهر ڏکڻ طرف آهي. هن ڳوٺ ۾ ڪافي ڀيرا پير مٺا سائينجن بہ تشريف فرما ٿيا هيا.

شاديون ۽ اولاد: پاڻ ٽي شاديون ڪيائون ڪين هڪ ئي فرزند مولوي محمد صادق هيو. مولوي محمد صادق بہ شاديون ڪيون جنهن مان ٽي پٽ ۽ ٽَوَ نياڻيون آهن.

1. عبدالرحمن 2. مولوي رحمت الله 3. عبدالله .

81 هون خليفو:

حضرت خليفه
محمد يوسف چنه

پاڻ محترم هدايت الله صاحب جا فرزند ارجمند هيا. ماڻهو کين "**حاجي صاحب**" چوندا هيا. محراب پور شهر چنه محله ۾ سندن ولادت ٿي. ابتدائي تعليم محراب پور ۾ حاصل ڪيائون. پهريائين پاڻ حضرت پير قريشي جي صحبت ۾ ويا. ان کان اڳ پاڻ ڳائيندا وڄائيندا هيا. جڏهن حضرت قريشي قدس سره العزيز سان بيعت ڪيائون ته ڳائڻ وڄائڻ ڇڏي نعت خوان بڻجي ويا. سندن وصال بعد پير مٺا سائين ﷫ جا مريد ٿيا ۽ گهڻو سندن صحبت با برڪت ۾ رهيا. اڪثر پروگرامن ۾ پاڻ نعت پڙهندا هيا. پير مٺا سائين ماڻهن کي فرمائيندا هيا ته توهان حاجي صاحب کي وٺي وڃو توهان کي لاؤڊ جي ضرورت ڪونه پوندي. اڪثر ڪري فجر وقت ڪوهياري يا راڻي جي سر ۾ نعت پڙهندا هيا. ڪڏهن جي نه پڙهندا هيا ته پاڙي وارا کين اچي چوندا هيا ته حاجي صاحب اڄ توهان اسان جي دل نه ٺاري آهي. پير مٺا سائين ﷫ اڪثر تبليغي سفر دؤران وٽس قيام ڪندا هيا ۽ فرمائيندا هيا ته محراب پور شهر فقيرن جي جنڪشن آهي، ايندي ويندي توهان وٽان ٿيندا ويندا سين. پير سائين جن کيس خلافت به عنايت ڪئي. سندن مرڪز غفاري مسجد چنه محله محراب پور شهر ۾ آهي جتي پاڻ ڏينهن رات فقيرن جي خدمت ڪندي سنه 1979ع ۾ وفات فرمائي ويا.

شاديون ۽ اولاد: پاڻ چار شاديون ڪيائون جن مان کين ڇهه پٽ ۽ ڇهه نياڻيون ٿيون.
1. بشير احمد 2. رشيد احمد 3. رفيق احمد 4. خليل احمد 5. شفيق احمد 6. نظير احمد

سجاده نشين: سندن سجاده نشين حاجي بشير احمد چنه آهن. جيڪي ماهوار 15 جي شام 16 جي رات محفل ڪندا آهن. جيڪا تاريخ پير مٺا سائين مقرر فرمائي ڏني هئي.

82 هون خليفو:

حضرت خليفہ

حاجي عطا محمد موجائي

حضرت خليفہ حاجي عطا محمد موجائي ولد حاجي فيض محمد صاحب 1918ع ۾ ڳوٺ فيض محمد موجائي لڳ پير وسڻ تعلقو ٺري مير واھ ضلع خيرپور ۾ ڄاوا. سندن لقب "**عاجز**" هيو. سندن ذات راڄپر هئي ۽ پاڙو موجائي هيو.

ابتدائي تعليم: پاڻ ڳوٺ فيض محمد موجائي ۾ سنڌي پنج پڙهي پوءِ ڳوٺ ۾ قرآن مجيد پڙهيا ۽ ٻين کي قرآن جي تعليم ڏيندا هيا.

بيعت: پهريائين پيرقريشي سان درگاھ مسڪين پور شريف ۾ بيعت ٿيا. سندن وصال کان پوءِ حضرت پير مٺا سائين رحمۃ اللہ علیہ سان بيعت ڪيائون.

مرشد جي مهر: پير مٺا سائين رحمۃ اللہ علیہ جڏهن بہ سندس علائقي ۾ ايندا هيا تہ اڪثر وٽن رهندا هيا. هڪ دفعي مرشد مهربان سندن ڳوٺ ۾ هڪ ڀن ڏينهن لاءِ تشريف فرما ٿيا. پوءِ فقيرن جي محبت ڏسي پاڻ فرمايائون تہ جيڪر اها خبر هجي ها تہ هتي وڌيڪ ڪجھ ڏينهن رهون ها.

مرشد جو فرمان: هڪ دفعي پير مٺا سائين رحمۃ اللہ علیہ سندن پٺي ٺپي فرمايائون تہ توهان وجي حڪمت جو ڪم ڪريو. پوءِ پاڻ حڪمت جو ڪم ساري زندگي ڪندا رهيا. سندن هٿ ۾ وڏي شفا رکيل هئي.

خلافت ۽ مرڪز: مرشدن ڪريمن ڪيس درگاھ رحمتپور شريف ۾ خلافت عنايت فرمائي. سندن مرڪز نوراني مسجد ۾ آهي. مرڪز کان سواءِ ڪيترن ڳوٺن ۽ وستين ۾ وڃي دين جي خدمت ڪيائون.

ٻيو پاڻ نيڪ ٿي ويا: هڪ دفعي سندن طبيعت ناساز ٿي پئي ۽ گهروارن بلڪل آسرو لاهي ڇڏيو هو. فقير عبدالهادي حضرت پير مٺا سائين رحمت الله عليه کي دعا لاءِ عرض ڪيو. پاڻ فرمايائون تہ وڃ حاجي صاحب ڪم ڪندو هوندو. جڏهن فقير ڳوٺ پهتو تہ خليفہ صاحب ڪنهن ڪم ۾ مصروف هيا ۽ طبيعت بلڪل نيڪ ٿي وئي هين.

درِ يار جي حاضري : پاڻ هڪ حج ۽ هڪ عمرو ادا ڪيائون ۽ سهڻي حبيب لبيب ﷺ جي بارگاهہ بيڪس پناهہ ۾ حاضري ڀريائون.

مصرفيتون: پاڻ شاعر بہ هيا ۽ نعت خواني ۾ بہ شرڪت ڪندا هيا. ان ڪان علاوه سٺا مقرر پڻ هيا. ضياء الحق جي دؤر ۾ ضلع خيرپور ميرس جا زڪوات ڪميٽي جا چيئر مين بہ ٿي رهيا هئا.

اولاد : کين پنج پٽ بہ نياڻيون ٿيون.

1. مولوي محمد صديق حيدرآباد.
2. خليفہ محمد رفيق ڪراچي.
3. محمد شفيق ڪراچي.
4. محمد رشيد ڪراچي.
5. عزيز الرحمن.

وصال: پاڻ 04 آڪٽوبر 1999ع ۾ سکر ۾ دارالفنا کي الوداع چئي دارالبقا ڏانهن راهي ٿي ويا. سندن مزار مبارڪ جامع مسجد نوراني ڳوٺ فيض محمد موجائي لڳ پير وسڻ ضلع خيرپور ميرس ۾ آهي. سندن آستانہ عاليہ تي ماهوار پروگرام 11 شريف ٿيندو آهي.

سندن سجاده نشين : مولوي محمد صديق موجائي صاحب آهن جيڪي هن وقت جامع مسجد غوثيہ لطيف آباد نمبر 8 حيدرآباد ۾ امامت و خطابت ڪندا آهن.

83 هون خليفو:

حضرت خليفہ
مير محمد شر
رحمة الله عليه [1]

غفاري جماعت جي سونهن، دلين جي ورونهن، جناب محترم خليفہ مير محمد ولد قطب الدين شر رحمت الله عليہ. پاڻ ان دور ۾ ڄاوا جيڪو ماهو پوي جي عام موت جو زمانو ليکيو وڃي ٿو. سندن وڏا پڙهيل ڪونہ هيا نہ وري ڪو ان دؤر ۾ گهڻا اسڪول هيا. ان وقت خيرپور رياست جا حڪمران مير هيا جيڪي پٽن تي لوڙها ڏياري شڪار ڪندا هيا جنهن ڪي ڪڏٽا چوندا آهن. تعليم ڏانهن حاڪمن جو ڪوبہ توجہ ڪونہ هيو. اگر جهنگ ۾ هڪ بہ گهر هوندو هيو تہ ان ڪي ماري ڪتي ڪڏٽن ڏانهن وٺي ويندا هيا جنهن ڪي ڇيڙ چوندا هيا. بڪيو هجي يا بيمار هجي ڇيڙ تي ضرور وڃي. جيڪو ڇيڙ تي هلندو هيو تہ اهو ئي زمين وٺڻ جو حقدار هوندو هيو. مطلب تہ وڏيرا شاهي جو زور هوندو هيو.

سندن ولادت: پاڻ 14 جولاءِ 1914ع ۾ ڄاوا هيا. پاڻ ڳوٺ مير محمد شر عرف هيڪل (جيڪو ميرواهہ شهر کان اتر اوڀر تقريباً ڇهہ ڪلوميٽرن جي مفاصلي تي آهي)جا رهاڪو هيا. سندن شاعراڻو تخلص "**ميرل**" هيو.

تعليم: ناظره ۽ سنڌي فائينل لغاري ڳوٺ ۾ ۽ انگريزي تعليم ٽري ميرواهہ ۾ حاصل ڪيائون.

---

[1] هي معلومات حضرت خليفي مير محمد رحمت الله عليہ جي ڳوٺ وڃي سندن فرزند ارجمند محترم حڪيم فيض محمد کان حاصل ڪئي وئي. خصوصًا سندن شاعري جيڪا پاڻ هاٿي ڇپائي رهيا آهن، ان جو ڪمپوز ٿيل مواد عنايت ڪيائون. جنهن مان ڪجهہ چونڊ شعر هتي پيش ڪيا ويا آهن. صاحبزادي صاحب جي ان تعاون تي هي فقير سندن بيحد شڪر گذار آهي.

تصنيف : پاڻ شاعري بہ ڪندا هيا. سندن هٿ اکر لکيل ديوان پڻ آهي جيڪو اڃا ڇپجي سگهيو نہ آهي. پاڻ سوانح حيات پڻ لکيائون جيڪا قلمي آهي.

سندن استاد : محمد لقمان شر، استاد محمد ڇتل جسڪاڻي، استاد عنايت الله سومرو. وغيره.

معاشي ذريعو : پهريائين پريتم آباد ۾ ڪنڊ جي ڪارخاني ۾ نوڪري ڪيائون. ان کان پوءِ بطور پرائمري استاد مقرر ٿيا.

سندن شاگرد : استاد ڪرم حسين شر، استاد غلام محمد شر، ان کان علاوه سندن شاگرد وڏن وڏن عهدن تي فائز ٿيا.

بيعت : بيعت کان پهريائين ڪيس حقي ۽ بيڙي ڇڪڻ جي عادت هئي. ڪنهن دڪان تي ويهي حقو ڇڪي رهيو هيو تہ محمد عمر وينجهر ڪيس تنبيهہ ڪندي چيو تہ پنجاب مان هڪ پير آيو آهي جنهن جا دم ڪيل ڦوٽا جيڪو کائي ٿو تہ اهو هر نشو ڇڏي وڃي ٿو. پوءِ پاڻ ڳوٺ ولي محمد پتي روانا ٿيا. اتي جماعت کي با شرع ڏسي حيران ٿي ويا. ٽپهريءَ جي نماز کان پوءِ پير مٺا سائين رحمة الله عليه کي ذکر ۽ بيعت لاءِ عرض ڪيائون. پاڻ فرمايائون تہ حاجي بخش ماڇيءَ وٽ رات هلون ٿا. پوءِ حاجي بخش جي ڳوٺ ۾ 1944ع ۾ بيعت ڪيائون.

مخالفت : پاڻ جڏهن ديندار ۽ صالح بنيا ۽ ٻين کي بہ دين تي عمل ڪرڻ جو تاڪيد ڪرڻ لڳا تہ ڳوٺ وارا سندن مخالف ٿي پيا. اسڪول جي ماسترن ۽ آفيسرن بہ کِينَ گهڻايو. کين مختلف جڳهن تي بدلي ڪرائي جسماني، مالي ۽ ذهني اذيت ڏيڻ جي ڀرپور ڪوشش ڪئي وئي. انهن ڏينهن ۾ خليفہ رحمت الله صاحب سندس ڳوٺ ۾ تبليغ لاءِ ايندو رهندو هيو. پوءِ جيئن جيئن جماعت وڌندي وئي تيئن تيئن مخالفت بہ زور وٺندي وئي. تانجو مٿن ڪيئي بهتان هنيا ويا. دشمني جو زور ايترو وڌي ويو جو خليفہ مولوي رحمت الله، خليفہ مولوي محمد دائود شر، ويهن فقيرن ۽ کين جيل ۾ بہ وڌو ويو پر پاڻ پنهنجي پير جو در نہ ڇڏيائون.

وجداني ڪيفيت : ڪيس وجد تمام گهڻو ٿيندو هيو. 1944-45ع ۾ ٽرينگ ڪاليج خيرپور ۾ اسيمبلي جي دوران حمد پڙهندي وجد ۾ اچي ويا هيا.

وڏي آواز سان الله الله چوندا رهيا. ڪاليج جو اسٽاف ۽ شاگرد ڏڃي ويا. پوءِ ڪاليج جي پرنسپال کين پنهنجي آفيس ۾ گهرايو. ان وقت بہ پاڻ وجداني ڪيفيت ۾ هيا. پرنسپال پڇيو مان ڪير آهيان؟ فرمايائون تون هڪ عاجز انسان آهين. جنهن تي پرنسپال کي ڪاوڙ لڳي ۽ ڪيس پوليس جي حوالي ڪرڻ لاءِ ڪلارڪ کي چيائين. ان وقت آفيس مان الاهي بخش سومرو ڊوڙندو آيو ۽ اچي پرنسپال کي چيائين تہ هي پنهنجي وس نہ آهي مرشد جو توجهہ هتندس تہ ٺڏو ٿي ويندو. اهي لفظ ٻڌي پاڻ ائين محسوس ڪيائون جيئن باهہ تي پاڻي وجهبو آهي. اها صورتحال ڏسي پرنسپال آرڊر ڪڍيو تہ هي فقير ڪلاس ۾ اچي يا نہ اچي هن کي فل پگهار ڏني وڃي.

خلافت : سندن محبت ۽ خلوص کي ڏسندي مرشد ڪريمن کين 1961ع ۾ خلافت اجازت ڏنائون.

اولاد : پاڻ ٻہ شاديون ڪيائون جن مان کين ٽي پٽ ۽ ڇهہ نياڻيون ٿيون.

1. مرحوم عبدالحڪيم صاحب 2. عبدالله 3. حڪيم فيض محمد . پاڻ اڪثر تبليغ ۾ رهندا هيا.

حج : پاڻ هڪ حج 1973ع ۾ ڪيائون.

سندن وصال : 4 مئي 2008ع تي نوابشاهہ اسپتال ۾ ٿيو ۽ سندن تدفين سندن اباڻي ڳوٺ هيڪل (مير محمد شر) جي جامع مسجد جي ڏکڻ طرف ڪئي وئي.

حضرت خليفہ مير محمد شر رحمة الله عليه جي مزار مبارڪ

سندن شاعري :

غزل

اڙي مسڪين خدا کي نا وسارج سدا سيني اندر رب پاڪ سارج
صبر سان ڪجھ گهڙيون هتڙي تہ گهارج، مرد موليٰ جي تون واريون پيو وارج.

ايندي ظالم مٿان ڪا تباهي سندس ظلمن کان تنگ آجي خدائي.
اڙي ظالم خدا جو خوف تون ڪر قهاري تي خدا ان کان پيو ڊر.
وڏا تو کان ويا ظالم زور آور خزانن جا مالڪ ۽ تونگر.
هٽي هتڙا پيو پوءِ رت رئيندين مکين وانگر سدائين هٿ مليندين.
ظلم زور آوري تو ڪم نہ ايندي وڏائي ويسلا تون کان پوءِ ويندي.
اهاآڪڙ فنا تو ڦوڪ ٿيندي هچارا هوڏ ڪاوڙ تو نہ هوندي
ڏکين ڏونگر مٿان تنهنجي پوءِ پوندا اڪيلوئي ڏکن ۾ تو کي ڇڏيندا.
پرائي چوڻ تي تون توش تي وئين اٺئي حيف جو بيهوش تي وئين.
ڪيئي ڳڻ نہ ڪا مدهوش تي وئين عقل کي تون ڇڏين چوخوش تي وئين.
مغز ۾ ٿيئي خلل اهڙو ڪو پيدا ڇڏي حق کي ظلم ۾ ٿئين تون شيدا.
تو کي خوف ٿيو ناڪو خدا جو ڪري بڙ بڙ لکين ٿو خط خطا جو.
ٿيندين شل ناس ويندئي سک صفا جو ڪٽان تو هٿ ڏٽي در ان دعا جو.
ڏسين نا سک ڏکن ۾ شل گذارين غريبن کي ظالم چو ٿو آزارين.
فَقرَ جو يار شل هجي خوش سدائي اچي شل ڪين آڏو ان کي ڏکيائي
اچي سندس دشمن تي ڪا فنائي رکي ڪدو اندر ۾ چو ڪڏائي.
ڏٽي ان کي سدا برباد ڪر تون ڏکئي کي ڏئي سدائين ڏکر تون.
پٽيندو پاڙ ظالم جي خدا شل ٿيندين پنهنجا جگر جاني جدا شل.
مٺي کي ڪئين مرهي رب صفا شل ٿئي شل خوار خارج بيحيا شل
الاهي عرض ميرل جو اگهائين ، ظالم جي پاڙ تون رب ڇڏ پٽائي.

ڪافي :

ڪر هوش بندا دنيا دم گذر تي
اڳيان جاءِ تنهنجي ڪاري قبر تي.

دنيا جا دوست گڏ ڪين هلندءِ اڪيلائيءَ ۾ تولاءِ ڏکيو سفر تي.
سڪندر دارا جمشيد جابر آخر جاءِ تن جي ڪارو ڪلر تي.
دنيا تي دل کي ڏوتاري نہ چڏ تون اهي موهہ ان جا مڙيئي مڪر تي.
اجائي عمر ڪين غم ڪر غافل روئيندين رت جڏهين وچڙيا ولر تي.
دنيا دور دائم نہ هوندو هميشہ ايندا تو کي آڏو جي وٽجا وڪر تي.
چڏي محل ماڙيون هزاريرن هليا ويا لٽيندا لوڙهہ تنهنجو جي جاني جگر تي.
ڏسي دور دنيا بند اڪر نہ بانور اهي ڪاچ خوشيون ظاهر زهر تي.
زنا زور چوري ڪپٽ ڪين ڪر تون ڪڏاين وارا ڪم خوني خنجر تي.
پنجئي پڙهہ پرت مان رک ٿيهہ روزا ساڻي اهي توسان ساٿي سفر تي.
وٺ واٽ شريعت جي ميرل مدامي تنهنجي لاءِ توشو ذاتي ذڪر تي.

ڪافي:

ڪري قول قالو جو آئين ادا
جاڻ چا لاءِ هتڙي جائين ادا

وَما خلقت الجن جو اشارو ڏس پاڪ پڙهي اهو پارو ڏس
وري پوءِ تنهنجو وارو ڏس ان حڪم تي پاڻ نہ هلائين ادا
جڏهن پاڻ خدا فرمايو هو بار منهنجي عشق سندو ڪٽندو ڪو
پوءِ هام هٽين تو وساري چڏيو پنهنجو پاڻ نہ رب سان ملائين ادا
پکي جيت جٽيا ياد پيا ڪن پنهنجي مالڪ جو پيا حمد پڙهن
انسان ٿا رب ڪان دور رهن پوءِ انسان چو پاڻ کي چوائين ادا
مچ ڳالهہ منهنجي ڪجهہ سياڻو تي ڪر ياد الله تعاليٰ نہ اياڻو تي
رب کي ريجهاءِ نماڻو تي چو تو وقت مفت وڃائين ادا
جڳ هيءُ ڏينهن چار سمجهہ هلندا ڪونہ تو سان تنهنجا يار سمجهہ
ٿيندا آخرتو ڪان سڀ ڌار سمجهہ متا ميرل پوءِ پڇتائين ادا

ڪافي:

ڏاگها ڏور وڃهي ڪاهي ويندءِ ڏٽي
سو گهو سُڪ ڪري نيندءِ نڪ هٽي
چڙيو چيڪ چرين وائي ورڻ نا ڪرين
هَوڪَا هڪل ٻڌي نا ڏيان ڏرين
موج مستيءَ ۾ پيو تو جهنگ چرين
ٽيندين قيد جڏهن سڪندين ڪاڻ ڪٽي
وڻ وڻ وات وجهي تارون تال ڪيئہ
روئيندين رت اڳيان خوشيون خيال ڪيئہ
اوڳاڇيندين اڳيان جي هتان مال نيئہ
سوگهو سڪ ڪندءِ هيبت هڪلون هٽي
سگهو سڪ ٿئين رڙين رات سڄي
نڪرئي نيل جڏهن ويندين جهنگ پڄي
لڳئي قيد ڪڙيون ٿئين ڪين لڄي
ريهون راڙيون ڪندين جڏهن ايندءِ ٻٽي
گذري عمر تنهنجي ساري ويئي
تو نہ ڪڏهن پوئواري ڪئي
هاٽي نير اکين مان جاري ٿيئي
قاصد ڪين مڙن ڪندءِ پرزا پٽي
بانور هن حياتيءَ تي ڪر نہ ٻندا
اڻ وانگي ڪر نہ تو ڪم گندا
پڙهندا پاڻ سيان ڪيل ڪم سندا
روئيندين رت جڏهن پوندءِ بار مٽين
ميرل مچ نصيحت سياٽو ٿي
اڳيان سخت سفر ستاٽو ٿي
ريجهاءِ رب پنهنجي کي نماٽو ٿي
ايندو گهر غفاري سڏ سٽي

ڪافي:

ڪر ياد ڏٺيءَ جو نام ادا
تنهنجو آهي ڪيل انجام ادا

جڏهن روحن کي ڏٺيءَ ڏار ڪيو نڪري هر هڪ پو نروار ٿيو
تڏهن سيني اهو اقرار ڪيو هُئَن حق جو وات ڪلام ادا
جڏهن داد دنيا ۾ آئين تون ڪيل قول پنهنجا نہ ورچائين تون
سينو مالڪ سان پيو ساهين تون آهين پاڻ نسورو ناڪام ادا
توکي پاڻي منجهان رب پيدا ڪيو ڪيڏو شرف تنهنجو رب سرس ڪيو
ڪيئ ياد نہ رب تو کي ترس نہ پيو ڪيڏا رب جا توتي انعام ادا
ڏس ڪا ڏي اهي شهزور ويا جيڪي ملڪ سندي مامور هئا
ماري موت اهي چڪنا چور ڪيا ٿين متيءَ منجھ مقام ادا
ميرل ماٺ ڪري ڪر ياد تون رب ويندا غم غفاري تنهنجا سڀ
ڪندو ڪامل توتي پنهنجو قرب آهين سيد جي تون سام ادا

ڪافي:

اٺ جاڳ بندا ويندءِ وقت هتون ڪوڙا ڪل نہ لهين اٿئي ماري متون
ڏسين ساڻ اکين ويڙا ڏيھ لڏي ڪاهل ڪَنُ نہ ڏئين ٿو تو کي موت سڏي
هلندين دوست هتان ماڙيون محل ڇڏي ملندءِ هلت نا مثل وارو ٿون
ڏسي وقت اهو پوندءِ ڏيل ڏري دانهون دوست ڪندين هجان هت گهڙي
ڪاري قبر اڳيان تو لاءِ جاءِ جڙي ڪر ياد الله نہ وسارو سون
جاني جيڪي جدا دلبر ڏار ٿيندءِ مٽ مائٽ پڇي بيزار ٿيندءِ
انگ عضوا سيني اظهار ڏيندءِ ويجهو واقف نا ڪنهن کي سور سنئون
سُرڪِي سخت اٿئي سڪرات سندي ڪر سيگهہ سنبت چڏ چال گندي
ميرل معاف ٿيندي سڀ مير مندي پرين پاڻ ايندا ٿيندا سهنج سيون

ڪافي :

ڪر ياد الله ڪر ڪا بندا
ٿيندين سخت سياڻي لاچار بندا

هتي ڏينهن ٻہ ٿي ويندين ماڳ متي، ويندين جاڻ اتي نا واقف جتي
ڪر سمجھ هتي ويندءِ وقت سُتي، روئي رت ٿيندين شرمسار بندا
اڳيان ويل وڪڙ ڪن ملڪ تڪڙ اُتي پيڙ پڪڙ ۾ سخت پڪڙ

ڏسي سور سقر، ايندءِ چيتو چڪر، دل کي نہ دنيا تي ڏوتار بندا
ڪيئي خان امير فقير هئا ماري موت مڙيئي اسير ڪيا
جن وٽ ڪيئي وزير مشير هئا پلپل موت ڪرئي ٿو پڪار بندا
ميرل ماڙيون محل ڪندءِ ڪونہ سهل ايندءِ جڏهن اجل ڪندءِ ڪونہ ڪهل
تي سجاڳ ۽ جاڳ چڏ اهو جهل آهي بابِ تنهنجي پلڪار بندا

ڪافي:

ڪرهوش بندا سفر هلڻو آ قبر منجهہ اڪيلو رهڻو آ
دنيا دور نگي چڏي ويندين تون متيءَ ساڻ وڃي ملندي تون
دک درد پو ڪنهن کي چوندين تون جت چارو نہ ڪو چلڻو آ
رات ڏينهن دنيا تي مفتون مرين ڪوئي خوف خدا جو ڪو نہ ڪرين
نا نصيحت ڏي ڪو ڏيان ڌرين ويل وقت وري نا اچڻو آ
هِت طول وهاڻا هُتِ ڪاري قبر هِت پلنگ پٽڙيون هُتِ متي پتر
وري ڪرندو مٿان پيو ڪيري ڪلر تنهنجو ماڳ متيءَ منجهہ ٿيڻو آ
هِت جامہ توتي پهريدا آهن ڏسي هُت نانگ بلائون بي شمار آهن
ڏنگ ڏڪندا جن جا ڏهڪار آهن ڏسي ڏيل جنين کي ڏرڻو آ
ڪَنِ ملڪ پچاڻا هيبت ناڪ شڪل آهن اٽانگا اٽڪيل اجهل
ويتر تو بہ وهايا جامہ جنجل سوا قرب ڪامل جي نہ ٿيڻو آ
ڪُل نَفس ذائقة المَوت جو قول آيو ڪُل شيءِ وَالَيہِ تُرجَعُونَ جو ٻول آيو
تہ بہ آهي اهو تو پول پانيو جو آيو ضرور سو ورڻو آ
ميرل مرسل جي آسامہ پيو غفاري خاص اوهانجو غلامہ ٿيو
شر کي شاهہ شاهانہ انعامہ ڏيو اهو عرض عاجز کي ڪرڻو آ

ڪافي :

اٿ جاڳ تون پيارا پرين هيءَ ويل نا ايندءِ وري
دور دنيا جا ڏسي ويڙو مغز تنهنجو ڦري
ايندو اجل تو اوچتو پائو انهيءَ لاءِ ڪر ٻلو
ڏسي زومہ انجو زلزلو ڏيل هي پوندءِ ڏري
ايندو اجل تنهنجي مٿان ويل هي ويندءِ هٿان
ساهہ ڪيندءِ ڏيئي سٽان دانهون ڪندين ريهون رڙي
ايندو مٿان تنهنجي اجل وسري وينديون ماڙيون محل

هيءَ عمر تئي اٽلپ املهہ ضايع نہ ان مان ڪر ذري
دنيا سڃي ڏينهن چار تي هلڻو هتان لاچار تي
اڳيان سخت رب جي سرڪار تي غفلت ۾ گهارين چو گهڙي
ساري دنيا جي سنسار ۾ قاسي وئين وهنوار ۾
ڏٺيءَ جي درٻار ۾ ڪهڙي ڪندين ڪاريگري
غافل گهڙيون غفلت اندر تو چو ڪيون آهن گذر
ڪرياد رب تي باخبر دائم نہ هوندي هيءَ دڙي
ڪن سان ٻڌين ڪوڪان قبر اک سان ڏسين هيبت حشر
ڪائڻ خوشيون لڳني زهر ڳچڙا اندر جا پَوني ڳري
اقراءَ ڪتابڪ جو امر ٿيندءِ اڳيان يوم الحشر
وٺندءِ نہ جت ڪو ياءُ ير جڏهن پنا ڏسندين پڙهي
محشر جي ميدان ۾ هرڪو هوندو حيران ۾
ترندا عمل ميزان ۾ پوندي پتر ڪوٺي ڪري
مرشد مُرَبيءَ سان ملي سک رمز روحاني رلي
ذڪر ڪو رب جو خفي جلي ديدار جي ڪلندءِ دري
مير محّمد ڪي ادا هجي ميلو محبن سان سدا
جاني هجي دم نا جدا جنهن لائي آجيءَ ۾ جڙي

ڪافي:

اٿ جاڳ تون پيارا پرين هي مهل موچاري اٿئي
ڪر ياد تون الله کي جند جان جَي پياري اٿئي

دامن تون دلبر جي وٺي ايمان جي هٿ ڪر چٽي
هي صلاح اٿئي سهٽي سُني گهڙي غفلت اندر چو گهاري اٿئي
سرهي سڄڻ تان ڪر فدا جند جان گهوري ڪر فدا
دم تيءُ دلبر کان جدا اهڙي نہ ٻي تاري اٿئي
سک شريعت جو سبق مهدا پرين آڏو مرڪ
فنا في الشيخ ۾ تي تون غرق سمجهہ پوءِ ساري اٿئي
ڏسي موت جو حملو هڪل موڳا منجهندين ان مهل
ڇڏ خام خيالن جو خلل مٿان موت تو ماري اٿئي
ميرل مدامي مهر تئي گولي غفاريءَ جي مٿي
مان محبن کان ملي جو لڳو لاري اٿئي

ڪافي:

سرتيون سانگين جون وسرن ڪين گهڙيون
ويندس ڪڏهن ويڙهہ ڏي چوندبيان ڦوڳ ڦريون
سوگهو ڪري سپرين لائي ويا جيءَ جڙيون
وجي ڏسنديس وانگيئڙن جون سيئي دنگ دڙيون
مور نہ ملان تن سان هوجي توڙ تڙيون
جن وائي ناهہ ورڻ جي چڏ اهي ساهہ سڙيون
مير محمد محبن لاءِ چڏ هي ماڳ مڙهيون

ڪافي:

اسم ذات جو ڪر ذڪر قلب وارو
ذڪر قلب وارو ٿئين رب کي پيارو
ذڪر قلب جي ساڻ دل صاف ٿئي ٿي
ڪيل جا خطا سا مڙئي معاف ٿئي ٿي
واذڪر في نفسک پڙهي ڏس اشارو
قلب المومن گهر آ خدائي
حديثن جي اندر اها ڳالهہ آئي
ڪري قول آئين نہ ڪر تون ويسارو
اندر ئي اندر ۾ سدا سار سائين
پرينءَ کي پڪارج پلو پنهنجو پائئين
سواءِ ذڪر ذاتي نہ چاڙهو نہ چارو
هر شيءِ ذڪر منجهہ مشغول آهي
شب وَ روز تن جو اهو معمول آهي
چو ذڪر رب کان ڪرين ٿو ڪنارو
دل سان ڏٽيءَ کي ڪر ياد هر دم
سواءِ ذڪر رب جي ڪر يار نا ڪم
ڏکي ويل ڏيندءِ ڪوئي نا اڌارو
پرائيءَ ڦوڪ تي ٿو ڪرين ناز نخرا
وري هٿ نہ ايندءِ وڃايئہ جي دمڙا

وٽ پير ڪامل سندو تون سهارو
اتي ويٺي هر دم ڪر ياد الله
ڪيي خام خطرا شريعت جو وٺ راھ
هو هو جو هر دم هوڪو هو نگارو
راهان رب ملڻ جون آهن هزارين
صحبت پير ڪامل جي ۾ گهڙي جي گذارين
ساعت ۾ سو سال جو ٿيندءِ سدارو
اهو دور دنيا آهي يار فاني
نہ هوندي هميشہ تنهنجي خان خاني
ڪري ذڪر ذاتي هڻ نينهن نعرو
اهي محل ماڙيون مڏيون مال سارا
آهن اجايا تو لاءِ خسارا
ايندءِ ڪم نہ ڪوئي تي هلندي ويچارو
لڪين لاڏلا ويا ڇڏي محل ماڙيون
قبر پئي پڪاري توکي ڍهاڙيون
اجهو سر تنهنجي تي ڪندو موت مارو
نہ دم ساھ سان نہ ذڪر تي زباني
بنا چپن چورڻ دل ۾ بي گماني
ڪر تار قائم اندر جو اوجارو
مجاهد اهو جو ذڪر قلبي ڪمائي
نفس کي شريعت جو رستو وٺائي
اڳيان مير محّمد جي مُرڪي موچارو
”قلب سليم“ آه آيت آهي قرآني
ذڪرًا ڪثيرا اُها بي نشاني
اچو ڪر ذڪر سان ڪثيل قلب ڪارو
زبان سان ستر دفعہ ڪرين ياد الله
دل سان هڪ پيرو بهتر تنهن کان آھ
آهي اسم اعظم وڏي فيض وارو

قسمت چڱي آ تہ جلدي سٺائي
لنئہ لنئہ ۾ جاري ٿئي ذڪر خدائي
هوندءِ سلامت قيامت تائين قرارو
چوي مير محّمد ٻڌو ڳالهہ ساري
سنت نبي سائينءَ جي جنھن ڪئي پياري
دنيا آخرت ۾ سَوَ هوندو سوپارو

ڪافي:

ديدار تنهنجو محبوب مٺا، دوا لاءِ سين دردن آهي
مجنون سوين مفتون وتن بي هوش ٿيا درگوش رهن
حيران سوين گردان ڦرن درڪار تنهنجو درشن آهي
مشتاق سوين مخمور ٿيا تنهنجي هجر منجھ مهجور ٿيا
ڪيئي پرت اندر پُرنُور ٿيا مشتاق جنت عدن آهي
تنهنجي جلوي ڪيئي جمال ڪيا مستان مثال بلال ٿيا
تن حال جنجال وَ بال ڪيا موهيو من منهنجو محبن آهي
تنهنجو حسن موهن گلاب دهن ڪيو جان جسم بي تاب لحن
چا عطر عنبر نہ لعاب لبن مٺ تنهنجي مشڪ ختن آهي
دلدار مٺا ڪري نوري نظر منظور مهر ميرل تي ڪر
دور رهان پرديس اندر ڪريو ڪرم ويڙهيو وَهمن آهي

ڪافي:

قاصد ايندءِ خطڙو ڪٺي، ويندءِ وسيلا ڄاڻي ڏٺي
عمر گذاريئہ سال ميان واپس وَرڻ جو نہ خيال ميان
هئہ افسوس تنهنجي ان حال ميان جا باب آ تنهنجي تہ ٻٽي
غافل عمر ضايع نہ ڪر هر وقت ڪر رب جو ذڪر
اڳيان جاءِ ٿي ڪاري قبر پوندءِ بار پوءِ مٿئون مٽين
راتيان ڏينهان غفلت اندر چو عمر ڪرين پنهنجي گذر
تو ڪي سجهي ٿو نا حشر آ جت عذابن جي اٽي
ميرل مدامي ياد رک جِهل آڏو نہ جُهڪ
پڙهہ غفاري سڪ جو سبق واهر ڪندا سڏڙا سٺي

ڪافي:

محبت اوهان جي موچاري لڳي، سائين بات تنهنجي سونهاري لڳي
پچر اوهانجي پياري لڳي وه واه تنهنجي يار ياري لڳي
نظر نينهن نيٽن نياري لڳي وا واه برهه جي بهاري لڳي
قلبن کي سائين قراري لڳي اندر جي اوندهه کي اوجاري لڳي
طلب تات تنهنجي تاري لڳي سيني اندر سڪ ساري لڳي
ٻولي اوهانجي ٻانجهاري لڳي ڪجل سيف ابرو ڪٽاري لڳي
هينئين اندر حب هزاري لڳي سڄڻ سندي سڪ سوياري لڳي
غفاري اندر گهور گهاري لڳي جانب جي سڪ جيءَ ۾ جاري لڳي

ڪافي:

دوست پيارا دلبر جاڳ مسافر جاني،
جاڳ مسافر جاني دور دنيا آ فاني
سونهن پريا اي صاحب لنئن نه دنيا سان لائج
روئي رب ريجهائج خان نه رهندءِ خاني
دم دم ۾ دوست پرين ويهي اندر ۾ نه ورد ڪرين
مايا تي چو مفت مرين شان نه تنهنجو شاني
فَاذۡكُرُونِي فهد پڙهي قرب انهيءَ ۾ وڃ ڪڙهي
راه انهيءَ ۾ اچ رڙهي وهم ڇڏي وحشاني
سوين سپاهي شهونگ ڪيئي عالم ۾ اڙٻنگ
موت ڪيا سڀ مرٽينگ راه وٺي ويا رباني
هٿ ڪر عيش پلي اڳيان تي خاڪ تلي
مهلت ڪنهن نا ملي هجي لائق لاثاني
ميرل محب ملي ڪيرون ڏيندا ڪلي
غفاري گهر هلي ڪندا مشڪل آساني

84 هون خليفو: فضل المعبود في ذكر خليفة محمد دائود

حضرت خليفه
محمد دائود شر
مجاهدِ اسلام،

صادقين جو پيشوا، متوڪلين جو مقتدا، عارف بالله، عاشق رسول الله ﷺ حضرت خليفه محمد دائود ولد سائين ڏنو خان ولد دل جان خان ولد سهراب خان رحمة الله عليه

پاڻ نهايت پرهيزگار ۽ متقي انسان هيا. پنهنجي قبيلي جي چڱي مڙس هئڻ جي حيثيت سان برادري جا فيصلا پاڻ ڪندا هيا. سندن والده ڏاڍي پارسا، صابره ۽ ذاڪره خاتون هئي. پاڻ فرمائيندا هئا تہ منهنجي والده جا وفات وقت پنج ئي لطيفا هلي رهيا هيا.

سندن زوجه : بيبي صاحبہ روزي نماز جي پابند، تقويٰ ۽ پرهيزگاري جهڙيون خوبيون سندس منجهہ هيون. عورتن ۾ سندس دعا جي قبوليت مشهور هئي. هن وقت سندن نياڻي بہ پنهنجي والده جيان مستجاب الدعوات آهي.

سندن ولادت با سعادت: 1913ع ۾ ڳوٺ هيڪل، نري ميرواهہ، ضلع خيرپور ميرس ۾ ٿي. سندن لقب "**محبوب سائين**" هيو.

ڄمندي ڄام : ولادت وقت سندس هڪ هٿ پيشاني تي ٻيو هٿ سيني تي هيو. جنهن ڪي ڪافي ڏينهن گذري ويا. والد صاحب پنهنجي مرشد حاجي ارشاد شاهہ راشدي وٽ ڪيس ڪڻي آيا ۽ پاڻ ڏسي فرمايائون توهان ڪي مبارڪ هجي. توهان جو فرزند ڪامل ولي الله ٿيندو. هن جو جڳ سلامي ٿيندو. هي ڪنهن جي بہ پرواهہ نہ ڪندو. صرف هڪ الله جو خوف هوندس.

تعليم: ابتدائي تعليم پنهنجي ڳوٺ ۾ حاصل ڪيائون. ميٽرڪ سکر هاءِ اسڪول ۾ ڪيائون. عربي فارسي مولوي امير احمد صاحب ڪپر وٽ وٽان حاصل ڪيائون.

سندن استاد: محمد لقمان ٽري مير واھ، استاد عبدالوهاب غفاري ڳوٺ فقير مينگھو شر، محمد چٽل جسڪاڻي.

سندن شاگرد: ڊاڪٽر شفيع محمد موجائي، تقي محمد موجائي، شاھ محمد موجائي، سندن فرزند عبدالقادر شر داؤدي، ظفر علي شر، محمد حسن پنهيار، عبداللطيف چنہ، عبدالجبار شر، ممتاز علي شر، رفيع الدين شر وغيره هئا.

بيعت ۽ خلافت: پاڻ ننڍي هوندي کان ئي مرشد جي تلاش ۾ هوندا هيا. مختلف بزرگن جي زيارت ڪيائون. خانداني مرشد لاءِ فرمايائون تہ اهو منهنجو مرشد نہ آهي، منهنجو مرشد ڪو ٻيو آهي. پوءِ پاڻ 12 ربيع الاول 1363ھ بمطابق 1944ع ۾ بخشيو ماڇي جي ڳوٺ ۾ شيخ المشائخ، قطبِ دوران، قيومِ زمان، حضرت محمد عبدالغفار عرف پير مٺا سائين قدس سره العزيز سان دست بيعت ٿيا. مرشدن کين 12 ربيع الاول 1367ھ بمطابق 1946ع ۾ خلافت عنايت فرمائي. سندن مرکز اباڻي ڳوٺ هيڪل ۾ آهي. سندن مزار مبارڪ بہ اتي ئي آهي. پاڻ چنڊ جي چوڏهين تاريخ هر مهيني ملهائيندا هيا.

عشق جا اُڏما: پاڻ مرشد ڪريم سان بيحد محبت ڪندا هيا. جنهن مهل يار جي ياد ايندي هئن تہ پاڻ سڀ ڪم اڌ ۾ ڇڏي درگاھ ڏانهن روانا ٿي ويندا هيا.

پاڻ پرائمري استاد هيا. پنهنجي ٽريننگ (پي ٽي سي) جي امتحان دوران مٿن مرشد جي محبت جو اهڙو غلبو ٿيو جو پاڻ امتحان جو پهريون پرچو ٽيبل تي رکي پنهنجي مرشد ڏانهن روانا ٿيا ويا. پويان سندن استاد جيڪو واڌيو هيو، ان سندن غير حاضري لڳائڻ بجاءِ پرچو ڏاڍو هئين ڪري نہ سگهيو ۽ پاڻ ان ٽريننگ ۾ پاس ٿي ويا.

ڪورٽ جي بجاءِ درگاھ: هڪ ڀيري ڪنهن مخالف مٿن ڪيس ڪيو. پاڻ ضمانت لاءِ جج صاحب وٽ فقيرن سان گڏ ويا اتي کين مرشدن جي ياد آئي. ڪورٽ وڃڻ جي بجاءِ درگاھ رحمت پور ڏانهن روانا ٿي ويا. فقيرن چيو سائين جج ناراض ٿيندو ۽ ضمانت رد ڪندو. پاڻ فرمايائون ڪجھ ڪونہ ٿيندو، مان پهرئين مرشدن جي حاضري ڀريندس.

دلبر جي در تي: پاڻ اڪثر ڪري درگاھ رحمتپور شريف ۾ رهندا هيا. مهيني جا ٻارهن تيرهن ڏينهن رحمتپور شريف ۾ چار يا پنج راتيون گهر ۾ باقي ڏينهن تبليغ ۾ گذاريندا هيا.

سيرت: پاڻ جيڪو بہ ڳالهائيندا هيا سچ ڳالهائيندا هيا. حق گو هوندا هيا، پنهنجو هجي يا پرائو حق چوڻ ۾ ڪنهن جي بہ پرواهہ نہ ڪندا هيا. خوش مزاج هوندا هيا. هميشہ مسڪرائڻ وارا، پنهنجائپ وارا، ملنسار ۽ خوش اخلاق هيا. مزور، هاري يا ڪنهن مسڪين سان بہ ائين ملندا هيا جيئن ڪنهن عالم سڳوري، وڏيري يا ڪنهن باعزت شخصيت سان ملندا هيا. پنهنجي گفتگو ۾ ٺيٺ سنڌي محاورا استعمال ڪندا هيا. سندن گفتار وڏائي، فرقہ پرستي ۽ ڪنهن جي دل آزاريءَ کان پاڪ هوندي هئي. جيئن سندس نالو دائود هيو تہ الله تعاليٰ سندن زبان ۾ بہ حضرت دائود عليہ السلام وانگر ميٺاج رکايو هيو جو ننڍو توڙي وڏو ائين چاهيندو هيو تہ پاڻ گفتگو ڪندا رهن ۽ اسان پيارا ٻول ٻڌندا رهون. پاڻ انصاف پسند ۽ غريبن جا هڏ ڏوکي هوندا هيا. ڪڏهن بہ ڪنهن پنهنجي يا پرائي تي ڪا مشڪل گهڙي ايندي هئي تہ ان جي حاجت روا ڪرڻ لاءِ ڪينَ گهٽائيندا هيا. فيصلن ۾ بي باڪي جو مظاهرو ڪندي مظلومن کي حق وٺي ڏيڻ جي ڀرپور ڪوشش ڪندا هيا. وڙهيل ڀنهين ڌرين جو صلح ڪرائي نفاق ختم ڪرڻ لاءِ وڏي جدوجهد ڪندا هيا. پنهنجي ڳوٺ ۾ بجلي، ڊسپينسري ۽ برانچ هاءِ اسڪول سندن ڪوششن سبب ئي ممڪن ٿي سگهيو. صاحبِ ولايت هوندي بہ ڪَسر نفسي ۽ انڪساري ايتري تہ هوندي هين جو سموري زندگي ريگستانن ۽ اڙانگهن پيچرن تي پنڌ ڪندي امت مسلمہ جي خير ۽ ڀلائيءَ لاءِ تبليغ ڪيائون. پنهنجي مرشد جي اولاد، خلفاءِ ڪرام ۽ پير ڀائي فقيرن سان پيار ۽ ادب سان پيش ايندا هيا. خلفاءِ ڪرام جي تعريف ڪندي حضرت محبوب الاهي رحمت الله عليہ جون درگاه رحمتپور شريف ۽ جماعت لاءِ ڪيل خدمتن کي گهڻو ساراهيندا هيا. پاڻ پنهنجي نالي سان گڏ ناچيز جو لفظ استعمال ڪندا هيا. "**ناچيز محمد دائود**" لکندا هيا. گفتگو ۾ نهايت انڪساري هوندي هين.

تقويٰ: پاڻ ايترا تہ پرهيزگار هيا جو بي نمازي جي هٿن جي پڪل ماني نہ کائيندا هيا. بازاري شيون نہ کائيندا هيا. هڪ دفعي ماستر اڪرم صاحب جيڪو مخلص مريدن مان هيو ان جي گهر دعوت هئي. انجي گهرواري نمازي هئي. جڏهن ماني تيار ٿي آئي تہ پاڻ فرمايائون تہ ڪنهن حقي پيئڻ واري ۽ بي نمازي عورت جو هٿ لڳل آهي.

جڏهن تحقيق ڪئي وئي تہ خبر پئي هڪ پاڙي واري آئي هئي جيڪا حقو بہ پيئندي هئي ۽ بي نمازڻ بہ هئي ان اتي جا چاٽا ناهيا هيا.

سندن پرهيزگاري:

پاڻ بازاري گوشت ڪو نہ ڪائيندا هيا. فرمائيندا هيا تہ هي ڪاسائي صحيح طرح سان رڳون ڪو نہ ٿا ڪٽين انهن کي ذبح جو شرعي طريقو خبر ئي نہ آهي. انڪري انهن جي ڪُٺي مشڪوڪ ٿي پوي ٿي احتياطًا اهلِ ذڪر کي اهو گوشت ڪائڻ نہ گهرجي.

ٻولين تي عبور: حضرت خليفہ محمد دائود ﷺ کي عربي، فارسي، اردو، انگريزي، پنجابي ۽ مادري زبان سنڌي تي عبور حاصل هيو. تقرير ۾ بلوچي، پنجابي ۽ پشتو جا جملا ڳالهائي سامعين جو ڌيان پاڻ ڏانهن ڇڪي وٺندا هيا.

اُٺَ جي ٻولي سمجهيائون : هڪ دفعي پاڻ ريگستان جي سفر ۾ هئا. هڪ ماڻهو ڪين پيادل ڏسي عرض ڪيو، مون وٽ اٺ آهي اوهان ان مٿان سوار ٿي پوءِ تبليغ تي وڃو. پوءِ اهو اٺ ڪاهي آيو. پاڻ ان تي سوار ٿيڻ لڳا تہ اُٺَ منهن ڦيرائي ڪجھ ڳالهايو. پاڻ ان ماڻهو کي فرمايائون : "اسان هن اٺ تي سوار نہ ٿينداسين ڇو تہ هي اٺ چوري جو آهي." ان چيو تہ سائين هي تہ منهنجي رشتيدار جو آهي. پاڻ فرمايائون تہ هي اٺ خود چوي ٿو تہ مان چوري جو آهيان. پاڻ ان تي سوار نہ ٿيا. پوءِ جڏهن تحقيق ڪئي وئي تہ خبر پئي تہ سچ پچ اهو اٺ چوري جو هيو.

فراستِ مؤمنانہ : مولوي محمد آصف سندن صحبت ۾ هڪ مهينو رهڻ جي ارادي سان دربار تي آيو. اجا ڪجھ ڏينهن ئي مس ٿيا هيس تہ پاڻ ڪيس فرمايائون مولوي صاحب گهر ٻڌائي ۽ والدين کان اجازت وٺي آيو آهين؟ مون رات خواب ۾ ڏٺو آهي تہ تنهنجي والده روئي رهي آهي ۽ تنهنجي اچڻ جون دعائون گُهري رهي آهي. چيائين برابر انهن کان موڪلائي نہ آيو آهيان. فرمايائون جلدي واپس وڃ. اهي تنهنجي لاءِ پريشان آهن.

سندن طرزِ بيان: سندس وعظ يا عام گفتگو تعصب، فرقہ واريت، دل آزاري ۽ نفرت کان پاڪ هوندي هئي. سندس تقرير ۾ خوفِ خدا، ذڪر الله جي فضيلت، عشق مصطفيٰ ﷺ جي پرچار، امر ۽ نهي، مرشد جي فيض و برڪت جو بيان ۽ محبت جو پيغام هوندو هيو.

ملازمت ترڪ ڪيائون: پاڻ 1942ع کان استاد جي حيثيت سان سرڪاري نوڪري ۾ ڀرتي ٿيا هئا. ان دؤر ۾ ماڻهن ۾ تعليم جو رجحان گهٽ هيو. ٻارن کي مال چارڻ لاءِ موڪليندا هيا ۽ ڇوڪرين کي پڙهائڻ پڻ سٺو نہ سمجهندا هيا. پاڻ جنهن بہ اسڪول ۾ ويا اتي جي ماڻهن کي ترغيب ڏئي وڏ کان وڏ ٻارن جي داخلا ڪرائي، انهن کي نہ صرف دنيوي پر ديني تعليم جي زيور سان بہ سينگاريندا رهيا. پوءِ پاڻ اهو محسوس ڪيائون تہ نوڪري جي ڪري تبليغ ۾ رنڊڪ ٿئي ٿي يا تبليغ کي وقت ڏيڻ سان نوڪريءَ ۾ بد دیانتي ٿئي ٿي تہ پوءِ ديني ڪم کي وڏيڪ اهميت ڏئي، 1963ع ۾ دين جي خاطر پنهنجي 21 سالن جي سرڪاري نوڪريءَ تان هٿ ڪنيائون. باقي پنهنجي سموري حياتي صرف دين جي خدمت لاءِ وقف ڪري ڇڏيائون.

وڏيرپ نہ ڇوڙين: پاڻ پنهنجي شهر جا چڱا مڙس بہ هئا. برادري جا فيصلا حق ۽ انصاف سان ڪندا هئا. هڪ ڏينهن پير مٺا سائين رحمۃ اللہ علیہ کي عرض ڪيائون دين خاطر نوڪري بہ ڇڏيم. هاڻي دل ٿي چاهي تہ وڏيرپ ۽ رئيسي بہ ڇڏي ڏيان. پير مٺا سائين فرمايو تہ :

”تون صرف شهر دا وڏيرا نہيں اساڏا بہ وڏيرا ہیں۔ وڏيرپ نہ چھوڙیں ۔“

فرمايائون: جيڪڏهن تون ڪنهن مظلوم ۽ ڏتڙيل انسان کي ان جو حق وٺي ڏين يا ڪنهن هيٺي ۽ بي مددگار جو سهارو بنجين يا ٻن ڌرين جي وچ ۾ صلح ڪرائين تہ اهي ڪم پوري زندگي جي عملن کان وڌيڪ آهن.

قاتلانہ حملو: حق وارن جي هميشہ مخالفت ٿيندي رهي آهي. ساڻن بہ ڪافي مخالفتون ٿيون. هڪ ڀيري تہ ڪجهہ دشمنن مٿن قاتلانہ حملو ڪيو پر الله ڪريم سندن حفاظت فرمائي. ٿيو ائين جو ڪجهہ ديوبندي سندن مريد ٿيا. پر انهن جا ڀيا دوست اڃي سائينجن مٿان ڪاوڙيا تہ ان اسانجي ماڻهن کي ڦيرايو آهي. هڪ ڏينهن پاڻ حجري ۾ آرامي هئا تہ انهن دشمنن اچي مٿن ڪهاڙين جا وار ڪيا. ڪهاڙي جو ڌڪ لڳڻ سبب سندن پيشاني جو ساڄو حصو زخمي ٿي پيو. علاج بعد پاڻ ٺيڪ ٿيا. D.C ۽ D.S.P سندن واقف هيا، انهن دشمنن جا نالا پڇڻ چاهيا. فرمايائون اوهان جي ڪورٽ ۾ نہ پر الله جي ڪورٽ ۾ رپورٽ لکرائي ڇڏي آهي. پوءِ ٿيو بہ ائين جو سندن دشمن نابود ٿي ويا

مرشد جي مهر ۽ محبت: جڏهن حضرت پير مٺا سائين رحمة الله عليه جي طبيعت مبارڪ ناساز هئي ۽ پاڻ لاڙڪاڻي اسپتال ۾ داخل هئا. تن ڏينهن ۾ هڪ ڏينهن پاڻ حضرت خليفہ محمد دائود کي سڏ ڪيائون ۽ سندس هٿ کي تقريباً ڏهہ منٽن تائين جهلي رکيائون. ان دوران خليفو صاحب لڙڪن پريل اکين سان پنهنجي محبوب مرشد جي نيڻن ڏانهن نهاريندو رهيو. پوءِ پاڻ فرمائيندو هيو تہ ان ڏهن منٽن ۾ مرشد ڪريم مون کي ڪيترائي روحاني سَير ڪرايا. سڀ لطيفا ۽ سموريون باطني منزلون طئي ڪرائي ڇڏيائون.

خلافت ۽ جوشِ تبليغ: الله تعاليٰ کين وڏي روحانيت ۽ فيض سان مالا مال ڪيو هيو. مرشدن وٽان خلافت ملڻ بعد نہ صرف مريدن جي دل ۾ الله ۽ ان جي حبيب ﷺ جو عشق پيدا ڪيائون پر انهن کي سنت ۽ شريعت سان بہ سينگاريائون. جيڪڏهن ڪو مريد غير شرعي ڪم جو ارادو ڪندو هيو تہ ان کي روحاني طرح يا روبرو ملاقات مهل اشارتاً تنبيهہ ڪندا هيا. اگر اهي ڪنهن مصيبت، ظلم يا ڏاڍ ۾ ڦاسڻ وارا هوندا هيا تہ بروقت انهن جا نہ صرف ظاهراً مددگار ٿيندا هيا پر روحاني طرح سان بہ مدد ڪري انهن کي مصيبتن کان نجات ڏياريندا هيا. سندن حلقهءِ ارادت ۾ ايندڙ هزارين مرد توڙي عورتون نيڪ صالح بنجي ويون. شرابي شراب ڇڏي ويا، زاني زنا ڇڏي ويا جيڪي گناهن ۽ بدڪارين ۾ جڪڙيل هيا تَن جي دلين کي پنهنجي توجهات سان صاف ڪري فيضِ محمدي سان سرشار ڪري ڇڏيائون.


۵۸۷

مشفقي و مكرمي ماسٹر محمد داود صاحب سلمكم الله تعالى

السلام عليكم - عزيزا آپكا نہايت عمده اور اعلى

مشوره ہے اور كراچی جانيمين بصحابت شاه صاحب

مهاجر ضرور انشاء الله تعالى فائده ہووےگا

ليكن اول آپ اور مولوى رحمة الله صاحب لياں نور نور تشريف

لے آوین فقط ايكدو راتين

ذكر كن ذكر تا ترا جانست - پاكئ دل ز ذكر رحمان است

لاشئ فقير محمد عبد الغفار فضلي

خليفي محمد دائود رحمة الله عليه کي لکيل
قطبِ عالم حضرت پير مٺا سائين رحمة الله عليه جو خط


اجازت نامه حضرات نقشبندیه مجددیه فضلیه عالیه
یا ایها الذین امنوا اتقوا الله وابتغوا الیه الوسیلة وجاهدوا فی سبیله
لعلکم تفلحون - المجاهد من جاهد نفسه فی طاعة الله
بسم الله الرحمن الرحیم
الحمد لله رب العالمین والصلاة والسلام علی حبیبه سید المرسلین وآله الطاهرین واصحابه الطیبین اجمعین الی یوم الدین
اما بعد می گوید فقیر حقیر لاشی محمد عبد الغفار از اولاد حضرت پیر قدس سره العزیز که این عاجز
خاکسار ذره بیمقدار در سلسله خاندان نقشبندیه مجددیه فضلیه داخل شده علم سلوک تکواثر
لاتعین از حضرت قطب الارشاد خواجه خواجگان پیر پیران غوث الاعظم مجدد منور مائة اربعة عشر
نائب خیر البشر علیه وعلی آله من الصلوات افضلها ومن التحیات اکملها سیدی وسندی
قبلهٔ عالم محمد فضل علی قریشی هاشمی عباسی قلبی وروحی فداه ابی وامی فداه حاصل نموده
وشرف اجازت از آنحضرت قرة عینین محبوب سبحانی یافته وبرائے تحقیق سلسله
شریف موجود است پس ازین عاجز لاشی برادر طریقت مولوی محمد داؤد ولد سائینداد
قوم بشر بلوچ باشنده علاقه سنده علم سلوک وجذبه وحالات وواردات صحیحه حاصل
نموده برائے تعلیم اسم ذات وعلم سلوک برائے طالبان مولی وبرائے خدمت اسلام بموجب ضرورت
اجازت داده شد طالبان راه حق جل وعلا را مناسب است که زود فیض ظاهری وباطنی
ازین شیخ کامل حاصل نمایند وهیچ خطره وشک در دل نیارند که جناب خلیفه صاحب موصوف
لله فی الله خدمت اسلام وبرادران اسلام کنند فقط ۱۲ ربیع الاول ۱۳۶۲ھ
لاشی فقیر محمد عبد الغفار فضلی

حضرت خليفه محمد دائود ﷫ جو خلافت نامو پير مٺا سائين ﷫ پاران

قطبِ عالم پير مٺا سائين جي وصال بعد :

حضرت خليفه محمد دائود ﷫ پنهنجي زندگي خدمتِ دين لاءِ وقف ڪري ڇڏي هئي. مرشدن جي ظاهري زندگي ۾ به ۽ سندن وصال بعد به همه تن و گوش تبليغي ڪمن ۾ مشغول رهيا. پنهنجي جوڙيل جماعت ڪي سنت ۽ شريعت تي گامزن رکڻ لاءِ شب وروز ڪوشان رهيا. مولانا حبيب الرحمان گبول مدظله خليفي صاحب جي حوالي سان لکيو آهي ته پير مٺا سائين جي وصال بعد ڪين حضرت حبيب ڪريم ﷺ خواب ۾ نظر آيا، جن ڪين اهڙو اشارو ڏنو جنهن مان پاڻ حضرت سهڻا سائين سان بيعت ٿيڻ مقصد ورتائون. پوءِ پاڻ سهڻا سائين ﷫ سان بيعت ڪيائون. سندس لفظ هي آهن:

یہ رہنما خواب دیکھتے ہی میں نے اپنا بڑا لڑکا
عبدالقادر اور دیگر کچھ متعلقین سوہنا سائیں نور اللہ مرقدہ کی خدمت میں فقیرپور
شریف ' بیعت ہونے کے لئے بھیج دیئے اور بعد میں خود بھی حاضر خدمت ہوکر
بیعت ہوا ' الحمد للہ ثم الحمد للہ (قبلہ خلیفہ مولانا محمد داؤد صاحب)

(تصوير كتاب سيرت ولي ڪامل ج 1 ص 122)

جڏهن تہ خليفي محمد دائود رحمة الله عليه جو مسند نشين صاحبزاده مولانا عبد القادر مدظلہ سندس ۽ سندس والد خليفي محمد دائود جي سهڻا سائين سان بيعتِ ثانيہ ڪرڻ واري ڳالهہ جو شديد مخالف آهي ۽ مولانا محمد دائود جي خليفي مولانا رضوان احمد بہ مڪتوبات دائوديہ ۾ اها ڳالهہ لکي آهي تہ پاڻ سهڻا سائين رحمة الله عليه جي بيعت ڪو نہ ڪئي هئائون. سندس ڪتاب جا لفظ آهن:

پیرومرشد کا وصال:

حضرت پیر مٹھا علیہ الرحمۃ نے ۱۳۸۴ھ ۸ شعبان المعظم کو دنیا سے پردہ فرمایا۔
پیرومرشد کے وصال کے بعد آپ نے دین کی تبلیغ کا کام علیحدہ طور پر شروع کردیا پھر ایک
مرتبہ شہ لولاک احمد مجتبی محمد مصطفی صلی اللہ علیہ وسلم کی طرف حکم ہوا کہ دین اسلام کی ترقی
کیلئے حضرت اللہ بخش المعروف سوہنا سائیں علیہ الرحمۃ جو کہ حضرت پیر مٹھا علیہ الرحمۃ کے
خلفاء اجل میں سے تھے کہ ساتھ مل کر دین کی تبلیغ کرو۔ آپ نے اپنی جماعت کو کنڈیارو
حضرت سوہنا سائیں علیہ الرحمۃ کے حوالے کیا اور ان کے ساتھ مل کر دین کی تبلیغ کا کام شروع
کیا۔ آپ نے حضرت سوہنا سائیں علیہ الرحمۃ کی بیعت نہ کی کیونکہ آپ فرمایا کرتے
تھے کہ میں نے صرف حضرت پیر مٹھا علیہ الرحمۃ سے بیعت کی ہے۔

(تصوير مڪتوبات دائوديہ ص 24)

صاحبزادي مولانا عبد القادر جي بقول هڪ دفعي ڪين رسول الله صلى الله عليه وسلم ڪان حڪم ٿيو تہ دين اسلام جي ترقي لاءِ حضرت الله بخش (سهڻا سائين) سان گڏجي دين جي تبليغ ڪيو. پوءِ پاڻ پنهنجي جماعت ڪي سهڻا سائين جي حوالي ڪيائون ۽ ساڻن گڏجي تبليغ شروع ڪيائون پر پاڻ سهڻا سائين سان بيعت نہ ڪيائون ۽ پاڻ فرمائيندا هيا :

”مون صرف پير مٺا سائين جي بيعت ڪئي آهي.“

هن فقير (ڪرم الله) سهڻا سائين رحمة الله عليه ڪي لڪيل سندن خط پڙهيا آهن، جن مان ائين لڳي ٿو تہ پاڻ سهڻا سائين سان بيعت ڪئي هئائون. خطن جو انداز مريدانہ ۽ عاشقانہ آهي.

تبليغي مساعي: تبليغ تبليغ تبليغ حضرت خواجہ محمد دائود رحمت الله عليہ سراپا تبليغ هئا. پاڻ پنهنجي سک آرام کي ترک ڪري ديس پرديس الله جو پيغام پهچاياءِون. هر طريقي سان تبليغ ڪيائون. پير مٺا جي بيعت کان اڳ بہ جلسا جلوس ڪرائيندا هيا. بيعت ڪرڻ کان ۽ سائينجن جي خلافت ملڻ کان پوءِ تہ پاڻ مرد مجاهد بنجي، پنهنجي جان جي ڪابہ پرواهہ نہ ڪندي تبليغ ڪيائون. پوءِ سندن دائرهءِ تبليغ سنڌ تائين محدود نہ رهيو پر پنجاب ۽ سرحد ۾ وڏي پيماني تي تبليغ ڪيائون. سنڌ جي علائقن سانگهڙ، نواب شاهہ، حيدرآباد، ڪراچي، ميرپور خاص، خيرپور ميرس وغيره ۾ جهر جهنگ، شهر شهر، نگر نگر بلڪہ در در وڃي محبوبن ڪريمن ﷺ جو پيغام پهچاياءِون. هزارين ماڻهن کي پنهنجي فيض سان رنگي ڇڏيائون. بي دين ماڻهن کي سنت ۽ شريعت سان سينگاري سنواري ديندار بنائي ڇڏيائون.

سندن ڪرامتون:

ٻارڙي جي روئڻ جو عجيب انداز: هڪ ڀيري سندن طبيعت ناساز هئي. راولپنڊي سي ايم ايڇ اسپتال ۾ سندن رسولي جو آپريشن هيو. هڪ غير مقلد ڊاڪٽر کي سندن آپريشن ڪرڻو هيو. جڏهن کين بيهوش ڪرڻ جي انجيڪشن لڳائي وئي تہ مٿن ڪو بہ اثر نہ ٿيو. پاڻ تلاوتِ قرآن ۾ مصروف هيا. وري وڏيک پاور واري انجيڪشن لڳائي وئي پر وري بہ کين ڪو اثر نہ ٿيو. پاڻ فرمايائون تہ جيڪڏهن الله تعاليٰ نہ ٿو چاهي تہ اسان بيهوش ٿي وڃون تہ پوءِ ڪير ڪيئن ٿو ڪري سگهي! ڊاڪٽر کي فرمايائون: اوهان پنهنجو ڪم ڪريو. ڊاڪٽر آپريشن شروع ڪري ڇڏيو. پوءِ پاڻ سورة يٰسين تلاوت ڪندا رهيا. جڏهن آپريشن مڪمل ٿيو تہ اهو ڊاڪٽر سندن هٿ چمڻ لڳو. چوڻ لڳو مان تہ اولياء الله کي نہ مڃيندو هيس. پر اڄ مون کي خبر پئي تہ الله وارا ڪيئن ٿيندا آهن؟ مان توهان جي هٿ تي توبہ ڪيان ٿو. پوءِ اهو سندن دست بيعت ٿيو.

ان ڊاڪٽر کي اولاد نہ ٿيندو هيو. کين اولاد ٿيڻ جي دعا لاءِ عرض ڪيائين. پاڻ فرمايائون دعا ڪيون ٿا الله تعاليٰ ضرور قبول ڪندو. ڪجهہ عرصي کان پوءِ ڊاڪٽر جي گهر ۾ پٽ ڄائو. پر اهو ٻار ٻين ٻارن وانگر روئندو نہ هيو.

پر جڏهن بہ روئندو هيو تہ سندس زبان مان الله الله جو آواز ٻڌڻ ۾ ايندو هيو. ڊاڪٽر صاحب اهو آواز ريڪارڊ ڪري سائينجن جي خدمت ۾ موڪليو. پاڻ فرمايائون ڏسو ذاڪر ماءُ ۽ پيءُ جو پيار پيدا ٿيو تہ ان جي دل بہ بيدار آهي.

ڇڻ پنج منٽ مس گذريا هجن! :سندن هڪ مريد محمد منير جيڪو شاد باغ، لاهور جو رهائشي آهي تنهن ٻڌايو تہ هڪ دفعي خليفہ محمد رضوان سان گڏجي سندن زيارت لاءِ وياسين. ٽي چار ڏينهن سندن صحبت ۾ رهياسين. واپسي مهل ريل گاڏي ۾ تمام گهڻي رش هئي. ڏاڍي مشڪل سان گاڏي ۾ چڙهياسين. ويهڻ لاءِ ڪا بہ جڳهہ نہ ملي سگهي. مجبوراً اسان کي بيهڻو پيو. پر اسان جي حيرت جي حد نہ رهي جڏهن ڏٺوسين تہ ڇڻ پنج منٽ مس گذريا هجن ۽ ملتان شريف اچي ويو. سوچيوسين تہ اها اسان جي مرشد ڪريم جي ڪرامت آهي. ملتان ۾ ڪافي ماڻهو لٿا. اسان کي بہ ويهڻ لاءِ سيٽون ملي ويون. پر اڄ ڏينهن تائين اهو عجيب ۽ ايتري جلدي وارو سفر ياد ڪري حيرت ٿيندي آهي.

بيماري بہ گم ۽ بي ديني بہ ختم :محمد ارشد دائودي مهتمم و خطيب چراغ مدينہ جامع مسجد، بهار مدينہ مسجد روڊ، روشن پورہ شيخوپوره ٻڌايو تہ مان سخت بيمار ٿي پيس. وات ۽ پيشاب مان رت اچڻ لڳو. ايتري قدر جو هلندي گهمندي رت روڪي نہ سگهندو هيس. ڊاڪٽرن چيو تہ توکي خطرناڪ حد تائين ٽي بي آهي. دوائون ڏنائون پر مرض وڌيڪ زور وٺندو ٿي ويو. پوءِ ڪيترن ئي عاملن ڏانهن بہ ويس. انهن سڀني چيو تہ تو تي ڪنهن ڪارو جادو ۽ تعويذ ڪيا آهن. ڪافي حڪيمن ڏانهن بہ ويس پر مرض ڏينهون ڏينهن وڌندو ٿي ويو. مالي لحاظ کان بہ ڏاڍو ڪمزور ٿي ويس. هڪ ڏينهن سوچيم تہ ڇو نہ خليفہ حضرت محمد دائود جي خدمت ۾ حاضر ٿي پنهنجي پريشاني ٻڌائي دعا ڪرايان. پوءِ سندن خدمت ۾ حاضر ٿي بيعت ڪري ذڪر پڇيم ۽ سمورو حال احوال بہ اوريم. پاڻ دلداري ڏيندي فرمايائون تہ ڪو بہ فڪر نہ ڪر.

توهان تي ڪو بہ جادو يا تعويذ جو اثر نہ آهي. اسان توهان لاءِ دعائون گهرون ٿا انشاء الله توهان صحتمند ٿي ويندو. پوءِ پاڻ هڪ ديڳڙي ۾ ٿورو ڳڙ ڪڻي آيا. ان تي دم ڪري، فرمايائون تہ هن مان ڇٽي جيترو ڳڙ صبح شام روزانو کائيندا رهجو.

وڏيک نصيحت ڪندي فرمايائون تہ الله جو ذڪر گهڻو ڪجو. نماز روزو ۽ شريعت و سنت جي پابندي بہ ڪندا رهجو. پوءِ سندن ڏنل ڳڙ بہ کائيندو رهيس. نماز سان گڏوگڏ تهجد ۽ سنت و شريعت جو پابند بہ ٿي ويس. ٿورن ئي ڏينهن ۾ صحتمند ٿيندو ويس. ڪجهہ مهينن کان پوءِ خواب ۾ سندن زيارت نصيب ٿي. سندن هٿ ۾ ڪا شيءِ هئي جيڪا منهنجي سيني تي گهمايائون. منهنجي جسم مان گهڻو دونهون ۽ ٻاڦ نڪري رهي هئي. پوءِ فرمايائون تہ اسان توهان جو آپريشن ڪري ڇڏيو آهي ۽ سيني جي صفائي بہ ٿي وئي آهي. هاڻي هڪ هفتي لاءِ وزني ڪم نہ ڪجو. ان خواب کان پوءِ نہ صرف مان تندرست ٿي ويس بلڪہ روزي نماز، تهجد ۽ سنت و شريعت جو بہ پابند ٿي ويس. اهڙي طرح سان پاڻ نہ صرف منهنجي ظاهري جسم جو علاج ڪيائون بلڪہ باطن کي بہ صاف ڪري ڇڏيائون.

سندن قلمي ڪاوشون : پاڻ سلسلہ تصوف ۽ تبليغ روحاني نالي هڪ قلمي جهاد شروع ڪيائون. ان سلسلي جي ڪجهہ رسالن جو تعارف پيش آهي.

1. ذڪر الله: هي 64 صفحن تي مشتمل اردو ڪتابچو آهي جنهن جو انتساب پاڻ سهڻا سائين ﷺ ڏانهن "**مرشدنا**" لکي ڪيو اٿن. آخر ۾ پاڻ قارئين کي سندن صحبت ۾ وهڻ جي دعوت ڏني اٿن. ڪتاب تي پيش لفظ مولانا حبيب الرحمٰن لکيا آهن. لکن ٿا تہ :

*عالماں را جلوه اش حیرت دهد * عاشقاں را بر عمل قدرت دهد*

ان ڪتاب ۾ پاڻ قرآن ۽ حديث ۽ اقوالِ سلف مان الله جي ذڪر جا فضائل ۽ فوائد لکيا اٿن. مرشد ڪامل وٽ، ان جي صحبت ۾ ويهڻ جا فوائد ۽ اثرات بيان فرمايا اٿن.

ڪتاب تي سالِ طباعت ذوالحج 1394هہ لکيل آهي. ساڳيو ڪتاب بيو پيرو عمده ڇپائي ۾ شايع ٿيو آهي. ان ۾ ڪجهہ تبديليون بہ ٿيل آهن.

ڪتاب تبليغ روحاني: هي هڪ سؤ يارهن صفحن تي مشتمل هڪ ننڍڙي سائيز جو ڪتابچو آهي جيڪو خليفي صاحب جي پنهنجي هٿن سان لکيل آهي ۽ ڇپيل آهي. سنِ طباعت 1394هہ آهي. هن ۾ پاڻ صحابہ ڪرام رضوان الله عليهم اجمعين جو شان بيان ڪيو اٿن. صحابہ مٿان معترضين جي اٿاريل اعتراضن جو ڪافي شافي جواب ڏنو اٿن. هر ڳالهہ بَراهين ۽ دلائل سان لکي اٿن.

سندن شاعري:

1945ع ۾ پير مٺا سائين سان بيعت ڪرڻ کان وٺي 1964ع ۾ سندن مرشد جي وصال تائين پاڻ تبليغ سان گڏ شاعري به ڪندا رهيا. محبوبن ڪريمن ﷺ جي شان ۾ نعتون ۽ مرشدن جي محبت ۾ منقبتون ناهيائون. ماڻهن کي شعر ذريعي عجيب نصيحتون به ڪيائون. سندن شاعريءَ ۾ برائي کان بچڻ، گناهن ۽ خطائن تي شرمسار ٿيڻ ۽ عشق مصطفيٰ ﷺ پيدا ڪرڻ جون خوبيون سمايل آهن. سندن ڪلام ناصحانه عارفانه ۽ عاشقانه آهي.

سندن شاعري جو نمونو:

هُو هُو واري تند تنوار، ناحق نه پنهنجي عمر گذار.
ويئي تو جا عمر گذاري، اڳيئون ٿيندءِ سخت لاچاري،
قبر انداري ڏاڍي ڪاري، نانگ وڇون ٻيا زارو زار.
ويئي تو جا عمر وڃائي، ڪِينَ ڪمايئي ذڪر خدائي،
بدي بڇڙي ڪَيئي ڪمائي، سخت خدا جي ٿئي سرڪار.
جيڪي دنيا ۾ هُيا هاڪارا، تنبو لشڪر طاقت وارا،
هٿين خالي هليا ويچارا، ڪا نه لڌي ڪنهن تن جي سار.
”دائود“ غفاري ڪر ترت تياري، ذڪر ذاتي جوشئون جاري.
سچڻ تنهنجو فضلي غفاري، سبق سهٽي جو سُرت سنڀار.

فاذڪروني امر پرين جو، نوبت نِينهن وڄائين ها،
اذڪرڪم اشارو ڪافي، هٿين ساڻ هندائين ها.

عاشق اثبات ڪيو، قالوا بليٰ جي قول تي،
مؤج مستي ماڻ درجو، هي پڇڻ جو وقت ناه.
پٽو پرين تو کي چا لاءِ چاڙهيو، فاذڪروني تو امر نه پاڙيو،
تيل اجايو آ ساڙيو، قالوا بليٰ وارو قول ڪماءِ
وقت انهيءَ لاءِ ڪجانءِ ڪمائي، ابو امڙ جِتي پيڻ نه پائي،
ذڪر ذاتيءَ سان محبت لائج، لهر لوڏو نه ڏسندين تون.
اڳيئون نه ملندءِ تولو ماسو، پيءُ ماءُ پي ڪري ويندءِ پاسو،
چڱي ڪمايءِ توڙي بڇڙي، اُتي ساري هلي ڏسندين تون.

ڪچي پاڻ ٿياس نہ تہ سڄڻ ٻاجهارو گهڻو،
رکي نينهن ننڊ سين سمهي سيج پياس،
غفلت گذاري راتڙي اسر ويل اٿياس،
حرف ناهي هوت ڏي، پنهنجي موڳائيءَ مُنياس،
ور بنا ويسن کي ڪاڏي آءٌ ڪندياس،
ويندا ڏک دائود جا جڏهن محبن سين ملندياس
نماڻي ننگ هياس اصل آريءَ ڄام جو.

سڄڻ سڀ ڏٺام، پر تو جهڙو سڄڻ نہ ڪو،
ڪِريو ڏسي قبر ۾، ڪنهين ڪين ڪڍيوم،
جڏهن تو هٿ ورتوم، تڏهن ڇُٽس ڇيهن کان.

ڇيهن کان بہ ڇڏائي تو پرين پار ڪيوم،
ڏسي عيب هزارين تو هو ڪرم ڪيوم،
دلبرا ”دائود“ سين تو وڏو وڙ ڪيوم،
تهان پوءِ ٿيوم سندو سپريان سوجهرو.

اُٿ مسافر جاڳ جلدي:

اُٿ مسافر جاڳ جلدي، هيءُ سمهڻ جو وقت ناهہ،
چورِ چرخو ذڪر قلبي، هي ويهڻ جو وقت ناهہ.
ساٿ ويا ساجهر سويلا، جَن ڇٽيو تو کي هِتي،
جو ڇايو سوئي مرندو، هِت بچڻ جو وقت ناهہ.
ويل هيءَ ويندءِ هلي، هاءِ هئَ هئَ پوءِ ڪندين،
هڪ ڇٽو ويندين هليو، هِت رهڻ جو وقت ناهہ.
برههَ جي بازار کُلي ٿي، سَودو سِر جو ڪر ميان،
ذڪر ذاتي جوش جذبا، هيءُ هٽڻ جو وقت ناهہ.
عاشقن اثبات ڪيو، قالو بلىٰ جي قول تي،
موج مستي ماڻ درجو، هِي پڇڻ جو وقت ناهہ.

واهہ واهہ مٺا:

واهہ واهہ مٺا تو ڪرم ڪري، حق هادي سبق پڙهايو ٿئي،
مُرده قلب نظر سان دلبر، جلدي جوان جاڳايو ٿئي.
چورَ ڌاڪوءَ کي هڪ نظر سان، راهہ شرع تي رسايو ٿئي،
عشق الله جو ڏئي اندر ۾، جذبو جوش ڪرايو ٿئي.
سُتي جاڳندي قلب اندر ۾، ذاتي اسم ٽڪايو ٿئي،
مرڻ ويل محبت ڏئي سائين، الله الله چوايو ٿئي.
خوني شرابي ڌاڙيلن کي، راهہ شرع جو وٺايو ٿئي،
خوف خدا جو ڏيئي تنهين کي، مُتقي مرد بنايو ٿئي.
رشوت خور جُوارن کي، مٺا ذڪر ذاتي سمجهايو ٿئي،
ڪيئي جهل انڌارو تن مان، نمازي نيڪ بنايو ٿئي.
هيٺ دامن تنهنجي دلبر، سِرَڙو ”دائود“ لڪايو ٿئي،
پَلَئِ پائي عيب هزارين، در تنهنجي تي آيو ٿئي.

مرشد جي جدائيءَ کي هن شعر ۾ بيان ڪيو اٿن.

جن رِيءَ نہ ٿِي ساعت سَرِي، مارو هليا ويڙا پَري،
سانگي وڏو سفر ڪري، پکڙا ويٺا ترم اڏي،
ڏُک سُور دل جا شل وڃن، مارو مِٺا مون سان مِلن،
پُورَ پَل پَل تا پون، ساريون سِڪايل تي سڏي.



سندن فرمودات:

1. فرمايائون الله تعاليٰ جو ذڪر ائين ڪيو جيئن الله جل شانہ جي زيارت ٿيڻ واري آهي.
2. نيڪ ڪم ڪرڻ کان پهريائين دل ۾ الله عرض ڪري ڇڏيو تہ يا الله تنهنجي رضا لاءِ ڪيان پيو.
3. ذڪر الله ڪرڻ وقت شيخ جو تصور ڪريو تہ ان جي سيني مان فيض منهنجي دل ۾ داخل ٿي رهيو آهي.
4. نسبت اولياء سان ڪو بہ عمل ڪندو قبول ٿي وڃي ٿو. ان ۾ برڪت پوندي آهي.
5. مريد جو ڪم فنا في الشيخ ٿيڻ آهي باقي ڪم پير جو آهي.
6. الله تعاليٰ کان جيڪو بہ تحفو ملي خوشي يا غم، مصيبت يا پريشاني تہ اهو بہ نعمت آهي، ان تي شڪايت نہ ڪرڻ گهرجي. شڪايت حال، شڪوه رب ذوالجلال.
7. غلط ڪم لاءِ تعويذ وغيره ڪرڻ حرام آهي.
8. سالڪ لاءِ فرض آهي تہ نماز ۾ پنهنجا مفسد خيال پري ڪري جيئن ڪتو اسان جي پرسان اچي ويندو آهي تہ اسان ان کي پٿر وغيره سان پري ڪندا آهيون.
9. طالب مولیٰ پيرن سان نہ پر دل سان پرواز ڪندو آهي تان جو پنهنجي منزل تي پهچي ويندو آهي.
10. فرض، واجب ۽ سنن موڪده ضرور ادا ڪرڻ گهرجن. سنت موڪده کي ڇڏڻ گناهہ آهي.
11. عام سالڪ فروعي مسئلن تي ڪنهن سان بحث نہ ڪري اهو مريدن لاءِ مضر آهي.
12. انسان مان ”مان“ نڪرندي تہ مولا جي محبت اچي ويندي.
13. بدن تي ڪيڙو هلندو آهي تہ اسان کي خبر پئجي ويندي آهي پر اندر جي ڪاريهر نانگ جي خبر نہ پوندي آهي.
14. اندر جو حسد، ڪينو، بغض ختم ڪريو.
15. تبليغ پيغمبرن جو ڪم آهي.
16. پير جي تعريف ڪريو تان جو اها توهان کي خود پير بنائي ڇڏيندي.

17. خدمت ڪرڻ وارو مخدوم ٿي ويندو.
18. نيڪيءَ طرف هلندو ته ڪيئي وهم پيدا ٿيندا. پر وهمن کي ڇڏيو نه ڪه نيڪي کي.
19. دربارِ مصطفوي ﷺ سچايل آهي هجي ڪو خريدار!
20. مدني سرڪار ﷺ جي ادائن سان پيار ڪيو. پاڻ اوهان سان پيار ڪندا.
21. دنيا ۾ خير به آهي شر به آهي. شر کي ڇڏيو خير جي طرف وک وڌايو.
22. ڪو مريد ڪک ڏئي ۽ ڪو لک ڏئي پر مرشد کي هر هڪ لاءِ هڪ جهڙي دعا ڪرڻي آهي.
23. گنهگارن کي برو نه سمجهو، ٿي سگهي ٿو الله اوهان کي پڪڙي ۽ ان کي بخشي ڇڏي.
24. جڏهن ماڻهو سٺي ڳالهه ٻڌندو آهي ته ان جي دل تي سفيدي ايندي آهي ۽ جڏهن بري ڳالهه ٻڌندو آهي ته ڪارو داغ ٿيندو آهي.
25. طريقه عاليه ۾ ضروت آهر علم ظاهري به آهي ته علم باطن به آهي. يعني نماز، روزو وغيره جا مسئلا به ۽ باطني توجهات به آهن.
26. صرف مشتبه شين کان بچڻ ئي تقويٰ نه آهي بلڪه قرآن حديث جي هڪ هڪ لفظ تي عمل ڪرڻ تقويٰ آهي.
27. پير خوش ٿيندو آهي ته ترقي جي دعا ڪندو آهي ۽ ناراض ٿيندو آهي ته اصلاح جي دعا ڪندو آهي. ٻنهين حالتن ۾ مريد جو فائدو آهي.
28. مرشد کان ڪرامت طلب نه ڪرڻ گهرجي ڇو ته مؤمنن نبين کان معجزا طلب نه ڪيا هئا. بلڪه ڪافرن ۽ منڪرن معجزا طلبيا هئا.
29. ماڻهن جو تعداد نه ڏسو چمڪ دمڪ نه ڏسو بلڪه دين جا سپاهي بنجي ڪم ڪيو خواه هڪ ئي ماڻهو هجي ان کي تبليغ ڪريو.
30. ذڪر دل جي سياهي دور ڪري ٿو. انڪري اوهان گهڻو ذڪر ڪيو.
31. الله جو ذڪر ۽ نبي پاڪ ﷺ تي درود پڙهڻ ڪم ضروري سمجهو.
32. الله جو ذڪر شيطان جي قوت کي ٽوڙي ٿو. رب سان ناتو جوڙي ٿو.
33. درود دلين کي سڪون ۽ سرور بخشي ٿو.
34. الله جي معرفت نصيب وارن کي ملندي آهي.

سندن خلفاءِ ڪرام:

1. صاحبزاده عبدالقادر شر داؤدي سجاده‌نشين دربار عاليه هيڪل شريف لڳ ٽري مير واهه.
2. صاحبزاده مولوي غلام محمد شر دربار عاليه هيڪل شريف لڳ ٽري مير واهه.
3. مولوي محمد يعقوب ولد نواب دين راجپوت (ڪراچي)
4. مولوي محمد مقصود احمد صديقي (سوئيزر لينڊ)
5. مولوي محمد صابر ولد عبدالرشيد يوسف زئي (شيخوپوره پنجاب)
6. مولوي محمد رضوان ولد محمد سعيد ڪشميري بٽ (لاهور)
7. مولوي محمد منشا ولد فقير محمد راجپوت ڀٽي (شيخوپوره پنجاب)
8. مولوي سرور جان پٺاڻ گجري (سانگهڙ)
9. مولوي فيض محمد ولد محمد عبدالله آرائين (چڪ نمبر 57، سانگهڙ)
10. مولوي خدا بخش ولد محمد اسحاق لغاري(پنيري ڪپرو، سانگهڙ)
11. ميان سردار احمد ولد غلام قادر جٽ (نواب شاهه چڪ نمبر 3 سهيلو، نوابشاهه)
12. سردار احمد صاحب ثاني آرائين (نواب شاهه چڪ نمبر 3 سهيلو، نوابشاهه)
13. ماستر مولوي سلطان علي ولد سراج الدين آرائين (چڪ نمبر 3نوابشاهه)
14. خليفه مرحوم محمد سعيد احمد آرائين (ڪرڪلي ضلع سانگهڙ)
15. سيد محمد اسماعيل شاهه صاحب (اٽلي)
16. مولوي زيد گل صاحب (ميان والي)



اجازت نامہ حضرات نقشبندیہ مجددیہ غفاریہ عالیہ

بسم اللہ الرحمٰن الرحیم

یاایھا الذین امنوا اتقوا اللہ وابتغوا الیہ الوسیلۃ وجاھدوا فی سبیلہ لعلکم تفلحون

المجاھد من جاھد نفسہ فی طاعۃ اللہ

بسم اللہ الرحمٰن الرحیم

الحمد للہ رب العالمین والصلوۃ والسلام علی حبیبہ

سید المرسلین وآلہ الطاہرین واصحابہ الطیبین اجمعین الی یوم الدین

اما بعد میگوید فقیر حقیر لاشئ محمد داؤد غفاری ولد حضرت سائیڈنہ خان رحمۃ اللہ تعالیٰ علیہ قوم شر بلوچ کہ ایں عاجز خاکسار ذرۂ بیمقدار در سلسلۂ خاندان نقشبندیہ مجددیہ غفاریہ داخل شدہ علم سلوک تا دائرۂ لاتعین از حضرت قطب الارشاد خواجۂ خواجگان پیر پیراں غوث الاعظم مجدد منور مائۃ اربعۃ عشر نائب خیر البشر علیہ وعلی آلہ من الصلوات افضلھا ومن التحیات اکملھا سیدی وسندی قبلۂ عالم حضرت محمد عبد الغفار فضلی نقشبندی قلبی وروحی فداہ ابی وامی فداہ حاصل نمودہ وشرف اجازت از آنحضرت قرۃ عینین محبوب سبحانی یافتہ وبرائے تحقیق سلسلۂ شریف موجود است پس ازیں عاجز لاشئ برادر طریقت مولوی محمد رضوان ولد محمد سعید جاوید قوم کشمیری (بٹ) باشندہ علاقہ لاہور۔ پنجاب علم سلوک وجذبہ وحالات وواردات صحیحہ حاصل نمودہ برائے تعلیم اسم ذات وعلم سلوک برائے طالبان مولیٰ وبرائے خدمت اسلام بموجب ضرورت اجازت دادہ شد طالبان راہ حق جل وعلا را مناسب است کہ زود فیض ظاہری وباطنی ازیں شیخ کامل حاصل نمایند وہیچ خطرہ وشک در دل نیارند کہ جناب خلیفہ صاحب موصوف للہ فی اللہ خدمت اسلام وبرادران اسلام کند فقط ناچیز محمد داؤد غفاری

۱۲ ربیع الاول ۱۴۲۰ھ

شادي ۽ اولاد: پاڻ هڪ شادي ڪيائون. ڪين ٻه فرزند ۽ هڪ نياڻي ٿي.
1. صاحبزاده حضرت ميان عبدالقادر دائودي صاحب
2. صاحبزاده مولوي غلام محمد صاحب.

وصال جا آخري ايام: پنهنجي حياتي جي آخري ڏينهن ۾ پاڻ روزي ۾ هيا. سندن وصال 5 رمضان المبارڪ 1420هه بمطابق 14 ڊسمبر 1999ع ۾ سکر اسپتال ۾ ٿيو. ان وقت سندن عمر مبارڪ 87 سال هئي. سندن نمازِ جنازه حضرت سجڻ سائين دامت برڪاتہ جن پڙهائي. سندن عرس مبارڪ هر سال سندن درگاهه شريف دائوديه هيڪل ڳوٺ نري مير واهه ضلع خيرپور ميرس تي آڪٽوبر يا نومبر جي مهيني ۾ وڏي عقيدت سان ملهايو ويندو آهي. ان کان علاوه ماهوار روحاني ۽ وجداني محفل به منعقد ڪئي ويندي آهي.

سجاده نشين: سندن سجاده نشين حضرت صاحبزاده ميان عبدالقادر صاحب مدظلہ آهن. درگاه شريف جو سمورو نظام سندن زير نگراني آهي. پاڻ پنهنجي والد گرامي و مرشد جي نقشِ قدم تي هلندي اصلاحي، فلاحي ۽ تبليغي ذميدارين کي خير اسلوبي سان نڀائي رهيا آهن. پاڻ پنهنجي قوم جا رئيس به آهن. پاڻ ڪيترن ئي فقيرن کي خلافت سان نوازيو اٿن جن مان ڪجهه هيٺ ڏجن ٿا.
1. مولوي محمد اشرف رحماني (شيخوپوره، پنجاب)
2. مولوي منظور احمد ننڪانا (پنجاب)
3. مولوي محمد آصف مَلڪ (ڪپرو، سانگهڙ)
4. مولوي محمد عباس (سانگهڙ)
5. انور علي گجر (نوابشاهه)
6. مرحوم مولوي منظور حسين (سانگهڙ)
7. محمد آصف راجپوت (شاد باغ لاهور)

سندن ننڍا ڀاءُ حضرت مولوي غلام محمد صاحب جيڪي عالِم باعمل آهن، ڪين حضرت سهڻا سائين رحمة الله عليه کان خلافت به مليل آهي سي به تبليغي ڪم ۾ سندن همرڪاب آهن. دربار شريف تي ذڪر جي رونق لڳل هوندي آهي.

مڪتوبات دائوديہ:

خطن ذريعي تبليغ : حضرت خليفہ محمد دائود ﷬ خطن ذريعي بہ بهترين انداز ۾ مخلوق جي رهبري ۽ رهنمائي ڪندا رهيا. لاهور، شيخوپوره، راولپنڊي، مري، واهہ فيڪٽري، ڪالا باغ، ننڪانا صاحب، جڙا والا، حسن ابدال، فيصل آباد، ڪيناڊا سئيٽزر ليڊ مان بہ وٽن مريدن جا خط ايندا هيا ۽ پاڻ بہ انهن کي خطن جي ذريعي تعليم ڏيندا هيا. هن فقير سندن سوين خط ڏٺا آهن هر خط ۾ مريدن جي همت افزائي آهي، آخرت جو اونو آهي، ذڪر جو تاڪيد آهي، سنت تي عمل ڪرڻ جي ترغيب آهي، گناهن کان بچڻ جي ترغيب آهي. درگاهہ الله آباد اچڻ جو مشورو آهي. انهن خطن کي جمع ڪجي تہ هڪ مڪمل ڪتاب ٿي پوي جيڪو سالڪن جو سهارو ۽ فقيرن جو رهنما بنجي پوي.

ارشادات حضرت علي هجويري ﷬

بقلم حضرت خواجہ محمد داؤد غفاري نقشبندي مجددي

پڌو ۽ غور فڪر سان پڌو هي ڳالهيون توهان جي ڪم اينديون اهي چڱي طرح ياد رکو. پلي توهان روءِ زمين جا بادشاهہ ٿي وڃو تہ ڇا ٿي پوندو! تون مٽيءَ جي مٺ پريل آهين ۽ مٽي ٿي ويندين. تو کي جيڪو دنيا کان نصيب آهي اهو ڏئي وٺي آخر چار وال ڪفن آهي اهو بہ خدا ڄاڻي نصيب آهي الائي نہ. مناسب آهي تہ غرور تڪبر کي ڇڏي ۽ خدا جو مرد ٿيءُ. تنهنجا هٿ پير بہ تنهنجا دشمن آهن. جڏهن تون مري ويندين تہ تنهنجا پير چوندا تہ تون بريءَ جاين تي ڇو وئين هئين. هٿ چوندا تہ تو غير جي شيءِ کي ڇو ڇهيو هيو. اکيون چونديون تو ڇو بري نگاهہ سان ڏٺو. ان ڪري پنهنجي گناهن جي لاءِ رات ڏينهن استغفار ڪندا رهو.

ڪمزور مخلوق تي رحم ڪريو، حرام لقمو نہ کائو. الله تعاليٰ کي نہ وساريو. موت کي وساري نہ ڇڏيو. جيڪا نيڪي ڪنهن سان ڪريو اها خاص الله لاءِ ڪريو ۽ ان کي بلڪل وساري ڇڏيو. الله تعاليٰ کان دعا گهرو تہ اي الله منهنجي دل کي روشن چراغ بناءِ ۽ مون کي پنهنجي ذڪر جو شوق بخش ۽ منهنجي دل کي غير کان خالي ڪر. منهنجي مرشد کي مون تي مهربان ڪر. يا الله مون کي اهو عنايت ڪر جيڪو ڏاڍو نيڪ ۽ عمدو هجي.

مون کي ان عمل جي توفيق ڏي جيڪو تنهنجو پسنديده هجي. اڪيلائي اختيار نہ ڪر بلڪ الله ڪان مرشد ڪامل جي صحبت طلب ڪر. ان جي محبت ۾ مجنون ٿي وڃ ۽ مولا جو طالب ٿيءُ تہ جيئن تون مرد ٿي وڃين. الله جي ياد ۾ عمر گذاري ڇڏ. پنهنجو پاڻ کي سختيءَ ۾ رک ۽ محنت ڪر تہ جيئن تون مردِ خدا ٿي وڃين.

الله جي صفت هميشہ بيان ڪندو رهہ ڇو تہ ان ڪان علاوه نہ اسان جو ڪو پشت پناهہ آهي ۽ نہ فرياد ٻڌڻ وارو. دنيا خوشيءَ جو گهر نہ آهي سراسر درد آهي. والدين کي بغير ڪنهن شڪ شبهي جي قابلِ عزت سمجهہ ڇو تہ ائين ڪرڻ سان تون منزل الاهي تي پهچي ويندين ۽ الله جو فضل و ڪرم تنهنجي شاملِ حال ٿي ويندو. فقير لاءِ مرشد جي حضوري ڪان وڏيڪ ٻي ڪا شيءِ گهربل نہ هوندي آهي. تو تي لازم آهي تہ نفساني خواهشن جي طرف مائل نہ ٿي. الله تعاليٰ جي ذڪر ڪان سواءِ ٻئي ڪنهن شيءِ ۾ مشغول نہ ٿي. تو تي لازم آهي تہ سچو عاشق ٿي ۽ پنهنجي پير و مرشد جي قدمن ۾ پنهنجي زندگي ختم ڪر. مرشد جي پرسان رهہ. هر وقت مرشد جو ديدار ڪندو رهہ تہ جيئن تون حقيقت ۽ طريقت حاصل ڪرين.

ذڪر ۽ عبادت سان گڏ درود شريف کي پنهنجو وظيفو بناءِ. درود شريف ڪان پوءِ جيڪا دعا گهري ويندي آهي، اها ضرور قبول ڪئي ويندي آهي. يتيمن جي مٿي تي محبت جو هٿ رک تہ ان جو وڏو اجر آهي. فرض جون رڪعتون جماعت سان پڙهندو رهہ. ياد رک تہ الله تعاليٰ جي عطا و بخشش ۽ وسعت ڪرم ان وقت ممڪن آهي جڏهن ان جي عطا ڪيل شين جو وڏ ڪان وڏ شڪر ادا ڪندين. الله تعاليٰ جون نعتمون ناشڪري سان گهٽ ٿين ٿيون ۽ شڪر گذاري و حمد درود سان انهن ۾ بي انداز اضافو ٿيندو آهي. هي تہ الله تعاليٰ جو پنهنجي بندن سان وعدو آهي تہ اگر توهان منهنجو شڪر ڪندا رهندئو تہ نعمتن ۾ توهان لاءِ اضافو ڪندو رهندس.

تاريخ : جمادي الثاني 1418هہ

ذکرِ حق سرمایہء ایمان بود، ہر گدا از یاد او سلطان بود

مڪتوب:

محترم مڪرم حاجي محمد عيسىٰ صاحب قوم لغاريءَ يي جماعت غفاري.

اسلام عليڪم و رحمة الله تعاليٰ و بر ڪاتہ

هيءَ عاجز اوهان جو دعاگو تاريخ 19 ذوالقعد 1408 هہ 1988-7-04تي منجهند 12:45 بجي مڪي پاڪ ۾ پهتو آهي ۽ حج شريف ڪان بعد انشاء الله تعاليٰ مدينہ منوره وڃڻ جو پروگرام هتان جي حڪومت بنايو آهي اتي حاضري نصيب ٿيندي حرم شريف، حطيم، مقام ابراهيم عليہ السلام، رڪن يماني، حجر اسود، غار ثور، غار حرا، جبل رحمت، جبل نور، مسجد نمره، مسجد جِن ۽ ٻين اهڙين قبوليت وارين جاين تي هن عاجز اوهان سڀني ننڍين وڏن ٻچن ٻارن لاءِ دعائون گهريون آهن. انشاء الله تعاليٰ درجہ قبوليت هيٺ اينديون آمين ثم آمين. اسلام عليڪم سموري جماعت ننڍين وڏن ڪي چوندا ۽ دعا ڪندا رهندا. جماعت سڀوريءَ ڪي ذڪر، نماز ۽ شريعت پاڪ جي هر هڪ حڪم جي فرمانبرداريءَ جو اسان جي پاران عرض ڪندا. حاجي محمد جي والده جي بيماري لاءِ خصوصي دعا ڪئي وئي آهي. الله تعاليٰ قبول فرمائي آمين. زياده خير والسلام

تاريخ01 ذوالحج شريف 1408 هہ

از طرف نا چيز محمد دائود فقير غفاري

مڪہ مڪرمہ مُسفلہ شارع الهبہ مڪتب نمبر 14

گروپ 2346 بلڊنگ C-28.

انشاء الله تعاليٰ 1988-8-15 اتي جده مان واپس هوائي جهاز تي روانہ ٿينداسون ۽ 1988-8-18 تي ڳوٺ پهچڻ جي اميد آهي. حياتي هوندي تہ انشاء الله تعاليٰ ملنداسون. حاجي بلال ۽ سندس گهر سلام چوندا.

مڪتوب:

محترم جملہ جماعت مرد خواہ عورت قوم لغاري غفاري بخشي نقشبندي مجددي

اسلام عليڪم و رحمة الله تعاليٰ و برڪاتہ!

عزيز محترم معلوم هجي تہ هر ڪنهن انسان جا ٻہ گهر آهن، انهن ٻنهي گهرن ۾ انسان کي ضرور رهڻو ٿو پوي. اُهي ٻہ گهر هي آهن هڪ دنيا ۾ رهائش جو گهر ۽ ٻيو آخرت ۾ رهڻ وارو مڪان آهي. ليڪن حساب ڪري ڏسبو تہ معلوم ٿيندو تہ دنيا واري بندوبست سجاوٽ سينگار سڀ فاني آهي. دنيا واري گهر جا مالڪ فاني رهڻ ٿورو خرچ ڪرڻ جو ان کي پنهنجي ملڪيت سمجهڻ بي وقوفي ناداني آهي. ان گهر سان محبت رکي ان جي بندوبست ان جي فڪر الله تعاليٰ کي وساري ڇڏڻ بدبختي، شقاوت ۽ محبت معرفت الاهيءَ کان محرومي آهي. هن حياتيءَ جي عيش آرام کي خيال ۾ رکي ان جي بندوبست ۾ حياتي ختم ڪري ڇڏڻ خدا تعاليٰ کي ناراض ڪرڻ ۽ پاڻ کي عتاب آڻڻ جي نشاني آهي. ٻيو گهر وري آخرت جو هميشہ هميشہ رهڻ جي جاءِ آهي. اهو گهر ختم نہ ٿيندو ان گهر جو سک بہ هميشہ هوندو ۽ جيڪڏهن ڪنهن بداعمالي ڪري آخرت جي گهر لاءِ ڏک خريد ڪيو تہ اهو بہ ختم نہ ٿيندو. هن زندگيءَ ۾ اگر ڪنهن چوري، ڌاڙو، خونريزي يا ٻيو ڪو بہ برو ڪم ڪيو تہ انهيءَ جڻ پاڻ کي هميشہ جهنم جي باهہ ۾ ٽڪاڻو بنايو . جو بندوبست هن حياتيءَ ۾ ئي آخرت ۾ پهچڻ کان اڳ ۾ ڪري ڇڏيو. خدا جي پيارن خدا تعاليٰ جو خوف هميشہ دل ۾ رکيو ۽ خدا تعاليٰ جي محبت و معرفت ۽ خدا تعاليٰ جي ذڪر اسم ذاتي کي سيني ۾ سانديو انهن کي دنيا توڙي آخرت ۾ ڀلائي نصيب ٿي وئي. خدا تعاليٰ شال اها توفيق عطا ڪري. ان ڪري نهايت ضروري آهي تہ اوهان جي اٿڻ ويهڻ ۽ حياتيءَ جي دم دم کي نظر ۾ رکو جيئن ڪو نقصان جو قدم کڻي نہ ويهو ۽ پوءِ قبر ۾ افسوس ڪرڻو پوي. هر وقت اٿو هوشيار ٿيو. بيدار ٿيو اهو وقت بہ اچڻو آهي جڏهن ڪو بہ همدرد، سڄڻ نہ هوندو. ڏک توڙي سک اڪيلي سر هر بار ڪڻڻو پوندو. ذڪر الله سان شوق رکو نماز پنج وقت،تهجد، تلاوتِ ڪلام پاڪ ۽ درود شريف سان محبت رکي ادا ڪندا رهو نہ تہ پوءِ ضرور هر ڪنهن کي هٿ هڻڻا پوندا. ناچيز محمد دائود فقير غفاري بخشي نقشبندي مجددي.


بسم الله الرحمن الرحيم
جمعيت علماءِ روحانيه غفاريه پاڪستان
حواله:
تاريخ:
رجسٽرڊ
مرڪزي دفتر:- درگاه الله آباد شريف متصل شهر ڪنڊيارو ضلع نواب شاه سنڌ


اداره تبليغ روحانيه و جماعت اصلاح المسلمين پاڪستان
مرڪزي دفتر درگاه الله آباد شريف ڪنڊيارو ضلع نواب شاه.
تاريخ
رجسٽرڊ
حوالنمبر

حضرت خليفه محمد دائود ﷫ جي مبارڪ هٿن سان لکيل سندن ٻه خط

سندن خليفو:

خليفه غلام محمد شر
سندن صاحبزاده

حضرت صاحبزاده مولوي غلام محمد ولد حضرت خليفه مولانا محمد دائود شر رحمة الله عليه .

سندن ولادت : 12 نومبر 1954ع ۾ درگاهه دائود آباد (هيڪل) لڳ ميرواهه ٽري، خيرپور ميرس ۾ ٿي. سندن ننڍپڻ به انهيءَ ئي ڳوٺ ۾ گذريو.

تعليم : ابتدائي تعليم ۽ قرآن شريف پنهنجي والد صاحب وٽ ڳوٺ ۾ پڙهيا. ميٽرڪ 1970ع ۾ هاءِ اسڪول ٽري ميرواهه ۾ پاس ڪيائون. ديني تعليم جي حصول لاءِ جامعه غفاريه فقير پور شريف ويا ۽ اتي عربي فارسي ۽ هدايه تائين حضرت سڄڻ سائين سان گڏ حاصل ڪيائون. ان کان پوءِ 1980ع ۾ ڪراچي يونيورسٽي ۾ .B.Aڪيائون ۽ ساڳئي سال ۾ المرڪز الاسلامي ڪراچي ۾ شهادت العالميه ۽ دوره حديث به پڙهيا. ايم اي 1982ع ۾ سنڌ يونيورسٽي ڄامشوري مان ڪيائون. ساڳئي سال ۾ تنظيم المدارس لاهور مان ممتاز ۾ شهادت عالميه جي ڊگري حاصل ڪيائون.

درس و تدريس ۽ ديگر ذميداريون :

فارغ التحصيل ٿيڻ کان پوءِ کين المرڪز اسلامي ۾ هي ذميداريون ڏنيون ويون :

1. ليڪچرار عربي.
2. تعليم بالغان : شام جو عربي سيکاريندا هيا.
3. هاسٽل جو انتظام.

ان کان علاوه پاڻ گورنمينٽ هاءِ اسڪول هيپي ڊيل ناظم آباد ڪراچي ۾ بطور J.S.T درس و تدريس جا فرائض انجام ڏنائون. ان کان پوءِ گورنمينٽ پائليٽ سيڪنڊري اسڪول سنڌ مدسة الاسلام ڪراچي ۾ .H.S.Tطور به فرائض انجام ڏنائون.

بيعت: پنهنجي والد محترم خليفه محمد دائود سان بيعت ڪيائون جن کين خلافت به ڏني. حضرت سهڻا سائين جن به 1980ع ۾ کين خلافت عطا ڪئي.

85 هون خليفو: دليل الطالبين في تذكرة خليفة نور الدين

حضرت خليفہ مولانا
نور الدين شر بلوچ
رحمة الله عليه

گلشنِ غفاريہ جو سدا بهار گل، علم ۽ ادب جو روشن ستارو، سنڌ جو اديب ۽ شاعر نالي وارو محترم خليفہ نور الدين غفاري انور فضل آبادي رحمة الله عليه . پاڻ پرائمري استاد هيو ۽ پرائمري ٽيچرس ايسوسيئيشن جو تعلقہ ٺري ميرواهہ جو جنرل سيڪريٽري پڻ رهيو.

ولادت با سعادت: سندس ولادت ضلع خيرپور تعلقو ميرواهہ جي هڪ ڳوٺ مير حسن شر ۾ تاريخ 04 مارچ سنہ 1919ع بمطابق پهرئين جمادي الثاني 1337 هـ اڱاري ڏينهن تي هڪ غريب هاري ۽ پورهيت حاجي ونهيل خان شر جي گهر ۾ ٿي. سندس تخلص "**انور**" آهي. سندس والد هڪ الله لوڪ ۽ درويش صفت انسان هيو.

تعليم: سندس ننڍپڻ جو زمانو سندس ڳوٺ ۾ گذريو. ڳوٺ مينگهي فقير شر جي دهقاني اسڪول ۾ سنڌي چار درجا پڙهيائين. هن اسڪول ۾ سندس استاد مرحوم نبي بخش خان شر بلوچ هيو. مذڪوره اسڪول سندس ڳوٺ کان تقريباً ٻن ٽن ڪلوميٽرن جي مفاصلي تي هيو. سندس والد گرامي بہ ان اسڪول ۾ استاد ٿي رهيو هيو. پاڻ وڌيڪ تعليم سينٽر اسڪول بوزدار وڏا ۾ حاصل ڪيائين. اتي سندس استاد مراد علي لاشاري ولد هادي بخش لاشاري هيو. آخر پاڻ سنڌي فائينل پاس ڪيائين. ان کان پوءِ اردو فارسي عربي جي تعليم مولوي محمد صالح انيڙ وٽ پنهنجي عاقل ۾ حاصل ڪيائين.

علمي خدمتون: پاڻ وڏو شاعر هيو. سندس شعرَ ادبي انداز ۾ لکيل آهن. جن ۾ خيالات جي اعليٰ پرواز آهي ۽ فڪرِ سليم سان مناظرِ فطرت جي منظر ڪشي آهي. غافل انسانن لاءِ بيداري جو سڏ آهي. سندس لکيل پنج قلمي ڪتاب موجود آهن. جيڪي اڻ ڇپيل آهن.

مشهور شاگرد: ماستر عبدالڪريم شر، استاد محرم علي سومرو، الهڏتو سومرو وغيره.
بيعت: پاڻ پنهنجي ماڇي لڳ راڻي پور ۾ 1944ع ۾ قطبِ عالم حضرت پير مٺا سائين رحمة الله عليه سان بيعت ڪيائين. سندس علمي ذوق ۽ تبليغي ذهنُ ڏسي پير سائين جن ڪيس خلافت به عطا ڪئي. خلافت ملڻ بعد پاڻ بقيه سڄي زندگي درس ۽ تدريس ، تبليغ ۽ تصنيف ۾ گذاري ڇڏيائين. سندس فيضانِ نظر سان سوين ڀٽڪيل انسان راهِ راست تي اچي ويا.بداعمال ماڻهو به گناهن جا ڪم ڇڏي نيڪ ۽ صالح بنجي ويا.
سندس مرڪز: پاڻ ڳوٺن شهرن ۾ هلي وڃي تبليغ ڪرڻ سان گڏ فضل آباد ڳوٺ ۾ هر اسلامي مهيني جي 16 جي رات ديني مجلس منعقد ڪندو هيو. سندس ڳوٺ ۾ ڪيترائي ڀيرا پير مٺا سائين رحمة الله عليه به آيا هيا.
شيعن ڪي جذبو: پاڻ پير مٺا سائين رحمة الله عليه جي تبليغي سفرن ۾ اڪثر ساڻن همسفر رهندو هيو. سندن سفر جو هڪ واقعو هن طرح بيان ڪيائين ته : جيڪب آباد جي ويجهو هڪ ڳوٺ ۾ پير سائين جن جو هڪ مريد رهندو هيو. جنهن پير سائينجن کي پنهنجي ڳوٺ ۾ دعوت ڏني. جڏهن پاڻ ان ڳوٺ ۾ تشريف فرما ٿيا ته صرف دعوتي فقير موجود هيو. پاڻ فرمايائونس ته جماعت ڪٿي آهي؟ عرض ڪيائين ته سائين هتي صرف مان هڪ ئي فقير آهيان سو اوهان اڳيان موجود آهيان. باقي منهنجي ڳوٺ وارا اڪثر شيعا آهن. پوءِ سائينجن نصيحت فرمائي ۽ صبح جو مراقبو ڪرڻ لاءِ ويٺا ته سڄي ڳوٺ جا ماڻهو جلوس جي شڪل ۾ علي علي جا نعرا هڻندا اتي اچي پهتا. جڏهن پير سائين جن تي انهن جي نگاهه پئي ته سيني کي جذبو ٿي ويو. پوءِ سيئي اچي سندن حلقي ۾ شامل ٿيا ۽ مخلص مريد ٿي ويا.
شاديون ۽ اولاد: پاڻ ٻه شاديون ڪيائين.ڪيس ٽي پٽ ۽ پنج نياڻيون ٿيون.
پٽن ۾: 1. فقير امير الدين 2. فقير ثناء الله 3. استاد عطاء الله خيرپور ميرس.
سجاده نشين : سندس ٻيو نمبر فرزند ارجمند فقير ثناء الله صاحب سجاده نشين آهي. جيڪو هن وقت الحبيب بينڪ هنگورجا ۾ آپريشن مينيجر آهي.
وصال: سندس وفات 1996ع ۾ ڳوٺ فضل آباد ۾ ٿي. سندن مزار به ان ئي ڳوٺ ۾ آهي.

فولاد شر جي ٻُوٽ کي ٻنجو ڏنائين:

اهو اصل کان ٿيندو پيو اچي جو هر دؤر ۾ خيرُ ٻه پنهنجي خوبين سان گڏ نِروارُ ٿي نمودار رهيو آهي ته ان جي مقابلي ۾ شَرُ به پنهنجي شرارتن ۽ شَمَاتَتُن سان گڏ ان مٿان اوناڙيون ڪندو رهيو آهي. خير ۽ شر جي درميان هر دؤر ۾ مقابلو جاري رهيو آهي ۽ پوءِ خير جي پيڙي لُڏي پر ڪڏهن نه ٻُڏي. الله جي مدد سان خيرَ هميشه شر جو ڪنڌ مروڙي، ڪرنگهو ڀڃي ۽ چيلهه چِٻي ڪري ان کي نِستُ ۽ نِبَلُ بنائي ڇڏيو آهي. تاريخ شاهد آهي ته خير هميشه سَرهو ۽ سوڀارو رهيو آهي.

تن ڏينهن ۾ هڪ طرف حضرت پير مٺا سائين ﷫ خير جو پيغام پهچائي رهيا هئا ته ان ئي وقت ۾ فولاد شر پنهنجي شرارتن ۽ شعبدي بازين سان سوين ماڻهن کي ڪاري خراب ڪري رهيو هيو. تصوف ۽ فقيري جي آڙ ۾ اُهو اسلامي احڪامن ۽ نصوصِ شرعيه جي کلي عام مخالفت ڪري رهيو هيو. پنهنجي ناپاڪ زبان سان دڙي ۽ داڙي اسلام بابت بدشد لفظ ڳالهائي رهيو هيو. الله ۽ انجي پاڪ رسولن بابت اڻ سُهائيندڙ الفاظ اُچاري رهيو هيو. وري هڪ ڀيري حضرت پير مٺا سائين ﷫ ڏانهن هڪ سوالنامو لکي موڪليائين جنهن ۾ ٻي ٽُڪا، ٻي ڍنگا ۽ ڪِل جهڙا سوال ڪيائين ۽ چيلنج ڪيائين ته هنن سوالن جا جواب ڪير ڏئي نه سگهندو؟ پير سائين جن جي عادت مبارڪ هئي ته جوابِ جاهلان باشد خموشي. پر سائينجن جي خاموشي کي ان جاهل اجهل انسان سندن بي علمي سمجهي ۽ ماڻهن ۾ سرِعام پنهنجو پاڻُ پڌائڻ شروع ڪيو. پوءِ حضرت خليفي نور الدين عرض ڪيو ته سائين مون کي اجازت ڏيو ته ان نادان جي سوالن جا جواب آءٌ ڏيان. پوءِ پاڻ ڪيس اجازت ڏنائون. خليفي صاحب فولاد شر جي سوالن جي جواب ۾ هڪ ڪتاب لکيو جنهن جو نالو ئي رکيائين **"سوالات ڪاذب انسان جوابات صادق قرآن"** ان ڪتاب ۾ ان ڪاذب جي سڀ سوالن جا قرآن شريف جي آيتن منجهان اهڙا منهن توڙ جواب ڏنائين جو فولادي فتني کي هميشه لاءِ ختم ڪري ڇڏيائين.

ان ڪتاب ۾ پاڻ فولاد شر ۽ انجي حوارين کي اهڙو انگوري سُرکي جو ڍُڪ نڙيءَ ۾ نايائين جو اهي عمر ڀر ٻوٽ ڪٽو ڪيون لوڪان لِڪندا پئي وتيا.

فولادي فتني جو سَلو جو اڃا موريو ئي مَس هيو تہ غفاري غوث جي غلامن جي جذبن جي ڏُمڏڙي ۾ لوساڻجي پَٽِ پَڌرُ ٿي ويو. ان ڪتاب جي تصديق خود پير مٺا سائين رحمة الله عليه پاڻ ۽ سندن صاحبزادي خواجہ محمد خليل رحمة الله عليه ڪئي. ٻين وقت جي ناميارن عالمن جهڙوڪ : حضرت مولانا محمد ابراهيم ڳڙهي ياسيني، حضرت مولانا مولوي عبد الباقي همايوني، حضرت مولانا مولوي عبد الحليم شهدادڪوٽي، حضرت مرشدي محبوب الاهي قلبي و روحي فداه ، حضرت مولانا مولوي محمد صالح پتو نعيمي آگاٽي وارن وغيره بہ ان ڪتاب مٿان تصديقي نوٽ هنيا. اهو ڪتاب 1957ع ۾ ڇپيو هيو. فولاد شر جي ڪيل پنجاهہ سٺ سوالن مان ڪجهہ ملاحظ ڪيو:

سوال: آية ڪريمہ واعبد ربک حتيٰ ياتيک اليقين. ۾ خدا جي پرستش يقين تائين ڪريو. عام طرح ظاهري عالم يقين کي موت جي تاويل ڪن ٿا، ليڪن اها غلط آهي. ڪنهن جاهل ۽ڪرار ڪان يقين جو پڇبو تہ معنيٰ ويساهہ چوندو نہ موت. هاڻي خدا جي ڪلام مان معلوم ٿيو تہ خدا جي عبادت بہ يقين بعد معاف يا لٿل چئبي. هاڻي ٻڌايو تہ يقين ڪهڙي موقع ۾ سالڪ کي اچي ٿو اها حد ڪهڙي؟ (خود نماز روزي ۽ عبادتن جو انڪاري هيو)

سوال: الله ، نفس شيطان ٽيئي هڪ هنڌ آهن. جدا ڪري سمجهايو تہ ڪيئن جدا ٿيندا؟

سوال: ملڪوت ڇا آهي؟ ان ۾ ڪهڙي حقيقت آهي؟ اتي ڇا ويٺل آهي؟ جبروت ڇا آهي؟ ياهوت هاهوت ڪاٿي آهن؟ دنيا ۾ آهن يا شام روم ۾ ؟ [1]

سوال: دنيا جي جهان کي ٺهيئي ڪيترا ورهہ ٿيا آهن؟ باقي قيامت ۾ ڪيترا ورهہ آهن؟ توهان ٻڌايو نہ تہ اسين ٿا ٻڌايون؟

سوال: اوهان پنهنجي عمر جا باقي سال ٻڌايو تہ هن دنيا ۾ ڪيترو وقت رهندئو يا اسان ٿا پنهنجي باقي عمر جا سال ٻڌايون تہ دنيا ۾ اسان کي باقي ڪيترو وقت رهڻو آهي؟

سوال: جنهن صورت ۾ موسيٰ نبي صاحبِ شريعت هيو نبوت بہ مليل هيس. پوءِ ڇو خداوند خضر جهڙي بي شريعت خوني ۽ ظلم ڪندڙ طرف ارشاد ڪيس.

---

[1] ان کي شايد اها بہ خبر نہ هئي تہ شام ۽ روم بہ هن دنيا ۾ ئي آهن.



کتاب جو ٽائيٽل



بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ الَّذِيْ جَعَلَ العلماء الرَّاسخين قامعين لمكائد الفرق الباطلة ودافعين المتوهمات الواهية والتخيلات الفاسدة والصلوٰة والسّلام على رسوله محمد ن الذي اعطاه الله اخبار المغيبة الخفية واقامة الدّين بالحجج القطعية القوية

اما بعد فطلعتها من اولها واٰخرها ووجدتها بحمد الله حاوية على تحقيقات انيقة وشاملة على تدقيقات رشيقة ومشيدة بالدلائل الساطعة ومؤيدة بالحجج القاطعة ونافعة نفعا جما وفاتحة قلوبا غلفا واعينا عميا واذانا صما هٰذا هو الفيصل الحق الاحق بالقبول لاينكر عنه الاجهول العقل والمولانا المؤلف عارف بحقائق الاشياء جزاه الله عني وعن جميع المسلمين خير الجزاء۔

لاشئ فقير محمد عبد الغفار فضلي
۹ محرم المحترم سنہ ۱۳۶۲ھ هجرى المعلى

ڪتاب تي قطبِ عالم حضرت پير مٺا سائين رحمة الله عليه جو تصديقي نوٽ

٧٨٦

حمد لانہایہ اس ذات کا کہ جس نے عدم سے وجود بنایا اور صلوٰۃ
والسلام اس ہستی پر کہ جس کے ذریعہ سے انسان کو انسانیت کا جامہ
پہنا کر مستحق دار النعیم فرمایا۔ حمد صلوٰۃ وسلام کے بعد یہ رسالہ جو کہ مذہب
غوبیہ ملحدہ زندقہ کے سوالات کے جوابات پر مشتمل ہے کسی واصف کے
وصف کی ضرورت نہیں رکھتا۔ بمثل مشک آنست کہ خود ببوید نہ عطار بگوید۔
جوابات بادلۂ نصوص قطعیہ سے دیے گئے ہیں۔ انسان کو راہِ نجات پر لانے میں
درجہ اوّلیت رکھتا ہے۔ اور ردِ مقابل کے لئے مانند تریاق مار گزیدہ کے ہے۔ اللہ تعالیٰ
مؤلف کی سعی بلیغ کو منظور و مقبول فرماوے۔ انہ قریب مجیب

فقیر محمد خلیل نقشبندی غفاری رحمت پوری

٨ محرم الحرام ١٣٧٦ ھ

صاحبزاده حضرت خواجہ محمد خليل الرحمان جي تصديق.

٧٨٦

هذا هو الجواب صحيحٌ وهو من فضل ربّي

هي جواب معاندين دين جي لاءِ کافي جڳهہ تي ڏنا ويا
آهن منجهس نهايت عجيب ولذيذ جوابات قرآني نظر آيا آهن الله
جل وعلیٰ شل جواب ڏيندڙ کي اجر عظيم عطا فرمائي ۽ هن جي پڙهندڙن
کي به سعادت دارين جو نفعو عطا فرمائي -

فقير لاشئ الٰهي بخش غفّاري - خانپوري
تعلقہ ڪڪڙ ضلع دادو سنڌ -
تاريخ ١٠ - ربيع الاوّل سن ١٣٧٦ هجري

كتاب تي حضرت محبوب الاهي قلبي و روحي فداه جي تصديق .

٧٨٦

الحق حقٌ والعبد عبدٌ الحق خالقٌ والعبد مخلوقٌ الحق باقٍ
والعبد فانٍ بحمدالله
جيڪي جوابات هن رسالي جي اندر نقل ٿيل آهن با ترجمه اُهي
ذڪر ۽ فڪر مان بگڙيل ۽ ترڪيل شيطان نفس جي قيد ڪيل
انسان لاءِ ڪافي رهنمائي جو سبب آهن الله جل شانهٗ هدايت
نصيب فرمائي آمين.

فقير حقير محمد يوسف نقشبندي فضلي غفاري
بتاريخ ١٠-ربيع الاول سنه ١٣٧٦ھ

٧٨٦

من اجاب اصاب

اکثر مقام دیکھے گئے معتقد و عامل بالقرآن کے لئے تو کافی
ہیں ورنہ منکر کے لئے مثل ابوجہل علاج چاہئے۔
احقر العباد اللہ بخش پٹھان جھنگوی
حال ریاست خیرپور میرس
گیارہ ماہ ربیع الاول سنہ ١٣٧٦ھ

٧٨٦
انا المصدق الفقير محمد صالح صدر مدرس مدرسه
جامعه عربيه مخزن العلوم آگاٽي - ضلع لاڙڪاڻه متصل ماهوٽه
سنة - ١١- ربيع الاول سنه ١٣٧٦ھ

حضرت خليفه محمد يوسف، حضرت خليفه الله بخش، حضرت خليفه مولانا محمد صالح آگاٽين وارن
جا تصديقي نوٽ.

86 هون خليفو:

حضرت خليفه
وڏيرو محمد علي پتي
رحمة الله عليه

پير غفاري جو همراز، غفارين جو ناز، طريقت جو شهباز، حضرت خليفه وڏيرو محمد علي پتي بن ولي محمد بن خير محمد پتي رحمة الله عليهم اجمعين. پاڻ ستن پيڙهين کان بنيادي زميندار هيا. تعلقه ڪوٽ ڏيجي ۾ سندن زرخيز زمينون رشڪِ ملير آهن. پاڻ پنهنجي نرم ۽ ٻاجهاري زبان سان ماڻهن کي موهي وجهندا هيا. پنهنجي جيپ ۾ حضرت پير مٺا سائين کي سوار ڪري تبليغي سفر ڪندا هيا. پاڻ ڊرائيونگ ڪندا هيا. ديس پرديس ۾ پنهنجي مرشد سان گڏ رهندا هيا. پير سائين جن کين "**وڏيرو محمد علي**" ڪري سڏيندا هيا.

سندن والد ولي محمد ناراض ٿيندي چوندو هيو اسان گمبٽ جي سيدن جا مريد آهيون. اوهان ڇو ٿا ان پير ڏانهن وڃو. پوءِ هڪ ڏينهن خليفي صاحب پير مٺا سائين رحمة الله عليه کي عرض ڪيو. پاڻ فرمايائون توهان جا اخلاق سهڻا آهن پاڻهين اوهان جو والد به صحيح ٿي ويندو. بالآخر اهو به پير مٺا سائين جو مريد ٿيو ۽ نهايت نيڪ صالح بنجي ويو. جڏهن وفات ڪيائين ته سندس وفات تي حضرت پير مٺا سائين رحمة الله عليه خود آيا ۽ فرمايائون :
"هي ولي محمد ناهي ولي الله آهي."

سندن ولادت: حضرت خليفي صاحب جي ولادت ڳوٺ ولي محمد پتي ۾ ٿي.

تعليم ۽ استاد: پاڻ پتي ماڇي ۾ پرائمري تعليم حاصل ڪيائون. پوءِ ست درجا راٽيپور ۾ پڙهيا. سندن پرائمري اسڪول جو استاد خليفه ماستر رحمت الله هيو.

بيعت ۽ خلافت: پير مٺا سائين رحمة الله عليه پتي ماڇي آيا اتي خليفي رحمت الله جي توسل سان 1942ع ۾ مٺا سائين جا مريد ٿيا. سندن محبتن ۽ محنتن کي ڏسي غالباً 1958ع ۾ کين خلافت ملي. پير مٺا کين هر اسلامي مهيني جي چوڏهين جي رات سندن ڳوٺ ۾ ٺئي مقرر

ڪري ڏني جيڪا اڄ ڏينهن تائين جاري آهي. سندن وصال جي رات 15 ربيع الثاني تي ساليانو عرس مبارڪ درگاهه فيض پور شريف ڪُنب، ضلع خيرپور ميرس ۾ وڏي شان سان ملهايو ويندو آهي.

قلندر شهباز ۽ پير مٺا سائين جو ديدار : پاڻ صاحبِ ڪشف هئا. گهڻي ذڪر سبب سندن قلب ۽ باطن منور ٿيل هيو. بزرگن جي مزارن تي ويندا هئا ته انهن جي ارواحن سان سندن ملاقاتون ٿينديون هيون. هڪ ڀيري پاڻ حضرت قلندر شهباز جي مزار پُر انوار تي آيا. وضوءَ جي پاڻي ۾ ڪڪ ڪچرو ڏسي وضو ڪونه ڪيائون. اتي سندن واچ رهجي وئي. پوءِ قلندر جي زيارت ڪري واپس ڳوٺ وريا. رستي ۾ کين پنهنجي واچ ياد آئي. کيسا جاچيائون مگر نه ملي. پاڻ وري واپس موٽيا. ڪنهن دڪاندار کان پنهنجي واچ متعلق پڇيائون. ان چيو ته سائين هتي ماڻهن جي رش آهي خبر نه آهي ڪير واچ کڻي ويو. اهو ٻڌندي فرمايائون ته منهنجو پير ڪامل آهي منهنجي واچ نه ويندي. پوءِ پاڻ وضو خاني ڏانهن وڃڻ لڳا ته اوچتو کين ڪشف ٿيو ۽ حضرت قلندر شهباز رحمة الله عليه جو روح مبارڪ سندن اڳيان ظهور پذير ٿيو. جنهن کين فرمايو ته فقير منهنجي درگاهه جو پاڻي استعمال ڇو نه ڪيئي؟ وري ڏٺائون ته حضرت پير مٺا سائين رحمة الله عليه جو روح مبارڪ به ظاهر ٿيو. پاڻ فرمايائون: تقويٰ وارن کي هر شيءِ ۾ احتياط ضروري هوندو آهي. ان تي حضرت قلندر شهباز جو روح مبارڪ مُسڪرايو ۽ پير مٺا سائين جن فرمايو ته اوهان پنهنجي کيسي ۾ هٿ وجهو. پاڻ جيئن کيسي ۾ هٿ وڌائون ته واچ کيسي ۾ موجود هئي. پوءِ پاڻ واپس وري آيا.


عزیزا تصورات شیخ اور اٹھتے بیٹھتے
موجب ترقی محبت ہے۔ پہلے دل کو
غیر محبت سے خالی کر کے اُسکے بجا پیرکی
محبت کو بٹھائے اور غیرکی نفی پیرکی محبت کا
اثبات کرے اور تصور میں ہر وقت اور ہر آن
بچشم ارادت پیرکی صورت ملاحظہ کرے
اور اسکی شکل کو پیش نظر رکھے
اور ذکرکی کثرت کیا کرو دوسرا اتباع شریعت
اور بندہ کے نزدیک محبت سے بڑھ کر کوئی مقام نہیں ہے

پير مٺا سائين جو خليفي محمد علي کي لکيل خط


بخدمت فيضدرجت حضور حضرت مرشد سائين
ابد قدم بوسي جي عرض مٺا سائين حضور جن
نالائق محمد علي سگ غفاري

خليفي محمد علي جو مرشدن کي لکيل خط

شادي ۽ اولاد: پاڻ هڪ شادي ڪيائون. جنهن مان ڪين اٺ پٽ پنج نياڻيون ٿيون. سندن اولاد تي نالا حضرت پير مٺا سائين رحمة الله عليه پاڻ رکيا هيا. چار اڄا ڄاوا ٻه نه هيا پر نالا اڳ ئي ٻڌائي ڇڏيائون.

فرزند: 1. محمد بشير 2. محمد نذير 3. محمد منير 4. محمد امير 5. محمد نصير. 6. محمد ڪبير 7. محمد شبير 8. محمد قدير.

نياڻيون: 1. بي بي غلام بتول 2. بي بي غلام زهريٰ 3. بي بي غلام عائشه 4. بي بي غلام فاطمه 5. بي بي آمنه.

سندن لاڏاڻو: پاڻ 18 ڊسمبر 1986ع ۾ وفات ڪيائون. سندن مزار سندن اباڻي ڳوٺ ۾ مرجع خلائق آهي. سندن قبو شريف به سهڻو ٺهيل آهي.

سجاده نشين: سندن فرزند ميان منير احمد آهي جنهن هن وقت مسڪين پور (مسجد فيضان والي عيد گاهه) ماڙي پور گريڪس ڪراچي ۾ به هڪ درگاهه قائم ڪئي آهي. جتي هر اسلامي مهيني 27 جي رات هڪ عظيم الشان محفل منعقد ڪئي ويندي آهي. پاڻ دين جي خدمت ۾ هر وقت ڪوشان رهن ٿا. طبيعت جا شفيق ۽ رحمدل آهن.

شاديون ۽ اولاد: پاڻ ٻه شاديون ڪيون اٿن، ڪين پنج پٽ ۽ ٽي نياڻيون ٿيون آهن.

فرزند: 1. محمد منور 2. مولوي حافظ محمد انور 3. مولوي حافظ محمد سرور 4. مولوي حافظ محمد علي 5. احمد.

نياڻيون: 1. بيبي خير النساء 2. بيبي حافظه مهر النساء 3. بيبي حافظه سيد النساء.

87 هون خليفو:

حضرت خليفہ
رحمت اللّٰہ
رحمۃ اللہ علیہ

صاحب جود و سخا حضرت خليفہ رحمت الله رحمۃ اللہ علیہ پاڻ پير مٺا سائين رحمۃ اللہ علیہ جي پراڻن ۽ پيارن خليفن مان هئا. پير سائين جن جي سنڌ ۾ آمد ۾ سندن وڏيون ڪوششون شامل هيون.

ذات ۽ نسب: پاڻ ذات جا سهتا هيا. ونڊير ۾ سڌو پوٽہ بہ سڏبا هئا. پاڻ ڪي ملان فقير بہ سڏائيندا هيا. چون ٿا تہ سهتا اصل راجپوت قوم مان آهن. راجا رانوڙ سندس وڏو هيو. سهتا قوم سمات ۾ آهي. هن قوم جا ڪي فرد ڄام ۽ مير بہ پيا ٿا سڏجن جيڪي سنڌ جي لاڙ، سيري ۽ وچولي ۾ وڏا وڏا زميندار ۽ وڏيرا پڻ آهن. ڪنهن وقت ۾ سنڌ جو خاص ڀاڱو مثلاً ٺٽي کان وٺي ڪنڊيارو، هالاڻي، محراپور، هنگورجہ، راڻيپور، گمبٽ وٽان ويندي اروڙ کان بہ مٿي تائين اهو ساهتيہ پرڳڻو سڏبو هيو. سهتہ قوم سنڌ جي اوائلي قوم آهي. راجپوتن کان مٿي سهتا (سمات) قوم جو شجرو قوميت وارو وڃبو تہ عربن سان عڪرمہ بن ابوجهل سان لڳي ٿو. عڪرمہ عاشقِ رسول ۽ حضور اڪرم صلی اللہ علیہ وسلم جو سؤٽ هيو. والله اعلم بالصواب.

سهتا قوم جا زميندار يا وڏيرا پنهنجي زمين جي زميندارِي جي پٽي ونڊي هارين ۽ ڪُڙمين کان وٺندا هيا. انڪري مٿن ونڊير يعني ونڊي يا پٽي وٺندڙ پئجي ويو. سندس خاندان جو هڪ شخص سعد الله رب جو پيارو ٻانهو ٿي گذريو آهي. هو پهريائين تہ زميندار هيو پر پوءِ رب جي محبت ۾ ۽ خداوارن جي صحبت ۾ سهڙجي ولي الله ۽ عاشقِ رسول ٿيو. ڪيس سعدو ۽ پوءِ سَڌُو فقير يا سَڌُو مشائخ سڏيو ويو. اهو ئي سبب آهي جو سندس اولاد کي سَڌُو پوٽہ ۽ ملان فقير بہ سڏيو وڃي ٿو. مشائخ صاحب جي وقت ۾ راڻيپور جو شهر ٻڌو ويو. سندس خانقاه زيارت گاهہ خلائق خدا بہ راڻيپور ۾ آهي.

انکري سندن رهائش اول راڻيپور تعلقہ گمبٽ پوءِ ملڪو ڳوٺ تعلقہ ڪوٽ ڏيجي بعد ۾ تجل تعلقہ نارو، پنگو ٻهڻ تعلقہ فيض گنج ۾ هئي. پوءِ پير مٺا سائين جي صحبت ۾ اچڻ ۽ خلافت ملڻ بعد تعلقي مير واهہ ضلع خيرپور ۾ فضل آباد عرف راشد آباد نالي درگاه اڏايائون. متي ڇاڻايل ڳوٺن ۾ سندن رشتيدار ۽ قوم وارا اڄ بہ سڪونت پذير آهن.

سندن نالا: سندس نالو رحمت الله ۽ والد جو نالو خضر خان هيو. ننڍي هوندي کان وٺي ڪين رحمت سڏيندا هيا. ڪي ماڻهو رحمت الله ۽ ڪي محمد رحمت الله بہ سڏيند هيا. سندس والد صاحب کي بہ ڪي محمد خضر چوندا هيا.

سندن ولادت: 6 جون 1913ع مطابق 17 ذوالقعد 1332هہ ۾ تجل جي لڳ آبوءَ جيءَ جي ڳوٺ، تعلقہ ناري، ضلع خيرپور ۾ ٿي.

تعليم: 12 اپريل 1920ع ۾ پنگو ٻهڻ اسڪول ۾ مرحوم استاد غلام محمد خان ميمڻ وٽ تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ داخل ٿيا. 1925ع ۾ فائينل پاس ڪيائون. اردو ۾ بہ فائينل ڪيائون. ان ڪان علاه سنڌيءَ زبان ۾ اديب فاضل جا امتحان پاس ڪيائون. پاڻ ذهن جا تيز هوندا هيا. ٻارهن سالن جي عمر ۾ امتحان پاس ڪرڻ بعد بہ استاد صاحب جي زيرِ نظر اسڪول جو رڪارڊ جو اهم ۽ نازڪ ڪم بہ تيار ڪندا هيا.

ديني تعليم جي تڙپ: پاڻ پرائمري استاد هيا پر ديني علم ۾ بہ سندن دلچسپي رهي. تصوف جي ڄاڻ لاءِ شيخ المشائخ ، رهبرِ عالم حضرت روضي ڌڻي قدس سره جي ملفوظات شريف جو مطالعو ڪيائون. ٻين بزرگن جي حالات، تاريخ ۽ فقہ جي ڪتابن جو بہ مطالعو ڪيائون.

تصنيفات: اسڪول جي ڊيوٽي ۽ ذاتي ڪاروبار جي مصروفيتن جي باوجود حضرت پير پاڳاري (اول) قدس سره جي سوانح حيات جو ڪتاب ۽ هڪ پيو مرشدن جي ادبن تي مشتمل ڪتاب ڇپرايائون. جيڪي ڪتاب مقبول ٿيا. ان ڪان علاوه ملفوظات شريف "اخبار الفقراء" ۾ شايع ڪرايائون. رسالہ گلدستہ، سنڌي اخبارن ۽ رسالن ۾ بہ مضمون موڪلي سنڌي ادب جي خدمت ڪيائون.

بيعتِ اول: ننڍپڻ ڪان ئي ڪين الله وارن سان الفت هوندي هئي ۽ الله جي پيارن ڪان فيض حاصل ڪرڻ جي طلب ۽ تڙپ هوندي هئي.

ڪين ڪيترائي سٺا خواب ۽ بشارتون ملنديون هيون جن تي حيرت ٿيندي هئي. پنهنجي والد صاحب سان گڏجي 27 رجب 1342هه مطابق 1933ع ۾ حضرت حاجي محمد صبغت الله شاهه عرف قائم شاهه کان پنهنجي پاءُ صاحب ڏني سميت ذڪر جي تلقين ورتائون. ذڪر وٺڻ کان پوءِ فراق جو درد پيدا ٿيڻ لڳو.

پير مٺا سائين سان بيعت: هڪ ڀيري ماه پهرئين جمعي رات هئي پاڻ حضرت رهبر روضي ڌڻي رحمة الله عليه جي مزار مبارڪ وٽ مراقبي ۾ هئا تہ اتان کين حضرت پير قريشي ڏانهن وڃڻ جو اشارو مليو. حڪم موجب پاڻ حضرت پير قريشي سان مسڪين پور ۾ وڃي ملاقات ڪيائون. پوءِ انهن جي وصال بعد حضرت پير مٺا سائين سان بيعت ڪيائون. سلوڪ طئي ڪرڻ بعد مرشدن طرفان کين خرقهءِ خلافت عطا ٿيو.

مرشد جي ساڻن محبت: نہ صرف خليفي صاحب جي پنهنجي مرشد سان والهانہ محبت هوندي هئي پر مرشد ڪريم بہ ساڻن تمام گهڻا مهربان هوندا هئا. جن جو اظهار پاڻ پنهنجي خطن ۾ ڪيو اٿن. ان الفت جو اندازو هن خط مان لڳائي سگهجي ٿو:

786

مشفقی و محترم عزیز القدر مولوی رحمت اللہ صاحب سلمکم اللہ تعالیٰ

اسلام علیکم ورحمتہ اللہ وبرکاتہ

عزیزا! معلوم آدمی کو جو آپ اس عاجز کے لئے مستعد اور متوجہ اور راغب ہونے میں کوشش اور سعی بلیغ فرما رہے ہیں اور باوجودیکہ ان کی عدم رضا بھی آپ کو اچھی طرح منکشف ہوچکی ہوگی اور پھر بھی آپ اس کا مطالبہ نہیں چھوڑتے لہذا عارض کہ معاملہ برعکس ہوگیا ہے۔ اب آپ اپنے لئے اس کو بلاؤ اور وہ بلادریغ قبول اور منظور کرلیویں گے اور جو کام مشکل اور دشوار نظر آئے اس کو ترک کردینا افضل ہے اور جس میں سہولت نظر آئے اسکو اختیار کرلینا چاہیے اور یہ معلوم ہے کہ وہ آدمی آپ کو لیوے گا اور خوش ہوجاوے گا۔

اور سچی بات یہ ہے کہ جو آپ کو پیارا مانگے گا، وہ اس عاجز کو بھی پیارا لگتا ہے اور جو آپ کو برا مانے گا، یہ عاجز قیامت تک اس کا دوست نہیں ہے اور جو آپ کا دوست ہے وہ میرا دوست ہے جو آپ کا دشمن ہے وہ میرا دشمن ہے۔ چنانچہ شاعر نے کہا ہے:

من تو شدم تو من شدی من تن شدم تو جاں شدی
پس کس نگوید بعد ازیں من دیگرم تو دیگری

عزیزا! سرائے دنیا کو نظر میں ایسا رکھو جیسا کہ مسافروں کی سرائے اور آپ کو یہاں کا رہنے والا نہ سمجھو جیسا کہ راہ رواں مسافر تھک کر بیٹھ جاتا ہے کوئی پیار کرتا ہے تو یہ بھی پیار کرتا ہے اور کوئی گالیاں دیتا ہے یا دشمنی کرتا ہے تو یہ تحمل اور صبر کرتا ہے۔ چلو جی ہم تو کل جائیں گے پھر ہم مقابلہ کا ہے کو کروں۔ اور لطائف کا ذکر بہت کروا گر آپ عشق الٰہی چاہتے ہو تو ذکر کی کثرت کرو۔

ذکر کن ذکر کن تاں ترا جان است * پاکئے دل ز ذکر رحمان است

حتیٰ کہ ذکر کرتے کرتے جان نکلے۔ تبلیغ میں پہلے نیت کو خالص کرو پھر بے طمعی پیدا کرو پھر خلق اور پیار اور پیر کو قبلہء دل تصور کرو۔ قبل ازیں دو عریضہ بمعرفت ڈاک ارسال کئے ہیں شاید پہنچے ہو نگے۔ واللہ اعلم بخدمت عزیزم میاں عطا محمد کو اسلام علیکم و جمیع جماعت اہل ذکر آنجائے۔

لا شیء فقیر محمد عبد الغفار فضلی۔

تبليغ دين: پاڻ دين جو درد رکي خدا جي خلق کي راه راست آڻڻ جي پوري پوري ڪوشش ڪندا رهيا. پير مٺا سائين ﷺ کين اهڙو تہ عشق جو پيالو پيارو هيو جنهن جو نشو کين عمر پر هلندو رهيو. مارشل لا جي دؤر ۾ کين شديد تڪليفون ڏنيون ويون. کين ۽ سندن ڪجھ عزيزن کي ڪنهن سازش تي هر طرح سان ايذايو ويو. جيل ۾ بہ وڌو ويو ۽ سندن ڪجھ عزيزن کي جان جي قرباني بہ ڏيڻي پئي پر پوءِ بہ پاڻ صبر ۽ استقامت جو پهاڙ بڻيا رهيا.

جُتين تي ويهي رهيا: هڪ دفعي درگاھ رحمتپور ۾ ايندي دير ٿي وئي. ان وقت سائينجن مراقبو ڪرائي رهيا هيا. پاڻ فقيرن جي جتين تي ويهي رهيا. جڏهن مراقبي کان فارغ ٿيا تہ فقيرن عرض ڪيو تہ سائين اسان کي تہ اڄ ڪجھ بہ نہ ٿيو. پاڻ فرمايائون تہ فقير رحمت الله جتين واري جاءِ تي ويٺو هيو سڄو فيض اهو حاصل ڪري ويو.

مرشد جي ناراضگي ۽ رضا: ڪو وقت اهڙو آيو ۽ اهڙا حالات ۽ اهڙا اسباب پيدا ٿيا جو پير سائين جن خليفي رحمت الله مٿان ناراض ٿيا. جنهن ڪري سندن دربار تي اچڻ جو سلسلو منقطع ٿي ويو. پر وري جلدي مرشد مهربان مٿن راضي ٿي ويا ۽ حجاب هٽي ويا. خليفي صاحب مٿان نقشبندين جون نوازشون مرڻ گهڙي تائين جاري رهيون.

سندن شاعري:

ڪيو محبت تنهنجيءَ مستان مون کي،
ڪيو حسن تنهنجي آ حيران مون کي،
سوگهو پرين ساھ ٽيڙو، آهيان قرب ۾ قابو ڪڙيو،
جيئري جاني، ڪر نہ فاني، مون تي رهو مهربان،
رسڻ جا راڻا، ڪر نہ ماڻا، اي جاني مون جاني،
ڪيو ديد تنهنجيءَ، ديوانو مون کي.
دلبر تنهنجي دام ۾، آهيان قيد ان ڪلام ۾،
دوست پيارا، دل وارا، سڪايل کي نہ سڪاءِ،
ڏاڍو آهي، ڏيھ ڏاتر، خالق خاوند، سر خداءِ،
ڪيو ناز تنهنجي، نادان مون کي.
رحمت الله رھ تون انهيءَ راھ، آهي عجيب ورھ ورھ،
محب محبوب من مطلوب، ملائيندو مالڪ ماڳ،
پرتئون پورو، ٽيو سمورو، آهي هيءُ راڻن راڳ،
ڪيو وهم تنهنجي، ويران مونکي.

سندن شعر ۾ خوفِ خدا جي عڪاسي جو هڪ ڏيک :

خدا جو خوف ڪر هر دم، سڻو سهڻا اوهان سائين،
رهي ٿو درد مون دم دم، سڻو سهڻا اوهان سائين،
سدائين سور آهي اهو، پل پل پور آهي اهو،
وهم ويچار آهي اهو، سهڻو سهڻا اوهان سائين.
ڪيو مون ڏوھ آهي ڪهڙو، ڪيو ظاهر جهڙو تهڙو،
هجي جيڪو اصل اهڙو، سڻو سهڻا اوهان سائين،
رُسو ٿا رات ڏينهن رهبر، ڪيو ....
باعث اهي ڪهڙو بهتر، سڻو سهڻا اوهان سائين.
ڪيان ٿو دانهون ۽ آهون، ٻڌو شل اهي ايلاهون،
بندي ڪَيَو بند سڀ واهون، سڻو سهڻا اوهان سائين،
چوي رحمت الله تہ ستار، ڏيو ڪا ڏات مون کي ڏاتار،
سدائين اوهان پيا سار، سڻو سهڻا اوهان سائين.

لا الٰـہ الا اللّٰه:

تون هين اسان جو پاڪ خدا لا الٰ الا اللّٰه،
حاضر ناظر هر هر جاءِ لا الٰ الا اللّٰه.
طيب طاهر عيبن خالي، ذات مقدس وارث والي،
هڪ آ تنهنجيءَ ذات بقا، لا الٰ الا اللّٰه.
عاشق اصلي مور نہ ڏڄن، سِرَ کي لاهي ٽا ترِيءَ تي رکن،
پِير مٽان ڪن جان فدا، لا الٰ الا اللّٰه،
مال مڏي جند جان پياري، پير تان ڪريان صدقي ساري،
صدقي صدقي ساهہ سدا، لا الٰ الا اللّٰه.

اونايو عرض عاجز جو:

اونايو عرض عاجز جو، ڪلام الله ڪلام الله،
سدا سائل سڪايل جو، ڪلام الله ڪلام الله.
ڪيان ٿو حال اوهان سان هي، اوريان ٿو حال اوهان سان ري،
ڪانهي ڪا واهہ منهنجي ٻي، ڪلام الله ڪلام الله.
آهن اميدون ڪريو پوريون، سچا سرڪار ۾ سموريون،
ميٽيو مدايون منهنجون مورئون، ڪلام الله ڪلام الله.
آهن دل جا رايا جي، سائل سندا سعيا جي،
سڀ مان ٿين سجايا سي، ڪلام الله ڪلام الله.
پل پل پيو پڪاريان مان، ساعت ساعت ۾ ٿو ساريان مان،
هنجهون هر هر ٿو هاريان مان، ڪلام الله ڪلام الله.
ڪريو آسان سڀ مشڪل، هڪالي پيا ڪريو سڀ حل،
محابي مير مٺي مرسل، ڪلام الله ڪلام الله.
ڪري دانهون چوي رحمت الله، جو وٺي آيو اسم الله،
مهابو يا رسول الله، ڪلام الله ڪلام الله.

نبي نور الهديٰ:

نبي نور الهديٰ شفيع خيرالوريٰ ڪر ڪا ماڙ مهر،
تنهنجو شان شاهي آ لولاڪ لما، تنهنجي خاطر ٺٺيا آهن ارض و سما،
تنهنجو مُحبُ ٿيڙو آهي پاڻ خدا، تنهنجي عشق منجهان جڙ يا بر ۽ بحر.
تو ڪي سير سبحاني ٿيڙو عطا، اهڙو ڪنهن ٻه نبيءَ کي نه ٿيڙو لقا،
تو معراج ماڻي ڏٺو آهي خدا، تنهنجي ڪاڻ مٺا ملڪ ٿيا منتظر.
آهي اذن شفاعت جو تو کي مليو، منهنجو عمل ڪونهي تنهنجي مون لاڙي مگر،
توکي رحمت آهي الله چيو، نبي نور خدا، مليو محبت دلبر.
ڀلا ڀاڳ اسان جا ٿيا بخت بلي، جنهين ڪلمو پڙهيو ٿيو تنهنجي بلي،
هر چيز اندر تنهنجو نور ملي، اندر عشق اٿي ٺري دل ۽ جگر.
رحمت الله تنهنجو آهي شاه گدا، ٻي مون واه ڪانهي آيس تو وٽ شاها،
ميلو محبن هجي، ٿيان نه تن کان جدا، سدا سبحان پڙهي، ڪيان رب جو شڪر.

مٺا معراج تو ماڻيو:

مٺا معراج تو ماڻيو، پيارا يا رسول الله،
خدا جو شان تو ڄاڻيو، پلارا يا رسول الله.
الٰهي نور تون آهين، مٺو محبوب لاثاني،
لٿا پڻ نور جا توتي، سيپارا يا رسول الله.
اصل ۾ نور هو تنهنجو، ٿيو سڀ نور تنهنجي مان،
جڳن سيني سندا تو کي، اختيارا يا رسول الله.
ملائڪ منتظر تو لاءِ، اڀ عرشن مٿي انور،
ملي وٺين نور سان نوري، خدارا يا رسول الله.
خدا خلاق آ خالق، تون آن مڙني سندو سرور،
تنهنجا هر جاءِ تي ظاهر، نظارا يا رسول الله.
رضا رب جي ڳولي هرڪو، ڳولي رب تو رضامندو،
جهين تي تون مٺا راضي لٿا تِنهنجا، مونجهارا يا رسول الله.
رحمت سڀ عالمين جي تون، خدا رب عالمين جو آ،
قيامت ۾ ڪندين واهر، سونهارا يا رسول الله.

ٽيهم اکري:

اٽ اندر ۾ عشق ڪماءِ، ڪين ملنداءِ پِير سواءِ.

(الف)

الله سان اور تون، سِرُ نبيءَ تان گهور تون،
منهن دنيا کان موڙ تون، ورهه واري وک وڌاءِ.

(ب)

بره جو باب گهٽو، تن ۾ ان جو تاب گهٽو،
سهٽل ڪندو ساب گهٽو، بيشڪ ڪندو محب بچاءُ.

(ت)

تار تڪي ڪر طلب سندي، ڪيي ڪينو ڪلفت قلب سندي،
وٺ دامن منڙي محب سندي، پاڙج پنهنجو قول ادا.

(ث)

ثابت رک تون سک گهٽي، هڪ جو ذڪر هڪ ڏٽي،
ڪر پرينءَ سان پڪ ڪٽي، من ۾ محبت مچ مچاءِ.

(ج)

جُسي ۾ جوش جاڳاءِ، هوش عقل هت ڪين هلاءِ،
چريو ٿي تون چيتو چلاءِ، عقل ڇڏي تون عشق وڌاءِ.

(ح)

حياء جو هيلو ڪر، وارث وٺ وسيلو ڪر،
محبن سان تون ميلو ڪر، جيڪي آهن دوست خدا.

(خ)

خدا جو خائف ٿي، ڪامل پورو عارف ٿي،
زور ذڪر ۾ ظاهر ٿي، خاص اندر ۾ خيال ڄماءِ،

(د)

دل ۾ درد جاڳاءِ، پير مٿي جو ورد ڪماءِ،
هيءَ هدايت هئين سين لاءِ، سڪ سڄڻ جو سبق پچاءِ.

(ذ)

ذڪر ۾ شاغل رهه، غفلت ۾ نا غافل رهه،
ادب علم جو عامل رهه، شرع اڳيان تون سر نماءِ.

(ر)

رهائيءَ جا رستا ٿيا، هڪ عمل پيو محبت آ،
محبت وري مزا ڪيا، مرشد ان سان مدد ٿيا.

(ز)

زيارت پير جي، طالب جي لئي اڪسير ٿي،
وٽ پير نا دلگير ٿي، شر ۽ شيطان کي تون پچاءِ.

(س)

سدا تون رهه سرهو، توڪل جو تون پڌ ٿُرهو،
عاشق ٿي نا رهه اَرهو، سوريءَ کي تون سيج نپاءِ.

(ش)

شڪر آ پير جو، جنهن ڪامل توتي قرب ڪيو،
جنهن دين ڪفر جو فرق ڪيو، پير مٿان ڪر جان فدا.

(ص)

صداقت دل ۾ رک، چاش محبت جي تون چک،
محبت واري کولي اک، محبت سان ڏس پير چتاءِ.

(ض)

ضعين جو آ ضمان، مير مرسل مدني جوان،
مرشد ڏنو جنهن مهربان، جنهن جي آهيون لاري لڳا.

(ط)

طالب جيڪي هيا، تارڪ دنيا ڪان روهي ٿيا،
سِرُ ٻار ٻچا جن صدقي ڪيا، توتي ٿي آ مفت عطا.

(ظ)

ظاهر تقويٰ گر، فنا ٿيڻ جي فتويٰ گر،
ڏيان بقا تي دائم ڌر، هيءُ جڳ سارو آه فنا.

(ع)

عبرت ايها گر، دنيا ساري دم گذر،
ساٿي ناهي پُٽُ پدر، مرشد بنا سڀ بي وفا.

(غ)

غفلت مان جنهن ڪڍيو، راه رباني جنهن آ ڏسيو،
سار لهي جنهن ڪيڙو سڪيو، مٺا تنهن سان محبت لاءِ.

(ف)

فضل سان تو وٽ آيو، جنهن جو آهي قرب ڪرارو،
جنهن ظاهر باطن فيض ڏياريو، فيض جنهن جو هر هر جاءِ.

(ق)

قرابت ڪر تون ڪين مٺي، ڇڏ چني شيطاني مِٺي،
مرشد خاطر سر جي سٽي، منڪر ڪان تون منهن مٽاءِ.

(ڪ)

ڪتابن ۾ نا مُنجهه، محبت واري مام سمجهه،
ديد اڙائي لانوَ لهج، سڪ بنا نا سور پراءِ.

(ل)

لئنڙي دل سان لاءِ، ڪين ويهي بيا پَهَ پچاءِ،
اسم ذاتي ذڪر ڪماءِ، جوش انهيءَ ۾ جان گنواءِ.

(م)

مرادون من جون ماڻ، پيدا ٿيو آن جنهن جي ڪاڻ،
ٿيندءِ تڏهن روح رهاڻ، دغا پنهنجيءَ دل مان هٽاءِ.

(ن)

ناقص آهين نِلو، پر پائين ٿو پاڻ ڪي پلو،
تون آهين نڪر ٿلهو، قرب وردن سان قرب وڌاءِ.

(و)

وسيلو پير ٿيو، ڪامل ڪيڏو قرب ڪيو،
پر نا تو ڪي شرم پيو، بيحد جنهن جو تو ڪي بچاءُ.

(هه)

هدايت هادي ڪر، دوست دل مون شادي ڪر،
بيخ ڪفر بربادي ڪر، رهبر ڏياريو پنهنجي رضا.

(لا)

لاڳاپا ٻيا سڀ ڇڏ، من محبن سان تون گڏ،
سڏ پرين کي ساريو سڏ، رهہ نہ تن کان يار جدا.

(ء)

اها استقامت رک، بس اها ڪرامت رک،
محبت واري وڏائي وک، ڪنهن ٻئي پاسي ڪين واجهاءِ.

(ي)

يڪي گهُرُ رحمت الله، رحمت مان امّيد نہ لاهہ،
سڏ ۾ ساٿي رسول الله، دائم داور ڪان گهُرُ دعا.

تو سندو ديدار دلبر:

تو سندو ديدار دلبر، سيني دردن جي دوا،
تو سندو سينگار سهڻل، آهي عاصي لاءِ شفا.
حسن تنهنجو بي مثل، مون ڏٺو ڪونهي ڪٿي!
تون خدا جو خاص پيارو، آهين محبوبِ خدا.
آ ملي تو ذات دلبر، ظاهري ۽ باطني،
ڪر عطا پنهنجو لقا تون، اي حقيقي بادشاهہ.
فيض ۽ برڪات تنهنجيءَ جو نظارو بي مثال،
سو ڏسي ماڻهو چريا ٿيا، ويا هٿن مان حوصلا.
ڪر عطا رحمت الاهي، فضل پنهنجي سان غفار،
ڏي متا محبت مُدامي، ڪريو عطا پنهنجي رضا.

اولاد: 1. محمد رفيع الله هيڊ ماستر ڳوٺ محمد عارب سولنگي.
2. محمد مطيع الله.
3. محمد عتيق الله پرائمري ماستر ملڪو واهڻ لڳ راڻيپور.
4. حافظ محمد شفيع الله سپاهي اينٽي ڪرپشن خيرپور ضلعو.

سندن سجاده نشين: محمد رفيع الله آهن.

خليفي رحمت الله جي مسجد شريف



خليفي رحمت الله جي ضريح شريف

حضرت خليفه محمد يوسف جي مزار دربار محبت پور غفاريه گمبت

88 هون خليفو:

حضرت مولانا خليفہ
محمد يوسف پنهور
رحمت الله عليہ

صاحبِ علم و عرفان واصلِ قربِ سبحان، عابد و زاهد، غازي و مجاهد حضرت خليفہ محمد يوسف پنهور رحمۃ اللہ علیہ پاڻ الله تعاليٰ جي محبت ۽ نبي ڪريم ﷺ جي عشق جو ماڻهن کي درس ڏيندي عمري پوري ڪيائون. سندن دربار جو نالو ئي هيو "درگاه محبت پور غفاريہ". سندن والد جو نالو مولوي محمد صالح پنهور هيو. لاڙڪاڻي ۾ خليفي صاحب کي "**علامہ صاحب**" ۽ گمبٽ ۾ کين "**سائينجن**"، "**استاد سائين**" ۽ "**مرشد سائين**" چوندا هيا.

ولادت با سعادت: پاڻ 1926ع ڳوٺ صالح پور لڳ رپڙي تعلقو گمبٽ ضلع خيرپور ۾ ڄاوا.

تعليم : سندن ننڍپڻ ڳوٺ صالح پور ۾ گذريو ۽ پرائمري تعليم ڳوٺ ڀارو ۾ حاصل ڪيائون. وڌيڪ ديني علم پنهنجي ڳوٺ ۾ مولانا مولوي اميد علي پنهور وٽ ۽ پوءِ ٽيڙهي ۾ سندس چاچي مولوي لال محمد پنهور ۽ ٻين عالمن وٽ حاصل ڪيائون. سندن دستار بندي دريا خان مري واري مدرسي ۾ ٿي هئي جتي سندن استاد مولوي عبدالرحمن راڄپر هيو.

جماعت اسلامي ۾ شموليت ۽ دوري :

ديني تعليم مڪمل ڪرڻ کان پوءِ پاڻ جماعت اسلامي ۾ شامل ٿيا ۽ جماعت جا سرگرم ڪارڪن ۽ سنڌ جا امير بہ رهيا. جڏهن مولانا مودودي اليڪشن ۾ حصو وٺڻ جي ڳالھ ڪئي تہ مولانا امين احسن اصلاحي صاحب، ڊاڪٽر اسرار احمد ۽ مولانا محمد يوسف پنهور ۽ ڪجھ ٻين ان ڳالھ جي مخالفت ڪئي. انڪري پاڻ جماعت اسلامي کي ڇڏيائون. پاڻ مغربي طرز جِي جمهوريت جي خلاف هوندا هيا ۽ اسلامي شوريٰ جا حامي هيا. پاڻ ان جي دليل ۾ هيءَ آيت تلاوت ڪندا هيا :

وَ اِنْ تُطِعْ اَكْثَرَ مَنْ فِي الْاَرْضِ يُضِلُّوْكَ عَنْ سَبِيْلِ اللّٰهِ اِنْ يَّتَّبِعُوْنَ اِلَّا الظَّنَّ وَ اِنْ هُمْ اِلَّا يَخْرُصُوْنَ ○ ﴿الانعام: 116﴾

۽ جيڪڏهن تون زمين وارن مان اڪثريت جي تابعداري ڪندين تہ توکي الله جي رستي کان هٽائي ڇڏيندا اُهي رڳو گمان تي هلندا آهن ۽ اُهي رڳو اٽڪلون ۽ ڏُڪا هڻندا آهن.

پير مٺا سائين سان بيعت: پاڻ فرمائيندا هيا تہ سندن ننڍپڻ کان روحانيت ڏانهن لاڙو هوندو هيو. ڪين ٿيڙهي واري مدرسي ۾ شاگرد "**صوفي**" چئي سڏيندا هيا. ان روحانيت جي اڄ اجهائڻ لاءِ پاڻ حضرت سهڻا سائين ﷫ جو نالو ٻڌي وٽن خان واهڻ تعلقو ڪنڊيارو ۾ حاضر ٿيا ۽ بيعت لاءِ عرض ڪيائون. انهن فرمايو تہ اسان وٽ پير مٺا سائين جو صاحبزادو حضرت محمد خليل الرحمن قدس سره العزيز موجود آهي. سندن موجودگيءَ ۾ ذڪر ڏسڻ بي ادبي آهي. پاڻ اجا اتي ئي هيا تہ دين پور مان ڪو ماڻهو سهڻا سائين ڏانهن پير مٺا سائين جا سلام ۽ پيغام کڻي آيو. اهو معلوم ٿيڻ کان پوءِ مولانا محمد يوسف پيادل درگاهہ دين پور حضرت پير مٺا سائين جي خدمت ۾ حاضر ٿيا. سندن فيض واري نگاهہ جڏهن مٿن پئي تہ پير سائين جن جي بيعت ڪيائون. وٽن مولانا مودودي جو ڪتاب "**الجهاد في الاسلام**" هيو. اهو پير سائينجن کي ڏنائون تہ سائينجن بہ پڙهن ۽ جماعت کي بہ پڙهائن. پير مٺا سائين ﷫ فرمايو تہ "مولوي صاحب سودو ڪرڻ آيو آهين ڇا؟" پاڻ عرض ڪيائون تہ نہ سائين.

قطبِ عالم پير مٺا سائين سندن سيني کي اهڙو صاف ڪيو جو ٿيڙهي وارن جا ٽڪر اندر مان پڄي پورا پورا ٿي ويا. مودودي جا من ۾ پيدا ڪيل مرض ختم ٿي ويا. تانجو پاڻ ذڪر الله جي مستي ۾ سرشار ٿي ويا. بدمذهبن وارا عقيدا بدلجي ويا. عقائد اهلسنت سندن من ۾ رچي وسي ويا ۽ پوءِ پير سائين جن کين خلافتِ غفاريہ سان نوازيو.

سندن علمي قابليت: الله ڪريم کين زبردست علمي قابليت سان نوازيو هيو. حضرت پير مٺا سائين ﷫ کين پنهنجي سڀني خلفاء جي تربيت لاءِ استاد طور مقرر ڪيو هيو. پاڻ ڇئن مهينن تائين رحمتپور ۾ انهن جي تربيت ڪيائون. انڪري خلفاء سندن وڏو ادب ۽ احترام ڪندا هيا. سندن عادت هئي تہ قرآن شريف کي کولي تقرير ڪندا هيا.

جتان بہ قرآن ڪريم ڪلندو هيو اتان تقرير شروع ڪندا هيا ۽ علم جي موتين جا واهڙ وهائي ڇڏيندا هيا. سندن تقريرون ماڻهن تي تمام وڏو اثر ڇڏينديون هيون. ڪافي ماڻهو سندن گفتار پر انوار ٻڌي متقي ۽ پرهيزگار بنجي پيا هئا.

سندن علمي قابليت قابلِ رشڪ هوندي هئي ايستائين جو سندن استاد بہ ڪڏهن مسائل مضطرب ٿيندا هيا تہ ڪانئڻ حل ڪرائيندا هئا. ڪين قرآن شريف جي ترجمي جو خاص ملڪو عطا ٿيل هيو. سيد علم دين شاھ ٻڌايو تہ سندن تبليغ ۽ تعليم جو اهو طريقو هوندو هيو جو پاڻ قرآن شريف جو لفظي ترجمو ۽ پوءِ ان جي تشريح سمجهائيندا هيا. پاڻ درسِ قرآن ۾ علم جا اهڙا موتي پيش ڪندا هيا جيڪي نہ ڪنهن ڪتاب ۾ مليا هجن ۽ نہ وري ڪنهن عالم جي واتان ڪنهن ٻڌا هجن.

تصنيفات: پاڻ سٺا شاعر اديب، مدرس ۽ لاجواب خطيب بہ هيا. ڪجھ ڪتاب شاعري جا بہ لکيا اٿن جيڪي قلمي آهن. قرآن مجيد جي ڪجھ سورتن جو لفظي ترجمو پڻ ڪيو اٿن جيڪو قلمي مواد طور موجود ۽ محفوظ آهي.

سندن مشهور شاگرد:

مولوي عبدالڪريم صاحب گمبٽ، استاد غلام رسول ميمڻ گمبٽ، استاد عزيز الله ميمڻ گمبٽ، ڊاڪٽر سيد مظهر علي شاھ، سيد نظر علي شاھ جيلاني گمبٽ، مولوي سيد محبوب علي شاھ گمبٽ، پروفيسرعرفان علي شاھ، پروفيسر سيد غلام شبير شاھ محبت ديرو، سيد غلام مصطفيٰ شاھ، سيد واحد بخش عرف واڌل شاھ، محرم علي سرگاٽي محبت ديرو، استاد نبي بخش پتو، سيد علم الدين شاھ بخاري لاڙڪاڻو، استاد منير احمد پنهور، مولوي سراج احمد پنهور، بشير احمد پنهور ، شفيق احمد پنهور، منظور احمد ميمڻ، اعجاز احمد سومرو، بشير احمد سومرو وغيره.

سيرت ۽ صورت: سندن صورت سهڻي، اخلاق عاليشان ۽ سندن ظاهري طبيعت بلڪل سادي هوندي هئي. پاڻ ملنسار، ڪل مک ۽ انتها درجي جا بردبار هوندا هيا. متي تي ڇَتين واري فقيراڻي ٽوپي پاتل فقيرن کي يا ڪنهن اڻواقف متيءَ ۾ پيُوت ٿيل ماڻهن کي بہ وڏي پيار ۽ پاٻوهہ سان ٻاڪر پائي ملندا هئا. ڇڪ اهو ڪو سالن ڪان سندن سنگتي هجي.

سندن ان بلند اخلاق جي ڪري تمام گھڻا ماڻھو سندن حلقہ ارادت ۾ داخل ٿيا. دين جي تبليغ سبب ڪي ماڻھو وري سندن سخت مخالفت بہ ڪندا هيا پر اهي مخالف ماڻھو جڏهن بہ سندن سامهون ايندا هيا تہ سندن خُلق ۾ محبت ڏسي ساڻن ملڻ ۾ مصافحہ کان سواءِ رهي نہ سگھندا هئا. اهو ئي سندن خُلق جو ڪمال هيو.

سوال نہ ڪيائون : پاڻ سڄي عمر سوال، چندي ۾ پگھار مقرر ڪري وٺڻ کان پاسو ڪيائون. سندن هن آيت تي پوري طرح عمل هيو تہ:

وَمَآ اَسْـَٔلُكُمْ عَلَيْهِ مِنْ اَجْرٍ ۚ اِنْ اَجْرِيَ اِلَّا عَلٰى رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ (سورۃ الشعراء:109)

۽ مان هن تبليغ تي توهان کان ڪو بہ اجر نہ ٿو گھران، منهنجو اجر جهانن جي پالڻهار کان سواءِ ڪنهن بہ ٻئي تي نہ آهي.

پاڻ جا بہ ديني خدمت ڪيائون محض الله جي رضا خاطر ڪيائون. باقي اگر ڪو پنهنجي خوشيءَ سان بنا گھرڻ جي هديہ طور ڪجھ ڏيندو هيو تہ اهو قبول فرمائيندا هئا. ڪنهن بہ وڏيري يا زميندار جي بيحد اصرار جي باوجود بہ انهن جي اوطاق تي وڃي انهن جي اولاد کي قرآن ڪريم جي تعليم نہ ڏيندا هئا. پر ڪين مسجد شريف ۾ پين ٻارن سان گڏ اچي پڙهڻ لاءِ چوندا هئا.

تبليغ جو انوکو انداز: پنهنجي مرشدن ڪريمن سان ايڏي تہ محبت هين جو پنهنجي سڄي زندگي تبليغ لاءِ وقف ڪيائون ۽ هر مهيني يارهين شريف تي درگاھ رحمتپور شريف بہ ويندا هيا. سندن تبليغ جو انداز نرالو هوندو هيو. پاڻ جنهن بہ علائقي ۾ تبليغ ڪندا هيا تہ ان علائقي ۾ ڪجھ سال رهندا هيا جيئن ڳوٺ ڏامراھ ۾ ڏھ سال، بنگل ديرو ۾ پنج سال ۽ ڳڙهي ياسين ضلع شڪارپور ۾ اٺ سال رهيا. ان کان علاوه ڳوٺ حاجي الله بخش، هڪڙو تعلقو رتو ديرو ۾ ڇھ سال ۽ گمبٽ ۾ ٻارهن سال، محبت ديرو ۾ اٺ سال ۽ ڪوٽڙي محمد ڪبير ۾ ڏھ سال رهيا جتي دار العلوم غوث محمد گوهر جي مدرسي ۾ طالبن کي ديني توڙي روحاني علم سان نوازيائون ۽ آخر ۾ پاڻ گمبٽ ۾ اچي رهيا. پنهنجي پير جي فيوضات کي عام ڪيائون. اڪثر ڪري سيد خاندان کي ديني توڙي روحاني فيض سان نوازيندا هيا.

سندن ارشادات :

1. فرمايائون: اهو ماڻهو قرآن ڪريم پڙهيل نہ آهي، جيڪو صرف لفظ پڙهيل آهي. ڀلا ڪو ماڻهو چوي تہ هو انگريزي پڙهيل آهي، پوءِ توهان ان کي ڪو خط يا درخواست ڏيو تہ هو پڙهي ٻڌائي تہ ان خط يا درخواست ۾ ڇا لکيل آهي؟ هو لفظ تہ پڙهي وڃي پر معنيٰ مطلب نہ پاڻ سمجهي سگهي ۽ نہ وري توهان کي سمجهائي سگهي تہ توهان ان کي هرگز پڙهيل نہ چوندؤ. ڀلا انگريزيءَ لاءِ تہ اها سوچ آهي پر قرآن ڪريم لاءِ اها سوچ ڇو نہ آهي؟

2. قرآن ڪريم جي پڙهڻ جا چار درجا آهن.

(1) لفظ صحيح تلفظ سان پڙهڻ.

(2) معنيٰ سان سمجهي پڙهڻ.

(3) قرآن ڪريم جي سيني حڪمن تي عمل ڪرڻ.

(4) عملن ۾ اخلاص جو هجڻ.

اخلاص وري اهو آهي جو مخلص ٻانهي کي شيطان بہ گمراهہ نہ ڪري سگهندو آهي.

3. سيني الله وارن سان محبت رکندا ڪريو ۽ سندن صحبت ۾ وڃي ويهندا ڪريو. باقي مرشد تہ هڪ ئي هوندو آهي.

4. رحمت جي وسندڙ مينهن ۾ دل جي ٿانوَ کي سڌو جهلبو تہ اهو ٿانوُ رحمت جي برسات سان ڀرجي پوندو. پنهنجي مرشد جي حضور ۾ حاضرهجبو ۽ دل جو ٿانوُ اونڌو جهلي ويهبو تہ اتان ڪجهہ بہ نہ ملندو.

5. پنهنجي مرشد سان ڀلي محبت رکو، پر اهڙو ڪوبہ گفتو يا عمل نہ ڪريو جو ڪنهن ٻئي ولي الله جي گستاخي يا توهين ٿئي.

6. ڪيترن ئي الله وارن پاڻ کي لڪائي رکيو آهي. تنهنڪري احتياط کان ڪم وٺندا ڪريو. هرويرو ڪنهن کي بہ گهٽ وڌ يا برو ڀلو نہ چوندا ڪريو.

7. ڪنهن سان بہ تعصب نہ رکو نہ ڪنهن سان حسد رکو. ڇو تہ تعصب پنهنجي اندر کي جلائيندڙ آهي تہ وري حسد نيڪين کي جلائيندڙ آهي. صبح ۽ شام ان حال ۾ ڪيو جو اوهان جي اندر ۾ ڪنهن لاءِ ڪينو ڪين هجي.

جو الله جي ڪم سان الله ان جي ڪم سان:

هڪ ڀيري جي ڳالهہ آهي تہ سندن ٻڪريون چوري ٿي ويون. مائٽن چيو تہ پيرا ڪڍو. پاڻ فرمايائون تہ اسان پيرا ڇو ڪڍون! هو پاڻهي اسان جا پيرا ڪڍنديون. پاڻ تبليغ لاءِ ڪنهن ڳوٺ ۾ نڪري ويا رات جو مسجد ۾ وعظ فرمايائون تہ جو الله جي ڪم سان هوندو آهي الله وري ان جي ڪم سان هوندو آهي. مجلس ختم ٿيڻ ڪان پوءِ جڏهن ٻاهر آيا تہ ڏٺائون تہ مسجد جي در تي سندن ٻڪريون بيٺيون هيون.

سندن خليفا:

1. فقير علي نواز پيتو 2. سيد علم الدين شاهہ لاڙڪاڻو 3. سيد غلام شبير شاهہ محبت ديرو ڪنڊيارو 4. سيد ڊاڪٽر نظر حسين شاهہ لاڙڪاڻو 5. فقير منير احمد گمبٽ جيڪي دين جي خدمت ڪري رهيا آهن.

شاديون ۽ اولاد: پاڻ ٻہ شاديون ڪيائون جن مان ڪين ٽي پٽ ۽ ٻہ نياڻيون ٿيون.

پٽن ۾: 1. مولوي سراج احمد 2. استاد بشير احمد گمبٽ 3.استاد شفيق احمد لاڙڪاڻو.

وصال: پاڻ فرمائيندا هيا تہ اسان جو وصال محرم مهيني ۾ ٿيندو ۽ ائين ئي ٿيو جو سندن وصال پُر ملال 27 محرم 1430 ھ مطابق 25 فيبروري 2009ع بروز آچر ۾ گمبٽ شهر ۾ ٿيو. سندن جنازي جي نماز سيد علم الدين شاهہ پڙهائي.

سندن مزار شريف دربار عاليہ محبت پور غفاريہ الله بخش ڪالوني گمبٽ ۾ آهي.

سجاده نشين: سندن ٻيو نمبر فرزند استاد بشير احمد صاحب جن آهن. درس ۽ تبليغ لاءِ پوري جماعت ۽ سندن سڀني پٽن جي طرفان سندن روحاني وارث مولانا سيد علم الدين شاهہ بخاري غريب آباد لاڙڪاڻي وارن کي مقرر ڪيو ويو آهي. سندن وڏي فرزند مولوي سراج احمد صاحب کي برادري جي پڳ ٻڌرائي وئي آهي.

ماهوار جلسو: سندن دربار عاليہ محبت پور غفاريہ ، الله بخش ڪالوني گمبٽ ۾ هر مهيني جي يارهين تاريخ عظيم الشان پروگرام ٿيندو آهي. ان کان علاوه سندن ساليانو عرس شريف ستاويهين محرم تي ملهايو ويندو آهي. جنهن ۾ سندن محبين، مريدين ۽ متعلقين وڏي تعداد ۾ جمع ٿي الله جو ذڪر ڪندا آهن.

سندن خليفو ۽ روحاني وارث:

خليفہ حضرت سيد
علم الدين شاھ بخاري

خوبصورت، نيڪ سيرت، آل نبي اولادِ علي حضرت سيد علم الدين شاھ ولد سيد موريل شاھ بخاري مدظلہ العالي. هڪ طرف پاڻ آلِ رسول آهن تہ ٻئي طرف سندن رشتيداري حضرت پير مٺا سائين رحمة الله عليه جي گهراڻي سان آهي. ٽئين طرف پاڻ اعليٰ اخلاقن ۽ سهڻين صفتن جا مالڪ آهن.

سندن خاندان: سندن ابا ڏاڏا نيڪوڪار، صاحبِ تقويٰ ۽ صاحبِ ڪرامت هئا. انهن جا هزارين ماڻهو مريد هوندا هئا. جن کي حق جي رستي جي هدايت ڪندا رهندا هئا. بخاري سيد حضرت امام علي نقي رضي الله عنه جو اولاد آهن. سندن وڏن مان ڪي عرب مان برصغير ۾ اُچ شريف ۾ هجرت ڪري آيا هئا. اتان سيد جلال الدين سرخ بخاري ۽ سندن پوٽي سيد جلال الدين حسين مخدوم جهانيا جهان گشت جي اولاد مان سيد جمال الدين شاھ بخاري ڪنديارو تعلقي جي ڊوڙا ڳوٺ جي ڀرسان ڳوٺ چاچڪ ۾ اچي رهيا هئا. جتي اڄ بہ سندن مزار ماڻهن جي توجهہ جو مرڪز بڻيل آهي. انهن جي اولاد مان سيد محمد علي شاھ بخاري ڳوٺ محبت ديرو جتوئي جي ڀرسان اچي سڪونت اختيار ڪئي هئي. هو مشهور صاحبِ ڪرامت ولي الله هيو. ان جا ٻہ پٽ سيد نهال شاھ بخاري ۽ سيد علم الدين شاھ بخاري مشهور اولياءَ الله هئا. هو سيد صالح محمد جيلاني ۽ سندن پونئيروري سيد احمد شاھ جيلاني راڻي پور وارن سان قادري طريقي ۾ منسلڪ هئا. سيد نهال شاھ جا وري ٻہ پٽ سيد محمد قاسم شاھ مست بخاري ۽ سيد نور محمد شاھ بخاري صاحبِ ولايت هئا. سندن ڏاڏو سيد محمد قاسم شاھ مست بخاري هيو. سندس زبان مان نڪتل لفظ اڪثرڪري رد نہ ٿيندا هئا.

سيد محمد قاسم شاھ کي پنھنجي چاچي علم الدين شاھ پنھنجي نياڻي بيبي امل حاجاڻي نڪاح ۾ ڏني جنھن مان ڪيس ڏھ پٽ ۽ ٽي نياڻيون ٿيون. وڏو پٽ سيد نھال شاھ نالي ھيو. ٽئين نمبر تي حاجي موريل شاھ ھيو. سيد حاجي موريل شاھ کي 3 پٽ ۽ 8 نياڻيون ٿيون جن ۾ سيد عَلم الدين شاھ وڏو ھيو.

ڏاڏي سائڻ جي پيشنگوئي ۽ دعا: سيد عَلم الدين شاھ جو ننڍپڻ کان نيڪي ۽ روحانيت ڏي تمام گھڻو لاڙو ھوندو ھيو. سندن ڏاڏِي بيبي امل حاجاڻي تمام گھڻي نيڪوڪار ۽ ڪرامت واري ھئي ۽ علائقي جي عورتن جي ديني ۽ اخلاقي رھبري ڪندي ھئي. الله تعاليٰ سندس دعائون قبول فرمائيندو ھيو. بيبي امل حاجياڻي پنھنجي والد صاحب جو نالو پنھنجي ٽئين نمبر پٽ جي وڏي فرزند تي رکيو. پاڻ فرمائيندي ھئي تہ: ”ھي منھنجو ٻچڙو وڏو عالم ٿيندو“ ۽ الله تعاليٰ جي مھربانيءَ سان ائين ئي ٿيو.

سندن ولادت : پاڻ 15 فيبروري 1960ع ۾ ڳوٺ نھال شاھ لڳ محبت ديرو جتوئي تعلقہ ڪنڊيارو ضلع نوشھروفيروز ۾ تولد ٿيا.

ننڍپڻ ۽ تعليم : سندن ننڍپڻ پنھنجي ڳوٺ نھال شاھ ۾ گذريو. پاڻ پرائمري تعليم گورنمينٽ پرائمري اسڪول محبت ديرو جتوئي ۾ حاصل ڪيائون. ميٽرڪ کان پوءِ گورنمينٽ ڊگري ڪاليج ڪنڊيارو ۾ يارھين ڪلاس ۾ داخلا ورتائون پرڪن مجبورين جي ڪري ريگيولر تعليم حاصل نہ ڪري سگھيا ۽ چار سال ھارپو ڪيائون پر پرائيويٽ تعليم جاري رکيائون. 1983ع ۾ سنڌ يونيورسٽيءَ مان ايم. اي اسلامي ڪلچر ۾ ڪيائون. 1981ع ۾ نواب شاھ تعلقہ ۾ ڳوٺ حاجي شمير ڪلوئي ۾ پرائمري استاد مقرر ٿيا. 1982ع ۾ گورنمينٽ ايليمينٽري ڪاليج آف ايجيوڪيشن مٽياڻي مان P.T.C ڪيائون. پوءِ بي-ايڊ ۽ ايم-ايڊ جو امتحان پڻ پاس ڪيائون. 1985ع ۾ سچل اورنٽل ڪاليج لاڙڪاڻو مان مولوي عربي جو امتحان، 1986ع ۾ مولوي عالم عربي ۽ 1987ع ۾ مولوي فاضل عربي جو امتحان پاس ڪيائون ۽ ھر سال سکر بورڊ ۾ پوزيشن ڪڍندا رھيا. ان کان پوءِ پاڻ ايم-اي عربيءَ ۾ پڻ ڪيائون.

سندس استاد : محمد يوسف ۽ استاد محترم انور پيتو قابل ذڪر آهن. استاد عطا محمد ڏهراج، سائين نور محمد شاهه، استاد محمد خان اجڻ، سندن چاچو سائين غلام مصطفيٰ شاهه ۽ سائين شريف الدين شاهه سندن ڪلاس ٽيچر رهيا.

درس و تدريس : 1984ع ۾ لاڙڪاڻي ۾ پرائمري استاد طور بدلي ٿي آيا. 1989ع ۾ عربي استاد مقرر ٿيا ۽ گهڻو عرصو گورنمينٽ پائلٽ هائير سيڪنڊري اسڪول لاڙڪاڻي ۾ رهيا. اتي شاگردن کي قرائت، نعت، سنڌي، اردو ۽ انگريزي تقريرن ۽ ڪوئز مقابلن ۾ تياري ڪري صوبائي ۽ ملڪي سطح تي مقابلن ۾ شاگردن کي نمبر ڪٽايائون. هن وقت گورنمينٽ مڊل اسڪول نظر محله ۾ هيڊ ماستر طور خدمتون سر انجام ڏئي رهيا آهن ۽ پنهنجا بہ پرائيويٽ اسڪول هڪ عَلم الدين شاهه ماڊل اسڪول لاڙڪاڻي ۾ جيڪو نرسري کان اٺين ڪلاس تائين آهي ۽ ٻيو سادات پبلڪ هاءِ اسڪول سندن زير نگراني هلي رهيا آهن.

بيعت : پاڻ سن 1977ع ۾ حضرت خليفه علامه محمد يوسف پنهور سان دست بيعت ٿيا ۽ سندن صحبت ۾ گهڻو وقت گذاريائون. سندن علمي لياقت محبت ۽ محنت کي ڏسي کين 1980ع ۾ خلافت عطا ڪيائون ۽ سندن حڪم سان مختلف علائقن ۾ ديني تبليغ ۾ مصروف ٿي ويا.

شاديون ۽ اولاد: سيد علم الدين شاهه جي پهرين شادي سندن استاد ۽ مرشد سائينءَ جي حڪم سان سندن مامي سيد خادم حسين شاهه جي وڏي نياڻي بيبي ارشاد بيگم سان سنہ 1981ع ۾ ٿي، جيڪا سنہ 1983ع ۾ ڊليوري ڪيس ۾ وفات ڪري وئي. ان مان سندن پهريون فرزند پڻ وفات ڪري ويو.

پير مٺا سائين جي گهراڻي سان رشتيداري: سندس ٻي شادي پڻ سندن مرشد جي حڪم سان سنہ 1984ع ۾ قطبِ عالم حضرت پير مٺا سائين ﷫ جي ڏوهٽيءَ مخدومه محترمه بيبي **دل پاوٽي** سان ٿي. ان وقت پاڻ پنهنجي خاندان جا اڪيلا ڪفيل هيا. پر پوءِ بہ پنهنجي مرشد جي حڪم تي پنهنجي خاندان تي حضرت پير مٺا سائينءَ خاندان کي ترجيح ڏئي، پنهنجي ڳوٺ مان هجرت ڪري اچي درگاهه غريب آباد لاڙڪاڻو ۾ رهيا.

جتي پير مٺا سائين ﷫ جي گهراڻي جي بي لوث خدمت ڪيائون. امان سائڻ حضرت پير مٺا سائينءَ جي نياڻيءَ (سائين محمد ديده دل جي والده ماجده) کين پنهنجي پٽن وانگر سمجهندي آهي. سائڻ سندن نالو محمد ڪليم الله شاهه رکيو آهي. ڇو ته ڪيس اهو نالو ڏاڍو پسند آهي. پير مٺا سائينءَ جي ڏوهٽي بيبي دل پاوٽيءَ مان کين ٽن پٽن ۽ ٻن نياڻين جو اولاد آهي. اهي هي آهن:

(1) سيده بيبي انيس فاطمه بخاري.

(2) سيد محمد معين الدين شاهه بخاري.

(3) سيد محمد بهاءُ الدين شاهه نقشبند باهُو بخاري.

(4) سيد محمد نظام الدين شاهه علي بخاري.

(5) سيده بيبي نفيسه فاطمه بخاري.

سندن مرشد جي وصال کان پوءِ سڄي جماعت ۽ سندن مرشد جي اولاد متفقه طور تي کين پنهنجي مرشد جو روحاني جاءِ نشين طور مقرر ڪيو.

علمي ڪاوشون: پاڻ پنهنجي مرشد جي حڪم سان قرآن ڪريم جي لفظن جو ترجمو شروع ڪيائون. جيڪو "**علمي لغات القرآن**" جي نالي سان ڇپائيءَ جي مرحلن ۾ آهي. سندن چواڻي قرآن ۾ تقريبًا 3800 لفظ اهڙا آهن جيڪي بار بار استعمال ٿين ٿا. پاڻ اهي ڳولي انهن لفظن جي تلاوت جي ترتيب سان عربي ڊڪشنري سنڌي اردو ۽ انگريزي ترجمي سان تيار ڪئي اٿن. جيڪا عنقريب منظرعام تي اچڻ واري آهي. ان کان علاوه "علمي عربي قاعدو" عربي سنڌي اردو ۽ انگريزي ۾ "علمي عربي گرامر" عربي سنڌي اردو ۽ انگريزيءَ ۾ "اسلامي ارڪان ۽ انهن جا روحاني راز" ڇپائيءَ لاءِ تيار آهن.

درس و تدريس: ان کان علاوه مغرب جي نماز کان پوءِ سادات پبلڪ اسڪول غريب آباد لاڙڪاڻه ۾ روزانو درس قرآن ڏيندا آهن. جنهن ۾ قرآن شريف جو تفسير ڪندا آهن ۽ ان جي تائيد ۾ احاديث نبوي پڻ پيش ڪندا آهن. ان ۾ قرآن ڪريم جا روحاني راز بيان ڪندا آهن. جديد تعليم يافته طبقو سندن درس کان ڏاڍو متاثر ٿيندو آهي.

89 هون خليفو:

حضرت خليفہ

مولوي عبدالكريم پنهور

عالم ۽ عاقل، صوفي ۽ صادق حضرت خليفہ مولوي عبدالكريم پنهور ولد عبدالواحد پنهور جي ولادت 1927ع ۾ پنهنجي ڳوٺ صالح پور لڳ ريڙي تعلقو گمبٽ ضلع خيرپور ميرس ٿي. ان ڳوٺ ۾ ئي سندن ننڍپڻ گذريو.

تعليم: قرآن مجيد استاد لال محمد پنهور وٽ ڳوٺ ۾ پڙهيا. وڌيڪ ديني تعليم ٽيڙهي جي مدرسي ۾ مولوي غلام محمد ۾ محترم حبيب الله پنهوروٽ حاصل ڪيائون ۽ اتي ئي سندن دستار بندي ٿي.

سندن شاگرد: عبدالغفار شيخ گمبٽ، ڊاڪٽر نثار حسين شيخ، ڊاڪٽر قربان حسين شيخ، ڊاڪٽر بدرالدين شيخ.

بيعت ۽ خلافت: ديني تعليم جي حصول بعد درگاهہ رحمتپور شريف لاڙڪاڻي ۾ وڃي پير مٺا سائين رحمة الله عليه سان بيعت ڪيائون ۽ درگاهہ رحمتپور شريف ۾ ڏهہ سال رهيا. ان دوران پير مٺا سائين رحمة الله عليه جي صحبت بابرڪت ۾ سندن عقائد ۽ اعمال جو اصلاح ٿيو ۽ پاڻ صحيح العقيده سُني عالم باعمل بنجي نڪتا. سندن محنت ۽ محبت ڪي ڏسي مرشد ڪريمن ڪين خلافت سان نوازيو.

تبليغ: سنڌ توڙي پنجاب جي پري پري علائقن ۾ پنڌ ڪري دين جو پيغام پهچاياڻون. مرشد جي امر موجب زندگي جو ڪافي عرصو درگاهہ شريف تي رهيا. تبليغ کان سواءِ زندگي جي گذر سفر لاءِ پنجويهہ سالن تائين گمبٽ ۾ رهي "گمبٽ هاءِ اسڪول" ۾ 25 سال عربي ٽيچر طور خدمت ڪندا رهيا. اتي ئي پنهنجي عزيزن مان شادي ڪيائون.

رٽائرمينٽ کان پوءِ ڪجهہ عرصو پنهنجي اباڻي ڳوٺ ريڙي ۾ رهيا. سندن طبيعت ڪافي عرصو ٺيڪ نہ رهي. ان ڪري پوءِ تبليغ تي گهٽ ويندا هيا. ماڻهو ٽپهري کان عشاء تائين وٽن اچي سندن زيارت کان مشرف ٿيندا هيا ۽ سندن علمي ۽ تصوف جون ڳالهيون ٻڌي مستفيد ٿيندا هيا. گمبٽ کان هر مهيني پاڻ درگاهہ رحمتپور شريف بہ ويندا هيا. پنهنجي زندگي جي آخري حصي ۾ گمبٽ جي عيدگاهہ قول باغ ۾ عيدن جون نمازون بہ پڙهائيندا رهيا. ان موقعي تي سڄي شهر جي جماعت سندن اقتدا ۾ عيد نماز ادا ڪندي هئي.

بيعت ثاني : پنهنجي مرشد جي وصال ڪانپوءِ سندن فرزند ارجمند حضرت خواجہ خليل الرحمٰن رحمت الله عليہ سان دست بيعت ٿيا. صاحبزاده سائين جي وصال ڪانپوءِ سندن محبت ۽ رغبت حضرت سهڻا سائين رحمة الله عليه سان ٿي. پاڻ پنهنجي پوري جماعت کي سهڻا سائين ڏانهن رجوع ڪيائون.

سندن سيرت : مولانا صاحب جن نهايت صالح، پرهيزگار، عالم باعمل ۽ بهترين مقرر هيا. علمي ۽ عملي ميدان ۾ سندن مرتبو مٿاهون هيو. الله تعاليٰ کين جيترو علم ۽ جيتري استعداد عطا ڪئي هئي اوتري منجهن تواضع بہ هئي ۽ پاڻ صبر ۽ خاموشي جهڙين خاصيتن جا مالڪ پڻ هيا. پاڻ با اخلاص، نيڪ ڪردار ۽ هر ڪنهن سان نياز نوڙت ڪندڙ هيا. هر شخص ساڻن محبت ڪندو هيو. تبليغ ۾ سندن توجہ نوجوان نسل جي طرف زياده هيو. سندن اعليٰ اخلاقن نہ صرف مسلمانن کي پر غير مسلمن کي بہ موهي ڇڏيو سندن صحبت ۾ غير مسلم نوجوان بہ دين اسلام ۾ داخل ٿيا. درگاهہ رحمتپور ۾ خلفاءِ ڪرام ۽ علماءِ دين سندن تواضع، توڪل ۽ تقويٰ سبب سندن گهڻي عزت واحترام ڪندا هيا.

ٻنهين ڌرين قبول ڪيو: گمبٽ شهر ۾ شيخ محلي واري جامع مسجد ۾ پيش امامي تان ٻن ڌرين ۾ خونريز فساد ٿي پيو. ٻنهي ڌرين جا ڪافي ماڻهو زخمي ٿي پيا. انتظاميہ ان مسجد کي سِيل ڪري راڄوڻو فيصلو ڪرايو تہ ڪهڙو پيش امام رکيو وڃي. ٻئي ڌريون ان ڳالهہ تي راضي ٿيون تہ حضرت مولانا عبدالڪريم صاحب جن کي خطيب مقرر ڪيو وڃي. پوءِ پاڻ ڪافي عرصي تائين ان مسجد ۾ امامت ڪندا رهيا. ان سان گڏوگڏ تبليغ بہ ڪندا رهيا.

رحمتپور شريف ۾ امامت: حضرت پير مٺا سائين رحمت الله عليہ جي فرمان مطابق رحمتپور شريف جي مسجد ۾ امامت بہ ڪرايائون. جڏهن ڪين نماز پڙهائڻ جو حڪم ٿيو تہ پاڻ هر نماز جي وقت غسل ڪندا هيا. سندن نماز پڙهائڻ وارو لباس صاف سٿرو ۽ الڳ هيو. جناب بيدار مورائي صاحب ڪيس عرض ڪيو تہ سائين!اوهان هر نماز جي وقت نئون غسل ڇوٿا ڪيو؟ پاڻ اڪين مان آب آڻيندي فرمايائون تہ ميان فتح محمد! آءُ ڏاڍو گنهگار آهيان، بدڪار آهيان. مرشدن جي فرمان سان مصلي تي بيٺو آهيان. وقت جا ڪامل ولي الله منهنجي پٺيان بيهن ٿا. نهايت شرمسار آهيان. ظاهري پاڪائي جيڪا منهنجي وس ۾ آهي انجو هر وقت خيال رکندو آهيان باطني پاڪائي الله تعاليٰ محبوبن جي صدقي نصيب ڪندو.

شاعري: پاڻ سٺا شاعر بہ هيا سندن تحرير شده بياض بہ اصلاحي شعرن جو مجموعو آهي. سندن هر بيت جو رخ ۽ لاڙو فڪرِ آخرت طرف آهي.

جناب بيدار مورائي جون سارُوڻيُون : پاڻ پنهنجون يادگيريون هن طرح لکن ٿا :

”سال 1955ع ۾ جڏهن منهنجي ارڙهن سال عمر هئي ان وقت کان وٺي مولانا عبد الڪريم صاحب منهنجو محسن، مشفق، دل گهريو دوست ۽ سهڻو سڄڻ ساٿي رهيو آهي. آڌي رات جي وقت اچانڪ مان روئڻ جو آواز ٻڌندو هيس تہ اوچتو ننڊ مان ڇرڪ ڀري اٿي ڏسندو هيس تہ مولانا صاحب نماز تهجد کان پوءِ زارو قطار روئي دعا گهري رهيو آهي. مون عرض ڪيو تہ سائين! اوهان بزرگ آهيو محبوبن جي اوهان تي مهرباني ۽ شفقت آهي پوءِ بہ اوهان ايترو ٿا روئو؟ مولانا صاحب روئندي فرمايو تہ ميان فتح محمد آءُ بزرگن جي لباس ۾ بگهڙ هيس مون اهڙا تہ ڪرتوت ڪيا هيا جو منهنجي گناهن ڪي ڏسي شيطان بہ لڄي ۽ شرمسار ٿيندو هو. اڄ اوهان ڪي پنهنجو شروعاتي احوال ٻڌايان ٿو.

سندس ڪهاڻي سندس زباني : ”آءُ ٽيڙهي مدرسي جو فارغ التحصيل آهيان. تي سال قاري عزيز احمد وٽ قرائت پڙهيو هئس. منهنجي علمي لياقت ۽ صلاحيت ذريعي منهنجا استاد مون سان تمام گهڻو پيار ۽ محبت ڪندا هيا. انهن پاران مون ڪي ذهانت ۽ قابليت جي ممتاز واري سندَ مليل هئي.

نيڙهي جي گستاخن ۽ بي ادبن جي ٽولي ۾ رهي ڪري آءُ الله وارن جو سخت مخالف ۽ معترض هوندو هيس. خصوصاً حضرت پير مٺا رحمة الله عليه جن جي جذبي وجد جو سخت منڪر هيس. رات جو نماز عشاء بعد مولوين جو مصنوعي حلقو ٿاهي پير مٺا وانگر آءُ وڏن مڻڪن واري تسبيح وڄائيندو هيس ۽ مراقبي ۾ غزل ۽ اشعار پڙهندو هئس. الله الله جون ضربون هڻندو هوس. مولوي وري مصنوعي جذبو ڪري ليٽندا ۽ ڦٿڪندا هيا. زور زور سان الله الله ڪندا هيا. ڪافي عرصو آءُ اهڙن مولوين کي مصنوعي مراقبو ڪرائيندو هئس. مدرسي جا سڀ شاگرد ٺهڪ ڏئي ڪلندا هيا.

منهنجو قريبي رشتيدار، مولوي محمد يوسف پنهور شروع ۾ جماعت اسلامي جو سرگرم ڪارڪن هيو ۽ حضرت پير مٺا سائين جي مخالفت ۾ ڪتابن ذريعي تبليغ ڪرڻ لاءِ آيو هيو. آيو ته شڪار ڪرڻ لاءِ هيو پر خود شڪار ٿي ويو. نيٺ حضرت پير مٺا سائين جي پريت جو ديوانو ۽ پروانو بنجي ويو. حضرت صاحب جن ڪيس خرقهءِ خلافت سان به نوازيو ان جي گهڻي اصرار ۽ ڪوشش سان آءُ به درگاهه رحمتپور شريف پهتس. ڪافي سال سندن صحبت ۾ ايندو رهيس مگر منهنجي مٿان جيڪا نيڙهي واري نحوست پيل هئي. ان پير سائين جن سان مصافو به ڪرڻ نه ڏنو. هڪ ڏينهن اوچتو مرشدن جي نگاهِ ڪرم ٿي. منهنجي من مان نيڙهي وارا ڪڪر ڦُهري پيا. اندر ۾ الله وارن جي الفت پيدا ٿي. پوءِ مون سندن بيعت ڪئي". انتهيٰ

شادي ۽ اولاد: پاڻ هڪ شادي ڪيائون، ڪين چار نياڻيون ۽ هڪ پٽ محمد جميل احمد ٿيو. سندن وصال پر ملال سندن گهر گمبٽ شهر ۾ ٿيو. جنازي نماز سيد احمد شاهه ريڙي واري پڙهائي. سندن مزار مبارڪ اباڻي ڳوٺ ريڙي جي قبرستان ۾ آهي.

حضرت پير قريشي رحمة الله عليه جي ٿلهن مڻڪن واري تسبي.
پاڻ ئي ان تسبي ۽ ذڪر جي حلقي ۾ شعرن پڙهڻ،
ذڪر جون ضربون هڻڻ جي شروعات ڪرڻ وارا هئا.
ڪائنءَ اڳ سلسلي نقشبنديه ۾ اهي شيون ڪو نه هيون.

90 هون خليفو:

حضرت خليفہ
عبدالڪريم ڪليري

سندن والد حاجي محمد چٽل صاحب هن ڳوٺ ۾ ڪليري قوم جا چڱا مڙس هيا. ڳوٺ راڄ ۾ سندن وڏي حيثيت هوندي هئي. والد صاحب جي وصال ڪان پوءِ پاڻ هن ڳوٺ جا چڱا مڙس آهن. ننڍپڻ ساڳي ڳوٺ ۾ گذريو. سندن رهائش ڳوٺ ڪليري لڳ کهڙا تعلقو گمبٽ، ضلع خيرپور ميرس ۾ آهي.

تعليم : کهڙا ۾ سنڌي فائينل ۽ انگريزي مئٽرڪ ڪيائون. ديني تعليم جا ڪجھ ڪتاب عربي فارسي جا بہ پڙهيائون.

سندن استاد :

1. جان محمد قريشي کهڙا 2. نور محمد ميمڻ 3. محمد عرس ميمڻ
4. شفيع محمد ڪنڊ گمبٽ 5. عبدالرحمان تنيو 6. محمد شريف رند ڪوٽڏيجي.

بيعت ۽ خلافت: تعليم حاصل ڪرڻ ڪان پوءِ حضرت خواجہ پير مٺا سائين جي خدمت اقدس ۾ حاضر ٿي رحمتپور شريف ۾ بيعت ڪيائون. پاڻ مرشد جي صحبت ۾ ڏھ سال ويندا رهيا. ان عرصي ۾ ڪڏهن بہ يارهين قضا ڪونہ ڪيائون. آخري ايام ۾ ڪين خلافت بہ ملي.

پير سان عشق : خليفہ صاحب ڪي پنهنجي پير سان تمام گهڻي محبت هوندي هئي. جڏهن درگاھ شريف ڪان ڳوٺ موٽي ايندا هيا تہ ڪين ڪٿي بہ سڪون نہ ايندو هيو. هر وقت، هر لمحي پنهنجي مرشد جي جلوي لاءِ تڙپندا هيا. هر پل اُن حسين چهري جي ئي تصور ۾ گذرندو هين. فرمائيندا هيا اهڙو حسين دنيا ۾ پيو ڪونہ ڏٺو پايان.

تبليغ: دين خاطر پاڻ کي تڪليفون ڏئي سنڌ ۽ پنجاب جي ڪيترن ئي شهرن ۽ ڳوٺن، وستين واهڻن ۾ پهچي غفاري فيض سان ماڻهن کي رنگيائون. رحيم يار خان، خانپور ڪتورا، صادق آباد ۽ ٻين ڪيترن ئي علائقن ۾ دين جو پيغام پهچائيندا رهيا. پنهنجي ڳوٺ ۾ تبليغ به ڪندا هيا.

حضرت خليفه نور محمد صاحب رحمة الله عليه آخري ايام ۾ پير مٺا سائين رحمة الله عليه کي عرض ڪيو ته سائين هي ٻه خليفا فقير عبدالڪريم ڪليري ۽ مولوي پير بخش ڪليري اسان کي عنايت فرمايو ۽ ڪجهه وقت اسان وٽ رهن. پاڻ اها ڳالهه قبول فرمايائون.

شادي ۽ اولاد: پاڻ هڪ شادي ڪيائون جنهن مان ڪين ٻه پٽ ۽ ٽي نياڻيون ٿيون.

1. فقير عبدالخالق غفاري.

2. فقير عبدالرزاق غفاري.

حضرت خليفه سائين نور محمد رتڙ رحمة الله عليه جي دربار عاليه نور پور شريف ويجهي هجڻ ڪري پاڻ کو به ماهوار ڏهاڙو ڪونه ملهائيندا هيا. پنهنجي جماعت کي خليفه نور محمد صاحب ڏانهن موڪليندا هيا.

91 هون خليفو:

حضرت خليفه
پير بخش ڪليري

حضرت خليفه پير بخش ڪليري ولد مهر علي ڪليري ڳوٺ ڪليري لڳ کهڙا تعلقو گمبٽ ضلعو خيرپور ميرس ۾ تولد ٿيا.

تعليم: سنڌي فائنل کهڙا ۽ گمبٽ ۾ حاصل ڪيائون. ميٽرڪ ۽ ديني تعليم ۾ ناظره قرآن شريف ۽ عربي فارسي جا ڪجھ ڪتاب به پڙهيائون.

سندن استاد: جان محمد قريشي کهڙا، نور محمد کهڙو، استاد شفيع محمد ڪنڌ گمبٽ، استاد عبدالرحمٰن تنيو.

بيعت ۽ خلافت: تعليم دوران پير مٺا سائين جي فيض برڪت جون ڳالهيون ٻڌي سندن دل ۾ زيارت جو شوق پيدا ٿيو پوءِ پاڻ خليفه عبدالڪيم ڪليري صاحب سان گڏجي درگاهه رحمتپور لاڙڪاڻي ۾ پير مٺي سان بيعت ڪيائون. ڪجھ وقت اچڻ وڃڻ سان محبت جا پيچ اجا وڌيڪ مضبوط ٿي ويا ۽ آخر ۾ کين خلافت جي اجازت به عنايت ٿي.

تبليغ: پاڻ مرشدن جي حڪم سان صادق آباد ۽ رحيم يار خان تبليغ لاءِ ويا. ان کان علاوه سنڌ جي به مختلف شهرن ۽ علائقن ۾ دين جو پيغام پهچائيندا رهيا.

شاديون ۽ اولاد: پاڻ ٽي شاديون ڪيائون جن مان هڪ پٽ فقير نور بخش ۽ ٽي نياڻيون ٿيون. انهيءَ ئي ڳوٺ ۾ سڪونت پذير هيا ۽ تبليغ زور شور سان ڪيائون پنهنجي علائقي جي ماڻهن کي خليفه نور محمد صاحب جن ڏانهن ترغيب ڏيندا هيا. پاڻ گهڻو ڪري درگاهه غريب آباد لاڙڪاڻي ۾ مرشدن جي خاندان جي خدمت ۾ مصروف رهندا هيا.

سندن وصال: 2008ع ۾ آباڻي ڳوٺ ڪليري لڳ کهڙا ۾ ٿيو ۽ سندن آخري آرامگاهه به ڳوٺ جي قبرستان ۾ آهي.

92 هون خليفو:

حضرت خليفه
مولانا سبحان بخش روهڙي
رحمة الله عليه

مجمع الفضائل، احسن الخصائل، اجمل الشمائل حضرت خليفه سبحان بخش رحمة الله عليه صوفي باصفا عارف بالله حضرت غلام اللطيف قريشي رحمة الله عليه جا فرزند ارجمند هيا. سندن ذات قريشي هئي. امڙجي طرفان کين "**سوپارو**" جو لقب مليل هيو.

سندن نسب نامو



سندن ولادت : 1911ع روهڙي شهر جي پاٽولي محلي ۾ ٿي.

تعليم : پاڻ پرائمري جا ٽي درجا پڙهيائون پوءِ ديني تعليم ۾ عالم فاضل لوڪو شيخ روهڙي ۾ حاصل ڪيائون.

مشهور شاگرد: حاجي محمد عيسيٰ صاحب، امير محمد شيخ سبحاني، عبدالباقي قريشي ان کان علاوه سندن تمام گهڻا شاگرد هيا.

ديني خدمتون : روهڙي جي مشهور وعظ واري مسجد لڳ هڪ مدرسه سبحانيه رضويه قائم ڪيائون جنهن ۾ حضرت علامه مولانا مفتي منير الزمان فيصل آبادي مدرس طور مقرر ڪيائون. دين جي اشاعت ۽ خدمت لاءِ مختلف جڳهن تي مدرسا پڻ قائم ڪيائون جتي ديني تعليم ڏني ويجي ٿي. خليفه سبحان بخش وڏي صداقت ۽ محبت وارو هيو.

تصنيفات : پاڻ ذڪر جي متعلق غزل ۽ بيت لکيائون، جيڪي قلمي آهن.

پاڻ حضرت بيدل بيڪس جي ڪجهه ڪتابن جا ترجما ڪري انهن کي ڇپرايائون.

پاڻ "عربي گرامر" نالي هڪ ڪتاب لکيائون جيڪو قلمي آهي.

سندن سوانح حيات تي "سِرُ سبحاني بيدل ثاني" ڪتاب ڇپيل آهي.

بيعت : حضرت پير مٺا سائين رحمة الله عليه سان ڪئي هئائون. پنهنجي مرشد سان گڏجي حضرت خواجه فضل علي قريشي رحمة الله عليه جي زيارت لاءِ به ويندا هيا.

فيض و برڪت: پاڻ اهلِ دل هيا، صاحبِ ولايت هيا. جڏهن فقيرن کي توجه ڪندا هيا ته جماعت تي جذبو طاري ٿي ويندو هيو. ماڻهن کان دانهون رڙيون نڪري وينديون هيون. هڪ دفعي پاڻ مراقبي ۾ جڏهن مريدن کي توجه ڏنائون ته درگاهه جو خادم فقير سليمان بي اختيار ٿي ٻل ڏيندو زمين کان ڇت تي هليو ويو.

محفل سماع : خليفه سبحان بخش جي خاندان ۾ حضرت بيدل بيڪس سائين کان وٺي سماع ٿيندڙ هيو. پوءِ خليفه صاحب به ڪڏهن ڪڏهن محفلِ سماع ۾ ويهندا هئا. ان تي ڪن خليفن پير مٺا سائين رحمة الله عليه وٽ شڪايت ڪئي. پاڻ فرمايائون ته هن جو پيو به سلسلو به آهي، جنهن ۾ سماع ٻڌو ويندو آهي. ان ڪري هن کي منع نه ڪيو. پوءِ کين محفلِ سماع ۾ ويهڻ جي اجازت ڏنائون.

پير جو پيار: هڪ ڀيري حضرت پير مٺا سائين سفر ۾ هئا. پاڻ ٻيل گاڏي تي سوار هيا. جماعت پنڌ هئي. اوچتو سندن نظر خليفي سبحان بخش تي پئي. پاڻ فرمايائون هي شهري ماڻهو گهڻو هلي نہ سگهندا آهن. پوءِ کين سڏي پاڻ سان گڏ ويهاريائون. فرمايائون سبحان بخش پاڻ گادي وارا آهن پر هتي اسان وٽ فيض وٺڻ آيا آهن.

وعظ واري مسجد: شاهہ لطيف چوڪ روهڙي ۾ جامع ”وعظ واري مسجد“ آهي جتي حضرت پير قريشي ٽي ڀيرا آيا هئا. پير مٺا سائين رحمة الله عليه پنجاب کان سنڌ ايندا هيا يا سنڌ کان پنجاب ڏانهن ويندا هيا تہ اڪثر هن مسجد ۾ قيام ڪندا هيا. هن مسجد ۾ هر جمعي تي حضرت خليفہ سبحان بخش خطاب فرمائيندا هيا. جنهن ڪري مسجد جو نالو ”وعظ واري مسجد“ مشهور ٿيو.

محبوب جو محبوب: خليفہ صاحب بيان فرمائيندا هيا تہ : هڪ ڏينهن ٽپهري بعد حضرت پير مٺا سائين رحمة الله عليه جي محفل ۾ ويٺا هياسين تہ ڪجهہ خط آيا. فقير خط پڙهي رهيو هيو. هڪ خط خليفي حال واري بنگال مان لکيو تہ : ”مون کي خواب ۾ نبي ڪريم ﷺ جو ديدار ٿيو آهي. پاڻ فرمايائون مان الله جو محبوب آهيان. پير مٺو منهنجو محبوب آهي“.

اهو ٻڌي پاڻ ڏاڍا خوش ٿيا ۽ ديگ حلوي جي لهرايائون.

شادي ۽ اولاد: خليفي سبحان بخش رحمة الله عليه هڪ شادي ڪئي جنهن مان کين پنج پٽ ۽ چار نياڻيون ٿيون. پٽن مان 1. سائين غلام لطيف قريشي رحمة الله عليه 2. سائين عبدالله قريشي رحمة الله عليه

3. ڊاڪٽر قادر بخش قريشي رحمة الله عليه 4. سائين محمد محسن قريشي (سجاده نشين)

5. ميان واحد بخش قريشي (ڊي سي ايم واپڊا سکر)

محترم عبدالله قريشي رحمة الله عليه جو اولاد :

1. صاحبزاده علامہ مولانا محمد عبدالله قريشي روهڙي (خطيب واعظ واري مسجد)
2. صاحبزاده محمد عطاء الله قريشي (پرائمري ٽيچر روهڙي)
3. صاحبزاده محمد قدرت الله قريشي ڪراچي.

خليفہ صاحب جي وصال کان پوءِ سندن فرزند سائين عبدالله قريشي وعظ واري مسجد ۾ سندن وصال جي تاريخ (مهيني جي پهرئين تاريخ) تي محفل مقرر ڪئي، جيڪا اڄ تائين جاري آهي.

سندن سجاده نشين : پير طريقت رهبر شريعت حضرت محمد محسن قريشي سبحاني غفاري نقشبندي آهن. جيڪي والد جي سجاده نشيني سان گڏ درگاهه بيدل بيڪس جا به سجاده نشين آهن. پاڻ هن وقت دين جي بهترين خدمت ڪري رهيا آهن. پاڻ هر جمعي ۽ آچر جي ڏينهن مختلف جڳهن تي ديني مجلسون ڪندا رهندا آهن. هر ماه پهريون جمعو وڏن مجلس ٿيندي آهي. روزانو حلقو مراقبو به ڪرائيندا آهن. حضرت پير مٺا سائين ڪان ڪين ماه پهريون جمعو مليو هيو جيڪو اڄتائين ملهائيندا اچن ٿا.

سجاده نشين درگاهه بيدل بيڪس جو اولاد :

1. صاحبزاده محمد احسن قريشي عرف (سوپارو سائين)
2. صاحبزاده واحد نواز قريشي عرف (ارسل)
3. صاحبزاده حيدر بخش قريشي عرف (عدنان حسن)

سندن مرڪز : درگاهه بيدل بيڪس آهي. جتي ماهوار محفلِ ذڪر، مراقبو وغيره سلسله عاليه نقشبنديه غفاريه جي اشاعت لاءِ ماه پهريون جمعو ٿيندڙ آهي.

سندن خلفاءِ ڪرام : خليفه سبحان بخش رحمة الله عليه ڪجهه مريدن کي خلافت به ڏني هئي.

1. صاحبزاده محمد محسن : جيڪي هن وقت سجاده نشين آهن.

2. حاجي محمد عيسىٰ ميمڻ : پاڻ قريشي صاحب ۽ پير مٺا سان به صحبت ڪيائون. سيپٽمبر 1981ع ۾ وفات ڪري ويا .

3. خليفه مولانا امير محمد : پاڻ اصل بمبئي جا رهواسي هيا پوءِ روهڙي اچي رهيا. ڪجهه وقت لاڙڪاڻي ۾ پوسٽ ماسٽر ٿي هيا. ان دؤران اڪثر نمازون پير مٺا رحمة الله عليه جي پويان پڙهندا هيا. پوءِ سائين سبحان بخش سان گڏ روهڙي ۾ رهيا. اتان ڪين خلافت به ملي. اتي زندگي جا پساهه پورا ڪيائون. سندن مزار بيدل سائين جي مقام ۾ آهي.

وعظ واري مسجد

دربار بيدل بيڪس واري مسجد

مدرسه سبحانيه رضويه

مزار خليفه سبحان بخش

93 هون خليفو:

حضرت خليفہ
عبدالواحد پتو

صاحبِ روحانيت حضرت خليفہ عبد الواحد پتو ولد حاجي محمد موسيٰ پتو.

سندن ولادت : 1880ع ۾ ڳوٺ باگو پتو تعلقو ڏهرڪي ضلعو گهوٽڪي ۾ ٿي. ننڍپڻ پنهنجي ڳوٺ ۾ گذريو.

ديني تعليم : ڳوٺ لڪپور شريف تعلقو اوباوڙو ۾ حاصل ڪيائون.

استاد : سندن مشهور استاد مولوي علي شير ڪلهوڙو لڪپوري هيا. ان ڪان علاوه سندن چاچو ۽ سهرو فقير حاجي الهي بخش پتو بہ هيا.

سندن شاگردن : سندس صاحبزادو حاجي محمد موسيٰ پتو ۽ مولوي عبدالرحمان پتو.

حڪمت : پاڻ مشهور حڪيم پڻ هيا. علائقي ۾ حڪمت جي لحاظ کان گهڻا مقبول ۽ مشهور هيا.

حڪمت جو ڪتاب : پاڻ حڪمت تي هڪ قلمي ڪتاب پڻ لکيو هيائون جيڪو غير مطبوعہ آهي ۽ هن وقت گم ٿيل آهي.

بيعت : پهريائين ڪين حضرت فضل علي شاهہ صاحب کان خلافت مليل هئي. قريشي ڪريم جي وصال کان پوءِ پاڻ سائين پير مٺا سان بيعت ڪيائون ۽ ڪين خلافت بہ عطا ڪئي وئي هئي.

تبليغ : دين جي تبليغ ۽ ترويج لاءِ هر وقت ڪوشان رهندا هيا. خصوصاً ڳوٺ جي اندر ديني تعليم لاءِ هڪ مدرسو بہ قائم ڪيائون جتي قرآن شريف جي ناظره تعليم لاءِ پاڻ پتوڙيائون. سندن صاحبزاده حاجي محمد موسيٰ متوفي (1972) ۽ خاندان جا ٻيا فرد بہ ديني ڪم ۾ مشغول رهيا. مولوي عبدالرحمان پتو (متوفي 1974) عالم هجڻ سان گڏو گڏ زرگر جي ڌنڌي سان منسلڪ رهيا.

شاديون ۽ اولاد : ٻہ شاديون ڪيائون جن مان هڪ پٽ حاجي محمد موسيٰ ثاني تولد ٿيو.

سندن وصال : ڳوٺ باگو پتو ۾ 1953ع ۾ ٿيو. سندن مزار مبارڪ ڳوٺ جي قبرستان ۾ آهي.

94 هون خليفو:

حضرت خليفہ
خاوند بخش پتو
رحمة الله عليه

حضرت خليفہ خاوند بخش رحمة الله عليه جي والد جو اسم گرامي غلام محمد پتو هيو. جيڪو حافظ الملت حضرت حافظ محمد صديق رحمة الله عليه ڀرچونڊي شريف وارن جو مريد ۽ خاص خليفو هيو. 1875ع ۾ ڳوٺ جي موجوده جامع مسجد بہ سندس جوڙايل آهي. ڪيس مرشد ڪريمن سان والهانہ محبت هوندي هئي. مرشد جي محبت ۾ گم هوندا هيا. هڪ دفعي اهڙي ئي ڪيفيت ۾ هيا جو ظهر جي اذان ڳوٺ باگو پتو ۾ ٻڌائون. جڏهن مرشدن جي ياد آين تہ چند ئي لمحن ۾ ڀرچونڊي شريف پهچي ظهر جي نماز درگاهہ ڀرچونڊي ۾ مرشد جي اقتدا ۾ ادا ڪيائون. سندن اهو حال ڏسي مرشد فرماين تہ "خليفہ صاحب شريعت جون حدون تہ نہ اورانگهيو، ماڻهو ڇا چوندا."

ڳوٺ باگو پتو: سندن ڏاڏو پاڳيو خان پتو عرف "باگو پتو" پنجاب جي راوي چناب جي علائقي ڪان راجا رنجيت سنگهہ جي ڏينهن ۾ لڏي آيو هيو ۽ هي ڳوٺ آباد ڪيائين جيڪو هن وقت سندس نالي جي نسبت سان "**باگو پتو**" مشهور آهي.

ولادت با سعادت: حضرت خاوند بخش رحمة الله عليه 1900ع ۾ ڳوٺ باگو پتو ۾ ڄاوا. ننڍپڻ ڳوٺ باگو پتو ۾ گذاريائون.

تعليم: ابتدائي تعليم پنج درجا پنهنجي ڳوٺ ۾ حاصل ڪيائون.

بيعت: پير مٺا سائين ڪان اڳ حضرت فضل علي شاهہ قريشي جن جا مريد هيا. مرشد جي وصال ڪان پوءِ پير مٺا سان بيعت ڪيائون ۽ خلافت بہ عطا ٿين. پاڻ ڇئن بزرگن جي صحبت ڪيائون. 1. حضرت پير قريشي 2. پير مٺا سائين 3. حضرت خواجہ خليل الرحمٰن 4. حضرت مظهر جان جانان رحمة الله عليهم اجمعين.

عاجزي: پير مٺا سائين قريشي ڪريم وٽ ويندا هيا تہ باگي پٽي جي جماعت کي ساڻ وٺي ويندا هيا. پاڻ پويان ٿيندا هيا.

مرشد جو در: پاڻ انگريزن جي دؤر ۾ ٽيليفون ۽ ٽيليگراف کاتي ۾ ڪم ڪندا هيا. خلافت ملڻ کان پوءِ دنيا جا سڀ لاڳاپا لاهي پنهنجي پير و مرشد جي خدمت ۾ گذارڻ شروع ڪيائون ۽ آخر دم تائين پنهنجي پير جي صحبت ۾ رهيا. پاڻ مرشد جا سچا خادم ۽ عاشق هيا. پنهنجي سڄي زندگي دين جي خدمت لاءِ وقف ڪري ڇڏيائون ۽ مرشدن ڪريمن جي فرمان تي ثابت قدم رهيا. پير مٺا سائينجن جي وصال کان پوءِ پنهنجي ڳوٺ ۾ اچي ڳوٺ جي جامع مسجد جي امامت ۽ سار سنڀال پنهنجي وصال تائين ڪندا رهيا.

شادي ۽ اولاد: پاڻ هڪ شادي ڪيائون. کين هڪ نياٽي ٿي.

وصال: 01-9-1982 تي ٽنگ جي تڪليف سبب ٻہ مهينا بيمار رهيا. آخر پاڻ هن فاني جهان مان 07-11-1982 بمطابق 20 محرم 1403ھ تي 10:00 بجي لاڏاڻو ڪري پنهنجي رب سان مليا. سندن مزار باگي پٽي ۾ جامع مسجد جي ڪاپي طرف آهي.

هن وقت سندس ڀائٽيو حاجي محمد هاشم پٽو صاحب پنهنجي علائقي جي مشهور سماجي شخصيت ۽ پاڪستان پيپلز پارٽي تعلقي ڍرڪي جو صدر آهي. پنهنجي سموري زندگي خليفہ صاحب جي خدمت ڪيائين.

سجاده نشين: خليفہ صاحب پنهنجي پويان حاجي محمد هاشم جي نياٽيَ ۽ ڀائيٽيَ فقير عبدالڪريم جي لخت جگر فقير غلام محمد پٽو جي حوالي ڪيائون جيڪو خليفہ صاحب سان ننڍپڻ کان وٺي سندن رفاقت ۾ هوندو هيو. فقير غلام محمد اڄ ڏينهن تائين درگاهہ رحمتپور شريف سان وابستہ آهي. جڏهن پير مٺا سائين جو وصال ٿيو تہ ان وقت سندن عمر 10 سال هئي. کين درگاهہ شريف تي خلفاءِ ڪرام ۽ فقيرن وجداني ڪيفيتون ٻہ ياد آهن. حضرت جان جانان رحمت الله عليہ کين علائقي جي جماعت جو امير بنايو هيو. خليفہ صاحب پنهنجي حياتي مبارڪ جي آخري ايام ۾ طبيعت ناساز هئڻ سبب نماز جي امامت کان قاصر رهيا. انهن ڏينهن ۾ فقير غلام محمد مدظلہ العالي کي پنهنجي مصلي تي بيهاريائون ۽ پنهنجو سجاده نشين پڻ مقرر ڪيائون.

95 هون خليفو:

حضرت خليفہ
محمد ابراهيم جهتيال
رحمة الله عليه

عالمِ باعمل، مقرر بي بدل حضرت مولانا محمد ابراهيم رحمة الله عليه. پاڻ تقرير جي فن ۾ وڏي مهارت رکندا هئا. مجمعہ کي جيئن چاهيندا هئا گهمائي ڇڏيندا هئا. انکري عوام ۾ پاڻ مولوي واچوڙو جي لقب سان مشهور هئا.

ولادت: پاڻ ڳوٺ عالماڻي تعلقہ ڏوکري ضلع لاڙڪاڻي ۾ ڄاوا. ننڍپڻ بہ اباڻي ڳوٺ ۾ گذاريائون.

تعليم ۽ تربيت: پاڻ سنڌي فائينل پاس ۽ عالم فاضل هيا. فارغ التحصيل ٿيڻ کان پوءِ مدرسي ۾ پڙهائيندا هيا. پاڻ سنا عالم ۽ بهترين مقرر بہ هيا. سهڻا سائين رحمة الله عليه سان گڏجي پير مٺا سائين رحمة الله عليه سان وڃي بيعت کيائون. سندن لياقت ۽ قابليت کي ڏسي پير مٺا کين خلافت ڏني.

صورت ۽ سيرت: پاڻ صورت جا سهڻا ۽ نيک سيرت هيا. وڏيون تکليفون برداشت کري پري پري علائقن ۾ وڃي دين جو پيغام پهچائيندا رهيا. مرشدن سان والهانہ محبت ۽ عقيدت رکندا هيا.

شاديون ۽ اولاد: پاڻ ٻہ شاديون کيائون. کين هک پٽ فقير برکت علي ۽ چار نياڻون ٿيون.

سندن سجاده نشين: سندن پوٽو مولوي محمد علي طاهري آهي. جيکو هن وقت پنهنجي ڳوٺ ۾ تبليغ جو کم سرانجام ڏئي رهيو آهي.

وصال: پاڻ چوڏهين صدي هجري جي پڇاڙکن سالن ۾ هن فاني دنيا مان لاڏاڻو کري ويا. سندن مزار مبارک ڳوٺ جي جامع مسجد جي پير ۾ آهي. جتي سندن ساليانو عرس مبارک بہ شايان شان نموني سان ملهايو ويندو آهي.

96 هون خليفو:

حضرت خليفه
الله ورايو ڀير
رحمة الله عليه

حضرت خليفه الله ورايو ڀير ولد رسول بخش ڀير جي ولادت ڳوٺ عرضي ۾ ٿي.

تعليم: سنڌي پنج درجا ۽ ابتدائي ديني تعليم پنهنجي ڳوٺ ۾ پڙهيا. بعد ۾ ڪجهه سببن ڪري پنهنجي اباڻي ڳوٺ کي الوداع چئي ڳوٺ ڪرمپور ٺهيم ڳڙهي خيرو ۾ سڪونت پذير ٿيا.

بيعت ۽ خلافت: ڪين ڪامل مرشد جي تلاش هوندي هئي پوءِ پير مٺا سائين رحمة الله عليه جي ساراهه ٻڌي درگاهه رحمتپور شريف پهتا. سندن روحاني رنگ ڏسي ڏاڍو متاثر ٿيا ۽ پير سائين جن سان بيعت ڪيائون ۽ دل مرشد جهڙي حوالي ڪيائون. حضرت صاحب جن به ڪين محبت ڀرين نظرن سان ڏسندا هيا. پاڻ ڪڏهن به يارهين شريف قضا نه ڪيائون. هر يارهين شريف جي موقعي تي نه صرف پاڻ ويندا هيا پر پنهنجي جماعت کي به وٺي ايندا هيا. سندن محبتن، ڪاوشن ۽ خلوص کي ڏسندي مرشد ڪين خرقه ۽ خلافت سان نوازيو. حضرت پير مٺا سائين رحمة الله عليه جي وصال بعد سهڻا سائين پوءِ سچڻ سائين جي بيعت ٿيا.

تبليغ جو جذبو: دين جي رستي ۾ پاڻ وڏي جاکوڙ ڪيائون. ڪيترن ئي ڳوٺن، واهڻن وستين بستين ۾ هلي وڃي جاهلن ۽ بي دين ماڻهن کي شريعت ۽ سنت جو پيغام پهچايائون. پنهنجي روحاني رهبر جي حڪم سان مدئجي لڳ پنهور ۾ رهي تبليغ شروع ڪيائون. ڪافي علائقن ۾ تبليغ ڪيائون جيئن مدئجي، شڪارپور، سکر، ڳڙهي خيرو، همايون شريف، آباد، جيڪب آباد، ميران پور، اوسته محمد، جهٽ پٽ وغيره ۾ شب روز رسولِ اڪرم صلي الله عليه وسلم جي دين جو پيغام پهچائڻ ۾ پاڻُ پتوڙيائون. ڪنهن جي طعني مهڻي جو بلڪل ڊپ نه ڪيائون.

شاعريءَ جو شوق: پاڻ سٺا شاعر بہ هيا. ڪافي منقبتون بہ ناهيائون. سندن شاعري جو مواد قلمي آهي. جيڪو اجا اشاعت ۾ اچي نہ سگهيو آهي.

دين خاطر هجرتون : پير مٺا سائين ﷫ جي وصال ڪان پوءِ بہ ڪجهہ عرصو مدئجي ۾ رهيا. بعد ۾ سهڻا سائين سان بيعت ڪيائون ڪين سهڻا سائين خلافت بہ ڏني. پوءِ مدئجي کي ڇڏي شڪارپور ۾ رهيا. مرشدن جي حڪم سان وري اتان هجرت ڪري فقيرپور راڏڻ ۾ سڪونت پذير ٿيا. حياتيءَ جا باقي ڏينهن اتي ئي بسر ڪيائون.

وصال : هڪ دفعي تبليغ لاءِ ڳڙهي ياسين جي علائقي ۾ آيا تہ سندن طبيعت ناساز ٿي پئي. جڏهن ان جي خبر سندن صاحبزاده فقير عبدالوهاب کي پئي تہ ڪين وٺي ڳڙهي خيرو ۾ آيا. اتي سندن علاج ڪرايائون. خليفہ صاحب فرمايو تہ علاج ۾ ڪو بہ فائدو ناهي، هاڻي اسان جي وڃڻ جا ڏينهن آهن. ڪجهہ ڏينهن ڪان پوءِ سندن وصال ڳڙهي خيرو ۾ 08 صفر 1418هہ بمطابق 14 جون 1997ع ۾ ڇنڇر ڏينهن ٻين بجي ٿيو.

سندن نمازِ جنازه خليفہ خليل احمد راهوجو صاحب شڪارپور واري پڙهائي. سندن مزار شريف مقيم شاهہ قبرستان ڳڙهي خيرو ۾ آهي.

شاديون ۽ اولاد : پاڻ بہ شاديون ڪيائون. ڪين ڇهہ پٽ ۽ چار نياڻيون ٿيون.

1. مرحوم عبدالحليم 2. فقير عبدالوهاب، ڳڙهي خيرو. 3. غلام رسول، ڳڙهي خيرو.
4. مولوي غلام ياسين، ڳوٺ داؤد لڳ ڳڙهي خيرو 5. مولوي ظهور احمد، روجهاڻ جمالي.
6. محمد سليم، ڳڙهي خيرو.

سجاده نشين : سندن پهريون نمبر فرزند ارجمند فقير عبدالوهاب آهي. جيڪو پڻ دين جي اشاعت ۾ مصروف آهي. جماعت جي سارسنڀال ڪندڙ آهي. اڄ ڏينهن تائين درگاهہ الله آباد ڪنڊيارو ۾ سندس اچڻ وڃڻ ٿيندو رهندو آهي. پاڻ بہ شاديون ڪيون اٿس جن مان کيس بہ پٽ هڪ نياڻي ٿي آهي.

1. مشتاق احمد، ڳڙهي خيرو 2. معشوق علي، ڳڙهي خيرو.

97 هون خليفو:

حضرت خليفه
حافظ ڪريم بخش بلوچ

اعليٰ همت، صاحبِ استقامت، صاحبِ زهد و رياضت، صاحبِ نورِ فراست حضرت حافظ ڪريم بخش رحمة الله عليه پاڻ موضع ڪڪس بستي بلوچان اچ شريف احمد پور شرقيه ضلع بهاولپور جا رهواسي هئا. نقشبندي سلسلي ۾ پاڻ پهريائين حضرت فضل علي قريشي رحمة الله عليه جي بيعت ڪئي هئائون. سندن وصال ڪان پوءِ حضرت پير مٺا سائين رحمة الله عليه جي بيعت ڪيائون. پاڻ اڪثر حافظ نور احمد، احمد پور شرقيه واري سان گڏ هوندا هيا.

باطني امانت : هڪ ڏينهن حضرت پير مٺا سائين رحمة الله عليه فجر جي نماز ڪان پوءِ مولوي ڪريم بخش ۽ مولوي حبيب الرحمٰن کي فرمايو ته اڄ رات خواب ۾ مونکي پير قريشي صاحب رحمة الله عليه جي زيارت ٿي آهي پاڻ اوهان ٻنهين بابت فرمايو اٿن ته اوهان ٻنهين جي وٽن جيڪا امانت هئي سا اوهان کي عنايت ڪئي اٿن. فرمايو اٿن ته اوهان ٻئي چئن مهينن لاءِ لورالائي، ڊيره غازي خان، تونسه شريف، اپوزئي، فورٽ منرو وچي تبليغ ڪيو.

خدمت ۽ خلافت : پاڻ حضرت فضل علي قريشي صاحب رحمة الله عليه جي خدمت ۾ اٺتيه سال رهيا. ان ڪان پوءِ چوڏهن سال پير مٺا سائين رحمة الله عليه جي خدمت ڪيائون. پير مٺا سائين جڏهن پنجاب مان هجرت ڪري سنڌ آيا ته اتي حافظ ڪريم بخش صاحب کي خلافت عطا فرمائي ۽ پنهنجو قائم مقام بنائي عاشق آباد شريف رهائي آيا هئا. خليفو صاحب اتي دين جي خدمت سرانجام ڏيندو رهيو. خلافت ڪان پوءِ تيرهن سال عاشق آباد ۾ ٻه سال ٽنواري ۾ گذاريائون. سندن آواز تمام دلڪش هوندو هيو. پاڻ پير مٺا سائين جو ڪلام جڏهن ترنم ۽ تغنم سان پڙهندا هيا ته مجلس مٿان ڪيف طاري ٿي ويندو هيو.

سوال نہ ڪيائون : پاڻ ڏاڍا مسڪين هئا. پر ان جي باوجود تمام سخي هيا. ڪڏهن بہ ڪنهن کان سوال نہ ڪيائون. جو ڪجهہ بنا گهرڻ جي مليو ان جو اڪثر حصو خيرات ڪري ڇڏيندا هئا. پاڻ پوري عمر پنهنجي مرشد جي نقش قدم تي هليا.

وصال : عاشق آباد کان پوءِ پنهنجا آخري ڏينهن چڪ نمبر ڇهہ ٿنواري اسٽيشن جي ڀرسان رهيا. حضرت صاحبزاده خواجہ خليل الرحمن پندرهن چڪ، لياقت پور ۾ تبليغي دوري تي آيا تہ خليفہ خدا بخش کين دعا لاءِ ٿنواري وٺي آيو. ان کان صرف اٺ ڏينهن پوءِ 04 اپريل 1972ع تي خليفي صاحب جو وصال ٿي ويو.

شادي ۽ اولاد : پاڻ هڪ شادي ڪيائون جنهن مان کين چار پٽ ۽ ٻہ نياڻيون ٿيون. سندن نياڻي فيض بيبي اڳ ئي وفات ڪري وئي. ٻي نياڻي زينب بيبي سندن وصال کان پوءِ وفات ڪري وئي ۽ ٽين حيات آهي. سندن فرزندن جا نالا هن طرح آهن :

1. محمد افضل 2. مولانا محمد اڪبر جيڪو چني ڳوٺ جي ڀرسان رهائش پذير آهي. 3. حافظ عطاء الرحمن، اڇ شريف 4. قاري محمد اسماعيل جيڪو راولپنڊي ۾ رهي ٿو.

سندن سجاده نشين : جناب مولانا محمد افضل آهي. جيڪو پڻ خدمتِ دين ۾ مصروف آهي. پاڻ هڪ شادي ڪئي اٿس. کيس ٽي پٽ پنج نياڻيون آهن. 1. محمد اسلم 2. محمد اڪرم 3. محمد ارشد . سندن ٽئي فرزند موضع ڪڪس ۾ سڪونت پذير آهن. خليفي صاحب جي ننڍي پٽ حافظ عطاءُ الرحمان ٻڌايو تہ پاڻ پنهنجي والد محترم سان گڏ هڪ ڀيري عرس مبارڪ جي موقعي تي رحمتپور ويل هيا. اتي صبح جو ختم شريف هميشہ حافظ نور محمد آرائين احمد پور شرقيہ وارا پڙهندا هيا. جڏهن اتفاقاً حافظ صاحب عرس مبارڪ تي نہ ايندا هيا تہ پير مٺا سائين سندن ڪنهن نہ ڪنهن شاگرد کان ختم شريف پڙهائيندا هيا پر ان موقعي تي نہ حافظ صاحب موجود هيا ۽ نہ ئي سندن ڪو شاگرد موجود هيو. پوءِ مٺا سائين منهنجي والد کان منهنجي باري ۾ پڇيو. پاڻ ساري حقيقت بيان ڪيائون. پوءِ پير مٺا سائين مون کي (حافظ عطاءُ الرحمن) کي پنهنجي پر ۾ ويهاري ختم شريف پڙهايو. ان وقت مونکي ڏهہ سيپارا حفظ ٿيل هيا. ختم شريف جي دعا پير مٺا سائينجن پاڻ گهري.

98 هون خليفو:

حضرت خليفہ

حافظ خدا بخش وريا

رحمة الله عليه

شريعت تي عامل، طريقت ۾ ڪامل، معرفت ۾ شاغل، مقربين ۾ شامل محترم خليفہ حافظ خدا بخش وريا ولد حافظ محمد اسماعيل رحمة الله عليه جي ولادت 1925ع ڏاها خيرپور تحصيل احمد پور شرقيہ، ضلع بهاولپور ۾ ٿي. پاڻ "**اللّٰه وارو**" جي لقب سان مشهور هيا.

تعليم: پاڻ حافظِ قرآن ۽ عالمِ دين هيا. سندن ڪافي شاگرد هيا. سندن گفتار علمي ۽ صوفيانہ هوندي هئي. جيڪو هڪ دفعو ساڻن ملندو هيو اهو سندن گرويده ٿي ويندو هيو.

بيعت ۽ اصلاح احوال: پهريائين سندن گهڻو لاڙو ديوبنديت جي طرف هيو پر پوءِ جڏهن حضرت پير مٺا سائين رحمة الله عليه جي خدمت ۾ آيا ۽ سندن بيعت ڪيائون تہ مرشد جي نظرِ ڪرم سان سندن ذهني ڪيفيت بدلجي وئي ۽ پاڻ عقائدِ اهلسنت مٿان ڪاربند ٿي ويا.

مرشد سان محبت ۽ خلافت: پاڻ پنهنجي پير سان والهانہ محبت ڪندا هيا. اهو ئي سبب هيو جو پاڻ هر لمحي مرشد جو تذڪرو ڪندا رهندا هيا. سندن نسبت درگاهہ رحمتپور شريف سان مرڻ گهڙي تائين قائم رهي. پاڻ اڪثر پنهنجي اولاد کي بہ هدايت ڪندا هيا تہ "مرشد جو دروازو ڪڏهن بہ نہ ڇڏجو." مرشدن جي بہ مٿن خصوصي مهر هئي. ڪين پنهنجي قرب و محبت جي ڇانؤ ۾ رکيائون ۽ کين 1955ع ۾ خلافت ڏنائون.

سندن مرڪز: مريدن جي گهڻي اصرار تي پاڻ 1960ع ۾ بهاولپور جي هڪ ڳوٺ جهانگي والا ۾ هجرت ڪيائون ۽ اتي هڪ ديني مرڪز "ڪرمپور شريف" جو بنياد وڌائون. جنهن ۾ سندن اهل و عيال کان علاوه خاص مريد بہ رهندا هيا. ڪرمپور شريف ۾ هڪ جامع مسجد ۽ هڪ مدرسو بہ قائم ڪيائون.

اتي درس نظامي جو سلسلو بہ شروع ڪيائون. جيڪو هڪ عرصي تائين هلندو رهيو. هن مرڪز ۾ پاڻ هر مهيني يارهين شريف جي محفل منعقد فرمائيندا هيا. ان کان علاوه سالانہ عرس بہ ٿيندو هيو.

سندن شاعري: جڏهن حضرت پير مٺا سائين ﷫ وصال ڪري ويا تہ سندن جدائي جي صدمي سندن اندر جا چاڪ چوري ڇڏيا ۽ ان فراقي ڪيفيت کين شاعر بنائي ڇڏيو. پاڻ شعر ناهي فقيرن کي پڙهي ٻڌائيندا هيا. ڪڏهن ڪڏهن پٽين تي بہ شعر لکندا هيا. نموني طور سندس هڪ شعر پيش آهي:

ڈسا جانی مہربانی کڈاہیں تھیسے یا نہ تھیسے

ڈسا جانی مہربانی کڈاہیں تھیسے یا نہ تھیسے
تے ول پنجاب آوݨ دی، مونڈھی قسمت جگاوݨ دی۔
بدل رحمت وساوݨ دی، موسم تھیسے یا نہ تھیسے،
اساں محض نمانڑیں ہیں، وانگو پوبند کماڑیں ہیں،
عقل دے وڈو ہگانڑیں ہیں، بھلائی تھیسے یا نہ تھیسے،
مدت گذری گھنیری ہے، نہ پاتی یار پھیری ہے،
ڈیکھاں کاوڑ اے کھڑی ہے،ٹھنڈی تھیسے یا نہ تھیسے،
میں ہاں پنجاب دی باندی، ڈُکھاں توں پل نہیں واندی،
سنگیاں سیاں نہیں بھاندی، رہائی تھیسے یا نہ تھیسے،
خضر جیڈی عمر ہووئی، تے نت شاہی امر ہووئی،
موتیں جڑی کمر ہووئی، چھڑی تھیسے یا نہ تھیسے،
بھی ہتڑ ڈس ونجو کنتے، کالی روہی رہوں جنتے،
بیٹھے رہوں تھی بے جنتے، شنوائی تھیسے یا نہ تھیسے،
اساں پتڑیں وڈیرے ہیں، کریندے اتھ بسیرے ہیں،
نہ تھیندے محض پریرے ہیں، امر تھیسے یا نہ تھیسے،

شاديون ۽ اولاد : خليفہ صاحب تي شاديون ڪيون. ٻہ پنهنجي خاندان مان ۽ هڪ خاندان کان ٻاهر. ڪين نَو پٽ ۽ چوڏهن نياڻيون ٿيون.

سندن فرزند :

1. محمد حسين احمد 2. نذير احمد 3. محمد واجد 4.محمد عبدالرب غفاري. 3. محمد عبدالحميد غفاري 5. محمد عبدالصمد غفاري 6. محمد ارشد خامر قادري. 7. محمد اسعد 8. محمد امجد 9. محمد احمد.

وفات حسرتِ آيات : پاڻ 04 محرم الحرام مطابق 1993ع عوامي ڪالوني بدرشير ۾ لاڏاڻو ڪري هميشہ لاءِ پنهنجي رب سان وڃي مليا.

سندن مزار شريف: معروف قبرستان ڏاها خيرپور، احمد پور شرقيہ ضلع بهاولپور ۾ آهي. هر سال 04 محرم الحرام تي بستي ڪرمپور شريف ۾ سندن سالانہ عرس ٿيندو آهي.

سندن سجاده نشين : صاحبزاده محمد عبدالرب غفاري ٿيا. پاڻ ابتدائي تعليم پنهنجي والد گرامي کان حاصل ڪيائون. ان کان پوءِ ديني تعليم عربي ۽ فارسي جامعہ انوار العلوم ملتان ۾ غزالي زمان وٽ پڙهيا. دوره حديث جامع اويسيہ رضويہ بهاولپور ۾ حضرت مفتي محمد فيض احمد اويسي مدظلہ العالي وٽ پڙهيا. ان کان علاوه ايم اي (اسلاميات) بہ ڪيائون. والد صاحب جي حياتي ۾ پاڻ پندرهن سال درگاهہ رحمتپور شريف لاڙڪاڻي ۾ مدرس طور خدمتون سرانجام ڏيندا رهيا. والد صاحب جي وصال کان پوءِ پاڻ بستي ڪرمپور لڳ بهاولپور ۾ اچي سڪونت اختيار ڪيائون ۽ اتي ئي هڪ ديني درسگاهہ جو پڻ بنياد وڌائون جنهن ۾ پاڻ خود بہ تعليم جي فروغ لاءِ ڪوشان رهيا.

سندن وصال: پهرئين محرم الحرام 1420هہ آچر جي ڏينهن بستي ڪرمپور ۾ ٿيو. سندن مزار ڳوٺ ڏاها خيرپور (لڳ احمد پور شرقيہ) ۾ والد صاحب جي مزار سان گڏ آهي.

سجاده نشين ثاني: صاحبزاده محمد ارشد خامر قادري صاحب جن آهن. جيڪي دين جي خدمتن ۾ مصروف آهن. ابتدائي اسباق والد کان ورتائون. درسِ نظامي مدرسہ سعيديہ غوثيہ سيٽلائيٽ ٽاؤن، بهاولپور مان حاصل ڪيائون. پوءِ جامعہ اويسيہ رضويہ ۾ دوره حديث حضرت فيض احمد اويسي دامت برڪاتهم وٽ 1980ع ۾ ڪيائون.

99 هون خليفو:

برهان الرشيد تذكرة خليفة محمد سعيد

حضرت خليفہ
محمد سعيد احمد
رحمۃ اللہ علیہ

غـوّاصِ بحرِ معرفت، رهبرِ راهِ انابت، تاجدارِ كرامت، عالمِ رباني، عارفِ سبحاني، حضرت خليفہ محمد سعيد احمد چنڙ رحمۃ اللہ علیہ . پاڻ حضرت پير مٺا سائين رحمۃ اللہ علیہ جا نياڻا ۽ سندن منظورِ نظر هئا. سندن سلسلہ نسب حضرت چنڙ پير رحمۃ اللہ علیہ سان وڃي ملي ٿو، جيڪو هڪ ڪامل اڪمل ولي ٿي گذريو آهي. سندن طبيعت ۾ سادگي سمايل هئي. جڏهن مريدن کي توجهہ ڏيندا هيا تہ ماڻهو وجد ۾ اچي ويندا هيا ۽ اها وجداني ڪيفيت انهن مٿان ڪيترن ئي ڏينهن تائين رهندي هئي. سندن باري ۾ خود پير مٺا سائين فرمائيندا هيا تہ اگر منهنجي جماعت ۾ ڪنهن کي سالڪ مجذوب ڏسڻو هجي تہ مولوي محمد سعيد کي ڏِسي وٺي. پڻ پاڻ فرمائيندا هيا تہ مجذوب اهو آهي، جيڪو ڪنهن شيءِ جو ارادو ڪري تہ الله تعاليٰ ان کي ڏئي ڇڏي ۽ اها خوبي خليفي صاحب ۾ هئي.

پير سائين جن فرمائيندا هئا تہ : ”محمد سعيد صاحبِ ڪشف آهي، مٿس جيڪي قلبي واردات ٿين ٿيون سي سراسر سچ هونديون آهن“.

سندن ولادت : پاڻ جلال پور پير والا موضع بستي لنگر شريف ۾ حضرت مولانا غلام مصطفيٰ رحمۃ اللہ علیہ جي گهر تولد ٿيا. جيڪو نيڪ سيرت ۽ عالم با عمل هيو. سندس ڀيڻ بيبي رقيہ حضرت پير مٺا سائين رحمۃ اللہ علیہ جي زوجہ محترمہ هئي. ڪيس ٽي پٽ هئا.

1. حضرت خليفہ محمد سعيد احمد رحمۃ اللہ علیہ .
2. حضرت سائين مولانا غلام فريد رحمۃ اللہ علیہ والد حضرت سائين محمد ديده دل.
3. مولانا غلام رشيد.

حليو مبارڪ : سندن رنگ ڪڻڪائون، قد درميانو ۽ متوازن هيو. اکيون وڏيون ۽ حسين، پيشاني ڪشادي جنهن تي هر وقت انوار ۽ تجليات جو مينهن وسندو رهندو هيو. نڪ مبارڪ ڊگھو، سفيد ريش جيڪا سندن سيني کي پيري چڙهيندي هئي.

لباس مبارڪ: سفيد قميص ۽ گوڏ پڌندا هيا. اڇي رنگ جو پٽڪو پڌندا هيا. سيءَ جي موسم ۾ جوراب بہ پائيندا هيا.

تعليم : پاڻ مختلف شهرن مان ديني تعليم حاصل ڪيائون. ڪجھ قارين کان قرائت بہ سکيا. ذهني صلاحيت سٺي هئڻ ڪري پاڻ ٿوري ئي عرصي ۾ فارغ التحصيل ٿيا. سندن ناميارن استادن ۾ حضرت خليفہ مولانا محمد صالح پٽو نعيمي غفاري رحمۃ اللہ علیہ جو نالو سرِفهرست آهي. جن وٽ پاڻ دورهءِ حديث پڙهيا هئا.

پير قريشي جي زيارت : پاڻ فرمائيندا هيا تہ جڏهن منهنجي عمر تقريباً ڏھ سال هئي تہ مون هڪ دفعي حضرت خواجہ محمد فضل علي قريشي قدس سره جي زيارت ڪئي هئي.

بيعت ۽ خلافت : پاڻ حضرت پير مٺا سائين قدس سره سان بيعت ڪيائون ۽ تقريباً 30 سال سندن صحبت کان فيضياب ٿيندا رهيا. سندن محبت ۽ محنت، خلوص ۽ صداقت کي ڏسندي پير مٺا سائين کين خلافت ڏني. مرشدن کين درگاھ شريف تي امامت ڪرڻ جو شرف بہ بخشيو هيو. پاڻ سخي مهمان نواز ۽ فياض هئا. سندن شمار پير مٺا سائين رحمۃ اللہ علیہ جي صفِ اول جي خليفن ۾ ٿئي ٿو.

هجرتون ۽ آخري قيام گاھ: پاڻ پير مٺا سائين رحمۃ اللہ علیہ جي وصال بعد دربار غريب آباد شريف لاڙڪاڻي ۾ مقيم رهيا. پوءِ اتان دين جي خاطر پنجاب طرف هجرت ڪيائون ۽ پوءِ پير مٺا سائين جي سنت ادا ڪندي گھڻين جاين تي نقل مڪاني ڪندا رهيا. جتي بہ رهندا هئا اتي خلقِ خدا کي دين جو رنگ لائيندا ويندا هيا. سڀ کان آخر ۾ پاڻ ملتان شريف ۾ برار ٽائون جي قريب ڪالرو ڪالوني ۾ جگھہ خريد ڪري اتي رهيا. تانجو زندگي جا ايام اتي گذاريائون. پاڻ سنڌ ۾ هئا تہ سنڌ جي مختلف علائقن ۾ تبليغ ڪرڻ کان علاوه پنجاب ۾ بہ تبليغ لاءِ ويندا هئا. وري جو پنجاب ۾ رهيا تہ اتي مختلف علائقن ۾ تبليغ ڪرڻ سان گڏ سنڌ جي علائقن خصوصًا ڪراچي ۾ تبليغ ڪندا رهندا هيا.

مرزائي مسلمان ٿي ويو: ڄام پور تحصيل ۾ مرزائي مذهب جو هڪ شخص غلام نبي رهندو هيو. ڪافي عالمن ۽ مولوين جي تقريرن ۽ نصيحتن جو هن تي ڪو به اثر نه ٿيو ۽ هُو پنهنجي مذهب تي مضبوط رهيو. هڪ دفعي جڏهن خليفه محمد سعيد صاحب جن تبليغ لاءِ اتي آيل هيا ته ان شخص کي سندس پاڻ سندن خدمت ۾ وٺي آيو. پاڻ ان سان ڪجهه ڪچهري به ڪيائون ۽ ان کي باطني توجهه ڏنائون. غلام نبي عرض ڪيو ته سائين مونکي اجازت ڏيو ته مان ٿوري دير ۾ واپس اچان ٿو. پوءِ گهر وڃي غسل ڪري، پاڪ ڪپڙا پائي واپس سندن خدمت ۾ آيو. عرض ڪيائين مان سچي دل سان مسلمان ٿيڻ چاهيان ٿو. مون کي ڪلمو پڙهائي اسلام جي دائري ۾ داخل ڪريو ۽ اِهو وعدو ڪيو ته جڏهن مان مري وڃان ته منهنجي جنازي نماز توهان پڙهائيندا.

پاڻ ان جي خواهش کي قبول فرمايائون. پوءِ اهو مرزائي مسلمان ٿي بيعت ٿيو ۽ صادق مريد ثابت ٿيو. فرضي نماز کان علاوه تهجد ۽ ذڪر فڪر ۾ مصروف ٿي ويو. هي اُهو ئي ماڻهو هيو جنهن پنهنجي زندگي جا پهريان سٺ سال ڪفر ۾ گذاري ڇڏيا پوءِ رب جي فضل سان الله واري جي صحبت ۾ اچي، هن فاني دنيا مان ايمان جي دولت سان رخصت ٿيو. وعدي مطابق سندس جنازي جي نماز خليفه صاحب پاڻ پڙهائي.

ڪشفِ احوال ۽ دعا جي قبوليت: خليفي حبيب الرحمان جي صاحبزادي محترم محمد مسلم صاحب ٻڌايو ته هڪ دفعي اسان جي علائقي سنانوان ۾ مسلسل آٺ ڏهه ڏينهن مِينهن وسندو رهيو. ماڻهن جا گهر لُڙهي ويا، سامان ٻڏي ويا، هر طرف پاڻي ئي پاڻي نظر پي آيو. ماڻهن خيراتون ڪيون، مسجدن ۾ اذانون ڏنيون ويون پر مِينهن بند نه پي ٿيو. آخر مون هڪ خط فقير محمد رمضان جي هٿان سائينجن ڏانهن موڪليو. انهن ڏينهن ۾ پاڻ ڊيره غازي خان چنگي واري درگاهه تي سڪونت پذير هيا. جڏهن اهو فقير سندن خدمت ۾ حاضر ٿيو. پاڻ خط پڙهڻ کان اڳي ئي فرمايائون مِينهن کان تنگ ٿي پيا آهيو، ڇئو ته دعا گهرون. پوءِ پاڻ دعا جا هٿ کنيائون. فرمايائون انشاء الله مينهن بند ٿي ويندو. هيڏهون سندن دعا جا هٿ کڻڻ هوڏهون مينهن جو بند ٿي وڃڻ. مولاءِ روم سچ فرمايو آهي:

اولیا راہست قدرت از الہ * تیر جستہ باز گرداند زراہ

شاديون ۽ اولاد: پاڻ ٻه شاديون ڪيائون. سندن هڪ گهرواري بيبي غلام بتول جيڪا قطبِ عالم پير مٺا سائين رحمة الله عليه جي نياڻي هئي. ان مان کين چار فرزند ۽ پنج نياڻيون ٿيون.



ارواح اولياء الله جو استقبال : زندگي جي آخري ڏينهن ۾ سندن طبيعت ناساز ٿي پئي. علاج لاءِ ڪراچي آيا پر اتي ڊاڪٽرن جواب ڏئي ڇڏيو. پوءِ کين لاهور ۾ شيخ زيد اسپتال ۾ داخل ڪرايو ويو. اتڻ لاءِ به سهاري جي ضرورت هوندي هين. هڪ دفعي بغير ڪنهن سهاري جي اٿي ويهي رهيا ۽ ڇئني طرفن ڏانهن ڏسندي فرمايائون : وعليڪم اسلام، وعليڪم اسلام، وعليڪم اسلام. ٽي دفعا سلام جو جواب ڏنائون. ظاهر ۾ ته ڪو به نظر نه پئي آيو پوءِ فقيرن معلوم ڪيو؟ پاڻ فرمايائون ان وقت اولياءِ ڪرام جا ارواح مبارڪ اسان جي عيادت لاءِ آيا هيا.

وصال پُر ملال : ان ڪان پوءِ ملتان جي هڪ پرائيويٽ اسپتال ۾ کين آندو ويو. بالآخر سندن وصال انهي اسپتال ۾ 23 ذوالقعد 1416هه بمطابق 24 اپريل 1995ع سومر ڏينهن شام پنجين بجي ٿيو.

سندن مزار : پُر انوار آستانه عاليه سعيديه نقشبنديه برار ٽائون ڪالرو ڪالوني ملتان ۾ آهي.

مڪتوبات سعيديه :

حضرت خواجه محمد سعيد جا خط

مڪتوب:

11-08-1990

عزیزم مشفقی ومکرمی فقیر محمد مسلم سلمک اللہ تعالیٰ اسلام علیکم ورحمتہ اللہ وبرکاتہ ومغفرتہ

عزیزا آپ کے وجہ معاش کے لئے یہ فقیر ہر وقت دعا مانگتا رہتا ہے اللہ تعالیٰ برکتوں سے نوازے اور اپنے گھر اور در مبارک سے عنایت فرمائے۔ اور خواب کی تعبیر یہ ہے قبر کا دیکھنا یا داخل ہونا، سب کی حیاتی طویل ہے اور پانی کا دیکھنا، پیر پیران کا فیض مبارک ہے۔ یہ عاجز فقیر بیمار ہے نماز چارپائی پر پڑھ رہا ہے علاج بھی ہو رہا ہے۔ کچھ فائدہ بھی ہے۔ باقی تاریخ عرس مبارک نومبر 30 کو ٹھیک ہے نور العین ملتان میں ہے۔ آپ تبلیغ کا کام جاری رکھیں۔ اس کا ثواب بیشمار اور بے حساب ہے۔

لاشیءِ فقیر محمد سعید

سگ دربار غفاری

مکتوب:

عزیزم مشفقی ومکرمی فقیر محمد مسلم سلمک اللہ تعالیٰ اسلام علیکم ورحمتہ اللہ وبرکاتہ

عزیزا آپ پریشان نہ ہوں انشاء اللہ آپکی مسجد قائم ہے اور ہمیشہ دن بدن رونق بڑھتی جاویگی اور اللہ تعالیٰ آپ کے گھر مبارک کا آپ مددگار ہے اور اللہ آپکے گھر مبارک کا آپ محافظ ہے۔ آپ پریشان مت ہوں۔ آپ ہر وقت ذکراذکار میں مصروف رہیں۔ لاشیءِ فقیر محمد سعید سگ دربار غفاری

12.12.1991

مکتوب:

عزیزم مشفقی ومکرمی فقیر محمد مسلم سلمک اللہ تعالیٰ اسلام علیکم ورحمتہ اللہ وبرکاتہ

عزیزا مرض تکبر کا بہت بہت خراب ہے اسکے لئے آپ یہ دعا پڑھیں:

اللھم رب انی ظلمت نفسی فاغفر لی

ورد بھی کریں اور آغاز کے بعد ایک دو تسبیح پڑھا کریں اور سجدہ میں بہت بہت گڑگڑا کے دعا مانگیں ہر روز عاجزانہ الفاظوں کا ورد کرتے رہیں۔ انشاء اللہ مسجد کا کام مکمل ہو جائے گا۔ باقی دن رات حلقہ مراقبہ میں مصروف رہیں غیر کے خیالوں کو ہرگز ہرگز نہ آنے دیں۔

لاشیءِ فقیر محمد سعید سگ دربار غفاری علیہ

24.03.1992

مکتوب:

عزیزم مشفقی ومکرمی فقیر محمد مسلم سلم اللہ تعالیٰ

اسلام علیکم ورحمتہ اللہ وبرکاتہ

عزیزا آپ ہر وقت نماز پڑھائیں۔ حلقہ مراقبہ خود بھی کریں اور جماعت اہل ذکر والوں کو کرائیں۔ غیر کے خیالوں کو ترک کریں۔ دن رات میں کوشش کریں کے ہر وقت دل کے اندر سوا خیال ذکر اللہ کے غیر کا خیال بالکل نہ آئے آپ مسجد مبارک تعمیر کرائیں آپکو اس فقیر طرف سے اجازت ہے اور دو دعائیں بلاناغہ پڑھیں اس فقیر کی ہر وقت دعا ہے اللہ آپکے دشمنوں کو ذلیل کرے اور خوار کرے۔

لاشیءِ فقیر محمد سعید سگ دربار غفاری

مکتوب:

عزیزم مشفقی ومکرمی فقیر عاشق حسین سلمک اللہ تعالیٰ اسلام علیکم ورحمتہ اللہ وبرکاتہ

عزیزا آپ تبلیغ کا کام بہت بہت کوشش کے ساتھ کریں جو اللہ تعالیٰ کے نیک بندے طریقے عالیہ نقشبندیہ میں داخل ہوئے ہیں انہوں کو ترغیب دیکر ضرور ضرور لے آئیں، نصیحت اور حلقہ کرائیں، آپ کیلئے یہ بات ضروری ہے۔ انکساری عاجزی آپکو جو حلقہ میں موجود ہیں انہوں سے کم ترین کم ترین سمجھیں۔ حلقہ میں جو خیالات آئیں اس کی نفی کرنے کی بہت بہت کوشش کریں۔ مثلاً آپ مراقبہ کرارہیں ہیں تسبیح چلتی رہے ابیات بند کردیں، پیر کی طرف متوجہ ہوکر استغفار پڑھتے رہیں۔ جب خیال بلکل ختم ہوگئے ہیں پھر ابیات شروع کریں۔ انشاء اللہ تعالیٰ، اللہ تعالیٰ کے حکم سے فائدہ کثیر ہوگا۔ آپ چلتے پھرتے ہر وقت آپکو تمام مخلوقات سے بہت بہت کم تر کم تریں سمجھیں۔ لاشیءِ فقیر محمد سعید سگ دربار غفاری

03.06.1992

مکتوب:

عزیزم مشفقی ومکرمی فقیر عاشق حسین سلمک اللہ تعالیٰ اسلام علیکم ورحمتہ اللہ وبرکاتہ

عزیزا آپکو اللہ تعالیٰ کی محبت حاصل ہوئی۔ دل سے غیر کی نسبت غیر سے دل کا تعلق ختم ہوجائے، ایک کنکشن اللہ تعالیٰ کے ساتھ جُڑ جائے۔ یہی مہربانی تا قیامت ہو جائے۔ ذکر بہت کرو چھوٹی بڑی نیکی کو نہ چھوڑو اسی نیکی سے اللہ تعالیٰ کی ذات مبارک راضی اور اللہ تعالیٰ کا حبیب ﷺ بھی راضی۔ آپکے جو مطلب دلی ہیں شریعت کے اندر ہو سب کے سب پورے ہو جائیں گے۔ لاشیءِ فقیر محمد سعید سگ دربار غفاری

24.12.1990

مکتوب:

عزیزم مشفقی ومکرمی فقیر عاشق محمد اور جملہ جماعت ملتان سلمکم الرحمٰن اسلام علیکم ورحمتہ اللہ وبرکاتہ

عزیزا اللہ تعالیٰ آپ کو اور جملہ جماعت مظفر آباد اور ملتان والی کو خوش رکھے، دونوں جہانوں میں اللہ تعالیٰ جملہ جماعت سے وہی کام کرائے جن کاموں سے اللہ تعالیٰ اور اللہ تعالیٰ کا حبیب ﷺ راضی ہو۔ اور غیر سے دل خالی ہو جائے اور اللہ تعالیٰ کی محبت سے پُر ہو جائے، دنیاوی دشموں اور اُخری دشموں سے نجات فرماوے اور ذکر کرنے والے فقراء اللہ تعالیٰ کے قریب ہو جاتے ہیں اور ذکر کرنے سے اللہ تعالیٰ کی محبت ملے گی اور غیر خیالوں کا بوٹا اکھاڑا جائے گا اور محبت کا بوٹا لگا جائے گا۔ لاشیءِ فقیر محمد سعید دربان غفاری عالیہ

سندن خلفاءِ ڪرام:

1. جناب سيد عبدالرحمن صاحب. ڊيره اسماعيل خان.
2. حضرت صاحبزاده محمد مسلم صاحب. درگاهہ رحمتپور شريف سنانوان.
3. جناب حافظ غلام حيدر صاحب. جمن شاهہ ليہ.
4. حضرت مولانا محمد اسلم صاحب. لُنڊ شادن.
5. جناب سيد امجد علي شاهہ صاحب. ملتان.
6. حضرت مولانا حافظ غلام رسول صاحب. ملتان.
7. جناب مولانا عاشق حسين صاحب بٽ. مظفرآباد.
8. جناب صوفي عبدالرشيد صاحب. چام پور.

سندن ڪجهہ خليفن جو مختصر احوال

پهريون خليفو:

حضرت خليفہ صاحبزاده محمد مسلم

پاڻ حضرت خواجہ خليفہ حبيب الرحمن قريشي رحمۃ اللہ علیہ جا فرزند دلبند آهن. فقير الاهي بخش ڏرڪان جي چواڻي هڪ دفعو سندن والد ڪريم تبليغ لاءِ ملتان شهر ۾ هيا تہ سندن بيبي صاحبہ کي پٽ ڄائو. پاڻ اتي فقيرن کي فرمايائون تہ منهنجي گهر پٽ ڄائو آهي جيڪو مادر زاد ولي الله آهي. انجو نالو محمد مسلم رکان ٿو.

سندن ولادت 16 ذوالقعد 1389 هہ ۾ دربار غريب آباد يارو ڪوسو ضلع ڊيره غازي خان ۾ ٿي. ننڍپڻ اتي ئي ڳوٺ ۾ گذريو. سندن پروش الله جي ڪامل ولي الله جي گود ۾ ٿي. وڏي پيار ۽ پاٻوهہ سان سندس پرورش ڪيائون. سندن والد ڪين گهڻو چاهيندو هيو. سندن اخلاق ننڍپڻ کان ئي اعليٰ هوندا هيا. پاڻ سلڇڻا ۽ نماڻي نيڻن وارا هوندا هيا.

نندپڻ کان وٺي سندن صفتون عام ٻارن کان نراليون هونديون هيون. جڏهن سندن عمر نوَ سال هئي تہ سندن والد صاحب هن دنيا مان لاڏاڻو ڪري ويا.

تعليم : قرآن مجيد پنهنجي والد گرامي کان پڙهيا. ان کان پوءِ درس نظامي مختلف مدرسن ۾ پڙهيا. مدرسہ شمس العلوم ڪوٽ آدُو ۾ آخري ڪتاب دوره حديث تائين حضرت علامہ قاري عبدالرسول ڊيره اسماعيل خان وٽ پڙهيا. مولانا احمد حسن صاحب سناوان شريف وارا بہ سندن استادن مان آهن.

قلمي ڪوشش : پاڻ پنهنجي والد جي سوانح "فيوضات حبيبيہ سعيديہ" نالي لکي اٿن.

بيعت ۽ خلافت : حضرت خواجہ محمد سعيد رحمة الله عليه جڏهن لاڙڪاڻي ۾ رهندا هيا تہ هڪ دفعي پنجاب ۾ تبليغ لاءِ آيا. اتي خليفي حبيب الرحمٰن صاحب سان ملاقات لاءِ پاڻ دربار عاليہ غريب آباد يارو ڪوسو ۾ آيا. جڏهن درگاهہ شريف تي پهتا خليفہ حبيب الرحمٰن صاحب سندن خنده پيشاني ۽ وڏي جوش و خروش سان استقبال ڪيو. گهر خالي ڪرائي ڪين تي ڏينهن ترسايائون. خليفي محمد سعيد صاحب جو ايترو ادب پئي ڪيائون جيئن پنهنجي مرشد جو ڪبو آهي.

پنهنجي جماعت پير ڀائي جي حوالي ڪيائون: حضرت خليفہ حبيب الرحمان پنهنجي حياتي ۾ سندس اولاد ۽ سندس جماعت سڀ پنهنجي پير ڀائي حضرت خليفہ سعيد احمد رحمة الله عليه جي حوالي ڪري عرض ڪيو تہ هي جماعت توهان جي حوالي ڪيان ٿو، انهن جي تربيت ۽ سنڀال توهان پاڻ فرمائجو. پوءِ جڏهن پاڻ وصال فرمايائون تہ سندن پهرئين سالياني عرس شريف تي درگاهہ غريب آباد ۾ حضرت خواجہ محمد سعيد رحمة الله عليه پاڻ آيا هيا. ڪجهہ جماعت ساڻن بيعت ڪئي. ڪن وري صاحبزادي محمد معصوم جي هٿ تي بيعت ڪئي. خليفہ محمد سعيد جڏهن خليفي حبيب الرحمٰن جي روضي ۾ ختم لاءِ آيا تہ اتي سموري جماعت کي صاحبزادن جي خدمت لاءِ نصيحت فرمايائون. پوءِ پاڻ واپس سنڌ موٽي ويا. پنجن سالن تائين تبليغ لاءِ پنجاب ايندا رهيا. پوءِ جڏهن ملتان شهر ۾ مستقل قيام ڪيائون تہ صاحبزاده محمد مسلم کي خلافت ڏنائون ۽ ڪيس فرمايائون تہ اوهان کي بہ نصيحتون ڪريان ٿو انهن تي ضرور عمل ڪجو.

1. پراڻي جماعت منهنجي هجي يا والد صاحب جي انهن وٽ نہ وڃجو ۽ نہ ئي ان جي پويان لڳجو. پاڻهي توهان وٽ اچن تہ انهن کي قبول ڪجو.

2. منافقت نہ ڪجو، ڪنهن لاءِ برو نہ سوچجو. پنهنجا ڪم الله جي حوالي ڪجو.

تبليغي سرگرميون: جناب مسلم صاحب وڏي جذبي سان تبليغ شروع ڪئي. بهاولپور، لوڌران، ملتان، راجنپور،شجاع آباد، راجارام ۾ تبليغ ڪيائون. پاڻ هميشہ مرشدن ڪريمن سان گڏ حضر سفر ۾ رهندا هيا. سندن خدمت پنهنجي لاءِ هڪ وڏو انعام سمجهندا هيا. مرشدن ڪين خطن ذريعي سناوان شريف ۾ رهڻ ۽ اتي "**جامع مسجد غفاري**" تعمير ڪرڻ لاءِ حڪم فرمايو. اتي جي ماڻهن خليفہ محمد مسلم جي سخت مخالفت ڪئي پوءِ پاڻ تنگ ٿي پئي هنڌ هجرت ڪرڻ لاءِ اجازت طلب ڪيائون پر مرشدن ڪيس ان ئي جڳهہ تي رهڻ لاءِ حڪم ڏنو. پوءِ پاڻ اڄ تائين مرشدن جي حڪم سان سناوان شريف ۾ سڪونت پذير آهن. پاڻ هتي هر اسلامي مهيني جي پندرهين رات تي هڪ عظيم الشان مجلس ڪندا آهن. ان ڪان علاوه ساليانہ چار پروگرام جامع مسجد غفاري سناوان شريف ۾ پڻ ملهائيندا آهن جيڪي هن طرح آهن :

1. ربيع الاول جي آچر جي ڏينهن. 2. 15 شعبان جي رات.

3. 27 رمضان المبارڪ جي رات. 4. ساليانو عرس مبارڪ آڪٽوبر يا نومبر ۾ .

شادي ۽ اولاد: هڪ شادي ڪئي اٿن جنهن مان ڪين ڇهہ پٽ چار نياڻيون ٿيون آهن.

1. محمد احمد 2. عبدالصمد 3. فيض الحسن 4.محمود الحسن . 5.حبيب احمد 6. سعيد احمد. پاڻ پوري ملڪ جي اولياءِ ڪرام جي زيارت لاءِ سفر ڪيو اٿن.



پڳ رومال ۽ پهرياڻ حضرت خليفہ حبيب الرحمان.

ٻيون خليفو:

حضرت خواجہ
عاشق حسين بٽ

حضرت مولانا عاشق حسين بٽ ولد سردار محمد بٽ ڪشميري رحمت الله عليہ. پاڻ 16 آگسٽ 1954ع ڏبل ڦاٽڪ شهر ملتان ۾ تولد ٿيا. سندن ننڍپڻ بہ ملتان شهر ۾ گذريو.

تعليم : ابتدائي تعليم ملتان ۾ حاصل ڪيائين. بي اي بهاؤالدين زڪريا يونيورسٽي ملتان مان ڪيائون. قرآن مجيد حافظ عبدالحق صاحب وٽ ملتان ۾ پڙهيا. علوم اسلاميہ علامہ مولانا محمد شفيع ضياءُ الحامدي وٽ ڪالي منڊي ملتان ۾ حاصل ڪيائون.

تصنيف : فقيرن جي اصلاح لاءِ هڪ ڪتاب ”فيوضات نقشبند مجدديہ“ تصنيف ڪيو اٿن جيڪو ڇپيل آهي.

بيعت ۽ خلافت : پاڻ پهرين حضرت خواجہ خليفہ حبيب الرحمان سناوان شريف وارن سان 1976ع ۾ بيعت ٿيا هيا. سندن صحبت ۾ ٽي سال رهيا. سندن مرشد پنهنجي وصال کان اڳ ئي پوري جماعت ۽ پنهنجي صاحبزادن کي حضرت خواجہ محمد سعيد احمد رحمت الله عليہ جي حوالي ڪيو. اهڙي طرح سان خليفہ عاشق حسين 1979 ۾ حضرت سعيد احمد رحمۃ اللہ علیہ سان بيعت ثاني ڪري پنهنجي باقي عمر مرشدن ڪريمن جي خدمت ۾ گذاريائون. سندن محنت ۽ محبت کي ڏسي مرشد ڪيس 1992ع ۾ خلافت اجازت عطا فرمائي.

دردِ دين : پاڪستان جي مختلف شهرن ڪراچي، حيدرآباد، دادو، صادق آباد، رحيم يار خان، احمد پور شرقيہ، بهاولپور، بهاول نگر، چشتيان ليا، پاڪ پتڻ شريف، اسلام آباد، راولپنڊي، لاهور، آزاد ڪشمير، موسيٰ زئي شريف، ڊيره اسماعيل خان ۽ خصوصاً ملتان ۾ غفاري فيض کي عام ڪيائون. نہ صرف ملڪ اندر پاڻ پتوڙيائون پر برطانيا، بحرين، مسقط، ابو ظهبي، مصر ۽ سعودي عرب ۾ بہ تبليغ لاءِ ويا آهن.

اتي پاڻ ٽون سالن تائين امتِ مسلمہ کي غفاري فيض سان رنگي نيڪ صالح بنايائون. ان کان علاوه چار مهينا بارڪنگ ايڪسيس (لنڊن)جي جامع مسجد ۾ بہ امام و خطيب طور بہ رهيا آهن.

ديني مرڪز: پاڻ مرشدن جي حڪم سان ملتان شهر جي گرين ٽائون ۾ هڪ مرڪز قائم ڪيائون جيڪو "**نقشبند منزل**" جي نالي جڳ مشهور آهي جتي هر سومر تي نمازِ عصر کان عشاء نماز تائين ۽ هر اسلامي مهيني جي 10 جي شام 11 جي رات بعد نماز عصر کان عشاء تائين روحاني ۽ وجداني محفلون منعقد ڪندا آهن. ان کان علاوه ساليانو پروگرام 11 ۽ 12 ربيع الاول تي مرڪز نقشبند منزل ملتان ۾ وڏي عقيدت سان ملهايو ويندو آهي.

حرمين شريفين: پاڻ چار عمره 2007،1989،1997،1992ع ۾ ڪيائون.

شاي ۽ اولاد: پاڻ هڪ شادي ڪئي اٿن .ڪين چار فرزند آهن.

1.محمد مطيع الله 2. محمد سميع الله 3.محمد رفيع الله 4. محمد ڪليم الله.

سندن خليفا:

1. محمد مزمل طيفور مل قاٽڪ ملتان.
2. محمد ظفر اقبال رحمان ڪالوني ملتان.
3. محمد سهيل بٽ اسماعيل آباد ملتان.
4. محمد تاج ملڪ غريب آباد ملتان.
5. محمد شهزاد هاشمي حاجي بلاڪ ملتان.



تبرڪات خواجہ حبيب الرحمان

ٽيون خليفو:

حضرت خواجہ
محمد اسلم خان

خواجہ محمد اسلم خان ولد عبدالغفور خان

ولادت: سندن ولادت 1950ع ۾ خانپور تحصيل و ضلع ڊيره غازي خان ۾ ٿي.

تعليم: قرآن پاڪ پنهنجي والده ماجده وٽ پڙهيا. ابتدائي تعليم پنهنجي ڳوٺ جي پرائمري اسڪول ۾ حاصل ڪيائون. ڇهون ڪلاس پير واري شهر جامپور ضلع راجن پور ۾، ستين ڪلاس کان ميٽرڪ تائين ڊيره غازي خان ۾ پڙهيا. ايف.اي ملتان شريف مان ڪيائون. ان کان پوءِ واپڊا ۾ نوڪري ڪيائون. مڪمل ديني تعليم حضرت خليفہ حبيب الرحمٰن صاحب کان حاصل ڪيائون.

بيعتِ اول: جڏهن پاڻ ميٽرڪ ۾ هيا تہ خواجہ نظام الدين تونسوي چشتي رحمة الله عليه سان دست بيعت ٿيا. پوءِ انهن جي صحبت ۾ ويندا رهيا تانجو انهن جو وصال ٿي ويو.

بيعتِ ثاني: هڪ دفعي حضرت خليفہ حبيب الرحمٰن رحمة الله عليه سندن ڳوٺ ۾ تبليغ لاءِ آيا. پاڻ سندن زيارت ڪندي تمام گهڻا متاثر ٿيا. پوءِ ساڻن بيعت ڪيائون. پنهنجي مرشد سان ايتري تہ محبت ٿي وين جو جتي بہ سندن جلسو ٿيندو هو تقريباً هر محفل ۾ شرڪت ڪندا هيا. اهڙي طرح سان پاڻ پنهنجي مرشد جي صحبت ۽ خدمت ۾ زندگي جا 12 سال گذاريائون. خليفہ حبيب الرحمٰن رحمة الله عليه پنهنجي وصال کان 15 ڏينهن اڳ پنهنجي خاص مريدن کي گهرائي، انهن کي خليفہ محمد سعيد رحمة الله عليه جي سپرد ڪيائون. انڪري جو سندن صاحبزادگان اڃا صغير هيا. تہ خليفي محمد اسلم بہ ساڻن بيعت ڪئي. سندن محبت، محنت ۽ اخلاص سبب شيخ ثاني جي خدمت ۾ بہ مقبول هيا. ڪين 1995ع ۾ مرشد طرفان خلافت ملي.

سندن تبليغي مراڪز:

1. هر چنڊ جي پهرئين خميس نماز ظهر مدني مسجد، مظفر آباد ملتان شريف ۾.
2. مغرب، عشاء ڪوٽلہ وارث شاھ چورنگي نمبر1، ملتان شريف ۾.
3. چنڊ جو پهريون جمعو ملتان جي ڪنهن بہ علائقي ۾.
4. چنڊ جو پهريون جمعو مغرب و عشاء غوثيہ مسجد ، ڪينٽ ملتان ۾.
5. عورتن ڪي تبليغ و نصيحت لاءِ چنڊ جو پهريون هفتو صبح ڏهين بجي ڏينهن ڪوٽلہ وارث ملتان. يارهين ڪان هڪ تائين احسن ڪالوني ملتان (عورتن جي تبليغ لاءِ)
6. چنچر جي ڏينهن ظهر وقت ملڪ نذر حسين چورنگي نمبر 1، ملتان.
7. چنچر جي ڏينهن مغرب عشاء چوڪ ڪمبار انوالہ ملتان شريف.
8. چنڊ جو ٻيو جمعو ۽ خميس سندن آستانہ عاليہ شادن لُنڊ شريف ضلع ڊيره غازي خان.
9. چنڊ جو ٽيون جمعو ۽ خميس سندن اباڻي ڳوٺ خانپور ڊيره غازي خان ۾.
10. چنڊ جي يارهين شريف شيرواني مارڪيٽ ڊيره غازي خان شهر ۾.
11. چنڊ جي ٻارهين شريف سندن قريبي شهر شاھ صدر الدين ڊيره غازي خان ۾.
12. چنڊ جو چوٿون جمعو ۽ خميس ضلع شيخوپوره فيصل آباد،جھنگ، لاهور ۾.
13. پهرين ڪان ڏهين تائين جا فارغ وقت صوبہ پنجاب جي مختلف ضلعن ۾.
14. 11 ڪان 17 تائين جا فارغ وقت صوبہ سرحد ۾.
15. 18 ڪان 25 تائين جا فارغ وقت صوبہ بلوچستان ۾ .
16. 25 ڪان 30 تائين جا فارغ وقت صوبہ سنڌ ۾.
17. هر سال 23_24 مارچ تي پنهنجي پيرانِ عظام جو عرس مبارڪ پنهنجي آستانہ عاليہ شادن لُنڊ شريف ۾ منعقد ڪيو ويندو آهي.
18. هر سال 12 ربيع الاول جو پروگرام پنهنجي ڳوٺ خانپور ضلع ڊيره غازي خان.

انڪان علاوه مختلف تاريخن تي ڪشمير ۽ ڪيترن ئي جاين تي پروگرام ٿيندا آهن.

سندن خليفا:

1. مولوي محمد بخش صاحب — خان پور ڊيره غازي خان.

2. صاحبزاده محمد رفيع الله صاحب شادن لُنڊ شريف ڊيره غازي خان.
3. حڪيم محمد حسين صاحب گراهه موڙ جهنگ.
4. محمد ازور خان دراني احسن ڪالوني ملتان.
5. علامه قاري محمد سليم اختر صاحب مظفر آباد ملتان .
6. سيد رفاقت حسين شاهه صاحب خانپوال.
7. حڪيم محمد رمضان صاحب ڪراچي.
8. ڊاڪٽر رياض صاحب ڪراچي.
9. نواب سجاد عباسي صاحب بهاولپور.
10. سيد مجاهد حسين شاهه صاحب ملتان شريف.
11. علامه اشفاق صاحب بمبئي انڊيا.
12. علامه نعيم صاحب دهلي، انڊيا.

دیني مدارس

1. پاڻ ديني تعليم جي فروغ لاءِ مرڪزي اداره **جامعه سعيد احسن العلوم** شادن لُنڊ قائم ڪيائون.
2. **دارالعلوم محمديه نقشبنديه**، انڊسٽريل اسٽيٽ ملتان پنهنجي صاحبزاده محمد رفيع الرخان جي حوالي ڪيائون.
3. **دارالعلوم محمديه نقشبنديه خان پور:** پنهنجي ڀاءُ محمد جميل خان جي سپرد ڪيائون.
4. **دارالعلوم محمديه اسلاميه :** حافظ غلام فريد جي حوالي ڪيائون.

شادي ۽ اولاد : پنهنجي عزيزن مان شادي ڪيائون. ڪين چار نياٽيون ۽ چار فرزند آهن.

1. صاحبزاده محمد مطيع الله خان صاحب: MBA Gold
2. صاحبزاده محمد رفيع الرخان دوره حديث فاضل دارالعلوم محمديه نقشبنديه .
3. صاحبزاده محمد عتيق الله خان صاحب ،حافظ قرآن زير تعليم.
4. صاحبزاده محمد صفي الله خان صاحب، قاري القرآن زير تعيلم.

آستانه عاليه : سندن آستانه عاليه شاهه والا شادن لُنڊ، ضلع غازي خان ۾ آهي.

100 هون خليفو:

حضرت خليفہ
اميرالدين پٽو
رحمۃ اللہ علیہ

حضرت خليفہ امير دين ولد خدا بخش پٽو رحمۃ اللہ علیہ

سندن ولادت: اندازاً 1920ع ڳوٺ دركان والا لڳ قصبہ گجرات ضلع مظفر ڳڙھ ۾ ٿي.

تعليم: ابتدائي تعليم پنج درجا ڳوٺ ۾ حاصل ڪيائون. قرآن مجيد حافظ احمد الدين پٽو وٽ پڙھيا. پنهنجي ڳوٺ ۾ مزدوري ڪندا هيا. سندن ڳوٺ ۾ حضرت صاحبزاده خليل الرحمن رحمت اللہ عليہ تبليغ لاءِ آيا. ان موقعي تي ڳوٺ وارن کي تبليغ نصيحت ڪيائون ۽ درگاھ عاشق آباد جي پروگرام جي دعوت بہ ڏنائون. پوءِ ڳوٺ دركان والا جي جماعت، خليفو صاحب ۽ حافظ احمد گڏجي درگاھ عاشق آباد ويا. اتي حضرت پير مٺا جي زيارت ڪري بيعت ڪيائون. درگاھ عاشق آباد شريف تي ڪافي ڏينهن رهي مرشدن جي خدمت ڪيائون.

پِير سان پيار: ڪين مرشدن سان تمام گھڻي محبت هوندي هئي. جڏهن بہ ڪرائي جا پئسہ هٿ ايندا هين تہ پاڻ مرشدن ڪريمن جي خدمت ۾ حاضر ٿي زيارت کان مشرف ٿيندا هيا. سندن محبتن ۽ خلوص کي ڏسي مرشد کيس خلافت ڏنائون ۽ تبليغ لاءِ پنجاب جي مختلف طرفن ڏانهن روانو ڪيائون.

تبليغي سرگرميون: پنهنجي مرشد جي حڪم کي لبيڪ چئي پنجاب روانا ٿيا ۽ پنجاب جي مختلف شهرن فيصل آباد، ملتان، مظفر ڳڙھ قصبہ، گجرات، خانيوال وغيره ۾ تبليغ ڪيائون. پاڻ صاحبزاده خواجہ خليل الرحمن سان بہ پنجاب ۾ تبليغي سفر ۾ ساڻ هوندا هيا. مختلف علائقن ۾ پروگرامن جو انتظام بہ خليفہ صاحب جي زير نگراني ۾ ٿيندو هيو.

جڏهن پير سائين جن درگاهه عاشق آباد کان هجرت ڪري سنڌ ۾ سڪونت پذير ٿيا تہ پاڻ پير مٺا سان تبليغي مرڪزن ۾ گڏ هوندا هيا. درگاهه دينپور، نورپور، رحمتپور شريف جي تعميراتي ڪمن ۾ بہ سندن خدمتون اڻ وسرندڙ آهن. پير سائين جن ڪيس درگاهه رحمتپور شريف ۾ رهڻ لاءِ گهر بہ ڏنو هيو. مرشدن ڪريمن جي وصال ڪانپوءِ ڪجهہ عرصي تائين درگاهه رحمتپور شريف ۾ سڪونت پذير رهيا. پوءِ پنهنجي وطن پنجاب جي ڳوٺ درڪان ۾ اچي رهيا. اتي بہ تبليغ جو ڪم ڪندا رهيا. پاڻ جڏهن تبليغ لاءِ ملتان ويندا هيا تہ سندن دوست حافظ عبدالحق وريا (جيڪو حافظ برڪت الله خليفہ پير مٺا ثاني مدظلہ جو والد صاحب هيو)وٽ قيام ڪندا هيا ۽ اڪثر ڪري جامع مسجد النور اسماعيل آباد ملتان ۾ مجلس ڪندا هيا ۽ اتي ئي رهندا هيا.

سندن وصال: پاڻ 1975ع ۾ ٽي ايم جي مسجد اسماعيل آباد ملتان ۾ تبليغ لاءِ آيل هيا. اتي ئي سندن وصال ٿيو. سندن جنازي کي اباڻي ڳوٺ دوڪان والا قصبہ گجرات ضلع مظفر ڳڙهہ جي جامع مسجد غفاري جي صحن ۾ اوپر طرف دفن ڪيو ويو. سندن وصال کان هن وقت تائين غفاري مسجد ۾ 11 شريف جي رات پروگرام ڪيو ويندو آهي.

شادي ۽ اولاد: پاڻ هڪ شادي ڪيائون ڪين 2 پٽ 5 نياڻيون ٿيون. 1. محمد مطيع الله. **2 محمد معصوم:** پاڻ سموري خاندان جي سار سنڀال جي ذميداري نڀائي رهيو آهي. حضرت پير مٺا (ثاني) سان بيعت ڪئي اٿس ۽ درگاهه رحمتپور شريف ۾ مرشد جي زيارت و خدمت لاءِ ايندو رهندو آهي.

بستي درڪان والي ۾ حضرت خليفہ امير دين جي مسجد ۽ مزار .

از طرف لاشئ محمد عبدالغفار سگ آستان علیہ وفضلہ



بخدمت محترمی میاں امیر بخش سلمہ اللہ تعالےٰ

السلام علیکم ورحمۃ اللہ وبرکاتہٗ - آپکے خط کے مطالعہ سے

نہایت بہجت حاصل ہوئی - عزیزا بزرگوں نے لکھا ہے کہ شیخ کے

ساتھ اتنا رسوخ اور رابطہ پیدا کرے کہ اسکے سوا کہ دنیا باوجود

وسیع ہونیکے تنگ نظر آئے اور بدون اُسکے اتنا اضطراب

اور قلق دلمیں ہو جاوے جیساکہ ننّھا بچہ شیر خوارہ ماں کے

سوا پریشان ہوتا ہے اور گھوڑامیں جہلانیسے بھی آرام نہیں کرتا

رزقنا اللہ تعالےٰ ایاناو ایاکم - اور غصہ کی بابت اپنے شکایت فرمائی ہے عزیزا یہ بری بدترین چیز ہے اگر غصہ کا موجب کبر

اور غرور ہوتا ہے نعوذ باللہ من ذالک شیطان دلمیں یوں خیال ڈالتا ہے کہ کیوں ہوا تمسے یہ زیادہ دانا ہے یا کہ زیادہ

عقلمند ہے یا کہ تم اسکا محتاج ہو بہرحال یہ تیسرے تابع ہے یعنی غصہ اُسکو آتا ہے جو اپنی خودی کے خیال سے آپکو اچھا سمجھتا

عزیزا آپکو سب سے بدتر سمجھو - حضرت مجدد الف ثانی رحمۃ اللہ تعالےٰ فرماتے ہیں ہر کہ خود را از سگ بہتر بداند از سگ بدتر است

اور مولنا سعدی رح فرماتے ہیں بیت ... بر ملائک شرف داشتہ اند - کہ خود را زسگ بد بہ پندا شتند - آپکو اسیطرح سمجھو تہ سارک

دنیا میں عاجز اور حقیر اور ذلیل ہوں اللہ تبارک وتعالےٰ اس عاجز کو اور آپکو اس دولت سے بہرہ ور فرمائے - ذکر اور مراقبہ میں

ہر وقت مصروف رہو اور کثرت ذکر سے غصہ کا ازالہ ہوتا ہے حضور مخبر صادق علیہ افضل الصلوٰۃ والسلام ذکر کے بارہ میں ارشاد فرماتے ہیں

وَاذْكُرْ رَبَّكَ حَتّٰى يَقُوْلُوْا مَجْنُوْنٌ یعنی اتنا بہت ذکر کرو کہ لوگ تمکو دیوانہ کہنے لگجاویں -

جمیع جماعت الذاکرین کو السلام علیکم دورہ آپکے والد صاحب اور بھائی صاحب کو اسلام علیکم

محترم امير بخش ڏانهن لکيل حضرت پير مٺا سائين جو خط سندن هٿ اکر.

101 هون خليفو:

توضيح البرهان في ذكر خليفة حبيب الرحمان

حضرت خليفه
حبيب الرحمان
رحمة الله عليه

وَلِي مِّنْ اَوْلِيَاءَ الله ، رَجُل من رِجَالِ الله، عَاشق رسول الله **حضرت خليفه حبيب الرحمان** رحمة الله عليه. پاڻ صادق الوعد هئا. قوي العهد هئا. شب بيدار ۽ عبادت گذار هئا. پاڻ نيڪ صورت ۽ نيڪ سيرت مولانا محمد مبارڪ رحمة الله عليه جا فرزند ارجمند هيا. سندن سلسلهءِ نسب پشت در پشت حضرت عباس رضي الله عنه سان ملي ٿو. پاڻ پنهنجي وقت جا عارف هيا. مسلڪ جي لحاظ کان حنفي، مشرباً غفاري نقشبندي ۽ نسبتاً هاشمي قريشي عباسي هيا. والدين سندن نالو گلزار احمد رکيو هيو پوءِ جڏهن پاڻ حضرت پير مٺا سائين رحمة الله عليه سان بيعت ڪيائون ته انهن سندن نالو مٽائي حبيب الرحمن رکيو. ڇو ته پاڻ پنهنجي مرشد کي ڏاڍا پيارا ۽ سندن منظورِ نظر هوندا هيا. سندن باري ۾ پير سائينجن فرمائيندا هيا ته هي اسان جي جماعت جو فرشتو آهي. ڪڏهن فرمائيندا هيا هيءَ نعمت مونکي قريشي صاحب ڏني آهي.

سندن ولادت: پاڻ 1956ع ۾ بٽي لُنڊان ۾ تولد ٿيا.

ننڍپڻ: سندن ننڍپڻ پنهنجي ڳوٺ ۾ ئي گذريو. ننڍي هوندي پاڻ تنهائي پسند هيا. ڳوٺ جا ٻار ساٽن راند ڪرڻ ايندا هيا ته پاڻ انهن کان ڪناره ڪشي ڪندا هيا. سندن نيڪ عادتن ۾ هيءَ به هڪ حميده عادت هوندي هئي جو پاڻ ڪنهن کان به سوال نه ڪندا هيا، ايتري قدر جو بک جي شدت ۾ به صبر ۽ برداشت کان ڪم وٺندا هئا.

سندن مزاج: سندن طبيعت ۾ جلال به هيو ته قوتِ برداشت به هئي. شريعت تي بلڪل پڪا ۽ پختا هوندا هيا. اگر ڪو شريعت جي خلاف ورزي ڪندو هيو ته ان مريد کي جماعت مان ڪيڏي ڇڏيندا هيا. هميشه خنده پيشاني سان گفتگو ڪندا هيا.

تعليم : ننڍي هوندي کان ئي پاڻ تمام تيز فهم هيا. ڪين ڳوٺ جي پر واري اسڪول ۾ داخل ڪرايو ويو جتي پاڻ صرف ٻن سالن ۾ پنج درجا پاس ڪيائون. سندن استاد هِندو هيو. جڏهن پاڻ ڪلاس ۾ ايندا هيا ته سندن استاد وڏي ادب سان اٿي بيهندو هيو. جڏهن پاڻ پنجون ڪلاس پهرئين نمبر ۾ پاس ڪيائون ته ان هِندو استاد سندن پيءُ کي چيو ته:

” توڙي جو مان هندو آهيان پر هن نينگر جي نيڪ عادتن کي ڏسندي منهنجي دل مسلمان ٿي وئي آهي.“ پوءِ ڪين وڌيڪ پڙهائڻ لاءِ مشورا به ڏنائين.

ان کان پوءِ ڪين ويجهي ئي مدرسي ۾ داخل ڪيو ويو جتي پاڻ ابتدائي فارسي جا ڪتاب پڙهيائون. وڌيڪ تعليم لاءِ رياست بهاولپور ۽ ٻين ڪيترن ديني درسگاهن مان علم جي آبِ حيات مان سينو سيراب ڪندا رهيا. بيمثال ذهني قابليت سبب پاڻ تمام قليل عرصي ۾ مدارس جو مُرَوَّجَہ ڪورس مڪمل ڪيائون.

بيعت ۽ خلافت : پهرئين بيعت پنهنجي والد صاحب سان ڪيائون. ان کان پوءِ حضرت پير مٺا سائين رحمۃ اللہ علیہ سان بيعت ڪري ستاويهہ سالن تائين لنگر جي خدمت ڪندا رهيا. سلوڪ جون منزلون طئي ڪيائون تانجو سندن محنت، محبت ۽ تبليغ جي جذبي کي ڏسندي پير مٺا ئين ڪين خرقۂ خلافت عطا ڪيو. پير مٺا سائين جي وصال کان پوءِ سهڻا سائين ڪين خلافت ڏني. سندن وصال بعد سجڻ سائينءَ سان بيعت ڪيائون.

طرزِ بيان : سندن طرزِ بيان ايترو ته معصوم هوندو هيو جو سامعين مسرور ۽ لطف اندوز ٿي ويندا هيا ۽ انهن تي وجداني ڪيفيتون طاري ٿي وينديون هيون. حضرت پير مٺا سائين رحمۃ اللہ علیہ سندن ڪنيت ”**ابوالمعصوم**“ رکي هئي.

جيڪو به ساڻن هڪ دفعو ملاقات ڪندو هيو ته ان جي دل ۾ سندن لاءِ محبت پيدا ٿي ويندي هئي. پاڻ تبليغ جي دوران "*ميرا مٹھا*" جي لفظ سان مخاطب ٿيندا هيا جنهن سان پٿر دل به ميڻ ٿي ويندي هئي. اهو لفظ ايترو ته پُر تاثير، پُر ڪشش ۽ پيار پريو هوندو هيو جو سرڪش ۽ متڪبر ماڻهو به مطيع ٿيڻ تي مجبور ٿي ويندو هيو. سندن بيان مان فصاحت ۽ بلاغت جو سمنڊ ڇوليون هڻندي ماڻهن جي ذهنن کي عبرت ۾ وجهي ڇڏيندو هيو. پاڻ ايترا ته شيرين بيان هوندا هيا جو ماڻهو ڪين **پير مٺا** جي نالي سان سڏيندا هيا.

حُليو مبارڪ: درميانو قد، ڪشادي پيشاني، بارونق چهرو جنهن تي سيماهم في وجوههم من اثر السجود جا انوار چمڪندا نظر ايندا هيا. ڏند موتي وانگر چمڪدار هيا. مٿو مناسب، مٿي جي پٺئين حصي تي اپريل نشان هوندا هيا جنهن تي پير مٺا سائين هٿ گهمائي فرمائيندا هيا تہ الله جو نالو لکيل آهي. سندن رنگ ڪٽڪائون، نڪ ڊگهو، پلڪَ ۽ پرُون وڏا، اکيون مبارڪ وڏيون ۽ پُرڪشش هيون.

پاڻ نهايت نحيف البدن هوندا هيا، آخري عمر ۾ تہ سندن وزن ستاويهہ ڪلو هيو. سندن سادو لباس، سادو مزاج، سادي گفتگو، ڏسڻ وارن جون دليون موهجي ويندڻيون هيون.

کس قیامت کی کشش اس جذبہء کامل میں ہے، تیر ان کے ہاتھ میں پیکاں ہمارے دل میں ہے۔

اها ڳالهہ جماعت ۾ مشهور ٿي وئي تہ کهڙو بہ پريشان حال ماڻهو سندن ديدار ڪندو تہ پُر سڪون ٿي ويندو. سندن مسڪراهٽ پريشان دلين لاءِ فرحت ۽ مسرت بخش هئي.

لباس: هميشہ سفيد رنگ جي قميص ۽ گوڏ پٽيندا هيا. ڪڏهن هلڪي زرد رنگ جي قميص بہ پهريندا هيا. مٿي کي خوبصورت ڪُلاه سان سجائيندا هيا. ان مٿان ڪڏهن سائي ڪڏهن چمڪدار ڪپڙي جي ۽ ڪڏهن ڪاري رنگ جي دستار شريف پٽيندا هيا. دستار مبارڪ چئن گزن کان وڌيڪ ڊگهي هوندي هئي. ساڄي ڪلهي مبارڪ تي رومال رکندا هيا. واچ ساڄي هٿ ۾ پائيندا هيا. سيءَ جي موسم ۾ چمڪدار واسڪوٽي استعمال ڪندا هيا. ڪڏهن ڪڏهن سائي رنگ جي شيرواني بہ زيب تن ڪندا هيا.

خوراڪ: سندن خوراڪ سادي هوندي هئي. اڪثر ڪري دال پسند ڪندا هيا. رات ڏينهن ۾ صرف هڪ ماني تي گذر ڪندا هيا. جلسي جي موقعي تي، فقيرن جي ڪثرت سبب ڪيترائي ڏينهن ماني ڪونہ کائيندا هيا. فرمائيندا هيا تہ مان پيٽ پري کائي سمهي رهان ۽ اگر ڪو مهمان بک ۾ سمهي رهي تہ الله جي اڳيان ڇا جواب ڏيندس!

عبادت الاهي: سندن معمول هوندو هو تہ رات جو هڪ ڏيڍ بجي تهجد پڙهندا هيا. پوءِ مراقبي ۾ ويهندا هيا تہ فجر ٿي ويندو هيو. فجر نماز کان پوءِ وري جماعت کي مراقبو ڪرائيندا هيا. سندن باطني توجهات سان فقيرن ۾ وجداني ڪيفيت طاري ٿي ويندي هئي. ڪيتيل دلين کي ڌوئي صاف ڪري ڇڏيندا هيا.

۾ ٻير مٺا ٿي ويا: سندن فرزند غلام فريد ٻڌايو تہ هتي ٻير جو وڻ هوندو هو جنهن جا ٻير ڪتا هوندا هئا. پاڻ فرمايائون تہ فقيرو! منهنجي هن ٻير (وڻ) جا ٻير ڪيئن آهن؟ فقيرن عرض ڪيو سائين ڪتا آهن. پاڻ فرمايائون تہ ان جا ٻير مٺا آهن. جڏهن ٻيرن جي موسم آئي تہ ان وڻ جا ٻير تمام مٺا لذيذ هئا. جيستائين اهو وڻ هيو تيستائين مٺا ٻير ڏيندو رهيو.

نيٺ چور پڪڙجي پيو: محمود فقير ڪسووال بستي جو رهائشي سندن نابينا مريد هيو. هڪ رات ڪو چور سندس ڏڳي چورائي نڪتو. جڏهن چور درياءَ وٽان گذريو تہ ان وقت پوليس وارو پهريدار ننڊ ۾ هيو. ان ڪي ڪنهن جاڳايو ۽ چيو تہ چور ڏڳي چورايون ٿو وڃي ۽ تون ستو ننڊون پيو ٿو ڪرين. پوليس واري چور کي وڃي پڪڙي ورتو. تيسين ڳوٺ وارا بہ ڏڳي جي تلاش ڪندي ڪندي اتي اچي پهتا. سپاهي انهن کي ڏڳي ڏني ۽ پڇيائين تہ هيءَ ڏڳي ڪنهن جي آهي؟ ۽ ان جو مرشد ڪير آهي؟ ماڻهن ٻڌايس. پوءِ سپاهي خليفہ حبيب الرحمان جو حليو مبارڪ بيان ڪندي چيو تہ ان مون کي جاڳايو هيو. ماڻهن چيو تہ اهو ئي تہ ان نابينا جو مرشد آهي پر پاڻ هن وقت ڏيره غازي ۾ آهي.

سندن لنگر: سندن دربار تي لنگر وڏي پرهيزگاري ۽ پاڪائي سان پچايو ويندو هيو. جيڪو مسافرن مهمانن لاءِ هر وقت تيار هوندو هيو. جڏهن ڪو شخص ڪانئن واپس وڃڻ جي اجازت عرض ڪندو هيو تہ ان کي اجا وڌيڪ رهڻ لاءِ فرمائيندا هيا. اگر اهو وڃڻ لاءِ گهڻو اصرار ڪندو هيو تہ پاڻ ان کي جلدي واپس ورڻ جو تاڪيد ڪندي هي شعر پڙهندا هيا:

دينداتاں پئیں ارے بے صلاحوں،

بھلی پووی سجناں ول آویں راہوں۔

فرمائيندا هيا تہ هي لنگر منهنجي پير جو آهي. چاليهہ ڏينهن تائين رهي ڏسو، پاڪ حلال غذا کائو پوءِ توهان کي اهڙو شريعت جو رنگ لڳندو جو توهان حيران ٿي ويندو.

هجرتون: شروع ۾ پاڻ بٽي لنڊان جيڪو دامان جي علائقي ۾ آهي، اُتي رهندا هيا. ان کان پوءِ ضلع ڏيره غازي يارو ڪوسو کان اتر طرف سڪونت پذير ٿيا. ان بستي جو نالو "**غريب آباد**" رکيائون. آخر ۾ پاڻ تحصيل ڪوٽ اَدُو جي شهر سنانوان شريف ۾ زمين خريد ڪري هميشہ لاءِ سڪونت اختيار ڪيائون. سندن مزار مبارڪ بہ اتي آهي.

سندن ارشادات :

❋ فاقہ جي رات فقير لاءِ معراج جي رات هوندي آهي.

❋ ولايت جو پهريون قدم توجہ اِلي الله ترڪ ماسوي الله آهي.

❋ ننگر جو ڪم تزڪيہ نفس لاءِ آهي ۽ الله تعاليٰ جو ذڪر تصفيہ قلب لاءِ آهي.

❋ جسماني علاج سنت آهي ۽ روحاني علاج فرض آهي .

❋ ولي الله سواءِ الله جِي ذات جي ڪنهن جو بہ غرض نہ رکندو آهي. البتہ جيڪو ان جي ويجهو ويو ان کي قرب مليو.

❋ ولي الله جو قول ڪڏهن ڪڏهن بظاهر خلافِ مزاج هوندو آهي پر فائديمند هوندو آهي. مقبول ماڻهو جي ڳالهہ کي رد نہ هوندو آهي.

❋ مُرده دل جي نشاني اِها ئي آهي جو اُهو مسجد ۾ گهٽيون ڳالهيون ڪري.

❋ جيڪو شخص تقويٰ اختيار ڪري اُهو الله تعاليٰ جو مڪرم ٿي ويندو آهي ۽ الله تعاليٰ ان کي تقويٰ وارو ڪاڌو بلا تڪلف عطا ڪندو آهي.

❋ عاشق جو مطلب ڪباب آهي.

❋ نيڪي تي ناز نہ ڪر، تو ڪان وڌيڪ نازنين جهنم جو گرهہ بنجي ويا.

❋ بهترين دوست اُهو آهي جيڪو تنهنجا عيب ٻڌائي ۽ سخت هجي تہ جيئن تون آخرت ۾ بي عيب هجين.

❋ جيڪو دوست نصيحت نہ مڃي اُن ڪان پاسو ڪيو.

❋ ڪافر کي مسلمان ڪرڻ آسان آهي پر بگڙيل مسلمان کي حقيقي مسلمان ڪرڻ ڏاڍو مشڪل آهي.

❋ الله وارن جي گستاخي ۽ بي ادبي ڪرڻ واري کي سزا ملندي آهي. الله پنهنجي گستاخن کي ڍِگهو رسو ڏيندو آهي پر پنهنجي دوستن جَي گستاخن جِي گستاخي برداشت نہ ڪندو آهي ۽ فوراً انجام ڏيکاري ڇڏيندو آهي.

❋ ولي الله ڏيندو آهي، گهرندو نہ آهي. جيڪو گهري اهو پڪاري آهي، ولي الله نہ آهي

❋ عالمن لاءِ ولي جي صحبت عام ماڻهن ڪان وڌيڪ ضروري آهي.

شاديون ۽ اولاد: پاڻ ٽي شاديون ڪيائون جن مان ڪين پنج فرزند ۽ پنج نياڻيون ٿيون.
پهرئين بيبي صاحبہ مان: صاحبزاده معصوم صاحب ۽ محمد قيوم صاحب ۽ ٻہ نياڻيون.
ٻين بيبي صاحبہ مان: هڪ صاحبزادو محمد حسن صاحب ۽ ٻہ نياڻيون ٿيون.
ٽين بيبي صاحبہ مان: ٻہ صاحبزادا حضرت خليفہ محمد مسلم صاحب ۽ محمد پارسا صاحب ۽ هڪ نياڻي ٿي.
سندن آخري تقرير: سنڌ صوبي جي ٺُل شهر ۾ پاڻ پنهنجي آخري تقرير ۾ فرمايائون :
هر ڪم ۾ الله ۽ ان جي رسول ﷺ ۽ مرشد جي رضا تلاش ڪجو ۽ سڄي جماعت متفق ٿي هن سلسلي کي جاري رکجو. اختلاف پيدا نہ ڪجو. ان کان پوءِ پاڻ فرمايائون تہ مان سڀ شريعت جا حڪم توهان تائين پهچائي ڇڏيا ۽ توهان کي شريعت ۽ طريقت جي تعليم ڏني. ڪڏهن بہ سوال چندو ۽ دنياوي طمع و لالچ نہ رکيم. ان وقت فقيرن ۾ جذبي جي ڪيفيت طاري ٿي وئي ۽ سڀ فقير روئي رهيا هيا. پوءِ پاڻ فرمايائون :
فقيرو ٻڌو! هي منهنجي زبان توهان جا ڪَنَ، منهنجا ۽ توهان جا ڪراماً ڪاتبين، هيءَ مسجد، سڀ شاهد آهن تہ مان پنهنجو حق ادا ڪري ڇڏيو. هاڻي توهان جي مرضي عمل ڪندو تہ فائدو ٿيندوَ نہ تہ پاڻ جوابدار ٿيندو. فرمايائون : اي الله شاهد رهجانءِ تہ مان پنهنجي رسول ﷺ ۽ پير و مرشد جو پيغام انهن ماڻهن تائين پهچائي ڇڏيو.
ان ڏينهن کان پوءِ سندن طبيعت وڌيڪ ناسازگار ٿي وئي. 22 جمادي الاول 1400ھ کان مٿن استغراقي ڪيفيت طاري ٿي وئي. پاڻ بلڪل خاموش ٿي الله جي ذڪر ۾ مشغول ٿي ويا، صرف نماز وقت ويهي نماز ادا ڪندا هيا.
وصيت: وصال کان ڪلاڪ اڳ وڏي صاحبزادي محمد معصوم کي وصيت فرمايائون تہ :
- پُٽَ تون هن جماعت کي سنڀالجانءِ ۽ ان کي ضايع نہ ڪرڻ ڏجانءِ بغير طمع و لالچ جي تبليغ جو سلسلو جاري رکجانءِ. چندي ۽ سوال کان گريز ڪجانءِ.
- تقويٰ تي قائم رهجانءِ.
- هن راھ ۾ توکي وڏي آزمائشن سان منهن ڏيڻو پوندو وڏي مشڪلات پيش ايندي. الزام ۽ تهمتون لڳايون ويندين. منهنجا پيارا پُٽَ! ياد رکجانءِ گهبرائجانءِ نہ.

✵ صبر ۽ استقامت اختيار ڪجانءِ.منهنجون دعائون تون سان گڏ رهنديون انشاء الله.

✵ مون وٽ ڪجهہ فقيرن جون امانتون آهن، اُهي گهر مان پڇي ڏئي ڇڏجانءِ.

صاحبزاده محمد عبدالقيوم جي مطابق ان وقت مٿن عجيب ڪيفيت هئي جو پاڻ پنهنجو مٿو مبارڪ منهنجي وڏي ڀاءُ محمد معصوم صاحب جي ڪڇ ۾ رکي انجي طرف توجہ ڪري وصيت فرمائي رهيا هيا. سندن لفظن مان انوار و تجليات نظر اچي رهيا هيا. اسان آلين اکين سان کين ڏسي رهيا هياسين. سندن ساڄي پاسي کان صاحبزاده محمد عبدالقيوم، صاحبزاده محمد محسن ۽ محمد سليم صاحب ۽ کاٻي پاسي کان سندن ڀاءُ ميان سردار بخش صاحب ۽ ان جو صاحبزادو عبدالرحمٰن صاحب ويٺا هياسين.

وصال پُر ملال: وصيت ڪرڻ کان پوءِ پاڻ الله جي ذڪر ۾ مستغرق ٿي ويا. انهيءَ ئي ڪيفيت ۾ پاڻ 26 جمادي الاول 1399هہ بمطابق 24 اپريل 1979 بوقت 12 بجي اڱاري ڏينهن دارالفنا کي الوداع چئي هميشہ لاءِ پنهنجي رب سان مليا.

*دل تو جاتا ہے اس کے کوچے میں * جا میری جان جا خدا حافظ*

سندن وصال جي خبر چئني طرف پکڙجي وئي. هزارين جانثار گڏ ٿي ويا. تجهيز ۽ تکفين بعد سندن جسم مبارڪ سناوان شريف جي الهندي طرف ٽي فرلانگ جي فاصلي تي واري جي دڙي تي آندو ويو. بعد نمازِ جنازه هزارين آلين اکين سان کين اتي دفنايو ويو. جتي اڄ بہ هر وقت الله الله جي ذڪر جي جهونگار جاري آهي.

درگاهہ حبيبيہ شريف : سندن دربار تي هر سال ٽيوهين چووهين اپريل تي سندن عرس مبارڪ وڏي عقيدت ۽ اهتمام سان ملهايو ويندو آهي. پري پري کان هزارين معتقدين ۽ مريدين جو جمِ غفير جمع ٿيندو آهي. ان کان علاوه هر اسلامي مهيني جي يارهين تاريخ تي ديني اجتماع پڻ ٿيندو آهي .

جماعت جي تقسيم : سندن وصال کان پوءِ يارهين جمادي الثاني 1399هہ تي سندن پهرئين خانقاه **غريب آباد شريف** تي يارهين جو اجتماع ٿيو جنهن ۾ تقريباً سڄي جماعت شريڪ ٿي. ان ڏينهن ڪجهہ جماعت سندن سجاده نشين حضرت محمد معصوم سان بيعت ثاني ڪئي ڪي وري سندن فرمان مطابق خليفہ حبيب الرحمان واري بيعت تي قائم رهيا.

قطعہءِ وفات:

مرقدِ غوث زماں، خواجہ حبیبِ خوشخصال
مرکزِ انوارِ عرفاں چشمہء کیف و جمال
مرشد من باحیا و با صفا و باکمال
پُر وقار و پُر سرور و پُر بہار و پُر جمال
منبعِ جود و عطا و پیکر صبر و رضا
قبلہءِ دین قطبِ دوراں بے نظیر و بیمثال
اہلِ دانش، اہلِ حکمت اہلِ اسرارِ خفی،
صاحب قلب و نظر اور صاحبِ جاہ و جلال
محوِ فکرِ شعر تھا میں غیب سے آئی ندا،
بے گماں لکھ "فرج باغِ حق" تو تاریخِ وصال
۱۳۹۹ھ

خواجہ تنہا چھوڑ گئے ہیں مجھ برہاکی پیاسی کو،
منگل دن پردہ کرگئے چوبیں چار اناسی کو،
۲۴ ۴ ۷۹

وقت کے قرطاس پر لکھ کر گئی موج نسیم
مصرعِ تاریخ خواجہ "باغِ حق بوئے کریم"

علم و حکمت کا خزینہ:

علم و حکمت کا خزینہ ہیں حبیب الرحمٰن، فہم و عرفان کا زینہ ہیں حبیب الرحمٰن۔
جن کی ہر بات سے انمول گہر کی صورت، معرفت کا وہ دفینہ ہیں حبیب الرحمٰن۔
جن کے پہلو سے محبت کی شعائیں پھوٹیں، وہ طریقت کا نگینہ ہیں حبیب الرحمٰن۔
بادہ کش بادہِ توحید پیئے جاتے ہیں، فکر کا ساغر و مینا ہے حبیب الرحمٰن۔
اک زمانے کو سکھاتا ہے جو آدابِ حیات، سادگی کا وہ قرینہ ہیں حبیب الرحمٰن۔
سالک راہ حجابوں سے گذر جائے گا، باب عظمت کا وہ زینہ ہیں حبیب الرحمٰن۔
آپ کی زیست کا مقصود تھا اصلاح جہاں، نائب شاہِ مدینہ ہیں حبیب الرحمٰن۔

سجاده نشين

حضرت خليفہ حبيب الرحمان رحمة الله عليه جي دربار تي سندن سجاده نشين صاحبزاده حضرت خواجہ محمد معصوم صاحب آهن. جن جي ولادت 1956ع ۾ بتي لُندان ۾ ٿي. پاڻ ميٽرڪ تائين پڙهيا. ديني تعليم والد محترم وٽ حاصل ڪيائون. پاڻ پهرين بيعت پنهنجي والد گرامي سان ڪيائون. سندن والد جي وفات کان پوءِ پاڻ حضرت سهڻا سائين سان بيعتِ ثانيہ ڪيائون. انهن کين خلافت بہ ڏني. انهن جي وفات بعد حضرت سڄڻ سائين سان بيعت ثالثہ ڪيائون. جن وٽان بہ پاڻ اجازت يافتہ آهن.

صاحبزاده محمد مسلم: جيڪي حضرت خليفہ محمد سعيد جا خليفہ مجاز آهن، تن جي مسجد بہ دربار حبيبيہ جي پاسي ۾ آهي. اهي بہ ديني خدمتن ۾ مصروف آهن.

مراڪز: خواجہ معصوم صاحب ڪيترائي مرڪز کوليا آهن. جيئن ملتان ۾ سميہ آباد ۾ هر اسلامي مهيني جي پهرئين آچر تي مغرب نماز کان پوءِ محفل ڪئي ويندي آهي. ٻيو مرڪزگلزير ڪالوني ۾ اٿن، اتي اسلامي مهيني جي ٻئين آچر تي مغرب نماز کان پوءِ، ٽيون مرڪز منچن آباد ضلع بهاول نگر ۾، چوٿون مرڪز دينار خورد خلي اوڪاڙا ۾ آهي.

شادي ۽ اولاد: پاڻ هڪ شادي ڪيائون جنهن مان پنج فرزند ۽ ٽي نياڻيون ٿين.

1. محمد ابوبڪر صديق: عالم آهي، انوار العلوم کان فارغ التحصيل آهي.

2. محمد عمر فاروق: ابتدائي ديني تعليم چار سالن تائين حاصل ڪيائين ۽ هاڻي ٻي ڪام ڪري رهيو آهي. **3. محمد عثمان:** حافظِ قرآن آهي. تجويد جي تعليم حاصل ڪيائين ۽ بي اي جي تياري ڪري رهيو آهي. **4. فضل علي:** حافظِ قرآن ۽ ايف ايس سي ڪري رهيو آهي. **مظهر حبيب:** اٺين ڪلاس جو شاگرد آهي.



سناوان شريف جي مسجد ۽ انجو محراب ۽ دربار

102هون خليفو: امتنان لاحد الصمد فی تذکرة خليفة سردار احمد

حضرت خليفہ
محمد سردار احمد

تابع شريعت، واقفِ رموزِ حقيت حضرت خليفہ محمد سردار احمد ولد وزيرخان 1930ع ۾ ڳوٺ ڳڙهہ شنکر ضلعو هوشيارپور، هندستان ۾ تولد ٿيا. ننڍپڻ بہ پنهنجي اباڻي ڳوٺ ۾ گذاريائون. پاڪستان آزاد ٿيڻ کان پوءِ لاهور اچي سڪونت اختيار ڪيائون. ان وقت سندن عمر 17 سال هئي. پوءِ وري سنڌ ۾ اچي رهيا.

تعليم: انٽر لاهور ۾ ڪيائون. ناظره قرآن شريف مولوي عبدالڪريم وٽ پڙهيا. نئون ديرو ۾ رهڻ دوران عربي فارسي جي ڪجهہ ڪتابن جو بہ مطالعو ڪيائون. عربي ۽ فارسي مولوي محمد صالح پيتو، خليفہ عبدالرحمان وڳڻ کان ۽ مولوي عبدالڪريم کان بہ علم حاصل ڪيائون. انٽر ڪرڻ کانپوءِ لاهور ريلوي اسٽيشن تي ڪلارڪ طور ڪم ڪيائون.

بيعت: نوڪري ڪندي ڪين بيقراري ۽ بي چيني ٿيڻ لڳي. پوءِ نوڪري ڇڏي پنهنجي والدين ۽ وڏي ڀاءُ بوٽا خان وٽ لاڙڪاڻي ۾ رهائش پذير ٿيا. لاڙڪاڻي ۾ پير مٺا سائين جي فيض برڪت جو تذڪرو هلندو رهندو هيو. ڪين دل ۾ زيارت جو شوق پيدا ٿيو. پوءِ هڪ ڏينهن خليفہ غلام محمد پيتي ﷫ سان گڏجي رحمتپور شريف ۾ پير مٺا سائين سان بيعت ڪيائون. هي 1957ع جو دؤر هيو، ان وقت سندن عمر 25 سال هئي.

خلافت ۽ تبليغ: وڏا مجاهدا ڪري سلوڪ جون منزل طي ڪيائون. سندس والهانہ محبت ۽ اڻٿڪ محنت ڪي ڏسندي مرشدن ڪين 1960ع ۾ خلافت بہ ڏني. ڪين نئون ديرو ۽ ان جي آس پاس جي علائقن ۾ تبليغ جو امر فرمايائون. پاڻ ڪيترن ئي ڳوٺن ۽ بستين ۾ وڃي دين جي چراغ ڪي روشن ڪيائون انهن ۾ ميرپورخاص، لاڙڪاڻو، نئون ديرو، مدئجي، شڪارپور، سڪر، سيالڪوٽ، فيصل آباد، لاهور، بهاولپور، قصور، بچيڪي، ننڪانہ شامل آهن.

پير مٺا سائين جي وصال کان پوءِ 1965ع ۾ پنجاب روانا ٿيا. ضعيف العمر هجڻ جي باوجود اڃان تائين ڪين تبليغ جو ايڏو حرص ۽ جذبو آهي جو ڪلاڪن جا ڪلاڪ ذڪر قلبي، سلوڪ، طريق وصول الي الله ۽ صحبتِ صالحين جي موضوعن تي بهترين بيان ڪري پنهنجي مريدين ۽ متعلقين جي دلين کي منور ڪندا آهن.

مرشد جو پيار: خليفه صاحب ته پنهنجي مرشد سان بيحد محبت ڪندا هيا پر مرشد جو به پيار ۽ شفقت مٿس هر وقت هوندي هئي. سندن مرشد جي وصال کان پوءِ ماڻهن کي خليفه صاحب جو اصل نالو وسري ويو ۽ خليفه صاحب کي به "**منو پير**" جي نالي سان ياد ڪرڻ لڳا. خليفه صاحب کي پنهنجي پير سان ايتري ته محبت هئي جو پنهنجن سڀني مرڪزن تي پنهنجي نالن بجاءِ "**دربار عاليه رحمتپور شريف حضرت مٺا پير**" جو نالو رکيائون. پاڻ ڏينهن رات ايتري ته تبليغ ڪيائون جو ماڻهن کي پير مٺا جو دؤر ياد اچي ويو ۽ خليفه صاحب کي به "**پير مٺا**" جي نالي سان سڏڻ لڳا.

سندن مرڪز: چڪ نمبر 562 گ.ب تحصيل جڙان والا فيصل آباد تي هر چنڊ جي ستين جي رات پروگرام ٿيندو آهي. 2. ڊوڊي والا لڳ فيصل آباد تي چنڊ جي سترهين تي روحاني اجتماع ٿيندو آهي. 3. مڏ تيني ڪالوني، مسجد جمالِ مصطفيٰ شيران والا پارڪ شاليمار باغ لاهور ۾ اسلامي مهيني جي چوويهين جي رات محفل ٿيندڙ آهي.

4. دمٿل ناوال تي اسلامي مهيني جي ويهين جي رات.

5. فاروق آباد، ضلعو شيخوپوره تي اسلامي مهيني جي ڇويهين جي رات.

6. فاروق آباد، ضلعو شيخوپوره ۾ اسلامي مهيني جي چوڏهين جي رات.

حج: پاڻ هڪ حج 1990ع ۾ ادا ڪيائون.

شاديون ۽ اولاد: پاڻ 16 شاديون ڪيائون. هن وقت کين ٽي گهرواريون آهن. کين 3 فرزند ۽ 9 نياڻيون آهن. 1. مرحوم خالد محمود 2. مولوي عبدالخالق صاحب 3. محمود الحسن . سندن ٽنهين فرزندن کي سڄڻ سائين کان خلافت مليل آهي.

سجاده نشين: پنهنجي نحيف طبيعت سبب پنهنجي ٻئي نمبر فرزند مولانا عبدالخالق کي پنهنجو سجاده نشين مقرر ڪيو اٿن. جيڪو بهترين قاري ۽ رباني عالم آهي.

103 هون خليفو:

حضرت خليفه
جلال الدين ايراني
رحمة الله عليه

حضرت خليفه جلال الدين ايراني رحمت الله عليه پاڻ اصل ايران جا هيا. سندن مادري زبان فارسي هئي. عالم دين هئڻ کان علاوه بهترين حڪيم پڻ هيا. عربي توڙي فارسي زبان ۾ وڏي مهارت رکندا هيا. اڪثر ڪري مثنوي شريف پڙهندا هيا. پاڻ حضرت پير مٺا سائين رحمت الله عليه سان درگاهه رحمتپور شريف ۾ بيعت ڪيائون. سندن محنت ۽ محبت کي ڏسندي مرشد ڪين خلافت ڏئي بلوچستان ۽ ايران ۾ تبليغ لاءِ موڪليائون. پاڻ پنهنجي زندگيءَ جو وڏو حصو تبليغ ڪندي بسر ڪري ڇڏيائون.

مرشد جي وصال کان پوءِ حضرت خليفه الله ڏتہ رحمت الله عليه سان درگاهه غفار آباد ۾ بيعت ڪيائون. ڪين درگاهه شريف تي الڳ ڪمرو بہ ڏنو ويو جنهن ۾ پاڻ حڪمت بہ ڪندا هيا. سندن معمول هيو تہ ڪجهه مهينا درگاهه شريف تي رهي، وري تبليغ لاءِ روانا ٿي ويندا هيا.

حضرت خليفه الله ڏتہ رحمة الله عليه جي وصال کان پوءِ ڪجهه وقت حضرت خليفه سهڻا سائين رحمة الله عليه وٽ درگاهه الله آباد شريف ڪنڊيارو ۾ ۽ ڪجهه عرصو خليفه اميرالدين بگٽي وٽ سئي ڪالوني بلوچستان ۾ بہ رهيا. پوءِ زندگي جا آخري ڏينهن پنهنجي وطن ايران ۾ گذاريائون. وفات بہ ايران ۾ ڪيائون. جتي سندن مزار مرجع خلائق آهي.

104 هون خليفو:

حضرت خليفه
عبدالڪريم بگٽي

حضرت خليفه عبدالڪريم بگٽي رحمت الله عليه ڳوٺ ڊيرا بگٽي بلوچستان ۾ ڄاوا.

تعليم: ابتدائي تعليم پنهنجي ڳوٺ ۾ حاصل ڪيائون. ان ڪان پوءِ عربي ۽ فارسي به پڙهيا.

بيعت: پهريائين پاڻ بلوچستان جي پير جندع شاهه سان بيعت هيا. پير جندع شاهه جي باري ۾ ٻڌايو ويو ته پاڻ چرين ماڻهن جو علاج ڪندا هيا. جيڪو به چريو سندن خدمت ۾ آندو ويندو هيو ته ان ڪان پڇندا هيا ته ڪتي ڪائيندين ۽ ڪتي هر هلائيندين؟ ان ڪي جواب به پاڻ سيکاريندا هيا. تي چار دفعا اهو ساڳيو سوال پڇڻ تي اهو چريو سياڻو ٿي ويندو هيو.

بيعت ثاني: پاڻ حضرت پير مٺا سائين رحمت الله عليه سان درگاهه رحمتپور شريف ۾ بيعت ڪيائون. پاڻ پنهنجي مرشد سان والهانه محبت ڪنداهيا. سدائين مرشد جي محبت ۾ سندن اکيون آليون هونديون هيون. مرشد سندن محبتن، محنتن ۽ خلوص ڪي ڏسندي کين خرقهءِ خلافت ڏئي بلوچستان ۾ تبليغ ڪرڻ لاءِ فرمايائون. مرشد جي حڪم جي تعميل ڪندي پوري زندگي تبليغ ۾ گذاري ڇڏيائون. خليفه صاحب هر يارهين جي موقعي تي جماعت ساڻ ڪري مرشد جي خدمت ۾ حاضر ٿيندا هيا.

پير مٺا سائين جي وصال ڪان پوءِ خليفه حضرت الله ڏته ﷫ سان بيعت ڪيائون. پوءِ پاڻ درگاهه غفار آباد شريف ميهڙ ۾ سڪونت اختيار ڪيائون. حضرت خليفه الله ڏته جي رفاقت ۾ ڪنڌ ڪوٽ ۽ بلوچستان جي مختلف علائقن ۾ تبليغ ڪيائون.

ڪجھ وقت درگاھہ نور پور شريف ۾ بہ رهيا. خليفہ الله ڏنہ صاحب جي وصال کان پوءِ پاڻ بلوچستان هجرت ڪيائون.

مٿو پاڻي: ڪين ماڻهو پنهنجن ڳوٺن ۾ مٺي پاڻي جي نشاندهي ڪرڻ لاءِ وٽي ويندا هيا. پاڻ اتي مراقبو ڪري مٺي پاڻي جي نشاندهي ڪندا هيا. فرمائيندا هيا تہ حضرت پير مٺا سائين رحمت الله عليہ مون کي هڪ وظيفو ڏسيو هيو جنهن جي پڙهڻ سان زمين ۾ مختلف رنگن جو پاڻي نظر ايندو آهي. جتي صاف پاڻي ڏسندو آهيان تہ ماڻهن کي ٻڌائيندو آهيان تہ هتي مٺو پاڻي آهي.

وصال پُر ملال: سندن وصال بلوچستان ۾ ٿيو پوءِ وصيت مطابق سندن جنازو درگاھہ نور پور شريف ۾ آندو ويو ۽ اتي ئي ڪين دفن ڪيو ويو.

شادي ۽ اولاد: پاڻ هڪ شادي ڪيائون. ڪين هڪ پٽ علامہ مولانا حڪيم صوفي محمد عمر بگٽي صاحب ٿيو. جيڪو عالم دين هجڻ سان گڏو گڏ ماهرحڪيم بہ آهي. هن وقت پاڻ ڪوئيٽہ ۾ سڪونت پذير آهي ۽ اوقاف طرفان سئي گئس ڪالوني بلوچستان جي جامع مسجد ۾ پيش امام بہ آهي.

حڪيم صوفي محمد عمر صاحب بہ شاديون ڪيون آهن جنهن مان ڪيس ٽي پٽ ۽ ٽي نياڻيون آهن. پٽن ۾ : 1. مرحوم محمد يعقوب. 2. محمد ابراهيم. 3. محمد عبدالڪريم .

گذارش

پڙهندڙ محترم مهربانن جي خدمت ۾ گذارش آهي تہ اسان پنهنجي وس آهر ڪوشش ڪري خليفن لاءِ در در وڃي مواد جمع ڪيو آهي ۽ مواد کي پوري طرح ديانتداري ۽ امانتداري سان ڪتاب ۾ شامل ڪيو آهي. ان جي باوجود بہ اگر ڪا غلطي رهجي وئي هجي يا اسان کي مليل معلومات صحيح نہ هجي تہ بجاءِ اعتراض ڪرڻ جي اسان کي آگاھہ ڪندا تہ جئين ايندڙ ايڊيشن ۾ ان جو ازالو ڪري سگهجي.

آخري عرض

هيٺ ذنل خلفاء ڪرام جو اسان کي مواد ملي نہ سگهيو آهي. قارئين ڪرام کي گذارش آهي تہ اگر اوهان وٽ ڪو مواد يا معلومات هجي تہ اسان کي ضرور آگاهہ ڪندا تہ جيئن اڳئين ايڊيشن ۾ سندن ذڪر آندو وڃي. اسانجو موبائيل نمبر 03002522741

E.mail: dilbarpeer@yahoo.com
ismailkarmi@yahoo.com

نمبر خليفہ	اسماءِ خلفاء ڪرام	علائقو
105	حضرت خليفہ قائم دين رحمت الله عليہ	قمبر، شهدادڪوٽ
106	حضرت خليفہ مولوي محمد رحمت الله عليہ	دوست علي قمبر، شهداد ڪوٽ
107	حضرت خليفہ ولي الله شاهہ رحمت الله عليہ	راڌڻ، دادو
108	حضرت خليفہ علي مراد ڪلهوڙو رحمت الله عليہ	دين پور، دادو
109	حضرت خليفہ حامد علي شاهہ رحمت الله عليہ	چتو واهڻ، دادو
110	حضرت خليفہ محمد بروهي رحمت الله عليہ	قاضي عارف ميهڙ، دادو
111	حضرت خليفہ محمد مگٽيجو رحمت الله عليہ	دادو
112	حضرت خليفہ علي محمد تنگا رحمت الله عليہ	دادو
113	حضرت خليفہ عبدالحڪيم پنجابي رحمت الله عليہ	سکر
114	حضرت خليفہ محمد بخش رحمت الله عليہ	قلات، بلوچستان
115	حضرت خليفہ محمد سليمان رحمت الله عليہ	ڪيرٿر، بلوچستان
116	حضرت خليفہ عبدالحي رحمت الله عليہ	بنگال، بنگلاديش
117	حضرت خليفہ مولانا منير احمد رحمت الله عليہ	بمبئي، ڀارت
118	حضرت خليفہ عبداللطيف پنجابي رحمت الله عليہ	علائقو معلوم ٿي نہ سگهيو.

غفاري فڪر جا ترجمان ڪجهہ اشعار

مان سُني آهيان مان سُني آهيان :

مان سُنـّي آهيان، مان سُنـّي آهيان، منهنجو سُنت سان بس پيار آهي،
منهنجو عشق آهي هڪ عربي سان، بس منهنجو ٻيڙو پار آهي.

الله منهنجو معبود آهي، منهنجي مَنَ جو اُهو مقصود آهي،
اهو هر جاءِ حق موجود آهي، اهو منهنجو پالڻهار آهي،

منهنجو هوت حبيب حڪيم آهي، جيڪو صاحب خُلق عظيم آهي،
سو رؤف رحيم ڪريم آهي، اهو مدني منهنجو مهندار آهي.

مان چُمندو نبيءَ جو نام آهيان، مان پنج تن پاڪ جي سام آهيان،
سڀ اصحابن جو غلام آهيان، منڪر تي رب جي مار آهي.

ابوبڪر عمر عثمان علي، منهنجو چئني سان آ چاهہ دلي،
منهنجا حسن حسين امام ولي، منهنجو هر اصحاب سان پيار آهي.

ميلاد نبيءَ جو ملهايان ٿو، مان نعت نبي جي ڳايان ٿو،
مان غوث جي يارهين ڪاوان ٿو، هر وليءُ منهنجو دلدار آهي.

مان پڙهندو رب جو ڪلام آهيان، مان ونندو نبيءَ جو نام آهيان،
مان غوثِ اعظم جو غلام آهيان، منهنجي دشمن جي اها هار آهي.

منهنجي ان سان اصل ڪان ڪوڏ پوي، جيڪو عربي کي پاڻ جهڙو چوي،
وجهي ڏوڙ مٿي ۾ پيو ٿو ڏنوين، ڪيو ڪَنڙُوءَ کي رب خوار آهي.

توڙي ”ڪرم الله“ ڪمزور آهيان، تہ بہ دشمن لئي شهزور آهيان،
پنهنجي جانب تان جند گهورَ آهيان، منهنجو پير سخي پڳدار آهي

اسان حيدر جا حبدار آهيون:

اسان حيدر جا حبدار آهيون، كندا آل نبيءَ سان پيار آهيون.
اسان احمد صمد الله مجون ، اهو باري بي پرواهه مجون،
اسان وحدت واري راهه هلون ، ڏيندا مشرڪ کي اسان مار آهيون.
اسان نور نبي سردار مجون ، سڀ بشرن جو سالار مجون،
ريءَ پاڇي سو دلدار مجون ، اسان مڃيندا نبي مختار آهيون.
جنهنجو پنجتن پاڪ سان پيار نه آ ، جيڪو مڃيندو چارئي يار نه آ،
تنهنجي ڪلمي جو اعتبار نه آ ، تن تڙيلن کان اسان ڏار آهيون.
اسان يارهين وارو يار مجون ، اسان غوث اعظم دلدار مجون،
اسان پير متو پڳدار مجون ، اسان ابو حنيفه جا يار آهيون.
اسان پِٽڪو ماتم کو نه کيون، اسان ڪارا ڪپڙا ڪونه ڍڪيون،
اسان جھنڊن اڳيان ڪو نه جُهڪون، ڪندا مسجد سان اسان پيار آهيون.
آهيون "ڪرم الله" اسان پير وارا ، سائي چادر واري مير وارا،
آهيون غوثِ اعظم دستگير وارا، ڪندا ڪانوءَ خورن کي خوار آهيون.

توحيد واري وات وٺ :

توحيد واري وات وٺ، تي شرڪ بدعت کان پري،
ظالم اهو آهي وڏو، جو شرڪ ربِ سان تو ڪري.
هڪ آهي هڪ هو ۽ هوندو، هڪ اُهو بيو سڀ فنا،
وحده لاشريڪ آ، جيئن چاهي تيئن تو ڪري.
اِيَّاكَ نَعْبُدُ تو پڙهين، ۽ اِيَّاكَ نَسْتَعِينُ،
پوءِ به سجدا غير کي، انصاف خود ڏس تون ڪري.
هي صراطِ مستقيم، مدني متي سيڪاري آ،
اَنْعَمْتَ واري راهه هل، مَغْضُوبِ کان تي وڃ پري.
عمر ساري جي عبادت، شرڪ ۾ تي چَٽُ ٿئي،
جو ڪَري تو شرڪ جَڙُ، تو آسمانن تان ڪِري.
عشق رک عربيءَ سان، دين سو ايمان آ،
جو نبي کان دور ٿيو، سو تي ويو رب کان پري.
عمل کر سنت متي، "ڪرم الله" جي ڳالهه مڃ،
جو هلي حق راهه تي، ڀاڳ ان جو تو وري.

او منڪر مدنيءَ جا:

او مُنڪر مَدَنِيءَ جا، هاڻي هيڏو مَغزُ نہ هَڻُ،
تون ڪَجَ ۾ قرآن ڪٺي، ايڏا ڪوڙا قسم نہ کڻ.
تاويلون ڪري اُونديون، ڪٺي ماڻهو مُنجهايا تئي،
قرآن پِنيا پُجندئي، ڪو پَوَندُئي مٿي تي پَهَڻُ.
مِيلادُ مَلهائڻَ کان، مخلوق کي روڪين ٿو،
وڏا ڳالهہ ۾ وَڪَڙ وجهي، ڪانديرو ٻڌائين وَڻُ.
تون پاڻ رُليو آهين، پر راج رُلائين ٿو،
بستر کي رکي سر تي، تَئو ڪِتلي ڪرو نا کڻ.
يارهين کان يڪو روڪين، ڪٺي ڪانگ حلال ڪيئي،
توحيد جي توکي آ، وڏي اندر لڳي اُڻ تُڻ.
مخلوق کي مُشرِڪُ چئي، تنهنجي نوڙهہ نري پيئي،
چوين: ”غير کان ڪين گهرو“، پر پنڻَ ۾ تون هڻ کڻ.
نبين ۽ وَلِيّن کي، مُردو تُو سڏين موڳا،
بڪواس اها بند ڪر، ائين ”مٽيءَ جا ڍير چوڻ“.
عاشق جي درود پڙهن، وڃي تنهنجو ٻُوٿُ ڦِري،
سائين تي صلواة پڙهن، تنهنجو ڪهڙو ٻَدَن تا ڏَنُ.
قرآن پڙهين ٿو پر، نا هيٺ نڙيءَ کان هَلَئي،
ٿي توبہ تائب تون، مڃ ”ڪرم الله“ جو چوڻ.

شانَ وارا مانَ وارا چار يار:

شانَ وارا مانَ وارا چار يار، جو مڃي چئني کي ان جا ٻيڙا پار.
بوبڪر صديق آ پهريون نمبر، گنبذِ خضراء ۾ جنهن جي آ قبر، سچڻ جو ساٿي ۽ آهي يار غار .
ٻيو خليفو مصطفيٰ جو آ عمر، جنهن جي دشمن تي ڪيو قادر قهر، ان جو منڪر آ هِتي ۽ هُتڙي خوار.
ٽيون خليفو حضرتِ عثمان آ، علم وارو حلم وارو جامع القرآن آ، جنهن جا امت تي آهن ٿورا اَپار.
چوٿون نمبر دل جو دلبر حضرتِ حيدر علي، علم جو در ۽ آهي حق جو ولي، سو اسان سُنِيُن جي اکڙين جو آٺار.
چئن يارن جي ثنا ڪر ”ڪرم الله“ منڪرن جا دل جگر جيرا جلا، عشق اصحابن جو رک تون تاروتار.

محبوب محمد جو مستانو هان مستانو

محبوب محمد جو مستانو هان مستانو،
روڪيو نہ مونکي روڪيو ديوانو هان ديوانو.
سيني ۾ هيم هڪ دل محبوب کي ڏئي موٽيس،
مان پرت پرين جي ۾ پروانو هان پروانو.
ماڻهون ٿا چون مونکي ٿي توکي ويو آ ڇا؟
ڪنهنکي مان ٻڌايان ڇو هي حال فقيراڻو.
هي ٻار ٻچا منهنجي هي مال مڏيون ملڪيت،
سائين جي مٿان صدقي سي ساهہ بہ نذرانو.
ماڻهو جي رُٺا مونکان پرواهہ ناهي ڪنهنجي،
لاتي آ نپائيندس هي قول آ مردانو.
اي پيارا پرين توکي اڳتي جي آهي پارت،
محشر ۾ بہ تون ڇئجاءِ منهنجو آهي مستانو.
هن "ڪرم الله " تي ڪجو، ڪو ڪرم پرين پنهنجو،
ڪڏهن ڪو نہ ڇڏيندس مان عربي تنهنجو آستانو.

غوثِ اعظم پير منهنجو:

غوثِ اعظم پير منهنجو دلربا آ دستگير،
پير دنيا ۾ لکين پر هي آهي پيرانِ پير.
چور کي ابدال پنهنجي هڪ نظر سان جنهنَ ڪيو،
ٻڏل ٻيڙو ٻيڙي وارو جنهن پنهل پار ڪيو،
وڻ سُڪا ساوا ٿيا ها جت لڳا جانب جا پير.
قطبِ رباني چوان، محبوبِ سبحاني چوان،
غوثِ صمداني چوان ۽، پيرِ لاثاني چوان،
آ سين سالار سو ميران محي الدين مير.
ڪل ولين جي مٿان سهڻي سندو آهي قدم،
مرتبو ان جو ٿيو اعليٰ ۽ بالا ۽ اُتم،
سڀ مڃن ان جي ولايت اولياءِ ڪُل ڪبير.
"ڪرم الله" ٻچڙن ۽ ٻارن سوڌو سيد جو غلام،
پڪ اٿم منهنجي شفاعت سو ڪندو روزِ قيام،
اَلْمَرْءُ مَعَ مَنْ اَحَبَّ، مان سندس آهيان فقير.

پير غفاري گهوٽ اسانجو:

پيرُ غفاري گهوٽ اسان جو، عزّت عظمت وارو آ،
رنگَ لڳايا راڄن کي جنهن، اهڙو الله جو پيارو آ.

پيارو سو پنجاپ مان آيو، رنگُ آ رهبر سنت کي لايو،
مُحبُ مسيحا بنجي آيو، جڳ ۾ جنهن جو نعرو آ.

جَذبن جي جنهن ڌُمّ مَچائي، الله الله وات ۾ وائي،
رهبر رب جي راهه وَٺائي، ڪاملُ پير قرارو آ.

چورن کي جنهن مور بنايو، گمراهن کي گس سان لايو،
ڪکرُ ڪرمَ جو بنجي آيو، واهه ٿيو وسڪارو آ.

خواجہ خليل الرحمان پلارو، فيض ۽ برڪت رحمت وارو،
علمَ عملَ ۽ ڪرامتَ وارو، پيرَ مِٺي جو پيارو آ.

جان اسان جي جانِ جانان، جنهن جي فيض جا اڄ بہ ترانا،
جنهن بہ ڏٺو سي ٿيا ديوانا، مُنڪر جو مُنهن ڪارو آ

نور جون نهرون اڄ پيو جاري، فيض وٺي ٿي دنيا ساري،
ثاني سهڻو پير غفاري، مُرشدُ مَسندَ وارو آ.

رحمت پور ۾ رحمت جاري، رات هلي ڏس يارهين واري،
”ڪرم الله“ ڪر تُرت تياري، جانبُ جيءَ جِيارو آ.

غوث غفاري جي دربار: (شاعر فقير حامد ڪرمي)

پوري دنيا ۾ نروار، غوث غفاري جي دربار.
ڪيچ ڏسو مڪران ڏسو، هند سنڌ بلوچستان ڏسو،
ڪٿي سرحد ۽ چولستان ڏسو، ڪونہ ملي تو اهڙو قرار.
اچي رحمتپور ۾ رنگ ڏسو، هتي فيض ۽ برڪت دنگ ڏسو،
هتي نفس شيطان سان جنگ ڏسو، هتي ذڪر فڪر جي آهي تنوار.
هي نوري اچِي دربار ڏسو، هتي عاشق مست هزار ڏسو،
هتي چهرا چمڪيدار ڏسو، اچي دل سان ڪريو سڀ ديدار.
منو پير ثاني سردار ڏسو، سهڻو مسند تي مهندار ڏسو،
پيارو پنهل سو پگدار ڏسو، جنهن جِي هاڪ هلي وئي آ چوڌار ڏسو.
هتي فضلي فيض غفاري ڏسو، هتي نوري جماعت پيارِي ڏسو،
هتي رب جي رحمت جاري ڏسو، هتي روحاني آهن اسرار.
توتي ”حامد ڪرمي“ ڪرم ٿيندو، سهڻو پير منو تو تي نظر ڪندو،
سهڻو دلبر ٻيڙو پار ڪندو، جيڪو آهي تنهنجو نيڻن ٺار.

غفاري جماعت: (شاعر فقير حامد ڪرمي)

غفاري جماعت وڏي شان واري، جيڪا آهي عظمت وڏي مان واري.
رحمت پور اچي ڏس تہ رحمت وسي ٿي، جتان فيض برڪت ۽ نعمت ملي ٿي،
اتي دردمندن لئي آهي بهاري.
فضل آباد ۾ فيض دلبر جو ڏس تون، اللّٰہ آباد ۾ رنگ روحانيت جو پس تون،
حسين آباد ۾ آ وڏي قربداري.
اڇو ڪارو پٽڪو ڏسو سهڻي چادر، ڏندڻ ڏاڙهي سنت شريعت آ ظاهر،
ڏسو اللّٰہ اللّٰہ جي ٻولي ٻاجهاري.
جنهن جو فيض اڄ ڏس تہ اوجن تي آهي، درياءِ فيض ڏس ڪيئن تہ موجن ۾ آهي،
وٺي فيض ٿِي ڏِسو جتان خلق سارِي.
منا سائين جو ٿيو وڏو مان آهي، منٿس راضي رب پاڪ رحمان آهي،
نبي سهڻي جي جنهن تي آ نظرداري.
اي ”حامد“ تو تي ڪرم ٿيندو ضروري، منو پير تو تي ڪندو نظر نوري،
تو تي سهڻو مرشد ڪندو شل ستاري.

سلام بحضور سيد الانبياءِ ﷺ

مصطفيٰ دل جي دلبر، تي لاکون سلام،
ان سخي سهڻي سرور، تي لاکون سلام.

جنهن گلي مان جڏهن، منهنجو جانب ويو،
سا گلي سو صحن، سارو سُرهو ٿيو،
پِرينءَ جي پاڪ پگهر، تي لاکون سلام.

ويجهڙو يا پري، جا ٿو سڏڙا سڻي،
جو سڏي نيڻ نوري، ٿو ان ڏي کڻي،
ان حبيبن جي پاوَر، تي لاکون سلام.

سائلن جا سدا، جهول جانب ڀريا،
جنهن جي درتان، سوالي نہ خالي وريا،
ان سخاوت جي پيڪر، تي لاکون سلام.

بو بڪر يار اول، ۽ ثاني عمر،
هو غني ۽ سخي، واه عثمان پر،
مرتضيٰ شاه حيدر، تي لاکون سلام.

شان حسنين جو، ربّ اعليٰ ڪيو،
جام جن کي شهادت، جو شاهي مليو،
شاه شبير و شبّر، تي لاکون سلام.

”ڪرم الله“ جي مٽان، مِهر جي ڪر نظر،
دَر جي منگتي جو مٽا، جهول جاني تون پر،
اي سخي سهڻا سرور، توتي لاکون سلام.

بِسْمِ اللهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

(المراجع)

هن ڪتاب لکڻ ۾ نجي ذاتي شخصي ۽ صدري معلومات کان علاوه هنن ڪتابن تان به استفادو ڪيو ويو آهي.

نمبر ڪتاب جو نالو	مصنف	پبلشر
1. سیرِ دلبراں	حضرت شاہ سید محمد ذوقی	الفیصل، لاہور
2. سیرت ولی کامل (جلد اول جلد ثانی)	مولانا حبیب الرحمٰن طاہری	ادارۃ المعرفۃ، کنڈیاو
3. تذکرۃ غوثیہ	حضرت سید شاہ گل حسن قادری	گنج شکر اکیڈمی لاہور
4. خطبات طاہریہ (۲)	حضرت خواجہ محمد طاہر بخشی	ادارۃ المعرفۃ، کنڈیاو
5. الطاہر نومبر ۲۰۰۶	ایڈیٹر صاحبزادہ محمد جمیل طاہری	امین برادرز پبلشرز
6. الطاہر دسمبر ۲۰۰۸	ایڈیٹر صاحبزادہ محمد جمیل طاہری	امین برادرز پبلشرز
7. الطاہر نومبر ۲۰۰۹	ایڈیٹر صاحبزادہ محمد جمیل طاہری	امین برادرز پبلشرز
8. الطاہر	ایڈیٹر صاحبزادہ محمد جمیل طاہری	امین برادرز پبلشرز
9. بوستانِ طاہریہ	بیدار مورائی	جماعت اصلاح المسلمین، کنڈیارو
10. مکتوبات امام المتقین	غلام رسول نوری	نور پور شریف، گمبٹ
11. مکتوبات داؤدیہ	محمد رضوان داؤدی	احمد پبلشرز، لاہور
12. صراطِ مستقیم	محمد عبدالخالق سرداری	مکتبہ سرداریہ، بچیکی
13. شجرہ طریقۃ	عبدالخالق سرداری	مکتبہ سرداریہ، بچیکی
14. فیوضات حبیبیہ سعیدیہ		مکتبہ نقشبندیہ حبیبیہ، کوٹ ادو
15. انوار حبیبیہ معصومیہ	فقیر محمد معصوم حبیبی بخشی	مکتبہ نقشبندیہ حبیبیہ، کوٹ ادو
16. نظمی مجموعہ	حضرت نورالدین غفاری	قلمی
17. انوارِ صدیقیہ (حصہ اول)	ابن صدیق محمد ھادی بخش صدیقی	دارالعلوم جامعہ صدیقیہ غفاریہ حب
18. دو جنتیں	پروفیسر محمد مقصود الٰہی	اسلامی روحانی مشن، کراچی
19. مردِ عارف	عمیر محمود صدیقی	اسلامی روحانی مشن، کراچی
20. مکتوباتِ مقصودیہ	عمیر محمود صدیقی	اسلامی روحانی مشن، کراچی
21. تجلیاتِ صدیقیہ	حضرت محمد نصیر الدین شہید	غوثیہ رضویہ کتب خانہ، کوئٹہ

22. حالاتِ زندگی (حصہ اول ودوم) حضرت خلیفہ حبیب الرحمٰن غفاری اور حضرت خلیفہ سعید احمد
23. انوار علماءِ اهلسنت سندھ زین العابدین شاہ زاویہ پبلشرز، لاہور
24. الخلافة في الارض د احمد حسن فرحات دار الارقم للنشر والتوزيع كويت
25. تاج العروس علامہ زبيدي
26. المصباح المنير
27. القاموس الفقهي سعدي ابو حبيب .
28. المحيط في اللغة
29. المفردات راغب اصفهاني.
30. البحر الرائق شرح كنز الدقائق.
31. بدائع الصنائع في ترتيب الشرائع
32. المحيط البرهاني امام برهان الدين ابن مازة
33. فتح القدير كمال بن الهمام
34. المبسوط سرخسي
35. الفتاوىٰ الكبرىٰ لشيخ ابن تيمية
36. مجموع فتاوىٰ الباني
37. فتوحات المكية ابن عربي.
38. فصوص الحكم ابن عربي.
39. كتاب الرماح علامة سيدي عمر الفوتي
40. جواهر المعاني وبلوغ الاماني في فيض سيدي ابوالعباس التيجاني سيد علي حرازم بن العربي
41. المطلق والمقيد واثرهما في اختلاف الفقهاءِ ڈاكٽر حمد الصاعدي.
42. كلامِ ولي مولانا حبيب الرحمن طاهري ادارة المعرفة
43. سوانح حيات سهڻا سائين بيدار مورائي اداره روحانيہ و
44. (جلد اول و دوم) جماعت اصلاح المسلمين
45. سهڻا سائين جون ادبي، حبيب الرحمن گبول
46. علمي ۽ ديني خدمتون
47. كليمي گفتار محمد نواز مجذوب بوعلي پرنٽرز، ماتلي
48. تحفة الطاهرين بيدار مورائي اداره تبليغ روحانيہ، كنڊيارو
49. الاصلاح نومبر 2000ع ايڊيٽر نعت الله قريشي الاصلاح پبليكيشن دادو

50. الاصلاح نومبر 2001ع	ايڊيٽر نعت الله قريشي	الاصلاح پبليڪيشن دادو
51. الاصلاح مارچ 2003ع	ايڊيٽر نعت الله قريشي	الاصلاح پبليڪيشن دادو
52. الاصلاح نومبر 2005ع	ايڊيٽر نعت الله قريشي	الاصلاح پبليڪيشن دادو
53. الاصلاح جمادي الاول 1424ھ	ايڊيٽر نعت الله قريشي	الاصلاح پبليڪيشن دادو
54. الاصلاح شوال 1424ھ	ايڊيٽر نعت الله قريشي	الاصلاح پبليڪيشن دادو
55. الاصلاح شعبان 1423ھ	ايڊيٽر نعت الله قريشي	الاصلاح پبليڪيشن دادو
56. الاصلاح شعبان 1422ھ	ايڊيٽر نعت الله قريشي	الاصلاح پبليڪيشن دادو
57. سَيوءِ جن سبحان	غلام مرتضيٰ چانڊيو	فضل اڪيڊمي، غيبي ديرو
58. سوانح حيات غازي علي گوهر شاھ	سووينيئر ڪاميٽي	سووينيئر ڪاميٽي
59. سوانح پير مٺا سائين	الله آندو خان	قلمي
60. ديوان خليفه خدا بخش وريا		قلمي
61. سوانح حيات خليفه محمد علي بوزدار		قلمي
62. جواهر غفاريہ	عبدالڪريم احمد خان منگي	قلمي
63. سفر نامو	خليفه الله بچايو جهول وارو	قلمي
64. سوانح حيات غفاريہ	فقير غلام حسين غفاري چنه	قلمي
65. جلوه نُما صاحبدلان	فقير غلام حسين غفاري چنه	قلمي
66. سوانح حضرت خليل الرحمن	ڊاڪٽر شجاع احمد	قلمي
67. تبليغ روحاني	خليفه محمد دائود غفاري	قلمي

68. شاداب، شهداد ڪوٽ.

69. تذڪرة الاولياء عطار.

70. سوالات ڪاذب انسان جوابات صادق قرآن. خليفه نور الدين غفاري.

71. مقالات قاسمي مولانا غلام مصطفيٰ قاسمي.

72. مصباح اللغات عبد الحفيظ بلياوي.

73. صراط الهديٰ محبوب الاهي نمبر.

74. مڪتبة الشاملة.

بسم الله الرحمٰن الرحيم

فهرست

نمبر شمار	اسماءِ خلفاء ڪرام	صفحو نمبر
1	**سجاده نشين ۽ وارثِ حقيقي** صاحبزاده خواجه **خليل الرحمان** نوّرَالله مرقدَه	69
2	**وڏو خليفو ۽ پهريون يار:** حضرت خليفه اڪبر **سهٽا سائين** رحمت الله عليه	97
3	**ٻيو يار ۽ وفادار** حضرت خليفه سيد **غلام حسين** شاهه بخاري مدظله	201
4	**ٽيون يار ۽ دلدار** حضرت خليفه **نور محمد** رتڙ رحمت الله عليه	210
5	**چوٿون يار وفادار ۽ ڪاتبِ غفاري** حضرت خليفه مولانا الاهي بخش **محبوب الاهي** رحمة الله عليه	223
6	حضرت خليفه **سيد عبدالله شاهه** رحمت الله عليه	359
7	حضرت خليفه محمد يعقوب عباسي رحمت الله عليه	371
8	حضرت خليفه محمد علي ڪوڏراٽي رحمت الله عليه	373
9	حضرت خليفه سعدالله سومرو رحمت الله عليه	374
10	حضرت خليفه حبيب الله سومرو رحمت الله عليه	376
11	حضرت خليفه محمد صالح پٽو رحمت الله عليه	378
12	حضرت خليفه عبدالڪريم منگي رحمت الله عليه	383
13	حضرت خليفه سائين ڏنو رحمت الله عليه	384
14	حضرت خليفه غلام محمد پٽي رحمت الله عليه	385
15	حضرت خليفه محمد صديق سنڌيلو رحمت الله عليه	386

387	حضرت خليفہ ميان فضل الله رحمت الله عليہ	16
389	حضرت خليفہ مولا بخش جتوئي رحمت الله عليہ	17
391	حضرت خليفہ محمد حسن جهتيال رحمت الله عليہ	18
393	حضرت خليفہ محمد ابراهيم جهتيال رحمت الله عليہ	19
394	حضرت خليفہ محمد بشير چوهاڻ رحمت الله عليہ	20
400	حضرت خليفہ قاري عبدالحميد قريشي انبالوي رحمت الله عليہ	21
402	حضرت خليفہ احمد بروهي رحمت الله عليہ	22
404	حضرت خليفہ قاري خان محمد پنهور رحمت الله عليہ	23
406	حضرت خليفہ مفتي الله ڏنو جمار اٽي مدظلہ	24
410	حضرت خليفہ پير بخش بروهي رحمت الله عليہ	25
412	حضرت خليفہ انور الدين فاروقي رحمت الله عليہ	26
413	حضرت خليفہ محمد صديق بروهي رحمت الله عليہ	27
414	حضرت خليفہ غلام رسول چانديو رحمت الله عليہ	28
419	حضرت خليفہ علي گل مغيري رحمت الله عليہ	29
417	حضرت خليفہ غلام صديق بروهي رحمت الله عليہ	30
424	حضرت خليفہ عبدالحليم رحمت الله عليہ	31
429	حضرت خليفہ حافظ محمد زمان مگسي رحمت الله عليہ	32
431	حضرت خليفہ خدا بخش سولنگي.	33
433	حضرت خليفہ امير الدين مگسي رحمت الله عليہ	34
436	حضرت خليفہ رضا محمد چانديو رحمت الله عليہ	35
438	حضرت خليفہ بشير احمد واڍو رحمت الله عليہ	36
442	حضرت خليفہ رحيم داد.	37
443	حضرت خليفہ محمد سليمان ڪلهوڙو رحمت الله عليہ	38

39	حضرت خليفه نثار احمد كوسو رحمت الله عليه	445
40	حضرت خليفه عبدالرحمان ايري رحمت الله عليه	447
41	حضرت خليفه محمد تقي شاهه رحمت الله عليه	448
42	حضرت خليفه پلي رکيو شاهه رحمت الله عليه	445
43	حضرت خليفه صالح محمد شاهه رحمت الله عليه	451
44	حضرت خليفه سيد علي محمد شاهه رحمت الله عليه	452
45	حضرت خليفه محمد بخشل سوڍر رحمت الله عليه	454
46	حضرت خليفه مولوي يار محمد جويو رحمت الله عليه	456
47	حضرت خليفه الله ڏته کوسو رحمت الله عليه	560
48	حضرت خليفه غلام قادر شاهه رحمت الله عليه	469
49	حضرت خليفه حافظ محمد الياس رحمت الله عليه	471
50	حضرت خليفه حافظ محمد صالح سوهو رحمت الله عليه	472
51	حضرت خليفه مولوي محمد مهيسر مدظله	479
52	حضرت خليفه در محمد چانڊيو رحمت الله عليه	481
53	حضرت خليفه عبدالسلام چانڊيو رحمت الله عليه	478
54	حضرت خليفه مشتاق احمد جمالي رحمت الله عليه	488
55	حضرت خليفه قاضي نصيرالدين هاشمي رحمت الله عليه	489
56	حضرت خليفه عبدالله شاهه رحمت الله عليه	493
57	حضرت خليفه محمد عمر پنهور رحمت الله عليه	459
58	حضرت خليفه گل حسن جوکيو رحمت الله عليه	496
59	حضرت خليفه مولوي ڪريم بخش آگرو رحمت الله عليه	498
60	حضرت خليفه مولوي ولي محمد ميمڻ رحمت الله عليه	501
61	حضرت خليفه محمد موسيٰ رند رحمت الله عليه	504

508	حضرت خليفه امير الدين شاهه رحمت الله عليه	62
515	حضرت خليفه محمد اسماعيل ڏيپر رحمت الله عليه	63
517	حضرت خليفه محمد ايوب چانديو رحمت الله عليه	64
519	حضرت خليفه عاشق محمد سيال رحمت الله عليه	65
522	حضرت خليفه محمد علي بوزدار رحمت الله عليه	66
530	حضرت خليفه نصيرالدين شاهه رحمت الله عليه	67
534	حضرت خليفه الله بچايو لغاري (جهول وارو) رحمت الله عليه	68
543	حضرت خليفه فضل احمد بروهي رحمت الله عليه	69
545	حضرت خليفه نور محمد موجائي رحمت الله عليه	70
547	حضرت خليفه حڪيم الله بخش پٽاڻ رحمت الله عليه	71
563	حضرت خليفه غلام قادر ميمڻ مدظله	72
564	حضرت خليفه عبد الستار بلوچ رحمت الله عليه	73
565	حضرت خليفه علي گوهر شاهه رحمت الله عليه	74
571	حضرت خليفه خير محمد ڪلهوڙو رحمت الله عليه	75
573	حضرت خليفه بخش علي ڪوسو رحمت الله عليه	76
575	حضرت خليفه عبدالرحمان وگڻ مدظله	77
577	حضرت خليفه شفيع محمد ڪوريجو رحمت الله عليه	78
578	حضرت خليفه مولوي نبي بخش همائو رحمت الله عليه	79
580	حضرت خليفه غلام جعفر سهتو رحمت الله عليه	80
582	حضرت خليفه محمد يوسف چنه رحمت الله عليه	81
583	حضرت خليفه عطا محمد موجائي رحمت الله عليه	82
585	حضرت خليفه مير محمد شر رحمت الله عليه	83
589	حضرت خليفه محمد دائود شر رحمت الله عليه	84

85	حضرت خليفه نور الدين شر رحمت الله عليه	622
86	حضرت خليفه وڏيرو محمد علي پتي رحمت الله عليه	629
87	حضرت خليفه رحمت الله رحمت الله عليه	632
88	حضرت خليفه مولوي محمد يوسف پنهور رحمت الله عليه	644
89	حضرت خليفه مولوي عبدالڪريم پنهور رحمت الله عليه	654
90	حضرت خليفه عبدالڪريم ڪليري رحمت الله عليه	658
91	حضرت خليفه پير بخش ڪليري رحمت الله عليه	660
92	حضرت خليفه سبحان بخش رحمت الله عليه	661
93	حضرت خليفه عبدالواحد پتو رحمت الله عليه	665
94	حضرت خليفه خاوند بخش پتو رحمت الله عليه	666
95	حضرت خليفه مولوي محمد ابراهيم جهتيال رحمت الله عليه	668
96	حضرت خليفه الله ورايو پير رحمت الله عليه	669
97	حضرت خليفه ڪريم بخش رحمت الله عليه	671
98	حضرت خليفه حافظ خدا بخش وريا رحمت الله عليه	673
99	حضرت خليفه محمد سعيد رحمت الله عليه	676
100	حضرت خليفه امير الدين پتو رحمت الله عليه	691
101	حضرت خليفه حبيب الرحمان رحمت الله عليه	694
102	حضرت خليفه سردار احمد مدظله	703
103	حضرت خليفه جلال الدين ايراني رحمت الله عليه	705
104	حضرت خليفه عبدالڪريم بگتي رحمت الله عليه	706

غفاري فڪر جا ترجمان ڪجهه شعر. 709

المراجع (مددي ڪتاب) 716

فهرست خلفاءَ 719

(الحمد لله اڄ بروز خميس پهرين رمضان المبارڪ 1431هه تي هن ڪتاب کي مڪمل ڪيم . فقير ڪرم الله)

22 هون خليفو:

حضرت خليفہ
حافظ احمد بروهي

صوفي با صفا، عاشقِ حبيبِ مصطفيٰ حضرت خليفہ حافظ احمد ولد حاجي جمعہ خان بروهي رحمة الله عليه ڳوٺ جمعہ خان بروهي لڳ مشوري شريف ضلع لاڙڪاڻي ۾ 1919-3-29 ۾ تولد ٿيا. پنهنجي ننڍپڻ جا ڏينهن بہ انهيءَ ڳوٺ ۾ گذاريائون.

ابتدائي تعليم: پرائمري جا ڪجهہ ڪتاب پڙهيائون. ديني تعليم حضرت حافظ امام بخش رحمة الله عليه وٽ باقراڻي شريف ۾ حاصل ڪيائون. اتي قرآن پاڪ پڻ حفظ ڪيائون. سندن استادن ۾ حافظ محمد هارون تنيو صاحب بہ هيو.

سندن درسگاه: حافظ ٿيڻ بعد پاڻ پنهنجي ڳوٺ ۾ هڪ ديني درسگاهہ کوليائون جنهن ۾ پاڻ درس وتدريس ڪندا هيا. ان درسگاهہ مان ڪيترائي قرآن جا حافظ بنجي نڪتا.

سندن مشهور شاگرد: حافظ محمد صالح نوابشاهہ، حافظ لال محمد حيدر بروهي لاڙڪاڻو، حافظ محمد عرف نالي متو سندن فرزند عبدالفتاح بروهي، حافظ محمد عمر، حافظ در محمد قمبر شريف، حافظ مطيع الله شاهہ لاڙڪاڻو.

بيعت: اهو وقت هيو جو پير مٺا سائين رحمة الله عليه جو اسم گرامي "**شَمسِ بَازِغَة**"[1] بنجي سنڌ جي افق تي آب تاب سان چمڪي رهيو هيو. ان روشني ۾ حق جا متلاشي ڪشان ڪشان سندن صحبت ۾ اچي رهيا هئا. ان رباني روشني حافظ صاحب کي بہ رحمتپور جي مان واري ماڳ تي چڪي آڻي هن پير روشن ضمير جو مخلص مريد بنايو. مريد بہ اهڙو ٿيو جو خود پير جو منظور نظر بنجي ويو. جلسي ۾ اسٽيج تي پاڻ ڪيس پنهنجي قريب ويهاريندا هئا.

---

[1] چمڪندڙ سج وانگر.

رحمتپور شريف ۾ امامت: حضرت پير مٺا سائين رحمت الله عليه حافظ صاحب کي درگاهہ جي مسجد ۾ امامت ۽ سندن پوٽي حضرت جان جانان رحمت الله عليه کي پڙهائڻ لاءِ فرمايو. پوءِ حافظ صاحب پنهنجو مدرسو کنهن ذميدار ماڻهو جي سپرد ڪري، رحمتپور شريف ۾ سڪونت اختيار ڪئي. اتي امامت ڪرائڻ سان گڏو گڏ مدرسي ۾ درس و تدريس شروع ڪيائون.

خلافت ۽ تبليغ: مرشدن ڪيس درگاهہ رحمت پور شريف ۾ خلافت اجازت ڏنائون. پاڻ مدرسي ۾ درس و تدريس سان گڏو گڏ ڪراچي، حيدرآباد، نواب شاهہ، ڪوئيٽہ، خضدار ۽ مختلف شهرن، واهڻن ۽ علائقن جا ڊورانهان سفر ڪري تبليغ ڪيائون. مرشدن جي وصال کان پوءِ بہ درگاهہ شريف تي ڏهہ کان ٻارهن سال رهيا. بعد ۾ طبيعت جي ناسازگي جي سبب پاڻ واپس پنهنجي اباڻي ڳوٺ ۾ رهڻ لڳا.

صورت ۽ سيرت: سندن صورت سهڻي هئي. پاڻ با اخلاق ۽ خَلق جي خدمت ڪرڻ وارا هيا. ڪين دين سان محبت ۽ چاهت هوندي هئي. مدرسي ۾ رهڻ وارن مسافرن طالبن جي پنهنجي سر پاڻ خدمت ڪندا هيا.

تصنيفات: پاڻ مختلف موضوعن تي ڪتاب بہ لکيا اٿن جيڪي اڻ ڇپيل آهن.

پيغامِ محمدي: ساري عمر ۾ هڪ عمرو ادا ڪيائون. جڏهن مدينہ منوره پهتا تہ خواب ۾ ڪين حضرت حبيب ڪريم ﷺ جي زيارت نصيب ٿي. پاڻ فرمايائونس تہ:

”اي حافظ! توهان وڃي منهنجي امت کي نصيحت ڪريو تہ مون تي گهڻي صلواة پڙهن“.

شاديون ۽ اولاد: پاڻ بہ شاديون ڪيائون جن مان چار پٽ ۽ چار نياڻيون ٿيون.

پٽ: 1. حافظ محمد عرف نالي منو 2. عبدالغفار 3. عبدالستار 4. حافظ عبداللطيف

سندن وصال: بہ سندن ڳوٺ ۾ ٿيو. سندن مزار بہ ڳوٺ جي جامع مسجد جي قريب مدرسي ۾ آهي. جتي هر سال تيرهين جمادي الثاني رات سندن عرس ملهايو ويندو آهي.

سجاده نشين: سندن برادر مفتي خير محمد رضوي آهي جيڪو ڪليڪٽري جامع مسجد ۾ جمعو پڙهائيندو آهي ۽ خطاب لا جواب سان ماڻهن جون دليون مستفيد ڪندو آهي. سندن فرزند ارجمند حافظ محمد عرف نالي منو ڪليڪٽري جامع مسجد لاڙڪاڻي ۾ امامت و خطابت ۽ مدرسہ دارالعلوم اسلاميہ عربيہ ۾ مدرس آهي.

23 هون خليفو:

حضرت خليفہ
قاري خان محمد پنهور

خليفۂ نامدار، ڪامياب و ڪامگار، پلاين جو پيندار، قاري القرآن، صاحب عَذبُ اللسان حضرت خليفہ قاري خان محمد ولد رسول بخش پنهور رحمة الله عليه. ڪي سندس نالي ڪان وڌيڪ سندس لقب "**قاري صاحب**" سان ڄاتو سڃاتو ويندو هيو. پاڻ ڀورتي نوشهرو فيروز (پراڻو نوابشاهہ) ۾ ڄاوا ۽ سندن ننڍپڻ بہ اتي ئي گذريو. عربي فارسي ڪچي جي علائقي ۾ پڙهيا. ان ڪان پوءِ ڄامشوري ۾ قاري غلام علي صاحب جن وٽ پڙهيا. پوءِ ميهڙ ۾ اچي قاري محمد مدني وٽ قرائت پڙهيا. پوءِ شڪارپور ۾ وڃي قاري فتح محمد پاني پتي واري وٽ ست قرائتون سکيا.

درس و تدريس: فارغ ٿيڻ بعد ميهڙ ۾ غلام علي شاهہ جي پراڻي مدرسي ۾ درس و تدريس شروع ڪيائون. پوءِ پاڻ نصير آباد ۾ ميان عزيز الله عباسي جي مدرسي ۾ بہ پڙهايائون.

سندن شاگرد: قاري نور محمد پنهور پورائي، قاري عبدالرسول شيخ خير جتوئي، قاري عبدالمالڪ ڪڙيو صبڙ خان، حافظ نظر دين جانوري ميهڙ ۽ سندن فرزند قاري عبيدالله پنهور طاهري جيڪي هن وقت نصيرآباد ۾ سندن ڪم ڪي هلائي رهيا آهن. پاڻ جامعہ عربيہ صديقيہ ترتيل القرآن طاهريہ نصير آباد جا باني آهن ۽ مدرسي ۾ درس ڏيندا آهن.

بيعت: پاڻ جڏهن تعليم حاصل ڪري رهيا هيا تہ سندن استاد قاري غلام علي صاحب ۽ وڏي خليفي حضرت سهڻا سائين رحمة الله عليه جي رفاقت ۾ پير مٺا سائين رحمة الله عليه سان رحمتپور شريف ۾ بيعت ڪيائون. سندن محنتن ۽ محبتن ڪي ڏسندي مرشدن ڪيس خلافت ڏني.

رحمتپور جي راحت ۾: پير مٺا سائين رحمت الله عليہ هر سال رمضان شريف ۾ ڪين درگاهہ رحمتپور شريف ۾ خليفن ڪي قرائت سيکارڻ لاءِ گهرائيندا هيا. اهڙي طرح سان پير مٺا سائينجن جا ڪافي خليفا ۽ ان وقت جي جماعت سندن شاگردن ۾ شمار ٿئي ٿي.

ديني مرڪز: سندن مرڪز نصير آباد شريف ۾ آهي. ان ڪان علاوه ديني تعليم ڪي عام ڪرڻ لاءِ اندازاً ڏهه سال خيرو جتوئي مدرسي ۾ خدمتون ڏيندا رهيا. ڪنڊو لڳ وارهه ضلع قمبر ۾ به پاڻ پنج سال رهي ديني علم سان ماڻهن کي روشناس ڪيائون. گڏو گڏ تبليغ به ڪندا رهيا. ڪجهه وقت ميهڙ ۽ ماڏي ۾ به تعليم ڏنائون. پاڻ مدرسي ۾ ساليانو پروگرام ڪندا هيا. جنهن ۾ پير مٺا سائينجن پاڻ تشريف فرما ٿيندا هيا.

سيرت ۽ صورت : سندس صورت سهڻي پُر ڪشش هوندي هئي. پاڻ با اخلاق شخصيت جا مالڪ ۽ هر دل عزيزهيا.

ڪين حج ۽ مديني پاڪ جي حاضري جو گهڻو شوق هوندو هيو پاڻ ڪافي عرصي تائين حج جا فارم به ڀرائيندا رهيا پر حج تي وڃي نه سگهيا.

شاديون ۽ اولاد : پاڻ چار شاديون ڪيائون. ڪين نَوَ پٽ ۽ ست نياڻيون ٿيون.

سندن پٽ: 1. قاري عبدالرحمن ٽنڊو الهيار 2. حافظ خليل احمد اقبال مسڻ ڳوٺ ۾ خطيب 3. قاري عبدالقيوم ڪراچي چوڪنڊي 4. عبدالقدوس نصير آباد 5. عبدالغفور ڄامشورو.6. عبدالشڪور هير آباد 7. مولوي عبدالرشيد ڪراچي 8. حافظ رشيد احمد ٽنڊو الهيار 9. قاري عبيد الله طاهري جامعه عربيه صديقه طاهريه نصير آباد.

وصال ڪان پوءِ به دل ذڪر ۾: سندن وصال 1992ع ۾ ڪراچي جي اسپتال ۾ ٿيو. وصال ڪان پوءِ به سندن دل الله جو ذڪر ڪري رهي هئي ۽ ڇهه ڪلاڪ اسپتال ۾ رکڻ ڪان پوءِ به دل هلي رهي هئي. آخرڪار ڊاڪٽر لکي ڏنو ته هن شخص جي دل تي ڪنهن الله جي ڪامل ولي جي آڱر لڳل آهي اها دل ڪڏهن به الله جي ذڪر ڪان بند نه ٿيندي. پوءِ ڪراچي اسپتال ڪان نصير آباد آندو ويو جتي جنازي نماز ڪان پوءِ سڄي جماعت دل تي هٿ رکي ڏٺو ته سندن دل الله جي ذڪر ۾ جاري هئي. سبحان الله.

سندن مزار مبارڪ : نصير آباد شهر جي جامع مسجد صديقي جي ڀر ۾ آهي. سندن ساليانو عرس مبارڪ محرم مهيني جي ويهين تاريخ تي وڏي شان سان ملهايو ويندو آهي.

سجاده نشين : هن وقت سجاده نشين سندن چوٿون فرزند قاري عبيدالله طاهري صاحب آهي. جيڪو ديني خدمتن سان مصروفِ عمل آهي. الله ڪريم ڪيس شاد آباد رکي.

24 هون خليفو:

غذاء الروحاني في تذكرة العلامة الله دنو جماراني

شيخ السند
استاد العلماء حضرت خليفه
الله ڏنو جماراڻي
دامت برڪاته

شيخ الاسلام ، حسنة الايام ، مفيد الطالبين ، قوة السالكين ، المحفوف بعناية رب العالمين عالم الرباني ، شيخ الروحاني ، العلامة الله ڏنو جماراڻي مدظله.

پاڻ سنڌ جي انهن بلند پايه عالمن مان آهن جن علم جي روشنيءَ سان سڄيءَ سنڌ کي منور ڪيو آهي، پاڻ پنهنجي پوري زندگي پڙهڻ، پڙهائڻ ۽ فتويٰ لکڻ لاءِ وقف ڪري ڇڏي اٿن

سندن ولادت: پاڻ 21 سيپٽمبر 1921ع ۾ ڳوٺ سلطان خان جماراڻي لڳ رشيد وڳڻ ضلعي لاڙڪاڻه ۾ تولد ٿيا. سندن والد جو اسم گرامي عبدالله ذات اٻڙو ۽ پاڙو جماراڻي آهي.

تعليم: فارسي ۽ عربي ڪجهه وقت لاڙڪاڻي لڳ شهر خير محمد آريجا ۾ مولانا مفتي تاج محمد ڪوڪر صاحب وٽ پڙهيا. ان کانپوءِ مولوي ولي محمد وارهه وارن وٽ پڻ ڪجهه وقت تعليم حاصل ڪيائون. پوءِ لاڙڪاڻي پرسان آگاڻي شهر ۾ مولانا مفتي محمد صالح پتو نعيمي صاحب وٽ باقي تعليم مڪمل ڪري 1948ع ۾ فارغ التحصيل ٿيا.

هجرت: 1374هجري ۾ پنهنجي اصل ڳوٺ سلطان خان جماراڻي کان لڏي ڳوٺ دائود ڪانڌڙا تعلقه ميهڙ ضلع دادو ۾ رهائش اختيار ڪيائون ۽ **مدرسه انوارالعلوم نقشبنديه** جو بنياد رکيائون هن مدرسي ۾ فارسي، عربي تعليم پڙهائڻ سان گڏ فتويٰ جو ڪم پڻ جاري ڪيائون. پيچيده علمي مسائل ۾ پاڻ بهترين حل بيان فرمائيندا آهن. ماڻهو پري پري کان وٽن فتوائون وٺڻ لاءِ ايندا آهن. پاڻ غيور سُني عالم آهن، وهابين بدمذهبن لاءِ وٽن ڪا نرمي نه هوندي آهي. پنهنجَن کي به حق سچ چوڻ ۾ دير ڪو نه ڪندا آهن.

علمي خدمتون

1. **دارالعلوم فيض هاشميہ غلام الله ضلعو ٺٽو:** هن مدرسي جو باني سنڌ جو نامور عالم ۽ روحاني شخصيت الحاج مفتي محمد هاشم ڪتي صاحب هيو. علامہ جماراڻي صاحب ٽي سال ان مدرسي ۾ ديني تعليم ڏيڻ سان گڏ تحرير ۽ فتويٰ جي خدمت سرانجام ڏيندا رهيا.

2. **مدرسہ اشاعة العلوم لاهوري محلہ لاڙڪاڻو:** هن مدرسي ۾ پاڻ ڏهہ سال دين جي خدمت ڪيائون. فارسي عربي سان گڏ فتويٰ جو ڪم بہ جاري رکيائون. ان عرصي دوران مدرسي ۾ هر وقت علمي رونقون هونديون هيون. هر وقت قال الله ۽ قال الرسول جي مٺڙي پولي ٻڌڻ ۾ ايندي هئي. هر وقت علماءِ ڪرام، مفتيان عظام ۽ مشائخن جي مدرسي ۾ آمد هوندي هئي جيڪي پنهنجا منجهيل ۽ مشڪل مسئلا ڪائن اچي حل ڪرائيندا هيا.

3. **دارالعلوم الحسينيہ:** هي مدرسو درگاهہ حسين آباد شريف ۾ واقع آهي، جنهن جا سرپرست اعليٰ قمبر وارا سائين حضرت سائين غلام حسين المعروف "**ابا سائين**" آهن. پاڻ ڪين مدرسي جو مفتي مقرر ڪيائون. جتي پاڻ ٽي سال عربي پڙهائيندا رهيا ۽ فتويٰ نويسي جا بہ فرائض ادا ڪندا رهيا.

4. **دارالعلوم مرتضيٰ شاهہ جيلاني، لاڙڪاڻو:** هن مدرسي ۾ ڪين مفتي طور مقرر ڪيو ويو. پاڻ هتي بہ سال دين جي خدمت ڪندا رهيا.

تصنيف و تاليف : فتويٰ نويسي، درس وتدريس ڪان علاوه پاڻ تصنيف و تاليف جهڙن اهم ديني ڪمن ۾ بہ پيش پيش رهيا آهن. سندن ڪجهہ مشهور تاليفات هي آهي.

1. احڪام ڏاڙهي : هن ڪتاب ۾ قرآن و سنت جي دليلن سان ثابت ڪيو اٿن تہ ڏاڙهي هڪ مٺ رکجي ان ڪان گهٽ خلافِ سنت آهي.

2. عقائد اهلسنت و الجماعت : هن رسالي ۾ اهلسنت جا ڪجهہ عقيدا بيان ڪيا اٿن.

3. الفتاوي الحنفيہ في مسئلة النور والبشريہ : هن ڪتاب ۾ واضح دليل ڏئي ثابت ڪيو اٿن تہ محبوب ڪريم ﷺ جي بشريت نوراني آهي، اسان جهڙي نہ آهي.

ان ڪان علاوهہ سندن پيا بہ ڪافي ڪتاب قلمي صورت ۾ آهن.

فتويٰ نويسي : پاڻ پنجاھہ سالن ۾ تقريباً پنج هزار فتوائون لکيون اٿن. جيکي عقائد، عبادات، ميراث ۽ معاملات تي مشتمل زبردست علمي خزانو آهن. الله ڪري جلدي انهن کي فقهي ابواب جي ترتيب سان ڪتابي صورت ۾ شايع ڪيو وڃي.

مناظري جا ماهر: پاڻ مناظري جا بہ ماهر آهن. ڪيترائي علمي مناظرا ڪتيا اٿن. جن ۾ رفع يدين، قرائت خلف الامام ۽ آمين بالجهر وغيره جهڙن فقهي مسائل تي مخالف ڌر کي شڪستِ فاش ڏنائون. ان کان سواءِ پاڻ جي بہ مناظرا ڪيا اٿن سيني ۾ الله ڪريم کين سوين ڏني آهي.

شاگرد: وٽن سدائين علمي مجلسون گرم رهنديون آهن. اڄ بہ پري پري کان شاگرد اچي کانئن علمي فيض پرائي رهيا آهن. سندن ڪجهہ مشهور شاگردن جا نالا پيش آهن:

1. مولوي خليل احمد ٻارڻ، مدرسہ انوار هاشميہ ميرپور ساڪرو.
2. مولوي عبدالرحمٰن شورو، مدرسہ انوار العلوم صديقيہ ڳاڙهو.
3. مولوي محمد جعفر ٻارڻ، خطيب جامع مسجد مير پور ساڪرو.
4. مولوي عبدالستار بلوچ، خطيب درگاھہ مخدوم محمد هاشم ٺٽوي.
5. مولوي جان محمد شورو، خطيب جامع مسجد دڙو.
6. مولوي محمد انور ولد مفتي الله ڏنو جماراٽي، باڊهہ.
7. مولوي منير احمد ڪانڌڙو، باڊهہ.
8. مولوي تاج محمد ٻرڙو، جامع مسجد گلزار مدينہ داڀيجي.
9. مولوي اسد الله ڪانڌڙو، باڊهہ.
10. مولوي هادي بخش پنهور، مدئجي.

سندن ڪتب خانو: سندن ڪتب خانو وسيع آهي. جنهن ۾ مختلف اسلامي علوم تي هزارين ڪتاب موجود آهن. جن ۾ قديم ۽ جديد تاريخي ۽ ناياب ڪتاب بہ موجود آهن. پاڻ پنهنجي آمدني جو وڏو حصو ڪتابن جي خريداري تي خرچ ڪندا رهيا آهن.

بيعت : پاڻ ظاهري علوم ۾ مهارت حاصل ڪرڻ بعد پنهنجي استاد علامہ محمد صالح نعيمي جي مرشد، قُدوة الاولياء حضرت خواجہ محمد عبد الغفار عرف پير مٺا سائين رحمة الله عليه

سان دست بيعت ٿيا. پندرهن سال پير ڪامل جي صحبت جا روحاني مزا ماڻيائون ۽ علومِ باطنيہ جا وڏا حصا حاصل ڪيائون. تانجو سندن مرشد ڪريم ڪين خلافت سان نوازيو. [1] اڄ بہ پنهنجي نالي سان گڏ غفاري نقشبندي لکندا آهن.

اجازت نامہ حضرات نقشبندیہ مجددیہ فضلیہ علیہم الرحمۃ

يٰاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوا اتَّقُوا اللّٰهَ وَابْتَغُوْا اِلَيْهِ الْوَسِيْلَةَ وَجَاهِدُوْا فِيْ سَبِيْلِهِ لَعَلَّكُمْ تُفْلِحُوْنَ.

اَلْمُجَاهِدُ مَنْ جَاهَدَ نَفْسَهٗ فِيْ طَاعَةِ اللّٰهِ

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى حَبِيْبِهٖ سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ وَاٰلِهِ الطَّاهِرِيْنَ وَاَصْحَابِهِ الطَّيِّبِيْنَ اَجْمَعِيْنَ

اما بعد ہمیگوید فقیر حقیر لاشی محمد عبدالغفار از اولاد حضرت چتر پیر قدس اللہ سرہ العزیز کہ این عاجز خاکسار ذرہ بمقدار در سلسلۂ خاندان نقشبندیہ مجددیہ فضلیہ داخل شدہ علم سلوک تا دائرہ لاتعین از حضرت قطب الارشاد خواجۂ خواجگان پیر پیران غوث الاعظم مجدد منور ماۃ اربعۃ عشر بالشمس البشر علیہ وعلی آلہ من الصلوٰۃ افضلہا ومن التحیات اکملہا سیدی وسندی قبلہ عالم ... قریشی ہاشمی عباسی قلبی وروحی فداہ ابی وامی فداہ حاصل نمودہ وشرف اجازت از انحضرت قرۃ عینین محبوب سبحانی یافتہ وبرائے تحقیق سلسلہ شریف موجود است پس این عاجز لاشی برادر طریقت جناب مولوی الٰہ ڈنہ فرزند میان عبداللہ قوم جمارانی علم سلوک وجذب وحالات وواردات صحیحہ حاصل نمودہ برائے تعلیم اسم ذات وعلم سلوک برائے طالبان مولیٰ وبرائے خدمت اسلام بموجب ضرورۃ اجازت دادہ شد وطالبان راہ حق ... علی راہنما سبب ہست کہ زود فیض ظاہری وباطنی ازین شیخ کامل حاصل نمایند وبہیچ وجہ خطرہ وشک در دل خود نیارند کہ جناب خلیفہ صاحب موصوف للہ فی اللہ خدمت اسلام وبرادران اسلام میکند السلام

مورخہ نوزدہم یوم اربعا ذوالحج ۱۳۶۸ھ دستخط لاشی فقیر محمد عبدالغفار سگ آستان عالیہ فضلیہ

علامہ جمارا ڻي جي سندِ خلافت

شخصيت ۽ ڪردار: پاڻ ڏاڍا ذهين، قوي الحافظ ۽ مستند عالم آهن. سندن رهڻي ڪهڻي سادي ۽ فقيراڻي آهي. سندن گهڻو وقت ڪتابن جو مطالعو ڪندي گذرندو آهي. پاڻ بي انتها استغنا جا مالڪ آهين. بلا خوف و خطر هر ڪنهن کي حق چئي ڏيندا آهن. فتويٰ جي معاملي ۾ پاڻ تمام تکڙا آهن، ان ڪري ڪڏهن پنهنجي هم مشرب علماءَ بابت بہ نِزاعي فتويٰ صادر فرمائي ڇڏيندا آهن. پاڻ ظاهر با شرع ۽ باطن با خدا جا مظهر آهن.

عربي ڪتابن جي گهڻي مطالعہ سبب سندن گفتگو تي عربيت غالب رهندي آهي.

---

[1] شهر ڳاڙهي ضلعي ٺٽي جي هڪ جلسي ۾ هن فقير جي ساڻن ملاقات ٿي، پاڻ نهايت گرمجوشي سان مليا. فرمايائون: "توهان جو والد منهنجو دوست هيو. اسان پير مٺا سائين جي صحبت ۾ اڪثر هڪ ٻئي جي پرسان گڏجي ويهندا هئاسين".

25 هون خليفو:

حضرت خليفہ
پير بخش بروهي

حضرت خليفہ پير بخش بروهي ولد فقير خدا بخش بروهي ڏُريجي ضلع لسٻيلو بلوچستان ۾ ڄاوا هيا. سندن ننڍپڻ لڪ لوهار خضراڻي ۾ گذريو. ابتدائي تعليم پنهنجي آبائي ڳوٺ ۾ حاصل ڪيائون. پاڻ عربي، فارسي ۽ اردو پڙهيا. جڏهن پاڻ باڊه ضلع لاڙڪاڻي ۾ آيا تہ اتي سنڌي تعليم بہ حاصل ڪيائون. مفتي الله ڏنو جمار اڻي بہ سندن استادن ۾ شامل آهن.

سندن تصنيفات: پاڻ سٺا شاعر ۽ اديب بہ هيا. سندن ڪافي ڪتاب قلمي موجود آهن جيڪي سنڌي، بلوچي ۽ فارسي ۾ آهن جيڪي سندن سجاده نشين مولوي عبدالواحد بروهي صاحب وٽ محفوظ آهن.

مشهور شاگرد: مفتي عبدالمجيد لسٻيلي وارا، مولوي محمد رمضان سٺ ميل نواب شاهہ، مولوي عبدالواحد بروهي، سندن فرزند مولوي غلام حسين جمالي بلوچستان، ڪرم خان جمالي بلوچستان، حاجي ڏٽي بخش بروهي باڊهہ دوست محمد بلوچستان.

بيعت: حضرت پير مٺا سائين رحمت الله عليہ جي فيض ۽ برڪت جو ٻڌي، ڪجهہ رفيقن سان گڏجي درگاهہ رحمتپور شريف ۾ اچي پير سائين جن جي حلقہ ارادت ۾ داخل ٿيا. پوءِ درگاه شريف تي ئي رهڻ لڳا. اڪثر ڪري پنهنجو وقت الله جي ذڪر ۾ گذاريندا هيا. سندن سچي دل، محنت ۽ اخلاص کي ڏسندي مرشد کين خلافت عطا ڪئي.

دين جو درد: مرشد کين فرمايو تہ توهان بلوچستان جا آهيو ۽ اوڏانهن وڃي تبليغ ڪريو. پاڻ مرشدن جي حڪم تي لبيڪ چئي بلوچستان روانا ٿيا. ڪوئيٽہ کان پيدل ڪراچي تائين تبليغ ڪيائون انهي تبليغي دوري ۾ کين ٽي مهينا لڳي ويا. سفر ۾ ايندڙ هر ڳوٺ ۽ شهر ۾ پيغامِ مصطفيٰ پهچايائون. جڏهن مرشدن ڏانهن واپس موٽيا تہ ساڻن وڏي جماعت گڏ هئي.

مرشد وڏي جماعت کي ڏسي ڏاڍا خوش ٿيا. پاڻ پنهنجي پير سان ڏاڍي محبت ڪندا هيا. مرشدن جي حياتي مبارڪ ۾ ڳوٺ محمد عثمان ويرا حب ويجهو لسٻيلو، بلوچستان ۾ ماهوار 21 جي رات عظيم الشان جلسو ملهائيندا هيا. مرشد جي وصال کان پوءِ انهي ساڳي ڳوٺ ۾ مهيني جي پهرئين جمعہ رات تي عظيم الشان پروگرام ڪندا هيا.

صورت ۽ سيرت : پاڻ سهڻي صورت وارا ۽ غريب نواز انسان هيا. مسڪينن سان وڏي محبت ڪندا هيا. ڪڏهن بہ ڪنهن کي ڪونہ ايذايائون.

۽ شينهن پوئتي وڃي ڪِريو : هڪ ڀيري پاڻ تبليغ لاءِ بلوچستان ويا. رات ٿي وئي. اوندهہ ۾ جبلن جي لڪَ ۾ جڏهن گذريا تہ هڪ شينهن سامهون آيو جيڪو ڪين تڪليف پهچائڻ لاءِ اڳتي وڌيو. پاڻ مرشدن ڏانهن متوجہ ٿي ذڪر ڪيائون تہ ڏسن پيا تہ شينهن جي سامهون هڪ هٿ ظاهر ٿيو ۽ ان هٿ شينهن کي ڌڪو ڏنو تہ شينهن وڃي پوئتي ڪِريو. پوءِ پاڻ سلامتيءَ سان اڳتي روانا ٿي ويا.

۽ زهر جو اثر ختم ٿي ويو: تبليغ ڪندي هڪ دفعي بلوچستان جي هڪ واديءَ مان گذري رهيا هيا تہ هڪ نانگ ڪين ڏنگيو ۽ سندن ٽنگ جي پوٽي بہ پٽي ويو. زهر ختم ڪرڻ لاءِ پاڻ متيءَ جو ذرو کڻي ان تي ”پير مٺا پير مٺا پير مٺا“ چئي دم ڪري انهي سور واري جاءِ تي ٻڌائون تہ زهر جو سور ختم ٿي ويو.

سندن وصال : 13 آگسٽ اربع ڏينهن 1997ع بمطابق 8 ربيع الثاني 1418هہ ۾ ٿيو. سندن مزار مبارڪ درگاهہ علي اصحاب باڊه جي قبرستان ۾ آهي. سندس ساليانو عرس مبارڪ 9 ربيع الثاني تي هر سال شايان شان سان هاءِ اسڪول لڳ جامع مسجد نوراني بروهي محلہ باڊه شهر ۾ ملهايو ويندو آهي.

حج : پاڻ زندگي ۾ هڪ حج ڪيائون.

شادي ۽ اولاد : پاڻ هڪ شادي ڪيائون جنهن مان بہ پٽ ۽ چار نياٽيون ٿيون.

1. مرحوم عبدالله بروهي.

2. مولوي عبدالواحد : هن وقت پنهنجي والد صاحب جي مشن جي تڪميل لاءِ پاڻ پتوڙي رهيا آهن. پاڻ پير مٺا سائين سان بيعت بہ ڪئي هيائون ۽ اڄ ڏينهن تائين درگاهہ رحمتپور شريف سان وابسطہ آهن. ڪين خلافت حضرت خواجہ خليل الرحمن قدس سره کان ملي.

26 هون خليفو:

حضرت خليفہ
انور الدين فاروقي پٺاڻ

نوراني صورت وارو، مرشد ڪامل جو پيارو حضرت خليفہ انور الدين فاروقي رحمۃ اللہ علیہ .

سندن ولادت: افغانستان جي ڳوٺ وڙ پني ۾ ٿي.

تعليم: پنج ڇهہ درجا پڙهيا.

سنڌ ۾ هجرت: وڙ پني مان انڊيا آيا. حيدرآباد دکن نظام اسٽيٽ ۾ رهيا. پاڪستان ٺهڻ بعد سنڌ ۾ کوکرا پار واري رستي سان آيا. سنڌ ۾ لاڙڪاڻي ضلعي جي شهر باڊه ۾ سکونت اختيار ڪيائون. پوءِ رحمتپور ۾ اچي رهائش اختيار ڪيائون.

محبت جو عجيب رنگ: پير مٺا سائين سان والهانہ محبت هوندي هين. سندن رابطو عجيب هوندو هيو. پير سائين جڏهن بہ ڪين گهرائيندا هيا تہ صرف دل ۾ خيال ڪندا هيا تہ پاڻ اچي ويندا هيا. مصلي جي پويان ويهي مرشد جي ملفوظات لکندا هيا. پير مٺا سائين جا پٺاڻ مريد ايندا هيا تہ پير مٺا سائين کين فرمائيندا هيا تہ هنن کي پشتو ۾ نصيحت ڪيو.

خلافت: سندن محبتن ۽ اخلاص کي ڏسندي کين 1955ع ۾ کين پير مٺا سائين خلافت عطا ڪئي.

۽ چور ڀڄي ويا: هڪ ڀيري سفر ۾ هيا تہ چور ڪيس چوڌاري وري ويا. پاڻ "**پير مٺا پير مٺا**" چيائون اچانڪ گهوڙن تي سوار پوليس وارا آيا ۽ چور ڀڄي ويا ۽ پاڻ سلامتي سان موٽي آيا.

وصال: 1992ع ۾ ڪچلاڪ بلوچستان ۾ وفات ڪيائون سندن آخري آرامگاهہ بہ اتي ئي آهي.

اولاد: کيس پنج پٽ ٿيا: 1. زين العابدين 2. صلاح الدين 3. خير الدين .
4. غياث الدين 5. قطب الدين.

27 هون خليفو:

حضرت خليفہ
محمد صديق بروهي

عارف بالله حضرت خليفہ محمد صديق رحمة الله عليه ذات جا بروهي هئا. اڪثر پير مٺا سائين رحمة الله عليه ڪيس "**بروهي صاحب**" چئي سڏيندا هيا. پاڻ ڳوٺ نورآباد لڳ وارهہ ضلع قمبر شهداد ڪوٽ ۾ تولد ٿيا. ننڍپڻ ۾ ئي پير مٺا سائين سان بيعت ٿيا. واره جي علائقي ۾ تبليغ ڪيائون. پير مٺا سائين جي وصال بعد حضرت سهڻا سائين رحمة الله عليه سان بيعت ڪيائون.

گهنگهرو تي جذبو: پير مٺا سائين سان بيعت ڪري ٽن ڏينهن بعد واپس ٿيا تہ سِڪن جو قافلو پٺي ويو. انهن جي گڏهن جي ڳچيءَ ۾ گهنگهرو ٻڌل هيا، ان جو آواز ٻڌي ڪيس جذبو ٿي ويو. پاڻ اڪثر ڪري جذبي ۾ ئي رهندا هيا.

آستينن مان شعلا: ڪافي وقت جهنگ ۾ رهيا. ماڻهو ڳولڻ ايندا هيا تہ ڪين نظر نہ ايندا هيا پر پاڻ انهن کي ڏسندا هيا. پوءِ هڪ سيد کي وٺي آيا. ان چيو تہ هن کي جادو آهي. اهو ٻڌڻ سان ڪين جذبو ٿي ويو. سندن آستينن مان باهہ جا شعلا نڪرڻ لڳا. جذبي ۾ لوڙهي مٿان رقص ڪرڻ لڳا. پوءِ شاهہ صاحب کي روئڻ اچي ويو. چيائين مان پليل آهيان هي جادو ناهي الله جو ذڪر آهي.

دبئي ۾ مرڪز: پاڻ دبئي ۾ تبليغ ۽ ڪاروبار لاءِ ويا. دبئي ۾ الصفا ۾ "مرڪز الصديقية" کوليائون. اتي وڏي تبليغ ڪيائون. عربي عجمي سندن فيض مان مستفيض ٿيا. ڪافي ڪافر ڪلمو پڙهي مسلمان ٿيا. هن وقت ان مرڪز ۾ حضرت **سجڻ سائين** ويندا آهن.

وصال پُر ملال: پاڻ دبئي ۾ هيا تہ سندن طبيعت ناساز ٿي پئي پوءِ ڪراچي ۾ لاڙڪاڻي ۾ علاج ڪرايائون نيٺ پنهنجي اباڻي ڳوٺ ۾ سندن وصال ٿيو. سندن مزار نور آباد ۾ آهي. هن وقت سندن فرزند مولانا **محمد جان** سرگرم مبلغ آهن. ڪين حضرت سجڻ سائين کان اجازت خلافت مليل آهي.

28 هون خليفو: القول المقبول في تذكرة خليفة غلام الرسول

حضرت خليفہ
غلام رسول چانڊيو

العابد الزاهد، الصابر، الشاڪر، العالم العادل حضرت خليفہ غلام رسول چانڊيو ولد نبي بخش چانڊيو جي ولادت 19 جون 1865ع ۾ ڳوٺ ڏُر محمد هڪڙو ۾ ٿي. ننڍپڻ پنهنجي اباڻي ڳوٺ ۾ گذاريائون.

علم جي تلاش: سنڌي پرائمري پنهنجي ڳوٺ ۾ حاصل ڪيائون. جڏهن پاڻ ڏهن سالن جا ٿيا تہ سندن والد گرامي ديني تعليم لاءِ نوڙي ٻجار جي مدرسي ۾ مولوي ڪريم داد چانڊيو صاحب وٽ وٺي آيا. هن مدرسي ۾ پاڻ قرآن پاڪ حفظ ڪيائون. ان ڪان علاوه عربي فارسي جي بہ تعليم حاصل ڪيائون. پنجويهہ سالن جي عمر ۾ وڌيڪ ديني تعليم جي حصول لاءِ هندستان روانا ٿيا. جڏهن دهلي ۾ فارغ التحصيل ٿيا تہ اتان جي بزرگن ۽ عالمن ڪين دستار فضيلت ڪرائي.

علمي خدمتون: وطن واپس آيا تہ هڪ زميندار قائم خان شيخ جنهن جي نالي سان اڄ بہ هڪ ڳوٺ آهي، تنهن هڪ ديني درسگاهہ کولڻ جو ارادو ڏيکاريو ۽ ڪين ان درسگاهہ ۾ پڙهائڻ جو عرض بہ ڪيائين. اها ڳالهہ ٻڌي خليفہ صاحب ڏاڍا خوش ٿيا. پوءِ ان مدرسي ۾ بغير ڪنهن معاوضي وٺڻ جي في سبيل الله مُدرس ٿي رهيا ۽ سوين شاگردن کي ديني علم سان روشناس ڪرايائون جيڪي قرآن جا حافظ ۽ دين جا عالم ٿيا.

سندن شاگردن: مولانا عبدالحي قمبر، مولانا عبدالهادي قمبر ان ڪان علاوه هزارين ماڻهن سندن علمي ۽ روحاني فيض مان حصو حاصل ڪيو.

علمي قابليت: پاڻ وڏا عالم با عمل ۽ محقق هيا. درگاهہ رحمتپور شريف ۾ جڏهن ماڻهو دقيق شرعي مسئلا پڇڻ ايندا هيا تہ پير مٺا سائين ڪيس گهرائي مسئلي جي حل يا فتويٰ لاءِ فرمائيندا هيا.

تصنيفات : ڪافي ڪتاب تصنيف ڪيائون پر اُهي اڃا ڇپجي نہ سگهيا آهن.
بيعت ۽ خلافت : پهرئين مولانا تاج محمد امروٽي جا مريد هيا ان جي وفات بعد حضرت پير مٺا سائين ﷫ سان بيعت ڪيائون. سندن محبت، محنت ۽ عقيدت کي ڏسي پير سائين جن کين خلافت عطا فرمائي.
تبليغ : پنهنجي سموري زندگي دين جي خدمت ڪندي گذاري ڇڏيائون. قمبر ۽ ان جي آس پاس جي علائقن ۾ تبليغ ڪري ماڻهن کي بي ديني جي انڌيري مان ڪڍي علم جي روشني ۽ صراط مستقيم واري واٽ تي آندائون.
مرشد سان محبت : کين پنهنجي پير سان گهڻي محبت هوندي هئي. ڪو بہ يارهين جو موقعو قضا نہ ڪيائون. زندگي جي آخري ڏينهن تائين درگاهہ رحمتپور شريف سان وابستہ رهيا. مرشد جي وصال کان پوءِ حضرت خواجہ خليل الرحمان قدس سره العزيز سان نسبت رکيائون.
استقامت : ڪافي عرصي تائين قائم خان شيخ جي مدرسي ۾ درس و تدريس ۾ مصروف رهيا پوءِ 1972ع ۾ اتان هجرت ڪري قمبر شهر ۾ پنهنجن فرزندن سان گڏ رهڻ لڳا. سندن عمر 100 کان مٿي هئي پر ضعيف العمري جي باوجود بہ نماز ۽ قرآن شريف جي تلاوت جا پابند رهيا. **حج :** کين ٻن حجن ڪرڻ جي سعادت حاصل ٿي.
وصال پُر ملال : خليفہ غلام رسول جو وصال قمبر شهر ۾ 15 فيبروري 1976ع ۾ ٿيو. سندن مزار مبارڪ سيد باگن شاهہ جي قبرستان قمبر ۾ آهي. سندن ٻنهين فرزندن محمد هاشم ۽ خير محمد جون مزارون بہ والد گرامي جي مزار شريف جي پير ۾ آهن.
شاديون ۽ اولاد : پاڻ ٻہ شاديون ڪيائون. کين ٻہ فرزند ٿيا.
محمد هاشم 1992ع ۾ ۽ خير محمد 1999ع ۾ وصال ڪيو.
1. محمد هاشم : هڪ شادي ڪئي جنهن مان کيس پنج پٽ ۽ ٽي نياڻيون ٿيون.
1. حزب الله (مرحوم) 2. محمد قاسم (مرحوم) 3. محمد داؤد (مرحوم) 4. نعمت الله (قمبر ۾ سڪونت پذير آهن) 5. خليل احمد.
2. خير محمد : هڪ شادي ڪئي. کين ٻہ پٽ ۽ ٽي نياڻيون ٿيون.
1. بشير احمد 2. عبدالرشيد قمبر ۾ رهائش پذير آهن.

29 هون خليفو:

حضرت خليفه
علي گل مُغيري

الله جي پياري ، روحاني منزلن واري حضرت خليفه علي گل مُغيري ولد الله اڏيو مغيري جي ولادت ڳوٺ حاجي غلام مغيري لڳ آبڙي تعلقو قمبر ضلع قمبر شهداد ڪوٽ ۾ ٿي. تعليم پنهنجي ڳوٺ ۾ حاصل ڪيائون.

بيعت ۽ خلافت: اول پاڻ پنهنجي آباء اجداد جي مرشدن حق دو پاسي بزرگن جا مريد هيا. پوءِ دين پور ۾ پير مٺا سائين سان بيعت ڪيائون. ڪافي عرصو اتي رهيا. مرشد ڪي دعوت ڏئي پنهنجي ڳوٺ وٺي آيا. پير مٺا سائين آبڙي لڳ سندن ڳوٺ ۾ ڪجھ وقت قيام فرمايو هيو پوءِ اهو آستانو ۽ جايون خليفه علي گل جي حوالي ڪري پاڻ رحمتپور شريف لاڙڪاڻو ۾ اچي رهيا.

خليفي صاحب ڪي مرشدن ڪريمن سان تمام گهڻي محبت هئي. سندن محنتن ۽ خدمتن ڪي ڏسي مرشدن ڪيس خلافت سان نوازيو. پاڻ ڪيترن ئي علائقن ۾ تبليغ به ڪندا رهيا.

حج ۽ مختلف ملڪن جو سير: مرشد ڪان اجازت وٺي حج تي ويا. ان سفر ۾ ساڻن گهر وارا به گڏ هيا. حج ادا ڪرڻ ڪان پوءِ اردن، ايران، شام ۽ عراق جو به سفر ڪيائون. ان ڪان پوءِ به پاڻ ڪيترائي حج ڪيائون.

شادي ۽ اولاد: پاڻ هڪ شادي ڪيائون جنهن مان صرف هڪ نياڻي ٿي.

وصال: سندن وصال جي تاريخ معلوم ٿي نه سگهي آهي. سندن مزار خيرپور يوسف لڳ پڪو وڳڻ روڊ ڳوٺ طاهر جي قبرستان ۾ آهي.

خدا رحمت کند ایں عاشقان پاک طینت را

30 هون خليفو: اَشْفَقُ الشَّفِيق اَحْسَنُ الْخَلِيق خَلِيفَة مُحَمَّد صِدِّيق

حضرت خليفہ خواجہ
غلام صديق بروهي
دربار مسکين پور شريف
تمبر شهدادکوٽ

غوث غفاري جو پيارو، فيض ڪرامت برڪت وارو، علم حلم ۾ قربت وارو، رحم ڪرم ۾ زور ڀاڄهارو حضرت خليفہ محمد صديق ولد قيصر الدين ولد علي خان بروهي رحمت الله عليہ سندن ذات بروهي جتڪ سنبڪاٽي رحمت زئي ۽ فقير زئي هئي.

سندن ولادت : 1921ع بمطابق 1343هہ ۾ بستي چوڪي جمالي تحصيل گنداخہ ضلع جعفر آباد، بلوچستان ۾ ٿي.

تعليم : قرآن مجيد جي تعليم ۽ فارسي جا ڪجهہ ڪتاب شهر ڳڙهي خيرو ۾ حاصل ڪيائون. پاڻ فرمائيندا هيا تہ : ”مون کي ننڍپڻ ۾ علم حاصل ڪرڻ جو شوق هوندو هيو پر اسان جي گهر جو گذر سفر ٻڪرين رڍن جي ڌڻ تي هوندو هيو. ان ڪري مون کي بہ ڌڻ چارڻو پيو. ڪڏهن ڪڏهن دعا گهرندو هيس تہ خدا ڪري ڌڻ مري وڃي تہ آءٌ آزاد ٿي علم حاصل ڪيان. پوءِ ڪجهہ وقت کان پوءِ ڌڻ ختم ٿي ويو ۽ قرآن مجيد ۽ فارسي جا ڪجهہ ڪتاب پڙهيم“. جنهن علائقي ۾ سندن جي ولادت ٿي هئي ان علائقي ۾ وڏي جهالت هئي. ماڻهو دين کان ناواقف هيا ان ڪري پاڻ عربي پڙهي نہ سگهيا.

مرشد جي تلاش : سندن استاد وٽ هڪ رسالو هوندو هيو جنهن ۾ حضرت محبوب سبحاني قدس سره جون ڪرامتون تحرير هيون. پاڻ اهو ڪتاب پڙهندا هيا جنهن ڪري سندن دل ۾ غوث اعظم جي محبت ۽ عقيدت تمام وڌي وئي. اهڙي طرح سان کين شوق پيدا ٿيو تہ ڪنهن بزرگ سان بيعت ڪريان. اڪثر ڪري پاڻ جهنگ يا قبرستان ۾ وڃي روئندا هيا. دعا گهرندا هيا تہ يا الله مون کي ڪامل پير نصيب فرماءِ.

محبت ۾ مستانا : ڪين ننڍپڻ کان ئي ڪامل پير جي تلاش هئي. پاڻ مختلف مشائخ عظام جي خدمت ۾ حاضري ڏنائون پر پاڻ جنهن جا متلاشي هيا اهو ڪين نظر نہ آيو. شروع ۾ پاڻ قادري خاندان جي هڪ بزرگ سان بيعت ڪيائون. ان کان پوءِ نقشبندي بزرگ حضرت خواجہ محمد بخش مديجوي رحمت الله عليہ سان بيعت ڪيائون. پاڻ تقريباً پندرهن سال ان بزرگ جي صحبت ۾ رهيا. ان بزرگ جي ايڏي تہ خدمت ڪيائون جو اهو بزرگ سندن مشتاق ٿي پيو. پاڻ فرمائيندا هيا تہ مون کي ياد نہ آهي جو ان وقت مون وٽ پنج روپيہ جمع ٿيا هجن ۽ اُهي مان پاڻ وٽ رکيا هجن. جيڪي بہ پئسہ هٿ ۾ ايندا هيا اهي پنهنجي شيخ تي قربان ڪري ڇڏيندو هئس. پاڻ پنهنجي مرشد جا ديوانا هيا هڪُ ڏينهُن گهر ۾ تہ ٻہ ڏينهَن پير جي خدمت ۾.

محبّت جي ميدان ۾، سِرَ جو ڪر مَ سانگُ؛
سورِيءَ سُپيرين جي، چَڙهُ تہ تئين چانگُ؛
عشق آهي نانگ، خبر ڪاڏَنِ ڪي پوي.

پاڻ پنهنجي شيخ سان گڏ هر سال بلوچستان ويندا هيا. سندن مرشد اتان جي ماڻهن کي سندس واسطي فرمائيندو هيو تہ مان سنڌ مان توهان لاءِ بي مثال تحفو آندو آهي.

بزرگ کين "**فرزند**" چئي پڪاريندو هيو ۽ ساڻس تمام گهڻو پيار ڪندو هيو. کين ڏاڍيون دعائون ڪندو هيو ۽ ڪڏهن فرمائيندو هيو تہ پٽ هزارين ماڻهو تنهنجون جتيون کڻندا.

بيعت ثاني : توڙي جو پاڻ پنهنجي شيخ اول جي ڀرپور خدمت ڪيائون ۽ ساڻن والهانہ محبت ڪيائون ۽ مرشد جي بہ مٿن نگاهِ خاص هئي پر تنهن هوندي بہ سندن قلبي اڃ اُجهامي نہ سگهي. پاڻ تسڪينِ قلب لاءِ اڃا ڪنهن مردِ حق جا منتظر هيا. هڪ ڀيري ڪنهن دوست کين رحمتپور جي روحاني مرڪز ڏانهن هلڻ جي دعوت ڏني. پاڻ اتي قطبِ عالم حضرت پير مٺا سائين ﷫ جي خدمت بابرڪت ۾ حاضر ٿيا. جڏهن سندن زيارت ڪيائون تہ دل مطمئن ٿي وئي. پير سائينجن کائنئن پڇيو تہ سبق تازو ڪرائيندو يا نئين بيعت ڪندئو. پاڻ نئين بيعت ڪرڻ جو عرض ڪيائون. پوءِ حضرت پير مٺا سائين جن کين نئين سر بيعت ڪرائي ۽ ان ئي وقت ست ئي سبق عنايت فرمايائون.

خلافت: سندن محبتن ۾ دل جي صداقت کي ڏسندي مرشد کين ٿن مهينن اندر خلافت عطا ڪئي. خلافت ڏيڻ وقت پير مٺا سائين فرمايو:

" خلیفہ صاحب میں تساں کوں خلافت اپنے طرفاں ڈیندا اں ہاں۔"

حاضري وارن فقيرن جي چوڻ مطابق پاڻ اهي الفاظ اڳ ڪنهن به خليفي لاءِ ڪو نه فرمايا هئائون ۽ نه ئي ڪنهن کي ٽن مهينن ۾ خلافت ڏنائون.

مالي خدمت: پاڻ فرمائيندا هيا ته مون کي ياد نه آهي جو پير مٺا سائين سان بيعت ڪرڻ کان پوءِ مون وٽ چاليهه روپيه هجن ۾ اُهي مان ڪجهه ڏينهن لاءِ پاڻ وٽ رکيا هجن. جيڪا به رقم (ضرورت کان وڌيڪ) هٿ ۾ ايندي هئي اها پنهنجي شيخ جي حوالي ڪري ڇڏيندو هيس.

سِرُ ساهُ سڄڻ تو تان صد بار ڪيان صدقي،
سڀ مال مڏيون ملڪيت گهرَ ٻارَ ڪيان صدقي.

پير سان محبت: پاڻ فرمائيندا هيا ته مان سوچيندو هيس ته انشاء الله مان اهڙو طريقو اختيار ڪندس جو مرشد جي دل ڪسي وٺندس. پوءِ اهو راز مون تبليغ دين ۾ ڏٺو. خليفو جيتري به گهڻي تبليغ ڪندو هيو پير سائين جن ان سان اوترو وڌيڪ راضي ٿيندا هئا.

هجرتون ۽ موجوده درگاهه شريف: پهرئين هجرت چوڪي جمالي کان بستي ڏنگ جي طرف ڪيائون. پوءِ درگاهه مسڪين پور شريف لڳ شهر ميرو خان ڏانهن هجرت ڪيائون. هي ٻئي هجرتون خلافت کان پهريان ڪيائون. پاڻ درگاهه شريف "مسڪين پور شريف" جو نالو خلافت کان پوءِ رکيائون. پوءِ پاڻ جيڪب آباد،جهٽ پٽ، سلرا شاهه داد ڪوٽ ضلع لاڙڪاڻو به هجرت ڪيائون. پاڻ سيني مرڪزن جو نالو **مسڪين پور** رکيائون. هن وقت جيڪا درگاهه مسڪين پور شريف آهي اها لڳ مستوئي شاخ شهداد ڪوٽ کان اوپر ڏکڻ جي وچ ۾ تقريباً ٻن ڪلوميٽرن جي مفاصلي تي آهي.

سيرت: پاڻ با اخلاق ۽ باشرع هوندا هيا. پاڻ نذيڻ کان طاقتور، بي خوف ۽ با همت هوندا هيا.

مريدن کي هدايت: پاڻ پنهنجي مريدن ۽ گهر وارن کي هدايت ڪندا هيا ته جڏهن سائينجن جي لنگر خاني ۾ وڃو ته اتي مهمان ٿي ويهي نه رهو بلڪه خدمتگار بنجي وڃو.

پنهنجي لاءِ لنگر هرگز نہ گھرو اگر خود ملي تہ الحمدلله نہ تہ صبر ڪندا ڪريو. يا پنهنجو پڪايل روٽ ڪائيندا ڪريو. مرشد جي درگاھ تي ماني گھرڻ بہ بي ادبي آهي.

قناعت ۽ سادگي: سندن گھر ۾ شروع ڪان وٺي قناعت هئي. پاڻ هميشہ سادي خوراڪ ڪائيندا هيا ۽ سادو لباس پائيندا هيا. ان وقت سوٽي ڪپڙو سستو هوندو هيو. پاڻ هميشہ سفيد رنگ جو سوٽي ڪپڙو خريد ڪندا هيا. ڪڏهن ڪڏهن سٺا ڪپڙا بہ زيب تن ڪندا هيا. اُهي ڪپڙا مريد پنهنجي محبت مان ڪين ڏيندا هيا پر پاڻ مهانگا ۽ اعليٰ ڪپڙا پنهنجي لاءِ ڪڏهن بہ خريد نہ ڪيائون. هميشہ سادگي سان پنهنجي حياتي گذاريائون.

انوکو انداز: هڪ دفعي ڪوئيٽہ ۾ پير مٺا سائين چاليھ روپيہ ڪڍي دل جوئي ڪندي فرمايائون "ميان غلام صديق پيا خليفا پنهنجي ٻارن لاءِ ڪپڙو وغيره خريد ڪري وٺي وڃن پيا اگر توهان جو بہ ارادو هجي تہ بلاشبہ خريد ڪيو. هي ننگر مان چاليھ روپيہ وٺو. جڏهن توهان کي ٿين تہ پوءِ واپس ڏجو." ڪين پيسہ تہ گھٽ ئي هيا پر ضرورت لاءِ ڪافي هيا. پر پاڻ پنهنجي شيخ جي ڪمالِ شفقت ۽ ڪرم کي ڏسي ڪو جواب ڏئي سگھيا ۽ اها رقم وٺي پاڻ وٽ رکي ڇڏيائون. جڏهن واپس درگاھ رحمتپور شريف پهتا تہ ان ئي وقت اهي ساڀيا پئسہ مرشد جي خدمت ۾ پيش ڪيائون. سندن مرشد فرمايو: "ايترو جلدي!!!"

قابلِ اعتماد شخصيت: پير مٺا سائين جو مٿن ايترو تہ اعتماد هوندو هيو جو سندن ڳالھ کي قابلِ اعتبار سمجهندا هئا. درگاھ رحمت پور شريف ۾ ڪنهن ماڻهو جي باري ۾ ڳالھ پولھ ٿي. ڪجھ ماڻهن ان ماڻهو کي ڏوهي ڪيو ۽ ڪن ڪونہ ڪيو. جڏهن اهو مسئلو مرشد وٽ پهتو تہ ڪنهن ماڻهو پير مٺا سائين کي ٻڌايو تہ ان ماڻهو ڪجھ عرصو خليفہ غلام صديق صاحب وٽ گذاريو آهي. ان ماڻهو جي باري ۾ خليفي صاحب کي وڌيڪ خبر هوندي. پوءِ پاڻ فرمايائون تہ ميان غلام صديق کي گهرايو. اتفاقاً ان ڏينهن پاڻ بہ درگاھ شريف تي اچي رهيا هيا. جڏهن سندن خدمت اقدس ۾ حاضر ٿيا تہ مرشد ڪائنن ان ماڻهو جي باري ۾ پڇيو. پاڻ حقيقت عرض ڪيائون. ان ڪان پوءِ پاڻ ان ماڻهو کي درگاھ شريف تان ڪڍي ڇڏيائون ۽ پنهنجي پوري زندگي تائين ان کي درگاھ شريف تي اچڻ جي اجازت نہ ڏنائون.

آخري لمحن ۾ : جڏهن پير مٺا سائينجن جي طبيعت مبارڪ ناساز هئي تہ پاڻ فرمايائون غلام صديق جي طرف پيغام موڪليو تہ جلدي اچي. پاڻ رستي ۾ ئي هيا تہ ڪين اطلاع مليو. پوءِ آخري لمحن ۾ پنهنجي پير سان گڏ رهيا.

صدمو: پاڻ ڪنهن شخص سان گفتگو ڪندي فرمايائون تہ "هن عاجز کي جيترو صدمو پنهنجي شيخ جي جدائي ۾ مليو ايڏو صدمو ڪڏهن بہ نہ مليو هيو".

اولاد جي تعليم و تربيت : پاڻ پنهنجي اولاد جي تعليم ۽ تربيت جو خاص بندوبست ڪندا هيا. علم جي حصول لاءِ اهڙو مدرسو جنهن ۾ تعليم سان گڏو گڏ عمل، آداب ۽ اخلاق حسنہ ڏانهن بہ ڪامل توجہ هجي. شهداد ڪوٽ ۾ هڪ تجربيڪار ۽ عمر رسيده استاد علامہ سيد العلماء جامع المعقول والمنقول مولانا مولوي محمد نواز جيڪو پنهنجي شاگردن کي ڏاڍي محنت سان پڙهائيندو هيو. ان جي مدرسي ۾ پاڻ پنهنجي فرزند جناب محمد هادي بخش صديقي صاحب کي پڙهڻ لاءِ موڪليائون. اتي سندن فرزند سان گڏ مولانا واحد بخش صاحب ۽ فقير جناب ميان رحمت الله صاحب بہ عربي تعليم حاصل ڪندا رهيا. گرمين جي موسم ۾ چار مهينن لاءِ درگاهہ ڪريم آباد لڳ ڪُلي ڪمالو سرياب روڊ ڪوئيٽہ بلوچستان ويندا هيا تہ بہ اتان جي جيد علماء وٽ وڃي علم حاصل ڪندا هيا. سندن فرزند اٺين سال ۾ دوره حديث شريف بهاولپور ۾ پڙهيو.

سندن روزمره جو معمول : پاڻ فجر جي اذان کان بہ ڪلاڪ اڳ تهجد نماز لاءِ اٿندا هيا. ڪڏهن ڪڏهن اڌ رات، ڪڏهن ڪڏهن ان کان بہ وڌيڪ وقت مراقبي ۾ گذاريندا هيا. پاڻ هر وضو کان پوءِ تحية الوضو ادا فرمائيندا هيا.

فجر جي نماز پاڻ پڙهائيندا هيا. نماز کان پوءِ ختم شريف پڙهي مراقبو ڪرائيندا هيا. ڪڏهن ڪڏهن مراقبي کان پوءِ ڪجهہ وعظ ۽ نصيحت فرمائيندا هيا. ان کان پوءِ گهر وڃي قرآن مجيد جي تلاوت ڪندا هيا. پوءِ ماني کائي لنگر جي ڪم جي نگهباني يا ڪنهن مسافر سان ملاقات يا گهر ۾ ويهي ڪونہ ڪو ڪتاب مطالعو فرمائيندا هيا. بعد ۾ پاڻ ڪجهہ آرام فرمائيندا هيا ۽ ظهر جي نماز کان پورو هڪ ڪلاڪ اڳ اٿي تسبيون ۽ وظيفا پڙهندا هيا. اگر ڪو وظيفو رهجي ويندوهيو تہ اهو نمازِ ظهر کان پوءِ پورو ڪندا

هيا. عصر نماز کان پوءِ پاڻ هميشہ مسجد شريف ۾ ويهي فقيرن ۽ سالڪن کي نصيحتون فرمائيندا هيا. ڪڏهن ڪڏهن انهن کان حال احوال بہ پڇندا هيا.

دربار مسڪين پور جا قوانين:

پاڻ جڏهن دربار مسڪين پور شريف قائم ڪيائون تہ اتي مرشدن جي سنت مطابق شرعي قانونن جو اجراءُ فرمايائون. اتي جي هر رهواسي کي انهن قانونن جو پابند ٿي رهڻو پوندو. پوءِ اتي فقيرن جا سٺ گهر آباد ٿيا پر اهي سڀ انهن شرعي قانونن جا پابند ٿي رهيا. انهن شرطن مان ڪجهہ شرط هي بہ هيا:

سيني شرطن جو خلاصو:

- شريعت پاڪ جي هر حڪم تي عمل ڪبو ۽ غير شرعي ڪمن کان پرهيز ڪبي.
- پنج وقت نماز با جماعت پابندي سان ادا ڪئي ويندي.
- ڏاڙهي سنت مطابق پوري مٺ رکي ويندي.
- ڏنڊڻ هميشہ پاڻ سان گڏ رکيو ويندو.
- ڪوڙ، غيبت، زنا، چوري، ڪسب حرام، حقو، سگريٽ، نسوار، شراب نوشي ۽ ٻين حرام و ناشائستہ سيني شين کان پرهيز ڪبي.
- پنهنجي گهروارن کي شرعي پردي ۾ رکيو ويندو. انهن جا سڀ معاملات شريعت پاڪ مطابق سرانجام ڏنا ويندا.
- بي دين ۽ فاسق مائٽن جي خلافِ شرع ڪمن مثلاً شادي ۽ غمي وغيره ۾ انهن سان هرگز شرڪت نہ ڪئي ويندي.
- اگر پاڻ ۾ ڪڏهن بہ ڪو اختلاف وغيره ٿي وڃي تہ شرعي فيصلو مڃيو ويندو. حڪومت يا ڪنهن ٻئي امير وغيره جي طرف هرگز نہ ويندو.

اها نوراني بستي ان شرعي قانونن مطابق آباد ڪئي وئي هئي. اتي هر وقت الله جو ذڪر جاري هوندو هيو ۽ الله جي پياري حبيب ﷺ جي دين پابندي هوندي هئي.

سندن خليفا:

1. صاحبزاده حضرت علامہ محمد هادي بخش صديقي حب بلوچستان.
2. صاحبزاده حضرت محمد حضور بخش صديقي مسڪين پور، شهداد ڪوٽ.

3. محمد محسن صديقي ولد خليفہ حبيب الرحمٰن غفاري، درگاهہ غريب آباد يارو کوسو، ڊيره غازي خان، پنجاب.

حج: پاڻ بہ حج ادا ڪيائون.

شاديون ۽ اولاد: پاڻ يڪي بعد ديگري پنج شاديون ڪيائون جن مان ڪين اٺ پٽ ۽ تيرهن نياڻيون ٿيون.

وصال پُر ملال: 16 ربيع الاول 17 جي رات 1425هجري ۾ ٿيو. سندن آخري آرام گاهہ درگاهہ مسڪين پور شريف لڳ مستوئي شاخ، تعلقو ميرو خان، ضلع قمبر، شهداد ڪوٽ ۾ زيارت گاهہ خاص و عام آهي.

صاحبزادگان: سندن صاحبزادا هن وقت بہ شب وروز تبليغي مساعي ۾ مشغول آهن.

حضرت صاحبزاده علامہ مولانا **هادي بخش صديقي** زيد مجده هن وقت بلوچستان صوبي جي تعلقي حب ۾ دربار رحيم آباد شريف ۾ مقيم آهن. جتي سندن درسگاهہ " جامعہ صديقيہ غفاريہ " نالي آهي. جتي پاڻ تبليغ دين ۽ اشاعتِ سلسلہ ۾ مشغول آهن. پاڻ ڪافي تعداد ۾ ڪتاب بہ لکيا اٿن.

سندن فرزند گرامي حضرت **حضور بخش** زيد مجده دربار مسڪين پور ۾ سجاده نشين آهن. ان ڪان علاوه هاٽي نوري آباد ۾ بہ هڪ نئون مرڪز بہ کوليو اٿن. پاڻ تبليغ سان گڏ تحريري خدمتون بہ سرانجام ڏئي رهيا آهن.

ترجیح اجل کردیتے ہیں بے سوز محبت جینے پر،
ہم زہر کے خم کو پی جاتے ہیں آتے ہیں کبھی جو پینے پر.

ہم شمعِ یقیں کے پروانے شعلوں سے محبت کرتے ہیں،
اے زیست ہماری راہ سے ہٹ ہم موت کی عزت کرتے ہیں

31 هون خليفو: شفاءُ السقيم في ذكر خليفة عبد الحليم

حضرت علامہ خليفہ عبدالحليم شهداد كوٽي
رحمت الله عليہ

واقفِ علومِ شريعت وطريقت، عالِمِ باعمل، صوفي باصفا، حضرت علامہ مولانا خليفہ عبدالحليم بن خواجہ نصير الدين رحمت الله عليهما جو تعلق سنڌ جي هڪ قديم ۽ عظيم علمي گهراڻي سان آهي. جنهن جي علم جو سُهائو اڄ بہ پوري سنڌ ۾ پکڙيل آهي.

سنڌ جو علمي گهراڻو: حضرت علامہ غلام صديق شهداد كوٽي بن ميان نورمحمد بن ميان غلام محمد بن محمد توكل رحمت الله عليهم. پاڻ فاروقي خاندان مان هيا ۽ اڳتي وڃي سندن شجرهٔ نسب حضرت علامہ تفتازاني کان ٿيندو حضرت سيدنا عمر فاروق رضي الله عنه سان ملي ٿو. سندن آباء واجداد تبليغ جي سلسلي ۾ عرب کان عراق آيا ۽ اتان پنجاب (سمہ سٽہ) کان ٿيندا بلوچستان ۾ آيا. علامہ غلام صديق (ولادت 1260ھ وفات 1323ھ) جو والد حضرت ميان نور محمد رياست قلات جو قاضي القضاة (اسلامي عدالت جو چيف جسٽس) هيو. پاڻ واليءِ قلات جو استاد بہ هيو. پوءِ خان قلات کيس هڪ ناجائز مسئلي تي صحيح ڪرڻ جو چيو پر پاڻ پنهنجي منصب کان استعفيٰ ڏئي سنڌ جي شهر شهدادڪوٽ ۾ اچي هڪ علمي ۽ روحاني مرڪز قائم ڪيائين. علامہ همايوني، علامہ عطاءُ الله فيروز شاهي، علامہ حسن الله پاٽائي، علامہ غلام محمد مهيسر، علامہ مفتي داد محمد بلوچ قاضي مڪران وغيره سندن شاگردن مان آهن. وري سندن شاگردَ علامہ عطاءُ الله جي ناميارن شاگردن ۾ مولانا حامد الله لاڙائي بہ آهي. وري انجي شاگردن ۾ مولانا علي محمد مهيري مولانا محمد سليمان ٻني وارو وغيره بہ اچي وڃن ٿا. ان طرح شهدادڪوٽي بزرگن جو علمي فيض پوري سنڌ ۾ پکڙيل آهي.

گادي نشين: علامہ شهدادڪوٽي رحمة الله عليه ڪي ٻہ پٽ ٿيا، جيڪي ننڍپڻ ۾ ئي فوت ٿي ويا. پوءِ پاڻ پنهنجي پڳ پنهنجي ڀاڻج خواجہ نصير الدين رحمة الله عليه (ولادت 1298 وفات 1347ھ) تي رکيائين. سندس باري ۾ پاڻ فرمائيندو هيو تہ :

”منهنجي ظاهري ۽ باطني ملڪيت جو مالڪ نصير الدين آهي“.

ولادت حضرت خليفہ عبد الحليم: حضرت ميان نصير الدين (اول) جي گهر 28 ربيع الاول 1331ھ تي شهداد ڪوٽ ۾ هڪ نوراني نينگر جي ولادت ٿي. سندس نالو عبد الحليم رکيائين. جيڪو سندس وصال بعد سندس سجاده نشين مقرر ٿيو.

تعليم: ميان سائين عبد الحليم اڃا ننڍڙا ئي هيا تہ سندن والد وفات ڪري ويو. سندن تعليم ۽ تربيت سندن اباڻي مدرسي ۾ ٿي. حضرت مولانا قمر الدين صاحب ۽ حضرت مولانا عبدالغفار صاحب سندن استاد هئا. درسِ نظامي جي تڪميل بعد سندن دستار بندي بہ سندن مادر علمي درگاهہ صديقيہ شهداد ڪوٽ ۾ ڪئي وئي.

سلسلہ قادريہ ۾ بيعت: پاڻ سلسلہ قادريہ ۾ حضرت مخدوم هادي بخش رحمت الله عليہ سجاده نشين محمد پور شريف وارن جي هٿ تي بيعت ڪيائون جن کين خلافت بہ ڏني.

شهداد ڪوٽي گهراڻي ۾ فيض غفاري: هڪ ڀيري حضرت پير مٺا سائين رحمة الله عليه سفر ڪندي جڏهن شهداد ڪوٽ پهتا تہ علامہ غلام صديق جي مزار تي آيا ۽ اتي مراقبو ڪيائون. اتان کين عرض ڪيو ويو تہ اسان جي ٻچي تي خاص توجہ فرمايو. پوءِ پاڻ علامہ عبد الحليم تي توجہ فرمايائون ۽ ان پير سائين جن جي بيعت ڪئي ۽ ان وقت پير سائين جن هي لفظ فرمايا:

ما صب الله في صدري شيئا إلا وصببته في صدر عبد الحليم

الله جيڪي انوارات منهنجي سيني ۾ پلٽيا هئا سي مون عبد الحليم جي سيني ۾ پلٽيا. پوءِ هڪ طرف قادري ڪرامتون تہ ٻئي طرف نقشبندي نوازشون.... سندن سينو مجمع البحرين بڻجي پيو. ان جو نتيجو اهو نڪتو جو هزارين ماڻهن ڪانئن ذڪر حاصل ڪري پنهنجي دلين جو اصلاح ڪيو ۽ پاڻ ٽيهہ مريدن کي خلافت بہ ڏنائون، جيڪي سنڌ، بلوچستان، ايران، عراق، مدينہ منوره مڪہ مڪرمہ ۾ دين جي خدمتن ۾ مشغول آهن.

اوصاف: قادر ڪريم خليفي عبد الحليم رحمة الله عليه ڪي وڏو عالم، اديب، پرهيزگار ۽ خدا ترس بنايو هيو. پاڻ پنهنجي خداداد قابليت سان درگاهہ صديقيہ جي وڏي خدمت ڪيائون. ان عظيم درسگاهہ ۾ پيهر علم جي لاٽ روشن ڪيائون ۽ تانجو پري پري کان شاگرد وٽن علم حاصل ڪرڻ اچڻ لڳا.

مدرسن جو چار: پاڻ تعليم جي ميدان ۾ قابلِ تحسين ۽ قابلِ قدر خدمتون سرانجام ڏنائون ۽ ڪيترائي مدرسا ۽ مکتب قائم ڪيائون. جن مان ڪجهہ هي آهن:

1. مدرسہ حليميہ : 01 فيبروري 1955ع ۾ قائم ڪيائون.

2. مدرسہ نور محمدي 3. مدرسہ مظهر الاسلام 4. مدرسہ فيض محمدي: 01 سيپٽمبر 1957ع ۾ قائم ڪيائون. هي چار ئي مدرسا شهداد ڪوٽ ۾ علم جو نور پکيڙي رهيا آهن.

5. **مدرسہ جامعہ غفاريہ پٽ فيڊر** (ديره مراد جمالي).

ان طرح قلات ۽ خضدار ۾ بہ مدرسا قائم ڪيائون. مدرسہ غوثيہ حليميہ فيض محمد گياران محلہ قلات، مدرسہ جامعہ غوثيہ خضدار ۽ مدرسہ غوثيہ حليميہ انوار المصطفيٰ نيچار ضلع قلات ۾ علم جي روشني پکيڙي رهيا آهن.

ماهانہ رسالو: پاڻ شهداد ڪوٽ مان حضرت خواجہ حافظ غلام صديق شهداد ڪوٽي رحمة الله عليه جي ياد ۾ 1959ع کان هڪ اسلامي تبليغي، تعليمي ۽ اخلاقي ماهوار رسالو "فيوضات صديقيہ" شايع ڪرائيندا رهيا. جنهن ۾ پاڻ ديني مسئلن ۽ اخلاقيات تي لکندا رهيا.

شاعري جو شغف : پاڻ بهترين نثر نويس هجڻ سان گڏ بهترين شاعر بہ هيا. سندن شعرن جو نمونو پيش آهي.

سرڪار مدينہ آهي پيشوا اسان جو، سرتاج ڪل نبين آهي رهنما اسان جو،
تنهنجو ئي نالو مون ڪي ورد زبان آهي، ڪندو ڪرم "حليما" هي بادشاهہ اسان جو.

توکي مڪي مدني يار چوان، محبوب چوان منٺار چوان،
ڪل نبين جو سردار چوان، يا رب جو ڪل مختيار چوان،
محبوب محمد جاني تون، معشوق خدا لاثاني تون،
۽ بيشڪ سر سبحاني تون، تنهنجي مٽ نہ ٻيو اظهار چوان،
تنهنجي نازڪ طبع "حليم" چوان، توکي صاحب اعليٰ وقار چوان.

تبليغي سرگرميون : پاڻ سنڌ کان علاوه بلوچستان ۾ بہ تمام گهڻي تبليغ ڪيائون. وڏي خلق ڪانئن مستفيض ٿي.

سندن خلفاءِ ڪرام:

1. حضرت صاحبزاده الحاج ميان محمد نصير الدين شهيد (پير مٺا ثاني جو سهرو)
2. حضرت خواجہ حافظ ميان عبدالعزيز صاحب.
3. حاجي احمد صاحب.
4. مولوي لعل محمد مديجي.
5. مولوي مهر الله نيچاره.
6. مولوي جمال الدين رباط.
7. مولوي حافظ غلام جيلاني صاحب.
8. صوفي عبدالرحمن مڪہ مڪرمہ.
9. حاجي عبدالرحمن ڊوگر.
10. فقير عبدالرحمن مدينہ منوره.
11. پير سيد سوز علي لونگافي رتو ديرو.
12. قاري نور الدين قلات.
13. صوفي احمد خان سپرنٽينڊنٽ آئي. جي آفس ڪوئٽہ.
14. مولوي محمد يوسف لا شاري.
15. فقير محمد هاشم غوث پور.
16. فقير محمد شريف مرحوم.
17. مولوي جمال الدين چانڊيو ميرو خان .
18. حاجي دين محمد (مرحوم) قمبر.
19. مير علي شاهہ.
20. استاد محمد شعبان.
21. استاد محمد رمضان.

22. علي حيدر (مرحوم).

23. حاجي تاج محمد .

24. نواب دين فقير.

25. شاهہ محمد اوستہ محمد.

26. مولوي ولي جان دوراپور.

27. حاجي محمد عمر.

28. حاجي ظفر (مرحوم) قلات.

29. محمد عظيم ڳڙهي خيرو.

30. فقير هست خان حليمي سبي.

انهن کان علاوه فقير علي محمد جمالي، محمد وارث، قاضي ڪوڪر، فقير محمد نواز جمالي، رئيس حضور بخش هانبمي سبي درگاهہ شريف جي خدمت ڪندا رهيا آهن.

وفات حسرتِ آيات : پاڻ 5 رمضان بمطابق 30 جولاءِ 1979ع ۾ وصال فرمايائون. ڪين درگاهہ صديقي ۾ دفن ڪيو ويو.

سندن اولاد: (1) صاحبزاده حضرت محمد نصير الدين (شهيد).(2)صاحبزاده حافظ ميان عبدالعزيز (3)صاحبزاده عطا محمد (4) صاحبزاده تاج محمد (5)صاحبزاده عبدالحڪيم

پير مٺا سائين جي گهراڻي سان رشتيداري:

حضرت خليفہ عبد الحليم رحمة الله عليه کي پنهنجي پير سان گهڻي محبت هوندي هئي. پير مٺا سائين رحمة الله عليه جي وصال بعد بہ پاڻ صاحبزادي حضرت خواجہ خليل الرحمان رحمة الله عليه سان بيعت ڪيائون. گهڻو وقت رحمتپور شريف ۾ اچي رهندا هئا.

سندن ان محبت جو اثر سندن اولاد ۾ اڄ بہ برقرار آهي. ان جو ثبوت هي آهي جو حضرت خليفہ صاحب جي پوٽي خواجہ نصير الدين شهيد جي نياڻي جو نڪاح پير مٺا سائين رحمة الله عليه جي موجوده سجاده نشين حضرت پير مٺا سائين ثاني سان ٿيو آهي. ان طرح هن ٻن روحاني گادين جا پاڻ ۾ تعلقات وڌيڪ مستحڪم ٿي ويا آهن.

32 هون خليفو:

حضرت خليفه
حافظ محمد زمان مگسي

حضرت خليفه حافظ محمد زمان مگسي ولد مير محمد مگسي پٽو جا شاخ لڳ قبو سعيد خان، تعلقو شهداد ڪوٽ، ضلعو قمبر ۾ تولد ٿيا. ننڍپڻ ان ئي ڳوٺ ۾ گذاريائون.

تعليم : سنڌي چار درجا ۽ ابتدائي ديني تعليم پنهنجي ڳوٺ ۾ حاصل ڪيائون. پاڻ حافظِ قرآن ٿيا.

علمي خدمتون: تبليغ ڪان علاوه ديني تعليم ڪي به عام ڪيائون. شاهه بيگ ڪوٽ ۾ مدرسو کوليائون جتي ڪافي شاگردن ڪائنس علم جي دولت حاصل ڪئي. پنهل خان مغيري ۾ قيام دوران هڪ ديني درسگاهه جو به بنياد وڌائون جتي ڪافي ماڻهن اچي ڪائنس ديني علم سکيو.

سندن شاگرد : سندن فرزند حافظ سراج احمد، حافظ غلام عمر بروهي قبو سعيد خان ۽ علائقي جي ڪافي ٻين نامور ماڻهو جو به سندن شاگردن ۾ شمار ٿئي ٿو.

بيعت : پاڪستان آزاد ٿيڻ ڪان پوءِ پنهنجو اباڻو وطن ڇڏي پنهل خان مغيري لڳ بهرام ۾ سڪونت اختيار ڪيائون. ڪجهه عرصي ڪان پوءِ پير مٺا سائين سان بيعت ڪيائون. بعد ۾ ڪين مرشد ڪريمن خلافت به ڏني.

تبليغ جو جذبو: ڪيترن ئي ننڍين وڏن شهرن ۽ ڳوٺن، واهڻن ۽ وستين ۾ دين جو پيغام پهچايائون. قمبر، شهداد ڪوٽ، بهرام، حاڪم شاهه ۽ آس پاس جي علائقن ۾ به تبليغ ڪيائون. جڏهن پاڻ بيان فرمائيندا هيا ته سندن پُر تاثير لفظن ۽ مٺن ٻولن سبب ڪَئين پٿر دلين کي نرم ڪري ڇڏيندا هيا.

سندن صحبت ۽ نصيحت سان هزارين ماڻهو سڌري نيڪ بنجي ويا. ڳهرن ۾، ڳوٺن ۾، شهرن ۾ هر هنڌ ذڪر جي مٺي ٻولي جي تنوار اچڻ لڳي. ماڻهن جي دلين کي غفاري فيض سان رنگيندا ٿي ويا. جيڪو به سندن هڪ دفعو تقرير ٻڌندو هيو اهو برائي کي ڇڏي نيڪي واري رستي تي اچي ويندو هيو. يارهين جي موقعي تي ماڻهن جا هجوم ساڻ ڪري درگاهه رحمتپور شريف ايندا هيا.

وصال پُر ملال : دين جو هي عظيم سپاهي مٺي پير جو پيارو خليفو 1966ع ڌاري نيٺ وڃي پنهنجي رب سان مليو. سندن مزار ڳوٺ دودو گوپانگ جي قبرستان ۾ آهي. سندس گهراڻو ديندار آهي ۽ اڪثر افراد قرآن پاڪ جا حافظ ۽ دين جا عالم آهن. سندن ڪٽنب اڄ به پير مٺا سائين جو مريد آهي.

سجاده نشين : سندن فرزند ارجمند حافظ محمد سراج پنهنجي والد صاحب جي ديني مشن جي تڪميل لاءِ شب و روز ڪوشان رهيا. پاڻ مدرسي ۾ ديني تعليم سان ماڻهن کي منور ڪيائون.

شاديون ۽ اولاد : پاڻ به شاديون ڪيائون جن مان ڪين چار پٽ ۽ چار نياڻيون ٿيون.

1. محمد زمان 2. عبدالمطلب 3. محمد فاضل 4. شفيق احمد.

حافظ محمد سراج صاحب به هن دارالفنا کي ڇڏي 27 ڊسمبر 2007ع تي دارالبقا جو راهي ٿي ويو. سندس مزار شريف پنهنجي والد گرامي جي پير ۾ آهي.

سندن فرزند ڳوٺ پنهل خان مغيري ۾ رهائش پذير آهن. حصول علم ۾ سرگرم آهن. درگاهه رحمتپور شريف ۽ درگاهه حسين آباد، قمبر جا پانڌيئڙا آهن. الله ڪريم ان گهراڻي کي شاد ۽ آباد رکي.

نَئُون نِياپو آيو، راڻي مُلان راتِ؛
لَڌِيسُون لَطِيفُ چئي، ڪَنان ذَاتَرَ ذَاتِ؛
ڪَهڙِي پُڇِين ذاتِ؟ جي آيا، سي اَڳهيا.

33 هون خليفو:

حضرت خليفہ
حڪيم خدا بخش سولنگي

حضرت خليفہ حڪيم خدابخش ولد محمد عثمان سولنگي ﷫ جي ولادت ڳوٺ مريد ماڇي ۾ ٿي. ننڍپڻ ساڳئي ڳوٺ ۾ گذاريائون. پاڻ ميرڻ ماڇي تعلقو ميرو خان ضلع لاڙڪاڻو (حال قمبر شهداد ڪوٽ) ۾ رهائش پذير هيا. پاڻ "**حڪيم صاحب**" جي لقب سان مشهور هيا. پاڻ شاعري بہ ڪيائون پر سندن شاعري محفوظ ٿي نہ سگهي.

ديني تعليم : عربي، فارسي ۽ يوناني طب ڳوٺ ڪارڙا لڳ شهداد ڪوٽ ۾ حاصل ڪيائون. ديني تعليم مفتي حڪيم الحاج خدا بخش ڪارڙي وٽ حاصل ڪيائون. وڌيڪ ديني تعليم ۽ حڪمت جو علم حاصل ڪرڻ لاءِ پاڻ گجرات صوبہ پنجاب ويا.

شفا خانو: تعليم حاصل ڪرڻ ڪانپوءِ پاڻ ميرڻ ماڇي ۾ اچي پنهنجو شفا خانو کوليائون جيڪو اڄ ڏينهن تائين موجود آهي. پاڻ بهترين حڪيم هيا. پنهنجي علائقي ۾ طب جي حوالي سان سندن خدمتون اڻ وسرندڙ آهن.

بيعت ۽ خلافت : پاڻ حضرت پير مٺا سائين ﷫ جي فيض برڪتن جو تذڪرو ٻڌي درگاهہ رحمتپور شريف ۾ اچي سندن بيعت ڪيائون. سندن محنت ۽ جفاڪشي ڏسي مرشدن ڪريمن پنجن سالن کان پوءِ کين خلافت جي اجازت عنايت فرمائي ۽ پنهنجي علائقي ۾ تبليغ ڪرڻ جو حڪم ڏنائون ۽ حڪمت ۾ وڌيڪ ڪاميابي لاءِ دعا پڻ ڏنائون. پاڻ پنهنجي علائقي ۾ پوري زندگي تبليغ سان گڏوگڏ حڪمت بہ ڪندا رهيا.

درگاهہ رحمتپور شريف ۾ بہ سيني جو علاج ڪندا هيا. خاص طور تي مرشدن جي حويلي ۽ پير مٺا سائين جو بہ اڪثر طور پاڻ علاج ڪندا هيا. پير مٺا سائين جي ساڻن تمام گهڻي محبت هوندي هئي.

جڏهن بہ حڪيم صاحب درگاهہ شريف تي ايندا هيا تہ حويلي جي ويجهو گهر خالي ڪرائي حڪيم صاحب ڪي رهڻ لاءِ ڏنو ويندو هيو. مرشد ڪريم بہ اڪثر سندن گهر اچي سندن اڱڻ اجاريندا هيا. هن وقت سندن فرزند حاجي حڪيم عبدالله غفاري صاحب جن شفاخانو هلائي رهيا آهن .

صورت ۽ سيرت : سندن صورت سهڻي هئي ۽ پاڻ با اخلاق شخصيت جا مالڪ هيا. پاڻ پنهنجن سان تہ مهربان هيا پر پراون ڪي بہ ڪين ڏکويائون.

هٿ شفا : رب ڪريم ڪين اهڙي هٿ شفا ڏني هئي جو پنهنجي علائقي ۾ اڪثر ان ڳالهہ ۾ مشهور هيا تہ پاڻ مرڻ جهڙن ڪي نئين صحت تا ڏين. سوين لاعلاج ماڻهو رب جي حڪم سان سندن دوا سان شفاياب ٿيا.

۽ گاڏي نهي وئي : هڪ ڀيري پاڻ پنهنجن ٻچڙن ڪي ساڻ ڪري رحمتپور شريف وڃي رهيا هيا تہ رستي ۾ سندن گاڏي خراب ٿي پئي. رات بہ ٿي چڪي هئي پيو ڪو بہ چارو ڪونہ هيو پوءِ پاڻ پنهنجي مرشد پير مٺا ڪي مدد لاءِ سڏيائون. ٿوري دير ۾ اوچتو هڪ گاڏي آئي ۽ ان مان بہ نوجوان لٿا، انهن گاڏي ڪي ناهيو ۽ ڪين هلڻ لاءِ چيائون. پاڻ ٿورو اڳتي هليا تہ پٺيان اها گاڏي ۽ نوجوان گم ٿي ويا. حڪيم صاحب جڏهن خير سلامتي سان دربار شريف تي پهتا تہ پير سائين جن فرمايو حڪيم صاحب پهچي وئين؟ پاڻ روئڻ لڳا. پير سائين جن فرمايو روءُ نہ الله وارن جي فوج هر جڳهہ تي آهي.

شادي ۽ اولاد : پاڻ هڪ شادي ڪيائون جنهن مان ڪين ٽي پٽ ۽ بہ نياڻيون ٿين.

1. پٽن ۾ مرحوم حڪيم محمد عثمان غفاري 2. حڪيم حاجي علي انور غفاري .

3. حڪيم حاجي علي انور غفاري.

حج : پاڻ هڪ حج ادا ڪيائون. پاڻ هر سال ڳوٺ ۾ مرشدن جو ڏهاڙو بہ ملهائيندا هئا.

وصال : پاڻ هن فاني دنيا مان 1995ع ۾ لاڏاڻو ڪري ويا. سندن مزار سندن حويلي جي پاسي ۾ ميرڻ ماڇي ڳوٺ ۾ آهي. سندن عرس مبارڪ محرم مهيني ۾ وڏي شان سان ملهايو ويندو آهي.

سجاده نشين : سندن ننڍو فرزند فقير حڪيم عبيدالله غفاري آهي.

34 هون خليفو :

حضرت خليفہ
امير الدين مگسي

حضرت خليفہ امير بخش مگسي ولد حاجي ڪمال الدين مگسي سن 1910ع ۾ ڳوٺ نئون ڪبڙ تعلقو ميرو خان، ضلعو قمبر شهداد ڪوٽ ۾ ڄاوا. ننڍپڻ اتي ئي گذاريائون. سندن نالو امير بخش هيو پر جڏهن پير مٺا سائين جي صحبت ۾ خدمت ۾ آيا تہ مرشد ڪريمن ڪين پيار مان فرمايو تہ توهان اڄ ڪان پوءِ امير بخش نہ پر **اميرالدين** آهيو ۽ سندن برادر محترم جو بہ نالو سونا خان مان بدلائي نور الدين رکيائون.

تعليم : پرائمري چار درجا پڙهيائون. ان ڪان علاوه پنهنجي ڳوٺ جي مدرسي ۾ فارسي جا ڪجهہ ڪتاب بہ پڙهيائون.

بيعت ۽ خلافت : حضرت پير مٺا سائين رحمت الله عليہ جي فيض برڪتن جون ڳالهيون ٻڌي تمام گهڻو متاثر ٿيا ۽ ساڻن بيعت ڪيائون. مرشدن جي زيارت لاءِ ۽ فيض برڪت جي حصول لاءِ درگاهہ عاشق آباد شريف بہ ويندا رهندا هيا. نور پور، دين پور ۽ مختلف جاين تي پنهنجي مرشد سان گڏ رهيا. سندن محنت ۽ محبت جو جذبو ڏسندي ڪين خلافت بہ عطا ڪئي وئي.

تبليغ : دين جو درد رکندي گهڻي تبليغ ڪيائون. حب، بنگل ديرو، مسو ديرو، رتو ديرو، شهداد ڪوٽ، قمبر، ميرڻ ماڇي، دوست علي، ڪبڙ مير خان وجي دين جو پيغام پهچايائون.

چؤ الله : خليفہ صاحب جي فرزند غلام مصطفيٰ صاحب ٻڌايو هڪ دفعي پاڻ قاري خير محمد صاحب سان گڏ شهداد ڪوٽ ۾ جلسي تي هيا. قاري صاحب وضو ڪرڻ لاءِ منجيءَ تي ويٺا هيا تہ ٿڪاوٽ سبب "ابو" چيائون.

خليفه صاحب فرمايو تہ ”ابو“ جي بجاءِ ”**الله**“ چؤ ها تہ توهان کي ثواب ملي ها ۽ ملائڪ لکن ها. قاري صاحب چيو تہ واهہ واهہ پير مٺا تنهنجو فيض! جاهل ٿا عالمن کي سمجهائن

انتظاميہ ڪميٽي: حضرت پير مٺا سائين ﷫ دربار رحمتپور شريف ۾ هڪ انتظاميہ ڪميٽي ٺاهي هئي. ان جا خاص رڪن خليفو امير الدين ۽ خليفو عاشق محمد هوندا هئا.

شادي ۽ اولاد : پاڻ هڪ شادي ڪيائون جنهن مان هڪ فرزند فقير غلام مصطفيٰ ۽ ٻہ نياٽيون ٿيون.

سندن وصال : 02 آڪٽوبر 1997ع ۾ ٿيو. سندن وصال جي تاريخ تي ڪوٽڙي مسلم ٽاؤن ۾ هر ساليانو عرس ملهايو ويندو آهي.

سندن فرزند : غلام مصطفيٰ درگاهہ رحمتپور شريف ۾ رهائش پذير آهي. پاڻ حضرت خواجہ الاهي بخش (محبوب الاهي) رحمت الله عليہ کان خانپور ۾ عربي ۽ فارسي پڙهيو آهي. ٻہ شاديون ڪيون اٿس. ڪيس ڇهہ پٽ پنج نياٽيون آهن.

1. محمد رفيق شهداد ڪوٽ.
2. محمد شفيق دبئي.
3. محمد حنيف دبئي.
4. علي رضا لاڙڪاڻو.
5. امير الدين رحمتپور.
6. محمد حفيظ رحمتپور شريف.

پير مٺا سائين جو خط: قطبِ عالم حضرت پير مٺا سائين ﷫ جي خطن ۾ هڪ خط جيڪو امير بخش ڏانهن لکيل آهي، پوءِ اهو نالي جي تبديلي کان اڳ هن خليفي صاحب ڏانهن لکيو اٿن يا ڪنهن ٻئي ڏانهن تبرڪًا پيشِ خدمت آهي.

از طرف لاشيء محمد عبدالغفار

سگ آستان عاليه فضليه

بخدمت محترمی میاں امیر بخش سلم اللہ تعالیٰ

اسلام علیکم رحمت اللہ برکاتہ۔ آپ کے خط کے مطالعہ سے نہایت بہجت حاصل ہوئی۔

عزیزا! بزرگوں نے لکھا ہے کہ شیخ کے ساتھ اتنا رسوخ اور رابطہ پیدا کرے کہ اس کے سوا کہ دنیا باوجود وسیع ہونے کے تنگ نظر آئے اور بدون اس کے اتنا اضطراب اور قلق دل میں ہو جاوے جیسا کہ ننھا بچہ شیر خوارہ ماں کے سوا پریشان ہوتا ہے اور گھوارے میں جھلانے سے بھی آرام نہیں کرتا۔رزقنا اللہ تعالیٰ ایانا و ایاکم

اور غصہ کے بابت اپنی شکایت فرمائی ہے۔

عزیزا! یہ بڑی بدترین چیز ہے۔اگر غصہ کا موجب تکبر اور غرور ہوتا ہے نعوذ باللہ من ذالک شیطان دل میں خیال ڈالتا ہے کہ کیوں ہوا تم سے یہ زیادہ داناء ہے یا کہ زیادہ عقلمند ہے یا کہ تم اس کا محتاج ہو۔ بہر حال یہ تیرے تابع ہے یعنی غصہ اس کو آتا ہے جو اپنی خودی کے خیال سے آپ کو اچھا سمجھتا ہے۔

عزیزا! آپ کو سب سے بدتر سمجھو۔

حضرت مجدد الف ثانی رحمتہ اللہ تعالیٰ فرماتے ہیں:

ہر کہ خود را از سگ بہتر بداند از سگ بدتر ست

اور مولانا سعدی رحمتہ اللہ فرماتے ہیں:

ازان بر ملائک شرف داشتند * کہ خود را از سگ بد پنداشتند

آپ کو اسی طرح سمجھو کہ ساری دنیا میں عاجز اور حقیر اور ذلیل ہوں۔اللہ تبارک و تعالیٰ اس عاجز کو آپ کو اس دولت سے بہرہ ور فرماوے۔ذکر اور مراقبہ میں ہر وقت مصروف رہو اور کثرت ذکر سے غصہ کا ازالہ ہوتا ہے۔

حضور نبی الصادق علیہ افضل الصلواۃ والسلام ذکر کے بارے میں ارشاد فرماتے ہیں:

واذکر ربک حتیٰ یقولوا مجنون یعنی اتنا بہت ذکر کرو کہ لوگ تم کو دیوانہ کہنے لگ جاویں۔

جمیع جماعت اہلذکر آنجائی اسلام علیکم

اور آپ کے والد صاحب اور بھائی صاحب کو اسلام علیکم۔

35 هون خليفو:

حضرت خليفہ
رضا محمد چانڊيو

حضرت خليفہ رضا محمد ولد فيض محمد چانڊيو ڳوٺ خيرو گاڏهي لڳ ميرڻ ماڇي دوست علي، تعلقو ميرو خان، ضلعو قمبر شهداد ڪوٽ ۾ تولد ٿيا. ننڍپڻ بہ ان ئي ڳوٺ ۾ گذاريائون.

تعليم: سنڌي پرائمري ۽ ابتدائي ديني تعليم پنهنجي ڳوٺ ۾ حاصل ڪيائون.

بيعت: پير مٺا سائين جي فيض ۽ برڪت جون ڳالهيون ٻڌي پاڻ رحمتپور شريف ۾ ساڻن بيعت ڪيائون.

پيرَ سان پرتَ جو پيچ: اڪثر ڪري پنهنجي مرشد جي محبت جون ڳالهيون ڪندا هيا. جنهن دؤر ۾ سواري نہ هوندي هئي تہ بہ پاڻ پيادل پنڌ رحمتپور شريف مرشد جي خدمت ۾ حاضر ٿيندا هيا.

ويٺي وَرِ نہ پَوَن، سُتي مِلَن نہ سُپِرين؛
جي مَتي رَندَنِ رُئَن، ساجَنُ مِلي تن کي.

تبليغي جذبو: ڪين دين جي تبليغ جو وڏو جوش ۽ جذبو هوندو هيو. دين جي پيغام پهچائڻ خاطر پيرين پنڌ پري پري تائين جهنگ ٻرن ۾ وڏين تڪليفن سان پهچي دردِ دين جي صدا هڻندا هيا. سندن صداقت ۽ ڪاوشن کي ڏسندي مرشد ڪريمن ڪين خلافت عطا ڪئي. مرشد ڪريم جي بہ ساڻن گهڻي محبت هئي. سندن ڳوٺ خيرو گاڏهي ۾ پير مٺا سائين بہ دفعا تشريف فرما ٿيا هيا. هن وقت بہ ان ڳوٺ جا رهواسي رحمتپور شريف سان وابستہ آهن.

۽ ڏاند اٿي هلڻ لڳو: هڪ دفعي پير مٺا سائين قدس سره العزيز ڏاند گاڏيءَ تي تبليغي سفر ۾ هيا تہ ڏاند واٽ تي ويهي رهيو. پاڻ ڏاند جي مالڪ محمد عارف فقير کان ان جو سبب پڇيائون. فقير عرض ڪيو تہ سائين هن ڏاند جي واٽ تي ويهڻ جي عادت آهي. تنهن تي خليفي رضا محمد چيو لڪڻ مون کي ڏي. لڪڻ کڻي ڏاند کي مخاطب ٿي چيائين اڙي ڏاند گاڏي ۾ الله جو دوست ويٺو آهي. تون ڇو ويٺو آهين اٿي هَل. سندس آواز ٻڌڻ سان ڏاند ان وقت اٿي هلڻ لڳو. سبحان الله! الله وارن جي جانور بہ فرمانبرداري ڪندا آهن. محمد عارف جي بيان مطابق ان ڏينهن کان پوءِ پوري زندگي ڪڏهن بہ ڏاند رستي نہ ويٺو جيئن پهرئين هن جي عادت هوندي هئي.

ٽاريون ڪٽي نہ سگهيو: هڪ دفعي پاڻ يارهين جي موقعي تي رحمتپور شريف وڃي رهيا هيا. ٻانهو خان گاڏهي نالي هڪ ماڻهو کي وڻن جي پارت ڪيائون. ٻانهي خان ٻئي ڏينهن ٻڪرين جي ٽارين لاءِ وڻ تي چڙهيو. ڏٺائين تہ خليفو صاحب اچي رهيو آهي. وڻ تان لٿو تہ خليفو نظر نہ آيس. وري وڻ تي ٽاريون ڪٽڻ لاءِ چڙهيو تہ خليفو صاحب نظر آيس. نيٺ ناڪام ٿي گهر ويو. جڏهن خليفو صاحب درگاهہ شريف تان واپس آيو تہ ڪيس سموري ڳالهہ ڪري ٻڌايائين. ان تي پاڻ فرمايائين تہ منهنجي ڪهڙي ڪرامت! آءٌ پاڻ ڪرامت واري ڏانهن ويو هيس. هي سڀ منهنجي مرشد جو فيض آهي.

سندن وصال: 1970ع ۾ ٿيو. سندن مزار مبارڪ ميرو موندر قبرستان جبل تي آهي.

شادي ۽ اولاد: پاڻ هڪ شادي ڪيائون، ڪين ٽي پٽ ۽ هڪ نياڻي ٿي.

1. فيض محمد 2. غوث بخش 3. محمد اسماعيل سندن ٽئي فرزند وصال ڪري ويا آهن

1. فيض محمد: هڪ شادي ڪئي جنهن مان هڪ پٽ امداد علي ۽ هڪ نياڻي ٿي.

2. غوث بخش: هڪ شادي ڪئي. ڪين پنج پٽ ۽ ٽي نياڻيون ٿيون.

1. محمد چنيسر (مرحوم) 2. خان محمد لاڙڪاڻو 3. محمد اسماعيل 4. منير احمد 5. علي گوهر. باقي ٽي پٽ ڳوٺ خيرو گاڏهي ۾ رهائش پذير آهن.

36 هون خليفو:

حضرت خليفه
بشير احمد وادو

اسم جي اصليت: سندن اصل نالو ”شهمير“ هيو پر مولانا عبدالڪريم ديروي صاحب سندن نالو ”**بشير احمد**“ رکيو. سندن والد گرامي جو نالو محمد يونس يا محمد يوسف هيو، ڪين پاڻ کي خان سڏيندا هيا.

سندن ولادت: 1920ع ۾ نَتِ جو ڳوٺ، تعلقو ڪنڊيارو ۾ ٿي.

تعليم: پنهنجي هڪ ويجهي رشتيدار ماستر محمد اسماعيل جي ڪوشش سان پاڻ سنڌي فائينل پاس ڪيائون ۽ قرآن شريف به محمد اسماعيل وٽ پڙهيا. عربي فارسي مولانا عبدالڪريم ديري وٽ پڙهيا. سندن تعليم ڪنز يا شرح وقايه تائين هئي پر فقه جو ڪين وڏو علم هيو. قاري محمد صاحب کان تجويد سکيا. قاري محمد صاحب بعد ۾ مديني پاڪ هجرت ڪري ويو.

علمي قابليت: هڪ دفعي سفر جي نماز تي مسئلو اٿيو. مفتي عبدالرؤف سکر واري هڪ فتويٰ ڏني ان تي پاڻ ڪيس دليلن سان سمجهايائون ته مسئلو ائين نه آهي. مفتي صاحب خليفي صاحب جي ڳالهه مڃي ۽ پنهنجي دعويٰ کان رجوع ٿيو.

سندن حافظو تمام قوي هيو. پير مٺا سائين رحمة الله عليه ۽ سهڻا سائين رحمة الله عليه جون سڀ ڳالهيون ياد هونديون هين. پاڻ ڏاڍا ذهين ۽ هوشيار هيا. تقرير جو انداز پُر اثر هوندو هين. ڪين ڪيترن ئي علمن تي عبور حاصل هيو.

درس و تدريس: پاڻ مٺياڻي ۾ به ڪيترائي سال رهيا. ان دوران مدرسي ۾ پڙهائيندا هيا پر پوءِ ڪنهن اختلاف سبب واپس وريا. ميهڙ جي جامع مسجد ۾ به درس و تدريس جون خدمتون سرانجام ڏنائون.

ميهڙ ۾ اوقاف کاتي طرفان خطيب طور بہ فرائض ڏنائون پر پوءِ ڪنهن اختلاف سبب استعفا ڏئي ڇڏيائون. انکان پوءِ راڌڻ اسٽيشن تي مدرسو کوليائون. پوءِ جلد ئي سندن صلاح مشوري سان درگاهہ فقير پور شريف جو قيام ٿيو. پاڻ اتي سڪونت پذير ٿيا ۽ مدرسي ۾ بہ پڙهائيندا رهيا.

قلمي ڪوششون: دين جي تبليغ ۽ درس کان علاوه قلمي ڪوشش سان ماڻهن جي دلين ۾ دين جي محبت پيدا ڪرڻ جي جاکوڙ بہ ڪيائون.

- ❋ سندن هڪ قلمي رسالو جنهن ۾ ذڪر الله جي فضيلت بيان ڪئي وئي آهي.
- ❋ ٻيو رسالو فقهي مسئلن تي مشتمل آهي. پر بدقسمتيءَ سان ان جو هڪ حصو گم ٿي ويو آهي.
- ❋ سندن هڪ رسالو نحو تي بہ لکيل آهي.

ديندار ي: شروع کان ئي سندن ذهني رجحان دين طرف هيو. ننڍي هوندي کان ئي پاڻ نہ صرف نماز جا پابند هيا بلڪ تهجد گذار هوندا هيا.

بيعت: پاڻ حاجي دلمراد لوڙهائي وارن بزرگن جي صحبت ۾ رهيا ۽ حضرت غلام مجتبيٰ رام پوري جا معتقد هئا ۽ پوءِ پاڻ حضرت پير مٺا سائين رحمة الله عليه سان بيعت ڪيائون. فرمايائون تہ لوڙهائي بزرگ فرمائيندو هيو تہ مون کي اتر طرف کان هڪ نوراني ڪڪر نظر اچي رهيو آهي جيڪو پوري سنڌ کي پنهنجي فيض سان سيراب ڪندو. اڃان ٿورو ئي وقت گذريو هيو تہ پير مٺا سائين رحمة الله عليه پنجاب کان سنڌ تشريف فرما ٿيا. لوڙهائي بزرگ پنهنجن مريد کي فرمايو تہ ان بزرگ جي خدمت ۾ حاضر ٿي کائنس فيض حاصل ڪريو.

پر زيارت ڪري نہ سگهيا: هالاڻي ۾ پير غلام دستگير شاهہ جيڪو پير فضل علي قريشي جو خليفو هيو ان وٽ هڪ دفعي پير فضل علي تشريف فرما ٿيا. ان وقت پاڻ دينپور ۾ رهندا هيا. سندن چاچو خير محمد صاحب ساڻن گڏ هيو. کين خواهش ٿي تہ پير قريشي جي زيارت ڪيون پر درياء جي چاڙهہ جي ڪري وڃي نہ سگهيا.

سندن سيرت: پاڻ داناء، تحمل وارا، بردبار، نيڪ ۽ همدرد انسان هيا. جڏهن ملڪ ۾ ڏڪر پيو ۽ غريب پريشان حال هيا تہ ان مشڪل حالت ۾ پاڻ غريبن کي اَنُ وٺي ڏيندا هيا.

سندن والد صاحب بہ ڏاڍو همدرد انسان هيو. غريبن مسڪينن جي مدد ڪرڻ ان جي خاص خوبي هئي.

بيعتِ ثانيہ ۽ ثالثہ : قطبِ عالم حضرت پير مٺا سائين جي وصال بعد پاڻ وڏي خليفي حضرت سهڻا سائين سان بيعت ڪيائون ۽ سندن وصال بعد سندن نورِ نظر حضرت سچڻ سائين سان بيعت ڪيائون.

قاتلانہ حملا : هڪ دفعي پاڻ پنهنجي شاگرد محمد قاسم ڪلهوڙي سان گڏ دين پور کان راڌڻ اسٽيشن اچي رهيا هيا تہ واٽ تي سج لهي ويو. اسٽيشن جي ويجهو ڪجين جي باغ ۾ چور لڪل هيا. ڪاٺئن سامان ڦريائون. انهن مان هڪ چور چيو تہ سامان واپس ڪيونس ٿا. مٺو بروهي ڏاڙيل چيو تہ اسان جو نالو نہ ڪڍجو. پوءِ زور سان ڪين ڪي ڪهاڙي هنيائين جيڪا سندن دستار ڪي چيريندي مٿي ۾ لڳي. پاڻ الله جي ضرب هنيائون. جسم رت سان ڳاڙهو ٿي ويو. ميهڙ جي سرڪاري اسپتال ۾ ٻہ ٽي مهينا زيرِ علاج رهيا. پر دشمن جي سڃاڻڻ جي باوجود بہ پاڻ ان تي ڪيس نہ ڪيائون. ٿوري عرصي ۾ ان ڏاڙيل کي ٻئي ڪنهن ڪيس ۾ موت جي سزا ملي. پوءِ افسوس جا هٿ هڻي چوڻ لڳو تہ مون هڪ فقير کي ڪهاڙي هنئي هئي ان ڪري مونکي موت جي سزا ملي آهي.

1981ع ۾ درگاهہ فقيرپور شريف جي مسجد ۾ مغرب نماز پڙهڻ کان پوءِ جيئن پاڻ مسجد کان ٻاهر آيا تہ دشمنن مٿن قاتلانہ حملو ڪيو پر الله جي قدرت سان گولي نہ ڇٽي ۽ پاڻ بچي ويا.

تبليغي ڪوششون: پاڻ ڪافي تبليغ ڪيائون. راڌڻ کان دادو ۽ ڪاڇي جو علائقو، مانجهند، سن، هالا، انڙ پور، ٻڍاپور ۽ ٻين ڳوٺن ۾ وڃي دين جو پيغام پهچائڻ ۾ پاڻ پتوڙيائون. سندن جملا پڪا پختا ۽ موتي مثل هوندا هيا. پاڻ بهترين مقرر هيا.

هڪ جمعي تي نيو سعيد آباد ۾ تقرير ڪيائون. اتي اهلِ حديث بہ ويٺا هيا جيڪي سندن وعظ کان ايترو تہ متاثر ٿيا جو بيعت ڪري سلسلہ عاليہ نقشبنديہ ۾ شامل ٿيا. سندن فيض برڪت جون ڳالهيون ٻڌي هالا جو مشهور شاعر منصور ويراڳي بہ جماعت ۾ شامل ٿيو.

حج بيت الله: پاڻ 1936ع ۾ حج ادا ڪيائون.

دور انديشي : هڪ دفعي سچڻ سائين ناراض ٿي چيو تہ فقير پور جا فقير نہ ٿا سڌرن. اِهي تهجد ۽ پين ديني ڪمن ۾ ڪوتاهي ٿا ڪن. انهن کي درگاهہ مان ڪيڻ گهرجي. ان تي خليفي صاحب عرض ڪيو تہ سائين هي ماڻهو هتي سڌرڻ لاءِ ئي آيا آهن اگر هنن کي هتان ڪڍيو ويندو تہ اجا وڌيڪ خراب ٿي ويندا. انڪري هنن جي اصلاح ڪئي وڃي ۽ غلطين جي معافي ڏني وڃي. پوءِ سندن مشوري کي اهميت ڏني وئي.

محفلِ تصوف : سندن اوطاق ۾ رات جو محفلِ تصوف ڄمندي هئي جنهن ۾ ڪافي داناءَ ۽ دل وارا شريڪ ٿيندا هئا. عجيب عجيب نڪتا بيان ٿيندا هئا.

وصال پُر ملال : 24 آگسٽ 1999ع ۾ سچڻ سائين جي مرڪز ڪراچي ٽول پلازه ۾ وضو دوران کين هرٽ اٽيڪ ٿيو. جنهن ۾ پاڻ وڃي پنهنجي پالڻهار سان مليا. سندن جسد خاڪي درگاهہ فقير پور آندو ويو. سندن نمازِ جنازه سچڻ سائين جن پاڻ پڙهائي.

شادي ۽ اولاد : پاڻ ٻہ شاديون ڪيائون. کين ڇهہ فرزند ۽ ٻہ نياڻيون ٿيون.

1. منير احمد رهائش ڳوٺ مولوي بشير احمد واڍو لڳ راڌڻ 2. مولوي نظير احمد، رهائش خانزاده ڪالوني ڪوٽڙي 3. حافظ ڊاڪٽر شبير احمد صاحب 4. مولوي رشيد احمد، عربي ٽيچر راڌڻ هاءِ اسڪول ضلع دادو. 5. سعيد احمد، راڌڻ 6. مولوي عزيز احمد نعت خوان، راڌڻ.

مولوي نظير احمد صاحب : هن وقت D.G.D.C. ۾ ملازم آهن ۽ حضرت سچڻ سائين جا خليفہ بہ آهن. ڪوٽڙي ۾ مدرسہ بشير العلوم قائم ڪيو اٿن جنهن ۾ سندن فرزند مولوي حبيب احمد ۽ مولوي مسعود احمد تدريس جون خدمتون سرانجام ڏئي رهيا آهن.

حافظ ڊاڪٽر شبير احمد صاحب : پاڻ 1959ع ۾ پنهنجي اباڻي ڳوٺ ۾ تولد ٿيا. ميٽرڪ ۽ ديني تعليم درس نظامي تائين درگاهہ فقيرپور ۾ مولانا نثار احمد جهتيال وٽان حاصل ڪيائون. پاڻ سنڌ يونيورسٽي مان پي ايچ ڊي ڪيائون ۽ يونيورسٽي جي مختلف مسجدن ۾ ايڪيهہ سالن کان خطيب رهيا آهن. هن وقت پاڻ سنڌ يونيورسٽي ۾ پروفيسر آهن. سندن والد صاحب جا قلمي ڪتاب وٽن محفوظ آهن. پاڻ درس ۽ تبليغ بہ ڪندا آهن. ان کان علاوه مختلف موضوعن تي ڪيترائي مضمون بہ لکيا اٿن.

37 هون خليفو:

حضرت خليفہ
رحيم داد

حضرت خليفہ رحيم داد ولد محمد هاشم رند جي ولادت ڳوٺ رئيس ميون خان رند ڪاڇو لڳ ميهڙ ۾ ٿي. ننڍپڻ بہ اتي ئي گذريو. ابتدائي تعليم ميان محمود پاتائي بزرگن وٽ حاصل ڪيائون. وڌيڪ تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ ڪارادر ڪراچي جي مدرسي ۾ آيا. ان ڪان پوءِ دهلي جي هڪ مدرسي ۾ پڙهيا. حڪمت جو ڪورس بہ دهلي مان ڪيائون .

مشهور شاگرد ۾ : غلام صديق لاڪير لاڙڪاڻو، سلطان احمد ناريجو ٽرڙي محبت، علي احمد ناريجو ٽرڙي محبت لڳ ميهڙ، ماستر احمد خان يارو لاڪير، عبدالڪريم مير بحر، ولي محمد مير بحر، پير گلاب دادو، حڪيم سعيد ميهڙ، عبدالله رند يارو لاڪير، حاجي محمد عرس سولنگي، وڏيرو خان محمد لاڪير، صدر الدين، نظام الدين.

بيعت : پاڻ تعليم مڪمل ڪرڻ ڪان پوءِ ڳوٺ يارو لاڪير ۾ مدرسو ڪوليائون ۽ اتي ئي درس و تدريس ۾ مصروف ٿي ويا. ان دوران پير مٺا سائين وٽ دين پور شريف ۾ بيعت ڪيائون. پوءِ ڳوٺ موٽي اچي مدرسي ۾ پڙهائيندا رهيا ۽ گڏو گڏ تبليغ ۾ بہ مصروف رهيا. سندن محنت ۽ سچائي ڪي ڏسي ڪجھ سالن ڪان پوءِ مرشد ڪين خلافت عطا ڪئي.

حُسنِ اخلاق : پاڻ خوبصورت چهري وارا، اخلاقن ۾ اعليٰ، با ادب، هڏ ڏوڪي، فياض ۽ سخي مرد آهن.

تصنيفات : پاڻ مختلف موضوعن تي ڪيترائي ڪتاب تحرير ڪيا اٿن جيڪي ڇپيل نہ آهن. سندن هن وقت عمر 106 سال آهي. اڄ ڏينهن تائين بہ فيض برڪت سان ماڻهن ڪي رنگي رهيا آهن.

شادي ۽ اولاد : پاڻ هڪ شادي ڪئي اٿن جنهن مان ڪين بہ پٽ ۽ ڇھ نياڻيون ٿيون آهن.

1. حڪيم محمد سعيد رند نوراني ڪالوني ميهڙ 2. حڪيم احمد سعيد نصير آباد.

38 هون خليفو:

حضرت خليفه
محمد سليمان ڪلهوڙو

صاحبِ جذبہ فاني في الشيخ حضرت خليفہ محمد سليمان ولد ڪريم ڏنو ڪلهوڙو جي ولادت ڳوٺ مريد لاکير لڳ اگهاماڻي تعلقو ميهڙ ۾ ٿي. سندن ننڍپڻ بہ ساڳئي ئي ڳوٺ ۾ گذريو. پاڻ پرائمري ماستر ٿيا. پاڻ تعلقي ماستر بہ ٿي رهيا.

تعليم: سنڌي فائينل ڪيائون. ديني تعليم عربي، فارسي جا ڪجهہ ڪتاب پڙهيائون. عربي لکڻ ۾ مهارت رکندا هيا.

شاعري: پاڻ شاعري بہ ڪيائون پر سندن ڪو بہ لکيل ڪتاب موجود نہ آهي.

مشهور شاگردن ۾: محمد ايوب شيخ راڌڻ، نظر احمد جوڻيجو سابق انجنيئر راڌڻ ميهڙ، وزير محمد جوڻيجو راڌڻ ميهڙ، عبدالجبار ڪلهوڙو، ڊاڪٽر مجيب الرحمن راڌڻ، ڊاڪٽر عبدالرحيم ڪلهوڙو ۽ ان کان علاوه ڪيترائي سندن شاگرد هيا.

بيعت: پاڻ پير مٺا سائين سان نور پور شريف ۾ مريد ٿيا. سندن صحبت ۾ رهيا. تبليغ جو ڪم بہ ڪندا رهيا.

صورت ۽ سيرت: سندن صورت سهڻي من مهڻي ۽ اعليٰ خُلق جا مالڪ ۽ هر دل عزيز هوندا هيا.

شاديون ۽ اولاد: پاڻ بہ شاديون ڪيائون جن مان اٺ پٽ ۽ بہ نياڻيون ٿين.

1. شهاب الدين مريد لاکير 2. ماستر عبدالرحيم راڌڻ 3. مرحوم ڊاڪٽر غلام قادر اگهاماڻي 4. علي اڪبر راڌڻ 5. عبدالجبار (ڊپٽي ڊائريڪٽر انٽيليجنس لاڙڪاڻو) 6. ڊاڪٽر مجيب الرحمن راڌڻ 7. محمد منير ڊسپينسر راڌڻ 8. عزيز الرحمن مختيار ڪار عمر ڪوٽ (اگهاماڻي)

پاڻ هر مهيني جي پندرهين جي رات هڪ عظيم الشان پروگرام ڪرائيندا هيا جنهن ۾ صاحبزاده خليل الرحمن قدس سره العزيز به هر مهيني شرڪت ڪندا هيا.

وصال بعد به دل زنده : گهڻي ذڪر ڪرڻ سبب سندن دل هر وقت ذڪر ۾ جاري هوندي هئي. وصال ڪان پوءِ به سندن دل ذڪر ڪري رهي هئي. پوءِ ميهڙ مان هڪ ڊاڪٽر ولي محمد پرڙي ڪي گهرايو ويو. ڊاڪٽر سندن اهڙي ڪيفيت ڏسندي چوڻ لڳو ته ڊاڪٽري اصول مطابق هن جي دل هلڻ نه ڪپي ها پر ساڻس ڪا ٻي مهرباني ٿيل آهي.

لاڏاڻو : پاڻ هن فاني جهان مان 17 رجب تي ڳوٺ راڌڻ ۾ لاڏاڻو ڪري وجي پنهنجي رب سان مليا. سندن مزار مبارڪ ڳوٺ راڌڻ ۾ سيد عارب شهيد جي قبرستان ۾ آهي. سندس عرس مبارڪ هر سال 17 رجب تي ٿيندو آهي. جنهن ۾ درگاهه رحمتپور شريف جا سجاده نشين تشريف فرما ٿيندا آهن. هن موقعي تي سندن چاهيندڙن، عقيدتمندن ۽ مريدن جو وڏو انگ شرڪت ڪندو آهي.

سجاده نشين : سندن فرزند مولوي عبدالرحيم صاحب آهن جيڪي پنهنجي والد گرامي جي پيروي ڪندي دين جي خدمت ڪري رهيا آهن.

مولوي عبدالرحيم صاحب جي هڪ شادي ٿيل آهي جنهن مان ڪيس پنج پٽ ۽ هڪ نياڻي آهي.

1. محمد سليمان جنهن جي رهائش ڄامشورو ۾ آهي.
2. محمد عالم رهائش خضدار بلوچستان.
3. ولي الله رهائش اسلام آباد.
4. خطيب محمد حسن رهائش راڌڻ.
5. اسد الله رهائش راڌڻ.

39 هون خليفو:

حضرت خليفہ
نثار احمد کوسو

سندن والد محترم جمعو خان کوسو ڳوٺ جو چڱو مڙس هيو. خليفہ صاحب جن پاڻ بہ وڏيري حاجي عبدالحميد خان جتوئي سان گڏ پنهنجي ڳوٺ جا فيصلا ڪندا هيا. پاڻ 1909ع ۾ ڳوٺ مولوي نثار احمد کوسو لڳ ميهڙ ضلع دادو ۾ ڄاوا هيا. ابتدائي تعليم سنڌي پنج درجا ڳوٺ اشرف سوڍر جي اسڪول ۾ پڙهيا. ناظره قرآن ڪان عربي فارسي تائين ڳوٺ اشرف سوڍر لڳ ميهڙ ۾ پڙهي فارغ التحصيل ٿيا. تعليم مڪمل ڪرڻ ڪان پوءِ پنهنجي ڳوٺ ۾ قرآن شريف جي تعليم ڏيڻ شروع ڪيائون.

بيعت: جڏهن پير مٺا سائين قدس سره پنجاب ڪان سنڌ جي ڳوٺ ڪمانگرن ۾ تبليغ لاءِ آيا تہ پاڻ خليفہ بخشل سوڍر سان گڏ بيعت ڪيائون.

خلافت ۽ تبليغ: پاڻ پنهنجي مرشد سان والهانہ محبت ۽ عقيدت رکندا هيا. جڏهن مرشد جي محبت کين بي چين ڪري ڇڏيندي هئي تہ پاڻ پنهنجي ڳوٺ ڪان پيادل درگاهہ دينپور ۾ ايندا هيا. مرشد ڪريم بہ ساڻس گهڻي محبت ڪندا هيا. پير مٺا سائين کين فرمائيندا هيا تہ توهان اسان جا پائر آهيو، اسان توهان تي راضي آهيون. کين ٿوري ئي عرصي ۾ خرقہ خلافت ڏنائون. خليفي صاحب ڪيترن ئي علائقن ۾ تڪليفون برداشت ڪري دين جو پيغام پهچايو. جيئن نصيرآباد، فريدآباد، سيلرا، ميرواٽي، شاهہ گودڙيو، ميهڙ ۽ ان جي آسپاس جي ڳوٺن، وستين ۽ واهڻن ۾ تبليغ ڪيائون.

حضرت پير مٺا سائين رحمت الله عليہ جي وصال ڪان پوءِ پاڻ حضرت سهڻا سائين سان بيعت ڪيائون. پوءِ سهڻا سائين جي اصرار تي پاڻ درگاهہ فقيرپور ۾ سڪونت اختيار ڪيائون.

اُتي پاڻ ڇهه سال رهيا پوءِ جڏهن سندن طبيعت ناساز رهڻ لڳي تہ پوءِ مرشد کان اجازت وٺي واپس پنهنجي اباڻي ڳوٺ آيا. حضرت سهڻا سائين جي وصال کان پوءِ حضرت سجڻ سائين مدظلہ العالي سان بيعتِ ثالثہ ڪيائون.

شاعري جو شوق: پاڻ بهترين شاعر بہ هيا. ڪافي شعر لکيائون جن مان ڪجهہ هيٺ ڏجن ٿا.

سائل کي قرب واري کا سُرکي پيار، ڪِينَ وسار،
تنهنجي ذات گرامي، ڪو جلوو ڏيکار، ڪِينَ وسار.
تون تہ نبيءَ جو نائب آهين، خاص خدا جو خائف آهين،
توکي جلوو مليو آ، جلوو ڏيکار، ڪِين وسار.
تو تي ولايت جو تاج جهليو آ، تڏهن چيائون پير مٺو آ،
پير مٺل کو سبق سيکار، ڪين وسار،
سهڻا سائين، سجڻ سائين، مان تو تان نثار ڪين وسار

شاديون ۽ اولاد: پاڻ ٻہ شاديون ڪيائون جن مان چار پٽ ۽ هڪ نياڻي ٿي.

1. فقير محمد عالم 2. فقير علي گوهر 3. فقير محمد اڪرم 4. فقير محمد اسلم .

سندن چئني ئي پٽن جا نالا پير مٺا سائين پاڻ رکيا هيا.

وصال پُر ملال: پاڻ 11 ربيع الثاني 1987ع تي هن فاني دنيا کان لاڏاڻو ڪيائون. سندن وصيت مطابق نمازِ جنازه درگاهہ فقير پور ۾ حضرت سجڻ سائين پڙهائي ۽ اتي ئي ڪين دفن ڪيو ويو.

سجاده نشين: سندن وڏو فرزند فقير محمد عالم سجاده نشين آهن. پنهنجي والد صاحب جي حياتي ۾ بہ ساڻن تبليغ تي ويندا هيا. پاڻ نيڪ صالح ۽ سچاجها آهن. ضعيف العمري سبب سندن ننڍو ڀاءُ فقير محمد اسلم سلسلہ عاليہ جي اشاعت ڪري رهيو آهي. پاڻ ميهڙ جي مصطفيٰ ڪالوني ۾ سڪونت پذير آهن ۽ ثاقب ڪالوني جي مسجد طاهريہ ۾ امامت ڪندا آهن. پاڻ حضرت سجڻ سائين سان بيعت آهن ۽ اڄ بہ سڀني ڀائرن جي وابستگي درگاهہ الله آباد شريف سان آهي.

40 هون خليفو:

حضرت خليفہ
عبدالرحمٰن ايري
نانگري صاحب

حضرت خليفہ عبدالرحمن ايري ولد محمد موسيٰ ڳوٺ ٻانهو لاکير لڳ منگواڻي، تعلقو ميهڙ، ضلع دادو ۾ 1893 ع ۾ تولد ٿيا. سندن نند پڻ بہ اتي گذريو. پرائمري تعليم پنهنجي ڳوٺ ۾ حاصل ڪيائون. قرآن شريف ۽ عربي فارسيءَ جا ڪجھ ڪتاب مولوي الاهي بخش ايري وٽ ڳوٺ ۾ پڙهيا.

بيعت ۽ تبليغ : پاڻ درگاھ دينپور شريف ۾ پير مٺا سائين سان بيعت ڪيائون. پاڻ خليفہ محمد بخشل سوڍر ۽ خليفہ نثار احمد کوسو رحمهم الله جي رفاقت ۾ تبليغ ڪندا هيا

درگاھ جا نانگري : کين مرشد سان ايتري تہ محبت هوندي هئي جو سندن جدائي برداشت نہ ڪري سگهيا پوءِ رحمتپور شريف ۾ سکونت پذير ٿيا. ننگر جي ايتري تہ خدمت ڪيائون جو ماڻهو کين نالي بجاءِ "**ڏاڏا نانگري**" چوڻ لڳا. سندن محبت ۽ محنت کي ڏسندي پير سائين جن کين خلافت بہ ڏني. کين تعويذ لکڻ جي بہ اجازت هئي. پاڻ درگاھ رحمتپور شريف تي حِڪمت بہ ڪندا هيا.

سهڻا سائين سان بيعت : مرشد جي وصال کان جلد ئي پوءِ درگاھ فقير پور راڏڻ ۾ اچي سهڻا سائين سان بيعت ڪري اُتي ئي رهائش اختيار ڪيائون.

شاديون ۽ اولاد : پاڻ ٻہ شاديون ڪيائون. کين ٽي فرزند ۽ ٻہ نياڻيون ٿيون. ٽئي پٽ هر هڪ فيض محمد ، محمد صديق، الاهي بخش سندن حياتي ۾ ئي وفات ڪري ويا.

وفات حسرتِ آيت : سندن وفات 1989 ع ۾ درگاھ فقير پور شريف ۾ ٿي. سندن جنازہ نماز حضرت سجڻ سائين مدظلہ العالي پڙهائي. سندن مزار شريف بہ درگاہ فقير پور شريف جي قبرستان ۾ آهي. نور الله قبره و برد الله ضريحه

41 هون خليفو:

حضرت خليفه
سيد محمد تقي شاهه
رحمة الله عليه

حضرت خليفه سيد محمد تقي شاهه رحمة الله عليه سيد عبدالله شاهه جا فرزند ارجمند هيا. پاڻ پرائمري ماستر به هيا. ان کان علاوه سٺا شاعر به هيا. سندن شاعري جو آغاز 1924ع کان ٿيو. پاڻ جمعو خان غريب کان شاعري جو اصلاح ڪرائيندا هيا. پاڻ نثر ۾ به دلچسپي رکندا هيا. ان کان علاوه 1935ع کان 1938ع تائين معاون اخبار جا ايڊيٽر به رهيا. سندن شاعري اخبارن ۾ شايع ٿي هئي ۽ ڪجهه قلمي مواد موجود آهي.

سندن ولادت با سعادت: 01 جنوري 1905ع ڳوٺ ناري لڳ ڪڇو ميهڙ ۾ ٿي. سندن ننڍپڻ اتي ئي گذريائون. سندن تخلص "**حنفي**" هيو.

تعليم: سنڌي فائينل ڪيائون.

بيعت ۽ خلافت: پاڻ شروع ۾ ميان محمود پوڙن لاڪيرن وارن جا مريد هيا. جڏهن سائين ميان محمود وصال ڪري ويا ته پاڻ درگاهه دين پور شريف ويا ۽ پير مٺا سائين سان بيعت ڪيائون. مرشدن ڪريمن کي پنهنجي ڳوٺ ۾ اچڻ جي دعوت عرض ڪيائون. پير مٺا سائين اڪثر سندن ڳوٺ ۾ رهندا هيا. شروع ۾ هن ڳوٺ جو نالو ناري هيو پوءِ پاڻ فرمايائون ته هي هندڪو نالو آهي، اسان هن جو نالو نور پور رکون ٿا جيڪو اڄ ڏينهن تائين نور پور جي نالي سان مشهور آهي. سائينجن اڪثر ڪري هن ڳوٺ ۾ ڇهه ڇهه مهينا به رهندا هيا ۽ ان کي پنهنجو تبليغي مرڪز به بنايائون. سندن محبتن، محنتن ۽ اخلاص کي ڏسندي کين خلافت به عطا ڪيائون. پاڻ مرشدن جي حڪم سان ڪڇو پڪو هر علائقي ۾ تبليغ جو ڪم سرانجام ڪيائون.

شادي ۽ اولاد: پاڻ هڪ شادي ڪيائون. جنهن مان هڪ پٽ حزب الله شاهه ۽ هڪ نياڻي ٿي جيڪي بعد ۾ وصال ڪري ويا. حزب الله شاهه مان ٻه پٽ ۽ ٻه نياڻيون آهن.

1. سيد غلام الله شاهه جيڪو ڳوٺ نور پور ۾ پرائمري ماستر آهي.

2. الطاف حسين شاهه جيڪو ايڇ ڊي اي(حيدرآباد ڊيولپمينٽ اٿارٽي) ۾ ملازم آهي.

سندن وصال: ڳوٺ نور پور ۾ اندازاً 1991ع ۾ ٿيو. سندن مزار مبارڪ ڳوٺ جي مسجد جي پير ۾ آهي.

سندن غزل:

هي رشڪ پري ۾ منور ته نه آهي
دلين جي ڪسڻ وارو هي دلبر ته نه آهي
دليون تو ڪسي يار ڪٽي تيز نگاهون
سمجهو ٿا ته هي آتش اذگر ته نه آهي
ٿيو شور بپا آمد دلبر ٿي رهي آ
هي شور به آ ايڏو جو محشر ته نه آهي
جاڏي ٿو نهاريان ته ڏسان خوب سُهائو آ ٿيو
محبوب مٺو نور جو مظهر ته نه آهي
تاريڪي ڪي حاصل ٿي وئي آهي ضيائي
محفل ۾ آيو منهنجو مٺو انور ته نه آهي
يوسف به ٿيو حسن يار مٿان آهي مستان
گهر يار جي ڪا مصر جي بازار ته نه آهي
دنيا ۾ سوين سهڻا رهن ٻيا به گهڻائي ٿا
محبوب جو هن ديس ۾ همسر ته نه آهي

42 هون خليفو :

حضرت خليفہ
سيد پلي رکيو شاھ
رحمۃ اللہ علیہ

حضرت خليفہ سيد پلي رکيو شاھ ولد سيد عبدالله شاھ ڳوٺ ناري (نور پور شريف) ۾ تولد ٿيا. سندن ننڍپڻ ان ئي ڳوٺ ۾ گذريو. سنڌي فائينل ڪيائون. پنهنجي ئي ڳوٺ ۾ پرائمري استاد بہ هيا. پاڻ هڪ حج ادا ڪيائون .

بيعت : سڀ کان پهرئين حضرت ميان محمود سائين ڀوڙن لاڪيرن وارن سان بيعت ٿيا. سندن وصال کان پوءِ پاڻ پير مٺا سائين جي خدمت ۾ حاضر ٿي بيعت ڪيائون. پير مٺا سائين اڪثر نور پور ۾ رهندا هيا. بعد ۾ کين خلافت بہ عطا ڪيائون. پير سائين جن بہ ساڻن بيحد محبت ڪندا هيا. اهلبيت هجڻ ڪري سندن تمام گهڻو خيال ڪندا هيا. پاڻ سرڪاري ڊيوٽي سان گڏوگڏ تبليغ جوبہ ڪم ڪندا رهيا.

سائل خالي نہ ويو : پاڻ صورت جا سهڻا ۽ با اخلاق هوندا هيا. پاڻ هميشہ غريبن ۽ مسڪينن جا همدرد ۽ هڏ ڏوکي هيا. سائل کي ڪڏهن بہ خالي ڪونہ ڇڏيندا هيا.

شادي ۽ اولاد : پاڻ هڪ شادي ڪيائون جنهن مان هڪ پٽ ۽ هڪ نياڻي ٿين.

سندن وصال : لاڙڪاڻي شهر ۾ اندازاً 1988ع ۾ ٿيو. سندن مزار شريف ڳوٺ نور پور جي مسجد سان لڳ قبرستان ۾ آهي.

سجاده نشين : سندن فرزند دين محمد شاھ بطور سجاده نشين سلسلہ عاليہ نقشبنديہ جي اشاعت ڪري رهيا آهن. پاڻ هڪ شادي ڪئي اٿن. کين اٺ پٽ ۽ ٽي نياڻون آهن.

1. سيد عبدالله شاھ ڪراچي 2. سيد عبيدالله شاھ ڪراچي 3. اسد الله شاھ لاڙڪاڻو.4. سيد امان الله شاھ نور پور 5. سيد عرفان علي شاھ 6. سيد عمران علي شاھ .7. سيد برڪت علي شاھ ڪراچي 8. جاويد علي شاھ نور پور لڳ ميهڙ .

43 هون خليفو:

حضرت خليفه
سيد صالح محمدشاهه

پاڻ علي محمد شاهه جا فرزند ارجمند هيا. سندن ولادت ڳوٺ نورپور ۾ ٿي ۽ ان ئي ڳوٺ ۾ سندن نندپڻ جا ڏينهن گذريا. سيد هئڻ ڪري سندن جا هزارين مريد هيا. جڏهن پاڻ پير مٺا سائين سان بيعت ڪيائون تہ پنهنجي مريدن کي بہ پير مٺا جي حوالي ڪيائون. پاڻ ماهر حڪيم بہ هيا. اڪثر ڪري پنهنجي مرشدن جو بہ پاڻ علاج ڪندا هيا. سندن فرزندعلي محمد شاهه کي بہ سندن حياتيءَ ۾ ئي پير مٺا سائين خلافت عطا ڪئي هئي.

تعليم : سنڌي پنج درجا پڙهيا. ناظره قرآن مجيد پنهنجي ڳوٺ ۾ ملان پير اٽو وٽ پڙهيا.

بيعت : شروع ۾ پاڻ حضرت خواجہ ميان محمود ڀوڙن لاڪيرن وارن جا مريد هيا. بزرگ جي وصال کان پوءِ حضرت پير مٺا سائين رحمت الله عليہ سان بيعت ڪيائون. پنهنجي مرشد جي دعوت ڪري نور پور ۾ وٺي آيا. نور پور جي علائقي ۾ تبليغ ڪندا هيا. سندن جاکوڙ ۽ جدوجهد جو قدر ڪندي پير مٺا کين خلافت سان نوازيو. مرشدن سان تمام گهڻي محبت ڪنداهيا. ڪيترن ئي ننڍن وڏن علائقن ۾ تبليغ ڪيائون.

شادي ۽ اولاد : پاڻ هڪ شادي ڪيائون. کين بہ پٽ ٿيا.

سندن وصال : 1987ع ۾ مکي جمالي لڳ سانگهڙ ۾ تبليغ دوران سندن وصال ٿيو. پوءِ سندن جنازو درگاهہ نور پور شريف آندو ويو ۽ سيد جان محمد شاهہ جي قبرستان مدفن ڪيو ويو.

1. سيد علي محمد شاهه: خليفہ سيد صالح محمد جي وصال کان پوءِ کين سجاده نشين مقرر ڪيو ويو. پاڻ سلسلہ عاليہ کي فروغ ڏيڻ ۾ ڪِين گهٽايائون. دين جي تبليغ ۾ پاڻ پتوڙيائون.

2. سيد يار محمد شاهه: کين حضرت خواجہ خليل الرحمن رحمت الله عليہ خلافت عطا ڪئي هئي. مرشد جي امر موجب ڪيترن ئي ڳوٺن، وستين واهڻن کي غفاري فيض سان رنگيائون.

44 هون خليفو:

حضرت خليفہ
سيد علي محمد شاہ

صاحبِ طريقت و صاحب ڪمال معرفت ولي ابنِ ولي حضرت خليفہ سيد علي محمد شاہ صاحب مد ظلہ العالي جا والد گرامي سيد محمد صالح شاہ حضرت پير مٺا سائين قدس سره العزيز جا پڻ خليفا هيا. سندن ڀاءُ سيد يار محمد شاہ بہ خواجہ خليل الرحمٰن رحمت الله عليہ جا خليفہ هيا.

ولادت با سعادت: 1931ع ۾ ڳوٺ نور پور ۾ ٿي. سندن ننڍپڻ اتي ئي گذريو.

تعليم: سنڌي چار درجا پنهنجي ڳوٺ ۾ پڙهيائون. ناظره قرآن مجيد نور پور ۾ مولوي محمد موسيٰ وٽ پڙهيا. مرشد جي نور پور ۾ سڪونت پذيري دوران پاڻ پنهنجي والد صاحب سان گڏ جلسي ۾ شرڪت ڪندا هيا.

بيعت: پهرئين پاڻ ۽ سندن والد صاحب حضرت ميان محمود ڀوڙن لاڪيرن وارن سان جي دست بيعت هيا. پوءِ پير مٺا سائين سان بيعت ڪيائون بعد ۾ ڪين خلافت سان بہ نوازيو ويو. والد صاحب وانگر دين جي تبليغ ۾ پاڻ پتوڙيائون. پنهنجي مرشد ڪريم سان تمام گهڻي محبت ڪندا هيا ۽ اڄ تائين بہ سندن دل پنهنجي مرشد جي ديدار لاءِ بي قرار آهي. پاڻ نهايت نيڪ، پرهيزگار ۽ صابرين آهن. هن وقت طبيعت ناسازي ڪري صاحبِ فراش آهن.

تبليغ: پاڻ وڏا اهلِ تقويٰ ۽ اهلِ رضا آهن. ڪيترن ئي ڳوٺن ۽ بستين ۾ وڃي بي دين ماڻهن کي غفاري فيض سان ديندار بنايائون. هڪ ڀيري سيد ڀلي رکيو شاہ صاحب کي فرمايائون "**وو سائين وڏا**" توهان شهر جا معزز سادات آهيو ۽ مون لاءِ بہ ماڻهن جو گمان

آهي تہ علي محمد شاهہ فقير ماڻهو آهي تنهن ڪري هلو تہ هلي ماڻهن ڪي سنڌن درن تي هلي چئون تہ اسان ٻئي سيد توهان ڏي ميڙ ڪري آيا آهيون تہ توهان پنج وقت نماز با جماعت پڙهو.

سنڌن خليفا:

1. سيدعلي اصغر شاهہ صاحب (فرزند ارجمند) 2. فقير ممتاز علي لاکير.

3. قاضي شفيع محمد دڙو شاهہ پنجو 4. فقير عبدالحفيظ دڙو شاهہ پنجو.

سنڌن خليفا دين جي تبليغ ۾ ڪوشان آهن.

شادي ۽ اولاد: هڪ شادي ڪيائون. ڪين تي پٽ ۽ پنج نياڻيون ٿيون.

1. سيد علي اصغر شاهہ 2. سيد صالح محمد شاهہ 3. سيد زين العابدين شاهہ.

پاڻ پنهنجي سمورن فرزندن سميت ڳوٺ اگهاماڻي ۾ رهندا آهن.

جماعت جي ذميداري: پنهنجي وڏي پٽ سيد علي اصغر شاهہ کي خلافت ڏئي دين جي خدمت ڪرڻ جون هدايتون ڪيائون ۽ طبيعت عليل سبب جماعت جي سموري ذميداري سندس حوالي ڪيائون. صاحبزاده صاحب بہ والد جي امر موجب مختلف شهرن ۽ ڳوٺن ۾ تبليغ ڪرڻ ويندا آهن ۽ ان کان علاوه حڪمت بہ ڪندا آهن.

نور پور جي نوراني مسجد ۽ انجو محراب.

نور پور جو نوراني قبرستان جتي غفاري غوث جا ڪيئي خليفا ابدي آرام ڪري رهيا آهن.

45 هون خليفو:

حضرت خليفه
محمد بخشل سودر
رحمة الله عليه

عارف بالله، عاشق رسول الله ﷺ سرگرم مبلغ دينِ متين حضرت ميان محمد بخشل ولد ميان عبدالحفيظ سودر رحمة الله عليه جي ولادت "ڳوٺ سوڍاري" ۾ 1910ع ڌاري ٿي.

ديني تعليم: ڳوٺ مرزا واهه لڳ ميهڙ ۾ استاد حافظ نور محمد وٽ ڪجهه علم حاصل ڪيائون. ان ڪان بعد ڳوٺ سوڍاري جي مدرسي ۾ ميان شفيع محمد وٽ حاصل ڪيائون. سندن دستاربندي انهي مدرسي ۾ ٿي.

بيعت: تعليم حاصل ڪرڻ ڪان پوءِ پاڻ روحاني فيض و برڪت حاصل ڪرڻ لاءِ پنهنجن اباڻن مرشدن سيد مصري شاهه خيرپور ناٿن شاهه وارن جي صحبت ڪيائون. جڏهن بزرگ وصال ڪري ويا ته پاڻ حضرت خواجه ميان محمود پوڙن لاکيرن وارن سان بيعت ڪيائون. سندن صحبت ۾ ڇهه سال رهيا. ان جي وصال ڪان پوءِ پاڻ ڳوٺ سوڍاري موٽي آيا. پاڻ روحاني منزلون ماڻڻ لاءِ هر وقت فڪرمند رهندا هيا. جڏهن پير مٺا سائين جا پيارا خليفا سهڻا سائين سندن علائقي ۾ تبليغ لاءِ آيا ته پاڻ ڳوٺ ڪوندي لڳ ميهڙ ۾ وڃي سهڻا سائين سان ملاقات ڪيائون ۽ سهڻا سائين جي رفاقت ۾ درگاهه رحمتپور شريف ويا جتي پير مٺا سائين سان بيعت ٿيا. پاڻ ڳوٺ موٽي آيا ۽ اڪثر سندن صحبت ۾ رهندا هيا.

سيرت ۽ صورت: سندن صورت سهڻي هئي. پاڻ با اخلاق شخص هوندا هيا. ڪڏهن به ڪنهن کي ڪونه ايذايائون. هر ڪنهن سان محبت ڪندا هيا.

درگاهه شريف جو ادب: پاڻ هميشه مرشدن جي در تي پيرين اگهاڙا ايندا هيا. ڪڏهن به اتي نه جتي پاتائون نه سواري تي سوار ٿيا.

خلافت ۽ تبليغ : ڪجھ عرصي کان پوءِ پير مٺا سائين کين خلافت عطا ڪئي. پاڻ پنهنجي مرشد جي حڪم موجب تبليغ جو ڪم شروع ڪيائون. پنهنجي علائقي جي اڪثر ڳوٺن ۾ وڃي مهينن جا مهينا تبليغ ڪندا رهندا هيا. پنهنجو سمورو وقت تبليغ ۾ گذاري ڇڏيائون. پاڻ تبليغ جي لاءِ پنهنجي اباڻي ڳوٺ سوڍاري کي ڇڏي اگهاماڻي ۾ سڪونت پذير ٿيا. اتي به تبليغ ڪندا رهيا. پاڻ اڪثر ڪري پيادل پنڌ ڪري ڳوٺن، وستين ۽ واهڻن ۾ دين جو پيغام پهچايائون. حضرت مخدوم بلال رحمت الله عليہ جي دربار ۾ مسلسل چوڏهن جمعا سوڍاري مسجد ميهڙ ڪان باغ بان تائين پيادل ايندا رهيا.

شاديون ۽ اولاد : پاڻ ٻه شاديون ڪيائون. کين نَوَ پٽ ۽ ڇھ نياڻيون آهن.

پٽن ۾ : 1. خليفہ عبدالمجيد غفاري بخشي 2. فقير محمد سوڍر ميهڙ . 3. مولوي ميان محمود سوڍر ميهڙ 4. خليفہ امان الله اگهاماڻي 5. مرحوم مولوي عبدالحليم دادو 6. خليفہ غلام الله طاهري 7. حافظ زين العابدين طاهري حيدرآباد 8. غلام فاروق سوڍاري ميهڙ 9. بدر الدين سوڍاري ميهڙ. سندن اولاد صالح ۽ ديني خدمتن ۾ مشغول آهي.

حج : پاڻ پنهنجي حياتي ۾ ٻه حج ڪيائون هڪ حج پنڌ ڪيائون ۽ ٻيو بحري جهاز ۾ 1935ع ۾ ڪيائون.

تصنيف : پاڻ سٺا شاعر به هيا. ڪتاب به تصنيف ڪيائون جي قلمي صورت ۾ موجود آهن.

سندن وصال : 1981ع ۾ تبليغ دوران ڳوٺ فقير قادر بخش ڏيپر ۾ تهجد نماز پڙهڻ کان پوءِ قرآن جي تلاوت ڪندي ٿيو. کين آستانہ عاليہ فقير پور ۾ آڻي دفن ڪيو ويو.

سندن سجاده نشين : سندن وڏو فرزند حضرت خليفہ عبدالمجيد غفاري بخشي طاهري آهي جيڪو هن وقت تائين سندن تبليغي مشن کي جاري رکندو اچي ۽ هر سال سندن ساليانو عرس به شايانِ شان ملهايو ويندو آهي.

پاڻ هڪ شادي ڪئي اٿن جنهن مان کين پنج پٽ ۽ ٽي نياڻيون ٿيون آهن. پٽن جا نالا هي آهن:

حاجي اسد الله 2. خليل الله 3. فقير خليفہ ڪليم الله 4. حاجي عبيدالله.

5. فقير ڪرم الله .

46 هون خليفو: امتنان الاحد في تذكرة خليفة يار محمد

حضرت خليفہ
يار محمد جويو
رحمة الله عليه

قَانِعُ بِالكفاف، ملازم للزهد والورع والعفاف، عالم باعمل، اديبِ شهير حضرت خليفہ مولانا **يار محمد** جويو ولد فقير محمد صديق رحمة الله عليه 1921ع ۾ ڳوٺ قائم شاھ آگرو تعلقي ميھڙ ۾ تولد ٿيا. سندن ننڍپڻ بہ ساڳئي ڳوٺ ۾ گذريو. پنھنجي سموري زندگي مسڪيني ۾ گذاري ڇڏيائون. ڪپڙا بلڪل سادا ۽ سنھا پھريندا ھيا جو اونھاري توڙي سياري ۾ سندن جسم نظر پيو ايندو ھيو. پاڻ آرام ۽ اطمينان سان گفتگو فرمائيندا ھيا. گھٽ کائيندا ھيا، گھٽ ڳالھائيندا ھيا ۽ گھٽ سمھندا ھيا. مطالعو تمام گھڻو ڪندا ھيا. اڪثر سندن ھٿن ۾ ڪتاب ھوندا ھيا.

تعليم: سندن خاندان اصل کان ديني علم سان وابستہ ھيو. پاڻ ننڍپڻ ۾ قرآن پاڪ عم پاره تائين مولانا حزب الله آگري وٽ پڙھيا. پوءِ قرآن پاڪ ۽ فارسي زليخا تائين پنھنجي ڳوٺ جي مولوي عبدالرحمن آگري وٽ پڙھيا. پوءِ صوبو خان مگسي جي اسڪول ۾ چار درجا پڙھيا. سندن آباء و اجداد جو ڪم ڊڪٽاڪو ھيو. مائٽن وس ڪيو پر پاڻ ان ڪم ۾ دلچسپي نہ ڪيائون پر سندن لاڙو رازڪي ڪم جي طرف ھيو پوءِ اھو ڪم عبدالحڪيم آگري وٽ سکيا، ڪين مزو نہ آيو. پوءِ مولانا محمد آگري صاحب وٽ پڙھڻ شروع ڪيائون پر ڪين مائٽن پڙھڻ نہ ڏنو مجبوراً ڳوٺ ڇڏي پيري ۾ مولوي الحاج فضل محمد ماڱڙي وٽ پڙھڻ ويا. اتان سيد جي ڳوٺ لڳ ميھڙ ۾ مولانا محمد قاسم رحمة الله عليه وٽ آيا. اتي بہ سندن دل مطمئن نہ ٿي. سيد علي اصغر شاھ سان پيادل حيدرآباد ڏانھن روانا ٿيا. جڏھن پاڻ سعيدآباد ۾ پھتا تہ سيد علي اڪبر شاھ پرڙن وارا ڪين ڇڏي ويا.

پاڻ تنها رات جو بند سان پنڌ ڪندا قلجي جي پرسان بلاڙي پنهورن ۾ مولوي غلام قادر پنهور وٽ آيا. ان ڪين پاڻ وٽ رهائي مڪمل علم صرف پورو ڪرائي نحو مير ختم ڪرايو. اتان مدرسه سونو جتوئي ويا جتي شرح مائة عامل منية المصلي پڙهي وري مدرسه دارالفيوض مگسي ۾ داخلا ورتائون جتي هداية النحو مجموعه منطق ۽ قدوري جو ڪجهه حصو پڙهيا. وري موٽي سوني جتوئي ۾ آيا جتي مولانا علي حيدر جتوئي وٽ نصف ڪنز نصف ڪافيه پڙهيائون. رمضان شريف ۾ تراويح جي امامت لاءِ نئون واهڻ ۾ ويا جتي مولانا محمد سليمان ملا ابڙن وارا رهندا هيا جيڪي بزرگ همايوني جا لائق ۽ فائق شاگرد هيا. مولانا سليمان صاحب سندن شوق ڪي ڏسي پورو رمضان شريف جو مهينو ڪين پڙهايائون. ان ڪان پوءِ سوني جتوئي آيا. مولوي محمد ڪوڪر وٽ لاهورن لاڙڪاڻي ۾ ڪجهه اسباق مولوي نورالدين چانديه وٽ ڪافيه ۽ ڪنزالدقائق ۽ ڪافيه مڪمل ڪري مدرسه دارالفيوض مگسيءَ ۾ پڙهڻ شروع ڪيائون. ان ڪان اڳ به تي چار پيرا مدرسه ۾ آيا ويا پوءِ مڪمل مشڪوات شريف شرح وقايه مير ايساغوجي جلالين ڪان آخر تائين ڪتاب مڪمل ڪيائون. ان وچ ۾ علامه خان محمد آگري وٽ ڪبريٰ منطق مسلم ملا حسن، ملا جلال شرح، تهذيب ۽ بديع الميزان پيهر اچي پڙهيا. فارسي ۽ عربي سوڀو خان مگسي ۾ پنهنجي چاچي مفتي عبدالڪريم مگسي وٽ پڙهيا ۽ فارغ التحصل به اتان ئي ٿيا.

علمي قابليت: ميراث، فتويٰ، علم الجفر، عربي فارسي ۾ ڪين عبور حاصل هيو. شرعي مسئلن متعلق سعودي عرب ڪان به علماء جا خط وٽن ايندا هيا. انهن جا جواب به موڪليندا هيا.

علمي خدمتون: ان ڪان پوءِ پاڻ پنهنجي ڳوٺ جي مسجد شريف ۾ پڙهائڻ شروع ڪيائون. بعد ۾ رانجهو جهتيال ۾ پڙهائڻ ويا پوءِ جاڙو ڪلهوڙو، خانپور، ميرحسن، خيرپور ناٿن شاهه لاڪيرن واري مسجد شريف ۾، خيرپورناٿن شاهه قاضين واري مسجد ۾ علمي خدمتون ڏنائون. آخر ۾ مين روڊ تي هڪ مسجد تعمير ڪرائي ان ۾ درس و تدريس جون خدمتون تاحيات ڏنائون. سندن مزار شريف به اتي آهي.

شاگرد: سندن شاگردن ۽ علم جي پياسن ڪائنڻ علم فيض ورتو. ڪيترائي شاگرد فارغ التحصيل ٿيا. انهن مان ڪجهه جا نالا هيٺ ڏجن ٿا.

1. سندن سؤٽ محمد عثمان.
2.مولوي رسول بخش سولنگي ڳوٺ پريا.
3. مولوي روشن سولنگي.
4.علامه غلام محمد جويو صاحب.
5. مولوي محمد عارف ڪوسو مير حسن.
6. مولوي لطف علي گاڏهي.
7.مولوي علي بخش چانڊيو ڪارو چانڊيو.
8.مولانا عبدالغفور پير دادو.
9. مولانا نبي بخش ڪورائي مراد چانڊيو.
10.مولوي غلام حسين ملاح خيرپور ناٿن شاهه.
11.قاري منير احمد چانڊيو ڳوٺ خداداد چانڊيو.
12 مولوي عبدالله جويو سندن پاڙ ٽڄ.
13. علامه محمد عيسيٰ چنه .
14. علامه محمد امين مگسي ابن مفتي ڪريم بخش .
15. علامه نثار احمد مگسي. 16. مفتي ڪريم بخش پائيٽيو.
17. علامه محمد نواز مهيسر. 18. قاضي عارف ۽ پيا ڪيترائي سندن علم کان مستفيد ٿيا. علامه محمد امين مگسي ابن مفتي ڪريم بخش ﷫ جن ڪتاب "مواعظ ڪريميه" ۾ لکيو آهي ته خليفه علامه يار محمد صاحب سنڌ جو متقي ۽ علم جو يگانه عالم دين هيو.
علامه مفتي محمد عيسيٰ چنه جي بقول پاڻ اڪثر ڪتاب کولي وعظ ڪندا هيا. مسڪيني هوندي به ڪنهن کان سوال نه ڪيائون. هميشه شڪر ۽ صبر سان رهيا.
بيعت ۽ خلافت: جيئن پاڻ ظاهري علم جي حصول لاءِ وڏيون محنتون ۽ ڪاوشون ڪيائون اهڙي طرح باطني نعمت جي حصول لاءِ حضرت پير مٺا سائين نور الله مرقده جي بيعت بعد وڏيون محنتون ۽ رياضتون ڪيائون. هميشه دل ۾ ذڪر جي تنوار هوندي هين. پير مٺا سائين جن ڪين خلافت جي خلعت سان نوازيو.

پير جي دعوت : هڪ ڀيري خليفو يار محمد رحمت الله عليه راڌڻ اسٽيشن کان پيادل پنڌ ڪري درگاهه دين پور شريف ۾ پير مٺا سائين وٽ پهتو ۽ کين دعوت لاءِ عرض ڪيائين. پير سائين جن سندس دعوت کي قبول فرمايو. کيس مسڪيني سبب اوطاق به نه هئي پوءِ پنهنجي استادن جي مدرسي ۾ پير سائين جن کي رهايائين ۽ اتي ئي دعوت کارايائين.

نفس سان جنگ : علامه نثار احمد مگسي ٻڌايو ته استاد سائينجن سبق پڙهائيندي پڙهائيندي اوچتو ٻاهر نڪري ويندا هيا. ٻاهر وڃي ڏسندا هياسين ته پاڻ مدرسي جي پرسان چير واري مشين تي ڪاٺيون چيرڻ ۾ مستري جي مدد پيا فرمائن. اسان جي پڇڻ تي پاڻ فرمائيندا هيا ته نفس اوچتو هنيلو ٿي ويو انهيءَ ڪري لوڙايونس ٿا ته خبر پويس.

ڪشف : هڪ دفعي ڪنهن گهر مان چانهه آئي. پاڻ پنهنجي شاگردن کي حڪم فرمايائون ته ڪو به چانهه نه پيئي. ڪجهه دير بعد معلوم ٿيو ته اها چانهه ٻلي جي لبيل هئي. پوءِ چانهه ڏيندڙ کي پاڪائي متعلق هدايتون ڪيائون.

ڪرامت : هڪ دفعي ڪا عورت گم ٿي وئي. ان جي پٽ کين عرض ڪيو. پاڻ پنهنجي پاڻ کي لڪائڻ خاطر پنهنجي هڪ شاگرد کي فرمايائون ته هن جي امڙ ڏسي به ڏئي ۽ هٿ به ڪري ڏي. پوءِ فقير جي مٿان چادر وڌائون ڀن ڪلاڪن کان پوءِ خبر پئي ته اها عورت گهر پهچي وئي آهي.

دعا جي اجابت : سندن سالي مولوي محمد اشرف جويو جي گهرواري ساهرا نه پيا ڏين. ڪافي ڪوششيون منٿون ميڙون ڪيائين پر ڪجهه نه ٿيو. حضرت خليفه صاحب کي عرض ڪيائين. پاڻ حضرت بلال رحمت الله عليه جي مزار جي حاضري لاءِ فرمايائون. ڪجهه وقت کان پوءِ مولوي محمد اشرف جا ساهرا گاڏي ڪرائي کيس سندس گهر واري گهر پهچائي ويا.

شاديون ۽ اولاد : پاڻ ٽي شاديون ڪيائون. پهرئين اهليه مان صرف هڪ نياڻي حيات آهي. ٻين گهرواري ۽ سندن وچ ۾ تفريق ٿي وئي. ٽين اهليه مان ٽي پٽ ۽ هڪ نياڻي ٿي.

1. عبداللطيف : جيڪي سندن سجاده نشين آهن ۽ حڪمت جو به ڪم ڪري رهيا آهن.

2. احمد خان 3. محمد خان.

47 هون خليفو:

حضرت خليفه
محمد الله ڏتہ
عرف **كليم الله**

صوفي باصفا، عاشق با وفا، عارفِ باكمال، عابد بي مثال، حضرت پير روشن ضمير خواجہ محمد الله ڏتہ عرف حضرت پير كليم الله غفاري رحمة الله عليه بن ميان شير محمد بن كيئو خان بن خير محمد بن بارڻ. ضلع دادو جي پيارو ڳوٺ جي پر ۾ هڪ ننڍڙي ڳوٺ حافظ عرض محمد كوسو ۾ سال 1920ع ۾ تولد ٿيا. قرآن شريف ۽ فارسي جا كجھ كتاب مولانا غلام رسول مگريو وٽ پڙهيائون. ننڍپڻ كان كين شاعري جي ڏات مليل هئي.

سندن پُر تاثير شعر: الله كريم سندن آواز ۾ اثر ركايو هيو تہ سندن شعرن ۾ بہ عجيب اثر انگيزي هئي. اڄ بہ جيكو دل سان سندن شعر پڙهي ٿو تہ ان جي دلي كيفيت ئي بدلجي وڃي ٿي. سندن طبيعت ۾ ننڍپڻ كان نينهن سمايل هيو. جڏهن پاڻ پنهنجا چيل شعر پڙهندا هيا تہ پاڻ بہ روئندا تہ ٻڌڻ وارا بہ لڙك روكي نہ سگهندا هيا.

حليو مبارڪ : سندن قد درمياني، رنگ گندمي، جسم پريل، صورت نوراني منهن پريل ويكرو، سونهاري مبارك قُبضي (مُٺِ) كان كجھ ڊگهي ۽ گهاٽي، سونهاري مبارك تي مينڌي استعمال كندا هيا. زلف گهنڊيدار روشن چمكدار هيا. ڏند موتي جي مثل ۽ روشن. هر وقت مسكرائيندڙ چهرو، اكيون گول چمكدار، الله ۽ ان جي حبيب صلى الله عليه وسلم جي حب ۾ هر دم روئندڙ ۽ روشن، هٿ ويكرا، پير موكرا سڌا هيا. ڇاتي ويكري، كلها كليل ۽ گردن اوچو هيو. هلڻ مهل اكثر گردن جهكائي هلندا هيا. منهن مبارك تي هر وقت تجلين جي جوت جَركندي هئي. ڀرُون جاڙا ۽ سُهڻا هيا. رب كريم سندن چهري ۾ حسن ۽ جمال ۽ سندن شخصيت ۾ كشش ۽ كمال ركايو هيو.

ملازمت: ڪجھ وقت سکر ۾ ڪا نوڪري ڪيائون پوءِ لاڙڪاڻي ۾ اچي پوليس ۾ ڀرتي ٿيا. پوءِ جڏهن ازلي عنايت عالمِ شهود ۾ جلوه گر ٿي تہ ان ڪين پوليس جمعدار مان ڪامل ولي الله ظاهر ظهور ڪيو.

ايں سعادت بزور بازو نيست، تانہ بخشد خداءِ بخشنده

هيءَ ڀلائي بازو جي قوت سان ڪا نہ ملندي آهي جيستائين مالڪ پاڻ مهرباني نہ ڪري.

سلاسل ۾ بيعت: طريقت جي تلاش ۽ فقيري جي حصول لاءِ پاڻ پنجاب جي ضلعي جهلم جي هڪ بزرگ حضرت سائين جناب فتح محمد نقشبندي ﷫ سان بيعت ڪيائون. محنت ۽ مجاهدا ڪيائون. سندس وصال بعد طلب جي جهولي ڪٽي حضرت سيد مخدوم علي شاهہ سان سلسلہ عاليہ چشتيہ ۾ بيعت ڪيائون. اهي بزرگ لاڙڪاڻي مان نقل مڪاني ڪري ڪراچيءَ ڏانهن روانا ٿيا تہ پاڻ پنهنجي پير روشن ضمير ڪي سامان ڪٽائي اسٽيشن تي آيا. پاڻ عرض ڪيائون تہ حضرتا اوهان تہ وڃو پيا مون ڪي ڪنهن جي حوالي ٿا ڪيو؟ بزرگن رحمت پور شريف ڏانهن هٿ جو اشارو ڪري فرمايو تہ هتي پنجاب ڪان هڪ بزرگ آيل آهي اوهان کي ان جي حوالي ڪيون ٿا وڃون. پوءِ ٻئي ڏينهن پاڻ رحمتپور شريف ۾ اچي فجر جي نماز غوثِ زمان قطب جهان حضرت خواجہ محمد عبدالغفار عرف حضرت پير مٺا سائين جي پويان ادا ڪيائون.

صبح جو جيئن حضرت پير مٺا سائين ﷫ حلقي ڪان فارغ ٿيا تہ پاڻ سندن اڳيان وڃي وينا عرض ڪيائون تہ سائين مون کي ذڪر سمجهايو. پير سائين فرمايو تہ "ذڪر وٺندؤ يا دل جو سودو ڪندؤ." پاڻ با ادب عرض ڪيائون "حضرتا انشاء الله دل جو سودو ڪبو." پوءِ پاڻ بيعت ڪيائون. بس ذڪر وٺڻ سان رڳ رڳ ۾ ذڪر الاهي جاري ٿي وين. بدن جي ڏڪٽي وني وين. جسم ۾ ذڪر الاهي جي اهڙي تپش ٿي جو جيئن جسم تتل تنور ۾ پيو پُڇي ۽ پچي. پوءِ تہ ڪيترو وقت مٿن مجذوبي ڪيفيت طاري ٿي وئي. نوڪري ڪان استعفيٰ ڏئي، بس هڪ يار جي ذڪر ۾ مست مگن ٿي ويا. مرشد ڪريمن وٽان ڪين **مستاني** جو لقب مليل هيو. جڏهن پاڻ الله جي عشق جي ڪا ڪافي پڙهندا هيا تہ خلق ۾ ريهاٽ پئجي ويندا هيا. پاڻ بہ روئندا هيا تہ جماعت بہ مستانہ وار روئڻ لڳندي هئي.

خلافت ۽ اجازت: سلسلہ عاليہ نقشبنديہ ۾ پير سان محبت لائڻ طريقت جو پهريون ڏاڪو چيو ويو آهي. پاڻ پنهنجي مرشد سان والهانہ محبت رکندا هيا. پير جي دربار جو وڏو ادب ۽ احترام ڪندا هيا. پنهنجي مرشد جي شان ۾ غزل ڳاهيندا ۽ پڙهندا هيا. حضرت پير مٺا سائين سندن استعداد صلاحيت ۽ لياقت ڏسي ڪين اجازت ۽ خلافت عطا فرمائي. ماڻهن کي الله جي دين جو پيغام پهچائڻ ۽ انهن جي اصلاح احوال جو ڪين امر ڪيائون.

سيرت: پاڻ سخاوت، شجاعت، شرافت، امانت ۽ ڪرامت ۾ پنهنجو مٽ پاڻ هيا. غريبن جا غمخوار، هيڻن جا همراهہ هيا. ڪنهن سائل کي در تان خالي نہ ورائيندا هيا. ماڻهن جي ڏکن دردن کي ٻڌي انهن جي هر ممڪن مدد ڪندا هيا.

درگاهہ غفار آباد شريف: سيپٽمبر 1964ع ۾ حضرت پير مٺا سائين ﷫ جي حڪم مطابق ميهڙ جي پاسي ۾ ڳوٺ سنڌي ٻُٽڙا جي پر ۾ درگاهہ غفار آباد جو بنياد وڌائون. اتي اصل ۾ هڪ جهنگ هيو جتي چور چوري ڪري اچي مال ورهائيندا هيا. پوءِ الله وارن جي قدمن جي برڪت سان اتي الله جي ذڪر جون تنوارون جاري ٿي ويون. سندن نوراني نظر ۽ باطني توجهہ سان رڻ ۾ رونقون ٿي ويون. جنگل ۾ منگل، بر ۾ بهاري ٿي وئي. پوءِ اهل ذڪر فقير بہ پنهنجا ڳوٺ وطن ڇڏي لڏا کڻي اچي ان پلاري پونءِ تي جُهڳا اڏي ويٺا. تقريباً ستر ڪن فقيرن لڏو کڻي اچي اتي رهڻ لڳا. اهڙي طرح فقيرن جو هڪ ڳوٺ اڏجي ويو. ڳوٺ جي چوڌاري ڪوٽ اڏيو ويو. اندر ڳوٺ ۾ ڪنهن بہ غير ماڻهو کي داخل ٿيڻ جي اجازت نہ هئي. رات جو فقير واري واري تي پهرو ڏيندا هيا. سايون پاڇيون ميويدار وڻ درگاهہ جي اندر وڏي تعداد ۾ پوکيا ويا. ايتري تائين جو ڪا شيءِ ٻاهران گهرائڻ جي گهٽ نوبت ايندي هئي. اڪثر وڻ ۽ ٻوٽا پاڻ پنهنجي مبارڪ هٿن سان پوکيائون. غفار آباد جا مٺا ميوا خصوصاً پير ۽ انب تہ ملڪ ۾ مشهور ٿي ويا. اتي مرشدن ڪريمن جي حڪم مطابق هر مهيني چنڊ جي اٺين تاريخ جلسو مقرر ڪيائون. اٺين جي موقعي تي سوين پروانا اچي سندن صحبت سان فيضياب ٿيندا هيا.

تبليغي سير و سياحت: پاڻ پنهنجي پياري پير روشن ضمير جي حڪم مطابق تبليغ جو ڪم زور شور، ذوق ۽ شوق سان ڪيائون. دين جي تبليغ خاص الله جي رضا خاطر ڪندا هيا.

ڪڏهن به ڪنهن کان سوال يا چندو نه ڪيائون. الله تي توڪل رکندي الله خاطر الله جي دين جي خدمت ڪيائون. ان اخلاص جي برڪت سان هزارين ماڻهو سندن صحبت مان فيضياب ٿيا. الله تعاليٰ سندن مٺڙي زبان ۾ عجيب تاثير رکائي هئي جو جيڪو به هڪ ڀيرو سندن مجلس ۾ ايندو هيو ان جو حال متجي ويندو هيو. پاڻ هزارين گمراهن کي گس لاتائون. هزارين چور عابد زاهد ٿي ويا. پاڻ تبليغ خاطر پري پري علائقن جا سفر اختيار ڪيائون. سنڌ جي مختلف ضلعن، تعلقن، شهرن، ڳوٺن، واهڻن ۽ وستين ۾ بلوچستان جي پهاڙي علائقن ۾ پنجاب جي زرخيز علائقن ۾ پري پري تائين پاڻ پيادل پنڌ تبليغ ڪيائون. ڪڏهن اٺن گهوڙن تي ڪڏهن ڏاند گاڏي تي سفر ڪندا هيا. سفر دوران جڏهن محبت جا غزل پڙهندا هيا ته ماڻهو ته ماڻهو پر اهي ڏاند ۽ جانور به وجد ۾ اچي ويندا هيا. انهن جي اکين مان به پاڻي وهي هلندو هيو. اڪثر ڪري تبليغي سفر ۾ عيال به ساڻ ڪڻندا هيا. اڪثر جن ڳوٺن ۾ تبليغ ڪيائون انهن مان ڪي مشهور ڳوٺ ۽ شهر جيئن دادو، نوابشاهه، مستوئي، موندر، ميتلا، پير، ميٺا، تلتي، لاڪا، مئياڻي، مورو، ڪنڊيارو، ٺارو شاهه، قائم خان اوڳاهي، شڪارپور، ڪنڌ ڪوٽ، ڪشمور، سبزوئي، سهرياڻي، غوث پور، دڙي، حُران جعفري، ميرو خان، باگڙجي، جهٽ پٽ، سوئي گئس فيلڊ، صادق آباد، ٻنگ شريف، روجهاڻ، راجن پور وغيره. سندن پر خلوص ڪوشش سان هزارين مرد عورتون، چور، زاني، ڌاڙيل، فاسق، فاجر ماڻهو به سندن نگاهِ ڪرم سان نمازي، غازي، عابد زاهد ۽ تهجد گذار ٿي ويا.

مُرشد جي دربار جو ادب: پاڻ ايتري قدر ته اديب هيا جو پير جي درگاهه تي ڪڏهن به جُتي نه پاتائون. پيشاب ۽ قضا جي حاجت لاءِ درگاهه کان ڪافي پنڌ ڪري پري نڪري ويندا هيا. نه رُڳو ايترو پر درگاهه جي زمين مان وَٽ لاءِ پٿر به استعمال نه ڪندا هيا. پاڻ مرشد جي دربار جو ته ادب ڪندا هئا پر ان پاسي جو ڪو ماڻهو ڪو ڌنار پنهوار ايندو هيو ته ان جو به ادب ۽ احترام ڪندا هئا. تبليغ ڪري جڏهن دربار شريف تي پهچندا هيا ته سَوَن جي تعداد ۾ جماعت ساڻن گڏ اِيندي هُئي پر درگاه تي پُهچڻ کان پوءِ پاڻ سيني کي حڪم ڪندا هيا ته ڪو به سندن جُتي نه کڻي. پنهنجو ڪوٺرو به پاڻ ٻهاريندا هيا. درگاه شريف تي گهڻي ڪلام ۽ ڪَچهري کان پاسو ڪندا هيا.

مرشد جي دربار بابت سندن ارشادات:
پاڻ سان گڏ آيل جماعت کي بہ تاڪيد ڪندا هيا تہ هي پِير جي درگاہ آهي اجائي گفتگو ڇڏي هر وقت فيض و برڪت جا منتظر ٿي ويهو. اسانجو هِت آچڻ جو مقصد پير جي مُحبت ۽ سندن رضا آهي. ان لاءِ ڪنهن بہ قسم جي شڪايت نہ ڪيو. لنگر مان ماني ملي تہ ڪائو نہ تہ گهرَ آصل نہ ڪيو. فرمائيندا هيا تہ طالب پنهنجي مُرشد جي دربار کي پنهنجو وطن ديس سمجهي ۽ پنهنجي آخري آرام گاہ جي بہ اتي جي تمنا ڪري. طالب کي گهرجي تہ پنهنجي ارادن کي مرشد جي ارادن ۾ گُم ڪري ڇڏي جو مرشد جو ارادو اُهو ئي طالب جو ارادو هجي. فرمائيندا هيا تہ اعتراضي لفظ پنهنجي زبان مان نہ ڪڍي. فرمائيندا هيا تہ طالب کي مرشد جي دربار تي جو ڪجهہ نظري اُن کي جائز سمجهي بلڪ دل ۾ بہ اعتراض نہ ڪري. هڪ ڀيري پنهنجي پياري مريد فقير محمد نواز کي فرمايائون تہ منهنجي مرشد جي واچ ۾ ڏس تہ ٽائيم ڪيترو ٿيو آهي؟ پوءِ منهنجي واچ تي بہ اهو ٽائيم ٺاهي ڇڏ. فرمايائون اسان جو پين واچن سان ڪهڙو واسطو بس جيئن مرشد جي واچ ۾ ٽائيم آهي، اسان لاءِ بہ اهو ٽائيم صحيح آهي. فرمائيندا هيا تہ جيستائين علم عقل حسب نسب جو غرور ترڪ نہ ڪبو تيستائين باطني نعمت حاصل ڪرڻ مشڪل آهي.

خدمت: پاڻ پنهنجي مُرشد جي دربار تي لنگر جو ڪم وڏي شوق مُحبت ۽ جذبي سان ڪندا هئا. مٽيءَ جو وڏو تَغار پيري مٿي تي کڻندا هئا. رات جو مرشد جي حويلي پاڪ کي چوڌاري پَهرو ڏيندا هئا.

توڪل الله: پاڻ ڪنهن کان بہ گهر سوال نہ ڪندا هيا. صرف الله تي ڀروسو رڪندي الله جي دين جو ڪم ڪندا هيا. هڪ ڀيري ڪافي تعداد ۾ جماعت درگاهہ شريف تي آيل هئي. پاڻ صبح جي نصيحت ڪرڻ وينا تہ سندن ننڍي نياڻي اچي چيو تہ بابا گهر ۾ اٽو ڪونهي پاڻ نياڻي کي فرمايائون تہ پٽ الله ڏيندو. پاڻ وري تقرير ۾ شروع ٿي ويا. ڪنهن بہ خليفي يا صاحبزادي کي ننگر جو اهتمام ڪرڻ جو نہ چيائون پوءِ جڏهن تقرير کان فارغ ٿيا تہ جماعت کي فرمايائون تہ ڪو بہ نہ وڃي ننگر تيار آهي ڪائي پوءِ وڃو. برابر ننگر تيار هيو. سڀني فقيرن رڄ ڪري کاڌو.

ولايت ۾ پرائي محتاجي؟ فرمايائون: ولي الله جي معنيٰ آهي الله جو دوست. الله جنهن کي پنهنجو دوست بنائيندو آهي ان کي کنهن ٻئي جي در جو محتاج نہ کندو آهي. جيڪو پائي پائي لاءِ ٻين جا کيسا جانچي ٿو اهو هرگز ولي الله ناهي.

تقويٰ: پاڻ تقويٰ ۽ طهارت جو گهڻو خيال کندا هيا. کڏهن بہ بي نمازي جي هٽ جي ماني نہ کاڌائون. کڏهن بہ کير مکڻ لسي مهي بہ بي نمازي جي گهر جي نہ پيئندا هيا. بازاري نهيل شيون جهڙوڪ لڏون، بوندي، ميسو، پکوڙا، بازاري گيهہ استعمال نہ کندا هيا. جنهن ڳالهہ ۾ شڪ پوندو هيو ان کان کنارو کندا هيا. شهرن جي پاسي ۾ پيدا ٿيندڙ سبزيون جيکي اکثر شهر جي گٽر جي کني پاڻي تي پيدا ٿينديون آهن سي استعمال نہ کندا هيا. ايستائين جو لوڻ بہ بازار جو پيئل نہ کائيندا هيا. سينڌو لوڻ ڏوئي سکائي ان کي پيهي پوءِ اهو واپرائيندا هيا. بازاري گوشت جنهن جي کهڻ واري جي کا کَلَ نہ هوندي هئي اهو نہ کائيندا هيا.

ازدواجي زندگي ۽ اولاد: پاڻ چار شاديون کيائون. هر هڪ ٻيبي سان پوري طرح انصاف سان پيش ايندا هيا. رواداري جو عجيب سبق ڇڏيائون. کين پنج فرزند ۽ چار نياڻيون هيون. سندن صاحبزادن جا نالا هي آهن:

1. صاحبزاده حضرت سائين غلام مصطفيٰ صاحب سجاده نشين اول رحمۃ اللہ علیہ
2. صاحبزاده حضرت سائين عاشق علي صاحب. رحمۃ اللہ علیہ
3. صاحبزاده حضرت ميان عبدالغفار صاحب.
4. صاحبزاده حضرت ميان عبدالغفور صاحب.
5. صاحبزاده حضرت ميان مولوي احمد علي صاحب.

درگاهہ اويس پور جو بنياد وجهڻ: جڏهن پاڻ کثرت سان کشمور ۽ کنڌ کوٽ جي علائقي ۾ تبليغ کيائون تہ وڏي جماعت تيار ٿي وئي. انهن جي سهولت لاءِ پاڻ کشمور جي ڀرسان سنہ 1970ع ۾ هڪ درگاهہ جو بنياد وڌائون. ان جو نالو ”اويس پور“ رکيائون جتي پاڻ هر مهيني چنڊ جي چوڏهين تاريخ مقرر کيائون. آخر حياتي تائين پاڻ اتي جلسو کندا رهيا. سندن وصال بعد سندن صاحبزادو ميان عبدالغفور اتي هر مهيني جي

چوڏهين تاريخ تي ويندو آهي. فقير مولا بخش اتي جو خاص خدمتگار آهي. درگاهه شريف غفار آباد ۾ انهين تاريخ جي رات روحاني محفل ٿيندڙ هئي.

وصال پُر ملال: پاڻ چوڏهين جمادي الاول 1394 هه مطابق 6 جون 1974ع خميس جي رات هن فاني دنيا مان پردو فرمائي الله سان واصل ٿيا. انا لله وانا اليه راجعون .سندن مزار پُر انوار درگاهه غفار آباد ۾ مرجع خلائق آهي. الله ڪريم شال سندن مزار مٿان رحمتون وسائي.

سندن خلفاءِ ڪرام: تبليغ دين لاءِ پاڻ ڪافي خوشنصيبن کي سلسله عاليه نقشبنديه جي خلافت ۽ اجازت عطا ڪيائون. انهن مان ڪجهه خليفن جا نالا هيٺ ڏجن ٿا.

1. حضرت سائين صاحبزاده ميان غُلام مُصطفيٰ سجاده نشين.
2. خليفه جناب محمد نواز مجذوب درگاهه غفار آباد شريف.
3. حضرت پير ميان حبيب الله صاحب جتوئي ڪنڊ ڪوٽ.
4. حضرت ميان شير محمد رحمة الله عليه قلجي اسٽيشن.
5. مولوي حاجي عبدالرحيم شاهاٽي متصل دادو شهر.
6. مولانا ميان دلاور دشتي درگاهه اويس پور.
7. خليفه جناب حاجي آدم چانڊيه درگاهه فقير آباد مورو.
8. خليفه جناب قاضي شاهه محمد قريشي ڪنڊي وارا.
9. خليفه جناب حاجي امير الدين بگٽي درگاهه فقير پور.
10. خليفه جناب مولانا حسين شاهه غوثپور.
11. جناب خليفه نالي متو صاحب درگاه غفار آباد.
12. خليفه جناب مولوي محمد منير چانڊيه درگاهه غفار آباد.
13. محترم جناب محمد موسيٰ نانگري درگاه غفار آباد.
14. جناب ميان مولا بخش دشتي نانگري درگاه اويس پور ڪشمور.
15. مولوي صاحب ميان ولي محمد چانڊيه مورو.
16. مولوي صاحب حاجي غلام حيدر مغل درگاه اِسلام آباد شريف.
17. مولوي صاحب ميان گلاب الدين چانڊيه ليت چانڊيه مورو.

18. مولوي صاحب ماستر صاحب خان كوسو درگاه الله آباد شريف.
19. مولوي صاحب ميان دين محمد ملك درگاه دين پور شريف.
20. مولوي صاحب حاجي غلام محمد بگٽي درگاه فقير پور شريف..
21. مولوي صاحب سيد حُسين شاه غوثپور شريف.
22. مولوي صاحب امام بخش چاچڙ شڪارپور.
23. مولوي صاحب محمد نواز پنجابي صوبہ پنجاب.
24. مولوي صاحب محمد عالم شاهاڻي دادو شهر.
25. مولوي صاحب حاجي ڏٽي بخش شاهاڻي متصل دادو.
26. مولوي صاحب محمد جعفر ماڇي دادو شهر.
27. مولوي صاحب حاجي محمد جمن ميمڻ ڪراچي.
28. مولوي صاحب حاجي جان محمد ميمڻ لاڪا.
29. مولوي محمد رمضان سبزوئي درگاه فضل آباد ڪنڊ ڪوٽ.
30. مولوي قاضي صاحب ميان آحمد قريشي آحمد آباد شريف.
31. مولوي محمد علي چانڊيو درگاهہ اويس پور.
32. مولوي حاجي امير الدين بگٽي سوئي گئس بلوچستان.

سندن ڪجھ خلفاءِ ڪرام جو مختصر احوال

پهريون خليفو:

ميان حبيب الله جتوئي
(درگاه فيض پورشريف ڪنڊ ڪوٽ)

پاڻ اصل ڳوٺ ٻُرڙا تعلقہ ميهڙ جا رهواسي هيا. جڏهن درگاه غفار آباد جو بُنياد پيو تڏهن پهريون عاشق صادق هي هيو جيڪو خاص الله جي رضا خاطر پنهنجا مِٽ مائٽ، ديس وطن

ملڪيت چڏي آچي پنهنجي مرشد رهبر جي پاڙي ۾ ڪڪائين جُهوپڙي ٺاهي ويٺو. پاڻ تبليغ ۽ ننگر جي ڪم ۾ ثابت قدم رهيو. تانجو ڪين خلافت جو خرقو پهرايو ويو. مرشد جي وصال بعد پاڻ تبليغ ۽ نشر و اشاعتِ دين جي خاطر هجرت ڪري ڪنڊ ڪوٽ شهر جي پاسي ۾ "فيض پور" نالي مرڪز جو بنياد وڌائون، جتي اڄ تائين ديني تبليغ جو سلسلو جاري آهي. الله ڪريم سندس علم فضل ۾ مزيد برڪتون عطا فرمائي.

سندس فيضانِ نظر سان ڪيئي چور، زاني، ڌاڙيل، بد عقيدي رکڻ وارا ماڻهو، تائب ٿي تهجد گذار بڻجي رهيا آهن. پنهنجي مرشد رهبر جي ظاهري باطني مهرباني سان پاڻ پنهنجي جماعت مان اعليٰ مُحبت وارن کي خلافت بہ ڏني اٿن. اهي حضرات بہ تبليغ جو ڪم زور شور سان ڪري رهيا آهن. سندن خلفاءَ جا اسماءِ گرامي :

1. مولوي صاحب حاجي وزير محمد صاحب.
2. مولوي صاحب ميان نبي بخش.
3. مولوي صاحب غلام حُسين آزاد وغيره.

بيون خليفو:

خليفہ مولوي ميان شير محمد پهنور

پاڻ اصل حضرت پير مٺا سائين رحمت الله عليہ سان بيعت هيا. سندن وصال بعد حضرت غفار آبادي قدس سره سان بيعت ثاني ڪيائون. پاڻ نهايت مُحبت وارا شيرين زبان نعت خوان، عاشق صادق مريد ۽ خليفا هيا. تقرير ۾ وڏو اثر هوندو هين. اسان وٽ بہ ڪڏهن ڪڏهن ماتلي شريف ۾ ايندا هيا. جڏهن ڪو غزل يا محبت ڀري ڪافي پڙهندا هيا تہ پاڻ بہ روئندا هيا تہ راڄن کي بہ رئاري ڇڏيندا هيا. تبليغ دين لاءِ تمام گهڻو پاڻ پتوڙيائون. تبليغ خاطر وڏا سفر ڪيائون. پوري زندگي الله ۽ ان جي حبيب جي غلامي ۾ بسر ڪري ڇڏيائون. سندن وفات 17.2.2000تي ٿي. درگاه حضرت مخدوم بلال رحمت الله عليہ جي قبرستان ۾ سندن مزار آهي.

48 هون خليفو:

حضرت خليفه
سيد غلام قادر شاهه

ولادت با سعادت: حضرت خليفه سيد غلام قادر شاهه ولد الهداد شاهه جي ولادت 1910ع ۾ ڪاٽ لشڪر لڳ خانپور دادو ۾ ٿي.

تعليم : ناظره قرآن ۽ ابتدائي تعليم پنج درجا پنهنجي ڳوٺ ۾ پڙهيا. عربي فارسي خيرپور ناٿن شاهه ۾ ۽ وڌيڪ تعليم مدرسه رهڙو شريف ۾ حاصل ڪيائون.

شاعري جو شوق: پاڻ سٺا شاعر به هيا پر افسوس جو سندن قلمي مواد محفوظ رهي نه سگهيو.

بيعت ۽ خلافت: درگاهه دينپور شريف ۾ حضرت پير مٺا سائين رحمت الله عليه سان بيعت ٿيا. پاڻ پنهنجي مرشد سان تمام گهڻي محبت رکندا هيا. اهو ئي سبب آهي جو پاڻ نور پور، دينپور ۽ رحمتپور شريف ۾ مرشد سان گڏ رهندا هيا. سندن محبتن ۽ محنتن کي ڏسي پير مٺا سائين کين خلافت ڏني. پٽيجي، ميهڙ، ڦلجي، سيتا ۽ ڪڇو وغيره ۾ دين جو پيغام پهچايائون.

هجرتون: ڪجهه وقت لاءِ پنهنجي اباڻي ڳوٺ ڪاٽ لشڪر ڪان هجرت ڪري ناصر اٽي لڳ پاٽ شريف ۾ ۽ وري اتان ڪان هجرت ڪري پٽيجي ۾ سڪونت پذير ٿيا. اندازاً اتي ويهه سال رهيا. پاڻ ڪپڙي جو واپار ڪندا هيا. پاڪستان آزاد ٿيڻ ڪان پوءِ ڦلجي اسٽيشن اچي رهيا ۽ اتي تبليغي مرڪز بنايائون جيڪو تاحال دين جي خدمت ۾ سرگرم آهي. اُتي هڪ غفاري مسجد به آهي. اڄ به ڦلجي ۽ ان جي آسپاس غفاري جماعت جو وڏو انگ نظر اچي ٿو. پاڻ پنهنجي باقي زندگي اتي ئي گذاريائون. پير مٺا سائين سندن دعوت تي ڦلجي اسٽيشن تقريباً ڏهه ڀيرا دفعا آيا هيا.

پاڻ اتي جي مديني جامع مسجد ۾ تبليغ نصيحت كندا هيا. ان كان علاوه غفاري مسجد قلجي اسٽيشن ۾ به هڪ دفعو آيا هيا.

حج ۽ عمرا: پاڻ كيترائي حج ۽ عمرا ادا ڪيائون.

شادي ۽ اولاد: پاڻ هڪ شادي ڪيائون، ڪين ڇهه پٽ ۽ هڪ نياڻي ڏني.

1. سيد ارشاد نبي شاهه 2. سيد مظهر شاهه 3. سيد اسلم شاهه 4. سيد فياض شاهه.
5. سيد نظام شاهه 6. سيد شفيع الله شاهه.

وصال پُر ملال: 17 رمضان 1416هجري بمطابق 1995ع ۾ قلجي ۾ ٿيو. جنازه نماز مولوي محمد موسيٰ سولنگي پڙهائي. سندن مزار مبارڪ قلجي شهر جي اوڀر طرف معصومن جي قبرستان ۾ آهي.

سجاده نشين : سندن ٽيون نمبر فرزند سيد حاجي اسلم شاهه صاحب آهن جيڪي حضرت مشوري صاحب وارن وٽ زير تعليم رهيا ۽ کين خلافت به اتان ملي.

لطيفي لات

لَڳِــيءَ جــو، لَطِيـفُ چَئــي، نڪــو قــال نـــه قِيــلُ؛
لِڪــئي لامُـــون ڪوڙيُـــون، نيٽـــين وَهـــي نِيــرُ؛
هِنئَــــڙا! تِـــيُ سُـــڌِيرُ، ڪالهـــه قَـــرِيبَنِ لَـــڌِيو.

ڪـــي اوڏائِـــي ڏُورِ، ڪـــي ڏُورِ بـــه اوڏا سُـــپِرِين؛
ڪـي سَـنيِرجَن نـه ڪَـڏهِين، ڪـي نـه وِسـرَن مُـورِ؛
جِئَن مينهِن ڪُنڍِيءَ پُورِ، تِئَن دوسِتَ وَراڪو دِلِ سين.

49 هون خليفو:

حضرت خليفہ حافظ
سيد محمد الياس شاهہ

حضرت خليفہ سيد محمد الياس شاهہ ولد علي شير شاهہ ڳوٺ بکري تعلقہ کنڊيارو ضلع نواب شاهہ (حال نوشهرو فيروز) ۾ تولد ٿيا. حفظ قرآن جي سعادت پنهنجي ڳوٺ ۾ حاصل ڪيائون. پاڻ سيد علي انور شاهہ جي مدرسي ۾ بہ پڙهيا هيا.

علمي خدمتون: پاڻ اباڻي ڳوٺ مان هجرت ڪري ڳوٺ حسن ڪلهوڙي ۾ آيا اتي ٻارن کي ديني تعليم ڏيندا هيا. پاڻ شاعر بہ هئا . سندن تخلص "**باغ**" هيو. ڪجهہ ڪتاب بہ لکيائون جيڪي 1972ع واري ٻوڏ جي نذر ٿي ويا.

بيعت: جڏهن پير مٺا سائين ﷫ جي فيض برڪت جو ٻڌائون تہ پاڻ رحمتپور شريف ۾ آيا ۽ سائينجن سان دست بيعت ٿيا.

خلافت ۽ تبليغ: ڪين اڪثر درگاهہ رحمتپور شريف ۾ ڏنو ويندو هيو ڳوٺ ايندا هيا تہ ڪجهہ ڏينهن رهي وري واپس موٽي درگاهہ تي ويندا هيا. پاڻ وڏا محنتي هوندا هيا. سندن محنت ۽ سچائي کي ڏسي پير مٺا سائين ڪين خلافت عطا ڪئي ۽ پاڻ پري پري وڃي تمام گهڻي تبليغ ڪيائون. پنهنجي سڄي عمر تبليغ ۾ گذاري ڇڏيائون.

صورت ۽ سيرت: سندن صورت پُر ڪشش هئي. هر هڪ سان سهڻي اخلاق سان پيش ايندا هيا. پاڻ غريبن ۽ مسڪينن جا همدرد ۽ هڏ ڏوکي هوندا هيا.

شاديون ۽ اولاد: پاڻ ٽي شاديون ڪيائون جنهن مان چار پٽ ۽ چار نياڻيون ٿيون.

سندن پٽ: 1. سيد عبدالستار شاهہ 2. مرحوم سيد حزب الله شاهہ. 3. سيد غلام سرور شاهہ: (سندن سجاده نشين) 4. سيد عبدالقدير شاهہ حسن ڳوٺ ڪچو لڳ سعدي موساڻي.

سندن وصال: 1989ع ۾ حسن جي ڳوٺ ۾ ٿيو. وصيت موجب سندن مزار درگاهہ سعدي موساڻي جي ڏکڻ طرف بنائي وئي.

50 هون خليفو:

خليفہ حضرت

حافظ محمد صالح سوهُو

المعروف "حال وارا سائين رحمۃ اللہ علیہ"

عاشقِ جمالِ مصطفيٰ، سالک راهِ مرتضيٰ، سالکِ راهِ هديٰ حضرت خليفہ مولانا حافظ محمد صالح بن محمد حسن بن رحيم داد سُوهو. رحمۃ اللہ علیہ پاڻ غفاري جماعت جا روشن ستارا هئا. ننڍپڻ کان ئي مٿن رب جا راز هئا. سندن والده صاحبہ جو چوڻ هيو تہ پاڻ ننڍپڻ هوندي رمضان شريف ۾ ڏينهن جو کير کونہ پيئندا هيا. پاڻ صاحبِ باطن هيا. مرشدن کريمن کين "**خليفو حال وارو**" کري سڏيو هيو. ان جو سبب هي هيو جو پاڻ جنهن بہ مزار وٽ مراقبو کندا هئا تہ اهلِ مماتي وارن جو حال معلوم کري وٺندا هيا. جڏهن پير مٺا سائين جا خليفا تبليغ تي ويندا هيا تہ انهن جي متعلق پر پٺ پير مٺا سائين انهن جو حال احوال حافظ صاحب کان پڇندا هيا. پاڻ هر هک جي کارگذاري ٻڌائيندا هيا.

ولادت: سندن ڏاڏي جي نالي سان ٻڌايل ڳوٺ رحيم داد خان سوهو ۾ سنہ 1922ع ۾ ٿي. پاڻ اڃا امڙ جي بطن ۾ هيا تہ سندن والد گرامي وفات کري ويو. سندن ولادت بعد سندن والده صاحبہ جلد ئي ڳوٺ لونگ تنيو جي وڏيري جناب غلام صديق تنيو سان نڪاح کيو جنهن مان خليفہ صاحب جا ٻہ نڳا ڀائر : 1. مرحوم وڏيرو عبدالحميد تنيو 2. مرحوم وڏيرو عبدالقيوم تنيو هيا. سندن ننڍپڻ ۾ عمر جو گهڻو حصو وڏيري مرحوم غلام صديق تنيو سان گڏ گذريو. پاڻ وڏيري غلام صديق کي "بابا" کري سڏيندا هيا.

حفظِ قرآن: جڏهن پاڻ قرآن شريف حفظ کرڻ شروع کيائون تہ ان باري ۾ کنهن کي بہ خبر نہ هئي. جڏهن پاڻ حفظ مکمل کيائون تہ سندن استاد اچي والدين کي خوشخبري ڏني.

تعليم: پاڻ ابتدائي ديني ڪتاب وقت جي قطب مخدوم محمد عثمان رحمة الله عليه روهڙي شريف وارن کان پڙهيا. انهن جي وفات کانپوءِ حضرت مولانا مولوي عنايت الله لاکير کي سندن پڙهائڻ لاءِ سندن ڳوٺ لونگ تنيو ۾ مقرر ڪيو ويو . پاڻ ان وٽ پڙهي دستار فضيلت ٻڌائون.

علمي قابليت: بنگلاديش جي ڪجهه ديوبندي مولوين حضور پُرنور ﷺ جي شخصيت متعلق ڪجهه سوال ڪيا. پاڻ انهن جا جواب انهن جي عالمن جي ڪتابن مان ڏئي انهن کي لاجواب ڪري موٽايائون.

ڪميونسٽس جي سوالن جا جواب: پاڻ 1980ع ۾ تبليغ لاءِ جرمني ۾ ويا. اتي ٻه ڪائنٽ يونيورسٽي جي پروفيسرن سوال ڪيا. چيائون جيڪڏهن توهان پنهنجي جوابن سان اسان کي مطمئن ڪري ويا ته اسان مسلمان ٿيڻ لاءِ تيار آهيون. چيائون نه اسان قرآن کي، نه الله ۽ ان جي رسول کي ٿا مڃون. توهان اسان کي الله ڏيکاريو ته اسان مسلمان ٿيڻ لاءِ تيار آهيون پوءِ حافظ صاحب انهن کي چيو ته توهان اکين جي نور کي مڃو ٿا؟ انسان جي عقل کي مڃو ٿا؟ روح کي مڃو ٿا؟ انگريزن چيو ته هائو، اسان انهن شين کي مڃون ٿا. پاڻ فرمايائون ته اول اِهي شيون ڏيکاريو پوءِ آءُ توهان کي الله ڏيکاريندس. اهو ٻڌي انگريز مسلمان ٿي ويا.

حڪمت: اڇانڪ ڪين حڪمت جو شوق جاڳيو ۽ پنهنجي ڳوٺ جي مشهور حڪيم ۽ نبض شناس حڪيم نور محمد تنيو کان حڪمت سکيا. ايستائين جو حڪمت ۾ ڪين گهڻي مهارت ٿي وئي. مريض کي ايندي ڏسي ان جو مرض پرکي ويندا هيا. غريبن مسڪينن جو هر وقت خيال رکندا هيا. پنهنجي ڪمپائونڊر کي نصيحت به ڪندا هيا ۽ هر پرچي تي به لکندا هيا ته فيس مناسب وٺجو ۽ جيڪڏهن ڪو ماڻهو نه ڏئي ته به ان کي دوا پوري ڏجو.

بيعت: پاڻ پنهنجي ڳوٺ ۾ مدرسو کوليائون. ٿوري ئي وقت کان پوءِ تقريباً 48-1947ع ۾ ڳوٺ لونگ تنيو جي پرسان وڏيري الله ڏني ڪمانگر جي ڳوٺ ۾ پير مٺا سائين رحمت الله عليه جي آمد ٿي. حافظ صاحب زيارت لاءِ ويا. ڏسڻ سان سندن زبان مان لفظ الله نڪري ويو.

حافظ صاحب اچي ويو : جڏهن پير مٺا سائينجن جي نظر مٿن پئي ته تقرير دوران فرمايائون "حافظ صاحب اچي ويو آهي." پاڻ اهي لفظ ٻڌي وجد ۾ اچي ويا ۽ پوءِ پير سائين جن بيعت ڪيائون. پوءِ ته اڪثر ڪري پنهنجي مرشد جي خدمت ۾ رهندا هيا.

محبتِ مرشد : پنهنجي مرشد سان بيحد محبت رکندا هيا. پنهنجي ڳوٺ لونگ تنيو کان 25 ميلن جو مفاصلو پنڌ ڪري نور پور شريف ويندا هيا. پاڻ استاد غلام مصطفيٰ تنيو جي رفاقت ۾ مرشد ڪريم جي زيارت ڪرڻ ويندا هيا. گهڻي پنڌ ڪرڻ سبب سندن پيرن ۾ ڦلڪڙا ٿي پوندا هيا. هميشه پنهنجي پير سان وفادار رهيا. تاحيات پنهنجي پير جي محبت ۽ خلوص جي دامن کي ڪڏهن به نه ڇڏيائون. حضرت پير مٺا رحمت الله عليه جي وصال کانپوءِ به سندن ٻچن سان وفادار رهيا ۽ ڪڏهن به درگاهه رحمت پور شريف کان ڌار نه ٿيا.

حضرت پير مٺا سائين قدس سره به ساڻن بيحد محبت ڪندا هيا. حضرت صاحبزاده خليل الرحمان رحمت الله عليه فرمايو ته سندن والد صاحب کين فرمائيندا هيا ته جيئن تون منهنجو پٽ آهين تيئن حافظ به منهنجو روحاني فرزند آهي. ان جو خاص خيال ڪجانءِ.

خلافت : پاڻ فرمائيندا هيا ته مرشدن جي زيارت لاءِ وڃي رهيو هيس ته ميهڙ شهر ۾ هڪ مجذوب مليو جنهن بشارت ڏني ته اڄ اوهان کي خلافت ملندي ان کي قبول ڪندا. پوءِ جيئن پاڻ پهتا ته پير سائين جن کين خلافت جي نوازش فرمائي.

مختلف ملڪن ۾ تبليغ : پير مٺا سائين جن کين حڪم ڏنو ته توهان تبليغ لاءِ بنگال ۽ هندستان وڃو. پاڻ چٽگانگ ۾ هڪ مرڪز کوليائون، جيڪو اڄ به قائم آهي ۽ روزانه مراقبو به ٿيندو آهي. پاڻ سنڌ، پنجاب، سرحد ۽ بلوچستان کان علاوه هر سال 1952ع کان وٺي 1982ع تائين ٽي مهينا تبليغ لاءِ بنگلاديش ويندا هيا جتي اڄ ڏينهن تائين به سندن عقيدتمند آهن. ننڍين ڳوٺن توڙي وڏن شهرن ۾ تبليغ ڪيائون. ان کان علاوه لنڊن، جرمني ۽ سعودي عرب به وڃي دين جو پيغام پهچايائون. انهن ملڪن ۾ سندن عقيدتمند رهن ٿا جيڪي سندن دربار جي حاضري ڀريندا آهن.

صورت ڏسي سالڪ بي حال: سندن صورت سهڻي ۽ نوراني هوندي هئي. سندن چهري ۾ اها چمڪ هئي جو جيڪو ڏسندو هيو انهي کي جذبو ٿي ويندو هو. سندن اخلاق سهڻا هيا ۽ پاڻ هر ڪنهن تي وڏا مهربان هوندا هيا. پاڻ پنهنجن سان ته پنهنجائپ پر دشمنن تي به مهربان هوندا هيا.

سندن چهرو مبارڪ تمام سهڻو ۽ ڪشادو، قد دراز، ڏسڻ وارا ائين چوندا هئا ته واهه قدرت جي ڪاريگري جنهن سائين جو جمال جوڙيو آهن. وري جڏهن وري ڪُلي تي زريءَ وارو پٽڪو ٻڌندا هيا ۽ شيرواني پائيندا هيا ته وڌيڪ حسين و جميل نظر ايندا هيا. هر ڏسڻ وارو ڏسندو ئي رهجي ويندو هيو. سندن اخلاق مبارڪ تمام سٺا هوندا هيا. ڪڏهن به بي جا ڪاوڙ ڪونه ڪيائون. سندن ننڍپڻ جو دوست فقير عبدالله جانوري غفاري ٻڌائيندو هيو ته ننڍپڻ ۾ سائين مال چارڻ ويندا هيا. ڪنهن به هم عمر يار سان ڪا راند روند ڪونه ڪندا هيا بلڪه اڪيون بند ڪري ڪجهه پڙهندا رهندا هيا ۽ ان وقت ڪنهن کي به اها جرئت نه ٿيندي هئي جو ڪٽي پڇي ته پاڻ ڇا پڙهي رهيا آهن. پاڻ ڪڏهن به غير اخلاقي ڪم ڪونه ڪيائون.

عاجزي ۽ انڪساري: خليفي هئڻ تي ڪڏهن به ناز نه ڪيائون. ڪڏهن به اهو تاثر نه ڏنائون ته پاڻ پير مٺا جا خليفا آهن. هميشه پاڻ کي عاجز لکندا هيا.

مهمان نوازي: ڪنهن ڏينهن ڪو مهمان يا فقير نه ايندو هو ته پاڻ اداس ٿي ويندا هيا ۽ چوندا هيا ته شايد اڄ الله سائين ناراض آهي. فقيرن ۽ مهمانن جو هميشه خنده پيشانيءَ سان استقبال ڪندا هيا.

سندن معمولات: فجر جي نماز ڪانپوءِ مراقبو ڪرائيندا هيا. اشراق پڙهي پوءِ گهر ويندا هيا. ان ڪانپوءِ گهر وجي قرآن شريف جو دؤر ڪندا هيا. ناشتي ڪرڻ ڪان پوءِ دواخاني ويندا هيا جيڪو سندن گهر جي ويجهو هيو. ظهر جي نماز مسجد شريف ۾ باجماعت اداڪري، منجهند جي ماني کائي ڪجهه آرام ڪندا هيا. شام جو وري دواخاني تي ويندا هيا. عصر نماز ڪان پوءِ مسجد ۾ ئي ويهي الله جو ذڪر ڪندا هيا يا فقيرن کي تلقين ڪندا رهندا هيا.

جيڪڏهن ڪا مجبوري هوندي هئي ته پوءِ مسجد شريف کان ٻاهر ايندا هيا نه ته عشاء نماز کانپوءِ گهر ويندا هيا. جلدي سمهڻ جي ڪوشش ڪندا هيا ته جيئن تهجد نماز پڙهي سگهجي.

سندن ڪجھ ڪرامتون:

هڪ نه چار پٽ: محترم گل محمد تنيو کي اولاد ڪونه ٿيندو هيو. دعا لاءِ حضرت مخدوم سعدي موساڻي رحمت الله عليه جي درگاهه شريف ويو. ٽن ڏينهن کانپوءِ کيس مخدوم سعدي موساڻي رحمت الله عليه فرمايو ته توهان کي شرم نه ٿو اچي جو اوهان جي ڳوٺ ۾ هڪ ڪامل اڪمل ولي حافظ محمد صالح صاحب موجود آهي ان کي ڇڏي اوهان مون ڏي آيا آهيو. جيڪڏهن پنهنجي مقصد ۾ ڪاميابي حاصل ڪرڻ چاهين ٿو ته حافظ صاحب وٽ وڃ ۽ دعا ڪراءِ. صبح جو گل محمد پنهنجي گهرواريءَ سان گڏ سائينجن جي خدمت ۾ پيش ٿيو ۽ سموري حقيقت عرض ڪيائون ۽ دعا جي درخواست ڪيائين.پوءِ سندن دعا سان کين چار فرزند ڄاوا جيڪي اڄ به حيات آهن.

عقل ۽ عشق: پاڻ فرمائيندا هيا ته پهريون دفعو جڏهن پير مٺا سائين رحمت الله عليه حڪم ڪيو ته اوهان تبليغ لاءِ مشرقي پاڪستان وڃو. ان وقت منهنجي کيسي ۾ صرف 60 رپيا پيا هئا. عقل چيو ته ڳوٺ وڃ ۽ پئسا ڪپڙا ڪٺي پوءِ سفر جي تياري ڪر پر عشق چيو ته ٿي سگهي ته اهو امتحان هجي موڪلڻ وارو بخوبي آگاهه هوندو ته منهنجي کيسي ۾ ڪيترا پئسا آهن. پوءِ بولان ميل تي لاڙڪاڻي مان چڙهي ڪراچيءَ لاءِ روانو ٿيس. گاڏي داپيجي اسٽيشن تي اسٽاپ ڪيو. ان دوران هڪ مجذوب آيو جنهن جي هٿ ۾ هڪ ڪاغذ هو ۽ چئي رهيو هو ته حافظ محمد صالح غفاري صاحب کي ڪراچي پهچڻ کان پهريائين ڏهه هزار ڏنا وڃن ۽ لکيل ڪاغذ منهنجي طرف ڪيائين ته وٺو. مون کيس جواب ڏنو ته فقير صاحب جيڪو مون کي موڪلي رهيو آهي، اهو منهنجي حال کان واقف آهي. مجذوب ڪلي چيو ته سائين اوهان وٽ 60 رپيا هيا جن مان اوهان ٽڪيٽ ۽ ماني کاڌي آهي. فقط هاڻي اوهان جي کيسي ۾ 52 رپيا آهن. اوهان مشرقي پاڪستان ڪيئن ويندا؟ مان کيس جواب ڏنو ته انشاءالله ضرور ڪو بلو ٿي ويندو. تون ڳڻتي نه ڪر.

مجذوب جي هٿ ۾ هڪ لوهہ جو ٽڪرو هيو (جيئن اڄڪلهہ موبائيل آهي) اهو ڪنن تي رکي ڪجهہ گفتگو ڪرڻ لڳو ۽ پئي هٿ ۾ پيو لوهہ جو ٽڪر ڪٽي ڇوڙ لڳو تہ هي آهي ان ماڻهوءَ جي تصوير اوهان غور سان ڏسو، هن کي سڃاڻو؟ چيائين تہ سائين اوهان جو اعتقاد پنهنجي مرشد ۾ تمام حد درجي جو آهي. اوهان فڪر نہ ڪيو پڇي ويندئو ۽ منهنجا اتي بہ مجذوب دوست آهن انهن کي بہ اطلاع ڪري ڇڏيو آهي ۽ اوهان جي تصوير بہ ڏيکاري ڇڏي آهي. اُهي اوهان سان ضرور ملاقات لاءِ ايندا. انشاءالله اوهان کي ڪابہ تڪليف نہ ٿيندي. ان گاڏي ۾ هڪ ميمڻ سيٺ بہ ويٺو هو جنهن جو نالو محمد عمر هو. اهو سائينجن کي پنهنجي گهر ۾ وٺي آيو ۽ سمورو بندوبست ان مهربان ڪيو.

نيٺ مِينهَن مُنهُن ڦرايو: هڪ دفعي اٺ ڏينهن ۽ رات مسلسل مينهن وسندو رهيو. مينهن ايترو وسيو جو ماڻهن جا گهرَ مالَ ڀڏي ويا. هر ڪو غمگين پي نظر آيو. پوءِ ماڻهو سندن خدمت ۾ آيا، دعا لاءِ عرض ڪيائون. سندن دعا سان مينهن بند ٿي ويو.

حج: پاڻ هڪ حج ادا ڪيائون.

سندن اقوال:

1. پنج وقتي نماز ۽ جمعہ اصل نہ ڇڏيو.
2. فقيرن کي کپي تہ گهٽ ڳالهائڻ، گهٽ کائڻ ۽ گهٽ سمهڻ جي عادت وجهن ڇو جو اها وڏن بزرگن جي سنت آهي.
3. هر حال ۾ سچ ڳالهائڻ کپي ڇو تہ صادقين جو مرتبو سڀنن کان مٿاهون آهي.
4. حلال روزي حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪرڻ گهرجي ۽ هميشہ توڪل تي هلڻ کپي.
5. قرآن مجيد جي تلاوت روزاني ڪئي وڃي ڇو جو اها باعث خير وبرڪت ۽ نجات آهي.
6. هر حال ۾ پنهنجي مرشد ۽ پيران عظام جي ظاهري ۽ باطني پيروي ڪجي.
7. بغض، حسد ۽ ڪيني کان دل کي پاڪ رکجي.
8. مخدوم ٻڄڻ جو خيال بہ دل ۾ نہ آڻجي هميشہ خادم ٿي رهجي.
9. پنهنجو پاڻ کي ٻين کان گهٽ سمجهجي.
10. توبہ استغفار روزانو ڪندو رهجي.

شادي ۽ اولاد: پاڻ هڪ شادي ڪيائون. ڪين هڪ پٽ ۽ هڪ نياڻي ٿي. پٽ ننڍپڻ ۾ ئي وفات ڪري ويو. پنهنجي نياڻي پائڻئي وڏيري بدر الدين جي نڪاح ۾ ڏنائون جنهن مان موجوده سجاده نشين محمد صالح (ثاني) آهي.

سندن مرڪز: جيئن ته پاڻ باقاعده پنهنجو ڪو مرڪز ڪونه مقرر ڪيائون انڪري هر ماڻهو کي ساڻ ڪري درگاهه رحمتپور شريف جي سجاده نشين کان بيعت ڪرائيندا هيا ۽ فرمائيندا هيا ته هڪ مرڪز ڪافي آهي جيڪو درگاهه رحمتپور شريف آهي. اهو ئي سبب آهي جو ڪنهن کي به خلافت ڪونه ڏنائون.

سندن وصال پُر ملال: عصر نماز پڙهڻ لاءِ مسجد شريف ويا. نماز پڙهائڻ ڪانپوءِ مسجد جي محراب ۾ خاموش ٿي قبلہ طرف منهن ڪري ويهي رهيا. جماعت سمجهيو ته سائين جن ذڪر ڪري رهيا آهن. مغرب جي اذان جو ٽائيم ٿيو. پاڻ اٿڻ جي ڪوشش ڪيائون پر اٿي نه سگهيا ۽ ٿوري وقت ڪانپوءِ وڃي خالق حقيقيءَ سان مليا.

سندن وصال 16 ربيع الآخر 1404هه بمطابق 31 جنوري 1983ع ۾ ٿيو.

سجاده نشين: فقير محمد صالح (ثاني) آهي. سندن بيعت حضرت خواجہ عبدالغفار (ثاني) سان آهي. سندن تعليم انٽر آهي. سندن شخصيت هر دلعزيز آهي. هن وقت سندن عمر 19 سال آهي پاڻ خليفه حافظ محمد صالح "حال وارن" امڙ جي طرفان ڏهٽا ٿين ٿا ۽ والد جي طرف کان پوٽا ٿين ٿا. سندن نالو به خليفه صاحب جي نسبت سان آهي. پاڻ جماعت جي سارسنڀال ۽ درگاهه شريف جي مسجد جي امامت به ڪندا آهن ۽ دين جي تبليغ ۽ سلسلہ عاليہ جي ترويج ۾ مصروف عمل آهن. وڏيري بدرالدين جي سربراهي ۾ سندن مزار مبارڪ ڳوٺ لونگ ٽنيو تعلقو ميهڙ ضلعي دادو تي هر مهيني جي هر جمعي تي جماعت گڏ ٿيندي آهي.

عرس مبارڪ: هر سال 16 ربيع الثاني جي ڏينهن ۽ 17 جي رات ڳوٺ لونگ ٽنيو ۾ سندن عرس مبارڪ ملهايو ويندو آهي. جلسي جي خاص صدارت حضرت محمد عبدالغفار (پير مٺا ثاني) مد ظلہ العالي ڪرڻ فرمائيندا آهن. ان کان علاوه پيا به عالم سڳورا ۽ نعت خوان عرس مبارڪ ۾ شرڪت ڪندا آهن.

51 هون خليفو:

حضرت علامہ مولانا مفتي

خليفہ محمد مهيسر

پپري وارا

ناصرُ السُّنة ، قامع البدعة، قاضي ابن قاضي ، مفتي ابن مفتي، علامة محمد مهيسر مدظلہ سندن والد حضرت مفتي الله بخش مهيسر رحمت الله عليہ وقت جا مجيل عالم با عمل ۽ نيڪ انسان هيا. هڪ ڀيري پير مٺا سائين ﷫ پنهنجي ڪتنب سميت مولوي صاحب وٽ آيا. پاڻ ڳوٺ جي قبرستان ۾ تشريف فرما ٿيا. سڄي قبرستان ۾ هلندا رهيا. پوءِ پاڻ هڪ قبر مبارڪ جي پير ۾ اچي ويٺا. گهڙي ڪن مراقبو ڪيائون. دعا گهري فرمايائون تہ هن قبر واري جو اهو شان آهي جو هن جي صدقي جيڪو بہ هن قبرستان ۾ دفن ٿيندو اهو بخشجي ويندو. اها قبر حضرت مفتي الله بخش مهيسر ﷫ جي هئي.

حضرت خليفہ محمد مهيسر جي ولادت ڳوٺ پپري تعلقو ميهڙ ضلع دادو 1914ع ۾ ٿي. سندن ننڍپڻ ساڳئي ڳوٺ ۾ گذريو. پاڻ "**نالي منو**" جي لقب سان مشهور آهن. سنڌي فائنل پنهنجي ڳوٺ ۾ حاصل ڪيائون. ديني تعليم مفتي عبدالڪريم مگسي وٽ مدرسہ صوبو خان مگسي ۾ حاصل ڪيائون.

درس و تدريس : پاڻ ڳوٺ پپري ۾ هڪ مدرسي "مدرسہ محمديہ عربيہ دارالعلوم" جو بنياد رکيائون جنهن ۾ ڳوٺ جا طالب ۽ پري پري کان آيل مسافر ديني تعليم حاصل ڪندا هيا. اهي دين جا عالم ۽ حافظ ٿيا.

سندن شاگرد: مولوي محمد قاسم بروهي، مفتي عبدالخالق حسيني خضدار بلوچستان، حافظ مولوي احمد زين مگسي ميهڙ، حافظ نثار احمد ڏهر ميهڙ، مولوي فهيم احمد مهيسر ڪرمي ميهڙ، مولوي علي حسن پنهور حسيني ميهڙ.

تصنيفات: فقہ جي متعلق ڪافي ڪتاب لکيا اٿن جيڪي قلمي آهن. سندن ڪيتريون ئي قلمي فتوائون موجود آهن. اڄ ڏينهن تائين بہ سندن فتويٰ پوري ملڪ ۾ مشهور آهي. هن وقت تائين بہ ڪورٽن جا جج ۽ وڏيرا سندن فتويٰ وٺي پوءِ فيصلا ڪندا آهن.

فقہ جو آبو: مفتي ڪريم بخش مگسي صاحب سندن فرزند احمد زين کي فرمايو تہ ڇچا هن وقت فقہ جو ابو آهي تہ مفتي محمد پيپري وارو آهي. مفتي ڪريم بخش مگسي صاحب جامع مسجد اڪبري ۾ فقہ جو دورو ڪرايو جنهن ۾ پوري سنڌ کان عالم آيا هيا. انهن کي درس ڏيڻ لاءِ پاڻ مفتي محمد مهيسر پيپري وارن کي گهرايائون ۽ پورو رمضان شريف فقہ متعلق درس ڏنائون. هن وقت تائين بہ مشائخ عظام ۽ مفتي حضرات وراثت جي متعلق فتوائون کانئن وٺندا آهن.

پير غفاري سان بيعت: پير مٺا سائينجن جي فيض جو ٻڌي درگاهہ رحمتپور شريف پهتا ۽ ساڻن بيعت ڪيائون پوءِ يارهين شريف تي هر مهيني درگاهہ رحمتپور شريف ويندا هيا. هن وقت پيرانہ سالي جي باوجود بہ پاڻ اڪثر درس و تدريس ۽ فتويٰ نويسي ۾ مشغول رهندا آهن.

سهڻي سيرت: سندن صورت سهڻي آهي. پاڻ اعليٰ اخلاق جا مالڪ آهن . فقيرن، طالبن ۽ غريبن مسڪينن سان تمام گهڻي محبت ڪندا آهن.

شادي ۽ اولاد: پاڻ هڪ شادي ڪيائون. کين بہ پٽ ۽ ست نياڻيون ٿيون.

1. ڊاڪٽر حبيب الرحمٰن مهيسر ميهڙ 2. استاد عزيز الرحمٰن ميهڙ.

حج بيت الله: پاڻ هڪ حج ادا ڪيائون.

هر مهيني جي يارهين تاريخ تي مرشدن جو ڏهاڙو پنهنجي گهر ۾ ملهائيندا آهن.

52 هون خليفو:

حضرت خليفہ
مولانا دُر محمد چانڊيو

الله جو ذاڪر، نعتمن تي شاڪر، ڏکن تي صابر، تهجد گذار ۽ شب بيدار حضرت خليفہ دُر محمد ولد قاضي جان محمد چانڊيو 1913ع ۾ ڳوٺ ڪنب لڳ منگواڻي تعلقہ ميهڙ دادو ۾ ڄاوا. ديني تعليم عربي ۽ فارسي ڳوٺ سيوو چانڊيو لڳ خيرپور ناٿن شاهہ ۾ مولانا مولوي عبدالحليم چانڊيو کان حاصل ڪيائون جيڪو مولانا تاج محمود امروٽي جو مريد هيو.

سندن طالب علمي جا دلچسپ واقعا: پاڻ فرمايائون: هڪ ڏينهن منهنجو استاد پنهنجي مرشد جي زيارت لاءِ پئي ويو تہ مون کي بہ ساڻ وٺي ويو. مون استاد صاحب کي عرض ڪيو تہ "بزرگ کي عرض ڪيو تہ مون کي بيعت ڪري." استاد چيو تہ تون پاڻ عرض ڪر. آخر مان بزرگ جي سامهون عرض ڪرڻ لاءِ ويٺس مگر هيبت سبب ڪجهہ چئي نہ سگهيس. پوءِ بزرگ پنهنجو رومال مون کي ڏئي چيو تہ "ادا طالب هن رومال کي نار تي ڌوئي اچ." مون نار کي هلائي پاڻي ڪڍيو تہ بزرگ صاحب اتي پهچي ويو. چيائين ڇوڪرا رومال مونکي موٽائي ڏي. مون چيو سائين اجان ڌوتو ئي نہ آهي. چيائين بس موٽائي ڏي. اهو مقصد نہ آهي بلڪہ تون اجان پير وٺڻ جي ڪوشش نہ ڪر. اجان وڃي پڙهہ پوءِ هي بيت پڙهيائين: *چوں شمع از پئے علم باید گداخت   کہ بے علم نتواں خدا را شناخت*

علم جي حصول خاطر شمع وانگر پاڻُ ڳاري ڇڏجي. ڇو جو علم بنا الله جي معرفت ملي نہ ٿي سگهي. پوءِ چيائين پٽ تنهنجو پاڳو رهيل آهي توکي پاڻهين ڪامل مرشد ملندو.

عشق مجازي ۽ عشق حقيقي؟ طالب علمي جو ٻيو واقعو هن طرح بيان ڪيائين تہ جڏهن استاد وٽ مولانا جامي جو ڪتاب زليخا پڙهي رهيو هيس ۽ جڏهن هن بيت تي پهتاسين:

متاب از عشق رو گرچہ مجازی کہ آن بہر حقیقت کارسازی

استاد کان پڇيم تہ عشق مجازي مان مراد ڇا آهي؟ استاد چيو مجازي عشق مان مراد مرشد جو عشق آهي. پوءِ نبي ڪريم ﷺ جو عشق آهي پوءِ حقيقي عشق الله تعاليٰ جو نصيب ٿيندو آهي. مون عرض ڪيو استاد صاحب! عشق هڪ اتفاقي ۽ بي اختياري شيءِ آهي جو ڪنهن حُسن واري شيءِ تي ٿي ويندو آهي. ماڻهو پاڻ زور ڏئي ڪنهن تي عاشق ٿي نہ ٿو سگهجي. اڄ ڪلهہ استاد يا مرشد سادن ڪپڙن ۾ ڪراڙپ ڏي مائل انهن سان ڪيئن عشق ٿي پوندو! استاد فرمايو ڪتاب ڪٺي ڳوٺ پوڙن لاڪيرن ۾ حضرت ميان محمود صاحب وٽ وڃ ۽ ان کان وڃي تشريح پڇ. پوءِ آءٌ ڪتاب زليخا ڪٺي بزرگ وٽ پيش ٿيس. ان بيت جو شرح پڇيم تہ بزرگ صاحب بہ اها ئي تشريح ڪئي اول فنا في الشيخ پوءِ فنا في الرسول پوءِ فنا في الله جو مقام آهي. عرض ڪيم تہ سائين شيخ ناس نڪ ۾ ڏئي ٿو ميرا لتا ڪري ٿو ان تي ڪهڙو عشق ٿيندو؟ حضرت ميان محمود ڪاوڙ ۾ سرخ ٿي ويا ۽ مون کي چماٽ وهائي ڪڍيائون ۽ فرمايائون تہ توکي ڏڳهن وارن وارين، ڀُورين عورتن سان عشق ڪرڻ جي اجازت وٺي آهي. خبردار! جيڪو اهو عشق ڪندو تہ ان جي اکين ۾ تتل سيهو وڌو ويندو. آءٌ ڏڪارو ٿي موٽي آيس ۽ پڙهڻ ڇڏي ڏنم. ٻن ٽن راتين کان بعد استاد ڪريم جو خواب ۾ سڌ ٿيو تہ در محمد اچ هاڻي محبوب جو ديدار ڪر. پوءِ هڪ اهڙو تہ حُسن جو جلوو نظر آيو جو دل مسرور ۽ مشتاق ٿي پئي. صبح جو استاد وٽ ويس. فرمايائين هاڻي پلا مغز نيڪ اٿئي؟ پڙهہ . پوءِ پڙهڻ ۾ لڳي ويس. ايستائين وٽن پڙهندو رهيس جيستائين استاد صاحب رحلت ڪري ويا.

فرمايائون: پڙهڻ بعد منهنجو جواني جو عروج هيو. نوابن ۽ سردارن جي اوطاقن ۾ آمد رفت ٿي ۽ دنياوي ماحول ۾ اچي ويس. مزيد حصولِ علم جي تڪميل ٿي نہ سگهي.

پير مٺا سائين جي حضور ۾ : فرمايائون : منهنجو والد صاحب قاضي جان محمد لاڙڪاڻي ۾ هڪ نواب صاحب جي بنگلي ۾ رهيل هيو. هڪ ڏينهن فجر نماز جي وقت ڏکڻ طرف کان ريلوي لائن سان اچي رهيو هيو تہ فقيرن جون ذڪر جون ضربون ٻڌايائين ۽ ڪڪائين مسجد بہ نظر آيس. بابا سائين کي اها هڪ انوکي ڳالهہ لڳي.

دل ۾ ڪشش پيدا ٿين تہ ان جماعت سان وچي گڏجي نماز پڙهان. پاڻ جيئن مسجد ۾ پهتو تہ ان وقت قطبِ عالم حضرت پير مٺا سائين پاڻ نماز پڙهائي رهيا هيا. نماز کان پوءِ مراقبو ٿيو ۽ ڪجهہ نصيحت بہ فرمايائون. بابا سائين نهايت متاثر ٿيا ۽ سندن بيعت ڪيائون. پوءِ ذڪر فڪر ۾ مست ٿي ويا. ڳوٺ اچي منهنجي چاچي خان محمد ۽ مون کي تيار ڪيائون تہ هلو تہ هڪ ڪامل ولي الله جو ديدار ڪري اچون. پوءِ جڏهن رحمتپور شريف روانا ٿياسين تہ ڳوٺ جي ماڻهن ڏاڍي مخالفت ڪئي ۽ وڃڻ کان روڪيائون. پر اسان ڪنهن جي پرواهہ ڪو نہ ڪئي. جڏهن درگاهہ رحمتپور شريف پهتاسين تہ سبحان الله حضرت جن جي نوراني صورت ڏسي دل ٺري پئي . ننگر جو پٽڙو پيت ڪاڏم تہ جسماني بيماري بہ ختم ٿي وئي.

خلافت: مولانا در محمد جيئن پير مٺا سائين سان بيعت ٿيا تہ سندن دل جي دنيا بدلجي وئي. اندر ۾ ذڪر الاهي جاري ٿي ويو. سندن محبتن ۽ سچي عقيدت ڪي ڏسندي پير سائين جن کين خلافت بہ عنايت ڪئي.

تبليغ: پاڻ تمام پُر تاثير تقرير ڪندا هيا. سندن لفظ ماڻهن جي دلين کي موهي وجهندا هيا. ڪاڇي جا ۽ لاڙ پار جا هزارين ماڻهو سندن تبليغ سان جماعت غفاريہ ۾ داخل ٿيا. اڪثر ڪري حاجي محمد بخشل سوڍر صاحب سان دعوتن تي ويندا هيا ۽ پنهنجي مرشد جي محبت ۾ شعر چوندا هيا.

تقرير جي تاثير: هڪ ڀيري درياء پار ڪنهن شهر ۾ پير مٺا سائين کي دعوت هئي. شهر جو چڱو مڙس صوبيدار صاحب هيو. اهو هٿيار ڪٽي جامع مسجد ۾ آيو تہ هتي پير صاحب کي جلسو ڪرڻ نہ ڏينداسين. ويچاري دعوتي غريب روئي حضرت جن کي عرض ڪيو تہ سائين زميندار زور وارو آهي، اوهان جلسو نہ ڪيو. سائينجن فرمايو توهان ڳوٺ کان ٻاهر قبرستان جي ڀرسان ميدان تي ڪک وڇائي رات جو جلسو شروع ڪيو. آخر رات جو ان ميدان تي چند فقيرن سان جلسو شروع ڪيو ويو. سائينجن حڪم فرمايو تہ مولوي خليفہ در محمد وعظ ڪري. خليفہ صاحب ڪربلا جو بيان شروع ڪيو. زميندار کي يزيد جي صورت ۾ ۽ پير مٺا سائين کي امام حسين جي صورت ۾ پيش ڪيائين.

زميندار بہ هٿيار بند وٽي اچي پاهران بيٺو. سندن لفظن ۾ ايڏو تہ اثر هيو جو قبرن مان بہ الله الله جو آواز اچڻ لڳو. جيڪو حاضرين خود ٻڌو. پوري محفل وارا دانهُن ۽ روئڻ ۾ بي حال ٿي ويا. پوءِ تہ زميندار ۽ ان جا حمايتي جذبي ۾ ۽ دانهن ۾ شروع ٿي ويا. هٿيار هٿن مان هيٺ ڪِري پين. پٽڪا لهي پين ڦٿڪن پيا. سڄي مجلس ۾ وجداني ڪيفيت ٿي وئي. نيٺ پير مٺا سائين پاڻي جو گلاس خليفہ صاحب کي پياري وعظ ختم ڪرايو. فجر جي نماز تي زميندار سميت سارو ڳوٺ بيعت ڪري نيڪ صالح بنجي ويا.

مرشد جي خانوادي سان محبت: ڪين جيئن پنهنجي مرشد سان محبت هئي تيئن مرشد جي گهراڻي سان بہ والهانہ محبت رکندا هئا. پڇاڙي تائين پنهنجي مرشد جي محبت ۾ رڱيل رهيا. پير سائين جن جي رحلت کان پوءِ سندن فرزند ارجمند خواجہ خليل الرحمٰن سان بيعتِ ثانيہ ڪيائون. اختلافن واري دؤر ۾ پورو سال پير جي پاڙي ۾ رحمتپور ۾ رهي پيا. مرشد جي ٻچڙي سان هر ڏک ۾ حامي ۽ مددگار رهيا.

سندن قيمتي قول: پاڻ فرمائيندا هيا تہ مرشد پنهنجن مريدن ڏي پنهنجي قلب کان هڪ روشني انهن جي قلب تي ستيندو آهي پوءِ ڪيترا بي عقل سمجهندا آهن تہ بس هاڻي اسان ڪامل ٿي ويا آهيون پر اهو ڪمال تہ مرشد جو هوندو آهي. پر جڏهن خليفي يا مريد کي مستقل پنهنجو پاڻ اهڙو نور پيدا ٿئي جو جنهن جي بہ قلب تي ستي تہ ان کي منور ڪري ڇڏي تہ پوءِ اهو مسند ۽ شيخي جي لائق آهي ورنہ تہ رڳو پيري ۽ شيخي جو ڍونگ آهي. حقيقي پير اهو آهي جو قرآن شريف جو نور حاصل ڪري ۽ اهو نور قرآن جو ماڻهن جي دل تي ستي جيڪو ٻڌڻ سان ماڻهو قرآن جا عامل بنجي وڃن.

ڏيک ويک کان پري: پاڻ شهرت ۽ خود نمائي کان سخت بيزار هيا. شيخي پيري کان پري رهندا هيا. جيڪو بہ سندن تقرير کان متاثر ٿيندو هيو تہ ان کي پنهنجي بيعت نہ ڪرائيندا هيا بلڪہ ان کي وٽي پنهنجي مرشد سان بيعت ڪرائيندا هيا.

وصال پُر ملال: پاڻ 83 سالن جي عمر ۾ رجب شريف جي 2 تاريخ 1416ھ ۾ 1995ع ۾ هن فاني دنيا کي الوداع چئي دار البقا جا راهي ٿيا.

انا لله وانا اليه راجعون

سجاده نشين

حضرت علامہ مولانا مفتي
عبد الحليم غفاري

حضرت مولانا خليفہ درمحمد ڪُنبائي رحمة الله عليه جا علمي ۽ روحاني وارث سندن فرزند ارجمند حضرت مولانا مفتي عبد الحليم چانديہ مدظلہ العالي آهن. جيڪي نيڪ صورت ۽ نيڪ سيرت عالم باعمل آهن. جيڪي هن وقت دربار رحمت پور شريف ۾ جي مدرسي جا مُدرس آهن. پاڻ موجوده سجاده نشين حضرت پير مٺا سائين ثاني زيد مجده جا استاد آهن.

سندن ولادت آگسٽ 1948ع ۾ ڳوٺ ڪمب لڳ منگواڻي تعلقو ميهڙ ضلعي دادو ۾ ٿي. سندن نناڍپڻ ساڳئي ڳوٺ ۾ گذريو ابتدائي تعليم قرآن مجيد قاري احمد حسيني ۽ قاري محمد غفاري وٽ پڙهيا. فارسي پنهنجي والد گرامي وٽ پڙهيا درسِ نظامي جي تڪميل حضرت علامہ مفتي عبدالحي رهڙوي وٽ ڪيائون. جن جو مدرسو احياء العلوم غوثيہ ٽرڙي محبت تعلقي ميهڙ ۾ هيو. اهي پنهنجي والد مخدوم محمد عثمان رحمة الله عليه جا شاگرد هيا. اهي پنهنجي والد مخدوم محمد صالح جا اهڙي طرح اهو سلسلو حضور عليہ الصلواة والسلام تائين پهچي ٿو.

تدريس جو شغف: پاڻ تحصيلِ علوم بعد تدريس جو شغل اختيار ڪيو اٿن ۽ ايڪيتاليهہ سالن کان درس و تدريس ۾ مصروف آهن. ويهہ سال ڳاهي مهيسر ميهڙ جي مدرسي ۾ هڪ سال ڀُٽ سرائي درگاهہ پير پنهل تي پڙهاياڻون. ويهن سالن کان درگاهہ عاليہ رحمتپور شريف لاڙڪاڻي جي مدرسي ۾ پڙهائي رهيا آهن.

فتويٰ نويسي : فتويٰ نويسي ۾ پاڻ وڏي مهارت رکن ٿا. دربار تي جيڪي شرعي مسئلا ايندا آهن پاڻ انهن جي باري ۾ علمي ۽ تحقيقي تحريرون لکندا آهن. هن وقت تائين مختلف موضوعن تي تقريبًا ٻہ سو فتوائون جاري ڪري چڪا آهن. ڪافي اهڙيون فتوائون ٻہ وٽن آيون آهن جن جي پاڻ تصحيح ڪئي اٿن.

تصانيف: پاڻ ڪجھ ڪتاب بہ تصنيف ڪيا اٿن. جن مان هڪ ڪتاب ڪرامات غفاري شايع ٿي چڪو آهي. باقي قلمي صورت ۾ آهن جن جي اجا اشاعت نہ ٿي سگھي آهي. انهن ۾:1. فتويٰ اسحاقيہ 2. آيات بينات في ترديد رافضي شبهات.3عورت جي پاڪائي.

سندن شاگرد:

1. حضرت خواجہ عبدالغفار پير مٺا سائين ثاني.

2. مفتي عبدالنبي لانگاه.
3. مفتي انور حسيني ميروخان.
4. مفتي فيض ٽانڙي .
5. سيد حسن شاھ لاڙڪاڻو .
6. سيد فاروق احمد شاہ راشدي.
7. مولانا الله رکيو چانڊيو .
8. مولانا رفيق احمد چانڊيو دادو.
9. مولوي عبدالحميد گاهي مهيسر.

سيرت حليمي: جيئن سندن نالو عبد الحليم آهي تيئن سندن مزاج ۾ رب ڪريم حلم ۽ بردباري جا مڻ رکايا آهن. پاڻ شفيق، مهربان ۽ ساده مزاج انسان آهن. صورت جا سهڻا ۽ با اخلاق شخصيت جا مالڪ آهن ۽ هر وقت درس تدريس جي ڪم ۾ مشغول رهندا آهن. درگاھ رحمتپور شريف جي جامع مسجد ۾ هر صبح جو قرآن مجيد جو درس بہ ڏيندا آهن ۽ دربار تي اڪثر پاڻ نماز جماعت سان پڙهائيندا آهن. پاڻ هڪ عمرو 2008ع ۾ رجب شريف ۾ ادا ڪيو اٿن. پاڻ شاعري بہ ڪئي اٿن. پاڻ هڪ شادي ڪئي اٿن جنهن مان ڪين ٿي پٽ ۽ ڇھ نياڻيون ٿيون آهن. سندن اولاد ۾ مولوي عبدالحميد ميهڙ.

2. عبدالوحيد ميهڙ 3. جميل احمد ميهڙ.

53 هون خليفو:

حضرت خليفہ
عبدالسلام چانڊيو
رحمۃ اللہ علیہ

صاحبِ عبادت و رياضت، صاحبِ فيض و سخاوت حضرت خليفہ عبد السلام رحمۃ اللہ علیہ جي ولادت باسعادت سن 1921ع ڳوٺ سم ڪاڇو تعلقہ خيرپور ناٿن شاھ ضلعي دادو ۾ سومر جي رات ٿي، انڪري ڪين ”سومر فقير“ جي نالي سان سڏيندا هئا. پوءِ جڏهن حضرت محبوب الاهي جي معيت ۾ پير مٺا سائين رحمۃ اللہ علیہ سان دست بيعت ٿيا تہ سائين جن سندن نالو بدلائي عبد السلام رکيو.

تعليم: فائنل ست درجا پڙهيا ۽ ناظره حضرت سيد چٽل شاھ واري مدرسي ۾ پڙهيا.

بيعت: پهريائين حضرت ميان محمود پوڙن لاڪيرن وارن سان بيعت ڪيائون. سندن وصال بعد غفاري سلسلي ۾ شامل ٿيا ۽ پير مٺا سائين ڪين خلافت عطا ڪئي. پير مٺا سائين جي وصال بعد حضرت سهڻا سائين جي صحبت ۾ رهيا انهن جي وصال بعد زندگي جي آخري لمحن تائين حضرت سڄڻ سائين جي حلقہِ ارادت ۾ رهيا.

تبليغ: پنهنجي ڳوٺ سم شريف ڪان وٺي ڪاڇي جي هر ڳوٺ ۾ پاڻ تبليغ جو سلسلو جاري رکيائون. سندن تبليغ ۽ نصيحتن سان سوين ماڻهو ديندار بڻجي ويا. هر اسلامي مهيني جو آخري جمعو پنهنجي ڳوٺ ۾ ملهائيندا هيا. جتي پوري ڪاڇي ڪان ۽ ساڪر ۽ ڀاڙي علائقن ڪان گهڻا ماڻهو سندن خدمت ۾ اچي مستفيد ٿيندا هئا.

وصال: سندن وصال 1994-8-07 بمطابق 27 صفر تي ٿيو.

سجاده نشين: پاڻ ڪثير الاولاد هيا. هن وقت سندن فرزند گرامي مولوي عبد الستار سندن جانشين آهي. جنهن کي حضرت سڄڻ سائين مدظلہ ڪان خلافت مليل آهي.

54 هون خليفو:

حضرت خليفه
مشتاق احمد جمالي

صاحبِ فراستِ مؤمنانه صاحبِ ڪلامِ عارفانه حضرت خليفه مشتاق احمد ولد جان محمد جمالي صاحب جو اصل نالو **جيوڻ خان** هيو پوءِ پير مٺا سائين سندن نالو **مشتاق احمد** رکيو ۽ سندن گهرواري جو نالو سگهڙ مان بدلائي حليمه رکيو. حضرت خواجه خليل الرحمن قدس سره سندن فرزند جو نالو عزيز الله مان ڦيرائي محمد معشوق رکيو. پاڻ 1915ع ۾ ڳوٺ ميان جي ڪنڊي ڪاڇو تعلقو جوهي، ضلع دادو ۾ تولد ٿيا. سندن ننڍپڻ به ساڳئي ڳوٺ ۾ گذريو. قرآن شريف پنهنجي ڳوٺ ۾ پڙهيا. پرائمري تعليم پنج درجا بهاولپور لڳ مخدوم بلاول دادو ۾ پڙهيا. پنهنجي ناني مولوي واحد بخش جمالي سان گڏجي درگاهه دينپور شريف ۾ پير مٺا سائين سان بيعت ڪيائون. سندن محبتن ۽ محنتن ڪي پرکيندي مرشدن کين خلافت ڏئي ڪاڇو ۽ دادو جي مختلف علائقن ۾ تبليغ ڪرڻ جو حڪم فرمايو. دادو جي ڪيترن ئي ڳوٺن ۽ ڪاڇي جي ويران علائقن ۾ غفاري فيض سان ماڻهن جون دليون رنگي ڇڏيائون. پاڻ پنهنجي علائقي جي ڳوٺ فقير محمد جمالي جي جامع مسجد ۾ امامت ۽ درس و تدريس به ڪندا هيا. پاڻ وقت جا بهترين حڪيم به هيا. حڪمت جا نسخا خليفه الله بچايو لغاري جهول واري کان حاصل ڪيائون. 2001ع ۾ ڪجهه سببن ڪري ميان جي ڪنڊي جي علائقي کان هجرت ڪري نيو ڪراچي خميسو ڳوٺ ۾ سڪونت اختيار ڪيائون. پاڻ هڪ شادي ڪيائون جنهن مان کين به پٽ ۽ چار نياڻيون ٿيون. 1. فقير حاجي محمد معشوق جمالي 2. عبداللطيف جمالي. 13 صفر 1429هجري مطابق 2008ع ۾ ڪراچي ۾ سندن لاڏاڻو ٿيو. سندن مزار مبارڪ خميسو ڳوٺ ڪراچي جي قبرستان ۾ آهي.

55 هون خليفو: سراج السالكين تذكرة خليفة نصير الدين

حضرت خليفه
مولانا قاضي نصير الدين
قريشي الهاشمي

فيض غفاري جو روشن ستارو، مجاهدي ۽ مشاهدي وارو، سالڪن جو رهنما، طالبن جو مقتدا حضرت قاضي نصير الدين بن حضرت مولانا عبدالڪريم قريشي بن احمد علي رحمة الله عليه سندس لقب "**قاضي**" هيو. پاڻ اندازاً 1930ع ۾ ڳوٺ ٽڳا لڳ پيارو ڳوٺ اسٽيشن ضلع دادو ۾ تولد ٿيو.

تعليم: سنڌي فائينل دادو ۾ پاس ڪيائون. پوءِ ٽريننگ ٽيچنگ ڪورس ضيائي ڪاليج ۾ ڪيائون. ديني ۽ روحاني تعليم حضرت پير مٺا سائين وٽ حاصل ڪيائون. تقريباً پنجويھ سال سنڌي استاد رهيا.

بيعت: پاڻ لاڙ ۾ استاد رهيا. هڪ ڀيري ڳوٺ ٽڳا ۾ خليفه سيد امير الدين شاھ تبليغ لاءِ آيا. ذڪر جي دعوت ڏنائون. پاڻ ان ڪان ذڪر پڇيائون. پوءِ خواب ۾ ڪين حضرت پير مٺا سائين جو ديدار ٿيو. ڪين فرمايائون تہ اوهان جو حصو اسان وٽ آهي، اسان وٽ اچو. پوءِ پاڻ دينپور شريف پهچي پير مٺا سائين سان بيعت ڪيائون. پوءِ ڪين خلافت بہ عنايت ٿي.

بيعتِ ثانيہ: حضرت پير مٺا سائين رحمت الله عليہ جي وصال بعد حضرت سهڻا سائين رحمت الله عليہ سان بيعت ڪيائون.

بيعت ثالثہ: حضرت سهڻا سائين جي وصال بعد پاڻ حضرت سجڻ سائين سان بيعت ڪيائون.

استقامت: مٿن وڏا آزمائشن جا مرحلا آيا. پرهر موڙ تي پاڻ استقامت جا پيڪر رهيا. مرشد سان سخت محبت هوندي هين. سهڻا سائين فرمائيندا هئا تہ استقامت قاضي صاحب ڪان سکو. هن مٿان ڪيئي ڏکيا مرحلا آيا مگر پير سان محبت ۾ قوي رهيو آهي.

حليو : پاڻ قداور ۽ سهڻي صورت وارا هيا. صحتمند جسم، چهري تي نورانيت ۽ مسڪراهٽ، نڪ ڏگهو ۽ خوبصورت، چهرو حسين وجميل هين. ڪڏهن ڪڏهن خوشطبعي به ڪندا هيا.

تبليغي ايريا : بگ پرڙا ٽڳا، خيرپور ناٿن شاهه جو علائقو ڪين تبليغي ايريا طور مليل هيو.

شاديون ۽ اولاد : پاڻ تي شاديون ڪيائون ۽ ڪين جملھ تيرهن اولاد ٿيو.

پهرئين شادي : حضرت علامه مولانا جان محمد قريشي الهاشمي ولد احمد علي قريشي (سيوهڻ شريف وارن) جي نياڻي راحيله بيبي سان ڪيائون. جيڪا سندن سڀني سؤٽ هئي. ان مان ڪين جيڪو اولاد ٿيو :

1. شمس الدين : پرائمري استاد رٽائرڊ آهن. پيارو ڳوٺ ۾ رهن ٿا.
2. قمر الدين (قمر الهاشمي) : پاڪستان هائوس مدينه منوره جا انچارج آهن.
3. روشن الدين : اسٽيٽ لائف انشورنس مان رٽائرڊ ٿيا. هاڻي قاسم آباد حيدرآباد ۾ رهن ٿا.
4. شمشاد بيبي 5. شهناز بيبي 6. ارشاد بيبي.

ٻين شادي : سڪينه بيبي سان ڪيائون. ان مان ڪين :

7. شبير احمد : ايڪسائيز ڪسٽم ڪراچي ۾ آفيسر آهي. 8. ڪلثوم بيبي.

ٽين شادي : محمد بخش قريشي رحماني نگر سيتا روڊ واري وٽان ڪيائون جيڪا سندن سؤٽ جي نياڻي هئي. انمان ڪين : 9. عبدالڪريم : ڪراچي ۾ انڊسٽري ۾ ملازم آهي. 10. نديم : ڪراچي ۾ رهن ٿا. انهيءَ بيبي صاحبه مان ڪين ٽي نياڻيون ٿيون.

تعليمات هاشمي : پاڻ بهترين مقرر ۽ سرگرم مبلغ هئا. مالڪ ڪريم ڪين منڊڙي آواز جي دولت سان نوازيو هيو. جڏهن بيان ڪندا هئا ته ماڻهن جي اکين جا نار جاري ٿي پوندا هئا. بيدين ماڻهو ديندار ٿي پوندا هئا. اڪثر هي شعر پڙهندا هيا:

پنهل يار جيءَ جيار اکين ٺار محمد، ڏاتار لڳ ڏيکار ڪو ديدار محمد.

اي عزيزو لاش منهنجو دير سان نيئي پورجو، عربي ايندو واهر ٿيندو ڪانڌي اچي ڪمزور جو.

ير پنجهوءَ ويهي ڪهڙيون ڪندين ڳالهڙيون، چاچي ماچي مٽيا ور ونيءَ ڏيئي،

خبر نه پئي ته ڏاج ڏنائون ڪيترو.

وصال : سندن وصال 17 رمضان 1404هجري بمطابق 16 جون 1984ع ۾ ٿيو.

سجاده نشين

حضرت مولانا قمر الدين
قمر الهاشمي

برڪتن جو بحر، عنايتن جو ڪڪر الحاج قمر الدين الهاشمي “قمر” صورت ۾ سھڻو، اخلاق ۾ اعليٰ، هر دل عزيز آهي. رب ڪريم منجهس ميناج جا مڻ رکايا آهن.

سندن ولادت پنجين مارچ 1952ع ٽڳا ڳوٺ ۾ ٿي.

تعليم: ايم. اي عربي اسلامڪ اسٽڊيز سنڌ يونيورسٽي مان ڪيائون.

يورپ ۾ غفاري فيض: 1998ع ۾ ڪين حضرت سچڻ سائين کان خلافت ملي. ڪراچي ٽول پلازه واري مرڪز ۾ ڪين اسباق عنايت ڪيائون ۽ يورپ ۾ تبليغ لاءِ منتخب ڪيائون. هن وقت تائين الحمد لله سترهن گورا سندن هٿ تي مسلمان ٿيا آهن. پيپلز پارٽي سان ڪين والهانہ انس ۽ الفت آهي. پي پي جي هر دور ۾ ڪين مراعات سان نوازيو ويندو آهي. هن وقت بہ ڪين لنڊن مان بطورِ خاص گهرائي، مدينہ منوره ۾ وائس ڪائونسل انچارج پاڪستان هائوس مدينہ منوره بڻايو ويو آهي.

سيرت هاشمي: پاڻ نهايت بي تڪلف خوش طبع، خوش مزاج ۽ خوش طبع آهن. پاڻ ڏکهي گفتار وارا آهن ۽ سندن گفتار معلومات سان ڀرپور هوندي آهي. مهمان نوازي ۾ پنهنجو مٽ پاڻ آهن. بقول سندن حضرت سهڻا سائين رحمة الله عليه جي عرس مبارڪ ۾ خصوصي خطاب سندن هوندو آهي. سندن شمار سچڻ سائين زيد مجده جي قابلِ اعتماد ۽ قرب وارن خليفن ۾ ٿئي ٿو. نعتِ رسول ﷺ سندن روحاني غذا آهي. مدينہ منوره ۾ اڪثر محفل نعت ڪرائيندا آهن، جنهن ۾ پاڪستان جا ناميارا نعت خوان مدعو ڪندا آهن.

شاديون ۽ اولاد: پاڻ ٽي شاديون ڪيون اٿن. جن مان سندن اولاد هي آهي:

1. ذوالفقار علي 2. حسيب 3. صبيب 4. علي عمر هاشمي 5. محمد نبيل هاشمي.

6. ماريہ هاشمي 7. حنا هاشمي 8. حِرا هاشمي 9. منيٰ هاشمي 10. رباب هاشمي.

سندن مهمان نوازي: پاڻ حد درجي جا مهمان نواز آهن. رجب 1431 هه ۾ جڏهن هن فقير جي مديني منوره حاضري ٿي ته سندن والد ڪريم حضرت خليفه نصير الدين هاشمي رحمة الله عليه جي باري معلومات حاصل ڪرڻ لاءِ ساڻن پاڪستان هائوس مديني منوره ۾ ملڻ ويس. پاڻ نهايت پر محبت انداز ۾ خنده پيشاني سان انس ۽ الفت سان مواد مهيا ڪيائون. پوءِ پنهنجي رهائش گاهه تي وٺي ويا. تمام بهترين دعوت کارايائون.

مڪتبه ملڪ عبد العزيز ۾ سنڌي عالمن جا ڪجهه قلمي ڪتاب رکيل آهن. مخدوم محمد مراد سيوهاڻي جو ڪتاب "دفينة المطالب" سلطان الاولياء خواجه محمد زمان لنواري وارن جا ڪتاب وغيره . انهن جي فوٽو ڪاپي ڪرائڻ لاءِ مون سائين قمر هاشمي کي عرض ڪيو ته مڪتبه جي مدير سان ڪو واسطو هجي. پاڻ پنهنجا ڪم ڪار ڇڏي مڪتبه تي گڏجي هليا. ڪم ٿيڻ يا نه ٿيڻ الله جي وس آهي. پر پاڻ گڏجي هلڻ ۽ ڳالهائڻ ٻولهائڻ ۾ بيحد تعاون فرمايائون. آءُ سندن بيحد ٿورائتو آهيان.

اڙي هاشمي صاحب اوهان ته منهنجو ته ساهه ئي سُڪائي ڇڏيو !

واپس ورڻ بعد هڪ ڏينهن هاشمي صاحب کي شڪريه جي فون ڪيم. پاڻ فرمايائين:

دلبر سائين اوهان ڪيڏا سُٺا آهيو، مِٺا آهيو. پر ائين ته ڪو نه ٿيندو آهي؟ جيئن اوهان ڪري ويا. مون اوهان کي پنهنجو سمجهي، پنهنجي ڪمري ۾ آندو. اتي منهنجي هر شيءِ رکيل هئي. اوهان جي وڃڻ کان پوءِ منهنجي هڪ شيءِ ڪونهي.

فون تي سندن اهي لفظ ٻڌڻ سان منهنجو ساهه سُڪي ويو. يڪدم سندن دعوت، سندن ڪمرو، پورو منظر اکين اڳيان اچي ويو. يا الاهي خير... او خدايا هي ڇا ٿو چوي؟ منهنجي خيالن جو تيز رفتار گهوڙو وٺي جو ڊوڙيو هڪ لمحي ۾ پنهنجي پوري زندگي کي نهاري ويس. او خدايا ائين ته پوري زندگي ڪڏهن ڪو نه ٿيو آهي. چند لمحن لاءِ صفا چُپ چاپ ٿي ويس. زبان مان لفظ نه نڪري آخر همت ڪري چيم هاشمي صاحب الله خير ڪري ڇا ٿيو؟؟ هاشمي صاحب وراڻيو اوهان جي وڃڻ کان پوءِ منهنجي دل ڪونهي. اوهان منهنجي دل ڪٽي ويا آهيو. پوءِ ته فون جي ٻنهين پاسي

هههههههههه ههههههههههه

ٿي وئي. مون چيو: "اڙي هاشمي صاحب اوهان ته منهنجو ساهه ئي سُڪائي ڇڏيو هو".

56 هون خليفو:

حضرت خليفہ
سيد عبدالله شاهہ

حضرت خليفہ سيد عبدالله شاهہ ولد مولوي غلام شاهہ 1924ع ۾ ڳوٺ ميٽا (حال علي حيدر) لڳ ڦلجي ضلعو دادو ۾ تولد ٿيا. سندن خاندان سيد هجڻ سان گڏوگڏ ديني علم سان بہ وابستہ هيو. سندن ننڍپڻ پنهنجي اباڻي ڳوٺ ۾ گذريو.

تعليم: قرآن مجيد ۽ ڪجهہ ديني ڪتاب پنهنجي والد محترم وٽ پڙهيا. سنڌي فائينل پنهنجي ڳوٺ ۾ ڪيائون. حصولِ تعليم ڪانپوءِ پرائمري استاد ٿيا.

بيعت ۽ تبليغ: دينپور شريف ۾ پير مٺا سائين سان بيعت ڪيائون. مرشدن سان والهانہ محبت رکندا هيا. قاضي نصيرالدين جي رفاقت ۾ دادو، جوهي، ميهڙ، خيرپور ناٿن شاهہ، لاڙڪاڻو، ميرپور خاص، ٽنڊو الهيار، سامارو، ڪنري، عمر ڪوٽ، ڏگڙي، ٽنڊو، مير پور بٺورو، تلهار، بدين، ماتلي، ٽنڊو محمد خان سجاول ۽ سنڌ جي ڪيترن ئي ڳوٺن، واهڻن ۽ وستين ۾ دين جي تبليغ ڪيائون. سندن محبت، محنت ۽ اخلاص کي ڏسندي پير سائين جن کين خلافت عطا ڪئي. يارهين جي موقعي تي وڏي جماعت ساڻ ڪري درگاهہ رحمتپور شريف ايندا هيا. سندن صحبت ۾ هزارين ماڻهو نيڪ صالح ٿي ويا.

شاعري: پاڻ بهترين شاعر بہ هيا. پنهنجا شعر درگاهہ شريف ۽ مختلف جلسن ۾ بہ پڙهندا هيا. سندن شاعري جو مجموعو قلمي صورت ۾ محفوظ آهي.

هجرت: 1942ع ۾ پوڙ سبب پنهنجي اباڻي ڳوٺ کي خيرباد چئي مرڪپور دادو ۾ سڪونت اختيار ڪيائون. زندگيءَ جا آخري پساهہ مرڪپور دادو جي اسڪول ۾ ڊيوٽي ڪندي پورا ڪيائون.

شاديون ۽ اولاد : پاڻ ٻه شاديون ڪيائون. پهرئين شادي پنهنجي خاندان مان ڪيائون جنهن مان ڪين ست پٽ ۽ هڪ نياڻي ٿي.

1. سيد نور علي شاهه 2. مرحوم سيد احمد شاهه. 3. مرحوم سيد علي مرتضيٰ شاهه.

4. سيد عثمان شاهه 5. مرحوم سيد علي اڪبر شاهه 6. مرحوم سيد علي اصغر شاهه.

7. مرحوم سيد غلام حسين شاهه.

ٻين شادي: مولوي عبدالمجيد لغاري ٽوڙ جوهي ڪاڇو واري جي نياڻي سان ڪيائون. ان بيبي صاحبه مان چار پٽ ۽ چار نياڻيون ٿيون.

1. سيد محمد علي شاهه 2. فقير سيد عبدالرحمٰن ڪرمي 3. مرحوم عابد شاهه.

4. مرحوم عبدالرحمٰن شاهه.

سندن سيئي فرزند مرڪپور دادو ۾ رهائش پذير آهن.

وصال پُر ملال : پاڻ هن فاني جهان ڪي هميشه لاءِ الوداع چئي 13 اپريل 1969ع ۾ مرڪپور دادو ۾ لاڏاڻو ڪري ويا. سندن مزار مرڪپور جي قبرستان ۾ آهي.

سيئِي جوين ڏينهَن، جڏهن سَڄڻ سَفر هَليا!
رُئان رَهنِ نه سُپرين، آيَل! ڪَريان ڪِيئَن؟
مُونکي چاڙهي چِيئَن، ويو وَڻجارو اوهِري!

نه سي تڙ هوڙاڪَ، نه وايُون وَڻجارَن جُون!
سَرتيُون سامُوندين جا، اَجُ پڻُ ڇڪِيَم چاڪَ؛
مارِينِمِ فِراقَ، پاڙيچيُون پِريُن جا.

ويا اوهِري اوءِ، مُونکي ڇڏي ماڳَهين؛
جُڳَن جا جُڳَ ٿيا، تِئان نه موٽيو ڪوءِ!
گُوندَرُ مارِيندوءِ، ويچارِي! وِيَن جو.

57 هون خليفو:

حضرت خليفه
حاجي محمد عمر پنهور

حضرت خليفه حاجي محمد عمر ولد محمد عثمان پنهور جي ولادت 1905ع ۾ پيچوها لڳ دادو ۾ ٿي. سندن ننڍپڻ به اتي ئي گذريو. پنهنجي ئي ڳوٺ ۾ سنڌي چار درجا پڙهيا پر غربت سبب وڌيڪ تعليم حاصل ڪرڻ کان قاصر رهيا.

درگاهه رحمتپور شريف ۾ پير مٺا سائين سان بيعت ڪيائون. ڳوٺ جي جامع مسجد ۾ امامت ڪندا هيا. پنهنجي ڳوٺ کان علاوه بوبڪ، پيان سعيد آباد، سيوهڻ شريف، دادو ۽ پين ڳوٺن، وستين واهڻن ۾ پنڌ ڪري به دين جو پيغام پهچاياڻون. هڪ دفعي سندن مرشد دعوت تي سندن ڳوٺ پيچوها ۾ به آيا هيا. سندن محبت، دين جي درد ۽ خلوص ڪي ڏسندي مرشد ڪريم کين خلافت سان نوازيو.

سندن اخلاق اعليٰ هوندا هيا. سهڻي صورت وارا، قداور شخص، ڪلي تي سائو پٽڪو ٻڌندا هيا. پاڻ شاعري به ڪندا هيا. ان کان علاوه مختلف موضوعن تي ڪتاب به لکيائون جيڪي قلمي صورت ۾ اجا به محفوظ آهي. سندن شاعريءَ جو هڪ ڏيک :

سنگهارن جي سڪ ۾، ڪيان پئي پڪارون،سري ڪين ساعت، سڄي رات ساريون.
اتم تات تن جي، ناهي ڪنهن ٻين جي، محبت آ مارن جي، مارن ٿيون مياروں.
مارن لاءِ ماندي، پچان روز پانڌي، وريو ڪونه وانگي، گوندر منجهه گذاريون.
چوي حاجي عمر، پيچوهو هن ۾ پنهوار، نوري ڪا نظر ڪر، سيد لهه سنيارون.

پاڻ هڪ شادي ڪيائون. کين ٽي پٽ ۽ به نياڻيون ٿيون. 1. مرحوم محمد قاسم 2. علي شير 3. مرحوم علي حسن پنهور. پاڻ هڪ حج ڪيائون. نيٺ هن نيڪ مرد 9 محرم 1405هجري بمطابق 4 آڪٽوبر 1984ع ۾ هن فاني جهان مان لاڏاڻو ڪيو. سندن وصال پنهنجي ڳوٺ ۾ ٿيو، جنازي جي نماز مولوي محمد ابراهيم لاکير غفاري پڙهائي.

58 هون خليفو:

حضرت خليفه
حاجي گل حسن جوکيو

حضرت خليفہ حاجي گل حسن جوکيو ولد حاجي خدا بخش جوکيو 1923ع ۾ ڳوٺ حاجي گل حسن جوکيو ڪانوڙ لڳ ميمڻ ڳوٺ ملير ڪراچي ۾ تولد ٿيا. سندن ننڍپڻ بہ ساڳئي ڳوٺ ۾ گذريو. پرائمري سنڌي فائنل ڳوٺ درساٽي چني ۾ حاصل ڪيائون. وڌيڪ تعليم استاد عبدالرحمٰن جوکيو وٽ گڏاپ ۾ حاصل ڪيائون. پاڻ علائقي جي با اثر شخصيت هئڻ سان گڏوگڏ بهترين زميندار بہ هيا. تعليم حاصل ڪرڻ ڪانپوءِ پنهنجي ڳوٺ ۾ زمينن جي سارسنڀال ۾ مصروف ٿي ويا.

بيعت ۽ خلافت : خليفو ڪريم بخش صاحب جڏهن سندن ڳوٺ تبليغ لاءِ آيو تہ سندس رفاقت ۾ درگاهہ رحمتپور شريف ۾ پير مٺا سائين سان بيعت ڪيائون. پاڻ علائقي ۾ خليفہ ڪريم بخش صاحب سان گڏجي تبليغي ڪم ۾ معاون رهيا. سندن محنت، محبت ۽ خدمت کي ڏسي مرشد کيس خلافت ڏني.

مرشد ساڻ محبت : سندن پنهنجي پير سان محبت هوندي هئي تہ وري ساڻن بہ پير مٺا سائين تمام گهڻي محبت ڪندا هيا. سندن فرزند جي بيان موجب پاڻ جڏهن بہ درگاهہ رحمتپور شريف ويندا هيا تہ اتي ڪافي ڏينهن رهي پوندا هيا. جڏهن واپس ڳوٺ اچڻ لاءِ سائينجن کان موڪلائيندا هيا تہ مرشد کين پاڪر پائي رخصت ڪندا هيا. پير مٺا سائين سندن ڳوٺ گل حسن جوکيو ڪانوڙ ڪراچي ۾ بہ ٻہ ڀيرا تشريف فرما ٿيا هيا ۽ سندن گهر ۾ اچي رهندا هيا. پير سائينجن جي وصال کان پوءِ پاڻ حضرت سهڻا سائين جي بيعت ڪيائون ۽ ڪانئن اڪتسابِ فيض ڪيائون.

هيٺن جا همدرد : غريبن جا مددگار ۽ هڏ ڏوکي ۽ همدرد هوندا هيا. سندن صورت سهڻي هئي. پاڻ اعليٰ اخلاق جا مالک هيا.

شادي ۽ اولاد : پاڻ هڪ شادي ڪيائون جنهن مان پنج پٽ ۽ نَوَ نياڻيون ٿيون. پٽن ۾ :

1. حاجي غلام حيدر ڪانوڙ ڪراچي.
2. مولوي الله بچايو ڪانوڙ ڪراچي.
3. عبدالعزيز جوکيو.
4. منظور علي جوکيو.
5. حاجي عاشق علي جوکيو.

حج ۽ عمرا : پاڻ ٻه حج ۽ سَتَ عمرا ڪيائون. هڪ حج 1952ع ۽ ٻيو حج 1973ع ۾ بحري سفر ڪيائون.

وفات حسرت آيات : 1988 ع ۾ جي رمضان المبارڪ جي ٽين تاريخ هئي. پاڻ مسجد شريف ۾ جمعي جي اذان ڏنائون. دلپذير تقرير به ڪيائون. نماز جمعه پڙهائي گهر اچي قرآن مجيد جي تلاوت ۾ مشغول ٿي ويا. تلاوت ڪندي سرمبارڪ قرآن تي رکيائون ته پاڻ وڃي پنهنجي رب سان مليا. انا لله وانا اليہ راجعون
سندن مزار مبارڪ ڳوٺ جي جامع مسجد جي پرسان آهي.

وصال کان پوءِ به ! خليفه صاحب جي وصال کانپوءِ به سندن دل مبارڪ ذڪر ۾ چالو هئي. سندن فرزند جي موجب وصال کان پوءِ اسان ڪراچي شهر ۾ وڏي ڊاڪٽر وٽ ڪڻي وياسين ته تصديق ڪيون پاڻ بيهوش ته نه آهن پر ڊاڪٽر صاحب ٻڌايو ته ذاڪرن جون دليون الله جي ذڪر ۾ مشغول هونديون آهن.

ساليانو عرس مبارڪ : 3 رمضان المبارڪ تي شايان شان نموني سان ڳوٺ حاجي گل حسن جوکيو لڳ ڪانوڙ پل ملير ڪراچي ۾ ملهايو ويندو آهي.

سجاده نشين : سندن وڏو فرزند حاجي غلام حيدر جوکيو صاحب آهي جيڪي سندن مشن کي جاري ۽ ساري رکيون اچي پيو. پاڻ هڪ شادي ڪئي اٿس جنهن مان کيس ٻه پٽ ۽ هڪ نياڻي آهي. 1. نور زمان جوکيو 2. محمد انور جوکيو.

59 هون خليفو:

حضرت خليفه
مولوي ڪريم بخش آگرو

عالمِ رباني، فيّاضِ روحاني، عارفِ صمداني، خليفه حقاني، حضرت علامه ڪريم بخش آگرو رحمة الله عليه جو گهراڻو ديني علم سان مالامال ۽ سنڌ جي تاريخ ۾ خاص اهميت رکندڙ آهي. سندن والد علامه عبدالنبي رحمة الله عليه برک عالم هيو. سندن چاچو علامه محمد پريل وقت جو وڏو عالم ۽ مفتي هيو. سندن سؤٽ علامه خان محمد آگرو به زبردست عالم هيو. [1]

سندن ولادت: ڳوٺ فيض محمد مغل تعلقو ميهڙ ضلعه دادو ۾ ٿي. سندن ننڍپڻ پنهنجي اباڻي ڳوٺ ۾ گذريو.

ديني تعليم: مختلف مدرسن ۾ حاصل ڪيائون. وڌيڪ علم حاصل ڪرڻ لاءِ پنهنجي ڳوٺ کان پيدل سفر ڪري مدرسه اميناڻي شريف ۾ حاصل ڪيائون. اتي ئي دستار فضيلت ٿين. پنهنجي سؤٽ علامه خان محمد آگري وٽ پڇاڙي ڪبريٰ منطق پڙهيا.

علمي خدمتون: فارغ التحصل ٿيڻ کانپوءِ پنهنجي ڳوٺ ۾ درس و تدريس شروع ڪيائون. لاڙڪاڻي ۾ مولانا محمد صالح آگاڻي جي ديني درسگاهه ۾ تدريس جون خدمتون به ڏنائون. بعد ۾ مولوي الحاج محمد ڪامل دونگهو مدني جي مدرسي دونگه لڳ مٽياڻي ۾ به ڪجهه عرصو علمي خدمتون ڪيائون. ان وچ ۾ ڪراچي هجرت ڪري ويا ملير درساڻي چني علائقي ۾ به بطور مدرس رهيا. عبدالصمد بلوچستاني وٽن ڪتاب پورا ڪيا هيا. ان کان علاوه پاڻ گورنمينٽ اسڪول ۾ عربي ٽيچر به هيا.

---

[1] علامه خان محمد آگرو سندم والد ڪريم استاد ۽ مرشد محبوب الاهي رحمت الله عليه جو استاد هيو. معقولات ۾ وڏي دسترس حاصل هيس.

سندن مشهور شاگرد:

1. مولوي محمد رمضان لاکو صاحب ڪراچي.
2. مولوي شبير احمد لاکو ڪراچي.
3. مولوي محمد ياسين کوکر.
4. مولوي شفيع محمد عباسي ڪراچي.
5. مولوي محمد اسماعيل ڇتو دريجي بلوچستان.
6. مولوي لال محمد لاسي ڪراچي.
7. مولوي طالب ڪلي جوکيو پير سرهندي ڳوٺ ڪراچي.
8. مولوي محمد عيسيٰ جوکيو پير سرهندي ڳوٺ ڪراچي.
9. مولوي محمد عثمان سومرو شهداد ڪوٽ.
10. فقير رحمت الله خاصخيلي، حاجي مارو ڳوٺ ڪراچي.
11. مولوي محمد پارس مغل ڪراچي.
12. مولوي محمد احسن مغل در محمد ڳوٺ ڪراچي.

تصنيفات: پاڻ شاعري بہ ڪيائون ۽ غزل، نعت پڙهندا بہ هيا. سندن شاعري قلمي صورت ۾ محفوظ آهي. ان کان علاوه پاڻ ڪجهہ ڪتاب بہ لکيائون جيئن:

1. مومنن جو معراج.
2. پيغام حيدري.

بيعت ۽ خلافت: فارغ التحصيل ٿيڻ کان پوءِ مرشد جي تلاش ۾ رحمت پور شريف پهچي حضرت پير مٺا قدس سره سان بيعت ڪيائون. بعد ۾ اتان کين خلافت عطا بہ ملي.

دين جو درد: پاڻ پري پري جا سفر ڪري دين جو پيغام پهچايائون. بلوچستان، شاهہ نوراني، دريجي، لنگهہ لوهار، جبلن ۽ مختلف علائقن ۾ وڃي ماڻهن جو اصلاح ڪيائون. ڪراچي جي آسپاس علائقن ۾ بہ رب جي مخلوق کي شريعت ۽ سنت سان سينگاريائون. تبليغ لاءِ ڪراچي ۾ 1960ع کان ايندا رهندا هيا. انهن علائقن ۾ پاڻ پير مٺا جا پهريان خليفہ هيا جن اچي تبليغ جو ڪم ڪيو. پير سائين جن جي بہ ساڻن تمام گهڻي محبت هوندي هئي. پاڻ مرشدن جي حڪم سان ڪراچي جي مختلف علائقن ۾ پنهنجا مرڪز قائم ڪيائون جيڪي ڪندو ڳوٺ، ملوئي نمبر 6، در محمد ڳوٺ ۽ درساڻو ڇنو ۾ آهن.

ان کان علاوه پاڻ در محمد ڳوٺ ۾ مدرسہ انوار العلوم محمديہ مجدديہ قائم ڪيائون جتي هر مهيني جي يارهين شريف جو ماهوار پروگرام ڪندا هيا ۽ پاڻ خود انهي مدرسي ۾ درس بہ ڏيندا هيا. 1970ع ۾ در محمد ڳوٺ ۾ مستقل رهائش اختيار ڪيائون. مرشدن جي وصال کان پوءِ پاڻ درس تدريس جو ڪم جاري رکيائون ۽ رمضان شريف جو پورو مهينو تبليغ ڪندا هيا.

شادي ۽ اولاد : محترم ميان رسول بخش آڳرو جي چوڻ مطابق تہ سندن شادي مرشد ڪريم خود ڪرائي هئي جنهن وقت پاڻ درگاهہ شريف تي سڪونت پذير هيا. ان مان کين پنج پٽ ۽ چار نياڻيون ٿيون. پٽن ۾ :

1 مولوي عبدالرزاق عرف محمد پارسا ڪراچي.

2. مولوي محمد مشفق ڪراچي.

3. مولوي احسن مغل.

4. مولوي محمد اعظم ڪراچي.

5. ڊاڪٽر عبدالنبي ڪراچي.

حج اڪبري جي سعادت: پاڻ هڪ حج اڪبري 1983ع ۾ ڪيائون.

سندن لاڏاڻو: پاڻ 12 شوال بمطابق 1995ع ۾ هن فاني دنيا کان لاڏاڻو ڪري هميشہ لاءِ پنهنجي رب سان مليا. سندن وصيت موجب سندن مزار حضرت سيد يوسف شاهہ اميناڻي جي قبرستان لڳ درساڻو چنو ملير ڪراچي ۾ ٺاهي وئي. سندن سالانہ عرس مبارڪ 12 شوال تي شايان شان سان ملهايو ويندو آهي.

سجاده نشين : سندن وڏو فرزند ارجمند حضرت علامہ مولانا خليفہ عبدالرزاق عرف محمد پارسا آهن جيڪي سندن مشن کي جاري ۽ ساري رکيو پيا اچن. پاڻ بہ شاديون ڪيون اٿن جن مان کين چار پٽ ۽ چار نياڻيون آهن.

1. غلام مرتضيٰ 2. محمد عمران 3. محمد سجاد 4. محمد جنيد.

60 هون خليفو:

حضرت خليفه
مولوي ولي محمد ميمڻ
رحمة الله عليه

يگانهءِ روزگار، سالڪِ ڪامگار، عارفِ نامدار حضرت خليفه مولوي ولي محمد ميمڻ ولد حاجي ميمڻ رحمة الله عليه جي ولادت با سعادت 1897ع ۾ جهوڪ شريف لڳ ميرپور بٺورو ضلعي ٺٽي ۾ ٿي. سندن ننڍپڻ ان ئي ڳوٺ ۾ گذريو. پاڻ اڃا ستن سالن جا مس هيا ته سندن والد صاحب جو انتقال ٿي ويو. پوءِ پاڻ پنهنجي ڏاڏي محمد صالح وٽ جهوڪ شريف ۾ رهيا. جڏهن سندن ڏاڏو وفات ڪري ويو ته پوءِ پاڻ پنهنجي ناني ميان حاجي حميد الله وٽ پيلو شهر ۾ رهڻ لڳا.

علم جي اڃ: ابتدائي تعليم پنهنجي ناني ميان صاحب حميدالله وٽ پيلي ۾ حاصل ڪيائون. پيلي ۾ ٽن سالن جي رهائش کان پوءِ پاڻ پنهنجي ناني سان گڏجي جاڙيجا ۾ پنجن سالن تائين سڪونت پذير ٿيا. وري اتان هجرت ڪري گولارچي جي لڳ ڳوٺ ڦتوڻ ۾ رهڻ لڳا. هن ڳوٺ ۾ سندن ناني هڪ ديني درسگاهه جو بنياد وڌو جنهن ۾ پاڻ وڌيڪ ديني علم کان روشناس ٿيا. هتي ڏهه سال رهڻ بعد پنهنجي ناني جي وفات کان پوءِ اتان هجرت ڪري ضلعي ٺٽي جي ميرپور بٺورو شهر ۾ پنهنجي چاچي عبدالرحمان وٽ سڪونت اختيار ڪيائون. وڌيڪ ديني علم جي تلاش ۾ مدرسه هاشميه سجاول ۾ مولوي نور محمد وٽ آيا. هتي پنج سالن تائين تعليم حاصل ڪرڻ کان پوءِ واپس ميرپور بٺورو آيا. ان وقت سندن چاچي پنهنجي نياڻيءَ جو ساڻس نڪاح ڪيو. پر سندن علم جي اڃ اڃا اجهامي نه سگهي انڪري پاڻ ميرپورخاص جي علائقي شادي پلي ۾ اچي مولوي محمد عثمان ڪراني وٽ وڃي مزيد علومِ اسلاميه حاصل ڪيائون.

ديني خدمتون: پاڻ بهترين عالم بنجي موٽيا. پوءِ مير پور بٺورو جي مدرسہ جامعہ اسلاميہ نعيميہ ۾ مدرس رهيا. جامعہ هاشميہ سجاول ۾ بہ مدرس رهيا. ان کان علاوہ پين ڪيترن ئي ديني درسگاهن ۾ درس و تدريس ڪيائون.

مٺي پير جي مٺاڻ جو مزو: پاڻ بهترين درسي عالم ۽ محقق هئا. پر ڪين روحاني ۽ باطني علم جي رهبر جي تلاش هئي. ان ڳولا ۾ پاڻ پنجاب ۾ مٺي پير جي دربار عاشق آباد ۾ پهتا. سندن زيارت ڪرڻ سان دل دلبر جي حوالي ڪري ويٺا. اتي پنجويهہ ڏينهن رهي پيا. پير مٺا سائين کين بيعت ڪيو ۽ ٿورن ڏينهن بعد تبليغ ڪرڻ جي اجازت بہ عطا ڪئي. تِهان کان پوءِ پاڻ تدريس سان گڏ تبليغ بہ شروع ڪيائون. ان لاءِ ڪين لاڙ جو علائقو مليو. پاڻ شاهہ ڪريم، جهوڪ شريف، پيلو، دڙو، ميرپور بٺورو، سجاول، جاتي، چوهڙ جمالي، گولارچي، بدين، ٽنڊو، ڳاڙهو، گهارو ۾ تبليغ ڪري امت مسلمہ کي شريعت ۽ سنت سان سينگاريائون. اتان جي رهواسين جا مسئلا بہ حل ڪندا هيا. ڪافي ويران مسجدن کي آباد ڪرايائون ۽ مدرسن جو بنياد وڌائون. ميرپور بٺوري جي جامع مسجد پلو فقير جو بہ بنياد وڌائون.

خلافتون: حضرت پير مٺا سائين رحمت الله عليہ جي وصال کان پوءِ حضرت خواجہ خليل الرحمٰن قدس سره العزيز جي خدمت ۾ بہ حاضر ٿيندا رهيا. صاحبزاده جي وصال کان پوءِ پاڻ درگاهہ ويهڙ شريف ۾ سائين آغا فقير محمد جان جي صحبت اختيار ڪيائون. بعد ۾ کين انهن بہ خلافت ڏني. ان کان پوءِ درگاهہ منٺ ڪمري لاهور ۾ پير ڪرمان والا وٽ پنجويهہ ڏينهن رهيا. ان بزرگ بہ کين خلافت ڏني. بزرگن جو فيض ۽ برڪتون حاصل ڪري پوءِ پاڻ موٽي ميرپور بٺورو ۾ ديني خدمتن ۾ مصروف ٿي ويا. طريقہ عاليہ چشتيہ جو هڪ عمر رسيده بزرگ حافظ عبدالعزيز چشتي رحمت الله عليہ جنهن جي عمر 125 سال هئي، بلوچستان مان وٽس ايندو هيو ۽ سندس مسجد ۾ مهينن جا مهينا رهندو هيو. نيٺ ان بزرگ بہ کين سلسلہ چشتيہ جي خلافت عطا ڪئي. پاڻ روزانو مغرب نماز کان پوءِ چشتي سلسلي جو ذڪر بہ ڪرائيندا هيا. پاڻ پنهنجي سموري حياتي ۾ نہ ڪنهن کي پنهنجو مريد ڪيائون ۽ نہ ئي ڪو خليفو مقرر ڪيائون.

سندن علم جو اعتراف: قطبِ عالم حضرت پير مٺا سائين رحمة الله عليه جي تقرير جي ڪسيٽ هن فقير (ڪرم الله) ٻڌي ان ۾ هڪ ئي مجلس چار پيرا پاڻ مولانا ولي محمد جي علم جو اعتراف ڪندي فرمائن ٿا تہ: مولوی ولی محمد صاحب وڈا عالم ہے۔

تصنيفات: پنهنجي حياتيءَ ۾ ڪافي ڪتاب لکيائون ۽ شاعري بہ ڪيائون پر اهي اڄ تائين ڇپجي نہ سگهيا آهن.

حج: 1976ع ۾ حج ادا ڪيائون.

شادي ۽ اولاد: پاڻ هڪ شادي ڪيائون جنهن مان ڪين چار فرزند ۽ پنج نياڻيون ٿيون. سندس وڏس فرزند مولوي عبدالصمد جو انتقال سندس حياتي ۾ ئي ٿي ويو هيو. 2. مولوي عبدالصمد 3. عبدالحليم بدين. 4. جميل احمد ميرپور بٺورو 5. مولوي عنايت الله صاحب .

سندن وصال 1983ع ۾ رمضان المبارڪ جي اٺين تاريخ تي ميرپور بٺورو شهر ۾ ٿيو. سندن مزار شريف جامع مسجد پلو فقير ميرپور بٺورو جي ڏکڻ پاسي آهي. سالانہ عرس مبارڪ هر سال 8 رمضان شريف جي رات تي ملهايو ويندو آهي.

سجاده نشين: سندن ننڍي فرزند مولوي عنايت الله صاحب کي سندن سجاده نشين طور مقرر ڪيو ويو. جن ابتدائي تعليم پنهنجي والد وٽان حاصل ڪئي. پوءِ مولوي عبدالعزيز لغاري وٽ موري ۾ عربي فارسي پڙهيا. سندن وصال ڪانپوءِ جامعہ مجدديہ نعميہ ڪراچي ۾ حضرت مفتي عبدالله نعيمي رحمة الله عليه وٽ درس نظامي مڪمل ڪري فارغ التحصيل ٿيا. بعد ۾ پنهنجي اباڻي ڳوٺ ميرپور بٺورو ۾ ديني خدمتون ڪيائون. پاڻ پنهنجي والد صاحب جي نقش قدم تي هلندي ديني خدمتون انجام ڏنائون. مدرسہ جامعہ اسلاميہ نعيميہ ۾ مدرس ۽ مهتمم جي حيثيت سان ڪم ڪيائون. جامع مسجد و عيد گاهہ جي بہ امامت ڪيائون. پنهنجي سموري زندگي دين جي خدمت ڪندي گذاريائون. سندن نالو شهر جي معزز شخصيت طور سڃاتو ويندو هيو. هڪ شادي ڪيائون جنهن مان ٽي فرزند ۽ ٻہ نياڻيون ٿيون. 1. نعمت الله 2. غلام مصطفيٰ 3. ڊاڪٽر مولوي غلام مرتضيٰ

سندن وصال: 09 شوال 1429هہ مطابق 09 آڪٽوبر 2007ع ۾ ميرپور بٺورو ۾ ٿيو. سندن مزار مبارڪ والد صاحب جي مزار شريف جي پير ۾ آهي.